شاھ جو رسالو

مؤلف

غلام محمد شاھواڻي

رسالو

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جو

عرف

شاھ جو رسالو

(سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورتخطيءَ ۾ سنواريل)

مؤلف

غلام محمد محمد ابراهيم شاهواڻي

سنوارينڙ

ممتاز مرزا

عبدالرحمان نقاش

Sindhica

سنڌيڪا

ڪتاب نمبر

15

سڀ حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: شاهہ جو رسالو

مؤلف: غلام محمد محمد ابراهيم شاهواڻي

ڇپجڻ جو سال: 1993ع

ڪمپوزنگ: طارق حسن هيسباڻي

ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نياز حسين گبول

ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي

فون نمبر7737290

ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي

ملھ: 250رپيا

All rights are reserved for the Publisher

SHAH JO RESALO

(Poetry of Shah Abdul Latif Bhitai)

Compiled by: Ghulam Muhammad Muhammad Ibrahim Shahwani

Published by: Sindhica Academy, Karachi. 74400

Price: Rs 250

لکيڙھ لاءِ:

سنڌيڪا اڪيڊمي

پوسٽ باڪس نمبر 7363

ڪراچي 74400

فهرست

پبلشر نوٽ : نور احمد ميمڻ	٥
گذارش : ممتاز مرزا	٧
مهاڳ (پهريون ڇاپو) : غلام محمد شاهواڻي	١٥
مقدمو : غلام محمد شاهواڻي	١٧
سر ڪلياڻ	٦٣
سر يمن ڪلياڻ	٨٣
سر کنيات	١٢٩
سر سريراڳ	١٥١
سر سامونڊي	١٨٧
سر سهڻي	٢١٠
سر سسئي آبري	٢٧٧
سر معذوري	٣٤٣
سر ديسي	٣٧٢
سر ڪوهياري	٤١١
سر حسيني	٤٣٤
سر ليلان چنيسر	٤٩٤
سر مومل راڻو	٥١١
سر مارئي	٥٥٤

سر ڪاموڏ	٦١٧
سر گهاتو	٦٣٢
سر سورٺ	٦٣٦
سر ڪيڏارو	٦٥٦
سر سارنگ	٦٨٠
سر آسا	٧٠٣
سر رپ	٧٣١
سر ڪاهوڙي	٧٤٤
سر بروو سنڌي	٧٦٠
سر رامڪلي	٧٧٥
سر ڪاپائتي	٨٢٧
سر پورب	٨٣٦
سر ڪارايل	٨٤٧
سر پرياتي	٨٥٧
سر ڏهر	٨٦٦
سر بلاول	٨٩١

پبلشر نوٽ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام جا رسالا گهٽ ۾ گهٽ 50 کان 100 سال اڳ جا ترتيب ڏنل آهن. انهن رسالن جي مرتب ڪرڻ وقت مرتبن انوقت رواج ۾ آيل صورتخطي استعمال ڪئي. ان وقت تائين ٽيڪسٽ جي ڪتابن وانگر صورتخطيءَ جو ڪوبه اسٽينڊرڊ مقرر ڪونه هو، بلڪ عالمن ۽ اديبن پنهنجي وقت جي رائج يا پنهنجي علميت ۽ ادراڪ جي بنياد تي صورتخطيءَ کي پئي لکيو. مثلاً ’۾‘ کي ڪن ساڳي شڪل ۾ ته ڪن وري ’ائين‘ ۽ ايئن ڪري پيو لکيو، ۽ منهنجي کي ڪن ساڳي شڪل ته ڪن وري ’مهجي‘، ’منه جي‘ ۽ ’منهن جي‘ ڪري پئي لکيو. اهو سمورو فرق سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لاڙن جي ڪري به پئي ٿيو. ڇاڪاڻ جو ٻوليءَ جا مختلف لاڙا ڳالهائڻ ۽ اچارڻ ۾ ان فرق کي قبول ڪندڙ هئا.

شاهه جي رسالي جي صورتخطي جي حوالي سان هي ڳالهه اهم هي هئي ته ان جي مرتبن رسالي کي ترتيب ڏيڻ وقت شاهه جي رسالي جا قلمي نسخا سامهون رکيا، جيڪي به سئو کان وڌي ٽي سئو سال اڳ جا لکيل هئا. انهن قلمي نسخن ۾ جيڪي لکٽيون آيل هيون، تن کي ڀيٽي گهٽ ڪري ساڳي صورت ۾ قائم رکيو ويو. ان جو هڪ سبب جيئن اڳ ڄاڻايو ويو ته صورتخطيءَ جي ڪنهن به اسٽينڊرڊ جو موجود نه هئڻ هو ۽ ٻيو سبب مرتبن جي شاهه لطيف سان اها عقيدت به هئي ته ان جو ڪلام پوين تان جيئن جو تيئن نقل ڪري پهچائجي، جيئن فقيرن ان کي نوٽ ڪيو آهي.

علامه آءِ-آءِ قاضي پهريون عالم هو، جنهن رسالي جي صورتخطي کي امڪاني حدن تائين پنهنجي وقت جي مروج صورتخطيءَ ۾ مرتب ڪيو. اهوئي سبب آهي جو شاهه جي رسالن ۾ سڀ کان وڌيڪ سولي پڙهڻي هيستائين ان رسالي جي سمجهي ويندي آهي.

غلام محمد شاهواڻي جي رسالي کي جيئن ته ٻين رسالن کان وڌيڪ عام قبوليت حاصل آهي، ان ڪري ضرورت هئي ته ان رسالي کي موجوده صورتخطيءَ ۾ شايع ڪيو وڃي. شاهه جي رسالي لاءِ عام پڙهندڙن جو تاثر رهيو آهي ته سمجهڻ ۾ ڏکيو آهي، ان جو هڪ سبب هي به آهي جو اهي رسالا موجوده صورتخطيءَ ۾ لکيل ناهن، جنهن ڪري عالم ۽ اديب ته انهيءَ پراڻي لکٽي جي صورت کي سمجهي ۽ پڙهي وڃن ٿا، پر عام سنڌي پڙهندڙن لاءِ شاهه جو رسالو سمجهڻ سان گڏوگڏ ان کي پڙهڻ ۽ اچارڻ به ڏکيو مسئلو آهي.

سنڌيڪا اڪيڊمي هي ڪم سنڌ جي موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ ڪيو آهي، انهن لاءِ ڪيو آهي، جيڪي موجوده ٽيڪسٽ جي سنڌيءَ جا پنج ۽ ڏهه درجا پاس ڪري رسالي کي پڙهڻ شروع ڪن ٿا، ۽ يقيناً رسالي جي موجوده صورتخطيءَ ۾

شايع ٿيڻ سان موجوده نسلن جو ان کي پڙهڻ ۽ اچارڻ ۾ نه پڪ سان سولائي ٿيندي، بلڪ صورتخطيءَ جي سمجهڻ ڪري ان جي مفهوم ۽ معنائن کي سمجهڻ ۾ به آساني ٿئي ٿي.

غلام محمد شاهوائي هر صفحي تي آيل بيتن ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ هيٺيان حاشيي ۾ ڏني آهي. جيڪا نه صرف پنهنجي جاءِ تي برقرار آهي، بلڪ هن رسالي جي سنواريندڙن انهن حاشين ۾ بريڪيٽ جي اندر معنائن ۾ واڌارو ڪيو آهي ته جيئن وڌ کان وڌيڪ لفظن جي معنيٰ سامهون رکي پڙهندڙ شاهه جي رسالي جو ڀرپور حظ حاصل ڪن.

رسالي کي سنوارڻ جو ڪم سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻوئن ۽ شاهه جي پارکوئن جناب ممتاز مرزا ۽ جناب عبدالرحمان نقاش سرانجام ڏنو آهي، جن نئين صورتخطي ۾ لکڻ وقت انهيءَ ڳالهه جو پورو خيال رکيو آهي ته رسالي جو اصل روح پنهنجي جاءِ تي قائم رهي، لفظن جي معنيٰ ۽ مطلب ۾ فرق نه اچي، رسالي جو ماترائون نه ٽٽن ۽ ان جي موسيقي به پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي. ڪيترين جاين تي اهڙا لفظ جيئن جو تيئن قائم رکيا ويا آهن، جيڪي عام طرح موجوده صورتخطيءَ کان ڪجهه گهٽ وڌ آهن. ان ڪري جو جيڪڏهن انهن لفظن کي سڄو سارو موجوده صورتخطيءَ ۾ آندو وڃي ها ته، يا ته ان جي ماترا ٽٽيِ ها يا وري ان جي موسيقيءَ واري لئي قائم نه رهي ها . اهڙن هنڌن تي هيٺ فوٽ نوٽ ۾ انهن لفظن جي اصل موجوده صورتخطي واضح ڪئي وئي آهي.

رسالي جي متن کي موجوده صورتخطيءَ ۾ سنوارڻ جو ڪم محض ان جي پڙهڻي کي سولو بڻائڻ جي نيت سان ڪيو ويو آهي. اُن ڪم ۾ پورو پورو احتياط ڪيو ويو آهي ته اُن جي معنائن، ماترائن ۽ ترتيب ۾ ردو بدل نه ٿئي. اُن هوندي به جيڪڏهن ڪٿي پڙهندڙ سَهوَ محسوس ڪن ته اصلاح خاطر اُن جي نشاندهي ڪري اداري کي ڏياري موڪلين ته جيئن هِن رسالي جي آئنده اشاعتن ۾ اُن جو واقعي تدارڪ ڪيو وڃي.

اسان جناب ممتاز مرزا ۽ جناب عبدالرحمان نقاش جا ٿورائتا آهيون جن رسالي کي نئين صورتخطي ۾ آڻڻ جي ڪم کي وقت سر سرانجام ڏنو. جناب بدرالدين هيسباڻي خاص هن رسالي جي ڪمپوزنگ جي لاءِ هڪ نئون ۽ خوبصورت فائونٽ ٺاهي ڏنو ۽ جناب اقبال احمد جاکرو دل ۽ دماغ جي حضور سان پروف پڙهيا، ان کان سواءِ سنڌيڪا جي سٽ مان جناب علي حسن چانڊيو، جناب نياز حسين گبول، جناب قمرالدين گهانگهرو ۽ جناب طارق حسن هيسباڻي هن رسالي کي خوبصورت ڪري ڇاپڻ لاءِ فراخدلانه خدمتون سرانجام ڏنيون جنهن لاءِ هنن سيني جس لهڻي.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

گذارش

سوين سلام، سنڌ جي صوفين، شاعرن، عارفن ۽ عالمن توڙي دل وارن درويشن تي، جن اسان جهڙن ابوجهن کي سنڌ جي ساڃهه ڏني، اهڙن عالمن جو سَرموڙ، سردار ۽ سرواڻ، اسان جو اصل رسالي- ڌڻي، ڀٽ جو شاهه ۽ سنڌ جو سائين شاهه لطيف آهي، جنهن تي ڪيل عالمن جي تحقيق بي مثال ۽ بي بها آهي. هر عالم پنهنجي فهم ۽ ادراڪ سان، رسالي جي تدوين ۽ ترتيب ۾ پنهنجو نور نچويو، ۽ اسان کي ڀٽ- ڌڻي بادشاهه جي فهم جي اوڏو ڪيو، جيڪي حال حيات آهن، ڌڻي تن کي اڃان ڏينهن ڏئي ته هو علم جون راهون اڃان وڌيڪ روشن ڪن، ۽ جيڪي اسان کان وڇڙي ويا آهن تن تي مالڪ جا ڪروڙين ڪرم هوندا، جو هنن جي عشق جو پورهيو، سڄي هڪ سماج لاءِ، جڻ اونداهيءَ ۾ جرڪندڙ جوت آهي. ڪنهن جا نالا ڳڻي، ڪنهن جا ڳڻجن، سڀ سرواڻ ۽ حرف جا اصليت جا پارکو، رسالي جي گهرائي جا غواص ۽ موتين ميڙڻ وارا، تن سان برميچڻ، جڻ سج ڏانهن نهارڻ، ۽ جيڪي سج ڏي نهاريندا آهن، انهن جون اکيون سوجهري جي باوجود اونداهيون ٿي وينديون آهن.

رسالي جي طالب علم جي حيثيت ۾، اکيون ادب سان جُهڪائي، نهايت عقيدت ۽ احترام سان، انهن عالمن جي محنت کي جَسُ ڏيندي، هتي رسالي جي انهيءَ محنت جو ذڪر گهربل آهي، جيڪو محترم غلام محمد شاهواڻيءَ صاحب شايع ڪرايو، ۽ اهو ٽيون ڀيرو، موجوده صورتخطيءَ ۾، اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي.

ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي پنهنجي رسالي جو آخري جلد سنه ١٩٢٣ع ۾ شايع ڪرايو، ۽ ان کان پوءِ وڏي وٿي پئجي وئي. لڏپلاڻ ۽ نئين ملڪ ۾ نيون ذميواريون، تن اسان جي اُن دور جي عالمن کي اصل

وجهہ ئي نہ ڏنو جو ان ڏس ۾ ڪو علمي قدم کڻن. باوجود انهيءَ جي جو اسان جي ڪيترن عالمن ۽ صاحبن جو دلي چاهہ ۽ سعيو هو تہ لطيفي لات ڪي عام ڪجي، ۽ اُهي وٽون جي ڀهراڙي جي سگهڙن ۽ سالڪن جي دلين ۾ لڪل آهن، ۽ جيڪي اُن سچي ماحول جا، مالڪ آهن، جن جو بي بها بيان ڀٽائي بادشاهہ پاڻ پنهنجي بيتن ۾ فرمايو آهي، تن کان ڪي حاصل ڪري، لطيفي وکر ڪي عام ڪجي.

ڀٽائي سان عشق رکڻ وارن محض سندس رسالا ويهي لکيا، ۽ اڄ تائين بہ اسان جي اڏو ڪيئي نوان نوان قلمي رسالا اچن پيا جو سنڌين محبت ۽ عقيدت وچان، قرآن پاڪ سان گڏ نيپي ويڙهي رکي ڇڏيا. نئين دور جي روشنيءَ ۾ جڏهن اسان عقل جي ڏيڍي پار ڪري، فڪر جي محلات ۾ پيرڙا ڏريا آهن، تڏهن اهڙا ڪيئي قلمي نسخا اسان جي عالمن جي اڏو اچي، چڪا آهن، ۽ ايندا رهن ٿا، ايستائين جو بمبئي مان ڇپيل رسالا بہ ان ريت پيا ملن، جو صورتخطي اهڙي جو ڀانءِ تہ قرآن پيو پڙهجي. پر آڳاٽو جن اهي رسالا ايئن قُرآن سان تاڪن تي رکيا، تن جي دل ۾ اهو ئي دور هو تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين
نيون من لائين، پريان سندي پار ڏي.

اهڙي محبت ۽ عقيدت، منهنجي ڄاڻ ۾ ،عالمي ادب جي شاعرن مان ڪنهن کي ورلي ملي هوندي. فالون ڪڍڻ ۽ شعر پڙهي چريي ٿيڻ جا قصا تہ انيڪ، پر هيءَ پنڌ اجان ڪنهن اونهي اسرار وارو. قلم لکڻ کان قاصر آهي تہ ڪيئن هڪ شاعر، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پنهنجو ڪلام پهچايو، شايد جڏهن رڳون رباب ٿينديون آهن تہ اهي هر ويل وڄنديون آهن ۽ وحدت واري وائي جو هل هلاچو اهڙو تہ جهر جهنگ تونهين تون جي پچار، وڻ ٽڻ وايون ساڳيون.

غلام محمد شاهواڻي جو سوانحي خاڪو

خانداني روايتن موجب، سورهين صدي عيسوي جي آخر ڏاري، هندستان جي رياست گجرات جي شهر موروي مان ٻہ نوجوان ڀائر، ماڻڪ

سنگهه جي جاڙيجو ۽ ويڌا سنگهه جي جاڙيجو، خانداني اٿبٿت ڪري، پنهنجي جاگير ڇڏي، سنڌ ۾ آيا ۽ موجوده ٽنڊي الهيار تعلقي جي اگهم ڪوٽ ۾، مشهور درويش ۽ ولي الله مخدوم محمد اسماعيل سومري (وفات ٩٩٦هجري) وٽ اچي ٽڪيا، ۽ اُتي ئي هنن اسلام قبول ڪيو، ۽ مخدوم صاحب جي حڪم موجب، پَٽ جو ڪاروبار شروع ڪيائون. مرشد جي مهر واري نظر، ۽ زمين تي پير کُپائڻ جي خيال سان، هنن ڀن ڀائرن پنهنجي ڪرت کي وڌايو، ۽ جلد ئي علائقي جي سرند ماڻهن ۾ ڳڻجڻ لڳا. ڪاروبار سان گڏوگڏ، زمينداري ڏي به رخ رکيائون. ٿوري ئي عرصي ۾ سندن ڀاڳ وڌيو، پنهنجو پڪوسرو ڪوٽ ٺهرائي، اُن ۾ رهڻ لڳا، ۽ ان لحاظ کان پوءِ هيءُ گهراڻو "ڪوٽائي" به ڪوٺجڻ لڳو. مدد خان پٺاڻ جي جڏهن سنڌ تي گهل چڙهي، تڏهن هيءُ خاندان به ٽڙي پکڙي ويو، ۽ لاڙ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن، حيدرآباد، ٽنڊي الهيار، ٽنڊي باگي، ماتلي ۽ ملان ڪاتيار ۾ وڃي آباد ٿيا. اُنهيءَ خاندان مان، هن "شاهه جي رسالي" جو مانائتو محقق، شارح ۽ مرتب مرحوم غلام محمد شاهواڻي به ٿيو.

مرحوم غلام محمد شاهواڻي بن حڪيم محمد ابراهيم بن محمد يعقوب شاهواڻي، حيدرآباد شهر جي ڪورين جي پڙ ۾، شاهواڻي گهٽيءَ ۾، سن ١٩١٢ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد، پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم ۽ ڏاهو ماڻهو هو. شهر ۾ هن بزرگ جو مان ۽ مرتبو مٿانهون هو، ان لحاظ کان شهر جي ميونسپل واري سياست ۾ سندس تمام گهڻو عمل دخل هو، ۽ سڄي عمر، ميونسپل جي ميمبر جي حيثيت ۾ شهر جي خدمت ڪيائين، ۽ ڪجهه وقت لاءِ حيدرآباد ميونسپل جو قائم مقام صدر به ٿي رهيو. هيءُ زمانو، ان لحاظ کان اهم هو، جو ماڻهن ۾ روايتي محبت ۽ خلوص جي گهڻائي هئي، اوطاقون آباد هيون، علمي ۽ ادبي ڪچهريون قائم هيون. ننڍڙي غلام محمد شاهواڻي جي ذهني ۽ فڪري تربيت انهيءَ ماحول ۾ ٿي. فارسي، عربي ۽ سنڌي زبانن جو چالامان هو. مولانا رومي جي مثنوي ۽ سعدي جي گلستان جون ڪچهريون عام هيون. ننڍڙي غلام محمد، انهن رهاڻين مان گهڻو ڪجهه پرايو، علم ۽ ادب سان سندس عشق وڃي انبرين چڙهيو. جيئن ته هو ننڍي هوندي کان نهايت ذهين ۽

هوشيار هو، تنهنڪري انهن ڪچهرين هن جي عقل کي اجان گهڻيون مهميزون ڏنيون، ۽ پوءِ جڏهن ٻاراڻي تعليم ڪان، تعليم جي مٿانهين ڏاڪي تي پير پاتائين تہ هو اعزازن سان ويو، علم جون وڏيون منزلون ماڻيندو. حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول، ڪراچي جي سنڌ مدرسه الاسلام مان ميٽرڪ ڏنائين، جيڪي بمبئي يونيورسٽي طرفان ورتا ويندا هئا. انهيءَ يونيورسٽي مان ايم- اي ۽ بي- ٽي جا امتحان ڏنّي، ڪامياب ٿيو، ۽ تعليم جو پيشو اختيار ڪيائين. تعليم سان سندس دلي رغبت رهي، جو پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌ جي پهرين گورنر سر غلام حسين هدايتِ الله، جيڪو سندس ذاتي دوست هو، کيس ڪيئي انتظامي عهدا آڇيا، پر نوجوان غلام محمد شاهواڻي، انهن عهدن قبولڻ کان انڪار ڪيو، ۽ تعليم کاتي سان پنهنجي وابستگي کي مان ڏيندي چيو تہ "مون لاءِ تعليم اِن لحاظ کان اهم آهي جو آئون سمجهان ٿو تہ، منهنجي هٿان سان، مون جهڙا ۽ پڻ مون کان وڌيڪ ذهين ٻار پڙهائي تيار ڪري، عملي ميدان ۾ آڻيندس. جيڪي سنڌ لاءِ جڻ تہ هڪ اهم اثاثو بنجي ڪم ڪندا."

مرحوم غلام محمد شاهواڻي تعليم جي تڪميل کان پوءِ، پهرين حيدرآباد سنڌ جي مسلمانن جي مکيہ تعليمي اداري، نورمحمد هاءِ اسڪول جو هيڊماسٽر مقرر ٿيو. انهيءَ اسڪول سان سندس محبت اهڙي ٻڌجي وئي جو اباڻا ڪک، جيڪي ڪورين جي پڙ ۾ هئا. ڇڏي، بنهہ نورمحمد هاءِ اسڪول جي آڏو پنهنجو گهر آباد ڪيائين. انهيءَ دوران سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي سجاڳيءَ لاءِ، پنهنجي نهايت پياري دوست ۽ سنڌ مدرسه الاسلام جي هم مڪتب ساٿي آخوند الهہ بچائي مرحوم جي مدد سان، "مسلم ايڊيوڪيشن فائونڊيشن" قائم ڪيائين، جنهن ۾ ڪانئس سواءِ، مرحوم ميرزا سڪندر بيگ، سيٺ ڪمال الدين ميمڻ مرحوم، جميل شاهہ اُستراڻي مرحوم ۽ ڪي ٻيا رفيق شامل هئا. انهيءَ فائونڊيشن جي زيراهتمام، مسلم هاءِ اسڪول قائم ڪيو ويو، ۽ بعد ۾ مسلم لا ڪاليج بہ قائم ٿيو، جنهن جو باني سربراهہ مرحوم آخوند الله بچايو صاحب ٿيو. بعد ۾ شاهواڻي مرحوم، نور محمد هاءِ اسڪول مان تبديل

ٿي، موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو پرنسپال مقرر ٿيو، جنهن جي احاطي ۾ مسلم لا ڪاليج پڻ هو.

علمي ادبي لحاظ کان، حيدرآباد شهر سنڌ جو جڻ مرڪزي ماڳ هو، ۽ خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي سربراهي ۾، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، ادب جي ميدان ۾ ڪيئي ڪارناما سرانجام ڏئي رهي هئي. مرحوم غلام محمد شاهواڻي، پنهنجي تحريري ۽ علمي پورهئي جي اشاعت جي ابتدا، انهيءَ اداري طرفان سنه ١٩٣٠ع ۾ ڪئي. سندس پهريون ڪتاب، چاليهه حديثون شايع ٿيو. ان کان پوءِ سندس علمي ڪارنامن جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿيو، جن جي فهرست هيٺينءَ ريت آهي:

١- چاليهه حديثون
٢- رسولِ پاڪ (سيرت)
٣- ترڪن جي بهادري (تاريخ)
٤- گلشنِ بهار (گلستانِ سعدي جو نثر ۾ سنڌي ترجمو)
٥- راز ۽ رمزون (نفسيات: ڊيل ڪارنگي جي ڪتاب جو ترجمو)
٦- علمي خزانو (مولانا رومي جي مثنوي جو نثر ۾ ترجمو، ٽن جلدن ۾)
٧- ادبي خزانو (علم ادب)
٨- ادبي اصول (تنقيد جي فن تي، سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب، جيڪو ٻن جلدن تي مشتمل هو)
٩- گلدسته اقوال (مشاهير جا قول: اخلاقيات)
١٠- سر سارنگ (شاهه جي سر جي شرح)
١١- سر سامونڊي (شاهه جي سر جي شرح)
١٢- سر سسئي آبري (شاهه جي سر جي شرح)
١٣- جاگرافي (چوٿين درجي جي نصاب لاءِ)
١٤- خليفو پهريون (سوانح حيات)
١٥- خليفو ٻيو (سوانح حيات)
١٦- خليفو ٽيو (سوانح حيات)
١٧- خليفو چوٿون (سوانح حيات)
١٨- نظري ۽ علمي تعليم (اُستادن جي نصاب بابت: هن ڪتاب جا ست

ڇاپا شايع ٿيا)

١٩- روحاني راز (اخلاقيات: هن تصنيف جو فقط پهريون ڀاڱو شايع ٿيو)

٢٠- فتوح الغيب (اسلاميات: ترجمو- ٻه جلد)

٢١- چونڊ نثر ۽ نظم (علم و ادب)

٢٢- خلفاءِ راشدين (شخصيات)

٢٣- جوهرِ اسلام: اسلامي افسانا (اسلاميات)

٢٤- انتخاب نثر (مضمون)

٢٥- فلسفه روزه (اسلاميات)

٢٦- سنڌي گرامر (لسانيات: پهريون جلد)

٢٧- شاهه جو رسالو

تقريباً اناويهن سالن جي عمر ۾، شاهواڻي صاحب جو پهريون ڪتاب شايع ٿيو، ۽ وفات تائين، ستاويهه ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪري چڪو هو. سنه ١٩٥٠ع ۾، ذيابيطس جي عارضي ۾ بيمار ٿي پيو، ڪيس پهرين ڪراچي ۽ پوءِ لاهور نيو ويو، جتي هڪ آپريشن دوران سندس انتقال ٿيو. سندس آخري آرامگاهه، خانداني قبرستان ٽنڊي يوسف، حيدرآباد ۾ آهي.

رسالي جو موجوده نئون ڇاپو

غلام محمد شاهواڻي صاحب جو مرتب ڪيل رسالو پنهنجي نوعيت ۾ نهايت منفرد آهي، منهنجو ذاتي خيال آهي ته سنڌ ۾ اڄ ٻه جيڪي رسالا شايع ٿيل آهن ۽ اسان جي آڏو آهن، انهن مڙني کان مقبول ۽ دل گهريو رسالو، شاهواڻي صاحب جو ئي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو پهريون رسالو هو، جو مڪمل هڪ ئي جلد ۾، معنائن سان، پهريون دفعو شايع ٿيو هو.

هيءُ رسالو آر- ايڇ احمد برادرس جي اڳواڻ مرحوم حاجي قاسم ڪاٺياواڙي ميمڻ جي عشق سان شايع ٿيو. رسالي جي تزئين ۽ آرائش توڙي پروف ريڊنگ مرحوم ع- ق- شيخ ڪئي ۽ پڪي جلد سان، پهريون ڀيرو رنگين پاٺي جي پوش ۾ بند ٿي بازار ۾ آيو، جنهن جي تصوير ۽ خطاطي پڻ ع. ق. شيخ مرحوم جي ڪيل هئي. پنو نهايت اعليٰ درجي

جو، ان جي دور جي لحاظ کان ڇڻ آرٽ پيپر. ڇپائي تي خاص نظر هئي، جيئن ڇڪن جو ڪو احتمال نہ رهي. رسالي جي رونق وڌائڻ لاءِ ان ۾، شاھ جي پڪي جهلڻ، واري تصوير بہ شايع ڪئي وئي، جيڪا برٽش ميوزم لنڊن مان حاصل ڪئي وئي، جا دراصل هڪ سنڌي صوفي جي سري سان اتي محفوظ هئي، ۽ جنهن تي ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم هڪ اختلافي مضمون بہ لکيو هو تہ اها پٽ ڌڻي جي تصوير نہ آهي.

هي اهو زمانو هو جنهن ۾ سنڌي ڪتاب جي خريداري ڇڻ ٿيندي ئي مشڪل سان هئي، پر رسالي جو هيءُ ڇاپو هٿوهٿ وڪامي ويو. راتورات هن رسالي جي تعريف ۽ توصيف توڙي تنقيدن جا سلسلا هليا، پر جيڪي ڪارنامو ٿيڻو هو سو ٿي ويو. ماڻهن محبت واري پورهيي کي دل سان قبوليو، ۽ اها قبوليت اڄ بہ قائم آهي. انهيءَ پهرين ايڊيشن ۾ پروفن جون ڇُڪون ڇڻ تہ هيون ئي ڪين، اهو ڪمپازيٽر صاحبن جو ڪمال هو جو زير زبر هر حرف جي مٿان ۽ مناسب جاءِ تي. اهي ڪهڙا ڪمپازيٽر هئا، تن مان فقط هڪ جو نالو منهنجي دل ۾ هُري پيو: استاد واحد بخش پٽنيؒ. اهو سندس پيار جو پورهيو هو، جو اڄ جو ڪمپيوٽر بہ ان انداز جون اعرابون نٿو ڏئي سگهي، جيڪي هن پورهيت ڏنيون هيون.

رسالي جو موجوده ڇاپو، جيڪو سنڌيڪا جي سرواڻ محترم نور احمد ميمڻ جي محنتن سان شايع ڪيو پيو وڃي، تنهن کي موجوده صورتخطيءَ ۾، محض ان لاءِ مٽايو ويو آهي جو اڳاٽن قلمي نسخن توڙي ڇاپي نسخن جي اشاعت وقت، سنڌيءَ زبان جي موجوده صورتخطي جي پوريءَ طرح سان تشڪيل نہ ٿي هئي، انهيءَ ڪري گربخشاڻي صاحب توڙي شاهواڻي صاحب اڳين اصولن پٽاندر، رسالي ۾ سنڌي صورتخطي قائم رکي. اڄ جڏهن سنڌي صورتخطي ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ سان پنهنجي تڪميل تي پهچي وئي آهي، تنهنڪري، هن دور جي پڙهندڙن لاءِ، موجوده صورتخطي اختيار ڪئي وئي آهي. ان ڪوششُ جو بنيادي مقصد فقط اهو آهي تہ اسان جا هن دور جا پڙهندڙ، اڳين قلمي توڙي ڇاپي نسخن جي ڏکي صورتخطي پڙهڻ ۾ جيڪا ڏکيائي محسوس ڪن ٿا، اُن کان اڄا ٿي، آساني سان لطيفي پيغام توڙي زبان کان لاڀ پرائي سگهن.

منهنجو ذاتي خيال آهي ته شاهوانيءَ صاحب جو هيءُ ڇاپو، اسان جي پڙهندڙن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيندو. گڏوگڏ، هن ڇاپي ۾ چند جاين تي معنيٰ توڙي داستانن جي اعتبار کان ڪي واڌارا ڪيا ويا آهن، جيڪي سنڌ ۾ ٿيل موجوده تحقيق تي آڌار رکن ٿا. اُميد ته اهي اضافا پڻ پڙهندڙن لاءِ سودمند ثابت ٿيندا.

جَسُ جڳائي سنڌيڪا اڪيڊمي کي، جنهن هيءُ ڳرو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو، ۽ آئنده پڻ هن رسالي جو هڪ مصور ايڊيشن شايع ڪرڻ جو شوق ۽ اُتساهه رکي ٿي. ڌڻي کين پنهنجي ارادن ۾ ڪامياب ڪندو.

هن رسالي کي نئين صورتخطي ۾ سنوارڻ ۽ حاشين جي اضافي ۾ سنڌيڪا وارن جي گذارش تي محترم عبدالرحمان نقاش مون سان برابر جو ساٿ ڏنو ۽ نهايت عرق ريزيءَ سان انهيءَ ڪم کي سرانجام ڏنو جنهن لاءِ هُن کيرون لهڻيون. لطيفي لات لاءِ سندس اهو پورهيو هميشه يادگار رهندو.

ڪراچي
٢٢ جولاءِ ١٩٩٣ع

ممتاز مرزا

مهاڳ
(پهريون ڇاپو)

شاهه جي رسالي جا، ٻه چار مختلف ڇاپا نڪتل هئا، جن کي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي شهه ڏيئي ڇڏي، پر افسوس جو ان جا فقط ٽي جلد نڪتا، جن ۾ شاهه جي مستند ٣٠ سرن مان فقط ١٨ سر اچي سگهيا. هاڻ مادري زبان کي، ترقي وٺائڻ جي منزل هير لڳي آهي ۽ شاهه جي ڪلام جي، قدر شناسي زياده ٿيڻ لڳي آهي، پر شاهه جو رسالو مارڪيٽ ۾ ملي ڪو نه ٿو سگهي. شاهه عبداللطيف جهڙي عاليشان شاعر جي ڪلام جو دستياب نه ٿيڻ افسوس جهڙي ڳالهه سمجهي، بنده، ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي جون پڙهڻيون عموماً قائم رکي، باقي حصي کي پڻ حتي المقدور لاڙي تلفظ ۾ پيش ڪيو آهي. چند عمدا بيت، جيڪي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ نه آهن ۽ تفحص بعد شاهه جا معلوم ٿيا آهن، سي هن نسخي ۾ اضافو ڪيا ويا آهن. سر ۽ بيت، جيڪي باقي حصي ۾، تحقيقات بعد معلوم ٿيا آهن ته شاهه جو ڪلام نه آهن، سي رد ڪيا ويا آهن. پڙهندڙن جي سهوليت لاءِ، هر هڪ لفظ تي اعرابون ڏنيون ويون آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڏنل شرح تي ڪئين چمگوين ٿيون، تنهن ڪري مفصل شرح کان پاسو ڪيو ويو آهي ۽ فقط ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏني ويئي آهي، جيئن سيڪو پڙهندڙ پنهنجي استعداد ۽ حال آهر، رسالي مان روحاني موتي چونڊي پنهنجو دامن ڀري.

پڙهندڙن کي سرن سمجهڻ ۾ سهوليت پيدا ڪري ڏيڻ جي خيال کان، سر جي شروع ۾ سر بابت احوال، سر جو مضمون، سر ۾ آيل آکاڻي يا تلميح يا حوالا ۽ سر جو روحاني راز، مختصر طور نثر ۾ ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن ڪٿي فرض ڪجي ته شاهه جو هر هڪ بيت آيت نه آهي، ته ٻه سرن ۾ آيل بيتن مان اهڙا مسلسل روحاني راز ۽ رمزون پيدا ٿين ٿيون، جو صوفي ته ٺهيو، پر عامي ماڻهن لاءِ ٻه ڪارائتيون ٿين ٿيون ۽ شاهه جي فرمودي کي ثابت ڪن ٿيون ته:

> ”جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
> ويڃون مَنُ لائين، پريان سندي پارَ ڏي.“

جيتوڻيڪ ڪتاب کي سهڻي ۽ صحيح بنائڻ جي، هر ممڪن ڪوشش ڪئي

ويئي آهي ۽ ان جي ڇپائيءَ تي ڪافي توجه ۽ خرچ ڪيو ويو آهي، تڏهن به ممڪن آهي ته منجهس ڪي خاميون رهجي ويون هجن، جي اميد ته معاف ڪري، بندي کي ورتل تڪليف لاءِ دعا سان ياد ڪندا.

ڇاپي جون چڪون، ورلي نظر اينديون ۽ جيڪڏهن ڪي آيون ته اهڙيون خسيس هونديون، جو پڙهندڙ کي ڪا به مونجهه نه ٿيندي. موجوده سنڌي ٽائيپ جي ناقص بناوت سبب ءَ مٿان زير لڳي پيئي آهي جنهن ڪري 'ڇَئِنِ' بدران "ڇَئِنِ" ڏسڻ ۾ ايندو. 'ڏ' جي مٿان ڏار آهي جنهن ڪري ڪن هنڌان مشن تي ڪري پيا آهن جنهن ڪري پلنامو ڏجي ٿو.

ڇپائيءَ جي صحت ۽ صفائي لاءِ، محترم علي بخش احمد زئيءَ ڪيرون لهڻيون - انهيءَ ڪري آءٌ سندس نهايت شڪر گذار آهيان.

هن وڏي ڪم ۾ هٿ وجهڻ لاءِ، ڪيترن دوستن همت افزائي ڪئي آهي، جنهن لاءِ مان هنن جو شڪر گذار آهيان.

هر هڪ ڏکئي لفظ پٺيان انگ ڏنل آهي ۽ انهيءَ ساڳئي انگ سان هيٺ حاشيءَ ۾ ان لفظ جي معنيٰ ڏني ويئي آهي. جتي نشانيون ڏنل آهن، اتي اصطلاح يا ساري سٽ جي معنيٰ ۽ مفهوم ڏنل آهي.

غلام محمد محمد ابراهيم شاهواڻي

حيدرآباد سنڌ

٦ آڪٽوبر ١٩٥٠ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

مقدمہ

فصل ا

شاہ عبداللطيف جي سوانح حيات

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، جنهن کي ڀٽائي گهوٽ، ڀٽ ڌڻي، لال لطيف ۽ لاکيڻو لال ڪري پڻ سڏيندا آهن، تنهن جي زندگيءَ جو مفصل احوال ڪٿي بہ قلمبند ٿيل ڪونهي؛ پر سندس حياتيءَ جو ڪجهہ قدر احوال هيٺين ڪتابن مان دستياب ٿي سگهي ٿو:

١- پارسي ۾ ڪتاب، "تحفة الڪرام" جو مير علي شير قانع ٺٽويءَ سن١٧٦٧ عيسوي ۾ لکيو.

٢- انگريزيءَ ۾ ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌ ماتريءَ ۾ رهندڙ قومون"، جو سر رچرڊ برٽن، سن ١٨٥١ عيسوي ۾ شايع ڪرايو.

٣- شاهہ جي سوانح عمري جا سر بارٽل فريئر سن ١٨٥١ع کان ١٨٥٩ع ۾ لکارائي، جا خطي حالت ۾ ڪمشنر جي ڪتب خاني ۾ سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ رکيل آهي.

٤- انگريزيءَ ۾ ڪتاب "سنڌ بابت ٿورو ذڪر" جو ديوان ڏيارام گدومل، "سگما" جي تخلص سان سن ١٨٨٢ع ۾ شايع ڪرايو.

٥- سنڌيءَ ۾ ڪتاب، "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو"، جو مرزا قليچ بيگ، سن ١٨٨٧ع ۾ ڇپايو.

٦- انگريزيءَ ۾ ڪتاب، "شاهہ لطيف جي حياتي، مذهب ۽ شعر"، جو ديون ليلارام سنگ وطنمل لعلواڻيءَ سن ١٨٩٠ع ۾ شايع ڪرايو.

٧- شاهہ جي رسالي جو "مقدمہ" جو ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ سن ١٩٢٣ع ۾ ڇپايو.

٨- سنڌيءَ ۾ "لطيفي سير" جو ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ، سن ١٩٢٨ع ۾

شايع ڪرايو.

٩- انگريزيءَ ۾ ڪتاب، "شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جو مسٽر سورلي سن ١٩٤٠ع ۾ ڇپايو.

ڊاڪٽر گربخشاڻي واري "مقدمه" ۾ ڏنل احوال کان سواءِ، ٻين سيني تذڪرن ۾، آکاڻين ۽ افسانن ۽ ڪرامتن ۽ معجزن جو گهڻو احوال درج ٿيل آهي. انهن سيني نسخن کي مقابل رکي، ڇنڊ ڇاڻ ڪري، مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

شاهه عبداللطيف جي شجري ڏسڻ مان معلوم ٿئي ٿو، ته سندس عالي نسب، حضرت محمدﷺ جن سان وڃيو ملي. سندن وڏا اصل هرات جا رهاڪو هئا، جي نه فقط زهد ۽ تقويٰ ڪري مشهور هئا، پر جججهي دنيوي مال متاع جا پڻ مالڪ هئا. منجهائن مير حيدر شاهه، سير ۽ سياحت سانگي هالن مانِ اچي نڪتو، جتي هن جي شاهه محمد هاليءَ جي نياڻيءَ سان شادي ٿي. ٽن سالن ۽ اٺن مهينن بعد، پنهنجي والد جي وفات جي خبر ٻڌي، ڪيس وطن واپس وڃڻو پيو. سندس اسهڻ بعد، ڪيس پٽ ڄائو، جنهن جي اولاد مان سنڌ جو ناميارو اولياءُ، شاهه عبدالڪريم بلڙي وارو، ٿي گذريو آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سيد حبيب الله شاهه جو پٽ، سيد عبدالقدوس شاهه جو پوٽو، سيد جمال شاهه جو پڙ پوٽو ۽ شاهه ڪريم جو ٽڙ پوٽو هو. شاهه عبداللطيف، حيدرآباد ضلعي جي هالا تعلقي ۾، حويليءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو، جو ڀٽ کان ٩ ڪوهه پري آهي. سندس والد، وقت جو وڏو بزرگ اهلبيت هو ۽ ڪيس گهڻائي مريد هئا. سندس والده هڪ مجذوب درويش، شاهه دياني جي نياڻي هئي. شاهه ديانيءَ کي مخدوم عربي پڻ ڪري ڪوٺيندا هئا ۽ گهڻن ماڻهن جو منجهس اعتقاد هوندو هو.

شاهه جي ولادت جي تاريخ جي پوري خبر نه هي. ڊاڪٽر ٽرمپ، شاهه جي رسالي جي ديباچي ۾، شاهه جي ولادت جو سال سن ١٦٨٠ع ڄاڻايو آهي، پر 'سگما' جو چوڻ آهي ته شاهه سن ١٦٩٠ع ۾ ڄائو هو. انهي اختلاف سبب سندس وفات جي تاريخ ۽ سندس ڄمار مان، سندس ولادت جي تاريخ ڳولڻ ۾ گهڻي هٿي ملي سگهندي. ڊاڪٽر ٽرمپ جي چوڻ

موجب، شاهه صاحب سن ١١٦١ هجري مطابق سن ١٧٤٧ع ۾، يعني ٦٧ ورهن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي؛ پر 'سگما' جي چوڻ موجب شاهه سن ١١٦٥ هجري مطابق سن ١٧٥١ع ۾ ٦٣ ورهن جي عمر ۾ چولو بدلايو.

مسٽر ليلارام شاهه جي روضي تي اڪريل ابيات مان، ابجد جي حساب لڳائڻ ۽ ٻين دليلن مان ثابت ڪيو آهي ته، شاهه ١٤ صفر سن ١١٦٥ هجري مطابق ١٧٥١ع ۾ وفات ڪئي. درگاهه جي فقيرن، مريدن ۽ معتقدن جو متفق رايو آهي، ته شاهه جي عمر، حضرت محمد ﷺ ۽ حضرت علي (ڪرم الله وجهه) جي عمر جيتري، يعني ٦٣ سال هئي. انهي حساب سان شاهه صاحب سن ١١٠٢ هجري مطابق ١٦٨٩ع- ١٦٩٠ عيسوي سن ۾ متولد ٿيو.

شاهه عبداللطيف جي ولادت باسعادت بعد، شاهه حبيب هالا حويليءَ مان لڏي، اچي ڪوٽڙيءَ ۾ مقيم ٿيو، جا ڀٽ ڪان ٻن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. انهي وقت جي رواج موجب، شاهه عبداللطيف کي، آخوند نور محمد ڀٽيءَ، واڻيءَ واري وٽ ختاب ۾ وهاريو ويو. آخوند صاحب جڏهن الف-بي شروع ڪرايس، تڏهن شاهه 'الف' ته چيو پر 'ب' چوڻ کان بنهه پڙ ڪري بيٺو؛ چي: 'الف کان پوءِ ڇا آهي، جو پڙهان؟' جڏهن شاهه حبيب کي خبر پئجائي ويئي، تڏهن هن پٽ جي روحاني رمز پروڙي ورتي ۽ ڏاڍو خوش ٿيو: پر سمجهايائينس ته جيئن لباس جي پهرڻ جو رواج آهي، تيئن ظاهري علم حاصل ڪرڻ جو پڻ ضرور آهي.

هن ڳالهه ڪري ئي شايد تحفة الڪرام ۾ ڄاڻايل آهي ته، شاهه بلڪل اُمي يا اڻ پڙهيل هو، پر سنڌس رسالي جي سرسري مطالعي مان ئي معلوم ڪري سگهبو، ته ائين بلڪل ڪين هو. جي ائين هجي ها، ته ميان نور محمد ڪلهوڙو ڪيس جلال الدين رومي جي مثنويءَ جو سونهري اکرن ۾ لکيل قلمي نسخو تحفي طور ڪيئن ڏئي ها؟ ڊاڪٽر ٽرمپ جو چوڻ آهي ته "اهڙي دعوي کي رد ڪرڻ لاءِ شاهه جو ديوان ئي ڪافي ثبوت آهي، جنهن ۾ هن عربي ۽ فارسي زبانن جو اونهو محاورو ڏيکاريو آهي." مطلب ته شاهه هڪ فاضل ۽ عالم شخص هو، جنهن ڪجهه تعليم درسگاهه مان ۽ ڪجهه تعليم دنيا جي تجربي گاهه مان حاصل ڪئي هئي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، رسالي جي مقدمي ۾ چوي ٿو، ته شاه ”عربي ۽ فارسيءَ جو عالم هو ۽ پنهنجي مادري زبان تي ڪيس ڪُلي ضابطو هو. نه فقط ائين، پر ٻين ٻولين سان پڻ ڪي قدر واقفيت هيس، جهڙوڪ بلوچي، سرائڪي، هندي ۽ پنجابي وغيره. ازانسواءِ سندس تاريخي معلومات به وسيع هئي. سنڌ توڙي هندستان جي ٻين ڀاڱن جي قصن ۽ ڪهاڻين وغيره جو به ڳوڙهو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجيس. قرآن شريف، مثنوي مولانا روم ۽ شاه ڪريم جو رسالو اڪثر ساڻس همراه هوندا هئا.“ هو عام ملن وانگر ڪين هو، جن لاءِ پاڻ چيو اٿس ته:

’پڙهيو ته پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،‘

هن لاءِ فطرت هڪ وڏو درسگاه هو، جنهن جي وهندڙ نهرن ۾ هن لاءِ ڪتاب، ته پنن ۽ پٿرن ۾ معرفت ڪردگار جا دفتر موجود هئا.

شاه جي ننڍيءَ ڄمارِ جا، ڪئين قصا ۽ ڪرامتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، جي شايد سندس معتقد مريدن جون رائج ڪيل ٿيون هجن؛ پر ڪين ڪا به تاريخي تصديق ڪانه ٿي ملي؛ تنهن ڪري ويهن ورهن تائين سندس وڌيڪ احوال ڪونه ٿو ملي. شاه صاحب جڏهن ويهن ورهين جو ٿيو، تڏهن ڪيس جيڪو مجازي عشق ٿيو هو، تنهن جو احوال هن ريت ڏين ٿا، ته انهيءَ ساڳيءَ ڪوٽڙيءَ ۾، جتي شاه صاحب جن رهندا هئا، مرزا مغل بيگ نالي، هڪ سگهڙ ماڻهو رهندو هو، جنهن جو خانداني شجرو وڃيو چنگيز خان سان لڳي ٿو. مغل بيگ ۽ سندس سڄي ڪٽنب ۽ قبيلي جو، شاه حبيب ۾ ڏاڍو اعتقاد هوندو هو ۽ سندس تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. هڪڙي ڀيري مرزا مغل بيگ جي نياڻي، بيمار ٿي پيئي ۽ دستور موجب تعويذ ڦل ۽ دعا ڦيڻي لاءِ شاه حبيب کي سڏايو ويو. اتفاقاً شاه حبيب، انهي ڏينهن عليل هئڻ سبب نه وڃي سگهيو، تنهن ڪري شاه عبداللطيف کي اوڏهين روانو ڪيائين. مغل نهايت سخت پردو ڪندا هئا ۽ حويليءَ ۾ ڪنهن به مرد ماڻهو کي، اچڻ ڪونه ڏيندا هئا؛ سو ڇوڪريءَ کي چادر ۾ ويڙهي سيڙهي کٽي وهاريائون. جيئن شاه کي، ڇوڪريءَ جي آڱر ڦيڻي وجهڻ لاءِ هٿ ۾ ملي، تيئن عشق چڻيون ڏيڻ لڳو. شاه امالڪ، ڇوڪريءَ تي اکن ڇڪن تي چوڻ لڳو، ته

"جنھنجي آڳر سيد ھتڻ ۾، تنھن کي نڪو لھر، نڪو لوڏو." مغل پرولي پڇي ويا؛ پر اوڏيءَ مھل، مٺي ٻ مات ۽ مٺي ٻ مات ڪري، سور پي ويا؛ پر پوءِ تہ اچي ساداتن کي اچائي کنيائون. پيري مريديءَ واري واٽ تہ ڇڏي، پر ھاڻي خصومت وجھي ويٺا ۽ تيسين ساھ نہ پٽيائون، جيسين ساداتن کي تنگ ڪري ڇنا نہ ڇڏايائون. ھنن جي مظالمن ڪري سيدن کي لاچار ڪوٽڙيءَ مان لڏي وڃڻو پيو.

شاھ صاحب ويو ھو مسيحا ٿي، پر موٽيو خود ڪنھن مرض ۾ مبتلا ٿي. لونءِ لونءَ ۾، لالن جي لغار لڳي ويس. اتي اندر جي اُڌمن ڪڍڻ ۽ بخارن ڇنڊڻ لاءِ، سندس لڪل شاعراڻو شعور پلٽجي پيو. ڪئين پيو بيت ڏيندو ھو. ڳوٺ جي ماڻھن کي خبر پئجي ويئي ۽ سڄي شھر ۾ ھر ھنڌ اھو چرچو ھلڻ لڳو. جتي چار ماڻھو گڏبا ھئا، اتي اھا پچار ڪندا ھئا. مغل جڏھن اھي ڳالھيون ٻڌندا ھئا، تڏھن ھيڪاري پيا پچندا ھئا، ڇو اسان کي ڪٿي بدنام ڪيو اٿس. شاھ جي نينھن جا نعرا، (سندس بيت) مغلن لاءِ نوڪدار نيزن جو ڪم ڪندا ھئا. ٻئي ڌريون، پنھنجي پنھنجي نقطي نگاھ کان مجبور ھيون: ھڪڙي ڌر کي عميق عشق ھو، تہ ٻئي کي اڻ لڀ عزت جو خيال. ھرڪو مجبور ۽ لاچار ھو. مغلن شاھ کي عشق جي راھ کان ھٽائڻ لاءِ جيڪي ڪي حيلا ڪيا، سي بيڪار ثابت ٿيا. ھنن جي ظلمن، شاھ کي عشق جي اڙانگي راھ کان ھڪ قدم بہ پٺتي تہ ڪونہ ھٽايو، بلڪل اٽلو بره جي باھ کي زياده ڀڙڪو ڪارايو. تن، من، دنيا ۽ ماسوا جو سماءُ نہ رھيس. جھنگلن ۽ برن ۾ ڏينھن جا ڏينھن پيو ڀٽڪندو ھو ۽ بيت ڏئي دل ٺاريندو ھو. ھڪڙي لڳا، ڪنھن وڻ کي ٽيڪ ڏيو ويٺو ھو ۽ محبوب جي خيال ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو، جو ٽي ڏينھن لنگھي ويس ۽ اڌامندڙ واري ڪلھن تائين ڍڪي ڇڏيس. سندس والد، ڪيس ڳولي ڳولي اچي ڏسي، تہ اڪيون پوريون پيون اٿس ۽ ڌڙ واريءَ ۾ دٻيو پيو اٿس. نھايت درد ڀريئي آوز سان پڪاريائين، تہ:

"لڳي لڳي واءَ، ويا انگڙا لٽجي."

شاھ عبداللطيف، پيءُ جو آواز سڃاڻي اُتر ڏنس تہ:

"پيئي ڪٿي پساھ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي."

هڪ طرف جواني ديواني، تہ ٻئي طرف عشق آرانڀا ڪيا؛ سو شاه بره جي باه ۾ پچي لعل ٿي پيو. ڪڏهن قمر کي پرينءَ ڏي، قاصد ڪري اماڻيندو هو، تہ ڪڏهن ڪانگل کي- سر ڪنيات ۾، جيڪي بيت آيل آهن، سي شايد هن وقت جا چيل ٿا ڏسجن. مطلب تہ قوهہ جواني جي تيزاب ٿي، جيڪي عشق جا الا اچي پيا هئا، تن هڪ اهڙو ٻنيٺ ٻاريو جو ساري سنڌ روشن ٿي ويئي ۽ سنڌي ادب جو بهترين حصو پيدا ٿي پيو.

پٺ کي بيقرار ڏسي، شاه حبيب مغلن مان سڱ ڇڪيو، پر سندس سعيا سجايا نہ ٿيا، تنهن ڪري شاه عبداللطيف نااميدي جي حالت ۾، جهنگ منهن ڏئي اٿي هليو. سڄا سارا ٽي سال گم هو. ڪيڏانهن ويو هوندو، تنهن جو پرو سندن رسالي جي بيتن مان پئجي سگهي ٿو. شاه جو وطن جا وڻ ڇڏي، پرديس جا ڏک ڏاکڙا بر سر ڪنيا، تنهن جو ڪارڻ بيان ڪندي ٿو چوي، تہ:

"بره مٺايس بر، نت سکي! ڪير سڏون ڪري؟"

جڏهن شاه ڳوٺان نڪتو هوندو، تہ ضرور هالن ڪان شاهي سڙڪ وٺي، حيدرآباد ڏي رخ رکيو هوندائين، جتي گنجي ٽڪر وٽ سنياسي فقير مليا هوندس. انهي ڳالهہ جي ثابتي سر ڪاهوڙيءَ ۾ درج ٿيل، انهن بيتن مان ملي سگهي ٿي، جن ۾ هن 'گنجي ڏونگر گام' جي تعريف ڪئي آهي، چي:

"پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
ڇڏي ڪيٺ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا."

سنياسي، جيڪي هنگلاج يا لاهوت ويندا هئا، سي گنجي ٽڪر تي، ڪاليءَ جي مندر وٽ، اچي گڏ ٿيندا هئا تنهن ڪري شاه کي 'هنگلاج' ۽ 'لاهوت' وڃڻ جي خواهش بہ هتي پيدا ٿي هوندي. شاه ضرور هتي ۱۲ ڏينهن رهيو هوندو، جو سر رامڪلي ۾، ڪاپڙي فقيرن سان ٻارهن ڏينهن جي صحبت جو احوال ڏنو اٿس. هن جيڪا انهن جوڳين لاءِ راءِ قائم ڪئي، سا ٻڌائيندي چوي ٿو، تہ:

"مون سي ڏٺا ماءُ! جني ڏٺو پرينءَ کي."

شاه دنيا کان اڳيئي بيزار هو، سو جو جوڳين ۽ سنياسي فقيرن جون ڳالهيون ٻڌيون هونديائين، سو ضرور ناني (هنگلاج) وڃڻ جي سڌ تي هوندس. جوڳين کي اهڙي سناٽي سفر جو سانباهو کندو ڏسي ٿو چوي، ته آئون پوٺو کين پوندس:

"مون ملاقات ان سين، جن پورب جي پچار،
اُنئي پهر اُن جي، آهه نانيءَ ڏي نهار،
سامين ساڻ ستار! لاهوتي لعل ٿيان!"
(رامڪلي)

حيدرآباد ۾ هنگلاج هلڻ جي تمنا پيدا ٿي هوندس، پر پاٽمرادو هنن جي پنيان کاهي کين پيو هوندو. جوڳين کيس هلڻ لاءِ پڻ چيو ٿو ڏسجي؛ ورنہ شاه کونہ چوي ها، تہ:

"هلڻ جو هنگلاج ڏي، آديسين اُتوم."

جيکي آديسي فقير، هنگلاج ڏانهن ويندا هئا، سي گيڙوءَ رتا ڪپڙا کندا هئا، تنهن کري ٿو شاه چوي:

"اڄ مليندس ماءِ، ڏاڇا کنديس ڪپڙا،
جيجان جوڳياٽي ٿيان، مُون کي جَهلِ مَ پاءِ،
هوت ٻروچي لاءِ، ڪَنين ڪُنَر ٻائيان."

اڄ تائين، شاه صاحب جي گيڙوءَ رتي ڪفني ٻندس درگاهه تي رکي آهي. شاه گيڙوءَ رتي ڪفني اوڍي، پيرين اگهاڙو، کاپڙين سان سفر تي سڌاريو هوندو، ڇاکاڻ جو چوي ٿو، تہ:

"جتيون سي پائينديون، جن پيرَ پرين."

شاه صاحب، سامين سان هنگلاج وڃڻ لاءِ کهڙو رستو اختيار کيو هوندو، تنهن جو بہ رسالي مان پتو پئجي سگهي ٿو. حيدرآباد کان کراچي وارو رستو وٺي، اچي کينجهر ڍنڍ وٽان نڪتو هوندو، ڇاکاڻ جو هينئين بيت ۾ کينجهر ڍنڍ جي چشم ديد نظاري جو نقش کڍيو اٿس:

"هيئڻ جر، متي مجر، پاسي ۾ وڙاهه،
اڇي وڃي وچ ۾ تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اُتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي."
(ڪاموڏ)

هن بيت جي پهرينءَ مصراع ۾ شاه بيان ڪري ٿو، ته هيٺيان جر (پاڻي) يعني ڪينجهر ڍنڍ آهي ۽ متي مجر (ڪنڌيءَ جو ٻور يا سگر) يعني 'هيلاين' واريءَ ٽڪري ۽ ٻرسان وڙاهه (ٻيلو) يعني ٻر وارو جهنگ آهي. سر ڪارايل ۾ وري، جيڪي ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي گهمندي ڏٺو اٿس، تنهن جو بيان ڏنو اٿس. مطلب ته، سياري ۾ 'ڪينجهر' جي ڍنڍ اُڪري، ٿئي ۾ آيل ٿو ڏسجي؛ جتان سهڻي ميهار جو قصو ٻڌي، ذهن نشين ڪيو اٿس. اتان اڳتي، ٻنڀور وڃي، سسئي پنهونءَ جي ڦوڙائي جو احوال حاصل ڪيو اٿس.

شاه، جيترا بيت سسئيءَ متعلق چيا آهن: اوترا ڪنهن ٻي آڪاٽيءَ ۾ سمجهائڻ لاءِ نه چيا اٿس- سو ڇو؟ انهيءَ جا ٻه سبب هوندا: (١) ٻئي، محبوب خاطر جهنگ جهاڳيندا ۽ ڏونگر ڏوريندا ٿيءَ وتيا. سسئي پنهونءَ لاءِ پنڌ ڪيا ٿي، ته شاه وري، هنيون حقيقت سان ڳنڍي، معرفت جي ماڳ سان ڏيساندر ڏوريا ٿي. ٻنهي ڪي، ٻنڀور تياڳيو؛ يعني دنيوي تعلقات ترڪ ڪري، محبوب جو مشاهدو ماڻيو هو. (٢)ٻنهي ڪي، منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ، ساڳيو ئي گس هلڻو ٿي پيو؛ جنهن ڪري، شاه، سسئيءَ جي ڏکن ۽ ڏاکڙن جو ذاتي تجربو ڪري، بيخوبي واقف ٿي، پاڻ کي سسئي تصور ڪرڻ لڳو هوندو. 'ڪيچ مڪران' وڃڻ لاءِ، سسئي ٻه اهائي ساڳي واٽ ورتي هوندي، جيڪا شاه هنگلاج وڃڻ لاءِ ورتي هوندي، شاه اهڪن گسن ۽ اٽانگن لڪن لتاڙيندي، سسئي کي ڏاڍو داد ڏنو هوندو ۽ همدردي ڪئي هوندي.

ٻنڀور کان پوءِ هو ملير آيل ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ جو ملير جي مشهور ميڻديءَ جو ذڪر ڪندي ٿو چوي، ته:

"لائينديس، لڱن کي مليرا ميندي."

ملير کان پوءِ ڪياماڙيءَ وٽ، جيڪو 'ڪلاچيءَ جون ڪُن' هو،

تنهن وٽان اڳي لنگهيو ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ جو اتان 'مورڙي' مهاڻي جي ڳالهه جهپي، سر گهاتوءَ ۾ ان جو احوال ڏنو اٿس. انهي وقت اڃا ڪراچيءَ جو ڳوٺ ڪونه پيدو هو. ڪراچيءَ جو شهر سن ١٧٢٩ع ۾ وسيو ۽ شاه، ٢١ ورهين جي ڄمار ۾، سن ١٧١٠ع ڌاري هنگلاج ويو هوندو.

ڪراچيءَ کان آديسي فقير، هڪ 'اڳوُنو' يعني سونهون يا اڳواڻ، ڪٽندا هئا، جو بيرق سميت، هڪ لٺ ٻيٺ سان ٻڌي، اڳيان هلندو هو، جنهن کي شاه 'ٻر جو بورائو' ٿو ڪوٺي:

"لکين لوڙائو، سهسين آهن سچ ۾،
ٻر ۾ بورائو، ڪڻ پيادي پاڻ سين."

ڪراچي کان هنگلاج، هڪ سؤ ويهن ميلن جي مفاصلي تي آهي؛ تنهن ڪري شاه، ست سميت منزلون طي ڪندو، اڳتي هليو هوندو. منزل کي، ڪراچي جا ماڻهو 'پاٽو' چوندا هئا. تنهن ڪري شاه، پهرين منزل تي خير سلامتيءَ سان پهچڻ لاءِ، آڳي در ٿو التجا ڪري، ته:

"پهريون ئي پاٽو، سقرو ڪرين سات کي!"

ڪراچيءَ کان هلي، ستن ڪوهن تي، 'حب' نديءَ وٽ، پهريون پاٽو ڪيو هوندائين، جو حب نديءَ تي روجهه ڏسي چوي ٿو ته:

"روجهه ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾."

اڃا پيرن واري هرڻ کي، روجهه چوندا آهن، جي ماڻهن جي ڊپ کان لڪي ڇپي رات جو، حب نديءَ مان پاڻي پيئڻ لاءِ ايندا هئا.

هن کان پوءِ- "ور وراڪا وچ ۾، لکين آڏا لڪ"- (سر ديسي) آهن، جن مان 'بريدي' ۽ ٻين لڪن ڏانهن، شاه اشارو ڪري ٿو. اڳتي هلي، شاه 'وندُر' (هڪ نئن جو نالو) وٽ پهتو هوندو، جو سُرُ سَسئِي آبريءَ ۾ پڇي ٿو ته:

"هيج نه هوندو جن، سي ڪيئن وندر ويندين؟"

حب نديءَ کان، وندر ڏي ويندي، بريدي لڪ ۽ پوءِ 'ڪارڙي' ناڪو لنگهڻو پوندو آهي. انهيءَ ناڪي تي، لس ٻيلي جو حاڪم محصول وٺندو آهي، جنهن جو ذڪر به شاه جي رسالي ۾ ڪيل آهي.

وئدرَ کان، اڳيرو هلبو ته هڪ رڻ ايندو، جنهن ۾ پاڻيءَ جو ڦڙو به ڪٿي ڪونه ٿو ملي سگهي ۽ ڇاڪاڻ ته هن رڻ ۾، هڪ گرو ۽ هڪ چيلو، اڄ وگهي مئا هئا، تنهن ڪري انهيءَ رڻ کي، سڏين ٿا 'گرو چيلي وارو رڻ'. هن رڻ مان لنگهندي، رڇ ۽ سچ جو نظارو پسي، شاه ٿو سسئي جي واتان چورائي ته:

"سرتيون! سُڃي سُڃَ، متان ڪا مون سين هلي،
پاڻي ناهِ، پَنڌُ گهڻو، اڳئا رائو رُڃي رُڃَ،
مُڇڻ مَري اُڃَ، ڪا ڏي پاراتو پرين کي."

(سر حسيني)

هن رڻ لتاڙڻ کان پوءِ، ضرور 'ڦورندي' اُڪري هونداڻين. اها ندي، هاڙهي جبل جي پڇڙيءَ وٽ آهي ۽ اهائي ساڳي ندي آهي، جنهن جي پاڻيءَ جي اُتل سببان، سسئي مونئي 'پهوڻي' ناڪي ڏي ويئي هئي. هن کان پوءِ هاڙهي جبل جا پيچرا، لتاڙيا اٿس ۽ وات نه منجهڻ لاءِ ڏٽيءَ دران دعائون گهريون اٿس ته:

"هلندي هاڙهو مَٿي، گسان تن مَ گُسان."

(سر معذوري)

هاڙهي جبل، جي اورئين پڪ واري، 'هنگول' ندي ۽ پَرئين پڪ واري، 'اگهور' ندي اُڪري، شاه 'هنگلاج' پهتو هوندو.

شاه هنگلاج کان پوءِ، سامين سان 'دوارڪا' ويو ٿو ڏسجي، جو چوي ٿو ته:

"نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي،
ديکي تن دوارڪا، مهيسين ملهي."

(سر رامڪلي)

هنگلاج کان موٽندي، شاه 'ٺٽي' کان سنڌونديءَ وارو پتڻ اڪري، ڪراچيءَ جي لاڙ واري پاسي، يعني 'مغل پيئين' طرف هليو هوندو، جو چوي ٿو ته:

"ڪاري ڪيڙائو، مَتي مِني موٽيا"

(سر سامونڊي)

ڪارو ۽ منو پاٽي، ڪراچيءَ جي 'لاڙ' واري حصي ۾، سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وٽ ٿي ملي ٿو. تنهن ڪري اتي جو احوال، سر ساموندي ۽ سر سريراڳ ۾ ڏنو اٿس. جنهن مان سمجهجي ٿو ته شاهه اتان ٿي لنگهيو هوندو. انهيءَ پاسي وڻج واپار جو احوال، مٿين ٻنهي سرن ۾ گهڻو آيل آهي. ساموندين جي ڦوڙائي ۾، جيڪي سنڌن وهون ڇون ٿيون، تن جو بيتن ۾ بيان پڻ، هتي جي ماڻهن جي چشم ديد حالات تي مبني آهي. 'جادم جکري' جو جيڪو بيان ڏنو اٿس، تنهن جون حقيقتون پڻ، هتان هٿ ڪيون هوندائين، جو چوي ٿو ته:

"جکري جهو جوان، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾."

(سر بلاول)

مغلٻيئين ڪان 'ڪاري' ڪاري اُڪري، 'لکپت' جي ڪڇ واري بندر تي پهتو هوندو. اتان 'ٻيٽ' مان ٿيندو، 'هالار' ضلعي مان گهمندو، ڪڇ جو نار اُڪري، 'دوارڪا' پهتو هوندو. هالار ۾ ڪپڙو سنو رڱبو هو، تنهن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

"رڇي جي رينو ٿيا، ڪين اُپاٽجن اوءِ،
ڪنبي نه ڪاري تنهن ڪي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڏوبي ڏوءِ، ته به لالائي ان جي نه لهي."

(سر مومل راڻو)

اتان 'پوربندر' ويو هوندو، جنهن بابت دعا گهري ٿو ته:

"سيد سات سنڌوءِ پُربندر پهچائيين."

(سر سريراڳ)

سندس دعا اگهاڻي ۽ خدا جڏهن سندن چتر ڪي، ڇوهي ڪان رکي ورتو تڏهن. هو هن طوفاني ترُ ڪان اُڪري، 'جهوناڳڙهه' ۽ 'گرنار' ويو هوندو ۽ اتان 'راءِ ڏياچ' جي سخا جي ساک ٻڌي، سر سورٺ جا بيت ٻڌا هوندائين. گرنار جي ٽڪريءَ جون پنج مکيه چوٽيون آهن، جن مان 'گورکنات' تمام اتاهين آهي، ۽ جنهن جو بيان ڏيندي شاهه چوي ٿو ته:

"سامي ڇڏي سانگ، گڏيا گورکنات ڪي."

سر رامڪليءَ ۾ جن مندرن، غارن، غفائن ۽ جوڳين جي قسمن جي

بيان آهي، سي سيپٽي هتي ڏسي سگهجن ٿا. گرنار کان ٿي، 'کنيات' کان هلي، 'گجرات' جا پٽ لتاڙي، وري هنگلاج ويو هوندو.

شاه وري ٻيو ڀيرو به هنگلاج ويو. پر هن ڀيري اُتي جون ريتيون رسمون پوريءَ طرح بجاءِ نه آندائين، جنهن ڪري جوڳين کان ڇڄي ڌار ٿيو. جوڳين جي جدائي جو گهڻو ارمان هوس، جو چوي ٿو ته:

"لکين ڪيا لسان سين لاهوتين لوڙا،
گهوڙا! ڙي گهوڙا! آءٌ نه جيئندي اُن ري."

شايد، سامين شاه کي رات جو ستل ڇڏي، گوهي ڏني ٿي ڏسجي. شاه صبح جو، آديسين کي آستان تي نه ڏسي، هنن جي پٺيان پيو هوندو. جوڳين شايد 'قلات' ڏي رخ رکيو هو، ڇاڪاڻ جو شاه کي شڪ هو ته کين ڪابل ڏي ويٺو هو. (وٺان تو ويندا، ڪاپڙي ڪابول ڏي.) 'لس ٻيلي' ۽ 'قلات' جي وچ ۾، قلات رياست جو هڪ وڏو حصو آهي، جنهن کي 'جهلوان' ڪوٺيندا آهن. انهيءَ علائقي ۾ وڏا جبل آهن، جن جا نالا آهن 'جائو، جمر ۽ جر.' 'وٽڪار' جو ڳوٺ، وري لس ٻيلي جي اتر اپرندي طرف، 'کير ٿر' جبلن جي قطار وٽ آهي. سامين جي پٺيان، شاه انهن تائين ضرور پهتو هوندو، جو چوي ٿو ته:

"وڏا وڻ وٽڪار جا جت، جائو، جمر، جر-"

جي شاه هن ماڳ کان اڳتي به ويجي ها، ته ضرور ڪنهن نه ڪنهن هنڌ، انهي مڪان جو ذڪر ڪري ها، پر شاه جوڳين پٺيان فقط جائو تائين ويل ٿو ڏسجي، هتان هو اڪيلو موٽي، لس ٻيلي ۾ آيو هوندو، جتي 'سبر' سخيءَ جي هاڪ ٻڌي، بيت ٿو ڏي:

"ڏاتارِ ته تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا،
مينهن منداڻتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، ته ميريائي مان لهان."

لس ٻيلي کان، شاه ڪراچيءَ موٽي آيو هوندو، جتان شايد 'لاهوت' ويو ٿو ڏسجي. لاهوت، ڪراچيءَ کان ڇٽيهن ڪوهن تي آهي، پر رستو نهايت خطرناڪ هوندو هو. واٽ تي برن ۾ بلائون ۽ جبلن ۾ چيتا هوندا هئا. چوڻ ۾ اچي ٿو ته، جنن ۽ ديون جو هتي واسو هوندو هو ۽ شاه بلاول

نالي بزرگ، جو قلندر شهباز جو همعصر هو، تنهن هي علائقو گوڪل نالي ديو جي چنبي مان ڇڏايو هو. شاه بلاول جي درگاه کان، ڏيڍ ڪوه اوريرو، 'پب' جبل جي پيٽ ۾، هڪ غار آهي جا صفي وانگر آهي، جنهن کي لاهوت سڏين ٿا. جبل تان لهي، صفي ۾ وڃڻ اوکو آهي ۽ هاڻي اتي لوه جي ڏاڪڻ لڳائي ويئي آهي. لاهوت واري صفي جي ڇت ۾، ڍڳيءَ جي ٿڻن جهڙا پهڻ آهن، جن مان چون ٿا ته اڳي کير وهندو هو. هاڻي فقط پاڻي ڦڙا ڦڙا ٿي هيٺ ڳڙي ٿو. اُتي جي مجاور چيو، ته "لاهوت لامڪان، چوٿين آسمان تي آهي."

شايد، لاهوت کان موٽندي، وري به ڪنيات ۽ گجرات کان ٿيندو، شاه وجي ننگرپارڪر پهتو هوندو. هاڻي ڪيس ساٿيه جي سڪ ستايو ٿو ڏسجي، جو چوي ٿو ته:

"ڏينهُون ڏينهن نئون، مُون کي وِرهُ ويڙيچن جو"۔

ننگرپارڪر کان ڏيپلي وارو رستو وٺي، پراڻ جو پتڻ لنگهي، شاه سنڌ ڏانهن موٽيو هوندو. انهيءَ جي ثابتي، رسالي مان ملي سگهي ٿي. سر سارنگ ۾، شاه ننگرپارڪر لاءِ چوي ٿو، ته:

"ڏِٽ ڏِرِي پَٽِ پيئُون پاسي پارڪر،
سيئي پريا سَرَ، پلر جي پالوٽ سين."

(ٿر جا به ڀاڱا آهن: هڪڙو ڏِٽ، يعني وارياسو ڀاڱو، ٻيو پٽ، يعني ڏادي زمين وارو حصو)

ننگرپارڪر کان پوءِ 'پائر' يعني سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ واري ٿر ۾ ويو ٿو ڏسجي، ڇاڪاڻ جو اتي جي اصطلاحن، رسمن ۽ جاين جو ذڪر ٿو ڪري. اهو ٿر مارئي جي ملير کي بلڪل ويجهو آهي. انهيءَ ڪري مارئيءَ کان ٿو چورائي ته:

- "ستي سيئي ساريان، جي پائر جا پهنوار."۔

جيڪي-

- "ڇڇڻان ڇيڪاريو ڇيڙلا، پٽين پهرائين"۔

ٿر جي ڏاکڻي ڀاڱي جون زمينون، ڇڇيون يا ڪلرائيون ٿي پونديون آهن ۽ برسات ۾ گوڏي جيڏي گپ ٿيڻ ڪري، مالدار اتان مال

ڪاهي پٽن، يعني ڏاڍين زمينن ڏانهن ويندا آهن. اهو اکين ڏٺو حال، شاه متئين مصراع ۾ بيان ڪيو آهي.

پائر کان هلي، 'ڪاروڙي' کان ٿيندو، پوءِ ملير ويو ٿو ڏسجي، جو ننگرپارڪر شهر کان ٻارهن ڪوهن تي آهي. ملير اکئين ڏٺو اٿس، تنهن جي ثابتي مارئي جو سر پڙهڻ مان پئجي سگهي ٿي؛ پر هن هڪ مصرع مان ته يقين ٿيو وڃي ٿو:

- "جوءِ ڪشادي جيڏيون! مليرَ مُوڪ مهاڙِ"

'ٻالوا' جي ٻگوٽ وٽ، ست لاٻگيتيون پٽون آهن، جن جي اڳيان ڏهر ۾ ملير جو ٻگوٽ آهي، جنهن جي مُهاڙي يا ويڪر حيدرآباد جي جيل کان اسٽيشن جيتري ٿيندي. اهو بيان متئين مصرع ۾ آيل آهي.

ملير کان پوءِ 'ويڙهي جهپ' ويو هوندو، جو ڏيپلي کان ٽن ڪوهن تي آهي، جو مارئي کان ٿو چورائي ته:

- "ڪاروڙيان ڪٽي، ويڙهي جهپ ويا"-

ويڙهي جهپ کان عمرڪوٽ ويو ٿو ڏسجي، جتي عمر مارئي نيئي بند ڪئي هئي. عمر ڪوٽ جي پرسان ميل سوا جي مفاصلي تي شاه 'مومل جي ماڙي' ڏٺي هوندي، جا انهيءَ وقت چڱي حالت ۾ هوندي، ۽ هاڻي زبون ٿي چڪي آهي. مومل راڻي جي ڪهاڻي، هتان جهپي هوندائين.

هتان 'ڪانر'، (ڪپري تعلقي جي ٻگوٽ هٽونگي کان، عمرڪوٽ ۽ ڇاڇري تعلقن جي اتر واري ايراضي، جا وڃيو جيسلمير سان لڳي) لتاڙي جيسلمير پهتو هوندو. جيسلمير کان پنج ڪوه پري هڪ شهر آهي، جنهن کي 'لڊاڻو' سڏيندا آهن، جو ٽڪريءَ تي آهي. اهو لاه ڏسي اُت کي نيڪ صلاح ٿو ڏئي ته:

"ڪرها ڪارڻ ڪاه، توکي ڏٽين ڏاريو،
ساري ڏج سيد چي لڊاڻي تان لاه"-
(مومل راڻو)

ڪاڪ جي ڪنڌي، لڊاڻي واري ٽڪريءَ سان لڳي پئي آهي، تنهن ڪري شاه ڪاڪ جي ڪناري کي 'لڊوڻي ڪنڌئين' ڄاڻايو آهي.

شاه اتان وري 'ويڙهي جهپ' کان 'ڏيپلي' ۽ 'رحمڪي بازار' مان تينڊو پُراڻ جو پترُ اُڪري پنهنجي ڳوٺ آيو ٿو ڏسجي. 'پراڻ'، پراڻي درياه جو نالو آهي، جنهن ۾ اڳي 'ڏورونارو' ڇوڙ ڪندو هو. هاڻي قليلي (واه) ٽنڊي محمد خان ۽ بدين تعلقن مان، وهندو، اچيو پراڻ سان گڏجي.

ٽن ورهين جي دراز وڇوڙي بعد، هاڻي شاه ويڙهيچن جي وِره جا واڪا ڪندو، پنهنجي ڳوٺ ۾ پهتو. شاه حبيب جنهن کي پٽ جي فراق بيحال ڪري ڇڏيو هو، سو وڇڙيل پٽ کي ملي ڏاڍو خوش ٿيو، چاڪاڻ ته الله سندس عرض اگهائي ورهين جا وڇوڙا لحظي ۾ لاهي ڇڏيا هئا.

متي ذڪر ڪيو ويو آهي، ته سفر وارن ٽن سالن ۾ شاه، نه رڳو فقيرن جون خصوصيتون جاچيون، پر مختلف ملڪن جون ريتون ۽ رسمون، جدا جدا ڪهاڻيون ۽ قصا، الڳ الڳ طبيعتن جي ماڻهن جا جذبا ۽ اُمنگ، نرمل نظارا ۽ عجيب آزمودا پرايا، جنهن ڪري سندس تجربي ۽ معلومات جو دائرو نهايت وسيع ٿي ويو. انهيءَ ڪري بيتن ۾ ٻه اهي ويهي درياه اوتيا اٿس، جو ان مان پاڻي پيئندي 'تونس' نٽي لهي. چا ته ويهي رسالي ۾ انساني امنگن جا نقش چٽيا اٿس! چا نه ويهي فطرت جي نظارن جون الفاظن ۾ تصويرون ڪڍيون اٿس!! شاه ڪاريگر ڪمانگر وانگر-مِرن، ماڻهن، ندين ۽ نارن، جهنگلن ۽ ٻيلن، جبلن ۽ برپٽن جون تصويرون ڪڍيون آهن. رسالو سندس تجربي جو تَتُ آهي.

سٺائي سفر تان ڪوٽڙي ۾ آئي شاه کي اجا ٿورو عرصو مس گذريو، ته ١١٢۴هجري مطابق سن ١٧١٣ع 'دَلَ' ذات جا ڪي چور، مرزا مغل بيگ جي قبيلي تي ڪاهي آيا. گهرن ۾ مرد ماڻهو موجود نه هئا، تنهن ڪري هنن کي ساڃي لڳي ويئي. اگر تگر اجڙ ڪري، سارو مال متاع ٻهاري راهي ٿيا.

مغل ماڳ تي موٽي اچي ڏسن ته 'ڪاريءَ وارا ڪڪ'، وڃايا پيا آهن. نيٺ هٿيار ٻڌي، سهي سنيري، چورن جي پنيان نڪتا. شاه عبداللطيف واٽ تي هنن کي ويندو ڏسي، پاڙي جي ننگ پاڙڻ ڪارڻ، پنهنجون خدمتون آچيون، پر مغلن هڪ ٻه نه ٻڌيس. تنهن تي ٽيي پاراٽو

ڏنائين تہ:

"بيگ تنهنجي بيگِي؛ ڪوتڙيءَ ۾ ڪان،
اتم آس، الله ۾، ڏلَ مارينئي مانَ."

ڪرامتن جي قائلن جي چوڻ موجب، فقيرن جو چوڻ ڪونہ گسندو آهي، سو مرزا مغل بيگ، وڳر سوڌو دلن جي هٿان مارجي ويو. مرداني پهر مان مغلن ۾ فقط هڪ صغير ڇوڪرو، نالي 'گولو' وڃي بچيو. مغلن کي اچي خيال ٿيو تہ اهو قهر، رڳو سيدن جي رنجائڻ ڪري ٿيو آهي، تنهن ڪري سيدن وٽ پيش پئي، ڪين پرچايائون ۽ اها ڇوڪري، جنهن جي ڇيچ شاه هٿ ۾ جهلي هئي، سا شاه عبداللطيف کي شادي ڪري ڏنائون. بيبيءَ جو نالو سيده بيگم هو، پر مريد ادب وچان، کيس تاج المخدرات (ستين جو ڇٽ) سڏيندا هئا. بيبي نهايت پاڪدامن، پرهيزگار ۽ پارسا هوندي هئي. جهڙو هو شاه ڀلارو، تهڙيائي هئي سندس بيبي ڀلاري. ٻنهي جي هڪ ٻئي سان محبت هوندي هئي.

شاه کي ڪو اولاد ڪونہ ٿيو. بيبي صاحبہ حاملہ هئي، تہ هڪ ڀيري شاه، پنهنجي فقير کي پري کان سهڪندو ايندو ڏٺو. پڇا ڪرڻ تي فقير عرض ڪيو تہ، "سائين بيبي صاحبہ کي اميدواري آهي، سو سندن ڀلي ڪائڻ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ، پري کان ڊوڙندو اچان ٿو." شاه کي اها ڳالهہ ڪين آئڙي، سوچيائين تہ "ابا! اهڙو اولاد ئي گهوريو، جو جمڻ کان اڳي ئي منهنجي فقيرن کي ٿو رلائي، جاٿو تہ الائجي ڪهڙا ڪلور ڪندو!" چون ٿا تہ بيبي صاحبہ کي ٻار ڪوئي ٿيو ۽ وري اولاد ڪونہ ٿيس.

جڏهن شاه کي مجازي عشق جي چيٽ لڳي هئي، تڏهن سندس اندر جي حالت ڦري ويئي هئي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. مجازي بره جي باه ۾، شاه رچي ريٽو ٿيو، تہ الاهي عشق جي منزل شروع ٿي. مجازي عشق پنهنجو ڪم پورو ڪري، لاڪيٽي لعل کي گس لائي ڇڏيو. هو شاديءَ کان اڳ ۾ ئي، روحاني راه جون ڪي منزلون طي ڪري چڪو هو، سو شاديءَ بعد ڪٿي ٿو پوئتي هٽي. شادي ڪرڻ کان پوءِ، شاه جي زندگي هموار ٿي پيئي. ڪجهہ وقت بيتن ڳائڻ ۽ ٺاهڻ ۾ صرف

ڪندو هو ته ڪجهه وقت رياضت ۽ عبادت ۾. سند وات مان بيت ريلا ڏيو پيا نڪرندا هئا. تڪلف ۽ تصنع جو، سندس ڪلام ۾ ذرو به ڪونهي. هڪ اندر جي اُڇل آهي، هڪ روحاني راز آهي، محض ايقان آهي. رڳي رڳي سندن روح جون رڳون تنبوري جي تارن جيئن، وڄنديون هيون:

"رڳون ٿيون رباب، وڄن ويلَ سَيَڪِهِين"

شاه صاحب وٽ، جيڪو سماع لڳو پيو هوندو هو ۽ جنهن ۾ پاڙيس سان، هو آئي وئي سان صحبت ڪندو هو، تنهن سندس هاڪ هر هنڌ ڦهلائي ڇڏي ۽ ڪئان ڪئان جا ماڻهو مريد ٿيڻ لاءِ ڪهي وٽس ايندا هئا. ويجهي ڇڪ ۾ رهندڙ پيرن ۽ مشائخن کي اها ڳالهه نه وڻي. شمس العلماءِ قليچ بيگ، شاه جي دشمنن جو احوال ڏيندي چوي ٿو، ته "انهن مان هڪڙا هئا، هالن واري پير مخدوم نوح جو اولاد ۽ ٻيا هئا مٽيارين وارا آجناڻي سيد، جي خود شاه جا عزيز خويش هئا ۽ ٽيون سنڌ جو حاڪم، ميان نور محمد ڪلهوڙو (١٧٧٨-١٧٥٥). انهن ٽنهي ڏرين شاه کي گهڻو ستايو، پر جنهن جو "الله واهي، تنهن کي ڪوه ڪريندو پير يا سپاهي."

شاه عبداللطيف کي، پنهنجي ڏاڏي شاه ڪريم جي مقبري ٺهرائڻ جو خيال ٿيو. ڪاشيءَ جي سرن آڻڻ لاءِ پاڻ ملتان ويو، جتان واپس ورندي ۾ اچي، 'خدا آباد' (ڪلهوڙن جي گاديءَ جي هنڌ) وٽان لنگهيو ۽ اتي ساهي پٽڻ لاءِ لنگر هنيائين. شاه جي اچڻ جو ٻڌي، ماڻهن جو بهيرون قدم بوسي لاءِ پي آيون. ميان نور محمد ڪلهوڙي به، پنهنجي طرفان هڪ قاصد هٿان، موتين جي معجون جي دٻلي، نذراني طور ڏياري موڪلي. شاه دٻلي وٺي درياه ۾ اڇلائي ڇڏي ۽ قاصد کي نياپو ڏنائين، ته "ميان صاحب کي سلام ڏج ۽ چئج ته، "جي توهان جي سوغات فقط اسين کائون ها، ته فقط اسان کي فائدو پهچي ها، پر هاڻ پل ته عميق ۾ جيڪا مخلوق آهي، سا به فيض پرائي." چون ٿا ته، اوڏي مهل ئي اتان مڇيون سطح تي ترنديون ڏسڻ ۾ آيون.

هن ڪان پوءِ ٿورن ڏينهن ۾، شاه قبو اڏرائي راس ڪيو، جنهن کان

پوءِ، ميان نور محمد ڪلهوڙي کيس دعوت ڪئي، جا هن قبول ڪئي. واپس موٽڻ وقت ميان، شاه کي هڪ سرڪش گهوڙي، سونن سنجن سان سينگاري، تحفي طور ڏني. شاه جيئن لانگ ورائي چڙهيو، تيئن گهوڙيءَ وٺي ڪڏايس: شاه لغام ڍِلو ڪري، گهوڙيءَ کي جا اڙي هڻي، سا مينهن واءُ ٿي، وٺي اُڏاڻي. مريد فقير گهڙيءَ پٺيان پيس، پر گهوڙي نظر کان غائب ٿي ويئي. ٿوري مدت بعد، شاه گهوڙي آڻي، ميان نور محمد جي اڳيان جهلي. سڀ عبرت ۾ پئجي ويا. ميان ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ چون ٿا ته، پوءِ سندس چڱ وڏيو مريد ٿي پيو، گلان ڪيڃريءَ مان، کيس جيڪو غلام شاه، پٽ ڄائو هو، سو به شاه جي دعا سان ڄائو هو.

شاه نويڪلائي پسند ڪندو هو، تنهن ڪري ڪوٽڙيءَ ۾ سک نٿي آيس. ويجهي چڪ ۾، نون هالن کان، ٻن ڪوهن جي مفاصلي تي، هڪ زمين جو ٽڪرو ٽڪيائين. انهيءَ زمين جي ٽڪر جي آسپاس، واريءَ جا دڙا، ڪٻڙن جون ويڙهيون ۽ ڪرڙن ۽ ڪنڊن جا جهڳٽا هئا. پرسان ڪراڙ نالي ڍنڍ ۽ ٻيا پاٽيءَ جا ڍبا ۽ ڍِبيون هيون. انهيءَ مڪان کي، سڏيندائي ڀٽ هئا، يعني واريءَ جو دڙو. شاه انهيءَ ويراني کي وسايو. پهريائين فقيرن سان گڏجي، ڪجهه پنڌ تان چيڪي مٽي، مٽي تي ڪٽي آڻي، واريءَ مٿان وجهندو هو. پوءِ آهستي آهستي، هڪ جهوپڙو پنهنجي لاءِ، حويلي والدين لاءِ ۽ ڪروت يعني ننڍي مسجد، نماز لاءِ اڏرايائين. حدون مقرر ڪري، فقيرن کي جهوپڙين جوڙڻ لاءِ ارشاد ڪيائين. مطلب ته ڀٽ جي ويراني ۾ نئون ڳوٺ ٻڌجڻ لڳو.

شاه اجا ڀٽ جو ڳوٺ ئي ٻي ٻڌايو، ته ڪنهن قاصد اچي ٻڌايس ته، توهان جو والد، هل هلان ۾ آهي ۽ چيو اٿس ته:

"ڪنهن جنهن نيهن ننڌاه، جي مون واجهائيندي نه ورو،
جيڪي مُئي ڪنداه، سو جانبَ ڪَرِهو جيئري.

شاه عبداللطيف قاصد کي چيو، ته "اجهو ٿو اچان، پر هي بيت ابي کي اُتر ڪري ڏج: ،

"متان ٿيين مَلُورُ، ڪِينَ اڳاهُون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪَرَ ڏور، حَدَ ٻنهي جي هيڪڙي."

پُٽ جي پيغام پهچڻ بعد، شاهه حبيب جي دل کي آٿت آيو ۽ اکيون پوري، وڃي حبيب سان واصل ٿيو. شاهه حبيب جي وفات جي تاريخ، محمد صادق نقشبنديءَ جي عربي مصرع مان سن ١١٥٥ هجري، مطابق ١٧٤٢عيسوي نڪري ٿي. هن وقت شاهه جي عمر ٦٣ ورهيه ڪن هئي.

شاهه کي پنهنجي پيءُ جي وفات ڪري، گهڻو صدمو پهتو هو، سو ڪوٽڙيءَ مان ٽپڙ کڻي، اچي اتالي سميت ڀٽ وسايائين. هاڻي سندس هاڪ هر هنڌ پئجي ويئي. مختلف هنڌن تان، ماڻهو سندس زيارت لاءِ ڀٽ ڏانهن اچڻ لڳا. ڪيترائي استاد راڳيندڙ ۽ گويا، هندستان جي جدا جدا حصن مان اچي نڪتا- اتل ۽ چنچل نالي، دهليءَ جا ٻه مشهور راڳيندڙ به اچي اتي سهڙيا. سارو ڏينهن سرود ۽ سماع لڳو پيو هوندو هو ۽ شاهه پاڻ به، پنهنجا مرتب ٿيل بيت ۽ ڪافيون ڳائيندو هو.

پڇاڙيءَ واري وقت ۾، شاهه کي ڪربلا جي زيارت ڪرڻ جو شوق جاڳيو. سنيري نڪتو، ته واٽ تي هڪ ولايت جو صاحب، مريد گڏيس- جنهن حال پروڙي عرض ڪيس ته، "قبلا هي ڇا؟ ماڻهن کي چوندا وتو ته ڪفن دفن به ڀٽ ۾ ٿيندو ۽ هاڻ هليا آهيو هيڏي وڏي سفر تي." شاهه کي هي لفظ دل سان لڳا، سو موٽي ڀٽ ڏانهن آيو. اتي پهچندي ڪارو ويس ڪري، سر ڪيڏاري وارا بيت ڏيڻ لڳو. چون ٿا ته اهو سندس آخري ڪلام هو. هڪ ايڪيهو ڪڍيائين، جنهن بعد وهنجي سهنجي، چادر اوڍي، مراقبي ۾ ٿي وينو ۽ فقيرن کي سماع ڪرڻ جو اشارو ڪيائين. ٽي ڏينهن برابر سماع پيو هليو. آخر راڳ بند ڪري، فقير شاهه جي ويجهو وڃي ڏسن، ته شيءِ وڃي ڌڻيءَ کي پهتي آهي. اها سن ١١٦٥ هجري، مطابق سن ١٧٥٢ع صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ هئي، جنهن تاريخ تي هر سال ڀٽ ڌڻيءَ جي روضي تي ميلو لڳندو آهي.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، سن ١١٦٧ هجري، مطابق ١٧٥٤ع ۾، ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ تي قبو ٺهرايو. قبي جي دروازي تي ڪيترا فارسي بيت اڪريل آهن، جن مان، ابجد جي حساب سان، سندس وفات جي تاريخ ملي ٿي. انهن مان، محمد پناهه 'رجا' جا ٺاهيل ٻه بيت هيٺ ڏجن ٿا:

(١) گفت اين رجا مريد سِنّ ارتحال پير،
گرديده محوِ عشق، وجودِ لطيفِ مير،
(٢) زد نعره در فراق، دگر کرد سينہ چاک،
شد محو در مراقبہ، جسمِ لطيفِ پاک.

جيڪا مسجد، قبي جي اتر طرف آهي، تنهن جي پٽ تي، جيڪي بيت، نقش ٿيل آهن، تن مان پوين ٻن لفظن 'رضوان حق' مان شاه جي وفات جي تاريخ پڻ ملي ٿي.
سڄو بيت هي آهي:

"شاه صاحب، ذوالمناقب، سيّدي عبداللطيف،
آنکہ قطبِ وقتِ خود، بودست در مردانِ حق،
چون ز جامِ 'ارجعي'، مخمورِ نوشِ وصل شد،
گفت ملهم غيب سالِ رحلتش رضوانِ حق."

فصل-٣

شاه جي سيرت ۽ مذهب

شاه عبداللطيف جي منهن مان، نور پيو بکندو هو ۽ اکيون هميشہ مشعل وانگر پيون ٻرنديون هيون. مڙس نهايت ڏيا وارو هو،ڳالهائيندو ٻولهائيندو، نهايت خلق ۽ فضليت سان هو، جنهن ڪري سڀ ڪو سندس ادب ۽ احترام ڪندو هو. ورو يا وڳنڌ نالي فقير ڪان سواءِ، ٻئي ڪنهن سان، چرچو گهٻو ڪين ڪندو هو، وڳنڌ تي چيل ظريفانا بيت، سر بلاول ۾ درج ٿيل آهن.

شاه سادو کائيندو ۽ سادو هنڍائيندو هو. انگ تي گيڙوءَ رتي ڪفني، مٿي تي ڏگهي جمني ٽوپي، جنهن تي ٻہ، ٽي وراڪا ڪپڙي جا ويڙهيندو هو، پير اڪثر اگهاڙا ۽ هٿ ۾ هڪ لنبي لٺ کڻندو هو، جنهن جو مٿو، جوڳين جي بيراڳڻ جهڙو هوندو هو. ڪاڏي پيتي لاءِ، وٽس هڪ وڏو ڪشتو يا ڪچڪول هوندو هو. اهي سندس هٿن جون سيئي نشانيون، اڄا تائين درگاه ٿي رکيل آهن.

شاه ڏاڍيون رياضتون ڪندو ۽ تن کي تسيا ڏيندو هو. ڪائيندو ٿورو ۽ سمهندو گهٽ هو. هڪ لڱا، فقيرن شڪايت ڪئي، تہ پٽ تي ڏاڍا مچر آهن. پاڻ فرمايائون، تہ "ابا! مچر تہ توهان جا سڄڻ آهن، جو اوهان کي غافل ٿي سمهڻ نٿا ڏين ۽ اوهان کي هدايت ٿا ڪن تہ سستي ڇڏي، اٿي الله سان اوريو." ڪڏهن بہ پاڻ تڪليفن جي شڪايت ڪانہ ڪندو هو. جيئن مشڪلاتون وڌيڪ وڪوڙينديون هيس، تيئن وڌيڪ وهسندو هو. شاه نهايت نهنو ۽ نماڻو هوندو هو، رحمدل بہ ڏاڍو هو. پکين تي بہ ڪهل ايندي هيس. شڪارين کي هڪ بيت ۾ ٿو پاراتو ڏئي:

"ماري مرين شال، ڏبَ وَڃَنيئي ڏيئون!"

راڳ تہ، شاہ جي جيءَ جو جياپو هو، ۽ ساہ بہ سماع ٻڌندي ڏنائين. هن بدعت کان منع ڪرڻ لاءِ، ڪيس ڪيترن چيو، پر پاڻ وري ورائيندو هون، تہ "منهنجي دل ۾، الاهي محبت جو اسريل وڻ، راڳ جي پاڻيءَ کان سواءِ سڪيو ٿو وڃي. جيستوڻيڪ اهو پاڻي پليت آهي تہ بہ انهيءَ وڻ کي سڪڻ کان بچائي ٿو."

شاہ ڏاڍو پرهيزگار هوندو هو. زال ذات کان پاسو ڪندو هو، ايتري قدر جو ڪنهن فحش عورت جو راڳ بہ ڪونہ ٻڌندو هو. گلان ڪيجريءَ کي سو نوازي سنڌ جي پٽ راڻي ڪري ڇڏيائين. ڪيس اولاد جي درڪار ڪانہ هئي. چوندو هو، تہ "منهنجا فقير منهنجو اولاد آهن."

مطلب تہ، شاہ جي رهڻي توڙي ڪهڻي، تعريف جوڳي هئي:

"منهن ڏنائين ماڙهين، هنيون ڏنائين هوت"

شاہ هڪ سچو ۽ پڪو موحد مسلمان هو. فرقہ پرستيءَ کان پري، الله جي ياد ۾، شريعت جي پابنديءَ ڪندي، زندگي بسر ڪيائين. سماع کان سواءِ سندس ٻي ڪابہ بدعت ڪانہ ٿي ٻڌجي. جيڪڏهن ظاهري مسلماني پيرئون نہ پاري ها، تہ وقت جا ملا ۽ مجتهد مٿس ضرور تعزيرون ڪن ها. شاہ روزا رکندو ۽ نمازون پڙهندو هو. مسجد پنهنجي هٿن سان پورهيو ڪري جوڙائي هئائين. تسبيح پڙهندو هو ۽ سيڪو ڪيس صوفي ٿو سڏي. ڪوبہ صوفي، تيسين سچو صوفي نہ آهي، جيسين شريعت جي پابندي نٿو ڪري. شاہ بہ انهي قسم جو صوفي هو. اڄ ڪلھ جو ڀنگوڙائي يا نات نوش ڪندڙ صوفي ڪونہ هو.

شاہ سيد هو، نبيﷺ جن جي اولاد مان هو. شيعن وانگر حضرت علي ۽ سندس آل کي گهڻو گهرندو هو، عاشورن ۾ امامن لاءِ ماتم ڪندو هو، پر سينہ ڪوبي ڪانہ ڪندو هو. ڪربلا جي زيارت لاءِ سنيري نڪتو هو ۽ ڪيڏاري جي سڄي سر ۾، امامن جي الفت ۾ آهون ۽ دانهون ڪيون اٿس: پر سنين وانگر، هٿ ٻڌي پنج وقت نماز ادا ڪندو هو. چئني يارن جي تعريف ڪندو هو، ٽن خليفن جي ڪڏهن بہ گلا ڪانہ ڪندو هو ۽ هڪ ڀيرو حج لاءِ پڻ سنيريو هو- هڪ ڀيري ڪنهن

ڪانئس پڇيو تہ: "سائين! توهين سني آهيو يا شيعا؟" پاڻ وراڻي ڏنائين، تہ "ابا! آءٌ ٻنهي جي وچ ۾ آهيان." تنهن تي سوال ڪندڙ چيو، تہ "انهن ٻنهي جي وچ ۾ تہ ٻيو ڪي ڪين آهي." شاهہ جواب ڏنس تہ: "آءٌ آهيان بہ اهو ڪي ڪين."

شاهہ جي مذهب جا ٻہ پهلو هئا: هڪڙو حقيقي ۽ ٻيو مجازي، هو ظاهري طرح شريعت جو پورو پابند هوندو هو، پر جڏهن 'عروج' جي حالت ۾ ايندو هو، تڏهن روحانيت جي رستي، پنهنجي خاوند سان اهڙو محو ٿي ويندو هو، جو دنيا ۽ ماسوا کان بي خبر ٿي پوندو هو. خدا جي وحدانيت کان سواءِ انهيءَ مهل ٻيو ڪي بہ ڪين نظر ايندو هوس، گويا الله سان هڪ ٿي ويندو هو. ماڻهن کان اهو راز پيو لڪائيندو هو ۽ هميشہ اهو انديشو هوندو هوس، تہ متان ماڻهو منهنجون رمزون پروڙي نہ سگهن ۽ وڃي گمراهيءَ جي کن ۾ ڪرن. صوفيانہ اصطلاح ۾ پهرين حالت کي شريعت ۽ ٻي حالت کي طريقت چئبو آهي. روح جي ارتقاءَ لاءِ اهي ٻئي حالتون ضروري آهن. هڪڙي حالت فراق جي آهي تہ ٻي وري وصال جي. شاهہ الاهي جمال جي جلوو هر هنڌ پسي، الاهي عشق جي عميق ۾ غوطا هنيا ۽ روميءَ جي رمز پروڙي، ان تي عمل ٿي ڪيو، جنهن موجب:

"ملت عشق، از همہ دينها جداست،
عاشقان را مذهب و ملت خداست."

فصل-٣

شاه جون شاعرائيون خوبيون

شعر لفظ شعور مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، 'ڄاڻ.' پاڪ خيالن جو ترجمان ليکي، ڪيترن بزرگن، شعر کي 'الهام' ڪوٺيو آهي. رومي چوي ٿو ته:

'شاعري جزويست از پيغمبري.'

جيڪا ڳالهه، ڳولا ۽ ڪوشش کان سواءِ انسان جي دل ۾ پيدا ٿئي، سا آهي الهام. اهڙي شعر جي قسم کي، ادبي اصطلاح ۾ 'آمد' چوندا آهن. يورپ منجهه، اڳئين زماني ۾، شاعر ۽ نبيءَ جي وچ ۾ ڪو گهڻو فرق ڪونه ليکبو هو. ٻنهي کي هڪڙي نالي، يعني 'وهيٽز' سان سڏيندا هئا. درحقيقت، سچو شاعر ۽ نبي، ٻئي الاهي اسرار ۾ مستغرق آهن: ٻنهي کي پالڻهار جي ڏکي پرولي پيچڻ جي ڳجهي آهي. شاه نبي سو نه آهي: باقي ولي بيشڪ آهي. شاه کي فقط شاعري جو درجو حاصل نه آهي، پر سندي، ڪيس وليءَ جو ممتاز مرتبو ڏين ٿا ۽ ڪيس تلاميذالرحمان (خدا جو شاگرد) سمجهن ٿا. شاه جو هر هڪ سر الاهي عشق جو دفتر ۽ خداشناسيءَ جو مخزن آهي. سندس ابيات شعر ۽ شاعري نه، بلڪ آيات عشق الاهي آهن. شاه جي ڪلام کي الهام چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو:

"جي تون بيت ڀائيين، سي آيتون آهين،
وڃيو من لائين، پريان سندي پار ڏي."

شعر ۾، هڪڙا هوندا آهن خيال ۽ ٻيا الفاظ. انسان جي دل جون عجيب ڪيفيتون، يا جيڪي جذبات، جهڙوڪ غم، خوشي، راحت يا حيرت- دل ۾ ايرن ٿا، تن کي تز الفاظن ۾ ظاهر ڪري، پڙهندڙن جي دل ۾ ساڳيائي اهڙا احساسات پيدا ڪرڻ- اهو شاعريءَ جو اعجاز- ان

جو صحيح مقصد ٻه اهوئي آهي. شاهه جي ڪلام ۾، جهڙا آهن خيال عميق ۽ مائيدار، تهڙا آهن الفاظ عمدا ۽ معنيٰ دار. معنيٰ توڙي الفاظن جي لحاظ کان شاهه جو ڪلام عمدو شعر آهي، مثلاً:

"مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿئا نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جئا."

علم عروض جي عالمن جو فيصلو آهي، ته وزن ۽ قافيو شعر جا ضروري جزا آهن. شاهه واري وقت ۾، شعر ايراني يا عربي وزن تي ڪونه ٺهندو هو. وزن جي عيوض شعر، راڳ جي ماترائن تي ٻڌبو هو. مطلب ته وزن يا راڳ جي ماترائن ۽ قافيي کان سواءِ شعر، شعر نه آهي. شاهه جي ڪلام ۾ اهي ٻئي وصفون آهن. سندس ڪلام ڏوهيڙن ۾ آهي، سندس بيت هندستاني طرز تي، علم موسيقي جي ماترائن موجب، آواز جي ڊگهائي ۽ گهٽتائيءَ تي، قافيي سان ٺهيل آهن، جن جو مڪمل مزو يا حظ بيت ڳائڻ سان وٺي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ شاهه، عربي علم عروض ۾ پليءَ پت پڙ هو، تڏهن به عربي بحر ۽ وزن جو نقل نه ڪري، ديسي طريقو اختيار ڪيو اٿس.

'ڏوهيڙو' لفظ دوهي مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ٻيٽو'، يعني مثنوي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو چوڻ آهي ته، "هر هڪ دوهي ۾ ٻه ٻه مصرعون هئڻ گهرجن، جن جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳيو قافيه هئڻ گهرجي. هرهڪ مصرع ۾ ٻه پد (حصا) هئڻ گهرجن، انهن چئن پدن مان، پهرين ۽ ٽئين پد ۾، تيرهن ماترائون هئڻ ضروري آهن ۽ باقي ٻئي ۽ چوٿين پد ۾، يارهن يارهن ماترائون؛ دوهي ۾ ڪل اٺيتاليه ماترائن مان، گهٽ ۾ گهٽ چار ضرور چوٽيون هئڻ گهرجن، باقي چوئيتاليه ماترائون ڊگهيون هجن يا ڇوٽيون، ته حرڪت نه آهي."

قاضي قاضن ۽ شاهه عبدالڪريم جو ڪلام پڻ 'دوهو' وزن يا دوهرن ۾ لکيل آهي، پر شاهه هن طرز ۾ به گهڻيون عمديون تبديليون آنديون. شاهه ٻن ٻن مصراعن، وارن بيتن سان گڏ، ٽن ٽن، چئن چئن، بلڪ وڌيڪ مصراعن وارا گهڻا بيت چيا. شاهه ٻئي ۽ چوٿين پد جي پڇاڙيءَ ۾ قافيه وجهڻ جي عيوض، پهرين ۽ ٽئين يا ٻئي ۽ ٽئين پد ۾

قافيہ وڌو. پدن ۾، ماترائن جو عدد پڻ، شاھ مختلف رکندو آيو آهي. انهن ڦيرين گهيرن ڪري، بيتن ۾ وڌيڪ پختگي ۽ ميناج پيدا ٿيو آهي. شاھ ڪنهن بيت جي پهرين يا پوئين مصراع جو اڌ، ڪيترن بيتن ۾ وري وري آڻي يا فقط مصرع جو هڪ لفظ ڦيرائي يا فقط ٻن لفظن جي پاڻ ۾ جاءِ مٽائي؛ يا هڪڙي لفظ بدران ٻيو ساڳي معنيٰ وارو لفظ آڻي، سڄي بيت جو قافيو بدلائي ٿو، سو هيڪاري سندس شعر کي سوادي ڪيو ڇڏي. مطلب تہ شاھ ڪنهن جي بہ تقليد نہ ڪئي، پر پنهنجو نئون ۽ عمدو طريقو ايجاد ڪري، هڪ نئين راھ ڳولي ڪڍي.

شاھ جي ڪلام ۾، بيتن کان سواءِ، هر هڪ سر پڄاڻان هڪڙي وائي اچي ٿي، جنهن ۾ ٽن چئن تڪن واريون مصراعون آهن ۽ هڪڙو ٿلهہ اٿس، جو سيڪنهن مصرع جي پڄاڻان ورجائي ڳائبو آهي. شاھ جي بيتن واري شعر جو نمونو گهڻي وقت کان سنڌ ۾ رائج هوندو هو، جو ڀٽ فقير ڳائيندا هئا. انهن کي لوڙائو ڪري چوندا آهن. هندستاني گويا، ڪافي يا غزل يا ٺمري ڳائڻ کان اڳي، ڏوهيڙا ڏيندا هئا. هي طريقو سنڌين بہ اختيار ڪيو. هو ڏوهيڙا يا لوڙائو ڏئي، راڳڻي ٻڌي، پوءِ ڪافي يا وائي چوڻ لڳا. اهو عمدو رواج، شاھ وٽ ٿيندڙ سماع جي مجلسن مان، سنڌ ۾ رائج ٿيل ٿو ڏسجي. شاھ جي 'وائي' ڪافي يا ٺمري جو نمونو آهي، جو انهن جي بدران ڳائبو هو.

ارسطوءَ جي راءِ موجب، محاڪات، يعني مصوري يا نقش نگاري، شعر جو روح آهي. ادب جي ٻين عالمن جو ارشاد آهي، تہ تخيل ئي شعر جو روح آهي. حقيقت ۾ محاڪات ۽ تخيل، ٻئي شعر جا اهم ۽ لازمي جزا آهن. محاڪات جي معنيٰ آهي، ڪنهن شيءِ يا حالت جو اهڙي طرز سان بيان ڪرڻ، جو انهيءَ جي تصوير پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي اکين اڳيان تري اچي. محاڪات، الفاظن ۾ فوٽو ڪڍڻ جو فن آهي. تخيل وري ايجاد جي قوت جو نالو آهي. جنهن جي مدد سان شعر، سامعين جي جذبات ۾ جنبش پيدا ڪري ٿو. شاھ جي ڪلام ۾، اهي ٻئي خصوصيتون موجود آهن.

شاھ، محاڪات جو ماهر آهي. شاھ جي نقش نگاري، هر هڪ بيت

مان ڇُلڪي رهي آهي. جيڪڏهن ڪو چاهي، ته بيت ته بجاءِ خود، پر هرهڪ مصرع جي موضوع تي تصوير ڪڍي سگهي ٿو. (اميد ته ڪو اهڙو شائق نڪرندو، جو شاهه جي بيتن جون تصويرون ڪڍائي شايع ڪرائيندو.) شين ۾ دلي ڪيفيتن جو چٽ چٽڻ، ته ڪو شاهه کان سکي. ٿرن ۾ برن، ڏکن ۾ ڏونگرن، درياهه ۾ سمنڊ جي خطرن جون، اهي اهي تصويرون ڪڍيون اٿس، جو ڏنڊين آڱريون اچيو وڃن. ڪوبہ ڪمانگر، اهڙو نقش مشڪل ڪڍي سگهندو، جهڙو سر سهڻيءَ ۾ شاهه درياهه جي دهشتناڪ صورت جو ڪڍيو آهي:

"دهشت دم درياهه ۾ جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا درياهه ۾، واڪا ڪيو ورن،
سجا ٻيڙا ٻار ۾ هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
اتي اڻ تارُن، ساهڙ! سير لنگهاءِ تون."

ڪوبہ نقاش، مينگهہ ملار جون اهڙيون سهٽيون شڪليون مشڪل ڪڍندو، جهڙيون سر سارنگ ۾، شاهه ڪڍيون آهن مثلاً:

"مند ٿي، منڊل منڊئا، ڪي اوهيڙن اوڪ،
ڇاڇري ٿي ڇنن ۾، ميهون ڇرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائن طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيئي ٿوڪ،
لاهيين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا."

ڪهڙو ڪاريگر هام هڻندو، ته سر ڪيڏاري ۾، ڪربلا جي جنگ جون، شاهه واريون ڪڍيل لفظي تصويرون نقل ڪري سگهندس؟ شاهه جي محاڪات جو مشهور مثال هن بيت مان ملي سگهي ٿو:

"ٻهادر ڳڏيا ٻهادرين، ڪڙڳ ڪلول ڪن،
وجهن ڌڙ ڌڙن تي، هاڪارين، هڻن،
ڪرن، ڪنڌ نچن، رڻ ڳجيو، راڙو ٿيو."

مطلب تہ، شاعراڻي مصوري جو ڪمال، شاھ جي ڪلام مان ليئا پائي رهيو آهي.

شاھ جي ڪلام مان، تخيل جو عنصر پڻ بکي رهيو آهي. علم هيئت جو ماهر، چنڊ کي شاعرانہ اکين سان نٿو ڏسي. هو ڏسي ٿو، تہ چنڊ ٺهيل ڇا جو آهي؟ بذات خود روشن آهي يا سج جي ڪرڻن جو چور آهي؟ ڪهڙي سبب سمنڊ جي لهرن کي ڪشش ڪري ٿو؟ پر شاعر، چنڊ جي روشنائيءَ ۾ محبوب جو جلوو ڏسي ٿو. هو چنڊ کي، پنهنجي محبوب کان، ڪئين درجا گهٽ سمجهي، انجا عيب ثواب اُپٽاري ٿو:

"چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرينءَ سين،
تون اڀو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو."

ڪڏهن شاعر وري چنڊ کي، پنهنجي دلبر ڏانهن قاصد ڪري موڪلي ٿو، ڇاڪاڻ جو هو چنڊ کي ساري دنيا تي نظر وجهندو تصور ڪري ٿو.

"اِير چنڊ! پس پرين، تو اوڏا، مون ڏور."

پر سائنسدان، اها ڳالھ تسليم نٿو ڪري، ڇاڪاڻ جو هو ثابت ڪري ٿو، تہ چنڊ فقط اڌ دنيا تي روشني وجهي ٿو. شاھ، چنڊ کي قاصد ڪري، مٺي منٺار ڏي سنيها ٿو موڪلي:

"چگا چنڊ! چئيج، سنيها کي سڄڻين،
مٿان اگڻ اُيري، پرين جي پئيج،
جهيڻو ڳالائيج، پيرين وجهي هٿڙا."

مطلب تہ خيال جي هڏائين پيري تي شاھ تخيل جو ماھ چڙهي، سهڻي شاعراڻي حور آڻيو اکين اڳيان بهاري.

شاھ ۾ جمال (حسن) جي مشاهدي ماڻڻ جي قابليت هئي. جمال جا ڪيترائي قسم آهن، جهڙوڪ: طبعي، جسماني، اخلاقي ۽ روحاني. شاھ طبعي يا فطرتي جمال ڏسي، سندس اپائيندڙ جي واھ جي واڪاڻ ڪئي آهي. سر سارنگ ۾ قدرتي حسن جو جلوو بيتن ۾ نمايان ڪيو اٿس. درياھ جو دل ڏاريندڙ منظر، تارن جي جهرمر، چنڊ جي چٽائي، ڪڪرن جي ڪارونيار ۽ سج جا سينہ شگاف ڪندڙ نظارا، ڏاڍي خوبيءَ سان

ڪيا اٿس. اخلاقي ۽ روحاني حسن جو ذڪر، شاه هر هڪ سر ۾ ڪيو آهي. جنهن جو بيان هر هڪ سر جي روحاني راز ۾ ڏنو ويو آهي. مطلب ته، هر بيت ۾، شاه حق ۽ حسن جو هوڪو ڏئي ٿو. اهڙو ماڻهو ورلي هوندو، جنهن شاه جي مهراڻ مان، معنيٰ جا موتي هٿ نه آندا هجن.

شاه جو ڪلام شاعراڻي صنعتن سان پڻ ڀرپور آهي. هن جي ڪلام ۾ فصاحت آهي، يعني هر هڪ لفظ اهڙو استعمال ڪيو اٿس، جو اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪابه هٻڪ يا هٽڪ ڪانه ٿي ٿئي. مثلاً:

"آيل! ان نه وسهان، هنجون جي هارين،
آٿيو آب اکين ۾، ڏيهه ڪي، ڏيکارين،
سجڻ جي سارين، سي ته ڪي رون نه چون ڪي."

شاه جي ڪلام ۾ بلاغت آهي، يعني هرهڪ سخن، وقت ۽ حال مطابق آهي. هو پنهنجن سورمين جي دلي ڪيفيت، چٽائيءَ سان بيان ڪري ٿو. ڪڏهن سسئي جي سورن جو، ڪڏهن سهڻيءَ جي سوز جو، ڪڏهن مومل جي مونجهاري جو، ڪڏهن ليلا جي ليلائڻ جو، ڪڏهن ڪوهياري جي ڪنجهڻ جو ۽ ڪڏهن مارئي جي بند ۾ بيحال ٿيڻ جو بيان وزنائتن لفظن ۾ بيان ڪري، پڙهندڙن کي پنهنجي سحرنگاري سان مفتون ڪيو ڇڏي، مثلاً: مومل ڪان ٿو چورائي:

"وڃ سوريندي، ولها! ويو تيل ٻري،
موٽ مسافر سپرين! ڇانگي تي چڙهي،
راتي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي."

شاه جي ڪلام ۾ جدت آهي يعني، هن مضمون اهڙا علحدا علحدا، اختيار ڪيا آهن ۽ اهڙي عمدي طرز سان ادا ڪيا آهن، جو ڪنهن به اڳئين شاعر جو نقل يا تتبع نٿا لڳن. شاه جو ڪلام جدت ڪري جادوءَ جو اثر رکي ٿو. مثلاً:

"نيهن نهائين ڪان، سک منهنجا سپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري."

شاه جي ڪلام ۾ سلاست آهي، يعني لفظ اهڙا استعمال ڪيا اٿس، جي ان وقت ماڻهو روزمره جي ڪاروبار ۾ ڪم آڻيندا هئا. سندس

بيتن پڙهڻ سان هرڪو چوندو، تہ "سچ چيو اٿس. اهي ڳالهيون منهنجي دل مطابق آهن." اها الفاظن جي سادگي شاہ جو مرڪ آهي. نڪي ابوالقوزاتُ عربي اکر، نڪي ڳاتي پڳا ٻي ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪيا اٿس. رنگين ۽ گوناگون هوندي بہ شاہ جو ڪلام، سليس، سلوڻي ۽ سادي سنڌيءَ ۾ آهي.

مثلاً:

"عدل نہ ڇتان آئون، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو."

شاہ جي ڪلام ۾ بندش آهي، يعني الفاظن جي اچارن ۾ ميٺاج ۽ معنيٰ ۾ موزونيت آهي. شاہ جي استعمال ڪيل الفاظن جي خوبي سندن اچارن، آوازن، لهجي ۽ معنيٰ ۾ آهي. شاہ جي بيتن ۾، نہ معنيٰ تنگ آهي ۽ نہ قافيو لنگ. مضمونن جي بلندي ۽ بندش، سندس بيتن کي سلوڻو بنايو ڇڏين. شاہ معنيٰ جي ڪنوار کي موزون الفاظن ۾ ملبوس ڪري هيئن ٿو پيش ڪري:

"پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري."

شاہ جي ڪلام ۾، اڪثر ڪري، اکرن جي بيهڪ نثر جهڙي آهي ۽ ٻين شاعرن وانگر پيچيدي نہ آهي، مثلاً:

"سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟
وجڻ تن پيو، نالو نينهن ڳنن جي."

شاہ پنهنجي ڪلام کي، سخن جي صنعتن سان بہ ڪافي سينگاريو آهي، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

جيئن خداداد حسن کي زياده چمڪائڻ ۽ موثر بنائڻ لاءِ زالون زيور زيب تن ڪنديون آهن، تيئن شعر جي نازنين پري پيڪر کي، زياده دلڪش بنائڻ لاءِ، شاعر سينگار جو سامان وجهي سنواريندا ۽ زياده حسين بنائيندا آهن. شاہ پنهنجي سخن کي، صنعتن سان ڪافي سجايو ۽ سينگاريو آهي. شاہ جيڪي سخن جا سينگار اختيار ڪيا آهن، تن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

(ا) تشبيهون ۽ استعارا: هي صنعتون سخن جي سونهن آهن. جڏهن عام رواجي ماڻهو بہ جوش ۾ اچي ويندو آهي يا اندوه ۽ غم جي حالت ۾ هوندو آهي، تڏهن بي اختيار، زبان مان استعارا نڪري ويندا اٿس، مثلاً ڪنهن جو عزيز مري ويندو آهي، تہ چوندو آهي، تہ "دل تي ڦاٽيم"، "توکي ڪنهن جي نظر نيو"، "ادا! ڇيلهہ ڀڄي ويو" وغيره. اهي سڀ استعارا آهن، جي دلي رازن بيان ڪرڻ جا فطرتي اوزار آهن. جيڪڏهن اهي شعر ۾ استعمال ڪبا، تہ جذبات جا صحيح ترجمان ٿيندا ۽ ٻين ۾ بہ اهي ساڳيا امنگ اٿاريندا ۽ دل موم ڪرڻ لاءِ مؤثر ٿيندا.

جيڪڏهن شاعر، ڪليو ڪلايو ٻن شين جي ڀيٽ ڪندو، تہ چئبو، تہ هن تشبيهہ جي صنعت استعمال ڪئي آهي. مثلاً شاهہ، معشوق کي صياد سان مشابهت ڏني ٿو، جو تير ڪمان ڪٺي شڪار تي ويندو آهي ۽ جيڪو شڪار ڪندو آهي سو ويندو آهي، جهوليءَ ۾ وجهندو. معشوق پنبڻين جي تيرن ۽ ڀرن جي ڪمان سان، عاشقن جون دليون شڪار ڪري ٿو:

(١) "هَڻُ حَبيبَ هٿُ ڪٺي، ٻَنگا لهي ٻانُ،
ماڳهين مون مِنهُ ٿئي، جهوليءَ وِجهان پانُ."

شاهہ مرشد کي لُهار سان مشابهت ڏيندي چوي ٿو، تہ مرشد کي ئي خبر آهي، تہ ڪهڙن سالڪن پنهنجي خام طبع وڃائي، ڪماليت حاصل ڪئي آهي:

"ٻچائي ٻَهانُ، جَن رَساٽئو رَڪُ کي،
تَنين سندو جانُ، آهي آڳٽرِين کي."

(٢) "چِپُون چِپَرَ ڪَٿَ، پَهَڻَ پَترَاڙيُون پانئِيان."

(٣) "پَرتوو پنهونءَ جو، جُهڙ جيئن جهالا ڏي."

جيڪڏهن ڀيٽ اهڙي نمايان ۽ ڪليل نہ هوندي، بلڪ خفيف ۽ لڪل هوندي، تہ چئبو، تہ شاعر استعاره استعمال ڪيو آهي. شاهہ پڻ استعارا استعمال ڪيا آهن مثلاً:

(١) "ساٿِي نَہ پسان سي، جي هُنَمِ هنيين ٿوٽيُون."

(٢) مُنهن ڏِيئي مُون آئيو، رَنگا رَنگِي راهُ.

(٣) واڪو ڪَنديِسِ، "وو! مون سين جَبَلُ تو جاڙُون ڪَري!"

(هتي بي جان جبل کي جاندار واري وصف ڏني ويئي آهي. جيئن بي جان ڏونگر کي هيٺ خطاب ڪيو ويو آهي.)

"ڏونگرَ! مُون نه ڏُکوءِ، آن آڳَ ڏُکوئي آهيان."

اهڙا مثال شاھ جي رسالي ۾ هزارين ملندا.

تضاد:

ٻن متضاد، يعني هڪ ٻئي جي اُبتڙ معنيٰ رکندڙ لفظن کي، ٻن مختلف شين جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ، يا سندن تفاوت کي زياده چٽائيءَ سان ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ، شاعر استعمال ڪندو ته چئبو، ته شاعر تضاد جي صنعت استعمال ڪئي آهي. شاھ اها صنعت هيئن تو استعمال ڪري:

(١) "سو هي، سو هو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساھ، سو ويري سو واهرو."

(هتي اجل ۽ الله، ويري ۽ واهرو هڪ ٿي هستيءَ جي وصف ڪن ٿا ۽ متضاد آهن.)

(٢) "وحدتا ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل."

[وحدت (هيڪڙائي) ۽ ڪثرت (گهڻائي) متضاد لفظ آهن، جن کي هڪ ئي مصرع ۾ خوبيءَ سان استعمال ڪيو ويو آهي.]

لف و نشر:

"لف" لفظ مان مراد آهي ته، ڪن شين جو ذڪر ڪيو وڃي، ۽ 'نشر' لفظ مان مراد آهي ته، انهن شين جي مناسبت کي بيان ڪيو وڃي. جيڪڏهن مناسبت، نمبروار ۽ ترتيب سان بيان ڪيل هوندي، ته لف و نشر غيرمرتب استعمال ڪئي چئبي. شاھ لف و نشر جي صنعت هيئن تو استعمال ڪري:

"جِيئڻ سو هَرَڻُ هَماءِ، سَرگردان سَنسارَ ۾،
هِيءُ پَکُ نه کوڙي پَٽيين، هُو ڏَڙُ سِرِ ڏَري نه ساهُ."

[پهرين مصرع ۾ ٻه فاعل آهن. هڪڙو هرڻ ۽ ٻيو هماءُ. ٻي مصرع

۾ انهن بابت چيل آهي ته هيءُ يعني هماءُ پٽ تي پير نٿو رکي (بي قرار آهي ۽ هُو يعني هرڻ ڏڙ ۾ ساه نٿو رکي يعني بي آرام آهي.)]

ايهام:

"ايهام" لفظ جي معنيٰ آهي: وهم ۾ وجهڻ. جيڪڏهن ڪلام ۾، هڪ لفظ اهڙو اچي، جنهن جون ٻه معنائون هجن، هڪڙي ويجهي، ٻي پَرين ۽ ٻڌندڙ جو گمان ويجهي معنيٰ ڏانهن وڃي، مگر شاعر جي مراد پرين معنيٰ جي هجي، ته چئبو ته، شاعر، ايهام جي صنعت استعمال ڪئي آهي. ويجهي معنيٰ جو مطلب آهي، اُها معنيٰ جا ذڪر ڪيل ڳالهه جي مناسب هجي. پرين معنيٰ جي مراد آهي، اُها معنيٰ جا ذڪر ڪيل ڳالهه جي مناسب نه هجي، پر لڪل معنيٰ جي لحاظ کان اها معنيٰ ڪڍي سگهجي. شاه مان ڪي ايهام جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) "نَنگَرتُون نيڻين، مَنُ اوليءَ نه اوهَري!
سَپاجهين سيڻين، پائي ڳُڻَ ڳِهيو هِيُون."

["ڳُڻ" لفظ جي معنيٰ آهي ١- خصلتون ٢- نوڙي. هتي ٻئي معنائون لڳن ٿيون.]

(٢) حَقَا حَقَ ٿِيوسِ، هُئِي طالِبَ حَقَ جِي."

[حقا معنيٰ (١) حق يا خدا وٽان (٢) تحقيق، حق معنيٰ اَنصاف. ٻي نمبر استعمال ڪيل "حق" جون معنائون آهن (١) مڙس (٢) سچ، خدا.]

(٣) "ورَ وَراڪا وچَ ۾، لَکين آڏا لَڪَ،
هو جي آڏا حَقَ، سي ڪَندا ڪوهَ ڪَندَين ڪي؟"

[حق= (١) مڙس، يٽار (٢) خدا (٣) سچ.]

(٤) "وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وڏو ڪيو."

[ور= (١) مڙس (٢) پيچ، ڦيرو (٣) مڪر، چند]

(٥) "جا هَڙَ اَندَرِ جِيَ، سا هَڙَ ڏني ساهَ کي،
سا هَڙَ ڇڙي نَه ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَ،
ساهَڙَ ميڙِ، سَميعَ! ته سا هَڙَ ڇُڙي ساهَ جِي."

[ساهڙ= (١) دوست (٢) محبت جي ڳنڍ- هن صنعت کي، تجنيس

مرڪب پڻ چئبو آهي.]

مراعات نظير:

جيڪڏهن شاعر، اهڙا لفظ هڪ هنڌ استعمال ڪري، جن جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان مناسبت هجي. جهڙوڪ باغ جي بيان ۾، گل، بلبل، باغبان، سرو، قمري جو ذڪر ڪرڻ، ته چئبو ته شاعر مراعات نظير جي صنعت استعمال ڪئي آهي. رسالي مان چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) "ڪاتي جا قريب جي، سا هَڏ چيري چم،
عاشق پنهنجو لحم، لله ڪارڻ ويو."

[ڪاتيءَ جي ذڪر سان 'هڏ'، 'چم' 'لحم' (گوشت) جو ذڪر ڪهڙو نه موزون ٿو لڳي.]

(٢) "آيا ڪوري ماڳ، مَٽَ، ڪُنڊڪا، ڪَٽَ گهڻا."

[ڪلاڙن جي ڪوري (بٺيءَ) جو ذڪر ڪندي، مٽ، ڪنڊڪا (دلي)، ڪٽ (وڏي مٽ) جو بيان ڪيو ويو آهي، جاڪاڻ جو اتي اهي موجود هوندا آهن.]

(٣) "دائودي ڏيون ڪري، رَڪَنِ ڪونهي رَنگُ،
گهوڙيءَ هيٺ اَيَنگُ، ڪاهيو پاڪَرِيين هَٽي."

(۴) "مَيَنِ مَتي سَمَرا، کُهِيَنِ سَڌ ڪَرِينِ،
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، اِيءَ پَرِ سَندِي سَجَڻَينِ."

[ٺڪلن کي سڌ ڪيو، سندن سامان انن تي رکي، ساري ساٿ کي منزل مقصود تي پهچائڻ، سڄڻ جو شيوو آهي.]

تجنيس خطي:

جيڪڏهن، جملي ۾ گهڻا لفظ اهڙا هوندا جن جو پهريون اکر ساڳيو هوندو، ته چئبو ته ڪلام ۾ تجنيس خطي رکيل آهي. شاهه جي سڄي رسالي ۾، اڪثر هرهڪ مصرع ۾، تجنيس خطي گهڻي استعمال ٿيل آهي، مثلاً:-

(١) "لڳن تان لطيف چي لوئي لاه مَ لال!."

[ٻن لفظن کان سواءِ ٻيا سڀيئي لفظ "ل" سان شروع ٿين ٿا.]

(٢) "لوئيءَ ۾ لائون، مون ماروُءَ سين لڏيون".

(٣) "مِينڊيا ڏوءِ نہ مارئي، محلين مارئا ڏار،
پايو ميٽ ملير ري، مُنڌ نہ ويڙهي وار،
جا هتيجن هار، سا ڪيئن وهندي ڪوٽ ۾؟"

(۴) "جي ڪاڪ ڪڪورنا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا، مَيءِ پِي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لبوٽيا لوڏي ٿيا.

مجاز مرسل:

جيڪڏهن ڪو شاعر ڪنهن شيءِ جي، عامي نالي وٽڻ بدران، نهي ڏاتوءَ يا شيءِ جو نالو وٺي، جنهن مان اها ٺهيل آهي، تہ چئبو تہ شاعر، مجاز مرسل جي صنعت استعمال ڪئي آهي. شاه جي ڪلام مان، مجاز مرسل جا چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) "ڪاتي ڪونهي ڏوه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾،
پسيو پر عجب جي، لچنيو وڃي لوه."

(ڪاتيءَ جي بدران 'لوه' جنهن مان ڪاتي ٺهيل آهي، استعمال ڪري، شاه مجاز مرسل جي صنعت استعمال ڪئي آهي.)

(٢) "مارين ٿو مُون ڪي! چاڙهي لوهَ لطيف چي."

('تير' جي بدران 'لوه' لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن مان تير ٺهيل هوندو آهي.)

(٣) "اپيون اوري پار ڏي، ڪوڙيون ڪک پچن".

('ترهي' بدران 'ڪک' لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.)

(۴) "اي ڪرم جو ڪاڏو، نات پٽر ڪير پنڌ ڪري؟"

(هتي جبل جي عيوض، 'پٽر' لفظ ڪم آندو آهي.)

شاه پنهنجي ڪلام ۾، جانيءَ جي جمال جا جلوا، ڪائنات جي جوڙجڪ جا پراسرار راز، ۽ انساني فطرت جا روحاني راز پلٽيا آهن، جنهن ڪري سندس ڪلام بنهہ جهوني ٿيڻ جو نہ آهي.

شاه نوان نوان ويس ۾ ورن ڏيکي، ويهي ٿو اندر جو حال اوري ۽ روحاني رهاڻ ڪري. ڪٿي ڏس، ته سسئي ٿي، لوڪاٺي لڄ لاهي، پنهونءَ پٺيان، ڏونگر ٿو ڏوري، ڪٿي ڏس ته مومل ٿي، راتين جون راتيون، راڻي جي اوسيئڙي ۾ انتظار ۾، اکين کي اوجاڳا ٿو ڏئي. ڪٿي مارئي ٿي، ملڪ جا ماروئڙا ٿو ساري، ڪٿي ليلا ٿي،مٽڻ تي محبوب وڪڻي ۾ ندامت جا هٿ مهٽي، ويهي ٿو ڳوڙها ڳاڙي. ڪٿي ڏس ته، سهڻي ٿي سياري جي سيءَ ۾ ساهڙ ڪارڻ ڪارا ڪن ٿو تري. ڪٿي ڏس ته، نماڻي نوري ٿي، سمي سان سهج ٿو ڪري. ڪٿي ڏس ته، سورٺ وَرُ ٿي، ڪنڌاريءَ سان ڪنڌ، ڪلهنئون ڪپي ٿو ڏئي، ڪٿي ڏس ته ڪاپائڻ ٿي چاه مان چرخو ٿو چوري. ڪٿي ڏس ته، ڪن ڪتڻ، ڪاپڙ ڪاپڙي ٿي، طمع ترڪ ڪري، هنگلاج ٿيو هلي ۾ ڪٿي ڏس ته لاهوتي ٿي، معرفت جي مهراڻ ۾ ٽٻيون هڻي، لاهوت لامڪان ٿو رسي. نيٺ پاڻ سچائي ايئن ڀڻو چائي ته:

"پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اکين گڏ، پڏڻ ۾ پـ ٿيا."

شاه جي شعر ۾، اهڙو ڪو جادو آهي، جو جيڪڏهن پڙهندڙ جدا جدا اکرن جي معنيٰ نٿو به سمجهي، ته به جوهر يا تت جهپيو وٺي ۾ خيال هنياوَ ۾ گهڙيو وڃيس. اهو ميناڄ ۾ مزو ٻين جي شعر ۾ ورلي ملندو.

شاه جي لفظ جو ساز به واه جو هو. هن کي جاچ جي جبري طاقت هئي، جنهن ڪري شين کي جا چي، انهن جي ساخت موجب به انهن کي نالا ڏئي ٿو. مثلاً: سپ جا ٻـ پڙ ڏسي کيس ڪهڙو نـ پورو نالو ٿو ڏئي:

"ٻاڙو پئي نـ ٻيڙي، منو منهن لڳوس."

شاه اکرن جو اکٽ ڀنڊار آهي. هڪ لفظ جا ڪئين مترادف اکر ٿو ڏي. هڪ لفظ جا جيڪي ثاني لفظ ڏئي ٿو، تن جي وچ ۾ فرق به رکي ٿو. اٺ لاءِ ڪرهو، چانگو، ليڙو، توڏو، گوُنرو، ميو، ٻور، بوتو وغيره. تير لاءِ، سيلو، پيلو، لوري، لوه، ڪان ۾ بان وغيره.بهادر لاءِ، وير، ڪوپو، مهائي، جنگ، پانو، مانجهي، سڌر، ورنه، ڪونئرو، بانڪو، پاوننگ، گهوٽ، راوت ۾ بورائو وغيره. شراب لاءِ، ڪڪو، مڌ، سرو، مي وغيره.

اهي لفظ پنهنجي علمي لياقت يا پسورائي پسائڻ خاطر استعمال ڪونہ
ٿو ڪري، پر هرهڪ لفظ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مستقل ۽ موزون معنيٰ
ٿو پيش ڪري.

انهن سڀني خوبين جي بنا تي، ائين چوڻ غيرمناسب نہ ٿيندو، تہ شاه
سنڌ جي شاعرن جو سرتاج آهي، چاڪاڻ جو، پيا سنڌي شاعر، شاه جي
ڪڙيءَ تي اجا پهچي ڪونہ سگهيا آهن. "شاه جو ڪلام، خلوت ۾
پڙهبو، خواه محفل ۾، خواه ڪنهن مثال يا ٽيڪا طور ڪتب آڻبو، تہ
نيون نيون خوبيون اسان جي اچرج جو ڪارڻ ٿينديون؛ ۽ سندس طبع جي
فراواني جي شاهدي ڏينديون ۽ وري وري پڙهڻ سان سندس شعر ۾ ضرور
اهڙي ڪا نئين نزاڪت نظر چڙهندي، جا اڳي اک ڪان گسي ويئي
هوندي."

فصل-۴

رسالي جي سرن جو احوال

هندستاني علم موسيقي مطابق، ڇهه وڏا راڳ آهن ۽ هر هڪ راڳ کي ٥ زالون (راڳڻيون) ٨ پٽر (پٽ) ۽ ٨ ڀارجا (ڏيون) آهن. شاهه جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙن، ڪن سرن تي، هندستاني راڳن ۽ راڳڻين جا نالا رکيا آهن. وڏن راڳن مان صرف "سري راڳ" جو نالو، هڪ سر تي رکيو ويو آهي، باقي ٻيا نالا فقط راڳڻين جا آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:

(١) ڪلياڻ (٢) يمن ڪلياڻ (سمپورڻ راڳ) (٣) کنڀات (ڪماچ) (۴) سهڻي (توڏي، ديپڪ راڳ جي زال) (٥) سارنگ (ملهار) (٦) ڪيدار (ڪيڏارو) (٧) ديسي (ديپڪ جي هڪ زال) (٨) سورٺ (٩) بروا (بروو سنڌي) (١٠) رامڪلي (١١) بلاول (١٢) آسا (١٣) ڌناسري (اهو سڄو سر ڪڍيو ويو آهي) (١۴) پوربي (١٥) ڪاموڏ (ڪامود) (١٦) نسبت.

رسالي مرتب ڪندڙن، وري ڪن سرن تي مضمون جي مد نظر نالا رکيا آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سامونڊي (سري راڳ ۾ ڳائي سگهجي ٿو) (٢) سسئي آبري (ديسي ۾ ڳائي سگهجي ٿو) (٣) معذوري (۴) ڪوهياري (٥) مومل راڻو (٦) ڪاهوڙي (٧) رپ (٨) ليلان چنيسر (٩) ڪاپائتي (١٠) مارئي (١١) ڪارايل (١٢) گهاتو (١٣) حسيني (عربي ۽ فارسي سر) (١۴) پرياتي (١٥) ڏهر (١٦) هير رانجهو (هي سڄو سر خارج ڪيو ويو آهي.) (١٧) بيراڳ هندي (هي سڄو سر رد ڪيو ويو آهي) (١٨) سر بروو چوٽڪو (هي سڄو

سر رد ڪيو ويو آهي.) (١٩) ڊول مارئي هي سڄو سر ترڪ ڪيو ويو آهي.)

جن سرن تي، مضمون مطابق ناﻻ ڏنل آهن. سي ڳوَين کان ڳارائي، معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، ته ڪهڙن راڳن يا راڳڻين ۾ اهي ڳائي سگهن ٿا. هنن جو متفق رايو آهي، ته اهي بيت، گهڻين ئي هندستاني راڳڻين ۾ ڳائي سگهجن ٿا. شايد اهوئي سبب آهي، جو متن ناﻻ مضمون جي مدنظر رکيا ويا آهن.

فصل ۵

رسالي جي تصنيف ۽ تاليف

شاه عبداللطيف پنهنجن هٿن سان، ڪي ۽ ڪين لکيو هو، جڏهن وجد جي حالت ۾ ايندو هو، تڏهن في البديه يعني بي اختيار ويندو هو بيت چوندو، جي سندس فقير بروقت لکي وٺندا هئا، ۽ ياد ڪيو پيا ڳائيندا هئا. انهيءَ طرح فقيرن، شاه جي ڪلام جا ٿي نسخا لکيا هئا. عام طرح سان چيو وڃي ٿو، ته وفات کان ٿورو اڳ، شاه فقيرن کان اُهي نسخا وٺي، ’ڪراڙ‘ جي ڍنڍ ۾ اڇلائي ڇڏيا هئا؛ ڇاڪاڻ جو کيس انديشو هو، ته متان رواجي ماڻهو، سندس ڪلام جو روحاني راز نه پروڙي، گمراهيءَ جي کڻ ۾ ڪرن. شاه جي انهيءَ قدم تي، مريدن ۽ فقيرن ۾ واويلا مچي ويئي. شاه کي رحم اچي ويو، جنهن پنهنجي مريدياڻي مائي نيامت (نعمت) جنهن کي اڪثر بيت برزبان ياد هئا، کي حڪم ڏنو، مريدن کي بيت لکارائي. جيئن جيئن بيت لکبا ويا تيئن تيئن شاه تصديق ڪندو ويو، ته ڪلام صحيح نقل ڪيو ويو آهي. انهيءَ نسخي کي ’گنج‘ ڪوٺيندا آهن. جو اڄا درگاه جي گادي نشين وٽ رکيل آهي. ’گنج‘ ۾ شاه جا بيت ڪنهن به ترتيب يا ’سلسلي‘ وار درج ٿيل ڪونهن. سندن وفات کان پوءِ، فقيرن بيتن کي مضمون مطابق سرن ۾ تقسيم ڪري، موجوده صورت ڏني.

ڪوبه عقل وارو، انهيءَ ڳالهه تي اعتبار نه ڪندو ته ڪو شاعر، پنهنجو ڪلام هن طرح ضايع ڪندو. پورڙن کي پنيلائڻ لاءِ هي اُناوَ، گهڙن ٿي پين درويش صفت شاعرن لاءِ پڻ گهڙيا آهن، بهرصورت رسالو، ڇهه سو سالن کان به مٿي، شاعر جي سن وفات يعني ۱۷۰۲ع کان وٺي ۱۸۶۶ع تائين، قلمي صورت ۾ رهيو. پهريون ڇاپو ٽرمپ صاحب جي ڪوشش سان، جرمنيءَ جي لپسيا شهر ۾ ڇپيو. هن صاحب کي به عمدا

جهونا قلمي نسخا هٿ چڙهيا هئا، جن کي ڪنهن هوشيار سنڌيءَ کان پيٽرائي صحيح ڪري، مذڪور نسخو تيار ڪرايائين. جيتوڻيڪ هن نسخي ڇپڻ لاءِ، ڪيس برطانيہ سرڪار کان ڪافي مالي مدد ملي، تنهن هوندي بہ گهٽ رقم هئڻ سبب، ڪيترا سُر پنهنجي ڇپيل نسخي ۾ درج ڪرائي نہ سگهيو. هن ڇاپي ۾ فقط ٢٦ سر آهن. انهيءَ جي علاوه منجهس ڀيون بہ خاميون رهجي ويون. هڪ تہ صورتخطي نہ اصلوڪي ۽ نہ آهي هاڻوڪي. مگر سندس خود بنايل. ٻيو تہ تلفظ ١٨٦٦ع وارو اختيار ڪيو اٿس. ٽيو تہ، ڪٿي ڪٿي پڙهڻيون بدلايون ويون آهن. انهن سيني اوڻاين جي هوندي بہ، شاباس آهي هن شخص کي، جنهن رسالي کي اونداهيءَ مان ٻاهر ڪڍيو. هن نسخي ۾ جيڪي وايون درج ٿيل آهن، سي درحقيقت شاه جون آهن. اها هن نسخي جي وڏي خوبي آهي.

رسالي جو ٻيو هڪ سنگي ڇاپو، قاضي ابراهيم جي سعيي سان، بمبئي ۾ سن ١٨٦٧ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ هن صاحب بنا ڪنهن تميز جي، جيڪو ڪچو ڦڪو ڪلام هٿ آيو اٿس، سو ڪٿي درج ڪيو اٿس. هن نسخي جي صورتخطي پڻ اڳوڻي آهي، جنهن جي پڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. "هن جهڙو ردي نسخو هڏهين هٿ نہ ايندو." (گربخشاڻي)

سن ١٩٠٠ع ۾، سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي، موجوده صورتخطي ۾ رسالو ڇپايو، جنهن ۾ بہ عيب آهن. هڪڙو تہ شاه جي ڪلام ۾ ٻين سگهڙن جو جيڪو ڪلام اچي ويو آهي، تنهن کي ترڪ نہ ڪيو ويو آهي. ٻيو تہ شاه جي ڏينهن وارو تلفظ ڦيرائي، "ان کي عاملڪو لباس پهرايو ويو آهي." ٽيون تہ ڪيتريون صحيح پڙهڻيون ڇڏي، خودڪشيديون پڙهڻيون ڏنيون ويون آهن.

سن ١٩١٣ع ۾، مرزا قليچ بيگ، سرڪاري ڇاپي ۾ جيڪي بمبئي ڇاپي وارا ڇڏيل بيت هئا، سي اضافو ڪري موجوده صورتخطيءَ ۾ هڪ ڇاپو پڌرو ڪيو. هن ڇاپي ۾، بمبئي واري سنگي ڇاپي ۽ سرڪاري ڇاپي وارين سيني اوڻاين سان گڏ، وڏي وڏ هيءَ آهي جو، منجهس ڇپائيءَ جون نهايت گهڻيون چڪون رهجي ويون آهن، جنهن ڪري پڙهڻ

جي قابل نہ آهي. هن نسخي جي هوبهو سنگي ڪاپي مولوي محمد ابراهيم بختارپوريءَ سن ١٩٣١ع ۾ عباسي لٿو پريس مان ڇپارائي، جنهن ۾ ٻہ ٽيڙ ساڳيا آهن.

سن ١٩٢٣ع ۾، ڊاڪٽر گربخشاڻي گهڻي جفاڪشيءَ بعد شاهہ جي رسالي جا ٽي جلد معنيٰ، شرح ۽ سمجهاڻيءَ سميت شايع ڪرائي، سنڌي ادب جي بي انتها خدمت ڪئي. هن نسخي ۾ هيٺيون خصوصيتون آهن:

هڪڙو تہ گهڻي تفحص ۽ ڇاند ڇوند بعد، ڌاريون ڪلام ترڪ ڪري، شاهہ جو صحيح ۽ سچو ڪلام ڏنو اٿس. ٻيو تہ، لفظن جا اشتقاق ڏنا اٿس. ٽيون تہ، هر هڪ اکر تي اعرابن ڏيڻ ڪري پڙهڻي ٻڌي ڇڏي اٿس. چوٿون تہ، مختلف پڙهڻيون هيٺان حاشيءَ ۾ ڏنيون اٿس. پنجون تہ، صورتخطي موجوده آهي. ڇهون تہ تلفظ لاڙي رکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ شاهہ لاڙ جو هو. رسالي جي قلمي نسخن ۾ ڏنل تلفظ لاڙي آهي، لاڙ جا ماڻهو اڄا تائين اکرن جو اهو تلفظ ڪندا آهن ۽ اهو تلفظ اشتقاق مطابق آهي.

هيترين خوبين هوندي بہ، اڃا هي نسخو مڪمل نہ آهي. رواجي نسخن ۾ ٣٧ سر آهن، جن مان ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب هيٺين ڇهن سڄن سرن کي ڌاريون ڪلام سمجهي ترڪ ڪرڻ جو خيال، مقدمہ جي ڏهين فصل ۾ ظاهر ڪيو آهي:

(١) سر بيراڳ هندي (٢) هير رانجهو (٣) سر بروو سنڌي چوٽڪو (٤) سر ڊول مارئي (٥) سر ڌناسري (٦) سر بسنت. مرزا قليچ بيگ شاهہ جي 'احوال شاهہ عبداللطيف' واري ڪتاب جي صفحي ٦٢ تي سر بيراڳ، هير رانجهو، ڊول مارئي، سر سنڌي بروو چوٽڪو، ڌاريون ڪلام تسليم ڪري ٿو. انهيءَ حساب سان بہ، باقي شاهہ جا مرتب ڪيل ٣١ سر ٿيا، جن مان ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ٽن حصن ۾ فقط ١٧ سر اچن ٿا. چيو وڃي ٿو تہ چوٿون جلد تيار ڪري رکيو هئائين، پر ڪن نامعلوم سببن ڪري شايع ڪرائي نہ سگهيو. ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب، جنهن ساٿس ڪلهوڪلهي ۾ ڏئي ڪم ڪيو هو، تنهن مون

کي ٻڌايو تہ "مون، چوٿون جلد، گربخشاڻي جي آنجهاني ٿيڻ بعد، سنڌس پٽ کان گهريو هو، پر هو نٽائي ويو. مون چوٿون جلد ڪونہ ڏٺو هو ۽ نڪي ان جي تيار ڪرڻ ۾ ڪو منهنجو حصو هو. منهنجي خيال موجب سر ڪيڏارو شاهہ جو ڪلام نہ آهي. ڊاڪٽر اهو ٿئين جلد ۾ درج ڪيو، تنهن ڪري منهنجو هن سان اختلاف ٿيو هو ۽ آءٌ پوءِ ساڻس شريڪ ڪار نہ رهيس."

موجوده نسخي ۾ هيٺيون خوبيون رکيون ويون آهن:

(١) شاهہ جا ٽيهہ ئي سر ڏنا ويا آهن، يعني شاهہ جو مڪمل رسالو پيش ڪيو ويو آهي.

(٢) سيني سرن ۾ تلفظ لاڙي رکيو ويو آهي.

(٣) اکرن جي هجي، هاڻوڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڏني وئي آهي.

(٤) چند چانڊ بعد ڌاريو ڪلام رد ڪري شاهہ جو سچو ۽ صحيح ڪلام پيش ڪيو ويو آهي.

(٥) تہ هر صفحي جي هيٺيان، اهنجن الفاظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي، جيئن پڙهندڙ کي هرهر سارو ڪتاب اٿلائي، پنيان معنيٰ ڳولڻ جي تڪليف ڪرڻي نہ پوي.

(٦) هر هڪ اکر کي اعراب ڏنا ويا آهن، جيئن ڪابہ پڙهڻ ۾ غلطي نہ ٿئي.

(٧) هر هڪ سر جي اڳيان، سر جي حقيقت، مضمون، آڪاڻي ۽ روحاني راز، نثر ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

(٨) ڇپائي سٺي ڪاغذ، گهڻي احتياط ۽ خرچ سان ڪرائي وئي آهي.

رسالي جي سڀ ڪنهن نسخي ۾ سرن جو سلسلو بہ الڳ الڳ آهي. هن نسخي ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي وارن ڏنل ١٧ سرن جو نمبر ساڳيو بهاريو ويو آهي ۽ باقي سر، اهميت آهر نمبر وار بهاريا ويا آهن.

شاھہ جو رسالو

سر ڪلياڻ

لغتي معنيٰ:

ڪلياڻ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا سج لهڻ کان پوءِ ڳائبي آهي. ڪلياڻ لفظ جي معنيٰ آهي 'سُکُ يا خير'.

سُرَ بابت:

ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي جي پهرين داستان ۾ ٽن بيتن (نمبر ٢، ٣، ۴) جو اضافو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته تحقيقات بعد معلوم ٿيو آهي ته اهي بيت شاهه جي ڪلام مان نه آهن.

مضمون:

رسالي جي ابتدا، مشرقي مسلمان مصنفن جي دستور موجب، حمد و ثنا سان ڪئي وئي آهي. رسالي جي شروع ۾ سر ڪلياڻ اچي ٿو، جنهن ۾ الله جي صفت، پيغمبر پاڪ جي نعت، ۽ اصحابن سڳورن جي تعريف بعد، سلوڪ جو سبق پڙهايو ويو آهي.

روحاني راز:

هن سر ۾ سالڪ کي وحدانيت جي راهه ڳڙهڻ جي هدايت ڪيل آهي. توحيد پرستي، جنهن ۾ رسالت تي ايمان آڻڻ پڻ شامل آهي، سالڪ لاءِ نهايت ضروري ڪري ڄاڻايو ويو آهي. سالڪ کي وحدت ۽ ڪثرت جو مسئلو عمدي ڊنگ ۾ سمجهائيندي، ٻڌايو ويو آهي ته 'حق' هيڪڙو آهي. جيڪي ڪي تون دنيا ۾ پسين ٿو سو نه فقط الله کانسواءِ ٻيو ڪي ڪين آهي، بلڪ جيڪي ڪي آهي سو سڀ الله آهي. انهيءَ عقيدي کي 'همه اوست' يعني سڀ ڪجهه اهو پاڻ آهي، چئبو آهي. صوفين جا ٻه

گروه آھن: ھڪڙا ھمہ اوست جا قائل آھن ۽ ٻيا 'ھمہ از اوست" يعني سڀ ڪجھہ ان جو بنايل آھي، جا قائل آھن. شاھ عبداللطيف جو عقيدو ھو تہ ڪائنات حق جو ظھور آھي، تنھنڪري ھر ھڪ شيءِ ۾ ذات الاھيءَ جو جلوو ضرور آھي.

شاھ صاحب فرضن، سنتن ۽ واجبن، ادا ڪرڻ جي تلقين ڏيڻ يعني شريعت جي منزل طئي ڪرڻ لاءِ ھدايت ڪري، توبھہ جي تسبيح پڙھڻ ۽ نفس اماره کي ماري، مات ڪرڻ سان ٻيون صوفين جون ٽي منزلون اُڪري پار پئي، الله سان لئي ٽي وجڻ تي پڻ ھن سر ۾ زور ڏنو آھي. سندن قول موجب جيڪو ايمان کي پھتو سو شريعت ۾ ڪامل ٿيو، جيڪو توبھہ کي رسيو، سو طريقت ۾ ڪامل ٿيو، جيڪو زھد کي پھتو ان حقيقت کي حاصل ڪيو، ۽ جيڪو عبادت ۾ پورو رھيو اُن معرفت کي حاصل ڪيو.

ھن سر ۾، شاھ صاحب سچن سالڪن ۽ سڏڙين ۾ فرق ٻڌائيندي فرمائي ٿو، تہ سچا عاشق ڪاتيءَ پٺي ڪو نہ ڪنجھن، پر سڏڙيا 'موٽيو پوءِ وڃن'. سندس ھدايت آھي تہ سڪڻ جي شھادت، حاصل ۽ دنيا ۾ ڪمائي ڪرڻ گھرجي، جنھن جو قل ھِتي ۽ ھُتي ملندو. نفس سان جنگ جوٽڻ ۽ کيس مات ڪرڻ، وڏو جھاد آھي جنھن جو نتيجو، الاھي ذات جو مشاھدو آھي.

بِسمِ اللہ الرَّحمٰنِ الرَّحِيمِ

سُر ڪلياڻ

داستان پهريون

١

اولِ، اللهُ، عَلِيمُ[١]، اعليٰ، عالَمَ جو ڌَڻِي،
قادِرُ پنهنجي قُدرتَ سين، قائمُ آهِ قَدِيمُ،
والي، واحدُ، وَحدَهٗ، رازِقُ رَبُّ رَحيمُ،
سو ساراهِ سچو ڌڻِي، چَئِي حَمدُ حَڪِيمُ،
ڪَري پاڻَ ڪرِيمُ، جوڙُونِ جوڙَ جَهانَ جِي.*

٢

جوڙي جوڙَ جَهانَ جِي، جڏهن جوڙِيائِين،
خاوَندُ خاص خَلِقِي، مُحَمَّدُ مُڪائِين،
ڪَلمو تنهن ڪَرِيمَ تي، چِٽو چايائِين،
اَنَا مولاڪَ وَ اَنتَ مَحبُوبِي[٢] اِيئَن[٣] اُتائِين[٤]،
ڏِ ڪِي[٥] ڏِنائِين، ٻَئِي سَرائُون[٦] سَيّدُ چي.

١ـ جاڻُهار * جهان جون آسون اميدون پجائي ٿو. ٢ـ آءٌ تنهنجو مولا آهيان ۽ تون منهنجو مخبوب ٣ـ ائين ۴ـ چيائين ٥ـ سينگاري ٦ـ دنيائون

٣

جوڙي جوڙَ جَهانَ جي، پاڻُ ڪِيائين پَروارُ[١]،
حامِي، هادِي، هاشمِي، سَرِدارين سَرِدارُ،
سُونهِي صَحابَنِ سَڌَ[٢] ۾، مَنجهِ مَسِجدِ مٿيادارُ،
چارَئِي چڱا چؤدارُ، هُئا هيڪاندا[٣] حَبِيبَ سين.

٤

وَحدَہُ لاشَرِيڪَ لَہُ[٤] چَئِي، چُوندو آءُ،
فَرضَ، واجِبَ، سُنَتُون، تِنِيتُون[٥] تَرڪُ مَ پاءِ،
توبَهَ سَندِي تَسبِيح، پَڙهَڻَ ساڻُ پُڄاءِ،
نانگا[٦] پنهنجي نَفسَ کي، ڪا سنئين راهَ سُونهاءِ[٧]،
تہ سَندِي دوزَخَ باهِ، تو اوڏِيائي نہ اَچي.

٥

وَحدَہُ لاشَرِيڪَ لَہ، جان تو چَئين ايئن،
تان مَيِ مُحَمَّدُ ڪارِڻي[٨]، نِرتُون[٩] مَنجهان نينهن،
تان تُون وَڃيو ڪيئن[١٠]، نايين[١١] سِرُ پِيَنِ کي.

٦

وَحدَہُ لاشَرِيڪَ لَہ، جڏهن چَيو جَنِ،
تَنِ مَڃيو مُحَمَّد ڪارَڻي، هيجان[١٢] ساڻُ هِنيئَنِ[١٣]،
تڏهن منجهان تَنِ، اَوَتَرِ[١٤] ڪونہ اولِيو[١٥].

١- پڌرو، ظاهر ٢- مجلس، جماعت ٣- گڏ ٤- هو هڪڙو آهي ۽ سندس ڪو شريڪ نہ آهي ٤- تن يا انهن کان ٥- ننگ کان، شرم ڪري؛ ٦- نانگا، غافل ٧- ڏيکار. ٨- جنهن ڪاڻ دنيا ٺهي، شفاعت ڪندڙ ٩- ڏيان سان، صدق سان ١٠- ڪيئن ١١- نمائين، جهڪائين ١٢- هيج مان، قرب مان ١٣- دل ١٤- ڏکيو تڙ ١٥- ڏٺيو

٧

وَحدَہُ لاشَرِيڪَ لہ، جَن اُتو[١] سِين اِيمانَ،
تَنِ مَڃيو مُحَمَّد ڪارَڻي، قَلبَ ساڻُ لِسان[٢]،
اُوءِ فائِقَ[٣] ۾ فَرمانَ*، اَوتَرِ ڪنهن نہ اولِيا.

٨

اَوتَرِ ڪنهن نہ اولِيا، سُتَرِ[٤] وِيا سالِمَ،
هيڪائِي هيڪُ تِيا، اَحَدَ سين عالِمَ،
بي بَها بالِمَ**، آڳي[٥] ڪيا اَڳهِين[٦].

٩

آڳي ڪيا اَڳهِين، نِسورو ٿِي[٧] نُورُ،
لاخَوفٌ عَلَيهِم وَلا هُم يَحزَنُون[٨]، سَچَنِ ڪونهي سُورُ،
مولي ڪِيو مَعمُورُ[٩]، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

١٠

وَحدَہُ جي وَڍِيا، اِلاَّاللهَ سين اورِينِ***،
هِنيون حَقِيقَتَ ڳَنڍِيو، طريقَت تورِينِ،
معرفَتَ جِيَ ماٿِ سين، ڏِيساندرُ[١٠] ڏورِينِ،
سُکِ نہ سُتا ڪَنڌِهين[١١]، ويهِي نہ ووڙِينِ[١٢]،
ڪُلَهِنئُوَن[١٣] ڪورِينِ[١٤]، عاِشقَ عبدُاللّطيفُ چي.

١- چيو ٢- زبان ٣- اعليٰ فوقيت وارا * خدا جي حڪم جي پيروي ڪرڻ ۾ اڳرا ٤- سٽائو ترڙ. ** دوست ٥- ڏٺي، آقا ٥- نبج ٦- ازل کان وٺي ٧- نج ٨- نہ آهي ڪو خوف انهن کي، نڪو ڪو ڪين ڏک رسندو. (ق- ش٢، ٦٢) ٩- وسندڙ، ممتاز *** جن وحدت جي سچي معنيٰ سمجهي، سي 'الاالله' جو ذڪر پيا ڪن ١٠- پرڏيهہ، عالم عيب ١١- ڪنڌهين ١٢- آرام ڳولين ١٣- ڪلهن کان ١٤- وڍين، ڪپين.

١١

وَحدَہُ جي وَڍِيا، اِلاَّ اللهَ اَڏَ ڪِيا،
محمد رَسولُ چَئي، مُسلمانَ ٿِيا،
عاشقَ، عبداللطيف چي، اَنھِيءَ[١] پَھِ[٢] پِيا،
تيلانھن[٣] ڏَٺي ڏُٺا[۴]، جيلانھن وِيا وَحدتَ ڳَڏِجي.

١٢

وَحدَہُ جي وَڍِيا، ڪِيا اِلاَّ اللهَ اَڏَ،
سي ڏَڙَ پَسي سَڏَ، ڪنھن اَيا ڳِيءَ نہ ٿِئي.

١٣

سِرُ ڏُونڊِيان، ڏَڙُ نہ لھان، ڏَڙُ ڍونڊِيان، سِرُ ناھِ،
ھَٿَ ڪَرايون آگَرِيُون، وِيا ڪَپِجِي ڪانھِن[٦]،
وَحدتَ جي وِھانءِ[٧]، جي وِيا سي وَڍِيا.

١۴

وَحدَہُ لا شَرِيڪَ لَہُ، ٻُڌءِ نہ ٻوڙا،
ڪِي تو ڪَنين نہ سُئا، جي گَھٽَ اندر گھوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙھا، جِتِ شاھدَ ٿيندَءِ سامھان.

١٥

وَحدَہُ لاشريڪَ لَہُ، اِيءُ وِھائِجِ[٨] وِيءُ[٩]،
ڪَتين جي ھارائين، ھَنڌُ تنھنجو ھِيءُ،
پاٽان چونڊِءِ پِيءُ، پَري جامُ[١٠] جَنَّتَ جو.

١ـ انھيءَ ٢ـ رستي، خيال ٣ـ تڏھن ۴ـ صفا يا سڳورا ڪيا(چونڊي ڪنيا) ٥ـ جڏھن ٦ـ ڪيڏانھن، ڪٿي ٧ـ شادي، وصال. ٨ـ خريد ڪج ٩ـ وکر، سودو، واپار ١٠ـ پيالو

١٦

وَحدَهٗ لاشريڪَ لهٗ، اِيءُ هيڪڙائِيءَ حَقُ،
ٻِيائِيَ کي ٻَڪُ، جَنِ وڌو سي وِرَسِيا[١].

١٧

عاشقُ چؤُ مَ اُنَ کي، مَ ڪِي چؤُ معشوقُ،
خالقُ چؤُ مَ خامَ[٢] تون، نہ ڪِي چؤُ مخلوقُ،
سَلِجِ تَنهِين سُلوڪُ[٣]، جو ناقِصِئان[٤] نِڱيو[٥].

١٨

وَحدَتان[٦] ڪَثرتَ[٧] ٿِي، ڪَثرتَ وحدتَ ڪُلُّ[٨]،
حَقُ حَقِيقِي هيڪڙو، ٻولِي ٻِيءَ[٩] مَ ڀُلُ،
هُو هُلاچو[١٠] هُلُّ، بِاللّٰهِ[١١] سَندو سَڄَڻين.

١٩

پاڻِهن[١٢] جَلُ جَلاَلُہ، پاڻِهن جانِ جمالُ،
پاڻِهن صُورَت پِرِينءَ[١٣] جِي، پاڻِهن حسنُ ڪمالُ،
پاڻِهن پِيرُ مُريدُ ٿِئي، پاڻِهن پاڻُ خيالُ،
سڀِ سيوئي حالُ، مَنجهائِي[١٤] معلومُ ٿِئي.

٢٠

پاڻِهن ٻَسِي پاڻُ کي، پاڻِهن ٿِي محبوبُ،
پاڻِهن خَلقِي خُوبُ، پاڻِهن طالبُ تَنِ جو.

١ـ ڀليا، گمراهہ ٿيا ٢ـ اي ڪچا!، اڻ آزمودگار! ٣ـ صوفي طريقي جا راز ٤ـ عيب ڪان ٥ـ نڪتو، آزاد ٿيو. ٦ـ هيڪڙائِيءَ مانِ ٧ـ گهڻائي، دنيا ٨ـ سموري ٩ـ ٻئي ڪنهن ١٠ـ هل، هنگامو ١١ـ خدا جو قسم تہ ١٢ـ پاڻ ئي، خود پاڻ ١٣ـ مجازي محبوب ١٤ـ اندر جهاتي پائڻ سان.

٢١

سو هِيءُ، سو هُو، سو اَجلُ، سو اَللهُ،
سو پِرين، سو پَساهُ، سو ويرِي، سو واهَرُو.

٢٢

پَڙاڏو[١] سو سَڏُ، وَرُ[٢] وائِيءَ[٣] جو جي لهين،
هئا اَڳِهين[٤] گڏُ، ٻُڌَڻُ ۾ ٻَہ ٿيا.

٢٣

اِيڪُ قصرُ، دَرَ لکَ، ڪوڙِيين ڪَٽُسِ ڳڙکيُون[٦]،
جيڏانهن ڪريان پَرکَ[٧]، تيڏانهن صاحبُ سامُهون.

٢٤

ڪوڙِيين ڪاياُون[٨] تنهنجيون، لِکَنِ لکَ هزار،
جِيُ[٩] سڀ ڪنهن جِيءَ[١٠] سين، دَرَسَن[١١] دارو دارُ،
پِريَمِ تنهنجا پار[١٢]، ڪِهڙا چَئِي ڪيئن چوُئانِ.

وائي

سَيَڪا پِريان ڪُون[١٣] پُوڇي،
نِينهُن نيٺين[١٤]، ڳُڻُ[١٥] ڳالهِ[١٦] وو.
جا چِتَايم[١٧] چِتَ ۾، سا تو سَجَڻُ ٻُجهي[١٨]،
نِينهُن نيٺين، ڳُڻُ ڳالهِ وو.
لاتِ جا لَطِيفَ جِي، سَڏُ تُنهنجو سُڃِي[١٩]،
نِينهُن نيٺين، ڳُڻُ ڳالهِ وو.

١- پڙلاءُ ٢- پيچ، وٺ، رمز ٣- ٻولي، آواز ۴- اڳيئي ٥- محلات ٦- دريون ٧- نظر
٨- صورتون، شڪليون ٩- روح، (مطلق هستي) ١٠- روح، (عارضي هستي) ١١- ديدار
١٢- اهڃاڻ، صفتون ١٣- پرينءَ کي ١۴- نينهن نيٺن سان ٿيندو آهي ١٥- خوبي
١٦- ڳالهہ ۾، عمل ۾. ١٧- ڏنم، خواهش ڪيم ١٨- پروڙي، ڄاڻي ١٩- ٻڌجي

داستان ٻيو

۱

اَ ڳهي[۱] اَگهائِي[۲]، رَنجُ پِريان ڪي رَسيو،
چَڪِيَمِ چڱائِي، سورانگهِي[۳] سُورِيءَ تان.

۲

اَندا اُوندا ويجَ[۴]! ڪَلَ ڪُجاڙِيا ڪانئِين[۵]؟
اسان ڏُکي ڏِيلَ ۾، تُون پِيارِيين پيچَ[۶]،
سُورِي جَنِين سيجَ، مَرَڻُ تَنِ مُشاهِدو[۷].

۳

سُورِيءَ سَڏُ ٿِيو، ڪا هَلَندِي جيڏِيُون؟
وَڃَڻُ تَنِ پِيو، نالو نِينهُن ڳِنهَنِ[۸] جي.

۴

سُورِي سَڏَ ڪَري، اُٻِي عاشِقَنِ ڪي،
جي اتئِي سَڏَ سِڪَڻَ ۾، تو ڪَؤُ[۹] مَ، پيرُ[۱۰] پري،
سِسِي ڌارَ ڌَري، پُڄِجِ پوءِ پِرِيتَمُو[۱۱].

۵

سُورِي آهِ سينگارُ، اَڳِهين عاشِقَنِ جو،
مُڙَڻُ موٽَڻُ ميهڻو، ٿِيا نِظارِي نِروارُ،
ڪُسَڻَ جو قَرارُ[۱۲] اَصِلِ عاشقن کي.

۱- قبول پئي، اثر ڪيو ۲- بيماري ۳- چڱي طرح اورانگهي يا لنگهي ۴- طبيب ۵- تون سارين ٿو ۶- پيچي، دوا ۷- ديدار. ۸- ونن ۹- پوئتي هٽاءِ ۱۰- قدم ۱۱- محبت ۱۲- انجام، واعدو.

سُورِي سِينگارِي، اَصلِ عاشقن کي،
لُڏيا کِينَ، لطيفُ چي، ٽِيا نيزِي نِظارِي،
ڪوڙيو ڪِنارِي[1]، آٽِيو چاڙھي اُنِ کي.

٧

سُورِيءَ مَٿي سيڻَ، ڪِھڙِي ليکي سَنَرا[2]؟
جيلھن[3] لَڳا نيڻَ، تي[4] سُورِيائِي سيجَ ٿِي.

٨

سُورِيءَ چڙھڻُ، سيجَ پَسڻُ، اِيُ ڪَمُ عاشِقَنِ،
پاھُون[5] ڪِينَ پَسَنِ، سائُو[6] ھَلَنِ سامُھان.

٩

سُورِيءَ جي سَؤ وَارَ، ڏِيھاڙيو چَنگِ[7] چڙھين،
جِمَ[8] وِرچِي چَڏِيين، سِڪڻَ جي پَچارَ،
پِرتِ نہ پسين پارَ[9]، نِينھُن جِتائِين[10] نِڪِتو[11].

١٠

پِھرِين ڪاتِي پاءِ، پُڇج پوءِ پِرِيتَمُو[12]،
ڏُکُ پِريان جو ڏِيلَ ۾، واجَٽَ جيئن وَڄاءِ،
سِيخُنِ ماھُ پَچاءِ، جي نالو گِيھَڙِءِ[13] نينھن جو.

١- گوشت ٽنگڻ لاءِ ڪندين جي قطار ٢- خوش، وفادار ٣- جنھن صورت ۾ ۴- تنھن صورت ۾ ٥- پنتي ٦- اشراف، سجڻ ٧- ڪنديو، نيزو ٨- متان ٩- انت، حدون، طرف ١٠- جتان ١١- نڪتو ١٢- محبت. ١٣- ورتو اٿيئي

١١

ڪاتِيءَ ڪونهي ڏوهُ، ڳَنُ وَڍِيندَڙَ هَٿَ ۾،
پَسيو پَرِ عَجيبَ جي، لِچيو[١] وَڃي لوهُ،
عاشقنِ آندوهُ[٢]، سَدا معشوقَنِ جو.

١٢

ڪاتِي تِکِي مَ تيئي، مَرُ مُنِيائي[٣] هوءِ،
مانَ وِرمَنِ[٤] توءِ[٥]، مون پريان جا هَٿَڙا.

١٣

ڪاتي جا قريبَ جي، سا هَڏَ چِيري چَمُ،
عاشقَن پنهنجو اَڱُ[٦]، لله ڪارڻِ وَڍيو.

١٤

جي تو سِڪڻُ سِکيو، ته ڪاتِيءَ پُٺِي مَ ڪَنجهُ،
سُپيرِيان جي سُورَ جو، ماڙهُن[٧] ڏِجي نه مَنجهُ،
آندرِ اِيءُ اَهنجُ، سانديجِ سُڪائُون ڪري.

١٥

جان وَڍِين تان ويهُ، نه ته وِنِيو واتَ وانءُ[٨] تون،
هِيءُ تَنِين جو ڏِيهُ، ڪاتِي جَنِين هَٿَ ۾.

١ـ لڏيو، ڏڪيو. ٢ـ غم، ڏک ٣ـ مڏي ٿي ٤ـ ترسن، دير ڪن ٥ـ تنهنڪري ٦ـ انگ، جسم. ٧ـ ماڻهن کي ٨ـ وڃ

١٦

كاتِي جَنِ ڳَرِي[1]، مان لنؤنُ لڳو[2] تَنِ سين،
محبتَ جي مَيدانَ ۾، وڃان پيرَ ڀَري،
اَڏِيءَ سِرُ ڌَري، مانَ ڪُهَنِهُون[3] سپِرِين.

١٧

اَڳِيان اَڏِيَنِ وَٽِ، پوئَنِ سِرَ سَنباهِيا،
ڪاتِ تہ پوءِ قَبُولَ ۾، مَچُڻُ[4] ياپِين گهٽِ،
مَتا مُهايَنِ[5] جا، پِيا نہ ڏِسِين پَٽِ؟
ڪلاڙَڪِي[6] هَٽِ، ڪُسَڻَ جو ڪوپُ[7] وَهِي.

١٨

جي اَتِي سِڪَ سُرڪَ جِي، تہ وَنءُ[8] ڪلاڙَنِ ڪاتِي[9]،
لاهي رَڪُ، لَطِيفُ چئي، مَتو وَٽِ ماتِي،
تِڪَ ڏِيئي پِڪَ[10] پِيءُ تون، گهوٽَ مَنجهان گهاتِي،
جو وَرِنهَ[11] وِهاتِي[12]، سو سِرَ وَٽِ[13] سَرو[14] ساهَنگو[15].

١٩

جي اَتِئي سَڌَ سُرڪَ جِي، تو وَنءَ ڪلاڙَڪي هَٽِ،
لاهي رَڪُ، لطيفَ چئي، مَتو ماتِيءَ وَٽِ،
سِرُ ڏِيئي ۾ سَٽِ[16]، پِيجِ ڪي پِيالِيُونُ.

١- گهر ۾، وٽ (هٽ ۾) ٢- نينهن لڳو ٣- اسان کي ڪُهَن۴- متان ٥- ميهڙ وارن، مٿلن. ٦- شراب چڪائيندڙن، مرشد ڪامل ٧- قهر ٨- وڃ ٩- شراب چڪائيندڙن جي ڀٽي ١٠- سرڪ، ڍڪ ١١- نوجوان، بهادر مرد ١٢- غش ڪري، منجهائي ١٣- سر جي عيوض ١۴- شراب ١٥- سهانگو، سستو ١٦- سر جو سؤدو ڪر.

٢٠

جي اِتئي سَڏ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪَلاڙڪي ڪُوءِ[1]،
مَهيسَرَ[2] جي مَدِ[3] جي، هُتِ هَڏِهين[4] هُوءِ[5]،
جان رَمز پَرُوڙيم رُوءِ، تان سِرَ وٽِ سُرڪِي سَگهُٽِي[6]۔

٢١

جي اِتئي سِڪَ سُرڪَ جي، تہ وَنءُ ڪَلاڙڪي ڳَرِ[7]،
وَڍِڻُ، چِيرَڻُ، چِچِرَڻُ، پَهَتِ[8] اُنين جي پَرِ،
جي وَٽِي پُوئِي وَرِ[9]، تہ سَهَنگِي آهِ، سَيَدُ چي۔

٢٢

نائي ناهِ ڪَڪُوه[10]، ڪِين، مُلهِ، مَهنگو مَنڌُ[11]؟
سَنباهِج، سَيَدُ چي، ڪاتَڻَ ڪارَڻِ ڪَنڌُ،
هِيءُ تَنِين جو هَنڌُ، مَٿَنِ پاسِ مَرَنِ جي۔

٢٣

عاشقَ زهرَ پِياڪَ، وِهُ پَسيو، وِهُسَن[12] گهُٽُو،
ڪَڙِي ۾ قاتِلَ جا، هَميشہ هيراڪَ،
لَڳِيَنِ لَٽُون لطيفُ چئي، فَنا ڪيا فِراقَ،
توٽِي چِڪَنِ چاڪَ، تہ پہ آهَ نہ سَلَنِ عامَ کي۔

١ـ گهٽيءَ ٢ـ پير مغان، ساقي، مرشد ڪامل ٣ـ شراب ۴ـ هميشہ ٥ـ هوڪو، هل ٦ـ بنهن، نمونو ٧ـ سٽن ڳٽن واري ٧ـ گهر، بني وٽ ٨ـ رستو، دستور ٩ـ حاصل ٿيئي ١٠ـ شراب جو قسم ١١ـ شراب ١٢ـ خوش ٿين۔

٢٤

مَ ڪَرِ سَڌَ سَري[١] جي، جي تون تارِيِين تُوهُ،
پِيتي جنهن[٢] پاسي تِٿِي، منجهان رَڳُن رُوحُ،
ڪاتي[٣] چَڪُ ڪَڪُوهُ[٤]، لاهي سِرُ، لَطيفُ چئي.

٢٥

سَڌَڙِيا سَري جُون، ڪُهُ[٥] پَچارُون ڪَنَ؟
جُهَ[٦] ڪاتَ ڪَلاڙَنِ ڪديا، تہ موتِيو پوءِ وَڃَنِ،
پِڪون سي پِيئَنِ، سِرَ جَنِين جا سَٽِ[٧] ۾.

٢٦

سِرُ جُدا، ڌَڙُ ڌارَ، دوڳُ[٨] جَنِين جا ديڳ ۾،
سي مَرُ[٩] ڪن پَچارَ، هَڪيا[١٠] جَن جي هَٽَ ۾.

٢٧

ديڳين دوڳَ[١١] ڪَڙهنِ، جِتِ ڪَڙِيِين[١٢] ڪَڙَڪو نہ لهي،
تِتي طَبِيبَنِ، چاڪَ چِڪَندا چَنڊيا.

٢٨

سِسِي سِي گُهرَنِ، جي .واتِيندَڙ[١٣] وِچَ ۾،
اُوءِ ڪِني[١٤] پيو پُڇَنِ، سَرو[١٥] جَنِ سَنباهِيو؟

٢٩

اَصلِ عاشقَ پانهنجي، سِسِينہ سانڍِينِ،
لاهيو سِرُ، لطيفُ چي، ساهُ سَلاڙيو[١٦] ڏِينِ،
ڪُلَهنِئُون[١٧] ڪاتِين، پُڇَن پوءِ پِرِيتَڙو[١٨].

١- شراب، عشق ٢- جنهنجي پيٽُ سان ٣- بنيءَ تي ٤- شراب ٥- ڪوهُ، ڇو ٦- جڏهن ٧- عيوض ۾ ٨- ٽڪر، ذرا ٩- ڀلي ١٠- حاضر، تيار ١١- ٽڪر، ٻوٽيون ١٢- ڪڙاهين ١٣- شراب ورهائيندڙ، ساقي ١٤- ڪجهہ ١٥- شراب١٦- گڏ، ان سان (سلهاڙيو) ١٧- ڪلهن ڪان ١٨- محبت.

٣٠

اَصل عاشقن جو، سِرُ نہ سانديڻُ ڪمُ،
سَؤ سِسِنِئان اَڳرو[١]، سَندو دوسان[٢] دمُ،
هِيءُ هَڏو ۾ چَمُ، پِڪَ پِريان جِيءَ نہ پَڙي[٣].

٣١

جي مَتي وتِ[٤] مِڙَنِ، تہ سيڪنهين[٥] سَدّ ٿئي،
سِرَ ڏني سَتِ جُڙي[٦]، تہ عاشقَ اِيئن اَچنِ،
لِڌا[٧] تي لَيَنِ، مُلهہ مَهَنگا سُپِرين.

٣٢

مُلهہ مَهَنگو قَطَرو، سِڪَڻُ شَهادتَ،
اَسان عِبادَتَ[٨]، نَظَرُ نازُ پِريَنِ جو[٩].

وائي

مَندُ[١٠] پيئَندي مون، ساڄَنُ سَهِي سُڃاتو.
پِي پِيالو عشقَ جو، سَيُڪي سمجهيوسُون،
ساڄَنُ سَهِي سُڃاتو.
پِرِيان سَندي پارَ جِي، اندرِ اَڳِ اَٿُون،
ساڄَنُ سَهِي سُڃاتو.
جِيئَڻُ ناهي جَڳَ ۾، ڏِينهن[١١] مِڙيئي ڏُون[١٢]،
ساڄَنُ سَهِي سُڃاتو.
اَلا! عَبدُاللطيفُ چي، آهين تُونهِين تُون،
ساڄَنُ سَهِي سُڃاتو.

١ـ بهتر، مقدم ٢ـ دوستن جو ٣ـ برابر ٿئي ٤ـ عيوض ٥ـ سيڪنهن کي ٦ـ سودو ٿئي، ٿهي ٧ـ لکيا، قسمت سان ٨ـ اسان جو ڪم عبادت ڪرڻ ٩ـ محبوب جو ڪم آهي، مهر جي نظر ۾ ناز ڪرڻ ١٠ـ شراب ١١ـ ڏينهن ١٢ـ ٻہ

داستان ٽيون

١

اُٺياري[١] اُٺي وِيا، مُنجهان مُون آزارَ*،
حَبِيبَ ٿِي هَٽِي وِيا، پِيڙا[٢] جِي پَچارَ،
طَبِيبَنِ تنوارَ[٣]، هَڏِ[٤] نہ وَٽِي هاڻِ مُون.

٢

هَڏِ نہ وَٽِي هاڻِ مون، وِيڄَنِ جِي وِصالَ[٥]،
هِنَ منهنجي حالَ، حَبِيبُ ٿِي هادِي ٿيو.

٣

حَبِيبُ ٿي هادِي ٿِيو، رهنُما راحتَ،
پِيڙا نِيائِين پاڙُ سين، لاٿِي ڏِيئِي لَتَ،
سُپِيرِيان صِحَتَ، ڏِنِيَمِ مَنجهان ڏُکَندِي[٦].

٤

اَورِ[٧] ڏُکَندو اُو ٿِئي، هادِي جنهن حَبِيبُ،
ترُ تَفاوَتُ نہ ڪَري، تنهن کي ڪو طَبِيبُ،
رَهَنُما رَقِيبُ[٨]، ساٿَرِ[٩] صِحَتَ سُپِرِين.

٥

ساٿَرِ[١٠] صِحَتَ سُپِرِين، آهي نہ آزارُ،
مَجلسَ وِيرَ[١١] مِٺو ٿئي، ڪوٺِيندِي قَهارُ،
خَنجَرُ تنهن[١٢] خوبُ هَٽِي، جنهن سين ٿِئي يارُ،
صاحبُ رَبُ سَتّارُ، سوجهي[١٣] رَڳُون ساهَ جُون.

١ـ جاڳائي * اندر ۾ محبت جو مچ مچائي پوءِ پاڙ ڪڍي ويا. ٢ـ درد، بيماري ٣ـ آواز، سس ڦس٤ـ اصل، بنھ ٥ـ طبيبن جو اچڻ ٦ـ بيماري، در ٧ـ وڌيڪ، عجيب، علحدو ٨ـ نگهبان، خدا جو نالو ٩ـ دوا جو نالو ١٠ـ مفيد دوا ١١ـ مهل ١٢ـ تنهن کي ١٣ـ صاف ڪري، چڪاسي

٦

رَڳُون ٽِيُون رَبابُ، وَڄَنِ ويلَ سَيَڪنهين،
لُڇَڻُ ڪُڇَڻُ نہ ٿِيو، جانبُ ري[١] جَبابُ[٢]،
سوئي سَنَڊِيندُمِ[٣] سُپِرين، ڪِيَسِ جنهن ڪَبابُ،
سوئِي عَينُ عَذابُ، سوئي راحَتَ روحَ جِي.

٧

سوئِي راهَ ردِ ڪَري، سوئي رَهَنُماءُ،
وَتُعزّمَن تَشَآءُ وَتُذِلُ مَن تَشاءُ[٤].

٨

پَرِ ۾[٥] پُڇيائُون، عشقَ جي اَسبابَ[٦] ڪي،
دارُون هنَ دردَ جو، ڏاڍو ڏِسيائُون،
آخِرُ وَالعَصرَ[٧] جو، اِيهين[٨] اُتائُون[٩]،
تِنهان پوءِ آئُون، سِڪان ٿِي سَلامَ ڪي.

٩

سِڪين ڪُوهَ[١٠] سلام ڪي، ڪَرِين ڪوهِ نہ سَلامُ؟
پِيا دَرَ تَنِ حَرامُ، اِيءُ دَرَّ جَنِين ديکيو.[١٠a]

١٠

مِنايان[١١] مِنو گهڻو، ڪَرّو ناهِ ڪلامُ،
سُڪُوتُ[١٢] ئِي سلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

١ـ ڪان سواءِ ٢ـ جواب، جواب ڪان سواءِ، خاموش ٣ـ شفا ڏيندم ۴ـ جنهن ڪي وڻيئي تنهن ڪي عزت وارو ڪرين ۽ جنهن ڪي وڻيئي تنهن ڪي ذليل ڪرين (ق- ش- ٣، ٢٥).
٥ـ مخفي طور ٦ـ ڪارڻ ٧ـ سوره والعصر جو پويون لفظ يعني 'صبر' ٨ـ ائين ئي ٩ـ چيائون ١٠ـ ڇو ١٠aـ ڏٺو ١١ـ منائيءَ ڪان ١٢ـ خاموشي، ماٺ.

١١

پِريان سندي پارَ جِي، مِڙِئي مِٺائِي،
ڪانهي ڪَڙائي، ڇَڪين جي چيت ڪَرِي[١].

١٢

جاڙِي ڀُڄِهي جَن، توسين سُورَ سَڄَ ڪِي[٢]،
تون ڪِيئن[٣] سنڌيُون تَنِ، پَرَ[٤] سين پَچارون ڪَرِين.

١٣

تو جَنين جِي تاتِ[٥]، تَنِ پُڻِ آهي تنهنجي،
فاذْكُرُوني اَذْكُرْكُمْ[٦]، اِيءَ پَرُوڙِج باتِ،
هَٿِ ڪاتِي، ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پرينِ جِي.

١٤

حَبِيبَنِ هيڪارَ، مَنجهان مِهرَ سڏُ ڪِيو،
سو مون سَڀَ چِمارَ، اورِنُ[٧] اُهوئِي ٿِيو.

١٥

پاڀوهي[٨] هيڪارَ، مُونهان[٩] پُڇيو سَڄَڻين،
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ[١٠]، ڇَيائُون جنهن وارَ[١١]،
سِنڌِي سورَ ڪِنارَ[١٢]، تَنَ تَڏانهڪون[١٢a] نَه لَهي.

١- دل لائي، خبرداري سان ٢- توکي سور ڏنائون ٣- ڪيئن ٤- ڌارين ٥- پچار، يادگيري ٦- ياد ڪريو مون کي، تہ آءٌ بہ اوهان کي ياد ڪريان (ق- ش ٢، ١٥٢) ٧- ياد ڪرڻ ٨- مرڪي ٩- مون کان ١٠- چيا، نہ آهيانِ مان اوهان جو رب؟ (ق- ش- ٧، ١٧٢) ١١- ڀيري، دفعي ١٢- نوڪ، ڌار. ١٢a- تڏهن کان.

١٦

پاڀوھيو پُڇَنِ، ڪِٿي ھَٿُ حبيب جو؟
نيڙي ھيئان نينھن جي، پاسي پاڻُ نہ ڪَنِ،
عاشقَ اَجَلَ سامُھان، اُونچي ڳاٽِ اَچَنِ،
ڪُسَڻُ قُربُ جَنِ، مَرَڻُ تَنِ مُشاھِدو[١].

١٧

ڪوٺي ڪُھي سُپرين، ڪوٺي ڪُھڻَ ساڻُ،
نيڙي ھيئان نينھن جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻُ،
جُلُ[٢]، وِڃائي جاڻُ[٣]، عاشقَ اَجَلَ سامھون.

١٨

ڪوٺَڻُ قَريبَنِ جو، عينُ تَڙَڻُ آھِ،
اِيءُ اَلِتي ڳالھڙي، سِڪَ وَرَندي[٤] ساھِ[٥]،
آسَرَ[٦] ھَڏِ[٧]، مَ لاھِ، جِنَڻُ ڳنديَڻُ اُنِ جو.

١٩

ڪُھَنِ تان ڪَرَ[٨] لَھَنِ، ڪَرَ لَھَن تان ڪُھَنِ،
سِيئي ماءِ مُھَنِّ[٩]، سِيئِي راحَتَ رُوحَ جِي.

٢٠

ڪُھي سو ڪَرَ لَھي، ڪوٺي سو قَريبُ،
اِھا عادَتَ سِڪيو، ھَر زَمانُ حَبِيبُ،
تِڇِي[١٠] سو طَبِيبُ، سوئِي راحَتَ رُوحَ جِي.

١ـ ديدار ٢ـ ھل، وڃ ٣ـ خودي يا ھستي سمجھڻ ۴ـ جواب ٥ـ سا، اھائي ٦ـ آسرو، اُميد ٧ـ ڪنّھن ٨ـ خبرچار ٩ـ زخمي ڪن، نيزو ھڻن ١٠ـ ڪپي ۾ ڪوري، وڍي.

٢١

ڪُهَنِ ۽ ڪوٺِينِ، اِيءَ پَرِ سَنڌي سَڄَڻِينِ،
سُورِيءَ چاڙهيو سُپِرين، ڏَنبَ ڏِيهاڙي ڏِينِ،
وينا وِرهَ[1] وَٺِينِ[2]، آءُ واڍوڙِئا[3] وِهاءِ[4] تون.

وائي

ٿِيندو تَنَ طَبيبُ*، دارُون منهنجي[5] دردَ جو،
ڀُڪِي[6] ڏِيندمِ ڀاڄَه جِي، اَچِي شالَ عَجيبُ،
دارُون منهنجي دردَ جو.
پِرِيَنِ اَچِي پاڻَ ڪِيو، سَندو غورُ غَرِيبُ،
دارُون منهنجي دردَ جو.
ڏُکَندو[7] سيوِئِي ڏُور ڪِيو، مَنجُهون[8] تَنَ طَبيبُ،
دارُون منهنجي دردَ جو.
اَدِيُون! عبداللطيف چِي، هاتِڪُ[9] آهِ حَبِيبُ،
دارُون منهنجي دردَ جو.

١ـ وڇوڙو، عشق جو عذاب ٢ـ وراهين ٣ـ اي قتيل! ۴ـ خريد ڪر * دل گهريو حڪيم ٿيندو ٥ـ منهنجي ٦ـ دوا ٧ـ بيماري، درد ٨ـ اندر مان ٩ـ هوشيار، قابل.

سر يمن ڪلياڻ

لغتي معنيٰ:

’يمن‘ لفظ جي لغتي معنيٰ آهي، ’من کي روڪڻ‘. يمن ڪلياڻ، ڪلياڻ راڳڻيءَ جو هڪ قسم آهي، جو رات جي وقت ڳائبو آهي.

سر بابت:

هن سر ۾، عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهڻيون قائم رکيون ويون آهن، پر جتي جتي ڊاڪٽر ٽرمپ واريون پڙهڻيون وڌيڪ موزون سمجهيون ويون آهن، اتي اهي اختيار ڪيون ويون آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جيڪي بيت رد ڪيا آهن، تن مان، گهڻي تفحص بعد، جيڪي بيت شاهه جا سمجهيا ويا آهن، تن جو هن نسخي ۾ اضافو ڪيو ويو آهي. اضافي ڪيل بيتن جا نمبر هيٺ ڏجن ٿا:

داستان ۱ ۾ بيت نمبر ۲۰
داستان ۳ ۾ بيت نمبر ۱۴، ۱۵ ۽ ۱٦
داستان ۴ ۾ بيت نمبر ۲۴، ۲۵ ۽ ۲٦
داستان ۵ ۾ بيت نمبر ۳٦، ۳۷، ۳۸، ۳۹ ۽ ۴۰
داستان ۷ ۾ بيت نمبر ۱، ۲ ۽ ۸
داستان ۸ ۾ بيت نمبر ۱۰ ۽ ۲۲.

روحاني راز:

هي سر، مضمون توڙي عبارت جي لحاظ کان شاهه جو عمدو ڪلام آهي، جنهن ۾ حقيقي عشق ۽ تصوف جا ڪئين راز ۽ رمزون عمدي نموني ۾ بيان ڪيون ويون آهن. هن سر ۾ ڏنل سيئي تمثيلون، شاهه پنهنجي وقت جي مروج ڏنڌن ۽ انهن ۾ ڪم ايندڙ اوزارن سان ڏنيون آهن. لوهارن جي دڪان تي اڳرن جو ڪوري ۾ جلڻ، ڌوٽين جو ڏنوَجڻ ۽ سنداڻن جو

سَنڪَن ڏسي، انهن مان عجيب نصيحتون ڪيون اٿس. ڪلالن جي ہَٽيءَ تي شراب چکڻ، موکي جو مٽ ڪولڻ ۽ پياڪن جي پيھ ڪرڻ مان پڻ سالڪن لاءِ سبق آموز نڪتا ڪڍيا اٿس. طبيبن جي بيچارگيءَ ۽ عشق جي مريضن جي دنياوي ويڄن کان علحدگيءَ مان ڪئين تصوف جا اسرار پلٽيا اٿس. حقيقي معشوق کي ڪڏهين جراح (وڍڪٽ جي ماهر طبيب) سان، ڪڏهين جلاد ڪاسائيءَ سان، ڪڏهين تيرانداز شڪاريءَ سان، ڪڏهين دائودي شهسوار سان، ڪڏهن لوهار سان ۽ ڪڏهين موکيءَ سان تشبيھ ڏئي، انهن جا مختلف اوصاف بيان ڪيا اٿس.

سچي عاشق کي عزازيل سان، چور سان، پتنگ سان ۽ اگرن سان مشابهت ڏئي، هن کي ڪئين مشورا ڏنا اٿس. مولانا روميءَ جي سڄي مثنويءَ جو تت هڪ بيت ۾ ڏيئي، ڄڻ تہ درياھ کي ڪوزي ۾ بند ڪيو اٿس.

ظاهري علم مان پليءَ پٽ بهره ور هوندي بہ، ملن ۽ قاضين کي ڇڏي، اندر ۾ مفتي وهارڻ جي هدايت ڪئي اٿس. آخرين بيتن ۾ صبر ڪرڻ، بردبار ٿيڻ ۽ ٻين کي نہ رنجائڻ جي نيڪ نصيحت ڏني اٿس. مطلب تہ ساري سر ۾ شاھ گهرا گفتا ۽ عميق نڪتا ڏنا آهن، جي سالڪن لاءِ مشعل راھ ٿيندا.

هن سر ۾ برھ جي بيمار جو علاج ۽ محبت جي مريضن جا ڪيترائي جذبات ظاهر ٿيل آهن. دئي دور ڪرڻ، حقيقي عشق جو شراب پيئڻ، ڇپن کي ڇُني لائڻ ۽ اندر ۾ پاڻ کي اَگرن وانگر پچائڻ، عشق جي مذهب جا ضروري ۽ لازمي شرط ڄاڻائي، شاھ سچن صوفين جون اعليٰ صفتون ۽ انسانيت جي ممتاز درجي تي پهچڻ جون رمزون پڌايون آهن. مطلب تہ شاھ، هن سر ۾، ڪوڙن مدعين ۽ خالي سڏڙين جون ڪليون کولي ڇڏيون آهن.

سر يمن ڪلياڻ

داستان پهريون

١

تُون حَبيبُ، تون طبيبُ، تون دردَ جي دوا،
جانِبَ منهنجي جِيءَ ۾، آزَرَ[١] جا اَنواع[٢]،
صاحبَ! ڏي شفا، مِيان! مَريضنِ کي.

٢

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دردَ جو دارُون،
دَوا آهِنِ دل کي، تُنهِنجيُون تنوارُون[٣]،
ڪَريان تِي ڪارُون[٤]، جيئن ٻُڪِي[٥] ٻِئَنِئُون[٦] نه تِئِي.

٣

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تُونهِين[٧] ڏِنَنِ[٨] ڏِبُ[٩]،
تون ڏِيِين، تون لاهين، تُونهِين هادِي رَبُ،
آهِي اِيُ عَجَبُ، جِيئَن، واريو ويجَ وِهارِيِنِ.

٤

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دردَنِ،
تون ڏيين، تون لاهِيين، ڏاتَرَ! کي ڏُکَندنِ،
تَڏِهن ڦَکِيُون فَرَقُ ڪَنِ، جَڏِهن اَمرِ ڪَرِهو[١٠] اُنِ کِي.

١ـ آزار، درد ٢ـ انواع، ڪئين نمونا (قسم) ٣ـ سٺيون ڳالهيون، ذڪر ٤ـ پڪارون، ڪوششون ٥ـ دوا ٦ـ ٻين کان ٧ـ تون ئي ٨ـ بيمارن جو (ڏتلن، اگهن) ٩ـ دوا ١٠ـ ڪريو.

٥

جان ڪِي[١] ڪَري طبيبُ، دارُون هِنَ دردَ جا،
هَٿِيو سي حبيبُ، اُڪوڙِيو اَڏَ ڪَري.

٦

هَڻُ حبيبَ هٿُ ڪَٿِي، تيڪِ[٢] مَ، تورو لاءِ[٣]،
پِرِيَمِ! تنُهنجي گهاءِ[٤]، مران تہ مانُ لَهان.

٧

هَڻُ حبيبَ هٿُ ڪَٿِي، دل ۾ ڏِيرِي[٥] دانهَ،
ڪُڇان تان ڪُوڪَ ٿِئِي، صبُر آئُون نہ سَهان،
ڪنهن ڪي ايئن چُوئان[٦]، تہ مون ڪي ماريو سَڄَڻين.

٨

هَڻُ حبيبَ هٿُ ڪَٿِي، بَنگان[٧] لِهي بانُ[٨]،
ماڳهِين مون مِنهُ[٩] ٿِئِي، جهولِيءَ وِجهان پانُ،
اِنَ پَرِ ساڄَنَ سانُ، مانَ مقابلو[١٠] مون ٿِئِي.

٩

جِتِ حَبيبَ هَٿَنِ، نائُڪَ[١١]، يَري نينهَن جي،
تِتي طَبِيبَنِ، وِڄا[١٢] وَڃي وِسَرِي.

١٠

هَٿين جي حبيبَ! مَحبَتي مَيا[١٣] ڪري،
پُڇان ڪِينَ طبيبَ، هُوند[١٤] گهائَنِ سين ٿِي گهارِيان.

١ـ جيڪي بہ ٢ـ پوئتي هٽاءِ. قياس ڪرُ (بس ڪر. بند ڪر. هٽاءِ. م.) ٣ـ مهرباني. ڪر ٤ـ زخم جي ڪري ٥ـ اونهي، جهڪي، گجهي، ويچاري ٦ـ چوان ٧ـ بنگ يا ڪمان جي ور مان ٨ـ تير ٩ـ بهانو (سبب) ١٠ـ ملاقات، گڏجاڻي ١١ـ ناوَڪَ، تير جي نوڪ (چهنب، چوٽ .م.) ١٢ـ قابليت (علم، هنر.م.) منجهيو پون ١٣ـ مهرباني (رحم. ٻاجهہ. م) ١٤ـ جيڪر.

١١

چوري چَنگُ[١]، ٻَنگُ[٢] لهِي، حَبِيبَنِ هَنيوسِ،
ٻُجهان[٣] ٻانْ لڳوسِ، ڪانارِئو[۴] ڪَرَ[٥] ڪٽي.

١٢

ڪانارِئا ڪُٽِڪَنِ، جَنِين لوهُ[٦] لِڳَنِ ۾،
محبَتَ جي ميدانَ ۾، پِيا لالَ لُڇَنِ،
پاٽهي ٻَڌَنِ پَٽِيُون، پاٽهي چِڪِئا[٧] ڪَنِ،
وَتان واڍوڙِيَنِ[٨] رهِي اَچِجي راتَڙِي.

١٣

رهِي اَچِجي راتَڙِي، تَنِ واڍوڙِيَن وَتاءَ،
جَنِ کي سُورُ سَرِيرَ ۾، گهڻَ مَنجهاران[٩] گهاءَ،
لِڪائي لوڪاءَ، پاٽهي ٻَڌَنِ پَٽِيُون.

١۴

اَڄُ پُڻ ڪَنجهو ڪَنجهه، واڍوڙَڪي[١٠] مَنهِن،
جي پُڻ[١١] پِيَنِ سَنجهه[١٢]، هُوءِ پِنيُون، هُوءِ پَٽِيُون*.

١٥

اَڄُ پُڻ کِهڙِي ڏانهَن، واڍوڙَڪي مَنهِن؟
ويجَ وَرائي ٻانهن، چوري، چاڪَ نِهارِيا.

١ـ ڪمان کي ڪشي ٢ـ وَنگ، تير جو گوشو يا ڇيڙو (جيڪو ڪمان جي زه تي چاڙهجي) ٣ـ آءٌ ٻانيان ٿو (سمجهان ٿو) ۴ـ تير يا ڪان لڳل ماٺهو ٥ـ هٿ (مٿي اُپڙي، (ڪرُ ڪٽي: ڪندَ ڪٽي، اُپڙي) مٿي اُچلي ٦ـ تير ٧ـ علاج ٨ـ ڦٽيلن ٩ـ دل ۾ ١٠ـ وڍيلن جي ١١ـ جيتوڻيڪ ١٢ـ سانجهي* اڃا پيا مرهم پٽي ڪن.

۱٦

ويچارا واڍوڙ، سَدا شاڪِرَ[1] سُورَ سين،
تاڻِين متي توڙَ[2]، اوري ڪَنِ نہ آسرو.

۱۷

سدا آهي سُورَ جِي، واڍوڙِيَنِ وائِي،
جيڪا اَتِنِ مَنَ ۾، سَلِنِ نہ سائِي،
اوڙَڪ[3] اُهائِي، ڳُولِيو لَهنِ ڳالهڙِي.

۱۸

سَگهنِ[4] سُتِ نہ سُورَ جِي، گهايَلَ ڪِيئن گهارِينِ؟
پِيَلُ پاسو پَٽَ تان، واڍوڙَ نہ وارِينِ،
پَرِ ۾ پَچَنِ پرينءَ لئِي، هُئِي! هَنجُهون[5] هارين،
سَجَڻُ جي سارِينِ، تَنِ رويو وِهامِي[6] راتڙِي.

۱۹

سَگهَنِ سُتِ نہ سور جِي، تا رُنڪَنِ[7] رَنجُورِي[8]،
پِيا آهِنِ پَٽَ ۾ مَتّنِ مامُورِي[9]،
لَڳِيَنِ لَنؤُ، لَطِيفُ چي، سدا جِي سُورِي[10]،
پِرتِ جَنِ پورِي، تَنِ رويو وِهامي راتڙِي.

۲۰

سَدا آهي سُورَ جِي، رَنجُورَنِ[11] رُٽڪَ[12]،
ڪنهن جنهن ڏُکَ ڏَسائيا[13]، لَتِيَنِ ڪِينَ چُٽڪَ[14]،
اِنَ يَلارِيءَ يُٽڪَ[15]، هيڪَرَ حُضُورِي ڪِيَا.

۱ـ راضي ۲ـ آخري منزل ۳ـ آخر، نيٺ (گهٽو) ۴ـ تندرست ماڻهن ۵ـ ڳوڙها ٦ـ گذري
۷ـ ڪنجهن، ڪٽڪن ۸ـ رنجور (ف)، بيمارَ ۹ـ امر ڪيل بيماري ۱۰ـ دائمي درد، عشق هميشہ جو آزار آهي ۱۱ـ بيمارن، عاشقن ۱۲ـ ڪنجهڪار ۱۳ـ ڏنگيا ۱۴ـ سور، درد. ۱۵ـ تنوار، وائي، خبر.

٢١

آيلِ اُنِ نہ وِسَهان، هنجهون جي هارِينِ،
آتِيو آبُ اکينِ ۾، ڏيهہ[١] کي ڏيکارِينِ،
سَڄَڻُ جي سارِينِ، سي نہ کي رُونِ، نہ چُونِ ڪِي.

وائي

وِرسئا[٢] ويڄَ ويچارا! دِلِ ۾ دردُ پِرِيَنِ جو.
اُٿيو ويڄا! مَ وِهو، وَڃو ڏَيَ ڪَٽِي،
دل ۾ دردُ پِرِيَنِ جو.
پُڪِي ڏيندا ٻاجَهہ جِي، آيا سُورَ ڏٽِي،
آيا جِي جِيارا،
دل ۾ دردُ پِرِيَنِ جو.

داستان ٻيو

١

تَنَ طبيبُ[٣] نہ تُون، سُڌِ نہ لَهِين سُورَ جِي،
سانڍِ پنهنجا ڏَيِڙا[٤]، ڪَڏَ ڪَٽِي ۾ يُون[٥]،
ڪانہَ گُهرِجي مُون، حَياتِي هوتَنِ ري[٦].

٢

ويڄَنِ سين وائيءَ پيا[٧]، ڪِري[٨] نہ ڪَئائون،
جي پَندِ[٩] پارِيائُون، تہ سِگهائِي سَگهَا ٿِيا.

١ـ ڏيهہ جي ماڻهن ٢ـ گمراه ٿيا. عاجز ٿيا، ٣ـ حڪيم، ٤ـ دوائون ٥ـ زمين ٦ـ کان سواءِ ٧ـ تڪرار ڪيائون ٨ـ پرهيز ٩ـ صلاح، نصيحت.

٣

ويڄَنِ سين وائيءَ پِيا، ڪِرِي ڪَنِ نہ پاڻِ،
اَگها اِنَ اُهڃاڻِ، پَسو! سُورَ سِڄهائِيا[١].

۴

آهي گهٽو اَگهنِ جو، تَرَسُ طَبِيبَنِ،
ڪِيو وَسُ ويڄَنِ، تان ڪِرِيءَ ري ڪِينَ ٿِئِي.

٥

تَرَسُ طبيبن جو، جَڏَنِ ڪِيو نہ جات[٢]،
جو ويڄَنِ جي واتِ، دارُونئا[٣] تنهن ڏُورِ ٿِيا[۴].

٦

اَگهائِي سَگها ٿِيا، جي ويٺا وَٽِ ويڄَنِ،
تَرَسِي طبيبَن، چيتي[٥] هوند چَڱا ڪِيا.

٧

پاڙِي ويڄَ هُنَامِ، تان مُون مُورُ نہ پُڇِيا،
تيلاهِين پِيامِ، موريسَرَ[٦] اَڪيَنِ ۾.

٨

هارِئا[٧]! تو هِرِي، ڪُپَچُ[٨] ڪايا[٩] سين ڪِيو،
ڪَرِيِن جي ڪِرِي، تہ تون تَوانو، ٿِيِين.

١- ڳاريا، جهوريا ٢- ذات، پٽيءَ، هرگز ٣- دوا درمل ڪان ۴- پاسو ڪيائون ٥- ڪوشش ڪري، حيلو ڪري ٦- چاليون، ڦلاٽ ٧- نادان، هار ڪاڏل ٨- ڪري ڀچي، نقصان ٩- بدن.

٩

جي پائيين پرين مڙان[١]، سِڪَ چوران ڪي ذاتِ[٢]،
جاڳڻُ جَشنُ[٣] جَنِ ڪي، سُڪَ نہ سارِي راتِ،
اُجِهي پُجهي[٤] اُپيا، وائِي ڪَنِ نہ واتِ،
سَلمي[٥] سُورِيءَ چاڙهيا، بَيان ڪَنِ نہ باتِ،
توڻي ڪُسَنِ ڪاتِ، ساڳِي سَلِن[٦] ڪِينَ ڪِي.

١٠

تَڙِي[٧] طبيبَنِ، گهايَلُ گهران ڪَڍِيو،
چِڪيا[٨] چاڪَ چِهُون[٩] ڪري، ڪَڙِيُون مورُ نہ ڪَنِ[١٠]،
دوسَ[١١] جي دَرَسنِ سين، پئي ٺارُ[١٢] ٺَپَنِ[١٣]،
وِرِچيو ويجَ وَجَنِ، آءُ تہ پِرِيَمِ اُبهان[١٤].

١١

ويجَنِ وينَي ٿِي، دوسُ پيهِي دَرِ آئيو،
صِحَتَ جي سَرِيرَ ۾، ڪَلَ[١٥] ڪَرين[١٦] پيئِي،
پِيڙَ پَري ويئِي، اَچَڻَ ساڻُ عجيبَ جي.

١٢

وَڍِي جَنِ وِڍياسِ، وَرِي ويجَ ٿِي سي ٿيا،
تُرتُ پَڌائون پَتِيُوان، روزِ ڪِيائُون راسِ[١٧]،
هينئڙا! تَنِين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿيين.

١- مِلان ٢- روش، ڍنگ ٣- مزو، خوشي ٤- ٽڪي ٽني، رُلي پنڪي ٥- سوراخ ڪري، عذاب ڏئي ٦- سَلين، مَڃين، پڌائين ٧- گهر مان ٨- ڪڙهيا ٩- چيهيون، چير ١٠- ڦٽ اصل نٿا چِٽن. ١١- دوست ١٢- آرام اچي ١٣- وڍن، ڦٽن ١٤- اُٺي بيهان، چاق ٿيان ١٥- سڌ ١٦- لڳن ۾ ١٧- ٺوڪو.

١٣

ھاريا* ويجَ، مُياسِ! سُڌِ نہ لھن سُورَ جِي،
پِريان کي چُونڊياس[١]، تہ تَرسُ طبيبَنِ ڇڏِيو.

١٤

ويجَ! مَ ٻُڪِي ڏي، آلا! ڇڳِي مَ تِيان،
سَڄَڻُ مانَ اچي، ڪَرَلاھُو[٢] تِي ڪَڍِھين.

١٥

ويھَڻُ ويڄَنِ وَٽِ، جي سِڪين تہ سَگھو[٣] ٿِيين،
اَڳِين عادَتَ مَٽِ، تہ اَگھا! عاجِزُ نہ ٿِيين.

١٦

ھُئين تہ ويڄَنِ وَٽِ، تون ڪيئن جِيءَ جَڏو[٤] ٿِيين؟
سِرُ ڏيئي ۾ سَٽِ، ڪھ نہ ڪِيئي ڍِيرَا؟**

١٧

ڪُنڊِيَس ڪُويڄَنِ[٥]، تَنَ طبيبَ نہ گِڏيا،
ڏيئي ڏنبَ ڏڏنِ[٦]، پاٽا ڏِيلُ ڏُکوئيو.

١٨

دارُون ۽ ڪارُون[٧]، جان کي ڪِيا ويجَ مون!
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجَھ جِي، نِھاري نارُون[٨]،
جَنِ جُون سيڻَ لَھنِ سارُون[٩]، تَنِ تان ڏُکندو ڏُورِ ٿئي.

---

* ھارايل، ناڪام ١- چونڊيس ٢- خبر لھڻ وارو، شفا ڏيڻ وارو ٣- چڱو ڀلو ٤- اڳھو
** سر عيوض ۾ ڏئي، سر جو سودو ڪري ڇو نہ علاج ڪيئي؟ ٥- ڄٽ طبيبن
٦- اڻ ڄاڻن، موڳن ٧- دانھون ٨- نبضون ٩- سار جو جمع، پرگھور.

١٩

اَگهن مِڙِي اَڄُ، ڪِيو سَڏُ صِحَتَ کي،
ڏورِ ڏُکَندا يَڄُ، مِهرِيءَ[١] مُنهن ڏيکارِيو.

وائي

اَچِي سارَ لهيج، ساڄَنَ سُورَ تُماري[١a] آئُون مارِي!
سُور تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُ نہ ڏيج،
ساڄَنَ سُورَ تُماري آئُون مارِي!
ڏِيَنِ پَري هَٿَڙا*، دارُون دوستَ ڪَريج،
ساڄَنَ سُور تُماري آئُون مارِي!

داستان تيون

١

هَئي هَئي! وَهي هَاءِ[٢]، مَنَ ۾ محبوبَنِ جِي!
جيرا جوشَ جَلائِيا، بُڪِين[٣] ٻَري باهِ!
پَسو مَچَ مَتاءِ[٤]، جي ويساهِ نہ وِسَهو[٥]!

٢

هَئي هَئي! وَهي هُوءِ[٦] مَنَ ۾ محبوبَنِ جِي!
جيرا جوشَ جَلائِيا، بُڪِيَنِ مُڪِي ٻُوءِ!
اَچِي پَسو رُوءِ[٧]، جي ويساهِ نہ وِسَهو!

١ـ مهربان، مهر ڪندڙ ١a ـ تمهاري، تواهانجي، تنهنجي *دوائُون هٿن ۾ ڪٽي ٢ـ اونهي ۽ ڳجهي ڊانهن ٻئي نڪري ٣ـ ٻُڪين ۾، گردن ۾ ٤ـ منهنجي مٿان ٥ـ منهنجي چوڻ تي اعتبار نہ ڪريو ٦ـ دانهن ٧ـ منهن، شڪل، روبرو.

۳

ڪاندين ٽاندين ٻاٻُرين*، پَچان مَرُ پيئي!
جيرا، جِگِرَ، ٻُڪِيُونْ، سِيخُنِ ۾ ٽِپيئي!
وِيَڇِنئُون ويئي[١]! ٽِي وَهيٽي[٢] سَڄَڻين!

۴

سَرُ[٣] جو سَچيو[۴] سَڄَڻين، پَرُ پيڏِيءَ[٥] ڏيئي،
ڪانَ ڪَرِنگهرُ[٦] ڪَپيو، پَڪَنِ سِرِ[٧] پيهي،
جيرا، جِگِرَ، ٻُڪِيُونْ، پاساڙا[٨] ٻيئي،[8a]
ويڇَنِئُون ويئي، ٽي وَهيٽي سَڄَڻين.

٥

سَر جو سَچيو سَڄَڻين، ٻَنگان[٩] ٻاڻَ[١٠] پَري[١١]،
وِيو وُجُودان[١٢] نِڪَري، ڪَڙ ڪَڙ ڪانُ ڪَري!
پُڇو پيرَ پَري، ته ڪِي ٽَريو هَٿُ حبيبَ جو؟

٦

سَرُ جو سَچِئو سَڄَڻين، ٻيهَرَ ٻاڻُ پَري،
چِمَڪِيو[١٣] سو چوهَ مان، ڪَڙڪَڙ ڪانُ ڪَري،
جيرا جِگِرَ، ٻُڪِيون، لنگهي پِيو پَري،
لَڳو جِيءَ جڙي، ٽاٽِيان[١۴] تِيرُ نه نِڪَري!

---

* ڪنڌيءَ ۾ ٻيہر جي ٽاندن تي ١- ڳالھ حڪيمن جي هٿن مان نڪري وئي ٢- وس ۾، اختيار ۾ ٣- تير ۴- نشانو ڪيو، چتيو ٥- ڪرائي جي هڏي يا ٻانهن تي رکي ٦- پٺيءَ جو ڪنڊو، ڪرنگهو ٧- پڪن سان، ڪنين سوڌو ٨- پاسريون 8a- ٻئي ٩- ٻنگ يا ڪمان مان ١٠- تير ١١- زور سان ١٢- بدن مان ١٣- چمر چمر ڪيو ١۴- چڪيان.

٧

سَرُ جو سَجَيو سَڄَڻين، سيڱَ[١] مَنجهان سِيلو[٢]،
تِنگرُ[٣] تِڪِيو[٤] ڪِينَڪي، پارِ لَنگهيو پِيلو[٥]،
هَنُڻُ سَڻين حِيلو، جانِبَ جيڏو ئي ڪِيو.

٨

ڏَڳايو مِ[٦] ڏَئين، ڄيرو[٧] اَندرِ ڄِندَڙي،
لَڳِي سِيخَ وُجودَ ۾، سندِي نِينهن[٨] نَئين،
مُشاهدي تَهِين، مُون کي وِڌو مَچَ ۾.

٩

پُڇُ پَتنگنِ کي، سَندِيُون ڪامَڻَ[٩] خَبرُون،
آئِيو وِڄهنِ آڳِ ۾، جِيُ پَنهنجو جي،
جيري جَنِين جي، لَڳا نيزا نِينهن جا.

١٠

پَتَنگُ چايِنِ[١٠] پاڻ کي، ته اَچِي آڳِ اُجهاءِ،
پَچَڻَ[١١] گهڻا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ،*
واقفُ تِـي وِساءِ، آڳِ[١٢] نه ڏِجي عامَ کي.

١١

پَتَنگُ چايِنِ پاڻ کي، ته ڄيري پئو ڄاڻي،
تان تان تاڻِج تَوَ[١٣] ڏي، جان آڳِ نه اُجهاڻِي،
وِسَهُ وِهاڻِي*، آڳِ نه ڏجي عامَ کي!

١ـ ڪمان ٢ـ تير ٣ـ تير ٤ـ ترسيو ٥ـ تير ٦ـ مونکي ڏڳايو يا جلايو ٧ـ باهه ٨ـ نينهن، عشق ٩ـ بيتاب ٿيڻ ١٠ـ چوائين، ڪوٺائين ١١ـ باهه * عشق جي باهه سان رواجي باهه کي لهساتي ڇڏ ١٢ـ ٻاڦوڙ، راز، ڳجهه * ويساهه يا اعتبار ڪر، ته اجها ڪي اجها گذري. ١٣ـ سيڪ، تپش، گرمي.

١٢

پَتَنگُ چاہِن پاڻَ کي، پَسِي مَچُ مَرَ موٽُ،
سَهائي[1] سُپِرِيَن جي، گِهڙُ تہ تيين گهوٽُ،
اَڃان تون اَروٽُ[2]، کُوريِ خَبَرَ نہ لَهِين.

١٣

پُرِي[3] پَتَنگَ آئيا، مِڙِي مَتي مَچَ،
اوڏا ٿِيا آگِ کي، سَڙِيا مَتي سَچَ،
سَندا ڳِچِيُن ڳَچَ، ويچارَن وِڃائِيا.

١٤

پُرِي پَتَنگ آئِيا، سِرِي وٽَ ساهي[4]،
اَچي پيا آگِ ۾، کُڏِي سي ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٺا کُوري وِچ ۾.

١٥

پُري پَتَنگَ آئيا، سِرِي سَهائِي هيٺِ،
ٿِيندا ڏيناري ڏيٺِ[5]، مَتو ڏِيندا مَچَ کي.

١٦

پتنگَن پَهُ ڪِيو، مِڙِيا مَتي مَچَ،
پَسِي لَهسَ نہ لِچِيا[6]، سَڙِيا مَتي سَچَ،
سندا ڳِچِيَن ڳَچَ[7]، ويچارَنِ وِڃائيا.

١ـ روشني، تپش، باهہ ٢ـ ڪچو، اڻ واقف ٣ـ هلي، مڙي ٤ـ سهائي، روشني، باهہ ٥ـ محبوب جا واقف ٿيندا، يعني مشاهدو ماڻيندا ٦ـ لِچڪيا، هبڪيا، لُڏيا ٧ـ گهڻا ٽڪرا.

١٧

چَڙهيو چَڪاسِن چاءِ[1]، آڳِ ٻَرندي آئيا،
وِهُسَنِ[2] واڙِيءَ ڦُلَ جيئن[3]، محبَتِي مَچَ لاءِ،
آئي پاڻُ اَڙاءِ، ڪٽِي ڪُوري وِچَ ۾.

١٨

جي تَتو تَنُ تَنُورَ جيئن، تہ چَندي ساڻُ چَماءِ[4]،
آئي آڳِ اَدبَ جِي، ٻاري جانِ جَلاءِ،
بُرقِئا اندرِ بازِيُون[5]، پنهنجيون سڀ پَچاءِ،
لُڇَڻُ لنؤُ[6] لطيفُ چي، پَڌَرِ هَڏِ مَ پاءِ،
مَتان لوڪَ لَکاءِ[7]، وِصالان وِچُ پَئي[8].

١٩

اَجا تَنُوراءِ[9]، ڪالهِ[10]، ڪَدِياسُون سَچَٽِين،
پُڻ تاياٿُون[11] تَڪڙو، وحدتَ جي وَڏاءِ[12]،
مَحَبَتِيَنِ مَتَّاءِ، مَچُ مُورائِين[13]، نہ لهي!

٢٠

پَچائي پَهاڻُ[14]، جَنِ رَسائِيو[15] رُڪَ کي،
تَنِين سندو چاڻُ، آهي آڳَرِيَنِ[16] کي.

١ـ چاهہ،عشق، جنون ٢ـ خوش ٿين،ٻهڪن ٣ـ لوڙهي ۾ ولين جي گلن جيئن ۴ـ تحمل سان اُجهاءِ (چندبو هٽي آهستي آهستي اُجهاءِ، تَڪڙ نہ ڪَرِ!) ۵ـ مراقبي ۾ عشق جي راهہ جون منزلون ٦ـ لڇڻ ۽ لنؤ، ٻنهي کي ٧ـ ماڻهن جي معلوميت ٨ـ وصال جي آڏو اچي ٩ـ تنور مان ١٠ـ ڪالهہ ١١ـ تپايائون ١٢ـ واڌ، زيادتي کان ١٣ـ ڪڍهين بہ ١۴ـ پهڻ، پٿر، ڪچو ڌاتو، سالڪ جو خاڪي وجود ١۵ـ رسايو، بنايو، ٺاهيو ١٦ـ لهارن، ڪامل مرشدن.

٢١

ڏَنءُ ڏَنءُ[١] ڏَمَڻُ وارَ[٢]، اَڄُ پُڻ آڳَرِيَنِ جِي،
ڀاري مَچُ مَجازَ جو، اوتِياٿُون اَڳارَ،
ڏُوڏِيا[٣] تِيُ مَ ڏارَ، جِمَ[٣a] ڪَچو رُڪُ ڪَٽِيون ٿئي.*

٢٢

ڏُوڏا! تون نہ ڏَنئين، آڳِ اوڏو نہ وَڃين!
اَلا جي عشقَ جا، سي تان تون نہ سَهين،
اُيئو ايئن چُئين،[٣b] تہ آئون آڳِرِيو آهِيان!

٢٣

سِرُ ساندائِ ڪَري، پُڇِجِ گهرُ لُهارَ[٣c] جو،
ڏَڪَنِ هيٺِ ڏَري، مان گَڏِيئي رُڪَ سين.

٢٤

سَهين[٤] جيئن ساندائِ، ڏَڪَنِ مَٿي ڏَڪَڙا،
وَهِ[٥] وِڃائي پاڻِ، ڏي ڏَڀائُون[٦] ڏڳرين[٧].

٢٥

هَئِي! ٻَرَ اَڱارَنِ، ٻَڏاهِين[٨] ٻَرَن جي،
هِڪُ کُوري ڪانِئيا[٨a] ٻيو ڏُوڏي[٨b] مَنجهہ ڏَڳَنِ[٩]،
پاڻان لُهارَنِ، ميڙي رَکِيا مَچَ لَئِي.

١ـ ڏمڻ جو آواز ٢ـ ڏنوڻ جو وقت (ڏنوڻ جي وارو وار، لاڳيتو ڏَمڻَ ڏنوَڻ جو عمل) ٣ـ ڏنوڻ وارو، نئون طالب (ڏنوڻ وارا! سيکڙاٽ لوهارَ! نوان طالب) ٣a ـ (جيئن) متان * طالب باهہ کان ڏار نہ ٿي، متان ڪچي لوهہ وانگر متڪي جي ڏڪ لڳڻ سان پڇي ذرا ذرا ٿي پوين، يعني پريشان ٿي وڃين. ٣b ـ چوين ٣c ـ لوهار ٤ـ برداشت ڪرين ٥ـ عشق جو جوش ٦ـ مهميزون، ضربون ٧ـ ڪاٺ جي متڪن کي ٨ـ ٻن پاسن کان، ٻہ دفعا يا ٻہ ڀيرا ٨a ـ ساڙيا، جلايا ٨b ـ ڀڙڪي، شعلي، باهہ ٩ـ ٻرن.

٢٦

ٻارِيو اُجھائِين پِرِين، اُجھايو ٻارِينِ،
مون کي تـا مارِينِ، لُئا[١] لُهارَنِ جا.

٢٧

اَڄ آڳَڙِيا آئِيا، سُوڌا[٢] سِراڻِي[٣]،
پيارِي پاڻِي، تيغُون ڪَندا تِکِيُون*.

٢٨

اَڄُ آڳَڙِيا آئِيا، سائُو[٤] ڪِي سُڃاڻَ،
لاهِيندا مورِياڻَ[٥]، رُڪُ ڪَرِيندا[٦] پَڌرو.

٢٩

ڪَٽُ ڪَڙهي، لوهُ ٻَري، ڌُوڌا جِت ڏَڳَن،
مُترِڪَنِ مُنهَن[٧] ڪَڍِيا، سانداڻِيُون سَڪَنِ[٨]،
اَڄُ پُڻُ اَڳَڙِيَنِ، ميڙو آهي مَڄَ تي.

٣٠

سَرَها ڏِنَـمِ سِي، جَنِ ساچاهَ[٩] سِراڻِ سين،
تيغَ تَنِين جي کي، ڪَٽُ نہ لَڳي ڪَڏهِين.

وائي.

جِيءُ جِياريو، جِيءُ جِياريو، ڪِينَ مُنهِنجَڙو[١٠] هارِيو*.
منهنجو جِيءُ جِياريو.

١ـ اُلا ٢ـ صادق، سچا ٣ـ سراڻ وارا * ترارن کي آبدار ڪري تکو ڪندا. ٤ـ سچا
٥ـ ڪٽ، دل جو ميل ٦ـ ڪندا ٧ـ منهن ٨ـ ڏکن، ڏِجن، هِراسجن
٩ـ سچاڻپ ١٠ـ منهنجو جيءُ * بون کي نااميد نہ ڪريو.

پِرِيَنِ جِيَ پَچارَ، سپٽن جِيَ سَنيارَ، جَڏڙو جِيءُ جِيارِيو،
منهنجو جِيءُ جِيارِيو.
اُچِئو تَنُ عَمِيقَ[١] مان، پِرِيَنِ پُوڄَ[٢] پِيارِيو،
منهنجو جِيءُ جِيارِيو.
مَرَضُ مَرِيضنِ تان، اِشاري ساڻ اُتارِيو،[٢a]
منهنجو جِيءُ جِيارِيو.
ڪَرَمَ ڪَرِيمَنِ جي مون ڪي، اَهُڪِيَ مان اُڪارِيو،[٢b]
منهنجو جِيءُ جِيارِيو.
سَئُون مُنهن ڪَري[٣] سُپِرِين، آئِين[٤] نِرمَلَ نُورَ[٥] نِهارِيو،
منهنجو جِيءُ جِيارِيو.
سائِلَنِ جيئَنِ سَڏَ ڪَري، اِئِين طالِحَنِ[٦] کي تارِيو،
منهنجو جِيءُ جِيارِيو.

داستان چوٿون

١

ايڪُ[٦a] پيالو، پَہ جِٽا، عِشقُ نہ ڪري ايئن،
ليکيا جي لِکَڻَ ۾*، سي قُربَ رَسندا ڪيئن،
هُڻَڙَ[٧] ڪِيا هيئن، وانجِئا[٨]، پَسُ! وِصالَ ڪان.

١- اونهو سمنڊ ٢- گهٽو، ججهو (گهٽي، ججهي) ٢a- لاهيو، دور ڪريو. ٢b- پارُ ڪَيو.
٣- سڌو نهاري، پرچي ۴- اوهين ٥- تڌي روشني واري نظر (سان) ٦- بدبختن ٦a- هڪُ،
هڪڙو، * جن پنهنجو وجود نہ وڃايو آهي، خوديءَ وارا ٧- خودي ٨- وانجهيا، محروم
ٿيا، دور ٿيا، يا نااميد ٿيا.

٢

ايڪُ پيالو، ٻہ جڻا، عِشقُ نہ ايئن ڪَري،
آتِي[١] سي ايڪُ ٿيا، جي گتا[١a] نينهن ڳري[٢]،
دُئِي[٣] ڏارَ ڏري، خُلّت[٤] خَنجَرُ آئِيو[٥].

٣

ايڪُ پيالو، ٻہ جڻا، عشقُ نہ ڪري اَڏَ،
اِيَ تان ساعِرَ[٦] سَڏَ، ڪَيئِي جا[٦a] قوال سين.

٤

جيڏاهن قاتِلَ ڪوڙَ[٧]، اَڪيُون اوڏاهين ڪَٽي،
وِهُ[٨] تَنين جي ووڙَ[٩]، جَنين سانگُ[١٠] نہ ساهَ جو.

٥

اَڪِيون اوڏاهين ڪَٽي، جيڏانهن قاتلَ ڪُلِ[١١]،
مَتو ڪَنِ نہ مُلِ[١٢]، پِڪَ[١٢a] برابر پانهنجو.

٦

قاتِلُ[١٢b] ڪمائي ڪَري، وِهُ ماڪِي جي ڪَنِ،
وَتان ويهِي تَنِ، پِيج[١٢c] ڪي پياليُون.

٧

هوندو هَڏِ مَ سَنڌِ، لاءِ پياڪَنِ پانهنجو،
پُوجَ[١٣] پِيارِج پهِيَڙا[١٤]، ويندا وَتيو ڪَنڌِ[١٥]،
تہ هَٿَ تنهنجي هَنڌِ*، موڪِي[١٦]! ڪو مانُ لهي.

١ـ رجي، ڳري ١aـ گڇي ويا، پيهي ويا ٢ـ چنبي ۾ يا گهوري، سخت ٣ـ دوئي (ف) ٻيائي ٤ـ دوستي، محبت ٥ـ محبت جو خنجر ٻيائيءَ کي وڍايو، عاشق ۽ معشوق کي هڪ ڪيو ڇڏي. ٦ـ شاعر (هڪڙي پيالي مان ٻہ ڄڻا پين اها سڏ، تون قوال سان ڪري سگهين ٿو مگر معشوق سان نہ) ٦a جيڪا ٧ـ گهٽا(وِيهون، Scores، گهٽا) ٨ـ زهر ٩ـ ڳولا ١٠ـ سانگو، پرواھ ١١ـ سڀني دنيوي شين کي ترڪ ڪندڙ ١٢ـ ملھ، ڪٽ ١٢aـ ٽڪ، ذري برابر، سُرڪي. ١٢bـ قاتل زهر ١٢cـ پيشجانءِ. ١٣ـ گهٽو ١٤ـ واٽهڙو، پانڌيڙو، سالڪ ١٥ـ پر، پاسو * تنهنجي جاءِ تي ١٦ـ شراب وڪڻندڙ، نالو، پير مغان، ساقي.

٨

هوندو هَڏِ مَ رَکُ، لاءِ پياڪَنِ پانهنجو،
وَٽِي واتاڙُئَنِ[١] کي، تان پياري پَرَکُ،
سا لِکَ[٢] لهي ٽِي لَکُ، جا ٽو ايندي اُنِ سين.

٩

گهٽَن[٣] ۽ گهٽَڪِن[٤]، وَٽِيُون پِيَنِ وِهَ گاڏيُون[٥]،
بَرخيز بِده[٦] ساقِي، پيارِ کي پِرِيَنِ،
پِڪِين[٧] نہ پَرچَنِ، مَٽَ ٽَڪيائون مَنجِهيان.[٧a]

١٠

آٽي اُتَرَ واءَ، موکِيءَ[٨] مَٽَ اُپَٽِيا[٩]،
مَتارا تنهن ساءَ[١٠]، اَچَنِ سِرَ سَنباهِيو.

١١

وِجهِج واتاڙُئَنِ تي، ميخاني[١١] جي ماڪَ[١٢]،
ٽيندي سُڌِ سَيَڪَنهِين[١٣]، هنڌِ هنڌِ پُوندي[١٤] هاڪَ،
پِرهَ جا پِياڪَ[١٥]، جُهُ سِي[١٦] اَگَڙِ آئِيا.

١٢

جُهُ سِي اَگَڙِ آئِيا، تہ سَرو[١٧] ڪَندا سُڃَ،
سائِي ٽيندَنِ اُڃَ، هِي پِيتو، هُو آڻِ کِي.

١- واتهڙن ٢- ذري، ٿورڙي ٣- نـڙيءَ ٤- ڳيتون ڏيـن ٥- زهر گڏيـل ٦- اٿـي ڏي ٧- سرڪين سان ٧a- اندريان، جيڪي اندر لڪائي رکيل آهن. ٨- پير مغان ٩- کوليا ١٠- چشڪي، مزي ١١- شـراب خـانـي ١٢- چنبا، گهم ١٣- سـڀ ڪنهن کـي ١٤- پـونـدي، ٿـيـندي ١٥- پـيـڻ وارا ١٦- جڏهين اُهي ١٧- شراب.

١٣

موڪِي[١] چوڪِي[٢] نہ ٿِئي، اَصلِ اوڇِي[٣] ذاتِ،
وَٺيون ڏِيئي واتِ، مَتارا[۴] جنهن مارِيا.

١۴

مَتارا مَرِي وِيا، موڪِي! تون نہ مَرين،
ڪيھِي[٥] پَرِ پَرين*، ڏُکِي ڏاتارَنِ[٦] رِي؟

١٥

مَتارا مَرِي ويا، موڪِي تُون بِہ مَرُ!
تنهنجو ڏوسُ[٧] ڏمَرُ، ڪونہ سَهَندو اُنِ رِي!

١٦

سَرِي[٨] ڪِينَ ڪِيونِ، وِيڻَ موڪِيءَ جي مارِيا،
ڪو جو سُخنُ ڪَلاڙَ[٩] جو، پِڇي تي پِيونِ[١٠]،
تِنهان پوءِ ٿِيونِ، مَرَڻُ مَتارنِ ڪي!

١٧

اَچا ڪُوري ماڳَ[١١]، مَٺَ، ڪُٺِڪا[١٢]، ڪَٺَ[١٣] گهٺا،
لاهي وِيھُ مَ لاڳَ[١۴]، موڪِي مَتارَن جا.

١٨

ڪَنڌِ ڪَٺارو[١٥]، مُنهَن[١٦] وَٺِي، عادَتَ جَنِين اِيءَ،
تَنِين تِڪُون ڏِنيُون[١٧] جُنبِي[١٨] مَنجهان جِيءَ،
سَرو[١٩] تَنِ سَبِيءَ[٢٠]، جَنِ حاصُلُ ڪِيو حالَ** کي.

١ـ شراب وڪڻندڙ ٢ـ چڱي، سني ٣ـ ڪني، هلڪي ۴ـ جنگ جوان، نالا
٥ـ ڪهڙي* ڪهڙو رستو اختيار ڪرين. (پلجين، تڳين) ٦ـ سخين، سالڪن
٧ـ عتاب ٨ـ شراب ٩ـ شراب چڪائيندڙ ١٠ـ غيرت آين ١١ـ هنڌ، جاءِ
١٢ـ ننڍيو دلو ١٣ـ وڏا دلا ١۴ـ لاڳاپا، دوستي ١٥ـ خنجر ١٦ـ وات ۾ ١٧ـ پيتو
١٨ـ گهٽو، جوش ۾ اچي ١٩ـ شراب ٢٠ـ تمام گهڻو ** وجد جي حالت

١٩

موکيءَ[١] مَنو نہ گُهرِيا، وِهَ نہ وِهاتِيا[٢]،
سُرکيءَ کانڱ سَيّدُ چي، اُتي تي آتِيا[٣]،
جي ٻالهين ڳڳاتِيا[٤]، تَنِ بَٺِنِ[٥] پاسي ٻُٺِيُون[٦].

٢٠

سِرُ ڏيئي سَتِ جوڙِ[٧]، کنهن پِرِ کَلاڙَنِ[٧a] سين،
کاتي کَرتُ[٨] کَپار ۾، خَنجَرُ آٽي کوڙِ،
مَرَٽا منهن مَ موڙِ، وَتِي تِي وَڏِ لَهي*!

٢١

وَتَ وَتَ وَتِيءَ ۾، مَتَ مَتَ مَنِڍُ ٻيو[٩]،
قَدرُ کَيفَ[١٠] کلاڙَ[١١] جو، پِياکَنِ پِيو،
اَچن دُرسُ دُکانَ تي، کَنڌُ قَبولُ کِيو،
سُرَها سِرُ ڏِيو، چَکَنِ سُرکَ سَيدُ چي.

٢٢

آتِي[١٢] تِيءُ اَگارُ، کامِي کِردارَنِ[١٣] سين،
پَسين سِي پَتارَ، پُرِ پِيتوئي جَنِ سين.

٢٣

کَلاڙِ نِئُون کاءِ[١٤]، مَتِ نہ سِکين، مون هِنيان[١٥]!
رُوئندي[١٦] راتِ وِهاءِ، چِکائيندي ٻَٺِيون.

١ـ پير مغان ٢ـ موڳا کيا ٣ـ ٻاهڻ ٿيا ۴ـ ڳڳ کيا، غُرق ٿيا ٥ـ ٻَٺِينِ، شراب کيڻ جي مکانن(Breweries) ٦ـ قبرون ٧ـ سودو کر. ٧a ـ کلالن، شراب، چکائيندڙن. ٨ـ وڏي کارائي *شراب جو پيالو تنهنجي سر کان قيمت ۾ زياده آهي. ٩ـ وٽيءَ وٽيءَ ۾ نئين لذت آهي ۽ مٽ مٽ ۾ نئون شراب آهي ١٠ـ نشي جي لذت ١١ـ شراب ١٢ـ سڙي، خاک ٿي ١٣ـ خريدارن، سچن عاشقن ١۴ـ کابہ ١٥ـ اي منهنجي دل! ١٦ـ روئيندي.

٢٤

موڪِيءَ مَتَ اُپَٽِيا، اَڇا اڱڻ ڏارِ،
اِيندا تو ڏَربارِ، وِهَ پِيَئندا وَٽِيون.

٢٥

موڪِيءَ مَتَ اُپَٽِيا، سَويرا صُبوحِ،
اُڇِي[1] جِي، عبداللّطيفُ چي، باسُ نہ پُهتِئِي بُوءِ؟
ڪَڙو جي ڪَڪُوهِ، تہ بہ وَٽِ سِرَ[2] گُهرَنِ وَٽِيون.

٢٦

وَٽِ سِرَ گُهرَنِ وَٽِيُون، ڏَڙَ سُرڪِيِنِ[3] ڏِجَنِ[4]، *
بَدان شينَ بُشَنِ، اِي پِيالو پِرِيَنِ.
اُڇي جِي عبداللّطيفُ چي، وَٽِي وَڌِ گُهرَنِ،
پِڪِنِ نہ پَرِچَنِ، مَتَ تَڪِيائُون مَنجهيان.

وائي

دوسُ پيهِي دَرِ آئِيو، ٽِئو مِلَڻَ جو ساعِيو[5]،
ڏينهين پُڄائُون آئي اسان ڪي، مولي مُحِبُ مِلائيو،
ٽِيو مِلَڻَ جو ساعِيو.
وِيو وِڇوڙو، ٿِيو ميلاپو، واحِدَ واءُ وَرائِيو،
ٽِيو مِلَڻَ جو ساعِيو.
هو جِنهِين جو ڏَسُ ڏُوراڏو[6]، اوڏو اَڄُ سو اِئيو،

١ـ عمدي شراب ٢ـ سر جي عيوض ٣ـ تي ٤ـ لڏن (چونبجن) (* سِرَ جي عيوض (شراب جون) وَٽيون گهرن ٿا ۽ (سندن) ڏَڙَ سُرڪين جي عيوض چونبجَن ٿا.) ٥ـ سعيو، تياري ٦ـ ڏوراهون، پري.

ٿيو مِلڻ جو ساعِيو.

عبدُاللّطيف چي اَچِي عَجِيبَنِ، پاڻَ فَضلُ فرمائِيو،

ٿيو مِلڻ جو ساعِيو.

داستان پنجون

١

صُوفِي[١] سالِمُ سي وِيا[٢]، جي اَڪثَرَ[٣] سين اَڌِيارَ[٤]،
بازِي بازِندَنِ[٥] کي، آهي اَويسارَ[٦] *،
پِرِيان سين پَهَڪارَ[٧]، رِنديءَ[٨] رَساٽي ڪِيا**.

٢

صُوفِيءَ سَيرُ[٩] سَيَنِ ۾، جيئن رَڱِنِ ۾ ساهُ،
سا نَہ ڪَرِي ڳالهڙِي، جيئن پَرِيُون پَرُوڙِي پَساهُ[١٠]،
آهِسِ[١١] اِيءُ گُناهُ، جي ڪا ڪري پَڌِرِي.

٣

ڏِنِي ڏُکويا، اَنَّ ڏِنِي راضِي ٿِيا،
صُوفِي تي[١٢] ٿِيا، جيئن ڪِينَ[١٣] ڪنيائون پاڻَ سين.

١ـ سالڪ ٢ـ منزل مقصود تي پهتا ٣ـ گهٽائي، ڪثرت ٤ـ پاسو ڪندڙ ٥ـ عشق جي رانديگرن ٦ـ نہ وسرندڙ * عاشق کي اهڙو ڪنيو يا فائدو حاصل ٿئي ٿو جو وسرڻ جو نہ آهي.
٧ـ همہ صلاح ٨ـ مستي، قلندري ** اهڙن شخصن کي رنديءَ دوست سان همہ صلاح ڪيو.
٩ـسَير، پَهچَ، موجودگي، پهچڻ ۽ اتي هجڻ جي سگهہ (صوفياڻو اصطلاح) ١٠ـ جيئن لاالله جي ذڪر جي منزل کي رسي، راز پروڙي ١١ـ آهيس ١٢ـ تڏهين، تنهن ڪري ١٣ـ نيستي.

٤

صُوفِي لاڪُوفِي[1]، ڪونہ پيانئِيس[2] ڪيرُ،
مَنجهان ئِي مَنجِهہ وِڙهي، پَڌَرِ[3] نہ آهِسِ پيرُ،
جَنِين سائُسِ وِيرُ، تِئِي تَنِين جو واهَرُو.

٥

صُوفِيءَ صافُ ڪيو، ڏوئِي وَرَقُ[4] وُجودَ[5] جو،
تنهان پوءِ ٿِيو، جِيئَري پَسَڻُ پِرِينءَ جو.

٦

صُوفِي چائِين، سَڏَ ڪرين، صُوفِينِ اِيءَ نہ صَلاحَ[6]،
ڪاتِي رَکُ ڪُلاهَ[7]، وِجُهہ اُجَلي آگِ ۾.

٧

جي ڪُلاهَ رَکين ڪَندَ تي، تہ صوفِي سالِمُ ٿِيءُ،
وِهَ[8] وَتِي هَٿِ ڪَري، پُرِ پِيالو پِيءُ،
هَندُ تَنِين جو هِيءُ، جَنِ حاصُلُ ڪِيو حالَ[9] کي.

٨

جُسي[10] ۾ جَبّارَ[11] جو، خَفِي[12] خِيمُون[13] کوڙِ،
جَلّي[14] تون زَبانَ سين، چار ئِي پَهَرَ چورِ[15]،
فڪرَ سين فُرقانَ[16] ۾، اِسمُ اَعظمُ[17] ڏورِ،
پِيا دَرَ وَجِي مَ وُڙِ[18]، اِيُ اَمُلُ[19] اِئائِين[20] سَپَجي[21]

١ـ بنا ڪنهن ڪوفي يا فرقي جو ٢ـ سمجهيس (پسند ڪريس) ٣ـ ظاهر ٤ـ پنو، پردو ٥ـ هستي ٦ـ طريقو، مرڪ ٧ـ ٽوپي يا تاج (صوفين جو) ٨ـ زهر ٩ـ وجد جي حالت ١٠ـ وجود ١١ـ جبرو، ڏاڍو، خدا تعاليٰ جو نالو ١٢ـ ڳجهو، مخفي ذڪر ١٣ـ تنبو ١٤ـ ظاهر، چٽو، ذڪر جلي ڪري ١٥ـ هلاءِ، اُچار ١٦ـ قرآن شريف، حق ۽ باطل ۾ فرق ڏيکاريندڙ ١٧ـ الله جو وڏو نالو ١٨ـ رل، ڳول ١٩ـ بي بها ٢٠ـ اِئائين ٢١ـ پيدا يا حاصل ٿئي.

٩

عالَمُ آئُونءَ[١] ساڻُ، پَريو تُو پِيرَ ڪري[٢]،
پاڻَ[٣] نہ آهي جاڻُ[٤]، مانڊِيءَ[٥] مَنڊُ[٦] پَڪيڙِيو.

١٠

طالِبُ ڪَثَرَ[٧] سُونهن سَرُ[٨]*، اَندرِ رُوميءَ[٩] راءِ،
ماڙُهو[١٠] اِتِ ڪِياءِ[١١]، مَنڊُ نہ پَسين مَنڊِيو!

١١

طالِبُ ڪَثَرَ، سُونهن سَرُ، اِيءَ رومِيءَ جي رُوءِ[١٢]،
جَنِين ڏِٺي جُوءِ[١٣]، تَنِين ڪُڇيو ڪِينڪي.

١٢

طالِبُ ڪَثَرَ، سُونهن سَرُ، رُومِيءَ چيو آهي،
تاڙِي[١٤] جي لاهي، تہ مَنجهئين[١٤a] مُشاهِدو[١٥] ٿئي.

١٣

طالِبُ ڪَثَرَ، سُونهن سَرُ، اِيءُ رومِيءَ جِي رِهاڻِ،
پِهرين وِڃائِڻُ پاڻِ[١٦]، پَسَڻُ پوءِ پِرِيَنِ کي.

١٤

طالِبُ ڪَثَرَ، سُونهن سَرُ، اِيءَ رومِيءَ جِي راحَتَ،
جَنِين ڏِٺي سَتَ[١٧]، تَنِين ڪُڇيو ڪِينَڪِي.

١ـ خودي ٢ـ گمراھ، ڦري ٿو ٣ـ اسان کي (پاڻ کي) ۴ـ سمجھ، پروڙ ٥ـ جادوگر ٦ـ طلسم ٧ـ ڪثرت، گهڻائي ٨ـ اصل، منڍ* سونهن (مطلق جمال، خدا) اصل آهي ۽ ڪثر (ساري ڪائنات) سندس ڳولائو آهي. ٩ـ مولانا جلال الدين رومي شاعر صاحب جي مثنوي ١٠ـ ماڻهو ١١ـ ڪٿان (آيا) ١٢ـ رايو ١٣ـ مڪان ١۴ـ حجاب، اڻ ڄاڻائي جو پردو ١۴a ـ اندرَ ۾ ٿي، پنهنجي پاڻ ۾. ١٥ـ ديدار ١٦ـ هستي، خودي ١٧ـ سچي حقيقت، خدا.

١٥

طالِبُ ڪَٿَرَ، سُونهن سَرُ، اِيءَ رومِيءَ جِي اوطاقَ،
جي يَجِي دَرُ فِراقَ، ته منجهئِين مُشاهدو ٿئي.

١٦

ظاهِرَ ۾ زانِي[1]، فِڪرَ منجھ فَنا ٿِيا،
تَنِين کي تَعليمَ[2] جِي، ڪُوڙهه[3] اندِر ڪانِي[4]،
حَرَفُ حَقّانِي، دَورُ ڪِيائون[5] دِلِ ۾.

١٧

جَنِ کي دَورُ دَردَ جو، سَبَقُ سُورَ[6] پڙهَنِ،
فِڪرَ ڦَرهِي هَٿَ ۾، ماٿِ مُطالِعو ڪَنِ[7]،
پَنو سو پَڙهَنِ، جنهن ۾ پَسَنِ پرينءَ کي.

١٨

سا سِٽَ سارِيائون، اِلفُ جنهن جي اَڳَ ۾*،
لا مَقصُودَ فِي الدّارَينِ[8]، اِنَ پَرِ اُتائُون[9]،
سَڱَرُ[10] سوٽائُون[11]، تِيا رَسِيلا[12] رَحمانَ سِين.

١٩

تِيا رَسِيلا رَحمانَ سين، سَڱَرُ سُونهِينِ[13] جي،
آئِيون تَنِين کي، واڌايُون[14] وِصالَ جُون.

١- زنا ڪندڙ، گنهگار، (ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مرتب ڪيل 'شاهه جو رسالو' ۾ هيءَ پڙهڻي 'ظاني' مقرر ڪئي* جنهن جي وضاحت مختلف قلمي رسالن جي پيٽ ڪندي هن ريت ڪئي اٿن، 'ظاني' (شڪ ڪندڙ، شڪي) صحيح ۽ سهڻي آهي ۽ يقيني طور اها ئي اصلي پڙهڻي هئي، پر ڪاتبن ان کي 'زاني' ڪري لکيو. (شاهه جو رسالو، مطبوعه پيٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ١٩٨٩- ص ٢٢٥). ٢- سچو علم، معرفت ٣- اندر، ڪک ٤- تير، ڪان ٥- وري وري پڙهيائون. (هي بيت شاهه جو نئين ڇاپي جو نئين ڇانئجي.) ٦- سورن جو سبق ٧- پڙهن * 'الست بربڪم قالو بليٰ' وارو جملو (جنهن جو پهريون اکر الف آهي) ياد ڪيائون ٨- الله ڪان سواءِ انهن جو ٻنهي جهانن ۾ ڪو مقصود ڪونهي ٩- چيائون ١٠- سوڙهو پيچرو، سرحد ١١- ڳولهيائون ١٢- راضي، خوش ١٣- ڳولين ١٤- مبارڪون.

*٢٠

سا سِٽَ نہ سارِينِ، اَلِفُ جنهن جي اَگَ ۾،
ناحَقُ نِهارِينِ، پَنا پِيا پرينءَ لَئِي.

٢١

اَکَرَ پَڙهِي اَيا ڳِئا[1]، قاضِي ٽِئِين[2] ڪِئاءُ[3]؟
ڀِيرِيين[4] ۽ ڀائيين[5]، ايڏا[5a] ايئن نہ آءُ[6]،
اِنَ سُرڪِيءَ سندو ساءُ، پُڇِجِ عَزازِيلَ کي[7].

٢٢

عاشِقُ عَزازِيلُ، پِيا مِڙئي سَڏَڙِيا،
مَنجهان سِڪَ سَبِيلَ[8]، لَعنتِي لالُ ٿِئو[9].

٢٣

وِسَريومِ سَبَقُ، پِهرين سِٽَ نہ سَنيَران[11]،
اَڃا هِيءُ وَرَقُ، هَئِي! مُطالِعُ[12] نہ ٿِيو!

٢٤

ڪيو مُطالعُ مون، هُو جو وَرَقُ وِصالَ[13] جو،
تنهن ۾ تون هِين تُون، ڀِي لاتِ نہ لَحظِي[15] جيتري.

---

* رسالن ۾ هن بيت کان اڳ هيءُ بيت بہ شامل آهي:
ٽيا رسيلا رحمان سين، سڳر سُونهيون جن، منجهان تن جُسَن، حرفُ نہ سُڄي هيڪڙو.
١- اي نيا ڳيا! ٢- ٽيئن ٣- ڪئان ۴- ڦيرائيون ڏئين ٥- خودي هلائڻ، پاڻ ڀائين ٥a- ايڏانهن ٦- ائين نہ اچ ٧- عزازيل (ابليس يا شيطان کان) ٨- تمام گهڻي ٩- اهو لعل لعنتي ٿيو، ترڇي ويو. * ١٠- السّتي سبق ١١- ياد ڪريان، ساريان ١٢- پڙهڻ (مطالعو) ١٣- ميلاپ ١۴- تنهن ١٥- رتي، ذري.

٢٥

جو مون پَڙهيو پاڻ لَئِي، سَبَقُ سابِقَ[١] جو،
پِهرِين سُڃاتُمِ پانهنجي، نَفسَ جو نِهو[٢]،
جِت عَرِفانُ[٣] اصلَ ۾[٤]، تي رُوحَنِ رِوزُ ڪِيو،
وَرِي وَرَقُ پِيو، گَڏيمِ وَڏِ[٥] وِصالَ جو*.

٢٦

اَکَرَ ڇُٽي[٥a] هيڪَڙي، ٻَهُون[٥b]جي نہ ٻُجَهنِ[٦]،**
ڪوهُ ڪِبو ڪي تَنِ، سَڄِي سُٽائي[٧] ڳالهڙي.

٢٧

پَڙهيو تا پَڙهَنِ، ڪَڙهَنِ[٨] ڪينَ قُلوبَ ۾[٩]،
پاٺان ڏوهَ چَڙهَنِ، جِيَ وَرَقَ وَرائِنِ وِترا[١٠]

٢٨

پَڙهيو پَڙهيجاهُ،[١٠a] سبقُ اِنهين[١١] سُورَ جو،
مِيمُ[١٢] رَکِجاهُ[١٢a] مَنَ ۾، اَلِفُ[١٣] تنهن اَڳياهُ،[١٣a]
چِتان[١٤] چوريجاهُ[١٥]، اِها لاتِ لَطيفُ چئي.

٢٩

اَکَرُ پَڙهُ اَلِفَ جو، وَرَقَ سَڀِ وِسارِ؛
اَندَرُ تُون اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيترا.

١- اڳيون ٢- خزانو، مڪان، آکيرو ٣- معرفت، سڃاڻپ ٤- ازل ۾، عالم ارواح ۾ ٥- وڏي، وڇوڙو، ڦٽ * جدائي جي وڏيءَ کي وري گڏي ڇڏيم. ٥a- ڇُهڻ سان ٥b- وڌيڪ، پيو، باقي سيڪجهہ ٦- جيڪي هڪ اکر ڇوڻ سان گهٽو نہ سمجهن، جيڪي اشاري مان نہ سمجهن. ** هڪڙوئي اکر ڪَن پوڻ سان جيڪڏهن باقي سيڪجهہ سمجهي نہ وڃي. ٧- ٻڌائي ٨- دل ۾ هنڊائين ٩- دل ۾ ١٠- ويترا، ١٠a- پڙهجو گهڻا ١١- انهيءَ ١٢- پهريون اکر محمد صلعم جو. ١٢a- رَکِجو ١٣- الله جو پهريون اکر ١٣a- اڳيان ١٤- دل سان ١٥- تون پڙهج.

۳۰

جيئن جيئن وَرَقَ وَرائِيين، تيئن تيئن ڏِنو ڏوھُ،
تِنهن کَھٽيءَ[۱] کِبو کوهُ، جي رَهِٽيءَ[۲] رهيو نہ سِپِرين.

۳۱

ڪاتِبَ[۳] لِکِين جيئن، لايو لامُ اَلِفَ سين،
اَسان سَڄَڻُ تيئن، رَهيو آهي رُوحَ ۾[۴].

۳۲

ڪوهُ تو ڪاڳَرَ[۶] ڪورِيين[۷] وِيتو وِچايين مَسُ،
ڏورِ[۸] تِتائِين[۹] ڏسُ، اَکَرَ جِتائِين[۱۰] جُڙِيا.

۳۳

تِھَڙا چالِيھا[۱۱] نہ چالِيھَ، جھَڙو پَسَڻُ پرينءَ جو،
کِھَڙي ڪاتِبَ! تون ڪرِيين، مٿي پَنَنِ پيھَ[۱۲]،
جي ورَقَ وارين وِيھَ، تہ اَکَرُ اُھوئِي ھيڪڙو.

۳۴

تَنُ کُڏِي[۱۳]، مَنُ حُجِرو[۱۴]، ڪيمَ چالِيھا رَکُ،
ڪُھ[۱۵] نَہ پوڇيو پوڄِيين، اَتَئِي پَھَرَ اَلَکُ[۱۶]،
تان تون پاڻُ پَرَکُ[۱۷] سَيَڪَنهِين ڏانهن سامهون.

۱ـ قول، خالي زبان سان اچارڻ يا چوڻ ۲ـ عمل ۳ـ لکڻ وارا ۴ـ جيئن الف ۾ لام ڳنڍيي 'لا' لکبو آهي، تيئن سجڻ بہ اسان سان ڳنڍيو پيو آهي، جدا ناهي ۵ـ ڇو (ڪوه) ۶ـ ڪاغذ ۷ـ ڪپين ۸ـ ڳول ۹ـ تتائين ۱۰ـ جتائين ۱۱ـ چاليهن ڏينهن جو روزو ۱۲ـ ڳاهٽ، سوڙهہ ۱۳ـ ننڍي مسجد ۱۴ـ مسجد جي هڪ ڪوٺڙي، خلوت گاهہ ۱۵ـ ڇو (ڪوه) ۱۶ـ ڳجهو، جو ڏسڻ کان پري، هجي، خدا ۱۷ـ سڃاڻ * پاڻ سڃاڻ- خدا کي سيڪنهن سامهون ڏسين يا هرهڪ ۾ خدا ڏسين.

٣٥

سَيَڪِنهين ڏانهن سامهون، ڪو هَنڌُ خالِي ناهِ،
اَحَدُ[١] جي آرَڪَ[٢] ٿيا، سي ڪائِرَ[٣] ڪِبا ڪاھِ[٤]،
مُحِبُ مَنجِهين،[4a] مَنَ ماهِ[٥]، مُون اَجاڻنديءَ[٦] اُجَهيو[٧].

٣٦

هارائِجِ هِنئَين[٨] ۾، اَلِفَ سَندي اوڙَ[٩]،
ته ڪِتابَن جِي ڪوڙَ[١٠]، مَنجهان ئِي مَعلومُ ٿِئي.

٣٧

ڪوڙين ڪِتابَن ۾، حرفُ مِڙوئي هيڪُ،
جي تو نَظَرَ نيڪُ، ته بِسمِ اللهِ ئِي بَس ٿئي.

٣٨

اورِيائِين[١١] اوڇون ڪَري،[١٢] مُنجهايا مُلَن،
سي پِرِيَنئُون[١٣] پاسي ٿيا، ڳه ڳه[١٤] ڳالهيون ڪَنِ،
ساهان[14a] اوڏو سُپِرين، لوچيو تان نه لَهنِ،
دَمُ نه سُجاڻَنِ، دانهُون ڪَنِ مُنَنِ جيئَن.

٣٩

مُلئين[١٥] مُنڍي، ماءُ! جنهن پِتو ڦِٽو پيٽَ ۾[١٦]،
سُجاڻِي اَللهُ، تُبِي ڏِنائين ڏوڙِ ۾.

١- خدا ڪان ٢- الگ، غافل ٣- ڪائر، گيدي ۴- ڪيڏانهن 4a- اندر ۾ ئي ٥- ۾ آھ
٦- اڻوجھ ٧- پروڙيو ٨- دل ٩- ليڪ ١٠- ڪوڙي، ويھ (Score) ڪروڙين، گهڻا.
١١- حال اورين، ويجهڙائي ڪان ١٢- اتڪائي، منجهائي ١٣- دوست ڪان ١۴- اجايون،
بيهوديون (ڳاھ ڳاھ، قسمين قسمين) ١٥- ملن (مُلان جي) ١٦- اندر ۾ زهر چڙهي ويو.

٤٠

اَحد، اَحمَدُ پاڻَ ۾، وِچان مِيمُ فَرَقُ،
آهي مُستَغَرقُ[١]، عالَمُ اِنهِيءَ ڳالھ ۾.

وائي - ١

وَنَڙِئُو هوتَ وَڃَنِ، ووا جَهِليان، پَليان، هينئڙو نَہ رهي!
اَئون جَنِين جِي آهِيان، ڪَرِّي مَ تِيان تَن،
جَهِليان، پَليان، هينئڙو نَہ رهي!
گهورِيان گهڻين پَتِيين سندي ٻاجَھ ٻِيَنِ،
جَهِليان، پَليان، هينئڙو نَہ رهي!
مَرُ[٢] مران، مارِين مُون، پُرزا پُرزا ڪَنِ،
جَهِليان، پَليان، هينئڙو نَہ رهي!
اَئون مُيائِي گهورِئي، جي مان مُحبَ مِلَنِ،
جَهِليان، پَليان، هينئڙو نَہ رهي!

وائي - ٢

وِسارِجَ مَ وِڻَ جويَنُ ٻہ تي ڏينهڙا.
لُوتِيُون[٣] سَهَنِ لوڪَ جا، وهاڻِيَ[٤] تيون وِڻَ،
جويَنَ ٻہ تي ڏينهڙا.

١- غرق، منجهيل (هنڌن تي، جاين تي) ٢- ڀل ٣- رليل، ڪاٽيون، ناداڻ عورتون
٤- پرھ ڦٽي.

اَصلِ اَسارِنِ[١] جا، سُتي وِتڙا سيڻَ،
جويَنَ ٻہ تي ڏينهڙا.
جيڏِيُون جي مان وِسَهو، نِندَ مَ هيريو نيڻَ،
جويَنَ ٻہ تي ڏينهڙا.
راتڙِيُون جاڳن جي، سي آئون ڪَندڙي سيڻَ،
جويَنَ ٻہ تي ڏينهڙا.
آڏي راتِ اُٿِي ڪَري، جَهلِ تُون ننڊان[٢] نيڻَ،
جويَنَ ٻہ تي ڏينهڙا.

داستان ڇهون

١

دائُودِي[٣] دَيُون[٤] ڪَري، رَڪَنِ[٥] ڪونِهي رَنگُ[٦]،
گهوڙِيءَ هيٺِ اَينگُ[٧]، ڪاهِيو پاڪَرِئِين[٨] هَٿِي.

٢

دائُودِي دَيُون ڪَري، رَڪَنِ ڪونِهي چِيتُ[٩]،
گهوڙِيءَ هيٺِ سُچِيتُ[١٠]، ڪاهِيو پاڪَرِئِين هَٿِي.

٣

او قابِيلَ[١١]! اکين ۾، توکي بارِي[١٢] بان[١٣]،
اُيو اَڳرايُون ڪَرين، ماڳِ[١٤] هَٿِيو مَستان،
جانِبَ! تون زِيانَ، اَکِينِ سين ايذا ڪَرِين!

١ـ ويسلين، غافل زالن (اَساريَنَ، سارِيندڙن) ٢ـ ننڊ کان ٣ـ حضرت دائود جهڙو ٤ـ جلوا ٥ـ مسڪينن ٦ـ حال ڪونهي ٧ـ بي پرواهہ، مستانو ٨ـ پاکرين کي، خادمن کي ٩ـ خوديءَ جي ڄاڻ ١٠ـ خوديءَ وارو، هوشيار ١١ـ حضرت آدم جي پٽ جو نالو، جنهن پنهنجي ڀاءَ هابيل کي قتل ڪيو هو، قاتل ١٢ـ ڳرا ١٣ـ تير ١٤ـ پوري هنڌ تي.

۴

او قابِيلَ! اکين ۾، توکي تِکا تِيرَ،
ساجَنَ! اِنهِين[۱] سِيگَ[۲] سين، ڦَتيئِي گهٽا فَقِيرَ،
پِيو مَ مارِج مِيرَ! تنهنجو پهريون ئِي پُورو ٿِيو*.

۵

او قابِيلَ! اکين ۾ تِير تِکا توکي،
ساجَنَ اِنهين سُورَ جِي، ڪَلَ نه آ[۳] ڪنهن کي،
مارين ٿو مُون کي، چاڙهي لوهَ[۴] لَطِيفُ چي.

۶

او قابِيلَ! اکين سين، تِيرَ چَلايا تو،
پِيو مَرُ ماري سو، جنهن جو پهريون پُورو نه ٿئي.

۷

جي هُو پائِنِ کانُ ڪَمانَ ۾، ته سِينو سِپَرَ[۵] رَکُ،
مُنهَن ۾ معشوقَنِ جا، چاڪَ[۶] چَٽَڪا[۷] چَڪُ،
سُورِي ڀانءِ مَ شَڪُ، عاشِقُ ٿِيءُ ته اُبهين[۸].

۸

جي هُو پائِنِ کانُ ڪَمانَ ۾، ته سِينو سِپَرَ ڏيج،
مُنهَن ۾ مَعشوقَنِ جا، جهالُو[۹] ٿي جَهليج،
پاهان[۱۰] پَگَ[۱۱] مَ ڏيج، عاشِقُ ٿِيُ ته اُبهين.

۱- انهيءَ ۲- ڪمان *پهريون ئي تير ڪافي آهي. ۳- آهي ۴- تير هٽي
۵- ڍال ٦-چير ۷- ڏنگ، زخم ۸- تون بيٺو هج ۹- سهڻ وارو، پڪو، پختو (جهليندڙ)
۱۰- پٺتي، پويان ۱۱- پير.

٩

جي هُو پائِنِ ڪانُ ڪمانَ ۾، ته نِئي ڏِجِ سِينو،
ڪِجي نه ڪِينو[1]، وَڃِي دَرِ دوستنِ جي.

١٠

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مون،
مون ۾ آهِين تون، مَتان تنهنجوئِي توکي لڳي.

١١

ڪَيو[2] ڇَڏِينِ ڪانُ، هَڏِ نه هَٽائِينِ تا،
ٿِيا جي نِيشانُ، ته پهرئين سان پُورا هئا.

١٢

لورِ ي[3] جتِ لَڳومِ، اُتِ اُيونِي آهِيان،
سُورِهيه پِرين سَندومِ، مانَ ڀاڄهائي ڀِيو هَٽي!

١٣

مَحبَتَ جي ميدانَ ۾، عاشقَ! ٿيءُ اَچامر[4]،
سَمُهان[5] سَلَ[6] سَيّدُ جي، ڪَنڌَءِ تِيرَ تمامُ،
ڪَهِجِ ڪو مَ ڪَلامُ، جِمَ[7] دوسَتِئُون[8] دُورِ ٿِيين.

١٤

مَحبَتَ جي ميدانَ ۾، اَچي پِيرَ پِيانِ،
سِرَ وَڍِنُ، ڏَرَّ ڏارَ ڏَرَنُ، اِيءُ سِينگارَ سَندانِ[10]،
ڏِيندا مون ڏِنانِ[11]، مَتا مَحبُوبَنِ لَئِي.

١- بخيلي، بغض ٢- گسايو ٣- لرزش ڪندڙ، تيير ۴- نشان، هدف ٥- سامهان، سڌا ٦- سوراخ ٧- متان ٨- دوستن ڪان ٩- سندن ١٠- انهن کي ڏئم.

۱۵

مَحبَتَ جي ميدانَ ۾، ڪَرِ پَڙاڏو پَٽُ[۱] *!
سِرُ سُورِيءَ، ڌَڙ ڪَنگرِينِ[۲]، مَتان ڪُڇين ڪَٽُ[۳]!
عِشقُ نانگُ نِپَٽُ[۴]، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پَوي.

۱٦

مَحبَتَ جي ميدانَ ۾، سِرَ جو سانگُ مَ ڪَرِ،
لاھي سِرُ، لَطِيفُ چئي، دوسَنِ[۵] اَڳِيان ڌَرِ[٦]،
عِشقُ نانگُ اَپَرَ،[۷] خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پَوي.

۱۷

مُحبَتَ جي ميدانَ ۾، سِرَ جو ڪَرِ مَ سانگُ،
سُورِيءَ سُپِيرِينِ جي، چَڙھُ تہ تِين چانگُ[۸]،
عِشقُ آھي نانگُ، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پَوي.

۱۸

محبت جي ميدانَ ۾، ڪُڏي پَئو ڪاھي،
چِڏِ آسانگا[۹] اَرواحَ جا، لاھُوتِي[۱۰]! لاھي،
عِشقُ نانگُ آھي، خَبَرَ ڪاڏَنِ ڪي پوي.

۱۹

عِشقُ نہ آھي راندِ، تہ ڪِي ڪَنسِ ڳِيَرُو[۱۱]،
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ جِي، يَڃِي جو ھيڪاند[۱۲]،
سِسِي نيزي پاندِ[۱۳]، اُڇلِ تہ اَڏَ ٿِئي.

۱- ميدان ۾* محبت جي ميدان ۾ اھڙو نعرو ھڻ جو ميدان ۾ پڙاڏو ٿي پوي.
۲- ڪنگرن تي ۳- ھرگز ۴- بلڪل، ننگو ۵- دوستن ٦- رک ۷- بي حد ۸- چڱو ڀلو، ڪامل ۹- پيار، اُميدون، آسرا ۱۰- سچا عاشق ۱۱- ٻار، ڇوڪرا ۱۲- ميلاپ، گھٽائي ۱۳- نوڪ تي، ويجھو.

وائي

عِشقُ تَمامُ[١]، بِرهُ تَمامُ، ووا مَين لُوتِي[٢] يارَ لوڪو!
سيجَ سُتِي نُون جَهپَ[٣] نہ آوي، نيٽين نِندَ حَرامُ،
وِوا! مَين لُوتِي يارَ لوڪو!
راتيان جاڳڻُ، صاحِبُ سَنيالڻُ، اِي فَقِيران دا[۴] ڪامُ[۵]،
ووا! مَين لُوتِي يارَ لوڪو!
مَتِ عَقُلَ دِي مُنجِهہ ڳئِي[٦]، آيا عِشقُ اِمامُ[٧]،
ووا! مَين لُوتِي يارَ لوڪو!.

داستان ستون

عاشِقَنِ اَللهَ جِي، مَحبَتَ رَکِي مَنِ،
سَندِي سِڪَ پِريَنِ، تَنَ ۾ آهي تَنِ جي.

٢

عاشِقَنِ اَللهَ جِي، سدا وائي وات،
فاذڪُرُونِيِ اَذڪُرُڪُم[٨]، تَنَ ۾ اِها تات،
اِن ڪان ڪا نہ سات[٩]، سَجَڻُ ويلَ[١٠] نہ وِسَري.

١- پيرپور ٢- ڦُري، مُٺي ٣- ننڊ ۴- فقيرن جو ٥- ڪم، مرڪ ٦- وٺي هلي، پٺي (وچي ڪنڌ ۾ پٺي!) ٧- رهبر ٨- مون کي ياد ڪر تہ آءٌ توکي ياد ڪريان ٩- لحظو (ساعت) ١٠- وقت (گهڙي، پل).

٣

عاشِقَنِ اَللهُ، ويــرو تــارِ[1] نہ وِسَري،
آهَ ڪَريندي ساھُ، ڪَڏهن ويندو نِڪَري.

۴

عاشِقَنِ آرامُ، ڪِڏهن تان ڪون ڪِيو،
طَعني ڪِيا تمامُ، حَبِيباڻي[2] هيڪَڙي.

٥

عاشِقَ ايئن نہ هُونِ، جيئن تون سَڃين اَگَڙين[3]،
وَڃي دَرِ دوسَنِ جي، رَتُ ڏِيهاڻي رُون[4]،
بِيءَ پَرِ ڪنهن نہ پُونِ[5]، ماڪُرِ[6] محبُوبَنِ سين.

٦

جان عاشقَ مَتي رَتُ*، تان دَعويٰ ڪري مَ نينهن جِي،
سائو مُنهن[7]، سُونهن ڳِئي[8]، سِڪَڻَ اِيءَ شَرَطُ،
نہ ڪِين[8a] گوڏِ گَرَتُ[9]، مَتان[10] سِر سَوُدا ڪري[11]

٧

اَجا تو مَنجهاءَ، ڪَڪَ چِٽِي[12] رَتُ نِڪَري!
مُنهَن مِ مَحبُوبَنِ جا، ڪيئن جَهلِيندين گهاءَ؟
سو تُون ڪُچارِڙاءَ[13]، سِڪَڻَ جُون سَڌُون ڪَرين؟

١ـ ڪنهن بہ وقت، هميشہ ٢ـ دوسْتن جيَ ٣ـ سڃين لڳين، تندرست ۴ـ رُئن ٥ـ پَوَن، ٿين ٦ـ مقبول، پسند.* جيسين عاشق چڱو ڀلو آهي. ٧ـ منهن ٨ـ وئي ٨a ـ نَڪي ٩ـ ناٺي جي ڳنڍي، پئسو ١٠ـ انهيءَ جي مٿان، باوجود ١١ـ سر جو سودو ٿو ڪري ١٢ـ ڇهڻ، لڳڻ سان ١٣ـ ڇا لاءِ.

٨

سِڪَ نہ آهي سُٿَرِي، ڪَڻُ پَرُوڙِي پيرُ،
ڪُسَڻَ ڏاران ڪيرُ، ڪَري سَڌَ سِڪَڻَ جِي؟

٩

سِڪَڻَ اِيءَ نہ سَڌَ، جِيئَن لِڪيو لِياڪا[1] پائيين،
پَٺِي پِرِيان جي نہ ٿيين، متي اَڳُڻَ اَڌَ؟
اِيءَ پُڻ ڪُوڙِي سَڌَ، جيئَن ڪِليو، ڪايو، سُمهين[2].

١٠

سِڪَڻُ ءِ سُورِي، ٻَنِي اَڪَرِ هيڪَڙِي*،
وِهَڻُ وانڍِرَيَنِ تي، ڪارَڻُ[3] ضَروري،
ٻِنهين[4] جِي پُورِي[5]، جِيءَ ڏِني رِيءَ نہ ٿيي.

١١

جي ڪِين سِڪَڻُ سِڪُ، ناتَ[6] پَسُ سِڪَندِيين[7]،
پاسي تَنِين مَ لِڪُ، نينهن نہ سُڃاڻَنِ جي.

١٢

عاشِقَ! معشوقنِ جِي، وَتِي ويهُ ڳَرِي[8]،
جِمَ وِرِچِي ڇَڏِيين، سَندِي دوستَ دَرِي!
ڏِيندا ٻُڪي[9] ٻاجَهه جِي، وِينديءِ تَپَ ٽَرِي[10]،
اَسان تان نَہ سَرِي، تو ڪيئَن سَري سُپِرِين؟

١ـ جهاتيون ٢ـ سمهين * هڪ جهڙو، ٻنهي ۾ 'س' جو حرف آهي. ٣ـ سبب، شرط ٤ـ ٻنهي ٥ـ پورائي ٦ـ نہ تہ ٧ـ سچن عاشقن کي ٨ـ گهٽي ٩ـ دوا ١٠ـ ڳڳ ٽيندين، چڱو ڀلو ٿيندين، (ڦٽن جو سُورِ ءِ ڪاڙهو جهڪو ٿي وينديءِ).

۱۳

عاشِقَ! معشوقنِ جو، ونّـِي ويهجِ سيرُ[۱]،
اَچِي پُڇَـنڍَءِ پاڌِهين، پِربتانَ[۲] پَـري پيرُ،
پَـلاين جو پيرُ[۳]، رَهَبرُ تـيندءِ راهَ ۾.

۱۴

عاشِقَ! معشوقنِ جو، ونّـِي ويهجِ دَرُ،
اَچِي پُڇَـنڍُءِ سُپِرين، لَهندُءِ سَرَ[۴] سَيَرُ[۵]،
پَـلاڻِيءَ جو پَـرُ[٦]، رَهَبَرُ تـيندءِ راه ۾.

۱۵

عاشِقَ! معشوقنِ جو، ونّـِي ويهُ دُڪانُ[۷]،
پَنجِ پينشِ پِريَنِ جي، پَـٽيءَ وِجِهي[۸] پاڻُ،
تہ تُون تَـنِين سانُ، سدا رهين سُرخُرو.

۱٦

عاشِقَ! معشوقنِ جو، ونّـِي ويهج گهٽ[۹]،
جِمَ وِرِچِي ڇڏيين، موڪِيءَ[۱۰] سَندو مَٽُ،
ڪري سِرَ جِي سَٽُ*، پِيجِ ڪي پِيالِيُون.

۱۷

عاشِقَ! معشوقنِ جو، ونّـِي ويهجِ رَند[۱۱]
پِيارِيندَءِ پاڌِهين[۱۲]، مَيخانِي جو مَندُ[۱۳]،
ڪِيمَ ڪَـڍِج تون ڪَنڌُ، اوڏو تِـي اُن ڪي.

۱- لنگھ ۲- پيار يا حب مان ۳- پندار ۴- سار، سنڀار ۵- سگھارو ٦- زور، جوهر، تت ۷- دڪان، هٽ ۸- گچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي ۹- لنگھ، رستو ۱۰- پير مغان، شراب وڪڻندڙ * سر عيوض ۾ ڏيئي. ۱۱- لنگھ، رستو ۱۲- پاڻهي ئي ۱۳- شراب.

وائي

سُپيرِيان جي سونهَن جِي، ڳالِ ڪِينَ وَڃي[1]،
وَڃي دَرِ دوسَنِ جيَ، سُورِيَ سِرُ هَڃي[2]،
عاشِقَ اَنگهنِ[3] چڙهيا، ٻيو سَيُڪو ڀَڄي،
پُڇِجِ ٻوءِ پِريتَمُّو، ڀِهرِينَ سِرُ سَڃي[4]،
عاقِلَ ئِي اوچُون[5] ٿِيا، ٻورو[6] ڪين ڀَڄي[7].

داستان اٺون

١

هَر هَر هَرائي[8]، وَڃَڻُ دَرِ دوستِن جي،
پاڙي ڏانهن پِرِيَنِ جي، اُڄُ[9] مَ اَوائِي[10]،
اَلهڙ[11] تِي آڃِ مَ تون، واتاڙُنِ وائِي[12]،
لائِندَءِ لطيفُ چي، سُوران[13] سَرَهائِي،
ڳُجهو ڳالهائي[14]، پِرتِ وَتِجي[15] پاڻ ۾.

٢

جان جان ناهِ ضَرُورُ، تان تان طبيبُ ناهِ ڪو،
جُهه سو سَرِيو[16] سُورُ، ڪَرَ ويجُ وَرِ پيو[17].

١ـ ڳالهه وسرڻ جهڙي نه آهي ٢ـ هڻجي ٣ـ ڪنډو، سوري، تڪليف ٤ـ تيار ڪري ٥ـ پرزا پرزا، ڳترا ڳترا ٦ـ ٻولو، مونجهارو، ٿوري سجهه وارو ٧ـ عشق جو اسرار اهڙو اونهو آهي جو سمجهي نٿو سگهجي. ٨ـ هلائي ٩ـ تڪڙو هل ١٠ـ موڳي، نادان ١١ـ ڪچو، نادان ١٢ـ راز، ڳالهه ١٣ـ سورن کان ١٤ـ ڳالهائي ١٥ـ ونڊجي ١٦ـ حاصل ٿيو، پيدا ٿيو ١٧ـ هٿ آيو.

۳

سُورُ جَنِين کي سَرِيو، سَرِي[1] تَنِ صِحَتَ،
مُنٿي مُصِيبَتَ، آهي عاشقن کي.

۴

سيئي سُور طبيبَ، جَنِين سُورَ سَڄَ ڪِي[2]،
جو لِکيو هُتِ[3] لطيفُ چي، سُوئي ڪَنِ قَريبَ[4]،
جي نوازِيا نَصِيبَ، دارُونءَ[5] سي دُرستُ ڪِيا.

۵

جي پِياري پاڻَ، تہ ڪَرَهو[6] تِي پاٽِي پِيِين،
اَڳِي اِنَ نياڻَ[7]، اَڻَ ڪونِيو ڪونہ گِهڙي.

۶

اَڻَ ڪِي[8] عَيان[9] نہ ٿيي، ڪِي[9a] پَروڙي ڪونہ[10]،
سَچِي جيهِي سونَ، مُنهن نہ پيئِي[11] ماڙهين[12].

۷

اَڻَ ڪِي عَيان نہ ٿيي، ڪِي پَروڙي ڪونہ،
سا سُونهِين[13] ٿي سونَ*، اَمُرُ[14] عَطا جنهن جو.

۸

جيڪِي ڏِنائُون، سو مان ڳُڻُ[15] ڳِنڍِ[16] ٿيو،
مون کي پُڇِيائُون، توکي اِنهِين[17] توکَ سين[18].

۱- حاصِل ٿي ۲- نشان ڪيو، ياد ڪيو ۳- ازل ۾ ۴- دوست ۵- دوا ٦- اُٺ، جيڪو تمامِ گهڻو پاڻي پيئندو آهي ۷- جانورن جي پاڻي پيئڻ جي جاءِ، تڙ ۸- نہ ڪيل ڳالهہ ۹- ظاهر ۹a-ڪيَل (ڳالهہ) ۱۰- نہ ۱۱- زبان تي نہ آئي، واقف نہ ٿيا ۱۲- عام ماڻهن ۾ ۱۳- رهبر * اها سوني عشق جي رمز انهيءَ جي رهبري ڪندي. ۱۴- حڪم، نصيب ۱۵- ڀلائي ۱٦- هڙ، نقد ۱۷- انهيءَ ۱۸- جيڪي اسين توکي ڏينداسون سو ڀلائي سمجهي برسر ڪرڻ لاءِ تيار آهين.

٩

جيڪي ڏِنائُون، سو سِرُ ڏِيئِي سَهُ چندڙا[1]!
مَ چَئُو چِنائُون، اِي پُڻ ڳنڍِيو سَڄڻين.

١٠

جيڪي ڏِنائُون، سو سَہَوِئي صِحَتَ،
مَ چَئُو آزارُ اُنَ کي، مَ ڪِي مُصِيبَتَ،
کُهَڻُ قَرِيبَتَ، جو ڪوتَڻُ پَرِ پِرِيَنِ جِي.

١١

چِنَنَ توءِ مَ چِنُ، پاءِ اُمپِري[2] اُنِ سين،
جي هُو اوڳڻَ ڪَنِئِي اَسُونهِين[3]! تون ڳُڻان ئِي ڳِنُ[4]،
پاندُ جَهلِيو تون پِنُ، هِنَ سُونهاري سَڳَ[5] ۾.

١٢

نَمِي ڪَمِي[6] نِهار تون، ڏُمَرُ وڏو ڏُکُ،
مَنجهان صَبُرَ سُکُ، جي سَنوارِيا[7]! سَمُجهين.

١٣

نَمِي ڪَمِي نِهار تون، ڏُمَرُ ڏولائو[8]،
تِيئِي ساجائو[9]، جي اُيِيين اِنهِين پيرَ تي*.

١- اي منهنجي جند ٢- چنل تند کي ڳنڍڻ ٣- بي رهبر، اڪيلي ۴- ڳڻ ڪري، سمجهه ٥- ناتو، سنگت ٦- صبر ڪري ٧- اي سنواريل يا سڌريل! ٨- پريشاني ٩- ساجاهه، سجاڳ * جي انهيءَ اصول تي عمل ڪرين.

١٤

ڏمَرَ پاسو ڏُکَ سين، ڪاندِ ڪَٿُورِي ھوءِ[١]،
وَاللهُ مَعَ الصَّابِرِينَ[٢]، آگو[٣] اِيھين[٤] چوءِ.

١٥

ڪَـمَ[٥]! ڪَمَندَنِ ڪَـنيو، ھارايو ھوڙَنِ[٦]،
چَڪِيو نہ چُوندَنِ[٧]، ھُو جو ساءُ[٨] صَبُرَ جو.

١٦

ڪَمَندَڙَنِ گھرِ ڪِين[٩]، چَوندڙَ[١٠] چڱا نہ ٿيا،
ويٽَنِٽُون[١١] وِيڌ[١٢] پَئي، ھَٽِ نہ اَچي ڪِين.[12a]

١٧

ھُو چُوِنٽي، تون مَ چَئُو، واتان وَرائِي،
اَگِ[١٣] اَڳرائِي جو ڪري، خطا سو ڪائِي،
پاندَ ۾ پائِي، وِيو ڪِيني وارو[١٤] ڪِينَ ڪِين.

١٨

ھُو چُوِنٽي، تون مَ چَئُو، واتان وَرائي ويڻُ،
سَيَـِني سين سَيّدُ چي، مَنُ ماري ڪَرِ مينُ،
ڪاندِ وَڏائِي ڪيڻُ[١٥]، ڪِيني مَنجھان ڪِينَ ٿِئي.

١ـ صبر ۾ خوشبوءِ يا خِوشي آھي. ٢ـ خدا صبر ڪندڙن سان آھي (قرآن شريف).
٣ـ آغا، ڏٿي ٤ـ ائين ٥ـ تيرج ڏر ٦ـ ھوڏ وارن ٧ـ چوندڙن، تڪرار ڪندڙن
٨ـ ذائقو ٩ـ خوشي، سک، خير، ڀلائي ١٠ـ چوندڙ ١١ـ طعنن مان (ويٽن مان) ١٢ـ واڌ، نقصان 12a ـڪِي، ڪجھ ١٣ـ حاسد، ساڙ وارو ١٤ـ اڳھين ١٥ـ چڱائي، ڀلائي.

١٩

ڪَنِين ڪينَ پرائيو، ڪِيني مَنجهان ڪين،
جي هوءِ سَنائِي سِيڱَ[1]، تہ زِهَ ڇِنِي جوڪو ٿِئِي*.

٢٠

سُٽِي وِيڻَ ڪَنَنِ سين، وَرائِجِ مَ وَرِي،
هادِيءَ جي هِدايَتَ جِي، آهي اِيءَ ڳَرِي[2]،
تَنِ سَڄِي ساهِ سَرِي[3]، جَنِ مارِيو نفسُ ماٿِ سين.

٢١

ڇُوَندن ڪيمَ ڇَئِيجِ، وِيڻَ وَرائِي سامهون،
ڪا مَت[4] قِيمتَ جِهَڙِي، روزُ ڏمَرَ ڪي ڏيج،
وِيڻُ مَ وَرائيجِ، تہ سَبَ دَرِ سُهاڳِي[5] ٿِيين.

٢٢

ڪِينَ مائِيندا[6] مَنَ ۾، خودِي ۽ خُدا،
بِنِ تراڙِنِ جاءِ، ڪا آهي هيڪَ مِياڻِ ۾؟

٢٣

اَڻَ - ڇُوَندن مَ ڇَنُو، ڇُوَندِن ڇَيو وِسارِ،
اَتَئِي پَهرَ اَدبَ سين، پَرِ اِهائِي پارِ،
پايو مُنهن مُونَن[7] ۾، غُربَتَ ساڻُ گُذارِ،
مُفتِي[8] مَنجه وِهارِ، تہ قاضِيَ ڪانيارو[9] نہ ٿِيين.

١ـ سخت يا ڏاڍي ڪشيل ڪمان * جيڪَڏهين هن کي تمام ڇڪيل (ڪيني جي) ڪمان هوندي تہ تار ٽنڻ ڪري هن کي نقصان ٿيندو. ٢ـ ڳچيءَ جو هار، مٽيو ٣ـ ساري بدن جا زيور مليا ٤ـصلاح، نصيحت ٥ـ سياڳ واري ٦ـ ماپندا ٧ـ گوڏن ٨ـ فتوي ڏيندڙ ٩ـ ڪاڻ (عتاب) وارو، محتاج.

٢۴

جَنين سندِي ڀوڏَ[١] ۾، ڀَتو ڀَتِي[٢] جيءُ[٣]،
تون تَنِين سين ڀِيءُ، اوڏا اَڏِي ڀِڪَڙا.

٢٥

ويٺي جَنِين وَٽِ، ڏُکَندو[۴] ڏاڍو ٿِئي،
سا مجلس ئِي مَٽِ، جي حاصلُ[٥] هوءِ هزارَ جو.

٢٦

ويٺي جَنِين وَٽِ، ڏُکَندو ڏورِ ٿِئي،
تون تَنِين سين ڪَٽ[٦]، اوڏا اَڏِي ڀِڪَڙا.

وائي

يارَ سَڄَڻَ جي فِراقَ، ڙِي جيڏيُون! اَئُون مارِي،
درِ دوسَنِ جي ڪَئين جو هُوندا، مُون جيها مُشتاقَ،
ڙِي جيڏيُون، اَئُون مارِي.
جاتي ڪاتي مَحبوبَن جي، آهِ حُسنَ جي هاڪَ،
ڙِي جيڏيُون، اَئُون مارِي.
سُرمو سَهِي ڪَرِ اکين جو، خاصُ پِريان جِي خاڪَ،
ڙِي جيڏيُون، اَئُون مارِي.
عبداللطيفُ چئي، پِرين اسان جو هَميشہ حُسناڪَ[٧]،
ڙِي جيڏيُون، اَئُون مارِي.

١ـ ڦوٽ، ويٽن، طعنن ٢ـ طرحين طرحين ٣ـ جي چوڻ، حاضِر سائين چوڻ ۴ـ ڏک
٥ـ لاڀ، فائدو ٦ـ گهار، گذار ٧ـ حسن وارو، خوبصورت.

سر ڪنيات

سر بابت:

گجرات ۾، ڪنيات ناز تي، ڪنيات نالي هڪ شهر آهي. هيءَ راڳڻي، اتي جي ڪنهن گوئيي جي رچيل آهي، تنهنڪري مٿس نالو سر ڪنيات پيو آهي. هن سر کي 'ڪماچ' پڻ چوندا آهن؛ ۽ رات جي هڪ پهر گذرڻ بعد ڳايو ويندو آهي.

هن سر ۾، عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهڻيون، اختيار ڪيون ويون آهن. گهڻي تفحص[1] بعد، ثابت ٿيو آهي ته، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رد ڪيل بيتن مان ڪي حقيقت ۾ شاهه جا بيت آهن، اهي بيت اضافو ڪيا ويا آهن. اضافو ڪيل بيت آهن:

داستان ۲، بيت نمبر ۲۴، ۲۸ ۽ ۴۱.

مضمون:

هن سر جا بيت، شاهه شايد جوانيءَ ۾ تڏهن چيا تا ڏسجن، جڏهن ڪيس مجازي عشق جي چيٽ لڳي هئي، انهيءَ ڪري 'قمر ۽ ڪرهي' کي عتاب ۽ خطاب ۽ يار تائين سنيهن پهچائڻ ۽ خبرن رسائڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي.

روحاني راز:

هن سر ۾ شاهه، جيڪا ڪيس پيغمبر پاڪ ﷺ لاءِ محبت ۽ رسول الله ﷺ جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪرڻ جي تمنا دامنگير هئي، تنهن جو چٽو بيان ڪيو آهي. شاهه کي فخر موجودات، حضرت محمد ﷺ جي ذات با برڪات سان نهايت الفت هئي، تنهنڪري هن سر ۾، سونهاري سجڻ جي شخصي سونهن ۽ اخلاقي حسن جي ساراهه ڪندي، هن حقيقت کي واضح ڪيو ويو آهي ته خدا تعاليٰ مديني جي مير لاءِ ملڪ ۽ ماڻهو خلقي، ڪيس انهن جو مهندار مقرر ڪري مڪو آهي. چنڊ جي سوڀيا سپرينءَ جي سونهن ۽ سيرت اڳيان تڇ آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس 'ناهه پيشاني پرينءَ جي'.

۱- ڳولا ڦولها، کوجنا.

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي تہ آنحضرتﷺ جن جي ڄمڻ وقت، ڪفر جا قلعا لڏي ويا ۽ قيصر وڪسريٰ جا ڪنگرا ڪري پيا هئا. شاهہ جو چوڻ آهي، تہ نہ فقط ڪافرن جون دليون ڪنبي ويون هيون، پر فطرت ٻيا بہ ڪئين ڪرشما ڏيکاريا هئا. محمد صلعم جي آڏرياءَ ۽ آجيان لاءِ، 'سورج شاخون جهڪيون' ڪِيون هيون، ۽ 'تارا ڪتيون تائب ٿيا' هئا ۽ چنڊ ڪتين سان 'پيهي ويو پرلاءَ ۾'.

رسول ڪريمﷺ جن جي مدح بعد، شاهہ صاحب چنڊ کي پنهنجو قاصد بنائي ٿو، چاڪاڻ جو چنڊ ساڳئي وقت، سونهاري سنڌ ۽ مديني منوره مٿان، پنهنجي نوراني نظر وجهي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري ڪيس سڄڻ 'تو اوڏا مون ڏور' آهن. شاهہ صاحب ڪيس عاجزيءَ سان التجائون ٿو ڪري تہ 'الله لڳ، سرت ساري، منهنجو سنيهو ڏج تہ، منهنجيون اکيون ساري ڄمار، اوهان جي آسري ۽ اوسيئڙي ۾ آهن'. چنڊ کي پيغام پهچائڻ جو طريقو پڻ ٻڌائي ٿو، چي: 'پيرين هٿڙا وجهي، نرمي ۽ نئڙت سان نياپو ڏج، مٿان محبوب کي مٿيان لڳي'.

زيارت ڪرڻ جي خواهش، پنهنجي حبيب پسڻ جي اُڪير، وهٽ نہ وٺي سگهڻ جي عاجزي، ڪرهي ۽ ڪان نہ هجڻ جي حقيقت ۽ منزل جي مفاصلي جي شڪايت ڪندي چوي ٿو، 'پيرين آئون نہ پڄٽي'. اتي هڪدم خيال اچيس ٿو تہ، 'نفس کي ڇو نہ ڪٺي ڪرهو ڪريان؟' جڏهن نفس تي سوار ٿئي ٿو تہ هو گيسر ڪري ٿو. تنهن ڪري هن کي پنهنجو اصل ٻڌائي، ڀلايون گهري ٿو. نفس آهي نجس، سو ڪيس جڏهن سنوت نٿو ڏئي، تڏهن ڪيس آخرت جون اميدون ڏيئي، ريهڻ ريبڻ جون ڪوششون ڪري ٿو. نفس جنهن کي لاٽي جي لغار لڳي پئي آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن لڪيو وڃيو لاٽو کائي، يعني دنيوي نجاست کائي يا دنيوي عيش عشرت ڪري. اهو ڏسي، شاهہ ڪارون ٿو ڪري تہ 'نيا ڳي نفس رت رئاڙي، يعني تمام ڪڪ ڪري ڇڏيو اٿم.' انهيءَ ڪري اسان کي نصيحت ڪري ٿو تہ، 'نفس کي اهڙا ڪي، ڏاوڻ ڏانءِ، جو پيو چري ۽ چنگهي'.

سر کنيات

داستان پهريون

۱

يَلا ئِي آهِينِ، پِرِين يلائِيءَ پانهنجي،
سَڀاجها سِرِ چَڙهيو[1] ڏوراپو نہ ڏِينِ،
مان ڏي مَدِيُون[2] تِينِ، سَجَڻَ سَجايِنِ[3] ۾.

۲

پيشانِيءَ ۾ پرينءَ جي، يَلائِيءَ جا پِيرَ[4]،
اَڱڻِ اُڪَندِيَنِ[5] جي، ڏِئِي پاپوهي[6] پيرَ،
قَمَرَ[7] پاڙي[8] ڪيرَ، شَمسَ[9] سُپيرِيَنِ سين.

۳

تُون چَندَ! اُهوئِي، جو هُتِ پَسين تو پِرِينءَ کي،
آڏِتُ[10] چَئِج اُنِ کي، ڏِيانءِ جو روئِي،
هيڪانڊِيَ هوئِي[11]، سانگُ[12] مَ پَوي سَڄَڻين!

۱- آمهون سامهون يا روبرو تي ۲- اوڻايون، خاميون، لڳايون ۳- چڱائي ۴- پندار، خزانا، نشان ۵- سڪندڙن، منتظرن ٦- مشڪندي، خوشيءَ مان ۷- چنڊ ۸- برابر ڪري ۹- سج (جهڙن) ۱۰- سنيهو، پيغام ۱۱- گڏ هجي، خلوت ۾، اڪيلائيءَ ۾ ۱۲- سانگي، سبب، سفر، وڇوڙو.

۴

مَرُ هيڪاندا هُونِ پِرين، سانگ مَ وَڃنِ سيڻَ!
رَهيا آهِين رُوحَ ۾، نِتُ جَنِين جا نيڻَ،
وِماسِيا[1] جَن ويڻَ[2]، تو تارِيءَ[3] تَڳي تَنِ هِنيون*.

٥

راتِ سهائِي، پُون[4] سَنئِين، پَنئِين[5] وڏو پَنڌُ،
هَلَندي حَبيبَن ڏي، ڪَرَها[6]! موڙِ مَ ڪَنڌُ،
پَنڌَڻُ[7] سوئِي پَنڌُ،[7a] جو پَهُچائي پِريَنِ ڪي.

٦

راتِ سَهائِي، پون سَنئِين، پائِي! گهُرجي پَلُ[8]،
اَهُرَ[9] ۾ ايلاچِيُون،[9a] چَندَنُ چَرِي چَلُ،
مُون توهين سين[10] ڳالهڙي، پِئي ڪنهين[11] مَ سَلُ،
هاهُرَ[12] ڪندو هَلُ، ته ڪِجايُون[13] ڪَرَنِ[14] ڪي.

٧

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، پِرِتِ[15] نَئِين، پنڌُ پُورِ[16]،
مَيا[17]! مَحبُوبَنِ جي، هَلِي وانءُ[18] حُضُورِ،
جي چِٽِڪَنِ[19] چِتَ ۾، سي ڪيئن سَڄَڻَ ڏورِ،
اَللهَ لَڳِ اَسُورِ[20]، اُٺان[21] ئِي تِي آءُ تُون.

١ـ توريل تڪيل، غور ڪيل ٢ـ سخن ٣ـ تار، لنؤ، ڌن. * محبوبن جي تار ۾ منهنجي دل پئي تڳي، يعني آءٌ جيئرو آهيان، اهي جن جا سخن سنجيدا آهن. ۴ـ زمين ٥ـ ميدانن ٦ـ اُٺ ٧ـ سندرو، قصد، ارادو 7a ـ پَنڌ ٨ـ ٻل، طاقت، همت ٩ـ وڻانڻ (آهُرو) 9a ـ الائچيون، ڦوٽا. ١٠ـ توسان ئي ١١ـ ڪنهن ڪي ١٢ـ اٺ جي هونگار ١٣ـ خار ڏياريون، چيڙايون ١۴ـ رقيبن، خرن، گڏهن، احمقن ١٥ـ پريت، نينهن، عشق ١٦ـ پورو ڪر، طئي ڪر ١٧ـ اي اٺ! ١٨ـ وڃ، پهچ ١٩ـ هرن، ياد پون ٢٠ـ اسر، پرڀات، رات جي پوئين پهر ٢١ـ اُٺان.

٨

اَڄ پُڻِ اَچائِي، چوڏهينءَ ماهَ چَنڊَ جِي،
مون گهرِ مون پِرِيَنِ جي، اَچَڻَ جِي وائِي،
مونْ گهرِ واڌائِي، پيئِي ڪامَ[1] ڪَرَنِ[2] ۾.

٩

اَڄُ پُڻِ اُمارو[3]، چوڏهينءَ ماهَ چَنڊَ جو،
مون گهرِ مون پِرِيَنِ جي، اَچَڻَ جو وارو،
سَڄَڻُ سوڀارو، پيچَ پِنِيءَ[4] گهرِ آئِيو.

١٠

چوڏهينءَ چَنڊُ اُڀريو، اُوٺيهَ پَسيسِ عامَ*،
مَتَسِ[5] ناهِ مَلامَ[6]، جيڪِي پُڇين پُڄُ سو[7].

١١

چوڏهين چَنڊَ تون اُڀرين، سَهسين ڪَرين سينگار،
پَلڪَ پِريان جي نَہ پُڙين[8]، جي جِيلَنِ ڪَرِيين هَزارَ،
جِهَڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تِهَڙو دَمُ دوستَ جو.

١٢

سَهسين سِڄَنِ اُڀري، چوراسِي چَنڊَنِ،
بِاللهِ[9]، ري پِرِيَنِ، سَڀَ اُونداهِي ڀانئيان.

١ـ ساڙ، حسد ٢ـ رقيبن، خيرن، گٿهن، حاسدن ٣ـ سانباهو، تياري ٤ـ پرھ ڦٽيءَ * عام ماڻهو اوٺيهن تاريخ کان پيا چنڊ کي ڳولين. ٥ـ عام ماڻهوءَ تي ٦ـ ڏوھ، ميار (ملامت) ٧ـ اها پرولي يا راز نہ سمجهين تہ مون کان پڇ ٨ـ برابر ٿئين ٩ـ الله جو قسم تہ.

١٣

چَندَ! تنهنجي ذاتِ، پاڙيان نہ پِرينِ سين،
تون اَڇو ۾ راتِ، سَڄڻُ نِتُ سوجهرا.

١۴

چَندَ! چِٽائي[١] تُنهنجي، سِياهِيءَ[٢] ۾ سُورُ،
لايان لالَ لِڱنِ کي، چَندُنِ ٻَري ٻُورُ*،
ڪُوماٽو ڪَپُورُ[٣]، مون واجهائيندي پَرينءَ کي.

١٥

چَندَ! لَڱَنئي مَندُ، سنجهي ٿي سِيخ[٣a] ٿيين،**
ڪَرِ اُونداهِي اَندُ، تہ مِلان مَحبُوبَنِ کي.

١٦

چَندَ! چُٺَين[٥] حَقُ، جي وِڙهين، جي وِچِرين[٦]،
ٻہ اَکِيُون تِيو نَڪُ، تو ۾ ناهِ پِرينِ جهڙو[٧]،

١٧

چَندَ! چُٺَين سَچُ، جي مُٺِي[٨] نہ ڀائِيين،
ڪَڏهن اُبرين سَنهڙو، ڪَڏهن اُبرين ڳَچُ،
منهن ۾ ٻَري ٿي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشانِي پرينءَ جِي.

١ـ روشنائي ٢ـ اونداهي رات * (توسان ملڻ لاءِ تياري ڪري) ڳاڙهي بدن کي چندن جو چورو (سرهاڻ) لڳايان. ٣ـ ڪافور(Camphor)، سرهاڻ ٣a ـ شيخ ۴ـ هن سٽ ۾ شاهہ چند کي پاراتا ڏئي ٿو.**سينجي وجين! مَري وجين!) ٥ـ چوائين ٦ـ خفي يا پريشان ٿئين ٧ـ جهڙو ٨ـ بري يا ناجائز ڳالهہ.

١٨

كَتِّي نينڌَ خُمارَ مان، جانڌ ڪِيائون نازُ نَظَرُ[١]،
سُورِجُ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ،
تارا ڪَتيُون تائِبَ ٿِيا[٢]، ديکِيندي[٣] دِلبَرُ،
جَهڪو ٿِيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

١٩

اُونداهِيءَ اَڌَ راتِ ۾، پِرِيءَ[٣a] پَسايو پاڻُ،
چَنڊُ ڪَتِنِ ساڻُ، پيهِي وِيو پَڙلاوَ ۾ *.

٢٠

تارا تيلِيءَ رُوءِ[٤]، لُڏا[٥] لالَن[٦]! اُڀرين،
جهَڙِو تو صُبُوحِ، تَهڙي صافِي[٧] سَجَڻين.

٢١

تو ڏانهن گهڻو نِهاريان، تارا تيلاهين،
سَجَڻُ جيڏاهين تون تيڏاهين اُڀرين.

٢٢

هُنَ تارِي، هُنَ هَنڌِ، هُتِ منهنجا سُپِرين؛
سَجَڻَ ماکِيءَ مَنڌِ[٨]، ڪَؤُڙا ٿِينِ نہ ڪَڏهين.

١ـ ناز سان نهاريائون ٢ـ توبہ ڪئي، پيش پيا، شرمايا ٣ـ ڏسندي ٣aـ پرينءَ * چند تارن سوڏو گمہ ٿي ويو. ٤ـ تهڙيءَ طرح يا ريت ٥ـ سهيل تارو، هڪ تاري جو نالو، جيڪو سياڳو سمجهيو وڃي ٿو. ٦ـ اي سهڻا! ٧ـ روشني، چمڪ، ٨ـميناج.

هُنَ تارِي، هُنَ هيٺِ، هُتِ منهنجا سُپِرين،
سَڄَڻَ ماڪِيءَ ميٺِ، ڪَؤڙا تِينِ نہ ڪَڏهين.

٢٤

هُنَ تارِي، هُنَ جاءِ، هُتِ منهنجا سُپِرين،
سَڄَڻَ ماڪِيَ ساءِ[١]، ڪَؤڙ تِينِ نہ ڪَڏهين.

٢٥

تارا، تِرَ[٢] تِروڪِڙيُون[٣]، مَتِينِ ڦُلَڙِيُون[٤]،
ڪوءِ[٥]! سي راتَڙِيُون، جي مون پرينءَ پُڄاڻان پيئيُون.

وائي - ١

جيڏيون! هِيُ ضَرُورُ، آيِل[٦]! ڪيئن رَهندو پرينءَ ري[٧]،
سَگهو ساعِتَ[٨] نہ جندَڙو، اَٿِي پَهر مَلُورُ[٩]،
آيِلِ! ڪيئن رَهندو پرينءَ ري.
مَنَ ۾ مُشتاقَنِ[١٠] جي، ساڄَنَ! تُنهنجو سُورُ،
آيِلِ! ڪيئن رَهندو پرينءَ ري.
پيرين[١١] آئون نہ پُڄَنِي ڏيهُ پِريان جو ڏُورُ،
آيِلِ! ڪيئن رَهندو پرينءَ ري.
وَڃِي ويلَ سي ڪنهين هينئڙو پرينءَ حُضُورِ،
آيِلِ! ڪيئن رَهندو پرينءَ ري.

١- ذائقو. ٢- خال ٣- ننڍڙا تر يا خال ٤- ننڍيون ڦليون ٥- ڪڏ پون ٦- امڙ ٧- ڪان سواءِ
٨- پل ٩- ملول، پريشان ١٠- عاشقن ١١- پيرين پنڌ ڪري، پيادل.

وائي-٢

آڳڙِ آيامِ پيهي، يا اَلا! مون سارِينديِ سُپرِين.
مُشڪَ عَطرُ[١] مون پِرين، سِڪيَسِ ڇَمرُ[٢] سَيِيئي[٣]،
يا اَلا! مون سارِيندي سُپرِين.
تَنُ جَنِين جو طالِبُو، رُوحَ تَنِين سين رِبِهي[٣a] *،
يا اَلا! مون سارِيندي سُپرِين.
ساڄَنَ سندِيَ سُونهَنِ جِي، آئون ڳالهِ ڪَرِيان ڪيهِي[٤]؟
يا اَلا! مون سارِيندي سُپرِين.
تيو لُطفُ، لَطِيفُ چي، دوسُ[٥] آيو دَرِ پيهِي،
يا اَلا! مون سارِيندي سُپرِين.

وائي-٣

وَهِلِي[٦] وَنءُ[٧] مَ وِهامِي[٨]! رَهُ راتَ، رائِيندِيَسِ[٩] پرينءَ ڪي.
شَمعَ ٽيِنديس شَبِ[١٠] ۾، اِنَ خُوشِييءَ ڪانَ ڪامي،
رَهُ راتَ، رائِيندِيَسِ پرينءَ ڪي.
بابُوئَنِ[١١] سَندِيَ باهِ جيئَن[١٢]، ٻَران شالَ اُجهامِي*!
رَهُ راتَ رائِيندِيَسِ پرينءَ ڪي.

١ـ مشڪ ۽ عطر جهڙو ٢ـ چمار، حياتي ٣ـ ساري، سجي ٣a ـ ريهه ٽيل، سوگهو ڳنڍيل (Rivetcd) * روح ان سان ريجهي يا رهاڻ ڪري. ٤ـ ڪهڙي ٥ـ دوست، محبوب ٦ـ جلدي ٧ـ وڃ ٨ـ گذري، پوري ٿي ٩ـ پرچائيندس (ماڻيندس) ١٠ـ رات ١١ـ جوڳين، آديسين، فقيرن ١٢ـ جيان * فقيرن جي دونهيءَ وانگر شل پٽي ٻران ۽ اجهامان.

پِرتِ جا پِيتَمَ[١] جِي سا ڪِينَ پُروڙي عامِي[٢]،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

مون ڪي مونُ پِريَنِ جو، آھي دَردُ دَوامِي[٣]،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

آھِيانُ يارُ سَيُدُ[٤] جو ڪانَ رَھي ڪا خامِي[٥]،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

ھُو جو لَنؤُ، لَطِيفُ چِي، مون ڪي آھِ مُدامِي،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

روشَنُ[٦] ٿِيان رُجُنِ[٧] ۾، جي ھُئان لَنؤُ اِنھين لامِي[٨]*،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

ڪارِي سا قِيامَ سَئِين[٩]، ھوتُ جنھن جو حامِي[١٠]،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

آيمِ[١١] تنھن لوڪَ سين[١٢]، جيسِين مان چَوَنِ سُوامي[١٣]،

رَھُ راتَ، رائِينديَسِ پرينءَ ڪي.

١- محبوب(پريتم) ٢- عام رواجي ماڻھو ٣- مدامي (دائمي) ٤- حضرت محمد ﷺ
٥- گھٽتائي، ڪچائي ٦- صاف، نوراني ٧- رڻ پٽ يا دنيا ٨- نمندڙ، محو * جيڪڏھن انھيءَ عشق (پيغمبر جي الفت) ۾ محو ھجان تہ دنيا ۾ صاف ۽ پاڪ مشھور ٿيان.
٩- سڌي، بي خطر ١٠- مددگار ١١- گھارڻو پيم ١٢- ھن دنيا جي ماڻھن سان، جي عشق کان غير واقف آھن ١٣- جيسين مون کي مرشد جو ارشاد ٿئي.

داستان ٻيو

١

ناسِيندي[١] نِگاهَ، پِهرين ڪِجِ پِريَنِ ڏي،
اَحوال عاجِزَنِ جا، آڪِج[٢] لَڳِ اَللهَ،
روزُ نِهارِنِ راهه، اَڪِيُون اوهان جي آسَري.

٢

ناسِيندي نَظَرَ، پِهرين ڪِجِ پِريَنِ ڏي،
قَمَرَ! ڪَهِجِ قَرِيبَ کي، نِستُ[٣] آئُون نِٻَرُ[٤]،
ٻِي پِيڙِي[٥] ناهيم پَرُ[٦]، اَڪِيُون اوهان جي آسَري.

٣

ناسِيندي نِرتَ[٧]، پِهرين ڪِجِ پِريَنِ ڏي،
قَمَرَ! ڪَهِجِ قَرِيبَ کي، ساري سانُ سُرتِ[٨]،
ٻيو پَروَسو نه پِتِ[٩]، اَڪِيُون اوهان جي آسَري.

٤

ناسِيندي نِهارَ، پِهرين ڪِجِ پِريَنِ ڏي،
آئُون جي ڏِيئَنُ[9a] سَنِيها، چَئِجِ چَندَ! اَپارَ[١٠]،
ساجَنَ! سَڀَ جَمارَ، اَڪِيُون اوهان جي آسَري.

١ـ اپرندي، نڪرندي، چمڪندي ٢ـ چئج ٣ـ ڪمزور ۴ـ بي طاقت(نِبلُ) ٥ـ اُجهو ٦ـ آڌار ٧ـ نظر، ڏيان ٨ـ سمجهه، هوشياري ٩ـ ديوار، آسرو، آڌار 9a ـ ڏِيانءِ ١٠ـ بيشمار.

٥

ڇَڱا چَندَ! چَئيجِ، سَنيها کي سَڄَڻين،
مَٿان اَڱڻِ اُڀِري، پِرِيَنِ جي پَئيجِ،
جهيڻو ڳالهائيجِ*، پيرين وِجهي هَٿَڙا.

٦

آئون جي ڏِيَڻ سَنيها، سي تون چَندَ! پَلءِ ٻَنڌُ،
چَئِجِ حالُ حَبيبَ کي، نَئِي[1] نِوڙائِي ڪَنڌُ،
تو تيڏاهِين پَنڌُ، جيڏانهن عالَمَ آسَرو.

٧

اُڀرُ چَندَ! پَسُ پِرين، تو اوڏا، مون ڏُورِ،
سَڄَڻَ سُتا وِلهَ ۾، چوتا پِري ڪَپُورِ**،
پيرين آئون نہ پُڄَڻِي، ٻابَلُ[2] ڏِئِي نہ ٻُورِ[3]،
جنهن تي چَڙهي اسُورِ[4]، سَنجهي سَڄَڻِ سِيَتِيان[5]:

٨

آئون اُڪَندِيائِي مَران، پِرين پَلا، پَرَ ڏُورِ،
ٻابَلُ ڏئي نہ ٻُورِ، پَنڌَ نہ جوڳِي[6] پِيَڙي[7]***.

٩

ڏَئي! ڪَرِيندين ڪِڏهين، حياتيءَ[8] هيڪاندِ[9]،
مَنَ ۾ مُشتاقَنِ جي، ڪِي. رُنجائِي[10] راندِ،
پِرِيَنِ ڏيساندَرَ پاندِ[11]، ڳُجهہ ڳَرِهيان[12] ڪَنِ سين.

---

* آهستي ادب سان ڳالهائج ١- نمي ** محبوب. کلي هوا ۾ سرها تيل قليل ڪري ستا آهن. ٢- بابو، پيءُ ٣- پوري رنگ وارو، گورو يا ڪنواٽ (اُٺ) ٤- اسُر يا صبح جو ٥- سَٿَ سَٿَ ڪري يا تڪڙو وڃان ٦- لائق ٧- پيل، بيمار *** مون پٽ پيل ڪان پنڌ نٿو پڄي. ٨- زندگيءَ ۾ ٩- وصال ١٠- بيماري، عشق ١١- پرڏيهہ ڏانهن ١٢- اوريان، بيان ڪريان.

١٠

هينئڙي سَجَڻَ ساريا، ڪِتي هُوندم هيرَ[١]،
اَڇي لالَنَ! نہ ڏِيين مَتي پَلَنگَنِ پيرَ،
تِي وِرُوهَڻَ[٢] ويرَ،[٣] گُجھ گِرَهِيان[٤] ڪَنِ سين.

١١

وَڏَ ڦُڙو ۾ واءُ، ڪَرَهي ڪاڏو[٤a] ڪوڙيو،*
ڪوءِ، ٻَنِ، پَلاٽِيان، اولاٽيو[٥] نہ اُتِئِي**.

١٢

پَلاٽِيان پِيو! اولاٽيو نہ اُتِئِي!
جيڏاهن وَڳُ[٦] ويو، اُيو تَرسي[٧] اوڏهين[٨].

١٣

ڪَرَهو، نہ ڪِيڪانُ[٩]، پيرين آئون نہ پُڄَئِي،
جو مون راتِ رَساٽي، نيئِي ساڄَنَ ساڻُ،
مون نہ وَهِيٽُو[١٠] پاڻُ، وينِي نيڻَ نِچوئِيان[١١].

١٤

ڪَرَها! ڪَسَرَ[١٢] ڇَڏِ، وِکُون وِجُھ وَڏَنڍِيُون،
هيڪَرَ جَبِيبَنِ سان، مون کي نيئِي گَڏِ،
مَچُڻِ[١٣] پُونِئِي هَڏِ، آهُون اُڪَنڊِيَنِ جُون*.

١- هن وقت ٢- رهاڻ ٣- ويل، وقت ٤- اوريان ٤a- اُٺ جي سيني جو اهو ڀاڱو جيڪو ويهڻ وقت پَٽَ تي کُپي، زمين ۾ کڏ ٺاهيندو آهي. *- گيڏي ٺي ويهي رهيو. ٥- اڻ پلاٽيل ** کڏ پوي پلاڻڻ، ڇاڪاڻ جو هي اُٺ تہ پلاڻڻ کان سواءِ ئي ٺنگون ٺيڙيو پيو آهي.
٦- ولر ٧- سِڪي، تانگهي- فارسيءَ جي ترسيدن مصدر مان ٺهيل مضارع جو فعل ٨- اوڏانهن لاءِ پيو تڙپي ٩- گهوڙو ١٠- هٿ وس ١١- پتوڙيان ١٢- گيسر، دير ١٣- متان * متان عاشق جون آهون هڏ ۾ پونئي (اثر ڪنئي).

۱۵

ڪَرَها! ڪَسَرَ چَڏِ، وِڪَ وَڏَندِي پاءِ،
منهنجو هَلَڻُ اُتهين[1]، جِتي جانِبَ جاءِ،
توکي چَندَنُ چارِيان، پِيو وَڳُ[2] لاٿِي ڪاءِ،*
اِيهِين[3] اُٺَ! اُناءِ، جِيئَن هُوندِيءَ رات[4] هُتِ مِڙُون.

۱٦

ڪَسَرَ چَڏِ ڪَنواتَ[5]، وِڪُون وِجُهه وَڏَندِيُون،
سَنئِين سُپِيرِيَنِ جِي، وِنگِي[6] يانءِ مَ واٽَ،
چَڏِ جهوري[7]، ڏي جهاتَ[8]، تہ هونديءَ راتِ هُتِ مِڙُون.

۱۷

ڪَرَها! ڪُرُ[9] سُڃاڻُ، پِيئَڪو[10] ۽ پانهنجو،
اَصلِ آهي انهنجو[10a] ناليرو نِڏانُ[11]،
ڪَرَها! اسان ساڻ، ڪي، چانگا[12] ڪِج چَگائِيُون.

۱۸

آٿي پَڏَمِ وَڻ جاءِ، مانَ مُڪَرِيُون[12a] چَري،
ڪُڏاٿُورو[13] ڪَرَهو، لِڪِيو لاٿِي[14] ڪاءِ،
اِنَ مَيِي[15] سندي ماءِ! مون ڳالهڙِين ڳوڙها ڪِيو[16].

۱۔ اُتاهين، اوڏاهين ۲۔ ولر *پيا اُٺ جتي لاٿو ڪائين اتي آءٌ توکي چندن کارايان ۳۔ ائين ۴۔رات هوندي، اڄوڪي رات ۵۔ ننڍا اُٺ ٦۔ ڏنگي، ڏکي ۷۔ رينگٹ، ڪر ڪر، ڳِٽي ۸۔ سٹ ڏي، ڪاھ ۹۔ ٻڙ، نسل ۱۰۔ اباڻو، پيءُ وارو ۱۰a۔ اوهان جو ۱۱۔ خاندان ۱۲۔ متارا اُٺ ۱۲a۔ مُڪرِيون (گلن جون)، گوُنچ ۱۳۔ ڪميڻو، ڪمذات، ڪڏو ۱۴۔ ٻوٽو (ذائقي ۾ کارو هوندو آهي) جو اُٺ کي ڏاڍو وڻندو آهي (هت نفساني خواهشون) ۱۵۔ اُٺ ۱٦۔ منجهيل سٹ جي ڳوڙهي وانگر پريشان ڪيو.

١٩

مَيا! مَجِ مِنَتَ، اَجُ مُنهنجِي ڪَرَها!
جهاڳِينديِ جَرَ[١] پَٽِيُون[٢]، مَتان ڪَرِيين ڪَٽَ[٣]،
سُپِرِيان جي سَٿَ[٤]، مون ڪي نيٺِي ميڙِين.

٢٠

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِيَنِ ڳُتِيَسِ مالَ[٥]،
ڪَدِيفِي[٦] جِي ڪَرَها، هيڊِي[٧] پايئِن[7a] حالَ[٨]،
چَندَنُ چاريئِين[8a] جالَ[٩]، جي مون راتِ رَساٽِيِن.

٢١

ڳَلِ ڳانا ياقُوتَ جا، موتِي مَنجِهه مَهارَ،
چانگا! چَندَنُ چارِيئِن، اَنٺِي پَهرَ اَپارَ،
سَندِيَ پِيءَ[١٠] پَچارَ[١١]، جي مون راتِ رَساٽِيِن.

٢٢

مَيا! تو مَهارَ، سَچِي پايان سونَ جِي،
چارِيئين چَندَنُ چوتِيُون[١٢]، نايو[١٣] ميندِيءَ ڏارَ،
سَندِيَ پِيءَ[13a] پَچارَ، جي مون راتِ رَساٽِيِن.

٢٣

اُٺُ نہ وَجِي وَڳَ[١٤] سين، چَري نہ لاٺُو،
مَيِي ڪي مَجازَ[١٥] جو، ٿُوهي ۾ ٿاٺُو[١٦]،
پَتاري ياٺُو[١٧]، مَرَندي سِينءَ[١٨] نہ مَتِيو.

١ـ پاٽي ٢ـ ميدان ٣ـ شمار، ڳَتيون ٤ـ جماعت، گڏ ٥ـ مالها ٦ـ ريشمي (قطيفه) ٧ـ مهار، واڳ 7aـ پايانءِ! پارايانءِ! ٨ـ هڪدم، نه پهه 8aـ چاريانءِ! ٩ـ گهڻو ١٠ـ پرين، ١١ـ پيچري، منزل ١٢ـ گؤنچ، ڪچا پن ١٣ـ نمايو، هيٺ لاٿري 13aـ پيا، پرين ١٤ـ ولر ١٥ـ مغروري (مجازي عشق، هستي) ١٦ـ جاءِ، گهر ١٧ـ وٺانُ ١٨ـ تائين.

٢۴

اُٺُ نہ وَڃي وَڳَ سين، ٻَڌو چَري نہ ٻُورُ،[o]
مَيِي کي مَجازَ جو، ڪُڙِهِ اَندَر ڪو سُورُ،
سو ڪر پِرايَئِين[1a] پُور[2]، سُڪي جيئن ساٺُو ٿيو.

٢٥

اُٺُ نہ وَڃي وَڳَ سين، چَري نہ چانگو،
لَڳِيَسِ نائُڪَ[3] نينهن[4] جِي، نِهوڙيو[5] نانگو[6]،
چَڏي سِرَ سانگو، رِڙهي رَنڊِ[7] پِرِيَنِ جي.

٢٦

ويهي منجَهِين[8] وَڳَ، ڪَٿُورِيءَ ڏارَ چَري،
ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَڌرِ پَڳَ نہ لَڳَ*،
جَڳَ سين جهِڙو جڳَ، هِيئِنِ سين هُتِ چَري.**

٢٧

پُورُ[9] نہ چَري ٻُورُ، چَڏيو تُورُ[10] تَڪُون ڪَري[11]
مُونِڻِ هَٽِي[12] موتيو، ڪَرَهو راتِ ڪَپُورُ[13]،
مَيو ٿِيو مَعمُورُ[14]، چَندَنُ چَکِي آئِيو.

٢٨

پيشانِيءَ ۾ پِرِيَنِ جي، چانگِي رَکِيو چِتُ[15]،
نيِتَ[16] چِنايو نِتُ، اُيو اوڏاهين آسري.

---

o- پُرو اُٺ ١- ڪڪ، بدن 1a- پرايائين. ٢- خيال، عشق ٣- نؤڪ، چپيٽ(ناوَڪَ (ف)= تيرُ) ۴- نينهن، عشق ٥- نابود ٿيو ٦- اگهاڙو (اٺ) ٧- رستي، پيچري ٨- منجهئين * ظاهر پِيرَ نٿو لڳيس، ظاهري روش تي نہ لڳجانءِ. ** منهنجو اٺ ٻين سان ٻين جهڙو آهي، پر حقيقت ۾ لنؤ يار سان لڳي پئي اٿس. ٩- پورو (اٺ) ١٠- گلن ۽ مکڙين جون اندريون ڦلڙيون جيڪي اُٺ کائيندا آهن. ١١- لوٽا ڦيرائي، گهور ڪري نهاري ١٢- گوڏن کي هٽي، لتاڙي، نہ کائي ١٣- ڪافور (هتي خوشبودار گاه) ١۴- پرپور ١٥- دل، ڌيان ١٦- نوڙ

اَجُ نہ اَڳئين ڏارَ[۱]، ڪَرَهو جيئن ڪالهہ هُئو،
اَڳُڻِ آيو نہ ڪَري، پاهوري[۲] پَچارَ،
جيڪُسِ مَنجھِ قطارَ[۳]، ڪا وَلِ چِنائين[۴] وِهَ جِي[۵]،

۳۰

مَيِي ماڪائي[۶]، وِڏو واتُ وَلِيُنِ ڪي،
خَبَرَ تِپي ڪيٽَ- ڏَٽِينِ[۷] ڪي، وِڏُوٽا[۸] واهِي[۹]،
ڪَرَهي ڪاڪَتَ[۱۰] چِڏِيي،[۱۰a] وَرِيَسِ نہ وائِي،
چانگي چَرِيائِي، ويئِي ويچارِي وِسَرِي.

۳۱

مِنِيُون لَهِي مُهاءِ[۱۱]، جي تو چانگا چِنِيُون[۱۲]،
وَلَڙِيُون وِهَ ساءِ[۱۳]، اَجا تو مُهَنديُون[۱۴]،

۳۲

وَتِپي سيٽَ[۱۵] سُوَٽَ[۱۶]، پاءِ پنهنجي ڪَرَهي،
وَلِيُون واسَ وَرَنِيُون[۱۷]، پَهرِيُون[۱۸] مَٿي پَٽَ،
چانگي چَکِي چَٽَ[۱۹]، تہ پوءِ نہ رَهندو پَيندَ[۲۰] ري.

۳۳

ڪين[۲۱] جو ڪيڏاهين، چانگو چَکِي آئيو،
تاٽيو تيڏاهين[۲۲]، نيٽَ[۲۳] چِنايو نِڪري.

۱- نموني ۲- توبري جي ۳- ولر، وڳ ۴- ڪاڏائين ۵- زهر جهڙي تلخ ۶- ڪڏ ڪري
۷- ٻنيءَ جي مالڪن ۸- ڪاوڙيا ۹- سنيالينڊڙ (راڪا) ۱۰- طاقت ۱۰a- چِڏي ۱۱- منهن
اڳيان، ويجهو ۱۲- ڪاڏيون ۱۳- ذائقي، سواد ۱۴- اڳتي، پريان، نقصان پهچائيندڙيون
۱۵- نوڙ ۱۶- سٺا وتيل، سخت ۱۷- خوشبودار ۱۸- پڪڙيون ۱۹- چهري ۽ سواد واري
۲۰- پَيڌُ، ڏاوَڻ، نوڙ ۲۱- ڪجھ ۲۲- تيڏانهين ۲۳- مضبوط نوڙي.

۳۴

ڪَرَهي ڪي ڪَنِين، وِڏَمِ پَينڊَ پَلَڻَ[۱] جا،
لِپڙو[۲] لاٽِيءَ ڪي چَري، نيئر[۳] ساڻُ نَئِين[۴]،
چانگي سَندي چِتَ ۾، صاحبَ! وِجهه سَئِين[۵]،
اوباهِيوسِ[۶] اِئين[۷]! لُطفَ ساڻُ، لطيفُ چي.

۳۵

ڪَرَها[۸]! توکي ڪامَ[۹]، مون سَچو پَسِي سَچِيي[۱۰]،
مانَ پَرُوڙِي مامَ[۱۱]، ساڱاهي[۱۲] سَئِينءَ وَهين*.

۳۶

ڪَنياتڙِي تَڙَ[۱۳] وَرِي، اُپِي تَڙِ واجهاءِ،
مانَ اَچِهُون[۱۴] ڪاءِ، سُواڌائِي[۱۵] سَڄَڻين.

۳۷

چانگي چَئِي چُڪِياسِ، مَتاءَ اَڪَ نہ اُلهِي[۱۶]!
جنهن وَلِ گهٽا وِهاتِيا[۱۷]، اُنَ سين آرِ[۱۸] لَڳِياسِ،
چوڏارِي چَندَنَ وَڻَ، پَچِي پُوجَ[۱۹] پِياسِ،
راڙِي[۲۰] رَتَ ڪِياسِ، هِنَ ڪُڌاتُورِي[۲۱] ڪَرَهي!

۳۸

اُتِي اَڙائِينسِ[۲۲]، چَڏِيو تہ چيڪَ[۲۳] ٿِيو،
ڪارايان، ڪِڙِيو[۲۴] وَجي، پَلاٽِي پائِينسِ،
ڏاوَڻِ تنهن ڏائِينسِ، جيئن چَري ۾ چِنگهي پِٽُو[۲۵].**

۱- روڪڻ ۲- اُٺ ۳- زنجير ۴- نمي، ڪٽي ۵- سڌي، چڱي ۶- اُبو ڪري بيهاريوس ۷- اوهين، توهين ۸- اي ڪرها، اُٺ ۹- چهو، چهبڪ ۱۰- سَچين، اولاري، هنٺي ۱۱- رمز، اشارو ۱۲- ساڱائي، سمجهي * سمجهي سنئون رستو هلين. ۱۳- ڪنيات نار واري تڙ تي (هتي دوست جو در) ۱۴- اسان کي اچي ۱۵- مبارڪ، خوشخبري ۱۶- (پنهنجي ضد تان) هيٺ لهي. ۱۷- موڳا ڪيا ۱۸- محبت ۱۹- گهٽا ۲۰- رڻاڙي ۲۱-ڪميڻي، سڪٽي نسل واري ۲۲- پڌينس! ۲۳- اڻ سهائيندڙ نموني ۾ آزاد، رولو (چڙواڳ) ۲۴- ٿهيو، ٽنو، پڳو ۲۵- پيو

٣٩

دُو دَستِي، دُو پيرَ! سِيني سنگهرَ رُڪَ جِي*،
ماءِ! منهنجي ڪَرَهِي، تازي ڦُلَنِ** هيرَ[١]،
تنهن ڪامَڻَ[٢] ڪَندِي ڪيرَ، جو مُونهين[٣] وَتِ مَسَ رَهي.

٤٠

ڪَنِين ڪامَڻَ ڪياءِ، ڪِيئَن پنيولِئِنِ[٤] ڪَرَها،
آڪِيَنِ مَتي آڪِيا[٥]، پِڙَ[٦] ۾ پيرَ گنناءِ،
وَڳَ ڪِ[٧]، وِسَرياءِ، ٻَڌو جيئَن گهاٽِي وَهِيَنِ!

٤١

هوسُ وَڏيرو وَڳَ جو، مِڙِني ۾ مَهِندارَ!
چُنِمَ[٨] تي چاڳَ[٩] مَنجهان، موڙِيو مَجَرَ تارَ،
لِڪِئي جي لَغارَ[١٠]، آئي ٻَڌَمُ آڪِيا.

٤٢

نَوَ[١٠a] نِيئَرَ پائي، جان مون هينئڙو جَهِليو،
وِيئڙو چِنائي، پوئِينءَ رات پِرِيَنِ ڏي.

٤٣

نَوَ نِيئَرَ، ڏَهَ ڏاوَڻِيُون، پندرهن[١١] پَينڌ[١٢] پياسَ،
جڏهن سَجَڻَ يادِ پِياسِ، چِرڪَ چِنائِين[١٢a] هيڪَڙي.

---

* هن ٻَن هٿَن ۽ پيرن واري اُٺ/ نفس کي رڪ جو زنجير سيني تي ٻڌو اٿم. ** ڦُلن
١ـ عادت ٢ـ جادو، منڊ ٣ـ مون ئي ٤ـ پنيلجي وئين ٥ـ اکين جا کوپا ٦ـ گهاٽي جي ميدان يا پڙ ٧ـ ڪيئن ٨ـ ڪاڏمر ٩ـ ناز ١٠ـ اثر، انگ ١٠a ـ ٩ (Nine) ١١ـ پندرهن ١٢ـ نوڙ ١٢a ـ چنايائين.

۴۴

كائي نہ كَنَٽَهارَ[۱]، چَندَنَ جا ڇُوپا ڪَري[۲]،
اَگَرَ[۳] اوڏو نہ وَڃي، سِرِكَنڊَ[۴] لَهي نہ سارَ،
لائي جِي لَغارَ[۵]، مَيو مَتارو ڪِيو.

۴۵

چانگا! چَندَنُ نہ چَرين، مَيا! پِيين نہ موڪَ[۶]،
اَگَرَ اوڏو نہ وڃين، ٽُڪِيو ڇَڏيِين ٽوڪَ[۷]،
لائي وِچان لوڪَ[۸]، تو ڪِهَڙي اَكَرِ[۹] آٽِڙي[۱۰]؟

۴۶

جِٿان[۱۱] ڪوڙِ[۱۲] ہـ ڪائِيُون، پَنجين لَڪين پاءُ، *
مَيو تنهن ماڳاءُ[۱۳]، ڏِيهاڙِي[۱۳a] ڏارَ چَري. **

۴۷

جِٿان ڪوڙِ ہـ ڪائِيُون، پَنجين لَڪين پَنُ،
تِٿان ڇائي ڇُڳِيُون[۱۴] مَيي رَتو[۱۵] مَنُ،
تنهن وَلِ سَندو پَنُ، ڪُوماٽو ڪوڙِين لَهي. +

۴۸

لَڪِ لاكِيٽو[۱۶] ڪَرَهو، ڪوڙِين ڏيئي ڳِڌومِ،
اَگُڙِ سُونهن ٽِيومِ، مُلهہ[۱۷] مَهانگو مَ چئو.

۱- اڇي گلاب جو قسم ۲- ٽوڪاريو ڇڏي ۳- وڻ جو قسم جنهن جون ڪائيون خوشبوءِ واريون هونديون آهن. ۴ صندل، چندن ۵- چشڪي، عشق ٦- جالارو ٻاٽي ۷- شيون، ڪاڄ ۸- مخلوقات مان ۹- ڪهڙي سبب ۱۰- وٽي ۱۱- جتان ۱۲- ڪوڙي، ويهہ (اصطلاحي طور ڪروڙ يا ڳاڻيٽي کان ٻاهر) * جنهن (وڻ) جي ٻن ڪائين جو مُلهہ ڪوڙيئين رپيا آهي ۽ جنهن جو پاءُ ڪن پنجن لکن ۾ ڳنهجي. ۱۳- تنهن جاءِ تان ۱۳a- ڏهاڙي، روزانو، هرروز ** هيءُ اُٺ انهيءَ وڻ جون ٽاريون روز چَري ٿو! ۱۴- ننڍا ڇڳا ۱۵- رچي ڳاڙهو ٿيو + انهيءَ وَل جو ڪوماٽل پَن بہ ڪروڙين رُپيا لهي ٿو! ١٦- لکن جو ۱۷- ملهہ.

لَڪِ لاڪِيٽو ڪَرَهو، ڪوڙِيِن ڏيئي چوڙِ،
اها سَتِ[۱] سَيّدُ چي، جِهِين تِهِين[۲] جوڙِ،
تُرتُ رَساڻي توڙِ[۳]، جُهه پَلاٽِيو[۴] تہ پرينءَ مِڙي.

۵۰

لَڪِ لاڪِيٽو ڪَرَهو، ڪوڙِيِن ڏيئي ڪاهِ،
ايلاچِيُون آهُرَ مِ، پُوچَ[۵] مَيي ڪي پاءِ،
ڪَٿِ نہ ڪندو ڪاءِ*، جُهه پلاٽِيو تہ پرين مِڙي.

وائي-۱

آهِينِمِ ڳالهڙِيُون، ماءِ! مُرادُون پرينءَ سين.
جي مان پپِيُون پرينءَ ري، ڪوءِ! سي راتڙِيُون،
ماءِ! مُرادُون پرينءَ سين.
جي مان اورِيُون پرينءَ سين، وَرَ[۶] سي راتڙِيُون،
ماءِ! مُرادُون پرينءَ سين.
پَسَڻَ ڪارَڻِ پرينءَ جي، پاتِيُمِ جهاتَڙِيُون[۷]،
ماءِ! مُرادُون پرينءَ سين.
آڏِيءَ، عَبدُاللّطيفُ چي، ڪُهَنِ ڪاتَڙِيُون[۸]،
ماءِ! مُرادُون پرينءَ سين.

۱- سودو، عيوض ۲- جيئن تيئن، ڪيئن بہ ڪري ۳- منزل مقصود تي ۴- جنهن وقت پلاٽيون ۵- گهٽيون * ڪا بہ ڳڻ ڳوت نہ ڪندو. ٦- بهتر ۷- جهاتيون، ليا ۸- تنديون ڪاتيون.

وائي-٢

سَڏِڻ[١] سيڻَ نہ هُونِ، نِينهُن نِباهِي نہ ٿِئي،
ڪارِيءَ راتِ رَتَ ڦُڙا، جان جان نيڻ نہ رُونِ،
نِينهُن نِباهِي نہ ٿِئي.
مونَـڻُ جَنِين مِيهَڻُو، پِڙَ[٢] تي سيئِي پُونِ،
نِينهُن نِباهِي نہ ٿِئي.
جَنِ مُسافِرَ سُپِرين، سي مَرُ[٣] رويو رُونِ،
نِينهُن نِباهِي نہ ٿِئي.

وائي-٣

توٽي تَڙِيِن[٤] تون، يا اَلا! تو دَرُ توءِ[٥] نہ ڇَڏِيان!
مون ڪي سو مُشاهِدو، جي مُنهن نہ ڏِئِين مون*،
يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇَڏِيان!
مون پِيا دَرَ گهڻا نِهاريا، آهِيين تُونهِين تون،
يا اَلا! تو دَرُ توءِ نہ ڇَڏِيان!

١- سڏ ڪرڻ سان ٢- (عشق جو) ميدان ٣- ڀلي ۴- هڪالي ڪڍين ٥- تہ بہ
* جيڪڏهين تون مون ڪي عزت سان نہ آدرياءُ ڪرين، تہ بہ مون ڪي ديدار تہ ٿيو. مون ڪي رخ ڏين يا نہ ڏين، مون لاءِ تہ ديدارِ ٿيو.

سُر سريراڳ

سُر بابت

سريراڳ، ڇهن مول راڳن مان هڪ آهي. ٻيو ڪوبه مول راڳ رسالي ۾ ڪونهي. هن سُر کي سراڳ پڻ چوندا آهن. 'سر' جي معنيٰ سٺو. هي راڳ شام جو ۴ بجي کان ۸ بجي تائين ڳائبو آهي.

هن سُر ۾، اڪثر ڪري ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهڻيون اختيار ڪيون ويون آهن. جتي ڊاڪٽر ٽرمپ واريون پڙهڻيون موزون ۽ معنيٰ دار سمجهيون ويون آهن، اتي اتي، اُهي اختيار ڪيون ويون آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جيڪي بيت رد ڪيا آهن، تن مان هيٺيان بيت شاهه جا سمجهي ڪنيا ويا آهن:

داستان-۴ ۾ بيت نمبر ۸، ۱۲، ۱۳، ۲۳ ۽ داستان-٦ ۾ بيت نمبر ۲.

مضمون:

هن سُر جو مضمون آهي، سمنڊ جي مسافري ۽ ان جا خطرا. شاهه جيڪي ٽي سال ڳوٺ ڇڏي گم ٿي ويو هو، تن ۾ جوڳين جي جاٽ سان هنگلاج جي تيرٿ ڪري، گرنار ڏي ويندي، ڪراچيءَ جي لاڙ واري حصي جو سير ڪيو هئائين. ڪراچيءَ جو لاڙ وارو ڀاڱو، واپار سبب هاڪارو هو، تنهنڪري اتي جي وڻجارن جون حقيقتون ٻڌائي ٿو ته هو ڪهڙا ڏيساور ڏوريندا هئا ۽ ڪهڙو ڪهڙو واپار ڪندا هئا. هو لونگن ۽ ايلاچين (ڦوٽن) جو واپار ڪندا هئا، عميق مان سپون سوجهي ڪيندا هئا؛ واپار سانگي بنگال ڏانهن ويندا هئا؛ وغيره وغيره.

روحاني راز:

شاهه، هن سُر ۾، نه رڳو چشمديد واقعات، تاريخي احوال، وڻجارن جي جذباتن ۽ امنگن جا بيان ڏنا آهن، پر هڪ وڏي تمثيل به رٿي آهي: ناکئن کي سفر تي اُسهڻ کان اڳي، ٻيڙيون ڊوئي صاف ڪندي ڏسي، انساني جسم کي ٻيڙيءَ سان مشابهت ڏيئي، نصيحت ٿو ڪري ته جيڪو سالڪ روحاني سفر لاءِ سنبري، تنهن کي گهرجي ته ٻيڙي ڊوئي، سڙهه ساڄا ڪري، لاڄو نوان ٻڌي ۽ سفر جو سامان سنڀائي، پوءِ روانو ٿئي. مولانا رومي پڻ اها ساڳي نصيحت ڪئي آهي، "ڇي- تون 'ڪثرت' (موجودات) مان 'وحدت' (حقاڻي ذات) جو عڪس دل جي آئيني تي حاصل نٿو ڪرين، تنهن جو ڪارڻ هي آهي، جو مٽس لڻ چڙهي ويئي آهي، وڃي اها لڻ لاهه، ته حقاني سچ جو پرتوو توتي پوي."

رکو سينو صاف ڪرڻ، ڪافي ڪين آهي. جيسين ڪنهن ڪامل ڪشتيبان (مرشد) جي دامن نہ ولبي، تيسين دنيا، جنهن کي سنائي سمنڊ سان تشبيہ ڏني، انهيءَ جي لهرن ۽ لوڏن مان لنگهي پار پئي ڪونہ سگهبو. ناکئا جيئن وچ سير ۾، معلم هوندي بہ، ڪنبندا ۽ خبردار رهندا آهن، تيئن سالڪ کي بہ ڪنبي وڃڻ گهرجي ۽ هرگز غافل نہ رهڻ گهرجي. سالڪ کي، غواصن وانگر، پنهنجي دل جي درياهہ ۾ ٽبيون هڻي، من جي مهراڻ مان بي بها لعل لوچي آڻڻ گهرجن، جيئن سندن پئي جهان موچارا ٿين. مطلب تہ، هيءُ بي بقا سنسار هڪ سمنڊ آهي، جنهن تي سفر ڪندي، خوفن ۽ خطرن جو مقابلو ڪرڻو پوندو ۽ شيطان جي ڪُنُ ۾ ڪرڻ جو انديشو پڻ آهي؛ تنهن ڪري رهبر ۽ رسد جو نهايت ضرور آهي.

ڪامل مرشد وٺڻ لاءِ مولانا رومي پڻ فرمايو آهي:

"رو بجو يارِ خدائي را تو زود
چون چنا ڪردي، خدا يارِ تو بوڌ."

مولانا روم جي مثنويءَ ۾، جيڪو مرشد لاءِ تاڪيد ٿيل آهي، رسالي ۾ تنهن جو پڙاڏو آهي. مثنوي، توڙي شاهہ جي رسالي ۾، دولابي فقيرن ۽ مڪار پيرن، بدعتي صوفين کي رهنما بنائڻ جي مراد اصل ڪين آهي. مرشد مان مراد آهي آن حضرت محمدﷺ جن، جنهن لاءِ روميءَ فرمايو آهي:

"چہ غم ديوار امت را ڪہ باشد چون تو پشتي بان؟"

سُر سِرِيراڳ

داستان پهريون

١

مانَ پُڇَنِئي سُپِرِين، چِتان[١] لاهِ مَ چُرَ[٢]،
اُنِين[٣] جا اَمُرَ، ڪَنُ[٤] تہ خالِي نہ ٿِيين.

٢

مانَ پُڇَنِئي سُپِرِين، چِتان چُرَ مَ لاهِ،
پِرِيَنِ اَڳِيان پاءِ، پَلئُ مَگُنَهارَ جيئَن[٥].

٣

مانَ پُڇَنِئي سُپِرِين، چِتَ ۾ رَکِج چيتَ[٦]،
سِڙُهہ ڏُٺاري صافُ ڪَرِ، صابُڻَ ساڻُ سُپيتَ[٧]،
سامُونڊِي! سُچيتَ[٨]، ٿِيءُ تہ پَهچِين پارَ[٩] ڪي.

١ـ چت تان ٢ـ يادگيري ٣ـ انهيءَ جا، خدا تعاليٰ جا ۴ـ فرمانن تي عمل ڪر ٥ـ جيان، وانگر ٦ـ ڌيان ٧ـ سفيد، اڇو، صاف. ٨ـ خبردار، سجاڳ ٩ـ ٻئي پاسي، منزل مقصود.

۴

مانَ پُڇَنِئي سُپرين، ڇِتَ مِ ڇيتاريجِ[1]،
ڪَڍِجِ ڪانِي ڪَڇَ[2] کي، ڪُوڙُ مَ ڪَمائيجِ،
وَٽِجِ وِهائِنيجِ[3]، سَبُ سوداگَرَ! سَچَ جو.

٥

مانَ پُڇَنِئي سُپرين، ڇِتان لاهِ مَ ڇورُ[4]،
ڪَڍِي ڇَڏِ تُون قلبَ مان، مارِي ڪُوڙو ڪورُ[5]،
هُنَ پَرِ[6] سَندو هورُ[7]، مَتان تو مَعافُ ٿِئي.

٦

مانَ پُڇَنِئي سُپرين، ڇِتاريجِ ڇِتُ،
دائما دُوربِيءَ[8] مِ، پَسِينِ وِلاتُنِ وِتُ[9]،
نيهَ[10] نيڪاري[11] نِتُ، ملاحَ! گَڏِ مُعلِمَ[12] سين*.

٧

ڪانُو ڪَمايومِ، مُوتِي مون نَہ وَٽِجيا،
سِيهي[13] جو سَيَدُ چئي، وَکَرُ وِهايومِ[14]،
هِهَڙو حالُ سَندومِ، توهَ[15] تُنهِنجي اُبهان[16].

٨

ڪَچُ ڪَمائِمِ ڪُوڙُ، پَڳِمِ عَهدَ[17] اللّٰهَ جا،
پِڃِرو[18] جو پاپَنِ جو، ڇوتِيءَ تائِين ڇُورُ[19]،
معلومُ اَتيئي مُورُ[20]، ڳوڙها[21]! اِنِهِينءَ[22] ڳالھ جو.

١ـ ياد ڪج. ٢ـ ڪچو ڪوڙ، ڪوڙ ٣ـ واپار ڪج ۴ـ چر، يادگيري ٥ـ ڪوڙ، ڪوٽ ٦ـ آخرت ٧ـ اڊڪو، ڳنتي ٨ـ دوربينيءَ ٩ـ خزانا، سڳهہ، طاقت ١٠ـ ٻيڙي ١١ـ نڪاري، ڏوئي صاف ڪري ١٢ـ آزمودگار ملاح، ڪپتان، مرشد *اي ناکئا! پنهنجي ٻيڙي (جسم) هميشہ صاف رکي مرشد ڪامل جي حوالي ڪر. ١٣ـ شيهو، خسيس مَٽُ ١۴ـ واپار ڪيم ١٥ـ آڌار ١٦ـ ٻينو آهيان ١٧ـ واعدا، انجام، احڪام ١٨ـ هڏن جو پڃرو، جسم ١٩ـ پرزا پرزا، ٻنڌل ٢٠ـ تت، حاصل مطلب ٢١ـ بي انت، خدا تعالى (ڳوڙاھُ) ٢٢ـ انهيءَ.

٩

ڪُوڙُ ڪَماءِ مَ ڪَچُ، اُتي اورِ اَللهَ سين،
ڪَڏِ تون دَغا دِل مان، صاحِبَ وَٽي سَچُ،
مَحبتَ سَندو مَنَ ۾، ماڻڪَ[1]! ٻارجِ مَچُ،
اِنَ پَرِ اُتي اَچُ، تہ سَودو ٿِيئي سَقَرو[2].

١٠

سَودو اِهوئي سَقَرو، سو مُون پَلَءِ[2a] پاءِ،
وَسُ ويچاري ناهِ ڪو، تون آگا[3]! عَرضُ اُناءِ،[3a]
رِيءَ همراهِي[4] هادِيءَ جي، مُورِ نہ مڙي ماءِ[5]،
لُطفَ ساڻ لَنگهاءِ، لاهرو[6] لَهرِنِ وِچَ مان.

١١

لُڙَ[7]، لَهرِيُون، لَسَ[8]، ليٽَ[9]، جِتي اتُ[10] نہ آبَ جو،
اَللهَ! اُتِ مَ اولِيِين[11]، ٻيڙا مَٿي ٻيٽَ،
جوکو ٿِئي مَ جَهازَ کي، ڦَرهي اچي مَ ڦيٽَ[12]،
لَڳي ڪا مَ لپيٽَ[13]، هِنَ غارِيبي[14] غُرابَ[15] کي.

١٢

سِڙَهَ سَوان،[15a] لاڄُو[16] نوان، اولا[17] سَندَنِ عاجَ،[17a]
ساٿِي سَفَرِ هَلِيا، ٻَري جُنگَ[18] جَهاجَ[19]،
حاصلُ ڪَرِين حاجَ[20]، واحِدَ! وَڻجارَنِ جِي.

١ـ موتيءَ جهڙا، انسان ٢ـ فائدي وارو (سَقل) ٢a ـ پلئہ ٣ـ آقا، آغا، ڏاٽي ٣a ـ اُوناءِ، قبول ڪر ٤ـ مدد ٥ـ ماڳ تي ٦ـ لهرن ۾ گرفتار (ٻيڙي يا ناکئو) ٧ـ ميرو ٨ـ پاڻيءَ جي اڇ ٩ـ پاڻيءَ جي اُٿل يا ليٽ ١٠ـ انت، حد ١١ـ اُڇلائين، ڇِڏي ڏين ١٢ـ ضرب، ڌڪ ١٣ـ چپيٽ، ڌڪ ١٤ـ غريبن جي ١٥ـ جهاز (غوراب) ١٥a ـ سَنوان ١٦ـ نوڙ، رسيون ١٧ـ ونجھ يا ڳن ١٧a ـ هاٿيءَ ڏند (Ivory) ١٨ـ جوڏا، وڏا ١٩ـ جهاز ٢٠ـ مراد.

سِڙَهَ سَنوان، لاڄُو نوان، مُهاڻا سَندَنِ مِيرَ،
ساڻِي سَفَرِ هليا، ٿيا سَٽاوا سِيرَ *،
جي اَچَنِ ساڻُ اُڪيرَ[١]، سي ٻيڙا رکين ٻاجَهه سين.

وائي - ١

سَهسين[٢] شُڪرانا، ڪوڙِين[٣] ٻالَ ڪَرِيمَ جا.
حمدُ ڇَنج حَڪِيمَ ڪي، جورِ[٤] هَٿِي جانا،[4a]
ڪوڙِين ٻالَ ڪَرِيمَ جا.
تو ڏيکاري تو ڏٺِي، باطِنَ جا بانا[٥]،
ڪوڙِين ٻالَ ڪَرِيمَ جا.
مَتان، مَردَ! وِسارِيين، صاحِبَ جِي ثَنا[٦]،
ڪوڙِين ٻالَ ڪَرِيمَ جا.
دوستُ رَکِي دِل ۾، پَڙهُ لالَنُ لِسانا[٧] **،
ڪوڙِين ٻالَ ڪَرِيمَ جا.
جَفا ڏيئِي جِيءَ کي، ٿِيءُ فِڪرَ مَنجِهه فَنا،
ڪوڙِين ٻالَ ڪَرِيمَ جا.
تُسِي[٨] تو سين توهُ[٩] ڪَري، مَنَ آگو[١٠] اِحسانا[١١]،
ڪوڙِين ٻالَ ڪَرِيمَ جا.

---

* سير تي سٽائي واءَ سان روانا ٿيا، تڪڙا ويا. ١- سڪ، حب ٢- سوين ٣- ڪروڙين ٤- زور سان(جان مان، دل مان) ٥- رنگ، عجائب ٦- تعريف، واکاڻ ٧- زبان سان
** خدا کي دل ۾ ياد ڪر ۽ زبان سان پڻ، خفي ۽ جلي ٻئي ذڪرِ ڪر. ٨- راضي ٿي ٩- راضپو، مهرباني ١٠- آقا، ڌڻي ١١- احسان سان.

كَڏُ تُون دَغا دِل مان، ڀانهپَ سين، ڀانها!
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
صاحِبَ وَٽي سَچَ سين، ٿِيُ دانَهُ،* ديوانا!
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
جي تَسليمَ سين تَحقِيقُ هُئا**، سي ڪيئن اَمانا[1]؟
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
جاڳِيا جي جَبارَ[2] لئي[3]، سِڀِئي سَمانا[4]،
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
فَاذْكُرُونِيْ اَذْكُرْكُمْ[5]، ڪَهِيو[6] قُرآنا،
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
وَاشكُرُوا لِي وَلاَ تَكْفُرُوْنِ[7]، ڪَڏُ تون ڪُفرانا[8]،
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
سَڀِ سَنوارِيا[9] سِپِرِينءَ، ڪُوَلَ[10] تو ڪَنا[11]،
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
چَڱِي چَئِجِ چاهَ سين، مَدحَ اِيءَ مَنا[12]،
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا، جوشا[13]، جُوانا!
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.
تہ لَهين تُون لَطِيفُ[14] ڪان، اَمُنُ اِيمانا[15]،
ڪوڙِين ڀالَ ڪَرِيمَ جا.

---

* داناءَ **جن سچي پچي سر تسليم ڪيو. ١- بي مانا، بي عزتا ٢- خدا ٣- لاءِ ٤- عزت وارا ٥- ياد ڪريو مون کي، تہ ياد ڪريان اوهان کي (ق. ش ٢، ١٥٢) ٦- چيو ٧- شڪر ڪريو منهنجو ۽ ڪفر نہ ڪريو (ق. ش. ٢، ١٥٢) ٨- بي شڪري ڪئي ٩- سڌاريا ١٠- خراب، بدافعال ١١- توڪان (ٿيل) ١٢- من مان، دل مان ١٣- جوش مان، چاهہ سان ١٤- خدا جو نالو ١٥- ايمان جي سلامتي.

وائي-٢

مون ۾ تُون موجُود، آئون اَڳاهِين[1] آهِيان*،
آئون اَسُونهين[2] آهِيان.
اَکِيُون اَکَڙِيُنِ کي، سِڪيو ڪَنِ سُجُودُ[3]،
آئون اَڳاهِين آهِيان.
آئون اَسُونهين آهِيان.
تيلانهن[4] رَسِيُون بُودَ[5] کي، جيلانهن[6] تِيُون نابُودُ[7]،
آئون اَڳاهِين آهِيان.
آئون اَسُونهين آهِيان.
ماٺهن جي موٽَڻَ[8] جو، صاحِبَ هَٿِ سُجُود**،
آئون اَڳاهِين آهِيان.
آئون اَسُونهين آهِيان.
اِنَ دَرِ سيئي اَڳهيا[9]، جَنِ وِڃايو وُجُودُ،
آئون اَڳاهِين آهِيان.
آئون اَسُونهين آهِيان.

١- اڳيري، پريري * تون منهنجي من ۾ وسين پيو پر آءٌ خوديءَ ڪري توکان پريرو آهيان.
٢- بنا رهبر يا سونهي جي ٣- سجدا ۴- تيلاهين، تنهن صورت ۾ ٥- لازوال هستي
٦- جيلاهين، جنهن صورت ۾ ٧- فنا ٨- سدرڻ، توبهه ڪرڻ ** ماٺهن توبهه تائب ٿين سو به ڏٺيءَ جي وس ۾ آهي. ٩- قبول پيا.

داستان پهريون

١

جيڪي مَنجھ جَهانَ، سو تارِيءَ[١] تَڳي تُنهنجِي،
لُطفَ جِي، لَطِيفُ چي، تو وَٽِ ڪَمِي ڪانَ،
عَدُلَ جِتان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪِجِ فَضُلَ جو.

٢

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جَنِ يادِ ڪِيو،
اُنِ جِي، عبداللطيفُ چي، مِٽِيءَ[٢] لَڌو مانُ،
ڪوڙِين ڪَنِ سَلامُ، آڳِھِ[٣] اچِيو اُنِ جي.

٣

سيوا[٤] ڪَرِ سَمُونڊَ[4a] جِي[*]، جِتِ جَرُ وَهي ٿو جالَ[٥]،
سَئين[٦] وَهَنِ سِيرَ مِہ، ماڻِڪَ، موتِي لالَ،
جي ماسو جُڙِيَئي مالَ، تہ پُوڄارا! پُرِ ٿِيِين.

٤

سي پُوڄارا پُرِ ٿِيا، سَمُنڊَ سيوِيو[٧] جَنِ،
آندائُون عَمِيقَ مان، جُوتِي[٨] جَواهَرِنِ،
لَڌائُون لَطِيفُ چي، لالُون مان لَهرِنِ،
ڪانِهي قيمَتَ تَنِ، مُلهه[٩] مَهانگو اُنِ جو.

١- آڏار، ٽيڪ، آسري ٢- خاڪ، قبر ٣- اڳڻ، آڏار، پروسي ٤- شيوا، خدمت، پوڄا
* وٽج واپار ڪر a-۴ سَمُنڊ ٥- گهڻو، جام ٦- سوين ٧- شيوا ڪئي ٨- چڱو، ڏڳ
٩- ملھ.

٥

سيوِيو جَنِ سُبحانُ، وِيرَ نہ وِڙهي تَنِ سين،
توبَهَ جي تاثِيرَ سين، تَرِي وِيا طُوفانُ،
ڏيئِي تَوَڪّلَ تَڪِيو[١]، آرُ[٢] لَنگهِيا آسانُ،
ڪامِلُ ڪِشتِيبانُ[٣]، وِچَ ۾ گَڏِيَنِ واهَرُو.

٦

سارِي راتِ سُڄانُ، سَودو ڪَنِ صاحِبَ سين،
ٻانهَپَ ٻَري ٻيڙِيُون، هَلِيا جوپَ[٤] جُوانَ،
پاڻِي پَهِلوانَ، لَحظي[٥] مَنجِهہ لَنگهي وِيا.

٧

ٻانهَپَ جو ٻيڙِيَنِ ۾، وَکَرُ وِڌائُون،
موتِي مَعرفتَ جا، سَچا سودِيائُون[٦]،
اَلتّائِبُ مِنَ الذّنب[٧]، اِيءَ[٨] ڪَتِ[٩] ڪَتِيائُون،
اُنين[١٠] جِيءَ آئُون، بَرڪَتَ بارُ[١١] لَنگهائِيان!

٨

جَنِين سَودي[11a] سَچَ جو، وَکَرُ وِهايو،
بَخِرو[١٢] لَهُمُ البُشري[١٣] جو، اُنين[13a] لئي آيو[١٤]،
اُنِ کي لالَنَ لَنگهايو، ساندارو[١٥] سَمُونڊَ جو.

١ـ آڌار ٢ـ چاڙهہ وارو وهڪرو ٣ـ ٻيڙي هلائيندڙ، رهبر ٤ـ بهادر ٥ـ پل، اک ڇنڀ ٦ـ خريد ڪيائون ٧ـ جيڪو گناهَن کان توبهہ ڪري ٿو، سو انهيءَ جهڙو آهي، جنهن گناهہ نہ ڪيا هجن. (حديث) ٨ـ اها ٩ـ بازي، ڪتيو، فائدو ١٠ـ انهن ١١ـ بوجهو، وکر، سامان 11a ـ سودو ڪري، خريد ڪري ١٢ـ حصو، ڀاڱو، انعام ١٣ـ انهن لاءِ بشارت آهي (ق. ش) 13a ـ اُنهن ١٤ـ نازل ٿيو ١٥ـ (درياهہ جو) پيٽ.

٩

اِيءَ گتِ[1] غوّاصَنِ[2]، جيئن ٻَمنڊُ سوجِهيائُون[3]،
پيهِي مَنجِهه پاتارَ جي، ماڻڪ ميڙيائُون،
آڻي ڏِنائُون، هِيرو لالُ هَٿَنِ سين.

١٠

آچـا را[4] عَمِيقَ جا، گَڏِيا غواصَنِ،
جَهرِيُون[5] جهاڳي آئِيا، ڪارُونيارَ[6] ڪَنَنِ،
سَمُنڊُ سوجِهي جَنِ، آڻي اَمُلَ[7] اولِيا[8].

١١

وِيا جي عَمِيقَ ڏي، ٻُنهن ڪائو[9] ڏِيئِي،*
تَنِ سِپُون سوجهي ڪَڍِيُون، پاتاران پيهِي،
پَسَندا سَيئِي، اَمُلَ آڪـڙِيـُنِ سين.

١٢

آڏو ڇِڪَڻُ[10] چاڙُ[11]، منهنجي موجَ نہ سَهي مَڪَڙِي[12]،
ميڙي مَنـايُنِ[13] جو، بيحد چاڙهِيمِ بارُ،
ڇَوَڻَ چارو ناه ڪو، بَديُون بي شُمارُ،
ڪَپَرُ ڪارُونيارُ، اُڪارِيِن اِحسانَ سين.

١ـ عادت، روش ٢ـ ترهن جي ٣ـ ٻُوليائون، ڇڪاسيائون ٤ـ ٻاٽيءَ جي اچ ٥ـ وهڪري واريون لهرون ٦ـ اونداهي، ڪاراڻ (بي انت) ٧ـ بي بها (بي انت) ٨ـ اڇلايا ٩ـ ٻوٽاڙو (سمنڊ، ڪائي جهڙو اچو ٻاٽي) *سمنڊ ۾ مُنهن وِجهي ١٠ـ ڏهڻ ١١ـ چاڙهه، اپ ڪپري ١٢ـ ٻيڙي ١٣ـ بَدِينُ.

١٣

وِيرِمَ لاهي وِيهه،[1a]* مَتي آرَ[2] اوڙاهَ جي،
پَسِي پاڙي وارِيون، ڪِجِ اَنديشو ايهُ[3]،
وِيندو نه پَسين ڏيهُ[4]، پَتَڻِ هُنَ پارِ مَٽِي[5]؟ **

١٤

اَتَئي پَهَر اوڙاهَ تي، مَنجِهه گُهرِ[6] گهاري،
وَسُ نه ويچاري، ته ڪا ماڳِ ڏِڪَندِي[7] مَڪُڙي.

١٥

هِڪِي پانهي چِتَ ۾، پِي صاحِبُ سَنواري،
ڏَنگِي[8] هِنَ درياهَ مان، هَلائي هاڪاري،
تَرازو[9] تاري، سُتَرِ[10] سَيِيئي ڪَري.

١٦

هِڪِي پانهي چِتَ ۾، پِي سِتِي[11] صاحِبُ،
ڪَڍي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آڪِي[12] جو عَجَبُ،
اِيءُ سائِينءَ جو سَبَبُ، جيئن پُڏا اُڪاري پارِ[13] مان.

١٧

هِڪِي پانهي چِتَ ۾، پِي جا ڪَري اَللهُ،
پاٿهي وِجهي ڪُنَ ۾، پاٿهي اُڪاري اوڙاهُ،
تنهن واحدَ کي واهُ، جو سُتَرِ سَيِيئي ڪري.

١ـ دير ١a ـ چڙهُ *غفلت جڏ ٢ـ سير، تک ٣ـ اهو، هيءُ ٤ـ سيئي ماڻهو، دنيا ٥ـ طرف، پاس **ماڻهن کي مري، هن دنيا کان هن دنيا ڏي ويندو ڪون تو ڏسين؟ ٦ـ فڪر، ادڪي، ڳڻتي ٧ـ ويندي، پهچندي ٨ـ بيڙي ٩ـ ننڍي بيڙي ١٠ـ سڀئي تڙ تي ١١ـ رڻي ١٢ـ آقا، ڏٽي ١٣ـ درياهه.

١٨

هِڪِي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِي جا اَللهُ ڪري،
پاڻهي وِجهي ڪُنَ ۾، پاڻهي ڪَنڌِيَ نِيِ[١]،
سُتَرِ سي ڏوئِي[٢]، جي تَرَّ تَوائِي مَڪُرا.[٢a]

١٩

هِڪِي ٻانهي چِتَ ۾، ٻِي ڪري جوڙَ جَبارُ،
ڪَڍِي اُونهي ڪُنَ مان، اِي آڳي جو آڌارُ،
جَهاز جوهَرِيَنِ جو، تنهن کي ٻَؤُ[٣] نه ڏِئِي ٻَتارُ،
نَنڍيا وَڏا مَڪُرا، سَڀِ پَسَندا پارُ،
جيڏانهن مُنهن مَدِيني جو، سُڄي[٤] مُحمّدُ موچارُ[٥]،
سَباجهو سَتارُ[٦]، سُتَرِ سَيئِي ڪَري.

وائي

ڪَنڌِي سارِيان[٧] ڪانہَ، يا اَمُنُ اَمانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان*.
ڳَنڍَ ڳاڻيتو ناھ ڪو، اَپِرِ ٽِيا عِصيانَ،[٩]
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
خَبَرَ ناھ قَبَرَ جِي، نِسورا نِسيانَ[١٠]،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

١ـ ولي وجي، پهچائي ٢ـ ڪٽي وجي، پهچائي ٢a ـ مَڪڙا، ٻيڙا. ٣ـ ڊپ، خوف، خطرو ٤ـ سجهي، ٻڌجي ٥ـ موچارو، سهڻو، سگهورو ٦ـ ڍڪ ڍڪيندڙ ٧ـ سجهي، ياد ٨ـ ٻيڻاري، ننڍو ٻيٽ * اي خدا! تنهنجي مهر مون لاءِ ٻيڻاري يا پناه گاه يا اجهو آهي. ٩ـ گناه ١٠ـ وِسر، ڀلون چڪون.

والِي! رَسِجِ وَهِلو[١]، اَرَڪِ[٢] ٿِيا اِنسانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
سُڻُ سَٻاجها سُپِرين! نعرو[٣]، نِگهبانَ!
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
مَدِيُون[٤] پَسِي منهنجيون، شَرِمايا شيطانَ!
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
هِنَ منهنجي حالَ تي، هَيءِ هَيءِ ڪَنِ حَيوانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
سائِين سُڪاڻِي[٥] آهِيِن، سامُونڊِيَ[٦]، سُبحانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
تُرَهو[٧] ڇِنُمِ تارِ ۾، رَسِجِ تُون رَحمانَ!
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
ٻيلِي[٨] جو ٻُڏَنِ جو، مون تي موٽي مانَ[٩]،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
وينو پِني پِنّٽو، ڪَرِ پيرو[١٠] مَتي ڀانَ[١١]،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.
خالِقَ تان خُوبُ ڪِيا، گولَنِ جا گُذِرانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان. "

١- جلد، سگهو ٢- ناپرهيزگار، بيزار ٣- فرياد، دانهون ۴- بديون، عيب ٥- سڪاڻ وارو، ٻيڙي هلائيندڙ، هادي ٦- سمنڊ ۾ هلندڙ جو ٧- ترڻ لاءِ شيءِ، آڌار ٨- مددگار ٩- شل، مهرباني ڪري ١٠- مهر ١١- قصيدا ڳائيندڙ فقير، ڀٽ.

آئون پُڙ اَندو اُنِ ۾، ويٺو پنان پانَ[1]،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

سَڀِ سُؤالِي سَمَگِيا[2]، داتا ڏيئي دانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

وِلها[3] سڀ وهيان[4] ڪِيا تنهنجي جُودَ[5] جُوانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

مَتان مُونکي ڇَڏِيين، ٻيلي[6] سندا ٻانَ[7]،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

وِيرَ[8]! وَسِيلو آهِيين، داڙو[9] ۾ دِيوانَ[10]،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

لاءِ ڏوهارِيَنِ ڏينهن ڪي[11]، خِيمو اَڏيو خانَ[12]،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

اُتي عبداللطيفُ چي، سُٺِج ڪا سُلطانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجَھ ٻِلاتِي ٻانئيان.

١ـ بيک، پن، خيرات ٢ـ نوازيا، بخشش ڏيئي خوش ڪيا. ٣ـ مسڪين. ٤ـ شاهوڪار. ٥ـ سخا ٦ـ مددگار ٧ـ ٻانهي، غلام ٨ـ بهادر، ٻلارا ٩ـ بچائيندڙ، واهرو (محمد ﷺ) ١٠ـ عدالت گاهه (قيامت) ١١ـ ڏينهن لاءِ (قيامت)
١٢ـ عزت واري (محمد ﷺ).

داستان ٽيون

١

ڪُوها[١] ڪالهه ڪَٽِي، اُنِ وِڌا اُتَرَ آسَري،
آلا! جُهري مَ اُنِ جي، اولي[٢] جِي اَٽِي[٣]،
وَڻجارَنِ وَٽِي[۴]، وَکَرُ وِڌو ٻيڙِيِن.

٢

وَکَرُ سو وِهاءِ[٥]، جو پَٽِي پُراڻُو نہ ٿِيئِي،
ويچِيندي[٦] وِلاتَ ۾، ڌَرو ٿِيي نہ ضاءِ[٧]،
سا ڪا هَٽَّ هَلاءِ؛ آڳهِ[٨] جنهن جي اُبهَين*.

٣

اورِيائِين آڻِينِ، ميڙِيو مُعلِمَ خَبَرُون،
سا تان سُڌِ نہ ڏِينِ، جِتي وَهُ ويڌ[٩] ڪَري.

۴

ٻيڙِي، تُنهنجِي ٻاجَهه، وَکَرُ تنهن وِصالَ جو،
ڪُوها، اولا، تو ڪِيا، سَڀِ سُونهارا ساجَ[١٠]،
اُتِ ڪا مُعلِمَ[١٠a] حاجَ[١١]، جِتِ پورَڻَ وارو[١٢] پاٽهين؟[١٣]*.

١- سڙهه تنگڻ لاءِ ڪاليون ٢- ونجهه ٣- نؤڪ، چهنب ۴- وڻج ڪري، سودو ڪري ٥- خريد ڪر ٦- وڪڻندي (ڪپائيندي) ٧- ضايع، نقصان ٨- آڌار، اڳيان، * اهڙو سودو ڪر جنهن جي ذريعي نجات حاصل ٿيئي. ٩- ويڌن، قهر ١٠- ساز، سامان ١٠a- ناکئو، ڪپتان، ڪشتيباز ١١- حاجت، ضرورت، پهچ ١٢- پار لنگهائيندڙ ١٣- پاڻ آهي. * اُتي ناکئي جي ڪهڙي ضرورت، جتي پاڻ ئي پارو لنگهائڻ وارو هجي؟

٥

ٻيڙي پُراڻي، وَکَرُ پاڻِ مَ وِتَرو[١]،
تَري ۾ تُنَ[٢] پيا، پاسَنئُون پاڻي،
هِيءَ، هَڏِ وِهاڻي! ڪَڙهُ[٣] ڪالُهوڻي ڏينهن[٤] کي.

٦

تَري تُنَ پياسِ، پاسَنئُون پاڻي وَهي،
کُوهو جُهرِجُهنُو[٥] ٿيو، لاڄُو[٦] سَڀِ لَڙياسِ،
جيلانهن سَڏَرُ[٧] سُڪاڻياسِ[٨]، وَهي تي[٩] وَهَ سامُهُون*.

٧

وينو تُنَ تُنينسِ[١٠]، مَڪِ[١١] ڏِيهاڻي[١١a] مَڪڙي،
سَنباهي سَيَدُ چي، مَتي نيڏُوءَ[١٢] نِينسِ،
وَتائي وَڏاندَرا[١٣]، لاڄُو لَڳائِينسِ،
آخَرِ اُهِرائِيِنسِ[١٤]، تہ ڇوڪو ٿِئي نہ جهازَ کي.

٨

تُنَ تُنِيندو آءُ، مَڪِ ڏِيهاڻي مَڪڙي،
سانباهِي[١٥] سَمُونڊَ جِي، مَنا[١٦] مُورِ مَ لاهِ،
اَڄ ڪِ سَنجِهہ صُباحِ، اُهِرَندِي[١٧] اَتانگَ[١٨] تَڙِين.

١- گهٽو، وڏيڪ ٢- ٽنگ، سوراخ ٣- فڪر، ڳڻتي ڪر ۴- سياٽڪي ڏينهن ٥- ٻڳل ٽنل، اندران پورو ٦- نوڙ، رسا ٧- ڇڳو، مضبوط ٨- ان جي سڪاڻ وارو، هادي ٩- تنهن ڪري * جنهن صورت ۾ هلائڻ وارو پختو آهي، تنهن صورت ۾ ٻيڙي تڪ يا سير کي سامهون اوياري پيئي هلي. ١٠- بند ڪرينس ١١- تيل لڳاءِ ١١a- ڏهاڙي، روزانو ١٢- اونهي سمنڊ ۾ ١٣- وڏا، مضبوط ١۴- پاڻيءَ ۾ ڏڪينس، هلائينس ١٥- سنبت، تياري ١٦- من تان ١٧- هلندي ١٨- اتانگهہ، اونهي.

٩

اَچي سو ڏِٺوءِ، جو ڪَپَرُ سُئوءِ[١] ڪَنَنِ سين،
سُتي لوڪِ، لَطيفُ چي، يادِ نہ ڌَرو ڪِيوءِ،
غافِلُ تِي غُرابَ[١a] کي، اوڙَهَ[١b] تي آندوءِ،
سو چِتَرُ[٢] چوهِي[٣] ڪان رَکين[۴] جو پِيو پُراڻو پوءِ[٥]،
جَهازُ ضَعِيفَنِ جو، پاڻِيَ ۾ پَرِتوءِ[٦]!
سَيِّدَ[٧]! ساٿُ[٨] سَندوءِ، پُرِبَنْدَرَ[٩] پَهُچائِيين!

١٠

جُتو[١٠] وانءُ[١١] جهازَ! گَڏيو غُرابَنِ سين،
پُورِيندي[١٢] هُنَ پارَ ڏي، سَڌَرَ[١٣] کَٽِج سازَ،
اَچَنِ تا آوازَ، سَتاٽي[١۴] سَمُونڊَ جا.

١١

دَنگِي[١٥] وِچِ دَرياهَ، ڪِين بُڏي ڪِين اُپڙي*،
هُو جي وادِي واٽِيا[١٦]، سي سُونَهَنُ[١٧] سَبِ سَڙِيا،
مُعلِمَ ماڳِ نہ اَڳِيين، قِلِنگِي[١٨] مَنجِهہ قِرِيا**،
مَلاحَ! تُنهِنجِي مَڪڙِيءَ، اَچِي چورَ چَڙهِيا،
جِتي ڍِينگَ[١٩] دَرِيا[٢٠]، تِتي تارِي[٢١] تنهنجي!

١ـ تو ٻڌو هو ١a ـ غوراب ١b ـ اوڙاهہ، اٿاهہ ٢ـ پراڻو جهاز ٣ـ طوفان ۴ـ بچائين ٥ـ ٽُٽي ٦ـ توکي سپرد آهي، تنهنجي حوالي آهي ٧ـ اي سردار (محمدﷺ) ٨ـ جماعت، اُمت ٩ـ پور بندر، منزل مقصود ١٠ـ گڏيو، همراهہ ٿيو ١١ـ وچ ١٢ـ ويندي، هلندي ١٣ـ سنو، مضبوط ١۴ـ سخت، خطرناڪ ١٥ـ ٻيڙي* ڪڏهين ٻڏي ٿي ۽ ڪڏهين وري منهن ٻاهر ڪڍي ٿي، وڏي خطري ۾ آهي. ١٦ـ ملايا، جڙيا ١٧ـ ڪاٺ جون ڪليون ١٨ـ فرنگي، دريائي چور** معلم سڪاڻي پنهنجي مقرر جاءِ تي نہ آهي، ڇاڪاڻ جو دريائي چور، نفساني خواهشون اندر گهڙي آيون آهن. ١٩ـ وڏا، پربت جيڏا جهاز ٢٠ـ ڍرڪي پيا، ٻڏي ويا ٢١ـ آڌار.

١٢

ڏَنگِيءَ ۾ ڏاٿا، وَڻِي وِڃُھ وَڪَرَ جا،
وِيرِ وِڙَھندِيءِ، ويسَرا[١]! وِهُ[١a] مَ، ويڳاٿا[٢]!
هِيءَ نِندَ، نہ ڄاڻان، ڪَڏِهن هَٽَندِيءِ، تارَ[٣] ۾.

١٣

وَڪَرُ، وَڻِجارا! پاڻَ[۴] پَرايو چاڙِهيو،
اَچِي لَهِرِيُون لَڳِيُون ٻيڙِيءَ ٻِپارا[٥]،
جاڳو جي، يارا، تہ تَرِ تَوائِي نہ ٿِئِي.

١۴

ٻيڙِياتا[٦]! ٻيئِي، تو نہ ڦِٻَنديُون ڳالهڙِيُون*،
سَچِيُون راتِيُون سُمَهِين، پَرُ[٧] سُکاڻَ ڏِيئِي،
صُباح سَيئِي، پارِ پُڇَندءِ خَبَرُون.

١٥

وَهَ تِڪَ[٨] وَهَڪُرا، جِتِ نَنگَرَ[٩] نہ تَهِرَنِ،
وِڏانڌَرِيُون[١٠] وَهَ سامُهِيُون[١١] جَجهي زورِ جُنبَنِ**،
نيڌُوءَ[١٢] ۾ ناتارِيُون[١٣]، وَڻِجارا وِڃَهنِ،
مُلا[١۴] مُعلِمَنِ، مون ڳُرِي[١٥] سُئِي[١٦] ڳالهڙِي.

١ـ اي غافل ١a ـ ويهُ ٢ـ موڙهيل، منجهيل ٣ـ اونهي پاڻيءَ ۴ـ پاڻهين ٥ـ ٻنهي پاسن کان، چوگرد ٦ـ اي ٻيڙيءَ وارا* توکي پار پهچڻ يا ننڊ ڪرڻ، ٻنهي مان هڪڙي ڳالھ حاصل ٿيندي. ٧ـ پاسو، ٽيڪ ٨ـ ڏاڍيءَ تک وارا ٩ـ وڏيون ٻيڙيون، لنگر، جهاز بيهارڻ جو لوهي اوزار ١٠ـ وڏيون ٻيڙيون ١١ـ سامهون، اڳيان ** امڙي تک آهي جو تنهنجيءَ کان وڏيون ٻيڙيون بہ گهڻي ڪوشش سان اوپاريون وڃي سگهن ٿيون. ١٢ اونهي (سمنڊ) ١٣ـ اڻ مٺا لوھ جا لڪر ١۴ـ وتان، کان ١٥ـ خوفائتي ١٦ـ ٻڌي.

١٦

وڻجارا! ويني، تو نہ سڙنديءَ شاهہ[1] ري[2]،
مَکِ پنهنجي مَکُري، چَڱي کَرِ چيني،
پاسا پاکَڙيَنِ[3] جا، سَمُنڊُ ٿو سيڪي،
جي لُندا[4] ۾ ليکي*، وِيرِ وِڙهنديءَ تَنِ سين.

١٧

ناکُئو[5] نِگهبانُ، مُعلِمَ مُنجي خَبَرُون**،
جَنِ ساري کَنيو سَمُوندَ تي، سَفَرَ جو سامانُ،
لُطفَ سانُ لطيفُ چي، تَنِ لَنگهيو طُوفانُ،
سَنياري[6] سُبحانُ، وَجي عادَنئُون[7] اُکَتَا[8].

١٨

بَندَرِ جان[9] ڀَئِي[10]، تہ سُکاڻيا! مَ سُمهو،
کَپَرُ ٿو کُنَ کَري، جِيئَن ماڻي مَنجھِ مَهي،
ايڏو سُورُ سَهي، ننڊَ نہ کجي، ناکُئا!

١٩

سُتا سَبِ ڀَئِي، سَندي مُعلِمَ آسَري،
آئين[11] پُڻِ سُمهو، ناکُئا! بَندَرِ ناهِ ڀَئِي[12]،
جَنِ جي سَيَدَ[13] لَڄَ کَنئِي، سي سَبِ لَنگهيندا لڪيُون.

١ـ درياهہ شاهہ ٢ـ کان سواءِ ٣ـ ٻيڙين ۴ـ عيبدار* جن جي عملن جو حساب ڪتاب برابر نہ آهي. ٥ـ خلاصي ** تکرن جي جاچ رکندڙ ۽ پاڻيءَ جي ماپ لهندڙ خلاصي جيڪڏهن هوشيار ۽ خبردار آهي تہ معلم (ڪپتان) کي خطرن کان آگاهہ ڪري ٿو ٦ـ ساري ٧ـ عدن کان (ملڪ يا بندر) ٨ـ نڪتا، پهتا ٩ـ جيڪڏهن ١٠ـ خوف، خطرو ١١ـ اوهين ١٢ـ ڊپ، ڀؤ ١٣ـ سردار، نبيءَ سڳوري.

وائي

ساٿِيَنِ نَنڍا[١] بارَ، ووا تَنِ پانڌِيَنِ نَنڍا بارَ،
توکي آرَسُ[٢] اَکِڙِيَنِ ۾.
پاتا پاڙيوارِيِنِ، پَڳَهَه[٣] مَنجِهه پاتارَ،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾؛
پَتَڻُ تو پُورَ[٤] ڪَري*، اِئي تنهنجَڙِي[٥] وارَ،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾.
سَڄِيُون راتِيُون سُمَهِيِن، ڪِيو[٦] مَنجِهه خُمارَ،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾.
ڪِ[٦a] تو ڪَنين نه سُئي، هَلَڻَ جي هاڪارَ،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾.
تائِبَ ٿيو[٧] تَڪِڙا، سَچِي اِيءَ سَنيارَ،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾.
نِنڊَ نه ڪِجي ايتَرِي، سُڄِج، اَڌا يارَ،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾.
سائِينءَ مُڪِ[٨] سَڄَ کي، تون ڪُوڙو مَنجِهه قَطارَ[٩]،
توکي آرَسُ اَکِڙِيَنِ ۾.

١- ٻڌا ٢- سستي، ننڊ ٣- لنگر سان ٻڌڻ جون نوڙيون ٤- وارا، پيرا * پتڻ (موت) هڪڙا پهچايو ٻيا ڪٽڻ اچي ٥- تنهنجي ٦- ڪايو، خوش ٿيو 6a- ڪا، ڇا ٧- توبه ڪريو ٨- توکي موڪليو ٩- هڪ جيڏن ۾.

ڪِ تو ڪَنين نہ سُئي[١]، ڪَپَرَ جي ڪُوڪارَ،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
گِھڙان ٿِيي رِيءَ[٢] گھڙِيي، اِلاھِي تُھارَ[٣]،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
ھُو جو شَڪُ شارِڪَ[٤] جو، تِنان[4a] رَکُ[٥]، سَتارَ،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
ڪُلُّ نَفسٍ ذائِقَةالمَوتِ[٦]، پَڙھو اِيءَ پَچارَ،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
شِڪارُ تون شَھبازَ[٧] جو، تون تان مَنجھ شِڪارَ*،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
يومَ يَفِرُّالمَرءُ مِن اَخِيہِ[٨]، جِتِ يَجَندا يارَ[٩]،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
تُرَھو جِنو تارِ ۾، اَڃِ تُون، اوسارَ[١٠]!
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
لَکَ مِڙيئِي لُٽِيا، ھُنھِين[١١] وِيا ھَزارَ،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.
ڏِنِئي جي اَللهَ کي، ھُوند تِيپِن پَريپِن پارَ*،
توڪي آرَسُ اَڪَرِيِن ۾.

١- ٻڏي ٢- ڪان سواءِ ٣- آڌار، آسري (توھار) ٤- شرڪ ڪندڙ، شيطان 4a- تنھن کان ٥- پناھ ڏي ٦- سڀ ڪو ساھوارو موت جو ذائقو چکندو (ق. ش. ٣، ١٨٤). ٧- وڏو باز، موت * شڪار ٿيڻ وارن مان. ٨- انھيءَ ڏينھن (قيامت) انسان پنھنجي ڀاءُ کان ڀڄي پيو ڀڄندو (ق. ش ٨، ٣). ٩ ڀائر ١٠- آڌار، پناھ ١١- ھونئن ئي، ائين ئي، اجايا * جيڪڏھن اھي الله جي واٽ ڏين ها تہ جيڪر نجات حاصل ٿئين ها.

جوتَن[١] مَتان جُتِڪي[٢]، دُنِي[٣] تُنهنجي دارَ[٤]،
توکي آرسُ اکِڙُينِ ۾.
جِيفو[٥] حَدِيثَ ۾، اَندِيءَ اِي آچارَ *،
توکي آرسُ اکِڙُينِ ۾.
وَتِيئِي[٦] ڪِيُنَ وِلَهَنِ[٧] سين، ڪَنبِي يَرِ قَهارَ،
توکي آرسُ اکِڙُينِ ۾.
سا[٨] ڪيئن هَلي تو سين، جا يَگِي کان يَتارَ؟
توکي آرسُ اکِڙُينِ ۾.
جِيئَنُ، جالَ نہ تِبَهي[٩]، سُتِج اِيءَ سَنيارَ،
توکي آرسُ اکِڙُينِ ۾.
جَلِمَ[١٠] وِسارِين، ويسَرا! پِتِنِ[١١] جِي پُلڪارَ[١٢]،
توکي آرسُ اکِڙُينِ ۾.

داستان چوٿون

سَيئِي سَئِين ڪَرِين، ڪو مَ مُنجهايين واٽِ،
سُپيرِيان جي ساٿِ، لائو[١٣] لَڳو[١٤] ميڙِيين!

١ـ گوڏن ٢ـ ڪري، ڪڙڪي پوي ٣ـ دنيا، دولت ٤ـ گهر ۾ ٥ـ ڊونڊ * حديث ۾ آهي، الدنيا جيفه و طالبها ڪلابٌ: دنيا هڪ ڊونڊ آهي ۽ ان جا طالبو ڪتا آهن. ٦ـ ونديئي، ورهايئي ٧ـ مسڪينن، ڪنگالن ٨ـ اها (دنيا) ٩ـ جتاءُ ڪري ١٠ـ متان ١١ـ قبر ١٢ـ پڙ پڙ، آواز ١٣ـ لمو، جڏو، عيبدار ١٤ـ خراب، منڊو.

٢

سَيِيئِي سُبحانَ جي، ڪَرِ حَوالي ڪَمَ،
تِـيءُ تَحقيقُ تَسلِيمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ،
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصُلُ ڪَري حاجَ تو.

٣

چَڱَنِ ساڻُ چَڱائِيُون، اِيئَن سَيَڪو هوءِ،
تو جيئن ڪَري نہ ڪوءِ، ٻُچَنِ ساڻُ ڀَلائِيون.

٤

چَڱا ڪَنِ چَڱائِيُون، مَٺائِيون مَٺَنِ،
جو وَڙُ[1] جُڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَنِ.

٥

مَيَنِ[2] مَٿي سَمَرا،[3] ڪُهِيَنِ[4] سَڌَ ڪَرِينِ،
ساٿُ نِباهِيو نِينِ، اِيءُ پَرِ سَندِي سَچَّين.

٦

وِتُ[5] وِيمي[6] جو جي لهڻ، تہ ٻِي ڪارِ نہ ڪَرِيڻ ڪا،
سا پَرُوڙِجِ ڳالهڙي، وَٽجارَنِ وٽان،
موتِي جَنِ هَٽان، آندءِ گهٽي اَدَبَ سين.

١ـ سلوڪ، ڀلائي ٢ـ اٺن ٣ـ سفر جو سامان ٤ـ تڪلن، ٻوٽي پيلن ٥ـ طاقت، سگهہ، پهچ ٦ـ وٽج واپار.

٧

اَمُلَهه آچِ مَ اُنِ کي، جي نه پَرُوڙنِ مَٽِ[١]،
جِتِ گڏجيئي جوهَرِي، ماڻڪُ تِتهين[٢] مَٽِ،
جَنِين سونَ سين سَٽِ[٣]، تَنِ هَٽِي رِيءُ[٤] رَدِ ڪِيو.

٨

سونا[٥]! وانءُ[٦] صَرافَ[٧] سِينءَ، يَچِي چِڏِ بازِي[٨]،
چاندِي ڪِيو چِلائِيِن، رُپو[٩] رَوازِي[١٠]،
جِتِ ٽِيندو رَبُ قاضِي، اُتِ تورِيندا تَجويزَ[١١] سين.

٩

سونا! وانءُ صَرافَ سِينءَ، لَڌو لاهِ مَ لَڌِ،
سودو سوئِي چِڏِ، جنهن ۾ جَواهِرُ ناهِ ڪِين.

١٠

سونا! وانءُ صَرافَ سِينءَ، لَڌو هَڌِ مَ لاهِه،
آهي تَنِ اُونداهِه، جَنِ جَواهِرَ ضايَع ڪِيا.

١١

جُهه[١٢] صَرافَنِ لَڌيو، تَه تُون پُڻ لَڌِج، سونَ!
قَدُرُ لَهندءِ ڪونه، نيئي گڏِيندءِ گُڏوءَ[١٣] سين.

١- مٽ، ملاوت، ڪوڙ، سودو، واپار ٢- انهيءَ هنڌان، اُتان ٣- واپار ۴- ريتي، ڪسوٽي ٥- اي سون، اي اصيل ٦- وڃ ٧- سون جو واپاري، قدرشناس ٨- حرفت ٩- رپيو جنهن ۾ مٽ مليل آهي ١٠- رواجي، خسيس ١١- قابليت، رتا ١٢- جيڪڏهن، جڏهن ١٣- پتل جو لوٽو، مٽ، گند، ڪچرو (گڏون).

١٢

جي نہ سُجاڻَنِ سَچَ کي، ويھُ مَ تِنِي وَٽِ،
اَمُلھ کي اَڌَ ڪَري، ڀاڻان هَٽَندا پَٽِ،
وَڃِي مُھرَ[١] تِنِي وَٽِ مَٽِ، جي پارَکُو[٢] پارِسَ جا.

١٣

قَدُرَ وارا ڪَمِ[٣] ٿِيا، ڪُٿا خَرِيدارَ،
پاٽِيَٽَ[٤] جي پَرَکَٽا[٥]، وِيا سي وِينجھارَ[٦]،
ڪَنيَرُ* پائِي اَکِيين، لَهَنِ سيڪنھن سارَ،
صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو[٧] ٿِئِي**!

١٤

اَڳِھيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽَ ٿِي،
پَلَئہ پايو سَچُ، آڃِيِندي لَڄَ مَران.

١٥

وِيا سي وينجھار، هِيرو لَعلُ وِنڌِينِ[٨] جي،
تَنِين سَندا پوئِيان، سِيهي لَهَنِ نہ سارَ،
ڪُٽِنِ ڪُٽَ لُهارَ، هاڻي اُنين[٨a] پيٽِيِنِ[٩].

١ـ گني، سونو سڪو ٢ـ سچاڻيندڙ، ڄاڻو ٣ـ گهٽ ٤ـ پاڻي، آب، جرڪندڙ موتيءَ جو چلڪو ٥ـ پارکو، سچاڻيندڙ ٦ـ هيرن ۽ لالن ۾ سوراخ ڪندڙ، قدرشناس* خوردبيني ٧ـ ڏسجي** سچن صرافن جي وڃڻ (مرڻ) بعد جواهر پيا ٿيلهجن. ٨ـ سوراخ ڪن ٨aـ انهن ٩ـ هنڌن، ماڳن، جاين تي.

١٦

وَڃَنِ مَ وِينجهارَ! پاڙيٿَ جي پَرَکَٽا،
ڪَنيَرُ پايو اَکِيِنِ، لَهَنِ سيڪنهن سارَ،
موتِيءَ جي مِزاجَ جو، قَدرُ مَنجهه ڪِنارَ[١]،
صَرافَنِئُون ڏارَ، ماڻِڪَ مُلاحِظو تِئي.

١٧

تا صَراف سُڄَنِ،[١a] پانُ ڪوتائِنِ جوهَرِي،
ماڻِڪُ ڪَري مُٺِ ۾، وانءُ[٢] وَنِي وَٽِ تَنِ،
سَندُسِ ئِي سَيَّدُ چي، کَهَڙو قَدُرُ ڪَنِ،
پاڙيٿُ ئِي پَرکَنِ، ڪِ ڪَئِنچَلُ[٣] گڏِنِ ڪَڇَ سين؟

١٨

اَمُلُهِ، اَسارِي پئي[٤]، يوري[٥]! يَجُئِي جتِ،*
ڪُهه[٦] نہ رُنئي تتِ، بَئِي اَڏَ هَٽَ ڪَري.

١٩

اَمُلُهِ، اَسارِي پَئي، يورِي! يَجُئِي جيئن،
وانءُ صَرافَنِ سيئن[٧]، بَئِي اَڏَ هَٽِ ڪَري.

٢٠

ماڻِڪُ، مُندّ[٨] هَٽانِ پيتِيءَ[٩] ۾ پُرِزا ٿِيو،
سَڄو تان، سَيَّدُ چي، لَهي لَڪُ سَوا،
يَڳي پُڄاٽا[١٠]، پَدَمان[١١] ئِي پَري[١٢] ٿِيو.

١- باهريون پاسو، جنهن جي ڏسڻ سان موتي پرکبو آهي. 1a- سُڄَهنِ ٢- وچ ٣- سون
*اي يوري جڏهن ويسري ٿي سمهڻ جي ڪري املهه ماڻڪ (تو هٿان) پڇي پيو.
٤- غافل ٿي، ويسر ڪري ٥- نادان ٦- ڇو (ڪوه) ٧- ڏانهن، تائين ٨- عورت، زال
٩- صندوق، بدن ١٠- بعد ١١- مرتبي کان، پدمن کان ١٢- گهٽو.

جِتي ماڻِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تَڪِيو[۱]،
سَنڌُون تَنِ سَياڳُ، اَمُلُ[۲] جَنِ اوباهِيو[۳].

۲۲

چورُ[۴] اُيو ايئن چوءِ، تہ آئُون اُهوئي آهِيان،
جي اَسِي اَکِيَن هوءِ، تہ لِڪئي[۵] کي کونہَ لهي.

۲۳

جَهنگُ[۶] ڪامِي پَٽُ ٿِيو، لَٿِي چوران لِڪَ،
وَٿِي وُجُودان نِڪِري، جيڪا دَڙِي دِڪَ[۷]،
هِڪُ سَجَڻُ، ٻِي سِڪَ، ٻَئِي پَهٽا[۸] پاڻُ ۾.

وائي

جاڳو، يارا! جيڏِيُون! پاڻِ پَرَنجي[۹]،
جاڳو جوشا[۱۰]، جيڏِيُون! پاڻُ پَرَنجي.
هلندي حَبِيبَنِ ڏي، ويلو[۱۱] وِڃ نہ ڪِجي،
جاڳو جوشا، جيڏِيُون!
مَٿان اُهِسَ[۱۲] اُسِري، پَتنگَ جيئَن[۱۲a] پَئِجي،
جاڳو جوشا، جيڏِيُون!

۱- جاءِ، ٺان، ٺمرُ ۲- املهہ، ماڻڪ، روح ۳- بچايو ۴- شيطان، لڪل ۵- نفساني خواهشون جيڪي بي ترتيبيءَ سان دل ۾ اُڀرن ٿيون. (لڪل چور) ۶- گهاٽا وڻ، شيطان جي لڪڻ جي جاءِ ۷- دڪي، ڪڙٻڙ ۸- صحبت ڪرڻ وارا، ڳجهہ ۾ ڳالهائڻ وارا ۹- حوالي يا سپرد ڪجي ۱۰- جوش مان، اشتياق سان ۱۱- وقت، دير، ترسڻ ۱۲- روشني، نور. ۱۲a- جيان، وانگر.

عَرَضَ اَحوالُ اُنِ کي، چَڱِيَ پَتِ[١] چَئجي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
ڪَري نِيازُ نِڪَمُو[٢]، واحِدَ ڏي وَرِجي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
آهي موتُ مِڙنِ تي، گوڙيون ڪِيو گَجي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
اَجَلُ[٣] اِينديءِ اوچتو، جو سَدا تو سُڄي[٤]،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
اَڳِيان اُونداهِيءَ[٥] جو، سَمَرُ[٦] ساڻُ ڪِجي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
ڪَنُ تُون قُوتُ قَبَرَ جو، گهٽُو تو گُهرِجي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
آڳو[٧] عَيبَ اَواهِنجا[٨]، ڏِکيا ڳُجَه پُجهي[٩]،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
جيڪِين وَهي وُجُودَ ۾، صاحبُ سو سَمُجهي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
ڏِڃِي ڏاءِ[١٠] ڏَٿِيَ جي، جيڪو پَئِي[١١] پڃي،
جاڳو جوشا، جيڏيون!
اَمَنُ اهي اُنَ کي، جو مَنجِه اَللهُ اَجهي[١٢]،
جاڳو جوشا، جيڏيون!

١ـ طرح، طور، نموني ٢ـ مڪمل، پورو پورو (ن+ ڪاڻ+ و= جنهن ۾ ڪاڻ يا کوٽ نہ هجي) ٣ـ موت ٤ـ پڌجي، سڄهي ٥ـ قبر جي اونداهي ـ سامان، توشو ٧ـ آغا، ڏٿي ٨ـ اوهان جا، توهان جا ٩ـ سمجهي، پروڙي ١٠ـ خوف ١١ـ خوف ١٢ـ پناهہ.

داستان پنجون

١

مون تي چَيُئہ، ڪاندَ[1]! پُتِي[2] ياڙِ مَ مَڪُرِي[3]،
سِڙَهَ پُراڻا پاندَ، لَهرِيُون سَهِي[4] لَڳَندِيُون.

٢

لَهرِن ليڪو ناهِ ڪو، جِتِ ڪَپَرَ ڪُنَ ڪارا،
آڇـارا[5] عَمِيقَ[6] جا، اَچَنِ اوڀارا،
اُتِي، اَسارا[7]! وِيرِ وِڙَهندِيءِ، ويسَرا[8]!

٣

وِيرِ وِڙَهندِيءِ، ويسَرا! اُتِي توهُ[9] طَلَبِ،
سائِرَ[10] ڪنهن سَبَبِ، ڪالهہ نہ وڌءِ[11] ڪُنَ ۾.

٤

ڪالهہ وِڌائِين ڪُنَ ۾، جاڏا[12] جُنگَ[13] جَهازَ،
تنهنجي اَجُ تَرازَ[14]، آهي آرَ[15] اڪين ۾[16].

٥

آهي آرَ اَڪِينِ ۾، ناڪُئا! ڪِج نِگاهَ،
وَڏا ٻيڙا ٻوڙِيا، سائِرَ ڏِيئِي ساهہ[17]،
مُلاحِظو[18]، مَلاحَ! ڪِج ڪو اِنهيءَ[19] ڪُنَ جو.

١ـ معشوق، مڙس، پتار ٢ـ پڳل تنل ٣ـ ٻيڙي(مَڪڙي) ۴ـ سهي سهي، رکـي رکـي، ضـرور ٥ـ پاڻيءَ جي اڇ ٦ـ اونهو سمنڊ ٧ـ غافل ٨ـ ڪاهل ٩ـ آڌار، ٽيڪ، اجهو ١٠ـ سمنڊ ١١ـ توکي وڌو ١٢ـ تمام وڏا، ڌلها ١٣ـ مضبوط ١۴ـ ٻيڙي ١٥ـ ڪن ١٦ـ تڪيو ويٺو آهي ١٧ـ ساهہ ڪٽي، ڦوڪجي ١٨ـ ڌسج، خوف ١٩ـ انهيءَ.

٦

مُلاحِظو مِهراڻَ[١] جو، مُورِ مَ لاهِ مَناءُ[٢]،
سامُوندِي! سَنيالِ، ڪِين،[٢a] سُمَهڻَ آيِئہ ساءُ[٣]،
جاڳِي جَرَ مَتاءُ، تارِي وانءُ[٤] تَرازَ[٥] ڪي.

٧

تارِي وانءُ تَرازَ ڪي، مَنجهان مَوجَ مَلاحَ!
دانهُون ڪَنِ درياهَ جُون، اوِنهي جا آگاهَ[٦]،
سُونهَنِ[٧] جِي صَلاحَ، وَٽ تہ وِيرِ لَنگهي وَڃِين.

٨

سُونهان سُڌِيُون[٨] ڏِينِ، هِنَ ديواني درياهَ جون،
ڪُوڙَ اوڏائِي ڪِينَ ڪِين،[٨a] رُڳو سَچُ سودِينِ،
عِجزَ جو اَڌَ راتِ ڪي، وَکَرُ وِهائِينِ،
ساٿُ[٩] نِباهِيو نِينِ، ثابِتُ انهين[١٠] سيرَ مان.

٩

ثابِتُ لَنگِهيا سِيرَ، لَهرِن لوڏِيا ڪِينَ ڪِين،
وَڃِي پَهُتا پارَ ڪي، نِرتُؤن[١١] مَنجهان نِيرَ[١٢]،
ماءِ[١٣] پَهُتا مِيرَ، پارِ[١٤] لَنگِهيائُون پاڄَهہ سين.

١ـ درياہ ٢ـ من يا دل تان ٢a ـ ڪيئن؟٣ـ مزو، لذت ٤ وچ ٥ـ پيڙيءَ ٦ـ واقف ٧ـ رهبرن
٨ـ خبرون ٨a ـ ڪي ٩ـ جماعت ١٠ـ انهيءَ ١١ـ دل، سڪ، پيار ١٢ـ پاڻي، درياهہ ١٣ـ
ماڳ تي، جاءِ تي، منزل مقصود تي ١٤ـ درياهہ.

١٠

تون ويسَرو، وِيرَا!* ساٿِيَنِ سَنيَتِ[١] پَنڌَ جِي،
جوڙي جُنگَ جهازَ کي، ڪوڏِ[٢] هَٽائِجِ ڪيرَ[٣]،
وَهي وَٽِجارَنِ جِي، بَندَرَ ڏانهن بَهِيرَ[٤]،
گهرِ تَنِين جي کِيرَ[٥]، جَنِ لاڳِيدارَ[٦] لَنگهائِيا.

١١

قُرَقُلَ[٧]، قوتَا، پارِچا[٨]، پاٽِيَتَ[٩]، پاتائون[١٠]،
ڪوٺِيُون قِيمَتَ سَندِيُون، تَرَ ۾ تاڪِيائون[١١]،
لاڄُنِ[١٢] مَنجهِ، لطيفُ چي، ٻِيڙا ٻَڌائون،
نَذَرُ نَبِيءَ جامَ جو، چَڙهندي چَيائون،
جي چُهي[١٣] چوڙِيائون، سي ٻيڙيون رَکين ٻاجَهہ سين!

١٢

وِچِينءَ جان ويهِي، جَرِ پَلئو پائِيان**،
"تَرِ ٻيڙا، گهرِ سُپِرِين،" اوسَهِ[١٤] اِيءَ پيئِي،
جيئَن وَٽِجارو سين وَکرين، سَرَها سَيِپيئِي،
حُرمَتَ[١٥] سانُ حَبِيبَ جي، سُونگِٿا[١٦] نہ سيئِي،
پاٽِهي اُوءِ پيِهِي، کَندَ - ڪيڙائُو[١٧] آئِيا.

---

* پيارا، ڀاءُ، سڄڻ ١- تياري ٢- ڪوڏ مان، شوق مان ٣- ڪليون ۴- قطار، قافلو ٥- واڌٽي ٦- لاڳ ولندڙ، واسطيدار، محصول ولندڙ ٧- لونگ ٨- ڪپڙا ٩- آبدار موتي ١٠- حاصل ڪيائون ١١- جهاز جي تري ۾ بند ڪيائون ١٢- نوڙن ١٣- چوهي، طوفان ۾ ** جيئن ٽپهريءَ مهل ويهي اکا وڏم (عبادت ڪيم) ١۴- خيال، پور، فال ١٥- مهابي، صدقي ١٦-جهليا، روڪيا، (محصول نہ ڏيڻ ڪري) ١٧-(کندن (Continents) کي ڪيڙيندڙ، Voyagers، ملڪن جا مسافر، وڏا مسافر، سيلاني، گهمندڙ.

وائي

عُمرِ سَڀَ عَبَثُ[١] ويلَ[٢] وِڃايَمِ، وَقتَ وِڃايَمِ پانهنجا،
وينٺي لِکيو لوڙيان[٣]، جيڪِين[٣a] ڪيڙو مَسُ،
ويلَ وِڃايَمِ پانهِنجا.
اَڇي اَيا ڳِيَنِ ڪي رَسِجِ، اَڇِي رَسُ،
ويلَ وِڃايَمِ پانهِنجا.
حالُ مُنهنجو هِهَڙو جِهَڙو[٤]، تان تُون پِرِيمِ! پَسُ،
ويلَ وِڃايَمِ پانهِنجا.
قَلبُ جو ڪارو ٿِيو، ڪاتِبَ[٥]! لاهِين ڪَسُ[٦]!
ويلَ وِڃايَمِ پانهِنجا.

داستان ڇهون

١

تانگهي ۾ تاٽي، ٻَڌُ پنهنجو تُرَهو،
اُونهيءَ ۾ آٽي، ڪونَہ ڏينڌُءِ ڪو ٻيو.

٢

ڪوڙيين جي ڪاٺو[٧] ٿِئي، سَمُنڊَ ڪيئن نہ سِڪَنِ*؟
پاٽيءَ سين پيڪُ[٨] ڪِيو، تيلانهن وَٽِجارَنِ،
لالُون سي لَهَنِ، جِنِين سودو سَچَ سين.

١- اجائي ٢- وقت ٣- پورِگيان ٣a- جيڪي ٤- ضعيف ٥- (قسمت جا) لکندڙ، خدا ٦- ڪٽ، عيب ٧- ڪوڙا موتي، ڪچ *جيڪڏهن دنيا ۾ ڪوڙا موتي جام ٿي پون، تہ بہ سمنڊ لاءِ وڻجارا ضرور سڪندا. ٨- محبت، پيار.

۳

تارُو تَرِيو وَجَنِ، نَنڍيا وَڏا واهُڙا،
هَٿِي، ٻَرِ!* آتارُنِ[۱] جيئن ڳرا مَتِنِ مولهيا[۲].

۴

ڏوري لَهُ ڏاتارُ، جِمَ وِيهين ويسَرو!
هَڪيو هوئِج[۲a] هُشِيارُ، ڪِنوَڻِ[۳] ڪِوَندِئي اوچِتي.

۵

سُتين[۴] ڪِهَڙِيءَ سارَ، وِجُ ڪِوَندِيئي، ويسَرا!
تو جيڏا تو يارَ، لَهِرِن لَهوارا ڪِيا[۵].

۶

ستِين سَنجهيئِي، وِجُ ڪِوَندِيئي، ويسَرا!
وِيرَ وَرِي وِيئِي، اَسارَنِ تان اوچتي.

۷

ڪِنوَڻِ ڪِنوايو، آيئِي نِندَ اَياڳَ[۶] جي،
جَنين نہ ڀئو ڀانيو، ڪَري تَوائِي تَنِ ڪي.

۸

سامُوندِي! تو سَنبَهِين، ساڃو[۷] جَهِلِ سُڪانُ،
لَڳِي واءُ وَڏاندَرو[۸]، مُنجهائِي مَهرانُ،
جَنِين ڀانيو ڀانُ، ڪَري تَوائِي تَنِ ڪي.

---

* تڪليف، مصيبت ۱- اڻ تارن ۲- پنهنجا ڪپڙا، مٿي جي پڳ ۲a- هُججانءِ ۳- وڄ، موت ۴- تون ستين ۵- لوڙهيا، ٻوڙيا ٦- نياڳي ۷- قابو ۸- سخت، خوفائتو.

۹

نَڪو سُکُ نَکَتِينِ[۱]، نَہ ويساندِ[۲] نَئِين *،
جيڪا اَچَنِي سامُهِين، پاڻين سا سَنئِين**!
مُوڙِي[۳] ڪوهُ[۴] مَئِين[۵]؟ جيئَن[۶] سَڄِيُون راتِيُون سُمَهين!

۱۰

اَهُکِي راهَ اَللهَ جِي، اَهُکِي، اَهُکِيَ پَتِ[۷]،
هُوءِ جي ڏِيهائِي ڏيهَ جا[۸]، تَنِ پُڻِ مُوڙهِي مَتِ،
آچارانِ اُبَتِ***، کِهڙِجِ گهاتِي نينهن سين.

۱۱

مَ ڪِين هيجِ، مَ هوجِ[۹]، تَرسُ مَ، تاڻِ جَهازَ کي،
چئُو ڪَلِمُو مُحَمَّدَ تي، تہ اَڳِيان اچيئي اوجَ[۱۰]،
سَهُکِيَ پَتِ، سَپوجَهه[۱۱]، تنهنجي مَڪي ڏُکي مَکِري.

۱۲

تَنَ ۾ تَرازَ توهَ جِي، گهڻُو لَهُ گهوري[۱۲]،
اَدَبَ ۽ اِخلاصَ جا، سِڙَه پَڌِجِ سوري،
وَکَرُ وينَتِيُنِ جو، تنهن ۾ پاءِ توري،
تہ عادَنئُون[۱۳] اوري، تنهنجو تَوائِي نہ تِپئي.

۱- تارن جي ميڙ کي ۲- آرام * ندي. نڪو تارن کي ۽ نڪو پاڻيءَ کي آرام آهي، سيڪا شيءِ پئي چري ڦري.** جيڪي بنا تڪليف جي مليئي ٿو تنهن کي نعمت سمجهين ٿو. ۳- پيسا، خزانو، ذخيرو ۴- ڇو ۵- ماپين، تورين ٦- جيئن تہ، جڏهن تہ ۷- پانت، پَنتِ، پَت، طرح، طرح ۸- ٿر جا رهاڪو*** لهرون (روحاني رمزون) ابتيون وهن ٿيون. ۹- گهتون گوهيون نہ ڏج، نتائج نہ ۱۰- سگهہ، فائدو ۱۱- اي سياڻا ۱۲- گهڻي ڪوشش ڪري اندر ۾ روحاني ٻيڙي حاصل ڪر ۱۳- عدن بندر کان، آخري منزل کان.

١٣

تو ٽي تَوائي، توءِ[١] تنهنجو آسَرو،
سَڄَڻ ڳَرِ لائِي[٢] ڪِيرُونَ ڏِينديَسِ جيڏِيِنِ.

وائي

هي جي، هُو جي لَڪَ! مون مارِيندا لَڪَ،
مون مارِيندا لَڪَ!
يا والِي! ڪيچُ نہ اوڏِيءَ ڇَڪَ[٣]!
مون مارِيندا لَڪَ!
اَتُ[٤] نہ ڏِجي عامَ کي، لوڪان ڪِجي لِڪَ،
مون مارِيندا لَڪَ!
پاڻُ ۾ پارِيُون[٥] ڪَري، نينهن وَهائِجي نِڪَ[٦] *،
مون مارِيندا لَڪَ!

١- تہ بہ، تڏهن بہ ٢- ڀاڪر پائي، ملي، وصل حاصل ڪري ٣- نزديڪي، ويجهائي ۴- انت، منجهہ، راز ٥- قطارون، وسڪارا (ڳوڙهن جا) ٦- ننڍي نهر، ڪسيِ* اندر ۾ ڳجها ڳوڙها ڳاري نينهن جي نئن وهائڻ گهرجي.

سُر سامونڊي

سُر بابت

سامونڊيءَ ٻاني، نه ڪو راڳ ۽ نڪا ڪا راڳڻي سمجهي. هيءُ نالو، شاهه جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙن جو، مِن گهڙت لفظ ٿو ڏسجي، جو هنن ضرور، هن سُر جي مضمون ۽ موضوع جي مدنظر ڏنو هوندو.

هي هڪڙو سُر آهي، جنهن ۾ نه ڪو ڏاريون بيت هو ۽ نه ڪو شاهه جو ڪو بيت ترڪ ڪيل ٿو ڏسجي. هن سُر ۾، عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهڻيون قائم رکيون ويون آهن، جي ٻين نسخن ۾ به گهڻو ڪري ساڳيون ئي آهن.

مضمون

هن سُر ۾، وڻجارن ۽ سندن وهُن جو احوال، عمدي پيرايي ۾ ڏنل آهي. شاهه جيڪو زال ذات جي جذبن ۽ اُمنگن جو نقش، هتي ويهي چٽيو آهي، تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سفر ڪندي شاعر اکيون اُپٽي ۽ ڪن کولي، ماحول جو گهريءَ نظر سان، مشاهدو ۽ مطالعو ڪندو پئي ويو. ڪراچيءَ جي لاڙي حصي جو 'مغليئين' وٽ، جيڪو سامونڊين جي وچڙيل وهن ۽ مُنڌل مُنڌن جو حال، هن اکين سان ڏٺو هو، تنهن جي هن سُر ۾ چٽي تصوير نڪتل آهي. وڻجارين جي مَن جو مونجهارو، اندر ۾ اُتندڙ ۽ پل پل پوندڙ پور، ڪانڌن جي ڦوڙائي ۾ آڳي اڳيان التجائون، سندن صحيح سلامت واپس ورڻ لاءِ قسمين قسمين حيلا ۽ تپشائون- ترَن تي وَرَنِ وَرَڻ لاءِ اوسيئڙو ۽ انتظار، بندر تي ناکئن کان پڇائون- پيرن تي پڙ باسڻ، درياهه تي اکا پائڻ، چوُ واٽن تي ڏيا ٻارڻ، وغيره، انهن سڀني جو نهايت دلسوز ۽ رقت آميز نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

روحاني راز

سيني سُرن ۾ شاهه پاڻ کي عموماً زال تصور ڪري، روحاني راز ۽ طريقت جي راهه جا اسرار، ويهي کوليا آهن. شاهه جي رسالي ۾، زال ذات کي ئي عاشق بنايو ويو آهي، سو ڇو؟ انهيءَ لاءِ گهڻائي سبب ٿي سگهن ٿا: هڪڙو ته روح راڙو زال ذات جو مهاڪ آهي، ٻيو ته عورت جي التجا ۽ اشڪباري، بنسبت مرد جي، زياده دلسوز ٿئي ٿي- زال ذات جون آهون، وڇوڙي ۽ ڦوڙائي جون ڪارون، پٿر دل انسانن کي به موم ڪيو وجهن. ٽيون، ته جيڪڏهن انسان الله جي اڳيان عورت وانگر صاف ۽ پاڪ دل

تي باجهه لاءِ ٻاڪاريندو تہ فوراً مرادون پائيندو. ڇوٿون تہ نسبتاً، عورت مرد کان محبت ۾ زياده مستقيم ٿئي ٿي. پنجون، تہ عورت انساني ضعف ۽ ڪمزوريءَ جي انتهائي منزل ۾ مجسمو آهي. انهن سڀني ڪري هتي بہ عورتن جي اندر جي اڌمن جو ذڪر ڪيل آهي.

شاهہ، وڻجارن جي وهڻ ڪي، پنهنجن ڀتارن لاءِ تڙپندو ڏسي، سالڪ ڪي هن سر ۾ نصيحت ٿو ڪري، تہ تون بہ ڪجهہ هٽ ڀير هلاءِ؛ عبادت ۽ نفس جو تزڪيو ڪر، تہ مالڪ جو مشاهدو ماڻين. هٽ هٽن تي رکي، رڳين سڏن ڪرڻ سان ڪم ڪيئن سنوريندين؟ جي محبوب جو مشاهدو مليئي، ۽ هوت وري هلڻ هارا ٿيئني؛ تہ بہ ڳري جهلي ڳچ ڳار، تہ من ابدي عيدون عطا ڪنئي، پر الاهي نور پسڻ کان اڳ، دنگي ڌوئي صاف ڪر.

سر سامونڊي

داستان پهريون

١

پَڳَهَ[1] پاسي ڳهارِ، آيلِ! سامُونڊِيَنِ جي،
وِڄهي ڄِيُ ڄَنجارِ[2]، ڄِمَ[3] وَڃَنِئي اوهَرِي[4].

٢

پَڳَهَ پاسي پَڄُ، آيلِ! سامُونڊِيَنِ جي،
مَنَ ۾ ٻاري مَڄُ، ڄِمَ وَڃَنِئي اوهَرِي.

٣

پَڳَهَ پاسي ويهُ، آيلِ! سامُونڊِيَنِ جي،
تون ويسَرِي[5] وِڪَ ڪَٽين، هُو پُورِيندا[6] پَرڏيهُ،
سَمُنڊُ ڄَنِ ساٿيهُ[7]، ڪوهُ نه وِيئَين تَنِ سين؟

٤

جانِ[8] ايندينءَ تان آءُ، هَٿِي هَٿُ پَڳَهَ ۾،
لَڳِي واءُ سُواءُ، سِڙُهِ سانباهِي[9] نه سَهِي.

١- لنگر ٻڌڻ لاءِ نوڙي ٢- جنجال، ڳنٽي ٣- متان ٤- ٻيڙيون ڏڪي يا ڇوڙي، اُسري ٥- نستيءَ سان، آهستي ٦- تڪڙا هلندا ٧- وطن، گهر ٨- جيڪڏهن ٩- تياري، گيسر.

نَنگَرَ جان نہ کَٽَنِ، وانءُ[۱] وَهِلِي[۲] نِڪِري،
مَڇِـنُ[۳] ڏيهہ[۴] وَڃَنِ، نارِيُون[۵] پُوري[۶] ناڪُئا.

۶

نَنگَرَ ۽ نارِيُون، پَڳَهہَ ڪَٽِي پَنڌِ ٿِيا،
بَندَرَ بازارِيُون، سُڃا سامُونڊِيَنِ ري[۷].

۷

ننگَرَ ٿُون نيٽِين[۸]، مَن اولِيءَ نہ اوهَري*!
سَڀاجهين نيٽِين، پائي پُڻُ[۹]، ڳِهيو[۱۰] هِنيون[۱۱].

۸

سي نِي جويَنَ ڏينهن[۱۲]، جَڏِهن سَڄَڻُ سَفَرِ هَلِيا،
رُئان، رَهَنِ نہ سِپِرين، آيلِ! ڪَريان ڪيئَن؟
مون کي چاڙهي چِيئَن[۱۳]، وِيو وَڻِجارو اوهَرِي.

۹

نہ سي تَڙِ هوڙاڪَ[۱۴]، نہ وايُون وَڻِجارَنِ جُون،
سَرَتِيُون! سامُونڊِيَنِ جا، اَڄُ پُڻُ ڇِڪِيَمِ چاڪَ،
مارِينِهُون[۱۵] فِراقَ، پاڙيچِيُون،[۱۶] پِرِيَنِ جا.

۱- وڃ ۲ تڪڙي، جلدي ۳- متان ۴- وطن (سمنڊ) ۵- چمر واريون نوڙيون ۶- ويڙهي وڃڻ ۷- کان سواءِ ۸- نيڙي، اوريرو، اورتي * منهنجو من اولي (ٻيڙي هلائڻ جي ڳن) سان ۽ ننگرن کان اورتي نٿو ڏڪجي يا پري ٿئي. ۹ خصلت، ڏوري، رسو ۱۰- قابو ڪيو ۱۱- دل.۱۲- ڏينهن، وقت، جوانيءَ جا ڏينهن ۱۳- چڪيا، ٻاهہ جو مچ ۱۴- ٻيڙيون ۱۵- اسان کي ماري ٿو ۱۶- پاڙي واريون.

١٠

وِيا اُوهَرِي اِوءِ، مون کي ڇَڏي ماڳهين[١]،
جُڳَنِ جا جُڳَ ٿِيا، ٿِنان نہ موٽِيو ڪوءِ!
گُوندرُ[٢] مارِيندوءِ، ويچارِي، وِئَنِ[٣] جو.

١١

اُونهي ۾ اُوهَرِي، جَڏِهن جي وِيا،
ساندارِي[٤] سَمُونڊَ جي، نِهوڙي نِيا!
وَڃِي تِتِ پِيا، جِتِ نِهايَتَ[٥] ناهِ ڪا.

١٢

اُونهي ۾ اُوهَرِي، جَڏِهن وِيا جي،
موٽِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ! سامُونڊِي سي،
ڪارو[٦] تَنِين کي، جيڪُسِ وَهُ وَرِي وِيو!

١٣

اوڙاهِ وِيا نہ وَرِيا، آئون تنهن مارِي ويڻَ[٧]،
ڪري سامُونڊِي سيڻَ، جُسي جارُ[٨] پِرائِيو.

١٤

جي وِئَڙَمِ اَڄُ، سي ڪَڏِهن ايندا مان ڳري[٩]؟
پِريان جي هُنَ پارَ ڏي، وَڃِي دَنڪِي[١٠] ڏَڄُ[١١]،
سامُونڊِيَڪو ڏُجهُ[١٢]، ماءِ! مارِيندَمِ ڪَڏهِين[١٣]!

١- ماڳهين، بنھ ٢- غم ٣- ويلن، جدا ٿيلن ٤- (سمنڊ جي) پيٽ ٥- حد، انت
٦- ڪارو پاڻي (سمنڊ جو) ٧- سخن، طعني، خبر ٨- ساڙ، ڏجهہ، ڏک ٩- وٽ
١٠- چمڪي ١١- جهنڊي، بيرق ١٢- ساڙ، غم، ڏک ١٣- ڪڏهن.

۱۵

اُوهَرِيا جِتائِين[1]، ڏُکَنِ[2] تَنِ تَرائِيين!
سامُوندِيَنِ سائِين، واءُ سَٽائو وارِيين!

۱٦

سامُوندِي ساري، مَتي تَرَّ گُذارِيان،
مون کي تِي ماري، اُنين سَندِي ڳالهڙِي!

۱۷

سامُوندِي ساري، ماءِ! مُنهنجو جِندَڙو[3]،
بَندَرِ ويچاري، وَڃِي لايا ڏينهڙا.

۱۸

سامُونڊِيَکو سَڱَ[4]، آهي گُوندر گاڏُئُون[5]،
انگهَن[6] چاڙهي اَڱَ[7]، وِيو وَڻجارو اُوهَرِي!

۱۹

وَڃيئي وِسَرِي شالَ، جو تو سودو سِکيو،
اَچا آئين کالَ، پُڻِ تو سَفَرِ سَنبَهين!

۲۰

ڳِرِيو[8] جَهلِيو روءِ، مَتي مُهرِي[9] هَتَّرا،
کوءِ! سودو سَندوءِ، جو تو ڍولِيا! سِکيو.

۱- جتائين، جنهن هنڌان ۲- پهچن ۳- جِند، وجود، بدن، دل ۴- ناتو، لاڳاپو ۵- گڏيل ٦- تڪليف، سوريءَ ۷- انگ، عضوو، بدن ۸- اولي کي رسيءَ سان ٻڌڻ لاءِ ڪلا ۹- ٻيڙيءَ جي سسي يا اڳيون حصو.

۲۱

اُلوڙَنُ[1] نہ ڏِيُي، وَرُ وِڏائِين وَنجَھ کي،
رَھُ اَجوکِي راتِڙي، لالَن! مُون لائي[2]،
وَجُ مَ قوڙائي[3]، ايڏي سَفَرِ سُپِرين!

۲۲

جيڪُس[4] نِبَرُ[5] نينھن سَندومِ، جنُن مُون اُيي ھُنِ تيلِيو،
سَعيو ساموَندِيَنِ سين، اڳھين تان نہ ڪيومِ،
وِجَھڻُ مَنجِھ[6] ھُئومِ، پاڻُ وَراڪي[7] رَسِ[8a] سين.*

۲۳

ٻيڙِيءَ جي يُوڻَن[8]، نينھُن نہ ڪِجي تَنِ سين،
اُپِيُون ڏنيَ ڏِسَنِ، جُھ سِڙھُ ڏيِئي سِيڙَ تِيا[9].

۲۴

ھينئڙو ٻيڙِيءَ جان، ڏُتَرِ[10] پئي ڏينھن تِيا!
پُچِيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاھُو[11] تِي ڪَڏِھين.

۲۵

تَنَ جَنِين جِي تانگَ[12]، سي سَجَڻُ سَفَرِ ھَلِيا،
لَئِجِ لاتِ، لطيفُ چي، ڪَڏِھن اِيندَمِ، ڪانگَ!
ڪنھن سَناٽي[13] سانگَ[14]، پِرين پَرڏيھي ڪِيا.

١- اولي سان ٻيڙي هلائڻ ٢- لاءِ، واسطي ٣- جدائي يا فراق ڏئي ۴- شايد ٥- نبلُ، ضعيف ٦- (ٻيڙيءَ) ۾ ٧- ويڙهي، ٻڌي ٨- پُٽن، رهن، گذارين ٨a- رَسي، رسو * مون کي پنهنجو پاڻ کي رسي ۾ ٻڌي ٻيڙيءَ ۾ اُڇلائڻ کپندو هو. ٩- سمنڊ تي مسافري ڪرڻ ويا ١٠- خراب تڙ تي يا ڏکئي تڙ تي ١١- ڇڪ يا سار لهندڙ ١٢- تانگهه، سڪ ١٣- رتيل، ضروري ١۴- ڪم، حاجت، اتفاق.

تان ڪِي لِئِجِ، ڪانگَ، ڪَڏِهن اِيندا مان ڳِري[۱]؟
سيڻَنِ ڪارَڻِ سانگَ[۲]، مون تان گهٽيئي ڪِيا.

۲۷

سَرَ نِسَرِيا[۳] پاندَ[۴]، اُتَرَ لَڳا، آءُ پِرِين!
مون تو ڪارَڻِ، ڪانڌ! سَهِسِين سُڪائُون ڪِيُون.

۲۸

سَرَ، لؤهِيڙا[۵] ڳِپِيا[۶]، ڪُسَرَ نِسَرِيا،
تو ڪيئن وِسَرِيا، ڍولِيا! ڏينهَن اَچَڻَ جا؟

۲۹

جيڪَرَ اَچِي هاڻِ، تہ ڪَرِيان رُوحَ رُچَندِيُونِ[۷]،
آيَلِ! ڍولِيءَ ساڻِ، هوند ڳَرِ لڳي[۸] ڳالهِيُون[۹] ڪَريان.

۳۰

آيَل! ڍولِيءَ ساڻُ، اَچِي تہ جهيڙِيان[۱۰]،
لايَئِي[۱۱] ڏينهَن گهڻا، مون سين ڪيئي[۱۲] تورِڙا.

۳۱

ڍولِيو وِيئڙو ڏُورِ، تي[۱۳] تِي سِيءَ گُذارِيان[۱۴]،
مادَرِ![۱۴a] مُون مَ چورِ[۱۵]، ناتہ پَڌَرِ پُوندي پرينءَ ري*.

۱- وٽ، گهر ۲- حيلا، حرفتون ۳- ڦٽا ۴- نوڪون، چوٽيون ۵- وڻ جو قسم ۶- ٻوڪيا ۷- راضي ڪندڙ رهاڻيون ۸- ويجهو ويهي، ڀاڪر پائي ۹- ڳالهيون، رهاڻيون ۱۰- جهيڙو ڪريان ۱۱- لاتي، پري رهئين ۱۲- گذاريئي ۱۳- تنهن ڪري ۱۴- سيءَ مران، اڪيلي سهان ۱۴a- امان، ماءُ، جيجل ۱۵- ستا سور نہ جاڳاءِ * نہ تہ منهنجي روئڻ ڪري ٻاڙي وارين کي بہ خبر پئجي ويندي تہ پرينءَ کان سواءِ آهي.

لاهِينداِئي ڪَنِ، ڳالهِيون هَلَنِ سَندِيُون،
ڏِيندا[1] مُون ڏُڪَنِ، وَهِ وِجَهندا ڄِندَڙو!

۳۳

مون ڪي جِيارِيو، پِرِيَنِ جِي ڳالهِ ڪري،
ڏَنو اَڄُ اَڏيو، هينئڙو ڪوٽَ بُرجَ جيئن.

۳۴

وانءُ، وَڃِي وائُٽِ[2]، هينئڙا! ماڳُ پِرِيَنِ جو،
چُمِيو، چُمُ چانئٺ، هوءِ جا سَندِي سَڄَڻين.

۳۵

آئون جَنِ آساري[3]، مَتي تَڙَ ڳُذارِيان،
مون ڪي وِساري، شالَ مَ وَڃَنِ اوهَرِي.

۳۶

سَنهي لڪِ[4]، نَڪِ سَنئِين، ڪَجَلَ پِنَنِ[5] نيڻَ،
سامُونڊِي! مون سيڻَ، ڪِ تو ڪالهِ لَنگهائِيا؟

۳۷

هي سَڄَڻَ سيئِي، جي مون ڪوڏِ[6] نِهارِيا،
اِيندَمِ جان پيهِي، تہ سَڀِ لاهِيندَمِ ڏُڪَڙا.

۱ـ حوالي ڪندا ۲ـ وڃ ۳ـ ڏس، جاچ جوچ ۴ـ آسري، اميد ٥ـ چيلھ ٦ـ آلا ائن ۷ـ پيار يا هيج سان.

٣٨

چَمَڪِيَون چَوڏارَ، ڏَڄُون[١] ڏاڙيچَنِ[٢] جِيُون،
ماءِ! ساموندي آئِيا، سَهِسِينِ ڪَري سِينگارَ؛
اُنِين جِي پَچارَ، ڪالهونڪر[٣] ڪانگُ ڪَري.

وائي - ١

پِرِيَنِ جي پَنڌاءُ[٤]، مون ڪي جي جَهِلنديُون،
سي نہ پُڇَنديُون.
ٻَلِي ڪري آئِيو، ناناڙو[٥] ڏيهاءُ[٦]،
سي نہ پُڇَنديُون.
ٻَڳِي ڪُٽِ[٧] سَڄِي تِي، لَڳي جاڪَ[٨] ڳراءُ[٩]،
سي نہ پُڇَنديُون.
سَرَتِينِ سُورَ پِرائِيا، هاڻي هِنَ هَنڌاءُ،
سي نہ پُڇَنديُون.
تان ڪِين[9a] واسُ[١٠] وِهائِيو[١١]، ٻاروچي مُلاءُ[١٢]،
سي نہ پُڇَنديُون.
تان ڪِين ڏونگر ڏوريان، جان ڪُڙهہ[١٣] اندرِ ساهَ،
سي نہ پُڇنديون.
مَتِيُون[١٤] موتَڻَ سَنديُون، تون هَڏِ آڇ مَ ماءُ!
سي نہ پُڇَنديُون.

١- بيرقون، جهنڊيون ٢- شاهوڪارن، سوداگرن ٣- ڪالهہ ڪان وٺي ٤- پنڌ يا پيچري ڪان ٥- لاناري وانگر ٻچڳل دل سڄي ڪرڻ وارو، دلبر ٦- پرڏيهہ ڪِان، ڏيساور ڪان ٧- ڪٽ جا ٻچڳل ٽانو ٨- ڪس، ڪاراڻ ٩- گهر مان 9a- ڪِي، ڪُجهہ ١٠- خوشبوءِ ١١- وٺج ڪريو، خريديو ١٢- وٽان ١٣- ڪک، بدن ١٤- صلاحون، مشورا.

وائي-٢

تَڙَ نِهارِيان تِي[١]، مُنهنجا بَندَرِ وِئُڙا جي،
مانَ سِڙهه سُجاڻان سَجَڻين.
اُيي اوسَهِ[٢] پائِيان، ڪارَڻِ وَڻجاري،
مانَ سِڙهه سُجاڻان سَجَڻين.
گهڻُو اُڪَندِي آهيان، پِرِينءَ پنهنجي ڪي،
مانَ سِڙهه سُجاڻان سَجَڻين.
آسائِتِي[٣] آهِيان، اَلا! ڪانڌُ اَچي،
مانَ سِڙهه سُجاڻان سَجَڻين.

وائي-٣

آيَلِ! ڪَرِيان ڪيئَن، منهنجو نينهن اَپِلئو[٤] نَه رَهي.
وِيو وَڻجارو اُوهَرِي[٥]، مون کي چاڙهي چِيئَن[٦]،
منهنجو نينهن اَپِليو نَہ رَهي.
ساُمونڊِيَنِ جي سَنگَ کي، رُئان راتو ڏينهن،
منهنجو نينهن اَپِليو نَہ رَهي.

١- تنهن ڪري ٢- فالون ٣- آس يا اميدواري ٤- اجهل، نہ پلجڻ جهڙو ٥- ٻيڙي جوڙي يا ڏکي ٦- ڦاسيءَ.

اُڏوھِيءَ[١] جيئن ڏُکَرا، چَڙھيا چوٽِيءَ سِيئَن،
منھنجو نينھن اَپِليو نہ رَھي.
گوندر مَتّان چِندَڙي، وَرِيا وَليُن جيئن،
منھنجو نينھن اَپِليو نہ رَھي.
مادَرِ! پائي مُندِيُون[٣]، وَجان ھادِيءَ سِيئَن،
منھنجو نينھن اَپِليو نہ رَھي.

داستان ٻيو

١

اَڄُ پُنُ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڄَڻَ جُون،
اَنَئِي پَھَرَ اَتَنِ، سَعيو ڪنھن سَفَرَ جو.

٢

اَڄُ پُنُ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڄَڻَ جُون،
مون اُپيئِي هَلِيا، بَنَدَرَ جَنِ[٤] تَڙَنِ[٥]،
سَرَتِيُون! سُورُ سَندُنِ، مون مارِيندو چِندَڙي.

٣

اَڄُ پُنُ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڄَڻَ جُون،
هَلَڻَ هارا سُپِرين، رُڪَان تان نہ رَھَنِ،
آئون جَھلِيندِي ڪيتَرو، آيَلِ! سامُونڊِيَنِ،
پَڳَھَ ڇوڙِي جَنِ، وِڌا ٻيڙا ٻارِ ۾.

١ـ ڪاٽ ڪائيندڙ جيت ٢ـ تائين ٣ـ هٿن جون آڱرين هڪ ٻئي ۾ وجهي، آزيءَ نيزاريءَ سان ٤ـ بندر وارن ٥ـ گهيڙن.

۴

لاهِيان جي نہ چِتان[۱]، اَلا! اُنِ مَ وِسَران،
مَڙِهيو[۲] مَنجهاران[۳]، جِيُ منهنجو جَنِ سين.

۵

چِتان جي نہ چُرَنِ، اَلا! اُنِ مَ وِسَران،
مون مَنُ آهي تَنِ، مَڙِهيو مَنجهاران هِنئين.

۶

تَڙِين تَنوارِين[۴]، ماءِ! سامُونڊِي آئِيا،
مون کي جِيارِينِ، وايُون وَڻجارَنِ جُون.

۷

او لا[۵] کَٿِي اُوءِ، پَڳهَ[۶] ڇوڙي پَنڌِ ٿِيا،
آيلِ! سامُونڊِيَنِ جِي، آهِ اَڙانگِي جُوءِ[۷]،
کَڏِهن ڏِسَنڊِيَسِ رُوءِ[۸]، وَرِي هِنِ اکِين سين.

۸

لَڳِي اُتَرَ هِيرَ، سامونڊيَنِ سِڙهَ سَنباهِيا،
ڏَمنگَرَ[۸a] کَڻِي ناکُئا، ٿِيا سَٽاوا سِيرَ،
هِينئڙي نِتَ اُکِيرَ، کارِي کيڙائُنِ[۹] جِي.

۱ـ دلُ تان ۲ـ ڳنڍيو ۳ـ اندران ٿي اندرَن (النءُ لڳل آهي) ۴ـ ڳالهيون ٻولهيون ڪن
۵ـ ٻيڙي هلائڻ جا ڳن ٦ـ نوڙيون ۷ـ هنڌ، ماڳ ۸ـ منهن 8a ـ لنگر (Anchors)
۹ـ سمنڊ تي مسافري ڪندڙن.

۹

لَڳِي اُتَرَ اُهَرِيا، وَاهوندي[1] وَرَنِ،
آئون گهڻو ٿِي گهوريان، سودو سامُونڊين،
اَگڻِ جَن اَچَنِ، عِيدَ وَرَتي[2] اُنِ کي.

۱۰

اَگڻِ آئيا جان، تہ سَرَتيُون! مون سُکَ ٿِيا،
امله پِريَنِ مٿان، ٻُرِڪِئو[3] ٻِيَنِ ڏِيان.

۱۱

آئِي اُتَرَ مُندَ، هِينئِين اُڏَڪو[4] نَہ لهي،
وَتِينِ لاڄُوبَندَ[5]، ٻيهَرَ مَکِينِ ٻيڙِيُون.

۱۲

لاڄُو ٿا لَنوَنِ[6]، اَچَنِ سِڙهہ اُپَٽِيا[7]،
ڪارَڻِ تَنِ پِريَنِ، وينِي واٽَ نِهارِيان.

۱۳

سِڙهہ سُڃاڻِيو چوءِ[8]، ماءِ! سامُونڊي آئِيا،
مانَ منهنجو هوءِ، جانِي هِنَ جهازَ ۾!

۱- بهار جي هير لڳڻ وقت ۲- ٿئي ۳- گهوريو، قربان ڪيو ۴- ڳڻتي، فڪر، انديشو
۵- ٽوئر، ڦندڻ ۶- لڏن ۷- کوليو ۸- چوي.

۱۴

سِڙَهه تَي سِبِياٽُون، بَندَرَ جَنِ[1] تَڙَنِ تَي،
سِڙَه سِبِي ساڄا[2] ڪَري، کُوها کَنياٽُون،
بيرَڦُون بَحَرنِ ۾، ڇوڙي ڇَڏياٽُون،
لَهرِيُون لَنگهِياٽُون، لُطفَ ساڻُ، لطيفُ چي.

۱۵

سِڙَهه تَي سِبِياٽُون، بَندَرَ جَنِ تَڙَنِ تَي.
مُلا[3] مُعَلِمَ خَبَرُون، پُڇِي پُورِياٽُون[4]،
سُتَرُ سونِياٽُون[5]،* اوَتَرِ ڪِنهَن نه اولِيا[6]،

۱۶

بَندَرَ[7] ديسان ديسِ، اَمُلُهه نه مِلي وارِيِڻ*،
فَقِيراڻي ويسِ، اَمُلَهه ڏِينِ اَتورِيا[8].

۱۷

پَتَڻِ پوءِ پَچارَ، آن کي سِڙَهه وِيندا گَڏِيا،
اُڪُندَ مون اَپارَ، شالَ منهنجا موٽِيا.

۱۸

اُپِيُون تَڙَ پُوڄِينِ، وَهُون[9] وَڻجارَنِ جون،
آڻِيو اَکا ڏِينِ، کَٿُورِي سَمُوندَ کي.

۱- بندر وارن ۲- سچا، مضبوط، سنا ۳- ونان، ڪان ۴- اُسريا، هليا ۵- ڳولي لڌائون ۶- لوڌيا، تنگ ڪيا، پوئتي ڇڏي ڏنا ۷- ٻيڙي بيهڻ جي جاءِ، اجهو، الاهي فيض* الله جو فيض هر جاءِ آهي؛ پر واريءَ (دنيا جي ڪوڙي ڪچ) جي ملهه تي نه ملندو. ۸- اڻ توريا، گهڻو ۹- زالون.

١٩

جَنِين ڪارَڻِ مون، تَڙَ پُوڄارا[١] پُوڄِيا،
پُنِيَمِ اُميدُون، سي ئي سَڄَڻَ آئِيا.

٢٠

وائُنِتيون[٢] تِيُون وَرَڪَنِ[٣]، اَڃا سِڙَھ نہ پَڌرا،
سي ئي تِيُون مَرَڪَنِ، جَنِين سَندا آئِيا.

٢١

ڪُوھَنِ سِرِ وائُنِتِيُون، وائُنِتِيُنِ سِرِ ڳَنڌَ[٤]،
ڪيڙِي[٥] ڪيڙِي ڪَنڌَ، ماءِ! ساموند آئِيا.

٢٢

جَرِ تَڙِ ڏِيو ڏِي،[٥a] وَٽِ تِرِٽِ ٻَڌِي وائُنِتِيُون*،
اَلا! ڪانڌُ اَچِي، آسائِتِي آھِيان!

٢٣

جا جَرِ جاتُون[٦] نہ ڏِئي، ڏِيا نہ موھي[٧]،
سَڏُون ڪوہُ ڪَري، سا پَنھِنجي ڪانڌَ جو!؟

١- سمنڊ جي پوڄا ڪندڙ، وڻجارا ٢- ٻيڙيون ٣- وَرَڪَنِ، لڏن، ڦرڪن ٤- طرا، چوٽيون، ڪلنگيون ٥- مسافري ڪري ٥a- ڏِئي *ٻاٽي ۽ سڪي جي لہ واٽن تي ڏيا ٻارين ۽ وٽن ۾ جھنڊيون ٻڌن، دعائون پنن. ٦- زيارت (اڪا) ٧- اچلائي، تاڙي، وجھي.

وائي - ۱

آئين مون کي زور[۱] ۾ جهليو جيڏيون!
ووءِ! آئون هَلندي هوتَ[۲] ڏي.
اُونهي وِيَڙا اُوهَري، ترازُون تاري،
ووءِ! آئون هَلندي هوتَ ڏي.
مَري رَهندِيَسِ ماڳهين، سامُوندِي ساري،
ووءِ! آئون هَلندي هوتَ ڏي.
سُورُ تُنهِنجو سُپِرين! مون مَعذُورِ[۳] کي ماري،
ووءِ! آئون هَلندي هوتَ ڏي.
هاڻِ نہ جِيان، جيڏِيُون! آئون کُنِيَسِ کوهِياري[۴]،
ووءِ! آئون هَلندي هوتَ ڏي.

وائي - ۲

ڪَرَهَلَ[۵] پائي لَڄُ*، ڪَهُ نہ وِيئِينءَ اَنِ سين.
اَجارِيائُون اوليُون، ڏُنارِيائُون ڏَڄُ،
ڪَهُ نہ وِيئِينءَ اَنِ سين؟
مَتان وِهين، ويسَرِي! اُٿِي، يُورُلَ[۶]! يَڄُ،
ڪَهُ نہ وِيئِينءَ اَنِ سين؟

۱- زوريءَ، تمام گهڻو ۲- پنهون (دلبر) ۳- عذر واري، عيبدار ۴- ڪوهہ يا جبل جو رهاڪو، پنهون، دوست ۵- اٺ کي* اٺ کي شرمائي يا ليلائي ٦- اي ڀورڙي يا نادان.

سيڻَنِ ساجُھرُ[۱] لَڌيو، تون آئِي![1a] نِھارين اَڄُ،
ڪُھُ نہ ويئِينءَ اُنِ سين؟
ڪالھَ سِبائِي ڪَنجرو[۲]، اَنگھون[۳] پاتَئِي[۴] اَڄُ،
ڪُھُ نہ ويئِينءَ اُنِ سين؟
ڪيرُ سُڃيندو تنھنجيون، اَدُورائُون[۵] اَڄُ،
ڪُھُ نہ ويئِينءَ اُنِ سين؟

وائي-۳

ويندي آئون ھوتَنِ وَٽِ، مون وَھُ[۶] وَڻجارَنِ سين.
پَڳھُ ڪَڻُ مَ، پاتِئِي، جانِي! مون لَئِي جھٽِ[۷]،
مون وَھُ وَڻجارَنِ سين.
وايُون وَڻجارَنِ جون، اَديُون! اڄُ نہ ھَٽِ[۸]،
مون وَھُ وَڻجارَنِ سين.
ڳَرَھِيان[۹] سُورُ سَفَرَ جو، ھَلِي پَنھِنجي اَرَٽِ[۱۰]،
مون وَھُ وَڻجارَنِ سين.
پُورِينديَسِ[۱۲] پِرِيَنِ ڏي، ڪانَہ ڪَرِينديَسِ گھٽِ،
مون وَھُ وَڻجارَنِ سين.
ڏيئي سِڙُھ سِيرَ تيا، پيرُ نہ لايَئُون[11a] پَٽَ،
مون وَھُ وَڻجارَنِ سين.

۱- سويل، گھڻو اڳي 1a۱- آيل، امان. ۲- چولي، گج ۳- چير، چھڪ ۴- ليڙون ڪيئي، ڦاڙيئي ۵- دانھون، فرياد ٦- لاڙو، نينھن ۷- ترس ۸- دڪانن تي، بازار ۾ ۹- اوريان ۱۰- ائٽ، چرخي ۱۱- ڪاھينديس 11a۱۱- لاياٿون، رکيائون.

داستان ٽيون

١

ٻُران[١]، مانَ ٻُڇان، بَندَرَ مون ڏورِ ٿيا،
نہ مون هَڙَ نہ هَنجِ ڪِين، جو آئون چَڙهي[٢] چَڙهان،
ايهين[٣] ڪِجِ، پاتِڻي! جنهن پَرِ پرين مِڙان،
ڪارُون[٤] تي[٥] ڪَريان، تو دَرِ اُيي ناڪُنا!

٢

هَڙَ ۾ ڪِينَ هُئونِ، هُونهَئِينِ[٦] هُنِ نہ چاڙِهيا،
سارو ڏينهن سَمونڊَ[٧] تي، لَهِي سِجُ وِيونِ،
جَڏِهن سائِينءَ سَبَبُ ڪِيونِ، تَڏِهن سُتَرِ ٿيا[٨]، سَيَدُ چي.

٣

آسان اُڏارا، آئي آوَنگَ[٩] چاڙِهيا،
منهن ڏيئي مون آئِيا، سَمُهان سِيارا[١٠]،
اُيرَنِ سِيڪارا[١١]، پَسِيو وَرَ پِينِ جا.

٤

مون اُيي تَرَ وَٽِ، پِرِيَنِ پَگهَ چِيڙِيا،
ڪا مُنهِين ۾[١٠a]! گهٽ، ناتہ سَجَڻَ سَباجها گهٽُو.

١- اڳتي هلان يا ڇران، ڪاهيان ٢- آڇيءَ، هام هڻي ٣- ائين ٤- فرياد، دانهون ٥- تنهن ڪري ٦- هونئين ئي، بنا پيسي ٧- سمنڊ ٨- ٽانيڪا ٿي، منزل مقصود کي پهتا ٩- ڪنا، ديگڙا ١٠- ڏڌ يا تڪليف جو وقت ١١- شوڪارا، ڏڌا ساهہ، سيسراٽ ١١a- مون ۾ ئي.

٥

مون اُ ي تَڙَ هيٺِ، پِرِيَنِ پَڳَهَ ڇوڙِيا،
ڪا مُنہ ن ۾ ڏِيٺ[١]، نا تہ سَجَڻَ سَباجها گهڻو.

٦

مون يي تَڙَ جَهلَ[٢]، پِرِيَنِ پَڳَهَ ڇوڙِيا،
ڪَا مُهين ۾ اَلَ[٣]، نا تہ سَجَڻَ سَباجها گهڻون.

٧

موا اُيي تَڙَ پاسِ، پِرِيَنِ پَڳَهَ ڇوڙِيا،
هُہ اَللهَ هارَ اُهَرِيا، آئون دَمِدَمِ دُعا ڪَندِياسِ،
آم[٤] نہ لاهِينديِاسِ، موتي اِيندا مان ڳَري.

٨

ڪيڙائُنِ ڪارو، سَنجهيئِني سارِيو،
آيَلِ! اُمارو[٥] آهِن پَرِيِن پارَ جو.

٩

ڪاري ڪيڙائُو، مَٿي مِٺيِ[٦] موٽِيا،
سودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائُو[٧]،
موٽي جي مِهراڻَ جا، تَنِ جا ظاماعُوَ[٨]،
سامونڊي سائُوز[٩]، لَنڪا لوپي[١٠] اِئيا.

١ـ ظاهر ظهور عيب ٢ـ ڪنارو، پر، وٽ ٣ـ عيب، اوڻائي ٤ـ آس،اميد ٥ـ خيال، سنيت ٦ـ مٺي پاڻيءَ، بندر تي جتي مٺو پاڻي ميسر آهي ٧ـ واپاري، وڻجارا ٨ـ طمع دار، تاڪائو ٩ـ بهادر ١٠ـ ڦري، لٽي.

۱۰

لنڪا لنڪا ڪَنِ، لئي لنڪا جي اُوهَرِيا،
سُٽِي سونُ لنڪا جو، سُڪُ نہ سامونڊيَنِ،
پِرهَ پَڳَهَ چوڙِيا، ڪاري ڪيڙائُنِ،
وَڏي ياگِ پِرَّنَ[1]، جي ڪَهِيا ڪارُونيارَ ڏي.

۱۱

وَڻِجارَنِ وَرِي، پِرهَ پَڳَهَ چوڙِيا،
اوليُون پَسِي اُنِ جُون، پيشَڙمِ ڳَچ ڳَرِي،
وِينديَسِ، ماءِ! مَرِي، ساري، سامونڊيَنِ کي.

۱۲

وَڻجارَنِ واري[2]، پِرهَ پَڳَهَ چوڙِيا،
ڪيڙائُو ڪاري، سَنيُوڙا[3]، سَيّدُ چي.

۱۳

وَڻِجاري جِي ماءِ! وَڻِجارو نہ پَليِينِ؟
آيو ٻارهِين ماهِ، پُڻُ تو سَفَرِ سَنبَهي.

۱۴

وَڻجاري ڪانڌاءُ[4]، مون وَرُ[5] ويني[6] گهارِيو،
لَڳِي اُتَرَ واءُ، ڊِولِيو هَلَڻَ جُون ڪري.

١- ملن ٢- وري ٣- سنبريا ٤- ڪانڌ يا مڙس ڪرڻ ڪان ٥- بهتر هو ٦- شادي ڪرڻ ڪان سواءِ.

۱۵

جي تون وَڻجارو ڪانڌُ، تہ مون ھَڏ مَ لاڻون لَڏيون،
پَرَڏيھَ مَٿَي سانگُ، اَنَئِي پَھَرَ جنھن ڪِيو.

۱٦

پَرَڏيھِ پُوريائُون[۱]، سامونڊِيَنِ سِڙَھ سَنباھِيا،
مان[۲] تَنُ مارِيائُون، پاٽان[۳] وِجھي گونڊرين!

۱۷

ڏِئِي ڏِيارِي، شامونڊيَنِ سِڙَھ سَنباھِيا،
وِجھيو وَرُ وَنجَھ کي، رُوئِي وَڻجارِي،
مارِيندَءِ، مارِي[۴]، پِرِھَ سُورَ پِريَنِ جا.

وائي - ۱

آئِين اَچِي پَسو، جيڏِيُون! ووا ھِي جو وَہ منھنجي جِندڙي،
پائي وِيئڙا پيرَ ھِہِ، مَنجھان کِرَسَ[۵] کَسو[٦] *،
ووا ھِي جو وَہ منھنجي جِندڙي.

۱- ڪاھيائون، ھليا ۲- منھنجو ۳- پاٿھي جاٿي، جاٿي ٻجھي، ويتر ۴- اي مٺي!
۵- ڪاوڙ، نفرت ٦- جُتي * ڪاوڙجي جُتي پائي راھي ٿيا (سسئيَ جي ڏيرن ڏانھن
اشارو آھي).

ڏيئي وِتّرا ڏاهِ[١] ڪي، سُورَنِ جو سَرَسو[٢]،
وو! هِي جو وَهُ منهنجي چِندَڙي.
آئون ڏورِينديِ اُنِ ڪي، ڏيئي تَنَ تَسو[٣]،
وو! هِي جو وَهُ منهنجي چِندَڙي.
ساءُ[٤] نہ آيان[٤a] سُورَ جو، هائي تِيُون هَسو[٥]،
وو! هِي جو وَهُ منهنجي چِندَڙي.
مَتان وِهو،[٥a] ويسَرِيُون! رِڙهو تي[٦] رَسو،
وو! هِي جو وَهُ منهنجي چِندَڙي.
مُندائِتي مِينهَن جيئَن، ويروتارِ[٧] وَسو[٨]،
وو! هِي جو وَهُ منهنجي چِندَڙي.

وائي-٢

ڏَڪَ لاهِندَمِ ڏُونگَرَ*، وو!
ماءِ! پِرِيَنِ جا مون ڪي سَيِيئي.
جو پَسان سو يانئيان، پِرِيان جو پَهِي[٩]،
ماءِ! پِرِيَنِ جا مون ڪي سَيِيئي.
ڏادِي ذاتِ جَتَنِ جِي، وِيئي ڏِيلُ ڏَهِي[١٠]،
ماءِ! پِرِيَنِ جا مون ڪي سَيِيئي.
آئون ڏورِينديِ اُنِ ڪي، رائِي[١١] راتِ رَهِي،
ماءِ! پِرِيَنِ جا مون ڪي سَيِيئي.
ڏِنا وَنُ ڪوهِيارَ[١٢] جا، وِيئي اَجَ لَهِي،
ماءِ! پِرِيَنِ جا مون ڪي سَيِيئي.

١- ٻانهيءَ ٢ گهٽائي، زيادتي ٣- تسيو، سختي ٤- ذائقو ٤a- اوهان ڪي نہ آيو ٥- هَنسو، ڪلو، چٽرون ڪريو ٥a- ويهو ٦- تہ ٧- هميشہ ٨- پيون ڳوڙها ڳاريو * ڏونگرن ڏورڻ سان ئي منهنجا درد دفع ٿيندا. ٩- پانڌيڙو، قاصد ١٠- ساڙي، جلائي ١١- واريءَ ۾، بيابان ۾ ١٢- ڪوهستان، جابلو ملڪ.

سر سهڻي

سر بابت

هندستاني موسيقيءَ مطابق، هن سر جو اصلي نالو سر 'توڏي' آهي. توڏي هڪ هندستاني راڳڻي آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن ڀاريائن (زالن) مان هڪڙي آهي. جنهن صورت ۾ هن سر ۾ سهڻيءَ جي سونهن ۽ صداقت جو بيان ڪيل آهي، تنهن صورت ۾ اڪثر ڪري، سر 'سهڻي' جي نالي سان مشهور آهي.

هن سر ۾ پڙهڻيون، عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون قائم رکيون ويون آهن، پر جتي ڊاڪٽر ٽرمپ واريون پڙهڻيون وڌيڪ موزون ۽ معنيٰ دار سمجهيون ويون آهن، اتي اهي اختيار ڪيون ويون آهن. ڪي بيت اضافو پڻ ٿيل آهن.

آکاڻي

هن سر جو مضمون، سهڻيءَ ۽ ميهار جي قصي تي ٻڌل آهي. هيءَ آکاڻي اصل پنجاب جي آهي، جا هيٺ مختصر طور ڏجي ٿي:

شاهه جهان جي دؤر ۾، پنجاب جي گجرات نالي شهر ۾، تُلا نالي هڪڙو هاڪارو ڪنڀر رهندو هو، جو پنهنجي فن ۾ يگانو هوندو هو. کيس هڪ ڌيءَ هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ هرهنڌ هوندي هئي.

بخارا شهر ۾ وري هڪ امير رهندو هو، جنهن کي سڪي سڪي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عزت بيگ رکيو ويو ۽ کيس لاڏ ڪوڏ سان نپايو ويو. جڏهن هو جوان ٿيو، تڏهن کيس هندستان ڏسڻ جي تمنا دل ۾ جاڳي. پٽس گهٽوئي روڪيس پر هيءُ هٺيلو هوڏ تان نہ لٿو. آخر سير سياحت جو گهڻو اسباب ۽ ناڻو کڻي اچي لاهور کان نڪتو. قسمت سانگي، گجرات شهر ۾ ٻہ، ڪجهه عرصو اچي ٽڪيو. تلا جي مهارت ۽ هن جي ٿانون جي تعريف ٻڌي، نوڪر کي سوکڙيءَ طور سهڻن ٿانوَن ڳنهڻ لاءِ روانو ڪيائين. ڪنڀر جي گهر ۾ سهڻيءَ جهڙي حسين نينگري ڏسي، نوڪر جا ماشا ڦري ويا. مالڪ وٽ اچڻ شرط اچي، سهڻيءَ جي سونهن ۽ تعريف جا ڍڪ ڀريائين. اهو احوال ٻڌي عزت بيگ جي دل ۾ عشق جي باهه اُلا ڏيڻ لڳي ۽ ري ڏٺي، سهڻيءَ تي مفتون ٿي پيو. جنهن تي اڻ ڏٺي عاشق ٿيو هو، تنهن کي ڏسي هيڪاري حيران ٿي ويو- ۽ دل سان گڏ هوش بہ وڃائي ويٺو.

سهڻيءَ سان لنؤ لڳڻ بعد، وطن ورڻ جو خيال لاهي، ٿانون وڪڻڻ جو دڪان کولي

ويهي رهيو. تلا کان ٿانون وٺڻ جي بهاني روزانو ديدار نصيب ٿيندو هوس. جي ٿانوَ روز نہ کپندا هئس تہ مهانگا ورتل ٿانوَ سستي اگهہ ۾ وڪڻي ٻہ، تلا جي گهر وڃڻ جو بهانو ڪيندو هو. ائين ڪرڻ سان آخر پاڻ کي ڦرائي، ڪنگال ڪري وڌائين. جڏهن نوڪرن ڏٺو تہ وطن واپس ورڻ جي ڪانہ ٿو ڪري، تڏهن رهيل اسباب بہ تڳائي ڳوٺ راهي ٿي ويا.

هاڻي عزت بيگ، تلا کان اوڌر تي ٿانوَ وٺڻ لڳو، جيڪي هو روزمره جي گراهڪن کي خوشيءَ سان ڏيڻ لڳو؛ پر جڏهن قرض وڌي ويو، تڏهن تنگ طلبي ڪيائينس. انهيءَ تي تلا وٽ نوڪري ڪري، محبوب جو ديدار ڪرڻ ۽ قرض ادا ڪرڻ جي ترڪيب سجهي آيس. تلا اها ڳالهہ قبول ڪئي- هو ڪانئس چيڪي مٽي ڪٽائيندو هو. ناز سان پليل، مٽي ديوڻ مان ڇا ڄاڻي؛ سو ٿوري وقت ۾ ڊرڪي پيو. تلا کي ڪهل اچي وئي، تنهن ڪري مشقت ۽ محنت کان ڇڏرائي، ڪيس مينهن چارڻ جو ڪم حوالي ڪيائين. هو ڊڪيءَ جو ميهن سان پهري پرار ويندو هو ۽ نما شام جو موٽي ايندو هو، جنهن ڪري مٽس 'ميهار' نالو پئجي ويو.

پروانو سڙي ۽ شمع سندس غم ۾ نہ ٻري، سا بہ ڳالهہ اڻ ٿيڻي آهي. عشق ۽ مشڪ ڪڏهن ڪونہ لڪندا- ميهار جي خاموش نگاهن، سهڻيءَ جي دل تي اثر ڪيو هو- ۽ هوءَ بہ روزانو ڪنهن نہ ڪنهن حيلي بهاني سان، ميهار سان ملي، اندر جي اُڪير پوري ڪندي هئي.

خون ۽ خستوري لڪڻ جا ناهن. سهڻي ۽ ميهار جي مخفي ملاقاتن جي ڪُنڪَ، آخر سهڻيءَ جي ماءُ کي وڃي پيئي، جنهن ڌيءَ کي پنهنجي پر ۾ گهڻوئي جهليو ۽ پليو، پر هوءَ باز نہ آئي. آخر لاچار ٿي، مڙس سان ڳالهہ ڪيائين، جنهن ميهار کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ سهڻيءَ جو زوريءَ نڪاح، سندس سوٽ 'ڏم' سان ڪرائي ڇڏيو.

شادي ٿيڻ بعد سهڻيءَ الله کي التجا ڪئي، "منهنجو ڀرم رک." ڌڻيءَ عرض اگهايس- چون ٿا تہ روز رات جو ڏم کي اهڙي ننڊ اچي ويندي هئي جو سهڻيءَ جو سماءُ نہ رهندو هوس. سهڻي رات ڏينهن، پلپل پرينءَ جي پچار ۾ پئي پچندي ۽ پڄرندي هئي. هوڏانهن، ميهار وڇوڙي ۾ بيحال ٿي چناب نديءَ جي ٻيءَ پر، سهڻيءَ جي گهر جي سامهون فقيراڻو ويس ڪري، دونهي دکائي ويهي رهيو. اوسي پاسي جا ميهار وٽس اچي ڪچهريون ڪندا هئا. ٿوري وقت ۾ سندس هاڪ پئجي وئي تہ، تمام پهتل شخص آهي. مرد ۽ زالون زيارت ۽ دعا لاءِ وٽس ايندا هئا. سهڻيءَ کي شڪ ٿيو تہ ميهار منهنجي لاءِ هيءُ جوڳ پٽيو آهي؛ سو ڪنهن نموني موڪل وٺي وٽس آئي ۽ پاڻ ۾ صلاح ٻيهاريائون تہ ميهار هر روز رات جو، درياهہ تري اچي سهڻيءَ سان ملندو.

پوءِ ميهار روزانو مڇي ماني کڻي، درياهہ تري ٻيءَ پر ايندو هو ۽ محبوب سان ساري رات رهاڻيون ڪري، پنيرڪي جو واپس ويندو هو. هڪ ڏينهن مڇي ڪانہ مليس، تنهن ڪري هٿين تلهو، يار سان ملڻ مناسب نہ سمجهي، پنهنجي ران کي چيري، ان مان گوشت تڪر پچائي، يار لاءِ تحفو ڪري کڻي آيو. هڪڙو تہ رت ڇڏيو هئائين گهڻو ۽ ٻيو

تازي ڦٽ تي پيو پاٽي، تنهن پچائي ڇڏيس. پرينءَ پڙ تري پهتو ته سهي پر ساٿو ٿي ڪري پيو. سهڻي اها قرباني ڏسي، هيڪاري متس موهجي پيئي ۽ انهيءَ کان پوءِ، پاڻ روزانو پڪي گهڙي تي تري، وڃي وٽس ڪچهري ڪندي هئي. موٽڻ تي، گهڙو ڪانھ جي گهاٽن ٻوڙن ۾ لڪائي رکندي هئي.

هڪ رات، سهڻيءَ جي ٽٺان سجاڳ ٿي پيئي؛ سهڻيءَ کي در کان ٻاهر ويندو ڏسي، هن جي پٺيان پئي. ڇا ڏسي ته سهڻي دلو کڻي، درياهه تري، ميهار ڏانهن پئي وڃي. جڏهن هوءَ ساري حقيقت کان آگاهه ٿي، تڏهن صبح جو پاڻ سان سربستو احوال اوريائين. پوءِ ٻئي سهڻيءَ کي ورائي ويا: گهٽائي طعنا تنڪا هنيائونس، نڪ چپ ويائونس، پر هن جو 'اهوئي ڳن، اهوئي ڪهاڙو'. سهڻيءَ کي ميهار سان ملڻ لاءِ بيقرار ڏسي هو، هن جي مارڻ جا پاڻ ۾ پهه پچائڻ لڳا. سهڻي وجهه وٺي ويندي رهي ۽ هي غصي ۽ غيرت جي باهه ۾ پچندا رهيا. جڏهن ڏٺائون ته سهڻي نٿي مڙي، تڏهن هن کي ماڳهين نهوڙي نيڻ جو پڪو پرن ڪيائون. سهڻيءَ جي ٽٺان، گهڙي رکڻ جي جاءِ جاچي ڇڏي هئي، سو هڪ ڏينهن پڪو گهڙو ٻوڙي مان ڪڍي ان جي عيوض رنگ ڏنل ڪچو گهڙو اتي رکي آئي.

- ته سياري جي رات آهي، اُپ ڪارن ڪڪرن سان ڇانئجي ويو آهي، چوڌاري اوندهه انڌوڪار لڳي پيئي آهي، سخت طوفان پيو گهوگهاٽ ڪري، درياهه مستن وانگر موج ۾ اچيو پيو جهولي، ڪنن جو ڪڙڪو پيو پوي، لهرون لوڙا پيون ڏين، ڪنوڻ جا چمڪاٽ پيا ٿين ۽ مينهن به اوهيڙا ڪيو پيو وسي؛ جڻ ته قدرت پنهنجي وس آهر سهڻيءَ کي سمجهائي رهي آهي- ته اڄ متي مٿي مهراڻ ۾ گهڙڻ جو دل تان خيال لاهي ڇڏ. پر سهڻي دهلجڻ جي نه هئي ۽ سمن تي پوري رهي. محبت ۾ محو ٿي، ڪچي گهڙي جي ڪل نه رکي، ڪنن ۾ ڪاهي پئي. جڏهن وچ سير ۾ پهتي، تڏهن پيلو پرڻ لڳو: تنهن هوندي به هن همت نه هاري- ڪجهه وقت ٻانهن ۽ پيرن سان پار پوڻ جي ڪوشش ڪندي ويئي؛ پر نيٺ سندس عضوا هٽي هٽي، نستا ٿي پيا ۽ هوءَ غوطا کائڻ لڳي. گهٽيي ڏانهون ڪوڪون ڪيائين. جڏهن ميهار جي ڪن پيون، تڏهن هن ڏٻري هٽڻ ڪري، پاڻ طاقت نه ساري، ملاحن کي منٿون ڪيون، ته مڏن تي چڙهي، سهڻيءَ کي بچائڻ جو ڪو بلو ڪريو؛ پر هنن هڪ به نه ٻڌس. لاچار، درياهه کي پٽيندو، ملاحن کي پاراتا ڏيندو، پاڻيءَ ۾ گهڙي پيو ۽ تري وڃي سهڻيءَ تائين پهتو. هو ڏاڍو هيڻو، تنهن ڪري سهڻيءَ کي تارڻ جي توفيق نه ساري سگهيو، پر تنهن هوندي به سهڻيءَ کي ياڪر ۾ جهلي ترڻ لڳو. آخر ٻئي ساٿا تي هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ درياهه ۾ غرق ٿي ويا-

روحاني راز

سهڻي ۽ ميهار جو قصو، صرف سڪئي آکاڻي نه آهي، پر منجهس، شاهه جي ڪلام ۾ آيل ٻين مجازي عشق جي آکاڻين وانگر، وڏي تمثيل رکيل آهي.

خدا تعاليٰ روحن کي خلقي، پوءِ هرهڪ روح کي جدا جدا درجا نصيب ڪيا: هڪڙن کي عشق عطا ڪيائين، ته ٻين کي حسن بخشيائين، يعني ڪن روحن ۾ عشق

جو اُلو زياده رکيائين ۽ ڪن ۾ وري حسن جو حصو زياده. خدا تعاليٰ، سهڻيءَ ۾ حقيقي حسن جو جلوو روشن ڪيو (۽ قيامت تائين سهڻيءَ جهڙين صداقت جي پتلين ۾ رو-سن ڪندو رهندو) ۽ ميثاق جي ڏينهن کان وٺي ميهار کي عشق مان بهره ور بنايو.

عشق ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو مجازي ۽ ٻيو حقيقي؛ ساڳي طرح حسن به ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو مجازي ۽ ٻيو معنوي. سهڻيءَ جي حسن ۾ ميهار، الاهي جلوي جا انوار ڏٺا هئا ۽ سندس حقيقي عشق، سهڻي جي معنوي حسن تي مفتون ٿيو هو. اها روحاني راه الله پنهنجي حڪمت سان گهڙي هئي ۽ جيسين ڪائنات جو ڪاروبار هلندو، تيسين قائم رهندي. سهڻي ۽ ميهار هن پيچري جا پانڌي هئا. هن کان پوءِ به گهڻئي مجازي عشق جي ڏاڪڻ چڙهي وڃي حق سان واصل ٿيندا.

شاه، سر سريراڳ ۾، دنيا کي درياه سان مشابهت ڏيئي، سالڪ کي جسم جي دنگي ڏوئي، روحاني سفر تي اُسهڻ جي تلقين ڪئي آهي ۽ هتي وري به دنيا کي درياه سان تشبيه ڏيئي، سالڪ کي، درياه جي حوفن خطرن کان نه دهلجي، سنئون سامونڊي سفر طي ڪري، پنهنجي حقيقي محبوب سان وصال ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي آهي.

شاه هن سر ۾ پڻ عورت کي عاشق بنايو آهي، جا ساهڙ جي لاءِ سر جون چوٽون ڏي ٿي. شاه جو عورت کي عاشق ۽ مرد کي مطلوب بنايو آهي، تنهن جو احوال، سر سامونڊيءَ ۾ ڪيو ويو آهي. مطلب ته، سهڻيءَ مان مراد آهي سالڪ جي، ۽ ميهار مان مراد آهي حقيقي مطلوب جي. سهڻي ۽ ميهار جو انگ لکيل هو، تنهن ڪري ايزدي منشا مطابق، دنيا ۾ به هڪ ٻئي کي اچي ڳولي لڌائون.

سالڪ کي ٻنهي، بيروني ۽ اندروني مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو آهي. جيئن سهڻيءَ جي حالت ۾ درياه ۽ ان جون مست موجون، ڪارا ڪن ۽ طوفاني دهشت ۽ ڏم، بيروني رڪاوٽون ۽ ڪشالا هئا، تيئن سالڪ لاءِ، دنيا ۽ ان جا تعلقات، هن لاءِ بيروني رنڊڪون آهن. جيئن سهڻيءَ لاءِ ڏم جا ڏک اندروني ڏولاوا هئا، تيئن سالڪ لاءِ، نفس ۽ نفساني وسوسا، اندروني مصيبتون آهن. مذڪور ٻنهي قسمن جون آفتون سالڪ کي سنئين رستي کان گمراه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هونديون آهن. جڏهن انهن رڪاوٽن تي حاوي پئبو، تڏهن دلدار جو درلبي ديدار نصيب ٿيندو. انهن رنڊڪن کي دفع ڪرڻ لاءِ، سالڪ کي وسيلا گهرجن، جيڪي سندس واهر ڪن. جيئن ڏم کي اگهور نند لاءِ، سهڻيءَ ڏٽيءَ در التجائون ڪيون، تيئن سالڪ کي نفس تي مڪمل ضابطي حاصل ڪرڻ لاءِ الله اڳيان ٻاڏائڻ گهرجي. جيئن سهڻيءَ مهراڻ اُڪري پار پوڻ لاءِ ڪنيار کان وڃي گهڙو هٿ ڪيو، تيئن سالڪ کي 'ڪوڙي ۽ ڪوڙهئي' نفس کي قابو ڪرڻ لاءِ، عقل ۽ ايمان، عبادت ۽ رياضت جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. ڪنيار مان مراد آهي، مرشد جي رهبري حاصل ڪرڻ جي. شاه سيني سرن ۾ مرشد هٿ ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

مولانا رومي ٿو فرمائي:

رو بجو يارِ خدائي را تو زود،
چون چنان کردي خدا يارِ تو بود."

(اي طالب! تون جلد وڃي ڪنهن خدا جي يار (مرد) کي هٿ ڪر. جڏهن ائين ڪندين، تڏهن خدا تنهنجو حامي ۽ همراهہ ٿي پوندو.)

طريقت جو ترهو نهايت اٿانگهو ۽ اڏو ترڇو آهي، ۽ ممڪن آهي تہ سالڪ جو پير، ڪنهن مهل بہ ڪسڪي وڃي. هن ڪي جيڪڏهن مرشد جو فيض ۽ رهبري حاصل هوندي، تہ معرفت جي منزل طي ڪري وڃي پار پوندو. جيئن سهڻيءَ لاءِ پڪو گهڙو درياهہ ترڻ جو عمدو وسيلو هو، تيئن سالڪ لاءِ مرشد جي اڳواڻي هڪ عمدي واهر آهي، جا ڪيس دڳ لائي ڇڏيندي.

جيئن سهڻي رات جي وقت، محبوب سان رهاڻ ڪري وري ڏينهن جو ڪانئس جدا ٿيندي هئي ۽ انهيءَ وڇوڙي واري وقت ۾، وري ديدار لاءِ واجهہ پيئي وجهندي هئي، تيئن سالڪ لاءِ بہ 'بسط' ۽ 'قبض' جون بہ حالتون آهن. جڏهن هو انهن حالتن مان گذرندو، تڏهن محبوب ۾ لِئہ ٿيڻ (مڪمل وصال حاصل ڪرڻ) جي، هن جي جيءَ اندر زوردار اُڪنڊ پيدا ٿيندي؛ جنهن ڪري هو سڀ دنيوي توڙي ديني، بيروني توڙي اندروني تعلقات ٽوڙي، وسيلا وڃائي، جسم ۽ جان جلائي، پنهنجي انفرادي هستي وڃائي، "موتوا قبل ان تموتوا" جو مرتبو حاصل ڪندو.

سهسين سائر پوڙيون، منڊ پوڙيو مهراڻ.

جڏهن سالڪ، هن حالت کي پهچي ٿو، تڏهن هو هر شيءِ ۾ خدا جو جلوو پسي، 'اناالحق' جو نعرو هڻي ٿو ۽ موت هن لاءِ ميلاپ جو بهترين طريقو ٿيو پوي- موت هن کي "ابد تائين حق ۾ غرق ڪيو ڇڏي." شاهہ وحدت الوجود جو قائل هو، تنهن ڪري هتي 'همہ اوست' جو اصول بيان ڪيو اٿس. شاهہ جي فلسفي سمجهڻ لاءِ 'وحدت وجودي' ۽ 'وحدت شهودي' جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

شروعات کان سيني صوفين جو عقيدو هوندو هو تہ زمين ۽ آسمان تي جيڪا جوڙ ۽ جنسار، بيهڪ ۽ بناوت اسين ڏسون ٿا، سا سموري خود حقيقي معشوق پاڻ آهي ۽ عاشق (فطرت) فقط پردو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ جيڪي ڪجهہ آهي، سو هو پاڻ ئي آهي، يعني معشوق ئي 'حقيقي وجود' سان موجود آهي. انهيءَ کي 'همہ اوست' يا 'وحدت وجودي' جو اصول چوندا آهن. هجري پنجين صديءَ کان پوءِ صوفين جون بہ جماعتون ٿي پيون: هڪڙا وحدت وجودي جا قائل رهيا ۽ ٻيا وري 'وحدت شهودي' (همہ از اوست) جا قائل ٿي پيا.

وحدت وجودي جي مڃيندڙن جو چوڻ آهي، تہ 'وجود مطلق' يعني پنهنجي سر قائم رهندڙ هستي، فقط هڪ ئي آهي ۽ ٻين سيني موجود شين ۾ نظر اچي ٿي، مطلب تہ جيڪا موجودات آهي سا سڀ خدا جي پاڪ ذات آهي. وحدت شهودي جي قائلن جو قول آهي، تہ 'وحدت الوجود' کي مڃڻ، يعني سيني هستين کي هڪ ئي هستي سمجهڻ، غلطي آهي. درحقيقت 'وجود مطلق' الڳ هستي آهي ۽ موجودات واريون

هستيون الڳ هستيون آهن، جي خدا جي شهود (تجليءَ) ۾ ڏِکيل نظر اچن ٿيون؛ تنهن ڪري 'همه اوست' جي بدران ميڻ گهرجي 'همه از اوست'، يعني سڀ ڪجهه هن جو بنايل آهي.

شاهه عبداللطيف، وحدت وجوديءَ جو قائل هو؛ سندس چوڻ آهي ته:

"وحدتا ڪثرتَ ٿي، وحدت ڪثرت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل،
هو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين."

درياهه ڏي نظر ڪبي، ته بيشمار لهرون نظر اينديون. اگرچ انهن جا جدا جدا رنگ ۽ روپ آهن، ته به درحقيقت پاڻي ساڳيوئي آهي. اهڙي ريت دنيا ۾ به ڪثرت نظر اچي ٿي، پر حقيقت ۾ اها ڪثرت، وحدت آهي.

مولوي غلام محمد ولد خان محمد خان زئيءَ 'منهاج العاشقين" نالي فارسي ڪتاب ۾ (جنهن جو عمدو سنڌي ترجمو شمس العلماءُ ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب ڪيو آهي.) سر سهڻي جا ڪنايا (اشارا) هيٺين ريت سمجهايا آهن: 'ساهڙ' مان مراد آهي، 'مطلوب'.
"سهڻي" مان مراد آهي، 'طالب'.
"ڏم" مان مراد آهي، نفس 'امارو'.
"درياهه" مان مراد آهي، 'شريعت جي واٽ ۾ پنڌ ۽ متابعت محمدي (ﷺ)'.
"درياهه جي هيءَ ڪنڌي"، مان مراد آهي، 'هي جهان' ۽ 'پنهنجي وجود (هئڻ) جو دنيا منجهه اثبات ڪرڻ.'
"درياهه جي هوءَ ڪنڌي"، مان مراد آهي، 'فنا في الله' يعني 'حاويليءَ قرار ۽ بقا جي'، يعني 'پاڻ کي فنا ڪرڻ، ذات جي اثباتي، ۽ گم ٿيڻ صفات جو.'
"سهڻيءَ جو رات کي وڃڻ"، مان مراد آهي، 'جاهليءَ جو جهان.'
"ڪچو دلو" مان مراد آهي، 'غير شرعي ڪم ڪري يا خيال ڏاري شريعت ۾ رخنو وجهڻ'، جهڙوڪ ڪفر ۽ بدعت جا بڇڙا ڪم، جي ظاهر ۾ پسند پيا ايندا، پر باطن ۾ بدعت ۽ بي ديني آهن؛ جيئن شيخ عطار فرمايو آهي:

"زهر دارد در درون دنيا چون مار،
گرچه بيني ظاهرش نقش و نگار."

يعني دنيا، اندر ۾ بلا وانگر زهر ٿي رکي، توڙي جو ٻاهران چٽ اٿس.
"ڪنڀار جو دڪان،" مان مراد آهي 'آدميءَ جو اختيار'. ڪنڀار جي دڪان ۾ ڪچا ۽ پڪا دلا رکيا آهن، جنهن کي جيڪو کپي، سو کڻي.
"پڪي دلي،" مان مراد آهي، 'شريعت يا متابعت محمد (ﷺ)'.

واڌارو

سهڻي- ميهار جي سنڌي قصي مطابق 'ساهڙ' ذات جو 'نگامرو' هو، ۽ سهڻي لوهاڻپي درياهه جي لهرين مان گهڙنڌي چڙهندي هئي. انهن ٻنهي اُهڃاڻن مان گمان نڪري ٿو ته هيءُ

قصو سومرن جي اوائلي دور ۾ يا اڃا ٻہ اڳ اُسريو، سسئي جي داستان وانگر، سهڻي جو قصو بہ وقت گذرڻ سان سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر پنجاب تائين مشهور ٿيو. جتي ان کي اتي جي مقامي رنگ روايت موجب ڳايو ويو. پنجاب ۾ ان کي مغل دور ۾ شاهجهان بادشاه (١٠٣٧- ١٠٦٨ھ / ١٦٢٨- ١٦٥٧ع) يا ان کان پوءِ محمد شاه بادشاه (١١٣١- ١١٦١ھ ١٧١٩- ١٧٤٨ع) جي دور جو قصو ڪري ڄاڻايو ويو آهي.

سنڌ ۾ سهڻي جي داستان بابت اُهڃاڻ، گهڻو اڳاٽو ميين شاه ڪُريم (٩٤٤-١٠٣٢ / ١٥٢٥- ١٦٢٣ع) جي ملفوظات ۾ شامل هيٺين بيتن ۾ ملن ٿا:

ڳوري ٻي نہ تات، مهارا ئي من ۾،
جو پڻ پيئي رات، تہ هو ٻانر هو سهڻي.
جيڪي گهران مَ وڃ، جيڪي موٽ مَ سوهڻي،
هيڪڙائي هٺ ڪري، ٻيون پيري پڄ.

هنن بيتن مان ظاهر آهي تہ 'سهڻي' جو نالو سڀ کان اول سنڌ ۾ ١٦- صدي ۾ مليو. ٿي سگهي ٿو تہ اهي بيت ميين شاه ڪريم کان اڳ جي ڪنهن شاعر جا يعني تہ ١٥- صدي عيسوي جا هجن. قصو يقيني طور گهڻو اڳ اُسريو، جو ١٥ ۽ ١٦ صدي ۾ صوفي درويش ۽ شاعر ان بابت بيت چوڻ لڳا.

قصي جي ڪن خاص اهڃاڻن، مثلا 'نگامرا' ذات جي ساهڙ ڄام ۽ لوهاڻي درياه جي وَهڻ (١٢ يا ١٣ صدي عيسوي) مان گمان نڪري ٿو تہ غالباً سنڌ ۾ هيءُ قصو ١٢ يا ١٣ صدي ۾ اُسريو، ۽ خاص لئي ۾ ڳائجڻ لڳو، جنهن کي قصي جي نالي پويان سهڻي سڏيو ويو. هيءُ سنڌ جو راڳ 'سهڻي' ئي هو، جو پوءِ سنڌ کان ٻاهر هند ۾ مشهور ٿيو ۽ بالاخر 'هندستاني موسيقي' ۾ هڪ مستقل راڳڻي طور تسليم ٿيو.

پنجاب ۾ 'سوهڻي منهيوال' جو قصو پهريائين 'هاشم شاه (ولادت ١١٦٦ھ) منظوم ڪيو. هڪ سئو سال کان پوءِ فضل حسين تبسم (١٢٥٨ھ) ۽ فاضل شاه (١٢٦٥ھ) ۽ ٻين ان کي فارسي ۽ اردو ۾ لکيو. فاضل شاه ۽ ٻين هن قصي جو واقعو شاهجهان جي دور (١٠٢٧- ١٠٢٨ھ) جو ڪري ڄاڻايو آهي ۽ منشي گنيش داس گجراتي، جنهن ١٢٦٥ھ ۾ هن قصي کي نثر ۾ مختصر طور بيان ڪيو آهي. اهڙي طرح پنجاب ۾ هي قصو شاه عبداللطيف (وفات ١١٦٥ھ) کان بہ پوءِ منظوم ٿيو. سنڌ ۾ سهڻي بابت شاه صاحب کان اڳ ميين شاه عنات جا بيت ملن ٿا ۽ ان کان بہ اڳ ميين شاه ڪريم جي ملفوظات ۾ سهڻي جا بيت موجود آهن.

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ، ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، سن١٩٧٨ع، ص ص ٩٦- ٩٨)

*

سهڻي ميهار جي سنڌي داستان جو تاڃي پيٽو تُوٽي تَر- بَر، پنجاب واري قصي کان قطعي مختلف آهي. واقعات توڙي صوفيانہ ڳوڙهن نڪتن جو بہ انداز بنهہ جدا آهي. داستان جي مزيد تفصيل لاءِ ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ٽيهون ڪتاب 'سهڻي ميهار' مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ. (**ممتاز مرزا**)

سر سهڻي

داستان پهريون

١

وَهُ[١] تِکَ، واهُڙَ[٢] تِکَ، جِتِ نينهن تِکَ نِرالِي*،
جَنِ کي عِشقُ عَمِيقُ[٣] جو، سي خِلوَتَ خِيالِي**،
وارِيين سي والِي! هينڙو[٤] جَنِين هَٽِ ڪِيو.

٢

اَندِيءَ[٥] وَچُون، ڪَندِيءَ وَچُون، تُنگڻا[٦] لهي نه تِکَ،
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، ڏِيلَ پنهنجي ڏِکَ[٧]،
واهُڙُ تَنِين وِکَ، جَنِ سانيار[٨] سُپرِين

٣

واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اَجا وَهُ[٩] اَڳي تِيو***،
گهرِ وينِيُون گهڻا ڪَريو، سَرَتِيُون! سَگَ سَنوان[١٠]،
صُورَتَ جا ساهَڙَ جِي، سا جي ڏِٺي آن،
هوند[١١] نه پَلِيو[١٢] مان، گِهڙو سَڀِ گهڙا کَڻِي.

١- پاڻيءَ جي وهڪ ۾ ٢- درياهه چڙهڻ وقت ڦاٽ جي تکي وهندڙ پاڻيءَ ۾ * وهه توڙي واهڙ ۾ تک آهي، پر عشق جي تک ٻين سيني کان زبردست آهي. ٣- اونهو درياهه (وحدت) جو ** سي اڪيلائيءَ ۾ گذارين ٿا. ٤- دل ٥- چيڙو، پرين ڪنڌي ٦- تنگ يا سوڙهي گهيڙ مان ٧- سينگار، ساهڙ جي صورت دل ۾ ڌاري درياهه ۾ گهڙي ٨- سامهون، ياد ٩- تک (منزل مقصود) *** عشق جون ابتدائي منزلون آسان آهن، پر توڙ پهچڻ مشڪل آهي. ١٠- مائٽيءَ جي دعويٰ ڪريو ١١- جيڪر، هوند ١٢- منع ڪريو.

٤

جيڏيُون! ڏِنيان جي، صُورَتَ ساهَڙَ چامَ جِي،
سُکِ ٿِي سُتِيُون کِينَ کِين،° ڪانڌَنِ[١] پاسي ڪي،
مُونهان ٿي[٢] اَڳي، گِهڙو سَڀِ گهڙا ڪَٽِي.

٥

ڏِنِي جَنِ هيڪارَ، صُورَتَ ساهَڙَ چامَ جِي،
سُکِ ٿي سُتِيُون کِينَ کِين،° پِرِي[٣] ساڻُ پَتارَ،
گِهڙِيُون گهڙَنِئان، ڏارَ[٤]، ڪاهِي پِيِيُون ڪُنَ ۾.

٦

ساهَڙَ مُون جيئَن سَرَتِيُون! جي ڏِسو سَيِيئِي،
تہ سُمَهو کِينَ سُکِ ٿِي، پاسو وَرَ° ڏِيئِي،
مونهان[٦] اڳي ٿي، گِهڙو سَڀِ گهڙا ڪَٽِي.

٧

جيڪِين[٦a] ڏِنو مان، سو جي ڏِنو جيڏِيِن،
گهرَ وَرَنِين سان، هوند گهٽِنِ گهوري ڇَڏِيا.

٨

گهڙَنِ وارِيُون تَڙَنِ تي، گِهڙَنِ گهٽي ٿِي،
سَيَڪا چِي آن سُوهَٽِي، لَئِي پِرِيان پيئِي،
صُبَاحَ سَيِيئِي، پَسبِيُون پاتارَ ۾ *.

°- ڪي. ١- پتارن ٢- مون کان ٿي ٣- گنجي ٤- گهڙن يا دلن کان سواءِ °- مڙس، پتار ٦- مون کان ٦a- جيڪي. * صبح جو سچن عاشقن جا لاش درياه جي وچ ۾ لڙهندا ڏسبا.

٩

ڪَنڌِيَ اُڀِيُون ڪيتِرِيُون، 'ساهَڙُ، ساهَڙُ[١]' ڪَنِ،
ڪَنِين[٢] سانگو ساهَ جو، ڪي 'گهورِيَسِ' ڪِيو گهِڙَنِ،
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائِي[٣] گهِڙَنِ جي.

١٠

وَٺَنِ وِيٺا ڪانگَ، وِچِين تِي ويلا ڪَري[٤]،
گهِڙِيءَ گهڙو هَٿِ ڪَري، سُٽِي سانجهيَ پانگَ،
سِيئِيَ ڏُونڌِي سانگَ[٥]، جِتي ساهَڙُ سُپِرِين.

١١

گهِڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، ٻَهُون[٦] نِهاري ٻَنگُ[٧]،
سر در قدمِ يار فدا شد چه بجا شد[٨]، وَصلَ اِهوئِي وَنگُ[٩]،
راتِ جَنِين جو رَنگُ[١٠]، اَلا! سي اُڪارِيين.

١٢

گهِڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، ٻَهُون نِهاري ٻَنگُ،
وَ اَمّا مَن خَافَ مَقامَ رَبه[١١]، اِيءُ لَنگهِيائِين لَنگهه،
سِڪَنڌِيَنِ ڪي سَيّدُ چي، ڪِينَ جَهلِيندو جَهنگُ،
راتِ جَنِين جو رَنگُ، اَلا! سي اُڪارِيين.

١- محبوب ٢- ڪن کي ٣- ڪلي، خوش ٿي ٤- گذري وڃي ٥- ماڳ، جايون ٦- گهڻو
٧- درياه جو ور ٨- جيڪڏهن يار جي قدمن تان سر فدا ٿيو، ته ڇا ٿيو؟ ٩- ٻيچ ڍنگ
١٠- راحت يا ميلاپ جو وقت ١١- جيڪو پنهنجي رب اڳيان ڪنبي ٿو (۽ پنهنجي نفس
کي حرص ۽ هوا کان روڪي ٿو، ته پوءِ ضرور بهشت سندس رهڻ جي جاءِ ٿيندي).

١٣

گِهڙِي گهڙو هَٿِ ڪَري، ڇيلهہ ٻَڌِي ڇوتو،
منهنجو مَنُ مِيهارَ ڪي، پارِ وَڃِي پُهتو،
گوتي ۾ گوتو[١] مون ڪي مُحِبَ مِيهارَ جو.

١٤

گِهڙِي گهڙو هٿِ ڪري، ٻوڙِيائِين ٻانهون،
ويچارِيءَ وَڌِيُون ڪِيُون، وِچِ دَرِيا دانهُون،
موٽُ مُحِبَ! پانهُون[٢]، تاڪُنِ[٣] تَڪِي آهِيان.

١٥

گِهڙِي گهڙو هَٿِ ڪري، اِلاهي تُهارَ،
جَنگهہ جَرُڪِي واتَ ۾، سِسِيءَ ڪي سِيسارَ[٤]،
ڇُوڙا ٻِيڙا[٥] ڇڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙِيَسِ وارَ،
لکين ڇَهُنِيَسِ لوهَٽِيُون[٦]، ٽِيلهيُون[٧] ٽَرَنٽُون ڏارَ*،
مِڙِيا مَڇَ هَزارَ، ياڳا ٽِيندي سُوهَٽِي!

١٦

مِنهِ[٨] جِهِين جي مُون، ڏِٺو مُنهن مِيهارَ جو،
آهيمِ ساهَ سَٿُون[٩]، سو ڪيئن گهڙو گهورِيان؟

١- غوطو، خيال، ڳڻتي، پور ۾ پور ٢- پوئتي٣- ٽڪينڌڙ دشمن، درياهہ جي جانورن
٤- سيسر ٥- ٻيڙا، مڙيل ٦- ۽ ٧- مڇيءَ جا قسم* ٽـر يا اصل ماڳ ڪان پري.
٨- ٻهاني ٩- جهڙو، ساڻ.

۱۷

گهڙو ڀَڳو تہ گهورِيو، مَرُ ڇُورُ ٿِئي ڇوڙو،
طالِبُ المَوليٰ مُذَكَّرُ[1]، اِيءُ ٻُڏنَدَنِ ٻوڙو[2]،
ڪوڙهيو ڏُمرُ[3] ڪُوڙو، مون مِيهارُ مَنَ ۾.

۱۸

گهڙو ڀَڳو تہ گهورِيو، مَرُ ٻيڙَ[4] ٿِئي ٻاهِين[5]،
طالِبُ المَوليٰ مُذَكَّرُ، اِيءُ پَرِ اَسانهِين[6]،
پوان مَ پاهِين[7]، مون مِيهارُ مَنَ ۾.

۱۹

گهڙو ڀَڳو تہ گهورِيو، پاٽان هو حِجابُ[8]،
واجِبُ وَڃي وُجُودَ ۾، رَهِيو رُوحَ رَبابُ، *
ساهَڙَ ريءَ[9] صَوابُ[10]، آئون گهڙو ئِي گهورِيان.

۲۰

گهڙو ڀَڳو تہ گهورِيو، تان ڪِي تَرُ هِنيان[11]!
اَدبُ[12] اَڪَڙِيَنِ ڪي، ڏِيهاڙِي[12a] ڏِيان،
مِيهارَنِ مِيان، سَنڌُون سُونهايمِ[13] پيچَرو.

۲۱

گهڙو ڀَڳو تہ گهورِيو، آسَرَ مَ لاهيج،
لا تَقنَطُوا مِن رَحمة اللهِ[14]، تُرَهِي اِنَ تَريج،
حَبِيباڻِي هيج[15]، پَسين مُنهِن مِيهارَ جو.

۱ـ خدا جو طالب نر آهي ۲ـ آڌار ۳ـ سهڻيءَ جي مڙس جو نالو (ڪميڻو نفس) ۴ـ ٻيڻي ۵ـ ٻانهين ٦ـ اسان جي ۷ـ پوئتي ۸ـ پردو، رنڊڪ * ميهار جي يادگيري روح ۾ رباب جي تارن وانگر پئي تنواري. ۹ـ کان سواءِ ۱۰ـ پرهيزگاري، تقويٰ ۱۱ـ ڪي دل سان تر ۱۲ـ مهميز، سزا ۱۲a ـ ڏهاڙي، روزانو، هر وقت ۱۳ـ ڏيکاريم ۱۴ـ خدا جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو (ق- ش ۳۹، ٦) ۱۵ـ محبوبن جي سڪ يا ڇڪ.

٢٢

گھڙو ڀڳو، منڊ[1] مِٽيءِ، وِيا وَسِيلا،
سارَ[2] ڇَڏِيائين سِيرَ ۾، ھٿيءَ! رَھِيا حِيلا،
سُھڻي جا سِيلا[3]، وَحدَتَ سَڀِ وِڃائِيا.

٢٣

گھڙو ڀڳو، منڊَ مِٽيءِ، وَسِيلا وِيا،
تِنھان پوءِ سُئا، سُھڻي سَڏَ ميھار جا.

٢٤

جَڏِھن وَسِيلَنِ، لوڙھي ڇَڏِي لُڙَ ۾،
پارا ڙان[4] پِرِيَنِ، تڏھن پُڄِي سُوھَڻِي.

٢٥

پاڻُ[5] مَ کَڻِج پاڻَ سين، وَسِيلا وِڃاءِ،
عِشقَ سانڍُ اُتاءِ، پيرُ پِريان جي پارَ[6] ڏِيءِ.

٢٦

پاڻُ مَ کَڻِج پاڻَ سين، وَسِيلا وِسارِ،
لُڙُ لَنگھائِي، سُوھَڻِي! پِرتِ وڄھندِيَئي پارِ،
سي تُرتَ لَنگِھندِيون تارِ، اُکَندَ آگھُ[7] جَنِ سين.

١ـ عورت، زال (ھتي سھڻي) ٢ـ ھوش ٣ـ ھار سينگار ۴ـ پرينءَ ڪنڌيءَ کان ٥ـ خودي
٦ـ طرف، پاسي ٧ـ آڌار.

٢٧

پاڻُ مَ ڪَٽج پاڻَ سين، رِيءَ وَسِيلي وانءُ[١]،
مَتان سائِرَ[٢] سُوهَڻِي! پِرتِ وَنِجي پانءُ[٣]،
نِينهن ڳِنهَنڊي نانءُ، وَنءُ پِريان جي پارَ ڏي.

٢٨

پاڻُ مَ ڪَٽج پاڻَ سين، رِيءَ وَسِيلي وَڏُ،
لالَنُ تَنِين لَڏُ[٤]، عِشقُ جَنِين جي آڳَ ۾.

٢٩

پاڻُ مَ ڪَٽج پاڻَ سين، رِيءَ وَسِيلي وَڃُ،
ٻيلوٴ[٥] ٻيري ٻَڃُ، اُڪَندَ ڪَنُ عَمِيقَ[٦] ۾.

٣٠

ڪونهي آڳُهُ اِهَڙو، جِهَڙِي مَحَبَتَ مَنِ،
اُٻيُون اوريِين پارَ ڏِي، ڪُوڙِيُون ڪَڪَ[٧] ٻُڃَنِ،
نَدِي تَنِ نيرُ[٨] تِٽي، جي رِيءَ تُرَهي تَرَنِ،
سِڪَ رَسائي سهڻي، اَصلِ عاشِقَنِ،
سي جَهلِيُون ڪِينَ ڪُنَنِ، ٻُڃَنِ جي مِيهارَ ڪي.

٣١

ٻُڃَنِ جي ميهارَ ڪي، ٻُڇي سي ميهار،
تُرَهو تَنِين بارُ، عِشقُ جَنِين ڪي آڪَرو[٩].

١ـ وِچ ٢ـ درياهه ٣ـ پير ٤ـ حاصلات، ملندو ٥ـ مَٽيءَ جو دلو، ڪَچو، ٻُرٽو. ٦ـ اونهي درياهه ٧ـ ڪڪن جو ٺهيل ترهو ٨ـ نهر، ڪسي ٩ـ گهٽو.

٣٢

عِشقُ جَنِين کي آڪَرو، تُرَهو مَٿي تَنِ،
جي ساهَڙَ کي سڪَنِ، تَنِين جَرُ[١] جَندڀ[٢] ٿِئي.

٣٣

تُرَهو آڄ مَ تَنِ کي، جَنِ عِشقَ سِين آگاهَ[٣]،
پُڇي مَسَ مَلاحَ[۴]، ساهَڙَ مَٿي[۵] سُوهَڻِي.

٣۴

ساهَڙُ، سا سُوهَڻِي، سائِرُ[٦] پُڻِ سوئِي،
آهي نِجوئِي[٧]، ڳُجهُ ڳُجهاندَرَ[٨] ڳالهڙِي. *

وائي

کِهڙِي منجهِ حِسابَ[٩]؟ هُنَڻُ منهنجو هوتَ رِي، لا!
گولي! يَجُ گُناهَ کان، ڪونهي سُولُ[١٠] ثَوابَ، **
هُنَڻُ منهنجو هوتَ رِي، لا!
نَہ ڪِي سَوَت[١١] ۾، نَہ ڪِي مَنجِهہ رَبابَ،
هُنَڻُ منهنجو هوتَ رِي لا!
خُدِيائِي خُوبُ ٿِيِين، لاپِين جي لُعابَ[١٢]،
هُنَڻُ منهنجو هوتَ رِي، لا!

---

١ پاڻي ٢- جندڀ جهرڙو، پڪو رستو، سڪو پٽ ٣- آگاهي، واقفيت ۴- ناکئن جي ڪاڻ ڪانہ ٿي ڪيي ۵- ساهڙ ڏانهن ويندڙ (مٿي- طرف) ٦- درياهہ ٧- نسورو، خالص ٨- تمام ڳوڙهي * اها ڳالهہ سراسر هڪ اسرار آهي تہ سائر، سهڻي ۽ ساهڙ هڪ آهن. ٩- ڪهڙي ليکي ١٠- مزو ** نہ رڳو گناهہ کي ترڪ ڪر، پر ثواب ۾ بہ ڪو لطف ڪونهي. محبوب جي طلب انهن کان بي نياز آهي. ١١- ٿلهي پرهيزگاري ١٢- ٿُڪَ، پِڪ، چپن کي چنو مکين، خاموش رهين.

پَليتَ ڀِي پاڪُ ٿِيِي، جُنبَيو[١] مَنجِھ جِنابَ[٢]،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
سو نہ ڪنھِين شَيءِ ۾، جيڪِي مَنجِھ تُرابَ[٣]،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
هُوءِ جي جَرَڪِيا[٤] جَرَ تي، سي تان سَڀِ حُبابَ،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
هادِيءَ سين هُنَ پارَ ڏِي، رِڙهين سانڻ رِڪابَ[٥]،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
چَنبو وِجھي چورَ[٦] کي، آءُ جِتَّ[٧] عُقابَ!
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
ديدُ[٨] وِجاء مَ دوستَ جو، هَلي مَنجِھ حِجابَ[٩]،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
ڪَسرَتَ[١٠] آهي قُربَ[١١] ۾، اِدغامَ[١٢] ۾ اِعرابَ،*
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
فَنا وِجھي فَمَ[١٣] ۾، ڪارِڻِ ٿِيءُ ڪَبابَ،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
ڏي طَهُورا[١٤]، تَنِ کِي، جي سِڪَنِ لاءِ شَرابَ،
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!
مُٺيءَ ڪِيا مَرضَ ۾، جاوا[١٥] سَڀِ جَوابَ،**
هُتَڙُ منھنجو هوتَ ري، لا!

١ـ پليتي ٢ـ مٺي ميرائي ٣ـ مِٽي ، مِٽيءَ جو پتلو يعني انسان ٤ـ چلڪيا، جهرڪيا ٥ـ رڪاب ولي نوڪرن وانگر هلين ٦ـ نَفس ٧ـ تيز ٨ـ ساجاهه، سڃاڻپ ٩ـ پردو ١٠ـ ڀيڄڻ، نفس مارڻ ١١ـ نزديڪي يا وصل ١٢ـ ٻن حرفن جو ملي هڪ آواز ٿيڻ. (اعراب ـ لاڪنائون، يعني علامتون، جهڙوڪ زير، زبر ۽ پيش) * جهڙيءَ طرح ادغام ۾ ٻہ حرف پنهنجي پنهنجي هستي وڃائي هڪ ٿين ٿا، تهڙيءَ طرح، واصل باالله لاءِ، نفس مارڻ يعني انفرادي هستي مٽائڻ ضروري اهي. ١٣ـ وات ١٤ـ پاڪ پاڻي ١٥ـ اجايا ** مٺيان اسرار، مرض بيخوديءَ جي حالت ۾ ظاهر ڪيا اٿم.

داستان ٻيو

١

ڪَرڪَلَ[١] ڪوچَ،[٢] ڪُنَ ڳهٽا، جِتِ جَرَ واڳون جِٺائِين[٣]،
پاڻ اُڇلي آبَ ۾، وَهُ سِر[٤] وِڏائين،
لَهرِيُون لنگهيائِين، لُطفَ ساڻ، لَطيفُ چئي.

٢

ڪَرڪَلَ ڪوچَ ڪُنَ ڳهٽا، جِتِ دَڙڪو مَنجهه دَرياهَ،
اَچيو اُتاهِين[٥] گهڙي، سانگو ڪري نہ ساهَ،
ساهَڙَ جِيَ صَلاحَ[٦]، پارِ لنگهايَسِ پاڄَهه سين.

٣

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهه ۾، جِتِ هَيبَتَ هُلاچو،
وِرچِي[٧] وِيرِنِ وِچَ ۾، ڪاڏِي وِيو ڪَچو،
ساهَڙُ جامُ سَچو، سائِي ٽِيندُمِ سيرَ ۾.

٤

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهه ۾، جِتِ سَٽاٽا[٨] سِيسارَ[٩]،
بيحَدِ باڳُو[١٠] بَحَر ۾، هَيبَتَناڪَ هَزارَ،
سارِيان ڪانہ سَرِيرَ ۾، طاقت توهان[١١] ڌارَ،
ساهَڙَ جامَ سَتارَ، سِگهو رَسِجِ سيرَ ۾.

١- ڏمچر ٢- گوڙ ٣- جتائين ۴- ۾، تي ٥- اُتائين ٦- چڱائيءَ ٧- ڳري، ڀڄي ڀري ٨- خطرناڪ ٩- سيسر ١٠- واڳون ١١- توکان.

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهه ۾، جِتِ ڪَرَڪا ڪُنَ ڪَرِينِ،
ٻِچَلِ[١] ٻانڊِي[٢] ٻارِ ۾، اُتِ[٢a] لهرِيُون لوڏا ڏِينِ،
سَناوَرَ[٣] سَهِميا[۴]، اُتِ سيٽها[٥] نہ سَنڌِينِ[٦]،
جِتِ وِيرِيُون واٽَ نہ ڏِينِ، اُتِ ساهَڙ! سِيرَ لنگهائِيِن.

٦

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَرَڪو ڪُنُ ڪري،
توڏِي[٧] تاڪُنِ وِچَ ۾، مَتان وِيرَ وَرِي،
آءُ، ساهَڙَ! منهنجا سُپِرِين!. پِريان[٨] پيرَ پَرِي،
هادِي! هَٿُ ڌَرِي، اُونهِي مان اُڪارِيِن.

٧

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جا ڪَرَڪا،
سَهِي ڪِينَ سَمُونڊَ جا، مانڊِي دِلِ ڌَڙَڪا،
ساهَڙَ! تون سُڻُ ڪا، فَرِيادِي فَقِيرِ جِي.

٨

دَهَشَتَ دَمُ دَرياهه ۾، جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَرَڪو،
آهِينِ اُنهين[٩] پارَ جو، دِلِ اَندَرِ ڌَڙڪو،
يَچِي سِڪَ سَيَدُ چئي، سِيرَ سَندو سَڙَڪو[١٠]،
والِي! ڪِجِ وَڙُ ڪو، تہ ٻارِ[١١] لنگهِيان ٻاجهه سين.

١- تيز وهندڙ ٢- ٻوري ٻنلبي، ڪاٺي ٢a- اُتي ٣- تارو ۴- دهلجي، ڊڄي، هوشيار ٥- سيٽاهه تي ترندڙ ٦- وجن، همت ڪن ٧- خوبصورت زال، سهڻي ٨- محبت وچان، پرت مان ٩- اُنهيءَ ١٠- سنڪو، خطرو ١١- درياهه

دَهَشَتَ دَمرُ دَرياهَ ۾، جِتِ لُڙَ، لَهرِيُون، لَسَ، ليٿَ،
آٿِيو اوِيارَنِ ۾، ٻاندِي ٻوڙِي ٻيٽَ، *
جِتِ چِڪَڙِ جِي چِپيٽَ[1]، اُتِ، ساهَڙَ! سِيرَ لنگهاءِ تون.

۱۰

دَهَشَتَ دَمرُ دَرياهہ ۾، جِتِ تِکِيُون تنوارُون،
منهنجِيُون مانَ ميهارَ کي، پَهُچَنِ پُڪارُون،
لَهُ ساهَڙَ! سَنيارُون، تہ لَهرِنِ لوڏِي نہ مَران.

۱۱

دَهَشَتَ دَمرُ دَرياهہ ۾، جِتِ جايُون جانارَنِ[2]،
نَہ ڪو سَندو سِيرَ جو، مَپُ[3] نہ مَلاحَنِ،
دَرِندا دَرياهَ ۾، واڪا ڪِيو وَرَنِ،
سَچا ٻيڙا ٻارِ ۾، هَلِيا هيٺِ وَڃَنِ،
پُرزو پَيدا نہ ٿِئي، تَختو مَنجهان تَنِ،
ڪو جو قَهرُ ڪُنَنِ ۾، وِيا ڪِينَ وَرَنِ،
اُتي اَٿتارُنِ، ساهَڙَ! سِيرَ لَنگهاءِ تون.

۱۲

دَرَهَڙَ[4] ڏونسَ[5] دَرياهَ ۾، جِتِ لَهرِيُون ڪَنِ لوڙا[6]،
سَنئِينِ[7] اَچِي سَمُوندَ ۾، ٿِيا سيٺِايا[8] سوڙها[9]،
جي تارُو هُئا توڙا[10]، تَنِ هَرِبَو[11] پانيو هيڪَڙو.

---

* ڪُنَ وٽ اوياري وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڦيرايو ڦيرايو بندبيءَ کي آٿيو ٻيٽ تي هٽي، درياهہ هيبتناڪ آهي. ۱- چوٽ ۲- جانورن ۳- ماپ، خبر ۴- ڏمچر ۵- ڏڏڪو، ڏماڏم ۶- آواز ۷- سوين، گهڻا ۸- سيٺاهہ وارا ۹- تنگ، پريشان، عاجز ۱۰- توڙان، اصل ڪان وٺي ۱۱- ٻرانگهہ، ٽپو.

سَچا ساهَڙَ! مون کي تون، اي وَهيان[1] واهَرَ! مون کي تون،
اي! نيئِي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.
کُنَ جي[1a]! ڪارُونيار[2] جا، ووءِ سي آبُون پانڻيان پُون[3]،
اي! نيئِي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.
سَندو جِيئڻَ آسَرو، ووءِ! مَنان[4] لاٿو مون،
اي! نيئِي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.

داستان ٽيون

١

تَڙ تَڪَڙ، تارِ گِهڙَنُ، اِيءُ ڪاڻِيارِيَنِ ڪَمُ،
ڏِهَ ڏَهَ پيرا ڏينهن ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ[5]،
عَقُلُ، مَتِ، شَرَمُ، ٽيئِي نينهن نِهوڙِيا.

٢

گهيڙان[6] ڪَري نه گهورَ،* تَڙُ تَڪَڙِ ڪان نه لَهي،
جنهن کي سِڪَ ساهَڙَ جي، پُورَنِ مَٿي پُورَ،
ڪارِيءَ راتِ کُنَنِ ۾، وَهمَنِ ڪِي[6a] وَهلُورَ[7]،
جنهن کي ساڻُ پِريان جا سُورَ، تنهن کي نَدي ناهِ نِگاهَ ۾.

١ـ آسودا، دولتمند ١aـ جيڪي ٢ـ ڪڪرن جي ڪري ڪارا، خطرناڪ ٣ـ زمين
٤ـ من مان، دل مان ٥ـ سهڻي جي مڙس جو نالو ٦ـ گهيڙان، گهيڙ ڪان.
٦aـ ڪِئي * ڪو سولو گهيڙ نٿي جانچي ٧ـ پريشان.

٣

جِتان[oa] گِهڙي تِتان[ob] گهيڙ، ڪَپَرَ[١] پُڇَنِ ڪُوڙِيُون،
ڏِمَرَ سين جُسو ظاهِراً، مَنُ مِيهار سين ميڙ،
سا نَدي پانٽي نيڙ[٢]، جنهن کي ڀِڪُ ساهَڙَ جِي.

٤

جِتان وَهي[٣] تِتان[٤] واٽَ، ڪَپَرُ پُڇَنِ ڪُوڙِيُون،
جَنِ کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سي گِهيڙُ نہ پُڇَنِ گهاٽَ[٥]،
جَنِ کي عِشقَ جِي اُساٽَ، سي واهُڙُ[٦] پانٽِيءَ وِڪَڙي.

٥

ڪنهن جنهن گهيڙَ گِهڙي، جيئن اوَتَران[٧] تَڙُ تِيوسِ،
سالِمَ ويئي سُهڻي، ڪُنَنِ ڪِين[٧a] نہ ڪِيوسِ،
اُهِس[٨] اَڪَڙِيَنِ ۾، پِريان جو پِيوسِ،
حَقا[٩] حَق تِيوس[١٠]، هُئي طالِبِ حَقّ[١١] جِي.

٦

هُئي طالِبِ حَقّ جِي، توڏي[١٢] لاڪُون[١٣] تورَ،
نہ مَلاحُ نہ مَڪُري، نہ ڪِين پَڌي نورَ،
پاڻي پِنيءَ پورَ، سُهڻيءَ ليکي سِيرَ ۾.

---

oa جِتان ob تِتان ١- ڪپر، ڪنڌي ٢- ننڍڙي نهر ٣- جتان وڃي ٤- تتان، انهيءَ هنڌ تان ٥- تڙ، لنگهه ٦- وهڪرا، واهه ٧- خراب تڙ تان 7a- ڪي ٨- روشني، نور ٩- الله وٽان، تحقيق ١٠- انصاف پلئہ پيس ١١- مڙس، سچ ١٢- خوبصورت زال، سهڻي ١٣- ڪان وٺي.

توڙي تورَائين[1]، نينهن نَوازي سُهڻي،
ڳچيءَ هار حَبيبَ جو، لائِقُ لَڏائين،
سو تَرُ سونائين، جيڏانهن عالَمَ آسَرو.

۸

توڙي! تُهائين[2] جي، سي هِتَهِين ڇڏ حِرصَ،
ساهَڙَ ڏاران، سهڻي! کوتيُون کَنِ کِرَسَ[3]،
وَڏي اِيءَ وِرَسَ[4]، جيئن ڏمَ وَتِ ڏينهن گذارِيين.

۹

توڙيءَ کي تَعظِيمَ[5]، پِينِ سَيَنِتا[5a] اڳِرِي[6]،
اوڏي تِي اَلِفَ کي، مَنُ گَڏيائِين سين مِيمَ، *
جيلانَهن ذاتِ[7] حَلِيمَ[8]، مِلي تِي[9] ميهار کي.

۱۰

ساري سِکُ سَبَقُ، شَرِيعَتَ سَندو سُهڻي،
طَرِيقَتان تِکو وَهي، حَقِيقَتَ جو حَقُ،
مَعرِفَتَ مَرَکُ، اَصلِ عاشِقَنِ کي.

۱۱

صَبرُ شاکِرَنِ، آهي اوطاقُنِ ۾، **
جي وَصلُ[10] ٿِيا وِصالَ ۾، سي ڏَرو نہ ظاهِرُ کَنِ،
وِييَتَ[11] واهَرَ[12] تَرَنِ، هينئڙا جَنِ هَڄِي وِيا[13]

۱ـ اصل کان، ازل کان ۲ـ موهت ڪرائڻ، پسند ڪرائڻ گهرين ۳ـ ناز، نخرا ۴ـ پل، چُڪَ ۵ـ عزت ۵a ـ سيني کان. ٦ـ زياده * الله ۽ محمد ﷺ جي حڪمن پٺاندڙ هلي. ۷ـ اصل، بنھ ۸ـ نماڻي ۹ـ تنهن ڪري ** جيڪي شڪر جي منزل کي پهتل آهن، سي صبر ڪري راز ظاهر نٿا ڪن ۽ اوطاقن ۾ ويهي خلوت ۾ گذارين ٿا.
۱۰ـ لئہ ٿيا ۱۱ـ سواءِ، بنا ۱۲ـ مدد ۱۳ـ نابود يا فنا ٿيا.

۱۲

پَلَ پَلِ تي پَلِي، ڏمَرَ ڏِيهاڙِي[٥] ڪيتَرو،
پَسِي ڏُورُ[١] دَرِياهَ جو، وِچان ڪِينَ وَلِي[٢]،
ڪارِيءَ راتِ قَرِيبَ ڏي، مَنجهان حُبَ هَلِي،
نہ ڪنهن جهولَ[٣] جَهلِي، هُئِي سَمُنَ[٤] پُورِي سهٽي.

۱۳

جهولَ نہ جَهلِي سُهٽي، سائِرَ[٥] سَٽَ[٦] سَندِياس،
جنهن اَهڙِي جائِي عاجِزا[٧]، سا مَرُ مَرَ ڪي ماسِ[٨]،
پَسِين جي پِياسِ[٩]، تہ ڪِين عِشقُ آئِيِين.

۱۴

نہ ڪا جهولَ جَهليسِ، نہ تانگهو، نہ تارِ ڪِين،
ڏمَرُ ڏِيهاڙِي ڪيتَرو، پَرِ ۾ تو پَليسِ،
تانِ تان جِيءُ جَليسِ، مِلي جان نہ ميهارَ کي.

۱۵

سِهَ[١٠] سِيارو، پاڙِي پارو[١١]، جِت جُهڙُ، جَهڪَ[١٢] ۽ جهولَ،
مَنَ اندَرِ ميهارِ جا، هِينئڙِي اُچَنِ هولَ[١٣]،
جيلانهَن پَتِيَسِ پولَ، تي اُڙانگا آرَ[١٤] تَران.

٥- ڏيهاڙي، روزانو ١- پير، زور، جنبش ٢- موٽي ٣- درياهہ جي پاڻي ڪري ٽيل اوئهي ڪڏ جتي پاڻي بيهي رهندو آهي. ۴- سمان، وقت، ملاقات، واعدو ٥- درياهہ ٦- ڪاهہ، وڪ ٧- ضعيفڙي، ڇوڪري ٨- ماڻس ٩- هن جو پيءُ يا پرين (محبوب) ١٠- مڪمل، تہ ١١- پاري جهڙو ٿڌو ١٢- سخت هوا، ڌوڙيو ١٣- فڪر، ڊپ، پور ١۴- وهڪرا، خيال.

١٦

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا گِهڙي وَسَندي مينهن،
هَلو تہ پُڇُون سُوهَڻِي، جا ڪَرَ ڇاڻي نينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، مِيهار ئِي مَنَ ۾.

١٧

سانوَڻِ گِهڙي سَيَڪا، هِيءَ سَرَهِي سِياري،
تَنُ وِڌائِين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري،*
مَحَبَتِي ماري، ڪونهي دادُ[١] دريَاهَ ۾.

١٨

ٻانڊِي![٢] جي ٻيلِي ڏِيِين[٣]، تہ حالُ گُرَهِيان هِيءُ،
سَگهو ساعَتَ نہ ڇِندَڙو، جَرَ ري منهنجو جِيءُ،
سانوَڻُ سِيارو ٻانئِيان، وَهِ[٤] پِريان جي وِيءَ[٥]،**
پارِ جَنِين جو پِيءُ[٦]، وَڃَڻُ واجِبُ تَنِ تي.

١٩

واهُڙا! پَرِيُون مَ پاءِ[٧]، تو پُڙِ لِيکو ڏِيَنُو،
سَدا سانوَڻُ ڏينهَڙا، هِنئِين[٨] نہ هونداءِ،
وِهاڻِيءَ[٩] ويندا، اويَرَ اُتاهان[١٠] لَهِي.

* دل جي لاڙي (مُحبت) جي تيزيءَ ڪري. ١- انصاف ٢- پوري ڪالي ٣- حال پائي ڏين ۴- شوق ٥- سائو ميدان، چراگاهہ ** محبوب جي چراگاهہ جي شوق ڪري سيارو بہ سانوڻ ڏي سمجهان. ٦- پرين ٧- زمين نہ کاءُ کپر نہ ڪيراءِ ٨- انهيءَ نموني، ائين ٩- گذري ١٠- مٿاهان.

٢٠

واھُڙَ! وَھين مَ ڇالَ[١]، سُڪِي ٻيلاٽِيُون[٢] ٽِيِين،
پَسان تنھنجي پيٽَ ۾، لاٽا[٣]، لوٽَ[٤]، لِيارَ[٥]،
جَهُ تو سَيَ ڄَمارَ، آسائِتِيُون ٻوڙِيُون.

٢١

ڪَڙِ ڪَرِ، ڪُنَ! مَ وَڄُ[٦]، ٻانڊِي ٻوڙَ مَ ٻارِ ۾،
مون تي جا ميھارَ جِي، سا ڪيئن ڏُٺان ڏَڄُ[٧]،
توءِ[٨] گھڙَنديَسِ اَڄُ، جي اُبَتا آرَ ڪَرِيِين. *

٢٢

اَدا! ڙي! ٻانڊِي! توکي ڪَڙھان[٩] ڪِ پاڻَ کي،
سُوڊِي خَبَرَ سَڄَڻِين، تو ڪا تَڙِ آنڊِي،
تون پاتارِيان[١٠] پانڊِي، اَسان پَنڌُ پِرِيَنِ ڏي.

٢٣

مَحَبَتِي ميھارَ جُون، دِلِ اَندَرِ دونھِيُون،
آٽِيو وِجھي آرَ ۾، لُھاٽُو[١١] لُوھِيُون[١٢]،
جي ساھَڙَ جون سُونھِيُون[١٣]، سِيرَ سِراڙو[١٤] تَنِ کي.

١- شال، من، تکو ٢- ننڍيا ٻيٽ ٣- ننڍي ٻوٽي جو قسم ٤- ۽ ٥- وڻن جا قسم ٦- آواز نہ ڪر ٧- دز، مٽي، لالاڻ ٨- تنھن ھونديءَ ٻہ * اوپارو وھندي، تکو وھندي ٩- تنھنجو خيال ڪريان (درياھ ۾ ترندي پوري ڪاني ساھڙ طرفان ايندي ڏسي، سھڻي ٿي ان کي خطاب ڪري) ١٠- درياھ، سمنڊ، ١١- جلائيندڙ. ساڙيندڙ (عشق)، سنڌو درياھ جي وھڪري جو نالو ١٢- سڙيل ١٣- واقف ڪار ١٤- پٽر (جھڙو سخت پيچرو)، ٻرانگھ، وک، گھوڙي جي ڊوڙ جو قسم.

وائي

مَدَتَ[١] تِيءُ ميهارَ! يارَ، ساهَڙَ سائِرَ سِيرَ ۾.
اُونها ڪُنَ، اَتانگَ[1a] تَرَ، اولِي هَڻُ[٢] آدارَ[٣]!
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
ڏينهَن ڏُهِلا[۴] ڏمرَ سين، آهِيان آهُڻان[٥] ڌارَ،
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
ٻِچَلِ ٻاندِي ٻارِ ڪِري[٦]، اَتِ[٧] اُبَتا آرَ،*
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
تِتي گِهڙَي سهڻي، آڳهَ ريءَ آدارَ،
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
"ڪارِي راتِ، ڪَچو گهڙو"، توڏِيءَ[٨] ڪِي تَنوارَ
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾
سَنيُوڙو[٩]، سِيٽاهِ[١٠] سين، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ[١١]
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
اورڙان[١٢] آهُون ڪَرِيان، پَهُچان شالَ پَرارَ[١٣]،
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.
سُڻيو جَهانءِ[١۴] جِهڄِي هِنيون، سانيارانِ[١٥] سَنيارَ[١٦]،
ساهَڙَ! سائِرَ سِيرَ ۾.

١- مدد 1a- اَتانگهه ٢- ٻيڙيءَ جو ڳن هٽي پار پهچاءِ ٣- اي پرجهلا ۴- ڏکيا ٥- اوهان کانءِ ٦- درياهه ۾ ڪري ٧- انهيءَ هنڌ * تڪڙي وهندڙ ٻانڀي درياهه ۾ تمام اُبتيون سبتيون گهمراتيون پئي پائي (جتي وهه تکي آهي). ٨- خوبصورت زالَ (سهڻي) ٩- سنبريل ١٠- ترهي ١١- ڏنڻ وارا، ميهار ١٢- اورينءَ پر کان ١٣- پرينءَ پر ١۴- آواز (چڙن جو) ١٥- ياد پوي ١٦- يادگيري ڏياريندڙ.

آيَمِ[١] ريلي[٢] ريءَ[٣] سين، اَللهَ تو آهار،
ساهَڙا! سائِرَ سِيرَ ۾.
تارِي تَرَندِيَس، لُڙَ لنگهيندِيَسِ، ويندِيَسِ وِتِ وَچارَ[٤]،
ساهَڙا! سائِرَ سِيرَ ۾.
پُورِيندِيَسِ[٥] پارِ مَٽِي[٦]، سَهَسين جي سِيسارَ[٧]،
ساهَڙا! سائِرَ سِيرَ ۾.
گولِي گهاگهائِي[٨] گِهڙِي، جِکَنِ[٩] ڌا جانارَ،
ساهَڙا! سائِرَ سِيرَ ۾.

داستان چوٿون

١

اَدِيُون! سَڀِ اندامَ[١٠]، چَڙَنِ منهنجا چورِيا،
لارُنِ[١١] جا لنءُ لائِي، سا ڪيئن آچِيان عامَ،
لِڳِيَسِ جنهن جي لامَ[١٢]، سو دِلاسا دوستُ مُهِي[١٣].

٢

چَوُڌارِي چَڙا، ٻُرَنِ[١٤] ٻيلاڻِنِ جا،
سُتِي سَنياڙَنِ جو، پِيُمِ ڪَنِ پَڙاءُ،
وِهَڻُ[١٤a] مون نه وَڙاءَ[١٥]، سُٽِيو جهانءِ جِهجِي هِنيُون.

١- گهارٽُو پيمر ٢- پاڻيءَ جي اُڇل ٣- تک ٤- وچن واري (ميهار) ٥- ڪاهيندِيس ٦- طرف، ڏانهن ٧- سيسر ٨- ڪلي ڪلهي، خوش ٿي ٩- خار ڪائين ١٠- عضوا، لڱ ١١- چڙي جي لارَ، گهنڊ جي زبان ١٢- آسري، پناهه ١٣- مُني، موڪلي ١٤- وڄن ١٤a- ويهڻ ١٥- جڳائي، منهن تي پوي.

٣

چَڙَنِ چوري آهيان، سُکِ ٿِي سُمَهان ڪيئن؟
سارِيان ساهَڙَ چامَ ڪي، ڏهَ ڏهَ پيرا ڏينهن،
مِيهارَ مَرَڻُ سينءَ[1]، نِيڙَ[1] پاتُمِ نينهن جو.

۴

ڪارا ڪُنَ، ڪارِي ٽِڳي[2]، جتِ ڪارِيهَرَ ڪَڙَڪا[3]،
مَٽي مَتِي[4] مِهراڻُ[5] ۾، اَچَنِ دُپارا[6] دَڙَڪا،
وِيندي ساهَڙَ سامُهان، جهولَ ڏِنَسِ جَهڙَڪا[7]،
ڪَرِڪيَنِ[8] جا ڪَڙَڪا، سُونهان ٽِيئَڙَسِ سِيرَ ۾.

۵

ڪَرِڪيَنِ خُوشِ ڪِياسِ، مَحَبَتِي ميهار جي،
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرِينءَ جي، آڏِي اُٿِيياسِ،
سُتي جاڳاياسِ، سانيَرَ[9] سُپِيرِيَنِ جي.

٦

جِيارِيَسِ سَنيارَ[10]، ڪَهُ ڪَرِيندَمِ گَڏِجِي؟ *
وِيروتارَ[11]، وُجُودَ ۾، پِريَنِ جِي پَچارَ،
سي سَچَڻَ هُونِ نہ ڏارَ، جي هِينئين ۾ حَلُ ٿِيا[12].

١ـ ٽائين ٢ـ رات ـ٣ واسينگ نانگن جو سوساٽ ۴ـ مست ۵ـ درياھ ٦ـ ٻنهي پاسن کان ٧ـ ڇپيٽون، ضربون ٨ـ وڏن چڙن ٩ـ يادگيري ١٠ـ چڙن جو آواز * مان نااميد هيس، پر چڙن جي آواز ڪري رڳن ۾ ساھ پيو اٿم، هاڻي آءٌ ظاهري وصال ڪي ڇا ڪندس؟ ١١ـ هميشہ لاءِ ٿيا ١٢ـ رلي ملي ويا.

۷

ٻيلِي پارِ ٻُرِي، مون ڪي چَڙَنِ چوريو،
مَحَبتِيءَ مِيهارَ جِي، سُتي شاخَ[1] چُرِي،
مَتي جهوڪَ[2] جُهرِي، پُونديَسِ پاريچَنِ[3] جي.

۸

هُنَ يَرِ سُيمَ هوءِ، سُتي سنيارَنِ جي،
چِتُ چَڙَنِ چوريو، جوُنڪَ[4] تِيرَّمِ جُوءِ[4a]، *
مَحَبَتي ميهارَ جِي، بِاللهِ[5] پِيِيمِ بُوءِ[6]،
وجِي رُوءِ بَرُوءِ، ديکِيانِ[6a] دوستَ ميهار کي.

۹

هُنَ يَرِ سُيَمِ هاڪَ[7]، سُتي سَنيارَنِ[8] جِي،
مَحَبَتي ميهارَ جي، چَڙَنِ چورِيا چاڪَ،
اُنين جِيَ اوطاقَ، وَڃَڻُ واجبُ مون پِيو.

۱۰

ڪيڏانهن گهندَ گُڙَنِ[9]؟ ڪيڏانهن اُتِي وِيئيون،
تيڏانهن تِيُون چَرَنِ، جيڏانهن پُٽ ميهار جِي.**

۱۱

ڪِٿي تِيو ميهار، ڪِٿي تو گُهنڊُ گُڙِي،
ڪِٿي دونهين دوستَ جِي، ڪِٿي پَرِيُون پارُ،
جنهن[10] مون سَبَ ڇمارَ، جَرَ ۾ جهوتُون ڏِنيُون[11].

---

۱ ستا سور ۲- وٿاڻ، منزل ۳- پرينءَ پر جو رهندڙ (ميهار) ۴- ذوق، محبت * (ديدار ڪرڻ جو) دل ۾ ذوقِ پيدا ٿيو ۴a- هنڌ، ماڳ ۵- الله جو قسم ته ٦- خبر پيم تي ڪٿي آهي، خوشبوءِ ٦a- ڏسان ۷- آواز، سڏ ۸- چڙن، ياد ڪندڙن ۹- وڃن ** مينهون هميشه ڏراڙ جي پٺيان وينديون آهن. ۱۰- جنهن لاءِ ۱۱- واجهه وڌا، ڳولا ڪئي.

۱۲

وَچِنِ سين ويٺِي، سُورَ وِياڇِي[۱] سُهڻي،
آن ڪا ٿِي ڏِيٺِي[۲]، مينهُن جي ميهارَ سين؟

۱۳

پُڇيو پِنگهن[۳] پاندَ، ويٺِي روءِ وَچِنِ سين،
ڪُھ ڪَرِيندِيَس ڪانڌ[۴]، گهڙو ڀَڳو گهوريو.

۱۴

ڳِچِيءَ پايو ٻانهن، ويٺِي روءِ وَچِنِ سين،
لايان لالَ لِڳَنِ ڪي، آئِين[۴a] جي چَرو ڪانهن[۵]،
آئون اوهان جِي دانهن، سَدا ٻُٽان[٦] سَنَرِي[۷].

۱۵

ٻيلِيان[۸] جِتِ ڀَڳِيُون، آيون اُتِ وَرِي،
ڪانهي ٻِي ڳَرِي[۹]، مينهُنِ ڪي ميهارَ ري.

۱٦

مِيهاران[۱۰] مِرڪَ[۱۱]، پِيتائِين پِرِيم جي،
تنهن مُنڌ[۱۲] مَتوالِي ڪِي، سَنديءَ ساءَ سُرِڪَ[۱۳]،
لَڳِيَسِ ڪامَ[۱۴] ڪِرِڪَ[۱۵]، لوهان[۱٦] تِکِي، لَطِيفُ چَي.

۱۔اوري ۲۔ ڏيٺَ، ملاقات ۳۔ نوڙي ۴۔ مڙس (ڏم) ۴a۔ اوهين، اوهان (مينهون) ۵۔ ڪوڙو سر ٦۔ رهان، ٿيان ۷۔ خوش، سرهي ۸۔ چرڻ جي جاءِ ۹۔ گهڻي، چارو، واهه ۱۰۔ ميهار ڪان ۱۱۔ سرڪي، ڍڪ ۱۲۔ عورت ۱۳۔ سرڪيءَ جي سودا ۱۴۔ عشق جو فرشتو ۱۵۔ تير ۱٦۔ لوهه ڪان.

١٧

ميهاران مَهِي[1]، پِيتائِين پِريمَ جِي،
اُرِڪَ سُرِڪَ[2]، سَيدُ چي، لِڳِيَسِ ڏُوتُ[3] ڏِهِي، *
سَگهِي تان نہ سَهِي، مِلي جان نہ ميهارَ کي.

١٨

مَرِي تان مَ ميهارُ، وَتانُ وِلَهو[4] مَ ٿِئي،
وَچِنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿِئي مَ وارُ، **
ساهَڙَ مون سينگارُ، ماڙهُنِ[4a] ليکي مِيهُڻو.

١٩

مِينهُون هِنَ مِيهارَ جُون، آلا! سَڀِ بَچَنِ،
وَچُون جي ڪِيرَنِ[5] سين، سَدا ٿِيون سُونهَنِ،
مون کي ماڻِڪِيَنِ[6]، تاڻي هَنيو تارِ ۾.

٢٠

مِينهُون هِنَ مِيهارَ جُون، آلا! سَڀِ جِيئَنِ،
ڪارِيُون، ڪَڪِيُون، ڪُنڍِيُون[7]، وارا ڪِيو[8] وِيَنِ[9]،
جُوءِ جا جاندارَنِ جِي، ٻيلا ٻَهَ ٻَهَ ڪَنِ[10]،
اَچِي ريلَ[11] رَهَنِ، مون سانيارا سُپِرِين.

١- جهڻ، ڏڌ ٢- ڳيت، ڍڪ، گهٽو پيڻ ٣- شر، گهڻ ڪاٺو، پينوڙي * ميهار وٽان محبت جي مهي ڳيتون ڏئي پيتائين ۽ اها مهي ڏوت ٿي لڳس، جو جيترو وڌيڪ پئي اوترو وڌيڪ طلب ٿيس. ٤- خالي، سجو ** ميهار کي ڪو نقصان نہ پهچي. 4a- ماڻهن ٥- ڪلن ٦- اکين جي تارن (مينهن جي) ٧- وريل سڱن واريون مينهون ٨- هڪ ٻئي جي پٺيان، جيئن هر موسم ۾ ميهار وٽ ڪير هجن ٩- ويامن ١٠- چمڪن ١١- پاڻيءَ جي اڇل، پاڻيءَ جي اٿل ڪري سر سبز ٿيل ميدان.

چاهَڪَ[١] چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَٿي آرَ[٢]،
ڪوڙِين ڪَرَ ڪَٺَندِيُون[٣]، سُٺِي سَڌَ ڏَرارَ،
مِينهُون ساڻُ ميهار، پَرَچِي پارِ لَنگِهيندِيُون. *

٢٢

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَٿي ٻيٽَ،
لُڙَ لَنگِهيندِيُون ليٽَ، لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چئي.

٢٣

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَٿي ڪُنَ،
ڪوڙِين ڪَرَ ڪَٺَندِيُون، ساهَڙَ جي سَمُنَ[٤]،
مِينهُون ساڻُ اَمُنَ، پَرَچِي پارِ لَنگِهيندِيُون.

٢٤

چاهَڪَ چَرِي، تارِ تَرِي، آيُون مَٿي ڪُوهَ،
سُٺِي سَڌَ ساهَڙَ جو، راضِي ٿِيندَن رُوحَ،
مِينهُون ساڻُ صُبُوحَ، پَرَچِي پارِ لَنگِهيندِيُون.

وائي

مون کي ڪا مَ جَهلِي، سَيَڪا پاڻُ پَلِي[٥]،
اُئون وِڏَڙِي نينهن اَچَلِي.

١- ڪانهه، چارو ٢- وهڪري، تک ٣- ڳاٽ مٿي ڪنديون * ٢٠ کان ٢٤ تائين بيتن ۾، قيامت ۾ حضرت محمد ﷺ جي شفاعت ڏانهن اشارو آهي. ٤- واعدو، آڌار ٥- روڪي، جهلي.

وِيندِي آئون پارِ پِريان ڏي، مون کي ڪامَ جَهلي،
آئون وِڏِڙي نينهن اُچَلي.
تَنُ وِڏائِين تارِ ۾، آڏِيءَ راتِ اُچَلي،
آئون وِڏِڙي نينهن اُچَلي.
پَسي دونهِيُون دوستَ جُون، منهنجو جِيءُ جَلي،
آئون وِڏِڙي نينهن اُچَلي.

داستان پنجون

١

ساندَهِ سَپُ دَرياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جِي،
ڇَڪِي[1] چولِيءَ[2] ۾ ڳِهڙِي، جتي جِيءَ وِڙاهُ[3]،
پَسِيو ڏوهَ ڏِڪي هِنيُون، آرَ مَتي اَرواحُ،
جي تُوهه[4] ٿِئي تو ڏاهُ[5]، تا وِيرَ وِهِيٽُون[6] ناهِ ڪِين.

٢

ساندَهِ سَپُ درياهُ، پَري ڪَنڌِي پارَ جِي،
ڪَنبي هِنيُون ڪَمَاحَقُہَ[7]، آرَ مَتي اَرواحُ،
دِلاسِي دارَيَن[8] جي، سانڍِيو[9] سانچِي ساهُ،
جي توهُ ٿِئي توڏانهن، تہ وِيرَ وَهِيٽُو ناهِ ڪِين.

١- پريشان، مستاني ٢- لهر، درياهہ ٣- وٿاءُ، جوکو ٤- مهرباني ٥- تو وٽان ٦- وس ۾
٧- جيئن واجب آهي، تحقيق ٨- ٻنهي جهانن، دنيا ۽ آخرت ٩- جمع ڪيو، ڏڍ ڏيو.

٣

سِڪَڻَ وارِيَنِ سُٽِرو[١]، جي دَهَشَتَ سان دَرِياهُ،
اوڙڪِ[٢] اُنهِين[٢a] جو نہ رَهِي، آرَ بِنا اَرِواحُ،
وِيندي ساهَڙَ سامُهِيُون، صَدَقو ڪَندِيُون ساهُ،
جَنِ کي حُبَ اُنهيءَ جِي آهِ، ساهَڙُ ساٿِي[٣] تَنِ جو.

٤

گهڙِيا سي چَڙهِيا، ايهين[٤] آتِيئِي،
مَنئي مَتِي مِهراڻَ ۾، پئو تِپو ڏِيئِي،
تہ ميهار مِليئي، سَنيُوڙو[٥] سِيٽاهَ[٦] سين.

٥

اَکيُون مُنهن ميهار ڏي، رَکِيُون جَنِ جوڙِي،
رِيءَ سَندَ[٧]، سَيدُ چي، تارِ گهڙَنِ توڙِي[٨]،
تَنِين کي ٻوڙِي، سائِرُ سگهي ڪِينَ ڪِين.

٦

آڏِيءَ اُڏاٽا[٩]، سَرَتِيُون! سُکَ ميهار جا،
لَنگهي سِيرَ سَنوان ٿِيا، ساهَڙَ سيباٽا[١٠]،
پِرِنيءَ[١١] تي پاٽا[١٢]، پَسان مانَ پِرِيَنِ جا.

١ـ آسان، سولو ٢ـ هميشہ توڙ تائين ٢a ـ اُنهن ٣ـ مددگار ٤ـ ائين ٥ـ تيار، پرسان ٦ـ ترهو ٧ـ ترڻ وارو ساندارو ٨ـ جيتوڻيڪ ٩ـ پڙڪو ڪائي ظاهر ٿيا ١٠ـ لائق، پسند پيل، دل گهريا ١١ـ پرڀات، صبح ١٢ـ ماگ، جايون.

٧

آڏيءَ اُڏاٽو، هينئڙو مون هَٽَنِ مان،
وَهَ پِئي[١]، واهڙَ تري، ساهڙَ سيباٽو،
پيچَ پِنِيءَ پاٽو، پِيءَ جو پَسي آئيو.

٨

جيڏانهن چِتَ چاهَ گهڻو، آرُ[٢] پہ[٢a] اوڏاهِين،
وَڃي وَهَ واڪا ڪيو، تِکو تِئائين،
ميهار مِلائين، لَهرِنِ مَنجِهہ، لَطِيفُ چي.

٩

پَليان، پَليو نہ رَهي، نِرتُؤن[٣] نينهن نِبارُ[٤]،
گِهڙان، گهورِيو جِندَڙو! اُتَلَ مون اَپارُ،
جَنِين مَنِ ميهار، هَلَڻُ تَنِين حَقُ ٿِيو.

١٠

پَسُ! پَسَٽا پَري ٿِيا، اوري سَندُن آرُ[٥]، *
دَرِياهَ ري سَهارُ[٦]، ڏِسَڻُ گهڻو ڏِهِلو[٧]

١١

ڪاڏي وَڃان ووءِ، جيئن وَهَڻُ[٨] وَڃارَنِ مَٿِيو،
ڏوڏِي پُڇِي ڏيهَ جا، جَرَ سِرِ[٩] اَيِي جوءِ،
شِڪَستِي[١٠] سَيَدُ چي، ڇِيهان ڪَرِيو[١١] چوءِ،
"ساهَڙَ! سانگُ[١٢] سَندوءِ، اَچِي اورانهون[١٣] ٿِئي."

١ـ عشق جي تک سببان ٢ـ لاڙو، عشق ٢a ـ بہ ٣ـ نرت کان، نظر، ڏيان ٤ـ خالص، نج ٥ـ رخ، لاڙو. * محبوب جيتوڻيڪ ظاهر ۾ ڏور آهي تہ بہ هن لاءِ اڪير ويجهي (دل ۾) آهي ٦ـ ساهڙ ميهار ٧ـ ڏکيو، مشڪل ٨ـ وهڻ جي جاءِ، ماگ، وٿاڻ ٩ـ تي، مٿان ١٠ـ شڪستہ دل، نااميد ١١ـ دانهون ڪريو ١٢ـ مڪان، جوءِ، جاءِ ١٣ـ ويجهو.

۱۲

سَندو ڏَمرَ ڏَهَڪارُ[1]، هڏهين[2] ڪونهي هِنَ[3] کي،
هِيءَ پاٽيءَ سِيَن پانهنجو، پُسائي نہ سِينگارُ،
ڪارَڻِ مُندَ ميهار، ڪارِيءَ راتِ ڪُنَ تري. *

۱۳

ڏَمرُ ڏِيهاٽي ڏي، سَندا ميهَرَ مِيهڻا،
جَهليمِ تي جهولِيءَ ۾، پَلئي پاِيو سي،
مَرُجان چالِيهَ چَئي[4]، سَگّان[5] سُپرِيَنِ جي.

۱۴

جيهَرَ[6] لوڪُ جهَپَ[7] ڪري، ڏَرو جاڳَ نہ هوءِ،
اوهِيَرَ[8] اَچيو، اَڊيُون پَهُ پِرِيان جو پوءِ،
جي ڪَچو[9] چُونَمِ ڪوءِ، تہ مَرَڪُ يايان مِهڻو.

۱۵

تہ ڪَر ڪيئن سُئي، جي سِيرَ نہ گهڙي سُهڻي،
هِتِ حَياتِيءَ ڏينهَڙا، هَڏِهين تان نہ هُئي،
چُڪيءَ تنهن چرِي ڪَئي، جو ڏِنسِ اُنِ ڏُهِي،
سُهڻيءَ کي، سَيّدُ چئي، وِڌو قُربَ کُهِي،
هونهين[10] هوند[11] مُئي، پَرَ پِڏِيءَ جا پِيٽا ٿِيا. **

۱- ڊپ، خوف ۲- هڏهين، بنهہ، اصل ۳- سهڻيءَ * اشارو آهي انهي وقت ڏانهن، جڏهين ميهار درياهہ تري سهڻيءَ کي اچي ملندو هو. ۴- پلي چاليهہ دفعا مهڻا ڏي ۵- سگ ۾ ناتي جي ڪري ٦- جنهن ويل ۷- ننڊ ۸- تنهن ويل ۹- گهٽ وڌ، طعنو ۱۰- هونئن ئي ۱۱- جيڪر ** مري تہ ضرور ها پر پڌڙ ڪري شهادت جو درجو مليس.

١٦

ڪا جا ڪُنَ ڪَرِينِ، پِنَيءَ پُٽِ جُھڙِ[1] پاڻَ ۾،
اَڪِيُون تنهن آبَ ڪي، آڏِيءَ اُڪِيرِينِ[2]،
توڻي تِڪُون ڏِينِ، تہ پِڻ اُجَ اُنين ڪي نہ لھي.

١٧

دائِمُ جا دَرِياھَ ۾، سا مَڇِي ڪِنِي ڪوھُ؟*
آهيس اِيءُ اَندوھُ[3]، پاڻِي ڪِتي تہ پِيان.

١٨

ڪيرَ ڪُنَ، آئون ڪيرَ؟ ڪير ڏَمَرَ سَھي ڏَمَرَ جا،
قَضا رِيءَ ڪيرَ ڏَري، مَتي پاڻِيءَ پيرَ،
پَينَرُ! پِنِيءَ ويرَ، لِڏو[4] تِي[5] تِي لوڙِيان.

١٩

جي ٻُڏان تہ ٻَنِ، اولِجان اُنَ پارَ ڏي،
ڪَنڌِيءَ اَچِيو سُپِرين، مانَ "ٻَرِ ٻَرِ" ڪَنِ،
مُيائِي سين تَنِ، جيڪَرَ اُتِي نِڪَران.

٢٠

لَھرِ مِڙوئِي لالَ،** وَھَڻُ[6] ڪَٿُوران[7] وِترو[8]،
اوٻَهارا[9] عنبير جا، جَرَ مان اَچَنِ جالَ،
ڪُنَنِ گِھڙِي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُھٽِي.

١ـ سس پس، صلاحون ٢ـ سڪن * چو؟ هميشہ درياھ جي پاڻيءَ ۾ رهندي بہ مڇي ڪکي چو ٿي ٿئي؟ (جواب ٻي سٽ ۾ ڏنل آهي.) ٣ـ غم ۴ـ لڪيو، قسمت ٥ـ تنهن سبب ** سيئي لهرون لعلن سان ڀمثار آهن. ٦ واهڙ ٧ـ ڪٿوريءَ (مشڪ) ڪان ٨ـ بهتر، زياده ٩ـ ٻهڪار، خوشبوءِ.

٢١

جيڪين ڏِنئي تارِ ۾، ڪَنڌِيءَ سو ڪَهيجِ،
جَرُ وڏو جهاجَهه گهڻي، پاندُ مَ پُسائيجِ،
ساهَڙُ ساڳاهيجِ، تہ ثابِتُ لنگهين سِيرَ مان.

٢٢

ڳوُرا ٻَئِي پارَ، هِنيوُن حَيرَتَ ۾ پيو،
ويهان تہ ويرَم ٿِئي، نينهن ۾ پوءِ نِهارَ،*
وَجان تہ واڪو ٿِئي، پاڙي پوءِ پَچارَ،
هُتِ تِي وَاعدي وارَ، هِتِ سُوٽُون[1] ڏِينمِ سَرَتيون.

٢٣

جا هَڙَ[2] اَندرِ جِيءَ، ساهَڙَ[3] ڏِنِي ساهَ ڪي،
سا هَڙَ جِڙي[4] نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيءَ[5]،
ساهَڙَ ميڙِ،** سَمِيعَ[6]! تہ سا هَڙَ جِڙي ساهَ جِي.

وائي

اَکِيُون پيرَ ڪري، وَجِجي، ووا وَجِجي.
سُپيرِيان جِي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪينَ ڪِجي،
وَجِجي، ووا وَجِجي.
لِڪائي لوڪَ کان، ڳُجَهڙِي ڳوٺِ نِجي،
وَجِجي، ووا وَجِجي.

---

* مون کي ميهار وٽ مهٽي هاب ٿيٽو پوندو. ١ـ طعنا مهٽا ٢ـ محبت جي ڳنڍ ٣ـ دوست (ميهار) ۴ـ ڳنڍ کلي (محبت جون مشڪلاتون حل ٿين) ۵ـ کان سواءِ ** ميهار سان ملاءِ ٦ـ اي ٻڌندڙ! (خدا)

مَحَبتِي مِيھارَ جو، سُورُ نہ ڪنھن سَلِجي،
وَڃجي، ووا وَڃِجي.

داستان ڇھون

١

ساھَڙَ جا سِينگارَ، اَڃا لِکِيا[١] اَڳِي[٢] ھُئا، *
نہ ڪا ڪُن فَيَڪُونُ[٣] ھُئِي، ** نہ ڪا ٻِي پَچارِ،
مَلَڪَنِئان[٤] مَھدِ[٥] ھُئِي، توڏِيءَ[٦] جِي تَنوارَ، ***
مُحبَتَ ساڻُ ميھارَ، لايائين، لَطِيف چئي.

٢

سُھڻِيءَ ڪِي سِينگارَ، اَڃا لِکِيا اَڳِي ھُئا،
ڪُن فَيَڪُونُ ڪانہ ھُئِي، نہ ڪا ٻِي پَچارَ،
مَرَڪِي ساڻُ ميھارَ، لايائِين لَنءُ، لَطِيفُ چئي.

٣

گھيڙَ لَنگِھيو گھارِي،[٦a] مِيثاقان[٧] مِيھارَ سان،
اَلَستُ بِرَبِڪُم قَالوابَلىٰ[٨]، پَرِ[٩] اِھا پارِي،
ڏِسِيو ڏيکارِي، پِرِت پِريان جو پيچِرو.

٤

"اَلستُ" اَرواحَن ڪِي، جَڏِھن چَيائُون،
مِيثاقان مِيھارَ سين، لَڏِيُون مون لائُون،
سو موتِي ڪيئن پاھُون[١٠]، جو مَحفُوظان[١١] مُعافُ[١٢] ٿِيو.

١- لوح محفوظ ۾ لکيل (ظاهر ڪونہ هئا) ٢- ازل ۾ (جڏهن خدا جي ذات هئي، پر اڃا دنيا پيدا نہ ٿي هئي.) * جڏهن اڃا دنيا خلقيل نہ هئي، تڏهن ساهڙ جا سينگار (خدا جا مختلف روپ) ظاهر ڪونہ هئا، پر سندس ارادي ۾ رٿيل هئا. ٣- ٿي، پوءِ اها ٿي پوي ** اڃا دنيا پيدا ڪانہ ٿي هئي. ۴ فرشتن کان ٥- مهَند، اڳي ٦- سهڻيءَ *** دنيا وجود ۾ آئي، تنهن کان اڳ سهڻيءَ جو انگ ميهار سان لکيل هو. ٦a- گذاري ٧- ميثاق (ازل وارو واعدو) کان وٺي ٨- چيا، نہ آهيان مان اوهان جو رب؟ (روحن) جواب ڏنو: هائو ٩- طريقو، رسم ١٠- پنيان ١١- لوح محفوظ، ازل کان ١٢- رخصت ڏنل، امر ڏنل.

٥

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جڏِهن چيائين جيئن[1]،
"قَالُوا بَليٰ" قلبَ ۾، ٿِيو تَفائُلُ[2] تيئن[3]،
مَحَبتيءَ مِيهارَ جي، آئون نِهوڙي نينهن،
سَرَتيُون! ساهَڙَ سيئن[4]، هَلَڻُ مون حَقُ ٿِيو.

٦

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جَڏِهن اَمرُ ڪِيو اَحَدَ،
هو مَنَ ڪادِو[5] مِيهارَ ڏي، سُهِڻيءَ سِڪَڻَ سَڏَ،
دِلو دَورَ دَرِياهَ جي،* ڪِيو اِرادي[6] اَڏَ،
جِيڪِين آيسِ ڏانهن عَهَدَ[7]، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

٧

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جَڏِهن فَرمايو فَتاحَ[8]،
هو مَنَ ڪادِو مِيهارَ ڏي، سُهِڻيءَ سِڪَڻَ ساهَ[9]،
دِلو دَورَ دَرِياهَ جي، ڪِيو اِرادي آداهَ[10]،
جيڪِين آيسِ ڏانهن اَللهَ، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

٨

"اَلَستُ" اَرواحَنِ کي، جَڏِهن فائِقَ[11] فَرمايو،
هو مَنَ ڪادِو مِيهارَ ڏي، سُهِڻيءَ کي ساعِيو،
دِلو دَورَ دَرِياهَ جو، اوڏاهِين آيو،
جيڪِين هادِيءَ هَلايو، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

١ـ جيئن ٢ـ سئو سوڻ، چڱي فال ٣ـ تيئن ٤ـ تائين ٥ـ سڪ، چڪ * جيتوڻيڪ ظاهر ۾ دلو درياهه جي تڪ پهچو (پر حقيقت ۾) ٦ـ خدا جي مرضي، قضا ٧ـ اقرار، انجام (ميثاق وارو) ٨ـ کوليندڙ، مشڪلاتون حل ڪندڙ (خدا) ٩ـ ساءَ، سواد، لذت ١٠ـ اڏ ١١ـ فوقيت وارو (خدا).

٩

”اَلستُ“ ارواحَنِ کي، جَڏِھن چَيائِين،
ھو مَنَ ڪادِو ميھارَ ڏِي، سُھٽِيءَ سَدائِين،
جيڪِين آيَسِ اوڏاھِين، سو پاري مُندَ پاتارَ ۾.

١٠

”اَلستُ“ ارواحَنِ کي، جَڏِھن جاڳايو جَلِيلَ[١]،
سَنئِين راھ، سَيّدُ چئي، سوٽائُون[٢] سَبِيلَ[٣]،
وَحدَتَ جي وادِيءَ[٤] ۾، ڪوڙين کي قَلِيلَ[٥]،*
درياھَ جي دَلِيلَ[٦]، لوڙھي لَھوارا ڪيا.

١١

ڪامان، پَچان، پَڄَران، لُڇان ۽ لوچان،
تَنَ ۾ تؤنسَ[٧] پِرِيَنِ جِي، پِيان نہ ڌاپان،
جي سمُنڊَ مُنھن ڪَرِيان، تہ سُرڪِيائي نہ ٿئي.

١٢

ڪامان، پَچان، نہ مَران، سَڙان سارِي راتِ،
ٻَنِ ٻيائِيءَ کي وِجھي، ڪَرِ پِرِيان جِي تاتِ،
سِيخُون سَنڌِيُون سَڄَڻين، اُيرَنِ آڌِيءَ راتِ،
نہ ڪِين ھَٽِ نہ ساتِ،** ڏِيھاڙِئُو چَنگِ چَڙھان[٨].

١- (وڏي رتبي واري) خدا ٢- سولو ڪنيائون، واعدو ڪيائون ٣- خدا جي واٽ (صراط المستقيم) ۴- ماٿريءَ ٥- ٿورا* ڪروڙن مان ٿورا وڃي رھيا ٦- وھم، خيال، دنيا جي وھمن ٧- گرمي، اساٽ ** نہ ڪجھ ھٽ ۾ اٿم، نہ ڪجھ وڪري لاءِ سيڙايل قافلي ۾ اٿم. ٨- روز روز سوريءَ تي چڙھان، تڪليفون پوڳيان.

۱۳

ڪارِي راتِ، ڪَڇو گهڙو اوڙِيهِين اُونداهِي،
چَنڊَ نالو ناهِ ڪو، دَرِياهَ ڌَڙَ[1] لائِي،
ساهَڙَ ڪارَڻِ سُهڻي، آڌِيءَ تي آئِي،
اِيءَ ڪَمَ اِلاهِي، ناتَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ ڪِهڙي؟

۱۴

ڪارِي راتِ، ڪَچو گهڙو، نَہ ڪا سِيڱهہ[2] ساڻُ،
وِجهي، ويرَمَ نہ ڪري، پِريان ڪارَڻِ پاڻُ،
مَحَبَتَ ڪي مهَراڻُ، سُڪي سَيُ پَٽُ ٿِيو.

۱۵

ڪارِي راتِ ڪَچو گهڙو، مَٿان وَسي مِينهن،
هِڪو پَوُ بيراهَ[3] جو، ٻِيو سانيارا[4] سِينهُن[5]،
شالَ مَ ڏِجي نِينهُن، ڪِهڙان، گهورِيو جِندڙو!

۱٦

اورارِ نہ پَرارِ، ويچاري وَهَ وِچَ ۾،
سُڪي ڏِنِيءَ[6] سُپرِين، ٻِيو مِڙوئي تارِ،
تون ڪِهڙُ، ڪيمَ نِهارِ، ٻُڏَنڌَنِ سين ٻاجُهون ڪري.

۱- ڏڏڪو، ڏمچر ۲- ترهو ۳- اوجهڙ، گمراهيءَ ۴- سامهون ۵- شينهن ٦- ڪنڌي،
ڪنارو، ڪپر.

١٧

هِنَ پارِ، نہ هُنَ، ويچارِي وَهَ وِچَ ۾!
نِيَچُ[١] نِهارِي نہ گِهڙِي، تنهن ۾ پِيَسِ تُنَ[٢]،
اَللهَ! سانُ اَمُنَ، آرا ڪنهن[٣] اُڪارِيين.

١٨

سَهسَين سائِرَ ٻوڙِيُون، مُنڊَ ٻوڙِيو[٤] مِهَرانُ،
وَهَ وِڄائِيو پانُ، هَٿِي ڪَنڌُ ڪَپَنِ سين.

١٩

سَهسَين سائِرَ گجَنِ، توءِ[٥] سَهَجَ[٦] نہ مَٿي سهٽي،
تہ ڪي نينهن ڇجَنِ، پَرِتَهِي[٧] پِرِيَن جي؟

٢٠

سُپيرِيان جي تُرَهِي، ٻُڏِي! هَٿُ مَ لاءِ،
صُباحَ تان چُونداءِ، "اَسان تو اُڪاريو."

٢١

سُپيرِيان جي تُرَهِي، ٻُڏين، توءِ مَ لَگُ،
جي ڀانئين پِرِينءَ مِڙان، تہ پُورَ[٨] اُبَتِي وَگُ[٩]،
پاءِ تيڏانهين[١٠] پَگُ[١١]، ناهِ[١١a] جيڏانهين[١٢] نِجُهرو[١٣].

١ـ هيٺان دلو، گهڙو ٢ـ تنگ، سوراخ ٣ـ ڪنهن کي آر (تک) کان ٤ـ غالب پيئي، خطرن کان نہ ڊني ٥ـ تنهن هوندي بہ ٦ـ سياءُ، فطرتي لاڙو ٧ـ پرتل آهي، آسري تي آهي، مٿين ڏيکاريل طريقي ٨ـ وهڪرو، آر ٩ـ وچ، ڊوڙ ١٠ـ تيڏاهين ١١ـ پير ١١a ـنانهين، ڪين، فنا. ١٢ـ جيڏانهن ١٣ـ پونگو، گهر، مڪانُ.

۲۲

سُڪِيءَ[1] جي سانباهِ[2] ۾، جَڏهن ٻُڏيون جِي،
ساهَڙُ تنين کي، ٻيلي[3] ٻنهي ڪَنديِن[4].

۲۳

سُڪِيءَ ٻُڏَنِ جِي، ساهَڙُ ساٿِي تَنِ جو،
لَهِرن سِرِ[5] لَطِيفُ چي، ڪُلَهَنِ چاڙِهيو نِي،
جي پُڇَنِ پَنڌُ پَري، تَنِ اُماٿِي اورهُون.

۲۴

سُڪِيءَ جي سانباهِ ۾، ٻُڏين، توءِ ٻُڏُ،
ڪَڪَ، ڪانڌيرا، ڪاتِيُون، ميڙِي ٻَڌُ مَ مُڏُ[6]،*
نَه ڪو ساهَڙُ سَڌُ، نَه ڪا سُڄِي[7] سهڻي**.

۲۵

جي تو بيتَ ڀانئيا، سي آيتُون آهِينِ،
نِيو مَنُ لائِينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.

وائي

وينِي ڪِينَ وِسارِي، مَحبَتَ وِڏَڙِي ماري،
ديوانِي، يار، وو! مَستانِي، دِلبَرَ، جانِي وو!
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِي.

۱- آخرت منزل ۲- تياري ۳- واهرو ۴- ڪپرن (جهانن) ۵- تي، مٿان ٦- ترهو * وسيلا ترڪ ڪر. ۷- سڄهي ** وصل جي حالت ۾ ساهڙ ۽ سهڻيءَ جي وچان سنڌو نڪري ويو آهي.

جنهن کي سِڪَ ساهَڙَ جِي، سا گهايَلَ گهرِ نه گهارِ ي،
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِ ي.
ڏمُر ڏهيلو[١] ڏِکيو، سِرَ ۾ سؤنٽا[٢] مارِ ي،
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِ ي.
ٻيلِي پاسِ ٻرَنِ[٣] جي، تَنِ کَرِکِينِ[۴] وِڏِيسِ ڪارِ ي،
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِ ي.
ٻيلِي ٻِنهِي ڪَنڌِيِن، مُحبُ مينهُون تو چارِ ي،
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِ ي.
هُوءِ هُنگارُون، پُونِ پُڪارُون، تَڙِ تَڙِ دوس تنوارِ ي،
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِ ي.
هُوءِ جا پِڪَ پِرِيَنِ جِي، آهِيان تنهن آسارِ ي،
لا! وينِي ڪِينَ وِسارِ ي.

داستان ستون

١

تَڙِ نه گِهڙي تُورُ[٥]، توءِ مَنَ ڪادِو مِيهارَ ڏي،
ڏادِو دَورُ دَرِياهَ ۾، سِڪَڻَ وَڏو سُورُ،
مَنَ ۾ موجَ مِيهارَ جي، پَهَسُ[٦] پِريان جو پُورُ،
ٻيلي ٻِنهِي ڪَنڌِيِن، نِتُ نِهاري نُورُ[٧]،
مَنجهان جَرَ ضَرورُ[٨]، ڪَچِي[٩] کي کو مَ ٿِئِي.

١ـ ڏک ڏيندڙ، ڏنگو ٢ـ ڏنڀا ٣ـ وڄن٣a ـ هُونگارون ۴ـ وڏن چڙن ٥ـ جيڏو؛ محبوب (ميهار) ٦ـ زور سان، سخت ٧ـ روشني (دونهي جنهن جي روشني سهڻيءَ کي ميهار جي جهوپڙيءَ طرف تري وڃڻ ويل رهبري ڪندي هئي) ٨ـ ضرر، نقصان ٩ـ گهڙي.

٢

ٻوڙيين، چاڙهيين، تون ڏٽي، ٻئي جو دَعويٰ نہ دَمُ،*
هِنَ منهنجي حالَ جو، ميهَرَ تي[١]. مَعلَمُ[٢]،
رَکُ ٻيلي[٣] جو ڀَرَمُ، جو اَڇي ٻيو اجهورَ[٤] ۾.

٣

ڪانڊي ڪَنگَ تِياس، وَهَڻُ[٥] جنازو[٦] سُهڻي،
ٻگها[٧] جي ٻيٺَنِ جا، ڪُلها[٨] تَنِ ڏِناسِ،
اَڪِيِنَ مَلَڪَ[٩] ڏِناسِ، توءِ مَنَ ڪاڍو ميهارَ ڏي.

٤

اُيو تَرِ مِيهارُ، مَلاحَنِ سَڏَ ڪري،
آئون پُڻ وِجهان هَٿَڙا، اِئين پُڻ وِجهو جارُ،
گهورِيُون[١٠] ڪارُونيارُ[١١]، مانَ مِڙَنهُون[١٢] سُپِرِيَن.

٥

مِيهارُ مَلاحَنِ کي، اُيو آڇي اَڄَ[١٣]،
آئون پُڻ وِجهان هَٿَڙا، اِئين پُڻ وِجهو رَڄَ،
سَندِيءَ ڪُنَ ڪُڇَ[١٤]، مانَ هُونِ سَلامَتَ سُپِرِيَن.

---

* ٻئي جي مجال نہ آهي. ١- ميهار کي ٢- خبر ٣- ڪچي دلي ٤- اجهاڳ پاڻي ٥- وهڪرو ٦- ميت کڻڻ جو کٽولو ٧- پاڻيءَ جو پکي، ٻگ يا ٻگهه، جو هڪ ٽنگ تي اکيون پوري بيهندو آهي ٨- ڪلها ٩- ملائڪ (منڪر ۽ نڪير) ١٠- ڳوليون، گهور ڪري تلاش ڪريون ١١- درياهہ لڙاتيل پاڻيءَ وارو ١٢- ملنئون. اسان کي ملن ١٣- ڏڏ ١٤- ڪنڊ، گوشو.

٦

مِيهارُ مَلاحَنِ کي، اُيو ڪري سَڏَ،
اَدا! اِنهين پارَ جو، موڙي اَچو مَڏَ[١]،
وِيا جي وَهَ گڏَ، هَلو تہ ڏورِيُون اُنِ کي.

٧

کَنڌِيءَ جَهلِيو ڪانهَن، عاشِقُ اُيو آهُون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙِي سهٽِي، ٻيلِي! منهنجي ٻانهن[٢]،
دَرِياهَ! توتي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهن قِيامَ جي.

٨

جتي ٻيرَ[٣] ٻرَنِ[٤]، ٻَرِيون ٻُونِ[٥] ٻَوارِيُون[٦]،
تانگهہ[٧] نہ لَڌِي تارُئين، مَپُ[٨] نہ ماتِيئڙن[٩]،
کَنڌِيءَ اُيا ڪيتَرا، سِيٽايا[١٠] سَنڪَنِ[١١]،
تون ڪيئن تَنِ تَڙَنِ، اَچِيو، اَسارِي! گِهڙين؟

٩

ٻَرِيُون ٻَرِ دَرِياهہ، ٻَسُ! جي پارِ ٻَوَنڌِيُون،
ٻَڌُ تَوَڪُلَ جو تُرَهو، آهَرَ ساڻُ اَللهُ،
جَنِ جِي ساهَرَ ساڻُ صَلاحَ، سي ڪِينَ ٻُڏَنڌِيُون ڪَڏهين[١٢].

١- دنگي، ننڍي ٻيڙي ٢- ٻانهن، هٿ ٣- ٻير، ٻير ٣- زال ٣- ڦير، ڦرن، چڪر هڻن ٥- درياهہ ڪاٺي، ٻِڪون ٻون ٦- خوفائتيون ٧- اونهائي، عمق ٨- ماپ ٩- ماڻيءَ تي ترندڙ مهاڻن ١٠- سيٽاهہ يا ترهي وارا ١١- ڪنبن، ڏڄن ١٢- ڪڏهين.

۱۰

سانيارا[1] سَڏَ ڪِيو، اُيا چُونِمِ، "آءُ"،
هِڪُ تِڪو ٿِي تارِ وَهِي، ٻِيو لُڙُ لَهِرِيُون ۾ واءُ،
سائِي جَنِ اَللهَ، ٻُجهان[2] سي نہ ٻُڏَندِيُون.

۱۱

سانيارا سَڏَ ڪِيو، اُيا چُونِمِ "اَچُ"،
هِڪُ تِڪو ٿِي تارِ وَهِي، ٻِيو هَٿِ ڪَمِيٽِيءَ ڪَچُ[3]،
سائِي جَنِين سَچُ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏَندِيُون.

۱۲

هارِيَ! حَقُ رَکِيجِ، سانيارا ساهَڙَ جو،
خوابَ، خِيالَ، خَطِرا، تَنِ کي تَرَڪُ ڏِئيجِ،
اَندَرُ آئِينو ڪري، پَرِ ۾ سو پَسيجِ،
اِنهِين[4] راهَ رَميجِ[5]، تہ مُشاهِدو[6] ماڻِيين.

۱۳

هارِيَ! رَکِجِ حَقُ، سانيارا ساهَڙَ جو،
خوابَ، خِيالَ، خَطِرا، تَنِين ڏِيجِ تَرَڪُ،
ڪَرِيين غَيرَ[7] غَرَقُ، تہ مُشاهِدو ماڻِين.

۱- پسند پيل (عشق) ۲- سمجهان ٿي ۳- ڪچو گهڙو، ڪوڙ ۴- انهيءَ ۵- وڃج، هلج ۶- ديدار ۷- دئي، ٻئائي.

۱۴

سانيارا سيئي، تَنُ جَنِين جو طالِبو،
مَنُ پِريان نيئي، پَڳَھِيو[۱] پانّ ڳَري[۲].

۱۵

لَيا[۳] ڏِنَمِ لارَ[۴]، سانياران ساھَڙَ جا،
ھينئون ھِتِ نہ وِندُري، ڊراڙِيئُون[۵] ڊارَ،
منھنجو مَنُ مِيھارَ، پَڳَھِيو پانّ ڳَري!

وائي

آيَل! امڙ! تي جِيان، لا! جي سارِينمِ سُپِرين.
ساھَڙَ مَتاءَ[۵a] صَدَقو، ڏھين[۶] ڏمَ ڏِيان،
لا! جي سارِينمِ سُپِرين.
مَتان ماٺِڪَ ھيڪَڙي، اَمُلھَ اَتَ ڏِيان،
لا! جي سارِينمِ سُپِرين،
اَچين، عَبدُاللّطِيفُ چي، تہ، جانِبَ! نِتُ جِيان،
لا! جي سارِينمِ سُپِرين.

۱- پڳھ (رسي) سان ٻڌو ۲- وٽ ۳- لوا (وڻ جو قسم) ۴- ليار ۵- ڊراڙ کان سواءِ ۵a- مٿان ٦- ڪيترائي ڀيرا، ڏھ، بيشمار.

داستان ائون

١

ٻُڌَندي ٻُورَّنِ کي، ڪي هاتِڪَ[١] هَٽَ وِڃهنِ،
پَسو لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ڪيڏِي ڪي ڪَکَنِ،
توڙي ڪَندِيءَ ڪَنِ، ناتہ سائُنِ وَڃَنِ سِيرَ ۾.

٢

ڪَچي ڪاني ڪانهن، ٻُڌا ڪَدِي ٻارِ مان،
يا لَنگهائي، لَطِيفُ چئي، يا ڏُريان[٢] ڪري دانهَن،
ڪَماحَقُہ[٣] ڪَکَنِ جِي، آهي ڳالِهہ اَڳانهَن[٤]،
جيڪِين ڏي ٻُڌَنِ کي ٻانهَن، ناتہ سائُنِ وَڃي سِيرَ ۾.

٣

جان ڪِين[٤a] ڪَندِيءَ ڪانهَن، تان تائي ٻَڌِجِ تُرهو،
هَٽُ پِرِيان جي هَٽَ ۾، ٻئي ڪي ڏِجِ مَ ٻانهَن،
سَندِي ڪَپَرَ دانهَن، ڪِ تو ڪَنِين نہ سُئِي؟

٤

هاواٽا[٥] هُلَنِ[٦]، ڪَپَرَ ڪارُونيارَ جا،
لَهِرِيُون، لُڙَ، لَطِيفُ چئي، پيلي تي پُلَنِ[٧]،
جي ڪَچي سانڍ ڪَهَنِ، آڪو[٨] تَنِ اوباهِيِن[٩].

١ـ حاذق، هوشيار، حريف ٢ـ اول ڪان، اصل ڪان، اُتندي ئي ٣ـ جيئن مناسب آهي، تحقيق ٤ـ اڳاهين، ڳري، مشهور، بهتر ٤a ـ ڪي ٥ـ هوانو، افواهہ، خبرون ٦ـ هلجن، ٻڌڻ ۾ اچن ٧ـ پلڪار ڪن، ڪڙڪن، آواز ڪن ٨ـ ڪچو گهڙو، خواب ٩ـ بيهارين (پار پهچائين).

آهِيِين هُتِ[١] اُماڻَ[٢]، ٻَڌُ تُرَهو تارِ جو،
لَهِرِيُون، لَڙَ، لَطِيفُ چي، جَهِليا[٣] جُنگَ جُوانَ[٤]،
اونهي تَرِ اَگهِتِيا[٥]، آڏِي پائِي[٦] آنَ[٧]،
جي پِيا مُنهَن مِهراڻَ، تَنِ ٻانڌِيَنِ[٨] ٻيڙُ نہ اُجهِي.

٦

ڪَچو ڪان ڪُنيارَ، اوڳِي[٩]! ڳِنهِيو اُتِيِين،
ڪِ تو ڪَنِين نہ سُئِي، ٻيلِي تي ٻُلڪارَ[١٠]،
لوڙِهيا لَڪَ، لَطِيفُ چي، ڪوڙِيِين ڪارُونيارَ،
اُڪارِيِين، آڏارَ! آرا[١١] آڪي وارِيِين[١٢].

٧

ڪَچِي ساڻُ ڪَهِي، ٻَڪو ٻُڇِي نہ سهٽي،
لَنگِهيو لُڙُ، لَطِيفُ چي، وَچارَن وَهِي[١٣]،
سا ڪيئَن نينهَن نَهِي[١٤]؟ جنهن کي نينهَن نَڌو[١٥] ڪَٽِي.*

٨

اُونهي ۾ اوهَرِي، ڪَهِي ڪَچِي ساڻُ،
سُڀَڪَ[١٦] جو، سَيَدُ چي، ٻُڇِي نہ ٻَرِياڻُ[١٧]،
عِشقَ وارِيُون، عَبدُاللطِيفُ چي، سَڌَ نہ ڪَٽَنِ ساڻُ،
جَنِين پاسِي پاڻُ[١٨]، سي اَوَتَرَان اُڪَتِيُون.[١٨a]

١ـ هن طرف (آخرت) ٢ـ هلڻ وارو اماڻڻ وارو آهين، امانت ٣ـ روڪيا ٤ـ جُوان، وڏا پهلوان ٥ـ روڪيا ٦ـ هٿ جوڙي، عاجزي ڪري ٧ـ حڪم، آگيا ٨ـ ٻَنڌَ تان آيلن، ڪناري تان آيلن. ٻانڌيءَ ٩ـ موڳي، اڻ ڄاڻ ١٠ـ ڏمر، غضب (الهرن جو آواز) ١٠ـ تڪ ١١ـ آر مان، تڪ مان ١٢ـ ڪچي گهڙي (تي ترڻ) وارين کي ١٣ـ وچارن ڏانهن ٻيئي وڃي ١٤ـ ٻڌي، قابو ڪري ١٥ـ ٻڌل، قابو * جنهن کي عشق قابو ڪيو آهي (غالب پيو آهي) سا عشق کي ڪيئن ٻڌندي (غالب پئي روڪي سگهندي.) ١٦ـ چگهُ ٻيڪل (ٻڪو گهڙو) ١٧ـ نشان، اهڃاڻ، ڏس پتو ١٨ـ جن وٽ خودي موجود آهي. ١٨aـ اُڪري پار پيون.

٩

اَنگَ[١] پَسِي رَنگُ، ڪِيو ڪوجو ڏوُرُ ڏِلِي،*
ٻَرِ ٻَرِ! ٻيلِي نہ ٿِيو، ڪَچو مَنجهِ ڪِلِي[٢]،
تَران ٿِي تارِ گهٽو، تنهنجِي، ٻَحرَ ٻِلِي،
سو ميهارومِ[٣] مِلِي، آهِيان جِنهن جي آسَرِي.

١٠

پانيُمِ نہ پيلو، مون کي ڏاءَ[٤] ڏُتارِيو[٥]،
آڪِي مَٿِي اُسَرِي، رُوحَ ڏِنو رِيلو،
تيلاهِين ويِلو[٦]، پِيُمِ واهُڙَ وِچَ ۾.

١١

ڪَڍِيا جي ڪِلالَ[٧]، سي پَسِي خالَ[٨] خوشِ ٿِئِي،
پاٽِيءَ چِٽَ پُسائِيا، ڏاءَ نہ جَهلِي ڏَمالَ[٩]،
سُپَڪَ پانيا[١٠] سهٽِي، جوِيَنَ جي جَمالَ،
آڪِي جا اَحوالَ، معلوم ٿِيا مهراڻَ ۾.

١٢

ڪَچو، تان ڪوهُ، پَڪو نَظَرُ پِرِيَنِ جو،
ساهَڙُ منهنجو سُپِرِين، ڏَمَ ڏِئِيِ ڏوهُ،
جي چِٽو[١١]، جي چوهُ[١٢]، تہ پُورِينديَسِ پارَ مَٿي[١٣].

١ـ قسمت * منهنجي قسمت جو رخ ڏسي، دلو بہ وچ درياه ۾ دغا ڏيئي بيٺو
٢ـ ڪشمڪش، لڙائي؛ اوکيءَ ويل ٣ـ منهنجو ميهار ٤ـ گيڙوءَ جهڙو رنگ، چٽ، نقش
٥ـ پنيلايو، لڳيو ٦ـ وٿي، دير، ويرم ٧ـ گلال (ف) ڪنيار ٨ـ نقش، چٽ
٩ـ چوٽ، سٽ، ڌڪ ١٠ـ سمجهيا ١١ـ سخت طوفان ١٢ـ وهہ جي تک ١٣ـ ڏانهن.

١٣

آڪو[١] تہ آڪو، ڪَچو آيمِ ڪَمِ،
جِيءَ جَنِين جا جَمِ[٢]، پَڪا سي پُچَنديُون.

١۴

پَڪا رَچَ[٣] ڪَنيارَ جا، پُڪي نِيهائِين،
مون ڪي تِنائِين[۴]، ٻيلو[٥] ٻاگِي آئيو[٦].

١٥

ڪَچي ڪَٽُ[٧] نہ جَهلِيو، ٻيلو ٻيو ٻُرِي،
سارَ ڇَڏِيائين* سِيرَ ۾، ٻانهُنِ ڪان ٻُرِي[٨]،
لَٽي لَهرِيُون ويٺِيُون، چوُڌارِي چُرِي،
هِينئڙي مَنجِهہ هُرِي، ماهِيَتَ[٩] مَلَڪَ المَوتَ[١٠] جِي.

١٦

ڪَچي ڪَٽُ نہ جَهلِيو، ٻيلو ٻيو ٻَجِي،
ماهِيَتَ مَلَڪَ المَوتَ جِي، مَنجِهہ وُجُودَ وَڄِي،
ساهَڙَ ڪي سَچِي[١١]، آڪي جي اَحوالَ جِي.

١٧

ڪَچي ڪَٽُ نہ جَهلِيو، ٻيلو سَهي نہ ٻَرُ[١٢]،
هَٿين، پيرين، آڱرِين، ٻانهُنِ ڇَڏِيو ٻَرُ[١٣]،
ساهَڙ! سِڳهو وَرُ، ٻيِيَسِ مُنهن مِهراڻَ جي.**

١ـ ڪَچو گهڙو ٢ـ جمع، قرار ٣ـ اسباب (ٿانو) ۴ـ تتان ٥ـ ڪچو گهڙو ٦ـ حصي ۾ مليو ٧ـ اصل، هرگز * حوصلا خطا ٿي ويس. ٨ـ ساٿي يا ماندي ٿي ٩ـ حقيقت، صورت ١٠ـ حضرت عزرائيل (موت جو فرشتو) ١١ـ سچي حقيقت ١٢ـ چڪر، ڦيرو، زور، داب ١٣ـ ٻَل، طاقت ** ويرن مان اها تنوار پئي آئي (درياهہ جي لهرن ٻہ سهڻيءَ جي ٻڏڻ تي افسوس پئي ڪاڏو).

١٨

ٻيلي ٻُلائِي، پَسِي ڇِتَ چَڙِي تِئِي،
"ٻَرِا! ٻَرِا! ٻُڏِي سُهڻي!" وِيرِنِ ۾ وائِي*،
ڪَچي ڪيرائِي، لالَ[1] لَهرِنِ وِچ ۾.

١٩

پَڪو ڪَٽِج پاڻَ سين، ڇَگو ڇِتائِي،
ڪَچو ڏِيجِ ڪُلالَ[1a] کي، مُنهن تي موٽائِي،
سو سُڻُ هِنئين سين، سهڻي! جيڪِين فائِقُ فَرمائِي،
مَوجُون مُنجهائِي، مارِيندِي مِهراڻَ جون.

٢٠

ڪو جو وَرِيو واءُ، جيئن ٻَرُ ٻانهُن ڇَڏِيو،
آڳي اِنَ تَڙاءُ، اُونداهِيائِي[2] اُڪِران.

٢١

هَٿَندي تَڪَمِ هَٿَ، هينئڙي حُجُون[3] ڇَڏِيُون،
لَڪُ لَهرِنِ گَڏِيو، مَوجُون وَرِيُون مَتَ[4]،
نِيَمَ ڪُنَ قُوتَ، ٻِرُ[5]، ٻَليرا سُپِرين!

٢٢

هينئڙي حُجُون ڇَڏِيون، قُوتَ رَهِيَمِ ڪانَ،
مون تي موٽِجِ، مون پِرين! ساهَڙَ جامَ سُڄاڻَ،
آهِيان گهڻو اَجاڻَ، ٻِرُ، ٻَليرا سُپِرين!

---

* وِيرن مان ها تنوار پئي آئي (درياهہ جي لهرن ۾ سهڻي جي ٻڏڻ تي افسوس پئي ڪاڍو)
١ـ لعل جهڙي (سهڻي). 1a ـ ڪِلال، ڪنيار ٢ـ اونداهيءَ رات هوندي ۾ ٣ـ اميدون، حجتونا ٤ـ مٿان ٥ـ قُر، موٽ.

٢٣

پرُ، پَليرا سُپِرين! پَلا مَ پيراهَ[1]،
تو ريءَ تارِي[2] ناهِ ڪا، والِي! تو رِيءَ واهَ،
ساهَڙَ جِي صلاحَ، تَنَ ڪي ڪَڏِي تارِ مان.

٢٤

تَنَ ڪي ڪَڏِي تارِ مان، صَلُح[3] ساهَڙَ جو،
اُتِ آڏو اچي ڪِينَ ڪِين، ٻيلِيپو[4] ٻئي جو،
ميهَرَ! ڪِجِ منهنجو، ڪو اوڪَرُ[5] ڪِهِين اِر تان.

وائي

مون پاريچي سارَ، آئون جا وِيندَڙِي وَتِ وَچارَ،
ڏُمرُ مَ جاڳي، لَوا مون پاريچِي سارَ.
مون ڪي تِتي ميڙِين، جِتِ ڪُنڌِيَنِ جِي قَطارَ،
آئون جا وِيندَڙِي وَتِ وَچارَ.
ٻرَن ٻيلايَنِ جا، سانيارا[6] سَنيارَ[7]،
آئون جا وِيندَڙِي وَتِ وَچارَ.
وِچُ مَ پوءِ وِصالَ ڪي، سَباجها سَتارَ!
آئون جا وِيندَڙِي وَتِ وَچارَ.
گهرِ گهرِ گِلا جا وَهِي، پاڙي پَنڌَ پَچارَ،
آئون جا وِيندَڙِي وَتِ وَچارَ.
تاڪُنِ تَڪِي آهِيان، سِگهو رَسُ، سَهارَ!
آئون جا وِيندَڙِي وَتِ وَچارَ.

١- بي راهہ، اوجهڙ ٢- واهہ، وسيلو ٣- راضپو ٤- مدد، واهر ٥- اُڪَرَڻ، نيڪال، پار لنگهائڻ ٦- پسند پيل ٧- چڙا، گهنڊ.

داستان نائون

١

جَرِ تَرِ[1] تِکَ تَنوارَ، وَڻِ تَرِڻِ وائِي هيڪَڙِي،
سَيِيئِي شَيءِ ٿِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ[2]،
هَمَه[3] مَنصُورَ[4] هَزارَ، ڪَهِڙا چاڙهِيو چاڙهِئِين؟

٢

سَيَتِ[5] پَچارَ پِرِيَنِ جِي،* سَيَتِ هوتَ حُضُورُ[6]،
مَلڪُ مِڙو مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهَندِين ڪيتَرا؟**

٣

لَهرِنِ لَکَ لِباس[7]، پاڻِيءَ پَسَڻُ هيڪَڙو،
اُونهي تنهن عَمِيقَ جِي، واري چِڏِ[8] وِماس[9]،
جِتِ ناهِ نِهايَتَ[10] نينهن جِي، کوءِ اُتِ پنهنجي کاس[11]،
تَرَّنِ جِي تَلاس[12]، لاهِ تَہ لالَنَ لَکِ[13] ٿِيين.

٤

مَرِجِ وَٽِ ميهار، مَتان موٽِين، سُهڻي!
ساهَڙَ جا سينگار، مَتان ڏَمَرَ ڏيکارِيين.

١- بحرءِ برِ ۾ (جتي ڪٿي) ٢- لائق ٣- سڀ ۴- منصور بن حلاج، پچارو هوندو هو، جنهن "اناالحق" (آءٌ خدا آهيان) جو نعرو هڻي پاڻ کي موت جي سزا جو مستحق بنايو هو. ٥- هر هنڌ
* سڀ ۾ الاهي عشق جو جوش آهي ٦- هر جاءِ ڏٺي حاضر آهي (الله هر هنڌ موجود آهي).
** سڄي ملڪ ۽ سڀني مخلوقن ۾ الله وسي ٿو، ۽ سڀئي پاڻ ۾ خدا کي ڏسي "اناالحق" چون ٿا، هاڻي ڪيترا سوري چاڙهي ڪيترا چاڙهيندين؟- ويس، روپ ٨- لاهي ڇڏ ٩- خيال، ڳڻتي، ڳڻ ڳوت ١٠- حد، انت ١١- خواهش، سڌ ١١- خواهش، سڌ ١٢- تلاش، ڳولا ١٣- محبوب وٽ ويجهو.

٥

چُونِمِ جي ھيڪارَ، ”مَ وَنءُ[١] موتِي سھڻي!“
دونھينءَ پاسي دوسَ جي، گھارِيان سَڀَ ڄمارَ،
ٻَانڌِيٽا[٢] ٻيھار[٣]، ھُوند نہ لڳين لائيان.

٦

وَڃان ڪينَ وَرِي، ھُوندَ رِيءَ چِٽِي رَھي رَھان،
دونھينءَ پاسي دوست جي، ماڳھين پوان مَرِي،
صُورَتَ نہ سُونھن ڪا، ڪِيَسِ چِتَ چَرِي،
وِصالان[٤] فِراقَ جي، سُڄِي ڳالھ ڳَرِي، *
تيلاھين تَرِي، مُنھن ڳنھيو[٥] موتيو وَڃان.

٧

جي قيامَ[٦] مِڙَنِ، تہ ڪَرَ اوڏا سپِرين،
تِنھان پَرِي سُڄَنِ[٧]، واڌايُون وِصالَ جُون. **

٨

آئون ڪِ نہ ڄاڻان ايئن، تہ جَرَ ڳِھڙِي جوڪو ٽِڪِي،
قَضا جا ڪَرِيمِ جي، تنھن ڪان ڪَنڌُ ڪَڍِيو ڪيئن؟
ھِڪُ لِکِئي، ٻي نينھن، آئي اوليَسِ[٨] اولَ[٩] ۾.

١- نہ وڃ ٢- چِنِي، پوتي، رڱيل رَئو ٣- ٻيھر، ٻيو ٻيرو، وري ٤- وصال کان * فراق جي حالت وصال جي حالت کان زياده وزندار آھي. ٥- منھن يا ڪنڌ ڪنيو ٦- قيامت جي ڏينھن (جو دور آھي) ٧- سڄھن ** وصال حاصل ڪرڻ نھايت مشڪل آھي. ٨- ڏڪيس، وڌيس ٩- درياھ، جي ڪنڌي، جتي ڪک ڪانا اولجي اچي ڪٺا ٿيندا آھن.

٩

نہ ڪانيءَ نہ ڪانهَن، نَڪو ڏوھُ قَلمَ جو،*
اَنگُ اُتيئي لِکيو، جِتِ نہ رَسي ڀانَهن،
ڪِنهن کي ڏيان دانهَن؟ قَضا قَلمُ وَهائيو.

١٠

تَرَّنِ جا طَعنا، سَهَنگا[1]، ڏينمِ سَرَتيُونِ،
دَرِياھَ ديوانا! سُڻُ حَقِيقتَ حالَ جِي.

١١

تَران لَئي طَعني، مَتي وَھَ واڪا ڪيو،
آئي وِڏِيَسِ آرَ ۾، دَرِياھَ ديواني،
قَلَمَ جي ڪاني،** آئي اولِيَسِ اولَ ۾.

١٢

تَران تان مَران، وَران تان وَھُ وِتَرو،
هينئڙي ۾ هوتَنِ جا، اَچَنِ گهورَ[2] گهڻا،
پَسِيو پاڙي وارِيُون، ڏِسِيو ڏوھَ ڏران،
وِچان ڪيئن وَران، ڪَنڌِيءَ منهنجو ڪارَئي[3].

١٣

نڪو سَنڌو[4] سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ،
عَدَدُ ناھہ عِشقَ،*** پُڄاڻي[5] پانّ لَهي.

---

* منهنجي بدبختي ڪنهن دنيوي قلم (جيڪو ڪانہ جي سر مان ٺهندو آهي) ڪري ڪانہ ٿي آهي، پر قضا جي قلم ڪري آهي. ١ـ سهانگا، گهڻا، مفت ** قضا جي قلم، قسمت. ٢ـ خيال، پور ٣ـ وسيلو (ميهار) ٤ـ حد *** عشق جو اسرار اونهو آهي.
٥ـ حد، انت

١۴

عَدَدُ ناهه عِشقَ جو، سُٽي تِـي ساٽِي، *
ڪانهي پُڇاڙِي، مهندان، مُنڌا! مِهارَ جِي. **

١٥

سِڪَ تنهَنجي، سُپِرين! جيئن تَران تيئن تارِ،
تونهين[١] رَهِيو روح ۾، تونهين اکنئان[٢] پارَ[٣]،
پِرين، تنهنجي پارِ، مون واُجهائيندي وَرهيه ٿِيا.

١٦

سِڪَ تنهنجِي، سُپِرين! ڪَپي ۽ ڪوري،
سَگهان نه چوري، ڏاڍِو نِيَئرُ نينهن جو.

١٧

سِڪُ تنهنجي، سُپِرين! اَندَرِ ٿـِي اَجَهلَ[۴]،
پـَرَڪِيو ٻاهَرِ نِڪَري، ڪُوري ڪانئِي ڪَلَ،
ريءَ سِيراهِيءَ[٥] سَلَ[٦]، مون کي ڏِنا سَڄڻين.

١٨

سِڪَ تنهنجي، سُپِرين! اَندَرِ ٿـي اَجهاڳَ،
مَنجِهين[٧] ڀَريا ماڳَ، پَلٽيا[٨] پارِيُون[٩] ڪَري.

---

* اها ڳالهه ٻڌي، وجي عشق ڀيڙي ٿيءُ. ** ميهار (معشوق) جو ٻه انت ڪونهي.
١- توهين، تون ئي ٢- اکين کان ٣- ٻاهر ۴- جهلڻ کان وڌيڪ ٥- وادي جو اوزار جنهن سان هو سوارخ ڪبيندو آهي ٦- سوراخ ٧- اندر ۾ ٨- اٿلي پيا ٩- سيڙهون، وسڪارا.

١٩

ڪِين° تَران، ڪِين تارِ مون، ڪِين سَگهان ڪِين سَگهه،
آڏو ڏيج مرَ لَگَبُ،* مون هيڪَلِيَ، وَلَها!

٢٠

سِڪَ سِڪَندِيَنِ لاهِ، وِڇوڙيا ميڙِ پِرين،
ايڏي سَگهه، سَچا ڏَٿِي! توهِين کي°a جُڳاءِ،
تَنُ جَنِين جو طالِبُو، مِهرَ تَنِين کي پاءِ،
ميڙائي جو ماءِ! ڪانگُ لَوَندو ڪَڏهِين.

٢١

ڏِٺي ٿِيَمِ ڏِينهن، ڪُهُ جاڻان ڪِهڙا پِرين،
نيڻَ پَرجِي نينهن، پَلُٽِيا پارِيُون ڪَري.

٢٢

ڏِٺي ڏينهن ٿِيامِ، ڪُهُ جاڻان ڪِهڙا پِرين،
وَلِينِ جيئَن وَريامِ، گوندرَ غمَ پِرِيَنِ جا.

٢٣

ڏِٺي ڏينهن ٿِيامِ، ڪُهُ جاڻان ڪِهڙا پِرين؟
سَهسِين سِجَ اُلهِي، واجهائِيندي وِيامِ،
تِنين سالَ ٿِيامِ، جَنِين ساعَتَ نہ سَهان.**

° ڪي. °a تو کي ٿي * اڳيان رنڊڪ اچڻ نہ ڏجائين.
** جن جي جدائي هڪ پل بہ سهي نہ سگهان تن کان جدا ٿئي سال ٿي ويا آهن.

٢٤

گھرُ، نہ وَرُ، نہ وَٿُ ڪا، آھيمِ مَنِ ميھار،
اِنَ اوسيئڙي[١] اُتيان، سَنجھي ڪَري سِينگارُ،
پِرين! تنھنجو پار، پَسان مانَ پَرِ ڪَنھِين.

وائي

ھوئِج ھوشيارِ، خَبَردارِ، تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.
ڪَڏون، ڪُوبا، چِڪَ چِڪنڊِيُون[٢] تان ڪِين نِئِي[٣] نِھارِ،
تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.
آڏِيءَ سي آڪُڙَنڊِيَون[٤]، اَکِيُون جَنِ ڪَپارِ،*
تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.
مون سُؤ[٥] مَلاحَنِ ڪانئَ، تَڙَ اڙانگا[٥a] تارِ،
تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.
ھوتُ ھَلنڊِيَنِ ڪَتِيو، ويھَڻُ، مُنڌَ! وِسارِ،
تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.
ڪُھِ آتَڻُ! ڀَنِ جيڏِيُون! ڏيراٽِيُون ڏُٿارِ[٦]!**
تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.
ڀَڪو ڪَٽِجِ ڀاڻَ سين، پِرين تُنھنجو پارِ،
تِرڪَڻِ آھي تَڙَ ۾.

١ـ انتظار، فڪر، ڳڻتي ٢ـ ڏيڍون ٣ـ نمي ٤ـ آڙٻيون * مغرور، خوديءَ وارا. ٥ـ ٻڏو ٥a ـ اڻاڳا، ڏکيا. ٦ـ ڏکيو وقت، مرض ** شل ڏيراٽيون مصيبت ۾ مبتلا ٿين.

وِيندي واتاڙُئَنِ[oa] کي، پَنِّيءَ[ob] کيمَ پَچارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
پُونديين مُنهَن[١] ميهارَ جي، ڏمَ وَتِ ڏينهن مَ گهارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
ساهَڙَ کي، سُڻُ، سهڻي! ٻيڇَلِ آڏي[٢] ٻارِ،*
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
تارِ تَرَنديين، لُڙُ لَنگهنديين، عِشقَ جي آڌارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
پاندُ مَ ڇَڏِجِ پِرينءَ جو، پِهين[٣] جي پانارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
ٿِيندوءِ سَڏُ ساهَڙَ جو، توڏي! ٿيءُ تَيارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.

اَبيات متفرقه

١

ساهَڙَ ڏاران سُهڻي، اَڏوتِي[٤]. آهي،
ڪُنڊِيُون جو ڪاهي،** پاسي تِهين[4a] پاڪ ٿِئي.

oa- واتهڙوئن ob- اصل، صفا، بنهه ١- روبرو ٿينديڻ ٢- سامهون * اي سهڻي! ٻڏ، ته ساهڙ جي سامهون (تنهنجي ساهڙ جي وچ ۾) ٻيچل ٻار (تکو وهندڙ درياهه) پيو وهي. ٣- پيهين، اندر غرق ٿئين ٤- اڻ ڏوتل، ناپاڪ ** ميهار 4a- تنهين.

٢

ساهَڙَ ڏاران سُهڻي، نِسورِي ناپاڪَ،
نَجاسَتَ[1] ناهِ ڪَري[2]، اُنين جِي اوطاقَ،
هوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ،* پاسي تَنين پاڪَ ٿِئي.

٣

ساهَڙَ ڏاران سهڻي، هِيءَ تان جُنَبِي[3] جوءِ،
هِنَ پاڻِيءَ سين پانهنجو، مورِ نہ مَتو ڌوءِ،
جي پِرينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪَرَ توڏِيءَ تَڙُ ڪِيو.

٤

ساهَڙَ ڏاران سهڻي، هِيءَ تان جُهڪِي[4] زالَ،
توڏِيءَ تَپُ شُرُوعُ ٿِيو، هَئي! هَيڻِيءَ جِي حالَ،
جَڏِي رِيءَ جَمالَ، اَگهِي ٿِي آهُون ڪَري.

٥

ساهَڙَ ڏاران سهڻي، آهي مِ آزارَ،
ڏَمَ پاسي مِ ڏُکَندو، صِحَتَ وَٽِ سَنگهارَ،
توڏِيءَ سَندي تَنَ جِي، دَوا مِ دِيدارَ،
جي پَسي منهن ميهار، تہ سِگهيائِي سَگهِي ٿِئي.

١ـ پليدگي، پليتي ٢ـ نابود ڪري * (١) ميهار، جيڪي گهڻي ڪير هئڻ ڪري، هميشہ ڪير پيئندا آهن. (٢) وچون يا ننڍيا ڦر. ٣ـ مٺي ميري، ناپاڪ ٤ـ ڪِبي، ويهي رهيل، گڪي، غمگين.

٦

مَتان گِهڙين، سهڻي! اَجُ دَرياهَ ۾ دَمرُ،
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، ڪِهڙو اَتئِي ڪَمرُ؟
مَتان جاڳي ڏمرُ، ٻُڇي پاڙي وارِيين.

٧

ٻُڇِي پاڙي وارِيُون، ڪوهُ ڪَرِيندو ڏمرُ؟
ڪارِيءَ راتِ ڪُنَنِ ۾، آهِ ڪانِيارِنِ° ڪَمرُ،
هِيءُ هَڏو ۽ چَمرُ، گهورِيو مُحِبُ ميهارَ تان.

٨

ڏِهاڙِيoa ڏمرُ ڪَري، مَتي مَحَبتَ مُون،
تنهن کي اَچي تُون، پِرِيَمِ! ڪوهُ نہ پَلِيين؟

٩

جان جان هُئِي جيئري، وِرِچِي نہ وِيئِي،
وَڃِي ٻُونءِ[1] پيئِي[2]، سِڪَندِي کي سَجَڻين.

١٠

جان جان هُئِي جيئري، وِيئِي نَہ ويساندِ[3]،
لُڙهِي لَهرِنِ پاندِ، مُيائِي ميهار ڏِي.

°_ ڪاڻيارن، پيارَ جي هٿان مجبور ٿيلن، عيبدارن. oa_ ڏهاڙي، روزانو ١_ ٻون، زمين، ترو ٢_ پيئي (درياهه جي تري ۾ غرق ٿي.) ٣_ آرام سان.

١١

وَرُ[١] اُونداهِي راتڙي، چانڊوڻيءَ[٢] چانڊا[٣]،
اوري ميهارا، منهن مَ پَسان کو پيو!

١٢

سَدا پُڄُ مَ، سهڻي! اُونداهِيءَ اَڌ راتِ،
پريان ڏي پِرياتِ، وانءُ[٤] ڏيناري[٥] ڏينهن کي.

١٣

سائِرَ ٻوڙي سهڻي، نَہ ڊوري، نہ ڊَنڊَ،
اَکين مَنجِهہ اُڪَنڊَ، مُيائِي ميهار ڏي.

١٤

ساهَڙُ سُکِيءَ ۾ ٿِيو، پاڻِيءَ مَنجِهہ پُنوهُ،
سَنڌو کَچُ کُنو، * تارِ تَرَندو کيترو؟

١٥

ساوَڻُ لَهَرِيُون، ٿَرَ وارِي، ٿَرِ[٧] وارَ،
اِنهان ٿِي اَپارَ، مُون سين ٻَلِي ٻال کِيا.

١٦

نہ مُون ناناڻِيان کَتِيو، نَہ کِي ڏاڏاڻِيا،
پِريَنِ جي پارا[٨]، مُون سين وَڏائِي وَڙَ ٿِيا.

١- بهتر، موٽ ٢- چنڊ واريءَ ٣- چانڊوڪيءَ کان ٤- وڃُ ٥- ڏني وائني، ڪليو ڪلايو
٦- ٻهتو، رسيو * ڪچي منيءَ جو ڪُنو، ڪچو گهڙو ٧- خال ٨- پاران، طرفان.

وائي - ١

ڪُهُ جاڻان ڪيڏاهِين، منهنجو تَنُ تَپي[١] تيڏاهِين،
سائِين! نبڙين نينهَڙو لڳائي وِيڙا[1a]،
جيڏانهن عالَمَ آسَرو، مون پُڻ آهي اوڏاهين،
ڏُوتهِين دوستَ ميهارَ جِي، ڏيئي جيئن ڏتائِين،
ساري سپرِينِ ڪَي، رَهَ پرِ رَتُ رُنائين،
دامَنَ[٢] تيڏِي، چنگُلُ[٣] ميڏا، روزَ قيامَتَ تائِين،
پِيرُ اسان ڏا حَضرَتَ مِيران[۴]، ڪُلَ دِي آسَ پڄائين.

وائي - ٢

توکي مَڳَان، جو تونِ آهِين، ٻيو دَرُ ڪونَہ سُڃاڻان.
اِلاهي! عِنايَتَ[٥] سين، نوازين نِماڻا،
اَنڌا ڪَريِن اَڳَ ۾، ڪوتائِين ڪاڻا.

وائي ٣

نَهين[٦] نَهين ميڏي وَسِ، وو!
بِنا دِلبَرَ هِيءَ دِلِ ماندِي[٧].
بِڪان تِي سَنگهارَ ڪي، بابِ[٨] نہ منهنجي بَسِ،*
مون کي مَتِ ميهارَ جِي، ڪانہ اَچي ٻِي ڪَسِ[٩]،
دَردَ دَسِي آهِيان، دَردُ مُونهين جو دَسِ[١٠]،
سُڪُ نہ پُڇِي سهڻي، ڏُکُ ڏِکِيءَ کي ڏَسِ.

١- ڇڪي، تاڻي 1a- ويا ٢- پلئُہ ٣- هٿ ۴- حضرت شيخ محي الدين عبدالقادر جيلاني (پيران پير دستگير). ٥- مهرباني ٦- نہ آهي ٧- پريشان ٨- واسطي، لاءِ * منهنجي لاءِ (سڪڻ کان) بس ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ٩- پسند ١٠- مغلوب ڪر، ڪيرائي دوست.

وائي-٤

لَڙَڪيءَ[1] لنءُ[2] نَہ سُڃاتو، راندِ ڀايائين راز[3] ڪي.
اَندو[4] اُلوهيَتَ[5] ڪان، آهي اِيءُ اُماتو[6]،
صُباحَ سو نَہ شُمارَ ۾، ليڪِئان جو اَڄُ لاتو،*
ڀِيَسِ ڪانُ ڪَرِيمَ سين، ٿِپُسِ نِمرُودِي[7] ناتو.**

وائي-٥

وَڃي سا رات وِهاڻي، رِيءَ پَسَڻَ پِرِينِ جي!
هِهَڙا اوڏا سِپِرين، تو ڪيئن نِنڊَ رِهاڻي؟

وائي-٦

مُنهِنجِيُون سَيئِي، آيلِ! ماءِ! مَنَ مُرادُون پُنيُون.
جِهَڙي پِريان ڳالهِڙي، تِهَڙي ٻِي نَہ ڪاءِ،
ڪِجي[9] تان ڪوڏ[10] تِئي، سُڃي[11] سِيباءِ[12]،
ويهُ داتا جي دَرَ تي، شُڪُر جنهن جُڳاءِ،
ڪانهي حَدَ حَمدَ جي، تہ ڪَريان لالنَ لاءِ،
ڳَڻيو ڳَڻيان ڪيتِريون، وَڏِيُون وَڏاياءِ[13]؟
سو مُون هَتان نَہ ٿِئي، جيڪِين[13a] تو جُڳاءِ،
تو سَڃِيُون[14]، تو سَنڊِيُون[15]، سِڪَن توهِين ساءِ[16]،
اُڄَ تنهنجي اُڃِيُون، لوچِنِ توهِين لاءِ،
دِلِ دانهَنِ ري نَہ رَهي، مون کي ماتِ جُڳاءِ.

١- چوڪري، پنيان لڳي ٢- عشق ٣- عشق جو اسرار ۴- غير واقف ٥- الاهي ذات ٦- ديوانو، گمراھ
* جيڪو ماڻهو اڄ (هن دنيا ۾) شمار ۾ نہ آهي، سو سڀاڻي (قيامت جي ڏينهن) ڪيئن ڳاڻاٽي ۾ ايندو يا چوٽڪارو پائيندو: جنّي هت نہ هوت پسن، سي ڪيئن ڪيچ پسنديون؟ ٧- نمرود بن ڪنعان بادشاھ، جنهن خدائي جي دعويٰ ڪئي هئي. ** نمرود جهڙي شيطان سان واسطو يا صحبت. ٨- جڳائي، وڻي، رهائي ٩- ڳالھ ڪجي ١٠- خوشي ١١- سڄي، ٻنجي ١٢- وڻي، جڳائي ١٣- تنهنجي وڏائي ١٣a- جيڪي ١۴- جيڪي تنهنجي روبرو آهن، حاضريءَ ۾ بيٺل ١٥- پر واريون، ٻانهيون ١٦- لذت (صحبت جي).

سُرُ سَسُئِي آبِرِي

سر بابت

هن نالي سان ڪا بہ راڳڻي، هندستاني موسيقيءَ ۾ ڪانهي، هن سر جو نالو، مضمون موافق رکيو ويو آهي. جنهن صورت ۾ هن سر ۾ سسئيءَ جي اُبرائپ جو ذڪر ٿيل آهي، تنهن صورت ۾ مٿس عنوان ئي آبري (اُبري) رکيو اٿن.

هن سر ۾ عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهڻيون، اختيار ڪيون ويون آهن. جتي ڊاڪٽر ٽرمپ واريون پڙهڻيون، وڌيڪ وزنائتيون سمجهيون ويون آهن، اُتي اُهي اختيار ڪيون ويون آهن.

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جيڪي بيت پنهنجي رسالي ۾ نہ وڌا آهن، تن مان هيٺيان بيت هن نسخي ۾ درج ڪيا ويا آهن:

داستان ۱ بيت نمبر ۱۴، ۱۵ ۽ ۱۷.

داستان ۲ بيت نمبر ۱۱ ۽ ۱۲.

داستان ۳ بيت نمبر ٦ ۽ ۷.

داستان ۴ بيت نمبر ۲۴.

داستان ٦ بيت نمبر۱۲.

داستان ۸ بيت نمبر ٦، ۷، ۱۵ ۽ ۱٦.

داستان ۱۰ بيت نمبر ۱۵.

آڪاڻي

هن سر ۽ هن بعد ايندڙ چئن سرن جهڙوڪ، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني ۾ آيل بيتن جو مضمون، سسئيءَ ۽ پنهونءَ جي قصي تي ٻڌل آهي. انهيءَ قصي جو مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

"نائونءَ، ڀانڀر واہ جي ڀر تي ويٺل ٻانڀڻ کي اولاد ٿيندو ئي ڪونہ هو. هن ڏاڍيون دعائون ۽ دوائون ڪرايون. آخر هڪ ڌيءَ ڄايس، جنهن جي ڄڃيءَ ڪڍائڻ مان پتو پيس، تہ ڇوريءَ جو انگ، ڪنهن مسلمان سان لکيل آهي. انهيءَ ٽڪي لڳڻ کان بچڻ خاطر، هن ڇوريءَ کي صندوق ۾ بند ڪري، درياہ ۾ لوڙهي ڇڏيو.

اها صندوق لڙهندي اچي ڀنڀور جي ڀرسان ناري تي نڪتي ۽ محمد ڌوٻيءَ کي هٿ لڳي. ڪتيءَ کي بہ اولاد ڪونہ هو، تنهن مٿس سسئي (معنيٰ چنڊ) نالو رکي، لاڏ ڪوڏ سان نپائي پالي وڏو ڪيو

سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ھلي، ڪيچ مڪران جي حاڪم آريءَ ڄام جي پٽ، پنهون، پنهنجو منشي ڀنڀور ۾ موڪليو. هن جهڙي سسئي جي هاڪ ھلي هئي، تهڙي اکئين پسي، پنهونءَ کي پيغام موڪليو ته نجو سون آهي. پنهون واپاري جو ويس ڪري، ڪٿوريءَ جون خرزينون ڀرائي، قافلو ڪاهيو، جو جنهن جاءِ تان لنگهيو ٿي، تنهن کي خوشبوءِ سان واسي ٿي ڇڏيو. آخر اچي ڀنڀور ۾ ديرو دمايائين. سسئي، سهيلين سان گڏ، عطر سودڻ جي ارادي سان، پنهونءَ جي منزل تي ويئي. سسئيءَ جي صورت ڏسندي ئي، پنهونءَ جو هينئڙو هيڪاري هٿن مان ڇنائي ويو. هوڏانهن وري سسئيءَ کي پرت جو پيچ پئجي ويو.

هڪ سوناري، پنهونءَ تي اکين ڇڪن ٿي پئي، پر پنهونءَ اک کڻي به نه نهاريس. ڪٽيءَ کان ٻين گازرن،[1] سسئي جو سڱ ڇڪيو، پر هنن کي سسئيءَ جي قابل نه ڏسي، ڪٽيءَ ناڪار ڪئي.

سسئيءَ نيٺ، هڪ ساهيليءَ جي هٿان، پنهونءَ سان سڱ ڪرڻ لاءِ ٻيءُ کي چوايو، جنهن پنهونءَ جي ذات پاڻي نه هجڻ سببان، انڪار ڪيو. سسئيءَ جي سکيءَ، ڌوٻيءَ کي يقين ڏياريو ته پنهون پڻ ذات جو ڪٽي آهي. ڌوٻيءَ کيس آزمائڻ لاءِ هڪ کيپ ڌوئي اچڻ لاءِ ڇيو. پنهونءَ جا نازڪ هٿڙا، ڪپڙن سٽيندي لڦون ٿي پيا. آخر ڪپڙا چيري ڦاڙي ڪٽي آيو. گراهڪن وٽان ڪا شڪايت نه اچي، تنهن لاءِ، پنهونءَ ڦاٽل ڪپڙن جي تهن ۾ سونيون مهرون وجهي موڪليون. ڪپڙا مالڪن کي پهتا، پر دانهن ڪٿان ڪانه آئي. اٽلو جنهن کان ڪٽيءَ تي پڇيو، تنهن تي ڪپڙن جي ساراهه ڪئي. نيٺ ڌوٻيءَ پنهونءَ کان جندو پاڙو لڪائي، کيس سسئي پرڻائي ڏني.

پنهونءَ جي فراق ۾، پڻس ٻي حال ٿيڻ لڳو، تنهن ڪري قاصد موڪليائينس، پر پنهون پوئتي ورڻ کان پڙ ڪڍي ويٺو. ڀيءُ پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ نجهرڻ لڳو. جلدئي پنهونءَ جا ڀائر گڏجي ڀنڀور آيا. سسئيءَ ڏيرن جي چڱي خاطرداري ڪئي. پنهون ته هنن سان محفلون ۽ مجلسون ڪرڻ لڳو. هڪ رات، پنهونءَ کي گهڻو شراب پياري، آڌيءَ جو بي خبريءَ جي حالت ۾، ڀائر اٺن تي کڻي ويا. هوڏانهن، سسئيءَ کي انتظار ۾ اوسيئڙي ۾ پلنگ تي ويهي ويهي ننڊ ڪٽي ويئي. پوئينءَ رات جان کڻي اک کولي، ته نه ڪو سندس پنهون ۽ نڪي ڏير. سمجهيائين ته هيءُ ڏهاڳ، ڏيرن ڏنو اٿم، سو اٺن جو پير کڻي اچي پب جبل ۾ پيئي. پب جبل جو لڪ 'پبوٽي ناڪو' لنگهي، هاڙي جبل وٽ 'ڦوڙ' نديءَ تائين پهتي. پاڻيءَ جي اڻل سبب اڳتي وڌي نه سگهي. نهايت نااميد ٿي پٽتي هئي، اچي 'مابارڙ' نئن جي ويجهو رسي. اُتي 'ايل' نالي ڏاڙيل مليس، جنهن ڏانهس ميري اک سان نهاريو. سسئيءَ پاڻ کي خطري ۾ ڏسي، رب کي ٻاڏائي سوال ڪيو ته، "اي ستار! منهنجو ڀرم رک." الله عرض اگهايس ۽ پهاڙ ڦاٽي پيو، جنهن ۾ هوءَ اندر پيهي ويئي. زمين زمين جهڙي ٿي ويئي، پر سسئيءَ جي چنيءَ جو پاند ٻاهر رهجي ويو.

1- ڌوٻين.

ايل پنهوار، اهو الاهي اسرار پسي، توبہ تائب ٿيو ۽ پهڻ ميڙي، اتي ڦٽيل عاشقياڻيءَ جي قبر ٺاهي ڇڏيائين.

رستي تان، پنهون جڏهن نشي جي خمار مان سجاڳ ٿيو، تڏهن پوئتي ورڻ جا ڏاڍا وس ڪيائين، پر ڀائرن اڳيان هڪ بہ نہ هليس. جڏهن آريءَ جام، پنهونءَ ڪي سسئيءَ جي وڇوڙي ۾ ڳرندو ۽ سڙندو ڏٺو، تڏهن هن ڪي پنهور موٽڻ جي اجازت ڏنائين. جڏهن سسئيءَ جي قبر وٽان لانگهائو ٿيو، تڏهن ايل ڪي مجاور وانگر قبر تي ويٺل ڏسي، هن ڪان ماجرا پڇيائين. هن سربستو احوال ڪري ٻڌايس. پنهونءَ ڏٺي در، وڇڙيل ملائڻ لاءِ التجا ڪئي. الله سندس عرض اونايو- جبل وري بہ ڦاٽو، جنهن ۾ پنهون پيهي پرينءَ سان وچي هميشہ لاءِ هڪ ٿيو.

روحاني راز

هن مجازي عشق جي قصي ۾، حقيقي عشق جو هڪ وڏو راز سمايل آهي. ٻين سيني آڪاڻين وانگر، هن آڪاڻيءَ ۾ بہ تمثيل رکيل آهي: پنهونءَ مان مراد آهي، حقيقي محبوب جي، ۽ سسئي مان، مراد آهي، سالڪ جي، جو پنهور يعني دنيا ۽ سندس نعمتون، ترڪ ڪري، وندر ۽ وٿڪار ۾ مشڪلاتن يعني طريقت جي سفر جي ڏاکڙن سهڻ بعد، وچي ملڪ الموت ماڻي ٿو. سسئي جا ٽي دشمن هئا (١) ڏاگها (٢) ڏير ۽ (٣) ڏونگر. ساڳئي طرح سان، انسان جا بہ ٽي دشمن آهن، جيڪي هن ڪي فنا في الله ٿيڻ ۾ رنڊڪون وجهن ٿا: (١) نفس (٢) دنيوي تعلقات ۽ (٣) خودي، سالڪ ڪي انهن کي مطيع ڪرڻو آهي. هن ڪي صوفي طريقي جون ست ماڙيون، جهڙوڪ: طلب، عشق، معرفت، استغنا، توحيد، حيرت ۽ فقر لنگهي محبوب جي هستيءَ ۾ حل ٿي، ابدي حياتي حاصل ڪرڻي آهي.

شاه سسئيءَ ڪي رستي ۾ هلندي هلندي جا تحسين ۽ آفرين ڪئي آهي، سالڪ ڪي گويا تڪڙي هلڻ جي تلقين ڪئي آهي.

شاه عاشق ڪي ٻڌائي ٿو، تہ جيئن سسئيءَ جهڙي ابلا، اَيري ۽ ضعيف ضائفان، اڄاڻ ۽ اڻ ڄاڻ، نہ رستي جي واقف، نہ جبلن جي لڪن جي آشنا، جنهن جا مخمل جهڙا نرم پير، هڪ آدم زاد پنهونءَ جي مجازي عشق ۾ محل ۽ محلات، نوڪر ۽ ٻانهيون، طعام ۽ آرام، عزيز ۽ خويش، پنهور ۽ پاڻ، جيڏيون ۽ سرتيون ڇڏي، نڪري پئي ۽ جبلن ڪان بہ نہ ڊني، ٻلائن ۽ نانگن، وڇن ۽ پٿن ڪان بہ نہ ڪنبي، بر پٽن ۾ اڪيلي سر هلندي، پنهونءَ جا پير ۽ انن جا رند ڳوليندي هلي ۽ آخر وڃي مقصد کي پهتي- تيئن تون، جو طالب مولا آهين، سو عيش ۽ آرام واري ماحول مان نڪري پئُو ۽ وڃي الله کي پهچ. وچ جون تڪليفون سهہ عشق جون منزلون طلب ۽ توڪل، استغنا ۽ خودي، توحيد ۽ تجريد ذريعي طي ڪري، معرفت ۽ حقيقت لنگهي، اتي وڃي نڪر، 'جت نهايت ناهہ ڪا.'

پروفيسر گربخشاڻي ٺو چوي، تہ جهڙي طرح سهڻي ۽ ميهار جي ڳالهہ ۾ تمثيل رکيل آهي، تهڙيءَ طرح سسئي ۽ پنهونءَ جي قصي ۾ بہ، هڪ وڏي تمثيل رکيل آهي.

تفاوت رڳو ھي آھي، جو سھڻيءَ جي ڳالھ ۾ دنيا ۽ طريقت جي سفر جي ڏاکڙن کي درياھ سان ڀيٽيو ويو آھي ۽ سسئي جي ڳالھ ۾ دنيا ۽ طريقت جي مشڪلاتن کي، رڻ پٽ سان مشابھت ڏني ويئي آھي. سسئي مان مراد آھي سالڪ، جو پنھنجي پنھونءَ يعني حقيقي محبوب جي ڳولا ۾ آھي، ڀنڀور ۽ ان جا پاڻ، دنيا ۽ دنيا جون نعمتون آھن. ڪيچ محبوب جو مڪان آھي، جتي پھچڻ لاءِ پھريائين تہ ڏاگھن، ڏيرن ۽ ڏونگرن جھڙن تن زبردست دشمنن يعني نفس، دنيوي تعلقات ۽ خوديءَ جي چنبن ڪان پاڻ کي آزاد ڪرڻو آھي. جيئن سسئي ڪيترين دور دراز منزلن، جھڙوڪ وندر، وٽڪار، پب، ھاڙو وغيره مان لنگھي نيٺ وڃي ملڪ الموت سان مقابل ٿي، تيئن سالڪ کي بہ صوفي طريقي جون ست ماتريون يا منزلون لنگھي پار پوڻيون آھن. آخرين منزل فقر آھي، جنھن تي رسڻ بعد، سالڪ محبوب جي ھستيءَ ۾ ھڪ ٿي، ھميشہ جي حياتي حاصل ڪري ٿو.

مولوي غلام محمد ولد محمد خان زئيءَ جي فارسي رسالي 'منھاج العاشقين' جو سنڌي ۾ ترجمو شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائود پوٽي ڪيو آھي، تنھن مان سسئي پنھونءَ جا ڪنايا، ھيٺ ڏجن ٿا.

پنھون، مان مراد آھي، 'مطلوب'، يعني محبوب حقاني.

"سسئي" مان مراد آھي، 'طالب حق' جو، اول طالب عدم جي پردي ۾ ناپيد ھو؛ جڏھن پيدا ٿيو، تڏھن 'ھئڻ' جي مڪان ۾ آيو.

"صندوق مان مراد آھي" 'طالب جي بي خبري ۽ بي فھمي' - جنھن ۾ ويڙھيل ۽ سانديل ھجي ۽ درياھ جي دھشت جي ڪل نہ رکي.

"درياھ" مان مراد آھي؛ 'حقيقي ماءُ جي جھولي' جا پناھ وارن کي، پناھ ۾ رکندڙ ۽ امن امان ڏيندڙ آھي.

"ڀنڀور" مان مراد آھي؛ 'ھيءَ دنيا يا جھان'.

"ڪتيءَ" مان مراد آھي؛ 'مرشد ڪامل'، جو طالب کي پنھنجي گھر يا پر ۾ نپائي ٿو ۽ جڏھن نپجي وڏو ۽ پختو ٿو ٿئي، تڏھن ڪيس پنھنجي گھر جو مالڪ ٿو بنائي.

"سسئي جي حسن" مان مراد آھي؛ 'عمل صالح' يعني موچارا ۽ نيڪ ڪم.

"سسئي جي بالغ ٿيڻ مان مراد آھي" 'مرشد ڪامل جي حالت ۾ ھڪجھڙو ٿيڻ' يعني "فنا في الشيخ" (مرشد ۾ گم ٿيڻ) جي درجي کي رسڻ.

"ڪتيءَ جي پائرن جو ڪانئس سسئي جو سڱ گھرڻ،" تنھن مان مراد آھي 'دنياوي ۽ نفساني خيالات.'

"پنھونءَ جي منشيءَ جو ڀنڀور ۾ اچڻ" تنھن مان مراد آھي 'محبوب حقاني جو طالب حق جي طرف، خواھش جاري ڪرڻ جو سبب' ڇاڪاڻ جو ان جي پھچڻ ڪري، طالب جي ڪشش، مطلوب جي طرف پاڻان گھڻي ٿيندي. جڏھن پنھونءَ جي منشيءَ يعني حق جي خواھش، طالب کي قولن ۽ فعلن ۾، مرشد ڪامل منجھ محو ڏٺو ۽ ان کي پنھون، يعني حقيقي بادشاھ جي لائق پاتائين، تڏھن ڪيچ طرف خبر لکيائين.

"ڪيچ مان مراد آھي" 'ملڪ وحدانيت جو'، يعني 'قرار جي حويلي'.

"آريءَ ۽ سوناريءَ عورت جو پنهونءَ کي وچ ۾ مانع ٿيڻ" تنهن مان مراد آهي 'طالب جا اڳوڻا ناپسند ۽ غير شرعي عمل.' جڏهن طالب کي مطلوب قولن ۽ فعلن ۾ تمام سچو ۽ ثابت قدم ٿو ڏسي، تڏهن اهي وچ وارا عارضا (رنڊڪون) لتاڙي، سچي طالب وٽ رسي ٿو.
"ڪٿوري ۽ قافلا جي پنهونءَ تنها سسئي جي دوستيءَ خاطر ڪنيا ۽ جي جنهن جاءِ تان لنگهيا ٿي، تنهن کي خوشبوءِ سان ٿي واسيائون" تنهن مان مراد آهي 'نيڪي' جيڪو حق جو طالب، پنهنجي محبوب حقيقي جي طرف سچو ۽ قدم ثابت آهي، تنهن واسطي مطلوب حقيقي، جهان منجهه نيڪي جي خوشبوءِ پکيڙي ٿو.
"پنهون جو ڪنيءَ کان سسئي جو سڳ گهرڻ" تنهن مان مراد آهي؛ 'ذات جي ڪشش ٿيڻ طرف صفات جي.'
"البته نه مڃڻ ڪنيءَ جو" تنهن مان مراد آهي، مطلوب کي طالب جي طرف، پڪي ويساهه ۽ يقين وارو ڪرڻ ۽ مرشد ڪامل جي طالب لاءِ، حق کي سفارش ڪرڻ.'
"پنهونءَ جو ڪپڙا ڏوئڻ" تنهن مراد آهي، 'طالب ۽ مطلوب ۽ مرشد جو هڪڙي حال ۾ ٿيڻ.'
"پنهونءَ ۽ سسئي جي شادي ڪرڻ" تنهن مان مراد آهي، 'طالب ۽ مطلوب جو وصال'
"پنهونءَ جي ڀائرن جو ڀنڀور اچڻ" تنهن مان مراد آهي، 'هن زماني جا حادثا، يعني نفساني فاسد خيال'، جي هميشه حق جي طالب مٿان واقع آهن ۽ ڪڏهن به اچيو سر تي ڪڙڪن.
"سسئي کي ننڊ اچڻ" تنهن مان مراد آهي، 'طالب جي غفلت طرف مطلوب جي.'
"نشو ڏيڻ ڀائرن جون پنهونءَ کي" تنهن مان مراد آهي، 'مطلوب کي طالب جي غفلت جو احوال رسائڻ.'
"ڀائرن جو پنهون کي نيڻ" تنهن مان مراد آهي، 'طالب ۽ مطلوب جي وچ ۾ جدائي ۽ فراق'، ناپسند ۽ غير شرعي ڪمن سببان، جدائيءَ جو تفرقو پوي ٿو.
"سسئي جو ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ" تنهن مان مراد آهي، طالب جو غفلت مان هوشيار ٿيڻ.'
"سسئي جو ڪيچ جي طرف ڪاهڻ" تنهن مان مراد آهي، 'طالب جو ناپسند ڪمن کان پشيمان ٿيڻ ۽ حق جي طرف موٽڻ.'
"سسئي جو سفر کي قبول ڪرڻ ۽ قبول ڪرڻ اڻهنجائي واٽ ۽ جبلن ۽ لڪن جي" تنهن مان مراد آهي: 'طالب جو رات ڏينهن شريعت جي راهه ۾ سعيو ڪرڻ.'
"ڏاراڙ جو سسئي وٽ رسڻ" تنهن مان مراد آهي، 'شيطان ملعون يا نفس امارو' جو طالب کي حق جي راهه کان لالچائي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
"ڏاراڙ جي خوف کان سسئي جو ڏرتي ۾ داخل ٿيڻ" تنهن مان مراد آهي، 'موتوا قبل أن تموتوا'، (مرڻ کان اڳي مرو) يعني حياتيءَ جي حال ۾ پاڻ کي فنا ڪرڻ.
"پلؤ ڪپڙي جو باقي مٿي منهن زمين جي رهيو" تنهن مان مراد آهي، 'فنا پڄاڻا اثباتي' يعني بعد فنا جي بقا ٿيڻ.

"موتڻ پنهونءَ مطلوب جو طرف سسئي طالب جي" تنهن مان مراد آهي، 'غير کان موتڻ ۽ حق جي طرف رجوع ٿيڻ ۽ طالب جو پنهنجي نفس کي حق جي طلب ۾ تلف ڪرڻ.' (هتي مطلوب خود طالب جي صورت وٺي ٿو.)

"وفاتي پنهونءَ جي ۽ سسئي جي مقبري منجهه دفن ٿيڻ" تنهن مان مراد آهي، 'يُوصل الحبيبُ الي الحبيب'، (دوست کي دوست سان گڏيو ويندو). طالب ۽ مطلوب جو هڪ حالت ۾ گڏجڻ، جيئن پاڻي پاڻيءَ ۾، کير کير ۾، وچ ۾ ڪو ويڇو نہ رهڻ ۽ طالب جو 'فنا في الله جي درجي کي پهچڻ.' والله اعلم بالصواب.

واڌارو

سسئي- پنهونءَ جو داستان، سنڌ ۽ ڪيچ مڪران جي وچ ۾ هلندڙ واپار ۽ قافلن جي شاهراه واري ماحول تي بہدل آهي، جيڪو عربن واري دور ۽ پوءِ سومرن جي اوائلي دور ۾ ويندي پنجين صدي هجري (يارهين صدي عيسوي) تائين قائم رهيو. ڀنڀور (ديبل) جو شهر بہ اجا موجود هو ۽ بلوچ قبيلن جي سنڌ ۾ اوائلي آمد پڻ انهيءَ دور ۾ ٿي. انهن اُهڃاڻن مان ظاهر آهي تہ هيءَ قصو ١١- صدي ڌاري سومرن جي اوائلي دور ۾ اُسريو ۽ وقت گذرڻ سان لس ٻيلي، ڪوهستان، ڏکڻ اولهہ سنڌ (ڪراچي ۽ ٺٽو) توڙي مٿي سنڌ ۾- يعني تہ جدا جدا ايراضين ۾ جدا جدا ليئن ۾ ڳائجڻ لڳو، جيڪي اڳتي هلي مستقل سُر بنيا. يقيني طور چئي نٿو سگهجي تہ اهي اصل ليئون ڪهڙيون هيون، جن ۾ سسئي جي داستان کي ڳايو ويو، مگر 'شاهہ جي رسالي' ۾ جيڪي سسئي جا پنج سُر آهن، سي ڀانئجي ٿو تہ انهن آڳاٽين 'ليئن' جا يادگار آهن. سومرن جي اوائلي دور ۾ غالباً سنڌ ۾ 'آيري' راڳ هلندڙ هو ۽ هڪڙن ڳائيندڙن سسئي جي داستان کي انهيءَ راڳ ۾ ڳايو. رسالي جو 'سر آبري' انهيءَ آڳاٽي 'آيري راڳ' جو يادگار آهي، ٻي ايراضي ۾ ٻين هن داستان کي مقامي 'ديسي' لئي ۾ ڳايو ۽ رسالي جو سر ديسي انهيءَ جو يادگار آهي.

ساڳئي دور ۾ عرب- ايراني موسيقي جي سلسلي جو 'حسيني راڳ' سنڌ ۾ هلندڙ هو، ۽ ڪن راڳيندڙن سسئيءَ جو داستان کي حُسينيءَ لئي ۾ ڳايو، جنهن جو يادگار رسالي جو 'سر حسيني' آهي. حسيني راڳ ڏهين صدي هجري جي شروعات (١٦ صدي عيسوي جي شروعات) تائين صوفين ۽ درويشن جي سماع وارين مجلسن ۾ مقبول هو ۽ سنڌ جي ذاڪرن انهيءَ لئي کي پنجاب تائين مشهور ڪيو. 'تذڪره قطبيه' جي مصنف، ١٥٠٤ع کان ١٥٤٠ع واري عرصي ۾ لاهور جي سماع جي محفلن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ۾ سنڌي ذاڪرن 'حسيني مقام'. (حسيني راڳ) ۾ سنڌي ڏوهيڙا پڙهيا ۽ سامعين کي وجد ۾ آڻي ڇڏيو. لس ٻيلي واري ايراضيءَ ۾ سسئي جي داستان کي مقامي لئي 'معذور' ۾ ڳايو ويو، جيڪا هن وقت تائين لس ٻيلي ۾ مروج ۽ مشهور آهي. شاهہ جي رسالي ۾ سسئي جو سُرُ 'معذوري' انهيءَ لئي جو يادگار آهي. رسالي ۾ سسئي جو 'سر ڪوهياري' غالباً ڪوهستان واري ايراضي جي آڳاٽي مقامي لئي جو يادگار آهي.

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ ، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، حيدرآباد سنڌ. سنہ ١٩٧٨ع ص- ص ٩٥- ٩٦)

سُرُ سَسُئي آبرِي

داستان پهريون

١

اَوَلِ آخَرِ[١] آهِ، هَلَڻُ منهنجو هوتَ ڏي،
پورهِيو سَندو پورِهيَتين، والِي! ڪيمَ وِڃاءِ،
سو مون ٽورو لاَءِ[٢]، جيئن جيئري مِلان جَتَ کي.

٢

ڏرِي ۾ ڏاري[٣]، سَتَ[٤] سُورَنِ جي سَسُئِيّ،
پيِيائِـي[٥] پُنهُونءَ ڏي، نِرمَل[٦] نِهارِي،
لاڪنَ جِي، لَطِيفُ چِي، سُونهَن[٧] سَتِي[٨] سارِي،
پِرِيَتَڻُو[٩] پاري، مارَڳ[١٠] ۾ مُنڌ مُئِي.

١ـ نيت ٢ـ احسان ڪر ٣ـ رٺاڙي ۴ـ سنڪو، هارو ٥ـ پاسي پر ليٽي ٦ـ پاڪ، صاف
٧ـ حسن ٨ـ ستيا واري ٩ـ دوستي ١٠ـ رستي، راھ.

۳

جي سِجهائِي[۱] سِڪَ، تہ پُڻ سِڪي سَسُئِي،
پِيتائِين پُنهُونءَ سين، هَڏِ[۲] نہ پَڳِيَس هِڪَ[۳]،
اِنَ تَڙَ مَنجهان تِڪَ، ڏني پاڻ اُڃَ تِئِي.

۴

پَسِي جهاجَهہ[۴] جَمالَ جي، جَنِين پِيتي پِڪَ،
اَپِرِ اُڳانجهو[۵] ٿِيو، سُورُ اُنِين[۵a] کي سِڪَ،
هَڏِ نہ پَڳِيَنِ هِڪَ، سَدا سائِرَ[۶] سِيرَ ۾.

۵

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنَ ۾، تَنِ تَشنَگِي[۷] تارِ[۸]،
پِي پِيالو اُڃَ[۹] جو، اُڃَ سين اُڃَ اُٿِيارِ،
پُنهُون پاڻ پِيارِ، تہ اُڃَ[۱۰] سين اُڃَ[۱۱] اُجهائِيان.

۶

مَحَبَتَ سَندو مَنَ ۾، پُرِ پِيالو جَنِ،
پِيَڻَ پَرچا[۱۲] ناهِ ڪو، ڪنهن جنهن[۱۳] ڏاهِ[۱۴] ڏِنيَنِ[۱۵]،
تنهن نِهايَتَ ناهِ ڪا، جنهن سُجا سُج وَجَنِ،
تيلانهن اُڃَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

۷

سَدا سائِرَ سِيرَ ۾، اَندَرَ لَهِي نہ اُڃَ،
پَسَڻُ جو پِرِينءَ[۱۶] جو، سا سَيائِي سُڃ،
تيلانهن[۱۶a] مَرَنِ اُڃَ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

۱- پچائي، ٻَڌاري ۲- اصل، بنهہ ۳- سڪ، پيار ۴- گهڻائي ۵- زياد ۵a- انهن ۶- درياهہ ۷- اُڃ ۸- گهڻي ۹- عشق ۱۰- وصال ۱۱- وڇوڙو، فراق ۱۲- پرچاءُ، آرام ۱۳- اهڙي ڪنهن ۱۴- باهہ، مچ ۾ ۱۵- جلڻ، سڙڻ ۱۶- پرينءَ، محبوب ۱۶a- تنهن لاءِ، تنهن ڪري.

٨

سَاجَنَ ڪارَڻِ سُجَ، مَرُ قَبُولِي سَسُئِي،
اَندَرِ جَنِين اُجَ، پاڻِي اُجَيو اُنِ ڪِي.

٩

پاڻِيءَ مَتي جُهوپَڙا، مُورِکَ اُجَ مَرَنِ،
ساهان[١] اوڏو سُپِرِين، لوچي[٢] تان نَہ لَهَنِ،
دَمُ[٣] نَہ سُجاڻَنِ، دانهون ڪَنِ مُنَنِ[٤] جيئَن.

١٠

سَسُئِيءَ ڪِينَ سَمُجِهيو، اوري[٥] آرِيءَ ساڻُ،
ڪَري پيکُ[٦] پُنهونءَ سين، پاڏارِيائِين[٧] پاڻُ[٨]،
جَتِ وِڃايو جاڻُ[٩]، پانيَڻِ پَروچَنِ سين.

١١

لَڳي ڪوسو واءُ، لوڪُ مِڙوئِي لَهَسِيو[١٠]،
اُيَنِ[١١] مَنجهان آئِيو، 'هَئِي هَئِي!' جو هُڳاءُ[١٢]،
طَيُورَن[١٣] تَنواريو، پُنهونءَ پُڇاڻاءُ،
رَسِيو سُورُ شَبانَ[١٤] کي، وُحُوشَنِ[١٥] وَتاءُ[١٦]،
مِرُوئَنِ مَوتُ قَبُولِيو، اَپَرِ اَفسوساءُ،
بَرَ پُڻِ ڪَنِ بُڪاءُ[١٧]، اُڪَنڊِيا آرِيءَ لئِي گهڻو.

١ـ ساهہ كان ٢ـ ڳولي ٣ـ ساهہ، روح ٤ـ ڦريلن ٥ـ احوال ڪري ٦ـ ديدار، ڏيٺ دوستي ٧ـ پڌرو ڪيائين ٨ـ خودي ٩ـ عقل ١٠ـ سڙيو ١١ـ آسمانن ١٢ـ آواز ١٣ـ پکين ١٤ـ ڏنار ١٥ـ وحشي، جهنگلي جانورن ١٦ـ وٽان، كان ١٧ـ واويلا، روح راڙو.

١٢

مَهِدِ[١] مُحتاجِي[٢] ڪَري، پُنِيءَ پير ڪَٽِيج،
ڪُپِيلِياٽِي[٣]! ڪِيچِ ڏِي، حُجَ[٤] مَ هَلائِيج،
پاٽان[٥] ڏارَ پِرِيتُو، * سَسُئي! سانُ ڪَٽِيج،
اوڏِي عَزازِيلَ[٦] ڪي، ويجهي تان مَ وَڃِيج،
ناأُميدي[٧] نيجِ، تہ اوڏِي ٿِيين اُميدَ ڪي.

١٣

مَهِدِ مُحتاجِي ڪَري، حُجَ وِڃائي هَلُ،
عُذرَخواهِيُون[٨]، عاجِزِيُون، سَسُئي! ڪنهن مَ سَلُ،
ڏُونگَرَ ڏُورَڻُ ڏاڪَڙو، لَنءُ[٩] رِيءَ[١٠] ڪونهي لَلُ[١١]،
اِيءُ پَلاڻِيءَ جو پَلُ[١٢]، جيئن پاسي ٿِيئَڻُ پاڻُ ڪان.

١۴

وِيهُ مَ، مُنڌَ! پَنيورَ ۾، ڪرِ ڪو واڪو وَسُ، **
ليڙَنِ[١٢a] جو، لطيفُ چئي، ڏُونگَرَ ڏِيندءِ[١٣] ڏَسُ،
پُنهون اُتي پَسُ، سِرَ پَرِ هَلِي، سَسُئِي!

١٥

وِيهُ مَ، مُنڌَ! پَنيورَ ۾، ڪرِ ڪو واڪو وَسُ،
پانهِي پاروچَنِ جِي، گولِي! چَڏِ مَ گَسُ،
ڏورَڻُ مَنجهان ڏَسُ، پُونڊءِ[١۴] هوت پُنهونءَ جو.

١- مهند، اڳيان ٢- عاجزي ٣- ڪسنگي، خراب سنگت واري ۴- حجت، دعويٰ ٥- خوديءَ ڪان * لاطمع عشق ٦- شيطان (نفس) ٧- محرومي، دنيا ترڪ ڪرڻ ٨- آزيون نيزاريون ٩- عشق جي لغار ١٠- ڪان سواءِ ١١- مزو ١٢- قل، جوهر، چڱائي ١٢a- اُلن ** دانهون ۾ ٻيا حيلا هلاءِ، هٿ پير هڻ. ١٣- توکي ڏيندا ١۴- توکي پوندو.

١٦

وِيهُ مَ، مُنڌَا! ڀَنيورَ ۾، هاڙِي[1] هَڏِ مَ هَلُ،
ڪُوڙِي ڪِجِ مَ ڪَڏهِين، سَچِي ڳالِهه مَ سَلُ،
جانِبَ لئي مَ جَلُ، سُورُ وِسارِ مَ سَسُئِي.

١٧

نااُميديءَ نِجهرِي[2]، پيهِي پَسُ آللهُ،
چِتو رَبانِي راهُ[3]، مُرادُن[4] مَخِفِي[5] ڪيو.

١٨

سُڪِين ٿِيءُ مَ سَنرَي[6]، پَسِي ڏُکَ مَ ڏرُ،
پَنِي ڪَرِ[7] مَ پانهنجو، گهورِي! اَڏِ مَ گهرُ،
مارِي[8]! هَڏِ مَ مَرُ، مَجِڻِ[9] جِيءُ جِيارِيِين.

١٩

سُڪِين ٿِيُي نہ سَنَرِي، ڏُکِين ٿان نہ ڏرِي،
اورِي هَڏِ نہ اُيئِي، پُرِي[10] تان نہ پَرِي،
سَرَتِيُون! ٿو نہ سَرِي[11]، ٻِنهي رِيءَ ٻانيَڻِ ڪي.

وائي

تَنَ مَنَ منجهه تَنوارَ، هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جي.
تيئَن چِٽِڪَنِ[12] چِتَ ۾، جيئَن سا گهنڊِيءَ[13] لارَ[14]،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

١ـ نادان، هاڙو جبل ٢ـ مڪان، جاءِ ٣ـ الله جي واٽ، طريقت جو رستو، صراط المستقيم ٤ـ اميدن، طمع ٥ـ ڳجهو، لڪل ٦ـ خوش ٧ـ ميدان ڪر، ڏاهي ڇڏ ٨ـ مئل! ٩ـ متان ١٠ـ وجي ١١ـ گذر يا چارو ٿئي ١٢ـ اٿن، هرن ١٣ـ چڙو، گهنڊڙي ١٤ـ چڙي جي اندران آواز ڪرڻ لاءِ ٻڌل هڏو.

لَڳِي اُڄَ اَکِيَن کي، سُکھو موٽُ ستَارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
پَسان ڪينَ پِرِيَتَڻُو، ڪاڏي پِرِت پَچارَ!
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
بَندِياٽِي پَنيورَ ۾، آهِيان اَهُڻان[٢] ڏارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، آرِياڻِي آڌارَ!
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
ڏِيان خيزُ[٣] خِزانَ ۾، بي[٤] تو مَنجِھ بَهارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
مُضِرّ[٥] تان مون کي ڪِيا، حَڪِيمَنِ هَزارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
دَوا آهِيِن دِلِ جِي، وارو، واقِفَ ڪارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
آٿِي ڏي عَلِيلَ[٦] کي، مَعجُونُون، موچارَ[٧]،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
آهي عَبدُاللطيفَ کي، تنهنجي، پِيءَ[٨] پَچارَ،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

١ـ تات ٢ـ اوهان کان ٣ـ ٽپو، ڇال ٤ـ کان سواءِ ٥ـ نقصان ٦ـ بيمار ٧ـ اي سهڻا
٨ـ پَرين، محبوب.

داستان ٻيو

١

پَسِي ڏُونگَرَ، ڏاهِ[1]! جِمَ[2] هَلَڻَ ۾ هِيٺِي وَهين،
لانچِي[3] لڪَ، لَطِيفُ چئي، پُنِيءَ ڪيچِيَنِ ڪاهِ،
ان واڙِئتِي[5] ور جي، آسَرَ هَڏِ مَ لاهِ،
پُڄِي پُورِجِ[4]، سَسُئِي! بَلوچاڻِي باهِ،
جو اَکِنئُون اوڏو آهِ، سو پِرِين پَرانهُون مَ ڇَهو[6].

٢

هِتان ڪَٽِي هُتِ، جَنِ رَڪِيو[7] سي رَسِيُون، *
ساجَنُ سُونهَن سُرِتِ[8]، وِڪائي[9] ويجهو گهُٽو.

٣

جيڪس[10] يادِ ڪِياسِ، وَرَ وَڃِي وَٽِڪارَ[11] ۾،
جَلَدُ جَرِيدِي[12] پَنڌَ ۾، اَدِيُون! اَڄُ تِياسِ،
وَڃِي ڪيچِ پُنِياس، ٻاروچاڻِيءَ ٻاجَهه سين.

١- ٻانهي ٢- متان ٣- ڳولي ۴- وڃج ٥- وڙن واري، لائق مهربان٦- (هاٿي) ڇٺو ٧- دل لڳائي * جن هن دنيا کان منهن موڙي، آخرت موچاري ڪرڻ لاءِ خيال ڪيو، سي وڃي منزل مقصود کي رسيون ٨- عقل ڪل ٩- وڪ کان ١٠- شايد ١١- وٽراهه، لس ٻيلي جي هڪ جهنگ جو نالو ١٢- اڪيلي.

۴

وَاقِفَ نَہ وَٹِکارَ جِي، بارِي سُڄَڻِ[1] بَرَ،
وَرُ وَسِيلا سُپِرِين تَکِيَسِ ڏوري ڏَرَ،
لِهِج، لَعلُ لَطِيفُ چي، ڪانڌ! مُئيءَ جي ڪَرَ[2]،
وِلَهِي[3] ڪَري، وَرَ، مَڃِڻ مارَگِ ڇَڏِيِين.

۵

وَاقِفِ نہ وَٹِکارَ جِي، اَگَ نَہ ڏِيهُ ڏِنومِ،
ڏونگَرَ ڏوراپِنِ سِين، ڪاٹِيءَ رِيءُ ڪُٹومِ،
جيلانهن[4] مُحِبُ مِنومِ[5]، تي[5a] ڇُلُون[6] ڪَرِيان ڇِيِرِين.

٦

وَاقِفَ نَہ وَٹِکارَ جِي، پاٹِيءَ ڪَنيُمِ نہ پاءُ،
جَبَلَ جَلدايُون[7] ڪَري، تِکَ ڏِيکارِي تاءُ،
لَڳِي لُکَ، لَطِيفُ چي، مَعذُورِن[8] مَٿاءُ،
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ، هوتَ! هيڪَلِي آهيان.

٧

وَاقِفِ نَہ وَٹِکارَ جِي، جِتِ جَبَلُ جوراٹُو[9]،
اُتي عَبدُاللطِيفُ چي، سُڄِي[10] سَفَرُ سَنّاٹُو[11]،
پِهرِوِئِي[11a] پاٹُو[12]، سَوَلو ڪَرِيِين ساٿَ جو.

١ـ سڄهن ٢ـ خبر ٣ـ نياڳي، سڄي ۴ـ ڇاڪاڻ جو ۵ـ منهنجو منٺو آهي ۵a ـ تنهن ڪري. ٦ـ اڇلون، ڊوڙ ڊڪ ٧ـ سختيون ٨ـ هيڻين ٩ـ سخت، زوراور ١٠ـ سڄهي ١١ـ خطرناڪ ١١a ـ پهريون ئي ١٢ـ پهڻ، پٿر، سنگ- ميل، منزل جو نشان، منزل.

٨

وَڏا وَڻ وَڻڪارَ جا، جِتِ جائُو[١]، جَمُرَ[٢]، جَرَ[٣]،
ڪوسا تَپَنِ ڪَڪِرا، ٻـي دَمِدَمِ تَپي ڏَرَ[٤]،
ويچارِي ڏي[٤a] وَرَ[٥]، پيرُ نہ لَهي پرينءَ جو.

٩

وَڏا وَڻ وَڻڪارَ جا، جِتِ نانگَ سُڄَنِ نِيلا،
اُتي عَبدُاللّطِيفُ چئي، ڪِيا هيڪلِيَنِ حِيلا،
جِتِ ڪُرَّمَ نہ قَبِيلا[٦]، اُتِ رَسِجِ، رَهَبَرَ! راهَ ۾.

١٠

ويچارِيءَ وَڻڪارُ، اَگُ نَہ ڏِٺو ڪَڏِهِين،
مِهَر نَہ هُئِي ماڙِهين[٧]، هو سَڀُ هِندوڪارُ[٨]،
جَتُ ڪِيائين يارُ، سُورَنِ ڪارَڻِ، سَرِتِيُون!

١١

واقِفَ جي وَڻڪارِ جا،* وَنءُ[٩] تَنِين جي سَڏِ،
ساٿِينِ سان، سَيّدَ چئي، لَڌو لَڌِي گَڏِ،
نيئِي نِماڻيءَ نِجُهرو، اوٺِيَنِ پاسي اَڏِ،
سُکَ يَنيورَ[١٠] جا چِڏِ، تہ ڪاهي رَسِين ڪيچَ کي.

١ـ لئي جو وڻ ـ جبل جو نالو ٢ـ بيد جو وڻ ٣ـ خوشبودار ٻوٽو ۴ـ ڌرتي، زمين ۴a ـ ڏِئي ٥ـ ڦيرا ٦ـ جتي بستي ڪانہ آهي ٧ـ ماڻهن ۾ ٨ـ رهزنن جي جاءِ * طريقت جي راهہ جا صاحب، مرشد ٩ـ وج ١٠ـ هن دنيا.

۱۲

وَڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، ڇپُون جتِ ڇپيا،
مَنزِل ڏُور، مَنُ تنها،* اُتِ ٻولِيُون ڪَنِ ٻيھا[۱]،
رائي پيرَ رَتَ ڪيا، لَڳي لَڪَ ڏِيها[۲]،
لَڪَنِ جُون لِيها[۳]، لوڙِهيا لالُ لَطِيفُ چي.

وائي

هو جي هَلِيا هوتَ سونهارا،
مُون نہ وَهِيٽا[۴]، پَنهُونءَ سَڳِيٽا[۵].
سَسُئِي پُڇي ساٿَ جا، اوطاقُون اوتارا،
مُون نہ وَهِيٽا، پَنهُونءَ سَڳِيٽا.
آن ڪي ويندا ڳڌيا آرِياڻي اِهَ پارا[۶]،
مُون نہ وَهِيٽا، پَنهُونءَ سَڳِيٽا.
تَليُون، تَوُنرَ، هَلوِيُون[۷]، مَيَنِ[۸] سِرِ[۹] موچارا،
مُون نہ وَهِيٽا، پَنهُونءَ سَڳِيٽا.
مُون کي نِيندا پاڻ سين، ڪامِلَ ڪُرَ اُجارا[۱۰]،
مُون نہ وَهِيٽا، پَنهُونءَ سَڳِيٽا.
اَدِيُون! عَبدُاللطِيفُ چي، دوسَ آيا دِلدارا،
مُون نہ وَهِيٽا، پَنهُونءَ سَڳِيٽا.

---

* پنڌ پري ۽ آءٌ اڪيلي ۱- ٻاٻيها، پکيءَ جو قسم ۲- ڏينهان، ڏينهن جو ۳- تڪليفون ۴- وس ۾ ۵- مائٽ ۶- انهن پارن يا نشانين وارا ۷- انن سينگارڻ جا زيور ۸- انن ۹- سِسيون ۱۰- خاندان اجاريندڙ، نالو ڪيندڙ.

داستان ٽيون

۱

پُنهُون ڇَڏِيو پوءِ،○ جانِبُ جَبَلِ ڳوليِن،
تيلاهِين تَنگُون[1] ڪَرِپين، جيلاهِين تُوَن جوءِ،
ساڃَنُ سُڄَ نِهارِپين، ڏُکِي! ڏوهُ ڪِيوءِ،
هاڙهِي هوتُ نه هوءِ، وَرِي پُڄُ وِيٺِيَنِ[2] کي.

۲

وَرِي پُڄُ ويٺِيَنِ کي، سَندا پُنهُونءَ پارَ،
ساڃَنُ سَبَ ڄمارَ، ڏُکِي! ڏورِج ڏِيلَ[3] ۾.

۳

ڪونهي اُتِ ڪوهيارُ[4]، جتِ تو، پورِي! پانئيو،
پَنڌُ مَ ڪَرِ پهاڙَ ڏي، وُجُودُ ئِي وَٽِڪارُ،
ڏارِيانِ[5] پانئج ڏارَ،* پُڄُ پِريان ڪَرَ[6] پانڌ تون.

۴

سَيَئِي ساري، سَسُئِي! گهرَ ڪُنڊُون تُون گهورِ[7]،
وَڃِي ڏورِ مَ ڏورِ، دَران مَنجهه[8] دوستُ ٿِيو.

○ پوئتي، پٺتي ۱- ڊڪون ڊوڙون ۲- جن هڪ هنڌ ويهي اندر ۾ الله ڳوليو آهي ۳- بدن، جسم، اندر ۴- جبل جو رهاڪو، محبوب ۵- پرايا، ٻاهريون شيون * ڌارين شين کي ڌار سمجهج ٦- واسطي لاءِ، خبر ۷- ڳول، ڇتائي نهار ۸- در اندران، وجود ۾.

٥

دَران مَنجھ دوستُ، تِيو، موتِي پُجُ پاهِين[١]،
عَبَثُ[٢] اڳاهِين، وَڃِيو ڪُوڪين[٣] ڪانڌَ کي.

٦

وڙِيَم[٤] سَبِ وَتانڻ، يار ڪارڻِ جَتَ جي،
"وَاللهُ بِڪُلِّ شَيءٍ مُحِيط"[٥] اِيءَ آرياڻِيءَ اُهڃاڻ،
سَبَ ۾ پُنهون پاڻ، ڪِينهي ٻِيو ٻَروچ ري.

٧

جان پيهي ڏِٺمِ پاڻ ۾، ڪَري روحَ رِهاڻِ،
تان نَہ ڪو ڏُونگرُ ڏيھَ ۾ نَہ ڪا ڪيچِيَن ڪاڻِ،
پُنهُون ٿِيَس پاڻ، سَسُئِي تان سُورَ هٿا.

٨

پَرَ گهران[٦] پاسو ڪَري، پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻ،
سو تان تونهِين ساڻ، جنهن لئي جَفائون ڪَرين.

٩

سوئي ڪَٿِيو ساڻ، سوئي ڏورِيين سَسُئِي،
ڪَنڌِهن ڪَنهِين نہ ڪِيو، جُلَڻ[٧] مَنجهان جاڻ[٨]*،
پُڄُ پِريان ڪَرَ[٩] پاڻ، تہ تُون تِئائِين لَهين.

١- پنتي ٢- اجايو ٣- ڪوڪون يا سڏ ڪرين ٤- ڳوليم ٥- سيڪا شَيءِ الله جي گهيري (قبضي) ۾ آهي ٦- پرائي گهر مان، غير ڪان ٧- هلڻ ٨- علم، واقفيت، پروڙ
* گهسي، هلي، ڦري ۽ ڪجھ ڪين پروڙيو. ٩- لاءِ، واسطي، خبر.

۱۰

جو تُون ڏورِئين ڏُورِ، سو سَدا آهي ساڻُ تو،
لاڳن لئي[۱]، لَطِيفُ چئي، مَنجِهي تِيءُ[۲]، مَعذُورِ،
مَنجهان پَئي پَروڙِ[۳]، تو مَنجِهه آهِسِ تَڪِيو[۴].

۱۱

وَڃين ڇو وَڻڪارِ، هِتِ نہ ڳولين هوتَ کي،
لِڪو ڪِينَ، لَطِيفُ چي، ڀاروچو ڀِئي پارِ،
ٻِيءُ سَتِي، ٻَڌ سَندِرو، پِرتِ پُنهُونءَ سين پارِ،
نايو نينَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.

۱۲

ڪُوڙِيُون پُڇَنِ ڪيچُ، هوتُ نہ پُڇَنِ هتهِين[۵]،
جَنِ پُنهُونءَ سين پيچُ، تَنِ پيرين پَنڌ وِسارِيو.

۱۳

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، پيرين پَنڌ وِسارِ،
قاصِنيداڻِي ڪارِ[۶]، ڪِينَ رَساڻِي ڪيچَ کي.

۱۴

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ مَ پَنڌ،
رائِي[۷] پُڇُ مَ رَنڌُ[۸]، رِڙهُ، رُوحانِي سَسُئِي!

۱- لئي، لاءِ ۲- اندر ۾ جهاتي پائي ۳- پتو، نشان ۴- ماڳ، ديرو ۵- هتهين، هتي
۶- قاصد وانگر نيابي پهچائڻ سان ۷- جبل جي واري ۸- پير

١٥

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، ڇَپَرِ هَڏَ مَ ڇُلَ[١]،
آرِياڻِي اَملُ، ڪايا[٢] ۾ ڪانڌُ ٿيو.

١٦

هلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، ڇَپَرِ ڇُلُ مَ تُون،
مَنجهان لَڌو مُون، ڪوهِيارو ڪيچَ-ڌَڻِي.

١٧

هَلُ هِنئين سين هوتَ ڏي، سِپي ڪَنُ مَ ساڻُ،
جَنِين ياڻِيو پاڻُ، سي آرِياڻِيان[٣] اوري رَهِيُون.

١٨

ڪِجي پَنڌُ، پُڇان تو، ڪيڇَيَن ڪارڻِ ڪيئن؟
بيخُود هَلِج بَرَ ۾، آئون تو چُئان[٤] ايئن،
سِڪَڻُ ساجَنَ سِينءَ[٥]، مَتان، مُنِي! ڇَڏِيِين.

١٩

مَتان، مُنِي! ڇَڏِيِين، پِرِيَتڻُو پاڻان،
جاپَنِ[٦] جيئَن جاڻان[٧]، تون پُڻِ هوئِج تَنِ جيئَن.

٢٠

مَتان، مُنِي! ڇَڏِيين، پاڻان پِرِيَتڻُو،
ڪَشُورِيءَ ڪَنُو، مَرُهي مَرِهِج[٨] مُنهن ۾.

١- لَپ، ڇالون ڏي ٢- بدن، جسم، اندر ٣- آريءَ جي ملڪ ڪانَ ٤- چوان ٥- ساجن ملڻ تائين ٦- جمن ٧- جاڙا ٻار ٨- لڳائج.

وائي

غَفلَتَ يارُ گنوايو، پَرِيءِ جيڏيُون!

کيئَن ڪَرِيان آئُون، ڪُهُ[۱] تِيو.

سُتِيَسِ تان ساٿُ وِيو، اُتِيَسِ تان ڏُکُ آئيو،

کيئَن ڪَرِيان آئُون، ڪُهُ تِيو.

پُڃان پوءِ پُنهُونءَ کي، عَبَثُ تان اَنُ کائيو[۲]،

کيئَن ڪَرِيان آئُون، ڪُهُ تِيو.

هوتَ هَلندي جا ڪِئي، سا مُون ڳالهه سُڻائِيو،

کيئَن ڪَرِيان آئُون، ڪُهُ تِيو.

داستان چوٿون

۱

هيڄُ[۳] هوندو جَنِ، سي ڪيئَنءَ وِندُرِ[۴] وِيندِيُون،
وِيهو وِچِ زَهَنِ، سَهسِين سَڌَنِ وارِيُون.

۲

سَدائِتي سَيَڪا، بُکَ نَه باسيَ[۵] ڪا،
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جِي، جُنبَشَ[۶] ڪانهي جا[۷]،
مُون سين هَلِي سا، جا جِيءُ مٿو نَه ڪَري.

۱- ڪوهُ، ڇا ۲- اجايو کايو، پيٽ جي پوڄا ڪريو ۳- سڪ، ۴-.جبل (پب جبل جي هڪ ندِيءَ جو نالو) ۵- قبول ڪري ٦- چُرپر، هلڻ، چرڻ ۷- جاءِ ماڳ.

۳

کيچ نہ جُنبَڻَ[۱] جاءِ، تہ ڪا ھَلي ھوتَ ڏي،
مُون سين ھَلي ساءِ، جا جِيءُ مِٺو نہ ڪَري.

۴

آتَڻَ[۲] ۾ پِريانُ[۳]، ھو سلَيَنِي جيڏيِن، *
مُون سياڳَيءَ سانُ، ڪيرَ چِلَندي چِپَرين.

۵

سُڪَنِ واري سڌَ[۴]، مَتان ڪا مُون سين ڪَري،
اَندرُ جَنين اَڌَ، ڏُونگرَ سي ڏورِينديُون.

۶

ڏُونگر نہ ڏوري، سِڪَڻَ جون سَڌُون ڪَري،
وينِي گھرِ گھوري، مَتان پِرين چِندَڙو.

۷

وَرِيتِيُون[۵] وَرو، اَٿُون نہ وَرَندِي وَرَ ري،
جا ڏِي[۶] ھِنَ جَبَلَ جو، تانگھيندِيَسِ ٽَرو،
جَتَنِ سانُ ڏَرو، نينھَن نِبيِرَڻُ[۷] نہ ٿِئِي.

۸

وَڃو سَڀ وَرِي، اِئين[۸] جي وَرَنِ وارِيُون،
ڦوڙائِي[۹] فِراقَ جِي، سُڃِي ڳالھ ڳَرِي،
ٻُنيان جَنِ ٻَرِي، ** ڏُونگرَ سي ڏورِينديُون.

۱- چُرڻُ، ھلڻ ۲- ڪتڻ جي جاءِ (گھر) ۳- محبت * آتڻ ۾ گھر وينِي سينِي سرتين عشق جي دعويٰ پي ڪئي. ۴- ريس، خواھش ۵- ورن يا مڙسن واريون ٦- ٽُلھي، وڏي، سخت ۷- فيصلو ڪرڻ، عشق ڪرڻ ۸- اوھين ۹- جدائي، تڪليف ** جن اندران يا گھران باھ لڳي.

۹

وَجو سَبِ موتِـي، اَئِين جي وَرَنِ وارِيُون،
ڪانَہ هَلندِي ڪيچَ ڏي، ڪَريو مَ ڪوتِـي،
ڪَڍِيَمِ ڪاڇوتِـي[1]، وِڌُمِ جوڳُ جَتَنِ لئي.

۱۰

اَڄُ مَلِيندِيَسِ[2]، ماءِ! ڏاڄا[3] ڪَندِيَسِ ڪَپڙا،
جِيجان! جوڳِياڻِي ٿِيان، مُون کي جَهلَ مَ پاءِ[4]،
هوتَ ڀَروچي لاءِ، ڪَنِين ڪُنرَ[5] پائيان.

۱۱

عِناتا[6]! اُتاهِين، جانِي[7] جَڙي ڀَنڊُ[8]،
آهي گهڻُو اَهُڪو، فَقيرِيءَ جو فَندُ[9]،
ڇَڪين تہ ڇَرِيو ٿِيِين، مَيخانِي جو مَنڊُ[10]،
ڪِينَ ڪڍبو ڪَنڊُ[11] مَنجهان سَگَ‍َ[12] سَيَدُ چي.

۱۲

مُون کي ڀانئي ڀاڄُ[13]، ڏِيرَ ڏوراڻا[14] هَلِيا،
اَڳِيان اُتِـي اُنِ جي، خُوبَ نہ ڀَڪَمِ ڪاڄَ،
ميڙي آپَ[15] سَرَتِيُون، نَہ ڪي ڳَايَمِ ڳاڄَ[16]،
سا مُون هَتَان نہ ٿِئي، جيڪا رَسَمَ راڄَ،
آيَلِ! اَئُونَ اَڪاڄَ[17]، ڀولَ ڀَروچي وِترو[18].

۱- لانگوٽي ۲- ڏوئيندِيس، پيئوت هٿنديس ۳- ڳيڙوءَ رتا ۴- منع نہ ڪر ۵- جوڳين وارا والا ٦- اي عنايت (جاني ڏيري جو پٽ) ۷- محبوب يا عنايت جو پيءُ جاني ۸- قابو ڀڌ ۹- ڦَنر، ڍنگ ۱۰- شراب ۱۱- ڳچي ۱۲- لاڳاپو ۱۳- ڀڄايل زال يا ڀاڄائي ۱۴- ڪاوڙجي ۱۵- پنهنجيون ۱٦- ڳيت، راڳ ۱۷- نالائق، بيڪار ۱۸- بهتر، چڱو.

۱۳

تو جو ڀولَ، ڀَروچَ! ويھِي ڪِيو وَٽِڪارَ مِ،

سوُئِي پارِج، هوتَ! وِلَهِيءَ[1] مُون مَعذُورِ سين.

۱۴

پِهرِين تُون پاريج، پارَتَّ پوءِ پُنهُونءَ تي،

ڀولُ مَ وِسارِيجِ، هُو جو ڪِيوءِ هوتَ سين.

۱۵

توسين ڀولَ ڀَهُون[2]، سَهَسين ساڄَنُ جي ڪَري،

ڪَندِيين توءِ[3] ڪَهُون[4]، جي نالو ڳِيَڙءِ[5] نينهَن جو.

۱۶

سُٽِي ڀولَ سَندانِ، جِمِ سُمَهين سَسُئِي!

ڪَندِيين ڪَهُ ڪيٽانِ،[6] جُهَ[7] سي اُنِ آورانگِهيا[8].

۱۷

سِجَ اُلَٿِي[9]، سسُئِي، رَتَ وَرَٽو[10] روءِ،

پَهِي[11] نہ پانڌِي ڪو، جنهن ڪَرَ[12] پُڇِي لوءِ[13]،

مُوڙهِي وَڃِي توءِ[14]، موٽَڻَ جِي ڪانہ ڪَري.

۱۸

ڇِلان[15]، مَنجِهمِ نہ چاڪَ[16]، پُران[17]، پُونمِ پُرڪَٽا[18]،

مَتان ڪا مُند ڪَري، موٽَڻَ جِي مذاق[19]،

چِتَ سَندو مُون چاڪَ، هاڙهِي هَڏِ هِٽِي ڪِيو.

۱- مسڪين ۲- گهٽو ۳- تنهن ڪري ۴- ڪاهون، مسافري، ڪشالا، ۵- ورتي ۶- هنن ڪي، ڪين ۷- جيڪڏهن جيڪي ۸- نہ پاريا ۹- لٿي ۱۰- رت جي رنگ جهڙو ۱۱- همراهہ خيال، ساٿي ۱۲- جيڪر، خبر ۱۳- مڪان، جاءِ ۱۴- تنهن ڪري تو ڏانهن ۱۵- لپ ڏيان ۱۶- طاقت، توفيق ۱۷- هلان ۱۸- لڙون ۱۹- لٽولي.

١٩

پيرينَ پِيَمِ پُرڪَٽا، رَهه ۾ گهٽُو رُنوَمِ،
پاراُتو پِرِيَنِ کُي، تَپِي تان نَہ ڏِنوَمِ،
چُڪِي[١] تي[٢] چَيومِ، ”سُواهَرُو“[٣] سَجَٽِين.

٢٠

چُڪِيءَ کي چَئِي، ڪا جاڳائي جيڏِيُون!
وِيٽڙو ساٿُ وَهِي، تو نِندا ئِي[٤] نَہ لَهِي.

٢١

چُڪَسِ سَبِ چَئِي، ماڙُهو[٥] شَهرَ ڀَنڀورَ جا،
سا موتِي ڪِينَ مُئِي، جنهن جو جانِبُ جَتَ وَڻِي وِيا.

٢٢

موٽَڻَ جا مَذڪُورَ، جان ڪي چَيَسِ جيڏِيِن،
پَرِيَتَ[٦] پهرينَ پُورَ[٧]، نِيئِي پَهُچائِي پُنهونءَ کي.

٢٣

موٽَڻَ جِي مَصلِحَتُ، مُون کي ڏِيو مَ، جيڏِيُون!
نِهارِيندِيَسِ نِڪَرِي، آرِيائِي اَلبَتَ،
ڪَنديَسِ اوتَ[٨] عَيبَ جِي،* لَڪَنِ ڏِيئِي لَتَ،
سَرَتِيُون! شَرِيڪَتَ[٩]، آئُون ڪيئن آگَنِ[١٠] سين ڪَريان؟

١- ٿڪجي ٢- تنهن ڪري، ٣- سنو مددگار ٤- نند جو خمار ٥- ماڻهو ٦- ڏوٻياڻي ٧- پهرئين پيري، شروعاتي خيال ٨- پردو، ڍڪ * پنهنجن خامين ۽ خطائن جي تلافي ڪنديس ٩- مائٽي، برابري ١٠- آقائن، رئيسن.

٢٤

موتِـي مَران مَ ۾، ماءِ! موتَـڻَ کان اَڳي مَران!
لُچي لالَڻ لاءِ، شالَ پُونديَس پيرَ[1] تي!

٢٥

نِماڻِيءَ جي نِجُهرِي[2]، رُڻُ ۽ راڙو،
کُنلِ جي قلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙهو،
هوتَنِ لئِي هاڙهو، سَيُ رَڱينديَسِ رَتَ سين.

واڻي

مَعلُومُ حالُ، حَبيبَ! مُون کي دَردُ قَدِيمي، وو!
دَردُ جَدِيدِي[3]، حُبَّ حَبِيبي[4].
آلُودِي[5] آزارَ کان، تو رِيءَ تِيَس، طَبِيبَ،
دَردُ جَدِيدِي، حُبّ حَبِيبي.
شادِي[6] ڏِيِين صِحَتَ جِي، غَمِي لاهِ، غَرِيبَ،
دَردُ جَدِيدِي، حُبّ حَبِيبي.
آنهِيان[7] تِي آهُون ڪَرِيان، نَعرو[8] مَنجهه نَصِيبَ،
دَردُ جَدِيدِي، حُبّ حَبِيبي.
ڪاهِلِ آهِيان ڪُوڙِي، رَسِي لاهه، رَقِيبَ[9]،
دَردُ جَدِيدِي، حُبّ حَبِيبي.

١- پيرو، پير جو نشان ٢- گهر، مڪان، جاءِ ٣- نئون ٤- محبوب جي ٥- قاتل، گرفتار ٦- خوشي ٧- اوهان ڪان، اوهان لاءِ ٨- دانهون، روح راڙو ٩- نگهبان (خدا جو هڪ نالو).

حاذِقَ[١] آهِين هِنَ جو، اَچِين شالَ عَجِيبَ،
دَردُ جَدِيدِي، حُبُّ حَبِيبِي.
دَوا آهِيِين دل جي، پُڇ پُڇ رَهِيَسِ[٢]، طَبِيبَ،
دَردُ جَدِيدِي، حُبُّ حَبِيبِي.
اَلا! عَبدُاللطِيفُ چَئي، ڪوڙِي لاءِ[٣]، قَرِيبَ،
دَردُ جَدِيدِي، حُبُّ حَبِيبِي.

داستان پنجون

يَڃِي جان يَنيورَ ڪان، ڏُونگرُ ڏورِيو مُون،
ڪاهي رَسِيَسِ ڪيچَ ڪي، جِتي پاڻُ پُنهُون،
سَيَتَ[٤] آهِيِين تُون، قَضا ڪَندِين ڪَنِ سين؟*

٢

پيهِي جان پاڻُ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ،
تہ نَڪو ڏُونگرُ ڏيهَ ۾، نَڪا ڪيچِيَنِ ڪاڻِ،
پُنهُون ٿِيَسِ پاڻِ، سَسُئِي[٥] تان سُورَ هُئا.

١- هوشيار طبيب ٢- پڇي پڇي ٿڪي آهيان ٣- سيني سان لاءِ، پاڪر پاءِ ۴- هر هنڌ
* تون هر شيءِ ۾ وسين ٿو، تنهن ڪري تون فتويٰ يا سزا ڪنهن کي ڏيندين
٥- جيسين تائين سسئي هيس.

۳

ڏنا جيئڻ لئي، جيڏيون! ڏيرن مون کي ڏک،
پڳيس جان پنهور کان، تان سور مڙيئي سک،
لڳي مون تان لک[۱]، پنهون تيس پاڻهين.

۴

پنهون تيس پاڻهين، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلن جي، ٻيجي تن ڀرم[۲]،
جو وندر ۾ ورم[۳]، سو سودو سريس[۴] هتهين.

۵

پنهون تيس پاڻهين، ويو سسئيءَ جو سينگار[۵]،
"من عرف نفسه، فقد عرف ربه"[۶]، اهوئي آچار[۷]،
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سريس هتهين.

۶

پنهون تيس پاڻهين، ويئي سسئيءَ جي سونهن،
"خلق آدم علىٰ صورته"[۸] ايءَ وتن منجهه ورونهن[۹]،
چريءَ[۱۰] منجهان چونهن[۱۱]، ڪٽي هوت هنج ڪيو.

۷

ويئي سونهن سسئيءَ جي، پنهون تيس پاڻ،
سين جي، سيد چي، آهي اٿ امان[۱۲]،
پنهور جا ياڻ[۱۳]، آڏا عجيبن ڪئي. *

۱- جهولو، تڪليف، اٽڪ، رنڊڪ ۲- خنجاب ۳- سودو واپار ۴- مليس ۵- جنسار روپ ۶- جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن جڻ پنهنجي رب کي سڃاتو (حديث) ۷- روش، فيصلو (اهائي روش يا ڳالهہ پوري آهي.) ۸- خدا آدم کي پنهنجي صورت مطابق خلقيو آهي(حديث) ۹- وائي، آواز ۱۰- مست ۱۱- چاهہ ۱۲- جاءِ ۱۳- جايون، ٿاڪ (تعلقات)
* دنيا جا تعلقات محبوب جي ملڻ ۾ رنڊڪون آهن.

٨

وَهَمَ وِرساياسِ[١]، پُنهون آئون پاڻ هُئي،
پاڻ وِڃايمِ پانهنجو، پَئي پِريان جي پاسِ،
رَتي عِلمَ نَہ راسِ،* ڏاران پَسَڻ پِرينءَ جي.

٩

قافُئون[٢] ڪاهِيندِياس، موٽان تان ڪُرَ[٣] مِيهَڻُو،
پانِهي پاروچَنِ جي، سَڱُ نہ ساهِيندِياسِ[٤]،
"اَلفِراقُ اَشَدُ مِنَ المَوتِ[٥]"، هِتي نہ هُوندِياس،
آهَ[٦] نَہ لاهِيندِياسِ، جيئري جَتُ ڏِسي مَران!

١٠

جيئڻُ جَتَ ڏاران، مَعذُورِ جو مَسَ ٿِئي،
چانگَنِ[٧] سِرِ[٨] چَڙهِي وِيا، ساٿِي سَوارا[٩]،
اَکِيُون اوتارا، پَسِيو رُونِ پُنهونءَ جا.

١١

هيڪَرَ هُنَڻُ[١٠] چَڏِ، تہ اوڏِي ٿِيِين عَجِيبَ کي،
"مَارَاَيتُ شَيئاً اِلاّ وَرَاَيتُ اللهَ[١١]"، نيئِي اَجها اوڏاهِين اَڏِ،
تَہ هوتُ تونهِين کان هَڏِ، پِرين پاسي نَہ ٿِئي.

١ـ پُلايس، * دنيوي علم ڪسيري برابر بہ نہ آهي. ٢ـ قاف (جبل) کان ٣ـ ڪَنب
٤ـ دعويٰ ڪنديس ٥ـ فراق موت کان بہ وڌيڪ سخت آهي (عربي چوڻي) ٦ـ آس، اميد
٧ـ اٺن ٨ـ تي ٩ـ سويل ١٠ـ خودي ١١ـ ڪا اهڙي شيءِ نہ ڏٺم، جنهن ۾ خدا جو جلوو نہ پسيم (عربي چوڻي).

١٢

هوتُ تنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوهُ پَهِي،
”وفِي انفُسِڪُم، اَفَلا تُبصِرُونَ[١]“ سوجهي ڪَرِ سَهِي،
ڪَڏهن ڪانہَ وَهي[1a]، هوتُ ڳولَڻَ هَٿَ تي.

١٣

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪوهہ پَرِيانڻَ[٢]؟
”وَ نَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيدِ[٣]“ تنهنجو تونهَين سانڻَ،
پنهنجو آهي پانڻَ[٤]، آڏو عَجِيبَنِ ڪي.

١٤

وَوُڙِيَمِ[٥] سَڀِ وَڻانڻَ، يارَ ڪارَڻِ جَتَ جي،
”اللهُ بِڪُلِ شَيءٍ مُحِيطٌ[٦]“ اِي آرِياڻِيَ اُهانڻَ،
سَڀَ ۾ پُنهون پانڻَ، ڪِينهي[٧] ٻِيو ٻَروچَ ري.

١٥

جاڻِي سُجاڻِي، وِهان ڪيئن ماٺِ ڪَري؟
اَندَرِ آڳِ عِشقَ جِي، اَپَرِ اُڏاڻِي[٨]،
”اَلعِشقُ نارُ اَللهِ المُوقَدَه“[٩]، ڪوري جيئن ڪاڻِي،
آهي آرِياڻِي، ٻِيو سَرِتيون! سُڄِي ڪِينَ ڪِين.

١ـ (خدا جي قدرت جون نشانيون) توهان جي اندر ۾ آهن، پوءِ ڇو نٿا غور سان ڏسو؟ (ق- ش ٥١، ٢١) 1a- وَئي ٢- پرين، پرين کي ٣- اسين (خدا) هن کي (انسان کي) سندس ڳچيءَ جي رڳن کان بہ ويجها آهيون (ق- ش ٥٠، ١٦) ٤- خودي ٥- ڳوليم ٦- خدا سڀ ڪنهن شيءِ کي چوڌاري قُرِيل آهي، يعني سڀ ڪنهن شيءِ ۾ وسي ٿو (ق- ش ٤. ١٢٦) ٧- ڪونهي ٨- ٻرڪي ٩- عشق خدا جي ٻاريل باه آهي (عشق جو اکر قرآني آيت ۾ ڳنڍيو ويو آهي).

١٦

سَرَتِيُون! سَيوئِي ٿِيو، اَندَرِ آرِياڻِي،
وينِي پَسان پاڻَ ۾، ڏُونگَرُ ڏِهاڻِي،
هُيَسِ هوتَنَ-هاڻِي[1]، تي ڪيچِي گَڏِيَمِ ڪَهَ[2] ۾.

١٧

ڪَڏَ پُنهُونءَ ڏي ڪاهي، چاڻِيءَ[3] رُوحُ چَرِيو ڪِيو،
اُٿئِي وينئِي اوڏِهين، سُتي پُڻُ ساهي[4]،
"اَلعشِقُ حِجابٌ بَينَ العاشِقِ وَالمَعشوقِ"[5] لاشَڪُ ٿِيي لاهي[6]،
آرِياڻِي آهي، ٻِيو سَرَتِيُون! سُجهي ڪِينَ ڪين.

١٨

پينَرُ! اَئُون پورِي، مُون سَڱُ سُجاڻِي نَ ڪِيو،
ڏِيندا مُون ڏيرَ وِيا، جهجَڻُ ۽ جهورِي،
لَڳِي جَنِ لورِي[7]، ڏُونگَرُ سي ڏورِينديُون.

١٩

اَدِيُون! اَئُون اَجاڻِ، مُون سَڱُ سُجاڻِي نَ ڪِيو،
هُوندَ[8] نَ سَنِيَمِ هيتَرِي، ڪوهِيارِي جِي ڪاڻِ،
رَتِيءَ جِيءُ رِهاڻِ، جِي آرِايُمِ جَتَ سين.

١- جي ماريل، وس ۾ ٢- منّي؛ پنڌ، مسافري ٣- خشڪي، ميئاج ۴- چڪي، تاڻي ٥- عشق، عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ پردو آهي (صوفياڻو قول) ٦- گمان ۽ شڪ وڃائي ٧- تانگهہ، عشق ٨- جيڪر.

وائي

اهُڪِيءَ آڳهُ[١] آهي، ووا آهي،
مون ڪي تان نَہ ڇَڏِيندو تِڪَ مِ.
پُڇي پوءِ- پين[٢] کي، لڪَنِ مِ لَڏَ لاهي[٣]،
مون ڪي تان نَہ ڇَڏِيندو تِڪَ مِ.
آرِي اُڳهاڙَنِ کي، پُنهُون ڄامُ پراهي[٤]،
مون ڪي تان نَہ ڇَڏِيندو تِڪَ مِ.

داستان ڇهون

١

جُدائيءَ[٥] جو جامُ[٦]، ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي،
مَنگُلُ[٧] منهنجي مَنَ مِ، پارِيو هوتَ حَمامُ،
آرَڪِ[٨] ڏِنيو آرامُ، ڪاڪُلُ[٩] پَسِي ڪانڌَ جو.

٢

دَردُ نَہ لَهي دارُئين[١٠]، زُلفَ[10a] زورِ ڏِنومِ،
ڪاڪُلُ[10b] ڪاله ڏِنومِ، رُخساري[10c] تي رُوپَ سين.

١- اڳيان، آسرو ٢- پنتي پيلن کي، قتيل عاشقن کي ٣- بار لاهي، ترسي ٤- پهرائي، ڍڪائي ٥- بيماري ٦- پيالو ٧- کورو، سگري ٨- الگ، جدا ٩- زلف، گيسو ١٠- دوائن سان. ١٠a- وارن جي ڇڳَ ١٠b- نرڙ يا چهري تي لڙي بيٺل وارن جي ڇڳَ ١٠c- رُخسار، ڳلُ، ڳِٽو.

يَنيوَ[١] جو يَنيور ۾، ڪاڪُلُ ڏِنُمِ ڪالَ،[١a]
هَئِي[٢] تَنِين جي حال، زُلفُ جي زافُ ڪِيُون[٣].

٤

پَرِينديئِي[٤] پاڻُ وِيو، زلف ڪِيَسِ زافُ،
سَندو ڪاڪلَ ڪافُ[٥]، ماري معذُورِنِ کي.

٥

هاڻِ نہ جِيان، جيڏِيون! زُلفَ زافُ ڪِياسِ،
ڪاڪُلَ آئُون ڪُنِياسِ، يَنيو جو يَنيورَ ۾.

٦

ڪاڪُلَ ڪُٺِي جا، ڪفنُ تنهن ڪِينَ تِئِي،
مَنجِهه شَهادَتَ سا، لُڏِي ۾ لاڏَ ڪَري.

٧

ڏَڪا[٦] ڏونگَرَ چارَ! مَ ڪَرِ مَعذُورِنِ تي،
توتي لَڄ، لَطِيفُ چئي، آهي سَندِي عامَ،
مارِ مَ، چَئِي مَعذُورِ کي، وَهِيانُ[٦] ڪاند! ڪَلامَ،
پَرچِجِ پِيادِينِ سين، اَللهَ لَڳِ، عَلامَ[٧]!
جا نَوازِي آنهَنجي[٧a] نامَ، سا هوتَ! مَ ڇَڏِج هيڪَلِي.

١- گهنبدار وار ١a- ڪالهہ ٢- افسوس ٣- اُڪَنَ ماريون ٤- پرينديئي ٥- ڪاڪل لفظ جو شروعاتي ڪ يعني دام، ڄار ٦- تاب، ڏمر ٦- اوهين يا ندورين جا ٧- ڄاڻيندڙ، حال محرم. ٧a- اوهانجي

۸

ڏمَر، ڏونگر ڄامَ! سَڪَر[۱]، پاڻ شَرِيڪَ[۲] سين،
ڪيھِي ڪُلفَتَ تنھن سِين، جا گوِلي آنھنجي گامَ[۳]،
وَرِج تُون، وَرِيامَ[۴]! منھنجو اَچَڻُ آن ڳَري[۵].

۹

ڏکا، ڏونگرَ! لاھِ، آئون اَڳُ مُئِي آھِيان،
آرِياڻِيءَ سين آھ، ذاتي سَڱُ ضَعيفِ جو.

۱۰

پيرَ پَٽائين[۶] ڪُونڌَرا، ڏونگرَ مَٿي ڏِي،
ڦَٽِيا ڦُڙَ[۷] فَقِيرِ جا، سِيرُون ٽِٽَيَڙا سِي،
جَھڙي تِھڙي حالَ سين، پُرِي[۸] پُنھُونءَ ڏِي،
وَجي مانَ وَرِي، ڀانِھيءَ ٻَنڌڻُ[۹] جنھن سين.

۱۱

پيرَ پَٽائين ڪُونڌَرا، ڏونگرَ مَٿي ڏِي،[۶a]
پاڻُ نَہ پَسِي ڦَٽِيو، ڪَڙِھي[۱۰] ڪيچِيَنِ ڪي،
ھاڙھو ھوتَ پَري، ڪُھ ڄاڻان ڪيئن لَنگِھيا.

۱۲

سُمَھڻا[۱۰a] ساڙو، جيڏِيون! جيڏوئي[۱۰b] ٿِيو،
پِرِينءَ جو پاڙو، مُون سين نِندَ نِبيرِيو[۱۱]

۱- مناسب، جڳائين ۲- ھڪ جھڙي ۳- ڳوٺ ۴- پھلوان ۵- اوھان وٽ ۶- پٽ کان ٻ، ريشم کان ٻ. ٦a- ڏٺي ۷- پيرن جون ترِيُون، پٻ ۸- ھلي، وڃي ۹- لاڳاپو ۱۰- مري، سڙي، رڃھي ۱۰a- سمھڻ مان، سمجھڻ جي نتيجي ۾. ۱۰b- ايڏو گھڻو، تمام گھڻو ۱۱- جدا ڪيو، نکيڙيو.

وائي

مُون اَنڌِيءَ ڏي اِيندا، هوتَ سلامَتَ سُپِرِين،
پلَئِهِ لائي پانهنجي، نِيءَ[1] کي اُتِ نِيندا،
هوتَ سَلامَت سُپرين.
سَگُ نہ ڪَندا سُکَ سين، سُور سَگَيٽا تيندا،*
هوتَ سَلامَت سُپرين.
رَکِي ڳَلُ ڳَلَنِ تي، نينهن نِياپو ڏِيندا،
هوتَ سَلامَت سُپرين.
پَرِيَتِ[2] نيندا پاڻَ سين، چورِي تان نہ ڇَڏِيندا،
هوتَ سَلامَت سُپرين.

داستان ستون

١

ڏورِ مَ ڏيهِ وِيو، پيرُ تُنهِنجي پِرِينءَ جو،
وِيهَڻُ واتَڙِينِ تي، ڪيچِينِ رِيءَ ڪِهو[3]؟
وِندُرِ[4] جو وِيو، سو، اَللهُ! واري آئِينِ!

١ـ ڏوبياڻي، ڪنياڻي * سکن کي ڇڏي ۽ اچي ڏک ۾ مون سان مهر ڪندا .٢ـ ڏوبياڻي
٣ـ ڪهڙي ڪم جو ٤ـ جبل (ٿٽين) جو نالو.

وِندُرِ جي وَجَنِ، سي مَرُ ٻَنڌَنِ سَندِرا،
ٻِيُون ڪوھ ٻَنڌَنِ، ڇوڙي جي ڇَڏِينديُون.

٣

ڏيھُ ڏيھائين ڏُورِ، پَرَڏيھان پَري ٿِيا،
سيڻَنِ ڪارَڻِ سَسُئِي، پيئِي پَراھين پُور[١]،
تُون وَڃين ھوتَ حُضُورِ[٢]، مُنھنجو جيئَن جيلاتھِين[٢a] ٿِئِي.

٤

ھيڪاندي[٣] ھوئِي، اَٿِي راتِ رَوان[٤] ٿِيا،
ساھُ سَڳِي ۾ سُورَ جي، پُنھُون وِيو پوئِي،
رَھُ قَضا[٥] دَمَ ڪوئِي، تہ ھيڪَرَ ھيڪانڊي ٿِيان.

٥

ھَڏِ نہ ساھہ سُڌِيرُ، دِلِ دَرماندِي[٦] دوسَ[٧] ري،
پائي وِيئڙا پِرتِ جو، زوراوَرُ زَنجِيرُ،
جِيءَ جُسو، جاڳِيرُ[٨]، ھاٿي مِلڪَ[٩] ھوتَ جي.

٦

عُمرِ سَبِ عِشقَ سين، پُنھُون جي پُڄَنِ،
رِيسَ رِيذالِيُون[١٠] تَنِ سين، ڪُجاڙي ڪي ڪَنِ،
مارَڳِ[١١] جي مَرَنِ، وَڏو طالِعُ تَنِ جو.

١ـ ڏِگھيءَ مسافريءَ ۾ ٢ـ دربار ۾ ٢aـ جنھن لاءِ ٣ـ گڏ ٤ـ روانا ٥ـ اَبي موت ٦ـدرمانده (ف)، بيقرار، پريشان ٧ـ دوست ٨ـ جاگير ٩ـ ملڪيت ١٠ـ رَذِيل (ع)، ڪميڻيون، ستڙيون ١١ـ راھ ۾.

٧

وَڏو طالعُ تو، جيئن لَڳِينءَ پيرِ پُنهُونءَ جي،
سَسُئِي! اِنَ سُتُونَ[١] کي، رويو رويو رو،
وينِي هِتِ مَ هو،[١a] هَلِين تہ هوتُ لَهِين.

٨

وينِيَنِ ناهِ وَراڪو[٢]، سُتِيَنِ ڪونهي سَنگُ[٣]،
هوتُ هَلَندِنِ کَنيو، جَنِ اَنگهنِ[٤] چاڙهيو اَنگُ[٥]،
باسي پَئِي[٦] پَنگُ[٧]، رِڙهِي چامَ رَسِيُون.

٩

وينِي وَرَ نہ پُون[٨]، سُتي مِلَنِ نہ سِپِرِين،
جي مَتي رَندَنِ رُونِ، ساجَنُ مِلي تَنِ کي.

١٠

ڪَڙهي ۾ ڪَڙِي[٩]، پَرِ ۾ پيرُ پُنهُونءَ جو،
سِڪَ پَڌائِين سَندِرو، جانِبَ لَئِي جَڙِي،
لَڪَنِ سِرِ، لَطِيفُ چَي، مُنڊَ جهيڙِي ۾ جهَڙِي[١٠]،
پَنِيءَ[١١] تان نہ پَڙِي، جي عُمرِ سَبِ ايئن ڪَري.

١١

ڪِ ڪي ڪَڙِيان[١٢] پيرَ، ڪِ[١٣] ڪَڙهان ڪيچَ ڌَڻِيَنِ لِءِ؟
اِيُ ڏئُون[١٤] ڏيِئِي ڏيرَ، پاڻان پرانهان وِيا.

١ـ ٽنيسو، هتي پنهونءَ جو پير ١a ـ هُج ٢ـ محبت جو پيچ ٣ـ منو قل، سنگتِ، ساٿُ
٤ـ انگهن، سوريءَ ٥ـ جسم ٦ـ ڊِپ ٧ـ الڪ، مشڪلات ٨ـ ويٺي هٿ نہ اچن
٩ـ پيرو ڪٽي ١٠ـ ٻَڙي ١١ـ مني ١٢ـ پيرو ڪڻان ١٣ـ يا ١٤ـ سزا، ڏک، عذاب.

١٢

ڪَڙُھ پُڻ ڪيچَ ڏِٿَينِ لئي، ڪَڙِ پُڻ پيرَ سَندانِ،
اِنَھِين پَرِ اُتانِ، پُوَندينءَ[١]، مُنڍ! پھاڙَ ۾.

١٣

سُورَنِ سِجھائِي، چيلھِ ٻَڌِيو چوٽِيين چَڙھي،
سَڱَ پِرِيان جي سَسُئِي، ميڙي مِلائِي،
لَڏائِين، لَطِيفُ چئي، لالَنُ لالائي[٢]،
ٻانَيڻِ ٻاڏائِي، حَبِشان[٣] وارِيو ھوتَ ڪي.

١٤

رائِي ڪِي رَنجُورَ، تَڪَرَ توءِ ٽانڪِيو چَڙھي،
لانچي لڪَ، لَطِيفُ چئي، ھَلِي ڏانھن حُضُورَ،
رَھِيا سَبِ رُڃُنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ[٤]،
ساجَنُ ميڙِيُسِ سُورَ، سُڪَ نہ ميڙِيُسِ سُپِرِين.

١٥

مَنجھان پينِ پَرُوڙِ، سَبَ مَ پُڇِج، سَسُئِي!
ويھِي وَڏي ڏِڱَ مان، ڏُٺِي[٥] وِجھِج ڏُوڙِ،
تَہ تُون ماٽِيين مُوڙِ[٦]، جي پَندِ[٧] اِھائِي پارِيين.

١٦

لُڇي ڪِينَ ڪُڇي، آتي[٨] مُنڌَ اَندوھَ ۾،
پَرِ ۾ پيرُ پُڇي، لالَڻَ جو، لَطِيفُ چئي.

١- تون پوندينءَ ٢- ليلائي، ريجھائي عشق جو رنگ ٣- حب نديءَ وٽان ٤- زوا، پوتيون، سينگار ٥- چوندي ٦- سرمايو، موڙي، محبوب ٧- صلاح، نصيحت ٨- ڳري، وجھلي.

۱۷

ٻَرِيائِي تہ ٻارِ، ڦوڪِ تہ لَڳِي اَنبَرِينَ[۱]،
هِتِي جي هُنَڙَ جِيُون، وَٿُون[۲] سَڀِ وِسارِ،
سَمُورِي سَرڪارِ[۳]، نيئِي رَکِج نانهِ[۴] ۾.

۱۸

قَدُ ٻَڌِي[۵]، تُون ڪيئُن، پهچندينءَ پُنهُونءَ سين،
جيئُن سِيئُون ساهِيِنِ، سَسُئِي! ٿِيِين ٿَهوارُون[۶] تيئُن،
مُنِي! تِيُ مِسڪِينَ، هِمَّتَ[۷] هوتُ وِڃائِيو.

۱۹

ٻَلَرِ[۸] لَڳو ٻانُ[۹] پَسو! جوءِ جَرا[۱۰] ٿِيِي،
سا مُنڌَ مَري نہ جِيِي، پيئِي پَڇاڙِي[۱۱] پانُ،
سَسُئِي سُورَنِ سانُ، سَنيوڙِي[۱۲] سَيَّدُ چِي.

وائي

ٻاروچان ٻاجَهه گهٽِي، آن[۱۳] تِي ڇُلان ڇِپَرِين،
آءٌ پنهنجي پرينءَ سين، وِينديَسِ واڳَ وَٽِي[۱۴]،
آن تِي ڇُلان ڇِپَرِين.

۱- آسمان تائين ۲- شيون ۳- دنيوي ڪاروبار ۴- نفي، نيستي ۵- سينو ساهي ٦- ذرا ذرا
۷- هوڏ، سرڪشي ۸- ٻارڙي، ابهم، معصوم ۹- تير ۱۰- ذرا، ٽڪرا ۱۱- پتوڙي
۱۲- سنيري، تيار ٿئي ۱۳- آئون ۱۴- اُٿي، مڙهي ۱۵- پرينءَ.

ڪونهي هِنَ ڀَنيِورَ ۾، ڏاران دوسَ ڏَٽي،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
هَتان هَڏِ نه ڇَڏِيان، آرِيءَ جِي په اَٽي[١]،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
آهي هوتَنِ هَٿَ ۾، سرندِي جِيءَ جَٽي[٢]،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
ڪِينَ وِرمِيا[٣] ڪِتَهِين، جُلِيا[٤] جَڙَ[٥] هَٽي،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
مُون ڪي ڪوتِيو پاڻ ڏي، هادِي! هَٿُ ڪَٽي،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
پُنهُونءَ ڏاران پَبَ ۾، ٻيلي ناهه ٻَٽي[٦]،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
تورِيءَ تيلُ نه پاتِيان، نَڪا سِيندِ ڦَٽي،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، لَڳِيَمِ تَنَ تَٽي[٧]،
آن تِي ڇُلان ڇپَرين.

١ـ نوڪ، آڌار، ڌري ٢ـ ڏوري، رسي ٣ـ روڪيا ۴ـ ويا ٥ـ جَڙ، ميخ ٦ـ "ٻيلي" لفظ جو ڏوڙي آهي ٧ـ چِڪ، سِڪ.

داستان ائون

١

اَڏرِ[١]، نِڌرِ[٢]، اَيَرِي، اَسُونهِين[٣] آهِيان،
لُڙڪَ لَعلَ، لَطِيفُ چي، وَرَ لَئِي وَهايان،
هيجان[٤] هَنجُهون[٥] حَبَ ۾، هوتَنِ لَئِي هارِيان،
جانِبُ ضَعِيفِيءَ سين، پُنهُونءَ پَهايان[٦]،
پِيهان، پَچايان[٧]، جي مان نِهو[٨] پاڻَ سين.

٢

اَڏرِ، نِڌرِ، اَيَرِي آهِيان اَسُونهِين،
پَرَڏِيهِي پِرِين ڪِيا، مَرَڻَ لَئِي مُونهِين[٩]،
سَسُئِيءَ کي، سَيَدُ چي، تَنگُن[١٠] ۾ تُونهِين،
هارِي! ڪيئَن هُونهِين[١١]، رِيءَ سَمَرَ سَڏُون ڪَرِين؟

٣

اَڏرِ، نِڌرِ، اَيَرِي، اَسُونهِين آئُون،
چِيتا[١١a]، چورَ چُنجُن[١٢] ۾، بَرَ ۾ بَلائُون،
موتَ پُنهُون! پانهُون،[١٣] مَتان، مُحِبَ! مَرِي رَهان.

١- نڌڻڪي ٢- بي وسيلي ٣- ڪوجهي ٤- محبت وچان ٥- لڙڪ ٦- پرچايان ٧- جند ۾ پهي ماني پچايان، (خدمت ڪريان) ٨- نيو، وٺي هلو ٩- مون ئي ١٠- مشڪلاتن ١١- ائين ئي، اجايو، مفت ١١a- چيتا (شينهن) Tigers ١٢- غارن ١٣- پنتي.

٤

اَڌَرِ، نِنڊَرِ، اَيَرِي، اوٻِي[١]، اَوائِي[٢]،
ڪِينَ ٽُهارِي[٣] ٽَڪَرِين، سائِسِ سَگائِي[٤]،
لاڳاپَنِ، لَطِيفُ چئي، مُنڊَ رائِي رَهائِي،
جَلَڻُ، جَڏائِي، آرِي! لاهِ اَصِيلِ[٥] تان.

٥

اَڌَرِ، نِنڊَرِ، اَيَرِي، گَمَنِ[٦] گماتِي[٧]،
سا ڪيئن ويهي ويسَرِي، جا گهائِي[٨]، گُهماتِي[٩]،
پيئِي پيش پُنهُونءَ جي، اُسَنِ ۾ آتِي،[١٠]
جا لُڪَنِ لُوساتِي، سا سيجَ چڙهَندِي سَسُئِي.

٦

اَڌَرِ، نِنڊَرِ، اَيَرِي، سَڌَرِ ٿِي سَچِي،
سُپَڪَ[١١] ٿِي، سَيِّدَ چئي، پَهڻَن مَنجهِ پَچِي،
مَعذُورِ ڪي، مارو ڪِيو، اولاڪَن[١٢] اَچِي،
مَنجهان راهَ رَچِي، ٿِيَڙِي لالُ، لَطِيفُ چئي.

٧

اَڌَرِ، نِنڊَرِ، اَيَرِي، ويچارِي نہ وَرِي،
لالَنَ ڏي، لَطِيفُ چئي، پُرِي[١٣] پيرَ پَرِي،
ڪَمِيتِي ڪَرِي، ڪارُون ڪيچ ڏِيِنِ ڪي.

١- موٽِي ٢- تـوائي، پريشان ٣- تڪڙو هلي (همراهہ ٿي) ٤- مائٽي ٥- شريف، ٻٽائتي
٦- غمن ٧- پنواٽيل (نابود ڪئي) ٨- زخميل ٩ پنواٽي آيل، پريشان ١٠- ڳري، سڙي
١١- پوري پڪل ١٢ اُلڪن، فڪرن ١٣- هلي، وڃي.

٨

اَچي عزرائيلَ[١]، سُتي جاڳائي سَسُئي،
تِي دَواڙائي دَليلَ[٢]، تہ پُنهُونءَ ماڙهُو[١a] موڪَليو.

٩

مُنڪِرَ ۽ نَڪِيرَ ڪي، جَڏِهن ڏِنائِين،
اَڳِيان اُتِي اُنِ ڪي، پُنهُون پُڇِيائِين،
اَدا! اِهائِين،[٣] ڪو وِيو ساٿُ سَڄَڻَ جو؟

١٠

پاياٽِي[۴] تِي پورِ[٥]، پُٺِيءَ ڪيچَينِ ڪَڪَرا،
رائو مِڙُوئي رَتَ سين، ڪارَڻِ ڪانڌَ ڪَڪُورِ[٦]،
لانچِي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، اُتِي ڏُونگَرَ ڏُورِ،
جَتُ وڃي تُو زورِ، اُپِڙُ[٧] تان اوڏِي تِيين.

١١

پَٺِي تِي پَٿمالُ[٨]، سا مُنڌَ مَري، نہ جِيئِي،
بُري هِنَ پَنيَورَ سين، هَڏِ نہ ڳَرِهي[٩] حالُ،
لاڪن، جو، لَطِيفُ چئي، وِساري نہ وِصالُ،
پِرِي، ڪِجا[١٠] پالُ، هِيءَ ڏاهِ[١١] ڏورِينڊِي ڪيتَرو؟

١ـ ملڪ الموت ١a ـ ماڻهو ٢ـ تصور (خيال) ڪري ٣ـ هتان، اتان ۴ـ پائيوار ٥ـ پيچ، ذار ذرا ڪر ٦ـ ڳاڙهو ڪر ٧ـ ڪَجُ، اُٺي هَل، تڪڙي هل ٨ـ پائمال، پامال، نابود، فنا ٩ـ اوري ١٠ـ توهين ڪجو ١١ـ پانهي.

١٢

جَهتَ[١] پِني، پِهُ جَهنگِ، هاڙهي پُڄُ مَ هوتَ کي،
سُورُ سُبيلي[٢] سَسُئي! لَڪَ تِهِين سين لَنگهه،
تہ سُپيرِيان جي سَنگ، مُنڌ! ميڙائو[٣] تو ٿئي.

١٣

ٿَڪِيائِي، ٿَرَ ٿيل[٤]، چَڙهُ چُڪِيائِي، چوٽيِن،
هَلَندي هوتَ پُنهُونءَ ڏي، يَوُ مِڙيِئي پيلِ،[٥]
اُتِي رائو رِيلِ[٦]، وِيٺَنِ تان وارِي وَري.

١٤

هِيءَ گِسِي[٧]، هِيءُ گَسُ، هِيءُ پَهَڻُ، هِيءُ پيچِرو،
ويچارِيءَ وَڏو ڪِيو، وِيندَنِ پُنِيءَ وَسُ،
ليڙَن[٨] جو، لَطِيفُ چي، ڏُونگَرَ اَتِي[8a] ڏَسُ،
جَڳَ ۾ رَهِيَسِ جَسُ، سَگِرِ[٩] تِي سَردارَ جي.

١٥

ڪَرِ ڪو واڪو وَسُ، ويهَ مَ مُنڌَ پَنِيورَ ۾،
چَڙهي ڏادِين ڏُونگَرِين، پيرُ پُنهونءَ جو پَسُ،
ڏورَڻَ مَنجهان ڏَسُ، پُوندءِ هوتَ پُنهُونءَ جو.

١ـ جوٽون، سٽون ٢ـ سٽو ساٿي ٣ـ وصال، ڳنڍجاڻي ٤ـ ٿڪ، اڪتي هل ٥ـ نابود ڪر، جيئن جانور پني لتاڙي ناس ڪندا آهن ٦ـ اٿلائي ٧ـ ليڏوٽا ٨ـ الن 8a ـ آڻئي
٩ـ پيچرو، راه.

سيٽَنِ ڪارڻِ، سَسُئِي! وَڃَڻَ ڪِجي وَسُ،
جِمَ وِرچِي ڇَڏِيين، سَندو گُنگَنِ[o] گَسُ،
ڏوتِي ڏيندَءِ ڏَسُ، اَڳِيان پاروچَنِ جو.

وائي

هوتَ سي هَلَڻَهارا، وو! جيڏِيُون!
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اَنِ سين؟
ڪوءِ[1] پَلَنگَ! ہَنِ مارُيُون! ڪِيَڻَ[1a] سي تِيرُمِ ڪارا،
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اَنِ سين؟
سُونهَنِ سُپِرِيَنِ جا، آتَڻَ[2] وَٽِ اوتارا،
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اَنِ سين؟
وينو ڏي[2a] ڏُکِيَنِ کي، پُنهُون جامُ پُوچارا،[3]
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اَنِ سين؟
آهِيان پَٽِ[4] پُنهُونءَ جِي، ڪَندِيَسِ ڪُنِرَ[5] ڪارا،
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اَنِ سين؟
پيرُ مَ ڇَڏِجِ پِرينءَ جو، هَئِي! هَئِي! هَٽَ[6] آسارا[7]!
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اَنِ سين؟

---

o- گُونگن، اُٺن ١- ڪڏهن ١a- ڪائڻ ٢- سٽ ڪتڻ جي جاءِ ٢a- ڏِئي ٣- پلايون
٤- پريٽ، تورياٽي ٥- ڪُنَ (رنگڻ جا) ٦- هاٺي، بدن ٧- غافل.

ڪيچِينِ ڪَرَهَ[١] پَلاڻِيا، مَيا[٢] تِيئَرَّمِ مارا،[٣]
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اُنِ سين؟
اَنڏنِ آهِيِين آسَرو، موتِيجِ، مُحِبّ موچارا!
ڪيئن ڪَرِيان آئُون اُنِ سين؟

داستان نائون

١

ويهُ مَ وِسارِي، پُڇا ڪَرِ مَ پَنڌَ جي،
نِرِمَلُ[٤] نِهارِي، هَلَندِنِ تان هَٿِ ڪيو.

٢

اَوَجَهڙِ اَسُونهِن، ڏيهُ گهٽوئِي ڏوريو،
سَڳَرِ رِيءَ سُونهَنِ، پَهُتِي ڪانَ پَنڌَ ڪَري.

٣

واءَ! وِجاءِ مَ سوءِ، پُنِيءَ جنهن پَنڌَ ڪَرِيان،
چِـنـّا![٦] چَپَرِ پِرينءَ جو، پيرُ پَرِنيان[٧] تو،
بَرِ بورائو[٨] جو، سو، لَڳِي، مَتان لَٽِيين!

٤

واءَ وِجايَمِ ڪالهہ، پُنِيءَ جنهن پَنڌَ ڪَرِيان،
وَجَنُ مُون وانِئِي[٩] پِيو، هوتَنِ ڪارَڻِ حالَ،[١٠]
جَبَلُ ڏورِيان جالَ،[١١] ڪارَڻِ پير پُنهُونءَ جي.

١- ڪَرَها، اُٺ ٢- اٺ ٣- مارينڊڙ ۴- پاڪ ٥- اهو ٦- اي واءَ! ٧- پرتا يا پارت اٿيئي ٨- رهبر، سونهون (پنهونءَ جو پير) ٩- قسمت ١٠- هاٿي ١١- گهڻو.

٥

کُهجِ[1] مَ، اَجَها کيهہَ[2]، گَردَ[3] پسُ گُنگنِ[4] جي،
ڏِکِي! مَنجهان ڏيهَہ، نِکرُ نانهن[5] کُلهِي کَري.

٦

ڏورِ مَ تو ڏوريج، صَبُرُ کَرِ مَ سَسُئِي!
پُرَنڀُ چَڏِ پيرَنِ سين، وِهَٽُ وِساريج،
سُکنِ جا، سَيَدُ چي لاڳاپا لاهيج،
هِينئين ساڻُ هَليج، تہ پَنڌُ پاسي پَرِ نِبِري[6].

٧

وينِيَسِ، وِک نہ اُپِڙِي[7]، تُون آرِياڻِي آءُ،
چُڪِيءَ[8] تو سين چاءُ[9]، پاسي پَرِ پيئي رِڙهِي.

٨

کُهِي[10] جا کَنيائِين، وِکَ تنهن ويجهي کَئِي،
جيڪِيءَ[11] چِنائين، پَنڌ مِڙوئي پَٽَ[12] جو.

٩

سَؤُ کوهَ کري سَيَڪا، تُون کُهِي کَٽِج وِکَ،
تاڻِج مَنجهان تِکَ، تہ پَنڌُ پاسي پَرِ نِبِري.

١٠

وِيو جاڳائي جَتُ، ويرِي کنهن وِلات جو،
سَندو سُورَنِ خَطُ، ڏِنم هوتَ هَٿَنِ سين.

١- ورچ، تڪج ٢ هوءَ پئي آهي منٺي ٣- ذرا ٤- اٺ، جيڪي رڙن ڪين ٥- نفي.٦- پورو ٿئي ٧- کڄي ٨- ٿڪل ٩- محبت ١٠- ٿڪجي ١١- هڪڙيءَ سٽ سان ١٢- جبل جو نالو.

١١

ڏِهلا[1] مُون ڏينهن ٿيا، پِيَمِ، چامَ! چَيُونِ[2]،
ڪَندي پَنڌُ پَهاڙَ ڏي، ٿِيئِڙمِ رُوحَ رَيُونِ[3]،
لُڇِيو ٿِيان، لَطِيفُ چي، ڪارَڻِ دوسِتَ ڏَهيُونِ[4]،
ٻانِيان لَڪَ لِيُونِ[5]، جي سُورَ پِريان جا سانڍُ مُون.

١٢

هيڪَلِيائي هاڻِ، پُورِينديَس[6] پُنهُونءَ ڏي،
ڪَندِيَسِ ڪوهِيارَلَ[7] سين، رُچِي[8] رُوحَ رِهاڻِ،
رُلِي چُلِي چِپَرِين، ڪنهن پَرِ لاهِيان ڪاڻِ[9]،
آهِيان گهٽُو اچاڻِ، پَرَ سُورَ پِريان جا سانڍُ مُون.

١٣

هيڪَلِيائي هيل[10]، پُورِينديَسِ پُنهُونءَ ڏي،
آڏا ڏُونگَرَ لَڪَيُون، سُورِيُون[11] سُجَنِ سيلَ[12]،
تَہ ڪَرَ ٻيلِي[13] آهِنِ ٻيل،[14] جي سُورَ پِريان جا سانڍُ مُون.

١۴

دوسِتُ ڏِٺائِين دِلِ سين، وِرچِي تان نَہ وِهي[14a]،
لانچِي لَڪَ، لَطِيفُ چي، پَهَڻِ مَنجھ پِهي[14b]،
سَندي نينهن نِهي،[15] ڪِي سَرِفرازُ سَسُئِي.

١- ڏک ڏيندڙ ٢- جوا ٣- ٻگل چانور وانگر پرزا ۴- ذرا ذرا ۵- ننڍي وڻ جو قسم ٦- هلنديس ٧- جبل جي رهاڪوءَ (محبوب) ٨- خوش ٿي ٩- عيب ١٠- هن سالَ، هينئر ١١- سيلھ (ڪنڊا)، اڀي ٽڪري؛ سوڙهيون ٽڪريون، نيزو ١٢- اڻاهون جبل، نيزو، ڪنڊا ١٣- مددگار ١۴- ٻيلھ، گڏ ١۴a- ويهي ١۴b- پيهي، گهڙي. ١۵- خزاني، لاڳاپي

وائي

وَڃي وَڃي ٿِيندِيَس ويجهي، پَسَڻَ ڪارَڻِ پرينءَ جي،
آڏا ڏُونگَرَ، لَڪِيُون، موٽِــج، مُحِبَ مِڄيڄي،[1]
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينءَ جي.
پِرين، پَهُنوارَ![2] تو چُئان[2a]، پَيَرَ[3] آهِيان ٻِي ڄي،
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينءَ جي.
نَمُ[4] گُهرِجي نينهن جو، آهِيان آئون اَريجِي،[5]
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينءَ جي.
جا ـنَہ هَلَندي هوتَ ڏي، پِيءُ تِنهِين جو پاڄِي،[6]
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينءَ جي.

داستان ڏهون

١

آءُ اوراهُون، سُپِرِين! وَڃ مَ اَڳانهُون،
ٿَڪِي ڪَٽِي ٿَرَنِ ۾، ٻاڪارِيو ٻانهُون،
دَردَ جون دانهُون، مُون مارِينديُون، موٽُ تُون.

١ـ هنيلا، راز محرم ٢ـ ڏنار، ٻڪرارa٢ـ چوان ٣ـ زال، جوءِ ٤ـ آلاڻ ٥ـ ربج کان سواءِ، خشڪ ٦ـ ڪميڻو.

٢

آءُ اوراهُون، سُپرِين! وَڄُ مَ پِيءَ[٥]! پَري،
مُون ڏِٺي، مُون وِسَهو[١]، وِرچِي تان نَہ وَري،
ڏاران مَنهَن مَري، ڏُکِيءَ جي ڏيکارِيين!

٣

آءُ اوراهُون سُپرِين! پَري وَڄُ مَ، پِيءَ!
موتُ، مَرَنديَسِ ڇِپَرين، تون جِيارو جِيءَ،
هوتَ! مَ ڇَڏِج هِيءَ، پُنهُون! پِيادِي پَندَ ۾.

٤

آءُ اوراهُون سُپرِين! ڏُکِيءَ ڏيج مَ ڏاگهہ[٢]،
وَٺِ ڇَڏي مُون واگهہ[٣]، آرِي! وِئين عِشقَ جو.

٥

آءُ اوراهُون سُپرِين! ڏُکِيءَ ڏاگهہ مَ ڏيج،
پيهِي گهرِ پُڇيج، تَہ هوتَ! هَلاڪَتَ نَہ ٿِئي.

٦

مَڃُڻ، وَرَ! وِسارِيين، آرِي! لَڳِ اَللهَ،
توکي سارِيو ساهُ، اُڪندِيو آهُون ڪَري.

٧

مَڃُڻ، وَرَ! وِسارِيين! صَبرُ نَہ سارِيان،
توکي نِهارِيان، آءُ مُنهنجا سُپرِين!

---

٥ - پيا، پرين ١- اعتبار ڪريو ٢- داغ، تعکو ٣- چيتو.

٨

هَٿان هَڏِ نَہ ڇـڏِيان، صَبرُ شُڪرانو،
ذَوقَ زَمانو، مُون، وَرَ وِيو وِسَرِي.

٩

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، ڪاڏي آئون ڪَندِي،
آهِيان جنهن سَندِي، سو تہ گهرجي سانُ مُون.

١٠

صَبرَ ۽ شُڪرَ ڪي، وَٺِي آئون وِيٺِي،
ڏُکِيءَ سِينَ ڏيٺِي[١]، ڪا ڪِجِ اَڇِي ڪَنڌِين.

١١

صبرَ ۽ شُڪَر ڪي، هَٿِ ڪيو مُون هانِ،
پِرِيَمِ! اَچِي پانِ، پَنِيءَ[٢] ڪي پُڇِيج تُون.

١٢

ناهِ جَمِعيّتَ[٣] جانِ ڪي، هوتَ پُڄاڻان هانِ،
اَللہَ! سيئِي آنِ، جَنِ ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

١٣

ناهِ جَمعيّتَ جانِ ڪي، هوتَ پُڄاڻان هِتِ،
پُنهُون جِيَ پِرِتِ، ساءُ چَکايُمِ سِڪَ جو.

١ـ ملاقات ٢ ڦتيل ٣ـ آرام، قرار.

۱۴

ناهہِ جَمعيّتَ جانِ کي، پُنهُونءَ پُڄاڻان،
سي مُون سيباڻان،[۱] جَنِ ساءُ ڇِکايُمِ سِڪَ جو.

۱۵

ناهہِ جَمعيّتَ جانِ کي، هوتَ پُڄاڻان هيرَ[۱a]،
ساڄَنَ ڪارَڻِ سيرَ، وڙِينديَس وِندُرَ جا.

وائي

پَلڪُ نہ رَهي دِلِ تو ري، وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
اُٺَ چارِينديَسِ اُنِ جا، مَٿاءَ تَڪَرَ توري،[۲]
وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
ڏِينديَسِ ماهُ[۳] مِرُئَن کي، مَٿاءَ ڪُلهن[۴] ڪوري،[۵]
وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
ڪانگَ ڪِيَنمِ[۶] ڪيچَ جا، ماسُ چِنجُنِ[۷] سان چوري،
وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
ڏُکَ لاهِينديَسِ ڏِيلَ جا، ساڻُ عَجِيبَنِ اوري،
وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!
آرِياڻي عَبدُاللَطِيفُ چي، سارَ لَهَندَمِ سوري،[۸]
وَرُ، مِيان خانَ بَلوچا!

۱ـ دل کي وڻن ۱a ـ هينئر ۲ـ گهمائي ۳ گوشت ۴ـ ڪلن ۵ـ ڪپي ۶ـ مونکي کائين ۷ـ چهنبن ۸ـ ساري، ياد ڪري.

داستان يارهون

١

ڪَنُ ٽِيءُ[١]، ڪيچِيَنِ ڪُچِيو، ڪُڇُ مَ، تا ڪُڇَنِ،
اِشارَتُون[٢] اُنِ جون، سُڪُوتان[٣] سُڄَنِ،[٤]
وَٽان ويهِي ٽَنِ، سُڻُ تَہ سوزُ پِرائِيين.

٢

سُڻُ تَہ سوزُ پِرائِين، 'آءُ' چَيائون اَڄُ،
ٻولِي ٻي نَہ سِکِيا، 'پاٽان' چُونديءِ[٥] 'يَجُ'،
واڄِي وَٽِ مَ وَڄُ، ٻُڌُ تَہ ٻِيائِي لَهِي.

٣

ٻُڌُ تَہ ٻِيائي لَهِي، 'آئون'[٦] اُتِ نَہ آهِ،
ڪُڇَڻُ ڪَنڍِي[٧] لاهِ، ڪَنُ ٽِيءُ، ڪيچِيَنِ ڪُچِيو.

۴

ڪَنُ ٽِيءَ، ڪيچِيَنِ ڪُچِيو، ڪُڇُ مَ، ڪُچِياٺُون،
رَهِي نَہ رَتِيءَ جيتِرِي، اُنِين[7a] وَٽِ 'آئون'،
وَڍِي وِڌائُون، هو جو وَٽُ 'هُٽَڻُ'[٨] جو.

١ـ ڌيان ڏي ٢ـ اشارا، نڪتا، قول ٣ـ ماٺ مان ۴ـ سُڄَهنِ، سمجهہ ۾ اچن، ٻڌجن
٥ـ توکي چوندا ٦ـ خودي ٧ـ ڳٽ ـ هار، طوق! 7a ـ اُنهن ٨ـ خوديءَ.

٥

ڪَڏِهن پَنجي ڪَنُ ٽِيءَ، ڪَڏهن ٽِيجي واتُ،
ڪَڏِهن ٽِيجي ڪاتُ، ڪَڏِهن ٽِيجي ڀَڪَرو.

٦

ڪَنارو ۾ ڪوسُ، اَڱڻ آرِيءَ جامَ جي،
ڏِيَتَ[1] آهي ڏوسُ، مارُڳَ ۾ مُيَنِ جي.

٧

ڪامُون[1a] مُچيجاهُ[2]، گهِٽيون گهرِجَنِ آن، اوٺِيا!
هي وَڻ[3] نہ لَهنداهُ[4]، هُو وَڻِ[5] اوڏاهِين[6] گهٽا.

٨

اَڪِيُون لَٽَ اوراتِيُون[7]، ڪنهن پَرِ ڪَڙِيان پيرُ،
لَٽَ لاهِيندو ڪيرُ، مُون جيهِيءَ مَعذُورِ کي.

٩

اَڪِيُون آرِيءَ جامَ جون، اَنڍِيءَ سين آهِينِ،
هو جي وَڻ وِندُرَ جا، سي مون سُونهائِينِ،
ڏِسِيو ڏيکارِين، پيشانِي پُنهُونءَ جي.

١٠

اَڪِيُون آرِيءَ جامَ جون، آهِينِ اَنڍِيءَ سانُ،
پَسِي ڪَنڍِيُون پاڻُ، پيشانِي پُنهُونءَ جِي.

١- خون بها يا عيوض ١a- تَلهڙون، لَڪُڻَ ٢- مچا ڪيچ (عمل ڪر) ٣- هي دنيا ٤- توهين ليندا ٥- مزا ٦- آخرت ۾ ٧- ڏڪيون، ڦيرائي ڇڏيون.

۱۱

سَڌَ مَ ڪَرِ سَڌَنِ ري، هَلَڻَ رِيءَ مَ هَلُ،
جَلَڻَ ريءَ مَ جَلُ، روئڻَ رِيءَ مَتان رُئين.

وائي

دَرِدَ مُئيءَ جي جا دارون،
ورا موٽُ، سَباجها سُپِرين!
مُون لَڳِيُون، مون وِسَهو، مَحَبَتَ جُون مارُون،
ورا موٽُ، سَباجها سُپِرين!
مائِٽَنِئان مون سين گهٽا، ڪُسَڻَ ڪِيا ڪارُون،
ورا موٽُ، سَباجها سُپِرين!
سُڪَنِ مُون سين ڪِين ڪِيو، سُورَنِ لَڏِيمِ سارُون،
ورا موٽُ، سَباجها سُپِرين!
منهنجون شَهرَ ڀَنيورَ ۾، پَلِپَلِ پُونِ پَچارُون،
ورا موٽُ، سَباجها سُپِرين!
اَديُون! عبدُاللطيفُ چي، لَڳِيمِ تَنِ اَندرِ تارُونَ،
ورا موٽُ، سَباجها سُپِرين!

اَبيات متفرقة

اُٺيو[١] ۽ اُٺياکُ[٢]، ڪالهوڪو[٣] ڪاڏي ڳيو[٣a]،
وِيو جاڳائي، جيڏيُون! بِرهُ، هِيءُ بيباڪُ،
چُرِ ڦُرِ ڪاري چاڪُ،* سُورُ سُمَهاري ڪِينَ ڪِين[٣b]!

٢

سَنڌِيُون سُورَ ڪَرِينِ، هَڏَ پُڙِ ڏُکَنِ هوتَ لَئِي،
پِرِينِ جي پاڻَ ڏِنا، سي سُٽي سُکُ نَہ ڏِينِ،
جي ماڙُهنِ کي مارِين، تَنِ سُورَنِ کي سَڏَ ڪَرِيان!

٣

صَدا[٤] وِڌِيمِ سُورَ جِي، اَڳِيان ڪوهِياري،
جوَ نِجَسَ نِکاري[٥]، سو پُنهُون وِڌِمِ پاندَ ۾.

٤

جانِ ساماٽِينءَ، سَسُئِي، تان وِيسُ وِڙَن[٦] جو ڪَرِ،
لاهي لَڄَ، لَطِيفُ چي، ٿِيُ بيگارِياڻي[٧] بَرِ،
تَہ ويندِينءَ پوئِي وَرِ[٨]، اَڳِيان هوتُ حُضُورَ ۾.

٥

سَسُئِيءَ کي سَڏَ ٿِيو، آسان اولاڻو[٩]،
پَنڌَ نَہ پُڄاڻو، اَڻَ ڪوئِي ڪانہ ڪَري.

١- اٺيل (عشق) ٢- اٺندڙ (درد) ٣- ڪالهہ کان ٣a- ويو ٣b- ڪينڪي * ٿوري چرپر بہ زخم چوريو ڇڏي. ٤- سڏ، سوال ٥- صاف ڪري ٦- ڪميڻن ٧- بيگر وهندڙ، دربدر، بيڪار ٨- هٿ چڙهي ٩- اوراڻن.

٦

پَسو! پَراوَنِ، سُورَنِ آڏِي سَسُئِي،
پَرايا پنهنجن، وِجَهنِ ويچارِيءَ تي.

٧

مُند نَہ مَنجهان تَنِ، پَسِي لَڪَ لُڏَنِ جي،
جا پَرِ ڪاهوڙِيَنِ، سا پَرِ سِکِي سَسُئِي.

٨

مُنڌَا! مَ مَنَهِ ويهُ، اُپِي اوسِرُ[1] اُسَ ۾،
تو سِيئِي سينَ ڪِيا، ڏُورِ جَنِين جو ڏيهُ،
پاڙِي پاڙِي پيهُ، وَتُ پُڇَنديِ پِرينءَ کي.

٩

ٻيلِي ناهِ ٻَنيورَ ۾، تِنهن سَسُئِيءَ جو سَهِي،
ڏَمَرُ ڏيرَنِ مَنَ ۾، ڪَندا ايئن ڪَهِي،[2]
لَنگهائي، لَطِيفُ چِي، ڪَٽِجِ، جامَ! ڪُهِي،[3]
هِيءَ مَعذُورِ هَڏِ مُئي، تُون، ڪامِلَ! وَڃُ مَ ڪيڏَهِين.

١٠

اولاڪَنِ[4] آچِي، مَعذُورِ تي مارو ڪيو،
مَتان وَرَ وِسارِيِين، مَنجهان ڪُرَ[5] ڪَچِي،
سُپَڪِ[6] تِي سُورَنِ سين، پَهُچَنديِنءَ پَچِي،
لاهي لاڳاپا، لَنگهہ تُون، سيڻَنِ ڏانهن سَچِي،
مَنجهان راهَ رَچِي، تِينديِنءَ لَعلَ، لَطِيفُ چِي.

١-روچ راڙو ڪر، جاڪوڙ ڪر ٢- ائين ٻچي يا ڪاهي ٣- تعڪل وک ۴- الڪن، سوز محبت جي مچ ٥- خاندان، ڪٽنب ٦- مڪمل پڪل.

وائي - ١

ڳالھيون ھوتَ ٻروچي سانُ،
وو! منھنجي جِيءَ جُون، جيڏيُون!
ڇُلِي پيتِيَس ڇَپَرَين، سَگ تُھِين جي سانُ،
وو! منھنجي جِيءَ جُونَ، جيڏيُون!
چَڙھِي ڏاڍِين ڏونگرين، پُرزا ڪَندِيَس پانُ،
وو! منھنجي جِيءَ جون، جيڏيُون!
رُلِي ڇُلِي ڇَپَرين، جامَ وِڃايُمِ جانُ،
وو! منھنجي جِيءَ جُون، جيڏيُون!
ھَتان ھَڏِ نہ ڇَڏِيان، سَرَندو نينھن نِڌانُ[1]،
وو! منھنجي جِيءَ جُون، جيڏيُون!
نَصِيبُ ڪَرِ نسئيءَ[2] کي، پُنھُونءَ اُتَ وَتانُ،
وو! منھنجي جِيءَ جُون، جيڏيُون!

١- خزانو، مڪان ٢- نہ پڌل، گمنام

وائي-٣

مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو،
ورا جيڏِيُون! آئُون هَلَندي هوتَ ڏي،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
هِيءُ جو بارُ پَنيورَ جو، لُوتِيءَ[1] تان سَپ لاهِيو،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
آهي عاجِزِنِ تي، پَسَڻَ سَندو ساعِيو[1a]،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
ڪِينَ وِهَندِيَسِ ڪُندَ ۾، نہ مون پيَوَ[2]، نہ پايو[3]،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
وِهاري وَطنِ ۾، شُهدِيءَ[4] کي مَ سِڪايو،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
ڪُنَلِ ڪَجائَنِ ۾، چاڙهي هِيءَ هَلايو،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
منهنجو پَنڌُ پُنهُونءَ ڏي، ريبي[5] تان مَ رَهايو،
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چَي، مولي مُحِبُ مِلايو
مون کي تان جَهلَ مَ پائِيو.

١- مٿي، سڙيل 1a- سعيو، تياري، ڪوشش ٢- پاءُ ٣- حال محرم، همراز ٤- شودي، ڪميڻي ٥- ٺڳي.

وائي-٣

ڪَرها مَ ڪاهِيو، مِيان ڪيچِي!
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
ڪَري، هوتَ! هَلَڻ جِي، لُونِيءَ کي مَ لِڄايو،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
وَسِيلو وِلهِيءَ جو، آڳانديو[١] اَئين[١a] آهِيو،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
پاسي ۾ پَرِيَتِ جي، جهيڪي[٢] اُتَ جُهڪايو،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
وِلهِيءَ جي وِهانوَ[٢a] ۾، واڃَتَ سَبَ وَڃايو،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
اُگهاڙِيُون آتَڻَ ۾، پنهنجيون پاڻَ پَراهِيو[٣]،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
سائِينءَ ڪارَڻِ، سُپِرين! صُورَتَ کي[٣a] مَ سِڪايو،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
ساڪِنَ تِي شَهَرَ جا، مَعذُورِ کي مَرڪايو،
اَٿون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.

١- پرجهلو، آڌار ١a- اوهين ٢- هشائي ٢a- شاديءَ ٣- پهرايو، ڍڪايو ٣a- لاءِ

پُنهُون ڄامَ! پَرِتِ سين، ويهي سَورَ وِراهِيو،
آئُون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
لاهي بارُ پَنيورَ ۾، وِيندو گهوٽُ وَناهِيو،[١]
آئُون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
پُنهُونءَ ڄاڄيئڙَنِ کي، رَڏي کِيَنَ ڪارايو،
آئُون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
پَرڻائي پُنهُونءَ کي، نيکيئڙي نِکڙايو،[٢]
آئُون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
ٻيلِي ڀِي ٻانيَڻِ سين، ڏِکِيءَ ڏيجُ ڏيکارِيو،
آئُون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.
اَدِيُون! عَبدُاللّطيفُ چي، سَڄَڻَ کي ساراهيو،
آئُون آرِياڻِيءَ عَرضُ چُوندِي.

وائي-۴

اَدا! ڙي! ڏوڻِي! آئُون پُڇان تو ڀِي:*
ڪيچ رَسَندِيَس ڪيئن، ڏَسُ مُون ڏي.
نَہ سَمِي، نَہ سُومِرِي، نَہ آئُون جَتِ، اوڏِي،
آئُون پُڇان تو ڀِي.

١ـ وهانءُ ڪري، شادي ڪري ٢ـ نکيڻي رچايو يا ڪريو. * آئون تو کان ڀي پُڇان.

آئُون اُنين مانِ آهِيان، جي ٻانيَڻَ ڀَڙهَنِ پوتِي،
آئُون پُڇان تو تِي.
پَرِتَ[١] تينديَسِ، ٻِرين پُڇَنديَسِ، پَڇاڙِينديَس[٢] پوتِي،
آئُون پُڇان تو تِي.
سَنجهي وِيئڙو سُپِرين، ساڄَنُ پُڇانِ سو تِي،
آئُون پُڇان تو تِي.
ساجَهرِ ساڻَ پَلاڻِيو، تو پَلاڻيو پوءِ تِي،
آئُون پُڇان تو تِي.
هِتان تي هوتُ وِيو، جَتُ پُڇين جوءِ[٢a] تِي،
آئُون پُڇان تو تِي.
هَلِجِ هوتَ پُنهُونءَ ڏي، مَنجهان نينهن نِڪو[٢b] تِي،[٣]
آئُون پُڇان تو تِي.
آتَڻُ وِڃِهي آڳِ ۾، مَنجهان جوئِنِ جوءِ تِي،*
آئُون پُڇان تو تِي.
سَنجهي ساڻَ سِڌاريو،[۴] پُنهُون پُڇان پوءِ تِي،
آئُون پُڇان تو تِي.
رويو رُئان رُڃَنِ ۾، هَئي هَئي! آئُون هِتِ ڪوهُ تِي؟
آئُون پُڇان تو تِي.

١- ڪتياڻي، پورهيت ٢- اچلائيندس، ڦٽو ڪنديس ٢a- جيڪو. ٢b- نيڪو (ف)
نيڪُ ٣- نينهن ۾ سڙي نيڪ يا صاف ٿي ۴- روانو ٿيو.

وائي-5

ڪِهَڙو سَڱُ سِياڪو[١]؟ هارِيءَ مُون هوتَنِ سين.*
آئُون هيڪَلِي حَبَ ۾، نَہ مُون مِٽُ نَہ ڪاڪو،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
مُندَ پِيادِي، پَنڌُ گهٽو، نَہ مُون اُٺُ، نَہ ناقو،[٢]
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
چَڙهِي نہ سَگهان چوٽِيين، ڏُونگَرَ ڪونهي ڏاڪو،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
پِرين پُڄَندِيَسِ پَبَ ۾، وَڻِ وَڻِ وِجَهندِيَسِ واڪو،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
هُوءَ جا پِڪَ پُنهُونءَ جِي، چَٽِيان تنهن چُٽاڪو[٣]،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
پَسَڻَ ڏاران پِرينءَ جي، فِقيرِ پوءِ[٣a] مَ فاقو،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
وِڇُ[٤] مَ پوءِ وِصالَ ۾، لِڪَ[٥] مَ پوءِ لِياڪو[٦]،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.
آتَڻُ وِجهي آگِ ۾، پُڄَندِيَسِ پوءِ پَهاڪو[٧]،
ڪهڙو سَڱُ سِياڪو.

---

* مون ھارايل جو ھوتن سان ١ـ مائٽي ٢ـ ڏاچي ٣ـ ٻگاڙُ، ڦڙو ٣a ـ پوي ٤ـ ويڇو، دير ٥ـ ذرو ٦ـ نظر؛ عيب (وڇوڙو) ٧ـ رستو، گس؛ صلاح.

وائي-٦

پاندِي[١] پِرِيَنِ جو، اي! مانَ ڪو پَسان!
پينَرُ! پِنِيءَ اُسَهو، ڏُونگرُ ڏورَڻُ آسان،
مُندائِتي مِينهَن جيئن، ويلو ويلَ[٢] تِي وَسان.

وائي-٧

آتَڻَ مر ويهِي، سَڀِ دعُا ڪَريجاهُ، جيڏِيُون!
ڪانهي بَسِ بَهِيرَ[٣] کي،* هَلُ چَلُ پَئي پيئي،
راهَ مُسافِرُ سَيُڪو، ڪونَہ ڏِنوسُون هِتِ ڏِيهِي،
سارِيندا صَلواتَ کي، مَنجِهہ قَبَرَ سَڀِ پيهِي،
ڪوتائُو[٤] ڪَرِيمَ جو، ڳالهِ پُڇَندُمِ ڪيهِي،
نَوازِيندو نُورَ سين، ناقِصِ[٥] کي اُتِ نيئِي،
اَللهُ هيڪُ، مُحمّدُ بَرحَقُ، شالَ چُئان[٥a] مان حَرفَ اِهيئي.

١- قاصد ٢- هر گهڙيءَ ٣- قطار * آمدرفت لڳي پئي آهي. ٤- قاصد (ملڪ الموت)
٥- عيبدار ٥a- چوان

وائي-٨

جيڏيُون! آئُون تان نَہ، چَوَندِي لو![o]
ڏُکُ ڏوراپو سيڻَنِ کي صَرِيحُ[١]، لو!
سَگِ نَہ وَرَنِ سُپِرين، مِنتَ[١a] موتَنِ مانَ،
پينَرُا[٦] پيئِي حُجَ[٢] جِي، ڪوهِيارِي سين ڪانَہ،
سو تُون صاحِبُ آهِيِن، جو نَہ پيراپِين[٣] پانَ،[٤]
سَئِين[٥a] سُوالِي سَمَگيا[٥] تو، داتا! ڏِيئِي دانَ.

وائي-٩

ڪا جا ڳالِھ هُئِي، سا جي لوڪَ سُئِي،
لو! ڀاروچي جي مَنَ ۾.
سُرِ[٦] سَگِرِ، پُرِ پيچَري، تون جا لوڪَ سُئِي،*
سَسُئِي سَگِرَ پَتِيِين[٧]، ڪيرُ چَوَندو مُئِي؟
پَنڌُ ڪَرِيندي پِرينءَ ڏي، ڪَڏِهن ڪانَہ ڪُهِي[٨]،
آن ڪا ڏِنِي، ڏوتيا! ڪيرِن[٩] پاسِ ڪُهِي؟[٨a]

---

o لا، الا ١a- مِنَّتَ (ع)، منٿَ ١- کليو ڪلايو. ٢- دعوي، حجت ٣- ڦيرائين، (موٽائين، خالي هٿين واپس ڪرين) ٤- مڱڻهار ٥- نوازيا ٥a- سَوين ٦- رڙه * تون، جيڪا لوڪَ ۾ مشهور، نشانبر يا بدنام آهين! ٧- ميدانن تي ٨- ٿڪي ٨a- ڪُوهي، نٽيو ڪُوهُ ٩- جابلو وڻ ۽ مڪان جو نالو

وائي - ١٠

ويڄهي وِندُرِ جَنِ وٽِنِ،
اي! اوڏي آيس، چان[1]، پِريان جي پيچري،
جي تو اوڏا پانئيا، سي ڏُونگَرَ ڏُورِ ڏِسَنِ،
مَدي[2] نَہ هُيَنِ مَنَ ۾، تہ ڪيچان[3] ڪوهہ اچَنِ؟
مَرَڻَ منهنجي ڪي[4] ڪيو، هِيءَ پَهہ[5] پاروچَنِ،
سُونهَنِ سَڳَرَ پَٽيِين، مَنَهَ مَعذورَنِ،
وِندُرِ وائِي جا وَهي، مُون ڪي سا نہ سَلَنِ،
آڻِ بَڌا اونيين، موتِي ڪي مَيَنِ،
لاتائون، لَطِيفُ چئي، لَڏُون سِرِ لَڪَنِ.

١- منهنجي ليکي. ٢- جوان ٢- لڳائي ٣- ڪيچ کان ٤- لاءِ ٥- خيال.

سر معذوري

نالو

معذور لفظ جي معنيٰ آهي، ”ضعيف يا لاچار يا عذر واري.“ جيئن ته هن سر ۾ سسئي جي هيڻائيءَ ۽ ڪمزوريءَ جو ذڪر ٿيل آهي، تنهن ڪري مٿس ”سر معذوري“ نالو رکيو ويو آهي.

مضمون:

هن سر جي مضمون جو تعلق، سسئي پنهونءَ جي آکاڻيءَ سان آهي، جا ٣٧٠ صفحي تي ڏنل آهي.

روحاني راز:

حق جي جستجو ۾ جيڪو پنڌ پوندو، سو کوٽو ليکبو. هن جستجو ۾ هڪ موذي ملعون (نفس) رڪاوٽون وجهي ٿو. انهيءَ دشمن کي دفع ڪرڻ جو راز، هن سر ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

دنيا ڍونڍ آهي ۽ نفس ڪتو آهي، جو انهيءَ ڍونڍ جو طالب آهي. ڪتي کي قبضي ۾ رکڻ يا ڇيڪ ڇڏڻ، سالڪ جي هٿ وس آهي. ڪتو پنهنجي عاجزي بيان ڪندي چوي ٿو: ته مان مجبوراً مالڪ (انسان) جي ٻڇ تي ٻهان ۽ ڀونڪان ٿو، ورنه مون کي نافرمانبردار ليکيندا:

”سگبان سينداريا، ٻڇيا، تي ٻهن،
ڦريا نه فرمان کان، مل نه موتيئڙن،
ڪونهي ڏوهه ڪتن، ڏاڪاريا ڏاڙهين ٿا.“

ڪتي کي قبضي ۾ قابو رکڻ لاءِ، سڌر سيڻن جي سڱ جي ضرورت آهي. پليت نفس کي سڌن کان روڪڻ لاءِ، ڪامل مرشد جي قرابت ۽ ريساڻي راکي جي رفاقت گهرجي. هوت ڏي هلڪي ٻار هلڻ، خچر کي ’لا‘ جي خنجر سان نهوڙي نيڻ، ننگر مان ننگي ٿي نڪرڻ، سڪ سان سگر لتاڙڻ، وندر ۾ وڙڙ وجهڻ، گسان نه گسڻ، نيڻان نند ڪڍڻ ۽ هوند (خودي) ترڪ ڪرڻ جي سڌ ۽ سونهپ. اسونهن کي مرشد وٽان ئي ملي سگهندي. جنهن کي جانب جي جمال جو جلوو پسڻو آهي، تنهن کي روحاني رهبر جي رهنمائيءَ هيٺ، اهي امر اکين تي کڻي، ’اجلان اڳي‘ مرڻو آهي.

جي هونءِ هوت هزار، تہ پاڙج ڪو م پنهونءَ سين،

جي مصداق سالڪ کي شرڪ کان پاسو ۽ حذر ڪرڻو آهي. جيتوڻيڪ، جيڪي لاڳن لوح ۾ لکيو آهي، تنهن مان لِڪَ يا ذرو بہ ضايع ڪونہ ٿيڻو آهي، تہ بہ سالڪ کي تنيءَ ٿڏيءَ توڙ ڏي تاڻڻ گهرجي. ڏسڻ، ڏِکان اڳڀرو (ديدار، سينگار کان پلو) آهي، تنهن ڪري هوت پنهونءَ جو ديدار، سينگار کان بهتر پائنجي، وصل وڃائيندڙ ۽ ڏهاڳ ڏيارينڌڙ ذاتي ناهہ نوهہ تي موهجڻ نہ گهرجي؛ بلڪ سجڻ خاطر سر جي سٽ ڏيڻ يا ساهہ صدقو ڪرڻ، عين سعادت سمجهڻ گهرجي. هن کي تيسين پنڌ ۾ 'پي! پي!' پڪارڻ گهرجي، جيسين موت جو مشاهدو ماڻي، چاڪاڻ جو، موت پتڻ آهي، جو هن کي پرئين پر پرينءَ تائين پهچائيندو. هن کي 'مر تہ موچاري ٿينءَ' جي امر تي عمل ڪرڻ گهرجي. موت مصيبت ناهي. موت ماهہ لقا جي منهن مقابل وڃي وڃڻ جو وسيلو آهي.

"مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا."

(وڌيڪ سر سسئي آبري جو روحاني راز ڏسو)

سُرُ مَعذُورِي

داستان پهريون

١

هَلَندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، کُهِجَنِ[1] ڪي ڪوتِيُون،
پَهَڻُ تَنِين پَٽُ ٿِئي، جي لِئي لالَنَ لوتِيُون[2]،
سَبِ سَهيلِيُون سِڪَ ڪي[3]، چُنجُهون[4] ۽ چوتِيُون[5]،
ٻانيَڙ! تِيءُ ٻوتِيُون[5a]، تہ ڪُتا ڪِينَئِي[5b] ڪيچَ جا.

٢

ڪُتا ڪِينَئِي ڪيچَ جا، سَندا جي پُنهُونءَ،
اَگِهين[6] هوند اُسونهَن، جي جانارَنِ[6a] يادِ پُئِين[6b].

٣

تَنِ پيئِي جانارَنِ ياد، جي پارِيلَ[7] پُنهُونءَ جام جا،
سَندِي لالَنَ لاڏَ[8]، مُئِيان[9] پوءِ مُندَ ٿِئي.

١- ٽڪجن ٢- رليون، پٽڪيون ٣- سببان ۴- چوچيون، گهٽ نظر واريون ٥- تنگدل، بخيل ٥a- ٻوٽيون، گوشت جا ننڍا ٽڪرا، پرزا پرزا. ٥b- ڪائِنَمِ، توکي ڪائن ٦- تون اگهامين، قبول پئين ٦a- جانورن ٦b- پوين ٧- پاليل ٨- جاصلات ٩- مرڻ کان پوءِ.

٤

جاڳايَسِ جَنبُورَ[١]، ڪُتي ڦَرِيبَنِ جي،
ٻَهِي ٻَهُڪِي[٢] اُٿِيو، گِهڏِي[٣] مَنجهان گهورَ،
سَڀِ لاهِندو سُورَ، ڳَرِي[٤] هِنَ غَرِيبِ تان.

٥

نَہ ڪِين آهِيُون چُوهَڙا[٥]، نَہ ڪِي آهِيُون چورَ،
هنگامانِ[٥a] ۽ هورَ[٦]، ڪُتا! ڪَرِيِين ڪَنِ تِي؟

٦

ڪُتو چِي، "ڦَرِيبَ جا، آهِيُون ساڌَ[٧] سَهِي[٨]،
ڦِهرِين بات[٩] ٻَهِي، پُڇُون پوءِ پانڌَيَنِ کي." *

٧

ڪُهين، تہ آپُ ڪُهُ، ڏِسِ مَ چُوهَڙِيان،
سَندا آهيڙِيان[١٠]، آن نہ سَهَندِي هَٿَڙا.

٨

ڪُتو طالِبُ ڏُونڍِ جو، اَسين ڪُتي ڪِيڙَ[١١]،
ڇِهَتِي آهي ڇِيڙَ[١٢]، ڪارايي[١٣] جي ڪَنَ ۾.

٩

ڪُتو[١٤] ڪُرِتي هَڏِيُون، جُوان مَرْدُ[١٤a] جِگِرُ کاءِ،
"اَلدُنيَا جِيفَه وَ طُلاّبُهَا كِلاَب"[١٥]، ايئَن هِنئِين سين لاءِ.

١ـ زنبور، ڏينڀوءَ جهڙو سجاڳ ڪتو ٢ـ ڀؤنڪي ٣ـ بدن لوڏي ٤ـ گير ڪري ٥ـ چُهڙا، ڀنگي (غشق کان غير واقف) ٥a ـ هنگاما ٦ـ هل بڪيڙو ٧ـ چڱا ۽ خوب ٨ـ واقف، پورا ٩ـ دفعہ، ڀيري * ڪتو چوي ٿو تہ اَسين مَاڻهو ماڻهوءَ کي سڃاڻيندا آهيون، پر ڦهرياڻين ڪنهن کي ڦريان ڏسي ڀؤنڪندا آهيون ۽ پوءِ سڃاڻڻ تي ڀونڪڻ بند ڪندا آهيون ١٠ـ شڪارين جا ١٠a ـ آئون ١١ـ ڪينئون ١٢ـ ڇڇڙ ١٣ـ ڪتي تي ڪوڏ جو رکيل نالو ١٤ـ نفس ١٤a ـ جُوان مَردُ ١٥ـ دنيا ڍونڍ آهي ۽ سندس طالبو ڪتا آهن.

١٠

جُھ يارُ ڏِنائُون يارَ جو، پُنِيءَ پيرُ ڪَڙِين[١]،
ڦِريا نہ فَرمانَ ڪان، اُنھيءَ ۾ آھِينِ،
ڏِسي نَہ ڏاڙِھين، شَبانَ[٢] جي سَگَ[٣] ڪي.

١١

سَگبانَ[2a] سِينداريا[٤]، بَچِيا، تي بَھَنِ،
ڦِريا نہ فَرمانَ ڪان، مُلُھ نہ موتِيَئڙَنِ[٥]،
ڪوہِي ڏوھُ ڪُتَنِ، ڏاڪارِيا[٦]، ڏاڙِھينِ تا.

١٢

ڏَڪا[٧]، ڏُونگَرَ جا مِرُون، مَرُ تا مُون تي ڪَنِ،
پُڙُندا[٨] ڪِينَ پَرِيَتِ[٩] تي، هِنَ جا سَڌَرَ[١٠] تا سُڃَنِ،
سَڳائِيءَ[١١] جِي، سَيَدُ چي، آھي سُڌِ سَيَنِ،
ھوند نہ ھِتِ تَرَنِ، پَرَ قَرابَتَ ڪَمُ ڪِيو.

١٣

ڪَمِ قَرابَتَ جَنِ جِي، ھِتي آيم، ھيئَن،
رِفاقَتَ[١٢] راکَن[١٣] جي، پَھُتَيسِ پاھَرَ[١٤] سِيئَن[١٥]،
ماڙھُو[15a] مُلاحظو تنھن جو، ڪيچ نہ ڪندا ڪيئَن،
ذاتِ نسورِيائِي نِيئَن[١٦]، پَرَ سَڌَرَ سين سَگُ تِيو.

١- پير ڪٽُن ٢- ڏنار 2a- ڪُتو ڌاريندڙ، مالڪَ، ڌٽيءَ ٣- مائٹ، مال ٤- سيٹيون وجائي ٥- ڪِتي تي ڪوڏ جو نالو ٦- بچڻ تي ٧- حملا ۾ هلائون، تيزيون ٨- فتح پائيندا ٩- ڪنياٹيءَ ١٠- سگهارا دوست ١١- مائٹيءَ ١٢- همراهي ١٣- نگهبانن ١٤- پهاڙ ١٥- تائين 15a- ماٹهو ١٦- ڪتياٹي.

١٤

سَڌَرَ سين سَگُ ڪَري، پَرَڪَنڌِين پيياسِ،
ڪيرَ بِرَهَمِڻِ ڪَنِ جِي، ڪيرُ جاٽي ڪيٽاسِ[٢]،
هوند نہ سِندِ سُياسِ، هِنَ پُرئين[٣] ڪِيَسِ پَڌَرِي.*

وائي

خُوبِي مَنجِهہ خِفَتَ[٤]، اي دوستَ! دِقَتَ[٥]،
آهي عَبدُاللّطِيفَ کي.
مَدَحَ مُون کان نہ ٿِئِي، سَندِي سُورَ صِفَتَ،
آهي عَبدُاللّطِيفَ کي.
هِجي ڪَرِيان هيجَ سين، مُطالِعُ[٦] مَحَبتَ،
آهي عَبدُاللّطِيفَ کي.
حُزنُ[٧] هوتَ پُنهُونءَ جو، رُڳِيائِي راحَتَ،
آهي عَبدُاللّطِيفَ کي.
پِريان جي پِستانَ[٨] جو، فاقو ئِي فَرَحَتَ،
آهي عَبدُاللّطِيفَ کي.

١- پَرانهَنِ (ڏورانهنِ) ڪنڌن ۾، ملڪان ملڪ، پرديس ٢- هن کي، ڪيس ٣- ملڪان ملڪ، مختلف ماڳهن ۾ پشت بہ پشت * هونئن جيڪر سنڌ ۾ بہ منهنجو نالو ٻڌڻ ۾ نہ اچي ها، پر هُن (پنهونءَ) مونکي ملڪان ملڪ مشهور ڪيو ۽ پيڙهين تائين منهنجو ذڪر ٿيندو رهيو ۴- نماڻائي، عاجزي ٥- تڪليف ۾ ٦- پڙهان ٧- غم، درد ٨- ڇاتي، اُرهہ.

داستان ٻيو

١

ڏُکِيءَ ڏَمَرُ ناهِ، ٻُکِيءَ کِلَ نَہ اُچَهي،
اُگهاڙِيءَ وِهاڻُ[١]، وِيو ويچارِيءَ وِسَرِي.

٢

اَدِيُون! وَرُ[٢] اُگهاڙَ، وِهاڻُ جنهن وِسارِيو،
جيڏِيُون! چڱي جاڙَ[٣]، سَڀِ ننگيُون تِي نِڪَرو.

٣

سَڀَ نَنگِيُون تِي نِڪَرو، لالچِ چڱي لوڀَ،
سُپيرِيان سين سوڀَ، نِنڊُون ڪَندي نہ ٿِئي.

٤

سَڀِ نَنگِيُون تِي نِڪَرو، پَڙهَڻَ[٤] چڱي پوءِ،
مُنهَن[٤a] مِڙَنِئان هوءِ، ڪَهي[٥] جا ڪِينَ ڪَٽي.*

٥

ڪَهي جا ڪِينَ ڪَٽي، پِرِينءَ پَهُتِي سا،
وِهي[٥a] ويڙهِجِي[٦] جا، وَصلُ تنهن وِجائِيو.

٦

وَصلُ تنهن وِجائِيو، سِينڊِ سُرمي سِيئَن،
سا لُونِي[٧] لِيلا جيئَن، مَٽِيو جنهن مِٽُ[٧a] ڪيو.

١- شادي، خوشي ٢- بهتر، چڱي ٣- غفلت، لنولي ٤- پَهَرڻ، پوشاڪون ٤a- مُهَڙ ۾، اڳيان ٥- ڪاهي، هلي * جيڪا 'ڪين' (اٺهوند) پاڻ سان گڏ ڪٽي نڪري ٿي، يعني ڪُجهہ بہ ساڻ نٿي کڻي، سا سيني جي اڳيان ٿي هلي ٿي! ٥a- ويهي ٦- ويس وڳا ڪري ٧- لالچي، رليل، ڏاڍي. ٧a- مِٽُ، مٽو.

٧

هُوندِئان[١] هوتُ پَري، اوڏو آ[٢] اَڻ-هُوندِ ڪي،
ساڄَنُ تَنِ سَرِي، 'لا'[٣] سين لَڌِينِ جي.*

٨

لائي[٤] خَنجَرُ 'لا' جو، هَئي! خَچَرَ[٥] کي هَڻُ،
سَڌَنِ جون سَيّدُ چئي، وَٽُون سَڀ وِڪَڻُ،
پيرُ پَرُوڙي ڪَڻُ، تہ هَلَڻَ ۾، هوري[٦] وَهين.

٩

هورِنِ[٦a] هاڙهو لَنگِهيو، تِيءُ جَرِيدِي[٧] جوءِ!
مُوندِ جَنِين سين هوءِ، هوتَ نہ هُوندو تَنِ سين.

١٠

هورِنِ هاڙهو لَنگِهيو، مُنِي! مُوسَڻُ[٨] چَڏِ،
'لا' سين اُتِي لَڏِ، 'ڪِينَ' رسائِي[٨a] ڪيچَ کي.

١١

هورِنِ هاڙهو لَنگِهيو، ڳورِيُون پاسي ڳوٺَ،
ڪيچ تِنين کي ڪوٺَ، 'ڪِينَ' جَنِين جي ڪَڇَ ۾.

١٢

هورِنِ هاڙهو لَنگِهيو، ڳورِيُون ڌِيُون ڳَمَنِ[٩]،
هاڃي تنهن هَڃَنِ، ڏاران سِڪَ سَيّدَ چئي.

١- هوند يا خودي يا هستيءَ کان ٢- آهي، اچ ٣- نيستي * هيءُ بيت خواجہ بيت خواجہ محمد زمان لواريءَ واري ڏانهن هِن پڙهڻيءَ سان منسوب ٿيل آهي:
هوندئان هوتُ پري، اوڏو نہ اڻهوندَ کي،
سڄڻ تن سري، 'لا' سين 'لا' لاهين جي. (ڏسو ڪتاب 'ابيات سنڌي' مؤلف ڊاڪٽر دائود پوٽو)
٤- ٽڪو ڪري ٥- نفس ٦- هلڪي بار واري ٦a- هورين ٧- جريده (ع)، مجرد، اڪيلي، ڇڙي
٨- هار سينگار ٨a- رَسائي، پهچائي ٩- ڳهن، آهستي هلن.

نہ ڪا ھِتِ، نہ ھُتِ، ڪا ڳوريءَ سَنْدِي ڳالِ،
ڪِينَ پَھُتِي مالِ[1]، حالِ[2]، پَھتِي ھوتَ ڪي.

وائي

هَلُ هوتَنِ ڪارَڻِ حالَ، شالَ سَڳَرِ ٽيندينءَ ساٿَ جي!
پيرَ پنهنجي پرينءَ لئي، ڪوڏِ[3] رَتائين ڪالَ،
شالَ سَڳَرِ ٽيندينءَ ساٿَ جي!
چَڙهندي سِرِ[4] چوٽِيين، لَڪَنِ ڪِيَڙُسِ لالَ،
شالَ سَڳَرِ[5] ٽيندينءَ[6] ساٿَ جي!
جي ياپين جَتَنِ جي، ويجهي ٽِيانِ وِصالَ،
شالَ سَڳَرِ ٽيندينءَ ساٿَ جي!
ٻُري[7] پَبَ[8] وَٽَنِ ۾، وِجهجِ ڪا وَڙالَ[9]،
شالَ سَڳَرِ ٽيندينءَ ساٿَ جي!
ڪيچان آيو قافِلو، مَيَنِ مَٿي مالُ،
شالَ سَڳَرِ ٽيندينءَ ساٿَ جي!
اِينديَئي ٻُو بوتَنِ[10] جي، تُون جَهلِجِ پَبَ پَيالَ[11]،
شالَ سَڳَرِ ٽيندينءَ ساٿَ جي!

١- ملڪيت سان ٢- اڪير، حب ٣- خوشيءَ سان ۴- مٿان ٥- راھ ٦- تون ٽيندينءَ
٧- ھُلي ٨- پب جبل ٩- ڳولا ڦولا ١٠- ننڍن الن ١١- ترو، پاڙ، دامن.

جِتي جَمازَنِ[١] کي، جَبَلَ تِينِ جَنجالَ،
شالَ سَڄَڻ تيندينءَ ساڻَ جي!
پُڇي پيادِيَنِ کي، اُتِ آرِياڻي اَحوالَ،
شالَ سَڄَڻ تيندينءَ ساڻَ جي!
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، سَڄَڻُ مِلَندمِ شالَ!
شالَ سَڄَڻ تيندينءَ ساڻَ جي!

داستان ٽيون

١

هَلَندي هاڙهو مَٿي[٢]، ڪَرَڻُ ڪوهَہ[٢a] پيامِ،
اَرِڏا[٣] آرِيءَ جامَ ري، گُوندَرِ گُڏَرِيامِ،
لَڪِيُون، لَڪَ لَطِيفُ چئي، اورانگهڻُ آيامِ،
پُرَڻُ[۴] پُنهُونءَ پُٺِ ۾، اِيءَ سَعادَتَ سَندِيامِ،
مَٿِسِ ڪَمَ وِڏامِ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

٢

هَلَندي هاڙهو مَٿي، ڏُکَنِ منهنجا ڏوهَ،
هو اوچَڻُ[٥] سِرِ اُٺَنِ تي، هِيءَ پَندِ پَچاڙِي پوءِ،
ليڙَنِ[٦] ري، لَطِيفُ چئي، ڪيئن ڪَرِيندِيَس ڪوهَ،
اَڳِيان رائو سُڄي روهَہ[٧]، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

١ـ مهري اٺن ٢ـ هاڙي جبل ڏانهن ٢a ـ پنڌ جابن بن ميلن وارا ماپا، ڪوهين ٣ـ سخت ۴ـ هلڻ ٥ـ ڏکڻ جو ڪپڙو، هتي اٺ جو گاشو ٦ـ اٺن ٧ـ جبل تي.

۳

هَلَنديءَ هاڙهو مَٽيءَ، سِسِي ڏِينديَس ساھُ،
لِڱُنِ تان، لَطِيفُ چئي، پاري نِيمِ پاھُ[۱]،
ڪَندو ٻاجَھ اَللهُ، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

۴

هَلَنديءَ هاڙهو مَٽيءَ، گسان[۱a] تان مَ گسان[۱b]،
لَڪَنِ تان، لَطِيفُ چئي، رِڙهِي مانَ رَسان،
پُنهُون شالَ پَسان، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

۵

ياٺي حالَ[۲] هَلِي وِيا، ڪنهن ڪي سُورُ سَلان؟
ڪَٽيو لَڄَ، لَطِيفُ چئي، لَڪَنِ مَنجھ لُڇان،
پانديءَ ڪيرُ پُڇان، وِهان تان نہ وَسِ پيو.

۶

وَڏو ڪِيمَ، وَٽاھُ[۳]! اُونچا، ڏُونگَرَ! مَ تِيو،
تِمو مَ، نيٽاھُ[۴]! تہ پيرُ نِهارِيان پِرِيَنِءَ جو.

۷

وارو مُون، وَٽاھُ! ڪا سُڌِ سُونهَپَ[۵] جي نہ ڏِيو؟
اِيءَ اِهائِي ڳالهڙِي، شَجَرَ! سُٽيجاھ،
چوتِيءَ چاڙهيجاھُ، تہ مُوڙهيءَ ڪو منهن تِئِي[۶].

۱- پاٽي، رونق، طاقت ۱a- گسَ تان، واٽ تان ۱b- پُلجان، ڀٽڪان ۲- حال ياٺي، راز محرم ۳- اي وڻ ۴- اي نيڻ، نيڻن ڪان ۵- رهبري ۶- منجهيل جو ڪو بلو ٿئي.

٨

وارو[١] مُون، وَٽراھ! ڪا سُڌ سونهَپَ جِي نہ ڏِيو؟
وِڄهي وَراڪَنِ ۾، مَعذُورِ ڪي مَ مُنجهاءِ،
مَنجهان پاڻ پيادِيُون، هادِي ٿِي هَلاءِ،
پِريان ڪي پَهچاءِ، تہ لَڱِي لُوٺو نہ ٿِيين.

٩

وارو مُون وَٽڪارَ، ڪا سُڌِ سونهَپَ جِي نَہ ڏِيو؟
آهي اَسُونهِينءَ جِي، مَتِّي تو مَيارَ،
وِڙهِيا ويراڳِڻِ[٢] سين، لَڪَنِ جا لِيارَ[٣]،
ڪَرِياڻ ٿِي ڪُوارَ[٤]، ڪَندَنِ، ڪانديرَنِ جِي.

١٠

ڪَندا مُون پيرَنِ ۾، توٽِي لَڪَ لَڳَنِ،
آڳَرِ، آڱوٺِي نہ مِڙِي، چِپُون پيرَ چِڻَنِ،
وِيندِي ڏانهن پِرِيَنِ، جُتِي جاتِ[٥] نہ پائِيان.

١١

جُتِي سي پائِيندِيُون، جَنِين پيرَ پِرِين،
لاٿِيُون سَڀِ پَرِين[٦]، سَسُئِيءَ سُپِرِيَنِ ڪي.

١ـ وارو ڪريو! واهر ڪريو! ٢ـ بيراڳي فقيرن، ويراڳ جي ماريل (سَسُئِيءَ) ٣ـ ليار جا وڻ ٤ـ شڪايت، گلا ٥ـ ذات، بنهہ، اصل ٦ـ پريون، رسمون.

وائي

جيڏيون! جا جَرَّ[١] لائي، جِيءَ جتَنِ سين،
سا مُون، سَرَتيُون! سيباٽيامِ[٢]: تنهن جِيئَڻُ جالَ[٣] ڪِيامِ،*
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
مَهَرَ[۴] جا مَيَنِ جِي، سَنجهي هَٿِ هُيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
صُبح سُتي سُڪَ ۾، ويسَلي وييامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
هَڪَل هوتَ پُنهُونءَ جِي، سَگَرَ مَنجِهه سُيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
ڏورِيندي ۾ ڏُونگرين، ٿَهَرَ[٥] توبَ[٦] ٿِيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
ڪوڙين يالَ ڪَريمَ جا، گنجي[٦a] مَنجِهه گهرِيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
سُتِي سَنگهرَ پَٽِيين[٧]، سِگهَڙِي سارَ لَڌِيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!
ڪِيهُون ڪوهَنِ[٨] پَٽِيين، ڪُوڪُون جَماجانِ[٩]،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيُون!

١- ميخ ٢- مون کي وٽي ٣- گهڻو وڏيڪ (وبال) جنجال *انهي عشق جي ميخ ڪري، حياتي وڏي يعني بار ٿي پئي اٿم ۴- مهار ٥- نهر، آرام ٦- قرار، آرام ٦a- تڪر، جنهن تي وڻ ناهي. ٧- ميدانن جي ٨- جبلن ٩- جهازءِ اُٺ، هنن جي اٺن.

هوتاڻي هَٿُ ڪَٽِي، پُنهُونءَ پِيادِيانِ[١]،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏِيُون!
ڏُکُون، ٻُکُون، ڏاکِڙا، ڪارڻِ جَنِ ڪِيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏِيُون!
موتِـي، ماءِ! ڀَنڀورَ ۾، اَڳڻِ سي آيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏِيُون!

داستان چوٿون

١

مَرِي، جِيءُ تہ ماٺِيين، جانِبَ جو جَمالُ،
ٿِـيين هوند حَلالُ[٢]، جي پَندِ[٣] اِهائِي پارِيين.

٢

مَرُ، تہ موچارِي ٿِـيين، اَجَلان[٤] اَڳِي اَڄُ،
جان ڪِي هُئِينءَ جيئري، تہ مُنڌَ! ڀَنيوران ڀَڄُ،
پُنهُونءَ ساڻُ پَهَڄُ[٥]، تہ مَلَڪَ المَوتُ ماٺِيين.*

٣

مَرُ تہ موچارِي ٿِـيين جِيئَڻُ آڏو جَتَ،
هارِي! ڪَرِ هِمَتَ، تہ ڏِيئي دَمُ دوسُ لَهِين.

١- پيادين ڏانهن ٢- مقبول ٣- صلاح، نصيحت ٤- اجل يا مقرر ٿيل وقت کان ٥- پرچ، نهہ. * موت (جو فرشتو) ماٺين، مري جيئڻ جو مزو وٺين، موت کان پوءِ واري دائمي حياتي ماڻين!

۴

مَرُ تہ موچارِي ٿِيِين، ويهِي وِجُهہ مَ ويرُ[۱]،
دِلِ ۾ آڻِ مَ دورُ[۲] تُون، قِرَڻَ سَندو قيرُ،
توڙي لهين نہ پيرُ، توءِ[۳] راحَتَ آهہ رِڙهَڻَ ۾.

۵

مَرُ تہ موچارِي ٿِيِين، ويهِي جِيءُ مَ جوءِ،
مُنڌَ! مَرَٽان پوءِ، پَهُچَندِينءَ پُنهُونءَ کي.

٦

اَجَلان اَڳي، سَسُئِي! مُنڌَ جِيئَرِيائي مَرُ،
تولِيان[۴] تنهن مَ تَرُ، جنهن رُوحُ وِڃايو راهہ ۾.

۷

مَرَٽان اَڳي جي مُئا، سي مَرِي ٿِينِ نہ ماتِ،
هوندا سي حَياتِ، جِيئَڻان[۵] اَڳي جي جِيا.

۸

جيئڻا اَڳي جيَ جِيا، جُڳِ جُڳِ سي جيئَنِ،
اوءِ مُوتِي کِينَ مَرَنِ، مَرَٽان اَڳي جي مُئا.

۹

اُونچو اُتاهُون گهڻو، جيئڻَ کي جَبَلُ، *
مَرَڻَ! مُون سين هَلُ، تہ پُنِيءَ تو[٦] پَنڌَ کَرِيان.

۱- دير ۲- وهم، گمان ۳- تنهن به ۴- توليءَ کان (طريقت جي صاحبن کان) ۵- جيئڻ کان * -جيئڻ جي تمنا رکندڙ لاءِ جبل اڙانگا آهن. ٦- تو تي چڙهي. (تنهنجي پويان)

۱۰

تو سَگُ، ساهَ گھڻن سين، جيئڻَ! گوشي جاءِ،*
مَرَڻَ! مُون سين آءُ، تہ پُنيءَ تو پَنڌَ ڪريان.

۱۱

تو ساماڻي سَسُئي! مَرَڻُ ڪيو مُردارُ،**
ڪُپَرِ سين[۱] ڪوهيارُ، لُوني! تو لَجائيو.

۱۲

پَرِ ۾ پَچي پِرينءَ کي، مَري نہ جاتوءِ،
"مُوتُوا"[۲] مُنڊ نہ سوءِ، ڪَنڌَ ڪُجاڙيان ڪاتِيين؟***

وائي

توڏِن تان نہ تُنوارِيو، منهنجو لاکَنُ وارِيو،
الله ڪارڻ، ميان اوٺيا!
شَرَفُ لَهي سَسُئي، ڪُتَلِ کي ڪَمُ ڪارِيو[۳]،
مُنهنجو لاکَنُ وارِيو.
ميندِيءَ مورَ[۴] مَلِيرَ جا، چانگَنِ کي سَبِ چارِيو،
مُنهنجو لاکَنُ وارِيو.

---

*اي جيئڻ! مونکان پنهنجي پاسو ڪر. **مرڻ جهڙي عمدي شيءِ کي نڪمو ۽ مردار سمجهيو. ۱- اهڙيءَ خراب هلت ڪري. ۲- موتوا قبل ان تموتوا "مرو مرڻ کان اڳي" (حديث) *** (حرصن کي ختم ڪرا)، بدن کي ڇو پئي ڇيچلائين؟ ۳- مراد حاصل ڪرايو ۴- گؤنچ.

داستان پنجون

١

هتين، پيرين، مُونَڙِيين[١]، هَلِج ساڻ هنئين،
عِشقُ آرِيءَ چامَ جو، نِباهي نئين،
جاَن جان تِي جِيئِين، تان پاڙِج[٢] کو مَ پُنهُونءَ سين.

٢

هَتين، پيرين، مُونَڙِين، ڪَهِج يَرِ ڪَپارَ،
مَتان، چوري! چَڏِين، پَرِيَتَڻِي پَچارَ،
توکي سَنَدَ[٣] سَسُئِي! سَندِي لَنئُون لَغارَ،
جي هُونِئِي هوتَ هَزارَ، تہ پاڙِج کو مَ پُنهُونءَ سين.

٣

هَتين، پيرين، مُونَڙِيين، ڪَهِج يَرِ قُدامَ[٤]،
وِچ وَسِيلو ناهہ کو، اوري آرِيءَ چامَ،
هينئين لائي هامَ[٥]، پاڙج کو مَ پُنهُونءَ سين.

٤

هَتين پيرين مُونَڙِيين، پُرِي ڪج پَرَکَ[٦]
قَدَمُ ڪيچ- ڏِٺين ڏي، پاءِ وڏندي وِکَ،
جي هُونئي هوتَنِ لَکَ، تہ پاڙِج کو مَ پنهنونءَ سين.

١- گوڏن سان ٢- برابر يا ثاني ڪج * ڪنهن کي بہ پنهون جو مَٽُ نہ ڪجانءِ ٣- آڏار، پروسو ۴- پيشانيءَ ٥- هائو، قبوليت: دل و جان سان قبول ڪري ٦- نظر، آزمائش.

٥

هَٿين، پيرين، مُونَڙين، سِرِج ساهَ پَساهَ،
هوتُ گَڏِبُئِي حَبَ ۾ رَهَبَرُ مَٿي راهَ،
جان جان ساڻُءِ ساهَ، تہ پاڙِج ڪو مَ پُنهُونءَ سين.

٦

ٿَڌي ٿَڪِي نہ وِهي، تَتِيءَ ڪَري تانگهہ،
وِڏائِين وَٺِڪارَ ۾، سَسُئِيءَ پانڌ سُکانگهہ [1]،
پُڇِي پَهَ [2] پَکِينِ کي، پيئِي مُنڌ پَريانگهہ [3]،
ڏِنَسِ ڏيهَ وَٽَنِ جا، تَنِ اَللهَ لَگِ اُهيانگهہ،
مانَ پَرَچِي پانگهہ، اَچِي آرِياڻِي وَرِي.

٧

توٽي وِلاڙُون [4] ڪَرين، توٽي هَلين وِکَ،
لِکِيي مَنجهان لِکَ، ذَرو ضايَع نہ ٿِيي.

٨

لِکِيو جو نِراڙِ، سو اَنگُ ڪِياڙِيءَ نَہ ٿِئي،
پارِيو ويٺِي پارِ،* جيڪِين لالنَ لِکِيو لوحَ ۾.

٩

جِتِي جيتَرِيُون، لِکِيُون لوحَ قَلَمَ ۾،
تِتِي تيتَرِيُون، گهڙِيُونَ گهارَڻُ آئِيُون.

١- سڪانگهہ، چڱي گهرج ٢- رستي تي ٣- نشان پرينءَ جي ٤- وڏيون پرانگهون، تڪڙو تڪڙو هلين. * ويٺي پوڳ، گذار.

١٠

ڪِيائِين ڪيچِيَنِ لِئِي، جُسو جَلاوَتَ[1]،
ڇَڏي، پيتِي[2] ڇَپَرين، هارِي سَڀِ حُجَتَ،
هُئِي نِماڻِي نِسَتَ[3]، پَنڌُ وِڏائِين پاڻَ تي.

١١

ڏُکِيءَ ڏورَڻُ پاڻَ تي، ويچارِيءَ وِڌو،
ٻِيلُ جنهن جو ڏُکَ سين، سَيوئِي سِڌو[4]،
هُيَڙُسِ اَگَ لِڌو، پوءِ ٿِي ڪَري پَنڌَڙا.

١٢

پَنڌ نہ پَنڌَنِ جيتَرو، ڪيئَن سُڄَندِي[4a] ڪيهَہ[5]؟
جيڪَرَ ڪَريان رِيهَ[6]، پَرَ چوندا مُنڌَ ڇَري ٿِئي.

١٣

ڇُونِمِ مَرُ، "ڇَري ٿِئِي"، پَرَ جي سَڌَ سُٽِينِ،
مَرُ مُنهِين[7] ڪي ڏِينِ، ماڙهُو[7a] اَڇِيو مِيهَٽا.

١٤

ماڙهُو ڏِيئِي مِيهَٽا، مُون ڪي ڪَندا ڪوهُ؟
جنهن ڇوڙِيءَ ۾ ڇوهُ[8]، سا پِٽُون[9] ٿِينڊي پيرَ تي.

١ـ سڙيل ٢ـ پيهي وئي، گهڙي وئي، پنڌ پئي ٣ـ نبلَ، ضعيف، ڪمزور ۴ـ سِڄهيل، رَجهيل، رَڌل، سوڪُ ۴a ـ بڌڻ ۾ ايندي ٥ـ دانهن، ڪوڪ ٦ـ رڙ ٦a ـ ٿي (لاڙي لهجي ۾) ٧ـ مون ٧a ـ ماڻهو ٨ـ عشق جو جوش ٩ـ پرزا پرزا.

وائي

وِھُ[o] مَ واتَ وِرچِي[١]، ھوَ آلا مِيان!
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لهَندينءَ.
ڪَنين اَچِي ڪا ڪَهِي[1a]، ڪَنين اچي ڪا چَئي،
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لھندينءَ.
اَمُلَه پايان اُنَ کي، ساجَنَ مون کي جا چَئي،
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لھندينءَ.
پيرَ پَٽائِين[1b] ڪُونَرا،[1c] رائي ڪِيَسِ رَچِي[٢]،
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لھندينءَ.
مُنھَن ڪَرِ مَعذُورِيَنِ ڏي، پُنهُون جامَ! پَرَچِي،
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لھندينءَ.
مُون کي تِنهِين ماريو، جَتَنِ جا چَئِي،
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لھندينءَ.
وِندُرَ واتَڙِيَنِ تي، ڪانڌِي تِيندَمِ ڪيچِي،
جيئن ڪَھندينءَ تيئن لھندينءَ.

---

o ويهُه ١ـ ورچي، ڪڪ يا بيزار ٿي. 1a ـ چئي 1b ـ پَٽَ (ريشم) ڪان ٻه 1c ـ نرم
٢ـ ڳاڙها، لعل.

داستان ڇهون

١

جَهلِي تان نہ رَهان، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي،
اَپِرِ عاجِزِ آهِيان، لالَنُ جان نہ لَهان،
فَردا[١] مُونَ قِتِيَ ڪِي، وَعدي ڏي نہ وَهان،
صُباحَ سِين[٢] نہ سَهان، خواه ميڙِيِين، خواهِ مارِيين.

٢

فَردا مُنڌَ قِتِي ڪِي، نَقدُ[٣] ڪَنيو نارِ[٤]،
هِيءَ جا واڳَ وِلهِيءَ[٥] جِي، ويرَمَ[٦] ڏي مَ وارِ،
جيڪِين[٧] مُنِيءَ مارِ، جيڪِين ميڙِ مُنِيءَ ڪي.

٣

مُنِي تِي مُدَعا[٨] گُهري، موتُ تِيو مَوجُودُ،
اَچِين تہ اَڄُ ڪَرِيان، صُباحَ جو سُجُودُ،
جيڪِين نِيَ وُجُودُ[٩]، جيڪِين ميڙِ مُنِيءَ ڪي.

٤

جيڪِين ميڙِ مُنِيَ ڪي، جيڪِين مُنِيءَ مارِ،
ڏِڪِيءَ ڪي ڏيکارِ، هيڪَرَ هوتُ اڪين سين.

١- سياڻي، آخرت جو ڏينهن، جڏهن محبوب جو ديدار ٿيندو. ٢- تائين a٢- توڻي b٢- ملائين ٣- روڪڙ، (حاضر وقت) هاڻي ٤- زال ٥- مسڪين ٦- وير ۾، ساعت ۾، دير ٧- يا تہ ٨- مراد ٩- هستي يا جسم وٺي وڃ، يعني مار.

٥

ڏُکِي ٽِـي ڏُڏورَ[١]، لَهَسِي لَئُون پُنهُونءَ جي،
ڏِيئِي آگِ اَتورَ[٢]، سَـيَ نَہ ڪائِي سَسُئِي.

٦

ڏُکِي! ڏِکَ[٣] وِسارِ، سِيجَ ڦِٽِي ڪَرِ سَسُئِي
پَٽِيِين پِيرُ نِهارِ، تَہ آرِياڻِي اُتان لَهِين.

٧

ڏُکِي! ڏُکُ مَٽِي ڪَرِي، وانءُ[٤] جِـپَرِ پِيهِي،
گَڏِبَئِي ڏِيهِي، سُوڌِيُون ڏِينِدءِ خَبَرُون.

٨

ڏُکِيءَ ڏِيهاڻِي، مُٺِيءَ مَٽِي هَٽَرا،
تنهن پَرِ نَہ ڪاڻِي، جنهن پَرِ جِٽِي، جيڏِيُون!

٩

ڏِسَڻُ[٥] ڏِکان[٦] اَگِرو[٧]، سَسُئِي! آڻِ مَ شَڪُ،
ٽِـيءُ ٻانِهِي، يَـرِ اوئِيُون[٨]، لُڌُ مَ، پَسِي لَڪُ،
وَرُ[٩] پُنهُونءَ سين پَلَڪُ، ڪوءِ[١٠] ٻارَهَن ماهَ ٻِيَنِ سين!

١٠

هَر دَمُ هوتَ پُنهُونءَ جو، ڏِسَڻُ ٻانئج ڏِکَ،
وَرُ پُنهُونءَ سان پَلَڪُ! ٻَنِ ٻارهن وَرِهَيہ ٻِيَنِ سين.

١ـ ڏڏل، اڏ سڙيل ٢ـ محبوب ٣ـ هار سينگار ٤ـ وڃ. ٥ـ ديدار ٦ـ سينگار ڪان ٧ـ بهتر ٨ـ سانداريون ٩ـ بهتر ١٠ـ ڪڏ ۾ پوي.

١١

ٿورَ ويرَمِي[١] ٿِيءُ، وَجَنُ ويرَمَ نہ سَهي،
ڏيئِي مَرِج ڏُونگرين، جِتَنِ ڪارَڻِ جِيءُ،
هُڏِ نہ هوندو هيءُ، ساهُ پِريان تان صَدَقو!

١٢

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، آڏِيءَ آهُون پُونِ[٢]،
ڏاري جو ڏُونگرَ کي، سو ڪِين[٢a] چَيو چُونِ،
آرِيءَ جي اَرمانَ ۾، مارُهُو، مِرُون رُونِ،
اِنَ پَرِ سيئِي هُونِ، هينئڙا جَنِ هَجِي وِيا.*

١٣

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، پَسو! پِٽُون پُونِ،
مُئِي پُڄاڻان مُنڌَ کي، روجَهہ[٣] رُجُنِ ۾ رُونِ،
پُوٽان[٣a] اِيهِين[٣b] چُونِ،** تہ مُئِيءَ اسان کي مارِيو.

١٤

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، اوچِنگارُون اَچَنِ،
هَٿِي سانگَ[٣c] سَسُئِيءَ کي، ڪِلو ڪِيو[٤] ڪيچَينِ،
جي هَٿان هوتَ مَرَنِ، هوتُ تِنِين جي هَنجَ ۾.[٥]

١٥

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، وَنّ تِڻَ وايُون ڪَنِ،
وَتان ويهِي جَنِ، وَڍِيءَ[٥] سي واڍوڙِيا[٦].

١- تڪڙي ٢- پون ٿيون ٢a- ڪي * جن چون دليون عشق ۾ گرفتار يا فنا ٿيون پيون آهن. ٣- اچن پيرن وارا هرڻ ٣a- پٽان ٣b- ايئن ٣c- لوهي سيخ، رنبو، ڀالو (اصطلاحي معنيٰ ۾) ** ائين بيٺا چون، ايئن چوندا وتن ٤- جهيڙو ڪيو O من قتلہ فانا ديتہ (جنهن کي مون قتل ڪيو، تنهن جي خون بها مون تي آهي!) ٥- وڍيل (سسئيءَ) ٦- وڍيا، زخمي ڪيا.

وَڏِيءَ سي واڍوڙِيا، رَتُ نہ ڏِنو جَنِ، *
مَوتُ قَبُولِيو تَنِ، ڏِنو جَنِ ڏُکِيءَ کي.

۱۷

ڪنهن جنهن[۱] ڏُکا[۲] ڏِي، پارانيا[۳] کي پانڌِيِن،
سُورَ پَرِيائِين سِي، ڳالِهہ ڪِيائِين جَنِ سين.

۱۸

ڪو جو وَڍِيءَ وَڍُ، جيئن وِڻُ[۴] وَڍِيائِين وَڍَ سين، **
ڏُکُ ڏُکِيءَ کي ڏِڍُ[۵]، جَنِ ڏِنِي سي ڏُکِيا ٿِيا.

۱۹

وَڍيَلِ[٦] ٿِي وايُون ڪَري، ڪُتَلِ[۷] ڪُوڪاري،
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هِيءَ هَنجُون هَڏَنِ[۸] لئي هاري. o

۲۰

ڏُکِيءَ ٿوءِ[۹] ڏُکارُ، توٽِي وَسَنِ مينهَڙا،
صاحِبَ هَتِ سُکارُ، هِنَ وَسِ آهِنِ هَتَڙا[۱۰].

۲۱

ڏُکِيءَ توءِ ڏُکارَ، سيڻَنِ ڏيهُ سُکارِيو،
پاروچاڻُو پارُ، سَيوِئي سُواءَ[۱۱] سين.

* اهي شيون جن ۾ رت دورو ڪونہ ٿو ڪري، يعني جمادات ۽ نباتات، پٿر، وڻ ٽڻ. ۱- ڪنهن اهڙي ۲- ڏک کان ۳- سنيها ۴- بين، نڙ ** منجهس اهڙو سوز آهي جو هن جي آهن جي اثر کان نڙ ۾ ماتم شروع ڪيو آهي. ۵- تسلي، آٿت ٦- نڙ جيڪو اصل کان وڍجي ڌار ٿيو آهي ۷- زخمي ٿيل(سسئي) ۸- عزيزن، محبوب o هي بيت مولانا روميءَ جي مثنوي جي پهرين بيت جو ترجمہ آهي: بشنوا ازني چون حڪايت مي ڪند، وز جدائيها شڪايت مي ڪند(هن بيت ۾، نڙ ۽ سسئيءَ جي ڀاڱ ۾ ڀيٽ ڪيل آهي: جيئن نڙ پنهنجي اصل، يعني وڻ، کان ڌار ٿيڻ جي ڪري وچوڙي جا ورلاپ ڪري ٿو، تيئن سسئي بہ جتن کان جدائيءَ سببان ڪُوڪاري ٿي!) ۹- تنهن هوندي بہ ۱۰- هٿ ڪٽڻ، دعا گهرڻ ۱۱- سٺائو واءُ، سڪار.

وائي

اَچِي، لالَنَ! لَتِ، مِيان! مُئيءَ جو لوڙهُ[١] لَکَنِ ۾ .
هو کانُ[٢] کَتوريءَ هيرَئُون[٣] ، مُون ۾ صابُڻَ چَتِ،
مُئيءَ جو لوڙهُ لَکَنِ ۾ .
آرِياڻِي! اَچِي کَري، کا گهڙِي مُون وَتِ جَتِ[٤] ،
مُئيءَ جو لوڙهُ لَکَنِ ۾ .
کَتُوريءَ کَشبوءِ[٤a] سين، هارِيائُون هَتِ هَتِ،
مُئيءَ جو لوڙهُ لَکَنِ ۾ .
ڏَردُ منهنجي دِلِ جو، تُون، کامِلَ! اَچِي کَتِ،
مُئيءَ جو لوڙهُ لَکَنِ ۾ .
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، سِرَ تائِين آهي سَتِ[٥] ،
مُئيءَ جو لوڙهُ لَکَنِ ۾ .

داستان ستون

١

آئُون نَه گَڏِي پِرِينءَ کي، تورا ڏينهن تِيا،
راتِين روزَ[٥a] وِيا، عَبَثُ[٦] آرِيءَ جامَ ري!

١ـ قبر ٢ـ خان ٣ـ هريل ٤ـ ترس ٤a ـ خُوشبو جو عام سنڌي اُچار ٥ـ عيوض، سودو (سر جو سودو ڪرڻو آهي) ٥a ـ راتيون (۽) ڏينهن ٦ـ اَجايو.

٢

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، سهسين سِڄ وِيا،
هلڻ وير هِئا[1]، ڏيکي شالَ ڏمرُ ڏِيان!

٣

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، تون تو لهين سِڄ!
آئون جي ڏيئين سنيها، نيئي پريان کي ڏِج،
وَڃِي کيچ، چَئج، تہ ويچارِي واتَ مُئِي!

۴

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، پويون تيو پساهه،
سِڪان تِي سَڪراتَ ۾، رويو پُڇان راهه،
شالَ مرَ وَجيمِ ساهه، ڏاران پَسڻ پرينءَ جي!

٥

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، عُمرِ تان وِيئي،
وِلهِيءَ ڏينهن وِڃائِيا، سَرتيُون! سَيِيئِي،
پيرِيءَ ۾ پيئِي، اَکيُون آرِيءَ ڏي کٽِي!

٦

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، جويَنُ وِيو جارَ[2]،
آڏا آريچَنِ کي، چاڙهيڪا ۾ چاڙَ[3]،
مُون مُنيءَ کان نہ ٿِئي، وَڏپڻَ منجهه وِلاڙَ،
عُمرِ سَي اوارَ[4] وِيَمر، تِي واڪا ڪَرِيان!

١- هتان ٢- اجايو ٣- چاڙهه ۴- اجائي.

٧

آئُون نَہ گڏِي پِرِينءَ کي، هِيءُ پُڻِ ڏينهن وِيو،
نِهوڙِي نايُنِ[١] سِينِ، مُون کي نينهن نِيو،
مُنِيءَ مَوتُ تِيو، "پِيُ، پِيُ"[٢] ڪَندي پَنڌَ ۾!

٨

آئُون نَہ گڏِي پِرِينءَ کي، آيو عزِرائيلُ،
جوراٽِي[٣] سِينِ، جيڏِيُون! نہ ڪو قالُ نہ قِيلُ[٤]،
آيو مَوتَ دَلِيلُ، مارِيندو مُرادَ ڪان!

٩

آئُون نَہ گڏِي پِرِينءَ کي، مَتان آيو مَوتُ،
وِاجهائِيندي وَرِهَ تِيا، هَڏِ نہ گڏِيُمِ هوتَ،
جيڪُسِ تِيِنديَسِ فَوتُ، فَنا هِنَ فِراقُ ۾.

١٠

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهِي، ڳِجُهنِ تِيندي ڳاهُ[٥]،
سَسُئِيءَ سُورِيءَ چاڙهِيو، پِرِيان لَئِي پَساهہ،
هُو مِرُون، هيُ ماهہ، ڪِينَ ڪَمِيڻِيءَ رَکِيو.

١١

وِلاڙِيو وَٽِين چَڙهِي، رَئِي[٦] پَسِيو روءِ:
"وِڇان جو وِڇُ پوءِ[٧]، سو ڪنهن پَرِ ڪَهِي لاهِيان!"

١- ننهن، چنبين، رانپوٽن ٢- پرين ٣- زوراور (موت) ٤- ڳالهہ ٻولهہ، بحث مباحثو ٥- ڪاڏو ٦- غبار، اونداهہ ٧- جدائي پوي.

١٢

وِلاڙِيو وَڻين چَڙھيِ، اُونچَنِ° مَٿي اَڄُ،
لالَنَ ڪارَڻِ لَڄُ، باسِيائِين[١] بردارَ[٢] جو.

١٣

وِلاڙِيو وَڻين چَڙھيِ، ڏِيو پَٽولي لانگَ،*
تارِيءَ تارِيءَ چانگَ[٣]، سَسُئِي مورَ پَچَنِ جيئن.

١٤

وِلاڙِيو وَڻين چَڙھيِ، پَسو سَگھ سَندياس
آڏِيءَ وَڃِيو آڪُڙِي[٤]، نَہ ڪو پِيءَ نَہ ماسِ[٥]،
سوئِي سو سيٽاسِ[٦]، پَري پَڙاڏا ڪَري.**

١٥

وِلاڙِيو وَڻين چَڙھيِ، ڏاڍو ڏوري ڏُورِ،
سُپيرِيان جي سُورِ، پَري پَڙاڏا ڪَري.

١٦

پَري پَڙاڏا ڪَري، اوري نہ آھي،
ڪَمتَرِ[٧] ڪا ڪاھي، پَھُچي هِنَ پَٽَيءَ[٨] ڪي.

١٧

رُڃُنِ ۾ رَڙِ تِي، ڪَرَ ڪووَلَ[٩] جي ڪُوڪَ،
وَلوَلو[١٠] ۽ وُوڪَ[١١]، اِيءَ تان آھَ عِشقَ جِي.

° اُوچن، وڏن (وڻن تي) ١ـ ڪاڻ ڪڍيائين ٢ـ ميوه دار (وڻ) * ريشمي پيشگير جي لانگ ورائي. ٣ـ ٽپا ٤ـ ڳولي ٥ـ ماٺس، سندس سيڻُ (مائٽ، پنھنجي) ٦ـ ھن سان، ساٿس، سندس سيڻ (مائٽ تنھنجو) ** اھوئي ساٿس آھي جو پڙاڏو پيو ڪري (سندس درد جي دانھن.) ٧ـ ورلو، ڪميٽي ٨ـ ميدان (مرتب) ٩ـ ڪوئل (پکي) ١٠ـ آواز ١١ـ ڪوڪ.

١٨

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِيي، ڪَرَ، چِٽُونءَ جي چانگارَ،
اِيءَ عِشق جي اُپَڪارَ[١]، نَعرو آهي نينهن جو.

١٩

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِيي، جِهَڙِي ڪَرِي جوءِ[٢]،
اِيءَ نہ عَورَتَ هوءِ، اِيءَ تان آهَہ عِشقَ جِي.

٢٠

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِيي، ڪَرَ[٢a] ڪُرَڪي[٣] ڪُونجَ،
نَعرو مَنجهِ نِڪُونجَ[٤]، اِيءَ تان آهَ عِشقُ جِي.

٢١

رُجُنِ ۾ رَڙِ ٿِيي، ڪَرَ سارَنگِيءَ سازُ،
اِيءُ عِشقُ جو آوازُ، ماڙهُو رَکَنِ مُنڍ ٿي.

وائي

هِيءَ گهايُلِ هَڏِ گهورِي، ورا اَلا! ميان! ڪيچِي مُونَ نہ سَگِيٽا.
عِشقَ آرِي جامَ جِي، هِيءَ جُهونَڙِي هِڏِ[٥] جهورِي[٦]،
ورا اَلا! ميان! ڪيچِي مُون نہ سَگِيٽا.
رَهِي جان رُجُنِ ۾، سا چَپَرِ چِڏِهو[٧] مَ چورِي،
ورا اَلا! ميان! ڪيچِي مُون نہ سَگِيٽا.
اَدِيُون! آرِيچنِ لئِي، ڏُونگَرِ ٿِينديَسِ ڏورِي[٨]،
ورا اَلا! ميان! ڪيچِي مُون نہ سَگِيٽا.

١- پڪار، نعرو ٢- عورت ٢a- جهڙوڪر، جهڙوڪ ٣- ڪونج جو آواز ٤- چشمو ٥- ٿڪل، ماندي ٦- تڪليف ۾ آزاري ٧- چڙيو ٨- ڏوريندڙ، طالب.

سر ديسي

نالو

ديسي، لفظ جي معنيٰ آهي ڏيهي. ديسي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي جا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي.

مضمون:

هن سر جي مضمون جو بنياد پڻ، سسئي ۽ پنهونءَ جي آڪاڻيءَ تي رکيل آهي، جا سُر آبري جي شروعات ۾ ڏنل آهي.

روحاني راز:

جيڪو سالڪ پنهنجو نفس قابو نہ ڪندو، تنهن جو حال بہ اهڙوئي ٿيندو، جهڙو اُتن کي قابو نہ ڪرڻ ڪري سسئيءَ جو ٿيو هو. دنيا غفلت ۽ آرام ڪرڻ جو ماڳ نہ آهي. هيءَ ڪشمڪش ۽ جدوجهد جي جاءِ آهي، جتي بازي اهو کٽندو جيڪو هوشيار ۽ هميشہ تيار رهندو. هن دنيا ۾، سالڪ جا دشمن گھڻا گھوڙا ۾، سندس روحاني تباهيءَ ۽ پريشانيءَ جي لاءِ سامان پيا تيار ڪن. سسئي جا ٽي دشمن هئا جهڙوڪ، ڏاگها، ڏونگر ۽ ڏير. سالڪ جا بہ ٽي دشمن آهن جهڙوڪ، نفس، دنيوي تعلقات ۽ خودي. اهڙن حيلي باز حريفن کان جند ڇڏائڻ لاءِ حمايتي گهرجي. توائي ٿيڻ کان بچڻ لاءِ، سالڪ کي ڪامل رهبر هٿ ڪري، دل تان دود دور ڪرڻ گهرجن. هيءَ دنيا هڪ اهڙي ترڪڻ بازي آهي، جو نيشن کي نرت پوندي، نہ تہ سڀ ڪنهن جي جاءِ نہ آهي. جتي واٽون ويہ ٿين، اتي کهڙي اختيار ڪجي، تنهن جو پرو پير کان پوندو. وڌيڪ ڏسو، سر سسئي آبري جا روحاني راز صفحي ۽ سر معذوريءَ جا روحاني راز صفحي تي.

سُر ديسي

داستان پهريون

١

مُتِيَسِ! جَهلِ مَهارَ، ڪُتِيَسِ! ڪاهِ مَ ڪَرَهو[١]،
مُون نِماڻِيءَ جي نِجُهري[٢]، پيرو ڪِجِ پَتارَ!
ساجَنَ! تو هان[٢a] ڏارَ، ڏِتُمِ ڏينهن قِيامَ جو.

٢

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏونگَرَنِ، تنهِي ڏِنَمِ ڏُکَ،
سي سَبِ پانيَمِ سُکَ، هيڪانڊِ[٣] ڪارَڻِ هوتَ جي.

٣

ڏاگهنِ، ڏيرَنِ، ڏونگَرَنِ، ڏُکَنِ آئُون ڏِڏِي[٤]،
پُچان پيرُ پُنهُونءَ جو، وِجهان وِکَ وَڏِي،
لِکِئي آئُون لَڏِي، ناتہ پَٽنِ ڪيرَ پَنڌَ ڪَري؟

١- اُٺ ٢- جهوپڙي ٢a- تو کان ٣- وِصل، گَڏجاڻي ٤- ڦٽي، زخمي ڪئي.

٤

ڏاگها[١]! ڪيمَ ڏِرو[1a]، اَجا آرِياڻِي اَگِي[1b] ٿِيو،
موڙِي مَجَرَ[٢] تارِيُون، چانگا! ٿا چَرو،
آن تان[2a] حَرَفُ هَرو[٣]، مُورائِين مَعافُ ٿِيو.

٥

اَگُڻَ مَتي اوپِرا[٤]، جَڏِهن ڏاگها ڏِنَئي ڏينهن[٥]،
وَنِي سَرَّڪَ[٦]، سَسُئِي! ويھُ وِهاڻِيءَ سِينءَ[٧]،
چوٽِي[7a] سين چانگَنِ کي، جَڙِ زَنجيرَنِ جيئن،
تہ هوتُ تنهنجو هِيئن، پُنهُون نِياڻُون نہ پاڻَ سين.

٦

اَگُڻَ مَتي اوپِرا، جَڏِهن ڏاگها ڏينهَن ڏِناءِ،
ڪُنجُون جي قُفِلَنِ[7a] جُون، تان ڪنهن لَلِ لِڪاءِ،
تہ سُياڻِي سَندِياءِ، ٿِئي سارُوٽِي[٨] سَسُئِي!

٧

اَگُڻَ مَتي اوپِرا، جَڏِهن ڏِنَئي اُٺَ،
ڏايُئِي نہ ڏاگهَن کي، اوڳِي[٩] ساڻَ اَڳَٺَ،
تہ هوند نہ تنهنجي هَٿَ، سُورَ پِرايا سَسُئِي!

١ـ اٺ 1a ـ رڙيون ڪري ڦاٽو! 1b ـ اڳتي، پري ٢ـ ڪنديءَ جي وڻ جون سگريون 2a ـ اوهان تان، اوهان کان ٣ـ ميار ٤ـ ڌاريا ٥ـ ڏينهن جو ٦ـ ٻوٿاڙي، مهار ٧ـ ٽائين 7a ـ چوٽو، چوٽي، وارن جي مکيہ چُڳَ، جنهن کي زنجير جياڻ وَڪَڙَ ڏٻا آهن. 7b ـ واحد: قفل (اصل عربي لفظ)، ڪُلفن، تالن. ٨ـ يادگيري، سار ٩ـ نادان.

۸

أَگُڻَ مَٿي اوپِرا، جَڏِهن ڏِٺَئِي توڏا،
ڏَنگيئِي[۳] نَہ وارَنِ سين، تَنِ گورَنِ جا گوڏا،
تہ لَکَنِ جا لوڏا، هوندَ نَہ سَٽَئِي سَٽِئِي!

۹

ڏاگهِنئُون[۴] ڏيرَنِ، جي آندا ٻَرڏَ[۵] ٻَنيورَ ۾،
هَٽي چِيلَ[۶] چَرا ڪِيا، وَهِ پَئِي[۷] وَهُڙَنِ[۸]،
ڪُڙِيءَ ڪُڙِڪو اُنِ جو، هوندَ سُتي سو[۹] سيَنِ،
ڏاندَنِ ساٿِ، سَيَّدَ چي، پِيادِيُون پَهُچَنِ،
جَن جو پيرُ نہ لَڳو پَٽِيِنِ، تَنِ آيمِ ساڻُ اُٺَنِ،
گُنگَنِ ۽ جُنگَنِ[۱۰]، مُنڌَ اَسُونهين ميڙِيِنِ!

۱۰

اَڳي اُٺَ رَڙَنِ، مُون ٻيري ماٿِ ٽِٽِي[۱۰a]،
پِلاٽِيندي پاڻَ ۾، ڪُڇيو ڪِينَ ڪُٺَنِ،
ڪا جا مامِ[۱۱] مُنَبِنِ، هِنِ پُڙَ هُئِي هُنِ سين.

۱۱

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، منهنجو ڏينهن ڏِنگو مَ ٿِيي!*
اُٺَنِ، اوڻِيَٽَڙِن جي، ڇا وَهِيٽُو[۱۲] وِيرَ،
هِيءَ ڪَمِيٽِي ڪيرَ، جا اَمُرَ کي آڏِي ٿِري.

۳ـ ور ڏيئي ٻڌئي ۴ـ اٺن جي ٻلران ٥ـ ٻرڏَ، ٻرڏيا (گجراتي) ڍِڳا ٦ـ چيرِيل ڪر ۷ـ جوش ۾ اچي ۸ـ جوان ڍِڳن ۹ـ سُئو، ٻڌو ۱۰ـ اٺن ۽ بهادر جتن سان ۱۰a ـ ٿِيي (لاڙي لهجي ۾) ۱۱ـ ڳجهي صلاح * منهنجي قسمت نہ ڦِٽي. ۱۲ـ هٿ وس.

۱۲

دیسِي سيڻ ڪِجَنِ، پَرَديسِي ڪِهڙا پِرينِ،
لَڏِيو، لاڏوٽا ڪِيو[۱]، پنهنجي ديسِ وَڃِن،
پُڄاڻا پِرينِ، ڪِجي بَسِ پَنيورَ ڪان.

۱۳

ڏُرِيائِين[۱a] ڏارِيان، مِٽَ مُٺِيءَ جا نَہ ٿِيا،
مَدِي ڏيرَنِ مَنَ ۾، ڪَلِيو ڪِيڪارِيان،
صُبُوحِ ٿِي سارِيانِ، تہ اُٺَ نَہ اوطاقُنِ ۾.

۱۴

اُٺَ مَ اوري آڻِ، ڏاگهن ڏِڏِي آهِيانِ،
هَٿِي هَٿَ هَيَنِ[۲] کي، پَري نيئِي پَلاڻِ،
هوتُ منهنجو هاڻِ، پُنهون نِيائُون پاڻَ سين.

۱۵

جَتا! شالَ جِيو، جِيو تا جاڙُون ڪَرِيو[۳]،
ٻانيڻِ کي ٻَروچَ ري، ٻيِلي[۴] ناهِہ ٻيو،
چِنَڻ تان نَہ پِيو، هِيءُ سگ نہ چِنَڻَ جهَڙو.

۱٦

جَتَنِ جا جيِلان،[۵] تِي ساٿَ پُڄائي سَسُئِي،
آيَسِ آرِيءَ جامَ جا، تَڙِ توڏا تيلان[٦]،
اُنِ کي ناڪيلُيون نَڪَنِ ۾، ڌُهرِيُونِ دَليلان[۷]،
سِرِ هَٿِيو سيلان[۸]، لايو نِينهَن نِنڊُون ڪَرِين.

۱ـ سامان سڙو ٻڌيو ۱a ـ ڌُريان ٿي، اصل ڪان ٿي. ۲ـ مصيبت پيلن ۳ـ ڪريو ۴ـ مددگار ۵ـ جنهن صورت ۾ جنهن ڪري ٦ـ تنهن صورت ۾، تنهن ڪري ۷ـ نَنڍيا چڙا ۸ـ دشالا، رات جو مٿو ويڙهي سمهڻ لاءِ ڪپڙو.

١٧

جَتَنُ ڪِج[١] جَتَنِ جو، آئيا ڪِ ايندا،
وَٽِي پُنهُون پانهنجو، وَٽان تو وِيندا،
دَمُ نه دَميندا،* سِڏارِيندا[٢] سائيمَ[٣] ڏِي.

١٨

جَتَ هَڏِهين هُتِ، مُون هِتِ هينئڙي ۾ حَلُ تِيا[٤]،
چَنگُلَ[٥] جَنِين چِوُڦرا[٦]، راحَتَ تَنِ جي رُتِ[٧]،
گُنگَنِ جِي گُپُتِ[٨]، چيڙِي وِڏِيَسِ چَپَرِين.

١٩

جَتَنِ وِڏِيَس جارِ[٩]، ناتَ هُيَسِ نماٽِي نِڪَٽِي[١٠]،
تِيئَڙا پانڌ قَرارِ، مُون مَنُ گَڏِي گُوندرِين.

٢٠

جي جاٽان جَتَنِ، پوءِ[١١] پَٽاندَرُ[١٢] هيٽرو،
آئُون ڪيئن مُلا[١٣] تَنِ، سَرَتِيُون! سُورَ پِرائِيان؟

٢١

هِي جي آيا هِيرَ[١٤]، مُون اَگَ نه ڏِٺا ڪَڏِهين،
آئُون تَرَسان، هو تَڪِڙا، پَٽَ نه لائِنِ پيرَ،
پَنيوِلِيَسِ[١٥] برنِ ۾، پَسِي پِينڊِيَنِ[١٦] پيرَ[١٧]،
آءُ آرِياٽِيءَ! اُسَرِي، تِي واهَرَ جِي ويرَ،
هِيءَ ڪَمِيٽِي ڪِيرَ، تُون پارِسَ رسِجِ پَبَ ۾.

١ـ جِيلو ڪج، نظرداري ڪج * بلڪل ڪونه ترسندا ٢ـ ويندا ٣ـ وطن ۴ـ رچي ويا، گـڏجـي ويا ٥ـ چنبو ٦ـ چئن نوڪن وارا ٧ـ رفتار، لوڏ، موسم، وقت ٨ـ خاموشي ٩ـ جاڙ، ڏک ۾ ١٠ـ اصل، بنهه ١١ـ پوندو ١٢ـ نتيجو ١٣ـ وٽان ١۴ـ هينئر ١٥ـ پلجي پيس ١٦ـ دڙن ١٧ـ وراڪا.

٢٢

جَتَنِ يارانُو، ڪيچِنِ مون سين، ڪونَ ڪيو،
نالي سُيَسِ هوتَ جي، مَتِمِ ٻارانُون،*
تيلاهِين طَعنُو، ڏيندا مُون ڏيرَ وِيا.

٢٣

گورا وَڃَنِ گامَ[1]، ڏيرَنِ سَندا ڏيهَ تي،
توڏَنِ جُون تَڙَييڙَ ۾[2]، تَرِيُون تِرڪَنِ تان مَ،
اوٺيڙا آرامَ[3]، لَنگهي، پَٻُ، پَري ٿِيا.

٢٤

گهَ[4] سِرِ[5] ٿِئي مَ گُسَ[6]، پَٽِي[7] پوءِ مَ پرينءَ تي،
جنهن سِرِ ساڄَنُ سُپِرين، تنهن اُٺَ مَ لَڳي اُسَ،
پُنهون پاڪَ پُرِسَ[8]! هوتَ نہ ڪِڄَنِ هيڏِيون.

٢٥

اُسَ مَ لَڳي اوٺِيين، ليڙان لُڪَ مَ لَڳَ،
اَللهَ! آڙِيچن کي، ڪوسو واءُ مَ وَڳَ[9]،
جَتَ ججها ۾ جَڳَ، منهنجي پِرتِ پُنهُونءَ سين.

٢٦

لَڏيندي لِباسُ[10]، جَتَنِ جيڏو ٿِي ڪيو،
اَچِي آرِيءَ ڄامَ جو، وَنّ وَنّ مَنجهان واسُ،
مِرُون ڪِينَمِ ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

---

* اڃان ٻار هيس، تہ پنهونءَ جي مڱ سڱجڻ لڳيس. ١- وڪ (تڪڙو) ٢- تڪڙ ۾ ٣- آرام سان ۴- اٺ جو گهہ، اٺ بعضي ضد ڪري دڙها هڻي رستو ڇڏي ڏيندو آهي. ٥- تي ٦- رستو ٧- دز ٨- ماڻهو، ڀتار ٩- تيز لڳ ١٠- ويس، ڍونگ، حرفت.

۲۷

اُٺَ وِيرِي، اوتارَ وِيرِي، وِيرِي ٽِيئڙَمِ ڏِيرَ،
چوٿُون وِيرِي واءُ ٿِيو، جنهن لَتِيا پُنهُونءَ پيرَ،
پُنجُون وِيرِي سِجُ ٿِيو، جنهن اُلِهي[1] کِي اوِيرَ،
ڇَهُون وِيرِي ڇپرُ ٿِيو، جنهن سَنوان نہ ڪِيا سيرَ[2]،
سَتُون وِيرِي چَندُ ٿِيو، جو کِڙِيو نہ وَڏِيءَ وِيرَ[3]،
واهِيري جِي وِيرَ[4]، ڇِلُون ڪَرِيان ڇَپَرِين!

وائي

ڏاگهنِ، ڏِيرَنِ ساڻُ، ڪَرَهنَ ڪيچِنِ ساڻُ،
مَتان ڪا ٻِي لِنئون لائِي!
آئُون سُتِي، هو هَلِيا، وِيئڙا ڪَرَهَلَ ڪاهِي،
مَتان ڪا ٻِي لِنئون لائِي!
آسَڻَ[5] اَڳِيان اُنِ جِي، 'ٻَرِ! ٻَرِ!' ڪِيو ٻاڏائِي،
مَتان ڪا ٻِي لِنئون لائِي!
چَتُرَ[6] ڏِيئِي چِتَ کِي، وِيئڙا هوتُ ڇَپائِي،
مَتان ڪا ٻِي لِنئون لائِي!
جيڪا هُيَنِ مَنَ ۾ وِيئڙا پنهنجي پُڄائِي،*
مَتان ڪا ٻِي لِنئون لائِي!
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چَئِي، ايندَمِ واڳَ وَرائِي،
مَتان ڪا ٻِي لِنئون لائِي!

١ـ لهي ٢ـ رستا ٣ـ سويل، ساعت، اڳ ۾ ۴ـ پکين جي آکيري ۾ وڃڻ جي مهل، نماشام ٥ـ جاءِ ٦ـ دلبو. * جيڪا (ڳالهہ) من ۾ هُين، سا پنهنجي (نيٺ) پوري ڪري ويا!

داستان ٻيو

۱

اَڄُ پہ وَسائِي اوتِيين، مَتي مارَڳ[۱] ماڪَ،
پُنهُون نِيائُون پاڻَ سين، تاڙِيُون پَڄِي طاقَ،
هَيهَاتَ هَيهَاتَ لِمَا تُوعَدُونَ[۲]، سُڄِي ٿِي اوطاقَ،
ڇُڪِيءَ چوري چاڪَ، هاڙهي هُوتَ هلي وِيا.

۲

مِڙِي مُنڍَ ڏِي آئِيُون، ساهيڙِيُون سَهجان[۳]،
اَلسَّفَرُ قِطعَہُ مِنَ النّارِ[۴]، هارِي موتُ هِتان،
سَڳُ صِراطَ المُستَقِيمَ جو، اَتِئي تان اَڳِيانِ،*
سيَ ڪيڇِي نينڊءِ ڪِٿان[۵]، تُنهِنجو نينهن نِفاقَ سين.

۳

جڏان[۵a] ڪُن فَيَڪُونُ[۶] چَئِي، نِيو آرِياڻِيءَ اَرواحُ،
انڱُ اَڳِهِين لِکِيو، مُنهِنجو ميثاقاءَ[۷]،
مَن طَلَبَ شَيئا وَ جَدَّ وَجَدَ[۸]، اُتو[۹] عَلِيءَ شَاهہ،[۹a]
اَچا هِنَ حَدِيثَ[۱۰] جو، مُون آسَرو آهہ،
پُنهُونءَ جي پيغامَ تان، منهنجو موتَ مُباحُ[۱۱]،
سَرَتِيُون! دُعا ڪِجاهُ، تہ ميڙائو مُون ٿِئي.

۱- رستي، ڳس ۲- پري پري آهي اها ڳالهہ، جنهن جو توهان کي ڊپ ڏنو ويو آهي (ق- ۲۳، ۳۸)
۳- مهج يا ڪوڙ مان ۴- مسافري باهہ يا دوزخ جو ٽڪرو آهي. (عربي پهاڪو* جتن سان تنهنجو انگ اندرو اڙانگو آهي، جهڙو پل صراط تان هلڻ، جا ترار کان تکي ۽ وار کان سنهي آهي.
۵- ڪٿان ۵a- جڏهن ۶- 'ٿي' ۽ پوءِ اها ٿي پوي، (الست کان). ۷- ازل کان ۸- جو ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو، ۽ ان جي ڳولا ۾ سعيو ڪري ٿو، سو ضرور اها شيءِ لهندو ۹- چيو ۹a- حضرت علي ۱۰- قول، ڳالهہ ۱۱- جائز، صدقو.

سَڀَ[۱] سياهي، آهي آريءَ جامَ ري،
ڪَڍهن پَسي ڪانَ ڪا، ريءَ لالَنَ لالائِي،
دُودُ[۲] دِلِ تان دُورِ ڪري، ڪَرِ، ساڄَنَ صفائِي،
'مَن لاَ شَيخَ لَهُ فَشيخُهُ الشّيطانُ'[۳] انَ ريءَ اُونداهِي،
هُوءَ جا هَلِي هيڪلِي، سا ڳيرَبَ ڳمائِي[۴]،
'بِلا شَيخِ مَن يمشِي فِي الطّرِيقِ'[۵] اِهڙِي اَوائِي[۶]،
تنهن[۷] ريءَ تَوائِي، ڪوڙين تِين ڪيترِيُون.

۵

بَرُ وَڏو، بارُ گهٽو، وِيجهو نَہ وَڻڪارُ،
ليڙَنِ جو، لَطِيفُ چي، ڪَنيو مُنڌَ مَدارُ[۸]،
وَڻندُنِ تہ وَرِ ڪَندا، نَاتَ اَڳِينِ جو اختيارُ،
ڪاڏي تِيو ڪوهيارُ، ڪِٿي تِي هَٿَ ڪَٽي!

٦

ڪيڙي[۹] ڪيچاڻِنِ، گورا ڳس هَلائيا،
لَڙيو، چَڙهِيو چوٽيين، ڪَرِيو ڪوهَ ڪڙَنِ[۱۰]،
سُونهَنِ جي سَردارَ سين، سي توڏَ مَ تَرِٽجَنِ[۱۱]!
لُطفَ سانَ، لَطِيفُ چي، لنگهيو بَرُ بوٽَنِ[۱۲]،
تَنِ ڪِهڙو غَمُ ڳنگَنِ،[۱۲a] هوتُ حِماتِي[۱۲b] جَنِ جو.

۱- سپ ۲- دونهون ۳- جنهن کي ڪو مرشد نہ آهي، تنهنجو مرشد شيطان آهي (صوفي چوڻي) ۴- هٿ گمراهہ ڪئي ۵- جو مرشد کان سواءِ طريقت ۾ هلي ٿو ٦- بد وائي يا خراب ڳالهہ ۷- تنهن (مرشد) ۸- جوابداري (آسرو) ۹- سيڪاري، سزا ڏئي ۱۰- ڪٽڪن ۱۱- ٽڪجن، ٽٽي پون ۱۲- اٺن. ۱۲a- گونگن، اُٺن ۱۲b- حمائتي، مددگار.

۷

جاڳائي جِتَنِ، ڳنئورا ڳس هلائِيا،
ڀَهِتي رِيءَ ڀهاڙَ ۾، اُتَ مَ آگهنجَن[۱]،
لَتاڙي، لَطِيفُ چيِ، لنگهيو ٻَرُ ٻوٽَنِ،[۱a]
تَنِ ڪِهڙِي چُڪَ[۲] چانگن، هوتُ حِماتِي[۲a] جَنِ جو.

۸

ڀِنيءَ ٿا ڀَرِينِ، ساٿِيَنِ سَنڌَ[۳] هَٿَنِ ۾،
ليڙَن جو، لَطِيفُ چيِ، مُون کي مَنجُهه نه ڏِينِ،
هوتُ پُنهُون ٿا نِينِ، اَسُونهِيءَ[۴] جو آجِڪو[۵]!

۹

پُرِ ٿا پَلاڻِينِ، اوٺِي اَڄُ اُباڪَرا[۶]،
پَهَ، پَاريسِيُون[۷] پانَ ۾، ڏيرَ ڏِيهاڻِي ڏِينِ،
هوتُ پُنهُون ٿا نِينِ، ٻاروچِي ٻولِي ڪِيو.

۱۰

پُرِ ٿا پَلاڻِينِ، اوٺِي گهڻو اُٻاهَرا،[۷a]
هُوءِ جي هَلَڻَ سَنڌِيُون، ڳاهُون[۸] ڳالهائِين،
مون کي ٿا مارِينِ، سَجَڻَ سانباهِي[۹] ڪِيو.

۱- ٿڪجن، ٻوساٽجن ۱a- اُلن ۲- چيله جو سور ۲a- حمائتي، مددگار ۳- ساندارا
۴- اڻ واقف ۵- آذقو، سمر، آذار ۶- ايڪڙا، تڪڙا ۷- پارسي يا ٻروچڪي ٻولي ۷a- اُٻهرا، تڪڙا ۸- پروليون ۹- تياري.

۱۱

اوڳارِينِ نہ آنر[۱]، ٻـڌا چَرَنِ نہ ٻـورُ،
ليڙَنِ کي، لَطِيفُ چئي، هَلَڻَ جو مَذڪُورُ،
مَيَنِ کي مامُورُ[۲]، آهي اُٺُتُڙِ اڳيين پَنڌَ جِي.

۱۲

ويٺِي ٻُڪي ٻـاڦَ،* جهلي جُهنڪَ[۳] جُهٽِي[۴] ڪِي،
آيَمِ تَنِ اُٺـنِ سين، جَنِ جا پيرَ دُدا[۵] ڏَرَّ داڦ[۶]،
لنگهيا لَڪَ، لَطِيفُ چئي، توڏا تَڙ، ٻَـنگَ، طاق[۷]،
ڪيرَ لنگهندِي، قاف[۸]، اِيءُ ٻَرَ بِرَهمَڻِ باسِيو.

۱۳

دوڪَ[۹] ڏَهِلِيا جِتِ، گنؤرا هَلَنِ نہ گسَ ۾،
ڇَڙ سالَ ٿِي نہ چَلِيا، تِي تَنگَ[۱۰] نِهاري تِتِ،
سُوڌِي اُنِين[۱۱]، سَيّدُ چئي، پوءِ[۱۲] پانچارِيَنِ[۱۳] پِرِتِ[۱۴]،
اِنَ اَڙانگي پَنڌَ جِي، ڪا نيشَنِ[۱۵] پوءِ نِرتِ[۱۶]،
سَسُئِي وَڏِي سَتِ، جا اِهَڙِيءَ پَرِ پَنڌُ ڪَري.**

۱۴

هَئي هَئي ڪِيو 'هاءِ'، تِي پاڻُ هَٽِي سِرِ پاهَٽِين[۱۷]،
لَڏائِين، لَطِيفُ چئي، جُوءِ جَتَنِ جِي جاءِ،
شُڪَرِ، بارِ[۱۸] سَنداءِ، سُتَـاٿِي[۱۹] ساتِ مِڙِي.

۱- ڳاهہ جو قسم (لؤنش) ۲- امر ٿيل، ڪنڌ تي پيل * ٿڪ سبب ويٺي ٻڪ ڦوڪي ۳- واءَ جو جهوٽو ۴- جهوني، ڇڪنا چور، پريشان ۵- ٿلها ٦- گول مول ۷- گهيڙ ۽ وَر وَڪَڙ ۽ ڏنگا ڦيچرا ۸- جبل ۹- ٻہ ڏندا ڀنجن يا ڇهن سالن جا اُٺ ۱۰- لڪ ۱۱- انهن لڪن تي ۱۲- پوي ۱۳- ڦوه جوان گهوڙو (اُٺ) ۱۴- ٻـاجهہ ۱۵- پورو جوان اُٺ ۱٦- ٻوجهہ، سمجهہ ** پنڌ اهڙو اڙانگو آهي جو ننڍا اُٺ تہ ڇڏيو، پر انهن کان پڪي عمر وارا اُٺ بہ ٻتال ٿيو ويهيو رهن: پر نيشن کي ٿي انهيءَ جو پورو پتو آهي. سسئي سچي ڪامل عاشقياڻي ڇٽبي جو اهڙا پنڌ ڪري ٿي. ۱۷- پٿرن مٿان ۱۸- ٻاري، خدا ۱۹- سٺي وقت.

وائي

لالَڻُ آيو پيهِي، ويئڙا سُورَ سَيِيئِي،
جِيَسِ جِيَسِ، وو جيڏِيُون! منهنجو لالَنُ آيو پيهي.
ڳالهيون ڪَندِيَسِ ڳُجهيُون، مُنهن مقابِلِ ويهِي،
جِيَسِ جِيَسِ، وو جيڏِيُون!
ڪَٽُورِيءَ بارُ ڀَري، آيو ڏُونگَرَ ڏيهِي،
جِيَسِ جِيَسِ، وو جيڏِيُون!
سَرڪَشي سَردارَ سين، مون ڪَمِيٽِيءَ ڪيهي[1]،
جِيَسِ جِيَسِ، وو جيڏِيُون!
هُئِي شِڪَستِي سَسُئِي، رازَ پُنهُونءَ جي ريهي[2]،
جِيَسِ جِيَسِ، وو جيڏِيُون!
اَدِيُون، عَبدُاللطِيفُ چئي، سَجَڻَ آيَمِ سيئِي،
جِيَسِ جِيَسِ، وو جيڏِيُون!

داستان ٽيون

١

اللهَ ڪارَڻِ، اوٺِيا ڪَرَها مَ ڪاهِيو،
جانِبَ! جَڏي جِيءَ جو، اِڳانديو[3] آهِيو،
لاڳاپو لاهِيو، مَتان منهنجو سُپِرِين!

---

١ ڪهڙي ٢ـ ريجهائي ٣ـ آسرو، آڌار

۲

اَللهَ ڪارڻِ، اوٺيا! ليڙا نِهو[1] مَ لُرَ[2]،
نِهو نماڻِي پاڻ سين، ٻانهِيءَ جَهلي ٻُرَ[3]،
مون کي ماري مَنجِهه ٿِي، سَندي هوتَنِ هُرَ[4]،
ڪَچو لائِيان ڪُرَ[5]، ڪيچان اوري جي وَران.

۳

ڪيچان اوري ڪِٿَهِين، وَڻ نہ ويساهين[6]،
ڪَميِڻِي ڪيچِينِ لَئي، پُورِج[7] پَرانهين،
تاٺِج تيڏانهِين، وارِج[8] ڪا مَ. وَرَڻ جِي.

۴

ڪيچان اوري ڪيتِريون، مَعذُورِيُون مُيُون،
واٺُون وِيهَ ٿِيُون، ڪُهُ ڄاڻان ڪيهِيءَ وِيا؟

۵

اَلا! اَچَنِ اُوءِ، جَنِ آئي مَنُ سَرَهو ٿِيئي،
پسان مانَ پَرِ ڪنهين[9]، جَتَنِ سَندِي جُوءِ[10]،
لَنگهي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، سُٽِيان هوتَنِ هُوءِ،
گوڙي ٿِيان گُلبُوءِ[11]، جي سُڄاڻان ساڻَ ڏِٺي.

۱ـ نيو، وئي وڃو ۲ـ تڪڙ ۾، اٺ جي تيز رفتار ۳ـ وارن جي چڳن ڪان ۴ـ يادگيري ۵ـ ڪننب، خاندان ٦ـ ساهي پٽڻ ۷ـ هلج ۸ـ چئج ۹ـ ڪنهين نموني ۱۰ـ جاءِ، هنڌ ۱۱ـ گلبوءِ نالي ٻانهي.

٦

ڪيچان آيو قافِلو، راتِ مُوچارِيءَ رُوءِ[١]،
ٻوتيءَ[١a] ۽ ٻَلوچَ جِي، رِڙهِي پَسان رُوءِ[٢]،
لَنگهي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پُچان ڪيچِيَنِ ڪُوءِ[٣]،
گوِلي ٽِيان گُلبُوءِ، جي مُون نِهو[٤] پاڻ سين.

٧

ڪيچان آيو قافِلو، ٻَلِيرو ٻانئيان،
پَٽِي جا پيرَنِ جِي، لِڳَنِ ڪي لايان،
چَنبيلِي چايان[٥]، جي مُون نِهو پاڻ سين.

٨

ڪيچان آيو قافِلو، ڄامَنِ سَندو ڄامُ،
پَسَندي پُنهُونءَ کي، اکين ڪِيو آرامُ،
ناتَرِ[٦] چايان نامُ، جي مُون نِهو پاڻ سين.

٩

ڪيچان آيو قافِلو، جُنگُ[٧] سُونهارِيءَ جوڙَ،
ٽَلِيارا[٨] ٽوڏِنِ کي، ڳِچِيءَ سُونهَنِ موڙَ[٩]،
دؤلَتَ[١٠] چايان دوڙَ[١١]، جي مُون نِهو پاڻ سين.

١- نموني ريت ١a- اُٺَ ٢- منهن ٣- گهٽي ۴- نيو، ولي هلو ٥- چنبيليءَ نالي ٻانهي چــوايان، سڏايان ٦- ٻانهيءَ جو نالو ٧- جوان، بهادر، وڏو ٨- ٽلين وارا (موڙ) ٩- ٽوئر، جهاٻا ١٠- ٻانهيءَ تي ڪوڏ جو نالو ١١- خسيس (ٻانهي).

١٠

ڪيچان آيو قافِلو، طَرَحَ موچارِيءَ توڙ[١]،
سِينگارِيائون، سَيدُ چي، ڪَرَها مَنجهان ڪوڙ،
لَکَ لَهي تِي لوڙ، جِيجان! تَن جَتَنِ جِي.

١١

ڪيچان آيو قافِلو، ساٿَ ڏِٺي سَرواڻ[٢]،
وارَ وَڍِي واڳون ڪَرِيان، پُٺان[٢a] هُوند پَلاڻ،
جِهَڙو پُنهُون پاڻ، تَهِڙِي سِٽا[٣] ساٿَ جِي.

١٢

جُهوڙا[٤] جَنِ جُهلَنِ[٥] ۾، هِيري لَکَ هَزارَ،
لَڳا واٽَ وَٺِن جا، پُنهُونءَ ڪي پالارَ[٦]،
آن ڪي وِيندا گَڏِيا، اِهَڙِيءَ سِٽَ سُوارَ،
لَنگهي ڪالهَ قَطارَ، تُون آئي[٦a] اَڄُ نِهارِيين.

١٣

مِزمانَنِ مَهِرِي[٧]، آئي جهوڪِيا جهوڪَ[٨] ۾،
چائي[٩] چَنبَنِ ۾ وِيا، جيئن بَازُ سَنِي بَحرِي[١٠]،
ڪوهِيارو[١٠a] قهرِي، وِيو نِهوڙي نِندَ ۾!

١ـ لوڏ، رفتار ٢ـ سردار، شتربان، جت ٢a ـ پوان ٣ـ ترتيب، رٿا ٤ـ لٽڪندڙ، ٽؤنر ٥ـ اٺ جو پوش ٦ـ ٽاريون، باندر ٦a ـ آمڙ ٧ـ پلا اٺ ٨ـ اٺن جي وهڻ جي جاءِ ٩ـ جهپو هٽي کٽي ويا ١٠ـ ساموندي، وڏا ١٠a ـ جابلو، پنهون.

١۴

ڪيچي ڪالهہ ڪهِي وِيا، اَڏيُون! آڏيءَ راتِ،
جاڳان تان جيڪين ٿِيو، وِهاڻِيَ پرِياتِ،
ڦوڙائو[١] فَقِيرِ ڪي، ڏنو جَتَنِ ذاتِ،
رَفِيعَ الدَّرجَاتِ[٢]، پَرَمَلُ[٣] پُنهُون ميڙِيين!

١٥

مُون ڀانيو مُون وَٽِ، هَميشَہ هُوندا پرِين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو[۴]، پَهرِي ويا پَٽِ،
ساهُ جَنِين جي سَٽِ[٥]، وِڪيمُ تي وَٿڪارِ ۾*.

١٦

مُون ڀانيو مِزمانَ، هَميشَہ هُوندا پِرين،
ڪُهِي ڪَمِيڻِي هَلِيا، ڪَهَلَ ڪِيائُون ڪانَ،
ڏيئي وِيا ڏاهِ[٦] ڪي، سُورَنِ جا سامانَ،
جورو[٧] راتِ جُوانَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪَري وِيا!

١٧

ڀانيمِ جي سَرِوانَ، ڇِلائيندَمِ ڇپَرين،
ڪانيَمِ[٨] هوند پَلانَ، اُتَ ڳَڏايَمِ[٩] اُنِ جا.

١- جدائي ٢- اي وڏي درجي وارا ٣- پاڪ ۴- وڏو چڪر هڻي ٥- عيوض * جن تان ساه وٿڪار ۾ صدقي ڪيم. ٦- پانهي نياڳي ٧- جور، ظلم، زور، زبردستي ٨- ساڙيم ٩- ڏنبن سان ڪٽايم.

١٨

كاڏي مُنهن مَڪرانَ جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو؟
هِهَڙو ساٿُ ڀَنيورَ تان، ڪَڏِهين ڪونَہ پِيو،
ڪوهِيارو ڪامَڻ[1] هَڻِي، چوري چِتُ وِيو،
جَنِين جَتُ نيو، تَنِ اُتَنِ گهورِي آهِيان.

١٩

بِرهَ مَٽايُسِ[2] بَرُ، ناتَ سُڪِي ڪيرَ سَڏون ڪَري،
گهڻُو ڏورِيائِين ڏُکَ سِيَن، ڏيرَنِ لئي ڏونگَرُ،
وَرِي آيُسِ وَرُ، سَفَرَ مُيِيءَ جا ساب پِيا[3]،

٢٠

وَرَ[4] ۾ ڪونهي وَرُ[5]، ڏيرَنِ وَرُ[6] وَڏو ڪيو،
نِهارِيندِيَسِ نِڪِتِي، بوتَنِ ڪارَڻِ بَرُ،
آڏو ڏکَرَ ٿَرُ، مَتان روهَ[7] رَتيُون ٿِيِين!

٢١

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾، لَڪين آڏا لَڪ،
هُو جي آڏا حَقَ[8]، سي ڪِئَندا ڪوهُ ڪَندِيَن[9] ڪي؟

١ـ ڪامڻ، جادو ٢ـ منايم، قبول ڪرايم ٣ـ سجايا ٿيا ٤ـ مڙس ٥ـ ڏنگائي لڳائي
٦ـ مڪر، ڍونگ ڦيرو ٧ـ جبل ٨ـ مڙس، خدا، سچ ٩ـ ڪوشش ڪندڙن، مجاهدياڻين.

وائي

هوتَ! نہ ڀانئيمِ هيئن، اَئُون جا مارِي، سَڄَڻَ تنهنجي نينهن،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

لُڪُون لڳَنِ ڪوسِيُون، ڏَاڍا تَپَنِ ڏِيٿهن،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

عِشقَ آرِيءَ جامَ جي، ڪِيَسِ نِماڻي نينهن،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

جهونگاريندي جَهنگَ ۾، ڏوتِيَنِ ڏِنَڙي ڏينهن،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

آن جا ڇَڏِي ڇپَرين، ڪيچ رَسَندِي ڪيئن،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

وِلهِي[1] هِتِ وَسائِيا، سَندا مَحَبَتَ مينهن،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، پَهُچان سيڻَنِ سِينءَ[2]،

وو! ڇَڏي تُون ڪو ڇپَر وِيندين.

١ـ غريب، مسڪين ٢ـ تائين.

داستان چوٿون

١

وارو![o] وَرُ وَنِي وِيا، آرِيچا[١] اَظلامَ[٢]،
آنڊائُون آرِيءَ جا، پَنهُونءَ ڏي پَيغامَ،
پَهُ ڪِيائُون پاڻَ ۾، مُونهان[٣] مَخفِي مامَ،
سَنيُوڙا[۴] ساٿُ ڪَٿِي، وِيساهي[٥] وَرِيامَ،
ڪاڪِيُون راتِ قِيامَ، جيڏِيُون! جَتَ ڪَري وِيا.

٢

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، جابِرَ ڪَري جورُ،
بيدِي[٦] ٿِي يَنيورُ، حَشَرُ ڪَري هَلِيا.

٣

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏمَرُ،
هاٿي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قولَ[٧] قِيامَ* جا.

۴

وارو[٨]! وَرُ وَنِي وِيا، ڏير ڪَري ڏورو[٩]،
ساجَنَ رِيءَ سَرَتِيُون! آتَڻُ[١٠] اَڌُورو[١١]،
نِيءَ[١٢] سين نسورو، حَشَرُ ڪَري هَلِيا!

---

o- وارو ڪريو! ١- آريءَ جو اولاد، پنهونءَ جا ڀائر ٢- ظالم ٣- مون کان ۴- سنيرائي روانا ٿيا ٥- ويساهه ڏيڻي درلاب ڪري ٦- سچ، رڻ پٽ ٧- ڳالهيون (نشانيون) * قيامت ٨- وارو ڪريو! مدد ڪريو! ٩- زور زبردستي ١٠- ڪتڻ لاءِ وهڻ جي جاءِ ١١- اڌ پورو، ناقص ١٢- ڪنياٽيءَ.

۵

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، جوڙي سين جابرَ،
صَبُرُ ڪيئن صابرِ، اَچي عَجِيبَنِ ري.

٦

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڏاڙهيءَ ڀَنيا[1] ڏيرَ،
ڏِينديَسِ ڏادين ڏونگرينِ، اُلين لَئِي اُلير[2]،
ڪيچ پُهچي ڪيرَ؟ وَجَنَ سين وَسُ ڪَريان.

٧

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، تہَ ڪي اوڀي ڪندا ايئن،
ڪُهِي ڪَميٽي ڪيئن، جَڏِي راتِ جَتَنِ ڪِي!

٨

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، صُبُحِ سارِيَمِ سُورَ،
جَتَنِ لاءِ ضَرُورَ[2a]، گھٽا گھارِيَمِ ڏينهڙا.

٩

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، صُبُحِ سارِيَمِ سُورَ،
آڏيءَ راتِ اُڏَميو[3]، ڏينِ پَلُٽيو پُورَ،
جَتَنِ جي ضَرُورِ،[3a] مادَر! مارِي آهِيان!

١٠

سَنجهي مُون نہ سَنڀاليو، مارِيسِ سُورَ صُبُوحِ،
نيڻَ هيرائِڻ نِندَ سين، جَتَنِ لَنگهي جُوءِ،
هاڃو ڪَري هُوءِ، آڏِيءَ راتِ اُٺِي وِيا!

١١

آڏيءَ اوءِ اُٺي وِيا، ڪَرُ[4] رَکِياٽُون ڪيچ،
ٻاروچاٽي پيچ، مُنهنجو مَن مُنجهائيو!

۱- ڳاڙهي ڏاڙهيءَ وارا ۲- اُچل، ٽپو، اُلر ڪري ويندس ۲a- ضرورَ وارا، ڏکيا ۳- جوش کائي، اُٿلي ۳a- گهرج، تانگهہ ۴- رخ

۱۲

جَڏِي وَتِ جالي، مانَ ﷲِ ڪارَڻِ لِڪَ[۱] سِينءَ[۲]،
آهي آرِيءَ جامَ جي، هِتِ هُتِ حَوالي،
عَيبَ مُون ۾ اڳرا[۳]، مانَ نِرمَلُ[۴] نِڪالي[۵]،
پَرِڏِياٽي[۶] پالي[۷]، ڪامِلُ نيندو ڪيچَ ڏي.

۱۳

پَرِيَنَنِ پالِيياسِ، ٻانيَڙِ ٻيٺِي[۸] آهِيان،
حُسنَ هوتَ پُنهُونءَ جي، ماري مُوتِ وِڌِياسِ،
جانڪِين تان[۹] جيئنديَاسِ، پِيَسِ وَرِ[۱۰] وِصالَ جي.

۱۴

پَرِتَنِ جي پاڙي، جاڙَ گُذارِيَمِ، جيڏِيُون!
جَنِين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سين ساڙي،
ايرادي آٽي، سانگِيَنِ[۱۱] سين سَڱُ ڪِيو.

۱۵

اَسِين پاڻَ پَرِتَ، پورهِيَتَ پُنهُونءَ جامَ جو،
هوتُ ڪَٿُورِيءَ هيرَئُون، مُون ۾ صابُڻَ ڇَتَ،
آتِڻَ مَنجِهه اُگهتَ[۱۲]، ڪانڌُ ڪِهِين[۱۲a] جي مَ ڪَري.

۱ـ ذري، لحظي ۲ـ تائين ۳ـ گهڻا ۴ـ پاڪ ۵ـ ڪڍي ۶ـ ڪنياٽي ۷ـ پالي وڏي ڪري، پنهنجي ڪري ۸ـ ڏيءَ ۹ـ جيسين تائين ۱۰ـ حوالي ۱۱ـ اتفاقي پرديسين ۱۲ـ اوگهڙ، پڌرائي، راز کولڻ ۱۲aـ ڪنهن.

١٦

گڏِيو ڏوبِيَنِ ڏوءِ، پُنهُونءَ پارِچو[1] هَٿَ ۾،
اُتي آرِيءَ ڄامَ جو، قاصِدُ آيَسِ ڪوءِ،
اِيءُ ڪامِلَ! ڪَمُ نَہ سَندوءِ، جيئن پَهَسَ[2] پڇاڙِيينَ[3] پوتِيين.

١٧

نَہ ڪو ڪيچ ڪيچ يَنيورُ، نَہ ڪو مائِٽُ مُنڌَ جو،
هورُ[4] مِڙوئي هِنَ کي، هوتَنِ کونهي هورُ،
زاريءَ ڏاران زورُ، هَلي کونہ حَبِيبَ سين.

١٨

چورِي نِدورِي، نَہ ڪو مائِٽُ مُنڌَ جو،
سَوين هَلَنِ ساٿَ ۾، ڪَمِي ۽ ڪورِي،
آئون پُڻ آهِيان اُنِ ۾، لَنگِهي[5] ۽ لورِي[6]،
لَنگهائِين، لَطِيفُ چئي، تَرَنِ جا تورِي[7]،
آهِيان اَزورِي[8]، تُنهنجي جورِي[9] جَبَلُ لَنگِهيان.

١- ڪپڙو ٢- زور سان ٣- ڏوئين ۴- فڪر، ڳڻتي ٥- مڱڻهار، پينو ٦- ڪميٽي؛ ذات جو نالو ٧- ذات جو نالو ٨- ڪمزور ٩- زور تي، آسري.

وائي

چاڪي ٿا ڪَرَهَ قطارِيو، وو، مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نہ چَيو.

اَللهَ ڪارڻِ، اوٺيا! اَئين واڳَ وَڻِي وَرُ وارِيو،
وو! مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نَہ چَيو.

رَهو راتِ پَنيورَ ۾، تان ڪا گھڙي هِتِ گھارِيو،
وو! مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نَہ چَيو.

سِڪِي جنهن سَڱُ ڪِيو، تنهن مَعذورِ کي مَ مارِيو،
وو! مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نَہ چَيو.

سائِينءَ ڪارَڻِ، سُپِرين، دوستَ! دَرَسَنُ ڪارِيو[1]،
وو! مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نَہ چَيو.

موڙِي مَحِرَ تارِيُون، چانگَنِ کي اَئين چارِيو،
وو! مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نَہ چَيو.

اَيَري، عَبدُاللّطِيفَ ڏي، واڳَ وَنهِيَلَ[2] اَئين[3] وارِيو،
وو! مُون نِماڻِيءَ تان ڪِين نَہ چَيو.

داستان پنجون

١

جيئَن سو هَرَڻُ هُماءُ[4]، سَرگَردانُ سَنسارَ ۾،
هِيءَ پَکُ[5] نَہ ڪوڙِي پَٽيين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نہ ساهُ،
جيڪُسِ[6] تَنِ مُلاءُ[7]، سَنسُيءَ سُورَ پِرائِيا.

١ـ ڪرايو، حاصل ڪرايو ٢ـ مڙس، پيتار ٣ـ اوهين ۴ـ (سوداءُ) وهمي پکيءَ جو نالو
٥ـ پير ٦ـ شايد ٧ـ وتان.

٢

راتِ ڏنائين روجھ[١]، ٻانءِ ڪِ اوٺِي آئِيا،
پِرِيَتَڻي[٢] پِرِينِ جي، سِڪَڻَ ڪِي سَبُوجھ[٣]،
هُئِي گهڻُو اَبُوجھ، سُوَرَنِ سُونهائِي[٤] سَسُئِي.

٣

روجھ ڏٺائين راتِ، هوتُ ڳولِيندي حَبَ ۾،
ڪيچِيَنِ جي ڪَڙِي ٽِپِئِي، توءِ[٥] تَنِين جي تاتِ،
ٻاروچاڻِي ذاتِ، مَناءَ[٦] مُئِيءَ نَہ وِسَرِي.

٤

جَبَلَ ۾ جانارَ[٦a]، سَرَھ[٧] ڳَڏِئِي سَسُئِي،
ٻِنِيءَ پوءِ ٻَوارِئِي[٨]، ٻانيَڙَ جي ٻاڪارَ،
هوتِ ٽِي هيڪارَ، مولا! مون ڪي ميڙِيين.

٥

سَمَرُ جَنِين نَہ سانُ، هوتُ حِماتِي تَنِ جو،
ڪَرِي چِيچِ[٩] چِپَرَ ۾، پُنهُون اِيندو پانُ،
ٽِيندي رِيجَھ رِهاڻِ، لَحظِي مَنجِھ، لَطِيفُ چئِي.

٦

پَسِي سِپِي سَرَهِي ٽِپِئِي، جي مَيَنِ لَنگهِيا مَسَ،*
تت[١٠] تنهن کي ناھ ڪو، لَڪَ مِڙِيئِي لَسَ،
حُبَ جَهِين کي هوتَ جِي، وِندُرُ[١١] تنهن کي وَس[١٢]،
سَنديءَ نِچانگَنِ چَسَ[١٣]، پيرَ تَرَندءِ پَبَ ۾.

١- اڇن پيرن وارا هرڻ، جهنگلي جانورن جو قسم ٢- عشق ٣- سمجهو ٤- واقف ۽ هوشيار ڪئي ٥- تڏهن بہ ٦- من مان ٦a- جانور ٧- ڦاڙهي جهڙو جانور ٨- پوُ يا ڊپ واري، هيبتناڪ ٩- ناچ جو قسم * پيچرا جي ائن تڪليف سان لتاڙيا. ١٠- تت، اتي ١١- ٽئين ۽ جبل جو نالو ١٢- آبادي ١٣- ذائقو.

۷

سَسُئِي لَنگِهيو سو[۱]، مَردَ جنهن ماتُ ڪِيا،
جَبَلُ وَڏو جو، نُوڙِ[۲] مِڙوِئي نينهن ڪي. *

۸

جَبَلُ ماري جَڪَ، جو آڏو آرِيچَنِ ڪي،
توٽي لَڪَنِ لَڪَ، سَي لَنگِهيندِيَس سِڪَ سين.

۹

جَبَلُ جيڏوئِي، جو آڏو آريچَنِ ڪي،
وَٽِي وَرُ، واٽَ وِيا، بُرفَتَ[۳] بِروهِي،
رُجَنِ ۾ روئِي، پَسان شالَ پُنهُونءَ کي!

۱۰

جَبَلَ سُجَنِ جالَ، آڏا آرِيچَنِ ڪي،
هاڙي ڏانهن هَٿُ کَٽِيو، چِپَرِ مِڙان شالَ،
ڪيچِي وِيئَرمِ ڪالَ،[۳a] تي[۳b] تِي ڏُونگَرَ ڏورِيان.

۱۱

چِپَرَ چَمَرُ[۴] يانئيان، ڪانيو ۾ ڪارو[۵]،
پَبُ وِجَهنديَسِ، پُٺِ تي، صُبُح سَوارو،
وَجَڻَ مُون وارو، ڪِينَ وِيهَنديَسِ وِچَ ۾.

۱ـ اهو جبل ۲ـ هيٺاهين زمين* عشق اڳيان وڏو جبل به ميدان (آسان) آهي. ۳ـ ذات جو نالو، ڦورو، چور ۳a ـ ڪاله ۳b ـ تنهن ڪري ۴ـ ڪکر، نالو جبل جو ۵ـ نالا ٽڪرين جا.

١٢

ڇَپَڙَ ۽ ڇَمَرَ، تا لَڳَهَه[١] لَڳَنِ پانْ ۾،
آڏا ڏُونگَرَ ڪَرڪَرا[٢]، ويڌ[٣]، وِنگايُون[٤]، وَرَ،
اَئُون پِيادِي پَنڌِيِن، نَماڻِي، نِڌَرَ[٥]،
سُورِيُون جِتِ، سَگَرَ[٦]، اُت ٻاتاڙِي[٧] ٻيلِي ٿِيِين!

وائي

هينئڙو تو هُنِ ساري، منهنجو ساهُ سَيدَ کي تو ساري،
جيڏيُون! اَئُون هَلَندِي، وِيندِي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! اَئُون ڪَهَندِي، وِيندِي ڪيچَ ڏي.
هوتَنِ هَلَڻُ مَنَ ۾، ڪيرَ گهڙِي هِتِ گهارِي،
جيڏيُون! اَئُون هَلَندِي، وِيندِي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! اَئُون ڪَهَندِي، وِيندِي ڪيچَ ڏي.
آسَرَ پَرِي آهِيان، مانَ واحِدُ آڻِينِ وارِي،
جيڏيُون! اَئُون هَلَندِي، وِيندِي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! اَئُون ڪَهَندِي، وِيندِي ڪيچَ ڏي.
پَنڌَ اڙانگا پَنِيِين، مون کي ڪوهِيارو تو ڪارِي[٨]،
جيڏيُون! اَئُون هَلَندِي، وِيندِي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! اَئُون ڪَهَندِي، وِيندِي ڪيچَ ڏي.

١- ڪارا ڪکر ٢- سخت، ارڏا ٣- ويڌن، تڪليفون ٤- ڏنگايون ٥- نڌڻڪي ٦- رستا ٧- ٻتال، منجهيل ٨- ڪرائي.

سَچو سُخُنُ سُپرين، مانَ پُنهَلُ پنهنجو پاري،
جيڏِيُون! آئُون هَلَندي، وِيندي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! آئُون ڪَهَندي، وِيندي ڪيچَ ڏي.
چيرو اندَرِ چِندَڙي، وِيو پاروچَلُ پاري!
جيڏِيُون! آئُون هَلَندي، وِيندي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! آئُون ڪَهَندي، وِيندي ڪيچَ ڏي.
وِڏا ڪَمَ ڪَريمَ تي، هِنَ ويچارِيءَ واري،
جيڏِيُون! آئُون هَلَندي، وِيندي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! آئُون ڪَهَندي، وِيندي ڪيچَ ڏي.
اَديُون! عَبدُاللَطيفُ چِئي، وِهَندُمِ ڪِينَ وِساري،
جيڏِيُون! آئُون هَلَندي، وِيندي هوتَ ڏي،
سَرَتيُون! آئُون ڪَهَندي، وِيندي ڪيچَ ڏي.

داستان ڇهون

١

آڏ تِراڇا[١]، آهُڙا[٢]، ڏونگر ڪي ڏاڪا،
ڪِيَمِ آهَ عَجِيبَ ڪي، سِڪَ مَنجهان سا ڪا،
پيئي هَتِيڪِي هوتَ ڪي، ڪُوڪَ وَجي ڪَن[٢a] ڪا،
منهنجو وَسُ واڪا، پُڌَڻُ ڪَمُ پَروچَ جو.

١ـ ڏنگا ڦڏا، آڏا ابتا ٢ـ اوڪا، اهنجا. ٢a ـ(ڪن رسالن ۾)ڪاڪا

۲

آڏِتراچا آھُڙا، ڏُونگر کي ڏاڪا،
وَٽِي وَرُ واٽَ ٽِيا، بَرِ چَڙهِي باڪا[۱]،
ڦَٽِيا پيرَ فَقِيرَ جا، چَڙهندي چَڙهاڪا،
هُيَنِ جِيءَ اندَرِ جا ڪا،[۱a] وِيا پُڄائي پانهنجي.

۳

آڏِتراچا آھُڙا، ڏاڪا ڏُونگر کي،
هُو جي وَرَ وِندُرَ جا، مارِيندا مُون کي،
هاڙهو هيٺِيءَ کي، لَنگهائِج لَطِيفُ چي.

۴

آڏِتراچا، آھُڙا، وِندُرَ وَراڪا وَرَ،
حُبَّ جِنهِين کي هوتَ جِي، سا ڏورِينِدي ڏُونگرَ،
پَهُچايِين، پَرِوَرَ! لَطِفَ سانُ، لَطِيفُ چي.

۵

آڏِتراچا آھُڙا، وِندُرَ وَراڪا واڪَ،
اُجهايَسِ[۱b] اُنَنِ جي، ڦوڙائي فِراقَ،
پُنهُون پَرَمَلَ پاڪَ! واحِدَ لَگِ وَرِيجِ تُون.

۱- بانڪا، بهادر. ۱a- جيڪا ۱b- سائي ڪَيَس، نِستي ڪَيَس.

٦

آڏ ترا ڇپا آهڙا، ونگا وَرَ واٽن،
جيرا، جگر، ٻکيون، آري لئي آتن[١]،
ڪَسي[٢] ڪُنواتَنِ[٣]، سَنيُوڙا[٤]، سَيّدُ چي.

٧

کوڏر نہ ڪاتي، جنهن سان تَڪَرُ تانڪيان،
جيڪو جَبَلُ لنگهيان، سو هَيبَتَ جو هاتِي،
پِريَنِ جا پاتِي، سا جَڙ جيئري نہ لهي.

٨

ڪَرِڙا[4a] ڏونگَر، ڪَهَه[٥] گهٽي، جِتِ بَرَ پَٽَ، بيرانُ،
ڏاهَنِ ڏاهَپَ وسَرِي، ٿيا حَرِيفَ ٿِي حَيرانُ،
سَسُئِيءَ لنگهيو، سَيّدُ چي، مَحَبّتَ سين مَيدانُ،
جنهن جو آرياڻي اڳوانُ، تنهن جي ڪانهي باڪَ[٦] ٻهير[٧] ۾.

٩

ڪَرِڙا ڏونگَر، ڪَهَه گهٽي، جِتِ واٽنِ تي وارِي،
آڏا لڪَ، لَطيفُ چي، بَرَ سُڄَنِ بارِي[٨]،
جا مَنزَلَنِ[٩] مارِي، سا، قادِرَ ڪيچ رَسائِيين!

١- سڙن ٢- ڪشي، ڇڪي ٣- جڙا اٿ ٤- تيار ٿيا 4a- ڪَهَر، ڏکيا ٥- منّي، دز
٦- بات، پچار ٧- قطار ٨- وڏا ڳرا، تڪليف وارا ٩- داٻن، گهٽي پنڌ.

١٠

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَہ گھِٽيِ، جِتِ جَبَلَ گُوناگُون[1]،
ليڙَنِ جون، لَطِيفُ چي، تَنگِ[2] تَنوارُون پُونِ،
جَن ڏِٺو پيرُ پُنهُونءَ جو، سي نہ ڪِين رُونِ نَہ چُونِ،
هُوندَنِ[3] مَٿي هُونِ، لاڳاپا هِنَ لوڪَ جا *.

١١

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَہ گھِٽيِ، جِتِ ماتَرِ[4] مَٿانهِين،
سُڄَنِ ٿيا سَيّدُ چي، اُتِ مِرُون مَهائِين[5]،
تُون، آرياڻي! آهِين، مَنَهِ[6] مَعذُورِيَنِ جي.

١٢

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَہ گھِٽيِ، جِتِ وِيا روڏا[7] رِنگائي،
سا ڳاڀِي[8] سيڻَنِ جي، ٿِي وِندُرِ واجهائي،
رهِيَسِ، رَسُ، لَطِيفُ چي، تنهن ڪَميِڻِيءَ ڪاهي،
آرِياڻِي آهي، مَنَهِ مَعذُورِيَنِ جي.

١٣

ڪَرِڙا ڏُونگَرَ، ڪَهَہ گھِٽيِ، جِتِ رِنُ تَتو رائو،
تِترُ ٿِئي مَ تَنِ ڪي، ڏُونگَرَ ۾ ڏائو، **
جَڏهِن ڄامُ پُنهُون ڄائو، تَڏهِن ٿِي وَسَ وِٽڪارَ ۾.

١ـ قسمين قسمين ٢ـ لڪ ۾ ٿوريون ٣ـ هستيءَ وارن * دنيا جو مامرو جيرن لاءِ آهي تارڪن ڪي هن دنيا سان ڪهڙو واسطو! ۴ـ ماٿري ٥ـ وڏا ٦ـ ڇپر، پناھ، اجهو ٧ـ اٺ ٨ـ ماڻٺيءَ **ـ شل! تتر سندن ڪاہي پاسي ڪان نہ ٻولي- (اهو بد سوڻ آهي).

سِڪي جان سُتياسِ، تان سِڪَ سُمَهَڻُ نہ ڏئي،
جاڳي سُتيَسِ جَنِ لئي، سي آيا تان نہ اُتياسِ،
پينرُ! آئون پلياسِ، نہ تہ سِڪَ سُمَهَڻُ ڇا لڳي.

۱۵

ماڻڪُ[۱] مِٺُ سَندومِ، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇڏي نہ ويندومِ،
سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچ- ڏِٺي.

وائي- ۱

ويندِيَسِ ڪيچ ڪَهِي، سيڻَنِ سانُ سَهِي[۲]،
وو پينرُ! آئون جِيئندِيَسِ تان نہ جَتَنِ ري.
وِهان ڪيئن ماٽِ ڪَري، هيڏو سُورُ سَهِي[۳]،
وو پينرُ! آئون جِيئندِيَسِ تان نہ جَتَنِ ري.
هيڏي شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾، سارِيان ڪونہ سَهِي[۴]،
وو پينرُ! آئون جِيئندِيَسِ تان نہ جَتَنِ ري.
اَڳِيان آرِيءَ جامَ جو، وِيَڙو ساٿُ وَهِي،
وو پينرُ! آئون جِيئندِيَسِ تان نہ جَتَنِ ري.
صَبحَ ڏُونگَرُ ڏورِيان، ڪنهن پَرِ راتِ رَهِي،
وو پينرُ! آئون جِيئندِيَسِ تان نہ جَتَنِ ري.

۱- ياقوت (پنهون) ۲- برابر، تحقيق ۳- برداشت ڪري ۴- ساهي، آرام.

وائي-٣

گهمان جالَ جَبَلُ، مِيان! جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لئي،
ڏورِينديَسِ ۾ ڏُونگرين، ڪَنديَسِ آئُون اُڇَلُ،
جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لئي.
هيڏي شَهَرَ ڀَنيورَ ۾، رَهان نا هِڪُ پَلُ،
جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لئي.
پُنهُون پاڻَ نَہ وَڃِڻو، ڪو مُنهِين ۾ وَلُ[1]،
جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لئي.
اوڏي ٿِيي، عَبدُاللّطِيفُ چئي، هوتَ ڪارَڻِ هَلُ،
جيڏِيُون! جانِبَ جَتَ لئي.

داستان سَتون

١

پُنهُون سين پِريتِ جو، ڪو جو پيچُ پيومِ،
ڀَنيي[2] هِنَ ڀَنيورَ ۾، وِهَڻُ وِهُ ٿيومِ،
مَتيُون[3] موٽَڻُ سَنڌِيُون، ڪاڪيُون! ڪِيمَ ڏِيومِ،
سَرَتيُون! ساهُ سَندومِ، ٿِيو حَوالي هوتَ جي.

١- ور، ڏنگ، عيب ٢- بي ڊؤلي، بدزيبي ٣- صلاحون.

۲

ڪُچاڙِٿان ڪاهي، شُتَر[۱] اُنِ سِينگاريا،
تَلِيُون، تؤنرَ، هَلوِيُون[۲]، وِيا ڇيرون[۳] ڇَمَڪائي،
لَنگهيا لَڪَ، لَطِيفُ چئي، وِيا ڪَرَهَلَ ڪُڏائي،
ٻانيَڻِ ڪي ٻَروچَ جو، آسَرو آهي،
واڳُوُن وَرائي، ڦيرِينِ مانَ فَقِيرِ تي!

۳

ڏانجَهنِ تي ڏانجها،[۴] ڏِنائُون ڏُکِيءَ کي،
لَڱِيَسِ نائُڪَ[۵] نينهن جِي، ڪُڙِهُ[۶] اَندرِ ڪا جا،
تَرَنِ ۾ تاجا[۷]، ڪَري مُندَ مِرُنِ سين.

۴

ڪو مِنهُن[7a] ڪُنَلِ آئيو*، وَسِ نہ ويچاري،
هوتَ! تنهنجي هَٿَ ري، پَهُچي نَہ پارِي[۸]،
اَچين جي، آرِي! تہ پاندَ پُڄي لَڪُ لَنگهِيان.

۵

ڪو مِنهُنِ ڪُنَلِ آئيو، ناهِ ويچارِيءَ وَسِ،
هوتَ! تنهنجي هَٿَ ري، گوِلي تِئي مَ گَسِ،
ڏُکَ ڏُکِيءَ کي ڏِسِ، تہ مُوڙِهِيءَ ڪو مُنهُن تِئي[۹].

۱- اُٺ ۲- الن جي سينگار جون شيون ۳- آواز ڪندڙ زيور ۴- ڏنجهن يا عذابن تي عذاب ۵- نؤڪ ٦- سيني ۷- جٿا، ٽولي؛ رهاڻ 7a- بهانو، عذر، رنڊڪ * ڪنَلَ جي منهن سامهون اهڙي ڪا مصيبت آئي. ۸- پاليل؛ ٻانهي ۹- منهن ٿئي، ٻلو ٿئي.

٦

ڪَڏهن تان ٻاجَهه پَئي، ساڄَنَ! مُيجُ[o] سَلامُ،
سِڪَ تنهنجي سُپِرين، ڪيو تَنُ تَمامُ،
هَتين حاجَ وِهُ تِئي،[oa] نيٽين نِندَ حَرامُ،
دوسَ! نَه سَهان دامُ[١]، تُون وِنڌِرِ تو ويلا ڪَرين[٢].

٧

سُرَهِي مَنجهان ساٿَ، آئِي بُوءِ ٻَنيورَ ڪي،
ٻِيئا بازارِنِ ۾، لائي جَتَ جَباتَ[٣]،
سَنڌِيَ هوتَ حِماتَ[٤]، ڪيچ پَهُتو قافلو.

٨

ٻَرُ مِڙوئِي ٻُوءِ، چَپَرَ چاٽُون[٥] مُڪِيُون،
ٻَهِ ٻَهِ تِي ٻَنيورَ ۾، هَندَ مِڙيئِي هُوءِ[٦]،
راٽِنِ وَرِي رُوءِ[٧]، گُوندرَ لَٿا گولِيين.

٩

جَڏهن پيئي چَٽَ، چَپَرِ هوتَ پُنهُونءَ جي،
پَرَهي[٨] وِينيُون پَٽَ، گُوندرَ لَٿا گولِيين.

١٠

جَڏهن پيئي باسَ، چَپَرِ هوتَ پُنهُونءَ جي،
اَديُون! آرِيچَنِ جا، وَٽِنِ مُڪا واسَ،
آيَلِ! پُنِي آسَ، پُنهُون آيو ڪيچَ ۾.

---

o- مُنج، موڪِل، اُماڻِ. oa- تي (لاڙي لهجي ۾) ١- دم، پل ٢- وقت گذارين، دير ڪرين ٣- عمدي مشڪ (زباد) ٤- حمايت، مدد ٥- خوشبوءِ ٦- خوشبوءِ ٧- منهن وريو، سرهيون ٿيون ٨- پهري، ڍڪي.

١١

آيلِ! اوطاقُون، ڪَري ڪيچِي هَلِيا،
سُڪِيُون نہ سيڻنِ جي، ماڳنِ تان ماڪُون،
نِسورِيُون ناڪُون[1]، سَجي[2] هَلِيا سُورَ جُون.

١٢

جَتَنِ سان جانڪُون،[2a] سَرَتِيُون! مُون سَڱُ ٿِيو،
ڪَري ڪوهِيارو وِيو، تَنُ چِڃِي تانڪُون[3]،
آئُون پُڻِ تَڏاڪون[4]، اَڏَ ـ ڏُڪوئِي آهِيان.

١٣

مَتان ڪا، ٻَڙي! ٻولَ ٻاروچي وِسَهي،
هوندَ نہ سُتِيَس، سَرَتِيُون! وِيهِي رَهِيَس وَڙي[5]،
جَتَ پِنهنجي جُوءِ ۾، گهارِنِ مانَ گهڙي،
ڪيچِيَنِ آن نہ ڪَڙي، ڪنهن ڏُڪِيءَ ڏاوَڻُ ڏائِيو.*

١۴

ڏيرَنِ ڏوهُ نہ جيڏِيُون، ماءِ! مِڙوئِي مُون،
آئُون اَسُونهِين، اُو سُونهان، پِرِين سَندا پَرِيُون[6]،
اَصلِ آرِيءَ جامُ جو، پاندُ نہ پُڄِتوسُون[7]،
جنهن جو تونهِين ٿُون، سي پِيادِيُون پَهُچائِيين!

١ـ ناٺڪون، تيز چهنبون ٢ـ هٽي 2a ـ جنهن کان ٣ـ تڏهن کان ۴ـ انهيءَ وقت کان ولي ٥ـ واٺجي، مڙهجي * پنهونءَ کي آئون ڪڙي نہ آهيان، پر شادي وقت ڏاوڻ ڏائڻ جي رسم ڪنهن نياڳيءَ ادا ڪئي آهي، جو ڏيرن مون سان هي ظلم ڪيو آهي.
٦ـ پرديسي ٧ـ پهتوسون.

١٥

اَديُون! آئُون نہ تيئَن، جيئَن پِرِيَتَڻُو پِرِينِ سين،
پَڌِرِي سُتِيَسِ سوگهو، ڇَلوَرَ[١] ڇاتِيءَ سِينءَ،
تَہ ڪيچِي ڪاھي ڪَرَھا، مونهان وَڃَنِ ڪِيئَن؟
ڏوھُ منهنجي ڏينهن[٢]، پُنهُونءَ کي ڪامَ ڇَئي.

وائي ١

لَڳِڙِي آھِ لغارَ، وو! يارَ! لُونءَ لُونءَ[٣] ۾ لالَنَ جِي،
سَندَ سَندَ ۾ ساڄَنَ جِي.
آئُون سُتِي، هُو هَلِيا، سَنجهي تِيئِڙا سُوارَ،
وو يارَ! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
جيڪِين اورَڻُ پِرِيَنءَ سين، جيڪِين پرِيَنِ پَچارَ،
وو يارَ! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
ڪُوءِ[٤] سي جيئڻ ڏينهڙا، جي پُونِ پِرِيَنَان[٥] ڌارَ،
وو يارَ! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
لَڳِي آهي، نہ لهي، سَندِي عِشقَ پَچارَ،
وو يارَ! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
گهڻُو اُڪَندِي آهِيان، تَنِ جَتَنِ جي جِنسارَ[٦]،
وو يارَ! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.

١- ڇليوارن گهنبدار وارن وارو (پنهون) ٢- قسمت ٣- وار وار ۾ (رگ رگ ۾).
٤- ڪڏ ۾ پون ٥- پرين کان ٦- سينگار.

گَڏِي ويندِيَسِ گَسَ ۾، ڪاڪِيُون! سانُ قَطارَ،
وو يارَا! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
ميخُون مَحَبتَ سَندِيُون، هينئَڙي مَنجھ هَزارَ،
وو يارَا! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
ڪانگَنِ قَطارُون ڪِيُون، چُڪِيءَ[1] کي چَوڌارَ،
وو يارَا! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.
آئُون نِماڻِي نِڪَٽِي[2] دَمِجِ[2a] تُون دِلدارَ،
وو يارَا! لُونءَ لُونءَ ۾ لالَنَ جِي.

وائي-٣

هوتَنِ بِنا نِي، مِيان! دَردَ فِراقَ نِي، مِيان!
پُنهُونءَ سائِينءَ جيڏِيُون! الولو! مارِي آهيان!
اَدِيُون! آرِيچَنِ جِي، آئُون نِهوڙِيَسِ نِفاقَ،
هوتَنِ بِنا نِي، مِيان!
ڏُونگَرُ ڏورِيو نَ ٿِئي، مُون وِلِهيءَ ڪان واڪ[3]،
هوتَنِ بِنا نِي، مِيان!

١- ٿڪل، مانديءَ ٢- بيجان، نِستي ٢a- ساھ وجھج، جيئرو ڪج ٣- اصل، بنھ.

وائي-۳

تَنِ پِرِيَنِ کي اُڪَندِي آئُون، لَڪَ لَنگهِيائُون،
ڏيرَ قَرارِيا ڏيھَ ۾، تَنِ اُتَنِ گهورِي آئُون،
چَڙهِي ڏادِين ڏُونگرين، ٻانيَڻِ اُچَلِي ٻانهُون،
ڏيرَ قَرارِيا ڏيھَ ۾.
هُيَسِ پاسِ پَرِتَ جي، ٻانيَڻِ ڏِيءَ نائُون،
ڏيرَ قَرارِيا ڏيھَ ۾.

وائي- ۴

چورِي چَڏِ مَ چَپَرين، ٻاروچَلَ! ٻانهِي.
جانِبَ جَهِڙو جَڳَ ۾، ناهي ڪو ثانِي،
چورِي چَڏِ مَ چَپَرين.
پُنهَلَ! نِيو پاڻَ سين، پورِهيَتِ پَرِتِياڻِي،
چورِي چَڏِ مَ چَپَرين.
پورِهيو ڪَندِيَسِ پِرَ** جو، پَرِينديَسِ پاڻِي،
چورِي چَڏِ مَ چَپَرين.
هوتَ! مَ چَڏِيو هيڪَلِي، هِيءَ جا وِندُرِ وِڪاڻِي،
چورِي چَڏِ مَ چَپَرين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، اِيندَمِ آرِياڻِي،
چورِي چَڏِ مَ چَپَرين.

** پرينءَ

سُرُ ڪوهياري

سر بابت:

ڪوهياري معنيٰ جابلو. هيءُ سر شايد جابلو قومن جو رچيل آهي.

مضمون:

هن سر ۾ آيل مضمون جو تعلق، سسئي ۽ پنهونءَ جي آڪاڻيءَ سان آهي، جا ٣٧٠ صفحي تي ڏنل آهي. جيئن هن سر ۾، سسئيءَ جي ڏونگرن ڏورڻ ۽ جبلن جهاڳڻ جو بيان آهي، تنهن ڪري مٿس اهو نالو رکيو اٿن.

روحاني راز:

صوفين جو چوڻ آهي ته سالڪ جي حالت هميشه ساڳي نٿي رهي: سالڪ، رياضت ڪري، عيب ۽ اوڻايون دفع ڪري ٿو، پر جيڪي خاميون اڃا رهجيو وڃنس، تن جي ڪري الاهي نور جو جلوو، ڪڏهن گهٽ ٿيو وڃيس. انهيءَ وقت، هو اها اندر جي اونداهي ڀسيو ڏکيو وڃي. انهيءَ حالت کي، صوفي 'قبض' يا 'حجاب' يا 'استتار' سڏيندا آهن. هو جڏهن وري توبه ۽ رياضت ڪري ٿو، تڏهن الاهي نور جون دل ۾ پالوٽون ڏسي ٿو، جنهن کي "بسط يا ڪشف" جي حالت چئجي ٿي. اهي مختلف حالتون تيسين تائين جاري رهنديون جيسين تائين هو نفس کي پورو پورو فنا نٿو ڪري ڇڏي. جيئن سسئيءَ کي ڏونگر ڏوري محبوب جو وصال حاصل ٿيو، تيئن سالڪ کي به ڪشالا ڪڍي واصل باالله ٿيڻ گهرجي. وڌيڪ ڏسو روحاني راز سر سسئي آبري صفحه ۽ روحاني راز سر سسئي آبري صفحه ۽ روحاني راز سر معذوري صفحه ۽ روحاني راز سر ديسي صفحه تي.

سر ڪوهياري

داستان پهريون

١

لَيلَ[١] نَہ جاڳينءَ لِڪَ[٢] سين[٣]، ڪُلّي[۴] نومُ[٥] ڪِياءِ،
ٿَمر ٿِـي[٦]، پَهُچُ قَرِيبَ ڪي، اِجلِس[٧] تو نَہ جُڳاءِ،
مُٺِـي! مِزمانَنِ سين، وِيهي راتِ وِهاءِ،
جيلانَهن نِندَ ڪِياءِ، تي روزُ رَهين ٿِـي راهَ ۾.

٢

لَيلَ نہ جاڳينءَ لِڪَ سينءَ، شامَ سُتينءَ سَـڀَ راتِ،
اوڳِي[٨]! اونـيئَڙَن جا، ٿِـي پَهَ[٩] پُڇِـين پِريـاتِ!
ٿِيءُ سَڳِرِ[١٠] تَنِ جي ساٿِ، تہ يوري! ڪنهن پالُ مِڙين[١١].

٣

اَيلَ نہ جاڳينءَ لِڪَ سينءَ، سُتينءَ راتِ سَڄِي،
هِتان هوتاڻِيَنِ جُون، وِيئُون خُرزِينُون ڪَڄِي،
يوري! تُون نَہ پَڄِي، سَڀِ ڪنهين ساٿَ مِڙين؟

١- راتْ ٢- ذري ٣- تائين ۴- سموري ٥- ننڊ ٦- اٿي تيار ٿي ٧- ويهڻ (سستي) ٨- نادان ٩- رستا، ڏس ١٠- راه ١١- فائدو حاصل ڪرين.

۴

اِجلس ڪَري اُٺيا، ٽَنوارِيو توڏَنِ،
نَوِمَ نوازيئه، اُنِ جي، مَرحَبا موڏَن *،
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ **، اَليوم سِيرُوا[۱] سَسُئِي!

۵

غافِلِ! غَفلَتَ ڇوڙِ، تُون ڪيئَن اَٺاسِي[۲] اوجَهرين[۳]؟
ڇُپا تان[۴] چَڙهِي وِيا، وَجي پَهُتا توڙِ،
نيٽين نِندَ اُکوڙِ، جِمَ[۵]، وَرَنِ مِ واڪا ڪَرين.

٦

سَنجهي رَهين سُمَهِي، غافِلِ! مَنجهه گهرَنِ،
لِيڙَنِ[5a] جو، لَطِيفُ چي، ڪَرَڪُلُ[٦] سوءِ[۷] نَه ڪَنِ،
سيءَ ڪيئَن مُحِبَ مِڙَنِ، جي سَنجهي رَهَنِ سُمَهِي.

۷

آلوڙو[۸] اَڪيَنِ، آيمِ نِندَ اَياڳَ ڪي،
هاٿي هِنَ يَنيورَ مِ، گهارِيان ڪارڻِ ڪَنِ،
اَدِيُون! اوٺيئڙن، هِنئِين سين هاجو ڪِيو.

۸

جَڏِهن سُتيُون جي، پَٿَرِ[۹] پيرَ ڏِگها ڪَري،
تَڏِهن تَنِين ڪي، ساٿَ سُتيئِي ڇَڏِيو.

---

* طعني طور ٿو چوي، ته "سسئي توتي نند نوازش ڪئي؛ وري به شاباس آهي ائن کي، جو سجاڳ رهيا." (سگَن بِنَا، اٺن) ** نوڙهن، اُٺَن. ۱ـ اڄ سفر ڪر، اٿي هنن پنيان ڪاهه ۲ـ بي نڪي ۳ـ جهوٽا يا پنڪيون کائين ۴ـ ڇپ ڇاپ مِ، ماٿ ميٽ مِ ۵ـ مٿان اُٺَن ٦ـ آواز ۷ـ ٻڌءِ ۸ـ آرس، گهيرٽ ۹ـ پٿرائي يا بستري ٿي، سمهڻ جي جاءِ.
5a اُٺَن

۹

سُتِيِنءَ پيرَ ڏِکُها ڪَرِي، وَڏِي جاڙَ ڪِياءِ،
ڏَرَ يَرِ اُپِينءَ دوسَ جي، تہ سُرِ پُرِ هُوند سُياءِ،
اَصلِ آرِيءَ ڄامَ جِي، سَڳِي تُون نہ سِياءِ[1]،
پُنهُونءَ سين پِياءِ، تِي، نِياڳِي! نِندُون ڪَرِين.

۱۰

اِي ڪَمُ ڪَمِيٽِيَن، جيئن سُمهَنِ پيرَ ڏِکُها ڪَرِي،
لوچِين چو نہ، لَطِيفُ چي، هارِي! لَئِي هوتَنِ،
نِندان[2] نِياڳِنِ ڪي، اوياﻻ[3] اَچَنِ،
سي پُنهُون ڪوهُ پُڇَنِ، جي سَنجهي رَهَنِ سُمَهِي.

۱۱

سُتِيِنءَ سَوَارِي[4]، مُنهن ويڙهي مُٺَنِ جيئن،
ڏِٺَئِي نہ ڏيرَنِ جا، چوڏارِي چارِي[5]،
تيلانهن، ويچاري، ساٿُ سُتِيئِي لَڏِيو.

۱۲

سُتِيِنءَ سنجهي ئي، منهن ويڙهي مُٺَنِ جيئن،
اوجاڳو اَکِيَنِ کي، ڄاتوءِ نہ ڏيئي،
هَتانَ تو پِيئِي، تِي ڪَڇو[6] ڪيڇِيَنِ کي ڪَرِين!

۱ـ مائِٽِياٽي ۲ـ نند ڪان ۳ـ عتاب، ڏوراپا، جهوتنا ۴ـ سويل ۵ـ جاسوس ٦ـ داغدار، ڏوهاري.

۱۳

اوچاڳو اَجاڻِ، ڪِيئي نہ ڪَميٽِيَنِ جيئن،
اَساري اِهَڙِيءَ پَرِ، پيئي ڪيچِنِ سين ڪاڻِ،
ٻانِهِي چايو پاڻِ، تِي سَڄِيون راتِيُون سُمَهِين!

وائي

گِلا ڪا مَ ڪَري، لِکِيو تان نہ ٽَري،
ٻَڙي جيڏِيُون! منهنجي وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
جو سينگارُ سَرَتِيين، سو مُون ناهِ ڳري[1]،
منهنجي وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
جِهَڙي تَهڙي حالَ سين، وَڃان پيرَ ڀَري،
منهنجي، وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
جنهن وَٽ هيئان هَليا، سَڄَڻَ سانگُ ڪَري[2]،
منهنجي، وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
لامُون تنهن وَٽ سَنڌِيُون، لوڏِيان، لايان ڳري[3]،
منهنجي، وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
قَضا جا ڪَرِيمَ جِي، ڪِنهن تان ڪِينَ ٽَري،
منهنجي، وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
جيڪِي لِکِيو لوحَ ۾، پَاڙِيان، تان نہ پَڙي،
منهنجي، وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، شَلَ قادِرُ ڪَرَمُ ڪَري!
منهنجي وو شَهَرَ ڀَنڀورَ ۾.

۱- وٽ، گهر ۲- سفر ڪري، وڇوڙو ڏئي ۳- ڀاڪر پائيان.

داستان ٻيو

١

ڏونگر! تُون ڏاڍو، ڏاڍا، ڏاڍايُون ڪَرين[١]،
مُون تَنَ اَندَرِ تيئَن وَهين، جيئَن وَٽَ وَڍي وادو،
اِي ڪَرمَ جو ڪادو[٢]، نات پَٽرِ ڪير پَنڌ ڪَري؟

٢

ڏونگر! ڏُکَ سَنداءِ، پرينءَ گَڏِجان تہ چُئان[٢a]،
ٻِنيءَ ٽِپين ٻَوارَئُون[٣]، ٻيا وِنگا وَرَ سَنداءِ،
چَڱِي ڪانہ ڪِياءِ، پيرُ وڃايِئي پرينءَ جو.

٣

ڏونگر! ڏسُ پِرِيَنِ جو، قافَ![٣a] نہ ڏِٿين ڪو،
قَطارِيا ڪالہ وِيا، توڏا وَٽان تو،
هوت مُئيءَ جو هو، ڪو ساڄَنُ اُنهين ساٿَ ۾.

٤

ڏونگر! ڏسُ پِرِيَنِ جو، قافَ! نہ ڏٿين ڪَلَ،
قَطارِيا ڪالہ ويا، توڏا توهِين جَهلَ[٤]؟
سُٽِي هوتُ هَڪَلَ، مانَ ٻُڌِي ٻاروچو وَري.

١- سختيون ڏين ٢- قضا يا قسمت جي ڪشش ٢a- چَوان ٣- ڊپ وارو، خوفناڪ ٣a- ڪوه قاف، (اصطلاحي معنيٰ) جبل، ڏونگرُ ٤- تنهنجي ٻرسان، تو وٽان.

٥

ڏونگَر! ڏوراپو، پِهريون[1] چُونَدِيَسِ پِرِينءَ کي،
"پَهَڻَ پيرَ پٿُون ڪيا، تَرِيُون چِنيُون تو،
رَحم نہ پِيَئِي رُوحَ ۾، قَدُرُ منهنجو ڪو،"
واڪو ڪَندِيَسِ، وو، مون سين جَبَلُ تو جاڙُون ڪري.

٦

ڏونگَر! مُون نہ ڏُکوءِ، آئُون اَگَ ڏُکوئي آهِيان،
سارِيان ڪونَہ سُکوءِ[2]، سُورَ گهٽيِيي سَنيرَان.

٧

ڏونگَر! ڏُکويَنِ کي، دِلاسا ڏِجَنِ،
گهٽِو پُڇِجي تُنِ کي، جَنِ وَتَان هوتَ وَجنِ،
تُون ڪيئن سَندا تَنِ، پَهَڻَ[3]! پيرَ ڏُکوئِيين؟

٨

ڏونگَر! ڏُکِ پَئِي، ڪِيَمِ توسين ڳالهڙي،
پاٽَان آئُون مُئِي، سُورُ سُٽائي پرينءَ جو.

٩

ڏونگَر! مُون سين رو، ڪَڍِي پارَ پُنهُونءَ جا،
سَجَڻُ هومِ هيڪَڙو، وِيو قوڙائي[4] سو،
ڪنهن کي ڏِيان ڏوھ، مون سين ايرادي[5] ايئن ڪِيو.

١- اولِ ٢- تنهنجو سک ٣- اي جبل ٤- جدائي ڪري، فراق ڏيئي ٥- قسمت.

۱۰

ڏونگر! ڏڪيون، تو ۾ اورڻ[۱] آئيون،
جي اَچَنِ ڦوڙايون،[۱a] ڏِجَنِ دِلاسا تَنِ کي.

۱۱

ڏونگرَ! ڏڪوينِ کي، ڳَلِ سُڪا ڳوڙها،
ھو جي پَهَڻَ پَٻَ جا، پَٽِجي ٿِيا پورا[۲]،
گوندرَ[۳] جا گهوڙا[۴]، وَڃَنِ جانِ جُدا ڪِيو.

۱۲

ڏونگرَ! ڏِيهاڙِي[۴a]، پاڻُ مَٿان تو گهوريان،
تو مَنجھ رِهاڻِي[۵]، سَدا ٻاروچَنِ جِي.

۱۳

ڪي جي ڪَڍِيا پارَ، ڏُکي ڏونگرَ پاڻُ ۾،
سُٽِي سا تَنوارَ، مِرُون پِيا مامِري[۶].

۱۴

ڏونگرَ پُونيپِنِ[۷] ڪِيرَ[۸]، سَڄَڻَ ميخُون ڏونگرين،*
ھَڦِڙا سيڻَ سُڌِيرَ، ڪينَ لَهَنديِنءَ کي ٻِيا.

۱۵

ٻَٽِي وينا رُونِ، ڏُکِي ڏونگرُ پاڻُ ۾،
ڪنهن کي ڪِينَ چُونِ، مَنجِهنِ جو پِرِيتڙو[۹].

۱۔ سور سلڻ ۱a۔ ڦوڙائي، فراق جون ماريل، وڇڙيل ۲۔ ذرا ذرا ۳۔ غمن ۴۔ لشڪر، انبوھ، ڪٽڪ ۴a۔ ڏهاڙي، هر وقت ۵۔ رهاڻ، ذڪر ٦۔ عجب، افسوس ۷۔ زمين لاءِ ۸۔ ڪلا * زمين کي محڪم رکڻ لاءِ جبل مٿس ڪلين وانگر کتل آهن. ۾ سڄڻ وري ڏونگرن کي محڪم رکڻ لاءِ ميخ مثل آهي. ۹۔ پريت، محبت.

١٦

اَڄُ پُڻِ وِيٺو روءِ، ڏِکي ڏُونگَرُ پاڻَ ۾،
ڪوهِياري جو ڪوءِ، اَچِي سُورُ اُڏَمِيو[1].

١٧

ڏُونگَرُ، تہ ٻيلِي، ڏِجي ٻَنِ ٻيلِيَنِ رِي،*
ڪانہ چُلَنْدِي[2] چَپَڙِين، سائُسِ سَهيلِي،
چوٽِيُون[3] چَنبيلِي[4]، جيئن تيئن جهاڳي اُڪَتِي[5].

١٨

ٻَڙي! تہ ٻيلي گهڻا، ساٿِي پُڇِي سُڪُ،
رِفاقَتَ رُڃُنِ ۾، ڏُونگَرَ ڪارِي[6] ڏُکُ،
آرِيءَ جو اَهُڪُ[7]، مُون رَهَنُماٰ راهَ ڏِيو.

وائي

آهِيان جَنِ سَندي، ڙي آڙي مِيان!
مون ڪي تان سي نہ ڇَڏِيندا هوتا.
ڀُهائِيندِيَسِ[8] پُنهُونءَ ڪي، آئُون ڳِڇِيءَ پائِي ڳنڊِي،
مون ڪي تان سي نہ ڇَڏِيندا هوتا.
وِيٺي آهِيان واٽَ تي، آهِيان آسَرَوَنْدِي،
مون ڪي تان سي نہ ڇَڏِيندا هوتا.

١- جوش ۾ آيو * ڏونگر ڏورڻو هجي تہ ساٿي ضرور هجي نہ تہ همراهَن سواءِ ڏونگر ڏورڻ ڪڏ ۾ ٻوي ٢- جهاڳيندي ٣- جبلن جون چوٽيون ۴- ٻانهيءَ (جو نالو) ٥- نڪتي، اُڪري ٦- اڪاري ٧- اهنج، (عشق) ٨- پڇائيندِيس.

پِرِيَنِ پچاڻا هِتَهِين، آئُون رَتِي تان نہ رَهندِي،
مون کي تانِ سي نہ ڇَڏِيندا هوتا.
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جيءِ، آئُون پرينءَ مِلَندِي،
مون کي تان سي نہ ڇَڏِيندا هوتا.

داستان ٽيون

۱

رويو وينِي راڳِ[۱]، اَمَڙِ! اورِيان نِجهرِي[۲]،
لاتو مُون ڏيهَ وَٽَنِ سان، لاڳاپو ۽ لاڳِ،
ڏُونگَرُ سي ڏورِينديُون، جَنِ اَندَرِ ٻَرِي آڳِ،
هوتاڻِي هِنَ ماڳِ[۳]، مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين.

۲

مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، هِتِ، هوتاڻِي! هاڻِ،
اوڏِي مُنڌَ[۴] اُٺَنِ کي، اَللهُ ڪارَڻِ آڻِ،
پورِهيو ڪَندِيَسِ پاڻُ، اَڳِيان آرِيچَنِ جي.

۳

مون کي ڇَڏِ مَ ڇَپَرين، هوتاڻِيءَ هِنَ هَنڌَ،
توسين پُونديَسِ[۵] پَنڌِ، ڏِينديَسِ باهِ ڀَنيورَ کي.

۱- ارمان ڪر ۲- جهوپڙيءَ (گهرا) وٽ ۳- هنڌ ۴- زال ۵- پونديس.

۴

مون ڪي چڏِ مَ ڇپَرِين، هاتڪَ[۱]، هوتاڻي!
توهِين لئي[۱a] ڪاڻي[۲]، ڏُکِي ڏوري ڏونگرين.

۵

مون ڪي چڏ مِ ڇپَرين، پوءِ[۲a] رَهايَس ’پاڻِ[۳]‘،
جي پُلايُون ياڻِ[۴]، تَنِ ڪي رَسُ، رَسِيلا[۵] راهَ مِ.

٦

سُتي پُونِ چِرِڪَ، آيَلِ! پاروچَنِ جا،
وَمَ[٦] وِهاڻِي[۷]، وو ڙي، ڪوهِياري ڪِرِڪَ[۸]،
ڏَڙُ ڏُوڙِيو[۹] تنهن ڏَڪَ، جَڏِيءَ جيئڻ نه ڻِئي.

۷

سُتي پُونِ چِرِڪَ، آيَلِ پاروچَنِ جا،
پُنهُونءَ جي پَيڪانَ[۱۰] جون، راسِيُون[۱۱] مَنجهان رُڪَ،
هَنَيمِ هوتَ ڪِرِڪَ، لوچِيان، لوهُ نه نِڪَري.

۸

جيهِي جي تيهِي[۱۲]، تَه پِ[۱۳] پانهِي پاروچَنِ جي،
حُجَتَ هوتَ پُنهُونءَ سين، مُون ڪَميِڻيءَ ڪيهِي[۱۴]،
اَصلِ آرِيءَ جامَ جي، پَلئي اَئُون پيئِي،
هُوءِ جا پائِين پيرَ مِ، تنهن جُتِيءَ نه جيهِي[۱۵]،
وِساري ويهِي، تَنِ ڪيچِيَنِ ڪي ڪيئن رَهان؟

۱ـ همت وارو، هوشيار ۱a ـ تو لاءِ ٿي. ۲ـ سڙيل ۲a ـ پوئتي. ۳ـ خوديءَ ۴ـ جسم، جاءِ
۵ـ رس پريا، مٺا ٦ـ رئيس عضوي ۷ـ زور سانِ ڦهڪائي ۸ـ تير ۹ـ بدن زور سان لوڏيو
۱۰ـ تير ۱۱ـ نوڪون، چهنبون ۱۲ـ جهڙي آهيان تهڙي ۱۳ـ تہ بہ، تنهن هوندي بہ
۱۴ـ ڪهڙي ۱۵ـ جهڙي.

٩

هُئِي جي نہ هُئِي، تہ بہ ٻانِهي ٻاروچَنِ جِي،
اِنَ سگ مُقابِلِ سَسُئِي، سَندِيَن ٿي سُئِي،
هُنِ تان لَڄَ[١] لُئِي[٢]، هِنَ جو هَلَڻُ هوتَ ڏي.

١٠

ڪَنِيزَڪَ[٣] ڪيچِيَنِ جِي، ٻانهي ٻانِهيوتِي[۴]،
ٻَئِي[٥] ٻاروچي هَٿَ ۾، چَڳَنِ سِرِ چوٽِي،
ٻانيَڙِ ڪي موتِي، پاڻهي پَچَندو پَٻَ - ڏَٿِي.

١١

ڪَنِيزَڪَ ڪيچِيَنِ جِي، ٻانِهيوتِي ٻانِهي،
سي ڪيئن وَڃَنِ وِسَرِي، جي جِيءَ اَندَرِ جانِي،
اَڳُڻِ امانِي[٦]، شالَ ڪيچِيَنِ جِيَ ڪا مَ ٿئي.

وائي

مون ڪي نِيندا ساڻُ، ٻاروچا ٻاجَھ پَئِي، اَلو! اَلو!
ڏيندا مُون ڏُکِيءَ ڪي، اَللهُ لَڳِ اُهِجاڻُ،
ٻاروچا ٻاجَھ پَئِي.
لاتَقنَطُوا مِن رحمَتِ اللهِ[٧]، پِرِيَنِ چَيو پاڻُ،
ٻاروچا ٻاجَھ پَئِي.

١- شرمہ، زال ٢- وڌي، ڦٽي ڪئي ٣- ٻانهي ۴- خسيس يا ننڍي ٻانهي ٥- چوٽيءَ جون ٻئي چڳون ٦- بي عزت ٧- الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو (سورت الزمر، ٥٣)

اِنّ اللّٰهَ يَغفِرُالذّنُوبَ جَمِيعاً[1]، سَچو اِيءُ پَرِياڻُ[2]،
پـاروچا پـاجَهہ پِئي.
اَديُون، عَبدُاللّطِيفُ چي، اِهَڙو آهِ اَڳِواڻُ،
پـاروچا پـاجَهہ پِئي.

داستان چوٿون

١

ڳـائو[3] نَہ وائو[4]، اَدِيُون! آرِيچَنِ جو،
لَنگهي پَبُ پَري ٿِيا، چَڏي رِڻُ، رائو،
ڏيئي ڦوڙائو، وِيا وِيچارِيءَ سُپِرين.

٢

ڳالِهي، نَہ وائِي*، اَدِيُون! آرِيچَنِ جِي،
ڪنهن پَرِ ڪَهِي لَنگهيان، جَبَلَ جهاجهائِي[5]،
جيڪُسِ[6] واجهائِي، هاٿي مَرَندِيَسِ هوتَ لئي.

٣

هَلَڻُ سَهان نَہ هوتَ جو، وَڃَڻُ آئون گهورِيان،
هُونِ هَمِيشہ هِتَهِين، تَہ ڏُونگَرُ ڪُهُ ڏورِيان،
اَکِينِ سين اورِيان، پَسان شالَ پُنهُونءَ کي.

١- تحقيق، الله سڀ گناه معاف ڪري ٿـو (سورت الزمر،٣٥) ٢- اهيڃاڻ ٣- ڳالهہ، خبر ۴- ذڪر، بيان. * نڪا خبر، نڪا چار ٥- گهڻا؛ جبلن جي قطار ٦- شايد.

۴

هَلَڻُ سَهان نَہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مون نہ وَسِ،
اَللهَ! آرِيچَنِ جِيءِ، گولِيءَ ميڙيين گَسِ،
پِرين، پَهُنوارَا! تو پُڇان، ڏونگرِيا° مُون ڏَسِ،
اَکِينِ جي آرِسِ، مُنڌَ جيهائي[1] جوڙڪِي[2]،

۵

هَلَڻُ سَهان نَہ هوتَ جو، وَڃَڻُ مَ واريو،
رَهو راتِ پَنيورَ ۾، ڪا گهڙِي هِتِ گهارِيو،
مَعذُورِ ڪي مَ مارِيو، سِڪِي جنهن سَڱُ ڪِيو.

٦

مون ڪي جَنِين مارِيو، آن ڪي گَڏِيا سي؟
تَنَ ۾ طاقت ناهِ ڪا، اَدا! اُنين ري،
سُورُ سَلِيمُ[3] تي[4]، جيلانهن ڳالهہ ڳِري ٿئي.

۷

مُون ڪي جَنِين مارِيو، سُڄاتَمِ سيئي،
پُنهُونءَ پَيڪانَ پَڇَنڊِيا°، پِلَن تانِ[6] پيئي،
وِيڃَنِڊُون ويئي*، تِي وَهِيڻِي[7] سَڄَڻين.

° ڪوهيارا، جابلوُ ١- ههڙي ٢- جاڙ يا جٺ ڪٺي ٣- سليم، ظاهر ڪيم ۴- تنهن ڪري، انهيءَ لاءِ ۵- تيرن جو وسڪارو مچايو ٦- اکين جي پنهي تارن مان * طبيبن جي علاج مان نہ چٽندي، ۷- وس ۾.

۸

مُون ڪي جَنِين مارِيو، سُجاتَمِ پاٽان[۱]،
لوهُو[۲] لِڳُنِ ناهِ ڪِين، سَنڌَ مِڙِئي ساٽان،
دارُونءَ جا داٽا، ڏِنَمِ هوتَ هَٿَنِ سين.

۹

پَرتوو[۳] پُنهُونءَ جو ڪِين ڇائِين[۴] ڪِين اُسَ[۵]،
قرِيبِاڻِي ڪُسَ[۶]، آهي ڪَر پَڪَرڙي.

۱۰

پَرتَوو پُنهُونءَ جو، سَهائِي، سِياهُ*،
مُنهن ڏِيئي مُون آئيو، رَنگا رَنگِي راهُ[۷]،
پِهرِين ڏِيندا پاهُ[۸]، پوءِ رَڱِيندا رَڱَ ۾.

۱۱

پَرتَوو پُنهُونءَ جو، جُهڙَ جيئن جهالا[۹] ڏي،
آئون تنهن آرِيءَ کي، وَنيو راهه، رُئان گهٽُو.

۱۲

پَرتَوو پُنهُونءَ جو، رُڱِيائِي راحَتَ،
پانيان ڏِيهُ پَوارَتُون[۱۰]، ساڄَنَ لاءِ صِحَتَ،
مِٺِي مُصِيبَتَ، آهي آرِيءَ ڄامَ جِي.

۱ـ وجود مان، اندر مان ۲ـ رت، خون ۳ـ عڪس، تجلو ۴ـ اونداهي (اونداهي جا سالڪ کي حجاب (قبض) جي حالت ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي) ۵ـ سوجهرو (جو سالڪ کي ڪشف (بسط) جي حالت ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي) ٦ـ ڪوس محبوب جو جورو جفا * سالڪ کي الاهي نور نظر اچي، وري رهيل کُهيل خاميءَ ڪري الاهي نور وڃائنس گم ٿي وڃي. ۷ـ طريقو، رستو ۸ـ رنگ ڏيڻ کان اڳي ڪپڙي صاف ڪرڻ جو تيزاب (ڏک ڏاکڙا) ۹ـ تجلا ۱۰ـ پڙ يا ڊپ وارو، خوفائتو.

وائي

ڀاروچي ساڻ، ڀڙي اي جيڏيون! هيڪَرَ ٿيان هيڪاندِي.
چَڙهِيِ نَہ سَگهان چوٽِيِن، ڀارَ بنا، دِلِ ماندِي!
هيڪَرَ ٿيان هيڪاندِي.
پَهُچائِج پُنهُونءَ کي، هِيءَ پِيادَڙِي، پاندِي!
هيڪَرَ ٿيان هيڪاندِي.
ڀِينَرِ! هِنَ ڀَنڀورَ ۾، آئُون ايرادي° آندِي،
هيڪَرَ ٿيان هيڪاندِي.
پورِهيتِ پُنهُونءَ جامَ جِي، باندِين جِي باندِي،
هيڪَرَ ٿيان هيڪاندِي.
ڪَرَمَ ساڻ ڪَرِيمَ جي، ڪيچِي ٿِيندَمِ ڪاندِي،
هيڪَرَ ٿيان هيڪاندِي.

داستان پنجون

۱

رِيءَ قَرِيبَنِ[1] قُوتُ ڪِيو، وِيئِي وِرِهَ[2] چَران،
اِنَ عَذابان اَڳهين[3]، مادَرِ! چو نَہ مَران،
اَدِيُون، جو نَہ اَوان[4]، سو مان سُورُ سَرَتِيُون.

° خدائي اراڏي، مشيت ۱- محبوب کان سواءِ، جدائي ۲- ڏک ۳- اڳهين ۴- اوهان.

۲

زِيءَ قَرِيبَنِ قُوتُ ڪِيو، وِرهَ چَراڻ ويٺي،
ٻانيَڻِ کي ٻَروچَ ري، ٽِپي ڏُکَنِ سين ڏِيٺي[۱]،
تو پُنهارن سُپرِين! آئُون سُورَنِ سانيِيڻي[۲]،
جا مَرضَنِ مَريٺِي[۳]، سا سَرَتِيُون! ڪيئَن سَگهي ٽِپي؟

۳

سَرَتِيُون! ڪيئَن سَگهِي ٽِپي، ويڙهِي جا وِرهَنِ[۴]،
چِتُ جنهن جو چُورُ ڪِيو، ڏُکويو ڏُکَنِ،
پُنهاڻان پِرِيَنِ، اَدِيُون! اَگِهي آهِيان.

۴

اَدِيُون اَگِهي آهِيان، پِرِيَنِ پُنهاڻا،
سي ڪوهِيارا ڪيڙِ[۵] وِيا، ساڄَنَ سِياڻا،
جي سَسُئِيءَ سيباڻا[۶]، سي وَڃِي ڪيچ قَرارِيا.

۵

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَريان ڏَرِي،
لِڳي ماٺِ مِرُوئَنِ کي، ڏُونگَرَ پُونِ ڏَرِي،
وَڃَن وَڻَ ٻَرِي، اويَڙِ اُيري ڪِينَ ڪِينَ[6a].

۱- واقفيت ۲- ويڙهي، وڪوڙي ۳- مرولو ڏنو، نپوڙي ۴- غمن ۵- ڪاڏي ٦- وٺيا، پسند پيا، محبوب. 6a- ڪِي.

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَرِيان زَبانَ،
لڳِي ماٽِ مِرُوئِنِ کي، رَسِي سُورُ شَبانَ[۱]،
تاڪَرِ[۲] تِکِي ڪانَ، جَبَلُ سَڀِ جَلِي وَڃِي.

۷

جي حَبُ نَہ هَلَڻُ سِگھيا، سي جَڏا ميڙ جَلِيلَ[۳]،
لَنگھائي، لَطِيفُ چي، نِجَنِ ڪيچ قَلِيلَ[۴]،
وِساري، وَسِيلَ[۵]، مَتان مارَڳِ[٦] ڇَڏِيين.

۸

سارِيان تِي سَبِيلَ[۷]، پُرِ تَقصِيرون پاڻ ڏي،
مَتان مُون کي ڇَڏِيين، آرِيءَ جامَ اَصِيلَ[۸]،
وَرُ، وِلهِينِ جا وَسِيلَ، رَس رَهَبَرَ راهَہ ۾.

۹

اَڇيو اَڇيو ڇُونِ، 'وِيهُ، ويا تان گھورِيا'،
سَرَتِينِ سانگُ[۹] سُگَنِ سين، مُون جيئن رَتُ نہ رُونِ،
اوُ مَرُ وينِيُون هُونِ، مُون ساگَاتُو[۱۰] سُورَ ڏِيا.

۱۰

سَرَتيُون سُوراتِنِ جي، کُهِ تِيُون پَتَرِ پُونِ[۱۱]،
گھاءُ نہ لَڳَنِ گھٽَ جو، رِيا[۱۲] مان تِيُون رُونِ،
چِيتارِيو[۱۳] نَہ ڇُونِ، پارَ منهنجيَ پِرِينءَ جا.

۱ـ ڏنار ۲ـ ٽڪري ۳ـ اي وڏا (خدا) ۴ـ ٿورا، ننڍڙا ۵ـ وسيلا، رهبر ٦ـ پيسچرو، راه ۷ـ گهيون ۸ـ اصل خاندان ۹ـ ڪم ۱۰ـ سنگتي، رفيق ۱۱ـ ماتم جي جاءِ تي وهن ۱۲ـ لڳي، مکر ڪريو ۱۳ـ سنڀاليو، ڏيان ڏيو.

وائي

توڙي نِينِ نَہ نِينِ، اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.
زورو هِنَ ضَعيفِ سين، ڪامِلَ ڪوهہ ڪَرِين،
اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.
جَتَ پنهنجي جُوءِ ۾، جانبَ مانَ° جَتِينِ[1]،
اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.
پِڪَ پَدَمَنِئان[2] اَڳِري[3]، سُرڪِي مانَ سَچِينِ[4]!
اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.
ٻانهِي ٻَروچا پانهنجي، سَگِرِ مانَ سَڏِينِ،
اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.
پيرين آئون نہ پُڄَنِي، ڪَرَهَلَ هو نَہ جَهلِينِ،
اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.
اَدِيُون، عَبدُاللّطِيفُ چي، نينهن نباهِيو نِينِ،
اَلو مِيان! آئون اُنهين جي آهِيان.

داستان ڇهون

۱

ڪنهن پَرِ رُوئان پرينءَ کي روئي نَہ ڇاٽان،
مَتي ڪِيو پِٽان°، هَنجُنِ-هاٿا[6] هَتَڙا.

° شال، ڪاش. ۱- جتاءَ ڪن، ترسن ۲- پدمن کان ۳- بهتر ۴- پيارين ۵- وتان، گهمان، هلان ٦- ڳوڙهن ڀريل.

۲

کنهن پَرِ رُوئان پِرينءَ کي، اَندَرِ ناهِ اُساتَ[۱]،
لوهُوڪا[۲] لَڪَنِ ۾، ويرِي متي واتَ،
چِپَرَ ۾ چونچات[۳]، ڏِنَمِ ڏُکوِينِ جا.

۳

کنهن پَرِ رُوئان پِرينءَ کي، پَچَڙَ ناهِ پَچارَ*،
اَندَرِ تِپي آهُون ڪَرِيان، ڪاٽِي مَنجِهِ خُمارَ،
گِرِيي[۴] جي گُفتارَ، ٻِيءَ يَتِ[۵] ٻاروچَنِ ۾.

۴

کنهن پَرِ رُوئان پِرينءَ کي، پارُ نَہ ڄاڻان پَنڌُ،
ڪيچِيَنِ ڪارڻِ ڪَنڌُ، نايو تِپي نعرو هَڻان.

۵

کنهن پَرِ رُوئان پِرينءَ کي، پارُ نہ ڄاڻا پيرُ،
پَنَڌُ مُون پيڙو ٿِيو، سُورَنِ لايو سيرُ[۶]،
آرِيءَ لئي اُليرُ[۷]، رَقصُ[۸] پاڳِي رَنَ جي.

۶

کنهن پَرِ رَوئان پرين کي، رُوئَڻُ مُون رِياءَ،
بَرَنِ مَنجِهِ بُڪاءُ[۹]، ٻِيءَ يت ٻُڌَمِ جيڏِيُون!

۱- اُڃ، عشق، اڪنڊ، پيار ۲- لوهيڙي جا وڻ ۳- سوسات، سڏڪا * اندر جي سور کي زبان سان چوڻ جو نمونو نٿو اچيم. ۴- روڄ راڙي ۵- ٻئي نموني ٦- والون، راهون ۷- ڳولا ۸- ناچ، ٿنڪڻ ۹- دانهون، آواز.

٧

سُڄَ وَسنڌِي تَنِ ڪي، جوشَ جَلايا جي،
طالِبَ جي تَحقِيقَ جا، نينهن تَنين وَٽِ ني،
ٿيڏِي پَسِي ٿي، هو تان آهي هيڪَڙو.

٨

ٻيون ڏيٺي ٻَنِ[1] ڪي، هَلِڄ پاسي هيڪَ،
وَرُ نہ سَهي وِيڪَ[2]، تُون ٿيڏِي! ٿِيائُون ڪَرين.

٩

اَچا تُون اَواٽَ[3]، واٽان[4] پاسي ويسَرِي،
سُونهِين ٿيءُ[6] سُواٽَ[7]، تہ مَنجهان دِلِ دَڳُ[8] لهين،

١٠

پاهِين[9]، پَسِي پَٻُ، مَتان ڪا، مُنڌَا! ڏِيئِين،
اَڳِيان ڪَٽُو[10] مَ ڪَٻُ[11]، اِيءُ قالِي[12] آڏو ڪيچ ڪي.

١١

ڏادِي لُڪَ لَڪَنِ جِي، پَٿَنِ پوءِ پَچاءُ[13]،
ڇَپَرَ ڪوسو واءُ، هَرِيا[14] تو نيٺَ ڪِيا.

١- ڪوهہ، ڪڏ ٢- عيب (شرڪ) ٣- گمراهہ ٤- واٽ ڪان ٥- غافل ٦- واقف ٿيءُ ٧- سِڌي رستي ڪان (طريقت ڪان) ٨- رستو، راهہ ٩- پٿي (الڳي ٿو ڏيين سان) ١٠- هٽ ١١- ڪيباءِ ١٢- قالين، فرش (جبل) ١٣- سوز ١٤- آلا، سبز.

وائي-١

زارِي سا زارِي، اَلو پَلو! ڪوهِياري سانُ،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.
ڪِينَ جِيئندِيَس، جيڏِيون! سُورَ پِريان جي آئون مارِي،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.
اُتَ ڳَنگائي هَلِيا، بوتا[1] هُيَڙَنِ بارِي،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.
ڪَري ڪوهِيارو هَلِيو، مُون سين قِيامَتَ ڪارِي،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.
مانَ وِرَمَنِ[2] وڃَ ۾، اولاٽي[3]، آرِي،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.
هِندُوئَنِ جيئن هولِي ڪَري، مُون ڏُورِ مَٿي تان وارِي،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.
لالَنِ لَڳِ، لَطِيفُ چي، واجهائي ٿِي وِيچارِي،
آئون جا ڪَندِيَس زارِي.

١- اٺ ٢- ترسن ٣- راڳ، لوليءَ.

وائي-۲

جنهن جي آهيان ڏونگر ڏورِي،

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

اَئُون تنهن گهورِي گهوٽَ جِي، ماڙهُو° چُونم پورِي[1]،

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

نِهو[2] نِماڻِي پاڻَ سين، چَپَرِ چَڏِيو مَ چورِي،

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

روئِي رَڱِينديَسِ رَتَ سين، ساڻُ چُئاڪَنِ[3] چورِي[4]،

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

اَدِيُون! آرِيچَنِ جو، لَهُ لَڳو مُون لورِي[5]،

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

ڪَشي ڪانَ ڪَمانَ مان، لائي وِيڙا لورِي،

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

نالائِقِ ساڻُ، لَطيفُ چي، قادِرُ ڪَرَمُ ڪَندو ڙِي!

تنهن ڪوهياري کي ڪَهَلَ پوي.

° ماڻهو ۱- نادان ۲- نيو ۳- ڦڙڪن ۴- چولي، ڪنجرو ۵- تير (چڪ)

سُرُ حُسينيِ

سر بابت:

هي هڪ مشهور عربي ۽ فارسي سر جو نالو آهي، جنهن ۾ امام حسين ۽ ٻين ڪربلا جي شهيدن جا مرثيا ڳايا ويندا آهن.

هن سر ۾ عموماً، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون پڙهيون، اختيار ڪيون ويون آهن.

مضمون:

هن سر جو مضمون سسئي پنهونءَ جي قصي تي ٻڌل آهي. هتي سسئيءَ جي دردناڪ دانهن ۽ سياپن جو بيان، نهايت گهائيندڙ لفظن ۾ ڪيو ويو آهي.

روحاني راز:

هن سر ۾ سالڪ کي سستي ڇڏي، ڪهتن ۽ گوهين کان گريز ڪري، 'ڳاڙهي سڄ ڳالھ مرڻ' لاءِ تلقين ڪيل آهي. سالڪ جو جسم سندس روح لاءِ اُٺ مثل آهي، جيڪو ڪيس هن بيابان مان اِڪاري پار ڪرڻ لاءِ هن کي استعمال ڪرڻ گھرجي. طريقت جي ترڪٽي گس ۾، پنهونءَ جو پير ڳوليندي، جيڪي ڏک ۽ ڏاکڙا، سالڪ کي سهڻا پون ٿا، سي ڪيس ڇمي چشمن تي ڌرڻ گهرجن ۽ سورن جي ساءِ، مرڪي ماڻڻ گهرجي. عشق جي واديءَ ۾ 'اڳيان رائو رڱي رڄ' آهي، تنهن ڪري خفي ٿي ورچڻ نه گهرجي. عشق جي جر جيئون ڪڍي، تہ 'هينڙو ڏاڙهون گل جيئن' رت ورنو ڪجي، ڇاڪاڻ جو ورهه ۽ ويراڳ ۾ عاشق جو جلڻ ۽ سڙڻ مرڪ آهي. جيئن جيئن تپي ڏينهن تيئن تيئن تاڻجي پنڌ ڪي، جيسين منزل مقصود کي وڃي رسجي.

"تِتي ٿَڌِيءَ ڪاھِ، ڪانهي ويلَ وِيهَڻَ جي،
متان تِئي اُونداھِ، پير نہ لهين پِريِنءَ جو."

هن سر ۾ دنيوي تعلقات کي ترڪ ڪري، سڄڻ جي ڪري سانگ وڃڻ لاءِ پڻ هدايت ڪيل آهي، پنهور جي سکن تي پنيلجي، هوت جي پٺيءَ نہ هلڻ، سالڪ لاءِ نسوروئي نياڳ آهي. جانب جي جوءِ، پنهور کان پلي آهي. پنهور ۾ اکين جو ڏؤ ۽ پيٽ

جي بک آهي، تہ جانب جي جوءِ، وري منڌ (سالڪ) جو ماڳ آهي. شاهه هن سر ۾ پنھور (دنيا) جي برائي دل کولي ڪئي آهي. دنيا ۾ ڪو ڪنهنجو ڪينهي. 'ولهن جي وٿاڻ تي توڏا نہ تنوارينءُ، هيڏا هاڄا ٿين، بري هن پنهور ۾.' سالڪ کي هن 'بري پنھور' مان پڄي، ڏونگر ڏوري، وندر ووڙي، چاڙهيڪا چڙهي، آڙيڪا لتاڙي پرين جي پار پهچڻ گهرجي.

وڏيڪ ڏسو روحاني راز، سر سسئي آبري ۽ روحاني راز سر معذوري، روحاني راز سر ديسي ۽ روحاني راز سر ڪوهياري.

سر حُسيني

داستان پهريون

۱

لَڏُ[۱] مَ، لاڙائُو ڏِيو[۲]؛ گُهتُون گوهِيُون ڇڏِ،
لاهِ مَ لَڏو لَڏِ، تَہ ڳاڙهي سِڄ ڳالِهہ[۳] مِڙين.

۲

لَڏُ مَ، لاڙائُو ڏِيو، هَلِي ڪَرِ هِمَٿَ،
سِڄُ سامُهون[۴] مُنهَن ۾، مَتان ڪَرِيين ڪَٿَ،
سُپِيريان جي سَٿَ[۵]، ڳاڙهي سِڄ ڳالِهہ مڙين.

۳

لَڏُ مَ، لاڙائُو ڏِيو، وَرَ چُوندِيندِي[۶] وَڄُ،
آهي اِيءُ اُهڄُ[۷]، هاڙهي هَلَندِيَنِ جو.

۱ـ جهڪ، ترس، گوٺ ناٺ ۲ـ سج لهڻ تي آهي ۳ـ مقصد ۴ـ منهن ۵ـ جماعت، مجلس، ڪچهري ٦ـ ڪُنجَ ڪنڊي، تڪڙي ۷ـ نشان.

۴

اَلْهي سِجَ اَوِيرَ ڪِي، ڏِٺائين ڏُونگَرُ،
سَسُئِيءَ ڪي، سَيَدُ چي، سُورَنِ جو سَمَرُ،
ڪُتَلِ رَکِيو ڪَرُ[1]، ويچاريَ وَٽِڪارَ تي.

۵

اَلْهي سِجَ اوِيرَ، مَ ڪرِ مَعذُورِيَنِ تي،
پَسِي مَران پيرَ، ڏُونگَرَ[2] ٻاروچَنِ جا.

٦

وِيو ٻاروچو نِڪَرِي، هاڻي ڪَرِيان ڪيئَن؟
سِجَ اُلٿي[3] سيئَن[4]، سَنُون ڏينديَسِ سُجَ ۾.

۷

وينِي مُون وِيو، لَڙِي سِجُ لَڪَنِ تان،
اَئُون ڏورِيندي ڪيتَرو، پَهُڻِ پيرُ پِيو،
سُورَنِ ساڻُ سِهو[5]، اَچِي تِيُمِ جيڏِيُون.

۸

سَرَتِيُون! سُجِهي[6] سُجَ، مَتان ڪا مُون سين هَلي،
پاڻي ناھ، پَنڌُ گهڻو، اَڳِيان رائو رُڳِي رُجَ،
مَچِڻُ[7] مَري اُجَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرينءَ کي.

۱ـ بدن جو مٿيون ڌڙ، هٿ ۲ـ جبل ۳ـ لهڻ ۴ـ تائين ۵ـ لاڳاپو، واسطو ٦ـ سجهي
۷ـ متان.

وائي

جي هوند ڏناٿون، وو جيڏيون! حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو،
چَڙهيِ نہ سگهان چوٽيين، مارَگَ[۱] مَٿانهُون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
ڏُکِيءَ سَنڌِي ڏِيجَ ۾، ڏُونگَرُ ڏناٿون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
وِيندي کِيُون وٺِ سين، سَسُئِيءَ سُکائون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
وَٺِي پُنهُون پاڻَ سين، اَچان جي آئون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
ڏِينڌِيَسِ شاخَ سَيِکَهِين، وَٺِ وَٺِ واچائُون[۲]،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
هينئڙو ڏندڻ پاڙَ جيئن، چِڪي چِناٿون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
هينئڙو ڏاڙهُونءَ گُلَ جيئن، ريهِي[۳] رَتاٿون[۴]،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.
هو جي پَهَڻَ پَبَ جا، مَٿِيا مُڪائُون[۵]،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهڙو.

۱ـ رستو ۲ـ وچن، واعدا ۳ـ ڳنڍي، ملائي، عشق جو پيچ پائي ۴ـ ڳاڙهو ڪيائون، راس ڪيائون ۵ـ موڪليائون.

هُونِ سَلامَتَ سُپرين، گهورِي سا آئُون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهِڙو.
سو جي سُئُومِ ڪَنَنِ سين، پَهُ[1] جو ڪيائُون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهِڙو.
ٻانهُون ٻيلَ[2] نہ لاهِيان پُنهَلَ ڪي آئُون،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهِڙو.
آيا، عبدُاللّطِيفُ چي، پُنِيُون مَنَ مُدَعائُون[3]،
حالُ منهنجو هِهڙو جَهِڙو.

داستان ٻيو

١

ڪِين ڏَرَتَتِي[4]، ماءِ! ڪِين جَرَ[5] سَندِي سَجَڻِين،
هَلي ۽ واجهاءِ[6]، ٻنِهي ڄيرَن وِچَ ۾.

٢

مَتِئان[7] مَتي مَچُ، ٻَرِيمِ ٻاروچَنِ جو،
مون ڪي طَعنا تي[8] ڏِيِين، جيئن نہ پَرُوڙِيين سَچُ،
امڙ! اوري اَچُ، سِٽَ سُٽايِئين سُورَ جي.

٣

مَتي مَنجهان مِينهُن[9]، پسو! پاٽِيءَ جيئن وَهي،
مون ٻانئيو نينهن، ڄِيِيُون ڄيري سَندِيُون.

١- ارادو، خيال ٢- ٻئي ٣- اُميدون ۴- منجهند جي نتهڻ اس ٥- بره جي باه ٦- واجهاءِ، ڳول ٧- متي کان ٨- تنهن ڪري ٩- ڳوڙها.

۴

مَنجهان منهنجي رُوحَ، جي وَڃي ساڄَنُ وِسَرِي،
تَہ مَرُ لَڳِي لُوھَ[۱]، ٿَرَ-ٻاٻِيھو[۲] ٿي مَران.

۵

لَڳِي مُون کي لُوھَ، وِرھَہ[۳] واٽُون لائِيُون،
راضي* جنهن سين رُوحَ، سو ڪوهِيارو ڪيچ وِيو.

٦

ٿِمَنِ نيڻَ، رَتُ وَهي، ڦُڙاڪا[۴] ڪِيو،
مُون کي ڏُنءُ ڏِيو، اَئِين ٿا وَڃو، اوٺِيا!

۷

امڙ وَڃِي آڻِ، چَرَخو آٽَڻَ[۵] وِچَ مان،
ڪِتُمِ جِهِين ڪاڻِ، سو ڪوهِيارو ڪيچ وِيو.

۸

پَهِي[٦] ڪامَ پِڃاءِ، اَمڙ! منهنجي آسَرِي،
ڏِيئِي لَٽَ چَرخِي کي، پُوڻِيُون[۷] پاڻِيءَ پاءِ،
ڪِتُمِ جِهِين لاءِ، سو ڪوهِيارو ڪيچ وِيو.

۹

پَهِي ڪامَ پِڃاءِ، امڙ! منهنجي آسَرِي،
ڏِيئِي ڪِين[۷a] ڪَتاءِ، مون کي نينهن نِهوڙِيو.

۱- لُڪَ ۲- چانڪ پکي، جو مينهن جي ڦڙن تي گذران ڪندو آهي ۽ گرمي سهي نہ سگهندو آهي ۳- غم، ڏک* اصل. راز (راض= راضي) م-م ۴- ڦڙا، قطرا ۵- ڪتڻ جي جاءِ ٦ پڃيل ڪپاھ جو مچو. ۷- ڪتڻ لاءِ پهيون، پڃيل ڪپاھ جا مچا ۷a- ڪي، ڪجھ.

١٠

ڪَتَڻُ ٻَنِ ڪَپاهُ ڪوءِ آتَڻُ، ٻَنِ جيڏِيُون،
ساڄَنُ منهنجو ساهُ، هاڃي مَنجِهه هَٽِي وِيو.

١١

آتَڻِ چُونمِ ڪَتُ، تاڻِيان، تَندُ نَہ نِڪَري،
پاٽان روئِي رَتُ، چَرَخو مُون چِڪَ ڪِيو.

١٢

ڪوءِ هاڙهو، ٻَنِ هوتُ، ڪوءِ پُنهُون، ٻَنِ پِريتَمُ،
مادَرِ! مُون مَوتُ، پَسَٽا پِرائِيو.

١٣

ڪوءِ ٻولي، ٻَنِ ٻَروچُ، گهورِي ذاتِ جَتَنِ جِي،
مون ڪي چَئِي لوچُ، پيهي[1] وِيا ڇَپرِن.

١٤

جيئَن جيئَن تَپي ڏينهن، تيئَن تيئَن تاڻِيان پَندَّ ۾،
ڪو آڳانجهو[2] نينهن، ٻانيَڙِ ٻَروچَنِ سين.

١٥

جيئَن جيئَن پَڄي راتِ، تيئَن تيئَن تاڻي پَندَّ ۾،
پورِيءَ ٻِي نَہ تاتِ، جيڪا سا جَتَنِ جِي.

١ـ اندر گهڙي، لکي ٢ـ آڳاٽو، جهونو، ازل کان.

١٦

نہ ڪو ليڪوڻي ٽِيو،* نہ ڪو ٽَنو ڏينهُن،
تِهان اوري نينهُن، ڇِنو آتَڻَ وارِيِن.

١٧

جان جِيِين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري،
تَتِيءَ ٽَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.

١٨

تَتِيءَ ٽَڌِيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جِي،
مَتان ٽٿي اُونداهِ، پيرُ نہ لَهين پرينءَ جو.

وائي

شادِيءَ جو سِينگارُ، آيَلِ، آيَلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
آهي ڳَهُہ ڳِچِيءَ جو، ڏِٺي هالورا[1] هارُ،
آيَلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
آهي اُگهاڙِيَنِ کي، جانِبَ جو جِنسارُ،
آيَلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
آهِيين ڪاڄُ بُکِيَنِ جو، تُون تان طَعامُ تِيارُ،
آيَلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
اَعليٰ اَڄو عِيدَ ۾، دوسِتاڻو دِيدارُ،
آيَلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.

* نڪو حساب ڪتاب ٽيو (نڪي سور سختيون سٺائون) ١- چمڪاٽ.

جُسنَ هوتَ پُنهونءَ جي، ڪَڪوريو[1] ڪوهيارُ[2]،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
سُجَ ڪِيائِين سُرَهِي[3]، واسِيائِين وَڻڪارُ،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
ڇَپَرَ ڇاڻُون مُڪِيُون، عَطُرُ ٿِيو آوارُ[4]،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
ڪوڙِيين ٿِيا ڪيتَرا، نالي تان نِثارُ،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
سَدا صَلابَتَ[5] جي، گولِي گِرِفتارُ[6]،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
گهورِيان گهرُ گهٽِيءَ تان، اَچي جِٿان[7] آدارُ[8]،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مِليو مُون مَنٺارُ،
آيلِ! مَرَڪُ منهنجو مُون پِرين.

داستان ٽيون

١

ڪو گهمَندي گهورُ[9]، آيمِ ٻاروچَنِ جو،
ڇَڏِيندِيَس ڀَنيورَ، هِنيُون هِتِ نه وِندُري.

١- ڳاڙهو ڪيو ٢- جابلو ملڪ (ڪيچ) ٣- خوشبوءِ دار ٤- پکيڙيل، ڇِنڊيل ٥- حشمت، مٺيا ٦- قيد ۾ (صدقي) ٧- جتان ٨- منهنجو پرجهلو (محبوب) ٩- خيال، پور.

٢

ڀَنيورَ جَنِ[١] سُکَنِ، مُون کي ساٿان[٢] ڪارِيو،
هاڻي ساڻَ ڏُکَنِ، تان ڪِين ڏُونگَرَ ڏورِيان.

٣

ڀينَر! ڀَنيوران، ڀَڄو تان اُبَهو[٣]،
اَڳِي اِنَ ماڳان[٤]، سَرَتيَنِ سُورَ پِرائِيا.

٤

ڀينَرُ! هِنَ ڀَنيورَ ۾، دوزَخَ جو دُونهون
سَوارو[٥] سُونهون، پُڄِي پُورِجِ[٦]، سَسُئِي.

٥

ڀينَرُ! هِنَ ڀَنيورَ ۾، گهايَلِ ٿِي گهارِيان،
سَڄَڻَ جي سانگِ وِيا، سيئي ٿِي سارِيان،
سي ڪيئَن وِيسارِيان، جي وَتان مُون واتَ ٿِيا.

٦

ڀَنيوران[٧] اُجاڙَ[٨]، سَرَتِيُون! سَکَرُ[٩] ڀانئِيان،
مُون سين تنهن پَهاڙُ، ڏُکان[١٠] هَڏِ نہ ڏورِيو.

٧

اُجاڙان ڀَنيورُ، سَرَتِيُون! سُکَرُ ڀانئِيان،
آرِياڻيءَ اُتور[١١]، ڏِنُمر جِتِ اَکِيَنِ سين.

١- ڀنيور جي ٢- ساٿ (جماعت) کان ٣- چوڻڪارو پايو ٤- ماڳ (جاءِ) تان ٥- سويل
٦- هلج ٧- ڀنيور (هن دنيا) کان ٨- سڃ (نيستي) ٩- بهتر، چڱو ١٠- ڏک کان
١١- بيمثل، اڻ لب.

٨

لَڳِي لاڳاپِي، پورِي مُندَ پَنهورَ جي،
پِرِين وِڃايو تي[١]، ڏُکِي ڏورِي ڏُونگرين.

٩

پَلِيو سَڀُ پَنهورُ، جو پُنهِيءَ هوتَ نه هَلِيو،
شَهَرَ سُڃاتو ڪِينَ ڪِين، آرِياڻِي اَتورُ،
ماڻِيو تَنِين مورُ[٢]، ديکِيو جَنِين دِل سِين.

١٠

جَنِين ديکِيو دِل سِين، پُنهِيءَ سي پيئُون،
تَه پُڻ تِي وِيئُون، جي پُنهُونءَ پاڻُ لڳائيو.

١١

بُرو هو پَنهورُ، آرياڻِيءَ اُجارِيو،
لاتو سَڀَ لوڪَ تان، هاڙهي-ڏاڻِيءَ هورُ[٣]،
چورِيُون چُرَڻُ سِکِيُون، پُنهُون ڪِيائُون پورُ[٤]،
آيو سو اَتورُ، جِنهن ڏُکِيُون ڏِکَ[٥] وِهارِيُون.

وائي

لڳو مَنجِهه لڪَن، آيلِ آيلِ! تازو پيرُ پُنهُونءَ جو،
نه ڪنهن واءَ وِڃائِيو، جهورِيو تان نه جَهڪَنِ[٦]،
آيلِ! تازو پيرُ پُنهُونءَ جو.

١- تنهنڪري ٢- مور جهڙو سهڻو محبوب ٣- فڪر، ڳڻتي ٤- چرڻ لاءِ ڪاٺ جو لپو
٥- سينگار ٦- تيز هوائون.

کِھَ[1] کَٽُورِيان اَگِري[2]، ھاٺِي جا ھوتَنِ،
آيلِ! تازو پيرُ پُنھُونءَ جو.
بورائو بَرَنِ جو[3]، رِڙھِيو مَنجِھ رَندَنِ،
آيلِ! تازو پيرُ پُنھُونءَ جو.
لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چِي، ڪَندو وَرِ وِلھَنِ[4]،
آيلِ! تازو پيرُ پُنھُونءَ جو.

داستان چوٿون

١

لَڄايا مُونھان[5]، ساجُھرِ تي[6] سيڻَ وِيا،
پيئِنِ پَنيوران، سُڌِ منھنجي ذَاتِ جِي.

٢

ھُيَسِ جي آئُون، پانھِي پاروچَنِ جِي،
ھوند نہ ڇَڏِيائون، ڏُکِيءَ کي ڏُکَنِ ۾.

٣

آئُون جي ھُيسِ ھَڏُ، اَدِيُون! آرِيچَنِ جو،
ساٿَ لَڏِيندي سَڏُ، مانَ ڪوھِيارا ڪَرِينِ مُون.

١ـ ڪيھ، دز، خاڪ ٢ـ بھتر ٣ـ برن جو سونھون (پنھونءَ جو پير) ۴ـ مسڪينن ٥ـ مون کان ٦ـ تنھن ڪري.

۴

هُيَسِ جي سِياءِ[1]، تہ ڪِيمَ ڏُکُ ڏيرَنِ تي،
اَدبَ وِچان اُنِ سين، ڳالهہ نہ ڪِيمَ ڪاءِ،
ذاتِ منهنجي ماءِ! ڪَچو تِي[2] ڪيچِيَنِ کي.

۵

اوٺِيَنِ اُمارو[3]، مُون جَهلِنديءَ نہ رَهيا،
ساٿِيَنِ سَوارو، ڪِيو ڪيچُ اَکِيَنِ ۾.*

٦

ساٿِي توءِ[4] هَلَنِ، پَٿَرِ[5] جي وارَ ڪَريان،
جيڪُسِ[6] پاروچَنِ، ڪو ڏٺو عَيبُ اکين سين.

۷

ساٿِيَنِ سَئين[7] نہ جاڳين، پوءِ ڪُجاڙيا روءِ؟
اِيءَ پَرِ ڪُپَرِ[8] هوءِ، جيئن هو سانگِي[9]، تُون سُمَهين.

۸

ساٿِي نہ پَسان سي، هُئَمِ هِينئَين ٺُوٺِيُون[10]،
هاٿِي ڪَنِين جي، وَڃِيو اَڳُڻ اُپِيان؟

۹

آن کي ساٿِي ڏِٺَ[11]، جي مُون ويڙهہ[12] وِڃائيا،
رُوئان رَتُ مَجُٺَ[13]، هاٿِي تَنِ پِرِيَنِ کي.

۱- عزيز، مائٽياڻي ۲- عيب يا داغ ٽيو ۳- تياري * ڏيرن، جُي ڪجھ وقت ساٿي هيم، تن سويل ئي ڪيچ ڏانهن رخ رکيو. ۴- تلهن ۾، تنهن هوندي بہ ۵- پٿراڻي ٦- شايد ۷- سان، گڏ ۸- خراب روش ۹- مسافر، پنڌ ڪندڙ ۱۰- آڌار، ٽيڪ ۱۱- ڏٺا ۱۲- جهنگ ۾ ۱۳- ڳاڙهو، وڻ جو قسم، جنهن مان ڳاڙهو رنگ نڪرندو آهي.

۱۰

مُون سَڏِيندي سَڏَڙا، ساٿِي سَڏُ نَہ ڏِينِ،
وَلَهِيءَ جي وَٿاڻَ تي، توڏُ نَہ تنوارِينِ،
هيڏا هاڃا ٿِينِ، بُري هِنَ ڀَنڀورَ ۾.

۱۱

ڪَهان°، تان ڪيچان پَري، وِيهان تان وَٽِ مُون،*
ڀِلِي ڏورِيَمِ ڀُون[۱]، عَبَٿُ[۲] آرِيءَ ڄامَ ڪي.

۱۲

ڪَهان، تان ڪيچان پَري، سُمَهان، تان سِرَ هيٺِ،
ٻاروچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيهِيءَ پَرِ ٿِي.**

وائي-۱

هوتَ هوتَ، اي هوتا! ڏِينديَسِ ماهُ[۲a] مِرَنِ ڪي،
اَٺُون ڄَرا[۳] جِيءَ ڪَري.
ڏِيٺِي باهِ ڀَنڀورَ ڪي، اَٺُون آيسِ تو ٻَري[۴]،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرَنِ ڪي.
آرِياڻِيءَ پُنهُونءَ ري، مون ڪَي سَرَتِيُون! تان نَہ سَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرَنِ ڪي.
جَنڊِي°، پايو جانِ ۾، ڏُکِي ڏُکَ ڏَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرَنِ ڪي.

° ڪاهيان، هلان * جيڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن جهوتون وجهان ٿي تہ دوست جو ديدار در لپ ٿيو پوي؛ پر جيڪڏهن ويهان (آرامي ٿيءِ اندر ۾ جهاتيون پايان) ٿي، تہ دوست پاڻ وٽ پسان ٿي. ۱- زمين ۲- اجائي ۲a- ماسُ ** اي سرتيون! محبوب جو ديدار اجهو انهيءَ الٽيءَ ريت ٿيو. ۳- ذرا، پرزا ۴- وٽ ٥- پيهڻ لاءِ جنڊ.

آءُ اورانهُون، سُپِرين! وَڃُ مَ، پِي[1] پَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
مُون ڏِٺي، مُون وِسَهو[2]، وِرچِي تان نَ وَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
ڏُکِيءَ جي ڏيکارِين، ڏاران مُنهن مَري،*
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
پِيالي پِرِيَنِ جي، موهِيَسِ ميٺَ[3] کَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
آرِيءَ جي عِشقَ جِي، مون کي اَندَرِ آگِ ٻَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
توکي تورِ[4] نَ ڇَڏِيان، جي وَڃان ٻُونءِ تَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
ڏَڙُ وِجَهنديَسِ ڏُوڙِ ۾، مَتو ڏارَ ڏَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
هَلَڻَ سُٺي هوتَ جو، ڏُکِي، پَسُ ڏَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
پِرِين! کَٽِج پانهنجو[4a]، اَکِيُون ٻاجَهه ڀَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، مَنَ ڪا مِهَر کَري،
ڏِينديَسِ ماهُ مِرُنِ کي.

۱- اي پرين! ۲- اعتبار ڪيو* شال اُنهيءَ ڏکيءَ کي (پنهون) ڏيکارين جيڪا (سندس) مُنهن ڏسڻ لاءِ مَري ٿي! ۳- ميٺاج جي ۴- تنهن هوندي به ۴a- پنهنجون.

وائي-٣

ڏُونگَرِ ٽِـي ڏوري، وِنڌُرِ[١] ٽِـي وَوڙي[٢]،
جَتَنِ لِئِي، جيڏِيُون ڏُونگرِ ٽِـي ڏوري.
سُورَ سَهِي ٽِـيَس سُڄَ ۾، جامَ پُنهَلَ ڪان اوري،
جَتَنِ لِئِي، جيڏِيُون ڏُونگرِ ٽِـي ڏوري.
اُتَ چارِيندِيَس اُنِ جا، تـڪَرَ پاسِ تـوري،
جَتَنِ لِئِي، جيڏِيُون ڏُونگرِ ٽِـي ڏوري.
مُهارُون تَنِ مَيَنِ جون، خُوبُ خُوشِيءَ مان جوڙي،
جَتَنِ لِئِي، جيڏِيُون ڏُونگرِ ٽِـي ڏوري.
ڪاهي ڪَڏَ[٣] ڪيچِيَنِ جي، ڪِينَ پُڇي، تَڙَ توڙي[٤]،
جَتَنِ لِئِي، جيڏِيُون ڏُونگرِ ٽِـي ڏوري.
اَڊِيُون! شاهُ لَطِيفُ چئي، آءُ آرِي جامَ اوري.
جَتَنِ لِئِي، جيڏِيُون ڏُونگرِ ٽِـي ڏوري.

داستان پنجون

١

ليڙَنِ لَنگهي لَسَ[٥]، مانباڻيان[٦] مَٿي وِيا،
وَٺِـي وَرُ واتَ ٽِـيا، پُنهُون جامُ پَهَسَ[٧]،
هُٿا وَڏِي وَسَ[٨]، ڀاروچا ڀَنيورَ ۾.

١- ٿئين ۾ جبل جو نالو ٢- ڳولي ٣- پنيان لڳي ٤- توڙي، لتاڙي ٥- سنوان ٻٽ ٦- مانباڻ يا ماباڙ (ٿئين جو نالو) ٧- زوريءَ، زبردستيءَ سان ٨- آبادي (خوشيءَ جو باعث) وسندي، ڇهڇٽي جو سبب.

۲

وَڏِي وَسَ هُئا، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾،
وِڃي ڏورِ پيا، سانگين پُنيءَ سُپرِينِ.

۳

سانڍِ پنهنجي ساھَ[1]، ٻانهين[1a] تي ٻورا ڪَريان،
واڳُيون[2] جي وَرَنِ سين، تَنِ سَرَتيَنِ سيجَ سُهاءِ،
مون ڪي طَعنا تي ڏِيين، مُون جيئن مُنِينءَ نہ ماءِ!
آريءَ جي آڪاھِ[3]، رُلايس روھَن[4] ۾.

۴

ماءِ! وِھاڻو وارِ[5]، ڪَڻُ پَٽَراڻِي پانهنجي،
جيڪين ڏنئي ڏيجَ ۾، سو سَيوئِي سارِ[6]،
وَڃان تِي وَٽِڪارِ، ڏِنمِ پيرُ پُنهُونءَ جو.

۵

ڇِپُون ڇَپَرَ ڪَٽَ، پَهَڻَ پَٽَراڻِيُون ٻانئِيان،
جِتي رَھان راتڙِي، مِرُون منهنجا مِٽَ،
سيڻَنِ جي سَهَٽَ[7]، ڏُونگرُ ڏوِلِي[8] مُون ڏِيو.

۶

ڏِني سِڪَ سَسُئِيءَ کي، ٻيلِياڻِي[9] ٻَروچَ،
لوڪَ وِڃان ٿِي لوچَ[10]، نيئِي پَهچائِي پُنهُونءَ کي.

۱ـ ساھَ سان 1a ـ ٻانهن ۾ پائڻ جو، عاجَ مان ٺهيل، چُوڙو. ۲ـ ٻدل، واصل ۳ـ ڪتنب
۴ـ جبلن ۵ـ ورائي وٺ ٦ـ سنيالي وٺ ۷ـ سڪ، اڪير ۸ـ ڏولي، پالڪي ۹ـ همراھ،
ساٿي، ٻانهي ۱۰ـ ڳولا.

۷

مُسافِرَنِڻُون[o]، ماءِ! وِرهُ وِهائِـِ[1] وِترو،
اَچِي تِيَمِ اوچِتِي، تَنِ سانگِيَنِ سِيرِ ساڃاءِ[2]،
جِيجان! جَهلَ مَ پاءِ، هِنيون هوتَ هَٿِي وِيا.

۸

ڪيئَن اَرّائِيُي پاندُ، پَلَئُ پَرڏِيهِيَنِ سين،
مَتِيُون مُوڙهئِيي، سَسُئِي! ڪِيُئي ڪوهِيارو ڪانڌُ،
رُلِي! ڀانئِيُي رانڌِ، ڀانيَڙِ! عِشقُ ڀَروچَ جو.

۹

منهنجو پاڙيچَنِ، ڪَچو[3] ڪونَہ ڏِڪيو،
پاسي چَڙهِي پُنهُونءَ جي، ذاتَ سَلِتِي[4] جَنِ،
تيلانهن ڀاروچَنِ، نِڌرِ[o] چِڏِي نِندَ ۾.

۱۰

حُسينيءَ جي هاڪَ[6] مادَرِ! مارِي آهِيان،
ڏِينهان ڏورَڻُ ڏُکَ سين، راتِيان چِڪَنِ چاڪَ،
ڏِجان يَرِ فِراقَ، مَتان پوئِمَ[6a] پرينءَ سين.

۱۱

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ تِئي،*
اَچِي اوطاقان[7]، مون کي پِرِيَنِ پَري ڪِيو.

---

o- مسافرن وٽان ۱- خريد ڪيمہ ۲- واقفيت ۳- عيب ۴- سلي، ٻڌائي ٥- بيواهي ٦- آواز، آلاپ 6a-پَويمہ * سالڪ لاءِ، جيڪو وڇوڙو ڪندو، سو وصل نہ ڪري سگهندو. جدائي هن جي اندر ۾ سڪ کي هميشہ تازو رکندي. جدائيءَ ۾ زياده لطف آهي. ۷- اوطاق مان (وصال کان).

ڦِري آءُ فِراقَ! مون کي وِصالان وِڇُ[۱] پيو،
جي تي چِڪِيمِ چاڪَ، سي پرينءَ گَڏِجي پُوريا.

وائي - ۱

پُنهُون! پَريشانُ[۲]، ٻَرِ ٻَرِ! نہ ڪو خانُ[۳] نَہ مانُ،
هَئِي هَئِي حالُ مُنهِنجو.
مون کي ٻُڪَ[۴] بوتَنِ جِي، ناقي[۴a] ڀانِيان نانُ، *
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.
شَهرُ صَحرا[۵] ڀانئيان، مون ليکي مَيدانُ،
هئي هَئِي حالُ منهنجو.
رُئان تِي رُڃَنِ ۾، آرِيءَ لئي عُرِيانُ[۶]،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.
پِتِيان مُنهن پَسَڻَ لئِي، هِتي تِي حَيرانُ،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.
آهي آرِيءَ چامَ جو، مون کي ڪارِي[۷] ڪانُ،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.
ديوانيءَ کي دِلِ ۾، سُورَنِ جو سامانُ،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.

۱- ويڇو ۲- آءٌ پريشان آهيان ۳- خان، گهر ۽ مال ملڪيت ۴- سڪ ۴a- ناقہ، ڏاچي.
* انن جو ديدار مون لئي مَاني آهي ۵- بيابان ٦- اگهاڙي ۷- موتمار؛

وِجهج پِکَ پينارِ[۱] تي، پِرِيَمَ![1a] کائِي پانُ،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.
ڪَڏهن تِيندو ڪيچَ ۾، مُنِيءَ جو مَڪانُ،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.
آهِين، عَبدُاللّطِيفُ کي، اَڳِيان[۲] تُون اَڳِوانُ،
هَئِي هَئِي حالُ منهنجو.

وائي-۳

پاڙيچِيُون! ڪا پَچارَ، منهنجا ڏيرَ ڏمَرِ ڪنهن ڏيهِ وِيا.
وينِي ڳوڙها ڳاڙِيان، تَنِ جامَنِ لاءِ ڄمارَ،
منهنجا ڏيرَ ڏمَرِ ڪنهن ڏيهِ وِيا.
ڪَرِ ڪا، ڪانگَ! اَچَڻَ جِي، تَنِ جي ڪا تنوارَ،
منهنجا ڏيرَ ڏمَرِ ڪنهن ڏيهِ وِيا.
مُئِي ماري هَلِيا، ڪيچِي ڪاهي قَطارَ،
منهنجا ڏيرَ ڏمَرِ ڪنهن ڏيهِ وِيا.
سيڻَنِ لاءِ، سَيّدُ چِئي، جِهجِيَسَ[۳] سَيَ ڄمارَ،
منهنجا ڏيرَ ڏمَرِ ڪنهن ڏيهِ وِيا.

۱- گداگر، پِنندڙ 1a- منهنجا پرين! ۲- اڳيان (محشر) 2a- اڳواڻ ۳- ڳريس ۽ سڙيس.

داستان ڇهون

١

آيا، آسَ تِيامِ، ٻاروچا ٻَنيِورَ ۾،
پَسِي پَهَرَ[١] پُنهُونءَ جِي، تُنهَن سِينءَ[٢] نيڻَ تَرِيامِ،
گوندرَ وِسَرِيامِ، سُکَنِ شاخُون مُکِيُون.

٢

ڏيکاريسِ ڏُکَنِ، گوندرَ گسُ پِرِيَنِ جو،
سونهائِي[٣] سُورَنِ، کِي هيکانڊِي هوتَ سين.

٣

کَنِين کَنِين ماڙُهوئين[٣a]، گوندرُ وَڏِي وَٽُ[۴]،
ٻَڌِي گوڏِ گَرَٽُ[۵]، ساٿو[٦] کَجِي سُورَ جو.

۴

سؤ سُکَنِ ساٿِي ڏِيان، سِرُ پُڙُ ڏِيان سَٽِ[٧]،
جي مُون مِڙِي مَٽِ[٨]، ته وِرهُ وِهايان هيکڙو.

۵

سَؤ سُکَنِ ڏِيئِي، وِرهُ وِهايم هيکڙو،
مُون کي تنهن نِيئِي، پيرُ ڏيکارِيو پرينءَ جو.

١- ماڻهو، گهر جو ڀاتي ٢- نهن تائين ٣- رهبري ڪري ٣a- ماڻهن کي، لاءِ ۴- شيءِ ۵- ناڻو، پيسا ٦- سٿو، سودو ٧- عيوضي ۾ ٨- مٽا يا عيوض.

٦

سُورَ مَرَ ڏي ڏُونڻ، اَئُون آهيان اَڳِهين ڪاهِري[1]،
جا پَرِ پاڻيءَ لُونڻ،* سا پَرِ منهنجي جِندڙي.

٧

سُورَا! مَرَ وڃيجاهُه، سَڄَڻَ جِيئن سانگِ وِيا،
پرينءَ پُڄاڻاءِ، اَئُون اوهان سين اوريان.

٨

سُورَنِ سانگهارو[2]، ڪَڏهن تان ڪونَہ ڪيو،
آئِلِ! اوپارو[3]، ٻاڙوڏو[4] ٻوڙَ وَهي.**

٩

سانگهارو سُورَنِ، ڪَڏهن تان ڪونَہ ڏنو،
ٻاڻَ ٻوڙَ[5] وَهَنِ، ڪالهوڻيا اَڄُ گهڻا.

١٠

سُورَ نَہ ٻساڳاهِينِ[6]، ڏِينِ اُڏما[7] اوچتا،
مُون ڪي مُون پرِيَنِ جا اَمِيا[8] آهِينِ،
لَڄُون جي لاهِينِ، سيئِي ٿِيَمِ سامُهان.

١١

سُورَنِ لَڌو سَجُهہ[9]، پاڻهي پيهِي آئِيا،
ڪنهن کي ڏيان مَنجُهہ، مَرُ تان چِٽڪَنِ چِتَ ۾.

١- ايري، معصومڙي * جهڙي ريت لوڻ پاڻيءَ ۾ ڳري ويندو آهي. ٢- تنگي، گهٽتائي ٣- پاڻيءَ جو چاڙهہ آهي ٤- (ٻاڙ ٻڌو) نار **اي امان! جيئن پاڻي چڙهندو آهي ۽ پوءِ ٻاڙ ٻڌي نار مان گهڻو پاڻي ڪڍبو آهي، تيئن منهنجا سور بہ وڃن ٿا گهڻا ٿيندا ۽ انهن ۾ سانگهارو (گهٽتائي) ڪونہ ٿو ٿئي. ٥- جڏهن پاڻي چڙهندو آهي ۽ نار جو ٻاڙ (چرخو) پاڻيءَ ۾ ٻڏو پيو هوندو آهي، تڏهن اهڙي پاڻيءَ کي "ٻاڙ ٻوڙ" پاڻي چئبو آهي. (تمام گهڻو) ٦- ساڃاهہ ڪن، خيال ڪن ٧- پڙڪا ٨- اڻ ميا (گهڻا) ٩- وجهہ، موقعو.

۱۲

سُورَا! مَ مَنّجِ ساءُ، اَئُون نَہ وِڪَنِي[1] آهيان،
وَڃِجِ مَ ويلَ ڪِهِين، وِرِهَا! مُون وٽاءُ،
تُون پُڙِ تڏهن جاءُ[2]، جڏهن ٽيان هيڪاندِي هوتَ سين.

۱۳

سُورَا! پہ[2a] يَتو- يَتِ[3]، هِيءُ ڇِٽڪيو ڪين ڀِيو،
پِرِيَتَٽي پِرِيَنِ جي، ماءِ! مُنجهايَم مَتِ،
ڀينَرُ! ڀَلِي يَتِ، لَڳُمِ ڀانُ[4] ڀَروچَ جو.

۱۴

لَڳُمِ ڀانُ ڀَروچَ جو، ڪَرَها ٽِڻا قَضاڪَ[5]،
اَهُڪِي جا اَٿَنِ ڪي، سا مَيَنِ پوءِ مَ ماڪَ،
اَڪَرِيَنِ خوراڪَ، پَسَڻُ پُرَڏيهِيَنِ جو.

۱۵

لَڳُمِ ڀانُ ڀَروچَ جو، اَمَڙِ! پَلِ مَ مُون،
سَڀِ رَڳِينديَسِ رَتَ سين، ڪيچان اوري پُون[6]،
مادَرِ! مَٽان مُون، لَڪَنِ لوڏُون لائِيُون.

۱۶

ڏُکَ لَڳو، ڏونگَرَ ڀَريو، ڀينَرُ! ڪاٽي پُون،
مَنان[7] لاٿو مُون، سندو جِيئَڻَ آسَرو.

۱- ڪڪ، بيزار ۲- وڃ ۲a- ہ ۳- طرحين طرحين ۴- تير ۵- قزاق، رهزن، ڌاڙيل
۶- زمين ۷- من يا دل تان.

۱۷

ڏُڪويُون ڏيها، جيڪُس لَڏي وِيئيُون،
هاٿي ڪَن مُلا[1]، پُڇان پِرِيَنِ خَبَرُون.

۱۸

ڏِڪيُون جان نَہ مِڙَنِ، تان تان يَنَڙُ[2] نہ ٿئي،
ٻِيُون هونهِين هَٽَ هَٽَن، رُونڊِيُون رُوئَڙَ وارِيُون.

۱۹

نَہ ڪي رُوئَڙَ وارِيُون، نہ ڪي اوسارِيَنِ،
مُنهِين ڪي مارِينِ، مُنهِين سَندا ڏُڪَڙا.

۲۰

سُورَ وراهيان، سَرَتِيُون! جي ورهايا وَڃَن،
ٻِيُون ڪوهُ ٻُجهَنِ، جَنِ سَندا تَنِ سامُهان.

۲۱

مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سَيَڪِهِين، مُون وَٽِ وَٿاٽانِ[3]،
يَرِيُون ڪِيو پَٽانِ[4]، وِيا وِهائو[5] نِڪَرِي.

۲۲

پِيڙي پِيڙي[6] ٻَنڌ[7]، سُورائِتِي سَندِرو،
ڪيچَ اَڳانهُون پَنڌ، مَتان لَڪَن سين لَڳِي مَرين.

۱ـ وٿان، ڪان ۲ـ روڄ راڙو ۳ـ هنن جا وٿاڻ (بينڪون) آهن ۴ـ هلان، گهمان ۵ـ خريد ڪندڙ، سوداگر ٦ـ ور ڏئي، مضبوط ۷ـ ٻڌ.

۲۳

پيڙي پَنڌُ پيهارَ، سُورائِتي سَندِرو،
ڏُونگرُ توهان ڏارَ، ڪانهَ ڏورِيندي ڏُکَ سين.

۲۴

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهن، گهورِيا سُکَ ڏُکَن ري!
جَنِين جيَ وِرُونهن[1]، سَجَڻُ آيو مان ڳري[2].

وائي

ڪوهِياري جي ڪاڄِ، مارِينديَمِ ماءِ! جا مَنَ اندَرِ ڳالهڙي.
چَڙهان ڏُونگرَ چوٽِيين، سُپيرِيان جي ساءِ[3]،
مون کي مَنَ اندَرِ جا ڳالهڙي.
نِهارِينديَسِ نِڪَري، هاڙهو هوتَنِ لاءِ،
مون کي مَنَ اندَرِ جا ڳالهڙي.
پانڌِيئڙا پيرَ پَري، پِريان کي پَهُچاءِ،
مون کي مَنَ اندَرِ جا ڳالهڙي.
مؤلا! مون کي ميڙِيين، سَنڌِيءَ جانِبَ جاءِ،
مون کي مَنَ اندَرِ جا ڳالهڙي.
هوتَ هَلَنِ، آئُون وِهان تَہ ڪا ايئن جُڳاءِ،
مون کي مَنَ اندَرِ جا ڳالهڙي.

١- سڪ، اُڪير ٢- مون وٽ ٣- لاءِ، ڪاڻ، واسطي.

سَسُئِي جِيءَ سِرِيءَ کيءِ اوڏاهين اُتاءِ،
مون کي مَنَ اندرِ جا ڳالهڙي.
پيرانديءَ پُنهونءَ جي، منهنجو لوڙهُ[١] لتاءِ،
مون کي مَنَ اندرِ جا ڳالهڙي.
اَلا! عَبدُاللّطيفُ چئي، اِيها[1a] آسَ پُڄاءِ،
مون کي مَنَ اندرِ جا ڳالهڙي.

داستان ستون

١

پُڃَنِ سي پَسَنِ، جَڏهن تَڏهن پرينءَ کي،
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اُڳڻَ عَجيبَنِ جا.

٢

پُڇيوئي تان پُورِ[٢]، ناتہ[٣] پُڇَڻُ هوءِ مَ پرينءَ کي،
ڏورَڻَ وارِيُون ڏُورِ، هَڏِ[٤] نَہ اهِينِ[4a] هوتَ کي.

٣

ڏُورِيان، ڏُورِيان، مَ لهانَ شالَ مَ مِلان هوتَ،
مَنَ اندرِ جا لوچَ، مَڃڻِ مِلَڻَ سان مائِي تِئي.

٤

ڏورِيان ڏُورِيان، مَ لَهان ساتِي ڪالهُوٺا،
لاهي لاڏاٺا[٥]، سَفرِ ڪنهن سانگِ وِيا.

١- جنازو، قبر، 1a- اِها ٢- ڪاهہ، هل ٣- نہ تہ ٤- اصل، بنهہ 4a- آهن ٥- لڏون، تيرٽارڙي، سامان.

٥

آئُونِ ڏوريئين[o]، شالَ مَ لهئين[oa] پرين هُئين[ob] پَري،
هَڏِ نَہ ساهَ سَري، تَنَ تَسَلّي نَہ ٿِئي.

٦

آئُون ڏوريئين، شالَ مَ لهئين، تَنَ مَ مِلين تُون،
لُونءَ لُونءَ[1] مَنجهان مُون، لوچَ تُنهنجي نَہ لهي!

٧

آئُون ڏوريئين، شالَ مَ لهئين، ساجَن! مَيج سُوالُ،
سِڪَ تنهنجي، سُپرين! ٿِئي جانِ زَوالُ،
وهاٿِيءَ[2] وِصالُ، اُتِيان آرامِي ڪَري.

٨

چَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، چَڪِيَمِ چاڙهِيڪا[3]،
اَدِيُون! آڙِيڪا[4]، هينئَڙي پيمَ هوتَ سين.

٩

چَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، چاڙهِيڪَنِ چَڙهي،
آڙِيڪَنِ اَڙي، پيَسِ هوتَ پُنهُونءَ سين.

١٠

چَڏِيَمِ حُجَّ هَلَڻَ جِي، چاڙهِيڪا چَڪيامِ،
آرِياٿِيءَ جي آسَري، ڏُونگرِ ڏينهِن لَڳامِ،
پُڇِج، پِرِين سَندامِ، ويٺِيَسِ، وِکَ نَہ اُپڙي.

---

o۔ ڏورياڻءِ، ڳولياڻءِ oa۔ لهاڻءِ، حاصل ڪرياڻءِ ob۔ هُجين، رهين. ١۔ بدن جا سنها وار، ذري ذري ٢۔ صبح جو (قيامت ڏينهن) ٣۔ جبل جون چاڙهيون ٤۔ وَرَوَڪڙَ، پيچ (محبت جا).

۱۱

وِيتَيَسِ وِکَ نہ اُبِرِڙي، اَڄُ آرِياڻي تون آءُ،
ڇُڪِيءَ[۱] تو سين چاءُ[۲]، پاسي پَرِ پيئِي رِڙهي.

۱۲

جيڪا ڪَندِي نينهُن، مُون جيئَن پاروچَنِ سين،
سِڪَڻُ سارو ڏينهن، چَڙهَڻُ چاڙهيڪَنِ تي.

۱۳

جيڪا ڪَندِي سڱُ، مُون جيئَنءَ پاروچَنِ سين،
اَنگُهنِ[۳] چاڙهي اَڱُ[۴]، رُوندِي سا رَتَ ڦُڙا.

۱۴

جيڪا ڏِيندِي مَنجُهہ، مُون جيئَنءَ پاروچَنِ کي،
مَٿان ٻُلَنِ هَنجُ[۵]، ڪِينَ لاهِيندِي ڪَڏهن[۶].

وائي

منهنجِي حُجَّتَ ناهي واتَ، ڪانهي واتَ،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
ڪاڻيءَ کي ڪانئي تِي، جيري جي جَراتَ[۷]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
ڪَندِيَسِ ڪيچَ ڏَڻِيَنِ لَئِي، لَڪَنِ ۾ لُولاتَ[۸]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.

۱- ڇُڪل، مانديءَ ۲- محبت ۳- انگھن تي، سوريءَ تي، ڦاهيءَ تي ۴- انگ، عضوا (بدن) ۴a- اندر، من، دل. ۵- (جمع: هنجون) ڳوڙهو، اکين جو پاڻي ٦- ڪڏهن ۷- تابش ۸- ليلڙاٽ، نيزاريون.

تازو پيرُ پُنهُونءَ جو، لُڙيو مَنجھ لُڙاٽَ[۱]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
آهيم آرِيءَ چامَ جي، اَندَرَ مَنجھ اُساٽَ،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
ماريو ڪِيمَ مُنِيءَ کي، ڪيچِي! ڪاهي ڪَنواٽَ[۲]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
ڪَٽِيو نيڻَ نِهارِيان، ڳوڙهَنِ پَرِيو ڳاٽَ[۳]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
سَبَبِ تنهن سُتي وِيا، جُهوٽِي ڏِنِيَمِ جهاٽَ[۴]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
ڏِنَمِ ڏُکوِنِ جا چَپَرَ ۾ چونچاٽَ[۵]،
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، لَعلُ ڏِنائين لاٽَ،*
جِيجان! تَنِ جَتَنِ سين.

داستان اٺون

۱

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئُون ٿِي مَران ماءِ،
پِٽُون تيندَيسِ پيرَ تي، هَٿِي هَٿِي! ڪَري 'هاءِ!'
جِيئَڻُ مُون نہ جُڳاءِ، پِرِيَنِ تان پاسو ڪِيو.

۱- لٽ، غبار ۲- تنديا اُٽ ۳- ڳچي ۴- جهٽ، جهڙپ ۵- سوسات، آهون * ڳاڙهي لاٽ (قافلي جي باه) ڏنائين.

۲

آتڻُ اورانگهي وِيا، اَڳَڙِ مُون اَفسوسُ،
ديوانِيءَ سين دوسُ[1]، ساڻِي آهي سُجَ ۾.

۳

آتڻُ اورانگهي وِيا، پُنِيءَ توڏِنِ تاڻِ،
ويهُ مَ مُنڌَ! پَنيورَ ۾، هُنِ پُڄَنديِنءَ هاڻِ،
راڻِي مَنجِهہ رِهاڻِ، هَلُ تہ تِيَئِيئي هوتَ سين.

۴

آتڻُ اورانگهي وِيا، ڪَري ڪَميڻِي ڪيئن،
هاڻِ گُهرجي هيئن، تہ ڏِجي باهہِ پَنيورَ کي.

۵

آتڻُ اورانگهي وِيا، پارِي[2] چَڏِي پوءِ،
آرِيچا اُتَنِ تي، هِيءَ تان جَڏِي جوءِ،
ڪِين هَلي، ڪِين هَٿُ کَڻي، ڪِين رڙهي، ڪِين روءِ،
ڪو پُنهُونءَ کي چوءِ، تہ مُنِيءَ ماتَمُ آئِيو.

٦

جاڻِي سُجاڻِي، مون کي چَڏِي هَلِيا،
اَديُون! آرِيچَنِ لئِي، آئُون کُوري جيئن ڪاڻِي،
پاهَڻَ ۾ پاڻِي[3]، هارِيُون! هارَڻُ آئِيو.

۱ـ دوست ۲ـ پانهي، گولي ۳ـ ڳوڙهن جو پاڻي.

ڄاڻِي سُڄاڻِي، مون کي ڇِڏي ھَلِيا،
آئُون ڪيئن ڇَڏِيان پانھنجو، اَدِيُون! آرِياڻِي،
پَرِيُمِ جو پاڻِي[1]، سو ڪيچِيَنِ ڪَمِ نَ آئِيو.

٨

ڄاڻِي جي ڄاتومِ، تَ پُوندو فِلقُ[2] فِراقُ جو،
اَکَرُ اِرادَتَ جو، ڏُرِيائِين ڏوتومِ، *
پوءِ تان ڪونَ ڪَيومِ، هوند ڪَشالو ڪيچَ ڏي.

٩

وارو![3] وَڃَنِ تا، سيڻَ تنھنجا سَسُئِي،
ھِھَڙا ٻاروچا، ڪِينَ لَھَنديئن کي ٻِيا.

١٠

واري وَرائِي، تو پنھنجا نَ ڪِيا،
ٻورِي! رَنجائِي، هوند نَ پيئِينءَ ھيتَري.

١١

جِتان[4] واري وَڳَ[5]، اوتِي ٽِيا ڇُلِنگِيُون[6]،
مَتِي تنھن مارَڳَ، پَئِي پُرزا نَ ٽِيِين؟

١٢

ڏُکائِيندِي ڏُونھَڙا، ** مُنڌَ! سيڻائِي[7] وَڃَ،
پِرِياڻُو[8] مَ ٻَڄ، ساڻُ ڇَڙھَندو لَڪِين.

١ـ جيڪو پورھيو ڪيمِ ٢ـ بدبختي، مصيبت * (پنھونءَ سان پيچ نہ پائي) شروعات کان لکيو (تقدير) مٿائي ڇڏيان ھا. ٣ـ اڙي ورا ٤ـ جتان (جنھن پيچري تان) ٥ـ اُٺن جي قطار ٦ـ ٻن ٻن يا ٽن ٽن جون ٽوليون ٿاھي، ٽڙي پکڙي ويا ** محبت جو مچ ٻاريندي. ٧ـ ساٿن (ھنن سان) ٿي ٨ـ ھنن جو پيرو (نشان)، دوستي.

۱۳

چِـجُ مَ قَطاران[1]، ساتُ چَڙهندو لَڪِين،
مَـچُـڙِ تِـپـِّي پُـٺان[2]، وَڳَ واتَ نِي نہ لَهين.

۱۴

ڪا جا ڪِيائُون، وائِي واري[3] وِنگُڙِي،
آيَلِ! تنهن آئُون، ٻولِيءَ ٻاتاڙِي ڪِـئِي.

۱۵

وائِي واري وِنگُڙِي، ٻولِي ٻِـي نہ ڪَنِ،
اَلا! ڪيچَ-ڏَڻِيَنِ، مُون سين پوءِ مَ ماڻرو.

۱٦

ڪا جا آندِي ڪيچِيين، وَڏڪارا وائِي،
سُٽِي مُون سائِي، نيٽِين نِندَ وِهُ ٿِـئِي.

۱۷

پُـچِـيوِئِي جان دوستُ، تان پاسي ڪَرِ پَرهيزَ ڪي،
جَنِين ڏِنو هوتُ، تَنِ دِينَ سَـپـِيئِي دُورِ ڪِيا.

۱۸

هَلو ءِ مَلهو[4]، ڏُڪُ مَ پَسو، ڏوٿِيا!
سُونهون جو ساتَ جو، سو مُون هوتُ سَلو[5]،
آن پُڻِ ٿِـپـِّي يـلو، آئُون پِہ[5a] گَڏِجان پرينءَ ڪي.

۱- انن جي قطار کان ۲- پٺيان ۳- ورائي، وڪڙ ڏئي ۴- هي لفظ همتائڻ لاءِ چئبا آهن ۵- سليو، ٻڌايو. ۵a- ٻہ، پڻ

وائي

مُون کي ڇَپَرِ مِ ڇَڏِيجا، ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.
ڇورِي ڇِنِي آهِيان، نينهُن نِباهي نيجا،
ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.
ڇورِي ڇَڏي ڇَپَرين، ڪيچِي! ڪيمَ وَڃيجا،
ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.
پُنهُون منهنجو اُن سين، ساٿُ سلامَتَ نيجا،
ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.
مُون تان وَڙُ وِڃائِيو[1]، آئِين پنهنجو وَڙُ ڪَريجا[2]،
ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.
جو ڳُڻڪو[2a] ويسُ ڪَري، سِگهڙِي سارَ لهيجا،
ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.
آرِياڻي! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مون تي وَهِلو[3] وَرِ ڪَريجا[4]،
ٻاروچا! پلئہ لڳِي آهِيان.

داستان نائون

١

ڪاتِيءَ تان نَہ ڪهِين[5]، مَنُ وِجهلَڻَ[6] وَڍِيو،
مارِيَسِ سُورَ تِهِين، جو نہ جِياري، جيڏِيُون.

١ـ نالائق ٿيس ٢ـ مهر ڪجو ٢a ـ جوڳين وارو ٣ـ جلدي ٤ـ ڦيرو ڪجو، مهر ڪجو ٥ـ ڪنهن ٦ـ جهوريءَ.

٢

ڪاٿِيءَ تان نَہ ڪُٺو، ماءِ! مُنھنجو ڇِندڙو،
جنھين ماءِ مُنو[1]، سي جَتَ نَہ پَسان جُوءِ ۾.

٣

جِيءُ مُنھنجو جَنِ، اَنگڙيارو[2] وَڍِيو،
پُڄاڻان پِرِيَنِ، سِبان سَڄو نَہ ٿِئي.

۴

اَچِيو مَرُ اَچَنِ، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾،
پُٺِيءَ لَڳِي جَنِ، ڪَميٽِي ماڙھو ٿِئي.

٥

رَو[3]، وِسانئِي راندِ[4]، پَھَ پَرَوڙِج ساٿَ جا،
هوتَنِ سين هيڪاندِ، هُيَمِ ٻاتِي[4a] ڏينھڙا.

٦

رُوئَنُ ءِ راڙو، مُون نِماڻِيءَ جي نِجھري[5]،
ڪُٺَلِ کي قلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙھو،
هوتَنِ لَئي هاڙھو، رِجائِيندِيَس رَتَ سين.

٧

روئِي ڪَندِينءَ ڪوھُ، هاڻي ڪو هوتُ وَري،
جيڏيُون! جيڏِيِي ڪيو، سائُسِ سينُ سِتوھُ[6]،
ڊوھِي[7] اَتِيان[7a]، ڊوھُ[8]، مَتان ڪا مُون سين ڪَري.

١- جن مون کي آزار ۾ وڌو ٢- انگ وارو، آڏو اُبتو ٣- وڃ ۴- کلُ خوشي (اُجھائي) ڇڏي ۴a- ٻَ- ٽي ٥- گھر يا جھوپڙيءَ ۾ ٦- ظلم ٧- قسم ٧a-اُٿو ٨- دغا، فريب.

٨

رُوٺانِ تانِ راند[1]، ڪِلان، ڪامي هِينئون،
اَڪَڙيُون ويساندِ[2]، پرينءَ گڏِجي ڪَندِيون.

٩

اَکِيَن ڪِينَ ڪِيو، رَتُ نہ رنائُون،
اُيــي ڏِنـائـُون، قــوڙاِئـبـا[3] سُـپـرِيـن!

١٠

ڪاٽِيُون، لُوٽِيُون اَکِيون، ڪُنيُون ڪِينَ ڪُڇَنِ،
مُنيُون ماتِ نَہ ڪَنِ، هَنيُوَن[3a] رَهَنِ نہ هوتَ ري.

١١

وَسِي[4]، وِساٽِيُون[5]، رَتو روئِي پرينءَ ڪي،
پيِيُون ڪَٽَنِ پَبَ ڏي، نَظَرَ نِماٽِيُون،
سِيِي[6] ڪيئن پِيلياٽِيُون[7]، جَنِ وِيندو هوتُ نَہ واريو.

١٢

وَسِيٌ، وَسِي مينهن، جيئن لَتي وِيَسِ ڪِيهَ[8]،
توءِ پِرِيانِ جي ڏِيهَہ، پيئِي پُڇي خَبَرُون.

١٣

ڪاٽِيءَ مہ ڪانيو، مُنِيءُ مَنگَرُ[9] مَہ ڏِيو،
هيڪَرَ اُجهايو، ڏيئي ٻَرُ[10] لُهارَ جِيئن.

١ـ خوشي، راحت ٢ـ آرام، قرار ٣ـ جدا ٿيندا ٣a ـ هنيل، مُيون (اکين کي پٽ پاراتو) ٤ـ روئي ٥ـ وڏيڪ لڙڪ وهائڻ بند ٿي ويا ٦ـ اهي اکيون (جن ننڊ ڪري پنهون وڃايو) ٧ـ سڄڻ، مددگار ٨ـ مِڙي ٩ـ منگل، باه ١٠ـ چنڊو، پاٽي، گرمي.

۱۴

ڪاٽِي ڪيرِن[1] هيٺِ، وينِي روءِ رَتَ ڦُڙا،
ڪا مُون ٽيندي ڏيٺِ، ٻيهَرَ ٻاروچَنِ سِيَن.

۱۵

پُنهُونءَ پيرَڙِيُون[2]، گهرِ گهمَندي جي ڏِٺيُون،
سي مُون سيرَڙِيُون[3]، نِتُ نِهارَنُ پيئِيُون.

۱۶

مُيَسِ، مَرُ مَران، سُيَسِ[4] وِچ سَرَتيِين،
پورهيَتِ تِي پَران، پاڙِي جامَ پُنهُونءَ جي.

۱۷

مارِيو جي مَعذُورِ، تہ هيڪارِي هُورُ[5] لهي،
ساجَنَ! آهنجي سُورِ، ڪِينَ جِيان تِي ڪيچِيا!

۱۸

نہ ڪِي تِي جِيان، نہ ڪِي مُئي آهِيان،
ساجَنَ ساهہ ڏِيان، توکي سارِيو سُپِرِين!

۱۹

تُون جي ڪالهہ مُئي، تہ ڪالهہ ٿِي گَڏِي پرينءَ کي،
ڪَڏهن ڪانہ سُئِي، تہ ڪا سَگِهي گَڏِي سَجَڻين.

۱- وڻ جو قسم ۲- پيرا ۳- پيچرا، گس ۴- ٻڌڻ ۾ آيس، مشهور ٿيس ۵- فڪر، ڳڻتي.

۲۰

اَڳي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارَڳ[۱] ۾،
مَتي پوءِ پِريان، خُونُ منهنجو جيڏيُون.

۲۱

مَرُ متا ڏيئِي[۲]، پُنهُونءَ ڪارَڻِ پَبَ ۾،
تہ سَرَتِيُون سَيِئِي، واڪاٽِينِئِي وينئِيُون.

۲۲

سُتِي تان نہ سِياءُ[۳]، جي ڪوهِيارا ڪيچَ جا،
اَنگَهنِ[۴] چَڙهِيو آءُ، جي نالو ڳِيَڙُءِ[۵] نِينهن جو.

۲۳

مَتان جِيءُ جَتَنِ، گهورِيو، گهوري سَسُئِي،
پازِي[۶] جي پُنهُونءَ جا، ڪارُون ڪَري[۷] تَنِ،
ڪيچِ مَتان ڪا ڪَنِ، بي شُڪرِي[۸] يَنيورَ جِي.

وائي

هِتان تِي هَلَندِيَس، ميان! سامُهِين ساٽيهہ[۹] ڏي.
وڏا پيِنديا[۱۰] پَنڌَ جا، مَيزَلَ[۱۱] ماٽِيندِيَس،* ميان!
سامُهِين ساٽيهہ ڏي.
اَلا هَرَ[۱۲] عَجِيبَ ڪي، لَڪَنِ مان لَهَندِيَس، مِيان!
سامُهِين ساٽيهہ ڏي.

۱- رستي ۲- ڪوشش ڪري، تڪليفون سهي ۳- مُاٺَ ۴- سوري تان، ڦاسي تان ۵- ڳِڏوءِ، ورتوءِ ٦- پاجي، نيچ، نوڪر، ٻانها ۷- فرياد، آزيون نيزاريون ۸- گلا ۹- پنهونءَ جي وطن ۱۰- مفاصلا ۱۱- منزل * نيٺ وڃي منزل مقصود کي پهچندس ۱۲- الله جي آڌار.

جيڏيون! جوڙا[1] جتن جو، جنھن آئون ڏينديس، ميان!
سامھين ساٿيھ ڏي.
حُجاڻتا ھوتَ کي، ڏوراپا ڏينديس، ميان!
سامھين ساٿيھ ڏي.
فرياڌون فِراقَ جُون، پُنھل کي چُونديس[2]، ميان!
سامھين ساٿيھ ڏي.
اِديُون! عَبدُاللطيفُ چي، مَنھِ[3] آئون مِلنديس، ميان!
سامھين ساٿيھ ڏي.

داستان ڏھون

١

واڪيو[4] واڪيو وِکَ، پاٻوھيو[5] پير کٽي،
سي نہ چڙھنديون ڏِکَ[6]، * موڙي پيرُ مَرنِ جي.

٢

وِجھ وَڏنِدي وِکَ، مَچُڻِ لِکَ[7] لکائيين[8]،
ڏُکُ تِنين کي ڏِکَ، حُبَ جَنين کي ھوتَ جي.

٣

واڪو ھَڏِ مَ لاءِ، سَڏَنِ متي سَڏَڙا،
مانَ تنھنجِي ڪاءِ، سَگَرَ[9] ۾ سارَ ٿِئي!

١- جهڙي، شريڪ، لائق ٢- چونديس ٣- چني ۾ ۴- واڪا ڪيا ٥- ڪليو، خوش ٿيو
٦- سينگار * مشاھدو نہ ماٺيتديون ٧- ذرو ٨- پڌرو ڪرين ٩- رستي، واٽ.

۴

سَڏِنِ پُٺِيءَ سَڏَڙا، واڪو مَنجهِ وَٽِين،
سَجَڻُ پَنڌِ گهٽِي، مانَ ڪوهِيارو ڪُوڪَ سُڻِي.

۵

ڪوهِيارو تِي ڪاتُ، مُيُون مارَڻَ آئِيو،
هوءِ مَرُ هوتُ حَياتُ، آئُون مُيائِي گهورِيي.

٦

وِهين° ۽ ويلا ڪَريِن[1]، پُڇِين تِي پانڌِي،
هارِي! هيڪانڊِي، ڪنهن پَرِ ٿيندينءَ هوتَ سين.

۷

وِهين ۽ ويلا ڪَريِن، اِيءَ نہ اُڪَنڊ آهِ،
سي لاڳاپا سَبِ لاهِ، اوريان اُپيارِينِ[2] جي.

۸

وِهين° ۽ ويلا ڪَرِين، سَڏِيين ساڱاتُو،*
هارِي! آپاتُو[3]، تو سين سُونهَن نہ سَسُئِي.

۹

پاڙِي ناهِ پَرُوڙَ، تہ ڪا رات رَنجائِي گُذري،
ٻانيَڻِ ٻَروچَنِ جي، گهائِي وِڏِي گهورَ،
هِڪَ سَسُئِي ٻِيا سُورَ، وِيا ٻِتيندا پاڻَ ۾.

°- ويهين ۱- ڪائڻ پيئڻ، پيٽ ڀري خوش ٿيڻ ۲- بيهارين، روڪين.* مائٽيءَ جي دعوي ڪرين ۳- ڏاريا، اوڦتو.

١٠

پاڙيچيءَ[١] روئي، چاڪَ منهنجا چوريا،
پَگهرُ وِجَهنديَسِ پرينءَ جو، ڏَڪَنِ ۾ ڏوئي[٢]،
ساڃَنَ سَيوئي، ساهہ اوهان تان صَدَقو.

١١

اَڄُ نَہ مُون قرارُ، ڏِٺمِ سَٽُنچو[٣] سات ۾،
ڏَهِي[٤] وينا بارُ، مَتي ساٽِيهہ[٥] سُپِرين.

١٢

ڪِيا ويچارِيءَ وَسَ، ڪارَڻِ ڪوهِياري گهٽا،
گهٽُو پُڇِي پانڌِيين، سَندا ڏيرَنِ ڏَسَ،
لَمُون[٦] ڏوري لَسَ، سُتي سَڱَرَ پَٽِيين. *

١٣

تان ڪا ڪِجاهُ وَرِ[٧]، ڪَمِيٽِيءَ تي ڪيچِيا،
آئُون اوهان جي آهِيان، بَندِي بي سَمَرِ[٨]،
اَڇِي ڪوهِيارا! ڪَرِ، دِلاسو دِلگِيرِ کي.

١٤

تان ڪا وَرِ ڪِجا، ڪَمِيٽِيَ تي ڪيچِيا،
آئُون اوهان جي آهيان، ٻانهِي، ٻاروچا،
دِلاسِي، دوسا[٩]! متان مُون کي ڇَڏِيو.

١ـ ٻاڙي واريءَ ٢ـ ڇڙڪي، ڇنڊ ٣ـ خطرو، تياري ٤ـ ٻڌي ٥ـ وطن، ڪيچ ٦ـ جبل جو مالو * سَنگهرَ پَٽيين= سنگهر واري جوءِ جتي سسئي ۽ پنهونءَ جون قبرون موجود آهن (مرـ مر) ٧ـ ڦيرو، مهرباني ٨ـ بنا توشي، غريب ٩ـ اي دوستو!

هُوءِ جي سُورَ سُڄَڻِ، سي مُون ڀِينگهي ۾ ڀرائِيا،
سانڍِيياسِ سُڪَڻِ، سُورَنِ ڪارَڻُ سَرَتِيُون!

۱٦

سُورَنِ سانڍِيياس، پُورَنِ پالِي آهِيان،
سُڪَن جي، سَيّدُ چي، پُڪِي نَہ پِيياسِ،*
جِيڪُسِ آئُون هُياسِ، گُرِي[۱] گُوندرَ-وَلِ[۲] جِي،

۱۷

سِرِجِي، تان سُورَ، ساماٽِي، تان سُکَ وِيا،
اِهي ٻَئِي پُورَ[۳]، نِماٽِيءَ نَصِيبُ ٿِيا.

۱۸

مُونهان[۴] مَهندِ[۴a] ٿِيا، سُورَنِ ٻَڌو سَندِرو،
هَلو تہ ڏورِيُون اُنِ کي، وِندُرِ جي وِيا،
ڪَندِيَسِ ڪِينَ ٻِيا، هوتَ مَٿائِي اَڳِيان.

۱۹

پُڻِ وِهاٽِيَسِ راتِ، هَلي هاڙهي سامُهِين،
پُنهُونءَ جا پِرياتِ، اُڀِي پُڇِي پَهِيَڙا[۵].

۲۰

نَہ ڪا تاتِ[٦]، نَہ تُوتِ ڪا، نَہ ڪا تاتِ تَنوارَ،
ڪانهي پِرِتِ پَچارَ،** لَنئُونءَ[۷] ويچارِيءَ لَڌِيو.

---

* سک منهنجي نصِيب ۾ نہ آيا ۱- ٽُڪري، ڀاڳو ۲- ڏکن جي ول ۳- منزلون ۴- مون کان ۴a- اڳيان ٥- قاصد ٦- تات توتِ، تات تنوار، پچار، ذڪر ** دنيا مان عشق لڏي ويو آهي. ۷- محبت.

٢١

ڪينِهين[١] طالِبَ تاتِ جا، نَہ تہ آهي تاتِ تِيارُ،
ڏورِيان، پِيو ڏُڪارُ، گهورِيندَڙ[٢] ڪَٽِي وِيا.

٢٢

جيڪي طالِبَ تاتِ جا، تاتِ پہ تِنين وَٽِ،
هڏهين ڪانهي هَٽِ، گِهور[٣]، تہ گهران ٿِي لَهين.

٢٣

ڪنهن جنهن[۴] نينهن نَنڌاهُ[۵]، جيئن مُون واجهائيندي نہ وَرو،
جيڪِين مُئِي ڪَندا[٦]، سوءِ جانِبَ! ڪَرهو[٧] جيئري.*

٢۴

مَتان تِيين مَلُورُ[٨]، ڪِينَ اَڳاهُون[٩] آهِيان،
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏُورُ، حَدَ[١٠] ٻنهِي جي هيڪَڙي.**

٢۵

آن جي ڏِٺا هُونِ، اَللهَ ڪارَڻِ ڳالهه ڪَرِيو،
نيڻَ منهنجا رُونِ، راتوڏينهان اُنِ ڪي.

٢٦

اَڄا راتِ رتومِ[١١]، ڪوڏِ[١٢] ڪوهِياري ڪَنجُرو[١٣]،
پِينَرُ! پِڇايومِ[١٣a]، سَپاڙِي[١۴] سُورَنِ سين.

١- ڪونہ آهن ٢- ڳولِيندڙ (سچا عاشق) ٢a- اُنهن ٣- ڳول ۴- اهڙي ڪنهن (ڳري) ۵- تِوهان ڪي ٻڌي چِڏيو ٦- توهين ڪندا ٧- ڪريو * هي بيت شاه جي والد سڪرات وقت نيابي طور شاه ڪي موڪليو هو. ٨- ملول، غمگين ٩- اڳيرو، دور، پري ١٠- منزل، هلڻ جي جاءِ ** هي بيت شاه وري تيويهين بيت جي جواب ۾ پيءُ ڏي موڪليو هو. ١١- ڳاڙهو ڪيم ١٢- شوق، محبت (يادگيريءَ) ١٣- چولي ١٣a- پُسايم، آلو ڪيم (ڳوڙهن سان)١۴- صبحاڻي، صبح جو.

سَرَتِيَنِ سَهجَ[١] مَنجهاءِ، تي ڪوڏ وَراهيا[1a] ڪِپڙا،
تَڏِهن منهنجيءَ ماءُ، تي پَهَڻَ آڇِيا پَبَ جا.

٢٨

ڪَڏِهن ڪَڏِهن جيڏِيُون! ڪو پَهُ اَچِيو پوءِ[1b]،
سو پُڻ ساڙو هوءِ، هِي جو ساهُ سَرِيرَ ۾.

٢٩

ڪِجي جيئَن ڪيچِيَنِ لَئِي، تو تان ڪِينَ ڪِيو،
وِيجهائِي[٢] وِڌوءِ، وِکَ نَہ ڪنيَئِي هيڪَڙِي.

وائي-١

هو اَرمانُ اُتَنِ، مِيان! سَسُئِيءَ جي سُورَنِ لَئِي،
ڪَجاوا ڪَرَهَنِ تي، جوڙِيا جالَ جَتَنِ، مِيان!
سَسُئِيءَ جي سورَن لَئِي.
پيرَ نَہ تِڪَنِ پوئتي، تا ڪامُنِ[٣] سان ڪُتِجَنِ ميان
سَسُئِيءَ جي سورَن لَئِي.
مُهارُون مَيَنِ جُون، واڳون وَسِ ڏَٽِيَنِ مِيان!
سَسُئِيءَ جي سورَن لَئِي.
تَڪَرَ ۾ تونڪارَ[۴] تِي، صُبحِ ساتِيئَڙنِ، ميان!
سَسُئِيءَ جي سورَن لَئِي.

١- خوشيءَ، شوق، لاڏ 1a- وِرهايا. 1b- پوي. ٢- اينگهائي، وڏائي ٣- لڪٹن، چهن
۴- آواز، ڪنگهڪار.

سانگ تہ تنھنجو سَسُئِي! ھاٿي ھوتَ نہ ڪَنِ، ميان!
سَسُئِيءَ جي سورَن لَئِي.
اَڊيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، سي مَرُ مُحِبُ مِلَنِ، مِيان!
سَسُئِيءَ جي سورَن لَئِي.

وائي-٢

وَڃي وَڃي وِتَري[١] تِتِي، جِتِ، پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
پيرُ سجاتائِين پرينءَ جو، مَنجھان نينھن نِرتِي،*
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
ھوءِ وِيا وَٽڪارِ ڏي، ھِنَ پوريءَ پانئيا ھِتي،
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
جنھن ڇيڙي وِڏِيس ڇَپَرين، سو ڪوھيارو ڪِتي،
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
آما[٢]، لِيما، ڦُلَ قارُوھا، ڳاڱا[٣]، راڱا[٤] جِتي،
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
مَري رَھَندِيَس ماڳھِين، نہ تہ، ھادِي اَچج ھِتي،
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
مون ڪي ڇَڏي ھَلِيا، ڪا پِيَنِ متي پِتي،**
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.
لَڪَنِ مَنجھہ، لَطِيفُ چئي، مِلِي سان سَرَتِي[٥]،
پيرُ سُجاتائِين پرينءَ جو.

١- زيادَہ، گھڻو * نينھن جي نظر سان. ٢- انب ٣- ليار جھڙو جابلو ميوو ۴- جابلو ميوو ** ڪنھن ڳالھ ڪين غيرت ڏياري يا رنج ڪيو. ۵- ھڪ جيڏي، دوست.

داستان يارهون

۱

سُپيرِيان جِي ڳالهڙِي، رُڳو رَنجائو،
ڏُونگرِ ڏولائو[۱]، ڏِيندا مُون ڏيرَ وِيا.

۲

آريءَ اُتِنِ[۲] جيئن، اُونءَ[۳] تان اوتِيَنِ نَہ ڪيو،
ڪيچ پَهُچبو ڪيئن، اِهَڙَنِ اَباجَهنِ سين.

۳

جيئن اُتِنِ آريءَ جامَ، اُونءَ تان اوتِيَنِ نَہ ڪِيو،
ٻَڙَڪِي[۴] ٻاهَرِ نِڪَتِي، گاڏَرِ[۵] مَنجهان گامَ[۶]،
ساهُہ ڏِنائِين سامَ[۷]،* سُتِي سَگَرَ پَتِيِين.

۴

لَڪِيُون آن يَرِ[۸] لِڪَ[۹]، ڪِي ڪوهِيارا وِرَميا[۱۰]؟
جَنِين سَنڌِيءَ سِڪَ، رُنمِ راتِ رَتَ ڦُڙا.

۵

"لَڪِيُون! آن لَڳا، ڪي پَلَہ پانڌِيَئڙَنِ جا؟"
"توهان[۱۰a] گهٽِيرو، ماءِ! روندا اُوءِ رَتَ وِيا!"**

۱- رولڙو ۲- چِين، ٻڌاين ۳- ائين، تيئن ۴- ٻڙڪو ڏيئي، ڇال ماري ۵- ڪنياڻي ۶- ڳوٺ
۷- اَجهو، پناه، عيوضو، بدلو، صدقو *ساه صدقي ڪيائين. ۸- ٻرسان ۹- ذرو ۱۰- ترسيا.
۱۰a- تو کان ** لڪين جواب ڏنو، تہ "پنهون، توکان بہ وڌيڪ روئندو رڙندو پي ويو."

٦

ڪو جو لڳس ڪانُ، ڪيچِيَنِ جي قُربَ جو،
تِي نماڻِي نِيشانُ[٥]، جِڏي سانگو ساهَ جو.

٧

ڏوتِيَنِ چيُسِ، "ڏُور، ڪيچ اَڳانهون[١] پَنڌُ تِيو"،
پاٽانِ چَڙهِي پُورِ،* وِکَ وِڏائِين وِترِي[٢].

٨

ڏوتِيا! ڪو اوتِيَنِ جو، مون کي اُهڃ[٣] ڏِهو[٤]،
سَچُ ڪِ ساٿَ نِهو[٥]، پُنهُون منهنجو پاڻُ سِين؟

٩

ڪو جو اُنسِ مينهن، آرِيءَ جيءَ اُڪيرَ جو،
پاروچاڻُو نِينهن، مَنان[٦] ماٺو نَه ٿِئِي.

١٠

جيڏِيُون! ڏِسو ڪيچُ، جو ڏِيهُ پاروچَنِ جو،
پُنهُونءَ وِڌُمِ پيچُ، نِسوروئِي نِينهن جو.

١١

سَسُئِيءَ جِي سِرِيءَ[٧] سان، ڪيچ-ڏِٺي ڪانڌِي،
پَسَڻَ ڪارَڻِ پرينءَ جي، مُنڌَ[٨] هُئِي ماندِي،
لَڪَنِ تان، لَطِيفُ چئي، آرِياڻِيءَ آندِي،
پُنهُونءَ پيراندِي[٩]، نماڻِيءَ نَصِيبُ ٿِئِي.

٥- نشانو، هدف (Targét) ١- اڳيرو، ڏور* اتلو محبت ۾ محو ٿي. ٢- وڌيڪ تکي ٣- نشان، اهڃاڻ، ڏس ۴- ڏيو، ٻڌايو ٥- نيو، ولي ويا ٦- من يا دل تان ٧- سسئيءَ، لاش، جنازي ٨- زال ٩- عورتون پتار جي پيرن وٽان ويهي خدمت ڪرڻ، سڀاڳ سمجهنديون آهن، خدمت وصال.

گهوڙَن[1] هَنيُون * گهٽيُون، اُنَ هَنئِي آءٌ،
جا نِينهن ڳَنهندِي نانءُ، سا مُون جيئَن پُوندِي[2] مامِري[3].

۱۳

لڪڙِيارِيُون[4] آگرِيُون، ٻاروچاڻو ٻيرُ[5]،
اَچِي پَسو، جيڏِيُون! تازو پُنهُونءَ پيرُ،
ويچارِيءَ سين وِيرُ، جَتَنِ جيڏو ئِي ڪِيو.

۱۴

لُڇَڻُ نہ لاهِينِ، گوندر[6] هِنَ غَرِيبَ تانِ،
پَرِ ۾[7] پَچائِينِ، جِيجان! جوشَ جَتَنِ جا.

۱۵

هَئي تو وَجي هوتُ، آئون ڪِ اَڳِيَرِي ٿِيان،
مَتان چوءِ بَلوچُ، "ڪَمِيٽِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو."

۱٦

ڪَمِيٽَنِ هَٽان[8]، ٿِيِنِ مُورائِين[9] مَدِيُون،
تُون ڪَرِ پاڻَ وَڙان[10]، موٽُ سَٻاجها سُپِرِين.

۱۷

نَہ ڪِين ٿِيان سَڱُ[11]، نَہ ڪِين سَڱِيٽِي[12]،
آهِيان ڪَمِيٽِي، ذاتِ ٻَروچيءَ نَہ جُڙان[13].

۱ـ گهوڙا (جانور)، مصيبت * گهوڙن جون منيون. ۲ـ پوندي ۳ـ مونجهاري، مصيبت ۾
۴ـ لڪڙيءَ جهڙيون، سنهيون، نازڪڙيون ۵ـ ڊؤل، نمونو ٦ـ غم ۷ـ ڳجهه ڳوهه ۾
۸ـ هٽان، ڪان ۹ـ هميشہ، بنهه ۱۰ـ مهرباني ۱۱ـ مائٽياڻي ۱۲ـ مائٽي ڳنڍڻ جي لائق
۱۳ـ شريڪ ٿيان يا لائق ٿيان.

۱۸

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ منهنجي ذاتِ جِي،
مَتان پُنهُونءَ پوءِ، لَڄَ منهنجِي لوءَ[1] ۾.

۱۹

لَتو ڪَمُ ڪيچِيَنِ جو، ڇَڏي هَلِيا مُون،
اَللهَ آهِين تُون، هوتَنِ تان هيڏِي ڪئي.

وائي-۱

منهنجو ساهُ وِيو سيٹانِ[2]، آيَلَ آيَلِ! ويهان ڪيئن ڀَنيورَ ۾.
مون کي وِيا نَہ وِسَرِي، نينهَن ڀَريا نيٹانِ[3]،
آيَلِ! ويهانِ ڪيئن ڀَنيورَ ۾.
سو ڪيئن هِينئڙو جَهلِيان، جِهڄِي[4] جو ڪيٹانِ[5]،
آيَلِ! ويهانِ ڪيئن ڀَنيورَ ۾.
ماڏَرِ! پايو مُنڊِيُون[6]، ڪُوڪِيان[7] وَرُ[8] ڪيٹانِ،
آيَلِ! ويهانِ ڪيئن ڀَنيورَ ۾.
اَڊِيُون عَبدُاللّطِيفُ چِئِي، وَڃِي مانَ مِڙانِ،
آيَلِ! ويهانِ ڪيئن ڀَنيورَ ۾.

وائي-۲

وَسان[9] ٿِي وِيياسِ[9a]، آيلِ آيَلِ! لَڳُمِ ٻانُ[10] ٻَروچُ جو.
ٻُرِزا ڀَبَ ٻَرَنِ ۾، ڀِٽُون[11] ٿِي پيياسِ،
آيَلِ! لَڳُمِ ٻانُ ٻَروچُ جو.

۱- لوڪ ۲- سائٹن، هنن سان ۳- هنن جا نيڻ ۴- ڳِري ۵- ڪائٹن، هنن لاءِ ٦- هٿن جون آڱِريون آڱرين ۾ وجهي، ادب سان ۷- آزيونِ نيزاريون ڪريان ۸- ڀلي، بهتر آهي تہ ۹- وس ڪان، ضابطي کان ۹a- وياس، مون کان ويا ٿِي ۱۰- تير ۱۱- ذرا ذرا.

تَہ پُرِ ڪاڍو ڪيچَ ڏي، توڙي ماءِ مُياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
پانُ وِڃايمِ پيرَ تي، چِتِي آئون[١]، چِتِياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
آيمِ[٢] انڌي[٣] لوڪَ سين، مُنِي آئون، مُتِياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
هيڏي شَهَرَ ڀَنبورَ ۾، نہ ڪي پِيءُ نہ ماسِ[۴]،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
پيئمِ وِڇُ[۵] وِصالَ ۾، سَنجهي آئون سِتياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
اَلا! اُنِ مَ وِسَران، ڏِنِي جَنِ جِيياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
پِيَسِ وَرِ[٦] وِصالَ جي، جانڪِين تان جِيئَندِياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، مُحبّنِ کي مِلَندِياس،
آيلِ! لڳمِ ہانُ ٻروچُ جو.

١- مون تان آسرو لاهيو ٢- گهارڻو پيمر، ڪمر پيمَ ٣- عشق کان ناآشنا ۴- پيءُ ۽ ماءُ، اوهي نڪو واهي ۵- وڇوڙي ٦- حوالي ٿيس.

وائي-٣

تَہ ڪو ھوتُ سَڄَڻُ نِيندا، ھوا ڏيرا[1]،
ڪَلَ نَہ پيِيَمِ ڪا، مُون نہ پَرُوڙِيا، ماءِ!
ڪُھِي ڪَمِيڻِي هَلِيا، ٻانيَڙِ ڪَري ٻيرا[2]،
ڪَلَ نَہ پيِيَمِ ڪا.
پَسان شالَ اَکِيَنِ سين، دوستَ سَندا ديرا[3]،
ڪَلَ نَہ پيِيَمِ ڪا.
سيڻَنِ ساڄُهرِ[4] لَڏِيو، پوءِ تِي پُڇِين پيرا،
ڪَلَ نَہ پيِيَمِ ڪا.
ڏاڻَ[5] وِڃِھي ڏاڱھنِ[6] کي، وَنگِيَئِي[7] نہ تنهن ويرا[8]،
ڪَلَ نَہ پيِيَمِ ڪا.
ٻَڙِڪَنِ[9] ٿا ٻانيَڙِ جا، جِيءَ اَندَرِ جيرا،
ڪَلَ نَہ پيِيَمِ ڪا.

داستان ٻارھون

١

ڏِنان[10] جي ٻَروچُ، مُون جيئَن[10a] ھوتَ اَکِيَنِ سين،
مون کي چَيان[11] "لوچُ"، پاٽان پيٺِيُون[12] چِپَرِين.

١- منھنجا ڏير ٢- تڪر، ڦاڪون ٣- مڪان ٤- سويل ٿي، گھڻو اڳي ٥- ڏاوڻ، نوڙيون
٦- اٺن ٧- ٻَڌئي ٨- مهل، وقت ٩- جلن، ٻَھڪن ١٠- ڏِٺَوَ، توھان ڏٺو
١٠a- جيان، وانگر، وانگيان ١١- چَيَوَ، توھان چيو ١٢- وينيون، گھڙيون.

۲

هوتُ نَہ ڏِٺائُون، ڏوهُ نہ ڏِيان جيڏِيِن،
مُون جيئن رُنائُون، مَٿي ڪِيو هَٽَڙا.

۳

ٻاروچو ٻِيءَ پَٽِ[۱]، جيڪُسِ ڏِٺو جيڏِيِن،
مُون جيئن مُوڙهِين مَتِ[۲]، پَسنديِئي پُنهُونءَ کي.

۴

ٻاروچو ٻيءَ رُوءِ، جيڪُسِ ڏِٺو جيڏِيِن،
سَنجهي ۽ صُبُوحِ، هوندَ نَہ وِيئَڙِنِ وِسَرِي.

۵

آن جي ڏِٺي، جيڏِيُون! پُنهُونءَ جِي پاٻوهَ[۳]،
سَنجهي ۽ صُبُوحَ، سُورَنِ تي سَجَڪِيُون[۴].

٦

جي هُيانْ هوتَ پُنهُونءَ سين، مُون جيئن مُلاقاتَ،
ٻانهُنِ وِجهي واتَ،* رِيهُون ڪِيانْ[۵a] رُڃُنِ ۾.

۷

جي تو ڳالهائِي، ماءِ! ٻاروچا پُڇِيا،
اُنِين جي وائِيءَ، هوند نہ وِييان[٦] وِسَرِي.

۱ـ نموني ۲ـ مستانيون ٿيون ۳ـ خوشيءِ، مرڪ، کل ۴ـ ويڙهيون، چهٽيون، چنبڙيون ۵ـ توهان کي هجي ها * عشق جي غلبي ڪري، ٻانهن ۾ چڪ وجهي ۵a ـ ڪريو ها ٦ـ توهان کي وڃي ها.

٨

اَڄُ مَعذُورِ هئُان، * اَلا! چَڱِي مَ ٿِيان،
رِڙهان ۽ رُئان، پُنهِيءَ سَڳِرِ[1] ساٿَ جي.

٩

جي ڏُونگَرا! مُون مِ ڏُکَ، سي پَڌرِ پُونِ مَ پرينءَ ري،
ويهَڻُ مُون وِهُ ٿِيو، ڪيرَ سانڍِيندِي سُکَ،
هُيَمِ هوتَنِ سين چُکَ[2]، سَچو سَڱُ نَہ سارِيان.

١٠

پِيُون سَبِ سَڱِيٽِيُون، سَرَتِيُون! مُون چُکَ سين چاءُ[4]،
اَندَرِ آهيمِ[4a] ڳالهڙِي، ڪوهِياري جِي ڪاءُ،
لَڳُمِ ذَرو واءُ، ** سچو سَڱُ نَہ سارِيان.

١١

"ووءِ! ووءِ" ڪَندِيَ[5] وَتُ، مَڃُڻ "ووءِ! ووءِ!" وِسارِيِن،
پاڻِي هارِ مَ پَڌرو، رو[6] مَنجهائِين رَتُ،
صَبُرُ وَڌو سَتُ، سِگها ميڙِي سُپِرِين.

١٢

ووءِ ووءِ وِڏُوڙا[7]، ووءِ ووءِ وَڃَن نِڳِيا[8]،
مُون سانگِياڻِيءَ[9] جا سُپِرِين، سَڄُ ڪِ سَنيُوڙا[10]؟
لاٿُمِ نَہ توڙا، [11] ماءِ! اوسيئڙو[12] اُنِ جو.

---

* اڄ جڏي ئي هجان ١- رستي ٢- ذرو، ٣- عشق جي لغار ۴- چاهہ، شوق ۴a- مون کي آهي ** عشق جي لغار لڳيم ٥- روئيندي ٦- تون روءُ ٧- ڪاوڙيا ٨- نڪري، نڪتا ٩- ڇوريءَ ڇني ١٠- سنيريا، تيار ٿيا ١١- توڙان، اصل ڪان، هرگز ١٢- انتظار، آسرو.

۱۳

ووءِ ووءِ[۱] پڻ ويئي[۲]، رَنن[۳] ڪارڻ جا هُئي[۴]،
پُنهُونءَ کي پيئي، رُوندِي ڪيرَ رَتَ ڦُڙا؟ *

۱۴

گهوڙا! گهٽيءَ . پيُونِ[۵]، ووءِ ووءِ وَڃَنِ نِڱيا،
مادَرِ! مٿان مُون، ڪانگَ لَوَندا ڪَڏِهِين.

۱۵

ماٺِ مارينديَئي پرينءَ جي، مَڃُڻ رئين رَتُ،
چوري! چَڏِ مَ سَتُ، هِمتَ هوتُ وِڃائيو.

۱۶

جَڙ[۶] جيئري جَنِ سين، مُئي پُڻ سين تَنِ،
جي هِتِ نَ هوتُ پَسَنِ، سي ڪنهِن پَرِ ڪيچ پَسَندِيُون؟

۱۷

جيئن جيئن جَهلي جَڳُ، تيئن تيئن مُون تاڪيدُ ٿِئي،
ڳهريو[۷] تو ڳالهيون ڪَري، وِهُسي[۸] يُٺُو[۹] وَڳُ[۱۰]،
لوڪُ لَتاڙي[۱۱] نِندَ ۾، پُٺي لالَنَ لَڳُ،
آرِياڻي اورَڳُ[۱۲]، پَنيوران ٻَهَرِ[۱۳] ٿِي. **

۱۸

اَوَجَهڙِ وَتان آءُ، پيُون سَبِ سَگَرِ ساٿَ جي،
جا نِينهن ڳنهندي نانءُ، سا مُون جيئن پوندِي مامِري[۱۴].

۱- روح زاڙو ۲- مون لاءِ بند ٿيو ۳- جن جا مڙس مري ويندا آهن ۴- رواج هو * رنن لاءِ جيڪو روئڻ جو رواج آهي، سو پڻ منهنجي لاءِ بند ٿي ويو آهي، (گهٽي غم سبب رئڻ بند ٿيو آهي) هاڻي باقي ڪير پنهونءَ لاءِ رت پيئي روئندي؟ ۵- زمين، پَٽ، مفاصلو ٦- لغار، ميخ ۷- ننڊ (غفلت) جي گهيرٽ ۾ اچيو ۸- خوش ٿيو ۹- رهي، گذاري ۱۰- ولر (دنيا جا ماڻهو) ۱۱- اورانگهي، ڇڏي ۱۲- ڳول، جاچ ۱۳- ٻاهر ** دنيا کي ترڪ ڪري پنهونءَ کي ڳول. ۱۴- تڪليفن ۾ پوندي.

۱۹

ماڳهين[o] جي مُئي، تہ هوندِ نہ پيئي مامري،
ڇَڏيو جي ڪُهي، تہ هيڪاري هورُ[۱] لهي.

۲۰

ٻَڌو ڪنهن ٻَنڌاڻِ[۲]، هينئڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پيِيَس ڪاڻِ، نبيريانسِ[۳] نَہ نِبري.

۲۱

ڪُهُہ ڇاڻان، ڪُهُہ ڇيو، ڪيڏانهن ڇِي وَڃان،
هَٿَ، ڪَرايُون، آڱُريُون، موڙيو سڀ پَڃان،
ٻِيَن گهرِ ڳهجان[۴]، مُون هاريءَ هوتُ وِڃائيو.

۲۲

ڇان ڪِ[o] آيسِ اڳاهِين، تان اُتهين اُيي آهِيان،
پِرتِ پَراهِين، هاڻي مَران مَ جِيان.

۲۳

سَرَتيُون! سُورُ پِرِيَنِ جو، سُجُنِ ۾ شامِلُ،
ڪوهِيارو ڪامِلُ، مُون کي ڏُکَ ڏيکارِيو.

۲۴

ڏُونگَرَ ڏنا[٦] لُوڻِ[۷]، مُون پارَڪُو[۸] پُڇِيا،
هيڪَلِيُونِ هَلَنِ جي، سي تاڪُنِ سنڌي ٽُوڻِ[۹]،
اِيءَ اَهُڪي پَوڻِ[۹a]، سُونهَنِ رِيءَ نَہ سُتِرِي.*

---

o- مُورڳو، صفا ۱- ٻُتني، خيالُ ۲- نوڙيءَ، ناتي، لاڳاپي ۳- جدا ڪريانس ۴- ڳهندُ، دهل دمامہ، خوشيون ٥- ڇوان تہ، مون ليکي ٦- مٿاهيون زمينون، جبل جون چوٽيون ۷- هيٺانهيون، زمينون ۸- جاڻو، واقف ۹- شڪار، ڪاج ۹a- پُونءِ، جُوءِ * طريقت جي راه ڏکي آهي ۽ سونهي (مرشد) کان سواءِ سولائي سان طي ڪري ڪانہ سگهبي.

۲۵

لَکين لوڙائُو[۱]، سَهَسين آهِنِ سُجَ ۾،
بَرَ ۾ بورائو[۲]، کَنُ پِيادِي پاڻَ سين.

۲۶

ٻاروچا ٻِيا گهٽا، منهنجو پُنهُون سِرُ[۳] سَيَنِ،
چانگي تي چڙهِي ڪَري، ڪَندو وَرِ وِلهِيَنِ*،
مَتي مَعذُورِيَنِ، هوتُ ڏِريندو هَتَڙا.

۲۷

ٻَاروچا ٻِيا گهٽا، منهنجو اَجهو آرِياڻِي،
چُونڊي[۴] رَکِيمِ چِتَ ۾، ساڃَنُ سُڃاڻِي،
جا وِندُرِ وِڪاڻِي، تنهن جو موتَنُ ڪو مَسُ ٿِئي.

۲۸

هُوءَ جا گهورِي گهوٽَ جِي، تنهن کي چَرِي چُونِ،
اُگهاڙِيُون آتڻَ ۾، هوتَ پُڄاڻان هُونِ،
پَرا[۵] تَنِين پُونِ، ڏِنو جَنِ اکيَنِ سين.

۲۹

ڏِنَمِ اُتُ اکين سين، مانَ ٻاروچا هُونِ،
جَنِين ڌاران پُونِ، موريسر[۶]، اَکيَنِ ۾.

۱- لنيرا- ڏاڙيل ۲- بهادر (مرشد) ۳- سردار * مسکينن سان ور ڪندو ۴- چونڊي، ڳولي ۵- نشان پتو، خبرون ٦- چاليون، ڦلا (اکين ۾ ڪنر).

۳۰

سَجَڻُ ڏِٺو جِن، موٽَڻُ تَنِين مِيهَڻُو،
اِي مَرَڪُ مَعذُورِيَنِ، جيئن مَرَنِ پِرِيان جي پير تي.

۳۱

وَرُ[۱] لَڪَنِ جي لوڏ، گهورِيا سُکَ پَنيورَ جا،
اَمڙ! جي تُون آڇِيين، سي ڪَمِ نَہ اَچَنِ ڪوڏ،
هِينئِين منهنجي هوڏ، پَڌِي ٻاروچَنِ سين.*

۳۲

ڪو جو آيس ڪوڏ[۲]، ٻاروچاڻِيءَ ذاتِ سين،
جي هو چُونسِ "ٻوڏ"، تَہ "جِيءُ" سُڻائي جَڳَ کي.

۳۳

پَلِي ڪَري تِيومِ، هِيءُ سَڳُ ٻاروچَن سين،
وَجِي ڪيچُ ڏِٺومِ، پُنِيءَ لڳي جُنِ جيَ.

۳۴

اَدِيُون! ڪا اِيندِي؟ جَپَرِ مُون سَڳُ ٿِيو،
لائِينديَسِ لِڱَن کيِ، مَلِيرا ميندِي،**
وِندُرِ آئُون وِيندِي، آرِي جامُ اَجهو ڪَري.

۳۵

وَجَڻُ تو واري[۳]، پُرَڻُ پُنهُونءَ پِٽِ ۾،
ڪَرَهہ ڪوهِياري،*** سُڻِي تو سَڀِ وِيا.

۱- بهتر * منهنجي دل ٻاروچي کي ملڻ لاءِ هوڏ پڌي (ضد ڪيو، پڪو پهہ ڪيو) آهي.
۲- شوق، عشق ** ملير جي ميندِي. ۳- جڳائي، مناسب آهي ۴- هلڻ
***ڪوهياري (پنهونءَ) جا ڪرها (اٺ).

۳۶

مُون ڪي نَنّا نِينِ، جَتَ مُلڪِ پانهنجي،
جي گهگهيرِيَنِ[۱] گَڏِينِ[۲]، تہ ٻِينِ ڳان ٻيٽُو ڪَرِيان.*

۳۷

اَڳِي ايئن هُياسِ، جيئن پُنهُونءَ ڏوتَمِ ڪَپڙا،
هاڻي ايئن ٿِياسِ، جيئن جتَ نہ نِينِمِ[۲a] پاڻَ سين.

۳۸

ڪوهِيارو ڪيٽانِ[۳]، ڪِيڙِ[۴] وَڃِي، ڪاڏهِي وَڃان،
مُون ٻانيو سيٽانِ[۵]، ڇَپَرِ ڪَندِيَسِ ٻَندَڙا.

۳۹

ڪوهِيارو ڪاڙهِي[۵a]، پَندَ اَڙانگا پَٽِيين،
سي ڏِيهَ[۶] ڏيڪارِي، جي اَڳَ نہ ڏِٺا ڪَڏهِين.

۴۰

ڏُڪوِينِ اُهِجانُ، ڪُلهِي[۷] ڦاٽو ڪَنجُرو[۸]،
وَڃَنِ گُوندر گَڏِيُون، لوڪَ نہ آڇِنِ پاڻُ،
سُورَنِ آسان ساڻُ، نَنڊِيِئي نِينهن ڪِيو.

۴۱

ڪُلهِي ڦاتو ڪَنجُرو، مٿَو اُگهاڙو،
ٻِينَرُ! ڪُجاڙو، منهنجو هِنَ ٻَنِيِءَ ور ۾؟

۱- گهگها، وڏا چولا پائيندڙ، ٻروچاڻيون * تہ ٻين (ماين) کان ٻيٽو ڪَمُ ڪريان، وڌيڪ خدمت ڪريان ۲- ملائين، انهن جهڙو ڪري ليکين ۲a- وٺي وڃنم ۳- انهن کي، ڪٿن لاءِ ۴- ڪيڏانهن، ڪٿي ۵- هنن سان ۵a- ڪرائي ۶- ملڪ ۷- ڪلهي ۾ ۸- چولي، گج.

۴۲

ڪُٺِيءَ[۱] لٺِي! ڪاٺِي! رکيئي پِرِتِ پُنهُونءَ سين،
سُهِيو[۲] سُکِيو چِندَڙو، وِڏُءِ ڄيري ۾ ڄاٺِي،
توسِينِ هاجو هوتاٺِي، صُباحَ ڪَندا سَسُئِي.

۴۳

ٻَنڀوران ٻَهَرِ تِي، اَمَڙِ! مُون اُماڻِ،
مَڇُڻِ ڪا رِهاڻِ، مُون تو مونِي مَسِ تِئِي.

۴۴

ٻَنڀوران ٻَهَرِ تِي، مُون جي ڪِيا سَڏَ،
ٻاروچاٺِيءَ لَڏَ[۳]، لَڪَ سَويلا لَنگِهيا.

۴۵

ڇِپُنِ ڇِنا پيرَ، هَلِي هَلِي ماءِ!
ڪوهِياري جِي ڪاءِ، ڳِنهيو ٻُوٽان[۳a] ڳالهڙِي.

۴۶

نينهن مَ نالو ڳِنُ، پِرِيَتَٺِي پيرَ ٻِيا،
سُورَنِ ساڻُ مَ ڇِنُ، وِرِهُ[۴] وِهائِجِ[۵] وِترو[۶].

۴۷

سَجَڻُ ڏِنو جَنّ، تَنِ ڳِچِيءَ سِرِ[۷] ڳَهُ ڪِيو،*
ٻِيُون ڪوهُ ٻُجَهن[۸]، قَدُرُ ڪِيمِيا اِنَ جو.

۱- مصيبت لاءِ، مشڪلاتن سهڻ خاطر، موت لاءِ ۲- سکيو ۳- قافلو ۳a- پٿان، وتان ۴- برهہ، ڏک، عشق ۵- خريد ڪج ۶- زياده ۷- تي، مٿانِ * تن خوشيءَ وچان هار سينگار ڪيو. ۸- سمجهن، ڄاڻن.

۴۸

هارِي! هينئون مَ لوڏِ، سُکَنِ پونديِنءَ[۱]، سَسُئِي،
ڪوهِيارو تو ڪوڏِ[۲]، اَچِي ڪَرَهَ[۳] قطارِيو.

۴۹

حُسيني حُسينَ لئِي، ٻِيبِيءَ پاڙَ چَئِي،
تِهان پوءِ تَئِي، خَبَرَ ٻِيءَ خَلقَ کِي.

وائي

ڪارُون وَسَ ڪِيامِ، ڙي هَئِي هئِي! وو، لَڏِي ڏُورِ وِيامِ!
منهنجو هوتُ نَہ موتِيو، وو! ڪارُون وَسَ ڪِيامِ.
ٻَنڌَڻَ[۴] ٻاروچَنِ جا، پِينگهي مَنجهہ پِيامِ،
وو! منهنجو هوتُ نَہ موتِيو!
ڪَئِين قاصد ڪَيچَ ڏي، مُحبن لاءِ مڪامِ[۵]
وو! منهنجو هوتُ نَہ موتِيو!
سَدا سُپيرِيَنِ جا، سانڍِيَڻَ سُورَ پِيامِ،
وو! منهنجو هوتُ نَہ موتِيو!
هوتَ هَلَندي جي ڪِيا، نَہ سي سَڏَ سُئامِ[۵a]،
وو! منهنجو هوتُ نَہ موتِيو!
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، آرِيائِي اِيندامِ،
وو! منهنجو هوتُ نَہ موتِيو!

۱- پونديءَ ۲- شوق، عشق ۾ ۳- اُٺ ۴- نوڙيون، رسا، عشق جا زنجير ۵- موڪليم، روانا ڪيم. ۵a- ٻُڌامِ، ٻُڌمِ.

سُرُ لِيلان چنيسر

سر بابت:

هن نالي سان ڪاب هندستاني راڳڻي ڪانهي، تنهنڪري سمجهجي ٿو، ته رسالي کي ترتيب ڏيندڙن هن سر تي، مضمون جي لحاظ کان ئي نالو رکيو آهي. هن سر جون پڙهڻيون عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻي وارين اختيار ڪيون ويون آهن.

آکاڻي:

هن سر جو مضمون، ليلان ۽ چنيسر جي قصي تي ٻڌل آهي. جو مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

سومري گهراڻي جي داستان جي ڪاهه مان، چنيسر نالي هڪ راجا، سن ١٢٨٨ کان ١٣٠٦ع تائين، ديول ڪوٽ يا ديول بندر جو (جيڪو مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي چيڙي وٽ، پير پٺي جي مقبري جي ويجهو، سنڌو نديءَ جي بگهاڙ شاخ جي ڪنڌيءَ تي هو) حڪمران هو. سندس حشمت ۽ حسن جي، هر هنڌ امڙي هاڪ هوندي هئي جو هرڪا سهڻي عورت سندس سهاڳ لاءِ سڪندي هئي.

ساڳئي زماني ۾ راڻو ڪنگهار، ديٽ ڏٽي راجپوت راءُ، پر واريءَ ننگريءَ ۾ حڪومت ڪندو هو: کيس ڪونرو نالي هڪ ڌيءَ هوندي هئي. جيڪا حسن ۾ حور مثل هوندي هئي. هڪ ڏينهن ڪونرو، وڏي هيج مان پنهنجي هار سينگار ڪيو، ته سندس هڪ ٻهيليءَ چٽر ڪندي چيس، ته "تون جو هيترو هار سينگار پئي ڪرين، سو جڻ ته چنيسر کي موهت ڪرڻ جي مدعا اٿئي؟" ڪونروءَ چنيسر متعلق اڳيئي گهڻو ڪي ٻڌو هو، سو هاڻي اڻ ڏٺي، انهيءَ طعني ڪري هن تي عاشق ٿي پيئي.

جڏهن هن اڻ ڏٺي الفت جي ڪل، ڪونروءَ جي ماءُ، مرڪيءَ کي پئي، تڏهن پنهنجي مڙس سان ڳالهه ڪيائين. هن چنيسر سان سڱ ڪرڻ فخر جهڙي ڳالهه سمجهي، ۽ ڪنهن حيلي بهاني چنيسر کي راضي ڪرڻ لاءِ هنن کي اجازت ڏني. نيٺ هن رٿ تي متفق ٿيا، ته ڪونرو ۽ ماڻس، وڻجارڪو ويس ڪري، چنيسر جي ملڪ وڃي، هن کي ريهڻ ريسڻ جون رمزون رچين. سنت ئي سامان سنڀالي، اچي ديول ڪوٽ ۾ ديرو دمايائون. ڪجهه وقت بعد، معلوم ٿين ته سندن مقصد، چنيسر جي وزير جکري هٿان پورو ٿيندو. نيٺ هو جکري جي جاءِ تي ويون ۽ وڃي ساڻس حال اوريائون. درد جو داستان ٻڌي، وزير جي دل پني، سو دلاسو ڏنائين، ته "سائين مڙئي سٺائي ڪندو، آءٌ چنيسر وٽ ٿو وڃان، اميد آهي ته عرض اونائيندو."

صبح جو جڏهن وزير ويو، چنيسر سان ڪؤنروءَ جي لاثاني حسن ۽ دل جي اُڪنڊ جي اُپٽار ڪئي، جنهن تي هن جو هنيون البت هرڪيو، پر پنهنجي پٽ راڻي ليلان جون اکيون آڏيون آيس، تنهن ڪري ڪؤنروءَ سان ناتي رکڻ کان نابري واريائين. جڏهن جڪري اهو نااميديءَ جو نياپو ڪؤنرو ۽ ماڻس کي ٻڌايو، تڏهن ڇيھ ڇڄي پين ۽ اکين اڳيان اونداهه اچي وين. آخر پڇايائون ته "هلو ته هلي ليلانءِ وٽ پورهتيون ٿي بيهون، من ڪو موقعو پائي راهُ ريجهايون." اها ڳالهه ڳٽي ليلان وٽ لنگهي وييون، جنهن ڪٽي پنهنجيون خاص ٻانهيون ڪري رکين.

وقت گذرندو ويو، پر وصال جو ڪو امڪان ئي نظر نه اچين. هڪ رات نااميديءَ ڪري ڪؤنرو هنجون هارڻ لڳي. ليلان ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو. پهريائين گهڻي نمان نمان ڪيائين، پر آخر چيائين ته: "گذريل زمانو ياد اچي ٿيم. آءٌ به تو وانگر هندورن ۾ لڏي، وڏي ٿي آهيان. جڏهن هار وجهندي هيس، ته اونداهيءَ مان اجالو ٿي ويندو هو!" ليلان کيس، آخر انهيءَ هار ڏيکارڻ لاءِ آماده ڪيو. ليلان کي مٽين سان محبت هوندي هئي، سو ڪؤنرو جو نولکو هار پسي، هرکجي پيئي. گهر جيڪي گهرٽو اٿيئي. فقط اهو هار حوالي ڪريم." هوءَ کيس چوڻ لڳي. ڪؤنرو ورندي ورائي ته، "چنيسر سان هڪ رات رهاڻ جي عيوض، هار حوالي ڪنديس." هار ليلان جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا هئا، تنهن هن ۾ هرج نه سمجهي، اهو شرط قبوليو. ليلان چيو: "هار مون کي ڏي. هاڻ وڃي دلجاءِ ڪري ويهه، رات جو اڌ پاڻهي چنيسر کي تو وٽ پهچائينديس."

اتفاق اهڙو ٿيو جو، انهيءَ رات راڻو محفل ۾ گهڻي مئي نوشيءَ سبب نشي ۾ مخمور ٿي ويو. هو جڏهن محلات ۾ آيو، تڏهن ليلان کيس خماريل ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ڳرهاٽڙي پائي ڪؤنرو سان محبت ونڊڻ لاءِ کيس چيائين. چنيسر جيتوڻيڪ هوش ۾ نه هو، ته به غيرت آيس ۽ پڙ ڪيڏي بيٺو. گهڻي رد بدل کان پوءِ، ليلان ليلائي هٿ کان وٺي، ڪؤنرو جي ڪمري ڏانهن ڪاهي ويس. ٻانهن هڪيو تڪيو وينو هو، سو ته پڻ ويڏي پڙهائي ويئي. نشي ۾ الوٽ هٺڻ سبب، چنيسر کي ڪو سڌ سماءُ ڪونه پيو. هو پلنگ تي پاسو وٺي پنجي رهيو. پيچ پنيءَ، جان ڪٽي اک اُپٽي ته ڪؤنروءَ جي پاسي ۾ پيو آهي. احوال پڇڻ تي ڪؤنروءَ بيان ڪري ٻڌايس، ته "مٺا! رات ليلان توکي، هار تي وڪيو ۽ مون توسان لائون لڌيون آهن. هاڻي تون منهنجو ڪانڌ ۽ آئون تنهنجي داسي." هن ڳالهه ٻڌڻ شرط چنيسر جو چت ڦريو: ليلان دل تان لاهي، ڪؤنروءَ جي قرب ۾ قابو ٿي ويو.

جڏهن ليلان کي خبر پيئي، ته هٿن سان ڪهڙو ويل وهايو اٿم، تڏهن ڏاڍي پريشان ٿي. پڇتاءَ جون هنجون هاريندي، ڏاڍيون ڪارون ڪيائين، پر چنيسر تي بي اثر ثابت ٿيون. هٿ جي وڍيءَ جو نڪو ويڄ نڪو طبيب، سو آسرو پلي، ماڻٽاڻي ملڪ رواني ٿي. انهيءَ اميد تي جي رهي هئي، ته ڪڏهن ته چنيسر مدايون ميٽي، مهر ڪري. ورهين جا ورهيه گذري ويا، پر چنيسر وري پڇيس ئي ڪونه.

جڪري وزير جو مڱڻو، ليلان جي ماڻٽن مان ٿيل هو، جڏهن هن ليلان جي ڏهاڳ جي خبر ٻڌي، تڏهن سڱ کان صفا نابري واري ويٺا. جڪرو ليلان وٽ ويو، جنهن سڱ

وٺي ڏيڻ لاءِ شرط وڌس، ته "چنيسر کي هڪ وار مون وٽ وٺي اچ، پوءِ تون ٻانهن مون کان لهڻين." جکرو، شادي ۾ شريڪ ٿيڻ جي بهاني تي، چنيسر کي ليلان جي ساٿ وٺي آيو. ليلان ساهڙين ساڻ گهونگهٽ ڪڍي، ڇاڇين جي آجيان لاءِ ناچ ڳائو شروع ڪيو. ليلان جو ناز نخرو ڏسي، چنيسر، ٻنا سڃاڻڻ جي، مٿس اکين ڇڪن تي پيو ۽ گهونگهٽ کولڻ لاءِ کيس چيائين. هيڏانهن ليلان اکڙي کولي، هوڏانهن چنيسر جي چاهت جا ڦٽ چٽاڪا ڪري اٿلي پيا. اگرچه ظاهري طور چنيسر ليلان سان لاڳاپا لاهي ڇڏيا هئا، تڏهن به محبت جي ميخ اڃا مخفي طور من ۾ لڳل هيس. هاڻ سندس روح اهڙو ريلو ڏنو، جو اتي ئي پساهه پورا ڪيائين. ليلان اهو لقاءُ ڏسي، پڻ پساهه ڏنا ۽ مري محبوب سان ميلو ڪيائين.

روحاني راز:

صوفين جو عقيدو آهي، ته خدا نهايت غيرت وارو آهي. بيشڪ خدا جهڙو ٻيو غيرت وارو ڪونهي. هو شرڪ پسند ڪونه ٿو ڪري ۽ شارڪ لاءِ دوزخ جي باھ مخصوص ڪري ڇڏي اٿس. هو غيرت وارو آهي، تڏهن ته آدم کي، بهشت مان نافرمانيءَ ڪري، نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين! آدم کي جنت ۾ سڀيئي نعمتون موجود هيون، پر تنهن هوندي به شيطان جي اشاري تي منع ٿيل ميوو کائي، الله جي امر کي آڏو ڦريو. الله جي غيرت گوارا نه ڪيو، ته سندس ٻانهو، سندس احڪامن جي انحرافي ڪري، سو سزا طور آدم کي، جنت مان تڙي ڪڍيائين. آدم پوءِ سالن جا سال پشيمانيءَ جا لڙڪ وهايا. آخر جڏهن غير گمان ڪڍي ڇڏيائين، تڏهن توبه قبول پيس ۽ وصال جو ورق وريس.

هن سر ۾ الله جي غيرتمند هجڻ ڏانهن اشارو ٿيل آهي. چنيسر مان مراد آهي غيرتمند الله. ليلان مان مراد آهي اهو سالڪ جنهن کي هڪ وار خدا جو وصال نصيب ٿيو هجي، (يعني اهو روح جو مالڪ سان مليو هجي، پر اڃا دنيوي مزن ماڻڻ جو طمعدار هجي)، پر پوءِ نفس جي ڦندي ۾ ڦاسي، آدم وانگر وڃي اوجهڙ پيو هجي ۽ حقيقي محبوب وٽان، مجازي مزن جو شڪار بڻجڻ ڪري، تڙجي نڪتو هجي. ليلا کي چنيسر جي وصال ۾، قسمين قسمين سک ۽ سهنج هئا، پر هار تي هُرڪجڻ ڪري، اهي سڀ ڦنا ڪرڻا پيس. ڪَوَنرو مان مراد آهي، ڏتاريندڙ شيطان يا ذات جي هئان، صفات جي آزمائش ۽ امتحان. جيئن آدم کي شيطان دلبو ڏئي گمراهيءَ ۾ غرق ڪيو، تيئن ڪَوَنرو وري ليلان کي وصال کان ويراڳ ڏيئي، ندوري ۽ نڌر بڻايو.

هار مان مراد آهي شيطان جو ڦندو، يعني دنيوي مزا. هار مان بهشت ۽ ان جو سينگار به مراد ٿي سگهي ٿي. سالڪ مڪاشفن ۽ مشاهدن ذريعي، جڏهن بهشت ۽ ان جو جنسار ڏسي ٿو، تڏهن حق تان پنهنجي دل لاهي، انهيءَ ظاهريءَ ڏيک ۽ فريبي زيب و زينت تي عاشق ۽ مست ٿيو پوي. ڪي سالڪ ان تي اکين ڇڪن ٿي، حق جي ڳولا ڇڏي ڏيندا آهن، جنهن ڪري الله جي غيرت-جنبش ۾ اچي، کين ڏهاڳ ڏئي ڇڏيندي آهي. جيئن ليلان ڪَوَنروءَ جي چوڻ تي، هار تي هرڪجي، چنيسر جي غيرت کي للڪاريو ۽ جڏهن اها جنبش ۾ آئي، تڏهن چنيسر جي راڄ (جو ڳويا هن لاءِ بهشت مثل هو) مان تڙجي نڪتي،

تيئن سالڪ سان ٻہ ساڳي حالت ٿي سگهي ٿي. انهيءَ انديشي ۽ احتمال جو خيال رکي، سالڪ کي اصل ڏي مائل ٿيڻ گهرجي. ڪوڙو ڏيک ڀاڻيءَ جي ڦوٽي مثال آهي، جو لحظو کن جلوو ڏيکاري ڦسي پوندو. اصل کي بقا آهي ۽ فصل [نقل] کي بقا نہ آهي، تنهن ڪري فاني فريب کان پاسو ڪري، لاثاني قريب ڏانهن لاڙو رکڻ جڳائي ۽ پاڻ کي گمراهيءَ جي کڏ ۾ ڪرڻ کان بچائڻ گهرجي.

ليلان سالن جي روح ۽ راڙي، پريشاني ۽ پشيمانيءَ بعد، نيٺ توبہ تائب ٿيڻ سان، مري محبوب سان ميلو ڪيو. سالڪ کي هتي هدايت ٿيل آهي، تہ جيڪڏهن ڪشف جي حالت ۾ ڪي ڪجهہ ڏسين تہ ان تي هوش ۽ حوصلا خطا ڪري، متان پنيلجي وڃين. هيءَ هڪ قسم جي رچ اٿئي، جنهن ۾ سيڪو واريءَ کي ڀاڻي سمجهي، واريءَ پٺيان پيو ڊوڙندو آهي؛ پر باخبر انسان توائي نہ ٿيندو آهي. سالڪ کي صلاح ڏنل آهي تہ، مشاهدي ماڻڻ ڪري پنهنجي محبوب کان منهن متان موڙين. حقَ هي بہ تنهنجي لاءِ هڪ آزمائش خلقي ڇڏي آهي، تہ ڪري ۽ ڪوٺي جي خبر پوي.

سُرُ ليلان چنيسرُ

داستان پهريون

۱

داغُ[۱] تنهنجو دائما[۲]، ماري مَعذُورين[۳]،
سائِينءَ ڪارڻِ، سُپرين وَڃج مَ ڏُورين[۴]،
آئون تو حُضُورين[۵]، مَٽيو[٦] وِجهان مَڄَ ۾.

۲

مَٽيُو وِجهان مَڄَ ۾، هائِيءَ[۷] هَٽان هارُ،
پِـريِ[۸] جي پَـتارُ، تہ ميرِيائي[۹] مانُ لَهان.

۳

مَٽيو وِجهان مَڄَ ۾، هائِيءَ هَٽِي هارُ،
سوپِـيِ![۱۰] سُڪُ، سَيّدُ چي، ڪَرِپين ڪوهُ[۱۱] قرارُ،
راڄا رِيساٽو[۱۲] گهٽُو، سَتاٽو[۱۳] سَردارُ،
ڇَوُڏِسِ چَنيسَرَ جامَ جو، ڏيهان ڏيهُ[۱۴] ڏهڪارُ[۱۵]،
ڏاڪُرُ[۱٦] اَکِين ڏارُ، مَٽِيي تِي تِـي مَنِـين.

۱ـ ٽڪو، ڏنپ (ڏهاڳ) ۲ـ هميشہ ۳ـعذر وارين کي، ويچارين کي ۴ـ ڏور، پري
۵ـ حضور ۾، روبرو (جي مون کي ملين تہ) ٦ـ ڪوُنروءَ جي نَوَ لکي هار ڏي اشارو آهي
۷ـ ستن دوزخن مان هڪ جو نالو، ڪڏ، باهہ ۸ـ وري ملي، ريجهي پوي، پرچي ۹ـ گدليءَ
حالت ۾، عيبن واري هوندي بہ، ڏوهاري هونديَ بہ ۱۰ـ اي سوپيا واري ۱۱ـ ڇو ۱۲ـ ريساڙو،
غيرت وارو ۱۳ـ زوراور، ضدي ۱۴ـ ملڪان ملڪ ۱۵ـ دهڪو، ڌاڪو ۱٦ـ سردار.

۴

چَنيسرُ چؤرَنگ[۱]، ٻ-رنگو[۲] لوڪُ ٻيو،
تنهن[۳] سين ڇنيو سَنگُ، وَڃِيو هارَ هَٿُ ڇِهين.

۵

مَٽِئي تي موهِجِي، مُوڙهِي![۴] ڪِئُي مَرَڪُ[۵]،
ڇَڏِي[۶] چَنيسَرَ جام سين، وِڌو تو فَرَقُ[۷]،
وَرِي وِيو وَرَقُ* آيِئي ڏَنءُ[۸] ڏُهاڳَ جو.

۶

مَٽِيي تي موهِجِي، هارِي[۹] ڳِيئَڙِءِ[۱۰] هارُ،
ڪوڙيين ڪِيا ڪيترا، اِنهِيءَ خَرَ[۱۱] خُوارُ،**
ٻِرِي[۱۲] وِيو ٻِتارُ، آيِئي ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

۷

مَٽِيي مَتي جي هُئا، تَنِ ڇِٽَنِ ڦيريمِ ڇِتُ،
هارُ ڪَتَندِيس هوڏَ[۱۳] ۾، نيبَهُ ٽِيندُمِ[۱۴] نِتُ،
ڪَؤنرُوءَ جو ڪِرِتُ[۱۵]، مُونهان[۱۶] مَتانهُون[۱۷] ٽِيو.

۸

مَٽِيُو ناهِ مَٽِيُو، جو تُون پَسِي هارُ هِرِڪيين[۱۸]،
اَصلِ آهي اَڳِهين، سَندو ڪُوڙَ ڪَٽِيُون،
اِنَ گهوڙَنِ هَنئِي[۱۹] گهٽِيُون، دوسَنِئان[۲۰] دُورِ ڪِيُون.

۱- چنُن (رمزن) وارو، ڪيڏاري ۲- ٻچاپڙو، منافق ۳- تنهن (چنيسر) ۴- منجهيل، بيوقوف ۵- فخر، وڏائي ۶- رد ڪد ڏئي، وات ڪري ۷- تفرقو، ويڇو، سَنڌو * لوح محفوظ (قسمت) جي ڪتاب جو ورق وري ويو، جيڪي ٽيٹو هو، سو ٽي ويو. ۸- ڏنڊ، سزا، عذاب ۹- نادان ۱۰- ورتو ائٹي ۱۱- گڏهه (هار يعني شيطان) ** انهيءَ هار (شيطاني ڪوڙي ڏيک) فقط ليلا نه، بلڪ ٻين به ڪروڙن انسانن کي بڇڙو ۽ بدنام ڪيو آهي. ۱۲- ڦري، بگڙي ۱۳- شرط، بازي ۱۴- ڦٻسي ويندو ۱۵- داغ، بازي ۱۶- مون کان ۱۷- اڳرو، غالب ۱۸- تنهنجي دل سرڪي ۱۹- مصيبت ۾ ڦاٿي يا سزا مليل ۲۰- دوسن (دوستن) کان.

٩

تو جو ڀانئيو هارُ، سو سُورَنِ جو سَگُرو[1]،
چَنيسَرُ چِتُ ڪَٽي[2]، ٽِيو پورهِيَتِ[3] جو پارُ[4]،
اوَٽَتِ[5] جو آچارُ[6] ڪانڌُ[7] ڪِنهِين سين[7a] مَ ڪَرَي!

١٠

نَ ڪِين ڀانهَڙِيَنِ[8] ۾، نَ ڪِين ڳُرِ[9] هُئُومِ،
نَ مُون سِينڌِ نَ سُرمُو، نَ سِينگارُ ڪِيومِ،
تيلانَهَن[10] ڪانڌُ سَندومِ، رُڪوئِي[11] رَءِ[12] ڳَڙِي[13].

١١

سونا ڪُر[14] ڪَنَنِ ۾، ڳُچِيءَ ڳاڙها هارَ،
ڀانهُوتا ڀانهُنِ ۾، سِينڌِ سَٿِيا وارَ،
تيلانهن پِي[15] پَچارَ[16]، ڪانڌُ منهنجِي ڇِڏِيي.

١٢

چَنيسَرَ جي چِتَ ۾، ڪِين جو اَڳُ هُئو،
تِنهان پوءِ ٽِيو، مَٽِيي مَٽي مامَرو[17].

١٣

جَرُ[18] هارِيو ٽي جَڪَرِي، جَڏهن رُنو ڏيريدارَ[19]،
ڏِولي[20] تَڏهن ڏِيلِيين[21]، سوِيي! ٽِيَئي نَ سارَ[22]،
چَنِيسَرَ پَتارَ، حِيلو ڪِيو هارَ جو.

١- سنگهر، ڳٽ، طوق ٢- دل ڪٽي، محبت مٽائي ٣- ڪڙنرُو، (جيڪا نوڪرياڻي ٿي هئي) ۴- پاسو ٥- اٻٽت، ناسازي ٦- هلت، فيصلو ٧- پتار 7a- ڪنهن سان ب ٨- ٻانهن، ڪراين ٩- ڳچيءَ ١٠- تنهن لاءِ، تنهن ڪري ١١- اٽيوئي ١٢- تحقيق، بلاشڪ ١٣- وٺي، قبولي ١۴- پنڙا ١٥- پرينءَ ١٦- ڳالهه، ذڪر، رستو ١٧- معاملو، تڪرار ١٨- پاٽي، لڙڪ ١٩- ديري- ڏٽي، سردار ٢٠- محبوب، مڙس ٢١- توکي ڏيليو، ڏڪاريو، توکي دل تان لاهي ڇڏيو، وساريو ٢٢- سڌ، سرت، سماءُ.

١٤

اُو ڏمَرِيو ڏِسُ، جِيلو هُونهِين° هارَ جو،
سُٺِهو[١] سَبَ سَرَتِيُون! وَرُ نہ ڪِهين وَسِ،
دَعَوِيٰ[٢] پِهرِين دَسِ[٣]، پَڇِيو تو پورا[٤] ڪَري.

١٥

پُوچا° ڏِنَمِ پير، ڍَڪَڻَ مَٿي ڍولَ جا،
مُون پانِئيو تنهن وِيرَ، ڪوجِهي ڪَندو[٦] پِرِيتَڙي[٧].*

١٦

سوڙِيِين سُتَڙِياءِ، پَکو[٨] سَهُو[٩] وِلاڙِيو،**
چَنيسَرَ ڪانداءِ[١٠]، تان مُون هيئن نہ پانئيو!***

١٧

ڍولا! ڪُجاڙِيان[١١]، پولاڙِيو[١٢] پوڏُ چَٽِين[١٣]،
آئُون تو پيراندِيان[١٤]، ڪَرَ موڙِيو، وَرَا! اُٿِيان.

١٨

نِيو[١٥]، پَڌِيو روءِ، اَڳَڻِ جهوڪِيو[١٦] ڪَرَهو[١٧]،
کو چَنيسَرَ چوءِ، تَہ لِيلان وَڃي لَڏِيو.

---

٥ هُونئن ٿي، هَروُ پَروُ ١ـ سٺو، ڀلو ٢ـ حجت ٣ـ پهرئين پيري، هڪدم ٤ـ ذرا ذرا ٥ـ ڏنگا، ڦلا ٦ـ ڪني ڪندو، اتا پير هلندو ٧ـ محبوبڙي، پيارڙي زال * ڪن هندن ۾ شاديءَ جي رات در وٽ ڍڪڻ رکي ڪنوار ۽ گهوٽ جو هڪ ٻئي ھنيان پير ان تي رکائيندا آهن. جيڪڏهن گهوٽ جو پير ڦلو پوندو آهي تہ اهو بدسوڻ سمجهندا آهن شاديءَ رات چنيسر جو پير ليلان جي پير جي مٿان پورو ڪونہ پير هو، تنهن ڪري کيس شڪ هو تہ چنيسر سائس چڱا پير نہ ڪندو. ٨ـ گهر، محلات ٩ـ چڱو، لائق، شانائتو (محلات) ** ڪوڙرو محلات والاريو آهي. ١٠ـ اي ڪانڌا *** لوڪ روايت موجب، چنيسر ۽ ليلان سهي جو شڪار ڪيو، ليلان ٽڪل هٿ سر سهي رهي. چنيسر بکيو هو، تنهن سهو پچائي، هڪ ٽنگ کاڌي. ليلان آئي، تنهن پڇيس: اهو مهٺو ڏنس، ان سلسلي ۾ اها ہ چوڻي لي تہ، 'سهي ٽنگون ٽي' يعني هر ڳالھ کان نابري وارڻ، پڙهٺي پکو سهو ١١ـ ڇا لاءِ ١٢ـ ڇتايو ١٣ـ ڦوٽ چٽين ١٤ـ پيرانديءَ کان ١٥ـ نيو، وَليو، ڪاهيو ١٦ـ جهڪايو، هشايو ١٧ـ اٺ.

وائي

آءُ پرين! گهرِ پيهي ميان چنيسر،
هارُ هَٿان مون ڇڏيو.
پُڇَنِ ليلا، هو ڪَنِ حيلا، ٻَهَران[۲] اڇيو پيئي[۳]،
هارُ هَٿان مُون ڇَڏيو.
دوس[۴] نياڻُون داسَڙو[۵] ويساهي[۶] وَرُ ويهي[۷].
هارُ هَٿان مُون ڇَڏيو.
اوَڳُڻ، عَيبَ، مَتائِيُون، ڍولا! ڍَڪِ سَپيئي،
هارُ هَٿان مُون ڇَڏيو.
تو دَرِ اچي، داسَڙا! آرِ[۸] ڪَرِينديَس ڪيهي[۹]،
هارُ هَٿان مُون ڇَڏيو.
آيسِ، عَبدُاللّطِيفُ چي، دوس! تو دَرِ پيهي،
هارُ هَٿان مُون ڇَڏيو.

داستان ٻيون

۱

ڪِي، پَسِي توڪُ[۱۰]، تِرڪِي، تَڪبَرَ[۱۰a] ۾ پَئي،
اچيو اڇيو، "اَگِلِي[۱۱]"، جَئي ليلان کي لوڪُ،
اَندَرُ اوپالَنِ[۱۲] سين، ساڙي ڪِيانُسِ[۱۲a] سوڪُ،
ٻالاپَڻَ جو ٻوڪُ[۱۳]، وِيو ويچارِيءَ وِسرِي.

۱- هٿ مان ۲- ٻاهران ۳- ڪؤنرو ۽ سندس ماءُ ۴- دوست ۵- داسڙن جي ذات وارو چنيسر ٦- ويساه، واعدا ڏئي پوءِ ۷- ٽڪِي، رهِي، مون وٽ نوڪري ڪري ۸- انگل آرا، ناز نخرا ۹- ڪهڙو ۱۰- زيور، ڪابه شيءِ، وقت، مدت، اگلي، عيبن واري ۱۰a- تَڪَبّر (ع) هَٺُ ۱۱- گندي، خراب، مغرور ۱۲- مهڻن، طعننا ۱۲a- ڪيائونس ۱۳- ڦولارجڻ، ٻور جهلڻ، جوانيءَ جي چلولائي ۽ چنچلتا.

٢

جيڪُسِ[١] ڪَمرَ سَندامِ[٢]، جُوئا[٣] ڏِئا جيڏيِن،
ڪِلَنِ سَبِ مَتامِ[٤]، ساهيڙِيُون ۽ سَرَتيُون.

٣

هُئِينءَ تہ گهڻُو هوشيارُ، ڪَلَ پہ[٥] هُيَئي ڪانڌَ جِي،
تو پانئيو موچارِي تِيان، ڳچيءَ پائي هارُ،
ڪانڌَ ڪُوَڙِيءَ جو نہ وَٽِي، سَئِين پَتِين[٦] سِينگارُ،
وَهَمَ[٧] لَهي وِينجهارُ[٨]، دِلِيُون پَرَکي داسَڙو.

٤

چان ڪِ[٩] چَڙَهنديَسِ کَٽَ تي، رِيجهائِينديَسِ راءُ[١٠]،
اِهَڙوئي اَللهُ، جو پورِهيتون پيشِ ڪَري[١١].

٥

ڏاهِي هُيَسِ ڏيهَ ۾، سَرَتينِ مَنجهہ سُجاڻِ[١٢]،
ڪا جا پِيَمَ ڪاڻِ[١٣]، جِيئَن مُنهن مٽائُون نہ ڪٽان.*

٦

اَلا! ڏاهِي مَ تِيان، ڏاهِيُون ڏُک ڏِسَنِ،
مُون سين مُون پِرِيَن، پوراِئيءَ[١٤] ۾ پالَ ڪِيا.

٧

وَڏيرِي هُياسِ، ميڙو مُون گهرِ سَرَتيين،
هَٽَ چُهَڻَ هارَ جِي، ڪَڙِي ڪانڌ تِياسِ،
ڍولي ڍِيلِياسِ[١٥]، اَيمِ ڏَنءُ ڏُهاڳَ جو.

١ـ شايد ٢ـ منهنجا ٣ـ ڪوئا، ڪوڙا ٤ـ منهنجي مٽان ٥ـ خبر بہ ٦ـ سوين نمونن ٧ـ وسوسا ۽ خيال ٨ـ وينجهار، قابل شخص ٩ـ چوان تہ، سمجهيو تي١٠ـ راجا، چنيسر ١١ـ اڳريون ڪري، وڏيڪ عزت واريون ڪري ١٢ـ هوشيار ١٣ـ گهٽتائي، عيب، وڏ
*مون ۾ ڪا اهڙي وڏ آهي، جو منهن بہ مٿي نٿي ڪٽي سگهان. ١٤ـ ابوجهائيءَ، اڻجاڻائيءَ ١٥ـ ڏڪيس.

٨

وَڏيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾،
ڌُهِلِين[١]، دَمامِين[٢]، نُقَرين[٣]، ٿي پِلپَلِ پُڇِياسِ[۴]،
ڍولي ڍيلِيياسِ، ٿِيَسِ ڏهاڳڻِ ڏيهَ ۾! *

٩

هُيَسِ هِندورَنِ ۾، پِيِيَمِ ڪانهَ پَرُوڙَ،
مَٽِيي سَندي مامِري، ڪوجهي[٥] وِڌِيَسِ ڪُوڙَ[٦]،
سامُهان ٿِيَمِ سُورَ، وِيو وِلَتِيي[٧] وَلهو[٨].

١٠

ڏُهاڳَان سُهاڳِڻِيُون، ڪِهَڙِي ڏوهه ڪَنِنِ؟ **
وَرُ وڏُوٽو[٩] اينهين[9a]، جيئَن جيئَن پانڻَ[١٠] پَسَنِ.

١١

گهوريو[١١] سو سُهاڳُ، جنهن ۾ پَسين پانڻَ کي،
ڏوري لهُ ڏُهاڳُ، جنهن ڪَرَلاهُو[١٢] داسَڙو.°

١٢

سارِجِ سَيِيئِي، ليلان! لَکَڻَ[١٣] پانهِنجا[١۴]،
وَرَ سين وِڙهيو اُٿيِين، ڏوراپا ڏيئِي،
نَہ جاٺان ڪيهِي، چَنيسَرَ جي چِتَ ۾!

١ـ دهلن تي ٢ـ ڏڪڙن ٣ـ توتارين ۴ـ مون کان ٿي پڇيائون، منهنجو پي پڇيائون، شادين ۾ ٻين مجلسن وقت پلپل منهنجي ئي پڇا پئي پوندي هئي. * پتار جي منهن موڙڻ ڪري ڪوبہ ڪونہ ٿو پڇيمہ. ٥ـ ڪني ٦ـ ڪپٽ ۾ وڌو ٧ـ پٺ ڏئي، پوئتي موٽي ٨ـ شاهوڪار، مڙس، محبوب ** اهو ڪهڙو ڏوهه آهي جنهن ڪري سهاڳڻين کي ڏهاڳ جو ڏپ هردم رهي ٿو؟ ٩ـ ڪاوڙ 9a- اِيئين، ايئن ١٠ـ خودي، آپو ١١ـ صدقي ٿيو ١٢ـ پرگهور لهندڙ ° اهو ڏهاڳ ڳولي لهہ جنهن ۾ داسڙو تنهنجي سار لهي! ١٣ـ لڇڻ، افعال ١۴ـ پنهنجا.

۱۳

چَئِي[۱] چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلان! لَڪايوءِ[۲]،
تو جو ڀانيو پانهنجو، تنهن جو پَرو[۳] ڪونَہ پِيوءِ،
ڪَؤنرُوءَ ڪانڌَ سَندوءِ، دَستِ ڪِيو[۴] داسَڙو.

۱۴

لِيلان! جِمَ[۵] لَڪائِين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ،
وَرَ سين وڙِهيو اُٿِيين، مُوڙهِي! مُنُئِي[۶] پاڻُ،
ڀورِي! ڪِيَئِي ڀاڻُ،* تي[۷] اَئِي ڏَنءُ ڏُهاڱَ جو.

۱۵

لِيلان! جِمَ لَڪائِين، سوڀِي! ساڻُ سُڄاڻُ،
آهِيين گهڻُو اَڄاڻُ، مَڃُڻِ[۸] ڀُورِي نَہ پُئِين[۹].

۱۶

لِيلان ڀُورِي نَہ پئِين، چَئِي چَنيسَرَ ساڻُ،
تو جو ڀانئيو پانهنجو، سو رِيسائُو راڄاڻُ[۱۰]،
پاٽان ڏارَ پِرياڻُ[۱۱]، ڪانڌَ ڪنهن جو نَہ وَٽِي.**

۱۷

چَئِي چَنيسَرَ جامَ سين، لِيلان! تُون مَ لَڪاءِ،
دوسُ تنهنجو داسَڙو، ڪاندِ[۱۲] وَڏِيائي ڪاءِ[۱۳]،***
تہ ڊِولو ڏِڪَ سَندِياءِ، عَيبَنِ ڪي آڌو پُئِي.[۱۳a] ×

۱- رد ڪد ڏيئي، بحث ڪري ۲- تو لڪايو، ظاهر ڪيو، ڏنو ڪيو ۳- پتو، سماءُ ۴- هٿ ڪيو، حاصل ڪيو ۵- متان ٦- پاڻ کي مصيبت ۾ وڌءِ. * اي نادان! هٿ ڪيئي، (جنهن ڪري ڏهاڱ ڏسڻو پيئي.) ۷- تنهن ڪري ۸- متان ۹-ڀوري نہ ڀوين، پڇي نہ سگهين، هار نہ کائين ۱۰- راڄا ۱۱- پريتو، عشق ** پاڻ کان سواءِ ٻئي لاءِ پيار (شرڪ) محبوب کي پسند نہ آهي. ۱۲- صبر، تحمل ۱۳- ڪائي، ڪري *** چنيسر گهڻو صبر ڪري، سور پي وڃي ٿو. ۱۳a-ڀوي × تہ محبوب، جو تنهنجي پناه آهي، سو تنهنجون مدايون ميٽي ڇڏي.

١٨

چَئِي چَنيسَرَ ڄامَ سين، لِيلان! لَکاءِ مَ تُون،
اِيءُ ڪانڌُ ڪنهن جو نَ ٿِئي، نَہ ڪا مُون نَہ تُون،*
رُوندِيُون ڏِيُون مُون، اِنَ ڏَرَ مٿي دادُلِيون[1].

١٩

لِيلان! ڄيلا ڇَڏِ، جي تُون، سوِيي! سِڪِيين،
پائي پانڌُ ڳِچِيءَ ۾، پانُ غريبِيءَ گَڏِ،
هَڏِ[2] نَہ چونڊءِ[3] لَڏِ، جي ڪارُون[4] آئِين ڪانڌَ ڪي.

٢٠

جي ڪارُون آئِين ڪانڌَ ڪي، تَہ روئِي رِيجهائيج،
لِيلان! لِيلائيج، اَتَئِي ماڳُ[5] مِنَتَ جو.

٢١

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پُڻ لِيلائيج،
آسَرَ[6] مَ لاهيجِ، سَڄَڻُ ٻاجِهيندَڙُ[7] گهڻو.

وائي

مُون تي وَهَرَ[8] وَرِي، وارو ڏِيندَمِ وَلَهو[9]،
توکي ساري، سُپِرِين! آئُون پُوندِيَسِ ماڳِ مَرِي،
وارو ڏِيندَمِ وَلَهو.

---

*هن کي منهنجي ۽ تنهنجي پرواه ئي نہ آهي. ١- دل گهريون ٢- اصل، بنهہ ٣- چونڊئي ٤- فريادون، دانهون، پڪارون ٥- جاءِ، مڪان، هنڌ ٦- آسرو، اُميد ٧- ٻاجهارو ٨- واهر، مدد ٩- شاهوڪار، پتار.

توکي سَرِيِ[1] سُپِرين اَسان تان نہ سَرِي،
وارو ڏيندُمِ وَلھو.
اَسان تو رِيءَ ناھِ ڪا، ڳُجھاندَرَ[2] ڳَرِي،[3] *
وارو ڏيندُمِ وَلھو.
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چئي، مُحِبَنِ مِهرَ ڌَرِي،
وارو ڏيندُمِ وَلھو.

داستان ٽيون

١

چَنيسَرَ سين چاڳُ[4]، مَتان ڪا مُندّ[5] ڪَري،
جان مُون پوءِ پَروڙيو، تہ هِيءُ نہ ماٽي[6] ماڳُ،
ڏمَرِيو ڏھاڳُ، سِکھو ڏي[6a] سُھاڳڻيين.

٢

چَنيسَرَ سين چاءُ[7]، مَتان ڪا مُندّ ڪَري،
ڪاندّ ڪِهين جو نہ وَٽي، گِيرَبُ[8] ۽ گاءُ[9]،
جي تِرِڙي تُوزَرّياءُ[10]، تہ دوسَ دَسائي داسَڙو.

٣

سَيِئِي سُھاڳڻيُون، سَيِنِي ڳِچِيءَ هارَ،
پَسَڻَ ڪارڻِ پِرِينءَ جي، سَھَسين ڪَنِ سينگار،
ڍولُ تَنِين جي ڍارَ[11]، هيٺاهِيُون[12] هَلَنِ جي.

١- پرواھ نہ آھي ٢- ڳوڙھو ڳجھ ٣- ڳلي، گھٽي، واٽ، واھ * اسان کي تو کان سواءِ اندر جي احوالن اورڻ لاءِ ٻي ڪا واھ يا واٽ نہ آھي. ۴- ناز، انگل ٥- ڀوررڙي، زال ٦- ناز، نخري ٦a- ڏِٻي ٧- ماڻو، ناز ٨- مغروري ٩- هٺ ١٠- ذري تان، ٿوررڙي ڳالھ تان ١١- پنڌ، ڀيچري، واٽ ١٢- نئڙت سان.

۴

سَيِيئِي سُهاڳِڻِيُون، سَيَنِي ڳِچِيءَ هَسَ[١]،
پَسَڻَ ڪارڻِ پرينءَ جي، وَڏا ڪِيائُون وَسَ،
ڏِولُ تَنِين جي گَسَ[٢]، هيتانهيُون هَلَنِ جي.

٥

سَيِيئِي سُهاڳِڻِيُون، سَيَنِي منهن جَڙاءُ[٣]،
سيڪنهن ڀانيو پاڻَ کي، اِيندو مُون ڳرِ[۴] راءُ[٥]،
پيتو تَنِ دَراءُ[٦]، جي پَسِي پاڻَ لَڄائِيُون.

٦

اَوَڳُڻَ[٧] ڪَري اَپارَ، تو دَرِ آيَسِ، داسَڙا!
جيئَن تو رُسَڻَ سَندِيُون[٨] رُوحَ ۾، تيئَن مُون ڀيڻي[٩] ناهِ ڀَتارَ!*
سائِينءَ لَڳِ، سَتارَ! ميٽِ مَدايُون مُنهنجون.

٧

جي مُون مُوڙهِي مَتِ، تہ تُون پاڻَ سُڄاڻَ سُپِرِين،
اَصلِ اَواڻِنِ[١٠] جا، عَيبَ ڏِڪِين تُون اَتِ[١١]،
اِيءَ، ڀَرِ[١٢] تنهنجي ڀَتِ[١٣]، جيئَن وِلهِيُون[١۴] ڏِڪِين، وَلَها!

٨

لَکَڻَ[١٥] ڪِيمَ لِکِيج،** جي مُورانهِين[١٦] ناهہ مُون،
مُون کي مَلهائِيج[١٧]، وارو ڏيئِي وَلَها!

١ـ هَسي، ڳِچِيءَ جو زيور ٢ـ واٽ، پيچري ٣ـ جڙت ٿيل زيور ۴ـ گهر ٥ـ راجا ٦ـ دران، در کان ٧ـ ڪچا ڪم، گناه ٨ـ رسڻ جون ڳالهيون ٩ـ گهر، اجهو، حد * تيئن منهنجي پڇڻ جي جاءِ نہ آهي ١٠ـ موڳين، بيوقوف زالن ١١ـ انت، نهايت، گهڻا، بلڪل، بنهہ ١٢ـ پرين ١٣ـ شان ١۴ـ بي جسيون، سڪٽيون ١٥ـ لڇڻ ** منهنجن لڇڻن ڏانهن نہ ڏسج، عدل چٽنان نہ آئون، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو. ١٦ـ اصل کان، بنهہ ١٧ـ پلائيج، سوڀارو ڪج.

٩

تان ڪا وائي وارِ، دِلاسي جِي داسَڙا!
تُون منهنجو وَلهو، آئُون تو ۾ طَمَعدارِ[١]،
ڏَڪي ڍولَ! گُذارِ، لَڄَ منهنجِي لوڪَ ۾.

١٠

ڍولا! ڍيلِ[٢] مَ مُون، ڪانڌَ! ڪَميٽِي آهِيان،
سِڪَ تنهنجي سُپِرِين! ڀيري[٣] وِڌَيس ڀُون[٤]،
مُون وَرُ[٥] تونهِين تُون، تو، وَرَا! وَهُون[٦] ڪيترِيُون.

١١

تو وَرَ وَهُون ڪيتَرِيُون، مُون وَرُ تون وَريجِ[٧]،
سوڀي! اِنَ سُهاڳَ ڪي، ڀورِي! ڀَرُ[٨] مَ ڏِيجِ، *
پِرِتان پيرَ ڀَرِيجِ، مَلَهائِجِ مِسڪِينِ ڪي.

١٢

ڪوڙِين[8a] تنهنجون ڪامِڻِيُون[٩]، تُون ڪوڙِين سَندو ڪانڌُ،
مُون ڪي چِڏِ مَ داسَڙا! تَہ وَچان نَہ وِٺواندُ[١٠]،
مون ٻُچِيءَ ۾ پاندُ، تو، چَنيسَرَ! هَٿَ ۾. **

١٣

ڍولا! اولا[١١] نَہ سَهان، آڌا[١٢] اَڏِيَئِي جِي،
تو، وَرَا! وَهُون ڪيتَرِيُون، مُون وَرُ تُون وَري[١٣]،
پِرِتان پيرَ ڀَري، مَلَهائِجِ مِسڪِينِ ڪي.

١ـ آسروند ٢ـ ڏڪ، هٺاءِ ٣ـ ڦيري ۴ـ زمين ٥ـ مڙس ٦ـ زالون ٧ـ ڀلائي ڪج ٨ـ ڀراءُ، ٽيڪ 8a ـ ڪوڙيون، ويهون (Scores) * اي نادان! انهي سهاڳ تي ڀروسو رکي، مغرور نہ ٿج ٩ـ بيحد سهڻيون زالون، جادوگرياڻيون. ١٠ـ ٻهڙي هاب ٿيڻ، گلارو ٿيڻ ** منهنجو ڪم آهي منٿ ڪرڻ ۽ وڌيڪ ساري ڳالهہ تنهنجي وس ۾ آهي. ١١ـ پردو، وڇوٽي، جدائي ١٢ـ سامهان، وچ ۾ ١٣ـ وريج، ڀلائي ڪج.

۱۴

لِيلان! لُڇُ مَ ايتَرو، اُتي اَگَڻُ سورِ[1]،
اَبو ڏاڏو گھورِ، پاڻَ سُوڌو پِرينءَ تان.

۱۵

لِيلان! لُڇُ مَ ايتَرو، اُتي سورِ ٻُهار[1a]،
ڍولو اَگَڻِ پارِ[2]، ڪانڌَ ڪَميٽِيءَ آئِيو.

وائي

جيئري زِيارَتَ[3]، جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.
سَڌرَ[4] منهنجا سُپِرين، مُون تان لاهِ مَ هَٿَ،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.
مَولا! مُون کي ميڙِيين، سُپيِريان جي سَٿَ[5]،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.
ڇَنڊِيان کِهَ[6] اَکِينِ سين، پيرين وِجهان هَٿَ،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.
ڏوران[7] ڏِنَمِ سُپِرين، سَچِي جَنِ صِفَتَ،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.
مِلَڻَ ۾ مُشتاقِ[8] سين، ڪانَ ڪِيائُون ڪَٽَ[9]،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، مَجِيائُون مِنتَ[10]،
جي مان هوءِ پِرِيَنِ سين.

۱- ٻهاري ڏيئي صاف ڪر ۱a- ٻُهَرُ، ڪچرو ۲- اگڻ پاسي ۳- ملاقات ۴- مضبوط، پختا، سنا ۵- جماعت، مجلس ٦- دز، لٽ، مٽي ۷- ڏوران، پري کان ۸- اشتياق رکندڙ، مِلڻ لاءِ واجهائيندڙ، عاشقياڻيءَ ۹- هبڪ، ڳڻ ڳوت، ڪٽ ڪٽان، دير ۱۰- آزي نيزاري.

سُرُ مُومَلَ راڻو

سر بابت:

هِن نالي سان، ڪا به هندستاني راڳڻي ڪانهي. سر جو نالو، مضمون مطابق رکيو ويو آهي.

هن سر ۾ پڙهڻيون ۽ ترتيب، ڊاڪٽر گربخشاڻي واري اختيار ڪئي وئي آهي. داستان جو اختصار هرهڪ داستان جي اڳيان ڏنو ويو آهي.

آڪاڻي:

هن سر جو مضمون مومل ۽ راڻي جي مشهور قصي تي مبني آهي، جو مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو.

پندرهين‌ءَ عيسويءَ صديءَ جي اوائل ۾، راجا نند نالي، گجر ذات جو هڪ راجپوت سردار، ميرپور ماٿيلي جو حاڪم هو. هن کي نوَ نياڻيون هيون، جن مان مومل حسن ڪري هاڪاري ۽ سومل سياڻپ ڪري مشهور هئي.

هڪ ڏينهن جيئن راجا شڪار پئي ڪيو، تيئن سنڌو ندي ۾ هڪ سوئر لڀندو نظر آيس. جتان ٿي سوئر لنگهيو اتان پاڻي سڪي ٿي ويو. اهو لقاءُ ڏسي راجا نند سوئر جي پنيان پيو ۽ وچي ٻي پڪ تي پهتس. سوئر کي ماري، ان جي هر هڪ عضوي کي، پاڻيءَ ۾ وجهندو ويو، تان جو سوئر جي ڏند ۾، اها ڪرامت ڏٺائين، جو پاڻيءَ ۾ پوڻ سان، اتان پاڻي سڪي ٿي ويو. اهو ڏند پاڻ سان کڻي درياهه ۾ گهڙيو، ته پاڻي ويو اتان سڪندو. پوءِ هن پنهنجو سارو خزانو کڻي، درياهه جي پيٽ ۾ پوشيدو ڪري رکيو. هن مام جي ڪنهن کي به ڪل ڪانه ڏنائين.

جادوءَ جي ذريعي، ڪنهن فقير کي، هن اسرار جي پروڙ پئجي ويئي. هڪ ڏينهن راجا سانگي سان سفر سڌاريو. سندس غيرحاضريءَ ۾ فقير اچي محلات جي در تي صدا هنئي. مومل دريءَ مان منهن ڪڍيو ۽ ڪهل وچان فقير جي چوڻ تي، اهو ڏند آڻي هن کي ڏنائين. فقير هن کي دعائون ڪندو رمندو رهيو، ۽ ڏند جي وسيلي درياهه سڪائي، سارو لڪيل خزانو، ڍوئي وڃي ڪنهن ڏوراهين ڏيهه ۾ ديرو دمايائين.

راجا نند سفر تان موٽڻ تي، جان کڻي ڍبلي کولي ته ڏند ليپئي ڪونه. گهڻوئي ڳولا ڦولا ڪيائين، پر وڃايل شيءِ واپس هٿ نه آيس. آخر پڇا ڳاڇا ڪرڻ مان معلوم ٿيس، ته اهو ڏند، مومل ڪنهن رمتي فقير کي ڏيئي ڇڏيو آهي. اها ڳالهه ٻڌڻ شرط هو باهه ٿي ويو. نڪا ڪيائين هم نڪا تم، جلد ڪري ويو، مومل کي مارڻ، سومل اها روئداد ڏسي، پيءُ

کي دلاسو ڏنو ته، "مومل نه ماريو؛ اهو خزانو توهان مون کان لهڻو."

سومل جادوءَ جي فن ۾ ماهر هئي، تنهن ويچار ڪيو، ته اهڙو ڪو منڊ منڊجي جو ججهو مال متاع هٿ چڙهي. اها ست ڌيئر سني، هوءَ ڀينرون ۽ ٻيون ٻانهيون ساڻ ڪري، ماٽيلي مان نڪري، جيسلمير جي ويجهو لڊاڻي جي شهر ۾ وڃي رهي.

ٿورن ئي ڏينهن ۾ پرسان، ڪاڪ نئين جي ڪنڌيءَ تي، هڪ طلسمي رنگ محل تيار ڪرايائين. محل جي چوڌاري هڪ عمدو باغ ارڪيائين. باغ جي چوڌاري وڻراهه مان، اهڙو انگڙ ونگڙ پيچرو بنايائين، جو جنهن ۾ جيڪو هڪ واريءَ گهڙيو، سو گم. محلات جي ٻنيءَ وٽ شيشي جو تلاءُ ٺهرايائين، جنهن ۾ طلسمي پاڻيءَ، اهڙيون چوليون پئي ماريون، جو ڏسندڙ جو ڏيل ڏڪيو ٿي ويو. دروازي وٽ ۽ محلات جي چئن ئي ڪنڊن تي، جادوءَ جا شينهن ڪٽي ڪڙا ڪيائين، جن جي گجگوڙ آسمان ڏاري ٿي وڌو. ديوان خاني ۾، ست ڪٽولا هڪ جهڙا سنواريل ۽ سينگاريل وڇائي ڇڏيائين. انهن مان ڇهه ڪٽولا ڪچي سٽ سان واڻيل هئا ۽ هرهڪ جي هيٺان هڪ اونهو کوه کنيل هو، باقي ستين ڪٽولي ۾ کوه کوٽ کريب رکيل ڪونه هو.

محلات ٺهي راس ٿيڻ تي، شهر ۾ پڙهو گهمايائين، ته "جيڪو باغ لنگهي، تلاءُ اُڪري، شينهن جي چنبي کان پاڻ بچائي، سچي ڪٽولي تي اچي وهندو، تنهن کي مومل جو هٿ نصيب ٿيندو."

لڊاڻي جو شهر هڪ تيرٿ هو، جتي هِمون پرديسي پيا ايندا هئا. هوڪو پيو ۽ ساري ملڪ ۾ ڳالهه باهه وانگر پکڙجي وئي. مومل جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، ڪيترا بادشاهه، مومل جي ٻانهن حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪٽان ڪٽان ڪاهي ايندا هئا.

جيڪو عاشق ايندو هو، تنهن کي پهرين باغ جي در وٽ رکيل نغاري تي ڏونڪو هڻڻو پوندو هو. پير تي ڏونڪي لڳڻ شرط، مومل پنهنجي پاڙهيل ٻانهي ناتر کي آدرياءَ لاءِ موڪليندي هئي. پوءِ ناتر اڳيان هلندي هئي ۽ مهمان سندس ڪڍ لڳو ايندو هو. تانجو ناتر گوهي هٽي گم ٿي ويندي هئي ۽ مهمان پيو لوهون ڏيندو هو. پوءِ مومل جا ماري، هن کان سڀ هيرا جواهر ڦري، ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئس. هو اهڙي خواري جي خبر، يا اهڙي جٺ جو سور ساڻين سان ڪين سليندو هو، اهڙي ريت مومل مايا ميڙي، پٺي پنهنجي پيءُ راجا نند کي پهچائيندي هئي. جيڪڏهن ڪو پيچدار پيچرو لتاڙي، وڃي ڪوڙي ڪٽوليءَ تي وهندو هو، ته کوهه ۾ ڪرندو هو ۽ اتي چيچلائي چيچلائي مرندو هو.

انهيءَ زماني ۾، همير سومرو عمرڪوٽ جو حاڪم هو. ڪيس ٽي وزير هئا، جن مان ميندرو، سندس سالو پڻ هو. هڪ ڏينهن هو چارئي شيل شڪار ڪندا، ڪنهن سواميءَ سان گڏيا. "سندس بت ڀڀوت سان ڀريل هو. ڪلهن تي سائي شال هيس، ڳچيءَ ۾ سوني مالها ۽ مٿي تي مڳٽ." شڪل نوراني هيس ۽ اکيون ڳاڙهيون جهڙيون لعل. گفتگوءَ جي دوران ۾ سواميءَ کان، مومل جو سارو قصو ٻڌائون ۽ پڪو پهه ڪيائون ته مومل کي ملڻ ڏاران، وطن ڏي واڳ ڪانه وارينداسون.

چارئي يار، پلن اُٺن تي سوار، ٽن ڏينهن ۾ ١٥٠ ميل، پنڌ ڪري اچي ڪاڪ پهتا.

مومل جي چارڻن هيءَ خبر پهچائي ۽ مومل سندن استقبال لاءِ حسب معمول ناتر کي روانو ڪيو. چارئي سونهن جا صاحب هئا، پر راڻي جي موهڻيءَ مورت ناتر تي البت عجيب اثر ڪيو. موٽي وڃي سائڻ کي راڻي سان سڱ ڪرڻ جي صلاح ڏنائين. غيرمعمولي طرح ناتر کي سفارش ڪندو ڏٺي، مومل کي ملوڪ لاءِ محبت جاڳي؛ پر تنهن هوندي به ڪاڪ جي قانونن موجب ڪيس ڪٽڻ تي زور ڏنائين. ناتر هئي نوڪرياڻي، سو ڪيئن سائڻ سان سينو ساهي. آخر امر تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ٿي.

يارن مان حاڪم همير، ڀيرين قسمت آزمائي، پر جئيون جهلي واپس وريو. پوءِ ٻين ٻن پڻ نصيب آزمايو، پر ناڪام ٿي موٽيا پين. پڇاڙيءَ ۾ راڻي جو وارو آيو. هو ناتر سان پيچدار پيچري ۾ گهڙيو، ته ناتر گوهي ڏيڻ جي ڪئي؛ پر راڻي ڪٽي چوٽيءَ ڪان ورتس، تان جو پيچرو پورو ڪري اچي طلسمي تلاءَ تي پهتا. اتي ناتر ڪسڪي ويس. راڻو ٿورو گهبرائجي ويو؛ پر ستت ئي سرت سنڀالي اڳتي وڌڻ جي ڪيائين. چشمي جي خوفناڪ چولين کي ڏسي، خيال آيس ته هي جادوءَ جو تڪسات آهي. خاطري ڪرڻ لاءِ هڪ سوپاري ڪڍي، پاڻيءَ مٿان ڦٽي ڪيائين، جا ٻڏي وڃڻ بدران تلاءَ ۾ ترڳندي رهي. هاڻي هيڪاري پڪ ٿيس ته هيءُ مڙوئي منڊ آهي.

مومل دريءَ مان هيءَ ساري روئداد ويٺي ڏٺي ۽ راڻي جي فهم ۽ فراست تي هرکي پئي. مومل هڪ ٻي ٻانهي ڏياري موڪلي، جيڪا هن کي ديوان خاني ۾ وٺي ويئي. ٻانهيءَ چيس ته: "سائين! توهان هتي ڪنولي تي وسرام ڪريو ته آءٌ سائڻ کي، توهان جي آمد جو اطلاع ڏيئي ٿي اچان." ست ساڳيا ڪنولا ڏسي، راڻو شڪيو ۽ ڪمان جي نوڪ سان ويو هرهڪ تي زور ڏيندو. ڇهن ڪوڙن ڪنولن جي هيٺان کوهه ڏٺائين، جنهن ڪري ڪاڪ جو سارو طلسم ڀانپي ويو ۽ سٽين سالم پلنگ تي پاٿولي ماري ويهي، مومل جي ٻانهن جو پاڻ کي حقدار بنايائين. ٻانهيءَ اهو سارو رنگ لڪيو ويٺي ڏٺو، تنهن وڃي سائڻ سان سربستو احوال ڪيو. مومل راڻي کي ماڙي تي گهرايو. راڻو وڃي ڏسي ته نو ڇٽيون قطار ڪيو بيٺيون آهن. هر هڪ حسن جي حور آهي، پر منجهائن ڪهڙي مومل آهي سو سمجهي نه سگهيو. اجا انهي فڪر ۾ هو ته انهن مان هڪ تي ڀونر ڀرڻ لڳو. سهي ڪيائين ته اهائي مومل آهي. وڃي وڃي ڪيس مخاطب ٿيو. سڀ سندس سياڻپ، سورهيائي ۽ سونهن جي تعريف ڪرڻ لڳيون. حجاب جو پردو لٿو. ڪاڪ جا شرط پورا ٿيا ۽ شادمانا ٿي ويا. ٻنهي لائون لڌيون ۽ ساري رات محبت ونديائون.

راڻو صبح جو اچي سائين پيڙو ٿيو، جن پڻ ڪاميابيءَ تي مبارڪون ڏنيس. همير سومري، مومل جي منهن ڏسڻ جي خواهش ڪئي. آخر همير سائس ميهارڪو ويس ڪري اندر ويو. مومل مام معلوم ڪري وئي، سو همير کي چيائين ته "هيءَ ميهن ته ڏهي ڏي." ويچارو اچي ڦاٿو، اهڙو شڪي ٿيو، جو واپس موٽي ويو. انهيءَ جٽ ڪري راڻي تي ڏاڍو ڪاوڙيو. ٽئي ڏينهن راڻي کي چوائي موڪليائين، ته "اسين وطن وڃون ٿا، هلڻو اٿئي ته هل." راڻي نياپو موڪليو ته "آءٌ هاڻي ڪاڪ ۾ ڏينهن ڪاٽيندس"، پر مومل چيس ته "وڃي مٽن مائٽن کان موڪلائي اچو." نيٺ راڻو سائين سان ساٿيهه ويو، جتي همير ڪٽي

قيد ڪرايس ۽ ٿوري عرصي بعد، انهيءَ شرط تي آزاد ڪيائينس، ته "وري مومل جو منهن نه ڏسندين."

راڻي کي مومل سواءِ ڪٿي ٿو آرام اچي؟ هو وجهه وٺي، پلي اٺ تي ڪاڪ ڏي ڪاهيندو هو ۽ مومل سان رهاڻيون ڪري واپس ورندو هو. ڪجهه وقت ته انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي به ڪل ڪانه پئي، پر آخر ڳالهه ڦاٽي پئي، ڇاڪاڻ جو "عشق ۽ مشڪ به ڪي ڪڏهن ڳجها رهيا؟" - واعدي وفا نه ڪرڻ ڪري، همير وري به ڪٿي راڻي کي ترنگ ۾ هنيو، پر وري به پنهنجي راڻيءَ يعني راڻي جي ڀيڻ جي چوڻ تي هن کي آزاد ڪري ڇڏيو. آزادي ملڻ تي راڻو هڪ پل به اتي نه رهيو. اٺ پلاڻي ڪاڪ ڏي رخ رکيائين.

هيڏانهن مومل راڻي جي فراق ۾ بيحال ۽ بيقرار هوندي هئي. دل بهلائڻ لاءِ سومل کي راڻي جو ويس اوڍائي رهاڻيون رچائيندي هئي. قضاني، جنهن رات راڻو ڪاڪ پهتو، انهيءَ رات ٻئي ڀينرون ٻڪ وجهيو، اگهور ننڊ ۾ پيون هيون. راڻي هيءَ حالت ڏسي، سمجهيو ته ڪو غير مومل سان ستو پيو آهي. ڏاڍي غيرت آيس. ٻهريائين پانيائين ته هڪ ئي ضرب سان ٻنهي کي پورو ڪري ڇڏيان، پر پوءِ سور پيو، پنهنجو لڪڻ نشانيءَ طور مومل جي پرسان رکي راهي ٿيو ۽ اچي عمر ڪوٽ پهتو.

صبح جو راڻي جو لڪڻ پاسي ۾ پيل ڏسي، مومل مامر معلوم ڪري ويئي ته راڻو رسي ويو آهي. پوءِ ڏانهس گهڻائي قاصد موڪليائين، پر راڻو راضي نه ٿيو. آخر وڻجارڪو ويس ڍڪي، ڪاڪ ڪڙي ڪري، عمر ڪوٽ ڏانهن اُسهي.

اُتي راڻي جي محلات جي سامهون هڪ ماڙي ڪٽي اڏارايائين. پاڙيسري هئڻ ڪري، هڪ ٻئي سان ڏيٺ ٿيڻ ۽ دوستانو تعلق ويو وڌندو. هڪ ڏينهن جيئن چوپڙ راند ڪري رهيا هئا، تيئن مومل جي ٻانهن تان ڪپڙو لهي ويو ۽ راڻي سندس ٻانهن جا تِرَ سڃاڻي ورتا. پوءِ مومل پاڻ ظاهر ڪري، رنل راڻي کي پرچائڻ جا ڪئين حيلا هلايا، پر راڻو هوڏ تان نه لٿو.

مومل نااُميد ٿي، ڪاٺين جو هڪ آڙاه تياز ڪرايو ۽ ڪٽي پاڻ کي ان ۾ اڇلايائين. سنڌ ئي راڻي کي سماءُ پيو، سو ڊوڙندو آيو، هيءُ منظر ڏسي، دل پرجي آيس؛ متي مچ ۾ ڪاهي پيو؛ ۽ پتنگ وانگر شمع تان سڙي، سان فدا ڪيائين.

روحاني راز:

شاه عموماً سيني سرن ۾، سورمين کي سالڪ ۽ سائين کي انهن جو مطلوب بنايو آهي؛ پر هن سر ۾ خود خدا کي سالڪ جو ڳولائو ڪري ڄاڻايو اٿس. ٻين سرن ۾ شاه پڻ اهڙا اشارا ڏنا آهن، ته حق تعاليٰ طالب ٿئي ٿو، جڏهن سالڪ سندس سنڪ ۽ سوز ۾ سڙي ٿو. مثلاً سر سسئي ۾ فرمائي ٿو:

"اَندرِ جَنِين اُڃَ، پاڻي اُڃيو اُنِ کي."

(هيءُ مصرع مولانا رومي جي هيٺين بيت جو ترجمو آهي:

"تشنگان گر آب جويند از جهان،
آب هم جويد بعالم تشنگان."

وري سر سهڻيءَ ۾ فرمائي ٿو:

"پڇَنِ جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهار."

وري سر ڪليانڻ ۾ فرمائي ٿو:

"تو جَنِين جِي تاتِ، تَن پُڻ آهي تُنهنجِي."

وري فرمائي ٿو ته خدا ڪڏهن عاشق آهي، ته ڪڏهن معشوق:

"عاشِقُ چئُ م اَنَ کي، مَ ڪِي چئُ مَشعُوقُ."

وري فرمائي ٿو ته خدا حسين خلقي به ٿو، ته انهن جو طالب به ٿئي ٿو:

"پاڻهين خَلقي خُوبُ، پاڻهي طالِبُ تَن جو."

مطلب ته، ٻنهي سرن ۾ به شاه ڄاڻائي ٿو ته حق انسان جو طالبو آهي.

"ڪائنات ڪيڏي به ڪشادي هجي ۽ مطلوب پاڻ کي ڪهڙيءَ به ڪنڊ ۾ ڪٿي لڪائي، تڏهن به حق ان کي ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. مومل وڏائي وس ڪيا ته ڪنهن عاشق جي ور نه چڙهان، پر حق جي اڳيان سندس سيئي حيلا نه هليا ۽ سندس باطل بازيون پڇي پيون."

راڻي مان رب، ۽ مومل مان انهيءَ منهن موڙيندڙ مومن جي مراد آهي، جيڪو پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيئن مومل پاڻ کي پوشيدي رکڻ لاءِ پيچدار پيچرا ۽ ٻيا منڊ منڊيا، تيئن انسان به پنهنجي چوڌاري حرص هوس ۽ ٻين دنيوي اسبابن جي ديوار جوڙي، پاڻ کي ڌڻيءَ کان دور رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر اهي حيلا ۽ حرفتون، حق اڳيان نٽيون هلنس. ممڪن آهي ته اهي مونتار مونجهارا معمولي طالبن لاءِ، موت ثابت ٿين ۽ انهن مان ڪي پيچدار پيچرن ۾ پساه پورا ڪن، ته ڪي ڪنولن، يعني مطلوب کان هڪ منزل اڳي واري ماڳ تي پهچي به اوڙاهه ۾ اونڌا ٿي پون: پر جت راڻي يا رب جهڙو سڃاڻو ۽ جبرو عاشق سندس طلب ڪندو، اتي اهي سيئي طلسم ٽٽي پوندا.

جڏهن حق، ڪنهن انسان کي پنهنجو مطلوب بنائي، سندس بازيون پڇي، کيس هٿ ڪري ٿو، ته حق جي مدعا اهائي ٿئي ٿي، ته سندس اهڙو مقبول ٻانهو هميشه سندس محبت ۾ مخمور رهي. جيڪڏهن هو حق سان همڪنار ٿي وڃڻ بعد به، ساڻس سچو نٿو رهي، ته پوءِ کيس ڏهاڳ جو اهڙو ڏنڀ ڏئي ٿو جو عمر پيو ياد ڪندو.

خدا نهايت غيرت وارو آهي. کيس شرڪ بلڪل پسند ڪونهي. سندس اڳيان شرڪ جهڙو ٻيو ڪبيرو گناه ڪونهي.

رسول ﷺ جن جو فرمودو آهي ته: "اِنَّ سَعداً لَغَيُور وَ اَنَا اَغيَرُ مِن سَعدِ، واللهُ اَغيَرُ مِنّي، وَ مِن غَيرَتِه حَرَّمَ الفَوَاحِشَ مَاظَهَر مِنهَا وَ مَا بَطَنَ."

يعني "بيشڪ سعد (هڪڙي اصحابيءَ جو نالو) غيرت وارو آهي ۽ آءٌ سعد کان وڌيڪ غيرتمند آهيان، پر خدا مون کان به وڌيڪ غيرتمند آهي ۽ پنهنجيءَ غيرت وچان هن سيني ڳجهين توڙي پڌرين بڇڙاين کان روڪ ڪري ڇڏي آهي." هن سر ۾ مٿين حديث

۾ جاتايل حقيقت جو ذڪر ڪيل آهي.

مومل پنهنجي ڀيڻ کي راڻي جا ويس وڳا اوڍائي، روح رهاڻ ڪئي، جنهن تي راڻي جي غيرت جنبش ۾ آئي ۽ انهيءَ ڪَنَ جي خطا خاطر، عمر جو ڏهاڳ ڏئي ويس. وري تيستائين وصال جي وائي به نه وري، جيستائين مومل پاڻ ماري مات نه ڪيو. ساڳيءَ طرح، اهو مقبول ۽ محبوب ٻانهو، جيڪو عارضي وڇوڙي وقت، وهلور وڃيو روح ريجهائڻ جا ٻيا وسيلا ڳولي، تنهن کي وري خدا جو وصال، تيستائين حاصل نٿو ٿئي، جيستائين هو غير گمان ڪڍي، مرڻ کان اڳي، پاڻ کي نٿو ماري.

سومل جا مومل سان ستي، تنهن مان مراد آهي بدعتون ۽ غير شرعي ڪم. راڻي ۽ روح جي وچ ۾ غير نٿو گهرجي. جڏهن مومل وچ ۾ غير واقع ٿيو، تڏهن راڻي کيس جدائيءَ جو داغ ڏنو. انهيءَ ڏهاڳ جي ڏنڀ کي ميٽائڻ لاءِ مومل کي ڪاڪ (جنهن مان مراد آهي هي جهان ۽ ان جا ڦندا) ترڪ ڪري، راڻي جي راڄ ۾ وڃڻو پيو هو. ساڳئي طرح شاھ صاحب سالڪ کي تلقين ٿو ڪري، ته "اي سالڪ! ڪاڪ وارا ڪوڄها ڪم ترڪ ڪر، تان ته حقيقي راڻي کي رسين."

سُر مومل راڻو

داستان پهريون

اختصار: ڪاپڙي فقير جو همير سومري ۾ سنڌس سائين ڪي ڳنجڻ.

۱

ڪالهہ ڳڏيوسُون ڪاپَڙِي[1]، بابُو[2] ٻيڪارِي[3]،
سامِيءَ[4] سيلو[5] سِرَ تي، مالها[6] موچارِي،
ڏيئِي ڏيکارِي[7]، ڦٽِي دِلِ فَقِيرُ وِيو. *

۲

ڪالهہ ڳڏيوسُون ڪاپَڙي، جَهرّو ماهُ[8] مُنيرُ[9]،
فَيض[10] فِراقَ فَقِيرُ، جوڳِي جاڳائِي وِيو.

۳

ڪالهہ ڳڏيوسُون ڪاپَڙي، پَهَرَ سِجَ ڪانِ پوءِ،
پَسو سونهن سامِيءَ جِي، رَتَ وَرَنو[11] روءِ،
جو مُنهنَ مُومَلَ جي پوءِ[12]، موٽَڻُ تنهن مَسَ ٿِئي.

۱- جوڳي، فقير جو قسم ۲- دونهي دکائي ويهندڙ فقير ۳- پينو، فقير ۴- سائين، الله لوڪ ۵- مٿي ڪَي ٻڌڻ جي ڏوري، دوشالو ۶- مالها، تسبيح ۷- ديدار ڪرائي * مومل جو قصو ٻڌائي، دل ۾ عشق جو اُمنگ جاڳائي ويو. ۸- چنڊ ۹- نور وارو، چمڪندڙ ۱۰- عشق جو امنگ ۱۱- رت جي رَنگ جهڙو، رت ڳاڙهون ۱۲- پوي، ديدار ڪري.

۴

ڪالهہ گڏيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو بانَ[۱] بَرِي[۲]،
سائِي سالَ[۳] ڪُلهنِ ۾، سامِيءَ سونَ سَرِي[۴]،
خَبَرَ ڏي ڪَرِي[۵]، ڪا مُومَلَ جي مَجازَ[۶] جِي.

۵

ڪالهہ گڏيوسُون ڪاپَڙِي، بابُو رَنگِ پَيُوتُ[۷]،
سَرِيوسُون[۸] سُڪُوت[۹]، جوڳِيءَ سَندِيءَ ذاتِ ڪان.

٦

بيڪارِيءَ ڪي بَرَ ۾، وِيو ڪَيفُ[۱۰] چَڙهِي،
ڳالهيون ڪَندي ڪاڪِ جُون، ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙِي،
ڪا جا اَنگُ[۱۱] اَڙِي، جيئن چِتا ڦَٽَ چَڙِي پِيا.*

۷

سِجُ سُياٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي رُوءِ،**
اَچِي ٿِي عَطُرَ جِي، مَنجهان مُڳهتَ[۱۲] بُوءِ،
سا ڏيڪارِيهُون[۱۲a] جُو[۱۳]، جِتان لاهُوتِي[۱۴] لَعلُ[۱۵] ٿِيو.***

۸

سِجُ سُياٽي جا ڪَري، سامِيءَ سائِي وَٽِڪَ[۱٦]
سَهِي نہ سَگهان ساتَ[۱۷] سيئَن[۱۸]، تنهن[۱۹] جي راسِنَ[۲۰] جِي رَونَقَ[۲۱]،
ڪِ رَتائِين لاڪَ ۾، ڪِ ڏِنائِين پانَنِ پِڪَ×؟
سَندِيءَ سودِلِ[۲۲] سِڪَ، ڪَپَڙَ ڪورُون جَهلِيُون.××

۱- رنگ ۲- متيءَ هاٿو، پيپوت لڳل ۳- شال، دشالو ۴- سونن داڻن واري مالها ٥- سچي ٦- مزاج، طبيعت، البيلائي ۷- ڳُون جي ڇيٽي جي چار، چار ۸- اسان کي مليو ۹- سڪون، فرحت، راحت، خاموشي، ماٺ، صبر ۱۰- نشو، خمار ۱۱- انگهہ، چهنب * ميٽيل زخم تازا ٿي پيا. ** ساميءَ جي منهن جو رنگ اهڙو لالِ هو جهڙو پرہ ڦٽي جي سج جو هوندو آهي. ۱۲- چٽ، موڙ ۱۲a- اسان کي ڏيکار ۱۳- جاءِ ۱۴- صوفين جي آخرين منزل تي پهتل فقير، خدا رسيده ۱٥- *** اي خدا! اسان کي بہ اها جاءِ ڏيکار جتان هي درويش رڱجي ريٽو ٿيو آهي. ١٦- رنگ، ڊؤل ۱۷- ساعت جي بگڙيل صورت، پل ۱۸- تائين ۱۹- سج جي ڪرڻن ۲۰- شعاع ۲۱- تجلو، چمڪو × (سامي) پنهنجي منهن کي لاک لائي لعل ڪيو آهي يا پان جي پڪ هٽي ۲۲- سودن راجپوتن جي ذات واري، يعني مومل ×× ڪپڙ ڪورون جهليون- ڀاڱي تمنار پيو وهي، هن مصرع ۾ مٿين سوال جو جواب آهي تہ اها منهن جي لالاڻ عشق جي ڪري آهي.

جوڳيءَ تي جَرّاءُ[١]، نِسورو ئِي نينهن جو،
پَتَنگَ جيئَن پَيدا ٿِيو، سامِي سِجَ وَرّاءُ،*
آيو ڪاڪِ[٣] تَرّاءُ[۴]، ڪُنوارِينِ[٥] ڪَڪورِيو[٦].

وائي

تان تُون وِهُه[٦a] سَبَهِي، ساڻِي مِيان! پانڊِي مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڍهِين؟
لڪين لُڏُوڻيان[٧] مَٽِي[٨]، مَٽي واتَ وِيا ٿِي[٩] مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڍهِين؟
جنهن ڪي پُڇان، سو چَوي: "آئِيو ڪونَہ اُٺانِ[١٠] ٿِي مِيان!"
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڍهِين؟
ڪوٺائُو[١١] ڪَرِيمَ جو، آئِيو پَهِي[١٢] پِريان[١٣] ٿِي مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڍهِين؟
حُڪمُ ڏِيندءِ هَتَ مِ، "هاڻي هَلُ هِتان[١۴] ٿِي، مِيان!"
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڍهِين؟
اَڊيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، پِرِيَنِ پاسِ[١٥] پُران[١٦] ٿِي، مِيان!
ڪاڪِ هَلِبو ڪَڍهِين؟

١- رونق، زيب ٢- ورن يا رنگ وارو * سج جي رنگ جهڙو سامي، پتنگ وانگي اوچتو ئي اوچتو اچي پيدا ٿيو آهي، ٣- مومل جو محل، هيءَ دنيا ۴- ترّان، تڙ کان ٥- ڪنوارين ڇوڪرين، مومل جي ڀيڻن ٦- ڳاڙهو ڪيو، رڱي ڇڏيو ٦a- ويهُه ٧- لڏائيءَ کان، هن دنيا مان ٨- ڏانهن ٩- ويا اٿيئي ١٠- اُتان ١١- سڏيندڙ ١٢- قاصد ١٣- پرينءَ کان ١۴- هتان ١٥- ڏانهن ١٦- پنڌ ڪريان، هلان.

داستان ٻيو

اختصار: مومل جي سوڍن جي فقير ڪانءَ هاڪ ٻڌي، يارن جو روح رِسڪڻ- يارن جو ڪاڪ ڏي وڃڻ ۽ سودي جو سويارو ٿيڻ.

١

آءُ لانگوٽيا[١] لالَ[٢]، ڪنهن پَرِ[٣] ڏِٺيئي گُجَرِيُون[٤]؟
آبُ اَرَتو[٥] اَڪِين، لُڙڪَ وَهائِيِن لالَ[٦]،
ڏِٺيئي جي جَمالَ، سامِي! ڪُهُ نہ سَلائِيِن[٧]؟

٢

گُجَرِ ڪي گَجَميل[٨] جُون، تارَنِ[8a] ۾ تَرُون[٩]،
هَٽي حاڪِمِيَنِ[١٠] ڪي، زورَ پَرِيُون زَبَرُون[١١]،
ڪاڪِ ڪِنَڌِيءَ[١٢] قَبَرُون، پَسو پَرَڏيهِيَنِ[١٣] جُون.

٣

گُجَرِ گارورِّيَنِ[١٤]، اَچيو آڏي[١٥] اُڀي[١٦]،
مَتان پيئي تَنِ،* ٻَنّا[١٧] ٻانَ[١٨] هَٽَنِ جي.

٤

مُومَلَ ڪي مَجازَ[١٩] جا، اَڪين ۾ اَلماسَ[٢٠]،
نہ ڪا عامَ نہ خاصَ،** تِجي وِيا سي وَڍِيا.

١- لانگوٽي ٻڌندڙ فقير ٢- عشق ۾ رتل ٣- ڪهڙي حال ۾ ۴- گجر ذات واريون ڇوڪريون ٥- ڳاڙهو، رت جهڙا لڙڪ ٦- ڳاڙها ٧- ساراهين، تعريف ڪرين، ٻڌائين ٨- فولاد، رڪ شهر جو نالو 8a- اکين جي تارن ٩- ڪهاڙيون ١٠- حاڪمن، وڏن ماڻهن ١١- ضربون، ڌڪ، گهاءَ ١٢- ڪاڪ نهر جي پر تي ١٣- پرديسين ١۴- نانگ منڊيندڙ اٽڪلي، بهادر ١٥- سامهون، سامهين ١٦- بيهي رهي * انهن تي غالب ٿي. ١٧- ٻنا، نشان تي پورا ١٨- تير ١٩- عشق، محبت ٢٠- هيرا، تيز، ڪٽيندڙ تلوارون ** عام ۽ خاص ۾ تميز ڪانہ ٿي ڪري (سڀ ڪنهن کي ٿي هڻي).

٥

مُومَلَ کي مُجازَ جا، اکين ۾ اَنبُورَ[١]،
هَٽي جاڪِمِينِ کي، پَٽِ نِهارِي پُور، *
گھوٽَ پھرينءَ گھورَ، جي وِيا، سي وَڍِيا.

٦

مُومَلَ ماري مِيرَ، آهيڙِيَنِ[٢] کي آڪِرِي[٣]،
سُوڍِيءَ گھٽا سَڪائِيا[٤]، پڙھيا، پَٽِتَ[٥] پِيرَ،
هَٽي تَنِ کي تِيرَ، مَٽِيُو جَنِ مَٽَنِ ۾.

٧

جوڳِيءَ جاڳائِي، ماري وِڌو مامِري[٦]،
لَنءُ[٧] لُڏوٽِي ڪَنڌِين[٨]، اَمِيو[٩] آهي،
وَيو جي ڪاهي، تہ نِڪُون[١٠] پَسو نينهن جُون.

٨

هَلو هَلو ڪاڪِ تڙين، جِتي نينهن اُجَلَّ،
نہ ڪا جَهلَ نہ پَلَّ، سَيُڪو پَسي پرينءَ کي.

٩

هَلو هَلو ڪاڪِ تڙين، جِتي گھڙجي نينهن،
نہ ڪا راتِ نہ ڏينهن، سَيُڪو پَسي پرينءَ کي.

١- انبوريون، ڪوڪن ۾ ڪلين ڪڍڻ جو اوزار * پٽي پوري نهاري، اک چنبيء+ تيز نگاهہ. ٢- شڪارين ٣- کهري، تند، هيڪاري وڏيڪ سخت ٤- ڪنبايا، ڏڪايا ٥- پنڊت ٦- مصيبت، مشڪلات ٧- عشق ٨- لڏاٽي جي ڪنڌين تي، ڪاڪ جي ويجهو ٩- اڻ ميو، گهڻو ١٠- نهرون، ڪسيون.

١٠

هَلو هَلو ڪاڪِ تَڙين، چَڙُو[١] جِتِ چَڙهَنِ،
ڪوڙيِن رَنگَ رَچَنِ، پانوڙيءَ[٢] پِڪَ سِين.

١١

ڪَرها! ڪارڻِ ڪاهَ[٣]، توکي ڏَٿيَنِ ڏارِيو،
ساري ڏِيج، سَيَدُ چئي، لُڏاڻي تان لاهَه، *
مُقابِلو[٤] مُوَمِلَ سين، ٿيندو سَنجهِ صُباحَ[٥]،
سودي جِيءَ صَلاحَ[٦]، ڪَوُنرَ[٧] چَرَندين ڪاڪِ جا.

١٢

آکُون[٨]، ڏاکُون، سِرکَنڊ[٩] شاخُون، جِتِ چوڪا[١٠] چَندنَ ڪَوُنرَ،
مَيي سِيئِي ماڙيا، جِتِ نَہ پِرَنِ[١١] پَوُنرَ،
ڪُنواريُون ۾ ڪَوُنرَ، ڪاهِ تَہ پَسُون ڪاڪِ جا.

١٣

نَنديو[١٢]، تان ڪوهُ[١٣]، پَرَ وِڪِين آهي وِتَرو، **
وَچِيو ڪاڪِ ڪَنڌِين ۾، پَهَسَ[١٤] پَڪِيءَ جيئن پوءِ،
اِنَ ڪُرَ[١٥] سَندو ڪوءِ، مَيو ماتو[١٦] نَہ ٿِئِي.

١٤

ڪَرَها! ڪاڪِ چَڙهي، ونءُ[١٧] وَٽائُون[١٨] نِڪَرِي،
لُڏُوِٽيا[١٩]، لَطِيفُ چئي، آيو ڪو نَہ وَرِي،
گهٽا اِتِ گِهڙِي، وَڳَ[٢٠] وِساري هَلِيا.

١ـ ديگيون (مجاز جون) ٢ـ پان واريءَ ٣ـ تکي هلڻ * لڏاڻي جي ٽڪريءَ تان لهندي سنيالي وک ڪنج جو اتي هيٺائين آهي. ٤ـ ملاقات ٥ـ اڄ سڀاڻي ٦ـ راضپي، رضامنديءَ سانَ ٧ـ ڪنول جا گل، نيلوفر ٨ـ اڪروٽ ٩ـ صندل، چندن ١٠ـ سنا، چڱا ١١ـ ڦرن، اڇن ١٢ـ ننڍو اُٺ، ڪنوات ١٣ـ ڇا ٿي پيو ** هلڻ ۾ تکو آهي. ١٤ـ زور سان، تکڙو ١٥ـ ذات، نسل ١٦ـ ڏِلو، جهڪو ١٧ـ وڃ ١٨ـ وٺن مان (دنيائي نعمتن) ١٩ـ لڏاڻي مان (ڪاڪ جي پرسان ٽڪري) ٢٠ـ ولر، يار دوست.

چَڙهيا چاڙهي يارَ، سُوڌا[1] شڪاري،
فِڪرَ ساڻُ ڦِتي ڪِي[1a]، سوڍي سوپارِي،*
وِيا ڪاهِيندا ڪاڪِ ڏي، جِتِ مُومَلَ موچارِي،
موتِيا نَہ مارِي[2]، ڪَوُنرَ لَتاڙي ڪاڪِ جا.

وائي

راڻا جي رجپوتَ**، مُومَلَ سَهي[3] پَسَندا.
پَڙهيا، پَنڊت[4]، پيرَ، توڙي مِيرَ، هَمِيرَ[5] مَرَندا،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.
مَحِي رَضا رَبَّ جِي، هِتانِ[6] سَڀِ هَلَندا،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.
ڪَلِمي ساڻُ لَڏائِيِن، هادِي! هِنَ هَندا،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.
سَهُڪِي[7] سَڪراتِ[8] ڪَرِين، والِي! وِيرِ وِداعَ[9]،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.
اَهُڪِي وِيرِ اَچِيج تُون اُتي اَحمدَا،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.
مَتان، ڇڏِيِن مَڱڻو[10]، مَهندان[11]، مُرشِدا،
مُومَلَ سَهي پَسَندا.

۱ـ هوشيار، قابل ۱a ـ ڪَٽِي * غور ڪري (سياڻپ سان) سوپاري ڦِٽي ڪري ڪاڪ جي جادوءَ واري تلاءَ جو طلسم پرکيو. ۲ـ شڪاري، صياد ** جيڪي راڻا تحقيق راجائن جو اولاد آهن، يعني سچا عاشق آهن. ۳ـ اهيئي، سيئي ۴ـ پنڊت ۵ـ امير ۶ـ هتان، هن دنيا مان ۷ـ سولي، آسان ۸ـ مرڻ وقت غشي ۹ـ الوداع، موت واري موڪلائي ۱۰ـ پنندڙ، گدا ۱۱ـ اڳيان، آخرت ۾.

كُلُّ نَفسٍ ذَائِقَةُ المَوتِ[1]، سَچي اِيءَ صَدا[2]،
مُومَلَ سَهِي پِسَندا.
اَصلِ لِکيو اَنگَ ۾، ٻِيندو تان ٻِپ[3] اَدا[4]،
مُومَلَ سَهِي پِسَندا.
آڏيُون، عَبدُاللّطيفُ چي، فائِقُ[5] فَضُلُ کَندا،
مُومَلَ سَهِي پِسَندا.

داستان ٻيون

اختصار: مومل ۽ سندس سهيلين جي سونهن جو احوال- مومل ۽ راڻي جي رهاڻ- ۽ راڻي جو رسڻ.

۱

جِهَڙا گُلَ گُلابَ جا، تِهَڙا مَٽَن[6] ويسَ،
چوٽا تيل چَنبيليا[7]؛ ها هُا هو[8] هَميشُ[9]،
پَسِيو سونهَن سَيدُ چي، نينهَن اَچَنِ نيشَ[10]،
لالَڻ جي لِبيسَ[11]، آتِڻ[12] اَکَرُ نَہ اُڃَهي*.

۲

جِهَڙا پانَنِ پَنِ، تِهڙِيُون سالُون مَٽِنِ سائُيون،
عَطُرُ ۽ عَبِيرُ سين، تازا کِيائُون تَنِ،
مَڙِهيا گهڻو مُشڪَ سين، چوٽا ساڻُ چَندَنَ،
سُونهَن رِبِي سونَ سين، سَندا ڪامَڻِ[13] ڪَنَ،
کِيائِين، لال لَطِيفُ چي، وَڏا ويسَ وَرَنَ[14]،
مَنجهِ مَرکِيُس مَن،** "سودي سين سَگُ ٿِيو."

۱- هرڪو جاندار موت جو ذائقو چکندو (ق- ش ۳، ۱۳۴) ۲- آواز، قول، گفتو ۳- ٻه ۴- پورو ۵- مٿاهان، اوچا ۶- مومل ۽ سندس ساهيڙين مٿان ۷- چنبيليءَ جي تيل سان ۸- واه! واه ۹- هميشه، هردم ۱۰- ڏنگ، چوڪون ۱۱- هار سينگار ۱۲- گهر، ڪتڻ جي جاءِ * ماڻ ۾ اچي ويون (حيرت ۾ پئجي ويون) ۱۳- زال، جادو ۱۴- رنگ
**(مومل) خوش ٿي.

۳

سونَ وَرَنيون[1] سوڍيون، رُپي راڻيون ڪَنِ،
اَگَرَ[2] اوطاقُنِ ۾، ڪَتُوريُون ڪَنَ،
اوتيائُون عَبيرَ جا، مَٿي طاقَ[3] ٽَڙنَ،
ٻاڻنِ[4] ٻيلُون[5] ٻَڌيون، ٻَسيو سونهن سَڙَنَ،
ٿيا لاهُوتي، لَطيفُ چَئي، ٻَسَڻَ لَئي پِرينِ،
اِجهي ٿا اَچَنَ، ڪاڪِ ڪَڪُوريا[6] ڪاپَڙي.

۴

جي ڪاڪِ ڪَڪَوريا، ڪاپَڙي، تن لَهي نہ لالي،
ڪَڙي ڪَيفَ[7] خُمارِيا، مَٿي[8] پِي مَوالِي،
ڪَري حاصُلُ هَلِيا، ڪَيفِيَتَ[9] ڪَمالي[10]،
وَتَنِ[11] وِصالِي[12]، لُڏُوٽِيان لوڏِي[13] ٿِيا.

۵

لُڏُوٽِيان لوڏِي ٿِيا، وَتَنِ مَنجهِ وِصالَ،
اَجَ اَرَتو[14] اَکِينِ، ڪاڪِ پِيتائُون ڪالَ،
وِيئي ويچارَنِ وِسَرِي، صُباحَ جِي سَنيالَ*،
پَرينءَ ڪان پاسي ٿِيا، مامويَنِ[15] مِثالَ،
جانِبَ جي جَمالَ، رَڱي، پَسُ! ريتو[16] ڪِيا.

۱ـ سون جهڙيون، حسين ۲ـ عود جي ڪاٺي ۳ـ ٿالهہ ۴ـ ٿانءَ وارن، لائقن (لائق عاشقن) ۵ـ ٻن ٻن جون قطارون ٦ـ ڳاڙها ڪيل، محبت ۾ رڱيل ۷ـ خمار، نشو ۸ـ شراب ۹ـ حالت ۱۰ـ پورن، مڪمل ۱۱ـ گهمن ڦرن، گولين ۱۲ـ وصال جا طالب ۱۳ـ سڪايل، شڪاري ۱۴ـ ڳاڙهو * نشي ۾ اهڙا الوٽ ٿيا، جو خبر نٿي پوي تہ سياٽي سندن ڪهڙو حال ٿيندو. ۱۵ـ مصالح لڳل مردن يا لاشن Mummies، جيئرن لاشن ٦ـ ڳاڙهو رتل.

٦

رچِي جي رينو ٿِيا، ڪينَ اُباڻجَنِ[١] اوءِ[٢]،
ڪُنبُ نَہ ڪارِي، تنهن ڪيِ، جو هالاري[٣] هوءِ،
توٽي ڏوبِي ڌوءِ، تہ لالِي تِنهِين نَہ لهي. *

٧

جنهن تَرِ ڏوڙُون[٤]، ڏُونِ، چوتا چَندَنَ چِڪَ ڪِيو، **
اَچَنِ يَوُنرَ يَنيولِيا[٥]، پاڻِيءَ تِنهين پُونِ[٦]،
راوَلَ[٧] رَتو رُونِ، ڪِو وَهُہ[٨] لڳو واسُئين[٩] ***

٨

جِتِ رايائين[١٠] رائُن ڪيِ، چَندَنُ چِڪَ ڪَري،
هاڻِي اُنهِينَ[١١] پيٽِين[١٢]، وِرهُہ[١٣] وَراڪا ڏِي،
سوڍو سُجَ ڪَري، مُومَلَ ماري هَلِيو!

٩

ڳُجَرِ ڳهٽا ڳهائِيا، پاٽان لَڳُسِ ڳهاءُ،
ميندري مُلاءُ[١٤]، لَڳُس ڪانُ ڪپارَ ۾.

١٠

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، × سوڍو سَوائِي[١٥]،
لُڏُوٽيان، لَطِيفُ چي، لالِي تنهن لائِي، ××
ڪانهي ٻِي ۏائِي[١٦]، ٿِيو مِڙوئِي مَيندڙو.

١- ڪومائجن، رنگ ڪين ڦٽي ٢- اُهي ٣- هالار وارو (ڪاٺياواڙ جو هڪ ضلعو، جنهن جو ڪپڙو پڪي رنگ وارو هوندو هو.) * هتي محبوب سان لڳ ٿيل عاشق کي هالاري پڪي رڱيل ڪپڙي سان مشابهت ڏني ويئي آهي. ٤- ڏوڙُون (واحد: ڏُونڙ) ڏُوجونِ (واحد: ڏِوج) سهيليون، هڪ جيڏيون، ثاني، ٻٽ ** چوٽيون (وار) چندن جي خوشبودار تيل سان جهيل ٥- موهجو، مست ٿيو ٦- پونِ، ڪرن (ڳاهٽ ٿين، مرن) ٧- شهزادا ٨- جوش، جذبو، اُڪير ٩- واس وارن، سرهاڻ سان ڀريلن، عاشقن *** جيڪي شهزادا مومل جي سرهاڻ مان واس وٺن ٿا، تن کي اهڙو ڪو عشق جو اڌمو اچيو وڃي، جو رت روئيندا وڃن. ١٠- رڱيائين ١١- انهن ١٢- ماڳن، هنڌن تي ١٣- جدائي، فراق، ڏک، غم ١٤- وٺان × راڻي جهڙو موچارو مهانڊو ٻئي ڪنهن جو نہ آهي. ١٥- سوايو ١/٤ سرس، وڌيڪ ×× لڏاڻي مان فقط هن ٿي ميندي لاتي (مومل سان شادي ڪئي) ١٦- پچار، ڳالهہ.

١١

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سِيَنِ، سونهن[١]،
لاٿائين، لَطِيفُ چئي، مَتاءَ دِلِينِ ڏُونهن[٢]،
ڪانهي ٻِئي وِرُونهن[٣]، تِيو مِڙوئي مينڌرو.

١٢

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍا ٻِيا ٻہ سُڄانَ[٤]،
نِسورِيائِي[٥] نينهن جِي، ڪَسِيائين[٦] ڪانَ،
ڇَڏي وِيا ڇوهَ ۾[٧]، ڏَعوائُون ڏِيوانَ[٨]،
ٻِئي رَهِيائِي ڪانَ[٩]، تِيو مِڙوئي مينڌرو.

١٣

ڪاڪِ ڇَڏِيائُون ڪُندَ تي، پاڻان وِيا پَئي[١٠]،
لوڏِيَئَڙَنِ[١١]، لَطِيفُ چئي، سوڍو ڪِيو سَهِي،
مُومَلَ ماڳِ رَهِي، تِيو مِڙوئي مينڌرو. *

١٤

ڪاڪِ ڇَڏِيائُون ڪُندَ تي، پاڻان وِيا پَري،
تَنِ ڪي ناتَرِ[١٢] ڪوهُ ڪَري، جي لُڏُوئيان لنگهي وِيا.

١٥

ڪاڪ نَہ جَهلِيا ڪاپَڙي، موهيا نَہ مَحلَن،
ٻائِنِ[١٣] ۾ ٻانهِين جي، ٻَنڌَڻِ[١٤] ڪِينَ ٻَجهن، **
لَکِين لاهُوتِينِ، اِهَڙِيُون اورِيان[١٥] ڇَڏِيون.

١ـ سيني جو مرڪ يا نڪ آهي ٢ـ دونهون، اندَ جو پردو ٣ـ آواز، پچار، ڳالھ، وندر ٤ـ سُڄاڻ، ڄاڻو، عارف ٥ـ رڳو، نجو ٦ـ ڪشيائين، ڇڪيائين ٧ـ جلدي، هڪدم ٨ـ وزير، سڪر ماڻهو ٩ـ ٻي ڳالھ يا پچار ڪانہ رهي ١٠ـ پيهي، هلي ١١ـ لڏاڻي جي رهاڪن * مومل جي انفرادي هستي مينڌجي، مينڌري ۾ لئہ ٿي وئي، جنهن ڪري رڳو مينڌرو رهجي ويو. ١٢ـ مومل جي ٻانهيءَ جو نالو (نفس اماره) ١٣ـ ٻاين، ٻيگمن، ٻيبين ١٤ـ لاڳاپي، ناتي ** دنيوي معشوقن جي ڇنبي ۾ نٿا اچن. ١٥ـ اورتي، اوريان، پوئتي، هن دنيا ۾.

١٦

اِهَڙيُون اوريان چَڏي، وِيا لاهُوتِي، لَڪَ،
پايو پِٽِين ويٺيُون، ڪاڪِ ڏَياٽيُون[1] ڪَڪَ،
پيٺِي اِيءَ پَرڪَ[2]، تَہ سودِيُون سِجهائي[3] وِيا.

١٧

ڪاڪِ نَہ جَهليا ڪاپَڙِي، موهِيا ڪنهن نَہ مالَ،
سودِيُون سِجهائِي وِيا، هِهَڙا جَنِين حالَ،*
جي چوَرين ڏِنا چالَ، تَہ پِہ لاهُوتِي لَنگهي وِيا.

١٨

توٽِي ناهِ نَصِيبَ ۾، مُومَلَ! مينڌرو،
پُونڊءِ، جِمَ[4] پاهِين[5] وَرِين[6]، مَنجهان پِرتِ پَرو[7]،÷
راٽِي لَئِي مَ رو، وهُ طَعني[8] سين واڳِجي[9].**

١٩

مُومَلَ ناهي مينڌرو، توٽي مَنجهِ نَصِيبَ،
مُون کي، مُون[9a] حَبِيبَ! طَعنو ٿِي تنهنجو.

٢٠

آئُون طَعني سُوڌِي تنهنجي، تُون طَعنوئِي مُون،
سو ڪِين[9b] سَرِيوسُون[10]، جو سَرَتِيون! ڪنهن نَہ سَرِيو.

١- ڏياٽيون، مالڪياٽيون (مومل ۽ سندس ڀينرون) ٢- خبر، سمجهہ ٣- ساڙي، جلائي *جيڪي مذڪور شاهاڻي شان سان رهنديون هيون. ۴- متان ٥- پوئتي ٦- موٽين ٧- خبر، پتو ÷متان پوئتي موٽين، پرت منجهان ئي تو کي پرو پوندو ٨- راڻو لڪڻ چڏي، جيڪو لڪل طعنو هٿي ويو اٿئي ٩- ٻڌجي** راڻي لاءِ روح راڙو چڏي، مخفي طعني سان پيچ پائي ويهہ، يعني اهي عيب سڏار تہ راڻو پاڻهي ئي ريجهي پوي. ٩a- منهنجا ٩b- سو ڪِي، اهو ڪجهہ ١٠ مليوسون، حاصل ٿيو اٿئون.

٢١

سُٽِي طَعنو تنهنجو، حالُ وِڃايمِ حَقَ[١]،
لَکِين لوڌِي[٢] آئيا، سوڌي لاٿَمِ شَکَ،
ڏِنَمِ ڪاڪِ ڪَهَڪَ[٣]، سِگهو موتج سُپِرِين.

٢٢

ڪَڪوِرِي ڪاڪِ وَهي،* راڻا! پانءِ مَ رَتُ،
سوڍا! اِيءَ شَربَتُ، نِسوروئِي نينهن جو.

وائي

ميندرا! مُون کي، راڻا! جِمَ وِساري ڇَڏِيين.
مُون کي طَعنا تُنهنجا، ڏيهُ مِٽروئِي ڏي،
جِمَ وِساري ڇَڏِيين.
راڻي تي[٤] رِيسَ ڪِئِي، ڪَرَ[٥] سين کِلِيُمَ جي[٦]،
جِمَ وِساري ڇَڏِيين.

داستان چوٿون

اختصار: مومل جي راڻي لاءِ انتظاري ۽ بيقراري.

١

شَمَعَ[٧] ٻارِيندي شَبَ[٨]، پِرِهَ ٻاکُون[٩] ڪَڍِيُون،
موٽُ، مَران تِي، ميندرا! راڻا ڪارَڻِ رَبَ،
تنهنجي تاتِ طَلَبَ، ڪانگَ اُڏايمِ[١٠] ڪاڪِ جا.

١ـ اي ڀتار! ٢ـ سڪايل، شڪاري، صياد ٣ـ ڇهڪ، ڇيرَ، عذاب، ايذاءَ * ڪاڪ جي نديءَ ۾ ڳاڙهي رنگ جو پاڻي وهي ٿو. ٤ـ تنهن ڪري ٥ـ خر، گڏهه، رَقيبُ (سومل ڏانهن اشارو آهي) ٦ـ جنهن صورت ۾ ٧ـ ميڻ بتي ٨ـ رات ٩ـ صبح جا ڪرڻا، روشني ١٠ـ انتظار ڪيم.

٢

أڀي أڀاريامِ[١]، نَکَٽَ[٢] سَڀِ نِٽي[٣] وِيا،
هِڪُ مَيو[٤] ٻيو مَينڌِرو، راتِ سَڄِي سارِيامِ،
ڳوڙها ڳَلِ ڳاڙِيامِ، سُورِجَ شاخُون[٥] ڪَڍِيُون.

٣

ڏِيا[٥a] تيلَ قُليلَ[٦] جا، ڀارِيَمِ تائِين ڀانگَ،
ڍولو ڏَٽَ[٧] رَهائِيو، ڪنهن سَٽاٽي[٨] سانگَ[٩]،
چانگي[١٠] چَڙهِي آءُ تُون، لالَ! وَرائي لانگَ،
ڪوڙِيين ڀَتين[١١] ڪانگَ، اُڏايامِ، اَچيج تُون.

٤

وَٽَ سورِيندي[١٢]، وَلها[١٣]، وِيو تيلُ ڀَرِي،
موٽُ، مُسافِرَ سُپرِين! چانگي تي چَڙهِي،
راتي لاءِ رَڙِي، ويٺِي وِهامِي راتڙِي.

٥

ڪَتِيَن[١٤] ڪَرَ موڙِيا*، تيرُو[١٥] اُڀا تيئي،
راتو راتِ نَہ آئِيو، ويلَ ٽَري ويٺِي،
ڪوءِ[١٦] سا ڪاٽِي[١٦a] راتِڙِي! جا پِرِيَنِ ري پيئِي،
مُون کي ڏنءُ ڏِيئِي، وَڃِي ڍولو ڏَٽِ قَراريو[١٧].

١ـ ٻيٺي اڀرندا ڏٺم ٢ـ تارا ٣ـ لڙي، لهي ٤ـ اُٺ ٥ـ ڪرڻا ٥aـ ڏيئا ٦ـ گلن جي (سرهي تيل) ٧ـ ٿر جي وچ وارو واراياسو ڀاڱو ٨ـ زوردار، سخت، خطرناڪ ٩ـ سانگي، اتفاق، سبب ١٠ـ اٺ ١١ـ نمونن ١٢ـ مٺي ڪندي ١٣ـ شاهوڪار! محبوب! ١٤ـ ڪتيون، ثور، (Taurus) تارن جو ميڙ * وچ آسمان کان الهندي طرف لڙيون. ١٥ـ ٽن تارن جو جهڳٽو ١٦ـ ٻن (ڪڏ) ۾ پوي ١٦aـ سڙيل، ايذاءَ ڀري ١٧ـ آرامي ٿيو.

٦

سوڍي ڏاران[١] سَرَتِيُون! پِيو پِتِنِ ۾ پَنگُ،*
اُباڻِجِي اَڄُ وِيو، راڻا! تو رِيءَ رَنگُ،
هينئين سان هاجو ٿِيو، پِيو اوسِيئڙي اَنگُ،**
مون توهِي سين سَنگُ[٢]، پُڇايو پُڇان پَهِي[٣].

٧

توکي مَعلُومُ منهنجو، سوڍا! سَيپِئِي،
آڳاندو[٤] اَرواحَ کي، آهِين اُهوئِي،
وِهَڪَ[٥] مُون ويئِي، پُڇايو، پُڇان پَهِي.

٨

ڏاڻِي[٦] گهڻا اَچَنِ، مَنُ سوڍي وِنگسِيو[٧]،
ڪا جا لائِي ميندري، لالِي کي لِڳَنِ،
راڻو اَکَڙِيَنِ،*** وِسارِيان، نَہ وِسَري.

٩

راڻو ڪا راتِ وِيو، ڳُجهي ڳالِه ڪَري،
سوڍِي رِيءَ، سَرَتِيُون! هَڏِ نَہ ساهَ سَري،
وَڃِي، مانَ وَري! آسائِتِي[٨] آهِيان.

١٠

سوڍِي سُتي لوءِ[٩]، ڪا جا مُون سين ڳالِه ڪِي،
سا جي پَدَرِ پوءِ،° تہ سَرَتِيُون! ڪا نَہ سُمَهِي.

١ـ ڪان سواءِ * گهر جي پِٽين ۾ رخنو پيو آهي (هيڻي حال، بيوس ٿي آهيان). ** انگ (بدن) انتظار ۾ پيو آهي. ٢ـ تو سان سڱ (ناتو، شادي) آهي ٣ـ واڻهڙو، پانڌي ٤ـ ٽيڪ، آڌار، پرجهلو ٥ـ ويهڪ، آرام ٦ـ ڍٽ جا رهاڪو، راڻي جي وطن جا ٧ـ سوگهو ڪيو، ٻڌو *** راڻو اکين اڳيان پيو ڦري ٨ـ اميدوار ٩ـ لوڪ. ° سا جيڪڏهن پڌري ٿي پوي.

۱۱

راڻا تنهنجي راھ تي، ڏِهاڙي[٥] ڏيکان[١]،
راڻي جِيَ رِهاڻِ[٢] جُون، رُوحَ اَندرِ ريکان[٣]،
مَحَبَتَ جُون، ميکان[۴]، توسين لالَ! لِپيتيُون[٥].

۱۲

آءُ، راڻا راحَتَ! ڏاجَ![٦] ڏَرَتيءَ جا ڏِٺي،
سِڪَنِ تيُون سُهاڳِڻيُون، سوڍا! تنهنجي سَٿَ[٧]،
مُون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏِٺي ڪاڪِ جا.

وائي

مَيو تُون موٽاءِ، مُون رُوندي[٨] راتِ وِهاءِ[٩]،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سِپِرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
گهرَ مَهارا[١٠]. گهوريا، سُرَهو[١١] مُون نَہ سُهاءِ[١٢]،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سِپِرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
ڪاڪِئان[١٣] وَڃَڻُ ڪيڏَهِين، راڻا! تو نہ رِهاءِ[١۴]،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سِپِرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.
سَتَمِ ساهيڙِيَنِ جا، طَعنا توهِين لاءِ[۱۴a]،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سِپِرين، لا! مَيو تُون موٽاءِ.

---

٥ ڏهاڙي، روزانو، هر وقت ١ـ ڏسان ٢ـ صحبت، ڪچهري ٣ـ ليڪون، لڪيرون، تندون، تارون ۴ـ ميخون ٥ـ لنبيون، جڪڙيون، جڙيون ٦ـ داڻي، موتي، اَملهہ! ٧ـ جماعت، مجلس ٨ـ روئيندي ٩ـ وِهامي، گذري ١٠ـ مهاريون، مچردانيون، مسهريون، پلنگ، چپر ڪٽون ١١ـ عطر، خوشبوءِ ١٢ـ سونهائي، منهن تي پوي، وڻي ١٣ـ ڪاڪ کان ١۴ـ جڳاءِ. ١۴a ـ تو لاءِ ئي.

سودا! سُکياڻي تِيان، پِيرُ پَرَچي پاءِ،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سُپِرين، لا! مَيو تُون موتاءِ.
آسائِتيءَ کي، عَبدُاللّطِيفُ چئي، مولا! مُحِبُ مِلاءِ،
سائِينءَ ڪارَڻِ، سُپِرين، لا! مَيو تُون موتاءِ.

داستان پنجون

اختصار: شاه جي مومل کي تنبيه ۽ هدايت ۽ مومل جون ڪارون پڪارون.

١

سَگُ ڪَري سين سِينهَن[١]، ڪَنڌَ مَ ڦيرِج ڪيڏهِين،
رَمِج راڻي پُٺِ ۾، نِرتئُون مَنجهان نِينهن؛
ايئن مَ وَسِج عامَ تي، جيئن، مُومَل وَسَنِ مينهن،
سَندي حَشَرَ ڏينهن، سودو سارِينديِنءَ گهڻو.

٢

وَتِيو وَڃِج واٽَ، ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهِين،
لَوڙي ڦيرَ[1a] لَپاٽَ، لَگَنديئي، لَطِيفُ چئي.

٣

ڪَنڌُ مَ ڦيرِج ڪيڏهِين، وَتِيو وَڃِج راهَ،
اَڄُ ڪِ سَنجهه صُباحَ، نيئي ڏَرِينديئي ڏُوڙِ ۾.

١- شينهن. 1a- لوڙ ڦيرائي وجهندڙ، زوردار

۴

جا ڀُون[۱] پيرينِ مُون، سا ڀُون مَٿي سَڄَڻينِ، *
ڏِ گَ[۲] لَڌِيا ڏُورَڙِ ۾، اُپي ڏِٺاسُون،
ڏينهن مِڙيئي ڏُون[۳]، اِتي لوچ لَطِيفُ چي.

۵

لَڏِيو لَطِيفَن[۴]، پَلاڻي پَنڌَ پِيا، * *
هَٿان حَبِيبَن، ڪونہ ڏِکيو ڪڌهين.

٦

راڻو ڀانئيو راندِ، وچِيو ڪيئن وِڙُ[۵] رائِيِين؟[۵a]***
وَرُ وِڏُوڻو[٦] اِيهين[٦a]، جيئن پَرُ[۷] پُڇِتوءِ[۸] پاندِ[۹]،
هَئي! يَڳِيءَ هيڪاندِ[۱۰]، سودو سارِينديِنءَ گهڻو.

۷

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو، اُٺُ اوراهُون[۱۱] آڻِ،
ليڙي جو، لَطِيفُ چي، تَنگُ سَوارو[۱۲] تاڻِ×،
شَرمنديُون سَيِينَ پَرين[۱۳]، پُٺِيءَ لائِجِ پاڻ××،
اَچِي مُشڪَ ماڻِ،××× تہ سودا! سُکِياڻي ٿِيان.

۸

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهوريو، اُٺُ اوراهُون چوڙِ،
توريءَ ڪاڪِ ڪَڙي ٿِڀي[۱۳a]، ساڻُ سِرڪَندُ[۱۴] سوڙهہ°،
اَچِي چَندَنُ چوڙِ[۱۵]، تہ سودا! سُکِياڻي ٿِيان.

۱- زمين * جيڪا زمين منهنجي پيرن هيٺان آهي، سا ڀين دوستن جي مٿان پئي وسي (قبر داخل آهن). ۲- متارا مڙس، جنگ جوان ۳- ۾ ۴- دوستن ** انن تي چڙهي انهيءَ لاءِ راهي ٿيا، جو تو ۾ عيب ڏٺائون، نہ تہ ۵- ڪميڻو، لنگهو (جڙتو راڻو، سومل) ۵a- ماڻين، پسند ڪرين*** راڻي کي مسخري ڪري ليکيو هوءِ، جو جڙتو راڻي کي پسند ٿي ڪيئي. ٦- ڪاوڙيو ٦a- ائين، انهيءَ ڪري ۷- ڌاريون، غير ۸- تو قابو ڪيو (توکي مليو) ۹- دامن، پلاند سان ۱۰- هڪڙائي، هڪڙي سان وفاداري ۱۱- اورتي، ويجهو ۱۲- سويل × هيڏانهن اچڻ جي تياري ڪر. ۱۳- نمونن، طريقن ×× جيڪي سيڪنهن نموني پڇتاءُ ڪري، شرمنديون ٿيون آهن، انهن جي وري رهبري ڪر. ××× ڪاڪ جا واس وٺ. ۱۳a- ٿبي (لاڙي لهجي ۾: ٿَبي)۱۴- چندن O سرڪنڊ (چندن) جي خوشبوءِ مان ويتر ساهہ کي سوڙهہ ٿي ٿيئيم، ساهہ تو گهٽجيم. ۱۵- ماڻ.

٩

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو، پَرَچُ، مَ وانءُ[1] پَرِي،
ماريَسِ ڦٽَ فِراقَ جي، جِهَتَ[2] جي ذَرِي،
لالَنِ جِي، لَطِيف چي، سُونهائِي[3] سَرِي[4]،
آيَس تو ڳَرِي[5] تَہ، سودِا! سُکِياڻِي ٿِيان.

١٠

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو، راڻا! ڇَڏِ رِياءُ[6]،
ميٽِ مَدايُون، موٽُ تُون، ڪَري نِرتِ نِياءُ[7]،
لالَنَ جو، لَطِيفُ چي، ڪونهي سونهن سِياءُ[8]،
اَوَڳُڻَ[9] ڍَڪي آءُ، تَہ سودِا! سُکِياڻِي ٿِيان.

١١

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِيو، ڇَڏِ، راڻا! رِيڏائِي[10]،
منهنجي ميٽِ، ميندرا، عاقِلَ! اَگلائِي[11]،
لِپيٽِج[12]، لَطِيفُ چي، ڪامِلَ! ڪَچائِي،
ڪَرِ مَعافُ مَدائِي، تَہ سودِا! سُکِياڻِي ٿِيان.

١٢

ڪاڪِ ڪَڙهِي، وَڻُ وِيا، جَلِي منهنجي جانِ،
رَکِي ڪامَ[13] ڪِڙڪِيو[14]، ماريَسِ تنهن گُمانَ،
هَڏِ نَہ جِيان[14a] هاڻِ، سِگهو موٽِج سُپِرِين!

١- وڄ ٢- لاڙو، عشق ٣- رهبري ٤- حاصل ٿئي ٥- وٽ، گهر ۾ ٦- مڪر، بي انصافي ٧- انصاف ٨- شريڪ، ثاني ٩- مدايون ١٠- رڏي، ڏنگائي، رُسامو ١١- ميرائي، عيب اڳرائي، گستاخي ١٢- ڍَڪج ١٣- لڪڻ ١٤- کسڪي ويو. ١٤a- جيئان.

۱۳

كاڪِ ڪَڙهِي، وَڻَ وِيا، ٻَـرِيا مَحَلَ ماڳَ،
سوڍِي جي، سَرَتيُون! وِڏِيَسِ وَهه[۱] ويراڳَ[۲]،
سُورَنِ لائِيا سانگَ[۳]، سگهو موٽِجِ سُپِرين!

۱۴

كاڪِ ڪَڙهِي، وَڻَ وِيا، ٻَـرِيا رَنگَ رَتولَ[۴]،
تو پُڄاڻان سُپِرِين، هينئڙي اَچَنِ هَولَ[۵]،
جي مون سين ڪِيَئي قَولَ، سي سِگها پارِجِ، سُپِرِين!

۱۵

كاڪِ ڪَڙهِي، وَڻَ وِيا، لُونو[٦] لُڏاڻو[۷]،
تو پُڄاڻان سُپِرِين! آتَڻُ[۸] اُجهاڻو[۹]،
مُيِنِ[۹a] سين ماڻو، مُناسِبُ نَه مَيندرا!

١٦

حالُ قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُڏاڻو،
فِدا ٿِيءُ[۱۰] فَقِيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻو،
مُيِنِ سين ماڻو، مُناسِبُ نَه مَيندرا!

وائي

ڏُورِ وَڃِيو ڏينهن لائي، ڪا سوڍَلَ کي سَمُجهائي،
جيڏِيُون! منهنجي رائَلَ کي ڪا ٻاجَهه پُئي[۱۱]!

۱- عشق ۲- جدائي، وڇوڙي ۳- سورن طرحين طرحين صورتون اختيار ڪري، مون کي تنگ ڪيو آهي ۴- رتل، ٻاڙها (محل) ۵- هيبت، ڊپ (فڪر) [اصل لفظ حَولَ (ع): صدمو، آفت، ڊَپَ- ڀريا اُڌما] ٦- ڇڳليو، سڙيو ۷- لڏاڻي جي ڪاڪ ڀرسان ٽڪري (مومل جو وطن) ۸- ڪتڻ لاءِ وهڻ جي جاءِ ۹- رونق ڇڏي ويو ۹a- مُئلن ۱۰- فدا ٿيل، گهوريل ۱۱- پوي.

ڇـَنا، مَنهَہ ماڙِيُون، اوڏاهِين اَڏائي،
جيڏِيُون! منهنجي رائِلَ کي ڪا ٻاجَھ پُئي.
ميڙِ مُنجان تِـي،* مِينڌِرا! تو دَرِ تيلاهي[١]،
جيڏِيُون! منهنجي رائِلَ کي ڪا ٻاجَھ پُئي.
مِنتَ منهنجيَ مينڌرو، مانَ مَ موٽائي،
جيڏِيُون! منهنجي رائِلَ کي ڪا ٻاجَھ پُئي.
ڦِٽيَلَ مِينهَن فِراقَ جا، وينـي وَسائي،*
جيڏِيُون! منهنجي رائِلَ کي ڪا ٻاجَھ پُئي.
سوڍا! سِرُ پُٽِ گهورِيان، آءُ ڪَرَهو ڪاڪِ وَرائي،
جيڏِيُون! منهنجي رائِلَ کي ڪا ٻاجَھ پُئي.
لُڌُوڙِٽان، لَطِيفُ چي، شَلَ پيرُ مُٺِيءَ ڏي پائي،
جيڏِيُون! منهنجي رائِلَ کي ڪا ٻاجَھ پُئي.

داستان ڇهون

اختصار: مومل جا ورلاپ.

١

نَہ وارِثُ[٢]، نَہ وَلَهو[٣]، نَہ سَگُ[٤]، نَہ سِياڪو[٥]،
تو پُڇاڻان سُپِرِين، آيُمِ اولاڪو[٦]،
پانڌِيا![٧] پاراپو[٨]، ڏِجان ڏاتِيءَ ڏولَ کي.

* وفد موڪليان ٿي تہ مينڌري کي پرچائي اچن. ١ـ تنهن لاءِ، انهيءَ ڪري. ** هي عشق جي زخميل اکين مان مينهن وانگر ڳوڙها وينـي ڳاڙي. ٢ـ اولاد ٣ـ پـرجهلو ٤ـ ساهراڻي طرف کان مائٽ ٥ـ سڳو مائٽ ٦ـ ٻاهہ جو مچ، غم ٧ـ اي پانڌي يا واٽهڙو ٨ـ نياپو، پيغام.

٢

ڏِجان ڏاڻيءَ ڏولَ کي، سَنيهو ساري،
مون کي ڦَٽُ فِراقَ جو، مَينڌرا! ماري.
اَچين جي واري[١]، ڪَرَهو ڪَميٽِيءَ تي.

٣

ڪَرَهو ڪَميٽِيءَ تي، سوڍا! واڙِ سُڄاڻُ!
ڪَهُ ڪَرِيان ڪاڪ کي، تُنَ توهِين ڏي تاڻُ[٢]،
لاهي غيرَ گُماڻُ[٣]، اَڱڻِ آءُ اَڪَنڊِيين[٤].

٤

اَڱڻِ آءُ اُڪَنڊِيين، پَرچِي پِيارا،
پَلَڪَ پَرانهُون[٥] نَہ سَهَئِين[٦]، جِيءَ جا جيارا،
نِينهان[٧]، نيزارا[٨]، سَچ[٩]، تَہ مان[١٠] سُورُ لَهي.

٥

سَچ تَہ مان سُورُ لَهي، اَڪِيُون پَري پاڄهہ،
راتي جِيَ رِهاڻِ کي، وِيٺِي وِڄهان واڄهہ،
سوڍا! لَهِي ساڄهہ[١١]، پَسُ توشَڪُون[١٢]، تَڪِيا[١٣].

٦

پَسُ توشَڪُون، تَڪِيا سيئِي وِهاڻا،
پَسِيو هَنڌَ[١٤] پَڇِي هِينئُون، جي حَبِيبَنِ- هاڻا،*
هِڪُ ڏُنگا[١٥] ڏاڏاڻا[١٦]، ٻِيو موٽِيو تان نَہ مينڌرو.

١- موٽائي ٢- چِڪ، سڪ ٣- شڪ شبها ۴- سڪندڙن، عاشقن ٥- پري، دور ٦- آئون نٿي سهانءِ ٧- نينهن جا ٨- ڀالا، تير ٩- ڇِٽُ، نشان ڪر ١٠- مون ڪي ١١- وَڄُهہ ونـي ١٢- گاديلا، پٿراڻيون ١٣- وهاڻا ١۴- بسترا * جن کي حبيبن استعمال ڪيو هو. ١٥- دڙڪا، چڙٻون ١٦- ڏاڏاڻن کان.

ڪَري موٽَ مينڌرو، جي لُڏُوڙيان لالُ،
گهرُ مِڙوئِي گهورِيان، هوند پنهنجو حالُ،
راڻي ڏاران راجَ ۾، مُون نَہ گُهرجي مالُ،
سوڍي کي سُوالُ، ڪَريان ٿِي قُربَ جو.

٨

سوڍا! سُورَ سُڪائِيُون، اَکِيُون آبُ نَہ ڪَنِ،
راڻي جي رِهاڻَ کي[1]، وِرُوڙيون[2] وَڃَنِ،
سي ڪيئن مينڌرا! مَڃَنِ[3]، جي تو سُورِيءَ چاڙِهيُون.

٩

لوڏِي[4]، لَکَ اچن، رُوءِ[5] راڻي جي ناهِ ڪو،
هِڪُ اَکِيُون، ٻِيا اَگڙا[6]، پَرِ ۾ تا پَچَنِ،
سي ڪيئن مينڌرا! مَڃَنِ، جي تو سُورِيءَ چاڙِهيُون.

١٠

مُومَلَ ويٺِي مَينڌَرو، سَدائِين ساري،
وَلِيُون واسَ- وَرَنِيُون[7] چانگي کي چاري،
جَڏِهن تَڏهِن[8]، سُپِرين، اِيندُمِ اوتاري[9]،
سوڍي سين ساري، ڳالهيون ڪَنديَس ڳجَھ جون.

١- لاءِ ٢- سڪنديون، سسنديون ٣- ٿلهيون ٿين، ترقي ڪن ٤- شڪاري ٥- منهن، مهانڊي، سُونهن ۾ جِيسُ ٦- انگڙا، انگَ، عضوا ٧- خوشبودار ٨- ڪنهن مهل ٩- منزل، جاءِ.

۱۱

سوڍا تنهنجي سُورَ، اَندرِ آڳِيُون[۱]، لائِيُون،
راڻا! رِهاڻِيَن جا، مارِيِنمِ مَذڪُورَ[۲]،
طَعنا ڏِينمِ تُورَ[۳]، آءُ تہ پَرَچُون پاڻَ ۾.

۱۲

راڻا! - رِهاڻِيُون، سوڍا! وينِـي سارِيان،
سَهَسين سِڄَ اُلٽا، راتِيُون وِهاڻِيُون،
ڪورِڙين مُون ڪاڻِيُون[۳a]، ڍولا! ڏَڪي، آءُ تُون.

۱۳

مُون گهرِ اَڄِي جي تِئِي، مَينڌرو مِهماڻُ،
آئي جهوڪِيان آڳِ ۾، چِيري[۴]، وِجهان ڇاڻُ[۵]،
تاڻِي تَنُورَنِ ۾، پِيري[۶] هَٽان[۷] پاڻُ،
پِيُڪَنِ[۸]، سُودو پاڻُ، گهرُ تَڙَ گهورِيان پِرَ[۹] تان.

۱۴

اَڄَ نہ ڳالهائُونِ[۱۰]، هُونِ ڏِيهاڻِي[۱۰a] نِجُهري[۱۱]، *
پَسو پَهُ پِيونِ، ** آتُّ سُجو اُن[۱۰b] ري!

۱۵

اَڄُ نہ پَسان سِي، آتِڻ ڪِتُمَ جَنِ سين،
هاڻِي تَنِين کِي[۱۲]، ڪَنڌِيءَ ڪاڪِ نِهارِيان.

۱- آڳ، باهيون، ساڙو ۲- يادگيري ۳- هڪ جيڏيون ۳a-(واحد: ڪاڻ) خاميون، غلطيون ۴- باهہ ۵- علم، عقل (خودي) ٦- ڦيري ۷- هٽ، وڏائي، خودي ۸- پيڪن، اباڻي سڱ وارن سمورن مائٽن، ابن ڏاڏن ۹- پرينءَ، محبوب ۱۰- سندن ڳالهاءُ (محبوبن جو ڳالهائڻ) ۱۰a- ڏهاڙي، روزانو، ۱۰b- انهن ۱۱- گهر. * محبوب هر روز مون سان گهر ۾ ويهي رهاڻيون ڪندا هئا، پر اڄ سندس ٻولي نٿي ٻڌان ** ڪنهن خيال ۾ اچي ويا آهن (ڪو ٻور ائن). ۱۲- انهن لاءِ

۱٦

تُون ڏاتِي، ڏَتَ- ڏِنِي، ڏيولا! تنهنجو ڏِتُ،
پائي تُراڙِيءَ[1]، توريان، تَہ ملڪُ نَہ تنهنجو مَتُ،
لاهي ڪَسَرَ[2]، ڪَٽُ، اَچِي ڪوڙِ قَناتون[3]، ڪاڪِ ۾.

۱۷

ڪوڙِ قَناتُون ڪاڪِ ۾، راڻا! وِيهُ رَهِي،
ماڙهو جي محلاتَ جا، سوڍا! ڪِجِ سَهِي،*
وِينديئَي ڳالهِ وَهِي،** وِڪَرِ[4] پُوندين[5] وَلهَا.

وائي

نيئِي نيئِي ڏيجِ، اي اَدا، اَدا، پانڌي،
ساڻِي پِرينءَ سَنيهو.
پيرين وِجهي هَٿَڙا، زارِيُون زورِ ڪَريجِ،
ساڻِي پِرينءَ سَنيهو.
ڪالهِ ڪُوماڻا گُلَڙا، سُڪا مَتِي سيجَ،
ساڻِي پِرينءَ سَنيهو.
تو لئي هَنجُون هاريان، هي جي مَنجهان هيجَ،
ساڻِي پِرينءَ سَنيهو.
جي تو پيرو نَہ ڪِيو، تان مون[6] مُئِي سُڻيجِ،
ساڻِي پِرينءَ سَنيهو.

۱- توراڙي، ترازوءَ، ساهميءَ ۾ ۲- ڪس، زنگ ۳- خيما، تنبو * اي راڻا! ڪاڪ ۾ رهي ڪاڪ جي ماڻهن کان چڱي طرح پڇا ڳاڇا ڪر ته آءٌ ڪنهن سان ستل هيس.
** هڻان ڳالهه نڪري وينديءِ ۴- فڪر، ڳڻتيءَ ۾ ۵- تون پوندين+ اي آڏار نَہ تہ پوءِ توکي پڇتاءُ پوندو ٦- مونکي.

نِماڻِيءَ جي نِجُھري، پيھِي تُون پُڇيج،
ساڻِي پِرِينءَ سَنيھو.
اَھُڪِيءَ، عَبدُاللّطِيفُ چئي، اَچِي آدَرَ ڏيج،
ساڻِي پِرِينءَ سَنيھو.

داستان ستون

اختصار: مومل جو ورلاپ

١

ڏيِنِ مَ وَڃج، ڏولَ! ڪاڻِيارِي[1] ڪاڪِ ڪَري!*
آئُون اَڳھِين[2] آھِيان، ٻَڌي تنھنجي ٻولَ،÷
توکي ساري، سُپِرِين! رُنُم مَنجھ رَتولَ،
تِڪاڻا ۽ تولَ،** وِسَھُ[3] مُون وھُ ٿِيا.

٢

جي ھٿا ڪوڙيا ڪاڪ جا، سُتا سي سونھن،
لُڏوڻيان لطيف چئي، لڏيو لوديئڙن،
سي موتِي مَس اچن، جي آئِڻ آرامِي ٿيا.

٣

لڏُوڻِئان[4]، لَطِيفُ چئي، ڪَنُون ڪَنياڻُون،
ڇَڏي حِيلا هَليا،*** مُومَلَ مارِياڻُون،
ڀيرو ڀَڳاڻُون، آسَڻِ آرامِي ٿِيا.

١ـ ڪاڻ واري، بدنام * بدنام (مومل) کي ڪاڪ ۾ ڇڏي. ٢ـ اڳي ئي، اصل کان ÷ نڪاح ٻڌي زال آھيان ** مڪان ۽ مال متاع. ٣ـ اعتبار ڪر ٤ـ لڏوڻي (ڪاڪ پرسان ٽڪريءَ) کان ٥ـ لڏوڻي جا رهاڪو (محبوب، راڻو) *** منهنجن حيلن (آهن، دانهن) جي پرواه نہ ڪري هليا ويا.

۴

ڀيرو ڀَڃُ مَ، ڪاپَڙِي[١]! لاهي ويهُ مَ لاڳَ[٢]،
تان مُون هينئڙو ماڳَ+، جان تُون، جوڳِي! جُوءِ[٣] ۾.

٥

سوڍِي سِرُ نِيو، هِتِ ڪَرَنگھرُ[۴] سَڪِٽو[٥]،
راڻي جي رِهاڻِ کي، سِڪي ساهُ پِيو،
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِيءَ اَکَڙِيَنِ سين.

٦

سوڍِي منهنجي ساهَ سين، جيڏِيُون! جيئن ڪِيو،*
ڪَڙِي مُون ڪاڪِ تِي، آتَڻُ وِسَرِيو،
پَسان ڪِينَ پِيو، تو رِيءَ اَکَڙِيَنِ سين.

٧

جيڏِيُون! منهنجي جِيءَ سين، راڻي رِڻُ ڪِيو،*
قَلبُ[٦] ڪاڪِ ڪَنڌِيَنِ ۾، پُرزا تِي پِيو،
ٻُجهان[٧]، ٻَهَرِ وِيو، هِينئُون هَنڌِ نَ اَڳِيين.

٨

راڻي رِڻُ ڪِيو، جيڏِيُون! منهنجي جِيءَ سين،
مَنُ ميندَري وَڍِيو، ڌُٻِي[7a] ڌَڙُ پِيو،
ٻُجهان، ٻَهَرِ وِيو، هينئُون هَنڌِ نَ هيڪَڙِي.

١- جوڳين جو قسم (مسافر، محبوب) ٢- لاڳاپو+ منهنجي دل جاءِ آهي ٣- مڪان، جاءِ ۴- هڏن جو پڃرو ٥- خالي، فقط * اهڙي ڪا ويڙن ڪئي، ويل وهايو، قهر ڪيو. ٦- دل ٧- سمجهان، ڀانيان 7a- ڌڪي.

٩

راڻا! نَہ ڄاڻان، ڪيئَن وِڏوڙِيئين[١] وَلَها!
اَڇي ڪاڪ ڪَندِين، ۾، پَرَچِي ڏي پاڻان[٢]،
ميندَرا! ماڻا[٣]، تو رِيءَ ڪَندِيَسِ ڪَنِ سين؟

١٠

رُئان ٿِي، راڻا! هَندَ نِهاريو حُجِرا[۴]،
پيئِي ڪِهَه[٥] ڪَتُنِ تي، ٿِيا پَلَنگَ پُراڻا،
ڏَ رِيائِي[٦] ڏُوڙا ٿِيا[٧]، وَرُ[٨] رِيءَ[٩] وِهاڻا،
جايُون، گُلَ، جَباتَ[١٠]، وَڻَ، تو رِيءَ ڪُوماڻا،
مَيندَرا ماڻا، تو رِيءَ ڪَنديسِ ڪَنِ سين.

١١

مِيان مَيندَرا! موٽُ، بَخشُ ڪَرِ بُڇائِيُون[١١]،
تون گهِٽنِ جو گهوٽُ، مُون وَرُ تُونهِين هيڪڙو.

١٢

جيئَن اِيندِي[١٢] موٽئين[١٣]، مَيندَرا! وَڏِي ڄاڙَ[١۴] ڪِياءِ،
وَرُ نَہ هُئين وَلَها! هوند جَنِّي[١٥] مُون جاڳاءِ،
تَہ سُتِي جِي ساڃاءِ[١٦]، سوڍا! سِڪِهيائِي ٿِئِيَئِي[١٧].

١٣

جَڳُ جِيهِين[١٨] چوءِ، سوڍو تيئَن نَہ سِڪِيو،
راڻو تيئَن نَہ روءِ، ڳوڙهو جيئَن ڳَلِ ڳَڙِي.*

١- ڪاوڙين ٢- (واحد: ڀاڻو) ڏاڻا، منزلون ٣- ناز، انگل ۴- ڪوٺيون ٥- دز، مٽي ٦- رڪيائي ٧- ڏوڙ هاڻا (دز سان لٽيل) ٿيا ٨- مڙس ٩- ڪانسواءِ ١٠- مشڪ، سرهاڻ ١١- ٻچڙايون، مديون ١٢- اچڻ سان ئي ١٣- موٽي وئين ١۴- غفلت، جٽ، ناحق ١٥- جتاءُ ڪري، ترسي ١٦- سماءُ، سڌ، خبر ١٧- ٿيئي ها ١٨- جنهن نموني ۾ * راڻو ٻين ماڻهن وانگر بدڪار زالن کي ڏوراپن ڏيڻ وارو ڪين آهي. هو سور پيو وڃي ۽ عام وانگر لڙڪ نٿو ڳاڙي.

١۴

سَهَسين جِتان[١] سِڪَنِ، تِتان[٢] مُومَلَ موتَنُ لِکيو[٣]،
سِي هونهين[۴] جاڙِ[٥] جِيئَنِ، جي ڪوڙي ڪاغَذِ[٦] آئيُون.

١٥

وينِي نِتُ نِهارِيان، راڻا! تنهنجو راهُ،
موٽائي ماڳَنِ ۾، آڻيندوءِ آللهُ،
سوڍا! تو ٻُرِ[٧] ساهُ، ناتَ راڻا گهڻا راڄَ ۾.

١٦

راڻي سَندو رُوحَ ۾، پَسو! پَڳَهُ[٨] پيومِ،
ٻيڙِيءَ جيئَن ٻَڌي وِيو، سوڍو ساهُ سَندومِ،
وِيهَڻُ وِهُ ٿِيومِ، جاڳِيو ٿِي جَرُ[٩] هارِيان.

١٧

تَنِ باغنِئُون[١٠] بَسِ، جي ڪَندِيءَ ڪاڪِ ڪَڪورِيا،
سوڍي رِيءَ، سَرَتِيُون! ڪاڪِ نَہ اَچي ڪَسِ[١١]،
راڻي پاڻي رَسِ[١٢]، تَنُ ٻيڙِيءَ جيئَن تاڻيو.

١٨

لُونِيَس لُڏاڻي، پَسو! جو پِرِيَن ري،
جيڏِيُون! جيهائِي ڪِئِي، راتِ رُسِي راڻي،
هَلِبو هاڻي، ويرا[١٣]، ڪاڪِ وِهُ ٿِئِي[١٣a].

١ـ جتان ٢ـ تتان ٣ـ قسمت ۾ هو ۴ـ اُهينهين، هرُوڀرُوُ ٥ـ اجايو ٦ـ ڪوڙي نياپي تي (خالي سڏ ڪري) ٧ـ گهر ۾، وٽ، گَليءَ (قبضي ۾، هٿ ۾) ٨ـ نوڙي، ٻيڙِيءَ کي لنگر سان ٻَڌڻ لاءِ رسي ٩ـ پاڻي (ڳوڙها) ١٠ـ باغن کان ١١ـ پسند، وڻندڙ ١٢ـ رسي، نوڙي ١٣ـ ويلا، هڪدم. ١٣a ـ ٿِي.

وائي

كيئن ڪَريان، ڪاڏي وَڃان، مُون کي سوڍو سَجُھه[١] نَہ ڏِي.
راڻو راتِ وِيو، ڪَرَ[٢] تِي ڪُل[٣] مَتِي،
كيئن ڪَرِيان، ڪاڏي وَڃان.
اَچِيو آتَڻَ وارِيُون طَعنا ڏِينِمِ تِي،
كيئن ڪَرِيان، ڪاڏي وَڃان.
پَٽَرِ[٤] وارَ وِڃائِيان، رِيجهي[٥] راڻي کي،
كيئن ڪَرِيان، ڪاڏي وَڃان.
ڪارايان کِيرولِيُون، چارِيان چانگي کي،
كيئن ڪَرِيان، ڪاڏي وَڃان.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، ايندُمِ هوتُ هِتِي،
كيئن ڪَرِيان، ڪاڏي وَڃان.

داستان اٺون

اختصار: مومل جو پڇتاءُ، صبر ۽ شڪر.

١

ڪِين ساڱاهِيُمِ[٦] سُپِرِين، جاڙُون ڪِيُمِ جالَ[٧]،
سوڍا! مون کي ڪالَ[٧a]، موٽِي مُنهن ۾ آئِيُون.*

١- وجھ، فرصت ٢- خبر ٣- سيني ماٿهن ۴- پٽراٿي ٥- خوش ٿي ٦- سمجهيم، هوش ڪيم ٧- گهٽيون، بيشمار ٧a- ڪالھ . * انهن ڪري لوڙهيو اٿم.

٢

ڪِينَ ساڳاهِيُمِ سُپِرِين، جاڙُون ڪِيُمِ جِتِ،
سوڍا! مون ڪي تِتِ، موتِي مُنهن ۾ آئِيُون.

٣

ڪِينَ ساڳاهِيُمِ سُپِرِين، جاڙُون ڪِيُمِ جي،
سوڍا! مون ڪي سِي، موتِي آئِيُون مُنهن ۾.

٤

خامُوشِي[1] خَبَرَ[2] جِي، مُومَلَ تِي مَت، *
صَبر تِيو سُپَتِ[3]، مُنهنجي حَقّ، ميندرا!

٥

سوڍا! صبر تنهنجو، مومَلَ مَتِ تيو،
تو جو ڪالهہ ڪِيو[4]، تنهن مَڏِيُونِ ميِٽِي چڏِيُون.

٦

تو ۾ ٻَڏِيَس تي،** جي مُنهن ۾ مَڏِيُون نہ ڏِٺِين،
ڍولا! جي ڏَڪيَئِي، سي مَتان عيبَ اُپٽِين[5].

٧

جي منهن ۾ مَڏِيُون نہ ڏِٺِين، تو ۾ تي ٻَڏِياس،
سوڍا! اِن سُهاڳَ ڪي، وِيٺِي واجهاياس،
ڍولِي ڏَڪِيياسِ، ڏيِٺِي پاندُ پَناهَ جو.

١ـ صبر ٢ـ خبر تہ آءٌ ڌارئين ماڻهوءَ سان ستي پئي آهيان * مومل انهيءَ مان نصيحت پرائي آهي. ٣ـ چڱو رستو (سبق) ٤ـ ڪيو (صبر) ** تنهنڪري توسان منهنجي دل ٻڌجي ويئي آهي ٥ـ ظاهر ڪرين.

٨

ڏولي ڏَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگھاڙِي،
ڏيئي لِڪَ[١] لاڙِي[٢]، ڪَڪَرُ[٣] ڪِيائِمِ ڪاڪِ جو.

٩

ڏولي ڏَڪِي آهِيان، هُيَس اُگھاڙي اَگَ،
جوڙي[٤] جَڳَ، ڪَڪَرُ ڪِيائِمِ ڪاڪِ جو.

١٠

ڏولي ڏَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگھاڙِي آنءُ،
رَکِي پنهنجو نانءُ،* ڪَڪَرُ ڪِيائِمِ ڪاڪِ جو.

١١

ڪَڪَرُ ڪِيائِمِ ڪاڪِ جو، ڏيئي لاڙِيءَ لِڪَ،
هاٿي مَٿي ڏِکَ[٥]، چڙهِيو ٿِي چاڳَ ڪَريان[٦].

١٢

سوڍا! صَبرُ تنهنجو، مَرَڪُ لَڄايَنِ،
چُپَ[٧] سين جي چَوَنِ، اَدَبُ ڪِجي اُنِ جو.

١٣

سوڍا! صَبرُ تنهنجو، لَڄايَنُ مَرَڪُ،
نَہ ڪُڇَڻَ سين نَڪُ، رِيءَ رُڪَ[٩] راڻي وَڍيو.**

١ـ ذري، ٿوري، لڄَ ٢ـ آڳٽي ٣ـ ڇانو، رحمت، برڪت ۴ـ ٺاهي، ڇونڊي * مون تي پنهنجو نالو نامزد ڪري (شادي ڪري). ٥ـ هارسينگار ڪري ٦ـ نخرا ڪريان ٧ـ صبر ٨ـ ڪاتيءَ يا ترار، جيڪا رڪ مان ٺهيل هوندي آهي. ** راڻي بنا طعني هڻڻ جي مون کي شرمندو ڪري ڇڏيو آهي.

۱۴

سوڍا! صبر تنهنجو، سَيَنِ سيڪارِي،
مُومَلَ جي وارِي[1]، ڪُھُ جاڻان، ڪُھُ ٿِيو.

۱۵

سوڍا! صبر تنهنجو، سيڪاري سَهَسَ،
پُڄِي تِنان پَهَسَ[2]، مون ڪي نَصِيبَ نيئِي جَهليو.

۱٦

سوڍا! صبر تنهنجي، ماڙُهو ڪِي[3] مُومَل،
ڪُپَرِ[4] منجهان ڪَل[5]، پِيَمِ پِرِين! تنهنجي.

۱۷

سوڍا! صبر تنهنجو، مون ڪي نَصِيحَتَ،
ريلا ڪَندِيَسِ رَتَ، مَيندرا! تو مهندان[6].

۱۸

سوڍا! صبر تنهنجو، بي عَقُلَنِ عَقُلُ،
آهي اُنگُ[7] اَمُلُ[8]، ماٺِ تنهنجي مَيندرا!

۱۹

سوڍا! صبر تنهنجو، بي عَقُلَ آٽي بازِ[9]،
سَندي صبر سازِ[10]، توبَهَ ڪارِيَمِ تَڪِڙِي.

۱- ڀيري، دفعي ۲- جلدي، تڪڙو ۳- ماڻهو ڪئي، انسان بنائي، سٺي ڪئي ۴- خراب هلت (عيب، سومل سان سمهڻ) ۵- خبر ٦- اڳيان ۷- چشم پوشي، سور پئڻ ۸- سٺين راه تي آڻي ۱۰- اوزار، وسيلي، ذريعي.

٢٠

سوڍا! شَرمايُون، پَسِيو عَيبَ اَڳِيان،
نَڪَ نرِڄايُون[1]، هُيُونِ منهنجي حَقّ ۾.

٢١

موتـي اِيو مُنهن ۾، سوڍا! شَرَمُ جَنِ،
سي لَڄايُون لُڄَنِ، پَسِيو عَيبَ اَڳِيان.

٢٢

اَڊيُون آتَڻَ واريُون! نرڄا نَڪَ ٿِيا،
وَڍِيا، نان نَہ وِيا، پاٽان موريا[2] مُنهن ۾.

٢٣

موري مُنهن وَڏا ٿِيا، وَڍِيا، تان نَہ وَڃَنِ،
اِڊيُون! اَڻاسِنِ[3]، تَنِ ڪوڄَهنِ کي ڪيئن ڪَريان.

٢٤

جَنِين سَندي مُنهن ۾، نِهائِيُون[4] نَڪَنِ،
تِنان وَڍِيو هيڪَڙو، تَہ ڪِهَڙو ٿوروه تَنِ،
سي مَرُ سُڃا ئِي سُونهنِ، جَنِ پَلِي پينگَ پَرَمَ جِي.

وائي

آءٌ راڻا! رَهُ راتِ، تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چارِيان،
راتِيان ڏِيهان رُوحَ ۾، تَنَ تُونهِين جِي[6] تاتِ،
تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چارِيان.

١- شرم حياءُ وڃائڻ(واحد: نڪ نرڄائي: نڪ جي پڪائي، بيشرمائي. ٢- اُپرن، گوش ڪڍين ٣- اڻاسا- اَ+ناسا= ناسَ پِتي بنا، بيشرمَ ۴- (واحد، نهائين) گهٽا ٥- ڪهڙي ڪمي يا پرواه؟ ٦- تنهنجي.

ويٺِي نِتُ نِهاريان، اَچين جي پِريَاتِ،
تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چارِيان.
مُون کي آهي، مَينڌرا! وائِي تنهنجِي واتِ،
تنهنجي چانگلَ کي چَندَنُ چارِيان.
اَڍيون! عَبدُاللطيف چئي، ڏاتَرُ ڏِيندُم ڏاتِ،
تنهنجِي چانگلَ کي چندَنُ چاريان.

داستان نائون

اختصار: راڻي وٽان دلداريءَ ۽ دلاسي جو نئون نياپو.

١

راڻي جِي رِهاڻِ[١] مان، ڪو آديسِي[٢] آيو،
چوڏِهينءَ ماهه چَندَ جيئن، ڪِيو سامِيءَ سُهائو[٣]،
لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ[٤] سان.

٢

راڻي جِي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي،
ڪَٿُورِيءَ خُوشبُوءِ سين، وِلاتَ[4a] سَڀِ واسِي،
سُوڌو سَناسِي، اُتاهِين[٥] ٿِي آئِيو.

١ـ مجلس ٢ـ جوڳي فقير (قاصد) ٣ـ روشني ٤ـ (روحاني) روشني 4a ـ ولايت، ڏيهه پرڏيهه، چوڏِس ٥ـ انهي هنڌان (مرشد يا روحاني محبوب جي دربار مان).

٣

راڻي ريبارو[1]، تو ڏانهن[2] مُڪو تَڪَڙو،
لُڌُوڻِيان، لَطِيفُ چئي، ماڻِج موچارو،
صُبُحِ سَوارو، ڪاڪِ گِهڙَندو ڪَرَهو.

٤

راڻو رَبُ راضِي ڪَري، مانَ وَرائي واڳَ،
چَندَنَ سين چِڪَ ڪَري، مُومَلَ لِنبي ماڳَ،
سوڍي جي سُهاڳَ، ڏَٺُ مِڙوئي ڏَڪِيو.

٥

نَئُون نِياپو آئِيو، راڻي مُلا[3] راتِ،
لَڌِيسُون، لَطِيفُ چئي، ڪَنان[4] ڏاتَرَ ڏاتِ،
ڪِهَڙي پُڇِين ذاتِ، جي آئِيا، سي اَگِهيا.

٦

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو[5]، ڇَوَڏِس ڇِتاڻو[6]،
منجَهِين[7] ڪاڪِ[8] ڪَڪورِي، منجَهِين لُڌاڻو[9]،
راڻو ۽ راڻو، رِيءَ راڻي ٻيو ناهِ ڪو. *

٧

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو، ڇِتاڻو ڇَوَڏارَ،
منجَهِين ڪاڪِ ڪَڪورِي، منجَهِين باغَ بَهارَ،
ڪانهي ٻِي تنوارَ[10]، ٿِيو مِڙوئي ميندرو.

١ـ اوٺي، جيڪي پيغام ڪڻي وڃڻ سان پيٽ قوت پيدا ڪندا آهن. (قاصد) ٢ ڏانهن ٣ـ وٺان ٤ـ ڪان، وٽان ٥ـ اٺ (جسم) ٦ـ روشنائي ٧ـ اندر ۾ ٨ـ طلسم وارو محلات (هيءَ دنيا) ٩ـ ڪاڪ پرسان تڪري (هوءَ دنيا) * سڀ ۾ راڻو (الله) وسي ٿو.
١٠ـ تنوار، ڳالهہ، ذڪر.

وائي

ڪِي جو ڪاڪِ تَڙاءُ چانگي چَرَهو[١] چَڪِيو.
ڪَرَهو سَرَهو ڏيهَ ۾، نَ تنهن ڏِپُ نہ ڏاءُ،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.
پاهـ[٢] پِرائي آئِيو، لالِي لُڏُوڙِياءُ،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.
ڪَرَهي ڪانيتا[٣] رَتا[٤] نائي[٥] ناڪيلاءُ[٦]،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.
وَڳُ[٧] واسِيائِين[٨] پانهنجو، سَڀَ ٿِي سُراهِٽاءُ[٩]،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.
تُون ڏاتِي، ڏِتَ ـ ڏَتِي، تُون راڻو، تُون راءُ،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.
مُومَلَ مَحتاجِيُون ڪَري، عاجِزِيُون اَڳِياءُ[١٠]،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.
آءُ تون، عَبدُاللّطِيفُ چئي، موتِي هِنَ مَحلاءُ[١١]،
چانگي چَرَهو چَڪِيو.

١ـ چارو، گاه ٢ـ پاڻي، رس، رونق، مک، طاقت ٣ـ نيش، ڏند ٤ـ ڳاڙها ڪيا ٥ـ نمي ٦ـ وڻ جو نالو ٧ـ گروه، ٽولو ٨ـ خوشبودار ڪيائين ٩ـ سڀني سرهاڻين سان، هر نموني جي خوشبوءِ سان ١٠ـ اڳيان، مهندان ١١ـ محل يا ماڳ تي.

سُرُ مارئي

سر بابت:

مارئي ڪنهن ٻه هندستاني راڳڻيءَ جو نالو ڪينهي. رسالي کي ترتيب ڏيندڙن شاه جي فقيرن، هن سر تي، مضمون مطابق نالو رکيو ٿو ڏسجي.

هن سر ۾ پڙهيون عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون اختيار ڪيون ويون آهن. ابيات متفرق مان هڪ بيت اوپنو سمجهي ترڪ ڪيو ويو آهي؛ ڇاڪاڻ جو ان ۾ سنڌ جي ميرن جو احوال ڏنل آهي ۽ اسان کي خبر آهي ته شاه ميرن جي صاحبيءَ کان اڳ فوت ٿي ويو هو.

داستانن جي ورهاست ۽ ترتيب پڻ، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري قائم رکي ويئي آهي. جيتوڻيڪ 'ابيات متفرق' ۾ قافيه کان سواءِ ٻي ڪا شاعراڻي خوبي نه آهي، تنهن هوندي به اهي قائم رکيا ويا آهن، ته متان ڪي عتاب ڪن.

آکاڻي:

هن سر جو مضمون عمر مارئيءَ جي آکاڻيءَ تي آهي، جا مختصر طور هيٺ ڏجي ٿي:

چوڏهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾، عمر سومرو، عمر ڪوٽ ۾ حڪومت ڪندو هو. ڪيس رعيت جي لڄن ۾ هٿ وجهڻ جي بڇڙي علت هوندي هئي.

ٿر ملڪ جي ملير ڳوٺ ۾ 'مارئيءَ' نالي هڪڙي حسين نينگر رهندي هئي، جنهن جي ماءُ جونالو ماڏوئي ۽ پيءُ جو نالو پالڻي هو. ويچارا مسڪين مارو ماڻهو هئا، جي ڍڳ ڍورين ۽ جهڻ مکڻ تي گذران ڪندا هئا. وٽن هڪ همراه هاري هوندو هو، جنهن جو نالو ڦوڳ هوندو هو. ڦوڳ مارئيءَ جو سڱ گهريو، پر پالڻيءَ پنهنجي نياڻيءَ جو ناتو کيت سين نالي هڪ ماروءَ سان ڪري ڇڏيو ۽ ڦوڳ کي ڇنبي ڇڏيائين. ڦوڳ کي ڏاڍي منيان لڳي، سو عمر ڪوٽ ۾ وڃي، عمر اڏو سنگهار جي سونهن جي صفت ڪيائين. عمر احوال ٻڌي، ويس بدلائي ۽ وهٽ پلاڻي؛ ڦوڳ سان ملير ڏانهن رخ رکيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ هو پنيرڪي جوءِ ملير کي اچي ويجها پيا.

ٿر ۾ پاڻيءَ جي قلت آهي ۽ کوه اونها ٿيندا آهن، جن مان پاڻي ڪڍڻ ۾ وقت لڳندو آهي، تنهن ڪري ٿر جائيون اسر جو اُٿي، کوه تي پاڻي ڀرڻ ويندريون آهن. مارئي به ائين ڪندي هئي. قضا سان اچ ندوري ننڍ ڪٽي ويس، جنهن ڪري دير سان کوه تي پهتي. ٻيون گهڻيون پاڻي ڀري ويون هيون، باقي سندس هڪ ساهڙي وڃي بچي هئي.

عمر ۾ ڦوڳ، واتھڙو ٿي اچي اتان لنگھيا. ڦوڳ عمر کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني، ته مارئي اها اٿيئي. اهڙو لاثاني حسن پسي، عمر کي نيڻهن جا نوان نشا چڙهي ويا- پوءِ اُٺ هشائي، پاڻي پيئڻ جي بهاني، مارئيءَ کان پاڻي ڏيڪ گھرايائين. جيئن مارئي پاڻي آڇيس، تيئن ٻانهن کان ورتي، ڪٺي مارئيءَ کي زوريءَ اُٺ تي وهارايائين ۽ تکڙو ڪاهيندو اچي عمر ڪوٽ پهتو.

عمر ڪوٽ اچڻ سان مارئيءَ کي ڪٺي محلات ۾ قابول ڪيائين، پر مارئي جو اهوئي روح راڙو پي پيو. جيئن عمر دم دلاسا ٿي ڏنس، تيئن مارئي ماندي ٿيندي ٿي ويئي. عمر آسرا ڏنس ته، پٽ راڻي بنائيندوسانءِ، پر هوءَ پنهنجا پکا ۽ پنهوار ياد ڪريو ويتر ويئي هنجون هاريندي. عمر روز رات جو وٽس ويندو هو، پر مارئيءَ پکن جي پريت ماڙين سانُ مور نہ مڃي. هڪ پاسي عمر جون آزيون ته ٻئي پاسي ماروئڙن جي بيپرواهي، سو پئي ويچاريءَ سور سٺا. وري ويتر ڪاڏي ڪاٺڻ کان بہ نابري واري ويٺي؛ سو اچي مرٽينگ حالت کي پهتي.

ستيءَ جو سيل ڏسي، عمر جي دل پيچي پئي ۽ مارن ڏانهن نياپو مڪائين، ته اچي امانت وٺي وڃو. سنيهو سڻي مارن مارئيءَ سان اچي ملاقات ڪئي ۽ کيس سنيرائي، عمر کان سوکڙيون پاکڙيون وٺي، ساٿيھ ڏي سٽيندا، وڃي سک سانت ۾ وقت گذارڻ لڳا.

روحاني راز:

هن سر ۾ شاه پڻ هڪ وڏي تمثيل رٿي آهي. مارئيءَ کي روح سان، عمر کي نفس سان، ملير کي وحدانيت جي واديءَ سان، عمر ڪوٽ کي هن دورنگي دنيا سان، مشابهت ڏئي شاه سالڪ کي روحن جي اصليت ۽ انجام جو سارو قصو سڻايو آهي. جيئن مارئي، ملير لاءِ بيقرار هئي، تيئن روح وري عالم ارواح ڏانهن تانگهي ۽ تاتي ٿو. حقيقت ۾ هي سارو، سر، ڪل شيءِ يرجع اِليٰ أصله (سڀڪا شي پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي) جو تفسير آهي.

جڏهن اجا سارو عالم عدم جي اوڙاهه ۾ غرق هو، تڏهن رب رحيم پنهنجي ذات ۽ صفات، جي مخفي خزاني ۽ لڪل جلوي کي، نمايان ڪرڻ جي خواهش ڪئي. "ڪن" چئي ڪائنات جوڙيائين. انسانن جا روح خلقي، ميثاق منجھ ڪائن "قالو- بليٰ" جو واعدو وٺي، کين عالم ارواح ۾ رکيائين. ارواح اتي آزاد ۽ البيلا هئا. هڪ ٻئي سان انهيءَ وحدت جي واديءَ ۾ ائين رهاڻيون ڪندا هئا، جيئن مارئي ملير ۾ سرتين ساڻ، روح رچنديون ڪندي هئي. اتي روح الله جي عبادت، يعني محبوب جي محبت ۾ ائين مستغرق هوندا هئا، جيئن مارئي، ملير ۾ کيت سين جي خدمت ۾ مشغول هوندي هئي.

آخر، الله ارواحن کي، "اهبطوا" (هيٺ لهو) جو امر ڪيو- روح، جسماني جامو پهري، عرش تان لهي اچي فرش تي پيا. مارئي بہ امتحان ڏيڻ لاءِ، ملير مان منتقل ٿي عمر ڪوٽ ۾ آئي. عمر ڪوٽ مان ماراد آهي، "هي جهان" ۽ ۽ ڪوٽ ۾ جيڪي محل ۽

ماڙيون، پلنگ ۽ پٿراٽيون، پوش ۽ پوشاڪون، ۽ ٻيا انيڪ اسباب موجود هئا- تن مان مراد آهي، "دنيوي اسباب ۽ هن جهان جا جنسار"، جن کان جملي سالم سالڪن جا روح بيزار ۽ پڇندڙ آهن. جيئن مارئي محلن ۾ ماندي هوندي هئي، تيئن سمجهدار سالڪن جا روح بہ هن دنيا جي پڃري اندر قيد آهن ۽ جنهن وقت اهو قضا جو قفس پڇندو، تنهن وقت، پنهنجي اصلي آکيري ڏي اڏامي ويندا. مارئي ملير مان نہ فقط ڪوٽ ۾ اچي قابو ٿي هئي، پر عمر جهڙي عياش جي ڦنديءَ ۾ پڻ ڦاٿي هئي. روح بہ، نہ فقط دنيا جي بنديخاني ۾ بند ٿيا، پر نجس نفس جي آور ۾ پڻ اچي ويا. ڪيترا مجازي مزن ۾ مبتلا ٿي وطن وساري ويٺا. ڪيترا دنيا جي نجاست تي مفتون ٿي، ڪتن وانگر هڏن پٺيان هلڻ لڳا، پر اصيل انسانن کي، هن قيدخاني ۾ قرار نہ ايندو. جيئن مارئيءَ جو من، ماڳ لاءِ ماندو هو، تيئن هنن جو روح بہ، اصلي آکيري ڏي تاتيندو ۽ تانگهيندو رهندو هو.

حديث ۾ آيل آهي، "اَلدُّنيا جِيفَةٌ طَالِبُهَا كِلَابٌ"، يعني، 'دنيا ڍونڍ آهي ۽ انجا طالب ڪتا'. انهيءَ آيت جو تفسير، وري شاهہ، سر معذوريءَ ۾ ڪيو آهي. ٻي هنڌ حديث ۾ فرمايل آهي، تہ "اَلدُّنيا سِجنُ لِلمُؤمِنِينَ وَ جَنَّةُ لِلكافِرِينَ"، يعني 'هيءَ دنيا، مومنن لاءِ قيد آهي ۽ ڪافرن لاءِ بهشت'. جيئن مارئي جو قالب ڪوٽ ۾ قيد هو، پر قلب ملير ڏي مائل هو؛ تيئن سالڪن جو بت، بنديخاني ۾ آهي، پر لاڙو لامڪان ڏي اٿن. حق جي حب ۾ 'آرتو آب' اکين مان پيا اوتين. ٻئي پاسي پليت نفس، عمر وانگي ڏٺيءَ کان ڏتاري ڏار ڪرڻ جي ڏن ۾ لڳو پيو آهي. ڪين ڪٿين لقما ۽ لالچون آڇي ٿو، دڙڪا ۽ دڪميون ڏئي ٿو، پر هو مارئيءَ وانگر ثابت قدم رهي، نڪي ٿا ساٿيهہ جي سار ڇڏين ۽ نڪي ٿا مٺي منٺار کان منهن موڙين. اهي صالح، سدائين نانگي نپٽي نفس سان جنگ جوٽيندا پيا اچن.

شاهہ عموماً سيني سرن ۾، نفس سان جنگ جوٽڻ ۽ ڪيس ماري مات ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. هيءَ هدايت، هر ڪنهن سالڪ کي، مرشد وٽان ملندي آهي ۽ هو انهيءَ امر تي عمل ڪرڻ سان، اونداهي مان نڪري اوجالي ۾ ايندو آهي. هن سر ۾، شاهہ ڄاڻايو آهي تہ، نفس اٿين آخر نااميد ٿي، سالڪ جي پڇر ڦٽي ڪري ٿو، جيئن عمر، آخر مارئي جو ست ۽ سچائي ڏسي، هن کان پڇي پاسو ڪيو. جيئن ملير مان مارئيءَ لاءِ مائٽ مٽ ملاقات لاءِ آيا، تيئن عالم ارواح مان، مقبول ٻانهي لاءِ، خدا تعاليٰ ڪونہ ڪو هادي موڪلي ٿو، جو ڪيس هن بي بقا مجازي محل مان، ماڳ ڏي موٽڻ ۾ مدد ڪري ٿو. شيخ جاميءَ هن دنيا جي فاني جنسار تي ٻارن وانگر موهجي وڃڻ کان منع ڪندي 'يوسف زليخا' جي منڍ ۾ فرمائي ٿو:

"دلا تاڪي درين ڪاخ مجازي،
ڪني مانندِ طفلان خاڪبازي

توئي آن دست پرور مرغ گستاخ،
ڪہ بودت آشيان بيرون ازين ڪاخ،
چرا زان آشيان بيگانہ گشتي؟
چو دونان چغد اين ويرانہ گشتي؟
بيفشان بال و پر ز آميزشِ خاڪ،
بپر تا ڪنگر - ايوانِ افلاڪ."

يعني: "اي روح! تون مجازي محلات ۾ ڪيترو وقت ٻارن وانگي مٽيءَ سان پيو راند ڪندين؟ تون اُهو دادلو ۽ ڪوڏ سان نپايل پکي آهين، جنهن جو اصلوڪو آکيرو، هن فاني محلات کان ٻاهر هو. چو انهيءَ آکيري کي ڇڏي، ويڳاڻو ٿيو، ڇېري وانگر هن دنيا جي ويراني ۾ پيو پٽڪين؟ هن دنيا جي دز پنهنجن پرن تان ڇنڊي، پرواز ڪري، وڃي عرش جي ڪنگرين مٿان ويهہ."

سُر مارُئي

داستان پهريون

۱

"اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ[۱]،" جَڏِهن ڪَنِ پِيومِ،
"قَالوابَلي[۲]" قَلبَ سين، تَڏِهن تِتِ[۳] چَيومِ،
تِهِين وير ڪِيومِ، وَچَنُ[۴] ويڙهِيچَنِ سين.

۲

جَڏِهن "ڪُنْ فَيَڪُوْن[۵]،" مَنُ تَڏهانڪُون[۶] مارُئِين،
تُون ڪيئَن وِجهين تَنَ[۷] ڪي، سُومَرا! شَڪُون[۸]،
هَمِيرَن[۹] هَڪُون[۱۰]، جاڙَ[۱۱] جُسي ڪي پاتِيُون.

۳

چَئِي "ڪُنْ فَيَڪُوْنُ" جَڏِهن، خَلِقيا رُوحَ خُداءِ،
گَڏُ جِتِ گُذرانُ هُئو، جَڙَ[۱۲] لَڳِي تنهن جاءِ[۱۳]،
مُون تونهِين سين[۱۴] آهِ، اُها ساڃاءِ[۱۵]، سُپِرِين![۱۶]

۱- ڇا، نہ آهيان مان اوهان جو رب؟ (ق-ش، ۷، ۱۷۲) ۲- "جواب ڏنو: "هائو" ۳- اُتي (عالم ارواح ۾) ۴- وعده ۵- (جڏهين خدا تعاليٰ ڪنهن ڳالھ جو ارادو ڪري ٿو، تڏهن فقط چوي ٿو تہ) "ٿيءُ ۽ پوءِ اهـا ٿي پوي" ٦- تنهن وقت کان وٺي ۷- بدن ۸- ڪليون، بند ۹- اميرن ۱۰- بند، ۱۱- زنجير ۱۲- اجايو، بي فائده ۱۳- انهيءَ جاءِ (عالم ارواح) ۱۴- تو سان ٿي ۱۵- ڏيٺ، سڃاڻپ ۱٦- اي محبوب! (ڪيت ڏانهن اشارو آهي).

۴

"فَيَڪُوْنُ"[1] فِدا ڪري[2]، ڪَهِيائِين[3] سين "ڪُنْ"[4]،
تَعظِيماً[5] تَمامُ ڪَرِي[6]، پوءِ پَٽرِيائِين[7] پُون[8]،
مارُو ٿِئائِين مون[9]، پِينرُ! پاڳي آئِيو.

۵

نَہ ڪا "ڪُنْ فَيَڪُوْنُ" هُئِي، نَہ ڪا هُونگَ نَہ هُون،*
سَڄَڻُ اُنهِين ساعَتَ ۾، پِيتي[10] ڏِنوسُون،
مُون تَنَ تَڏهانڪُون، مِلِي مُلاقاتَ ڪِي.

٦

نَہ ڪا "ڪُنْ فَيَڪُوْنُ" هُئِي، نَہ ڪو لِڱُ، لَحَمُ[11]،
بَنِيو هو نہ بُتَ ۾، اَڃا ڪِي آدَمُ،
مُون توهِين سين سَڱُ، اُها ساڃاءِ سُپِرين!

۷

نَہ ڪا "ڪُنْ فَيَڪُوْنُ" هُئِي، نَہ ڪا مُورَتَ ماهُ[12]،
نَہ ڪا سُدِ ثَوابَ جِي، نَہ ڪو غَرضُ گُناهَ،**
هيڪائِي هيڪُ هُئِي، وَحدانِيتَ واهَ[13]،
لَکِيائِين[14]، لَطِيفَ چي، اَتِ ڳُجهاندَرَ[15] ڳاهَ[16]،
آڪِين ۾ اَرواحَ، اُها ساڃاءِ سُپِرين!

١- پوءِ ٿيندو ٢- قربان ڪري، خيال لاهي ٣- چيائين ۴- "ٿيءُ پؤ" ٥- عزت يا آدرڀاءُ لاءِ ٦- (آسمان وغيره) جوڙي راس ڪري ٧- پکيڙيائين ٨- زمين ٩- مون* اجا جڪي خدا تعاليٰ جهان جي خلقڻ جو ارادو ڪيو هو، نڪي دنيا جو هل هلاچو وجود ۾ آيو هو ١٠- پاڪر پائي گڏجي، رهاڻ ڪري ١١- گوشت، ماسُ ١٢- چنڊ ** اجا ماڻهو پيدا ڪونہ ٿيا هئا جو ثواب يا گناهہ ڪن. ١٣- واهہ جي! خاصي، رڳي، فقط ١۴- معلوم ڪيائين ١٥- لڪل مخفي ١٦- اشارو، پرولي.

٨

قِسمَتَ قَيدُ قَوِي،* ناتَہ ڪيرَ ٻچي هِنَ ڪوٺَ ۾،
آٿي لِکِئِي لوحَ جي،** هِنڌُ ڏيکارِيمِ هِيءُ،
پَرچِي ڪِينَ پَنهوارَ[١] رِيءَ، جانِ، جُسو ۽ جِيءُ،
راڄا! راضي ٿِيءُ، تہ مارُنِ مِلي مارُئِي.

٩

قِسمَتَ قَيدِ ڪِياسِ، ناتَ ڪيرَ اچي هِنَ ڪوٺَ ۾،
"وَ نَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ[٢]"،
وَطنِ آن[٣] وِيندِياسِ،
مارُنِ کي مِلَندِياسِ، ڪوٺِيُون[٤] ڇَڏي ڪَڏهِين.

١٠

"قَيۡدُ الۡمَاءِ[٥]" ٿِيومِ***، هِتِ اَڙانگي[٦] گهارِيان،
"هِنَاڪَ جِسمِي وَالفُوَادُ لَدَ يڪُمۡ[٧]"، هِينئون هُتِ سَندومِ،
قادِرُ شالَ ڪَندومِ، ميڙائو سين مارُئين!

١١

"قَيۡدُ الۡمَآءِ" ڪَهَنِ[٧a] جو، سو مُون پاندِ پِيو[٨]،
جَفَّ الۡقَلَمُ بِمَا هُوَ ڪَائِنٌ[٩]، وَهِي قَلَمُ وِيو÷،
اِيُ قَضا ڪَمُ ڪِيو، جيئن ٿَر مارُو، آن مارُئين.

---

* قسمت هڪ باري بند آهي. ** قسمت ۾ لکيل هئڻ. ١ـ بحڪرار ٢ـ اسين (خدا) هن (انسان) کي کنڌ ۾ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون. (ق-ش ٥٠، ١٦) ٣ـ آئون ٤ـ ڪمرا، بنديخانا ٥ـ قيد الماءَ اشدُّ من الحديد (داڻي پاڻيءَ جو قيد لوهي ڪوٺ کان بہ وڌيڪ سخت آهي. عربي چوڻي)*** داڻو پاڻي لکيل- اٿم نصيب ۾ هت رهڻ آهي. ٦ـ اڻانگي، ڏکئي حال ۾ ٧ـ منهنجو بدن هت آهي ۽ دل اوهان وٽ آهي (عربي چوڻي)٧a- چون، سڏين ٨ـ حاصل ٿيو اٿم ٩ـ جيڪي ٿيو هو، سو لکي، قلم سڪي ويو (حديث) ÷ خدا وارو تقدير جو قلم لکي وڃي پار پيو (جيڪي ٿيڻو هو، سو ٿي ويو).

جِهَڙو "قَيۡدُ الۡمَآءِ"، تَهڙو بَندُ نہ ڪو ٻيو،
"جَفَّ الۡقَلَمُ بِمَا هُوَ ڪَائِنٌ" لهي نَہ تِرُ[1] تياءِ[2]،
عُمَرَ! تو هَتاءِ، اَجائي[3] ٿِئي اَجِڙين[4].

١٣

رِيءَ اِعرابِينِ[5] هِتَ، گهنگهرُ[6] گهارَڻُ مُون ٿِيو،
"بَڪَتِ الۡعَيۡنانِ فِيۡ هَوَاڪَ دماً"[7]، پُڄان[8] سانُ پِرِتِ،
مَنُ، اَڪِيُون، تَنُ تِتِ، جِتِي جَنَبُ[9] جيڏِيِين.

١۴

هِي هندَ، ٻيٺيُون هانِ، ساڙيان سَبِ ڏيهِيَنِ ري،
"كُلُّ شَيۡءٍ يَرۡجِعُ اِلىٰ اَصِلِه"[10]، ٿِي جِهجان[11] جهانگِيَنِ ڪانِ،
ٻرِي[12] پنهنجي ياڻِ، پَسان مُلڪُ مَلِيرَ جو.

وائي

منهنجو هينئڙو سَنگهارَن ساڙي،

هوءِ جي ويجها رَهَنِ وَس[13] ڪي.

آءُ هَمِيرَ![14] ڀَڃُ زَنجيرَ، هيڻَن[15] نہ سَگهان گهارِي،

هوءِ جي ويجها رَهَنِ وَسَ ڪي.

قَلبُ مُنهنجو ڪوٺَ ۾، گهايَلُ ٿو گهارِي،

هوءِ جي ويجها رَهَنِ وَس ڪي.

١ـ تر جيترو، ٿورو ٢ـ تنهن مان ٣ـ آزادي ۴ـ ڏنار، ٻڪرار ٥ـ بريٺ ۾ رهندڙ عربن، جهانگين ٦ـ حيران، پريشان ٧ـ "تنهنجي عشق ۾ (منهنجن) ٻنهي اکين رت رنو." (عربي شعر) ٨ـ مارن کي پهچان ٩ـ جنم، ڄم، حياتي ١٠ـ سيڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏي موٽي ٿي (عربي چوٽي) ١١ـ ڳران ١٢ـ ڦري، موٽي ١٣ـ جتي مينهن پوڻ ڪري ساوڪ هجي ١۴ـ امير (عمر) ١٥ـ هيڻن، هن حال ۾.

اِلاهِي عنايَتَ سين، شالَ، کِينءَ[1] مَران کِينڪاري[2]،
هوءِ جي ويجها رَهَنِ وَس ڪي.
وَجان شالَ وَطَنَ ڏي، پَرِ پِڇاڻي[3] پاري،*
هوءِ جي ويجها رَهَنِ وَس ڪي.
مَران شالَ مَليرَ ۾، گولَنِ[4] سِپانُ گُذاري،
هوءِ جي ويجها رَهَنِ وَس ڪي.

داستان ٻيو

١

نَہ ڪو ايرُ[5]، نَہ ٻيرُ[6]، نَہ ڪو اوتِي آئيو،
مُون وَٽِ آيو ڪونَہ ڪو، ٻاٽُرئان[7] ٻَري پيرُ،
ڪِتابَتُون[8] ڪيرُ، آڻي ڏيندُمِ اُنِ جُون.

٢

نَہ خَبَرَ، نَہ خوابُ، نَہ ڪو اوتِي آئيو،
هُتي جو هِتِ ڪِهِين، ڏِنو ڪونَہ جَوابُ،
هَمِيرَنَ حِسابُ، ڪُھ چاڻان، ڪيئَن ٿِيو.**

٣

اوتِي! ٻُوتِي[9] آئِين، ڪو هُتي جو هِتِ هيرُ[10]،
تَہ ڪِنا جي ڪوٽَنِ جا، ٿِيَنِ سُرَها سِيرُ[11]،
آءُ تَہ اَکِين اُگهان، جي پاٽُرَ[12] ڏَنِي پيرُ،
اَللهَ لَگِ، لَطِيفُ چئي، لاءِ مَ تُون اَويرَ،
ڪوتِيين گهاري ڪيرَ، مَحَلين مُنجهي مُون هِينئُون.

---

١ خوشي مان ٢- ڪيڪاري، خوش خير عافيت ڪري ٣- پيءُ جي، اباڻي * اباڻي ريت رسم نباهي (ستر قائم رکي). ٤- گولاڙن (ول جو قسم) ٥- چاري، خبر چار آڻيندڙ ٦- واتهڙو، مسافر ٧- ياڻرن مان ٨- خط، نياپو. ** اميرن (عمر) منهنجي لاءِ اَلائجي ڪهڙي ڳالھ رٿي آهي. ٩- ٻولائي، ٻوٽ جو ١٠- هينئر ١١- رستا، گس ١٢- ٽر جو ڏڪڻ وارو ياڱو.

۴

اَلا! اوٺي آٿِيين، جي نياپا نِينِ،
آئُون اُنين[۱] جي آهِيان، توٽي مُون نہ مَڃِينِ،
مَسُ منهنجي هَٿَ ۾، ڪاغَذُ ڪِي آٿِينِ،
لُڙِڪَ نہ لکَڻُ ڏِينِ، ڪِريو پُونِ قَلَمَ تي.

٥

جي اَمُرُ[۲] هَٿِيو اَڏَ ڪَري، سي ڪاغَذُ لِکان ڪيئَن،
واڳِيُون[۳] جي وصالَ سين، تَنِين چاڙهي چِيئَن[۴]!
رُئان راتو ڏينهن، جيئَن اُنِ جي وائِيءَ ۾ وَرَ گهٽا.*

٦

تَنِ وَهِيَن[٥] ويڙِيچَنِ ڪي، رُئين نہ راتو ڏينهن،
ڪالهہ پَهنوارَنِ لَڏِيو، مُون ڪي چاڙهي چِيئَن،
آئُون جيئنديِ ڪيئَن، جُهہ اُنِ تَرِ[٦] وَڃِي ٺاٺا[۷] ڪِيا.

۷

تَرِ تَرِ اَندَرِ ٺاڪ[۸]، عُمَرَ! مارُوئَڙَنِ جا،
لاٿائُون، لَطِيفُ چئي، مَٿان لوئِيءَ لاکَ،**
عُمَرَ! ڪَرِيو آک[۹]، پَهرِيوُن تي پَنَ چَران.***

۸

تَرِ تَرِ اَندَرِ ٺانءُ[۱۰]، وَنهِيَنِ ويڙهيچَنِ جو،
سَيِ تنهنجو سُومَرا! ويٺا ڳِنهَن[۱۱] نان[۱۲]،
اُتي ويندِيَسِ آنءُ[۱۳]، لوئِيءَ لَڄَ مَٿي ڪَري÷.

۱ـ انهن ۲ـ تقدير ۳ـ ڪيئن ۴ـ ٻڌل، گڏ ٥ـ ڦاهيءَ (ڏاگهہ. ٻاهہ جو مچ) * مارن جو هڪ ڳالهہ تي ٺڪاءُ ڪونهي. ٥ـ شاهوڪارن، آسودن ٦ـ بريٽ ۷ـ مڪان، منزل ۸ـ ٺڪاڻو، منزل، گهر ** مارن مارئيءَ جي فراق ۾ لوئي تان لاک جو ڳاڙهو رنگ ڀوناءِ ڀيا ڇڻ گل (هار سينگار) لاهي ڇڏيا آهن. ۹ـ امر، حڪم ÷ اي عمر! حڪم ڪر. تہ آءٌ مال سان ڀهري (گڏ وڃي) انهن کي پن چاريان. ۱۰ـ وٿاڻ، منزل ۱۱ـ وٺن ڇون (تہ ظالم آهي) ۱۲ـ نالو ۱۳ـ آئون ÷ عصمت يا ڀرم قائم رکي.

٩

سَهَسين سيبا[١] ڪَنجُري[٢]، لوئي ليڙ[٣] ٽِيامِ،
اَباڻن جي جي آسَري، ڪَتي[٤] ڪانَ ڪِيامِ،
جا ڏِٺ[٥] ڏِٺيامِ، تنهن جو پَرِوَرَ پَنِ[٦] رَهائِين!

١٠

سَهَسين سيبا ڪَنجُري، لوئي ليڙُون لِيڙَ،
واسي[٧] وارَ، نہ ويڙهيان، مَرُ ڇِڄُون رَهَنِ ڇيڙَ[٨]،
مارُوءَ جي مُهاڙِ[٩] رِيءَ، اَندَرِ ناهِ اُڪِيرَ،
هِهَڙو حالُ، هَمِيرَ! وَڃي شالَ ويڙهہ وَجان.

١١

سَهَسين سيبا ڪُنجُري، لوئي سين لِيڙُنِ،
هِهَڙو حالُ وَڃي ڪَري، وَڃان مَنجهہ ٽِرَنِ،
مارُو مانَ چِوَنِ، تہ هُئِي آسانهِين[١٠] آسَري.

١٢

سِبي، سيبا ڏِي، پورِي نينهن نَہ ڪَچِوئي[١١]، *
ڪَتِيءَ وَٽِيون[١٢] ڪُٽِيُون، سَتي سِيڻي[١٣] سي،
مَجِڻُ[١٤] چُونَرَ ڪي، لَجايِئي ٽَرَ-جايُون!

١- ٽويا، ٽاڪا ٢- گَج، چولي ٣- ڇيهون ڇيهون ٤- اَن ڄَڃي ڪتيل لوئي ٥- ٽر جو وچون حصو ٦- پردو، عزت، پت ٧- سرهو تيل وجهي ٨- منجهيل ٩- منهن ١٠- اسان جي ٿي ١١- سستائي، گهٽائي * ابهڙي لوئي کي ٽويا پئي ڏي، پر مارن جي محبت مان تر جيترو بہ گهٽ نٿي ڪري. ١٢- (واحد: وَٽِ) ڪِناريون، اندريون اندريون يا ڪنيون ١٣- اندي ورائي ٽوپو ڏيئي ١٤- متان.

وائي

عُمَرَ! آئُون وِيندَڙو[1] پُڇان ڪوءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڊِي،* اَلو.
مَتي ماڙِيءَ مارُئِيَ، رُوئاري ۽ روءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڊِي، اَلو.
پَنڊان[2] ڪارِيو پَهيَڙا[3]، ڪِي جو اُپَرِي[4] چوءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڊِي، اَلو.
سارِيو سانِبيئَڙَنِ[5] ڪي، رُوحُ منهنجو روءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڊِي، اَلو.
پانڊِي پَهنوارَنِ جو، ڪالھ نہ آيو ڪوءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڊِي، اَلو.
راڄُ پَرَتو رَبّ ڪي، سُومرا! سَندوءِ،
جِتي مارُو، تِتي پانڊِي، اَلو.

داستان ٽيون

١

پَٽولا[6] پَهنوارِيُون، مُورِ نہ مَٽي ڪَنِ[7]،
جُھِ لاڪَ رَتائُون لوئِيُون، تہ سالُنِئان[8] سُونهَنِ،
اُنّ اِيلاچِنڊُون[9] اَگَرِي[10]، بَخمَلَ بافتَنِ،
سَڪَرَ[11] پانئِيان، سُومِرا! ڪَٽيءَ کان کُهنبَنِ[12]،
جا ڏِنِيمِ ڏاڏاڻِ، سا لاهِينئِي لڄَ مَران.

١- واٽ وِيندڙ، واٽهڙو * جتي مارو آهن، اوڏاهين ڪو وڃڻ وارو آهي؟ ٢- پنڊان، پنڊ کان ٣- واٽهڙو، مسافر ٤- ڳاٽ ڪٽي ٥- سانِبيئَڙنِ، محبوب، جن جي سار اٿم ٦- ريشمي ڪپڙا ٧- ڍڪين، پائين، پهرين ٨- شالن کان بہ وڌيڪ ٩- پٽاپٽي ريشمي ڪپڙا ١٠- بهتر ١١- سرس، بهتر ١٢- کهنبڻ ڪپڙن.

٢

اِرَمَ[1] هَٿِ مَ اوڍِيان، پَٽولا، پَٽ چِيرَ[2]،
پانڌُوٽا[3] ۽ پَٽ ڍِيان، اَرِغَچَ[4] ۽ عَبِيرَ[5]،
مارُوءَ سين شَلَ ماڻِيان، کَتيُون جهَڙيُون کِيرَ،
اَندَرِ اُجَ اُڪِيرَ، مون کي پِرينءَ پَهنوارَ جِي.

٣

سونَ بَرابَرِ سَڳَڙا، مارُوءَ سَندا مُون،
پَٽولا پَهنوارِ کي، عُمَرَ! آهِ مَ تُون،
وَرُ[6] لوئِيءَ جِي لُون[7]، ڏاڏَڻ ڏِنيامِ جا.

٤

سونَ بَرابَرِ سَڳَڙا، لُون لُون بَرابَرِ لَکُ،
رُپو جنهن رَدِ ڪِيو،* ڪوڙِ[8] تِهِين کي ڪَکُ،
مُون مارُوءَ جو مَکُ[9]، تيلُ نہ لائِيان تُنهنجو.

٥

تيلُ نہ لائيان تنهنجو، مُون مارُوءَ جو مَنِ،
ڪَرِيان بِي نہ ڪَنِ، آهَرَ[10] اُنهِينءَ آهِيان.

٦

مُون مارُوءَ سين لَڌِيُون، لوئِيءَ ۾ لائُون،
سونَ بَرابَرِ سَڳَڙا، مون کي پانهنِ پَڌائُون،
عُمَرَ جو آئُون، پَٽُ ڪيئَن پَرَهِيان[11]، سُومَرا!

١ـ اعليٰ اوني ڪپڙا ٢ـ ريشمي ڪپڙا ٣ـ پوتيون، چنيون ٤ـ بافتو، آسماني رنگ جو ڪپڙو ٥ـ (ع) هڪ خوشبودار مسالو، جيڪو ڪپڙن تي ڇنڪاريو آهي. ٦ـ بهتر (دولت، قيمتي) ٧ـ تند، ڌار، ڌاڳو * جنهن سون ۾ ريو، يعني دنيوي اسباب ترڪ ڪيو. ٨ـ ڪروڙ، ڪوڙي، ويهہ (Scoire) ڪروڙ، تمام گهڻا ٩ـ مڱڻي وقت مکيل تيل ١٠ـ آڌار، اميد ١١ـ پهريان، اوڍيان، ڍڪيان.

٧

پَٽُ نَہ پَرَهِيان، سُومَرا! جانڪِيتانِ[١] جِيان،
اَئُون ڪيئَن لوئِي لاهِيان، ڪارَڻِ پِنِ ڏينهان،
جانسِين تِي جِيان، ڪانڌُ نَہ ڪَندِيَس ڪو ٻيو.

٨

جَنِ ڪَرايَنِ ڪَچَ[٢] جا، وَرُ[٣] ساهيڙِيُون سِي،
اُتِ[٤] اُڪنڊِي آهِيان، مَنهَن ماروءَ جي،
پَڪَن سين نَہ پاڙِيان، هَنڌَ هِتي جا هِي،[4a]
اَهلَ[٥] اَباڻَنِ ڪِي، مَرِي شالَ مَلهائِيان. *

٩

ڪَرايَنِ ڪَروڙِ جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِ،
سو مَرَڪُ مارُوئَڙَنِ، جِئان لوڪُ لَڄَ ٿِئي. **

١٠

ڪارا[٦] ڪَرايَنِ ۾، سونُ اَسان کي سُوءَ[٧]،
وَرُ[٨] جيڏَيَنِ سين جُوعَ[٩]، فاقو[١٠] فِرحَتَ ڀائِيان.

١١

اِيءَ نَہ مارُنِ رِيتِ، جيئَن سيڻَ[١١]-مَٽائِنِ سونَ تي،
اَچِي عُمَرَ ڪوٽَ ۾، ڪَندِيَس ڪانَ ڪُرِيت[١٢]،
پَکَنِ جِي پِرِيتِ، مارُيءَ سين نَہ مَٽِيان.

١- جيئستائين ڪِ ٢- شيشي جا ڪوڙا چوڙا ٣- بهتر ۴- انت، نهايت، بلڪل، تمام ۴a- اِهي ٥- ماڻهو، ڀاتي *ستر وڃائڻ جي عيوض هتي مري، شل اباڻي آڪم (خاندان) جو منهن مٿي ڪريان، + جن شين استعمال ڪرڻ سان ٻين کي لڄ اچي، سي مارو فخر سان استعمال ڪن ٿا. ٦- ڪاري رنگ جا ڪپڙا ٧- ڏک، ماتم ٨- بهتر ٩- بک، لنگهڻ ١٠- بک، پينگ ١١- مائٽ، عزيز، محبوب ١٢- (ڪُ+ريت) بڇڙي رسم، ڪُپر.

١٢

عُمَرَ! اَڇا ڪَپِڙا، ڪاٽياريُون[١] ڪيئن ڪَنِ،
جَنين جا ٿَرَنِ ۾، وَرَ[٢] ٿا وِيڻَ[٣] سَهَنِ،
هُوءِ جي حَقَ پَچَنِ[٤]، سي ڪيئن سَتيُون سُومَرا.

١٣

آئُون ڪيئن سَوَڙِيين سُمَهان، مُون وَرُ گهاري وِلَ[٥]،
ڪَتيرِيءَ تان ڪِلَ، عُمَرَ ڪِجِ مَ ايهَڙِي[٥a].

١٤

آئُون ڪيئن سَوَڙِيين سُمَهان، مُون وَرُ گهاري سُڃَ،
وَرُ[٦] اَياڻَنِ سين اُڃَ، ڪوڙِ[٧] شَربَتُ تنهنجو سُومَرا!

١٥

وَرُ سي وَطَنَ ڄائيُون، صَحرا[٨] سَتَرَ[٩] جَنِ،
گولاڙا[١٠] ۽ گُگرِيُون[١١]، اوڇڻُ[١٢] اَباڻَنِ،
ويڙهيا گُهمَنِ وَلِيين[١٣]، جهانگي مَنجهه جهنگنِ،
مون کي مارُوئَڙَنِ، سُڃَ ڳَٽائي سيڃَ ۾. *

١٦

پَلَرُ[١٤] پيئَڻُ، اوڇڻُ اُنَ، جَنِ جا پيرَ مَٿي پَٽَ پاڪَ،**
وِهَڻُ[١٥] وَراڪَنِ[١٦] ۾، اُنِ جي آجوڪِي[١٧] اوطاقَ،
پاڻُ نَہ پَسَنِ پاڻُ کي×، ويچارا بيباڪَ[١٨]،
عُمَرَ! اُووءِ نَہ عاقَ[١٩]، ڏُکيا[٢٠] جِمَ ڏُکوئِيين!

١- ڪاڻ يا عذاب يا عيب واريون، مهٽي هاب ٢- مڙس، پتار ٣- مهڻا ٤- مڙسن سان بي وفا ٿين ٥- ولهه ۾، ٿڌ ۾ ٥a- اهڙي ٦- بهتر ٧- ڪڏ ۾ پوي ٨- برپٽ ٩- پردو، پناه ١٠- ول جو قسم ١١- وڻ جو قسم ١٢- ڪپڙو، ڍڪ، پناه ١٣- ولين سان * شاديءَ رات سيج ڏاج ۾ ڏني. ١٤- مينهن جو پاڻي ** جيڪي پير اُگهاڙا ڪيو پٽن تي پيا هلن. ١٥- وهڻ جي جاءِ، گهر ١٦- ويڙهه، وڻن جي جهڳٽن ١٧- جوکي يا خطري کان خالي، سلامتي واري × منجهن خودي ۽ خود غرضي بنهہ ڪانهي. ١٨- بي ڊپا، بي فڪرا، البيلا ١٩- بي چيا، نافرمانبردار، نٺر ٢٠- مظلوم.

١٧

كارا ڪَبَٽَ ڏيهَ ۾، ڀِيا وارِيءَ مَنجهه وَٽانَ،
ساٽيَنِ کي، سَيّدُ چئي، پَرِيو ڏِيَنِ پانَ[١]،
عُمَرَ! اِيءَ اُمانَ[٢] ثابِتُ[٣] رَکِج، سُومرا!

١٨

جا عُمَرَ! تو مُلِ[٤] عِيدَ، ساسان[٥] سُوءِ[٦] وَرَتِي[٧] سُومَرا!
ويئِي، ويچارَنِ وِسَرِي، خُوشِي ۽ خَرِيدَ،
سِڪَڻَ ڪِيا شَهِيدَ، مارُو جي مَلِير جا.

١٩

منهنجو تُورُ[٨] تَلِنِ[٩] ۾، ڇِيها[١٠] تو چاري،
ڍائِي[١١] ڍَٽَ ڍاري، آهيم اُتي[١٢] مِينهَڙِي.[١٣]

٢٠

منهنجو تُورُ تَلِنِ ۾، آئُون هِتِ بَندِياڻِي،
مُون ڏاڏاڻِي ڏيهَ ۾، ڦَرِهُ[١٤] ۽ لاڻِي[١٥]،
ڪَندِيَسِ رِهاڻِي[١٦]، مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾.

٢١

حَقّاڻو[١٧] هُتِ ٿِيو، آئُون هِتِ بَندِياڻِي،
ساري ساڏوهِيَنِ[١٨] کي، ڪوٽِيَنِ[١٩] ڪوماڻِي،
لِڳين لوهَ[٢٠]، لَطِيفُ چئي، وينِيَسِ وِساڻِي[٢١]،
مُنڌَ مارُوءَ جِي نَه لَهِي، ڪَپَتِ[٢٢] ڪجاڻِي[٢٣]،
سَمُنِ[٢٤] سَچاڻِي[٢٥]، اُتي آهيمِ اَنِ سين.

١- پيالا، وٽيون ٢- امانت ٣- سلامت ۴- وٽ، لاءِ ٥- اسان ٦- ماتم ٧- ورتائِي، استعمال ڪئي، ملهائي ٨- جيڏو، سرتو، محبوب ٩- هيٺاهين زمين، ڊوري، ترائي ١٠- گاهه جو قسم ١١- ڍائي، وارو، وعده ١٢- وسئي ١٣- مينهن ١۴- اِن جو قسم ١٥- ٻوٽي جو قسم ١٦- رهاڻ، محفل ١٧- مڙس ١٨- مٽي ڄار جو وڻ ١٩- بنديخاني ۾ ٢٠- زنجيرن پٺي ٢١- اُجهاڻل، ڪڪ، پريشان ٢٢- جهوري، ڳارو ٢٣- اندر جو سور، پريشاني ٢۴- وعده، انجام ٢٥- سچائي.

وائي

لوئِيءَ ۾ لائُون، مون مارُوءَ سين لَڌِيون،
سونَ بَرابَرِ سَڱَرا، ٻانهُن ٻَڌائُون،
مُون مارُوءَ سين لَڌِيون.
سو ڪيئن ءَ پَٽُ پَرَهِيان[1]، سُومَرا! ڳهورِيو عُمَرَ جو آئُون،*
مُون مارُوءَ سين لَڌِيون.
ڪاجِ ڪَتيرِنِ سَفَرو[2]، سڱُرُ[3] ۽ سائُون[4]،
مُون مارُوءَ سين لَڌِيون.
سا ڪيئن ڪائِي ڪارِڪُون، جنهن ڪي ڏُونرا ڏيجُ[5] ڏِنائُون،
مُون مارُوءَ سين لَڌِيون.
کِهَ[6]، مانڊاڻِيُون[7]، مَکِڻِي[8]، قُوتُ ڄَڻِين جو سائُون،
مُون مارُوءَ سين لَڌِيون.
عُمَرَ تي[8a] جورَ[9] ڪَري، جيلانهن راڄُ آڳاهُون[10]،
مُون مارُوءَ سين لَڌِيون.

١ـ ڀهِريان: اوڊِيان *عمر جو پٽ گهورئو! آئون انکي ڪيئن ڀهريندِيس ٢ـ سَڦَرو، سَڦَلُ، فائدي وارو، لائق ٣ـ ڪنڊيءَ جي وڻ جون سڱريون ٤ـ ان جو قسم ٥ـ ڏاج، ڀاڳُو، ورثو ٦ـ گاھ جو قسم ٧ـ گاھ جو قسم ٨ـ گاھ جو قسم ٨a ـ تنهن ڪري ٩ـ زور، زبردستي، ڏاڍائي ١٠ـ اڳيرو، پري.

داستان چوٿون

١

مِينڊيا[١] ڏوءِ نہ مارُئي، پيئَس پَهنواريُون چِتِ،*
راڄَ رُئاڙِي، هَنجُون هاري، هِيءَ هُتي جي هِتِ،
آهِس پائُرَ پارَ جو، کِجَڻُ ۾ کَپَتِ،
وِينگَسِ[٢] ويڙيچَنِ رِيءَ، مَسَ سُٽي ڪا مَتِ،
سُومرا! سُپَتِ، ڪَرِ، تہ ڪوٽِئان[٣] نِڪَري.

٢

مِينڊيا ڏوءِ نہ مارُئي، آهيس مَنِ مَلِيرُ،
ڪَڍِي تہ ڪاڻِ لَهي، هِتان هِيءَ هَمِيرُ،
ڪائُرِ پِيَنِ کِيرُ،** جي اَمانَتَ اُتِ وَڃي.

٣

مِينڊيا ڏوءِ نَہ مارُئي، نَہ کِلي، نَہ کاءِ،
عُمَرَ جي انصافَ جا، وِيٺِي واساما[٤] ڳاءِ،***
هِيءَ جا ڪَيئِي هاءِ[٥]، سا مهندان[٦] اِينديئِي منهن ۾!÷

٤

مِينڊيا ڏوءِ نَہ مارُئي، ٿِيَسِ ڪُرِنُون[٧] وارَ،
سَتِيءَ سيئي سارِيا، جي پائُر جا پَهنوارَ،
عُمَرَ اُنِهُونِ[٨] ڏارَ، مُورِ وِهِي مارِيِين.

١ـ وارن جون چڳون * پهنواريون ياد پونس ٿيون. ٢ـ وينگس، وينجهر (سياڻي، عقل واري) ٣ـ ڪوٽ مان، بند مان ** ٿر جا ماٺهو کير پين، يعني خوشيون ڪن. ٤ـ ڳڻتيون، فڪر *** مارئي دل ۾ پئي ڳڻتيون پچائي تہ "الاهجي، عمر مون سان انصاف ڪندو يا نہ". ٥ـ هاجو ٦ـ اڳيان÷ هي جو مونسان ويل وهايو اٿئي، تنهن جو قيامت ڏينهن حساب ڏيڻو پوندءِ ٧ـ ڳنڍيون ڳوڙها ٨ـ انهن کان.

۵

مِينديا ڏوءِ نَہ مارُئي، مَحَلِين مارُئان[۱] ڌارَ،
پايو ميٽ مَلِيرَ ري، مُنڊ نَہ ويڙهي وارَ،
جا هُتي- جن هارَ[۲]، سا ڪينَ وِهَندِي ڪوٽَ ۾.

٦

مِينديا ڏوءِ نَہ مارُئي، ڪوِنهي اُنَ اوجاهَ[۳]،
عُمَرَ جي اِنصافَ جو، پيِيُسِ ڪِنِ پَڙاءُ،
وينِي چوءِ، "اللهَ، مُون تي مِٽَ نَہ موٽِيا!"

٧

مَحَلِين ماندِي[۴] مارُئي، ڏِٺِيمِ مُنهن مَلُورَ[۵]،
اَٿيا[٦] سَٿيا نَہ ڪَري، سُونهن وِڃايَسِ سُورَ،
پِيَسِ لوهَ، لَطِيف چئي، لَتَسِ ڪوڏ ڪپُورَ[۸]،
چِتَ جَنِين جا چُورَ[۹] سي مَکي، مَرَڪ[۱۰] نَہ ڪَندِيُون.

٨

ڪَرِيو مُهارَ[۱۱] مَلِيرَ ڏي، روءِ اُڀي چوءِ:
"سُهَڃ[۱۲] سُورِي پائِيان، سومَرا! سَندوءِ،
"مُلڪَ ماروءَ جي آهِيان، جورِ[۱۳] نَہ ٿِيان جوءِ،
سو قَلبُ[۱۴] ڪوٽِ نَہ هوءِ، جو هُتي- جَن هَٿِ ڪِيو."

۱- مارن کان ۲- (۱) هُتي جي، هُتي واري ۲- هتي جي ماڻهن جي آڌار يا آسري تي ۳- وٽيءَ پسند ۴- بيقرار، پريشان ۵- ملول، پريشان ٦- اٿيا وار، ۷- لاڏ، خوشي ۸- ڪافور، سرهاڻ ۹- پرزا پرزا ۱۰- خوشيون، لاڏ ڪوڏ ۱۱- منهن ۱۲- سک سهنج ۱۳- زوريءَ ۱۴- دل.

ڪَرِيو مُهاڙِ مَلِيرَ ڏي، اُپِيائِي آهي،
جا مَتي ڏِنيَسِ مارُئين، سا لوئي نہ لاهي،
سُومَرا! ساهي[1] سَتِيءَ وِجُهہ ۾ سَنگهرُون[2].

١٠

ڪِيَمَر مُهاڙِ مَلِيرَ ڏي، مَتي ڪوٽَ چَڙهِي،
نِتُ نِهاري ڏيهَ ڏي، ڳوڙها پِيَمَر ڳَڙي،
نِڳِي[3] ڪُوڪَ قَلبَ مان، مَنجهان رُوحَ رَڙي[4]،
ويڙيچَنِ وَرِي، ڪَرَه نہ لَڌي ڪَڌِهِين!

١١

جي ڪَرَ لَڌائُون، تہ بنديءَ بَندُ نہ سارِيو،
مارُوئڙَنِ آئُون، جيڪُس[6] وِيَسِ وِسَرِي!

١٢

بَندِي بِيا قَرارِ، اَسين لوچُون[8] لوهَ ۾،
مَتي تَنِ تَرارِ، سَدا سانپيئڙَنِ[9] جِي.

١٣

لِنگڙِيارِي[10] لوءَ[11] ۾، جَنِين لَئي تِياسِ،
تَنِين تِرَ جيتَرو، پَلَڪُ نہ پُڇِياسِ،
جَهروڪَن[12] جهوريو هِنيُون، ڪوتِيَنِ آئُون ڪَتِياسِ،
مارُنِ مُونجهہ مياسِ،* ناتہ ماڙِيَنِ مارِيَسِ ڪِينَ ڪِي.

١- چِڪي تاٽي ٢- زنجيرون ٣- نڪتي ۴- رڙ ٥- خبر، پرگهور ٦- شايد، مجان ٧- پيا قيدي ٨- ڳوليون، بيقرار ٩- جن جي سار اٿم (محبوب) ١٠- ٽڳڙي پوش، قاتل ڪپڙن واري ١١- لوڪ يا جهان ۾ ١٢- ڪنهڙو، بالڪني، ماڙي * مارن جي ڳَتيءَ ۾ فنا ٿيس.

١٤

ماڙِيَنِ مارِيَسِ ڪِينَ ڪِي، مُيَس مارُنِ لاءِ،
ڪَرَ لَهَندا ڪَڏِهِين، منهنجي اَچِي ماءِ[1]!
سانيِيئڙن سَنداءِ، وِيٺو واجَهه وِجهي هِنيُون.

١٥

وِيٺو واجَهه وِجهي هِنيُون، پَرِ ۾ پَهُنوارَنِ،
اَ تِ[2] اُڪَندي آهِيان، پائُرَ ۽ پِرِيَنِ،
ڪَرِيَانَ ٻِي نَہ ڪَنِ، وينديَسِ وَطَنَ سامُهِين.

١٦

وينديَسِ وَطَنَ سامُهِين، مَلِيَرُ منهنجو ماڳُ،
ڏُتَ[3] چُونڊِيندِيَسِ ڏِيهه ۾، سانڱُ سَرَتِيَنِ ساڳُ[4]،
تَہ مُون سَنئُون سَياڳُ، جي ويجِهي ٿِيان وَرَ ڪي.

١٧

جي ويجهي ٿِيان وَرَ ڪي، تَہ سَياڳومِ[5] سَنئُون،
نِتُ نِتَ[6] آهِ نَئُون، مون ڪي پَسڻُ پَهُنوارَنِ جو.

١٨

آئُون ڪيئن ڇڏِيان، سُومَرا! تَن پَهُنوارَنِ پَچارَ،
جَرُ[7] جَنِين جي جانِ ۾، لَڳِي رِيءَ لُهارَ،
ميخُون مَحَبت سَنديُون، هِينئڙي مَنجهه هَزارَ،
پَکا ۽ پَهُنوارَ، ڏِٺي مُون ڏِينهن ٿِيا.

١- اي ماءُ! ٢- انت، نهايت، تمام گهڻو ٣- جهنگلي گاه جو ان ٤- ڀاڄي، ترڪاري ٥- منهنجو سياڳ ٦- هر هر، وري وري ٧- ميخ.

وائي

مُون مَ کَسيجاھُ[١]، مُون مِ کَٽيجاھُ[٢] لوئي، مِيان عُمَرَ!
ساڻُ پُلاھَ نَہ پاڙِيان[٣]، سُونهين ڏؤنرَنِ ڏوئي،
مِيان عُمَرَ! مُون مَ کَسيجاھُ.
ڪاندُ نَہ ڪَندِيَسِ ڪو پِيو، مُون وَرُ مارُو سوئي،
مِيان عُمَرَ! مُون مَ کَسيجاھُ.
ڪوءِ سيءِ طَعامَ تَن جا، وَرُ سا ڏؤنرَنِ ڏوئي،
مِيان عُمَرَ! مُون مَ کَسيجاھُ.
جهانگِي جو جَهنگَنِ جو، سِپڻُ ڪَمِيڻِيَ سوئي،
مِيان عُمَرَ! مُون مَ کَسيجاھُ.

داستان پنجون

١

سُونهن وِڃايُمِ، سُومرا مارُون مَسَ مَڃِينِ،*
ڏُنگا[٤] ڏاڏي پوٽيين، ڪَنِ ڏِنا، ڪي ڏِينِ،
جي مان[٥] لوھَ لاهِينِ، تہ ڪوٽَن ۾ ڪِينَ هُئان.

٢

سُونهن وِڃايَمِ، سُومَرا، ميرو مُنهن ٿِيومِ،
وَڃَڻُ تِتِ پِيومِ، جِتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

١- کسائين ٢- کٽجائين ٣- برابر سمجهان * مارو ماڻهو مون کي سونهن (عصمت) کان سواءِ مشڪل قبول ڪندا. ٤- طعنا، ميهڻا ٥- منهنجا.

٣

سونهن وِجايَمِ سُومَرا! سِکَرُ[١] جهَڙي سُونهن،
دِلِ ۾ ڏُکي دؤنهن، منهنجو مُنهن ميرو ٿِيو.

٤

سُونهن وِجايَمِ سُومَرا! هِتِي اَچِي هاڻِ،
ڪيئن لَهَندِيَمِ ڪاڻِ، حُسنُ مُون هِتِ وِيو!

٥

سُونهن وِجايَمِ، سُومرا! ڪيائون وِيَمِ ڪمال،
وِچا ڪيئن وطن ڏي، هِهَڙو وَتِي حالُ،
جي مان ڏِين جَمالُ،* تَہ پَسان منهن پَهُوارَ جو.

٦

سُونهن وِجايَمِ سُومَرا! وَطَنِ وَجان ڪيئن؟
حُسنَ ڏاران هِيئَن، پَسان ڪيئن پُهُنوارَ کي.

٧

سونهن وِجايَمِ سُومرا! پَسان ڪيئن پَهُنوارَ،
ڏِٺي[٢] جا ڏَرّارَ[٣]، تنهن[٤] رِيءَ رُوءِ[٥] رُڇَڻُ[٦] ناهِ ڪو.**

٨

سُونهن وِجايَمِ سُومَرا! عُمَرَا! ٿِيَس اَسِيرَ[٧]،
مارُو مَنجهِ مَلِيرَ، مُون سين هِتِ هيئَن ٿِيو.

١ـ لعل * جيڪڏهن منهنجو جمال مون کي ورائي ڏين. ٢ـ چونڊي ٣ـ ڏٿار، ڏراڙ، ڏنار ٤ـ تنهن کي (مارئيءَ کي) ٥ـ (سهٽي) منهن ٦ـ فرحت، خوشي ** جنهن ڏنار (ڪيت سين) چونڊيو آهي، تنهن کي سهٽي منهن (نيڪ اعمالن) کان سواءِ خوشي حاصل ڪانہ ٿيندي. ٧ـ بنديائي.

٩

سُونهن وِچايَمِ سُومَرا، ڏيندِيَسِ ڪيئن قبُولُ،
ڪونهي سُهڳُ[١] نہ سُولُ[٢]، پُوڇي مُنهن پَهنوارَ سين.

١٠

تَنِ مُنهن موچارا مارُئين،* مَليرُ[٤] جَنين ماڳُ،**
ناقِصَ نوازي گهڻا، سَندو تَنِ سَياڳُ،***
اَڱڻِ مُون اَياڳُ، حُسنُ تي[4a] هيئن ٿِيو!+

١١

ڪونهي قادِرُ ڪو ڀِيو، انُهين جو اَياڳُ،÷
"قُلْ لَن يُصِيبَنَا اِلاَّ مَا كَتَبَ اللهُ[٥]،" ايءُ مَعذِرَتَ[٦] ماڳُ،
سَيوئي سَياڳُ، مارُئيءَ مُساوِيُ[٧] ٿِيو.

وائي

مَنجهِ رَهي مَليرَ، هارِي! مُون ڪوهُ ڪِيو.
مُون هَٿان، منهنجا ڏُٿي، سَهَسين ٿِيا صَغِيرَ[٨]،
هارِي! مُون ڪوهُ ڪِيو؟
پکي مَنجهِ پَهنوارَ جي، ڪوڙين ڪِيمِ ڪَبِيرَ[٩]،
هارِي! مُون ڪوهُ ڪِيو؟

١ـ سهاڳ ٢ـ فرحت، مزو ٣ـ ڪوجهي، ڦڏي * انهن مارن جا مُنهن موچارا آهن (نورَ الاهي سا پيا چمڪن). ٤ـ ملير، وطن (عالمِ ارواح) ** جن مرڻ کان اڳي مري عالمِ ارواح وڃي وسايو آهي. *** اهو هنن جو سياڳ آهي جو هو عيبدارن جا عيب ڍڪي، انهن تي مهربانيون ٿا ڪن. 4a ـ تنهنڪري + منهنجي قسمت ۾ ئي ڪا اوڻائي آهي جو منهنجي سونهن هن ريت برباد ٿي وئي. ÷ الله کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن کي طاقت نہ آهي. اياڳ بہ سندس طرفان ئي آهي. ٥ـ چؤ تہ ڪا بہ مصيبت اسان کي نہ رسندي، سواءِ انهيءَ جي جا خدا اسان جي حق ۾ لکي آهي (ق ـ ش ٩، ٥١) ٦ـ عذر ﴿ اهوئي عذر جو رستو آهي. ٧ـ هڪجهڙو، برابر ٨ـ ننڍا (گناهہ) ٩ـ وڏا (گناهہ).

ٻُڙو[1] لاهِ ۾ ٻاچهه ٻچو، مون تان منهنجا پير،
هارِي! مون کوهه ڪيو؟
ٿڏيون وليون ٿرن ۾، کوڙين ڪِرڙ، ڪَرير[2]،
هارِي! مون کوهه ڪيو؟

داستان ڇهون

١

جهڙي آيس جيئن، جي تهڙي وَجان تَنِ ڏي،
تہ لالائيءَ[3] جا، لطيفُ چي، ڪَرَ[4] مُندَنِ[5] اُنا[6] مينهن،
ماڙيءَ لڳمِ ميهڻو[7]، سَيَ جماندرَ[8] سِينءَ[9]،
تيَسِ ڪاٽيارِي ڪانڌ جي، هِتي اَچي هيئن،
ڪَنڌ ڪَٽنديَسِ ڪيئن، مَنهَ[9a] مارُوئڙن جي.

٢

جَهڙي آيس جيئن، جي تهڙي مِلان تَنِ کي،
قِران، ڦَرَ چارِيان، هِنيون ڇَنِيم هيئن،
وَيجانِ ڪيئن وَطَنَ ڏي، ڪاڻِ لَهنديَمِ ڪيئن؟
مُندائِتي مِينهن سونهان سَرَتين وِچَ ۾.

٣

هيڪُ جيئن نہ جاياس، پيو جاپندي جي مَران،
گهنگهر[11] گهڻو تِياسِ، جاپِي، مارُوئڙن کي!

١- ڦرو، منڊيءَ جي ٽڪ، مهر ٢- جهنگلي ٻوٽو ٣- ڳاڙهاڻ (خوشي) ۴- جيڪر ٥- مندن، موسمن ٦- وٺا ٧- مهڻو، ٽوڪ، طعنو ٨- جمار، زندگي، حياتي ٩- تائين 9a- ڇنو، اڱڻُ ١٠- ڪيئن ١١- پريشاني، جنجال.

٤

هِيءُ مُنهَن ڏيئي ٻَنِ، تُون وِهُ کائي نَہ مرين؟*
تان جي مَلِيرَ-ڄائِيُون، تو سين سَڱُ نَہ ڪَنِ،
تُون ڪيئن مَنجهان تَنِ، پانڻ ڪوٽاين مارئي.

٥

عُمَرَ ٻَنِ جيو[1]، ڪوءِ منهنجو سُومَرا،
جا پَرِ نہ پَهُنوارَنِ جي، مُون سين تيئن ٿيو،
وَٺِي مُنهن ڪِهو[2]، وَڃان وَطَنَ سامُهِين.

٦

مَ سَپَنِي[3] مارُئي، مُئِي، مَ ڄائِيَ،
جنهن اَچِي عمر ڪوٽَ ۾، لوئي لَڄائي،
جا سانگِيَنِ سِيڏائِي، سا ڪِينَ مَرَڪي ماڙِيِنَ.

٧

بِاللهِ[4] آهِيان بَندَ ۾، ڏٺان ٿِي ڏَہَرُ[5]،
وِيڻ وَراڻِي ناهِ ڪا،** سُومَرو سَپَرُ[6]،
مِيان! مِهرِبانُ ڪَرِيِن، اِلاهِي! عُمَرُ،
وِيڙِهہ[6a] پَسان سو وَرُ، جيڏانهن عالَمَ آسَرو.

---

* پانڻ کي عتاب ڏيندي خطاب ٿي ڪري تہ "هيءُ منهن، جو تو کي آڏو آيو آهي، سو ڪڏ ۾ وجهي، زهر کائي، پانڻ کي پورو ڇو نٿي ڪري ڇڏين؟" ١- جيئڻ، حياتي ٢- ڪهڙو ٣- پيدا ٿِي، سامائي ٤- الله جو قسم ٥- اچي لوئي ** ڪچڻ جي مجال ئي ڪانهي ٦- سگهارو، زبردست. ٦a- ويڙهي (۾)، گهر (۾)، وطن (۾)

۸

اَلا! اِيئن مَ هوءِ، پوءِ جيئن آءٌ مَران بَندَ ۾،
جُسو زَنجِيرنِ ۾، راتو ڏِينهان روءِ،
پِهرِين وَجان لوءِ[۱]، مَرُ پُڄَنمِ[۱a] ڏينهڙا! *

۹

آئون بَندَ ۾، ڪِ ڪِي[۱b] پيِيَس بَندِ؟ * *
مُونهين[۲] لڳو ميهڻو،*** ڪِ مُونهِين ڪَڙو[۳] ڪَندِ؟
مَران جي هِنَ هَندِ، تَ نِجاهہ[۴] مَنُ[۵] مَلِيرَ ڏِي.

۱۰

واجهائِي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قَيدَ مَ ڪَريجاهُ[۶]،
پَرَڏيهيائِي پرينءَ ري، ڏارَ مَ ڏريجاهُ،
تَڏِي وَسائِجاهُ تَرَنِ جِي، مِٿِي مُٺيءَ مَٿاهُ[۷]،
جي پوِيُونِ ٿِئِي پَساهُ، تَ نِجاهُ مڙهہ مَلِيرَ ڏي.

۱۱

واجهائِي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهہ،
هِيءُ سِرُ ساٿِيهہ[۸] سامُهُونِ، منهنجو نِجِ، مِيان!
مُقامِيائِي[۹] مارُئين، وَڃِي ٿَرِ ٿِيان،
مُيائِي جِيان،÷ جي وڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

۱ـ لوڪ، ملڪ ۱a ـ پُورا ٿِيَنمِ ۱b ـ ڪِ ڪئي، ڇا ڪَيَمِ؟ ڪهڙي عمل جي نتيجي ۾؟ * پوءِ پلي مران ** آءٌ ڪهڙي ڏوھ ڪري قيد ڪئي وئي آهيان يا ڪنهن مون کي زوريءَ قيد ڪيو آهي؟ ۲ـ مون کي ئي ۳ـ زنجير *** مون کي ئي مهڻو لڳو آهي (ڳچيءَ ۾ ڳٽ پيو آهي) يا ٻيئون ٻَ مون جهڙيون نياڻيون آهن. ۴ـ نجائين، ڪٽي وڃجائين ۵ـ ميت، لاش ۶ـ ڪجائين ۷ـ مٿان ۸ـ ساٿيهہ، وطن ۹ـ هڪ ئي مقام ۾ پوريل ÷ ٿئين سر حياتي مليم.

۱۲

واجهائي وَطَنَ کي، آئون جي هِتِ مُياسِ،
گورَ[1] منهنجي سُومرا! ڪِجِ پَهُنوارَنِ پاسِ،
ڏِجِ ڏاڏاڻِي ڏيهَ جي، مَنجهان وَلڙِينِ واسِ[3]،
مُيائِي جِياسِ، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

۱۳

ڳِچيءَ ڳانا[4] لوهَ جا، زيرِيُون[5] ۾ زَنجِيرَ،
ڀَيڪَڙا[6] پيرَنِ ۾، ڪوٺِيَنِ اَندرِ ڪِيرَ،
چارِيُ[7] چَوگانَن[8] ۾، واهِيَتَ[9] ڪَنِ وَزِيرَ،
چَنِ[10] نَہ چَڃِي آهيان[11]، * اِهڙِيءَ سِٽَ سَرِيرَ، **
مارُو چامَ مَلِيرَ، پُڇجِ ڪِي پَهنوارِ ڪَيّ.

۱۴

چَنِ نَہ چَڃِي هيٺِ، ڪُچَنِ[12] آهيان ڪوٽَ ۾،
لوُئيءَ سِينِ، لَطِيفُ چئي، پيڙِيو پَدان پيٽَ[13]،
سَرَهِيُون سي سَرَتِيُون، وَطَنِ جَنِين ويٽَ[14]،
اُتِ سَپَجي اُنَ سَسَن[15] جِي، هِتِ رَچائِين[16] رِيٽَ[17]،
ماڻيان شالَ مَلِيرَ ۾، مُدائِتي ميٽَ[18]،
ڏيهِياهُ[19]! ڪِجاهُ ڏِيٽَ[20]، ڪا مَدَتَ[21] مُون سين مارُيين.

۱- قبر ۲- ولين ۳- واس ڏوپ ۴- ڪڙو، ڳٽ ۵- ٻيڙي، پيرن جون ڪڙيون ٦- پيرن جون ڪڙيون ۷- جاسوس، پهريدار ۸- چوڪنديون، اگڙ ۹- واهپو، چوڪسي ۱۰- خوشيءَ سان ۱۱- جت يا چني ۾، ڪوٺيءَ * آءٌ رضا خوشيءَ سان ڪوٺيءَ ۾ ڪانہ ويٺي آهيان.
** بدن اهڙي طرح (زنجير ۾ جڪڙيو پيو آهي). ۱۲- (ڪ+چن)= بنا مرضيءَ، لاچار
۱۳- ڪمر، چيلهہ ۱۴- وهڪ، گهر (پاڻاري) ۱۵- گهيٽن ۱٦- ريڍائين، رِڍَنِ جي ۱۷- رڍ جا وڏا وار (اُن) ۱۸- مناڻ ۱۹- اي ڏيهي! اي هموطنؤ! ۲۰- ملاقات ۲۱- مدد.

۱۵

چَنِ نَہ چَڄي آهِيان، ڪُڇَنِ ۾ ڪوتَنِ،
اِيندي[1] پيِيَمِ اُڀَتا، پَيڪَڙا پيرَنِ،
هَٿَرِيُون[2] هَٿَنِ، ڇَنگهون ٻانهُون ڪاٺَ ۾!

۱٦

هَٿين هَٿَڪَڙُولَ، هِينئَڙي پِيَمِ هُنِ جا،
سانگِي سارِيَمِ، سُومَرا! ڏِتِي پاسي ڏولَ،
ٻاٻائَنِ سين ٻولَ، ڪِيَمِ نَہ ڪوٺَ ويهَڻَ جا.

۱۷

زيرين ٻيڙيين لوهَ ۾، ڳَتَنِ[3] ڪِيَسِ ڳاهُ[4]،
سُونڪِي[5] سَندي سُومَرِي، هَڏِ نَہ چاڙهِيَمِ ماهُ[6]،
سَرَتيُون! دُعا ڪِجاهُ تَہ ٻَرَمُ ٻاروڙِيءَ[7] رَهي.

۱۸

ٻَرَمُ ٻاروڙِيءَ رَهي، جنهن ۾ اَچِي اُنَ،
تَہ پُٽِ وِيٽِي وِنڍِيان[8]، توڙِي پُونِسِ ٽُنَ[9]،
غافِلِ رَکُ غَرِيبَ کي، عُمَرَ! مَنجهہ اَمُنِ،
سَرَتِيَنِ ساڻِ سَمُنَ[10]، آهِمِ اُنَي مِينهَڙِي. *

۱۹

آهِمِ اُنَي مِينهَڙِي، سَمُنَ سَرَتِيُنِ ساڻِ،
ڪنهن پَرِ لاهِيان ڪاڻِ، وَڃِي ويڙِيچَنِ سين.

۱- ايندي ئي، اچڻ شرط ۲- هٿڪڙيون ۳- ڦاسين، طوقن ۴- ڇُورو، اٽو، ڪُٽو ۵- ڦڪر، ڳڻتيءَ، ڏَپَ ٦- ماس، گوشت ۷- اوني اچي لوئي ۸- تنتاڻ، رفو ڪريان ۹- سوراخ، ٽنگ ۱۰- وعدو، انجام، ڏائي * ساهيلين ساڻ مينهن وٺي ڏائي ٻڌي اٿم.

وائي

عُمَرَ! آئُوِن مَري، تان نَہ ڇَڏِينديِ، لو!
مِٺِي مارُوئَڙَنِ جِي.
مِينهَنِ اُٺِي[١] مارُئِين، لالَنِ سانُ لَڏِينديِ،
مِٺِي مارُوئَڙَنِ جِي.
سِرِي[٢] منهنجي، سُومَرا! ٺَرَنِ کِينَ ٺَڪينديِ[٣]،
مِٺِي مارُوئَڙَنِ جِي.
هَمِيراٺا هَٺَڙا، مِهِري[٤] کِينَ مَڃِينديِ.
مِٺِي مارُوئَڙَنِ جِي.

داستان ٻيون

١

ٻَهُنوارَنِ پاٻوهِيو[٥]، وَرِيا واهوندا[٦]،
سارِيَمِ سيڻَ، سَيَّدُ چي، گاڏِيلُيُون[٧] گُوندا[٨]،
ٻِنُن ٻَرِ هوندا، ٻُنگا[٩] ٻَڙَ[١٠] ٻَتارَ جا.

١- مينهن وٺي ٢- سسي، ڪنولو، جنازو ٣- ٺڪائيندي ۴- زال (مارئي) ٥- مشڪيو، ڪليو ٦- بهار جون هوائون ٧- چوپائي مال جي اچ وڃ جو رستو، گس ٨- ننڍين ڦرن ڪي رات جو مِرُن ڪان بچائڻ لاءِ جايون، واڙا ٩- ٻونگا، جهوپڙيون ١٠- سگهاري، موچاري.

٢

پَنھوارَنِ پاپوھِيو، ڪِي وَسَ واھوندنِ، *
لَٿو سِيءُ، لَطِيفُ چي، ٻَڌو ڦَڻُ[١] ڦَرَنِ، **
اوءِ ٿا ڪورِنِ[٢] ڪُونٽَرِي[٣]، سَرَتِيُون! مَٿان سَسَن[٤]،
عُمَرَ! اُن اَڳُونڌَرِي[٥]، پاسي ڪانڌ ڪَتَنِ، ***
پائُرِ[٦] ڏنيون پُنِيُون[٧]، نَنڍِين نوراپن[٨]، +
ڪائُرَ ڪَتِيُون خاصِيُون، اُوڇِيُون اُتِ اُجَنِ،
ڪَڍِيو پينڻُ[٩] ڪَھَنِ، × "مَليرِ گھرِجي مارُئِي!"

٣

پَھُنوارَنِ پاپوھِيو، ڪِي واھوندنِ وَسَ،
عُمَرَ اُنھِين ڏِيھَ جا، ڏوٿِيَنِ[١٠] ڏِنَمِ ڏَسَ،
وَلِيُون، وَڻَ ڦَلارِيا[١١]، لُلَرَ[١٢] نِڱِيو[١٣] لَسَ[١٤]،
آٽِيو وِجَھنِ آھَرِين، سَندا ٿُوھَنِ[١٥] ٿَسَ[١٦]،
ميوا، مَچُرَ[١٧]، ماڪِيُون، سَڀَ ڪا چِکَنِ چَسَ[١٨]،
مارُيءَ وِھي مَسَ، مَليرِ وِيندِي مارُئِي.

٤

آٽِينِ ڪِي چاڙھِينِ، ÷ ڏُٿَ ڏِيھاٽِي سُومَرا!
سَٿَا ڪِيو، سَيّدُ چي، سائُون سُڪائِينِ،
مَنجھان لَنبَ[١٩] لَطِيفُ چي، چانئُرَ[٢٠] ڪِيو چاڙھِينِ،
پلاءُ نَہ پاڙِينِ، عُمَرَ! آراڙِيءَ[٢١] سِين.

---

* بھار جي مينھن وسڪارو ڪيو. ١- پير جو اڳيون پاڱو ** ڦر وڏا ٿيا ٢- ڪپين، وڍين ٣- نرم ٤- گيھٺن، رڍن جي ٽرِن ٥- بي اوني، بنا ڳنٽيءَ ٦- (ٿر جي ڏاڪٽين پاڱي) پائر (ﭙ) *** اي عمر! منھنجون سرتيون پنھنجن پتارن جي پر ﭙ ويھي بنا فڪر جي، اُن ڪتين ٿيون ٧- پنيءَ جا وار (اُن) ڏني ٨- ٿج پياڪ ڦرن + پائر ﭙ رڍن جي ننڍين ٿج پياڪ ڦرن ﺑ اُن جون پنيون ڏنيون آھن! ٩- چانورن جي پيچي (ڪلف) × سرتيون نِينِ لوڻِين پائڻ ڪان اڳ (خوشيءَ جي موقعي تي) ڪپڙن مان پيچي لاھيندي چون پيون تہ: ١٠- ڏٿ تي گذران ڪندڙن ١١- ٻور جھليو ١٢- ٻاجھيءَ جو قسم ١٣- نڪتو ١٤- لس لڳي پيئي آھي (گھڻو پيدا ٿيو آھي) ١٥- گدرن جھڙو ميوو جو تمام ڪڙو ٿيندو آھي ١٦- ڪاريون، ٿوڪريون ١٧- ڪنڊيءَ جي وڻ جون سڱريون ١٨- لذت، ذائقو ÷ ٿوري تي قناعت ڪن، ان جا انبار پيل ڪون اٿن ١٩- گاھ جو قسم ٢٠- رب، چانور، گاھ جو قسم.

٥

تَنِ وَهِيَنِ ويڙِهچَنِ ۾، سَدائِين سُڪارُ،
چوندِيو، آئِيو چارِهِيُونَ، سَندو ڏُونرَنِ ڏارُ[١]،
جنِ جو ويڙهن[٢] سِينِ واپارُ[٣]، سي ڏوٿِي هُونِ نہ ڏُبرا.

٦

توري قُوتِ قَرارِيا، رَهَنِ سَبَرَ[٤] سَتَ،*
ڪَتِيءَ ۾ ڪِهَه[٥] پَڪُلِيا[٦] پُوڻَنِ[٧] اهڙِيءَ پَت[٨]،
پَنھوارَڪِي پَتِ[٩]، پيهي پيچ مَلِيرَ ۾.

٧

نَڪا جَهلَ نہ پَل، نہ ڪو رائُرُ[١٠] ڏيهه ۾،
آئيو وِجهنِ آهُرِين، روڙِيو[١١] رَتا[١٢] گُلَ،
مارُو پاڻَ اَملَ[١٣]، مَلِيرون[١٤] مَرَڪَڻُو[١٥].

٨

مَتَنِ[١٥a] ٽُپَڪَ[١٦] ٽُپَڪَڙا[١٧]، چِڪَندَڙا[١٨] اچَنِ،
ڪُڙِيُونَ ڪيهَ پَڪُلِيُون، پَگهرُ، سِرِ[١٩] پيرَنِ،
اِي وَرَ[٢٠] ويڙِهيچَنِ، مُون لوڏائِين[٢١] لَڪِيا[٢٢].

٩

تَنِ ساڏوهِيَنِ سَڏَ مَران، ڏِنگا جَنِين ڏارَ،
پُٽِي ساڻَ پَتارَ، پائُر پيرُونَ چُونڊِيان!

١ـ ٺاري ٢ـ وڻن ٣ـ واهپو ٤ـ مضبوطِ * تورِو کائي ۽ سَٽ ۾ سيل تي محڪم آهن.
٥ـ دز، مٽي ٦ـ مٽيءَ هاڻا، ميرا ٧ـ پُٺُن، گهمن، ڦرن ٨ـ طرح، ريت ٩ـ عزت، (سيل لاءِ شهرت) ١٠ـ دِل محصول ١١ـ چنيو ١٢ـ ڳاڙها ١٣ـ بي بها، لاثاني ١٤ـ هنن جو ملڪ ملير ١٥ـ ڀهڪندڙ ١٥aـ مَٿَنِ تي. ١٦ـ ڪارا، تورڪرا ١٧ـ ننڍا ڪارا ١٨ـ پگهر ڳاڙيندا، جهجندا ١٩ـ تي ٢٠ـ نشان، پتا ٢١ـ لوڏ يا هلڻ جي تورمان ئي ٢٢ـ سهي ڪيا.

۱۰

پاٽِهي پَڇِي پيئِيُون،* رِيءَ واهِيَتَ° رِيءَ واڙِ[۱]،
جُوءِ ڪُشادِي جيڏِيِن، مَلِير موڪَ[۲] مُهاڙِ[۳]،
اُتِ اَباڻا جنهن جا، سا ماڙِيءَ مُورِ مَ چاڙھہ،
جي اُڪَنڊِيُون آراڙِ[۴]، لوھَ تَنِين کي لاهِيِن!

۱۱

دَرَ، دَروازا، دَرِيُون، هاڻي هِتِي هو،[۴a]
ڪوڙِيِن اَڏِيان ڪيتَرا، تَنبُو مَتاءَ تو،
جي مُلِ° نَہ آيا، مارُئِي! تَنِين[۶] رَڙُ مَ رو،
ڪُوڪَتَ[۷] آهي ڪو، پُسِيءَ پَهُنوارَن[۸] ۾.

۱۲

سَنهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساھُ،
وِيِنِي سارِيان، سُومَرا! گولاڙا ۾ گاھُ،
هِنيُون منهنجو هُتِ ٿِيو، هِتِ مِتِي ۾ ماھُ[۹]،
پَکَنِ مَنجِھہ پَساھَ، قالِب[۱۰] آهي ڪوٽَ ۾.

۱۳

سَنهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين مَنُ،
هَتِي کَڻُ[۱۱] حلمَ[۱۲] جا، تَھ[۱۳°] وِڏائين تَنُ،
کيئَن تُوپايان ڪَنُ،** اَباڻيءَ اِبرَ[۱۴] ري؟

---

* ساڏوهيون قدرتي نموني ۾ پڇي راسِ ٿيون ٥ سنيال ۱- لوڙهو، رک ۲- موڪري، ڪشادي، گهڻي ۳- آڳو، مهاڳ ۴- آراڙي گاه لاءِ ۴a- هُجِ، رهي پؤ! ٥- مور، بنھ، بلڪل ٦- تن لاءِ ۷- ويڏن، هل هنگامو ۸- پسيءَ تي گذران ڪندڙ پهنوارن ۹- گوشت ۱۰- جسم، بدن ۱۱- توپا، بخيا ۱۲- نرمي، مهر ۱۳- پڙن ۾، ٻن ٽهن جي وچ ۾** مڱڻي وقت ڪنوار جا ڪَن ڳهڻ وجهڻ لاءِ توپائيندا آهن، اُهي تنهنجن ڳهڻ پائڻ لاءِ کيئن ڪَنن ۾ ٽُنگ ڪيايان. ۱۴- سئيءَ

١۴

پاڇاهِي[١] نہ پاڙيان، سَرَتيُون! سُئيءَ سانُ،
ڏِکي اُگهاڙَنِ کي، ڪِينَ ڏِکيائين پانُ،
پِيهَرَ ڇاپِي ڇانُ، اِبرَ جي اوصافَ[٢] کي.*

وائي

رُوندي راتِ وِهاءِ مون کي رويو راتِ وِهاءِ[٣]،
عُمَرَ! مِيان سُومَرا!
آئُون بَندِياڻِي بَندَ ۾، ڪِ ڪي بَندِ پِيا؟
عُمَرَ! مِيان سُومَرا!
مون کي ڏِيهان[٥] نِڪَري[٥a]، ٻہ تي توڪَ[٦] تِيا،
عُمَرَ! مِيان سُومَرا!
هِڪُ عُمَرَ مَندِيا[٧] مامِرا[٨]، ٻِيو مارُو تَرِ تِيا،
عُمَرَ! مِيان سُومَرا!
عُمَرَ! بَندِياڻِيَنِ سين، جورو[٨a] تو نَہ جُڳاءِ،
عُمَرَ! مِيان سُومَرا!

١ـ بادشاهي ٢ـ ڳڻ، وصف * جي فنا ٿيڻ بعد بقا حاصل ڪنديءَ تہ (مرڻ کان اڳي مري.وري جيئرو ٿينديءَ تہ) پوءِ سٿيءَ جي ڳڻن (سچي محبت) جي پروڙ پونديءِ ٣ـ گذارڻ گهرجي ۴ـ وهامي، گذري ٥ـ ڏيهہ (وطن) مان ٥a ـ نِڪتي ٦ـ ڏينهن ٧ـ جوڙيا ٨ـ معاملا، رٿون. ٨a ـ جور، جبر، ڏاڍُ.

داستان اٺون

١

چُرَنِ، چُٽَڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان، ڪِينَ وَرِي،
ڪَنان[1] عَهْدَ "اَلَسْتَ" جي،* ڪِ تِهائِين پَري،**
"لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ[2]،" مارُئِي ڪوهُ ڪَري،
اَجُ ڪِ ڪالهه مَري، ساري[3] سانيڙَن[4] کي.

٢

چُرَنِ، چُٽَڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان، ڪِينَ وَرِي،
جَنِ تي پَيءُ[5] پِيارِيو، مَنجهان سِڪَ سَري[6]،
وَهِيَنِ ويڙِيچَنِ جي، سِتائُنِ[7] سَري[8]،
تَرَنِ[9] تُوڪَ[10] ڏَري، اُتِي[11] وِيَٿرا اُڪَري.**

٣

چُرَنِ، چُٽَڪَنِ چِتَ ۾، وِسارِيان، ڪِينَ وَرَنِ[12]،
"لَيْسَ ڪَمِثْلِهٖ شَيْءٌ[13]" پَسَنُ ناهِ پِرِيَنِ،
پَڪا پَهُنوارِنِ، نيٺِي آڏِيا ناهِ[14] ۾ ! ÷

٤

چُرَنِ، چُٽَڪَنِ چِتَ ۾، گهارِينِ مَتي گهٽَ،
ڪَهَ مانڊائُو، مَڪَٽِي، ڏِوئِينِ[14a] پاسي ڏِٻَ،
پَهُنوارَڪي پَڪَڙِين، وَڃِي ڪَرِيان وَٽَ[14b]،
نسائِيهَ تامُهِينَ سَٽَ[15]، ڪَنڌِيَسِ پَڃِي ڪَڙَنِ کي.

١- ڪان * روحن جي خلقجڻ جي وقت ڪان وٺي. ** يا اڳا انهيءَ ڪان به اڳ، يعني جڏهن اڃا روح خدا جي ارادي ۾ موجود هئا. ٢- هو (خدا) نڪي ڄڻي ٿو، نڪي ڄائو آهي (ق- ش، ١١٢، ٣) ٣- ياد ڪري ٤- محبوبن ٥- (١) صاف پاڻي (٢) کير (٣) ڄڃهڻ، ڏڌ ٦- محبت جي چشمي مان ٧- ماندائن، جهوپڙين ٨- تڪڙي، هلي چلي ٩- ماڳن يا مڪانن تي ١٠- سامان ١١- مينهن وٺي *** برسات پوڻ تي مارو گهرن ۾ سامان رکي، وڃي وس وسائيندا آهن. ١٢- پتار (محبوبن) ١٣- ڪابه شيءِ هن (خدا) جهڙي نه آهي (ق- ش ٤٢، ١١) + افسوس جو اهڙن پرين کي آءٌ ڏسي نٿي سگهان جنهن جهڙو ٻيو ڪوبه ناهي. ١٤- نابودي، سڄ + جيئن پنهوارن جي طالبن کي انهن جي لاءِ سڄ ۾ ويٺو پوندو آهي، تيئن خدا جي طالبن کي هستي ڇڏي، نيستيءَ ۾ ويٺو آهي. ١٤a- ڏوئڻ مصدر جو مضارع= ڪڻن ١٤b- وٽ ڪرڻ، تبرڪ ڪرڻ، چڪڻ ١٥- سٽ سٽ ڪري وڃان، ڪاهيان.

۵

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، هُرَنِ مَنجهِ هِيئَين،
لُطفُ ڏِيو، لَطِيفُ○ چي، مِهرَ ڪِي مِيين،
ڏُکِيءَ ڪي ڏِئين، سَرَهايُون ساٿيهَ جُون.

٦

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، سَدا مَنجهِ سَرِيرَ،
لَڌِي ڪنهن لوءِ[1] وِيا، مارُو مَنجهِ مَلِيرَ،
ويٺِي پُوڄِيانِ پِيرَ، مانَ مِلَنمِ ڪَڏهِين!

٧

چُرَنِ، چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، رَهِيا اُندَرِ رُوحَ،
اُتي وِيئَڙا اُکِري، مارُو مَٿي مُوهَ[2]،
ويرُونِ[3] وِلوڙَنِ[4] جُونِ، سارِيانِ گهڻُو صُبُوحَ،
وَرُ[5] سي ڪارا کُوهَ، سِنجِيَمِ جي[6] ساٿِيهَ جا!

٨

ورُ اُهائِي ويرَ، جيئَن ڏَنُ تَسِي[7] تَڙِ آئِيو،
سَرَتِيَنِ ڏُٽُ سَبِيلُ[8] ڪِيو، اَگُڻِ ڏِوئِي ڏِيرَ،
هنئُونَ اُن جي هيرَ، ٿو جهِجي جَهروڪَنِ[9] ۾.

○ ميان، مرشد، ڏٺيءَ ١- لوڪ (ملڪ) ٢- موهڙ، مهاڙ (ميدان) ٣- وقت ۴- ڏڌ ولوڙڻ ۵- بهتر ٦- جن مان پاڻي پريم ٧- اُڃايو، اُساتيو ٨- گهڻو ٩- محلاتن، ماڙين.

٩

بِيرَ[1] ڪَنيائُون ٻَرَ ۾، پِيارِين پَهُون[2]،
سِنجَڻِ سائِيڪَنِ[3] تي، وَڏِيءَ وِيرَ[4] وَهُون[5]،
پايو جَرُ[6] جَندَنِ[7] ۾، ڪوڏان[8] ڪَنِ ڪَهُون[9]،
ڏِينهان ڏينهن نَئُون، مون کي وِرهُ ويڙِيچَنِ جو.

١٠

آڏِيءَ اَتِيَنِ تي[10]، جيلانهن پاڻِي پاتارَ[11] ۾،
وارو ويسَرِيَنِ کي، ڏِينهان ڪونہَ ڏِئي،
مُون ڪَمِيڻِيءَ کي، مَتان کُوهَ کَٽِي وِيا.

١١

سَرَتيَنِ سِنجَڻُ جَڏِيو، سَتِيَنِ ڳالهہ سُئِي،
ماڙيچِي[12] ماڙِيَنِ ۾، ڪَڏهن ڪانہَ هُئِي،
عُمَرَ! آن نہ مُئِي، اِنَ اوِيالِئان[13] اَڳِهِين.

١٢

پِنِيءَ[14] جي پُوڻِن[15]، پِيحَ[16] پِڻڪو نہ سُٽِيانِ،
سِنجَڻُ وارِيُون سَتِيُون، وَڃِي وِيڙَ[17] وَرَنِ،
پِيا سيٽَ[18] سَڙَنِ، تَرَهِي[19] پِنهي ڪَندِيِن.*

١٣

سَبَ نہ وَڃِي سُتِيُون، اَڃا ڪِي سِنجَنِ،
پِيو، سي پَهَرِن، جي اَڃائِجِي اِئِيُون.

١- کوه ٢- ٻڪريون، ڌڻ، مال ٣- سٽ پُرهَ، اونها کوه ٤- سوير صبح جو ٥- ڙالون ٦- پاڻي ٧- ڏولن، ٻوڪن ٨- شوق مان ٩- ڪاهون، ڊوڙون ١٠- تنهن ڪري، انهيءَ لاءِ ١١- زمين جي تري ۾ ١٢- ٿر جي رهاڪو ١٣- مهڻن کان ١٤- پره ڦٽيءَ ١٥- پٽُن، هلن، گهمن ١٦- پره ڦٽيءَ ١٧- اويڙه ۾ ١٨- نوڙيون ١٩- کوه * مارئي جي ڪهجي وڃڻ کان پوءِ پهنواريون کوهہ تي پاڻي پرڻ بند ڪري، ڳوٺ ڦٽائي ويون آهن، جنهن ڪري پاڻي ڪڍڻ جون نوڙيون کوه تي پيون سڙن.

۱۴

ٻُرِڙي[1] نَہ ٻَڪَرَ دانهن، پوڙَ[2] پِٽڪو[3] نَہ سُڻيانِ،
مِيان! مارُوئڙنِ جا، اوٺا[4] ڏِسان آنهن[5]،
جَنِ سانيڪا سِنجيا، سي ڏَٺِي! ڪِيَڙءِ ڪانهن[6]،
پَڪا ڪَٽِي پَرانهن[7]، جيڪُسِ لَڏِيو لوئِڙِيارِيِين[8].

۱۵

سِنجي سِنجي کُوهَڙا، ويڙهِي وِيا وَرتَ[9]،
مِيان! مارُوئَڙَنِ جِي، مون کي هينئڙي ۾ حَيرَتَ،
ڇُٽَڪَنِ اَندَرِ چِتَ، سانِيئَڙا، ساڏوهِيُون.

۱۶

کُوهَرَ[10]، ٿُوهَرَ[11] ٿَرَ، جِتِ سانيڪا ۾ سَنِيُون[12]،
چارِنِ اُتِ چاهَ مَنجهان، پاسِي ڦوڳَيَن[13] ڦَرَ،
ڪيئَن لهندَمِ ڪَرَا، جيئن مارُو پاڻ اَپارِيا[15].

۱۷

عُمَرَ! تِيَمِ اَپارَ[16]، وِرِهَ وَتِيان[17] ڪَنِ سين؟
ڏوٿيئڙا ڏُورِ ٿِيا، تَڳان جَنِ تنوار، *
سِنئاٿُون[18] سَنگهارَ، کُوهَنِ تان ڪَٽِي وِيا. **

۱۸

مُون مارُيءَ جو، سُومَرا! ٻنهي پارين[19] ڏُکُ،
هِتِ عُمَرَ جو اَهُکُ[20]، هُتِ مارُو ڏِينمِ مِيهَٽا.

۱- ٻُڏي، سٽي ۲- پوٽيءَ جي (ڦرڻ جو) ۳- آواز ۴- ٿلها، خالي ۵- جانورن جي پاڻي پيارڻ جا حوض ٦- ڪيڏانهن ۷- پراهون، پري ۸- لوئي ڍڪيندڙن ۹- نوڙيون، کُوهہ مان پاڻي ڪيڻ جا واڏ، رسا ۱۰- ننڍيا کوه ۱۱- وڻ جو قسم ۱۲- رسيون، نوڙيون ۱۳- ٻوٽي جو قسم ۱۴- ۱۵- خبر ۱٦- مشغول ۱۷- محبت ونديان، حال اوريان * جن جي تنوار (نالي ڳنهڻ) تي جيان ٿي. ۱۸- مانداڻ ** برسات پوڻ ڪري مارو کوهن جي پرسان ڳوٺن مان لڏي وڃي وس وٽ ويٺا آهن. ۱۹- پاسن کان ۲۰- ڏک، ايذاءُ.

وائي

پَرچَنِ شالَ پهُنوارَ، ڏولا! مارو مُون سان، لا!
مُون[1] مُورائِين[2] مَڏيُون، آهِن سينڻ سَتار،
ڏولا! مارُو مُون سان، لا!
عَيبَنِ ڀَري آهِيان، سَتَرُ[5] ڪِج[3] سَتار،
ڏولا! مارُو مون سان، لا!
اُنا مينهن مَلير ۾، تَرَ تَرَ پوءِ[4] تنوار،
ڏولا! مارُو مُون سان، لا!
پائي آيس پاندَ ۾، اَوَڳُڻ، عَيبَ اَپار،
ڏولا! مارُو مُون سان، لا!

داستان نائون

جهُڙِ ڦُڙِ[5] جتِ ٿِيا[6]، اُت آڏِيائُون پَکَڙا،
هِنَ منهنجي حالَ جو، قَدُرَ نہ ڪيٽانِ[7]،
جيڪُسِ آنِ وِسرِيانِ، مارُو قُوتِ قَرارِيا.

١- مون کي ٢- اصل کان، شروع کان ٣- ڍڪ ڍڪج ۴- پوي ٥- وسڪارو، برسات ٦- هتي لاءِ ٿي ٧- ڪٿي، انهن کي

۲

جُهڙِ ڦُڙِ مَتي مارُئين، جت ڇيها ڇلڙا[۱] ڇڪَ،
اَندَرُ تو اُڄَ مَري، ساهُ اُنين جي سِڪَ،
پيهُون[۲] شالَ پهُون[۳] پَري، ڏٿان[۴] ڏيئي ٽِڪَ،
وَرُ[۵] پِريان سين پِڪَ، پيا پان[٦] پَريائي گهورِيان.

۳

ڏَٿين پَٽين ڏيرَ، مَهِيَن[۷] مارُوئڙن جا،
پائُرَ سَڀِ پَچي پيو، گهرِ گهارِيندي ڪيرَ؟
ڪوٺيين لڳنِ ڪيرَ[۸] مَحَلين مُنجهي مُون هِنيون.

۴

هِنَ مُندَ[۹] مارُو سَنَرا[۱۰]، ويڙهين وَڳَ وارِين[۱۱]،
ڇَڇئانِ[۱۲] ڇيڪارِيو[۱۳]، ڇيلڙا، پَٽين[۱۴] پَهرائِينِ،
نيڻَ منهنجا اُنِ ڪي، جهجهو جَرُ هارِينِ،
تاڙا[۱۵] تنوارِينِ، مينهن وَسَندا، موٽُ تُون.

۵

هِنَ مُند مارُو سَنَرا، ڪاٿُرَ ۾ خُوشحالَ،
سائُون، سِيارِچ[۱٦]، مَکَڻي، جيڏيُونِ! آٿِينِ جالَ[۱۷]،
سَتيءَ جِي، سَيِّدُ چئي، ڪا ساٿيهه[۱۸] مَنجِهه سَنيالَ،
لِڳنِ تان، لَطِيفُ چئي، لوڻي لاهه مَ لالَ!
پَلو ڪَندو پالَ، مينهن وَسَندا، موٽُ تُون.

۱- گپ، ڇڪ ۲- پيون ۳- وڃيون ۴- تنهن مان، اُتان (سڪ جي چشمي مان) ۵- بهتر ٦- جايون ۷- وهين، شاهوڪارن ۸- ڪلا ۹- مند، مُوسم ۱۰- خوش ۱۱- ولر ورائين ۱۲- ڇڇر مان، هيٺانهين زمينن مان، ترائن مان ۱۳- ڪاهيو، هليو ۱۴- مٿاهين ميدانن ۱۵- پاپيهو پکي، جو مينهن جي موسم ۾ اچي پرگهٽ ٿيندو آهي ۱٦- ول جو قسم (پاڇي) ۱۷- گهٽي انداز ۾، ڍڳ ۱۸- وطن.

٦

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڏِنگَرَ[1] ڏارَ[2] رَهَنِ،
پاڻِي پُوجَ[3] پَتَنِ ۾، پَکي پانڊِ[4] پِيَنِ،
هِنَ کي لوهہ، لَطِيفُ چئي، هُوءِ ڪاٺُرَ مَنجِهہ کِلَنِ،
ڪاتُونباهہ کاڄَنِ، مينهن وَسَندا، موٽُ تُون.

٧

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ساٿيهَ مَنجِهہ سُڌِيرَ[6]،
هِنَ کي لوهہ، لَطِيفُ چئي، ڪوٺِيَنِ اَندَرِ ڪِيرَ،
مِهاٰ[7] مَنجِهہ مَلِيرَ، مينهن وَسَندا، موٽُ تُون.

٨

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڄِياڻِي[8] جالِينِ[9]،
چاريو لَنبَ، لَطِيفُ چئي، واڳِيِينَ[10] وِهارِينِ،
ڪِيتائِي[11] ڪاهِينِ، مينهنِ وَسَندا، موٽُ تُون.

٩

ڪاروڙِيان[12] ڪَٽِي، وِيڙِيجَهپ[13] وِيا،
سيڻَ منهنجا، سَيّدُ چئي، هاڻِي هِتِ هُئا،
پَسِي پَڊَ[14] اُتِين جا، لَڙِي لَڙڪَ پِيا،
ڏيهِي ڏُورِ وِيا، ڏِيان ڏوراپو ڪَنِ کي.

١- ڏينگهر، ڪنڊن جي لوڙهي ٢- وٽ، پرسان ٣- گهٽو، جام ۴- پر سان ٥- ٻوٽي ۽ ميوي جو قسم ٦- خوش، آسودا، ٻوڏ ۾ ٧- ميها (ٻاجي) ٨- ڪپري تعلقي ۾، هگورني ڳوٺ جي اتر طرف، ٻن ڪوهن تي هڪ ترُ جو نالو ٩- گهارين، گذارين ١٠- واڳهيون جو ترُ ١١- ترُ جو نالو ١٢- ڪاروڙو، ڳوٺ جو نالو (ننگرپارڪر) ڪاروڙي کان ١٣- ڏيپلي کان تي ڪوهہ پري ڳوٺ ١۴- قتل ڳوٺ، ويرانو.

۱۰

سَدا جَنِ پَرِياڻُ[1]، پانڌي پَڪي لَڏَ سين،
مارُو ڳُٺَنِ ساڻُ، وِٽڙا ٿَبرِ اُڪَرِي!

۱۱

مَٿي ٿَرَ رَهِي، وِيا گُذاري ڏينهڙا،
ڪَڏهن ڪونَہ آئيو، تَنِ پَهُنوارَنِ پَهِي[2]،
وِيئڙا سي وَهِي[3]، جَنَبُ[3a] گُذارِيَمِ جَنِ سين!

۱۲

پاسا پولَڙِيَنِ ۾، ٻانهُون سِرِ[4] ٻيئي،
اَکِيُون، نَڪُ اَريجَ[5] ري، تِمايَمِ تيئي،*
ڏُورِ ٿِيا ڏيهِي، پِرِين پائُرَ وَٽِ[6] ۾!

۱۳

ٿاجا[7] ٿَرَ ٻَرَ جَهلَ[8]، پِپُون[9] پائُرَ وَٽِ ۾،
سيئي سارِيو، سُومَرا! اَچِي آبَ اُڇَلَ،**
سانبِيَن[10] ڏِنَمِ سَل[11] ڏِٺي جَنِ ڏينهن ٿِيا!

۱۴

جُهران، جِهجان تي[12]، جيئن پَسنا[13] پَري ٿِيا،
اَلا! اوٺِي آئِيِين، جو کِينءَ[14] جي خَبَرَ ڏِي،
مَنَ منهنجي ڪِي، واڪو[15] لهِي وِيڙهِ جو.

۱- اُهڃاڻ، نشان ۲- قاصد ۳- هليا ويا، پنڌ پيا ۳a- جنم، حياتي ۴- مٿي هيٺان (وهاڻي بدران) ۵- ريج بنا زمين، ٿر * ٿر کان سواءِ (جدا ٿي) روئي روئي ٻہ اکيون ۽ ٽيون نڪ سمي رهيا آهن. ٦- ور وڪڙ ۷- مجلسون، ڪچهريون ۸- وڻ، ٻرسان ۹- ميوي جو قسم ** هنجون وهي هاريان. ۱۰- مائٽن (جي فراق) ۱۱- ٽُنگ، زخم ۱۲- تنهن ڪري ۱۳- ڏسڻ کان ۱۴- خير سلامتيءَ، خوشيءَ ۱۵- روح راڙو.

وائي

ويڙھيچَنَ ڏي وِينديِ، عُمَرَ! آئُون مارُوئَڙَنِ ڏي وِينديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

سَگُرَ ساھيڙِيَنِ سين، ساٺيھ مَنجھ سَتِينديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

اُنا مينھن مَلِيرَ ۾، ڏآڳا[1] ڏَٻَرَ[2] ڏونديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

عُمَرَ! اُنھِين ڏيھَ جا، ڪوڏَرَ[3] ڦُوٽُ ڪَرِينديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

گولُون گولاڙَنِ جُون، جَھپِي ساڱُ جَھتِينديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

ڪوڪَڙِ[4] ڪَنديِرنِ[5] ۾، ڦُوڪِيو، ڦَڪَ پَرِينديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

عِيدُنِ بَرادُن تي، ڪِھَ مانڌاٿُو ڪِينديِ[6]،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

پُسِي ڪائِي پيٽَ ۾، ڏؤنرا ڏَنُ[7] آن ڏِينديِ،
ڏيھَ ڏاڏاڻين پَکَڙين.

١- ليڙون، چوٽيون ٢- گودڙيون، رليون ٣- ڏٿ، جھنگلي ميوو ۴- ڪابہ سڪل شيءِ
٥- گندي، جنھن ۾ ٻھراڙيءَ جا ماڻھو سيڌو سامان رکندا آھن ٦- ڪائيندي ٧- محصول.

داستان ڏهون

١

اُنيءِ[1] تِي وَراڻ[2]، ڪِينءَ[3] واڏايُون آئِيُون،
لَتِي لوئِڙِيارِيِن[4]، مِڙِني مُنهن ڪاڻِ،
صُلحُ وارِيو سُومَري، ڇَڻِي پَهُنوارَنِ پاڻِ،
هَمِيرَنِئُون هاڻِ. مُهُتَ[5] لَهَندِينءَ مارُئِي.

٢

ڏُرِيائِين ڏارَ، جي وَڏي وَڻَ جدا ڪِيا،
تَنِ سُڪَنِ ڪِهَڙِي سارَ، تَہ ڪِ اُنا مينهن مَلِيرَ ۾.

٣

آيو ڪِيرُ ڏيهاءِ[6]، جنهن ڪَرَ پُڇان خَبَرُون،
وِڇُون اِنَ وَٽاءِ[7]، راتِ مارُوءَ تي وَٺِيُون.

٤

اُتان اوٺِي آئِيو، خَبَرَ اِيءَ ڪَرِي[8]،
وِساريج مَ وَرَ ڪي، پَئِجِ مَ مُنڌَ! مَرِي،
وِينڊِينءَ اُتِ وَرِي، ڪو ڏينهن آهِين ڪوٽَ ۾.

١ـ مينهن وٺي ٢ـ آسودگي ٣ـ سلامتي ۴ـ لويون ڍڪيندڙن ٥ـ عزت، آبرو ٦ـ ڏيهان، وطن ڪان ٧ـ ورٽاءِ، ورن يا رنگ واريون، اهڙي نموني جون ٨ـ صحيح، سچي.

۵

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽَ ۾، لوئي هَڏ مَ لاهِ،
ڪامِڻ[۱]! آنهنجي ڪُرَ جِي، آڏ[۲] وَڏائِي آهِ،*
هِيءَ مَ پاڙِج هيڪَڙو، پائِرِ جي پَساهِ،**
سَنِي! سِيلُ[۳] نباهِ مَلِيرِ وِينديِنءَ مارُئِي.

٦

سي ساهيڙيون سارِين تو، سِيلُ جَنِين جو سَچُ،
مارُوءَ رِيءَ مَ مَچ[۴]، سِيهو[۵] پانئج سونَ کي.***

۷

ساهيڙُيون سارِين تو، سَچُ جَنِين جو سِيلُ،
نَہ ڪو قالُ نَہ قِيلُ[٦] اُنين جي اَدَبَ ۾.

۸

جو ڏيهُ ڏاڏاڻنان آئِيو، پيرين تنهن پُئان[٦a]،
سانگائِتُوءَ[۷]، سَيّدُ چي، سَنڍيون چِتَ چُئان[۷a]،+
هِتِي تان نَہ هُئان[۷b]، حرفَ لَتِي هيڪَڙي!×

۹

جو ڏيهِ ڏاڏاڻنان آئِيو، ڏُنمِ تنهن طَعنو:
"پائي ويهُ مَ پلَنگِين، ڳِچِيءَ سِرِ ڳانو،
مَتان لڪ[۸]، لَطِيفُ چي، ڪانءِ[۹] مَ خزانو÷
سَرَتيَنِ سِيلُ چَوائِيو[۱۰]، جورِ هَتِي جانو،
تِيو سَڌُ سَمانو[۱۱]، حَرفَ لَتِي هيڪَڙي."

۱- اي ڪامڻي، اي منڊا مارئي ۲- مکيہ، خاص * اي مارئي! لوئي اوهانجي ڪڙم جي خاص خوبي يا مکيہ زيور آهي.
** عمر ڪوٽ ۾ جيڪي دم ڪٽين ٿي، تن مان هڪڙو بہ پنهنجي وطن ۾ ڪٽيل دم جي برابر نہ سمجهج، عمر ڪوٽ ۾ جيئڻ اجايو سمجهج. ۳- (۱) سياءُ، گڻ، خاصيت، سينگار (۲) سيت، نيڪ اخلاق (۳) سَتُر ۴- تلهي متاري ٿيءُ ۵- شيهو *** سون جا زيور تڇ ڪري سمجهج. ۵- بحث مباحثہ، شڪ شبهو ٦a- پُوان ٦- مسافر؛ سڱ واري (مڙس)۷a- چَوان ۷b- هُجان + دل جو احوال اوريان. × ايتري وقت ۾ جنهن ۾ هڪ حرف ڳالهائي سگهجي، دم يا پل ۾. ۷- چيلهہ، ڪمر ۸- ساڙ، جلائي÷ اي مارئي! لوئي جنهن سان تو چيلهہ ٻڌي آهي، سو خزانو اٿئي، چاڪاڻ جو ان تي تنهنجي پرم جو مدار آهي، انهيءَ کي متان ساڙين (نقصان پهچائين). ۹- سيل رکڻ لاءِ عرض ڪيو ۱۰- شاناٽو، مانائتو، اجهو تو عزت سان وطن رسڻ لاءِ مائٽن طرفان سڏ ٿيئي، اجهي تا مائٽ ولڻ اچئي.

١٠

مُون سين مارُوئڙيون، کِهَڙيءَ رِيتِ رُسَنديُون،
چوتَيءَ ۾ چيڙُ پيو، پيِيَمِ رَتُ-جَيُونِ[١]،
نيتَين نندَ وِهُ ٿِيِئي، ساري ساڏوِهُيون[٢]،
هِتي جي هيُون، تَه سُڌِ پيِينِ سِيلَ جي.

١١

سَتِي! تنهنجي سَتَ ۾، ٻَالِهه گهرِجي ڳُجُ،
وَڍِيو، ڇيرِيو، ڇِڇِرِيو، پَرِ ۾ اُڀِي پَجُ،
سانڍُ اَمانَتَ اَڄُ، تَه ٿِيين سَمانِي[٣] سانئيهِ ۾.

١٢

جانڪِي سَتِيَنِ سِيرُ[٤]، تانَ ڪِينَ وِيهَندِيَسِ ڪوٽَ ۾،
سِپَ سَمُنڊين سَپَجي، نَديءَ پِيئِي نَه نِيرُ[٥]،
جيئَن هُوءَ اَبرَ[٦] آسَرِيءَ، تيئَن مُون مَنِ مَلِيرُ،
ڪاٺُرِ پيئَڻ ڪِيرُ، جي اَمانَتَ اُتِ وَجي!

١٣

جَرَ ۾ سِپُون جيئَن، آهِينِ اَبرَ آسَري،
جيئَن ڪُنجُون[٧] سارِنِ[٨] روهَ[٩] کي، مُون تَن اَندرِ تيئَن،
هُتِ وَعِدا وَڃَڻَ جا، هِتَ نَه يانيِمِ هِيئَن،
ڪوٽَنِ وِهان ڪيئَن، جي نَظَرٻَنديِائِي نَه هُئان.

١- جون 1a- ٿي ٢- جبار جا وڻ، جوءِ، جاريون ٣- شانائتي، عزت آبروءَ واري
٤- سيل ٥- پاڻي ٦- ڪڪر (مينهن) ٧- پکين جو قسم جي ولر ڪري اڏامندا آهن
٨- سارين، ياد ڪن ٩- جبل وطن.

١٤

سِپَ سَمُنڊين سَپَجي برُ آسارُوس[١]، ÷
ٻـاڙو[٢] پيئي نہ ٻـپُڙي[٣]، ٥ سو مُنهن لَڳوسِ[٤]،
ماٺِڪُ تي مِڙيوسِ، جيئن تَندَنُہ ڪَڍِيائين تارِ ۾.

١٥

سِڪو، سَپَ سَرَتِيُون! سِپُنِ مُلا[٦] سِيرُ،
ٻـيو مَٿائي نِيرُ، * اُڀِـيُون اَبرَ آسَري.

١٦

سِڪو سِپُن ڪان، سَرَتِيُون! رِيتِ سڪَڻَ جي،
مَگُنِ جَرُ مَٿان، اوري ڪَنِ نہ آسَرو.

١٧

پِهَرِينءَ راتِ پَسِي، مُون مارُيءَ مَنُ ڦِڪو ڪِيو،**
موهَر[٧] مارُوئَڙَنِ ڪي، واحِدَ! ڏِيجِ وَسِي[٨]،
آهَرَ[٩] جنهن اَسِين، سو مِلَندو شالَ مَلِيرَ ۾.

١٨

وَطَنَ رِيءَ ويهِي، جي هِتِ گهارِيَمِ ڏينهڙا،
اوءِ مارُو ڏِيندَمِ منهن ۾[١٠]، ڏاڏاٽا ڏيهِي،
پَکَنِ ۾ پيهِي، شَلَ مَحلَنِ جي مَرُ ڏُٺان!

---

٥ ڪڪر ١ـ آسرو آهيس ÷ ڪڪر جو آسرو اٿس ٢ـ سمنڊ جو ڪارو پاڻي ٣ـ سپ، جنهن کي ٻہ پڙ آهن ٤ـ مُنهان پيس، کاري پاڻيءَ کان نفرت اٿس ٥ـ ڪشالو، لنگهڻ ٦ـ کان * ٻيو سپ ڪنهن قسم جو پاڻي ترڪ ڪري. ** پهرين رات ئي عمر جي ماڙي ڏسي، منهنجو روح ڪنو ٿي پيو. ٧ـ مهاڙو، موهَرُ، (ٿر جو هڪ حصو) ٨ـ وسيع، ويڪري ٩ـ آڌار ١٠ـ طعنا هڻندم.

وائي

منهنجو مَنُ، مِيان! واڳيو ويڙِهچَنِ سين.
پاهيِ[1] پاڪِي[2] پَنَڙِي، پِرِيَنِ سانُ پِيان!
واڳيو ويڙِهچَنِ سين.
پِيرُ نہ ڇَڏِيان پِرِينءَ جو، جانسين تِي جِيان،
واڳيو ويڙِهچَنِ سين.
حَرفَ لَڳي هيڪَڙِي، هِتي تانِ نہ هُٿان،
واڳيو ويڙِهچَنِ سين.
ڪِيرُون[3] ڪَٿيرِيَنِ ڪي، وَڃي ڏيهِ ڏِيان،
واڳيو ويڙِهچَنِ سين.
آئون ڪيئن لوئي لاهِيان، ڪارَڻِ ٻِنِ ڏِينهان،
واڳيو ويڙِهچَنِ سين.

داستان يارهون

١

مَلِيران[4] مارُو، پَڪي[5] پيهي آئِيو،
وَرِيا واهارُو[6]، هاڏُو[7] سَڀِ هِيٽا ٿِيا.

٢

پَهِيءَ[8] سُڪَ! پيرَنِ ڪيهَ[9]! ڪو نينهن نِياپو مارُئِين،
اَتِ اُڪَندِي آهِيان، تيئن آتَڻَ، تيئن ڏيهہ،
سَندِي جا سائيهہ، ڪِهَ ڪَٿُورِي پائِيان.

١- پيالي ٢- پانڪي (پَنَڙي)، پاڪري جهڻ، لسي، رب ٣- مبارڪون ۴- ملير مان ٥- پڪي پر، مڪان يا ڪوٽ پر ٦- واهَرُو، مددگار ٧- ظالم ٨- اي قاصد! ٩- دز، مٽي، (٢ کان ۴ بيت تائين مارئي قاصد کي مرحبا ڪري، سائيهہ جون خبرون پڇي ٿي).

٣

ڪنهن تَرِ ڏيهائِي، ڪِتي اُتَنِ مينهڙا،
مُون وَٽِ مُون پِرِيَنِ جِي، وِيهِي ڪَرِ وائِي،
آئُون اَگهَ-ڍائِي، سَنِيهو سُٽِي جِيان.

٤

جِيڪَسِ اُتا مينهن، مُونهان پوءِ مَلِيرَ ۾،
ڪاله سَجوئِي ڏينهن، منهنجي اَکڙِين اُڪيريو[١].

٥

سَجُ ڪِ اُتا مينهن، مونهان پوءِ مَلِيرَ ۾،
ڏوٿِيَنِ لائِيا ڏينهن، پَهِريا جي پُسِيءَ کي.*

٦

اُتَنِ مينهن گهٽا، تِيَنِ موڪَ[٢] مَلِيرَ ۾،
اَکِيُون آب-پَرِٺُو[٢a]، اُنهِين[٢b] ڪوڻِ[٣] ڪَٽان،
مارُنِ شالَ مِڙان، ڪوئِيُون ڇَڏي ڪَڏهِين!

٧

"تنهن پَرِ اُتَنِ مينهڙا، جنهن پَرِ گهُرِياٺُون،
رَضا جا رَحمانَ جِي، پُڇِي[٤] پارِياٺُون،
مَلِيرُ ماٺِياٺُون، حُڪُمَ سانُ حَبِيبَ جي."

١- واجهايو * جي پسيءَ جي ڳولا ۾ جهنگن پٽن ۾ پکڙجي ويا آهن. ٢- ججهو يا گهڻو پاڻي، آبادي ٢a-ڳوڙهن سان پرپل اکيون. ٢b- اُنهيءَ ٣- طرف، پاسي ٤- گهري، عرض ڪري (هن بيت ۾ قاصد جواب ٿو ڏئي).

۸

سَڳَرَ[1] سيئي ڏينهن، جي مُون ڳهارِيا بَندَ ۾،
وَسايم وَڏَ-ڦڙا، مَتي مارُيَنِ مينهن،
واجهائِيَسِ[2] وِصالَ کي، ٿِيَسِ ٿِهوارُون[3] تيئن[4]،
نِيئَرُ[5] منهنجي نِينهن، اُجاري اَچو کِيو.

۹

عُمَرَ! اَڄُ ڳَڏِيام، ڏوٿِي اَنهِين ڏيهَ جا،
پازايا[6] پِرِيَنِ جا، اُڃِي اُن چَيامِ،
لَهِي لوهَ پِيامِ، لُطفُ سانُ، لَطيفُ چئي.

وائي

کَٿِيءَ مَنجهِ کَٿيائِين، مارُو چامَ مَلِيرَ جو.
پَرَچِي پَهُنوارَنِ سين، لوئِي ڏيجُ لَڌائين،
مارُو چامُ مَلِيرَ جو.
سِيلُ نِباهِي، سُومَرا! پنهنجو پِي[7] پُڇِيائِين،
مارُو چامُ مَلِيرَ جو.
جُهوپو جهانگِيئَڙَنِ جو، مارُيءَ سان نَہ مَٽِيائِين،
مارُو چامُ مَلِيرَ جو.
سَگُرَ ساهيڙِيَنِ سين، کاڌُونبا کاڌائِين،
مارُو چامُ مَلِيرَ جو.

۱- چڱا، سنا ۲- واجهايم پئي ۳- پرزا پرزا ۴- تيئن، تنهن ڪري ۵- زنجير ۶- پيغام، سنيها ۷- پرين، محبوب.

ماروءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، چَسا[١] سَڀِ چَکِيائِين،
مارُو ڄامُ مَلِيرَ جو.
اُتي، عَبدُاللّطِيفُ چي، شَرَمُ رَکين، رَبَ سائِين،
مارُو ڄامُ مَلِيرَ جو.

ابيات متفرقه

١

جُهُڙ[٢] سي لوڙائُو[٣] ٿِيا، جَنِين پَرِ[۴] رَهَنِ،
مارُو مَنجِھ ٿَرَنِ، رَهِي رَهَندا ڪيتِرو؟ *

٢

جُهُڙ سي لوڙائُو ٿِيا، جَنِين سَندِيءَ ڏِيرَ[٥]،
مارُوئَڙا فَقِيرَ، ڪنهن ڏَرِ ڏِيندا دانهَڙِي؟

٣

وَطَنُ مُون مَلِيرُ، قَضا آندِيَسِ ڪوٽَ ۾،
چانڪِ[٦] پِيَندِيَسِ پِرِينءَ سين، پائُرَ جو پَنِيرُ[٧]،
هاڃو ڪِيو هَمِيرُ، بِاللهِ نَئِي ٿو بَندَ ۾!

۴

سُهُمَ[٨] پَسان ٿِي، سُومرا! پِرِيَنِ رِيءَ پِيئِي،
مُبلِ[٨a] رَساٽِي مارُئِين، مون کي ڪو نيئِي،
تہ ساٽِنِ سِيئِي، ڳُجَھ ڳَرِهِيان ڳالهيون.

١- لذت، سواد، چشڪا ٢- جنڊهن ٣- ڦورو ۴- آڏار، آسري *جن جي آڏار تي مارو ماڻهو ٿر ۾ رهن ٿا، سي جيڪڏهن خود ظالم ڦورو ٿي پوندا تہ مارو ڪيترو وقت ملير ۾ رهي سگهندا؟ ٥- آڏار ٦- چوان تہ، مون ليکي ٧- پاڻي ٨- تيز چرٻ، دڙڪو، طعنو. ٨a- (ماروئن) وٽ.

٥

جي گهرِ گهارِيَمِ ڏِينهڙا، هَيڪانديءَ حُضُورِ،
سيئِي سِڪان، سارِيان، پَچان پائُرَ پُورِ[١]،
هَمِيراٽا هَتڙا، ڪِينَ مَچِينديَسِ مُورِ،
سَنجهي سَتِ گُذارِيان، اَچين شالَ اَسُورِ[١a]،
دَران[٢] تِيان مَ دُورِ، مارُوءَ چامَ مَلِيرَ جي.

٦

اَتِ اُڪَندِي آهِيان، عُمَرَ! آئُون اَڪاجَ[٣]،
سُومَرا سُڪاجَ[٤]، جَهلِ مَ بَندِ جِهجَندِيُون.

٧

اَجُ اَڏَنگا وِيڙَ، مون کي مُڪا جيڏِيين:
"هارِي! هَمِيرَنِ جا جيڪُسِ ڪاڏِءِ ڪيڙَ[٥]،
سانيِيئڙا ۾ سيڙَ، ڪِ تو وِيا وِسَري"

٨

وِينِي ڪوٽَ وَتِنِ[٦] ۾، ڪامَڻِ[٧] ڪُوارِي[٨]،
مَلِيرُ سارِيو مارُئِي، رويو رُئارِي،
آلا! اوتارِي، مُنڌَ مارُوءَ جي ميڙِيين!

١- خيال يا يادگيريءَ ۾ ١a- اَسُرِ ٢- در ڪان ٣- نڪار، نالائق ٤- لائق ٥- ڪاج، طعام ٦- پاسي ڪنڊن ٧- ڪامڻي، سهڻي زال ٨- پاراتا ڏيئي، پٽي، گلا ڪري.

٩

جيها جي تيها، مون مارُو مَڃيا،
مون جيڏيون مَلِيرَ ۾، چُوندِن موڪَ مِهº.
منهنجي آھ اِها، ڪَڏِهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

١٠

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، ڏوئي[١] مَرُ مَران،
پاڻي واري[٢] پانهنجو، وِينديائي[٣] وَران،
ڌورو مَنجهِ ڌَران، هوند لَڳي لوڙِيارِيين.

١١

مارُوءَ پاسِ مَلِيرَ ۾، هَميشہ هُئان،
پيرين تنهن پُئان، نَيَ[٤] وِهاڻِيءَ نُورَ سين.*

١٢

مائٽ منهنجا، سومَرا، مارُو نَہ ميرا،
اُڻِيو ڏِينِ اَسُورَ جو، پِٺُنِ پَرِ پيرا،
پَهُنوارَنِ پيرا، وِڙُهہ مَ ويڙِيچَنِ سين.**

١٣

ڪيئن ڏُٿارِيان ڏَبَرّا، وِينديَسِ ڪنهن نَہ وِهاھِº،
مون مُلِ[٦] مارُو ناھِ، اَچا اوڍِيان ڪَنِ کي[٧]؟

º ميها، ڏِنڊا (ٻاجي) ١ـ وهنجي ٢ـ وهنجي ٣ـ وڃڻ سان (مون کي ايترو وقت ڇڏ جو وطن وڃي وهنجي، موٽي اچان) ۴ـ رات * اءُ پنهنجي پرين کي اکين سان اسر وقت پيرين پونديس. ** اي عمر! مارن جا پيرا ڏسجن پيا، اهي آيا ڪي آيا، تنهن ڪري هنن سان هرويرو هٿ نہ اٽڪاءِ. ٥ـ وهانءَ تي، شاديءَ تي ٦ـ وٽ ٧ـ ڪن جي لاءِ يا خاطر.

١٤

آکَڙِيُون مَلِيرَ ڏِي، جَنِين راتو ڏينهن،
هاڻي ڪَندِيَس ڪيئن، عُمَرَ! آسائُنِ[١] سين.

١٥

ڪانڌُ نَہ ڪَندِيَسِ ڪو پِيو، ڪَتِيرو ئِي خُوبُ،
ميروئِي مَحبُوبُ، آسان مارُو مَنَ ۾.

١٦

مُنهن منهنجو، سُومَرا! مَرُ ميروئِي هوءِ!
مَتان مارُو چُوءِ، تَہ ڏوتوءِ ڏورائُنِ[٢] ۾.

١٧

جي لُوڻُ لِڳِين[٢a] لائِيِن، چِيري چِيري چَمُ،
مُون[٢b] ڪُرَ[٣] آڳِ نَہ ڪِيو، اِهڙو ڪوجهو ڪمُ،
جان جان دَعويٰ دَمُ، تان تان پِرتِ پَهُنوارَ سين.

١٨

تنهن کِنوڻِ[٤] تِي کِنواءِ،* جا ڏِسِ[٤a] ڏاڏاڻِنِ جِي،
سارِيو سانيِيئڙَنِ کي، رويو راتِ وِهاءِ،
سُونڌا[٥] ڪِيمِ سَهاءِ، عُمَرَ! بَندِياڻِنِ کي.

١- آسن، اميدن وارن ٢- محلاتن ٢a- لڳن کي. ٢b- مُنهنجي ٣- ڪرڙ، خاندان
٤- طرف، پاسي، ڏس * تنهن طرف ڪوڻ پٽي ڪنوي. ٤a- ڏانهن، طرف ٥- طعنا.

١٩

جتِ ڀُونگا، ڀِٽُون، ڀيڙِيُون، تنهن کِنوَٽِيون کِنوَنِ،
پاڻُرَ سَڀِ پُسائِيو، وَسِي وِڄَڙِيَنِ،
مارُوءَ رِي مَ مَرَنِ، اَللهَ! اِهي○ آسائِتيُون.

٢٠

جتِ ڀُونگا، ڀِٽُون، ڀيڙِيُون، تنهن کنوڻِ ٿِي کِنواءِ،
سا وِڄُ پَسِيو وِندُران، مون رُوندِي راتِ وِهاءِ،
سِيليتِيَنِ[1] سُهاءِ[2]، مارُو جو[2a] مَليرَ جو.

٢١

ڀَرِي کِيا پَٽَنِ ۾، وِڄَڙِيَنِ واڏاٽا[3]،
سُورَ اُنِين جا، سُومَرا! مون کي اَندَرِ اُڏاٽا[4]،
اُٺي وِيئَڙا اُکَرِي، عُمَرَ! اَباڻا،
ڀَکَرَ ڀاڀاٽا، پَسان شالَ پَرِ کَهِين!

٢٢

وِڄَڙِيَنِ ويسَ کِيا، مونِي آئِي مُندَ،
اَکِيُون اَباڻَنِ ڏي، بَسِ نَہ کَرِنِ بُوندَ○،
هيڻُن نہ ٿِيَنِ هوندَ، جِي کَرَ لَڏائُون کَڏِهِين.

○ اِهي ١- سيل واريون، ستيون ٢- سهائي، منهن تي پوي ٢a- جيڪو ٣- ويجهہ، پالوٽ
٤- پڙڪو ڏئي ٻاهر نڪتا ○- بونديون، ڦڙا، ڦوڙها.

٢٣

جِتِ ڪَرَڙَ[1]، ڪَنا ۽ ڪاهِيُون[2] پالَ[3]، پَڪا[4] ۽ پَڪَ[5]،
سَرَهِيُون سي سَرَتِيُون، حاضُرُ پاسي حَقَ[6]،
مارُوئَنِ سين ماڻهيان، شالَ مُندائِتِي مَڪَ[7]،
ڪينڪاريان خَلَقَ، جا ٿَرَجائِي ۾ ٿُوهَرين.

٢٤

پَڪا پَهُنوارَنِ ڏي، ميوا، مَچِرَ، مَڪَ،
عُمَرَ! اَتِ اُڪَنڊِيو، حالُ هَماري[8] حَقَ،
لوئِي ۽ لَڪَ[8a]، سَمُنَ[9] سُپيرِيَنِ سين.

٢٥

پانڌِي! پِرينءَ پَهُنوارَ ڪي، چَيُمِ تيئَن چَئيجِ:
"سَندا سَنگَتِ ڏينهڙا، وَرَ! مَ وِساريجِ،
ڪوئِيَنِ ڪُئي آهِيان، سِگِهي سارَ لهيجِ،
مُتِ مانڊائي مُنجيجِ، تَ نِيئَرنِ ۾ نَئُون ڪَريان[10]."

٢٦

پانڌِي! پِرينءَ پَهُنوار سين، روئِي ڪِجِ رِهاڻِ:
"جيئَن تَرِ وِجُون اُنيُّون، تيئَن آن سُورَنِ ساڻِ،
ڪِجاهِ ڪا وَراڻِ[11]، ڏُکَنِ ڏِيلُ ڏَهِيُون[12] ڪِيو."

١ـ اوني فراسيون ٢ـ ڏاس جو ٿهيل پورو، خرزين، ٣ـ ڪاهيءَ جهڙي شيءِ جيڪا گوار جا سُڪل پن وغيره (گوانٽي) ۽ ٻاجهريءَ جا ڪانا ڍوئڻ لاءِ ڪم اچي ٿي. ٣ـ ڪڪائان جهوپڙا ۴ـ ڪرڙ جو ميوو ٥ـ ڪرڙ جو ميوو ٦ـ مڙس ٧ـ ڪبڙ جو (ڪچو) ميوو ٨ـ منهنجي ٩ـ وعده، مقرر ٽيل ١٠ـ وٽ ڪريان، مند جو نئون ميوو ڪري کانءُ ١١ـ موٽ ١٢ـ پرزا پرزا. 8a‏ـ پٽن جي لاهين تي ٺهيل گس.

٢٧

پانڌِي پِرينءَ پَهُنوارَ جا، جان تو وَڃين وَسِ[١]،
ساري ڏيج سَرَتِيِنِ، سَلامَنِ سَنهَس:[١a]
"آئون اُوهان جِي آهيان، گولِي مَٽي گَس،
ويٺِي ڪَرِيان وَسَ، ايڏي[١b] جي اُچَڻَ جا."

٢٨

پانڌِي! چَئِجِ پِرينءَ کي، جورِ هَٿِي جانا:
"پَيڪَڙا[٢] پيرَنِ ۾، ڪَرايَنِ ڪانا[٣]،
آن[٣a] رِيءَ اَمانا[٤]، گهنگهرِ گهارِيان ڏينهڙا."

٢٩

پانڌِي پِرينءَ پَهُنوارَ جا، نِياپا نِي ڪي،
ساري ڏيجِ سَرَتِيِنِ، يادِ پُونئِي جيڪي،
وَلِيُون، وَٽُ ڦُلارِيا، ڪِرڙَ پَڪا ڪي ڪي،
سَگُر ڪِينِ[٤a] سَرَتِيُون، سيِيَنِ[٤b] جيئن سيڪي،
زيرِيُون[٥] يَڇِي جي ڪي، مِلان مارُوئَڙَنِ کي.

١ـ مينهن ڪري آبادي ١a ـ (سهسين) سؤ، سوين. ١b ـ ايڏانهن ٢ـ پيڙيون ٣ـ ڪڙا، ڳٽ ٣a ـ اوهان ٤ـ بي مانا، بي عزتا ٤a ـ ڪائن ٤b ـ سَيون، سيويُون (Vermicell) ٥ـ زنجيرون.

٣٠

جي هِتِ هُئي مارُئي، تہ لَڏيمِ ڪَرَ[١] ڪيٽاسِ[٢]،
اَرداسِيُمِ[٣] عُمرَ کي، ويجھو ٿِي وَٽاسِ،
جي نہ ڇَڏِيائين، ڪِ جَھلِيائين، تہ پنھنجو اَنگُ آڇِيانسِ،
لاهي لوھُ، لَطِيفُ چئي، هِتان هوند هَلانسِ،
موڪِي[٤] مَلِيرَ سامُهين، وَٺِي پانھن وَڃانسِ،
رَهَبرُ ٿِي ريڙِهيانس، سونھارِي ساٿيھ ڏي.

٣١

نَنگا آهِيُون نِڳيا[٥]، اَسِين مارُو لوڪَ،
ٿَرَ کي پانيُون ٿوڪَ[٦]، جو ڏَڪَ ڏاتِيئَڙنِ جِي.

٣٢

اوڏا جان هُئا، تان نِتُ نِياپا آئِيا،
مارُوئڙا مَليرَ ڏي، واري وَڳَ وِيا،
تَنِين ڏونھن[٧] ڪِها[٨]، ڏي[8a] ڏوراپا، چائِيان[٩]؟

٣٣

ڪَنياٺُون ڪاٺُر ڏي، ساري هاجَ هِئا[١٠]،
لاهي لَڏَ، لَطِيفُ چئي، پَرِيين ٿَرِ ٿِيا،
ڇَڏي ڳُٺَ ويا، مارُوئَڙا مَلِيرَ ڄ.

١- خبر ٢- سنديس ٣- عرض ڪيم ٤- ڇڏائي، ڇناٺي ٥- نڪتا، پيدا ٿيا ٦- ڳھٽو، نعمت ٧- ڏانھن ٨- ڪھڙا 8a- ڏيئي (ڏاتڪي، پارڪري ۽ سرائيڪيءَ ۾) 9a- ڏانھن ٩- چوائيان ١٠- هتان.

٣٤

جيئن ٻُنڊِيُون مَنجِھ ٻُنڊِيرَ، تيئن مُون مَنَ مارُوئَڙَنِ سين،
سي مارُوئَڙا ٿَرِ ٿِيا، جي ٻُٺَنِ جا ٻُهِيرَ[١]،
تَنين رِيءَ، هَمِيرَ! گهنگهرِ گهارِيان ڏِينهَڙا.

٣٥

جيئن ٻُنڊِيُون مَنجِھ ٻُنڊِيرُ، تيئن مُون مَنَ مارُوئَڙَنِ جُون،
ڏِنيُون لَسَ[٢]، لَطِيفُ چي، هينئَڙي کي هَمِيرَ،*
وَڃِي مَنجِھ مَلِيرَ، سَڀِ ڇوڙِينديَسِ سُومرا!

٣٦

سي ٿارِيلا[٣] ٿَرَنِ ۾، جي مان[٣a] گهٽُ[٤] گهرِي،
وَطنُ وَسَ، وَسَندِيُون، هينئَڙي نِتَ هُرِي،
اَندَرِ ڇِتَ ڇُرِي، وِرِهُ ويڙِيڇَنِ جو.

٣٧

وَهِيان ٿِيَنِ وَٿانَّ، ڏوکاهِي[٥] هُٿانِ جي،
اوءِ پيٽِيُون[٥a] ۾ ڀانَّ، موتِي مارُنِ اَڏِيا.

٣٨

ٿورا مَنجِھ ٿَرَنِ، مُون سين مارُوءَ جي ڪِيا،
عُمَرَ! اُنِ ٻُٺَنِ، آئُون ڪيئَن لوئِي لاهِيان؟

١- ڳُوَرا، بردبار ٢- لسيون ٻُنڊيون، جي جلدي ڇڙي سگهن ٿيون * ماروئڙن منهنجي من کي ٻُنڊير جهڙيون ٻُنڊيون ڏنيون آهن، پر عمر لسيون ڏنيون آهن. ٣- ٿر جا رهاڪو ٣a- منهنجي، منهنجو ٤- نڙي، اندر، دل ٥- ڏوکاهي ۾، مصيبت يا ويڙن ۾. ٥a- جايون، ماڳ.

هَڏِ نَہ پَڙان هيڪَڙي، توري تَرَ جايَنِ،
مون کي مارُوئَڙَنِ، ميرِي ڪَري نہ مَنيو.

٤٠

نِيئَرُ نَہ لَهي نينهن جو، لوھ جا وِيا لَهي،
ڪُنجيُون جي قُفلَنِ جون، سيٹَنِ هَٿَ سَهي،
وِيئَڙا راڄَ رَهي، ڏِيان ڏوراپا ڪَنِ کي؟

٤١

نِيَرءَ نَہ لَهي نينهن جو، لوھ جا لَهي وِيا،
مارُنِ ڏاران ماڙِيِن، ڏُهلا[٢] ڏينهن ٿِيا،
ڏِيهِي ڏورِ وِيا، ڏِيان ڏوراپا ڪَنِ کي؟

٤٢

سُٺي ساٿِيھَ ڳالهڙي، وِهُسي[٣] ويڙِيچِي،
سَڀِ سُڌِ پيئَمِ سُومَرا! هِتِي هُتِي جي،
پينَرُ ۽ پيچِي[٤]، سُوايا[٥] سارِين مُون.

٤٣

سُٺي ساٿِيھَ ڳالهڙي، لَهي وِيا لوھَ،
اَندَرَ جا اندوھ، لَٿا ڏُکَ، سُکَ ٿِيا.

١- نجس ٢- مشڪل، ڏکيا ٣- خوش ٿئي ٤- ٻيلي، همراه، جيڏيون ٥- سڀني وائيءَ وارا، وٺندڙ گفتگو ڪندڙ.

٤٤

توکي توڙائين لِکي، عُمَرَ! اَچائِي[١]،
جنهن تو سامائِي، مامَ[٢] نَہ يَکِي مارُئين.*

٤٥

وِيا ڳُڻَنِ ساڻُ، مارُوئڙا ڌَرِ اُکَرِي،
تَنِ پُڇاڻان هاڻِ، آئون جاڙَ جِيان[٢a] ڌِي، جيڏِيون!

٤٦

ڇَڏِ سَپَرايُون[٣] سُومَرا، عُمَرَ! لَڳِ اَللهَ،
ڌِيَمِ نَہ ڌورا ڏينهڙا، ماڙِيِن ڳارِيَمِ ماهَ،
سِکَ منهنجي ساهَ، مارُوءَ جي مَسَ لهي.

٤٧

مَ کِي روءُ، مَ رَڙُ کِي، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ،
تو تان بَندُ بِدا[٤] ڌِيو، پيڙِيُون[٤a] نيئِي پارِ،
پَهُچَنديِنءَ پَهُنوارِ! سِکِهي سَنگهارَنِ کي.

٤٨

مَ کِي روءُ، مَ رَڙُ کِي، مَ کِي هَنجون هارِ،
جِهَڙا اَچَنِ ڏينهڙا، تَهڙا ويئِي گهارِ،
ڏُکَنِ پُنِيان سُکَڙا، سِکها ڌِيِنِ سَنگهارِ،
لَتا، لوهَ لَطِيفُ چي، پَرورِجِ پَهُنوارِ،
پيڙِيُون نيئِي پارِ، تو تان بَندُ بِدا ڌِيو.

١- پاڪدامني ٢- لڄ، شرم * جيڪڏهن تو (مارن جي) ساماڻل لڄ پر هٿ نہ وڌو.
٢a- جيئان ٣- ڏاڏائيون، پردستيون ٤- وداع، معاف. ٤a- پير-ڪڙيون.

مَ ڪِي روءِ، مَ رَڙُ ڪِي، مَ ڪِي ڪَرِ دانهُون،
سُتي لوڪَ، لَطِيفُ چي، ٻيٺي ڪَنِجِ ٻانهُون،*
لَڌِيٺي جِتِ لائُون، سو ڏيهُ پَسَندِينءَ مارُئي!

٥٠

مَ ڪِي روءِ، مَ رَڙُ ڪِي، مَ ڪِي ڪَرِ ڪيهُون،
اُتي اَچَنِ اتهِين،÷ واندَنِ[1] جُون وِيهُون[2]،**
ميڙِيندوءِ مِيُون، مِينهِين اُتي مارُئي!

٥١

لوئِڙيارِي آهيان، وارِيان تان نَہ وَرَقُ،
سانڍِيمِ سُپِرِيَنِ لَئِي، لوئِيءَ اَندَرِ لَڪُ[3]،
ڪَنڌِ ڪاسو[4]، پَٽِ پاسو، ڏُنمِ تَنَ تَرَڪُ،
سَندو مارُوءَ حَقُ، جان جِيان تان پارِيان.

٥٢

اَجُ ٻُڌِ چِڪِيَمِ[5] چاڪَ[6]، وَنهِينِ ويڙيچَنِ جا،
سُورَنِ اَچِي، سُومَرا! اَندَرِ ڪِي اوطاقَ،
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ منهنجا ڪَپِيا.

÷ اوڍهين، اُتي (ملير ۾) * (دعا لاءِ) ٻڪ ڪٽي رب کي ٻاڏائيج. ١- ڇڙن، ڪنوارن، بهادرن ٢- ڪوڙيون (Scores)، گهڻا ** اُتي (ملير ۾) وسڪاري ۾ اجان ۽ ونديارن جو لوڏون اچن ٿيون. (ڏڪار ڪونهي، سُڪار ۽ خوشحالي آهي.)٣- چيلهہ يا ڪمر ٤- جاريءَ جي ٻوٽري، جنهن ۾ مارو ماڻهو سامان وجهي ڪلهي ۾ لٽڪائي ڇڏيندا آهن ٥- وهيا، رت پونءِ ڇڏيائون، سور ڪيائون ٦- ود، زخم.

٥٣

چِڪِي، چِڪِيَمِ چاڪَ، وَنِهيَنِ ويڙِيچَنِ جا،
واجِهيندِي وِصالَ کي، فَنا ڪِيَسِ فِراقَ،
سيئِي سارِيَمِ، سُومَرا! تَر جَنِين جا تاڪَ،
مارُوءَ جي اوطاقَ، گُهٽُو اُڪَندِي آهِيان.

وائي

مُون مَنُ مارُوءَ جو، مارُوءَ جو منهنجو مِيان!
مُون مَنُ مارُوءَ جو.
منهن منهنجو، سُومَرا! مَرُ ميروِئي هوءِ،
مُون مَنُ مارُوءَ جو.
"ڏوتوءِ ڏورارَنِ[1] ۾"، متان مارُو چوءِ،
مُون مَنُ مارُوءَ جو.
لارُون[2] جي لُڙِڪَنِ جُون، ڳِٽَي[3] وچان توءِ[4]،
مُون مَنُ مارُوءَ جو.

١ـ ڏوراٺن، محلاتن ٢ـ ڏارون، لينڊيون ٣ـ ڳِنڀي، ڪَٽي ۴ـ تتهنڪري.

سُرُ ڪاموڏ

سر بابت:

ڪاموڏ، هڪ هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن پارياڻن (زالن) مان هڪڙي آهي. هن کي "سمپورڻ" راڳڻي پڻ چوندا آهن. ڪاموڏ سنسڪرت لفظ ڪامودا جي بگڙيل صورت آهي ۽ معنيٰ اٿس؛ ڪام وهيڻي.

هن سر ۾ ڪوبہ ڌاريون ڪلام نظر ڪونہ ٿو اچي. هن سر جون پڙهيون عموماً، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون قائم رکيون ويون آهن.

آکاڻي:

هن سر جي مضمون جو مدار، ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ جي قصي تي آهي، جو مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

سمي گهراڻي جو هاڪارو حاڪم، ڄام تماچي ٺٽي ۾ حڪومت ڪندو هو. سندس حد ۾ هيلايا ڍنڍ ڪريءَ جي هيٺان، ڪينجهر ڍنڍ جي ڪپ تي ڪيترائي مهاڻا رهندا هئا. اهي اڪثر ڪري ڪارا ۽ ڪوجها هوندا هئا، پر منجهن، نوريءَ نالي هڪڙي نينگر، نهايت حسين هوندي هئي.

هڪ لڳا، ڪينجهر ڍنڍ تي سير ڪندي، ڄام تماچيءَ جي نظر وڃي نوريءَ تي پيئي. هن جو نوراني نراڙ ۽ ناز پريا نيڻ ڏسي، ڄام جي من ۾ محبت جي ميخ لڳي ويئي؛ ترت ئي مهاڻن کان سڱ گهرايائين، مهاڻن جون ڏهہ ئي ڳهہ ۾ پيون؛ سو خوشيءَ سان قبول ڪيائون. پوءِ تہ شاديءَ لاءِ منڊل منڊجي شادمانا ٿي ويا. نوريءَ سان ڏاڍا سنهج ۽ سولايون ٿيون. مهاڻن تان محصول معاف ٿي ويو ۽ ڍنڍ امداد ٿي مليَن. آخر ڄام نوريءَ کي نوازي، آڻي محلات ۾ راڻين سان راڻي ڪري رهايو.

ڄام جو، نوريءَ تي ايترو تہ آر هوندو هو، جو ڪڏهن ويهي مورچل مٿانئس هڻندو هو، تہ ڪڏهن شيل شڪار لاءِ پاڻ سان ڪينجهر ڍنڍ تي وٺي ويندو هوس. چوندا آهن تہ "ور سهاڳڻ سا جڳ سهاڳڻ،" سو سيڪا پيئي نوريءَ اڳيان نمندي هئي. خود سميون بہ اچيو هن جو نياز ڪنديون هيون. انهيءَ اوج ۽ عزت هوندي بہ، نوريءَ جو من نہ وڌيو. هٺ ۽ وڏائيءَ جو منجهس نالوئي ڪونہ هو.

هڪ ڀيري، نوريءَ جي نئڙت ۽ نياز جي امتحان لهڻ لاءِ، ڄام سيني راڻين کي سنيهو موڪليو ته، ”اڄ شام جو سڀ سنيري وهجو ته اچان. اوهان مان جنهن کي وڻندم، تنهن کي شيل شڪار لاءِ ولي ويندس. نياپو سڻي، سيني سميون سينڌ سرمون ڪري سنيري ويٺيون، پر نوريءَ نڪو ڪيو هار، نڪو ڪيو سينگار، اُلٽو اباڻو وڳو ڪري ويهي رهي. ڄام حويليءَ ۾ آيو ته سڀڪنهن ڏي اوچو ڳاٽ ڪئي. ناز نخري سان کيس ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي؛ پر ڄام کي نوريءَ جي نهٺائي وڻي سو کيس وٺي گهمائي آيو. شاه سچ چيو آهي ته:

”ڏول تنين جي ڏار، هيڻاهيون هلن جي.“

روحاني راز:

شاه، مختلف سرن ۾ ڄاڻايو آهي، ته سائين سڀاڻو سردار آهي، کيس شرڪ ڪونه وڻي؛

”پاڻن ڏار پريان، ڪانڌ ڪنهنجو نه وڻي.“

هي ماڻي جو ماڳ نه آهي. ڪنبي ڪتڻ گهرجي. ڇنيسر سان جيڪو ڇاڳ ڪندو، سو خطا کائيندو، ڇاڪاڻ جو:

ڪانڌ ڪهين جو نه وڻي، گيرب ۽ گاءَ۔
کائيندي سا گهاءُ، جا هوڏ ڪندي حبيب سين.

ساڳي هدايت ڏيندي، شاه نوريءَ کي نئڙت ۽ نياز جي پتلي ڪري ٿو پيش ڪري ۽ ان مان سالڪ کي، سبق پرائڻ لاءِ تلقين ٿو ڪري.

پنهنجو حسب نسب ياد ڪري، نوريءَ کي هميشه اهو انديشو هوندو هو، ته متان اپار عيب ڏسي، ڪنهن وقت به محبوب مهر جو هٿ ڪئي، دربدر ڪري ڇڏيم۔ انهيءَ اڌڪي ڪري، هوءَ سهاڳ تي باور بنه ڪانه ڪندي هئي ۽ سدائين پانهون پڌي پاجهه لاءِ پاڌائيندي رهندي هئي. ساڳي طرح سالڪ کي به سائين کان هردم عاجزيءَ سان عنايت گهرڻ گهرجي. پلي پلاري جو ڪيڏو به ڪٿي ڪير لاڏلو ۽ دادلو هجي، ته به آزي نيازي ۽ نئڙت ۽ نياز ڪرڻ جڳائي.

هن سر ۾ شاه ’الٽي طلب‘ جو ذڪر دوباره ڇيڙيو آهي. سر مومل راڻي ۾، الله کي انسان جو طالب بنائي، ڄاڻايو اٿس ته:

”تو جَنين جِي تاتِ، تَن پُڻ آهي تُهنجِي.“

وڌيڪ ڏسو روحاني راز سر مومل راڻي جو.

نوريءَ کي ڄام ڇو نوازيو؟ تنهن جو راز پڌائيندي، شاه واضح ڪري ٿو، ته نوري جي دل جو آئينو نهايت اوجل هو. مولانا روميءَ جو فرمودو آهي ته:

"جنهن جي دل جو آئينو ڪٽ ۽ گندگيءَ کان صاف ٿيل آهي، سو حقاني سج جي سوجهري سان چمڪيءَ ريت پرپور رهي ٿو."

"اِنَّ اللهَ جَمِيلٌ يحبّ الجَمَالَ"، يعني خدا خود سهڻو ۽ سونهن تي عاشق آهي، هڪ حقيقت آهي. جنهن انسان جي اندر ۾ سونهن ۽ سوجهرو هوندو، تنهن کي ڏٺي ڳولي ڦولي پنهنجي وصل جو پيالو پياريندو.

سُر ڪاموڏ

داستان پهريون

١

تُون سَمُون، آئُون گندِري[١]، مُون ۾ عَيبَنِ جُوءِ[٢]،
پَسِي راڻِينِ رُوءِ[٣]، مَتان ماگُرِ[٤] مَٽِيين!

٢

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَ اَپارَ،
پَسِي لِيءَ[٥] لَغارَ[٦]، متان ماگُرِ مَٽِيين!

٣

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ[٦a]،
پَسِي ڪِڪِي ڪوڙِ[٧]، مَتان ماگُرِ مَٽِيين!

٤

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَنِ وِيهَ،
پسِي مِڻَڪي[٨] ڏِيءَ، مَتان ماگُرِ مَٽِيين!

٥

تُون سَمُون، آئُون گندِري، مُون ۾ عَيبَنِ لَکَ،
هِنَ منهنجي حالَ جِي، توکي سَبَ پَرَکَ،
ڪارِڻِ رَبَ اَلَکَ[٩]، مَتان ماگُرِ مَٽِيين!

١ـ مهاڻن جي هڪ ذات ٢ـ مڪان، جاءِ ٣ـ منهن ٤ـ مهاڻن جي هڪ ذات (نوري)
٥ـ مڇيءَ جي مٿان لڳلڳدار ڳگ ٦ـ نشان؛ ذرو ٦a ـ ڪوڙي، ڪوڙيون (Scores)
٧ـ عيب، داغ ٨ـ ميءَ جي (مي هڪ مهاڻن جي ذات آهي) ٩ـ اهو خدا جنهن کي جسماني اکين سان ڏسي نہ سگهجي.

٦

ٽُون تَماچِي، ٽَڙَ-ڏَٽِي، آئُون مُهاڻِي مِي[١]،
مُون ڏُهاڳُ مَ ڏِي، آئُون جا نالي سُيَسِ تنهنجي.*

٧

ٽُون تَماچِي ٽَڙَ- ڏَٽِي، آئُون گندِري غَرِيبُ،
تو سين ڄامَ! قَرِيبُ[٢]، ڪِي ڏَنُ[٣] ڇَڏائِي ڏيج مُون.*

٨

ڪاڄُ جَنِين جو ڪِڪِيُون، مالَ جَنِين جا مَڏَ[٤]،
سَمي سيئِي سينَ ڪِيا، هيڻَ[٥] جَنِين جا هَڏَ،
ڄامَ! پَرتيَئِيءِ لَڏَ،*** سانگِيَنِ[٦] جي، سَيَڏُ ڇي.

٩

ڄارا[٧] ۽ ڪارا، مالُ جَنِين جو مَڪُرِيُون[٨]،
تماچِيءَ جي تَڪِيي[٩]، اَچَنِ سَوارا[١٠]،
مِيءَ[١١] مَڇِيءَ مارا، سَمي سي سينَ ڪِيا.

١٠

ڪِڪِيءَ هاڻِيُون ڪارِيُون، ڇِڇِيءَ[١٢] هاڻا ڇَڄَ،
پاندُ جَنِين جي پاندَ سين، لَڳو تِئي لَڄَ،
سَمُون ڄامُ سُهَڄَ[١٣]، اُيو ڪَري اُنِ سين.

١ـ مهاڻن جي هڪ ذات *آءٌ تنهنجي زال آهيان ٢ـ ويجهو مائٽ ٣ـ محصول ** اي ڄام! تون منهنجو ويجهو عزيز (پيٽار) آهين، سو مهاڻن تان محصول معاف ڪرائي ڏي ٤ـ (١) مڇين جا ڍير، ميائي (٢) ڪکن جو لاهيل ترهو ٥ـ هيڻا، ضعيف *** اي ڄام! سيڪجهه تنهنجي حوالي آهي ٦ـ مسافرن (مهاڻن) ٧ـ وڏيون ڄارون ٨ـ ننڍيون ٻيڙيون ٩ـ آڌار، آجهي، مڪان ١٠ـ سويل ١١ـ مهاڻا ١٢ـ مڇيءَ جي آنڊن ۽ گڇين ١٣ـ انعام.

١١

كارِيُون، كوجِهيُونِ، كُوَڙِيُون[١]، مُورِ نہ موچارِيُون،
وَٽِي وينِيُون واتَ تي، ڪِڪِيءَ جُون كارِيُون،
اُنِين جُون آرِيُون[٢]، سَمي رِيءَ كيرُ سَهي؟

١٢

چارِيُون، كارِيُون، چِڄَ، چِپِرِيُون، جَنِ جِي محبَتَ مَڇِيءَ سانُ،
رَهَنِ، وِهَنِ سِرِ[٣] ٻانڊِين[٤]، سَيِيڙِي ٻَدِٻُوءِ هانُ[٥]،
لُڏِڙَنِ[٦] جيئن، لَطِيفُ چئي، پاڻِيَ وِچَهنِ پانُ،
تَنِ مَلاحَنِ[٧] جو مانُ[٨]، سَمي سِرِ كِيو پانهنجي.

١٣

گَندَ[8a] جَنِ جِي گودِ ۾، پاٻوڙا[٩] پوشاڪَ،
اُنِين جِيَ اوطاقَ، راجا رِيجهِي آئِيو.

١٤

گَندَ جَنِ جِي گودِ ۾، پاٻوڙا پينامُ[١٠]،
اُنِين كي اِنعامُ، مَڃَرُ[١١] مِروئِي ڏِيو.

١٥

گَندَ جَنِ جِيَ گودِ ۾، مَٽَنِ تي مُوڙِيُون[١٢]،
اَچَنِ سَنيُوڙِيُون[١٣]، سَمي جي سَلامَ تي.

١- ٻچڙن وڙن واريون، نالائق ٢- انگل آرا ٣- تي، مٿان ٤- مڇي ڦاسائڻ جي مانداڻ ٥- ٻدٻوءِ هاڻيون، ٻدٻودار ٦- پاڻيءَ جو ننڍو جانور ٧- مهاڻن ٨- ماڻو، انگل 8a- پيڻ جي پاڙ، جيڪا کائبي آهي ٩- پاٻوڙن (ميوي جو قسم) جا پن ١٠- پهراڻ، پوشاڪ، ڍڪ ١١- ڍنڍ ١٢- ڪکن جون سنيهيون ١٣- تيار ٿيو.

١٦

ٿِيا تَماچِيءَ جامَ سين، مُهاڻان مَحرُومَ[١]،
نَنڍيءَ وَڏِيءَ گندِرِيءَ، مَٽي ماڙِيءَ ڏُومَ[٢]،
جي ڪِينجَهرِ، جي رُومَ[٣]، سي سَڀِ اِنعامِي ٿِيا.*

١٧

نَہ وَڏِي، نَہ وِڪِٽي، نَہ ماري، نَہ ڏاري[٤]،
ڪارو وِڏائين ڪُوهَہ ۾، نِرتُون[٥] نِهاري،
سائِي پَرِ پاري، جا گهرِ سَمي جي سَپَجي.**

١٨

نَہ وَڏِي، نَہ وِڪِٽي، نَہ ڪَٽي ۾ ڪاري،
اُهِجَ[٦]، سُهِجَ[٧]، ساهِمِيُون، ڏُريان[٨] نَہ ڏاري،
سائِي پَرِ پاري، جا گهرِ سَمي جي سَپَجي.

١٩

پاڀوڙو پيشِ ڪِيو[٩]، نَٿُون نُورِيءَ نيئِي،
حاضُرُ هُيُون هَڪِيُون[١٠]، سَمِيُون سَپِيئِي،
نَوازي نيئِي، گاڏي چاڙهي گندِرِي.

٢٠

مُهاڻِيءَ جي مَنَ ۾، نَہ گِيرَبُ، نَہ گاءُ،
نيٺَنِ سين ناز ڪَري، رِيجهايائين راءُ[١١]،
سَمُون سَيَنِ مُلاءُ،*** هيرِيائِين حِرفَتَ[١٢] سين.

١ـ محرَمَ، گهائل مائل، گستاخ، حال ڀائي ٢ـ ڏماڏم، ڏوڪ ڏوڪان، اچ وڃ ٣ـ روم (Rome) يورپ جا ملڪ، ڏورانهان ملڪ. *ڪينجهر ڪان وٺي روم تائين، ساري جڳ جي سيني مهاڻن کي انعام مليا ٤ـ رکي، جهلي ٥ـ نرت سان، ڏسي وائسي، جاچي واچي ** هاڻي اهائي روش هلي ٿي، جيڪا جام جي حويليءَ ۾ ورتي وڃي ٿي. ٦ـ ڪسو (گهٽ تور)٧ـ ڪشرائتو (وڌيڪ تور) ٨ـ اصل ٩ـ حاضر ڪيو، ڍوٽو ڏنو ١٠ـ حاضر، موجود ١١ـ راجا (جام) *** سيني راڻين وچان. ١٢ـ سياڻپ، عقل.

٢١

نورِيءَ جي نِيازَ جو، عَجَبُ اَجَهلُ[١] هوءِ،
سَمُون سِرُ سَيَنِ ۾،* مي مُورَڇِيو[٢] سوءِ،
اَچيو اُيـَنِ پوءِ[٣]،÷ حُجَتَ يَکِي راڻِين.**

٢٢

مي مَڇِيءَ ۾ هَٿَڙا، وِيئِي ڪَرِي وَرَنَ،
راءَ اَڳِهين[٤] رَکِيِي، مُهاڻِي مُنجِهہ مَنَ،
تَماڇِيءَ جي تَنَ، ڳالهيون ڇيُسِ ڳُجهيُون.

٢٣

هَتـين، پيرين، آرِڪَٽِين[٥]، مُنهَن نَہ مُهاڻِي.
جيئَن سَڳو وِچِ سُرُندَڙي[٦]، تيئَن راڻِينِ ۾ راڻِي،
اَصلِ هُئِي اُنَ ڪي، اَهلَ[٧] ڇاماڻِي،
سَمِي سُڃاڻِي، ٻِيڙو[٨] ٻَڌُسِ ٻانهن ۾.***

٢٤

تِهَڙو ڪينجهر ۾ ڪِينَ ٻِيو، جِهَڙي سونهن سَنڌِياسِ،
مَڏَ، مِياڻِيُون، مَڪُڙا، مِڙَئِي مُعافُ تِياسِ،
مُورِڇَـلَ مَتاسِ، اُيو تَماڇِي تِي[٩] هَٽِي.

١- ٻنا جهل، گهٽو * سمون سيني جو سردار. ٢- موهيو ٣- پٺيان، مرتبه ۾ هيٺ ÷ نوريءَ کي پٺيان اچيو بيهن ** سيني سمين جون دعوائون ٻجي پيون ۽ اهي نوريءَ کان مرتبه ۾ پوئتي پئجي ويون ۴- اڳهين، اصل کان، ازل کان ٥- ارڪانن ۾، مهانڊي، روش ٦- سرندي ۾ ٧- لاڙو، روش، ڍنگ ٨- سڳڙو *** ساڻس شادي ڪئي. ٩- تنهنڪري.

٢٥

تَڙُ تَماچِيءَ جامَ جو، تَماچي تَڙَ-راءُ،
تَماچِيءَ جي تَڪيي[١]، تُون تَماچي ڳاءِ[٢]،
تَہ تُونِ تَماچِياءِ[٣]، تَماچي تَڙِ لَهين. *

٢٦

ڪوءِ سَمِيُون! ٻَن سُومَرِيُون! جي اَچَنِ اُونچي ڳاٽِ،
وَرُ سي ڪينجهَرَ جائِيُون، جَنِ تَماچِيَ جي تاٽِ،
راڻِنِ مُلا[٤] راتِ، ماڻِڪَ مي پِرائِيو.

وائي

هِيري هَٽُ وِڌائين، ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾،
نَوازَشِ نُورِيءَ جِي، آهي تَماچِيَ تائين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
گَندَگِيءَ گوشو ڪيو، عطِر اوتَ[٦] اوتيائين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
انڌا منڊا آئيا، سَخا سَڌَ[٧] وِڌائين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
پَسو جُودُ[٨] جُوانَ جو، ڪو هَنڌُ ڪونَہ مَتِيائِين[٩]،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
قِيمَتَ[١٠]، ڪَميڻَنِ سين، جهِڙي وَٽَ[١١] وَتِيائِين[١٢]،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.

١- آڌار، اجهي، مڪان ٢- تعريف ڪر ٣- (١) تماچيءَ وٽان (٢) اي تماچيءَ جا تعريف ڪندڙ. * تماچيءَ جو ديدار ڪرين ۴- وٽان، ڪان ٥- هيري (جواهر، نوريءَ) ۾ ٦- پلٽ، ريلو ٧- هوڪو ٨- سخا ٩- ڇڏيائين ١٠- قيمتي (هي لفظ "جهڙي" لفظ سان لڳي ٿو.) ١١- مند جو نئون ميوو، سوکڙي ١٢- ونڊيائين، وراهيائين.

پَسُو جو پَيدا ٿِيو، جوهَرِي جِيائِين[١]،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
موتِي مَڇِيءَ هَٿَ تي، ڪوڏِنِ جيئن ڪَڍِيائِين*،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
ماڻِڪَ مِياڻِيَن ۾، چِلُرَنِ جيئن چَنِيائِين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
ڏيئِي سونُ سُوالَ[٢] ۾، رُپِي راندِ ڪِيائِين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
پاڻِيَٽَ[٣] آئي پاڻَ سين، لعلُون سَڀِ لُٽِيائِين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
فيروزا[٣a] فَقِيرَنِ تان، گهوري سَڀِ گهورِيائِين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.
اُتي عَبدُاللّطِيفُ چي، اُچَلي اَمُلَ ڏِنائِين،
ويهِي ساتِيَنِ وِچَ ۾.

داستان ٻيو

١

سِرُ سَلامَتَ[٤] سُپِرِين، مَرڪَزُ![٥] تُون مَ مَرِيجِ،
آهِيِن ٺارُ اکين جو، وَٺان مُون مَ وَڃِيجِ،
تَماچِي تَڳِيجِ، ڪو ڏينهن، ڪينجهَرَ ڪَنڌِيِن.

١- وانگر، مثل * ڪوڏين وانگر خسيس سمجهي وراهيائين. ٢- عرض، سائلِ جي صدا
٣- آبدار موتي ٣a- نيري رنگ جا هيرا ٤- سلامت ٥- اي منهنجا مرڪندڙ مڙس.

٢

ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڍيِن، تون، تماچي! تڳُ،
اونچو ٽيومِ اڳُ[١]، مون ڪرُ، ملاحَنِ ۾.

٣

هيٺِ جرُ، مٿي مَحَرُ، پاسي پرين سَندامِ،
ڪوڙين ڪاڄَ سِڌامِ[٢]، اَنَّ سِڌو ڪونہ رهيو.

٤

هيٺِ جرُ، مٿي مَحَرُ، پاسي ۾ وَٽِراهَ[٣]،
اَچي وَجي وِچَ ۾، تماچِيءَ جي ساءَ[٤]،
لَڳي اُترَ واءَ، ڪينجهرُ هِندورو ٿِئي.

٥

هيٺِ جرُ، مٿي مَحَرُ، ڪنڌِيءَ ڪَوُنرَ[٥] ترنِ،
وَرِهِي واهُوندَنِ،* ڪينجهرُ ڪٿوري ٿِئي.

٦

سَميُون ڪَري سِينگارُ، راءُ رِيجهائڻَ آئِيُون،
جامَ هَٿَ ۾ جارُ، جُلي[٦] جَهيِرنِ[٧] وِچَ ۾.

٧

ميءِ هَٿَ ۾ مَڪُڙي، جامَ هَٿَ ۾ جارُ،
سَڄو ڏينهن شِڪارُ، ڪينجهرَ ۾ ڪاله هُئو.

١- ڳاٽ ٢- منهنجا پنا، راس ٿيا ٣- وٽڪار، ہيلو ۴- لذت، شوق ۵- ڪنول جا گل
* بهار جي موسم اچڻ تي. ٦- هلي، وڃي ٧- جهيرن، مهاڻن جي هڪ ذات.

٨

نَورِيءَ جي نَوازِيو، ٿِيو تماچِي[١] تي[٢]،
گاڏِي چاڙهِي گندِرِي، ماڙهُو ڪِيو[٣] مِي،
ڪِينجهُرِ چُوندا[٤] ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالهڙي.

٩

ڄامان[٥] اڳِي جي ڄائِيُون،* تَنِ جِي نِرتِ نُورِيءَ ڪي ناهِہ،
نَہ مَنهَہ[٦] نہ مارِڪِي[٧] نہ وَڄَنِ ڪنهن وِهانءِ[٨]،
سي ڪِينجهُرَ ڪَندِيُون ڪاهِہ[٩]، جَنِ تَماچِي تَڪِيو[١٠].

١٠

نَہ ڪنهن ڄايو ڄامَ کي،** نہ ڪو ڄامَ وِياءُ[١١]،
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گندِرِيءَ، سَيَنِ آهِ سِياءُ[١٢]،
"لم يَلِد وَلَم يُولَد[١٣]"، اِيءُ نِجابَتَ[١٤] نِياءُ[١٥]،
ڪِبرُ[١٦] ڪِبرِياءُ[١٧]، تَختُ تَماچِيءَ ڄامَ جو.***

١١

پَکنِ پوءِ پَچارَ، "اَڄُ تَماچِي آئِيو"،
مَرِڪَنِ مَلاحَنِ جا، مَٿي ٻانڊِيءَ[١٧a] ٻارَ،
وَڏِي ڄامَ ڄَمارَ، جنهن مِياڻِيُون موڪِيُون[١٨].

١- تماچِيءَ جو نالو مشهور ٿيو ٢- تهنڪرِي ٣- عزت وڏائي، ماڻهپي ۾ آندو ٤- چوندا ٥- ڄام ڪان * ڄام جون وڏڙيون. ٦- شاديءَ جو شاميانو ٧- زالن جو ميڙ (شاديءَ يا غميءَ وقت) ٨- شاديءَ تي ٩- ڪانهہ، ڪيڏانهن ١٠- نظر ۾ رکيو، آڌار ** ڪنهن مهاڻي ڄام کي ڪونہ ڄڻيو. ١١- اولاد ١٢- ڏوراهون مائٽ ١٣- نہ ڪنهن ڄائو ۽ نہ ڪنهن کي ڄڻيائين (ق.ش) ١٤- شرافت، بزرگي ١٥- (١) طريقو، روش (٢) انصاف، عدل ١٦- شان، بزرگي ١٧- دٻدٻو، شان شوڪت *** هن بيت جي معنيٰ آهي: نہ ڪنهن مهاڻي ڄام کي ڄائو آهي ۽ نڪو ڪو مهاڻو سندس اولاد آهي، تنهن هوندي بہ سيني مهاڻن جو نوري جي ناتي سبب ڏوراهون مائٽ آهي (سيني کي هڪ نظر سان ڏسي ٿو.) اهوئي سچي شرافت ۽ بزرگيءَ جو طريقو آهي، جو سمين ۽ نيچ نوريءَ جو درجو هڪ جهڙو ڪري ڇڏيائين. ڄام جو تخت رواجي تخت ڪونهي بلڪ بزرگيءَ ۽ شان شوڪت تي ٻڌل آهي. ساڳئي ريت خدا بيپرواهہ بادشاهہ آهي. هوبہ جنهنجو اندر اوجل ڏسي ٿو، تنهن کي نوازي ٿو، پوءِ ڀل ماڻهن جي نظر ۾ هو ننڍڙو بہ ڪنو ۽ ڪوجهو هجي. ١٧a- ٻنڌ تي، (ڍنڍ جو) ڪناري تي ١٨- ڏلون معاف ڪيون، امداد ڪيون، ملهائيون يا مرڪايون.

١٢

پڪا پڪارِيو[١]، چامَ تَماچِي آئيو،
گوندَرَ لاهيو، گندِرِيُون! آتَڻَ اُجارِيو،
ڪِينجهرَ قَرارِيو، سَمي سامَ[٢] بَخشِئي.

١٣

ڪو جو ڪامَڻُ[٣] ۾، آهي اَڪَڙِيَنِ ۾،
تَنُ تَماچِي چامَ جو، ناپُون[٤] پايو نِي[٥]،
عِشقُ ايئن ڪَري، جيئن چارو چامَ ڪُلهي[٦] ڪِيو.

وائي

تنهن ڪي ڪيرُ چَوندو ۾، اَڙي! اِيءَ سَمي جا سَمَنگِي[٧].
سَمي جي سُهاڳَ جو، مِيندو[٨] ڳُتو[٩] ۾، *
اَڙي! اِيءَ سَمي جا سَمَنگِي.
جَن وِيهَڻُ نه ڏِني وَٽِ ۾[١٠]، تِيا سَلامِي سي،
اَڙي! اِيءَ سَمي جا سَمَنگِي.
عالَمُ اِنعامِي[١١] ڪِيو، نُورِيءَ نازُ ڪَري،
اَڙي! اِيءَ سَمي جا سَمَنگِي.

١ـ صاف ڪريو!، وڇايو! ٢ـ اجهو، پناه ٣ـ جادو ٤ـ نهن، نيزا (نيٽن جا) ٥ـ نئي، ڪنيو وجي ٦ـ ڪلهي تي ٧ـ نوازئي ٨ـ وارن جون چڳون ٩ـ ويڙهيو * مهاڻن سمي ڪي پرٿائي ڏيڻ لاءِ ڪنوار ڪي سنيرائي وارن جون چڳون ويڙهيون ١٠ـ پاسي ۾، پرسان ١١ـ انعام رسيدو، انعام وٺڻ وارو.

سُرُ گهاتو

سُرَ بابت:

هن نالي سان ڪاٻ هندستاني راڳڻي ڪانهي. هن سر تي مضمون موافق نالو رکيو ويو آهي. 'گهاتو' لفظ جي معنيٰ آهي ماري يا شڪاري. هن سر ۾، مَڇَ' مارڻ جو ذڪر ڪيل آهي، تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس.

هن سر ۾ پڙهڻيون عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارُيون اختيار ڪيون ويون آهن.

آڪاڻي:

اوائي نالي مهاڻي کي ست پٽ هوندا هئا. انهن مان هڪڙو پٽ مورڙو البت چوڙڙو ۽ منڊڙو هوندو هو. ٻيا ڇهه ئي ڀائر پهلوان هوندا هئا. هو مڇي مارڻ لاءِ ويندا هئا ۽ جسم جي جڏي ڀاءُ کي گهر جي سُتسماءَ ۽ سنڀال لاءِ پٺيان ڇڏي ويندا هئا.

دودائي، ٻروچن مان هڪ ماڻي، جنهن جو نالو ڪلاچي هو، تنهن پنهنجي وڳر سان سمنڊ جي ويجهو اچي ڳوٺ ٻڌو هو. انهيءَ ڳوٺ تي مائيءَ جو نالو پيو. اهو ساڳيو ڳوٺڙو وڌي، هاڻي ڪراچي جو وڏو شهر ٿي پيو آهي. انهيءَ ڪان ٿورو پري، يعني هاڻوڪي ڪلفٽن ۽ منهوڙي جي وچ ۾، ڪلاچيءَ جو اونهون ڪُن هوندو هو، جنهن ۾ غوراب غرق ٿي ويندا هئا. انهيءَ ڪان سواءِ منجهس هڪ مانگرمڇ پڻ رهندو هو، جنهن کي جيڪي ور چڙهندو هو، تنهن کي نهوڙي نيندو هو. اتفاقاً هڪ ٻيڙي مورڙي جا ڀائر اچي، انهيءَ ڪن وٽان نڪتا. اتي جي ملاحن گهٽوئي سمجهاين ته ڪن ۾ قهر لڳو پيو آهي، پر هي يار ڪٿي ٿا مڙن. اچا رڃ وجهي اڳتي وڌيائيٰ ڪين، ته ڪن ٻريون پائي، آٽي اونهي ۾ هنين. ٻيڙي غرق ٿي ويئي ۽ هي مانگرمڇ جو لقمو ٿي ويا.

گهر ورڻ جي ويل ويئي، ته مائٽن کي اچي آنڌمانڌ ٿي. مورڙو ڳولا ۾ نڪتو. واردات تان حقيقتون حاصل ڪري، موٽي ماڳ تي آيو. مٽن مائٽن، بدلي وٺڻ جون صلاحون ۽ رٿائون ڪيون. آخر هڪ لوهي پڃرو تيار ڪرايائون، پڃري جي اردگرد ڪيترا تکا ڪيل ۽ ڪلا هئا. هرهڪ ڪلي ۾ رسو ٻڌل هو. اهو سارو ساز ۽ سامان کڻي، هو ڪراچيءَ جي ڪن ڏانهن ويا.

مورڙو پڃري ۾ ٿي ويٺو ۽ همراهَن کي چيائين، ته "هاڻي پڃرو ڪن ۾ ڪيرايو، جڏهن رسا لڏندا ڏسو. تڏهن ڇڪي ٻاهر ڪڍجو." پڃري کي ڏسي، مانگرمڇ منهن کولي ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيل جاڙيءَ ۾ اڪري ويس. مڇ وٺجي وين. مورڙي وٽي رسا لوڏيا ۽ مهاڻن وٽي ڇڪيو. سڪيءَ تي پهچڻ سان، مهاڻن مانگرمڇ ماري مورڙي کي پڃري مان

صحيح سلامت ٻاهر ڪڍيو. موروٽي مڇ جو پيٽ چيري، ٻائرن جا ڪرنگها ڪڍي، آٽي ڪراچيءَ جي اتر- اولهہ طرف جبل جي ٻاڙ وٽ دفن ڪيا ۽ ٻاڻ مقام جو مجاور ٿي ويٺو.

موروٽو، هو چونڊو پر هو سو عقل جو اڪابر. شيخ سعديءَ بہ گلستان ۾ چولٽي شهزادي جي هڪ آکاڻي ڏئي ثابت ڪيو آهي تہ:

گهوڙو تازي هجي ضعيف پلي، تہ بہ سو گڏهن جي ڪڙه کان بهتر آهي.

روحاني راز:

سپيئي صوفي، نفس کي نهوڙي نيڻ تي خاص زور ڏيندا آهن. شاه بہ سپني سرن ۾ نجس نفس کي ناس ڪرڻ لاءِ ورجائي ورجائي پٽي تلقين ڪئي آهي. هن سر ۾ تہ نفس کي مانگرمڇ سان مشابهت ڏئي، 'بري تي بڇ' ڪرڻ جي خاص هدايت ڪئي اٿس. جيئن ڪلاچيءَ جي ڪن واري مانگر مڇ مارڻ لاءِ معمولي اوزارن مان ڪين وريو ۽ موروٽي جهڙي مانجهي مڙس.خاص اوزار استعمال ڪيو هو، تيئن سالڪ کي بہ گهرجي، تہ فقط روزن ۽ نمازن تي اڪتفاءِ نہ ڪري، پر 'او ڪو ٻيو فهم' ڳولي لهي جنهن سان پرينءَ کي پسجي. هن کي موذيءَ ۽ ملعون مارڻ لاءِ زبردست مجاهدن ۽ رياضتن جو ضرور آهي.

هن سر ۾ شاه جاڻائي ٿو، تہ دنيا مهراڻ ۽ انسان ڪن جي مثل آهي، جيئن ڪن ۾ ڪئين بيء بها خزانا پيا آهن: تيئن انسان جي اندر ۾ بہ ڪئين روحاني خزانا موجود آهن. انهن خزانن جي چوگرد، هڪ هيبتناڪ مانگرمڇ وات ڦاڙيو ويٺو آهي. جنهن کي اهي روحاني املهہ ماڻڪ هٿ ڪرڻا هجن، سو هن سناٽي سيسار سان مقابلي لاءِ تيار ٿئي. معمولي ماڻهن کي هيءُ مانگرمڇ ڳڙڪايو وڃي ۽ رواجي اوزارن سان بہ مات ٿيڻ جو ناهي، تنهنڪري سالڪ کي گهرجي تہ خاص اوزار استعمال ڪري. سمجهہ ۽ سياڻپ کان ڪم وٺي، وڃي موروٽي وانگر منزل مقصود تي پهچي ۽ ابدي آرام حاصل ڪري.

سُر گهاتو

داستان پهريون

١

گهنگهرِيا[1] گهڻَ - ڄاڻَ[2] مُوڙهِي مَتِ مَهائِين[3]،
وِيا گڏجِي وِيرِ ۾، پِيا مُنهن مهراڻَ[4]،
آڳِيان پويان تاڻَ[5]، وِيا ويچارَنِ وِسَرِي.

٢

ماڪَ پيچاڻِ مولهيا[6]، مَتان راتِ پَئي،
اولِيُون[7] اُڄهڻَ[8] لڳِيُون، وِيا وَنجهه[9] وَهِي،
ڪَلاچِيان[10] ڪِهي، ڪَڏِهن ڪونَہ آئِيو.

٣

ڪو جو ڦهرُ ڪَلاچَ ۾، جو گهڙِي سو نئِي،
خَبَر ڪونَ ڏِئي، تہ رَڃَ ڪُڄاڙِي[11] رَنڊِيا[12]؟

٤

ڪالهہ ڪَلاچِيءَ وِيا، ڇِتِيُون[13] ڪَٽِي ڇُڳِيرَ[14]،
پائِرِن پيرو نہ ڪِيو*، اُدَنِ ڪِي اوِيرَ[15]،
اِهَڙِي خاصِي ڪيرُ،[16] ڪُنَ وَرائي جَهلِيي.

١- پريشان ٿيا، منجهيا ٢- گهڻو ڄاڻندڙ، داناءُ ٣- وڏن وريامن يا بهادرن ٤- وڏي سمنڊ، اوڙاه ٥ -ٽاٽا، وقت ٦- پڳون، پنڌڪا ٧- ٻيڙي هلائڻ جا ڳن ٨- هلي وڃڻ، لڙهي وڃڻ ٩- بانس جي لٺ، جنهن سان ٻيڙيءَ کي ڪناري تان ڌڪبو آهي ١٠- ڪلاچيءَ جي (ڪن) ڪان ١١- ڪنهن ١٢- روڪيا ١٣- وڏا پالا، گرز ١٤- طري وارين پڳن وارا، پهلوان (مورڙي جا پائر) * ڦري يا موٽي نہ آيا. ١٥- دير ١٦- جماعت، ٽولي، گروه.

٥

تَرِيُون[١] پَسان نَہ تار ۾، جُهڳا[٢] جاءِ نَہ ڪَن،*
مادَرِ! مَلاحَنِ، ماڳِ نَہ ڏِويا مَڪُڙا[٣].

٦

ڏِيهاڙِي ڏِنَمِ ڪيتَرا، جَنِين مَاريو[٤] موڪَ[٥]،
گهرَ ۾ گهاتُوئَڙَنِ[٦] جا، ٿا ماريِنمِ ٽوڪَ[٧]،
لَڏي وِچان لوڪَ، اُونِهي وِيا اوهَرِي[٨].

٧

ڪالَ ڪَلاچِيءَ وِيا، گهاتُو ڪَري گهورَ،
مادَرِ! مَلاحَنِ جا، ويٺِي سَهان سُورَ،
مون کيِ ڪَري مَلُورَ[٩]، اُونِهي وِيا اوهَرِي.

٨

اُيِي اوسِڙان[١٠] اُسَ ۾، جَهِليو ڪُنَ ڪِنارَ،
گهاتُو گهرِ نَہ آئِيا، وَڏِي لَڳِيَنِ وارَ[١١]،
هُيَسِ جَنِينِ هارَ[١٢]، سي موڙِي چَڙهِيا مَڪُڙا.

٩

ڪِلِي جان ڪِينڪارِيان[١٣]، تان ساڻِي[١٤] سَڳُ نَہ ڪَنِ[١٥]،
وارِيو وَهِٽَ وَڃَنِ، ڪَنِ سَياڳِينِ سامهان.**

١- اهي شيون جن کي ترجي، ننڍي ٻيڙي ٢- رڇ، وڏيون ڄاريون* هڪ مهاڻي جنهن جو وَيَلن مان هڪ مڙس هو، سا ٿي چوي تہ "نڪو ٿي سندن ٻيڙيون ڏسان ۽ نڪو ٿي سندن رڇ سڪڻ وارين جاين تي ڏسان." ٣- ماڳ ٻيڙيون نہ موٽايون ٤- مڇيون ماريون ٿي ٥- گهٽيون ٦- مارين، مهاڻن ٧. شيون (هنن جي هٿن جون نشانيون) ٨- پري ويا، گم ٿي ويا ٩- ملول، غمگين ١٠- اُس ۾ پنڪان ١١- ويرم، دير ١٢- جنجي آڌار ١٣- آدرياءُ ڪريان ١٤- مهاڻن کان مڇيون وٺي وڪڻڻ وارا ١٥- منهن ئي نٿا ڏين، خوش خير و عافيت بہ نٿا ڪن** اسان وٽ مڇيون نہ ڏسيو، ٻين ڪن ستورين وٽ وهٽ ورايو وڃيو واپار ڪن.

١٠

جِتي گهورِيو[١] گهاتُئين، تتي وارِيءَ ٻُٺَ[٢]،
سَهَسين ساٿِي مُٺَ[٣]، سَرُ[٤] سُڪو، سُونڪِي[٥] گيا[٦].

١١

نَہ ڪا بُوءِ بازارِ ۾، نَہ ڪا ڇِلَرَ ڇَٽَ[٧]،
جِتي ڏِنيَرِيَن[٨] جِي، آڳي هُئِي اُگهٽَ[٩]،
سي پِڙَ پَسِيو پَٽَ، ماڙهُو وَڃَنِ موٽِيا.

١٢

مُون اُڌارِيا مَڇِرا[١٠]، اَللهَ! گهاتُو آڻِ،
مِيان! مُدارَنِ[١١] سين، مون کي، قادِرَا! وِجهُ مَ ڪاڻِ،
هَبِڪَ[١٢] منهنجي هاڻِ، قَدُرَ لَڌو جَنِ رِي*.

١٣

اوري هُئا تہ آئِيا، جيڪُس[١٣] وِيا پَرِي،
ساٿِي سَڌَ ڪَري، ماڳُ نِهاري موٽِيا.

١٤

آئِين جا لَڌو لوڌَ، اِيءَ پَرِ[١٤] گهاتُوئَڙَنِ جِي،**
ڪُنَ ڪَلاچِيءَ ڪوڏَ[١٥]، سُڪِ نَہ سُتا ڪَڏِهِن.

١٥

گهورِيندي[١٦] گهورِ[١٧] پِيا، اَگهورُ[١٨] گهورِيائُون،
مَيڪَرُ[١٩] مارِيائُون، مَلاحَنِ مُنهن سَنَرا[٢٠].

١- (١) گهميو ڦريو (٢) ڳوليو ڦوليو ٢- ڍِڳ، ڍير ٣- مٺا ٤- درياه ٥- محصول اُڳاڙيندڙ ٦- ويا ٧- بدبوءِ ٨- وڏين مڇين ٩- ججهائي، گهڻائي ١٠- مڇيون ١١- پنڌار يا ڪوڙي دارن ١٢- هاليءَ، بدن * جن جي جدائيءَ ۾ منهنجي جسم کي انهن جو قدر پيو آهي، تن کي آهن. ١٣- شايد ١٤- طريقو؛ ريت، عادت ** مارين (نفس مارڻ وارن) جي روش اها آهي جيئن توهين ڪلاچي جي ڪن ڏانهن مڇ مارڻ لاءِ سنبرو پيا. ١٥- شوق يا هيج ڪري ١٦- گهمندي، تلاش ڪندي ١٧- ڪن ۾ ١٨- جيڪو ڳولي نہ سگهجي (سمنڊ، پاتال) ١٩- مانگرمڇ ٢٠- خوش، سرها.

١٦

جان گِهڙندا گهاتُوئان، تان رَڃَنِ ڏِهو[1] رَڳَ،
سَڳائِيُون ۽ سَڱَ، ڪَلاچِيءَ ڪيرُ ڪَري؟*

١٧

جيئن جُهڳا[2] پائِين جهولَ[3] ۾، اِيئن نَہ مَرَنِ مَڇَ،
سَبَرَ[4] ڏارِ[5] سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون[6] رَڳِيُون رَڇَ،
هي ڇاڙُون[7] ۽ ڇَڇَ[8]، اَچا اوڙاهَ اَڳانهُون ٿِيو.

وائي

جيڪُسِ جَهِليا مَڇَ، گهاتُو گهرِ نَہ آئِيا.
ڪاهي وَڃو، ناکُئا[9]! ڪَرِيو بُري[10] تي بَڇَ[11]،
گهاتُو گهرِ نَہ آئِيا.
ڪاٿي سَندِيَنِ ڪُنڊِيُون، ڪاٿي سَندَنِ رَڇَ،
گهاتُو گهرِ نَہ آئِيا.
ڪُنَ ڪَڙَڪو ڏاڍو، اَٿَوَ اَڳِيان اَڇَ[12]،
گهاتُو گهرِ نَہ آئِيا.
اَدِيُون! عَبدُاللطِيفُ چَي، سي لَنگهيندا ڇَڇَ،
گهاتُو گهرِ نَہ آئِيا.

١- ڏيو * جيڪو ڪلاچيءَ جي ڪن ڏانهن وڃڻ گهري، سو وري مٽيون مائٽيون ڪهڙيون ٿو ڪري؟ ٢- رڇ ٣- اونهي پاڻيءَ جي ڪڏ، جيڪا درياه لهڻ بعد ٿيندي آهي ٤- مضبوط ٥- هٿ ڪر ٦- ڄاريءَ جي ڪناريءَ ۾ ونيل ڏوري ٧- ڪاري يا سمنڊ جي شاخ جنهن ۾ پاڻي تانگهو هوندو آهي ٨- ترايون، ڊورا ٩- ملاح، خلاصي ١٠- ٻيڙي (مانگرمڇ يعني نفس) ١١- هلان، حملو 11a-ڪٽي ١٢- پاڻيءَ جي اڇ ٿي اڇ.

سُر سورٺ

سر بابت:

هندستاني موسيقيءَ موجب، سورٺ هڪ راڳڻي آهي، جا 'ڀئرو' راڳ جي ڇهين پٽ جي زال آهي. ڪاٺياواڙ کي اڳي سئوراشٽر (عمدو ملڪ يا عمدي ملڪ جي) ڪري ڪوٺيندا هئا ۽ هيءَ راڳڻي اُتي عام جام ڳائي ويندي هئي، تنهن ڪري شايد اهو نالو پيو اٿس. سورٺ "سئوراشٽر" جي بگڙيل صورت ٿي ڏسجي.

هن سر ۾ پڙهڻيون، عموماً ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واريون اختيار ڪيون ويون آهن.

آکاڻي:

هن سر جو مضمون، راءِ ڏياچ ۽ سندس راڻيءَ سورٺ جي قصي تي ٻڌل آهي، جو مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

ڪنهن زماني ۾ راءِ ڏياچ نالي هڪڙو راجا جهونا ڳڙهه تي راڄ ڪندو هو. سندس ڀيڻ کي ڪنهن فقير جي دعا سان پٽ ڄائو، پر هن اهو صندوق ۾ وجهي انهيءَ لاءِ لوڙهي ڇڏيو، جو فقير ٻڌايو هوس ته پنهنجي راءِ ڏياچ جي سِسِي ڌڙ کان ڌار ڪندو. صندوق لڙهندي لڙهندي اچي انيراءِ جي ملڪ مان نڪتي ۽ ڪنهن چارڻ جي هٿ اچي ويئي. چارڻ ٻار نپائي وڏو ڪيو ۽ مٿس نالو رکيائين ٻيجل. ٻيجل چنگ وڄائڻ ۾ اهڙو ته ماهر ٿي ويو، جو ماڻهو ۽ مرون سندس چنگ چورڻ تي مست ٿي ويندا هئا.

ٻيجل جي ڄمڻ وقت انيراءِ کي ائين ڏيءَ ڄائي. هن ڪاوڙ وچان اها ڌيءَ صندوق ۾ بند ڪرائي لوڙهائي ڇڏي. اها صندوق راءِ ڏياچ جي راڄ ۾ رتني نالي ڪنڀر کي هٿ لڳي. هن ڇوڪريءَ تي سورٺ نالو رکيو ۽ پالي نپائي وڏي ڪيائينس. سورٺ جي حسن جي هاڪ ٻڌي انيراءِ رتني کان سڱ گهريو. رتني شادي جي آڇ قبول ڪئي، پر جڏهن راءِ ڏياچ کي خبر پئي، تڏهن زوريءَ سورٺ ڪڍائي آڻي محل ۾ وهاريائين. پوءِ ته سورٺ راءِ ڏياچ سان ريجهي شادي ڪئي.

انيراءِ، پنهنجي نالي ٿيل ٻانهن جي ٻئي سان شادي پنهنجي هتڪ سمجهي. هو راءِ ڏياچ تي ڪٽڪ وٺي ڪاهي آيو. قلعو هو مضبوط ۽ کاڌ خوراڪ منجهس هو مٿو، سو سال کن ته انيراءِ ٻاهر پئي جهڪ ماريا: آخر پنهنجي وطن وڃي منادي ڦيرايائين، ته جيڪو راءِ ڏياچ جو سِرُ آڻي ڏيندو، تنهن کي ٿالهه اشرفين جو اڳواٽ ۽ اڌ راڄ ٻيا ڳ جو پوءِ ڏنو ويندو. ٻيجل جي زال مڙس تي ٻانور ڪري، اهو اشرفين وارو ٿالهه وٺي رکيو. تڏهن ٻيجل کي پنهنجي ٻاتڙيءَ جي ٻول جو پرو پيو، تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو پر قول پاڙڻ لاءِ جهونا ڳڙهه پنڌ پيو. چارڻ کي سڀ

ڪنهن هندَ وڃڻ جي آزادي هوندي هئي، سو هن کي ڪنهن ڪونه روڪيو. جهونا ٻڙه ۾ وڃي هن سرندو سوريو، جنهن تي آلاپ ٻڌو ــ تنهن تي سندس ساراه ڪئي. راءِ ڏياچ، چارڻ کي چوڏول ۾ چاڙهائي پاڻ وٽ رنگ محل ۾ گهرايو. راڳ ٻڌي چيائينس: ته "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي."

ٻيجل اهڙو ڪچي جهڙي پٽ. وينو وري تندون تنوارڻ. راءُ هيڪاري ريجهي پيو، تنهن وري به چيس، ته "گهر جيڪي گهرڻو اٿيئي." ٻيجل ورندي ڏني، ته "آءٌ ڪو معمولي مڱڻهار ڪونه آهيان. مون وٽ مال متاع جي ڪا ڪمي ڪانهي. باقي جيڪي گهرڻو اٿم، سو جي گهرندس ۽ توهان نه ڏيندا ته مفت ۾ ڏنا ٿيندا." راءِ ڏياچ وچن ڏنس ته "جيڪي گهرندين، سو پائيندين." آخر ٻيجل سر جي سَٽَ (صدا) هنئين. اهڙي عجيب ۽ انوکي گهر ٻڌي راجا حيران ٿي ويو، پر تنهن هوندي به چيائينس، ته "بس!ـ اهڙي خسيس گهر!ـ هن هڏي مان ڇا هڙ حاصل ٿيندئي؟"

سورٺ کي جڏهن سڌ پيئي، تڏهن هنيون هارجي ويس. ٻيجل کي گهڻيون ئي آزيون نيزاريون ڪيائين، پر وريو ئي ڪين. نيٺ راءِ ڏياچ ڪپار ۾ ڪرٽ هنيو ۽ سِر ڏيئي سرهو ٿيو.

ٻيجل پوءِ سر سوڌو انيراءِ وٽ پهتو. هن چيس، ته "ڪميڻا! تو اهڙي سخيءَ جو سر لاهي ڪلور ڪيو آهي. جوفي وچان اهڙي داتا مان به ڪين ڳڻين، سو اسان اسان ڪهڙا پير ڪنندين- هاڻي توکي ملڪ نيڪالي آهي: وري پنهنجو منحوس منهن اسان کي نه ڏيکارج."

ٻيجل واپس وريو ۽ انهيءَ باه جي اوڙاه ۾ ڏوڪي پيو، جنهن ۾ راءِ ڏياچ جو ڌڙ ٿي چکيا تي چاڙهيائون ۽ جنهن ۾ سورٺ پڻ پنهنجي ور سان ستي ٿي.

روحاني راز:

سر کنيات ۾ شاه انهيءَ سالڪ جو احوال ڏنو آهي، جو اڃا طريقت جي راه ۾ تازو گهڙيو هجي ۽ جنهن کي نفس اماره تمام تنگ ڪيو هجي. هو جڏهن ان کي ڪرهو ڪري مٿس سوار ٿئي، ته نجس نفس کيس سنوت نه ڏئي ۽ لڪيو وڃو لاٿو ڪائي: يعني دنيوي نجاست يا عيش عشرت ڪري، هن سر ۾ شاه هڪ اهڙي سالڪ جو ذڪر ٿو ڪري، جنهن نفس اماره تي قبضو ڪيو هجي ۽ کيس سورٺ جهڙو "نَفسُ مُطمَئِنَهُ" هجي ۽ ٻيجل جهڙو ڪامل مرشد ملي.

هن سر ۾ راءِ ڏياچ اهو مرادوند مريد آهي، جو مرشد جي چوڻ تي، تن من ۽ ڌن سندس قدمن تان قربان ڪري ٿو، بلڪ سر ڏيڻ کان به گريز نٿو ڪري. نفس مطمئني جڏهن اماره نفس جي ذريعي مرشد کي مال متاع آڇي ٿو، ته هن کي سر ڏيڻ جي ماهيت معلوم نه هئڻ ڪري خبر ئي ڪانه ٿي پوي ته ڪهڙو ويل وهايان ٿو. هو اڃا "هئڻ" جي مڪان ۾ هجڻ ڪري، اهو نٿو معلوم ڪري، ته مريد جو روح اصل ڏي تاڻي رهيو آهي. ٻيجل جي تندن مان 'الست بربڪم قالو بليٰ' جو آواز نڪري ٿو، ته ڏياچ جي ڏيل ۾ ٿرٿلو مچي ٿو ۽ هو مرشد ۾ محو ٿي "لا اله الا الله" جي ڪاتيءَ سان ڪپار ۾ ڪرٽ وجهي 'فنا في الله' ٿئي ٿو، يعني صفات کي فنا ڪري، ذات ۾ لئي ٿيو وڃي، ڇاڪاڻ جو ذات جڏهن ذات سان ملي هڪ

ٿئي ٿي، تڏهن صفتون سڀ گم ٿيو وڃن ٿيون.

مرشد جي حڪم جي پيروي ڪرڻ جي حافظ هيئين اکرن ۾ تلقين ڪري ٿو:

"بمي سجاده رنگين کن، گرت پير مغان گويد،
کہ سالڪ بي خبر نبود ز راه و رسم منزلها."

يعني جيڪڏهن توکي مرشد نماز جي مصلي کي شراب سان تر ڪرڻ لاءِ ارشاد ڏئي، تہ اکيون ٻوٽي ائين ڪر، ڇاڪاڻ تہ مرشد کي طريقت جي رستي جون سيئي راهون ۽ منزلون معلوم آهن.

مولانا رومي وري هيئن فرمائي ٿو تہ:

"نيم جان بستاند و صد جان دهد،
آنچہ در وهمت نہ ماید آن دهد."

يعني "مرشد هيءَ اڌوري حياتي وٺي، ان جي عيوض سئو حياتيون بخشي ٿو ۽ اهڙيون نعمتون عطا ڪري ٿو، جي تنهنجي خواب و خيال ۾ بہ نہ اينديون."

سُر سورٺ

داستان پهريون

١

اَللهَ جِي آسَ ڪَري، هَليو هِٿائِين[١]،
چارَڻ[٢] پَڌا چَنگَ[٣] ڪي، جُهوڙا[٤] ۽ جهائِين[٥]،
ڏُٿلِي[٦] راءَ ڏِياچَ جِي، ڏُوران ڏِٺائِين،
وِينَتِي[٧] واحِدَ دَرِ، تنهن وِيرَ ڪِيائِين:
"سَڀاجها سائِين! راءُ رِيجهايِين راڳَ سِين."

٢

پَرَديسان[٨] پَنڌُ ڪَري، هَلِي آئِيو هِتِ،
جاجِڪَ[٩] اُيو جِتِ، سِرَ جون صَدائُون[١٠] هَٿِي:

٣

پَرَديسان پَنڌُ ڪري، هَلي آئِيو هِيءُ،
مالُ نَہ مَگِي[١١] مَگَڻُو، جاجِڪُ مَگِي جِيءُ،
"وَڍِ، وَهِلو[١٢] تِيءُ، ساعَتَ صَبرُ نَہ سَهان."

١ـ هتائين، انيراءِ جي ملڪ مان ٢ـ مڱڻهار ٣ـ تنبوري، سرندي ٤ـ ڳوڙا ٥ـ گهنگهرو ٦ـ ڏولي، پالڪي (محلات) ٧ـ عرض ٨ـ ڏوراهين ڏيهہ کان ٩ـ مڱڻهار ١٠ـ سڏ، سوال ١١ـ پني، گهري ١٢ـ جلد، نسگهو.

۴

"پَرَديسان پَنڌ ڪَري، هَلِي آئِيو هُون[1]،
اُونچو تُون عَرش َ تي، آن پُوٽو[2] مَٿي پُون[3]،
ڪيئن تُسَندين[4] تُون، هِيءُ سِرَ سُوالِي مَڱڻو."

۵

"پَرَديسان پَنڌ ڪَري، آيَس اَڳاهِينءَ[5] ماءِ[6]،
جي وِهاڻِي[7] ويرَم[8] تِيي، تَہ مُون هيرَ ٿِي[9] هَلاءِ،
سونهارا[10] سورَتِ وَرَا! ڳالھ هِيئِين سين لاءِ،
سو مَڱڻهارُ مَلهاءِ[11]، جو وِچان ويرِنِ آئِيو."

٦

"پَرَديسان پَنڌ ڪَري، سُٽِي آيَسِ شانُ،
مَڱَان کِھَڙِيَ مَتِ سين، نِسورو نادانُ،
سو ڪو ڏِيارِيين ڏانُ[12]، جو طَمَعَ کي تَرڪُ ڪَري"*.

۷

"سَرِدِيءَ سالِمُ[13] نَہ رَهان، گَرمِيَ تِيان ڳُدازُ[14]،
اَمُنُ ڏيجِ اَمانَ تُون، سائِلُ[15] هَٿِي سازُ،
رَبابِيءَ[16] کي رازُ[17]، خالِصُ[18] ڏيجِ خَلِيلَ[19] جو."**

۱- آئون، مان ۲- بيٺل، اُبو (ڪريخشاڻي "پورو" يعني نادان لفظ اختيار ڪيو آهي) ۳- زمين ۴- پرچندين، راضي ٿيندين، ريجهندين ۵- بند هانءَ ٦- صبح ۷- مان تاٿين ۸- دير ۹- هينئر ٿي ۱۰- سهڻا ۱۱- خوش ڪر، مرڪائي ۱۲- خيرات، دان * اهڙو ڪو دان ڏيم، جو سڀ تمنائون پوريون ٿي وڃنم. ۱۳- تندرست، توانو ۱۴- ڳران، پگهرجان ۱۵- سوالي، مڱڻهار ۱٦- رباب وڄائيندڙ ۱۸- ڳجھ (مخفي ملاقات) ۱۸- نجو اڪيلو ۱۹- دوست ** مون مڱڻي کي گهري دوست جهڙي ملاقات ڏي.

٨

"سَرديءَ سالِمُ نَه رَهان، ڪوسِي سَهان ڪانہ،
اَمُنُ ڏيجِ اَمانَ تُون، دُورِ ڪَري ٻِيا دانَ،
پاندَپَ[١]! ڪاڻي پانَ، وِجهجِ پَڪَ پينارَ[٢] تي."

٩

"تو دَرِ آيَسِ، راڄِيا[٣]! جاجِڪُ وَڻي جِيءُ،
ڪَنانْ "نارُ خامِيه[٤]"، هاڻِ بَچائِج هِيءُ،*
والِي[٥] ڏِيارِئِي[٦] ويءُ[٧]، جِتِ آهِ "جَنّاتُ عَدَنِ[٨]."

١٠

"تو دَرِ آيَسِ، راڄِيا! هِهَڙو وَڻي حال،
اونائيجِ عَلِيلَ[٩] جو، سَباجها! سُوالُ،
اَڳِڻ مَٿي آنهِنجي[١٠]، ڪَهِي[١١] ڪِي قَوالُ[١٢]،
يَلا! ڪَري ڀالُ، اَمُنُ ڏِهو[١٣] اُنَ ڪي.

١١

"تو دَرِ آيَسِ، راڄِيا! ٻِيا دَرَ ڪَري دُورِ،
سائِلُ تو سَڻَن[١٤] هَٿي، هَردَمِ آن حُضُورِ[١٥]،
ٻِيو نَه مَڱي مُورِ، اَمُنُ ڏِهو اُنَ ڪي."

١ـ بهادرِ (راءِ ڏياچ)! ٢ـ مڱڻهار، فقير ٣ـ راڄ ڌڻي، راجا ٤ـ جلائيندڙ باه (دوزخ) *(پنهنجو سر ڏيئي) مون کي انيراءِ جي عذابن کان بچائج ٥ـ ڌڻي، الله ٦ـ توکي ڏياري ٧ـ (١) لوڙهو (٢) باغ ٨ـ عدن (بهشت) جو باغ ٩ـ بيمار ١٠ـ اوهان جي حضور ۾ ١١ـ چوي ١٢ـ ملحي قصيلو ڳائيندڙ ١٣ـ ڏيو ١٤ـ صدا، سوال ١٥ـ اوهانجي حضور ۾.

١٢

”تو دَرِ آيَسِ، راڄِيا! ٻِيا دَرَ ڏيِئي ٻَنِ[١]،
ڪَهان جو ڪَماچَ[٢] سين، سو سُڻُ سَباجهي ڪَنِ،
جا مَڱَ منهنجي مَنِ، سا توکي مَعلُمُ[٣] سَيَڪا.“

١٣

”ٻيا دَرَ ڏيِئي ٻَنَ ڪي، آيَس تُنهنجي دَرِ،
سونُهارا سورَٿِ وَرَا! ڪا منهنجي ڪَرِ،*
پَلا! پيري[٤] پَرِ، پالهو[٥] پانڊُ پيناَرَ جو.“

وائي

ڏِنو راءِ ڏِياچَ، هِيءُ سِرُ صاحِبَ تانَ صَدَقو.
ڇَڏي هَلِيو هِتَهِين، راڻِيُون پنهنجا راڄَ،
هِيءُ سِرُ صاحِبَ تان صَدَقو.
اَڳِهيو دَرِ اَللهَ جي، ڪوڙِيين پُنَسِ ڪاڄَ،
هِيءُ سِرُ صاحِبَ تان صَدَقو.
مَڱِي وَتو مَڱَڻي، ڪَهِي سانڍُ ڪُماچَ،
هِيءُ سِرُ صاحِبَ تان صَدَقو.
اَدِيُون! عَبدُاللَطِيفُ چي، تِيَسِ ڪَمَ سُڪاڄَ[٦]،
هِيءُ سِرُ صاحِبَ تان صَدَقو.

١- ڪڏ ۾ وجهي ٢- سرندي، تنبوري ٣- معلوم * اٿي ڪا منهنجي واهر يا مدد ڪر.
٤- ڦيري، وري وري، ڀيرا ڏيئي ٥- خالي ٦- چڱا ڪم، سڦلا ڪم.

داستان پهريون

١

جاچڪ[١] جهونا ڳڙهه ۾، ڪو عطائي[1a] آيو،
تنهن ڪامل[٢] ڪَڏِي ڪِينرو[٣]، ويهي وڄايو،
شهرُ سڄوئي سُرَ سين، تنَدُنِ تپايو،
دائيون درمانديون[3a] ٿِيون، پايِنِ[۴] پاڙايو،
چارڻ[٥] تي چايو، ته مارِي[٦] آهي مڱڻو.*

٢

سارِي راتِ صاحِبَ کي[٧]، ڳڙهه[٨] ڳِرِ ڳاياٿين،
اُتَسِ[٩] ماڙِ ڪَ، مينهن جيئن، هَٽَ نَ ڇُٽائين[9a]،**
تي لائِقُ لَڏائين، جيئن هو ميراثي مڱڻو.÷

٣

نِبرتِي[١١] تنَدُ نِيازَ سين، ٻِيجَلَ ٻُرائِي[١٢]،
راڄا رَتولَنِ[١٣] ۾، وَرنائِي[١۴] وائِي،
ڪونايائين ڪوٽَ ۾، بارِٽَ[١٥] باجهائِي[١٦]،
راڄا راڳائِي، هَرِدوئِي[١٧] هيڪُ ٿِيا.***

١- ميراثي، ڳوئيو (ٻيجل) 1a- عطا ٿيل، ذات مليل، بنا استاد ڪمال تي پهتل ٢- هوشيار، قابل ٣ ساز، ٻرندو، ڪماچ، تنبورو 3a- درمانده (ف) بيقرار ۴- راڻين ٥- چوارايو [آلاپ ڪڍيا] ٦- شڪاري، صياد * چارڻ چنگ ڪان پنهنجي چوارايو ته "آءٌ مڱڻهار نه، بلڪ قاتل تي آيو آهيان." ٧- لاءِ ٨- ڪوٽ، قلعي ٩- متس ورڪا تي 9a- ڇهيائين ** متانس ماڙڪ موتي نڇاور ڪيا ويا، پر هن هڪ کي به هٿ نه لاتو ÷ انهيءَ ڪري ٿي سانس وڙ ٿيا جو ابي ڏاڏي کان ولي ڳائڻ جو هنر سندس پيٽ ۾ هو ١١- ڇٽائي نهاري ١٢- وڄائي ١٣- محلاتن ١۴- قبول ڪئي ١٥- لائق؛ ڳوئيو ١٦- باجه ڪري ١٧- ٻئي ڄڻا [ڏياچ ۽ ٻيجل]. *** ٻئي خلاصا مخفي طرح مليا.

٤

نِرتي تَندُ نِيازَ سين، ٻُرائِي ٻيجَلَ،
راڄا رَتولَنِ ۾، اونائِي اَمُلَ،
رازُ ڪِيائين راءَ سين، ڪنهن موچارِيءَ مَهَلَ،
"اَنا اَحمَدُ بِلاَ مِيمِ[١]"، سَينَ هَنئِي سائِل،*
ڪنهن ڪنهن پيئِي ڪَلَ، تہ هردوئِي هيڪُ ٿِيا.

٥

ڪَنِي ڪَنِي[١a] ماڙهين[١b] پيئِي ڪَلَ ڪائِي،
رَسِيا جي رَمزَ کي، تَن پارسِي[٢] پائِي[٣]،÷
"اَلاِنسَانُ سِرّي وَ اَنا سِرّه[٤]"، وَرَتِي اِيءَ وائِي،**
راڄا راڳائِي، هَرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.***

٦

راڄا رَنگِ مَحَلَ ۾، جاڄِڪُ سِرِ زَمِينَ،
جا هَنيائِين هَٿَنِ سين، سا سُئِي بالا[٥] بِينَ،
جِتِ اَچَنِ نہ اُردابيگيون[٦]، اُتِ ڪوٺايو اَمِينَ[٧]،
"تازِي[٨] ڏِهوسِ[٩] تَڪِڙو، جَوهَرَ پائي زِينَ"،
ٻيو مَڱي ڪِينَ، ڏاران[١٠] سِرَ، سَيّدُ چئي.

١ـ آئون 'احمد' آهيان 'ميم' کان سواءِ [حديث]. * ٻيجل [مرشد] صدا هَڻين تہ تنهنجي.[ڏياچ يا سالڪ] ۽ منهنجي وچ ۾ ڪو سنڌو سيڙهو ڪونهي ١a ـ ڪن ڪن ١b ـ ماڻهن کي ٢ـ فارسي يا ڏارين ٻولي ÷ تن اها ڳجهي ڳالهہ سمجهي ٣ـ حاصل ڪئي ٤ـ انسان منهنجو [خدا جو] ڳجهہ آهي ۽ آئون هن جو ڳجهہ آهيان [حديث] ** اها ٻچار پنجي وِيئي، اها ڳالهہ ٿي چڪي *** راڄا (راءِ ڏياچ) ۽ راڳائي (ٻيجل) گڏجي هڪ ٿي ويا ٥ـ مٿي (محلات ۾) ٦ـ مرداني لباس ۾ ٻانهيون ٧ـ ايماندار (راءِ ڏياچ) ٨ـ عربي گهوڙو ٩ـ ڏيوس، هن کي ڏيو ١٠ـ ڏاران، کانسواءِ.

٧

راڄا جو راضِي ٿيو، تنهن ڏِنا وَڏا ڏانَ،
موتِي ڪَارِيا[1] مَڱڻِي، طَرحَ[2] تُنبِي[3] کي تانَ[4]،
"مُون وَٽِ مالَ مَتاعَ جِي، ڪَمِي آهي ڪانَ،
ڪارَڻِ رَبَ رَحمانَ، سِرُ وَڍِي، سُلطانَ ڏِي."

٨

سِرَ جِي،* هُٿائِين[5] هَلِيو، چارَڻَ چِتائي،
سو مُوڙا[6] جَهلي نَ مالَ جا، تو ماڻڪَ موٽائي،
"تو ڏَرِ آيسِ تِي، جيئن تو 'ناهِ' نَ سِڪِيو."**

٩

"پائِي پَٽَ ڪٿا، مُون تان مُورَ نَ مَڱِيو،***
تازِي طَنبيلَنِ ۾، گهوڙا گهرِ گهٽا،
هاٿِيءَ ڪارَڻِ هيڪَڙي، آن[6a] ڪا تَندُ هَٽان،
جا مَٽي تو مَٽيا[7]، تنهن سِرَ جو آهِيان سيڪَڙُو.[8]"

١٠

"جي ميراثِي مَڱٽا، آئون پِڻِ مَنجهان تَنِ،"
"کِي کَهُ[9] منهنجي ڪَنِ، اِرتَ[10] مَنجهارا[11] اَنِ جيx."

١- ڪرايا ٢- طرحين طرحين ٣- سرندي ۴- سر، آلاپ * سر لاءِ صدا. ٥- هٿائين (گهر کان ٿي) ٦- نوڪرا ** جيئن ته خاطري هئم ته ناڪار اصل ڪين ڪندين*** ڪشتي يا پيالي ۾ اَن داڻا مون ڪنهن به ڪونه پنيا آهن. ٦a- آءٌ ٧-زيور، سينگار (سر) ٨- طالب ٩- ڇو، ڳائي بڌاءِ ١٠- ورٿو، ڏات ١١- اندر مان x انهن کان ورٿي ۾ مليل ڏات مان ڪي مون کي ڳائي بڌاءِ.

١١

ڪا چا ڳالهہ ڳري[1]، ٻيجَلِيا! ٻُڌاءِ مُون،
پيٺين جيئن ڳِرنارَ ۾، تُندُنِ تانُ ڪَري، *
ڪِ تو پَنڌ پَري، ڪِ مَڱَڻَ جَهلِيندين[2] مَڱڻا؟"

١٢

"مَڱَ نَہ جَهلِيان مُورهين[3]، نَہ مُون پنڌ پَري،
ڳِڙِي[4] آيسِ ڳالهڙِي، ڳُجهِي تو ڳري[5]،
سا سَمُجهِج، سَورِٺِ - وَرَا! وِينديسِ ڪِينَ وَرِي[6]،
پُرِيان[7] پيرَ پَري، تو لئي آئيو آهيان."

١٣

مَڱَ نَہ تُسي[8] مَڱڻو، نَہ ملڪَ، نَہ مالِ،
ڏاتَنِڻُونَ[9] ڏُورِ ٿِيِي، ڪا جا ڳِنس[10] ڳالِ،
آهي اِنَ خيالِ، تہ ڏيِنِي ٿِيان[11] ڏاتارَ سين.

١٤

سِرُ مَڱِي، سِرُ گُهري، سِرَ رِيءَ ٿئي نَہ صَلاحَ[12]،
غَرِيبَنِڻُون[13] نَہ گُذَري[14]، تو ماري مِيرَ مَلاحَ[15]،
نايو[16] نَوابَنِ جا، سورِيوُ[17] ڪَيِي ساهَ،
خالِقَ سَنجهِ صُباحَ، ڪونہ ڇَڏِيندو ڪِتَّهِين.

١- چوي، ٻڌائي * جيڪا گرنار ۾ گهڙي وقت پئي هنئي، سا مون کي وري هٿي ٻڌاءِ. ٢- وڃنڌين ٣- موراهين، اصل، بنهہ ٤- ڳجهي، ڪٽي ٥- وٽ ٦- موٽي ٧- پري کان، پريان ٨- راضي ٿئي ٩- ڏاٽڻ يا داتا کان ١٠- وٽس، کيس ١١- ملاقات ڪريان ١٢- چڱائي، راضپو، مصلحت ١٣- غريبن وٽان ١٤- نٿو ڇڏي ١٥- واحد ملاح، سهڻا، نمڪدار، حسين ١٦- نمايو ١٧- تاڻيو، ڇڪيو.

١٥

موتِي مَگَڻَهارَ، شالَ مَ اَچِين ڪَڏِهِين،
اَنِٿي پَهَرَ اَجَلَ[١] جو، ڪُنديو مَنجِه ڪَپارَ،
جنهن تو سَبَ جِمارَ، هَنيا چِتَ پَتَنِ سين.*

وائي

تنهنجِي تَندُ تنوارَ، يارَ! مُون مَنُ موهِيو،
مَلهِي[٢] آيين[٢a]، مَگَڻا! گَجِي[٣] مِ گِرنارَ،
يارَ! مُون مَنُ موهِيو.
سِرَ جِي صَدا جِڏِ تُونِ، ڏِياءِ ڏيجَ[٤] اَپارَ،
يارَ! مُون مَنُ موهِيو.
دانَ ڏِياءِ دُهِرا[٥]، هَزارين هَزارَ،
يارَ! مُون مَنُ موهِيو.
اَلا! عَبدُاللَطِيفُ چَئِي، پسان پِرِيَنِ پارِ،
يارِ! مُون مَنُ موهِيو.

١ـ موت * جيئن تو سارو وقت تاجدارن کي عِرش تان ڪيرائي فرش تي پٽي ڦٽو ڪيو آهي. ٢ـ مرڪي، خوشِ ٿي ٢a ـ آئين ٣ـ گجگوڙ ڪري، غلغلو ڪندو ٤ـ داڻ ٥ـ پيٽا، جهجها، گهڻا.

داستان ٽيون

١

ڪِي جو ٻيجَلَ ٻولِيو، پِڙِيءَ[١] وِيهِي ڀانَ[٢]،
راڄا رَتولَنِ ۾، سيباٽو[٣] سُلطانَ،
”آءُ مَٿانهون، مَڱڻا! مقابِلِ مَيدانَ، *
گهورِيان لَکَ، لَطِيفُ چئي، تنهنجِي قَدَمَنِ تان قُربان،
مَٿو هِيءُ، مِزمانَ! هَلِي آءُ تُه هت ڏِيَئين.“[٣a]

٢

”آءُ مَٿانهون، مَڱڻا! چَڙهِي ۾ چَوڏولَ[٤]،
توکي گهوٽَ گهرائِيو، راڄا مَنجهِ رَتولَ،
ٻيجَلَ! تو سين ٻولَ، وِهاڻِيءَ وَڏَنّ جِي.“

٣

مَحَلِين آيو مَڱڻو، سازُ ڪَڇِي سُرَندو،
سِرَ جِيَ صُدا سُرَ ۾، گهورَ هَٽِي[٥] گهرندو،
مَٿي رِيءَ مَلُوڪَ[٦] جي، چارَڻُ نَہ چُرَندو،
جهونا ڳَڙهه جهرَندو، پُونڊِي[٧] جهانءِ[٨] جهروڪَ[٩] ۾.

١- اسر جو ٢- مڱڻهار ٣- وٽيو، پسند ڪيو * ڪليو ڪلايو، ظاهر ظهور، روبرو. ٣a- ڏيانءِ
٤- ڏولي؛ محفو ٥- تندن کي گز سان ڇڪ ڏئي (ڳائي جو اصطلاح) ٦- بادشاه، امير
٧- پوندي ٨- روح رازو، واويلا ٩- محلات.

۴

مَحَلِين آيو مَڱڻُو، ڪَٺِي سازُ سِرِي[1]،
لَڳِي تَندُ تُنبِرَ[2] جِي، پِيا ڪوڪَ ڪِرِي،
هَندين ماڳين هُوءِ[3] ٿِي، تنهنجي ٻيجَلَ! دانهن ٻرِي[4]،
جُهونا ڳڙهه جُهرِي، پُوندِي جهانءِ جَهروڪَ ۾.

۵

ڏاتارَ ۾ مَڱڻِي، ڪونَهه وَسِيلو وِچ،
سائِي ٻالَ تَندُنِ جِي، سائِي چارَڻَ چِتِ،*
جي هُتِي، جي هِتِ، تہ ڳالِهه مِڙيائِي هيڪَڙِي.

٦

جاجِڪَ! تو جُهارُ[5]، ڏهَہ ٻيرا ڏِياڄُ چِي،
جنهن ۾ مالُ نہ مِرِيءَ[6] جيتَرو، تنهن تُون طَمعدارُ،
جي اچِيئِي ڪمِ ڪپارُ، تہ وِيهَہ ٻيرا وِدِي ڏِيئِين."

۷

"ٻيلِي ٻئِي پارَ، جان مُون نيڻَ هَٽِي نِهارِيا،
چوري رَکِيمِ چِتَ ۾، ڏِسِيَنِ[7] جا ڏاتارَ،**
هِيءُ سِرُ توهانُ ڏارَ، ٻيجي[8] ڪنهن نہ ٻولِيو."

---

۱ عجيب، ڳجهو ۲ـ تنبورو وڄائيندڙ (ٻيجل) ۳ـ آواز، گهمسان ۴ـ وڳي * جيڪي منگتي جي من ۾ هو، سو ٻئي پنهنجي سرندي کان چوارايائين. ۵ـ هندن جي سلام جو نمونو (جڙ هر) ٦ـ ڪارو مرچ ۷ـ طرفن، ڏيهن، ملڪن ** جيڪي ملڪن جا سخي آهن تن جي سخاوت جو ويهي دل ۾ اندازو لڳايم ۸ـ ٻئي.

٨

"سو جيءُ مَڪَّڻھارَ، مَ ھوءِ، جنھن تو مَٿي سِرَ سَنو[١] ڪيو،
جو مُون مُلِ[٢] مُورِ نَہ سَپَجي[٣]، تان جي سو گھُريوءِ،
تَہ جُڳان جُڳَ[٤] ڏِنوءِ[٥]، ڏُنگو ڏاتارَنِ ڪي." *

٩

مَٿو مَٿائين[٦] گھورِيان، مَٿو تو مَٿاءِ،
سو مُون ٿِئي نَہ ھَٿاءِ، جنھن[٧] تُون لائِقُ مڱڻا!

١٠

مَٿو مٿائين گھورِيان، مَٿو تو مَٿاءِ،
ھَڏو[٨] ھِيءُ ھَٽِ ڪَري، جاجِڪ! وَھلو[٩] جاءِ[١٠]،
تُون سين اِنيراءِ، جِم[١١] واڇا[١٢] ۾ وِلھو[١٣] وَھين[١٤].

١١

مَٿو مُورِ نَہ پاڙِيان، تنھنجيءَ تَندُ تَنوارَ،
سِرَ ۾ سَڃَڻُ[١٥] ناھِ ڪِي، ** موٽُ مَ مَڱڻھارَ،
ڪِينھَين[١٦] مَنجھِ ڪَپارَ، لَڄِيندو[١٧] تو لاھِيان.

١٢

سَؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابَرِ توريان،
اُتَلَ[١٨] اوڏاھِين[١٩] ٿِئي، جيڏانھن پيچَلُ پُرائي،
سَڪَٿو ھَڏُ آھي، سِرَ ۾ سَڃَڻُ ناھِ ڪِي.

١- سودو، مٺاسٺا ٢- پيدا ٿئي ٤- هميشہ لاءِ ٥- داغ، ٽڪو * جي تون ڪا اهڙي شيءِ گھرين ها، جيڪا مون وٽ بنھ نہ هجي ها، تہ آءٌ ناڪار ڪري وڃان ها ۽ انهيءَ ڪري سخين تي هميشہ ٽڪو اچي وڃي ها. ٦- تنھن جي مٿان ٧- جنھن جو ٨- خالي ڪوپري ٩- جلد ١٠- وڃ ١١- مٿان ١٢- وچڻ، وعدو ١٣- سکڻو، نڌڻڪو ١٤- پئين (متان انيراءِ سان انجام ۾ ڪوڙو ٿئين.) ١٥- نذرانو ڏيڻ ** منھنجو سر تنھنجي نذراني ڏيڻ جي لائق نہ آهي. ١٦- ڪجھہ نہ آهي ١٧- شرمايو، لڄ ١٨- اُتل، ليٽ، (زياده) ١٩- انهيءَ پاسي.

١٣

مَتي اُتي[1] منهنجي، جي هُئا سِرَن سَوَ هَزارَ،
تہ تنهنجيءَ تَندُ تنوارَ، هَرَ هَرَ وَڍِيمَ هيڪِڙو.

١۴

مَتي اُتي منهنجي، جي ڪوڙين هُونِ ڪَپارَ،
تہ وارِيو وارِيو[2] وَڍِيان، سِسِيءَ ڪي سَوَ وارَ،
تہ پڻ تَندُ تنوارَ، مُونهان[3] مَٿانهُونِ[4] مَڳڻا.

١٥

جو تو ڏِيَڻُ، ڏِياچَ! لاهِيو اِي سِرُ سَيُڪو ڏي،
ڪي ناهِ جِهَڙو ڏي، جو سَنَدَ[5] تِئِي سُوالِين.*

١٦

"ڏِيَڻُ گهڻو ڏُهلو[6]، سِسِي ڏِيَڻُ سُڪُ×،
سو تان ڏِياچَ! ڏُکُ[7]، جو تَعلُقَ[8] رَکي تَندُ سِين.

١٧

جو تَعلُقَ رَکي تَندُ سِين، سو ڪِي پَلئہ پاءِ[9]،
مون ڪي مَ مونتاءِ، آنءُ اَڳاهُونِ آئِيو.

١٨

پَسِي پاٽُ پِرِ[10] تِيو، سَندو جادمَ[11] جُودُ[12]،
مَڱَ[13] وِهاٽِيءَ[14] مَڳڻا! مَٿو هيرَ[14a] مَوجُودُ،
بَلڪِ آهي بُودُ[15]، ناڪسِيءَ[16]، نابُودَ ۾.**

١- تي ٢- وَرِيَ وَرِي، ڀيرا ڪيو ٣- مون ڪان ۴- اَعليٰ، افضل ٥- دستاويز، اختيار نامو ٥- (سر ڏيڻ سولي ڳالهہ آهي)* تون مون ڪي ڪو اهڙو دان ڏي جو ٻين سوالين لاءِ حجت يا دستاويز ٿئي ٦- مشڪل × سر ڏيڻ (عزت يا مال مرتبي لاءِ) سولي ڳالهہ آهي، پر خيرات ڏيڻ مشڪل آهي. ٧- ڏکيو ٨- لاڳاپو ٩- جهوليءَ ۾ وجهہ ١٠- پرپور (خوش) ١١- (هتي مراد) راءِ ڏياچ (جادم جکرو جيڪو سنڌ جي ڏهن ڏاتارن مان هڪ هو) ١٢- سخا ١٣- گهر، تنهنجو سوال ١۴- صبح جو ١۴a- هينئر ١٥- هستي، حياتي ١٦- شخصيت وڃائڻ، انفرادي هستيءَ **انفرادي هستيءَ (خودي) وڃائڻ ۾ سچي زندگي آهي.

١٩

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، رمي رهيو[١] رات،
صدا جي، سيد چي، وائي ڪيائين وات[٢]،
ديهه[٣] ڏنا تنهن ڏات[٤]، ميڙي مڱڻهار ڪي.

٢٠

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، پير پري پاتا،
صدا جي، سيد چي، وائي ڪيائين واتا[٦]،
تنهن تي راءُ راضي ٿيو، دل وڏيءَ داتا،
مرڪي مر[٧] ماتا[٨]، روڙي[٩] راءَ ڏياچ جي.

وائي

متو ۾ ڪينڪار، يار! ڏاڻ ڏيندوسئين*، مڱڻا.
جاچڪ! جهونا ڳڙهه ۾، هل ته ٿيهون[١٠] يار،
ڏاڻ ڏيندوسئين، مڱڻا.
متان ڪا منهنجي ڪرين، ڳالا جي گفتار،
ڏاڻ ڏيندوسئين، مڱڻا.
متي اُتي منهنجي، جي هُون سر هزار،
ڏاڻ ڏيندوسئين، مڱڻا.
هر هر وڏيان هيڪڙو، تنهنجي تند تنوار،
ڏاڻ ڏيندوسئين، مڱڻا.

١- ويڙ هليو ٢- وات ۾ ٣- گهڻا ملڪ ۴- دان (گهڻيون جاگيرون ڏنيون) ٥- هلي ٦- وات مان ٧- پلي ٨- ماءُ ٩- نيڪ، اشراف، سلڇڻي * سرخوش خيرعافيت ۾ ٿي ڏيندوسانءِ، ازانسواءِ پيا به دهرا دان ڏيندوسانءِ. ١٠- ٿيون.

لَڳيندي تو لاهِيان، ڪِينهي مَنجهه ڪَپارَ،
ڏاڻَ ڏيندوسَئين، مَڱڻا.
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، لَڳِيَسِ لَنءُ لِغارَ،
ڏاڻَ ڏيندوسَئين، مَڱڻا.

داستان چوٿون

۱

رِيءَ[1] مَصلحَتَ[2] مَڱڻا، قَصرِ[3] ڪِينَ اَچَنِ،*
نُورَ تَجلّو نُورَ سين، نَمِيو نيڻَ پَسَنِ،**
خيمي[4] ۾ ڪَنگهارَ[5] جي، چاندُوٽا[6] چَمڪَنِ،
لَڌائِين[7]، لَطِيفُ چئي، سَندا ڏاڻَ[8] ڏِسِيَنِ[9]،
تيلانهن[10] مُلڪَ - ڏِٺِيَنِ[11]، مَڃيو مَڱڻهارَ ڪي.

۲

مَرُ تَہ آئين، مَڱڻا! مامَ[12] پَرُوڙِي مُون،
جيڪا ڳاهہ ڳالهائِيِين، سا سَڀَ سَمُجهِيسُون،
تنهن ۾ تُسِجِ[13] تُون، جيڪِي پوئِي[14] پَٽَ[15] ۾.

۳

چارَڻَ! تنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آهيم اِيءُ،
هَٿِين اُيو هَٿَنِ سين، جيئرو رَکِيو جِيءُ،***
راتِ منهنجو رِيءُ[16]، ڪاتِيو تو ڪَماچَ سين.

۱- ڪان سواءِ ۲- چڱائي، ڀلائي ۳- محلات ۾ * تارڪ درويش محلاتن ۾ ڪنهن مصلحت ڪان سواءِ ڪونہ ايندا. ضرور اِلاهي امر هوندن** راءِ ڏياچ (سالڪ) جون اکيون مرشد جي اکين ۾ الاهي نور ڏسن ٿيون. ۴- تنبوءَ (محلات) ۵- راءِ ڏياچ ۶- چنڊ جا ڪرڻا ۷- حاصل ڪيائِين ۸- فيض ۹- طرفن، ملڪن ۱۰- تنهن ڪري ۱۱- وڏن وڏن بادشاهن ۱۲- ڳجهارت، رمز، اشارو ۱۳- راضي ٿيج ۱۴- پوي، وجهان ۱۵- پيالي، ڪشتي *** (ڀيا تنهنجو چنگ ٻڌيو جليو فنا ٿيو وڃن) پر عجب آهي توتي ڪو اثر ڪونہ ٿو ڪري. ۱۶- هينئون، دل (قلب).

٤

تانُ نَہ آهي تَندُ جو*، رُونِ رُون ڪَري رازُ[1]،
هَٿَندَڙَ سندا هَٿڙا، سَيُڪو چُئي سازُ،
سَتَ ڏِيئي[2] شَهِبازُ[3]، تِيءُ تہ تُوڪُ[4] پِرائِين.

٥

تَندُ تُمارِيءَ[5] تانُ، ڪَهِيو سو قَبُولُ پِيو،
سِرُ تہ آهي سَتِ ۾، پَرَ پِيو ڪي مَڱِجِ دانُ،
خاڪِ، مِٽِيَ ڪا[6] بانُ[7]، ڪاتِيا[8] پوءِ ڪُجھ نَهِين.

٦

چارَڻَ پولِجِ ڪِي پِيو، جو گُهرِيُئي سو گهورِيانِ،
گهرُ، سورَتِ نہ پَڙي[9]، جي تَندُنِ بَرابَرِ تورِيانِ،
ڳُجِهي آهيم ڳالِهڙي، آءُ اوري تانُ اورِيانِ،
ڪِ ڪُلهِنئُون ڪورِيان، ڪ، جاجِڪ! جُسي سين ڏِيئِين؟

٧

چارَڻَ چَنگُ، پَنگُ[10] لَهِي، وَڄايو وَڏاڻُ[11]،
سِرَ جو هَڏِ آسانُ[12]، پَرَ مَڱڻهارُ مَٿي وَهي.**

٨

ڳُجھ پنهنجي ڳُجھ سين، رِندَ[13] رَساڻِي[14] لاءِ،
اَجَلُ اُيو آهِ، پُٺِيءَ تو پلاڙيو.

---

* اهو آلاپ تندن جو نامي بلڪ الاهي آواز آهي. ١- ڳجھ- جيتوڻيڪ سچڪو پيو چوي تہ اهو آواز سربندي مان پيو نڪري ٢- سيگھ ڪري، همت ڪري ٣- وڏو باز (ڏاتار) ٤- نعمتون ٥- تنهنجيءَ ٦- جي ٧- بناوت [سر يا جسم جو مٽيءَ جو ٺهيل آهي] ٨- وڍئي ڪان ٩- لائق ٿئي، برابر ٿئي ١٠- وٽ، پيچ، وڙ ١١- وڄاڻ، چنگ، واڄو ١٢- احسان، ٿورو **سر جي سخاوت جو هيڏو احسان مڱڻهار تي ٿي ٿيو، پر هو اڃا بہ وڌيڪ پيو گهري. ١٣- متوالي، مجذوب ١٤- پهچائڻ، نيڻ.

٩

وَڍِ سِرُ تِيءُ سَرَهو، مَ ڪِي آءُ، مَ ڳاءُ،*
جاجِڪَ! تو مَٿاءُ، مُلڪُ مِڙوئي گهورِيان.

١٠

تِيئِي پَرچِيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَٺارو[١]، ڪَنڌُ،
تنهن جِهو ئِي[٢] ناهِ ڪِي، جو تو، چارَڻ! ڪِيو پَنڌُ،
اِيءُ شُڪرُ اَلحَمدُ[٣]، جيئن مَٿو گهرِيوءِ مَڱڻا.

١١

ڪَنجهي[٤] ڪِيرَتِ[٥] ڪِينَرو[٦]، واڄو وِلاتِي[٧]،
هَنئِي تَندُ حُضُورَ ۾، تنهن پارِس[٨] پيراتِي[٩]،
ڏِسنديئِي[١٠] ڏياچ ڪي، ظاهر تيو ذاتِي[١١]،
ڪڍي تنهن ڪاتِي، وِڍو ڪَرتُ[١٢] ڪَپارَ ۾.

١٢

گُلُ[١٣] چِنو گِرنارَ جو، پَٽَڻِ[١٤] تِيو پِٽِين،
سَهَسين سورَٺِ جهَڙِيُون، اُڀِيُون اوسارِينِ[١٥]،
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سِينگارِيو ڏِينِ،**
نارِيُون[١٦] ناڏُ[١٧] ڪَرِينِ، "راڄا راتِ رَمَگيو[١٨]!"

* هاڻ پيلا سر وِڍي، خوش ٿي ته هر هر اڇڻ ۾ مگڻ کان ڇڻي پئين. ١- ڪٺار، ڪاتي، خنجر ٢- جهڙوئي ٣- خدا کي شڪر ۽ وڪاڻ هجي ٤- آواز ڪري، رون رون ڪري ٥- راڳ، آلاپ ٦- تنبورو ٧- وَلائت جو، عمدو ٨- اهو پٿر جو لوه کي لڳي ته سون ڪري وجهي (ڪامل مرشد، ٻيجل) ٩- پيرائتي، سربستي، ساري، بنيادي، حقيقت جي ١٠- ڏسڻ شرط ١١- جوهر ١٢- وڍ ١٣- راءِ ڏياچ ١٤- شهر، ننگر ١٥- روح راڙو ڪن ** راءِ ڏياچ جو سر سينگاري ٻيجل کي ڏين. ١٦- زالون ١٧- روح راڙو ١٨- ويو هليو.

سر ڪيڏارو

سر بابت:

ڪيڏارو معنيٰ جنگ جو ميدان. ”ڪيداري“ هڪ هندستاني راڳڻيءَ جو ٺالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن پاريائن (زالن) مان هڪ آهي.

ڪن صاحبن جو چوڻ آهي ته ڪيڏاري سر جا بيت احسان فقير جا چيل آهن، جو شاهه جو همعصر هو. پنهنجي دعويٰ هن ڳالهه تي ثابت ڪرڻ گهرن ٿا، ته گهڻو ڪري سيني بيتن ۾ ’احسان سين‘ لفظ اچن ٿا، جي حقيقت ۾ اڳي ’احسان چوي‘ هئا، پر پوءِ فقيرن بدلايا آهن. هي دليل ضعيف آهي. ڪابه بيروني ثابتي ڪانهي. اندروني ثابتي مان صاف ظاهر آهي، ته هي ڪلام شاهه جو آهي. احسان فقير وارا امامن بنسبت چيل بيت پڙهي، هتي ڏنل بيت پڙهبا، ته فرق نمايان ٿي پوندو. احسان فقير وارن بيتن ۾، اهي شاعرائيون خوبيون ڪونهن، جيڪي هنن بيتن ۾ موجود آهن.

ڪي صاحب شايد شاهه کي صرف سني ثابت ڪرڻ جي خيال کان، سر ڪيڏارو شاهه جو ڪلام ڪري نٿا مڃين. اها هنن جي تنگ دلي آهي. شاهه فرقي بازيءَ جي فتني کان گريز ڪندو هو. سني سادات هئڻ ڪري، امامن سان اهائي الفت هوندي هيس جيڪا هر ڪنهن سني کي آهي. ازانسواءِ هن سر ۾، شاهه اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانه چئي آهي، جنهن تي ڪو سنين کي اعتراض ٿي سگهي. هن سر ۾ شاهه پاڻ سنين جو نقطه نگاهه واضح ڪيو آهي ته امامن جي شهادت امر الاهي هو ۽ ازل کان لکيل هو؛ تنهن ڪري انهيءَ واقعي تي سينه زني ڪرڻ ۽ بازارن ۾ هرگس ڪيي نمائشي واويلا ڪرڻ نه جڳائي. امامن جيڪا شهادت جي سختي ڏٺي، سا الاهي محبت جو هڪ اسرار هو. خدا دادلا دوست ڪهائي ٿو- تنهنڪري سورهين جيڪو شهادت جو درجو ماڻيو، تنهن تي اسان کي ارهو ٿي، روڄ راڙو ڪرڻ نه سنهائي. اسين جنهن کي شهادت جي سختي سڏيون ٿا، سا امامن واسطي ازلي آزمائش هئي. هنن خدا تعاليٰ جو فرمودو بجاءِ آندو. هنن ’في سبيل الله‘ موت ماڻي ابدي حياتي حاصل ڪئي، ۽ ازلي واعدو، وفا ڪيو. اهو ته هڪ الاهي اسرار هو، جنهن جي حقيقت ۾ مام جاڻڻ وارا ئي پروڙي سگهندا. باقي جيڪي نقلي دلدليون ڪڍي، گهوڙا سينگاري، هوليءَ جي سانگ وانگر منڊل منڊبي، مزا ۽ موجون ڪن ٿا، سي ته پاڻ امامن تي ٺٺوليون ڪن ٿا.

مضمون:

هن سر جو مضمون ڪربلا جي قضيي تي ٻڌل آهي، جنهن جو احوال مختصر طور هيٺ ڏجي ٿو:

حضرت محمد ﷺ جن جي وفات بعد اهم سوال اٿيو، ته مسلمانن جو خليفو ڪنهن کي ڪجي. هاشمين جو خيال هو، ته حضرت عليءَ ڪرم الله وجھ کي خليفو مقرر ڪجي، پر قريشين خلافت جو فيصلو، اجتماعي چونڊ تي ڇڏيو ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنہ خليفو منتخب ٿيو. مسلمانن ۾ انهيءَ ڪري تفرقو پيو ۽ قوم، سنين ۽ شيعن ۾ ورهائجي ويئي. حضرت ابوبڪر رضہ بعد حضرت عمر فاروق رضہ، ان بعد حضرت عثمان رضہ ۽ آخر ۾ حضرت عليءَ ڪرم الله وجهه خلافت جو عهدو سنڀاليو. حضرت عليءَ کان پوءِ سندس وڏو فرزند، حضرت امام حسن خليفو چونڊيو ويو، پر هن شام جي حاڪم معاويہ کي خلافت سونپي ۽ وڏا وظيفا ورتا، پاڻ امام حسين سميت، مديني ۾ اچي آرام سان زندگي بسر ڪرڻ لڳو. معاويہ جي مرڻ تي سندس پٽ يزيد شام ۾ خلافت جون واڳون ورتيون ۽ امام حسين ۽ عبدالله بن زبير کان بيعت ڪرائڻ لاءِ مديني جي امير کي لکي موڪليو. امام حسين ۽ عبدالله بن زبيرؓ راتو واه مدينو ڇڏي، عيالن سميت اٿي مڪي ڏي ڪنڌ ڪيا.

ڪوفين امام حسين کي خط لکيا، ته "اسين تنهنجا تابعدار آهيون. ڪوفي ڏانهن اچو، ته يزيد خلاف جنگ جوٽيون." امام حسين خبرچار لهڻ لاءِ پنهنجي سوٽ امام مسلم کي ڪوفين ڏانهن موڪليو. امام مسلم ڪوفي ۾ پهتو، ته هزارن سندس هٿ تي اچي بيعت ڪئي. انهن ۾ جوش ڏسي، امام مسلم، امام حسين کي ڪوفي ڏانهن اچڻ لاءِ لکي موڪليو.

جڏهن يزيد کي ڪوفين جي بغاوت جي ڪڙڪ پئي، تڏهن نعمان کي برطرف ڪري، عبيدالله کي امير ڪري موڪليائين. عبيدالله جي ڏاڍاين ۽ حرفتن ڪري، ڪوفي امام مسلم کان ڦري ويا ۽ کيس شهيد ڪري ڇڏيائون، جنهن جي امام حسين کي مڪي ۾ ڪابہ خبر نہ پيئي.

امام مسلم جي لکڻ تي، امام حسين ڪوفي ڏانهن روانو ٿيو. محرم جي پهرين تاريخ، خميس جي ڏينهن سن٦١ هجريءَ مطابق ٦٨٠ع، بابل جي سرحد تي رسيو، جتي عبيدالله جي موڪليل هڪ سالار، حر، کيس اچي امام مسلم جي شهادت جي خبر ٻڌائي ۽ کيس نظربنديءَ جي حالت ۾ ڪربلا جي ميدان ڏانهن وٺي ويو. هو محرم جي ٣ تاريخ، فرات نديءَ جي ڪناري وٽ، ڪربلا جي ميدان ۾ اچي پهتا.

امام حسين مڪي موٽڻ لاءِ تيار هو. هو يزيد ڏانهن وڃي ساڻس روبرو ڳالهين ڪرڻ لاءِ بہ تيار هو؛ پر عبيدالله اجازت نہ ڏني. الٽو بيعت تي اصرار ڪري بيٺو. ناڪابندي ڪري پاڻي وغيره بند ڪرايائين. امام حسين سان فقط چاليهہ پيادا ۽ ٻٽيهہ سوار هئا. پوءِ حر،

عبيدالله جي لشڪر ڪان ڇڇي، اڇي امام سان ساٿي ٿيو.

شمز نالي سالار، محرم جي ڏهين تاريخ، ولي تيرن جا وسڪارا مچارايا ۽ امامن جي خيمن کي ساڙڻ جو حڪم ڏنو. آخر ٻنهي ڌرين لڙائي لاءِ تيار ٿيون. پوءِ ته ڪوندر ڪسجڻ لڳا. هڪ ٻئي پٺيان امام جا عزيز شهيد ٿي ويا. آخر امام حسين مصري قبا پهري، مٿي تي پيغمبر ﷺ جن جي دستار مبارڪ رکي، ڪلهي تي حضرت حمزي واري ڍال ڍاري، چيلهہ سان حضرت عليءَ واري ذوالفقار ٻڌي، ذوالجناح تي چڙهي، رڻ ڏي رخ رکيو ۽ ڪيترا ڪافر ڪيرائي، آخر جام شهادت پيتائين.

روحاني راز:

هن سر ۾ شاه سچ جي راه ۾ سور ۽ سختيون سهي، سر فدا ڪرڻ جو سبق امامن جي ڪربلا واري قضيي مان پرائڻ جي تلقين ڪري ٿو. امامن دنيا تي دين ڪونه وڪيو. جيڪڏهن يزيد جي بيعت ڪن ها ته جيڪر وڏا وظيفا ۽ دنيوي سک ۽ سهنج حاصل ڪن ها. ائين ڪرڻ سان هنن کي هڪ طرف مان ۽ مرتبو ملي ها، ته ٻئي طرف سورن کان نجات. جيتوڻيڪ کين يقين هو ته يزيد سان پڄڻ محال آهي؛ ته به بي سروساماني جي حالت ۾ حق جي راه کان نه مڙيا. نفس سان جنگ جوٽڻ، وڏو جهاد آهي، پر جبري حاڪم کي سچ چوڻ انهيءَ کان به وڏو جهاد آهي. حق تي بيهي، اصولن کان نه مڙڻ، مانجهي مڙسن جو ڪم آهي. جهڙي تهڙي جي جاءِ ڪانهي. سچ چوڻ ڪٿي سولو هجي، پر ڪوڙي حاڪم کي حق چئي، پوءِ جيڪي سور سهڻا ٿا پون، تن جو اندازو فقط اهو ڪري سگهندو، جو انهي آزمائش مان گذريو هوندو. خود غرضي انسان کان الائجي ڇا ڇا ٿي ڪرائي. عهدي ۽ انعام جي لالچ، شمر کان هي شيطاني شغل ڪرايو. دنيوي حڪومت ۽ ان جي الفت يزيد کي اهلبيتن کان بيعت ڪراڻ لاءِ ڪيترائي خراب حڪم صادر ڪرايا.

سچ تان سر صدقي ڪندڙن جا مثال، دنيا جي تاريخ ۾ ٻيا به گهڻائي ليندا، پر ڪربلا جي واقعي جهڙو رقت آميز حادثو مشڪل ملندو. حضرت عيسيٰ صليب تي سر ڏنو ۽ منصور سوريءَ تي پساه ڇڏيو پر امامن جهڙي آزمائش ڪنهن سان ڪانه ٿي. هت ته هر هڪ، پاڻيءَ جي بوند لاءِ سڪي، بڪ ۾ پاه ٿي، سچ تان سر صدقي ڪيو. امام جيڪر اڪيلو شهيد ٿئي ها ته ٻين جهڙو ليکجي ها. شاباس آهي سندس اهل و اولاد کي جن مان هرهڪ ساڻس متفق ٿي بيٺو ۽ ڪانئس اڳ شهادت جو جام پيتو. هر هڪ عزيز، پٽ، ڀائٽي وغيره کي اکين اڳيان اجل جو شڪار ٿيندو ڏسي جيڪا مانڊ جي دل جي حالت ٿيندي، سا سمجهڻ يا محسوس ڪرڻ به سٿري ڪانهي.

صبر ڪري سور سهڻ، اصول تي اکين اڳيان اولاد ڪهائڻ، ننڍڙن ابهمن کي پاڻيءَ

لاءِ پياسو ترپي ترپي ساهه ڏيندو ڏسي، ثابت قدم بيهڻ، ڪا معمولي ڳالهه ڪانهي. محڪم ارادو ڪندڙ اصول جي پابندي ڪندڙ انسان، دنيا ۾ سختيون سهي ٿو، پر ابدي حياتيءَ جو مستحق ٿئي ٿو. شال ڪو دنيا خاطر دين برباد نه ڪري. شل ايمان تان هن دنيا جون سو حياتيون قربان ڪرڻ جي اسان کي قادر قوت ڏي!

سُر ڪيڏارو

داستان پهريون

١

ڏِٺو مُحَرمُ ماهُ[١]، سَنڪو[٢]، شَهِزادَنِ[٣]، ٿِيو*،
جاٽي هيڪُ اللهُ، پاڻَ وَٽَنديُون[٤] جو ڪَري.

٢

ڏِٺو مُحَرمُ ماهُ، سَنڪو شَهِزادَنِ ٿِيو،
مڪي، مَدِيني، ماڙهُوئين[٥]، رُنو مَٿي راهَ،
تنهن واحِدَ کي واهَ[٦]، جو حُڪُمَ هِهَڙائِي ڪَري.

٣

مُحَرمُ موٽِي آئِيو، آئِيا تان نَہ اِمامَ[٧]،
مَدِيني جا ڄامَ×، مولا! مُون کي ميڙِيين!

٤

مُحَرمُ موٽِي آئِيو، موٽِيا تان نَہ اَمِيرَ،
مَدِيني جا مِيرَ، ڏاتَرَ! مون ڏيکارِيين!

١- محرم (جنهن ۾ جهيڙو جهڳڙو حرام آهي) جو مهينو ٢- انتظار، ڳڻتي ٣- امامن جو
*محرم جو مهينو ڏٺو آهي؛ امامن جو انتظار (ماتم) ڪرڻو پيو ٤- جيڪي ڪيس وٺن
٥- ماڻهن ٦- واه، واه، واڪاڻ ٥- اڳواڻ، پيشوا × مديني جا شاه (امام)

٥

مِيرَ مَدِينِئان[١]، نِڪَرِي، ڏيرا، ڏِنائُون÷،
ڪاٺِيءَ، پاٽِيءَ، گاهَ ڪِي، ماڙهُو مُڪائُون،
چڙهَندي[٣]، چيائُون، تَہ ٿيندي ويڙهہ وَڏاندِري[۴].

٦

مِيرَ مَدِينِئان نِڪَري، رِڙهيا مَتي رَندَ[٥]،
گهوڙا تَنِ گهوٽَنِ جا، پُريا[٦] مَتي پَندَ،
جِتي رَهِيا راتڙِي، سي سُونهارا هَندَ،
ڪُلها، ڪَرِنگهر، ڪَندَ، جهَرَنِ جهونجهارَن[٧] جا.*

٧

مِيرَ مَدِينئان نِڪَري، آئِيا نَہ موٽِي،
ڪارا رَگَجِ ڪَپڙا، آدا نِيروٽِيَ!
آئون تَنِين لاءِ لُوٽِيِ[٨]، جي مِيرَ مُسافِرَ رائِيا[٩].

٨

سَختِي شَهادَتَ جِي، سُڻُ! شادِيءَ جو ڏينهن،**
ڏَرو ناهِ يَزيدَ کِي، نِسوروه ئي نينهُن،+
مَرگُ[١٠] آهي مينهُن[١١]، عَلِيءَ جي اولاد کي.

١- مدينيءَ مان ٢- چانوٽيون÷ خيما کوڙيائون ٣- گهوڙن تي سوار ٿيڻ وقت ۴- ڊِگهو، طويل، لنبي ٥- رستي، گس ٦- هليا ٧- وڙهندڙن، پهلوانن* مسافريءَ ڪري بهادرن جا لڱ (ڪلها، ڪرنگهو ۽ ڪنڌ) سور پيا ڪن. ٨- مٿي، جلي، رلي ٩- (١) رمگيا، گذر ڪري ويا (٢) رڳجي ريٽو ٿيا
** اي مومن بندا! تہ جيڪا (تون) شهادت جي سختي سمجهين ٿو، سا (امامن لاءِ) شادي جي ڏينهن مثل هئي. + ذرو بہ يزيد جو ڏوه نہ هو: امامن لاءِ اها سختي نج الاهي محبت جو آثار هو. اها سختي کين الله جي طرفان ملي، جو "دوست ڪهائي دادلا" ١٠- موت ١١- مينهن (رحمت).

٩

سَختي شَهادَتَ جي، مِڙوئي مَلهارُ[١]،
ڏرو ناهِ يَزيدَ کي، اِي عِشقَ جو آثارُ[٢]،
ڪُسَڻُ جو قَرارُ[٣]، اَصلِ اِمامَنِ سين.

١٠

سَختِي شَهادَتَ جي، مَلهارُ مِڙوئِي،
ڏرو ناهِ يَزيدَ کي، آثارُ اُهوئِي، *
ڪُسَڻُ هو ڪوئِي، اَصلِ اِمامَنِ سين.

١١

سَختِي شَهادَتَ جي، نسورو ئِي نازُ،
رِندَ پَرُوڙِينِ رازُ، قَضِيئي[٤] ڪَربَلا جو.

وائي

اَڄ مِيرَ مومِنَنِ جا، مَدِينو ڇَڏي هَلِيا،
مَدِينو ڇَڏي هَلِيا، سي مَدِينَئُون[٥] لَڏي هَلِيا.
هَئي هَئي! مَدِينو ڇَڏي هَلِيا!
سِڄُ، چَنڊُ، مُصطَفيٰ ڏي، يَڪدِلِ گَڏي هَلِيا،
هَئي هَئي! مَدِينو ڇَڏي هَلِيا!
اَنڊارو ٿِيو، اُنِ رِي، تارا لَڏي هَلِيا،
هَئي هَئي! مَدِينو ڇَڏي هَلِيا!

١- جهڙ، مينهن ٢- اهڃاڻ، نشاني ٣- وعدو * شهادت لاءِ يزيد جو ڏرو ڏوهه نه آهي: شهادت جي سختي انهيءَ ازلي وعدي پاڙڻ لاءِ هئي. ٤- معاملي، واقعي ٥- مديني مان.

داستان ٻيو

١

چَندَ وِهاڻِيءَ[1] چَڙهِيا، مَلَ[2] مَدِينئان مِيرَ،
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ، تَبرُون، ڪُندَ، ڪَتارا، ڪِيرَ،*
عَلِيءَ پُٽَ اَمِيرَ، ڪَندا راڙو[3] رُڪَ[4] سين.

٢

چَندَ وِهاڻِيءَ چَڙهِيا، مَلَ مَدِينئان گهوٽَ،
اُنِ سين طَبَلَ بازَ، تَبَرُون، ڪُندَ، ڪَتارا، ڪُوٽَ[5]،
عَلِيءَ پُٽَ اَموٽَ[6]، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

٣

چَندَ وِهاڻِيءَ چَڙهِيا، مَلَ مَدِينئان چامَ،
اُنِ سين طَبَلَ، بازَ، تَبَرُون، نيزا ۽ نِيشان[7]،
عَلِيءَ پُٽَ اَيامَ[8]، ڪَندا راڙو رُڪَ سين.

٤

ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خِيما کوڙِياڻُون،
جهيڙو يَزِيدَ سامُهُون، جُنبِي[9] جوڙِياڻُون،
مُنهن نَہ موڙِياڻُون، پَسِي تاءُ تَرارِ جو.

١- چندُ لٿي ۴ شعبان جي ڏينهن جڏهن امامَ اسهيا تڏهن چندُ سنجهي ئي لٿو هو ٢- ملهه پهلوان * هنن سان (نمبروار) دهل، شڪاري باز، ڪهاڙيون، ڀالا، خنجر ۽ ٻرڇيون هئا. ٣- جنگ ۴- رڪ جي ٺهيل هٿيارن ٥- گُرز ٦- پٺيان نہ هٽڻ وارا ٧- جهنڊا، عَلمَ ٨- ابهمَ، معصومَ ٩- محو ٿي، جذبي يا جوش ۾ اچي.

٥

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آهل-بَيتَ آيا،
ماري مِصرِيَنِ[١] سين، تَنِ ڪافِرَ ڪَنبايا،
سَڄُ ڪِ[٢] بِيبِيءَ[٣] ڄايا، هِهَڙا سُورِهيه سِپَرِين.

٦

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا سَيّدَ شِيرَ،
ماري مِصرِيَنِ سين، ڊُونڊَ[٤] ڪِيائُون ڍيرَ،
ڏَهِليا[٥] اُتِ دِليرَ، پَسِي حَملو مِيرَ حُسَينَ جو.

٧

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا جُنگَ جُوانَ،
ڏَرتي ڏُبِي، لَرزِي، ٿَرٿَلِيا[٦] آسمانَ،
ڪَرَهِ[٧] هُئي ڪانَ، هو نِظارو نِينهن جو.

٨

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، پانَ آيا پيهِي،
پَهُ ڪِيائُون پانَ ۾، مُقابِلِ[٨] ويهِي،
قَضا[٩] هِيءَ ڪيهِي، هَئي هَئي! ٿِي حُسينَ سين.

٩

ڪامِلَ ڪَربَلا ۾، آيا اَڄُ اَمِيرَ،
ويهِي وِيرِينِ[١٠] سامُهان، تِڪا هَنيائُون تِيرَ،
هُئي اِيءَ تَقدِيرَ، اِمامَنِ سين اَڳِهِين[١١].

١- مصر جون لهيل تکيون ترارون ٢- پيشڪ ٣- بيبي فاطمہ ٤- لاش، مڙدا ٥- ڏنا، ڪنبيا ٦- ڏبيا، ڏڪيا ٧- لڙائي ٨- سامهون ٩- تقدير، الاهي امر ١٠- دشمنن ١١- ازل کان.

١٠

دوستَ ڪُهائي دادُلا[١]، مُحِبَ مارائي،
خاصَن خَلِيلَنِ[٢] کي، سَختيُون سَهائي،
اَللهُ اَلصَمَدُ[٣] بي نيازُ، سا ڪَري جا چاهي،
اِنَهيءَ مَنجهه آهي، ڪا اُونهي ڳالهه اِسرارَ[٤] جي.

وائي

واويلا! واويلا! مَلَڪَنِ[٥] ڪيو رڻِ ماتامُ،
هَئي هَئي! شاهَ حُسينَ سِڌارِيو[٦].
ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، خيما ڪوڙِيائُون،
جيڪا رَضا رَبَّ جي، لِکيو لوڙِيائُون،
هَئي هَئي! شاهَ حُسَينَ سِڌارِيو.
ڪَربَلا جي پِڙَ ۾، آيا اِڄ اَمِيرَ،
جُهڙَ وَرائي جهوريءَ جَهِليا، طَرَفَ سَندي تَقدِيرَ،
هَئي هَئي! شاه حُسَينَ سِڌارِيو.
پَسِي سَختِي مِيرَ حُسينَ جِي، رُنو نَبِيِنِ زارون زار،
مَلَڪَ، فَلَڪَ[٧]، ڏَرتِي ڏُٻِي، آئي عَرش مَٿان اوچِنگارَ،
هَئي هَئي! شاهَ حُسَينَ سِڌارِيو.

١- پيارا ٢- دوستن ٣- خدا بيپرواه آهي (ق- ش ٢٠١٢) ۴- ڳُجهه ٥- فرشتن ٦- لڏيو، وفات ڪئي- ٧- آسمان.

داستان ٻيون

١

ڏِٺو ڪالهہ ڪِنهين، جُهونجهارڪو[1] جَهيڳڙو،
هاٿِيَنِ[2] هَڏَ مُڇائِيا[3]، ريلو رَتَ نَئِين[4]،
پانئِينِ[5] سا سَنئِينِ، جِئان جِيءَ جوکو ٿِئي.**

٢

ڪاري ڪَڪَرَ هيٺِ، مُون جهيڙِندا ڇَڏِيا،
ڪارا ڪُنَدَ هَٿَنِ ۾، اَڙَلَ[6] وَڇيرا[6a] هيٺِ،
تِي تَنِين سِين ڏيٺ[7] موتَڻُ جَنِين مِيهَڻُو.

٣

آيا، اُجارِين تَنڪَ[8]، ترارِيُون، تيڙُرا[9]،
سانگِيُون[10] سائِنِ[11] هَٿَ ۾، ڪُلهنئُون[12] نہ لاهِينِ،
اُيائِي آهِينِ، مُهائِي[13] مَرَڻَ تي.

۴

هَٿُ، هَڪَلُ، ٻيلي[14] سارُ[15]، مانجِهيان[16] اِيءُ مَرڪُ،
وِجَهنِ تان نہ فَرَقُ، رُڪَ وَهَندِيءَ راندِ[17] ۾.

١- بهادرن جو* آهي ڪو جنهن ڪالهہ هنن جي جنگ ڏٺي؟ ٢- هاٿين جهڙن پهلوانن ٣- وڍيا ۴- نمي، هاري، وهائي (رت جا ريلا وهائي) ٥- پانئين، سمجهين + جنهن اوکي واٽ مان جان جو نقصان آهي، سا سورهيہ صراط المستقيم سمجهي، سر فدا ڪن ٿا.
٦- ڪُنڌا ٦a- جوان گهوڙا ٧- ملاقات ٨- ڪهاڙيون ٩- هٿيار اجاري تکا ڪندڙ ١٠- نيزا، ڀالا ترارون (هٿيار) ١١- بهادرن ١٢- ڪلهن تان ١٣- (١) مُنل، ڪنل، قربل (٢) اڳوان، بهادر ١۴- همراه ١٥- سنيالڻ، پرگهور لهڻ ١٦- بهادرن جو ١٧- اها راند (جنگ) جنهن ۾ ترڪ جا هٿيار وهڻ ڪان بس نٿا ڪن.

٥

بَهادُرَ گَڏيا بَهادُرين، ڪَڙڪَ[1] ڪِلولِ[2] ڪَنِ،
وِجَهنِ ڏَڙَ ڏَڙَنِ تي، هاڪارِين[3] هَٿَنِ،
ڪِرَنِ، ڪَنڌَ نِڇَنِ[4]، رڻ گَجيو[5]، راڙو ٿِيو.

٦

هوڏانهن هُنِ هاڪارِيو، هيڏانهن هِي هَٿَنِ،
سُرِنائُون[6] ۽ سُنڌِڙا[7]، ٻِنهِي پارِ ٻُرَنِ[8]،
گهوٽَنِ ۽ گهوڙَنِ، رِڻ ۾ لاٿُون لَڏيُون.

٧

گهوڙَنِ ۽ گهوٽَنِ، جيئَڻ تورا ڏِينهڙا،
ڪَڏهن مَنجِهه ڪوٽَنِ، ڪَڏهن واهِي[9] رِڻ جا.

٨

گهوڙو گهوٽَ پَلاڻِيو، مَٿِسِ زِينَ ڌَري،
عَلِي شيرُ پُٺَنِ ڪي، آيو سَڌَ ڪَري،
قَضا ڪيئن ٽَري، جيئن اَمرُ اِلاهِي آئِيو.

٩

جهِمَنڊِيُون[10] اَچَن، جهوليُون[11] جُهونجهارن جون،
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ[12] جا، اَن جون وَهُون[13] واڪا ڪَنِ،
پِٺِينِ، پارَ ڪَڏَنِ، رِڻ گَجيو، راڙو ٿِيو.

١ـ تراڙيون ٢ـ آواز، ڪڙڪو ٣ـ هڪلون ڪن ٤ـ ترار لڳڻ ڪري سسيون ڌڙ کان ڌار ٿي ڦٿڪن ٥ـ جنگ جي ميدان ۾ گجگوڙ ٿي ٦ـ توتاريون ٧ـ سرنڌڙا، توتارا ٨ـ ٻڌڻ ۾ اچن، وڄن ٩ـ نگهبان ١٠ـ لڏنديون ١١ـ ڪپڙن جا لٽڪر جن ۾ زخمين يا لاشن کي کڻي ايندا هئا ١٢ـ ڌوڙ، مٽيءَ ١٣ـ زالون.

١٠

ڪانڌَ[١] ڪَلاڙين[٢] ڪَپِڙين، وَرَ! وناهِيو آءُ،
جِتِ سانگين جِي سَٽِ وَهي،* اُتِ وِڪَ وَڌَندي پاءِ،
تان تان پَٺِ مَ پاءِ[٣]، جان جان لُونڌين[٤] نَہ چڙهين.**

١١

"پَکُو"، آئُون نَہ چُئان؛ "مارِيو" تَہ وِسُهان،
ڪانڌَ مُنهن ۾ ڌَڪَڙا، سيڪيندي سُونهان[٥]،
تَہ پُڻِ لَڄَ مَران، جي هُونِسِ پُٺِ ۾.

١٢

"پَڄِي آئِيين، پَڄِڻا! لَڄايِئي مُون، يار!
وينِيُون ڪَنِ ڪُوارَ[٦]، مُنهن مَٿانهان جَنِ جا."

١٣

پَڄِي آئِيين، پَڄِڻا! لَڄايِئي مُون سيڻ،
وينِيُون وِجَهنِ ويڻ، مُنهِن مٿانهان جَنِ جا.

١٤

مُنهن مٿانهان جَنِ جا، سي پِٽِيو ڪَدِنِ پارَ،
جيڏِيُون! هِنَ جونجهارَ، اُجاري سَڀِ اڄا ڪِيا.***

١- ڀتار. ٢- چِٽن، گلن واري* جت ترارن جو ڦهڪو لڳو پيو آهي. ٢a- ڀڄُ، ڊپ
٣- پاڻُ، سمجهه. ٤- اصل لُونڌي= وڻ جي ٽاري، جا ڪي ماڻهو شاديءَ وقت گهر آڏو
کوڙيندا آهن.** ڪهوٽ نہ ٿئين. (جنگ جو سنڌي اصطلاحي لفظ، جنهن موجب پڙ ۾ سسي
لهڻ کان پوءِ بہ مانجهي مڙس جو جنگ جاري رکڻ.) ٥- مرڪان ٦- گلا (١١ کان ١٢ بيت
تائين ڪنهن سپاهيءَ جي زال چوي ٿي). *** ساري امت لاءِ ڇوٽڪاري جو باعث ٿيا.

وائي

يا عَلِي عَلِيّ! سِرِ[١] يتيمن جي آئي، *
آيو حُڪمُ اَللهَ جو، يا اِمام،
يا عَلِي عَلِي! سِرِ يَتيمَنِ جي آئي.
ٻَنِ وِڇوڙو مَوتَ جو، هَئي وو! هَئي! چارِئي پَهَرَ جُدائي،
يا عَلِي عَلِي! سِرِ يَتيمَنِ جي آئي.
اَتَرَ پَتَرَ[٢] ميڙي، سائين، اَلا! بيبيءَ ديگِ چڙهائي[٢a]،
يا عَلِي عَلِي! سِرِ يَتيمَنِ جي آئي.
جَنِين ڪارَڻِ چاڙهيائِين، سي تان ڪَرِن[٣] لَڙائي،
يا عَلِي عَلِي! سِرِ يَتيمَنِ جي آئي.

داستان چوٿون

١

ڪا جا ڏِري[٤] ڏُنگِري[٥]، ڪو جو وَرِيو واءَ،
عَلِيءَ شيرَ وِياءَ[٦]، رِڻَ ۾ پييَنِ راتڙي.

٢

جهيڙو لاهِ[٦a]، يَزِيدَ! عَلِيءَ جي اولادَ سين،
سا نہ پَسَندِين[٧] عِيدَ[٨]، جا هوندي مِيرَ حُسَينَ سين.

١- مٿان، تي * يتيمن جي مٿان مصيبت اچي ڪڙڪي. ٢- پهتڻ ۽ پٿر. ٢a- چاڙهي، چاڙهائي٣- ڪنن ٤- هيٺ لٿي ٥- ماڪ، غبار٦- اولاد ٦a- ختم ڪر. ٧- تون ڏسندين ٨- خوشي، راحت.

٣

جَنِينَ جهيڙيو ڪالَ[o]، عَلِيءَ جي اولادَ سين،
هَٿِي تَنِين جي حالَ، جيڪي جَماتِي[١] يَزِيدَ جا.

٤

جَنِينَ جهيڙيو اَڄُ، عَليءَ جي اولادَ سين،
يَئِي[٢]! تَنِينَ ڪان يَڄُ، جي جماتي يَزِيدَ جا.

٥

ڪُوفِيَنَ قَهَرُ ڪيو، تِيا جماتي يَزِيدَ جا،
پَلِيتَنِ کي پِڙَ ۾، وَرنَهُ[٣] وَرِ پِيو[٤]،
سَدَرُ[٥] هونِ سِهو[٦]، شيرُ شَهادَتَ رَسِيو.

٦

ڪُوفِيَنِ ڪاغَذُ لِکيو، وِچِ وِجِهي اَللهُ،
"اَسِين تابِعَ تنهنجا، تُون اَسانهنجو[٦a] شاهُ،
هيڪَرَ هيڏي آءُ، تَہ تَختُ تابيني[٧] تنهنجي."

٧

ڪُوفي ڪَربَلا ۾، پاڙِي نَہ پِيارِينِ،
اُتي عَلِيءَ شاهَ کي، شَهزادا سارِينِ،
نِڪَرِيو نِهارِينِ، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمّدَ عَرَبِي.

---

o- ڪالهہ ١- جماعتي، حمايتي، همراهہ، طرفدار ٢- اي ياءَ! ٣- ڳيرو، پهلوان (امام حسين) ٤- آور ۾ اچي ويو ٥- مضبوط، پختو ٦- مراد، مقصد ٦a- اسان جو ٧- حوالي، بلي (تابع).

٨

پِرهَ پَڪِي آئيو، ڪَربَلا مان ڪَهِي،
روضي پاسِ رَسُولَ جي، تنهن هَلِي هاڪَ[1] هِنئِي،
”ڏِنِيَمِ رُڪَ رَئِي[2]، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي.“

٩

پِرهَ پَڪِي آئيو، صُبُحِ سَوارو،
روضي پاسِ رَسُولَ جي، هَنيائِين هاڪارو[3]،
”مانجِهيَنِ ڪِيو مارو، چَڙهُ، مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي.“

١٠

پِرهَ پَڪِي آئيو، ڪَربَلا مان ڪالَ،
”آهِ آلُودو[4] رَبَ سين، حَيرَتَ گَڏِيو حالَ،
گهوٽَ وِڃاهِيا[5] ڪالَ، پِيلِي مِيرَ حُسَينَ جا.“

١١

ڪَربَلا ۾ ڪُوڪَ، ساجُهرِ شَهزادَنِ جي،
عالَمَ جا مَلُوڪَ[6]، رُڪَ روهي[7] جَهلِيا؛

وائي

سارو ڏينهن رِڻَ ۾، رَهِيا سي اِمامَ،
رِڻَ ۾ رَهِيا سارو ڏينهن، رِڻَ ۾ رَهِيا،
هَئِي هَئِي! رِڻَ ۾ رَهِيا.

١ـ هوڪو، نعرو ٢ـ چمڪاٽ، جهلڪو ٣ـ نعرو (اطلاع ڏنو) ۴ـ پسيل، پـڳل، پنـل ٥ـ نابود ٿيا، ناس ٿيا، ونڃاءِ ويئا، شهادت جي سيجَ چڙهيا ٦ـ امير، سردار ٧ـ سوڙهو گهٽي (شهيد ڪيا).

”تون جا وَڃين، ڪُونجڙي، هَئي هَئي ناني[1] ڏيجِ سَلامُ“
هَئي هَئي! رِنَّ ۾ رَهِيا.
مون کي ويرِين ويڙهِيو، مولا! مينهن وَساءِ،“
هَئي هَئي! رِنَّ ۾ رَهِيا.

داستان پنجون

١

حَسَنُ ناهِ حُسَينَ وَٽِ، ٻيلِي نَہ ٻاهُون[2]،
ساٿِيهُ[3] شَهزادَنِ جو، آهي اَڳاهُون[4]،
يَزِيدَ! جُلاهُون[5]، تيلانهن[6] ڪَرِيين تَڪِڙِيُون.

٢

ڪِلي[7] ويرَ ڪَنَڪَ ۾، هَئي جي حَسنُ هُئو،
ٻيڙو[8] ٻيڙو ٻاءُ تي، پَتَنگَ جيئَن پِيو،
آهي ڪيرُ ٻيو، جو ڪَري هَلان مِيرَ حُسَينَ تان؟

٣

ڪِلي ويرَ ڪَنَڪَ ۾، سائُو[9] سَڀِ نَہ هُونِ،
پِڙَ تي سَبِئِي پون، موتَڻُ جَنِين مِيهَڻُو.*

١- رسول پاڪ ﷺ (جو امام حسين جو نانو هو) ٢- همراه ٣- وطن ٤- اڳيرو، ٻري ٥- جهلون، حملا، ڪاهون ٦- تنهن لاءِ ٧- جنگ ٨- همراه، ساٿي ٩- بهادر * جنگ جي ميدان ۾ سي ئي ٻيهندا جن کي ڀڄڻ کان عار هوندو.

٤

ڪِلِي وير ڪَنَڪَ[○] ۾، پاکَرَ[١] جو پائي،
اَچا اُنَ کي جيئڻ جو، آسانگو[٢] آهي،
سُورِهيهَ سو چائي[٣]، جو رُڳو ئِي[٤] رِڻَ گِهڙي.

٥

سُورِهيه مرين سوبَ کي، تہ دِلِ جا وَهَمَ وِسارِ،
هَڻُ پالا، وِڙهُ پاکُرين، آڏِي ڏالَ مَ ڏارِ،
مٿان تِيغَ[٥] تَرارِ، مارِ تہ متارو ٿِيين.*

٦

حُرَ[٦] هَلِي آئِيو، مانجهي مَردانو:
"آهيان عاشِقُ آگِ جو، پَتَنگُ پَروانو،
مانَ راضي ٿِئي رَسُولُ رَبَّ جو، نَبِي تو نانو،
هِيُ سِرُ سَمانو[٧]، گهوٽَ! مَٿانئِين گهورِيان."

٧

هُئِي هدايَتَ حُرَّ کي، اَزَلَ ۾ اَصلا[٨]،
چَڙهِي آيو جَنگِ تي، هَلِي هُنَ پارا،
اِينديِهي[٨a] چَيائين اِمامَ کي: "گهورِيُسِ آن متاءَ،
"لا يُڪَلِّفُ اللهُ نَفساً اِلاَّ وُسعَها"[٩]، جيڪا پُڄَنديَم سا،
گهوٽَ پہ لَڳا گهاءَ، هِيءُ پہ[٩a] شيرُ شَهِيدُ ٿِيو.

○- لشڪر ١- زره ٢- آسرو، محبت ٣- چوائي، سڏائي ٤- فقط (زره کان سواءِ) ٥- ترار
* جيڪڏهن دشمن توتي ترار سان وار ڪري، تہ تون ترار تي ترار هڻ تہ بهادر ليکجڻ ۾ اچين. ٦- شريف؛ نالو ٧- مانُ يا عزت وارو (حر يزيد جي لشڪر جو سالار هو، جو پوءِ امامن سان شامل ٿيو هو) ٨- اصل کان، شروع کان ٨a- اينديئي، اچڻ شرط ٩- الله ڪنهن بہ شخص کي سندس وت کان ٻاهر سختي نٿو سهائي (ق- ش ٢، ٢٨٦). ٩a- پڻ، بہ.

٨

پاوَنگُ[1] اُيو پِڙَ ۾، هَٽِي هَزارِي[2] هولُ[3]،
جَوهَرَ[3a] ۽ جَڙاءَ سين، ڪامِلَ سِرَ ڪَنگولُ[4]،
رَتورَت رَتولُ، مولِهيو[5] مِيرَ حُسَينَ جو.

٩

ڏاڙهِي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ ڏاڙهُونءَ گُلَ جيئن،*
چوڏهِينءَ ماهَ چَندَ جيئن، پِڙَ ۾ پاڳَڙِياسِ[6]،**
ميڙِي[7] ۾ مُحَمَّد جي، مَرُ مَرَڪِي ماسِ[8]،
تنهن سُورِهَيہ کي شاباسِ، جو مَتي پِڙَ پُرزا ٿِئي.

١٠

ڏاڙهِي رَتَ رَتِياسِ، ڏَندَ تہ موتِيَنِ ڳُتِيا،***
چوڏهِين ماهَ چَندَ جيئن، پِڙَ ۾ پيشانِياسِ[9]،
"اَللّٰهُ نُورُالسَّمَاواتِ"[10]، جَلوو زَمِيناسِ[11]،
"سِيمَاهُمۡ فِي وُجُوهِهِمۡ"[12]، مُنهن ۾ مَڻِ[13] ڳُتِياسِ[14]،
ڪَڪَرا ڪَربلا جا، مادَرِ تي ميڙِياسِ،
ڦَٽَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ تي اُگهِياسِ،
مِڙَئِي[15] مَعافُ ڪِياسِ، خالِقَ بَدِلي خُونَ[16] جي.

١١

ڪَربَلا ڪَڪوري[17]، دُلدُلِ[18] رَتا پيرَ،
سَٽُون ڏِيندي[19] شيرَ، مَٿاءَ سِڄ مُرڪيو.÷

١- پهلوان، بهادر (پانڀپ، امام حسين) ٢- هزارن جي قيمت واري ٣- رڪ جي ٽوپي a٣- جواهر ٤- ڪلنگي ٥- پڳ *سندس ڏند رت لڳڻ ڪري ڏاڙهونءَ جي گل جهڙا ڳاڙها ٿي پيا ٦- سندس پڳ ** امام حسين جي دستار جنگ جي ميدان ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ مثل پئي ٻڪي. ٧- قيامت جي ڏينهن جڏهن امت اچي مڙندي ٨- هنجي ماءُ (بيبي فاطمہ) *** ڏند اهڙا هئس جو ڄڻ موتي ڳتيا پيا آهن. ٩- سندس پيشاني ١٠- الله آسمانن ۽ زمينن جي روشنائي آهي (ق- ش ٢٤، ٣٥) ١١- هن جو زمين تي ١٢- سندس منهن ۾ سجدي جي نشاني آهي (ق- ش ٤٨، ٢٩) ١٣- مڻيو، موتي ١٤- لڳل هئس ١٥- سڀئي امتي ١٦- شهادت ١٧- ڳاڙهي ٿي ١٨- امام جي گهوڙي جو نالو ١٩- دشمن مٿان حملا ڪندي ÷ تان جو سج لڙيو.

١٢

چارِ ترارِيُون چيله سين، ٻڌي ٻہ پاڳُون[١]، *
اَڳِيَن[٢] جُون آڳُون[٣]، ڪونرَ[٤] ڪِلي ۾ موڪِيُون[٥].

وائي

اَڄُ نہ آيو اِمامُ، واويلا! مومِنا! ماتُم! واويلا،
اَنُ نہ پاڻِي اُنِ کي، نہ ڪو وُنَڙُنِ مينهن،
مومِنا ماتامُ واويلا!
هُئا سَٺاڻِيءَ جَنگِ ۾، نَوَ راتِيُون، ڏهَ ڏِينهن،
مومِنا ماتامُ واويلا!
دُلدُلِ گهوڙو شاه جو، مَٿِسِ لالَ[٦] پَلاڻِي[٧]،
مومِنا ماتامُ واويلا!
شيرَ شَهزادي لَڏيو، ** سَيّدَ سيجَ نہ ماڻِي،
مومِنا ماتامُ واويلا!

داستان ڇهون

١

ڪَوَنرَ ڪِلِي[٨] جا ڪوڏِيا، جان ڪِي تائِين جِيءُ، ***
مَٺاءَ اَڙِيَنِ[٩] اُسَرِي، رُکَ پِيالو[١٠] پِيءُ ÷
ڳاهُ[١١] ڳِجهنِ جو ٿِيءُ، وِيٺي[١٢] جَنِ وَرِهيہ ٿِيا.

١ـ ٻِڳون * ترارن. ٻن ٻِڳن مان امام جي شجاعت ڏانهن مبالغہ آميز اشارو آهي. ٢ـ مائٽن، وڏن (Ancestors; Predecessors) ٣ـ داءَ، شرط، بازيون (قول) ۴ـ ڳڀرو، پهلوان، شهزادي ٥ـ ملهائيون، پورا ڪيا ٦ـ لعل جهڙي يا رت مان رتل (امام) ٧ـ زين رکي ** حضرت قاسم شهيد ٿيو. ٨ـ جنگ *** جيستائين جسم جيءُ هو، مرڻ تائين ٩ـ ترارن جي نوڪن ١٠ـ ترار جو جوهر ÷ ترارن، ڀالن وغيره جي چهنبن مٿان پاڻ اڇلائي، انهن جي جوهر يا پاڻيءَ جي پڪ پيءُ (انهن جو نشان ٿيءُ، سر ڏي). ١١ـ کاڌو، خوراڪ ١٢ـ انتظار ۾ وهندي.

٢

پاڪَ جَنين جا پيرَ، ڪَتان[١] هيٺِ نہ ڪوڙيا،
ڏَنگَ[٢] ترارِينَ تِڇيا[٣]، ڇِتيو پُونِ ڇڳير[٤]،
ڏُونديَ[٥] تَنين جا ڏيرَ، ڳِجهَڙِينِ ڳَرِ لائيا[٦].

٣

ڇَپَرِ جيئن ڦِهُون[٧]، تيئن رِڻَ ڳِجهُنِ راڻيو[٨]،
وَنڪا[٩] وَنڪَنِ گَڏِيا، ڊوڙيو ڏِينِ ڏَهُون[١٠]،
مهايَنِ[١١] وَهُون[١٢]، نِيرُ[١٢a] مَهانگو[١٣] ڪَنديُون.

٤

ڳِجهُون ڳوٺِ نہ هُونِ، وَتَنِ ڪلي ڪوڏِيُون،*
حَسَنَ، ميرَ حُسينَ ڪي، لَمِيو[١٤] لائُون ڏِينِ[١٥]،
ڳُتا[١٦] اُڪوڙِينِ، چوٽا چُوڙِيئَرَنِ[١٧] جا.

٥

ڳِجهَڙِيَنِ ڳارو[١٨]، راتو ڏينهان رِڻَ ۾،
پُڇِيُون پُڇَنِ پاڻَ ۾، "ڪنهن مُنهَن ڪيڏارو؟"**
ڪائِنِ ڪَڳمارو[١٩]، ڪانئرُ پِيو ڪِنُو ٿِئي.

٦

ڳائو[٢٠] ڳِجهَ نہ کاءِ، مِهي[٢١] ماسَ نہ هيرَئين،
تَنِين لاءِ واجهاءِ، ڪَلَنگِيُون جَنِ ڪپارَ ۾.

١- ڪتان، ڪنن تان ٢- پاڪڙن ٻڌڻ جا پٽا ٣- وڍيا، ٽُڪيا ٤- بهادر ٥- لاش ٦- ڳلي سان لائي (انهن تي چڙهي ويهي کاڌو) ٧- ڀڄڪريون ٨- سينگاريو ٩- بانڪا، بهادر ١٠- (واحد: ڏهہ) ٽڪر ڏڪا، ٽيلها ١١- ڪنلن ١٢- زالون ١٢a- ڪارو رنگ جنهن ۾ ماتمي لباس رڱيو آهي ١٣- مهانگو (گهڻي استعمال ڪرڻ ڪري) *ڳجهون هڪ هنڌ ٽڪيون وهن پر وتن جنگ جي ميدانن ۾ جهوتون پائينديون. ١٤- لامارا ڏيو ١٥- پنهنجا مٿا امامن جي مٿن سان لڳائين ١٦- ڳتل وار (چوٽا) ١٧- چٽ پهريندڙن، پهلوانن ١٨- کاڌو، خوراڪ ** هڪ ٻئي کان هليو وڃيو پڇن تہ جنگ جو ميدان ڪٿي آهي؟ ١٩- ترار هڻندڙ، بهادر ٢٠- ڍڳيءَ جو (گوشت) ٢١- ميهي، ماهٽي، مينهن جو (گوشت).

٧

اَڪِيُون ڪَڏُ مَ ٻِجَهڙِي، تارا تان مَ ڪاءُ،
پِيو نَہ پَسِين پَٽَ ۾، ريگِڙِيارو[١] راءُ[٢]،
جيرِي[٢a] جنهن جُوانَ جي، لَڳا نَوَ سَوُ نَوَ گهاءَ،
راتِ جنهن جي ماءُ، رونِي، پِرِنيو[٣] رَبّ ڪي.

٨

ڪَنبَ ڪُسَنِئي ٻِجَهڙِي، لِڳِين پويئي واءُ[۴]،
اَميرَنِ مَتاءُ، جيئن تو ڦُلين[۴a] ڇائُون[٥] نَہ ڪِيُون.

٩

ٻِجُهنِ وِيئِي ٻاڙِيا، ڏنجها[٦] ڏُکَ، گهٽا،
تَنگِي لَٽِيَنِ تُوڻِ[٧] جي، سُورِهَيہ ساماٽا،
ڪَندا راماٽا[٨]، ڪَؤنرَ ڪِلِي جا ڪوڏِيا.

١٠

ڪُوپا[٩] ڪِلي ڪوڏِيا، راوَتَ[١٠] ڪِينَ رَهَنِ،
سائُنِ[١١] سِرَ فِدا ڪِيا، اڳيانِ اِمامَنِ،
يُجاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللهِ[١٢]، ڪَمُ اِهو ئي ڪَنِ،
حُورُون هارَ ٻَڌَنِ، سِهَرا[١٢a] شَهِيدَنِ ڪي.

١ـ واريءَ سان لٽيل، رت جي ريگارَن ۾ لت پَت ٿيل (ڪربلا جي ميدان جو) ٢ـ راجا ٢a ـ جيري ۾، جگر ۾ ٣ـ حوالي يا سپرد ڪيو ۴ـ وائي سور، سنڌن جو سور ۴a ـ گُلن جون ٥ـ ورڪا، وسڪارو ٦ـ سور، تنگيون ٧ـ توڻِ، ڪاڏو، خوراڪ، رزق ٨ـ هنگاما، لڙايون ٩ـ غازي، غيرتمند ١٠ـ بهادر ١١ـ بهادرن ١٢ـ هو (سچا مومن) خدا جي واٽ ۾ وڙهن ٿا [ق. ش ٥، ٥۴] ١٢a ـ موڙ.

١١

ڪُوِيا ڪِلِي ڪوڏِيا، سائُو سِلحِدارَ[١]،
هِڪُ ياٽُرَ، ٻِيا ياٽِئا[١a]، تيا جانِي جِگَرَ يارَ،
اَرِڙَنِ[٢] ۾ اِحسان سين، سوَايا[٣] ٿيا سَردارَ،
حُورُنِ ٻَڌا هارَ، سِهَرا شَهِيدَنِ کي.

١٢

جَنَّتَ سَندِيَنِ جُوءِ[٤]، فائِقَ[٥] هَلِيا فِردَوسَ[٦] ڏي،
فانِي ٿِيا "في اللهَ[٧]" ۾، هُوءِ[٨] ۾ ٿِيا هُوءِ[٩]،
رَبَ! ڏيکارِيين رُوءِ[١٠]، اُنين جي اِحسانَ سين!

١٣

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ جي، سُئِي جَنگِ جَهانَ،
اُڏاٽا اوڙِي[١١] ڪَري، ڪارِين ٻَکين ڪانَ،*
ٻِيءُ ڏاڏاٽا پانَ، سَيِّدَ سَڀِ مَلهائِيا.

١٤

حَسَنَ، مِيرَ حُسَينَ کي، رُنو تَنِ تولَنِ[١٢]،
گهرِ ماڙهُوئين، جَهنگِ مِرُوئِين، اُيَنِ[١٣] ۾ مَلَڪَنِ،
ٻَکِيَنِ پانُ ٻَچاڙِيو، تَہ لَڏِيو هوتَ وَجَنِ،
آلا! شَهِزادَنِ، سويُون ڏئِينَ، سَچا ڏِٺِي!

١ـ هٿيارن وارا ١a ـ ياٽِئا (ياٽرن جا پٽ) ٢ـ بهادرن، تلوارون ٣ـ سوڀارا، سرخرو ٤ـ مڪان ٥ـ مٿاهان، ممتاز ٦ـ بهشت ٧ـ الله ۾ ٨ـ الله ٩ـ هو، اُهي ١٠ـ منهن ١١ـ قطارون * ڪارن ڪنين لڳل تير هڪ ٻئي پٺيان پٺي اُڏاٽا. ١٢ـ گروهن، جماعتن ١٣ـ آسمانن.

١٥

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ جو، جَنِ نَہ هِينئڙي[١] جارُ[٢]،
خالقُ ربُ جبارُ[٣]، ڪِينَ مَرهِيندو[٤] تَنِ کي.

وائي

ماتامُ اِمامَنِ جو ڪَريو، ماتامُ شَهِيدَنِ جو ڪَريو،
ماتامُ اِمامَنِ جو ڪَريو.
روئي روئي آکِيُون، رَتَ سِين چو نَہ پَريو،
ماتامُ اِمامَنِ جو ڪَريو.
جيڪِي اِمامَنِ سِين تِيو، سو پاڻَ ڏَٽي پَيدا ڪِيو،
ماتامُ اِمامَنِ جو ڪَريو.

١- دل ۾ ٢- سوز، درد ٣- زور وارو، جبرو ۴- بخشيندو، معاف ڪندو.

سُر سارنگ

سر بابت:

سارنگ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا برساتي موسم، يعني سانوڻيءَ ۾ ڳائبي آهي. چون ٿا، ته جيڪو هن سر کي پوري سر ۽ تال ۾ ڳائيندو، سو جهڙ لائيندو ۽ مينهن وسائيندو. عام طرح وس تي وڄڻ وقت ماڻهو هن بيت جهونگاريندا آهن.

هي سر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري شاه جي رسالي جي ٽن ڀاڱن ۾ درج ٿيل ڪونهي، شايد چوٿين ڀاڱي ۾ آڻي ها. ڊاڪٽر ٽرمپ واري سرڪاري ڇاپي موجب داستان ٻهرين ۾ صرف ١٥ بيت ڏنل آهن. ٻين ڇپيل توڙي قلمي نسخن مان چنڊڇاڻ ڪري ڪل ٣٣ بيت ڏجن ٿا. انهن ۾ هڪ بيت داستان پنجين ۾ مضمون جي مدنظر ٿاپيو ويو آهي ۽ هڪ بيت 'ميون' جو ۽ ٣ بيت ٻين سگهڙن جا رد ڪيا ويا آهن. داستان ٢ ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ 'عبدالله' جي وائي ڏني آهي، جا پڻ ڪڍي وئي آهي. رواجي نسخن جي داستان ٣ مان ڪيسر، سمن، گنگوءَ، عنايت ۽ لڪمير جا درج ٿيل ٥ بيت ڏاريون ڪلام سمجهي خارج ڪيا ويا آهن، ۽ ٻيا بيت هٽ ڪري وڌا ويا آهن. داستان چوٿين مان هڪ ڪيسر جو، هڪ جوڻيجي جو، هڪ عيسيٰ جو، ٻه ٿانور جا ۽ ٢ ٻين سگهڙن جا بيت رد ڪيا ويا آهن؛ تنهن هوندي به ٻيا بيت هٽ ڪري، جتي ٽرمپ ۾ سرڪاري ڇاپي ۾ ٢٣ بيت آهن، اتي اسان ٢٠ بيت ڏنا آهن، ٽرمپ واري نسخي ۾ ڏنل بلند شاه واري سرائڪي ٻوليءَ ۾ وائي رد ڪئي وئي آهي.

مضمون:

١٩٥٠ع واري شاه جي ورسيءَ تي شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي ڪيل تقرير، سندس اجازت سان هيٺ ڏجي ٿي، جنهن ۾ صاحب موصوف نهايتَ خوش اسلوبيءَ سان سارنگ جي سر جي مضمون کي واضح ڪيو آهي:

شاه سارنگ کي پنهنجو يار ٿو سڏي 'اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.' سانوڻ ۽ بهار، سال جي جوانيءَ جا ڏينهن آهن. مون جهڙا ڪتابن جا ڪيڙا ۽ گهر گهيتڙا به جوش ۾ اچي ويندا آهن. اڃا جهڙ جهاما ٿيو، رعد جي رڙ ٿي ۽ وڄڙين ور وڌا، ته حال في الحال ٽپڙ سيري ڇڏيندس. پير ۽ ٽنگون بي اختيار نچڻ لڳنديون ۽ وات مان سارنگ جي بيتن جي جهونگار نڪرندي. اهڙي وقت موڙهلن کي به مت اچيو وڃي ۽ اهي به قدرتَ جي موج مستيءَ ۾ سڀ ڪجهه وساري، ڪو وقت اونگهه ۾ اچي ويندا آهن.

ڏينهن ڏاڍا ٿيا آهن ۽ ڪانوَ جي اک پٽي نڪري، هاڙهه لڳو پيو آهي، گاه سڪي ويا

آهن، وڻن جا پن پيلا پيا لڳن، پٽ تاساريل آهن، پري کان رڃ پئي جرڪي. ماڻهو، مرڳه، مينهون، سڀ سارنگ کي پيا سارين، آڙيون ابر جي آسري ۽ انتظار ۾ آهن، تاڙا تنواري رهيا آهن، سمنڊ جون سپون سچ ڏي سڪ سان پيون نهارين. ساريءَ جوڙ ۾ آنڌ مانڌ آهي، ڏڪار پريان ڏيکر پيو ڪري، ٿري بري ويلا ڪٽي رهيا آهن: باقي مالدار موڏين جا پانڌا پريل آهن، ڪڳيون پيا هڻن، چي: ڄاڻ اسان جي انن جو اڳه ٿيو پر اجهو ٿو سندن سانڊيل ان گرڪي ٿئي. مطلب ته ساريءَ ڪائنات ۾ ٿرٿلو آهي.

اتي خدا جي رحمت جنبش ۾ اچي ٿي. اتر جي ڪنڊ کان ڪڪر چوٽي ٿو ڪڍي. لڳهن جي لالائي پسو- چوڏاري ڪارونپار آهي. رعد جي رڙ تي ڪليون ٿين ڪنبن. وڄن وسڻ جا ويس ڪيا آهن. سارنگ کي ساٿ ڪري، ڏکي چٽي رسيلا رنگ ڏيئي سيج تي چاڙهيو اٿن. اجهو مينهن لهه لهه ڪري پيو لمي. سيڪو پنهنجي اجهي پيڙو اچي ٿيو آهي. مينهون پنارين ۽ پچنديون پنهنجي وٿاڻن تي اچن ٿيون. سڀ هنڌ سرهائي آهي. ڪانئر ڪم کان چٽي پيا آهن. جتي ڪٿي ساز، سرندڙا، سارنگيون ۽ چنگ پيا وڄن، پر انهيءَ آگم جو انگ اهڙو ناهي، جهڙو پرين جو پسڻ. مينهن ۽ نينهن پئي هڪڙي اکر آهن. ورهن جا وڇڙيل اچي مڙيا آهن. چو ته سيڻن کان سواءِ روح رچنديون ڪيئن ٿينديون؟

انهيءَ عالمگير خوشيءَ ۾ به اسان جي لاثاني شاعر جو خيال وڃيو غريبن تي پوي. چي: ويچارا هن وڏڦڙي ۾ ڪيئن ڪندا؟ هنن جا نجهرا هيٺا آهن؛ واءُ ۽ مينهن انهن کي وڏيڪ جهوري وجهندو. ويچارا ڪهڙي وهه ويندا، نه اوچڻ اٿن نه آجڪو. پر پر حال وانڍين جا، جن جا جاني ور هميشه لاءِ جدا ٿي ويا آهن. شال سندن پکا نه پسن! ويچاريون گجگوڙ ٻڌي وسميو ٿيون وڃن ۽ ساه سڪيو وڃين. شال! وارث مٽن اچي اولو ڪري ۽ سندن جهڳي کي جوکو نه رسي!

پر اهي منڊل ته مند تي وڳا آهن. منداڻن مينهن جي ڪنوڻ ڪا ڪوٽي ٿئي؟ ٿر بر وڻا آهن. تل ترايون پاٽيءَ سان پرجي ويون آهن. پلر جي پالوٽ سين پٽن پاه جهليا آهن. گسن تي گاه ٿيا آهن. وڻ به ساوا ڇهچ پيا لڳن. اگونڊري آب ڪري سانگين جا ساه وريا آهن. ڏنار ڏڻ ڪاهي چنا چڏي، سمر سنباهي، پٽن تي پکڙجي پيا آهن. هاري به ٻج ڪٿي هيج سان ٻنين ڏي هليا آهن ۽ هر سنباهيا اٿن. ان ارزان ٿيو آهي. جن مهانگو ميڙيو هو، سي اڄ هٿ پيا هڻن. شل اهي ڏڪاريل موڏي، جن کي پنجن مان پندرهن جو آسرو هو، سي ڏيه مان مري کپي وڃن! سنگهارن ۾ سک ٿيو آهي. مينهون پاڻ مراديون ٿڌا گاه پيون چرن، وڏي اوه سان ڦر پنيءَ لائي آيون آهن ۽ سامهون سڄر کير پيون ڏين. مکڻ ماٽيءَ ۾ ڪٺن پيو ڪري. شل اهڙي وقت پرين پاسارا نه ٿين.

نيٺ سارنگ ملڪ تان سوڙهه لاٿي ۽ ساندهه سهائو ٿيو. اهي وڄڙيون جي لال لبيس ڪري آيون، تن جي مهر فقط هن ملڪ سان ناهي! اهي ساري جهان جو سير ڪري، رسول ﷺ جن جي روضي پاڪ تي وسي، روم، شام، ڪابل، قنڌار، دهلي، دکن، چين ماچين ۽ گرنار کان گهمي ڦري ڏيٺ ۽ عمر ڪوٽ تي پنهنجي ورڪا ڪرڻ آيون آهن. اي سائين! شل سنڌ تي سڪار ڪرين ۽ سڀ عالم آباد ڪرين!

شاهه جي همدردي سنڌ تائين محدود ناهي، بلڪ ساري جهان کي سميٽي پنهنجي دامن

۾ آئي ٿي:

"اکيون ميگهہ ملهار، صورت تنهنجي سپ جڳ موهيو.
اڪنديا جي ابر کي، سرها ٿيا سنگهار،
صورت تنهنجي سپ جڳ موهيو.
موڪل ٿي مينهن کي، دوست هٿان دلدار،
صورت تنهنجي سپ جڳ موهيو."

روحاني راز:

برسات کان اڳ زمين ۽ ملڪ جي حالت بلڪل ڏکي هوندي آهي، هر چيز جو ڏڪر هوندو آهي. برسات بعد گاهہ، ڏڌ، مکڻ، اَنُ ۽ کير وغيره جام ٿيندو آهي ۽ هرڪو سکيو ستابو ٿي پوندو آهي. ساڳئي ريت اسلام کان اڳ عربستان جي حالت بلڪل خراب هئي؛ مگر اسلام کان پوءِ اتي جون حالتون ائين ڦريون، جيئن برسات کان پوءِ ملڪان ملڪ ڦرنديون آهن. اسلام جو لشڪر اسلام جي تبليغ ۽ قانون الاهي جي رائج ڪرڻ لاءِ ملڪن ۾ پکڙجي ويو ۽ پنهنجي رحمت جا ڪڪر ساري دنيا مٿان وسايا.

"مڪي مٿان موٽيون، انيون تي عرفات،
روزي پاڪ رسول جي، رنگ ڪيائون رات،
وچڙيون پريات، موٽي مصر آئيون."

سُر سارنگ

داستان پهريون

١

اَگَمِيو[١]، آهي لَڳهَ[٢]، پَسُ! لَطيفُ چئي،
اُتو مينهن وَڏڦڙو[٣]، ڪَڏيو ڏَنّ ڪاهي،
چَنَ[٤]، چِڏي پَٽِ پئو، سَمَرُ[٥] سَنباهي،
وِهو مَ لاهي، آسَرو اللهَ مان.

٢

اَگمَ[٦] ڪِيا اللهَ، لَڳهَ پَسُ! لَطيفُ چئي،
پَلَرَ[٧] جي پالوٽَ[٨] سين، پَٽَنِ جهِليا پاهَ[٩]،
واحِدَ وَڏائِي ڪِيا، مَٿي گَِسَنِ گاهه،
سانگين[١٠]، وَرِيا ساهَ[١١]، اِئَنِ آبُ[١٢] اگُوندِرو[١٣].

٣

آگمَ اِيئَن نہ اَنگَ[١٤]، جِهَڙو پَسَڻُ پِرِينءَ جو،
سيئَنِ رِيءَ، سَيّدُ چئي، رُوحَ نہ رُچَنِ[١٥]، رَنگَ،
سَهَسِين ٿِيا سارنگَ[١٦]، جانِي آيو جُوءِ[١٧] ۾.

١ـ جهڙ ڪيو ٢ـ گهاٽو ڪڪر ٣ـ زوردار مينهن ٤ـ هيٺانهين جاءِ، چِپر ٥ـ سامان، ڪاڏو ٦ـ جهڙ، مينهن جو سعيو ٧ـ مينهن جو پاڻي ٨ـ پلٽ، اُٿل ٩ـ رنگ، ريج، پٽ ساوا ٿيا ١٠ـ اهي ماڻهو جي مال سانگي ڪڏهن ڪٿي، ڪڏهن ڪٿي رهن، خانہ بدوش، مارو ماڻهو ١١ـ خوشيون ٿيون ١٢ـ پاڻي ١٣ـ بنا گوندر، گهڻو ١٤ـ ڪڪرن جا ليڪا، چٽ، آثار ١٥ـ خوش ڪن، وڻن ١٦ـ راڳڻي جو نالو، جهڙ، خوشيون ١٧ـ مڪان.

٤

جانِي آيو جُوءِ ۾، ٿِيو قَلَبَ[١] قرارُ،
وَهِلو[٢]، وِچائِين وِيو، ڪَري غَمُ گُذارُ،
نِظارو نِروارُ[٣]، پِي[٤] پَسايو پانهنجو.

٥

اُبُون ڪَڪَرَ ڪَڏِرِيون، اُتَرَ ڏي آهِينِ،
ڪَرِي آگمَ آئِيُون، مُندَ نَہ مَٽائِينِ،
مَٽانَ لوڪَ، لَطِيفُ چئي، گُوندَرَ گَنوائِينِ[٥]،
پَلَرَ[٦] پِيارِينِ، اُچِيَنِ آبُ اَگُوندِرو[٧].

٦

اَڄُ پُڻِ اُتَر پارَ[٨] ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري[٩]،
وَسايو واتِرَّيَنِ تي، ٿو خالِقُ کَنڊَ[١٠] ڀَري،
پاسارِيانَ[١١] پَري، سانگَ[١٢] مَ وَڃَنِ سُپِرِين.

٧

اَڄُ پُڻ اُتَر پارَ ڏي، تارِي[١٣] ڪي تنوار[١٤]،
هارِين هَرَ سَنباهِيا، سَرها ٿِيا سَنگهارَ[١٥]،
اَڄُ پُڻ منهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويس[١٦] ڪِيا.

١ـ دل ڪي ٢ـ جلد، سگهو، ترت ٣ـ ظاهر، پڌرو ٤ـ پرينءَ ٥ـ وڃائين ٦ـ مينهن جو پاڻي ٧ـ غمنار ٨ـ طرف ٩ـ ملار يا جهڙ ٿو ڪري ١٠ـ کنڊ (Continents) ملڪ ١١ـ پاسي کان ١٢ـ ڪنهن ڪم ١٣ـ ڪويل (تاڙو) ١٤ـ آواز، لات ١٥ـ ڏنار ١٦ـ وڳا، ڪپڙا.

٨

اَڄُ پُڙِ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرِيُون ڪارِيُون،
وَسي ٿو وَڏڦڙو، ٿَهڪَنِ[١] ٿِيُون ٿارِيُون،
لَٿِيَن لُڪَ، لَطِيفُ چي، ڏِاِيُون تاسارِيُون[٢]،
پِڄَنديُون[٢a] پَنارِيُون[٣]، وَرِي وَٿاڻِين[٤] آئِيُون.

٩

اَڄُ پُڙِ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪِي چوٽِي،
مندائِتي[٥] مينهن جِي، ڪِنوڻِ نَہ ڪوٽِي،
آءُ لالَنَ موٽِي، گهورِيا رُسَڻَ ڏينهڙا.

١٠

اَڄُ پُڙِ اُتر پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيس[٦]،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪَري لال لِبيس[٧]،
پِرين جي پَرديسَ، مون ڪي مينهَنِ ميڙِيا.

١١

اَڄُ پُڙِ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ڪِيائِين،
مُندائِتَنِ مينهن جِي، رُت[٨] نَہ روڪِيائِين،
پَلَرَ[٩] پَلِٽيائِين[١٠]، سانگِيَنِ[١١] گهٽا سِڪَ ٿِيا.

١- سهٽيون لڳن ٿيون، وٽن ٿيون ٢- اجايل ٢a- پسنديون ٣- متاريون، ڪوڏ مان جانورن ڪي چوندا آهن ٤- وَٿاڻن،(ڏانهن) جايون، آستان، مڪان ٥- موسم واري ٦- ڪيس جي رنگ جهڙا ڪارا ٧- لباس، پوشاڪ، وڳا ٧a- ملايا ٨- مند، موسم ٩- مينهن جو پاڻي ١٠- اوتيائين، وهايائين ١١- سانگ وارن، پرديسين، مارو ماڻهن.

١٢

اَڄُ پُڻِ اُميدُون، آگمر سَنديُون اُڀَ[١] ۾،
سانوَڻُ پَسِي سَرَتيُون! سَڄَڻُ سارِيو مُون،
آئُون آسائِتِني[٢] آهيان، مانَ ڀڄائي ڀُون[٣]،
گهرُ تہ گهرجين تُون، مُنڌَ[٤] مِرَئِي مِينهَن جِي.

١٣

اَڄُ پُڻِ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرَ تو ڪَري،
روضي[٥] پاڪَ رَسُولَ جي، پَلِتيو پَٽَ پَري،
وِڄُن[٦] ساڻُ وَري، تہ سَنگهارَنِ[٧] سُکُ ٿِئي.

١٤

اَڄُ پُڻِ اُتر پارَ ڏي، ڪَڪَرَ تو ڪَري،
وَسِيو سي پَري، جي ڏُرَ[7a] ڏِينهن[7b] ڪانِئيا[7c].

١٥

اُترانِ ٿِـي آئيُون، ڪَري هَڪَلَ هُوءِ،
پَري تَلَ[٨] ترائيُون[٩]، جوڙي هَلِيُون جُوءِ[١٠]،
پَسو جا پَٽَنِ ۾، ڪَٿُورِيءَ خُوشبُوءِ،
اَچِي رُوبَرُوءِ، اُنيون[١١] روضي تان رَسُولَ جي.

١ـ آسمان ٢ـ اُميدوار ٣ـ زمين ۴ـ موسمر ٥ـ قبي، مقبري ٦ ـ کنوڻين ٧ـ مارو ماڻهن ٨ـ تلاءَ ٩ـ هينيانهيون زمينون، چشما، ڍورا ١٠ـ نهر ١١ـ وسيون، وُليون. 7a ـ سوراخ، کڏا، (Depressions) 7b ـ (گرمر) ڏينهن 7c ـ ساڙيا.

١٦

روضي تان رَسُولَ جي، ڪيو وِڄُڙِين وارو،
پَرِيائُون پيرَ پَٽِي[١]، نُظَرَ سين نارو،
هادِي! پَرُ حُڪمَ سين، هِيءُ تَرُّ[1a] تاسِيارو[1b]،
نِرمَلُ[٢] نِظارو، پِيُ[٣] پَسايو پانهنجو.

١٧

پِيُ پَسايو پانهنجو، نِظارو ناگاهَ[٤]،
لَٿو ڪٿُ قُلوبَ[4a] تان، تِي وِرُونهَنُ[٥] واهَ،
اُميدُون اَرِواحَ[٦]، پِيُ پَسَندِي پُنِيُون.

١٨

وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، سارَنگُ سِينگارِي،
اُچيا لَڪَ، لطيف چي، پَلَرَ[٨] پِيارِي،
وِڄُڙِين وارِي، ڪَٿِي ڪَعبي تي ڪَرَ نائِيا[٩].

١٩

وَسي تَدَهن وَسَ[١٠]، مُندَ[١١]، مِڙوئِي مينهن جِي،
ڪتَرِن[١٢] ڪِيتا[١٣] چِذِيا، جي مِڙيون تي مَسَ،
گابا مَتي گَسَ، ڏُکَ نَہ ڪَندا ڏِبِرا[١٤].

١- پيرو ڪري، قيرو ڏني، چمڪات ڪري 1a- (ثر ۾) ڪُوهُ 1b- اُڃايل، سُڪَلُ ٢- پاڪ، نور وارو، روشن ٣- پريءَ ٤- اوچتو 4a- قلبن، دلين ٥- ورونهن، خوشي، وندر ٦- دل جون مرادون ٧- گهٽا، لڪين ٨- مينهن جو پاڻي ٩- پاسا ڍرڪايا، پاڻي هاريو، ڪنڌ نمايا. (ڪرُ بدن جي مٿين پاڱي کي چئبو آهي) ١٠- آبادي، سڪار ١١- موسم ١٢- جي مينهون ڪير نہ لاهين ١٣- ڪتراڪ، تيسو، ضد ١٤- ڪمزور، ضعيف.

٢٠

وَسَڻُ اَڪِرِّيَنِ جيئن[١]، جي هوندَ[٢] سِڪِيين مينهن،
تہ هوندَ راتو ڏينهن، بَس ٻُوندِنئُون نہ ڪَرِپين.

٢١

ڪَڪَرَ مَنجِهہ ڪَپارَ[٣]، جُهڙُ نيٽَنِئُون[٤] نہ لَهي،
جِهَڙا منهنجا سُپِرين، تَهڙا ميگهہ مَلهارَ[٥]،
ڪَڻُ اَکِيُون، کِلُ يارَا! وَڄَنِ سُورَ سَندا[٦] ڪِيو.

٢٢

جُهڙُ نيٽَنِئُون نہ لَهي، ڪَڪَرَ هُونِ نہ هُونِ،
سارِيو سُپِرِيَنِ کي، لُڙڪَ ڳَلَنِ تي پُونِ[٧]،
سِي مَرُ[٨] رويو رُونِ[٩]، جَنِ مُسافِرُ سُپِرِين.

٢٣

گامَ[١٠] گُنديءَ[١١] گنجَ[١٢]، اَبرَ ۾ اُهاءُ[١٣] ٿيو، *
پَسِيءَ پَرِ پِرِينءَ جِي، ڏُورِ ٿِيا سَبِ ڏنجَ[١٤]،
شالَ وَسَندو سَنجَ[١٥]، عاشِقَ تي اوهيڙا[١٦] ڪري.

٢٤

اُٺو اوهِيڙا ڪَري، عاشِقَ مَٿي اَڄُ،
ڏُورِ ڏڪارِيا پَڄُ، مِينهَنِ منهن ڏيڪاريو.

١ـ جيئن ٢ـ هوند، جيڪر ٣ـ ڪاپار، مٿو ٤ـ نيٽن يا اکين سان ٥ـ مينهن وارا ڪڪر، برسات ٦ـ نشان، ڦٽ ٧ـ ڪريو پون ٨ـ ڀل تہ ٩ـ روئين ١٠ـ ڳوٺ ١١ـ اَنُ رکڻ جي گندي ١٢ـ خزانا، گهٽو ١٣ـ چمڪو، روشنائي ١٤ـ ڏنجهہ، ڏک، ڏولاٽا، اهنج ١٥ـ سنجهي ساڻ ١٦ـ چوها مينهن، وڏيون ڦڙيون، وسڪارا.

* راڳائي فقيرن جي پڙهٽي: ڪامَ ڪُنڊي ڪنجَ، آبر ۾ اُهاءُ ٿيو

٢٥

اَڳَڻَ تازِي[١]، ٻَهَرِ ڪُنڊِيُون[٢]، ڀَڪا ڀَٽَ سُونهَنِ،
سُرَهِي سيجَ[٣]، پاسي پِرِينِ، مَرُ پِيا مينهن وَسَنِ،
اسان ۽ پِرِينِ، شالَ هُونِ بَرابَرِ ڏِينهڙا[*].

٢٦

بَرَ وٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺِيُون تَرايُون[٤]،
پِرِهَ جو پَٽَنِ تي، ڪَنِ وِلوڙا[٥] وايُون،
مَکَڻَ ٻَرِينِ هَٿَڙا، سنگهارِيُون[٦]، سايُون[٧]،
ساري ڏُهَنِ سامُهِيُون[٨]، ٻولايُون[٩]، رايُون[١٠]،
ٻانِهِيُون ۽ ٻايُون[١١]، ڀَکِي[١٢] سُونهَنِ پانهنجي.

٢٧

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺو جيسَرُمِيرُ[١٣]،
آڳَمَ ڪَري آئِيُون، پاٿَرِ[١٤] ٻَري پيرَ،
لاٿائون، لَطيفُ چي، وانڍِيُنِ[١٥] مَٿان ويرَ[١٦]،
سَرَها ڪِيائون سيرَ، سَرَهِيُون سَنگهارِيون ٿِيُون.

٢٨

بَرَ وَٺا، ٿَرَ وَٺا، وَٺِي ڪَڇَ ڪِنارَ[١٧]،
پوڄاڙِيءَ[١٨] پَٽَنِ تي، ڏِسُ! نايائون نارَ[١٩]،
سَٻاجهي[٢٠] سَتار، لاٿا ڏُرتَ[٢١] ڏيهَ تان.

١- عربي گهوڙو ٢- ڪنڊيدار سڱن سان مينهون، (مالدار هجڻ جي نشاني) ٣- کٽ، پلنگ *- هميشه پاڻ ۾ صلح هجيئون (شاهواٽي)، شال اسان ۽ اسان جي پرين لاءِ ڏينهن هڪ جهڙا هجن: يعني ڪي ڏينهن ڏکيا ۽ ڪي سکيا نہ هجن! ٤- ڍورا، ماٿريون ٥- ڏڌ ولوڙڻ ٦- مارو ماڻهن جون زالون، موچاريون زالون ٧-سڪيون، آسوديون ٨- سامهون بيٺل ٩- خاص رنگ جون مينهون ١٠- خاص رنگ جون مينهون ١١- رئيسياڻيون ١٢- مَنَهَ ۾ ١٣- جيسلمير جو هڪ ملڪ ١٤- ٿر جي وچ وارو حصو ١٥- وڏيرين، چڱين زالن، ڪنواريون زالون ١٦- ڏمر، چڙ، ڪينو ١٧- پاسو، طرف ١٨- شام جو، پوئين وقت ١٩- کوهن مان پاڻي ڪڍڻ جو چرخو ٢٠- مهر ڪندڙ، رحيم ٢١- ڏک، ڏکار.

٢٩

سارَنگَ! سارَ لهيج، الله لَگِ[1] اُجيَنِ جِي،
پاڻي پُوڄَ[2] پَٽَنِ ۾، اَرِزان[3] اَنُ ڪَريج،
وَطَنُ وَسائيجِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

٣٠

سارَنگَ کي سارِينِ، ماڙهُو، مِرگهہ[4]، مينهِيُون،
آڙِ يُون[5] اَبرَ آسِري، تاڙا[6] تَنوارِينِ،
سِپُون جي سَمُوندَ ۾، نئين سِڄُ[7] نِهارِينِ،
پَلَرَ پِيارِينِ، تہ سَنگهارَنِ سُکُ ٿِئي.

٣١

ڪاندَ[8] مَ وِڪُڻِ ڪُنڍِيُون، ڏَنُ سَيوئي[9] ڏارِ،
اِيَرِيُون، سَيَرِيُون[10] پانهنجون، سَبِيُون[11] سَبِ سَنيارِ[12]،
بَنَ[13] چَڏي، چَنَ[14] پَئي، وَڃي وَلهارَنِ[15] وارِ[16]،
تہ اَچي اَگِٽان[17] بَهارِ، سَرِلا[18] ڪَندي سَڏڙا.

٣٢

سارَنگَ کي سَعيو[19]، توکي سَعيو نہ ٿِئي،
گُرُڙي[20] تو گُمانَ ۾، آيو ڪِي آيو،
هارِين لَئي هَرُ هَرِ جاءِ ۾، هادِيءَ هَلايو،
مَتان ايئن ڀانئيو، تہ بادَلَ آهِ بَسِ ڪِي[21].

١ـ واسطي، ڪارڻ ٢ـ گهٽو ٣ـ سستو ۴ـ هرڻ ٥ـ ڍنڍ جا پکي ٦ـ پکيءَ جو نالو، جو مينهن ۾ پرگهٽ ٿيندو آهي ٧ـ هر روز ٨ـ پتار، خاوند ٩ـ سجوئي ١٠ـ ڏهريون خواه ٿلهيون ١١ـ رڍون ١٢ـ سار، ڳڻ، لهہ ١٣ـ جهنگ، ٻيلو، مٿانهين زمين ١۴ـ منهہ، هيٺائين جاءِ ١٥ـ ولرن، مال جا ڌڻ ١٦ـ ورائي ١٧ـ اڳڻ ۾ ١٨ـ چتنو، وڏي سڏ، جهڙ، ملار ١٩ـ ڪوشش ١٠ـ گوڙ ڪري ٢١ـ ڪٿي.

٣٣

سارَنگُ سينگاري، وِڄُون وَسَڻَ آئِيون،
بَرِسِي ڀَتاري، ڀَرِيا پَٽَ پُراڻ[١] جا.

وائي

منهنجي سَيّدُ سارَ لهندو، مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
سَجِدي پَئِي سپرينءَ، زارِي زورِ ڪَندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
اُمَتَ ڪارَڻِ احمَدُ اُتِ، پَرمَلُ[٢] پاڪُ پِنندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
صُورَ[٣] ڏَڪا[٣a] ٿيندو، اَڪيُون سَڀُ سِڄُ ڪَڏِندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
ميڙو ٿيندو مومِنِين اُتِ مُحمّدُ مِيرُ مَلهِيندو[٤]،
مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
نَفسا نَفسِي[٥] سَيَڪو ڪَري، داتا[٦] دَرِ دوڙندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.
مُهُتُ[٧] ڏِيندُسِ مَولو[٨]، اُتِ بَدِيُون بَخشائِيندو،
مون کي آهِ اُميدَ اَللهَ ۾.

١ـ مڪان جو نالو، ڍورو، پراڻي ٢ـ پين جو مددگار، پاڪ ٣ـ اسرافيل وارو ٽوتارو ٣aـ ڏڏڪو ٤ـ خوش ٿيندو، سرخرو ٿيندو ٥ـ پنهنجي پنهنجي جند ٦ـ ڏيندڙ سخي ٧ـ مان، عزت ٨ـ مالڪ.

داستان ٻيو

١

سارَنگَ سائِي سِٽَ، جهَڙِي لالِي[١] لاکَ[٢] جِي،
اِيئَن سي اُهُنِ[٣] اَنگِيا[٤]، جيئَن سِي چُنِيءَ[٥] چِٽَ،
ٻَرسِيو پاسي ڀِٽَ، ڀَرِيائِين کُنَ کِراڙِ[٦] جا.

٢

ڀِرِي[٧] ڀِٽَ تي آئيو، سارَنگُ سِهَجَ مَنجها،
کِڙِيُون[٨] کنڌهار جيئَن، وِڄُون اُتَرَ وا،
سَرها سَبِزا[٩] ٿِيا، ڊامَڻَ[١٠] ڊِٻَ ڪِيا[١١]*،
ڦَهِرِي ڀَٽَنِيا[١٢]، ڀَرِيائِين کُنَ کِراڙِ جا.

٣

ڀَرِيائِين کُنَ کِراڙِ جا، وَٺو وارِياسو[١٣]،
کُٽيتِيءَ[١٤] کِنوَڻِ کِيو، چَڱو چَوماسو[١٥]،
ماڪاٽِيءَ[١٦] تان موتِيو، ڏيئِي ڀَٻَ[١٧] پاسو،
خالِقَ کِيو خاصو، ڇيهو[١٨] چُکِيءَ[١٩] کَنڍِين[٢٠].

٤

ڇيهو چُکِيءَ کَنڍِين، کِيائِين ڳَڙَنگَ[٢١] تي ڳَلَ،
هَڏا کٽيان[٢٢] هَلِيو، ڀَرِي ترايُون تَلَ،
آندائِين آبَ اُڇَلَ[٢٣]، مَٿي باغَ بَهارَ ٿِي.

١ـ لالاڻ ٢ـ لاک جو ڳاڙهو رنگ ٣ـ ٻاڦن ۴ـ چٽ ڪيڻ، رنگ ڏيڻ ٥ـ جيئن مٽي جي رنگدار پوتي ٦ـ ڀٽ جي ويجهو هڪ ڍنڍ ٧ـ ڦري، وري، ڦيرو ڪري ٨ـ کليون، خوش ٿيون ٩ـ ساوڪون ١٠ـ گاهه جو قسم جنهنجون ٻاڙون غريب ڏٽ ڪري کائيندا آهن ١١ـ واري جو دڙو، دڙيون ڪيون، گهڻو نڪتيون * ڊِٻَ ڊامڻ اُپايا، ڊِٻَ تي ڊامڻ اُپريو ١٢ـ ڀٽن کان ٻا جا ١٣ـ واريءَ واري زمين، ٿر ١۴ـ پوري وقت يا موسم تي اينڌڙ ١٥ـ سانوڻ جا ڏينهن، برسات جي مند ١٦ـ مڪان جو نالو ١٧ـ جبل جو نالو ١٨ـ هڪ قسم جو گاهه ١٩ـ هڪ ڍنڍ جو نالو ٢٠ـ ڪنڍين تي ٢١ـ ڀٽ شاهه کان اڌ ميل پري هڪ زمين جو ٽڪرو ٢٢ـ مڪان جو نالو ٢٣ـ اٿل، ڇلڪ، ڇالوٽ.

٥

اَڄُ رَسِيلا[١] رَنگَ، بادَلَ ڪَڍِيا، بُرجَنِ[٢] سين،
سازَ، سارَنگِيُون، سُرَندا، وَڄائِي بَرُ[٣] چَنگَ[٤]،
صُراحِيُون[٥] سارَنگَ، پَلِٽِيُون رات پَدامَ[٦] تي.

٦

مِينهان[٧] ۽ نِينهان[٨]، ٻَئِي اَڪَرِ هيڪَڙِي،
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تَہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪِيهان[٩]،
بادَلُ تِي بيهان، جي آگَمَ اُچَڻَ جا ڪَرِين.

٧

بادَلَ! تُمَ پَي ڪَرُن، * ڪَنَڪَ جِتِ مِڙَنِ،
تَنگَ[١٠] پِڇَنِ، تَرڪَشَ[١١] پُسَنِ، سَجَڻَ چِتِ پَونِ.

٨

ڪُنُڪَن[١٢] ڪانڊ[١٣] چِتِ ڪِيو، جُهڙُ پَسِيو جِهجَنِ[١٤]،
وَرَ[١٥] رِيءَ وانڍِيَنِ[١٦] اَڏِيا، پَڪا سِپي مَ پُسَنِ،
اُتَرُ ڊاهِي اُنِ جا، تَہ ڪنهن ڪي ڪارُون[١٧] ڪَنِ،
وارِثُ وَرِي تَنِ، اَچِي شالَ اولُون ڪَري[١٨].

٩

ڪُنُڪَنِ ڪانڊ چِتِ ڪِيو، جُهڙُ پَسِيو جُهٽَڪَنِ[١٩]،
سُٽِيو رَڙِ رَعَدَ[٢٠] جِي، ڪَلِيُون[٢١] ٽِيُون ڪَنبَنِ،
ڪَلِيُون[٢٢] ڪِينَ ڪُڇَنِ، ويچارِيُون وَرَنِ ري.

١- رس وارا، وڻندڙ ٢- تارن جي جهڪن ٣- سڄو ٿر ۴- ساز جو قسم جو وات ۾ وڄهي ان جي وچ ۾ پيتل تار کي آڱر سان هلائڻ سان سريلا آواز نڪرندا آهن ٥- گهڳهيون ٦- پٽ پرسان مڪان جو نالو ٧- مينهن ٨- نينهن ٩- ڪيهون، دانهون * اي ڪڪرا تون اتي زور سان مينهن وسائين ٿو. ١٠- گهوڙي جا تنگ ١١- تيرن رکڻ جون ٻگڙيون ١٢- ڪنجهن، ڪرڪن ١٣- پتار، مڙس ١۴- ڦسن، غم ڪن، ڳرن ١٥- مڙس ١٦- ماني وندينڊڙ، رڙن ١٧- پڪارون، دانهون ١٨- يادگيريون ڪري، ڍڪ ڍڪي، پردو ڪري ١٩- ڪٽڪن، تنوارين ٢٠- گجگوڙ ٢١- ڪليجا ٢٢- اٻوجهہ جوان زالون.

وائي

ڪَرُ[1] مَرُ[2] ڪامي پَڇي، آئُون وِينديِ دَرِ دوستَنِ جي.
جِيائِين[3] ڏُجَهنِ[4] تَڪِيو[5]، سَڄَڻُ تِيائِين[6] اَچي،
آئُون وِينديِ دَرِ دوستَنِ جي.
نُورا پايو نِينهن جا، دَرِ پِرِيَنِ جي نَچي،
آئُون وِينديِ دَرِ دوستَنِ جي.

داستان ٽيون

١

مُندَ ٽِي مَندَلَ[7] مَنديا[8]، ڪِي اوهِيڙَنِ[9] اوڪَ[10]،
ڇاڇَرِ[11] ٽِي ڇَنَنِ ۾، مينهُون ڇَرَنِ موڪَ[12]،
سَرَهِيُون ٽِيُون سَنگهارِيُون، پويو[13] پاٽِنِ طوقَ[14]،
ميها، ڇيڙ، ڦُنگيُون[15]، جِتِ ٽِيَنِ سيئَي ٽوڪَ[16]،
لاهِيِن مَتان لوڪَ، ڏولائِي[17] جا ڏينهڙا.

٢

مُندَ ٽِي مَندَلَ مَنديا، تاڙِي[18] ڪِي تنوار[19]،
هارِين هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٽِيا سَنگهارَ،
اَڄُ پُرِنِ منهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪِيا.

١- گڏهہ، دشمن، رقيب ٢- پلي تہ ٣- جتان، جيئن تہ ٤- ڏجهن غمن، دشمنن ٥- اکيون وڌيون ٦- تتان، تنهن ڪري ٧- سر منڊ جو ساز، مزا ٨- تيار ڪيا، بنايا، لڳايا ٩- مينهن جي ڪڪرن ١٠- وسڪارو ١١- پاڻي جي اڇ، ڊوري ١٢- گهڻو ۽ جالارو پاڻي ١٣- هار ڻاهيو ١٤- ڳٽ ١٥- ترڪاريون، ڪنيپيون ١٦- اسباب، شيون ١٧- ڏکن، رولڙي ١٨- نندڙو پکي جو مينهن جي موسم ۾ لنوندو آهي، ١٩- آواز.

٣

مُندَ تِي مَندَلَ مندِيا، آيو جُهڙُ جهاتِي[١]،
هِڪُ اَرزان[٢] اَنُ تِيو، پِيو مَکَڻُ مَنجهہ ماتِي،
ڪَلِمِي سين ڪاتِي[٣]، لاتُمِ ڪَسُ قُلُوبَ تان.

٤

ڏِيئِي ريجُ راڪَ[٤] کي، کِيائِين لُوتَڙِيءَ[٥] تي لَلَ[٦]،
ڏُلهي[٧] چَڏِيائِين ڏُرُ[٨] کي، پاڻِيءَ پَرِيائِين پَلَ[٩]،
آندَئِين آبَ اُڇَلَ، موڪَلَ تِي مينهَنِ کي.

٥

مُون جُهڙُ ڏِٺو اُڀَ ۾، دِولِيا! لَڏَ مَ لاهہ،*
اَچَنِ آبُ اَڪثِين ڪِيو، وِڇُون اُتَرَ واءِ،
چَـنَ[٩a] چَڏي پَٽِ پاءِ، اَڏُ اُتاهِين پَڪَڙا.

٦

مُحِبُ منهنجا سُپِرِين! آڻِيندُءِ اَللهُ،
توکي ساري ساهُ، اُڪَندِيو[١٠] آهُون ڪَري.

٧

پاڇاتِيان[١١] پَئِي، تِيو آڳاتِيان اَڳِرو[١٢]،**
چُڪَسِ سَبِ چَئِي، تَڏِهن مولِيَ مِينهن وَسائِيا.÷

١ـ جهڙ پٽ، تکو ٢ـ سهانگو ٣ـ ميٽي ٤ـ پٽ جي ويجهو مڪان ٥ـ مڪان جو نالو ٦ـ مهر، پلائي ٧ـ پري ٨ـ پٽ جي ويجهو هڪ مڪان جو نالو ٩ـ پٽ جي ويجهو هڪ مڪان جو نالو *اي پيارا! هلڻ لاءِ جو بوجهو يا بار لڏيو اٿئي، سو لاهي نہ رک، يعني سعيو ترڪ نہ ڪر. ٩a ـ هيٺاهين، جهڪاڻ، پٽ جي ويجهو هڪ مڪان جو نالو ١٠ـ سڪندڙ، آسروند ١١ـ موسم جي پڇاڙيءَ ۾ ١٢ـ بهتر، واڌو. ** جيتوڻيڪ مينهن پاڇاتو پيو آهي پر اهو آڳاتي مينهن کان بہ سٺو پيو آهي. ÷ جڏهن دعائون گهڙي گهڙي تڪجي پيس تڏهن مس مولا مينهن وسايو.

٨

آگمَ ڪِيو اَچَنِ، سَجَڻَ سانوڻَ مينهن جيئن،
پاسي تَنِ وَسَنِ، جي سَبُ° جَماندَرُ[١] سِڪِيا.

٩

اَوچَتُ گهرجي آجِڪو[٢]، جُهوپو[٣] سَهي نہ سِيءُ،
سُٺائيجِ سُوَرِ[٣a] کي، حالُ منهنجو هِيءُ،
اَگڻَ آيو تيءُ، تہ ڏولِيا! ڪنهن ڏِنگِ[۴] تِيان.

١٠

ڪانڌَ! تنهنجي پاندَ° ري، سَنجهي سِيءَ مَران،
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ[٥a] ۾، پيئي ٺارَ ٺَران،
تارِيءَ[٦] تِنهن[٧] تَران، جيئن وَرُ وِهاڻِيءَ[٨] وارِيو.

١١

ڪانڌَ! تنهنجي پاندَ ري، سِيءَ مَران سَبُ راتِ،
ڪامِلَ! ڪَپاهُنِ ۾، جَهپَ[٩] نہ اَچي جهاتِ[١٠]،
اَچِين جي پِرِياتِ، تہ اَئون سِيءُ نَہ سارِيان.

١٢

مِينديو[١١] مينهن پُسائِيو، سِرِي ٿِيو سِيلو[١٢]،
پَکي پيهِي آئِيو، رَحمَتَ جو رِيلو[١٣]،
ساجَنُ سَوِيلو، پيچَ پِنِيءَ[١۴] گهرِ آئِيو.

°ـ سجي ١ـ ڄمار، حياتي ٢ـ آڌو، توشو، سمر ٣ـ جهوپڙي ٣aـ وڙ ڪندڙ، محسن، ڪانڌ ۴ـ حال ۾ ٥ـ پلاند، پلؤ، ڏِڪ ٥aـ ڪپهہ جي اوچٽن ۾. سوَڙين ۽ پٿرڻين ۾. ٦ـ تات، ذڪر ٧ـ تنهنجي ٨ـ رات گذرڻ بعد، صبح ساڻ، جلدي ٩ـ ننڊ، پنڪي ١٠ـ ذات، بلڪل، مور، بنهہ ١١ـ وار ١٢ـ سيلهو، مٽي کي چوڏاري پِڌل وارڊ جي چگب ١٣ـ وهڪ، لار ڪري وهندڙ پاڻي ١۴ـ صبح جو، اسر جو.

وائي

اَکيُون ميگھ ملهارَ، صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو[١] .
سَجدو فِيلَ[٢] فِي الحالُ ڪِيو، پَسِي مُطّلب[٣] نُورُ[٤] نراڙَ،
ڃاڻِ[٥] وَقتِ ڄامَ[٦] جي ڪِريا ڪُنگِرا ڪوٽ ڪُفّارَ،
صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو.
آڳي سَڀُ اُيَنِ جو، توکي ڪارِيو[٧] سِيرُ سَتّارَ، *
وَلَسَوفَ يُعطِيکَ رَبُکَ[٨] ، توسين قادِرَ ڪِيا قرارَ،
صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو.
قادِرَ پاڻَ قَسَمَ ڪِيا، خاڪِ قَدَمَنِ جا ڪَلتارَ[٩] ،
آهِنِ ڪَرَمَ ڪَرِيمَ جا، اَحمَدَ ساڻُ اَپارَ[١٠] ،
صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو.
اُڪنڊِيا[١١] ڄي اَبَرَ[١٢] کي، سَرَها ٿِيا سي سَنگهارَ[١٣] ،
موڪَلَ ٿِي مينهن کي دوسَ هَٿانِ دِلدارَ
صُورَتَ تنهنجي سَڀُ جَڳُ موهِيو.

داستان چوٿون

١

سَڄَڻُ سانوڻَ مِينهَن جان، جُهڙڪَنِ پاسي جهوڪَ[١٤] ،
ڏِيندا پاهُ[١٥] پَٽَنِ کي، مَنجهان مِينهَنِ موڪَ[١٦] ،
لَسَ[١٧] پِيارِينِ لوڪَ[١٨] ؛ آڳَمَ ڪِيو اَڪِنِ سِينِ.

١ـ عاشق ڪيو، چريو ڪيو ٢ـ هاٿيءَ (شيطان) ٣ـ عبدالمطلب، حضرت محمد ﷺ جن جو ڏاڏو ٤ـ روشني، مٿيا ٥ـ ڄمڻ ٦ـ سردار حضرت محمد ﷺ ٧ـ ڪرايو * آڳي (ڏٽي) سيني آسمانن جو سير ڪرايو! (معراج ڏانهن اشارو) ٨ـ سگهوئي تنهنجو رب توکي عطا ڪندو، راضي رکندو ٩ـ ٻخالق ١٠ـ گهڻا ١١ـ سڪيا ١٢ـ ڪڪرن، برسات ١٣ـ ڏنار، محبوب ١٤ـ وٿاڻ، اوطاق، مڪان جو نالو ١٥ـ رنگ، ريج ١٦ـ جالارو پاٽي ١٧ـ پاٽيءَ جي اڄ ١٨ـ ماڻهن.

٢

اَڄُ ٻُڻِ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪَڪَرَ ٿو ڪَري،
وَسِيو سي ٻَري، جي ڏَرَ ڏِينهن ڪانئِيا[١].

٣

واھوندا[٢] وِڄُون ٿِيون، ڪُڙِيُون ڏانهن ڪَنياتَ[٣]،
ڪُنڊِيُون ڪاھي گسِ ڪَرِيو، وَڄُون ڪَرِيو واٽَ،
سَنگهارَنِ سُکُ ٿِيو، لَٿِي اَڄَ اُساٽَ[٤]،
جُهڙُڦُڙُ ڏِيئِي جهاٽَ[٥]، پُسائيندو پَٽِيُون[٦].

٤

سَڄو صافُ نَه اُڀري، سَرِلي[٧] وِڃان سِڄُ،
مُنهن چَڙهِيو ماڙُهُنِ[7a] ڪي، ڏِئي واڏائي وِڄُ،
ھينئڙا ڪِپُ مَ ڪِڄُ،* سِگها مِلندءِ سُپِرين.

٥

ڍِٽِ[٨] ڍِرِي پَٽِ پيِيُون، پاسي پارِڪَرَ،
سَيِئِي ٻَرِيا سَرَ[٩]، پَلَرَ جي پالوٽَ سين.

٦

ڍِٽِ ڍِرِي پَٽِ پيِيُون، آيُون عُمَرِ ڪوٽَ،
پُسايائون پَلَرَ سين، سُڪا پَٽَ جي سوٽَ[١٠]،
چَنچَلِ[١١] ڏِيئِي چوٽَ[١٢]، سَڀِ سامارو[12a] سَرِ ڪيو.

١ـ جلايا، ساڙيا ٢ـ الهندي جي هوا لڳڻ ڪري، اُلهندان، اولهه طرف کان، طرف ٣ـ گجرات ۾ هڪ شهر ۴ـ اُڃَ ٥ـ جهٽ، جلدي ٦ـ ميدانَ ٧ـ جهڙ، ملار 7a ـ ماڻهن * اي دل ڳڻتي ۽ فڪر نہ ڪر. ٨ـ مڪان جو نالو، ريگستان ٩ـ ڍورا، تلاءَ ١٠ـ خشڪ ١١ـ چست، چالاڪ (هي بيت چنچل جو چيل ٿو ڏسجي) ١٢ـ چوٽيءَ تائين ڀريل، گهٽو. 12a ـ هاڻوڪي ضلعي ميرپورخاص جو شهر سامارو (۽ پسگردائي)

٧

ڏَٺِ ڏِرِي پَٽِ پِيُون، آيون ڪاهي ڪاماري،°
وَٺا پَٽَ پُراڻَ جا، وَٺِيُون ساماري،
ڪَڪَرَ ۾ ڪاري، وِڄُڙِيُن پَسو! ويسَ ڪِيا.

٨

ڏَٺِ ڏِرِي پَٽِ پِيُون، ٿيا وَلهارَن[1] وِيءَ[2]،
سِڄُ چَنڊُ نہ پاڙِيان، سيڻَن جي شَبِيهَ[3]،
جي جانِي اَندَرِ جِيءَ، سي پِرِين پيهي گهر آئِيا.

٩

ڏَٺِ ڏِرِي پَٽِ پِيُون، وِڄُن ڪِيو واڄو[4]،
ڀَڪو پنهنجي پِرِينءَ لَئِي، سِبي ڪَرِ ساڄو،
سَڄَڻُ سَباجهو، پيچَ پِنيءَ[5] گهرِ آئِيو.

١٠

ڏَٺِ ڏِرِي پَٽِ پِيُون، وِڄُنِ ڪِيا ڌَرَمَ[6]،
واحِدَ وَڌائِي[7] ڪِيا، ڪُنڊِينِ[8] ساڻَ ڪَرَمَ،
سَنگهارَنِ شَرَمَ، رَکُ مُنهنجا سُپِرِين.

١١

وَسي سارِي راتِ، صُبُحَ جو ساهُ ڪَٽي،
مَنجهيئِي مينهن پِرِيَن جو، جي تَنَ ۾ هُوئِيئِي[9] تاتِ،
تہ وِهائِيءَ پِرِياتِ، هوندَ[10] بادَلَ بَسِ ئي نہ ڪَرِين.

°- هاٿوڪي ضلعي ميرپورخاص جو ڳوٺ ڪامارو (شريف) ١- ولرن، ڌڻن ٢- چارو، ساوڪ، ڀيلو ٣- شڪل ٤- سر آلاپيا ٥- پرهہ ڦٽي ٦- ڀلايون ٧- گهٽائي ٨- ڌنگن سڱن واريون، مينهون ٩- آئي، هُيئي، توکي هُئي ١٠- هوند، جيڪر.

١٢

موتِـي مانداڻَ[١] جِي، واري ڪِيائِين وارَ[٢]،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون چوڏِسِ تِـي چوڌارَ،
ڪي اُتي هَلِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٿِيُون[٣] مَغرِبَ[٤] پارَ،
ڪي چمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لهَنِ سَمَرقَندين سارُ،
ڪي رَمِي[٥] وِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قندارَ،
ڪي دِلِيءَ، ڪي دَکَن، ڪي گُڙَنِ[٦] مَٿي گِرنارَ،
ڪَهِين جُنبي جيسَرَميرَ تان، ڏِنا بِيڪانير بَڪارَ[٧]،
ڪَهِين ڀُڄَ ڀِڄائِيو، ڪَهِين ڍَٽَ مَٿاهِين ڍارَ[٨]،
ڪَهِين اَچِي عُمَر ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ[٩]،
سائينم! سدائين، ڪَرين مَٿي سِنڌُ سُڪارَ،
دوسَ[١٠]! مِنا دِلدارَ! عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين.

١٣

موتِـي ماندانَ جِي ڀَرِي ڪِيائِين ڀيڄَ[١١]،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، سارَنگُ چَڙهِيو سيڄَ،
تنهن نِوَرِيُون[١٢] نَوازِيُون، ڏِئي ڏوٽان[١٣] ڏيڄَ[١٤]،
ڀِڄَ ڪَٽِي پَٽَ هَلِيا، هارِي مَنجهان هيڄَ[١٥]،
راضِي مَنجهان ريجَ[١٦]، عالَمُ سَڀُ آباد ٿِيو.

١ـ جهڙي ڦڙي ٢ـ ڀيرو، ڪاهہ، حملو ٣ـ ڏانهن (رخ رکيائون) ۴ـ اولہ ٥ـ رڙهي ٦ـ گجگوڙ ڪن ٧ـ ملڪ جو نالو ٨ـ پاسي، وٽ، لاڙو، جهڪاءُ ٩ـ ولر، ڌڻ، مڪان جو نالو ١٠ـ دوست ١١ـ ريج ١٢ـ وانديون، ورن ڪانسواءِ زالون، ڇڙيون ١٣ـ ڀيٽا، جنجها ١۴ـ سامان ١٥ـ محبت، شوق ١٦ـ پاٽي.

١۴

موتِيءَ ماندا ڻِ جِي، جَڙِيءَ ڪيائِين جوڙَ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ٻَهِ ٻَهِ[١] ٻَڌائُون ٻوڙَ[٢]،
اَنَنِ جا عالَمَ[٣] ۾، لَکِين ٿِيا ڪوڙَ[۴]،
سارَنگَ لاٿِي سوڙَهه[٥]، سانڊَهِ[٦] سُهائو[٧] ٿِيو.

١٥

موتِيءَ ماندا ڻِ جا، ڀَرِيءَ ڪَيائِين ڀَرَ[٨]،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، ڪوڏان ڪَٽِيءَ ڪَرَ[٩]،
مينهون پاڻُ مُرادِيُون، ٿَڏا چَرَنِ ٿَرَ[١٠]،
وَڏِيءَ اوهَ[١١] آئِيُون، پُٺِيءَ لائِي ڦَرَ[١٢]،
ساري اَچِيو سُوا مينهون[١٣]، ڏِيَنِ کِيرَ سَڄَرَ[١۴]،
ساڻُ وانڍِينِ وَرَ، پَرِيُون[١٥] پَرِچَڻَ جُون ڪِيُون.

١٦

حُڪُمُ ٿِيو بادَلَ کي، تہ سارَنگَ ساڻَ ڪِجَنِ[١٦]،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون، تَهَ تَهَ[١٧] مِينهن ٿِمَنِ،
جَنِ مَهانگو لِهِي ميڙِيو، سي ٿا هَٽَ هَٽَنِ[١٨]،
پَنجَنِ مَنجهان پندرَهن ٿِيا، ايئن ٿا وَرَقَ وَرَنِ،
ڏُڪارِيا[١٩] ڏيهَنِ مان، شَلَ مُوڏِي سَڀِ مَرَنِ،
وَرِي وَڏِي وَسَ جُون، ڪِيُون ڳالهيون ڳنوارَنِ،
سَيّد چِئي سَيِنِ، آهِ توهِ[٢٠] تنهنجي آسِرو.

١ـ واهہ واهہ ٢ـ پاڻي جي اُٿل، گهڻو مينهن ٣ـ جهان ۴ـ ڍِڳ (ٻِي پڙهڻي: اَنَنَ جا عالم ۾، کَرِنِ اندر کوڙ) ٥ـ ننگي، مهانگائي ٦ـ لڳاتار ٧ـ روشني، خوشي ٨ـ ڪپر، ڪنارو ٩ـ ڪنڌ ١٠ـ بيابان، پٽ ١١ـ ٿڻن (سان) کير جي جاءِ ١٢ـ ٻچا ١٣ـ کير ڏيندڙ مينهيون ١۴ـ منو، تازو ١٥ـ پيلايون، لائق ١٦ـ خوشيون ڪجن، ساٿ سڄن ١٧ـ خوشيءَ مان، مزي مان ١٨ـ پڇتائين ١٩ـ ڏڪاري، مهانگو وڪڻندڙ ٢٠ـ مهرباني، پلاٽي.

۱۷

اَندَرِ جُهڙَ جهورِ[۱] وَهي، ٻَهَرِ ڪَڪَرُ نہ ڪوءِ،
وَسائِيندِي وِڄُڙِي، حُبَ جَهِين ڪي هوءِ،
لالَنُ جَنهِين لوءِ[۲]، سي اوڪاٽِينِ[۳] نہ اَڪِيُون.

۱۸

اَندَرِ جُهڙَ جهورِ وَهي، ٻَهَرِ بَرسي[۴] بُوندَ اَپارَ[۵]،
وَتِ جَنِهين هُنِ[۶] يارَ، سي اوڪاٽِينِ نہ اَڪِيُون.

۱۹

آڱمِڄِي اَئِيُون، اُتَران ڪَري اُورِ[۷]،
جي پِرِين هُتَڙا ڏُور، سي مون ڪي مينهَنِ ميڙِيا.

وائي

اِئي مُندَ مَلهارَ، آئون ڪُهنبا[۸] ڪَنڊِيَسِ ڪَپڙا.
وَسَڻَ جا ويسَ ڪِيا، اَڄُ منهنجي يارَ،
اِئي مُندَ ملهار.
لا رَ[۹] لائِيندي[۱۰] وَڄِڙا، ٻِنَڙِسِ ٻَنيا وارَ[۱۱]،
اِئي مُندَ ملهار.
ٻَڪي آءُ پِرِين تُون، لَهُ منهنجي سَيِّدَ سارَ،
اِئي مُندَ ملهار.

۱- زور، گهٽو ۲- گهر، مڪان ۳- موڪيون ڪن ۴- وسي ۵- گهڻو ۶- هُونِ، هجن ۷- ميڙ، ڪاھ ۸- ڳاڙها ۹- چڙي جي اندران وڄائيندڙ هڏي جو گهڙيل ٽڪرو ۱۰- ٻڌندي (وڄڙن کي گهنڊيون) ۱۱- ڳتيل يا وڻيل وار.

سُر آسا

سُر بابت:

آسا هڪ هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي.

هي سر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ ڏنل ڪونهي. ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي جي پهرئين داستان ۾ ١٦ بيت آهن، پر سرڪاري ڇاپي وارا ١٧ بيت قائم رکيا ويا آهن. ٻئي داستان واري وائي، سرڪاري ڇاپي ۾ ڏنل وائيءَ جي عيوض ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي مان اختيار ڪئي وئي آهي.

ٽئين داستان ۾ ٽرمپ صاحب واري نسخي وارا ٢٦ بيت قائم رکي سرڪاري نسخي مان ٻيو نمبر بيت اضافو ڪيو ويو آهي. داستان ٽئين جي ٽيون نمبر وائي پڻ سرڪاري نسخي مان اختيار ڪئي وئي آهي. چوٿين داستان ۾ ٽرمپ صاحب واري نسخي ۾ ڏنل بيت قائم رکي بيت نمبر ٣٦ سرڪاري نسخي مان اضافو ڪيو ويو آهي. بمبئي واري ڇاپي ۾ ڪئين اوپرا ۽ اجايا بيت آهن جي نظرانداز ڪيا ويا آهن.

روحاني راز:

شاهه هڪ سچو صوفي هو ۽ سندس رسالو صوفي اصولن ۽ معنوي خيالن جو مجموعو يا مخزن آهي. هن سر ۾ شاهه حرص ۽ هوس کان پناهه پني آهي ۽ نفس کي ڏاوڻ ڏائي قابو ۾ رکڻ جي رمز ٻڌائي آهي. خدا تعاليٰ انسان جي آزمائش ۽ امتحان وٺڻ لاءِ هن کي حرص ۽ هوس جي مڪان (جهان) ۾ موڪلي ارشاد ڪيو آهي، ته نفس جي ڇنبي ۾ نه اچجانءِ، بلڪ سدي سٽڪ وڃجانءِ ۽ پنهنجو پاند پليد پاڻيءَ (نفساني خواهش) ۾ نه ٻسائجانءِ.

"مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
ايا ائين چون، مڇڻ پاند پسائين."

انسان تيرس ۾ پنجي سوال ڪري ٿو ته ٻيلا ڪهڙي طرح پاند نه پسايان؟ تنهن تي جواب ٿو ملي، ته:

"شريعت سجاڻ، ڪر طريقت تڪيو،
هينئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ،
هوءِ ثابوتيءَ ساڻ، ته پسٽا پالهو رهين."

شاهه امام قشيريءَ وانگر سالڪ لاءِ شريعت جي پابنديءَ تي زور ڏنو آهي، ڇاڪاڻ جو صوفين جو اصول آهي ته سچو صوفي اُهو آهي، جو الله ۽ رسول کي مڃي، شريعت جي احڪامن تي پورو رهي ۽ اندر اجاري.

شاهہ عموماً سيني سرن ۾ سمجهائي ڏني آهي تہ سالڪ کي 'پاڻ' جو پردو مالڪ کان جدا ڪري ٿو. "آئون سين ان پار ڪڏهہ تان ڪو نہ ٿيو." اهو اصول شاهہ گهٽ۾ گهٽ پيرا ڏهرائي سالڪ جي رهبري ڪئي آهي، پر هن سر ۾ تہ خاص طرح انهيءَ حقيقت ڏي توجهہ ڇڪائي ٿو ۽ دعا گهري ٿو تہ: "پاڻا مون کي پل." - "وڃائي وجود کي پاڻا پاسي ٿيءُ" جو سبق پڙهائيندي ٿو فرمائي، تہ پاڻ پردو پاڻ کي آهي:

"جان جان پسين پاڻ، تان تان ناهہ نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو."

چاڪاڻ جو "نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو" ۽ "جن وڃايو وجود کي، سي فاني ٿيا في الله ۾." 'لقا پر' ۾ لنگهہ تڏهن ملندو جڏهن هئڻ يا خودي کي حرف غلط وانگر ميٽي ڇڏبو. خودي ۽ خدا هرگز نہ مڙندا، چاڪاڻ جو "ٻن ترارين جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾" "ترڪ ڪر ترڪ کي، وڃڻ ڪنا وڃ" جي اصول تي جيڪي عمل ڪندا سيئي محبوب جو مشاهدو ماڻيندا.

هن سر جي ٻئي داستان ۾ شاهہ اکين ۽ عجيبن جي ناتي ۽ نينهن جو ذڪر ڪري باريڪ نڪتا بيان ڪيا آهن. اکين جي عجب جهڙين عادتن جي اپٽار ڪندي ٿو فرمائي تہ- "وسن ساڻوڻ مينهن جان" پر اها خبر نہ اٿن تہ اتي وري: "جيءَ ڏني ريءَ نہ جڙي." سالڪ کي صلاح ٿو ڏئي تہ (اکيون سيئي ڏار جن سان پسجي پرينءَ کي،) ورنہ تہ "پرين سي پسن، ٻئي (مجازي يا ظاهري اکيون) جنئين ٻوٽيون." درلڀ دلبر جي مدامي ديدار ماڻڻ ۽ پاڻ کي غير کان پري رکڻ جي، هن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي تمنا ٿي سگهي ٿي؟-

"ونين ۾ ٿي ويهہ، تہ آئون واري ڍڪيان،
تو کي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پسان ڪي ٻيو."

اڳي ڄاڻايو ويو آهي تہ شاهہ وحدت الوجود (همہ اوست) جو قائل هو، يعني دنيا حق جو پاڇو آهي ۽ جيڪي ڪي آهي سو خدا آهي ۽ ان کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ حقيقي طرح موجود نہ آهي، مختلف سرن ۾ اهو سر آلاپيندي ٻئي چيو اٿس تہ "سڀ ۾ پنهون پاڻ، ٻيو ڪو نہ ٻروچ ري." هن سر ۾ بہ اناالحق جو نعرو هڻندي ٿو فرمائي، تہ "اسين سڪون جن کي، سي اسين پاڻ." يا "ڏسڻ ڏسين جي، تہ همہ کي حق چئين." جيڪڏهن 'الف جي، عينڪ' سان ڏسبو تہ اثبات ۽ نفي ٻئي هڪ ڳالهہ معلوم ٿيندا.

سُر آسا

داستان پهريون

۱

لوچان تِـي لاحَدَ[1] ۾، هادِيءَ لَهان نَہ حَدُّ،
سُپيرِيان جي سونهن جو، نہ کو قَدُ نَہ مَدُ،*
هِتِ سِڪَڻُ بي عَددُ[2]، هُتِ پِرِينءَ پَرواهہ ناهہ ڪا.

۲

"اٿون" سين اُنَ پارِ، ڪَڏهن تان ڪونَہ ٿِـيو،**
"اِنَّ الله وِ تر يُحِبُ الوِترَ[3]" نيٺِي پِـيائِي[4] پارِ،
هيڪَڙائِيءَ وَٽ هار، هَنجُون[5] جي هُٿَڻَ[6] جُون.

۳

پَـنِ پِـيائِي سُپِرِين، پاٽان مُون کي پَلِ،
"اٿون" اورِيان جَهلِ، توکي رَسي "تو"، ڏِٺِي!***

۴

توکي رَسي "تو"، ڏَٺِي! سَيونِي جَمالُ[8]،
ڪونهي پِـيو خِيالُ، جي شارِڪَ[9] شَڪُ وِجاپِين.

۱ـ حد کان ٻاهر جاءِ، لامڪان (وڏيڪ ڏسو سر ڪاهوڙي) * نڪا ڊيگهہ، نڪا ويڪر، نڪا حد نڪو حساب. ۲ـ ڳاڻاٽي کان ٻاهر. ** ڪوبہ خوديءَ سان خدا کي ڪونہ مليو. ۳ـ تحقيق خدا هڪ آهي ۽ هيڪڙائي هن کي پسند آهي (حديث) ۴ـ دئي، شرڪ ۵ـ ڳوڙها ٦ـ خوديءَ ۷ـ خوديءَ کان *** اي مالڪ! مون کي خوديءَ کان محفوظ رک، جيئن سڀ وڏائي توکي رسي. ۸ـ حسن، وڏائي، بزرگي ۹ـ ٻئي ڪنهن کي خدا جهڙو سمجهڻ وارا.

٥

”آئون“ اوريان جَهلِ تُون، ڇڏِيمِ پاڻُ پَچارَ[١]،
شِرڪَ ساڻُ سَتارَ! گهڻا گهارِيَمِ ڏينهڙا.

٦

عينُ[٢] شِرڪُ ايئن، جيئن بي شِرڪُ ياڻِين پاڻُ کي،
وِڃائي وُجُود کي، پاڻان[٣] پاسي ٿِيءُ،
هَڏِهين[٤] ڪونهي هِيءُ[٥]. هُو[٦] پُڻِ ڪونهي هِن ري.

٧

هُو پُڻِ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَہ هُنَهان[٧] ڌارَ،
”اَلانِسَانُ سِرِيِ وَاَنَا سِرِهُ[٨]“، پَروڙِج پَچارَ،
ڪَندا وِيا تَنوارَ[٩]، عالِمَ[١٠]، عارِفَ[١١] اِهڙِي.

٨

نَہ ڪا اِبتَدا عَبد[١٢] جِي، نہ ڪا اِنتِها،*
سي وَڃَڻَ کي وِيا، جَنِ نَہ سُڃاتو سُپِرِين.

٩

تَعظِيما[١٣] تَرڪُ ٿِيا، واجهائِيا[١٤] وِيا،
وَڃِي تِتِ پِيا، جِتِ نِهايَتَ[١٥] ناهِ ڪا.

١ـ ذڪر، ڳالهہ ٻولهہ ٢ـ نسورو، نج، خالص ٣ـ خوديءَ کان ٤ـ اصل، بنهہ ٥ـ هيءَ زندگي يا وجود ٦ـ خودي ٧ـ هن کان (خدا کان) ٨ـ انسان منهنجو (خدا جو) ڳجهہ آهي ۽ آئون سندس ڳجهہ آهيان (حديث قدسي) ٩ـ تنوار، پچار، ذڪر، ڳالهہ ١٠ـ علم وارا، ڄاڻو، پڙهيل ١١ـ معرفت وارا، خدا کي سڃاڻيندڙ ١٢ـ ٻانهي (انسان) *انسان جو روح فاني نہ آهي، ڄمڻ يا موت اُن جي شروعات يا پڇاڙي نہ آهي ١٣ـ تعظيم کان، بزرگيءَ کان ١٤ـ واجهائڻ يا سڪڻ يا طلب ڪرڻ يا عرض ڪرڻ يا بندگي ڪرڻ کان ١٥ـ حد

۱۰

"اَنَا عَبدُ"[۱] مَعبُودُ[۲] تُون، اِتِ نَہ ڪو شِرڪُ نَہ شَڪُ،
پچارُون پِرِيَنِ جُون، مَحَبتِيَنِ مَرَڪُ،
سو سَيوئِي حَقُ، جنهن ۾ پَسَڻُ پِرِينءَ ڪي.

۱۱

جان جان پَسين پاڻ ڪي،* تان تان ناهِ نمازَ،
سَڀِ وِڃائي ساز[۳]، تنهان[۴] پوءِ تَڪبِيرَ چَئو[۵].

۱۲

جان جان پَسين پاڻ ڪي، تان تان ناهِ سُجُودُ[۶]،
وِڃائي وُجُودُ، تِنهان پوءِ تَڪبِيرَ چئو.

۱۳

نابُودِيءَ[۷] نيئي[۸]، عَبدَ[۹] ڪي اَعليٰ ڪيو،
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِيا، صُورَتَ پُڻِ سيئي،
ڪِبيءَ اِتِ ڪيهِي[۱۰]، ڳالهِ پِريان جي ڳُجَهَ جِي.

۱۴

ڳالهِ پِريان جي ڳُجَهَ جي، ڳالهِ مِڙوئِي ڳُجهه،
هينڙا[۱۱]! اُجهَ مَ مُنجهه[۱۲]، تہ پِرِيتَنئُون[۱۳] پِرين ٿِيين.**

۱۵

صُورَتَ سوجَهيمِ[۱۴] تنهن جِي، پِي[۱۵] پُڇين ٿو جو،
سُخُنُ ناهي سو، جو منهن مُقابِلِ نَہ ٿِئي.***

۱- آئون بندو آهيان ۲- عبادت جو لائق، ڏٺي * جيسين تون خوديءَ جو بندو آهين. ۳- اوزار، حيلا وسيلا، وهم ۴- تنهن کان ۵- نماز شروع ڪر ٦- سجدا، نمازون ۷- فنا في الله ٿيڻ ۸- وٺي وڃي ۹- ٻانهي ۹a- ڪَبي ۱۰- ڪهڙي ۱۱- دل ۱۲- پريشان نہ ٿي ۱۳- پريت يا عاشق مان (ڪري) ** الاهي عشق ۾ مستغرق ٿي، خدا جي ذات ۾ لءِ ٿي وڃين ۱۴- ڳوليم، ڏٺم، ياد ڪيم ۱۵- پرين، محبوب *** جيئن منهن سامهون نہ ڳالهايل لفظن کي گفتگو نہ چئي سگهبو، تيئن صاحب جي صورت نہ ڏسڻ ڪي ملاقات ڪونہ چئي سگهبو.

۱٦

سُڄاڻپ نہ صُورَتَ ري، صُورَتَ ھَڏِ مَ سوجھہ،
تِني ٻاراڻيءَ ٻوجھہ،* وِڃائي وُجُودَ کي.

۱۷

جَنِ وِڃايو وُجُودَ کي، سي فانِي تِيا "فِي اللهَ"،**
نَہ تَنِ قِيامُ[۱] نَہ قُعُودُ[۲]، نَہ کو ڪَن سُجُودُ،
جيلانھن[۳] تِيا نابُودُ، تيلانھن[۴] گڏِيا بُودَ[۵] کي.

وائي

پِرِيَنِئُون[٦] پوءِ، مُون تي نَہ وِھامِي راتِ رَمَنديِئي[۷]،
ڦوڙائو[۸] فَقِيرَ کي، قادِرَ! ڪوھُ[۹] ڏنوءِ؟
مُون تي، نَہ وِھامِي راتِ رَمَنديِئي.
چڙھِيا ڏاڍين ڏُونگرين، سيڻَنِ سانگُ[۱۰] نَہ ڪوءِ،
مُون تي، نَہ وِھامِي راتِ رَمَنديِئي.
اَچِي اوراھُون ٿِئي، سِيَّدَ! ساٿُ سَندوءِ،
مُون تي، نَہ وِھامِي راتِ رَمَنديِئي.
وينِي واٽَ نِھارِيان، مَنَ پِرِيَن ٻاجَھہ پوءِ،
مُون تي، نَہ وِھامِي راتِ رَمَنديِئي.
اَدِيُون! عَبداللَّطِيفُ چئي، مُحِبُ سِگھو مِلَندوءِ،
مُون تي، نَہ وِھامِي راتِ رَمَنديِئي.

---

* ٻارن وانگر ٿورو عقل ۽ زياده معصوميت رک ** جن نفس کي ماري مات ڪيو تن جڻ الله سان اصل حاصل ڪيو. ۱- نماز ۾ بيهڻ ۲- نماز ۾ ويهڻ، قعده ۳- جنهن صورت ۾ ۴- تنهن صورت ۾ ۵- ابدي هستيءَ، بقا ٦- پرينءَ کان، محبوب کان ۷- راند روند ڪندي ۸- جدائي ۹- ڇو ۱۰- سانگو، پرواھ.

داستان پيو

١

اُيرَنديئي سِجَ[١]، پِرين جي[٢] نَہ پَسَنديُون،
ڪَڏِي ٻيئي ڏِجِ، اَڪَڙِيُون ڪانگَنِ کي.

٢

اُيرَندي سِجَ سان[٣]، پِرين جي نَہ پَسَنديُون،
ڪَڏِي کي ڪانگان[٤]، نِوالا[٥] نيڻَ ڏِيان.

٣

مُون کي اَڪَڙِيَنِ، وَڏا تورا لائِيا،
تہ پُڻ پِرين پَسَنِ، ڪَڻان جي کَرَ[٦] سامُهيُون.*

٤

اَڪَڙِيُون پِرينِ ري، جي ڪِي ٻِيو پَسَنِ،
تَہ ڪَڏِي کي ڪانگَنِ، نِوالا نيڻَ ڏِيان.

٥

نيرانِي[٧] نيڻَ، نيئِي آڇِ پِرِيَنِ کي،
سَتَر ڪاڏا ڪِيڻَ[٨]، جُہ[٩]، ڏنو مُنهن مَحبوبَ جو.

٦

تَنِ نيڻَنِ ڪِي نيرانِ[١٠]، جَنين ساجُهر[١١] سيڻَ،
جِيءَ، جُسي ۽ جانِ، ڪَرَ حُضُورِي حَجُ ڪِيو.**

١ـ صبح جو سج ايرڻ مهل ٢ـ جيڪي (اکيون) ٣ـ ساڻ ٤ـ ڪانگن کي ٥ـ گراهہ، لقما، ڪاچ.٦ـ خر، گڏهہ، رقيب * جيڏانهن بہ نظر ڪريان ٿو تيڏانهن پرين پسان ٿو. ٧ـ صبح جو ڪاڏي ڪائڻ ڪان اڳ ٨ـ ڪاڇ، سنا طعام ٩ـ جيڪڏهن ١٠ـ ناشتو، صبح جو ڪاڌو ١١ـ صبح جو سويل ٿي (ڏٺا) ** جيڪڏهن اکين محبوب جو مشاهدو ماڻيو تہ جڻ ساري جسم حضوري حج (وڏو حج، حج اڪبر) ڪيو.

٧

اَڪَرِيُون عَليٰ الصُّباح[١]، دوسُ[٢] ڏيکَڻَ[٣] آئِيُون،
اُيندِيُون اَرداسَ[٤] ۾، ٻِي نَہ ڪِندِيُون ڪا،
رَچَندِيُون[٥] رِيءَ پاھَ[٦]، پَرچَندِيُون پِرِيَنِ سين.

٨

ڪِي جو ڪيڏانهِين، اَڪِيُون پَسِي آئِيُون،
ٿِيُون تاٽِن تيڏانهِين، پِيِيُون پانَ مُهاڙِيُون[٧].

٩

ڪِي جو ڪَهِين پارِ، اَڪِيُون پَسِي آئِيُون،
ٿِيُون ديوانِيُون[٨] دِلِ ۾، اَپِرَ[٩] لَڳِيَنِ آرِ[١٠]،
تِنهان پوءِ قَرارِ، سُتِيُون ڪِينَ، سَيّدُ چَئي.

١٠

ڪِي جو وَڃِي اَڄُ، اَڪِيُون پَسِي آئِيُون،
سيڻِنِ ڪِيو سَهَجُ[١١]، لالُون ٿِيُون[١٢] لَطِيفُ چَئي.

١١

ڪِي جو وَڃِي ڪالَ[١٢a]، اَڪِيُون پَسِي آئِيُون،
لالُون ڪِيُون، لَطِيفُ چَئي، جانبَ جي جَمالَ،
ٿِيا نيڻَ نِهالَ[١٣]، جَنِين دِلبَرُ ڏيکِيو.

١- صبح جو سويل، فجر جو ٢- دوست، محبوب ٣- ڏسڻ ٤- حاضري، خلمت، عرض يا منٿ ڪرڻ لاءِ ٥- ڳاڙهيون يا لعل ٿينديون، رڱبيون جيڪڏهن رُچنديون پڙهبو تہ معنيٰ ٿيندي پسند پونديون، خوش ٿينديون ٦- رنگ (رونق، گهٽي سمر يا توشي) ٧- خودبخود، پنهنجي منهن ٨- مست ٩- بي حد، گهٽي ١٠- عشق، قرب، چاهہ، پيار ١١- خوشيون ١٢- قيمتي جواهر ٿي پيون١٢a-ڪالهہ ١٣- خوش.

١٢

وَسَنِ[١] ۽ وِهُسَنِ[٢]، ڏِيهاڙي ڏِسَڻَ لئِي،
جيئَن جيئَن پِرين پَسَنِ، تيئَن تيئَن نَشا[٣] نينهن جا.

١٣

وَسَنِ ۽ وِهُسَنِ، ڏِيهاڙي ڏِسَڻَ لئِي،
ڏِسِي ڏِسِي آئِيُون تَہ پِہ[٤] تَلاشُون[٥] کَنِ،
ڍاپِيو نَہ ڍاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرينءَ جي.

١٤

ڏِسَنِ ڏِيهاڙِي[٥a]، تہ پِہ تَرسَنِ[٦] اوڏهِين،
آيا سُجاڻي، نيڻَ نِهاري پِرينءَ کي.

١٥

اَکَڙِيُون اَکَڙِين تي، ڏَمَرَ ڏوسَ[٧] کَرِينِ،
جيلانهن سِکَڻُ سِکِيُون، تيلانهن دَعويٰ مَنجهِ دَڙِينِ[٨]،
کِلَنِ ۽ کَرِينِ[٩]، رُسَن پَرچَنِ پاڻَ ۾.

١٦

اَکِينِ کي آهِينِ، عَجَبَ جيهُون[١٠] عادَتُون،
سُورَ پَرائي ساٽَ جا، وَچِيو وِهائِينِ[١١]،
اُتي لنئُون لائِينِ، جِتِ حاجَتَ ناهِ هَشيارَ جي.*

---

١ ڳوڙها ڳاڙين ٢- خوش ٿين، مُرڪن ٣- خمار ٤- تہ بہ، تنهن هوندي بہ ٥- ڳولائون ٥a- ڏيهاڙي ٦- خواهشمند رهن، تڙپن، انتظار ڪن ٧- ڏک ڏورابا ٨- تڪو ڳالهائين، تڪرار ڪن، مارين ٩- ڪڙن، روشني ڪن ١٠- جهڙيون ١١- سودين، خريد ڪن * محبوب جي اکين کي هشيارن جي ضرورت ڪانهي هو خود تکيون ترارون آهن، منهنجيون اکيون قهر ٿيون ڪن جو محبوب جي اکين سان وڃيو پاڻ اڙائين.

١٧

اکين کي آهِنِ، وَڏا وَڄَهه وِڙهَڻَ جا،
مَنڊِي[١] بِيٺِيون مامِرو،* جهيڙو نه لاهِنِ،
جيئَن سي کَکَرَ اُبَ ۾، اَگميُون آهِنِ[٢]،
جُهڙُ ڦُڙُ نه لاهِين، وَسَنِ سانوَڻ مِينهن جان.[٢a]

١٨

اَکين کي آئون، جان کي جَهلُون[٣] پائيان،
لوکَ لَتاڙِي نِندَ ۾، ساڃَنُ سونائُون[۴]،
مُون کي مارِيائُون، پاڻَ پَرچِي آئِيُون.

١٩

اکين پنهنجي مَتِ[٥]، پاڻَ سين پاٿهين کِئي،
اُتي وَڃِي لَڳِيُون، جِتي جانِ کَپَتِ[٦]،
نَه کا ڳالِ[٦a] نَه ڳتِ، جِيءَ ڏِني رِيءَ نه جُڙي.**

٢٠

اَکَڙِيَنِ آرو[٧]، مونهان[٨] پُڇِي نه کِيو،
اُتي وڃِي اَڙِيون، جِتي چَوَڻَ نَه چارو،
هينئڙو ويچارو، واٽُون[٩] جَهلِيو وِجُهلِي[١٠].

١- جوڙي، لڳائي * معاملو يا جهيڙو لڳائي بيٺيون. ٢- جهڙ کيو اٿن (ڳوڙهن سان پرجي اُيون آهن) ٢a- جيان، وانگر ٣- منع، جهل، روڪ ۴- سڃاتائون، لڌائون، پسند ڪيائون، اختيار ڪيائون ٥- سمجهه، صلاح مصلحت ٦- ڪاپارو، نقصان، ڳرڻ ٦a- ڳالهه
** جتي جان ڏيڻ سواءِ ڪو چارو يا واٽ ڪونهي ٧- لاڙو، ميل، عشق، چاهه ٨- مونکان
٩- رستا، دڳ ١٠- ڳري، روئي.

٢١

اَکِ اُلِتّي[١] ڏارِ، وَنءُ[٢] اُبَتو عامَ سين،
جي لهوارو لوڪُ وَهي، تون اُوچو وَهُ اويارِ،
مَنجهان نوچَ[٣] نِهار، پُرُ[٤] پُنِيرو پِرِينءَ ڏي. *

٢٢

اَکِيُون سي ئِي ڏارِ، جَنِ سان پَسين پِرِينءَ کي،
پِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهڻو رِيسارا[٥] سُپِرِين.

وائي

جيڏيُون! آئُون ڪا پانَّ وَهِيٹي[٦] آهيان؟
ڪا مُون سارَ لهيجا.
جيڏانهن وارِينَمِ سُپِرِين، پيرُ اوڏاهين پايان،
ڪا مُون سارَ لهيجا.
قَلَمُ ڪاتِبَ[٧] هَٿَ ۾، ڪيئن لِکِئي مان لِڪَ[٨] لاهيان؟
ڪا مُون سارَ لهيجا.
واڳَ- ڌَڻِيَنِ[٩] هَٿَ ۾، ڪيڏانهن ڪَرَهَلُ[١٠] ڪاهِيان؟
ڪا مُون سارَ لهيجا.
سَدا سُپِرِيَنِ لئي وينِي، آئُون ڪانگ اُڏايان[١١]،
ڪا مُون سارَ لهيجا.
اِينْدا عَبدُاللّطِيفُ چئي، آسَ اُمِيدَ نه لاهِيان،
ڪا مُون سارَ لهيجا.

١- اُبتي ٢- وج ٣- نٿرت، نياز، نماڻائي ٤- هل، وج * ادب وچان پنيرو هلج (پويان قلم ڪٽج) هميشہ منهن محبوب ڏي رکج ٥- غيرتمند ٦- پنهنجي هٿ وس ٦a- مون کي جيڏانهن وارين، موڙين ٧- لکندڙ (خدا جنهن لوح محفوظ تي قسمت جو قلم وهايو) ٨- ذرو ٩- مالڪن، خدا ١٠- اُٺ ١١- انتظار ڪيان، اوسيئڙي ۾ گذارايان.

داستان ٽيون

۱

ديکُ مَ تُون سين تَنِ، هي جي مَجازياڻيُون[1] مُنهن ۾،
جَنِ نَہ سُڃاتو سُپرِين، نِهاري نيڻَنِ،
پِرين سي پَسَنِ، ٻَئِي جَنِين ٻوڙِيُون[2]. *

۲

حَقِيقَتَ[3] هَٽِي، منهنجي جانِ جُدا ڪِئِي،
هيڪو پَساهُ[4] پِرينءَ ري، سَگهان تان نہ ڪَٽِي،
ڏَٺِي ئِي ڏَٺِي، رَهيو آهي رُوحَ ۾.

۳

سنئِين سُونهائي[5] سَيَڪا، ڪا مُون مُنجهائِي،
طَلَبَ[6] ۽ تَحصِيلَ[7]، اوريان ئِي آهي، **
مان[8] تَنُ ڀِتِ لاهہ، جِتِ آهِ[9] نہ ناهِ ڪا.

۴

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيءُ خاڪِيءَ جو خِيالُ،
جانِبَ جو جَمالُ، پَسڻا[10] ئِي پَري ٿِيو. ***

۱ـ مجازي محبت واريون، ڪچيون (اکيون) ۲ـ پوريون * جن مجازي عشق واريون اکيون پوري اندر ۾ ليئو پاتو سي ئي محبوب جو مشاهدو ماڻينديون. ۳ـ حقيقت جي منزل تي پهچڻ ڪري حق جي حسن يا ديدار ۴ـ دم ۵ـ ڏيکاري، ٻڌائي، ٻتائي ٦ـ تمنا، خواهش ۷ـ حاصل ڪرڻ × ديدار لاءِ تمنا ڪرڻ ۽ ديدار حاصل ڪرڻ تہ معمولي ڳالهہ آهي (مان انهي کان بہ اعليٰ منزل تي آهيان). ۸ـ آئون ۹ـ اميد ۱۰ـ ڏسڻ کان ** تمام گهڻو ۽ ايترو آهي جو اکيون ڪٿي ڏسي نٿو سگهجي.

٥

جِتِ، آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيءُ خيالُ خاڪِي،
پِرينءَ جِي پاڪِي[١]، پَسَڻا ٿِي پَري تِي.

٦

نيڻين نَظَرَ نِينهُن جَڙون جِتِ جَڙن،*
ساهُہ اُنين تان صَدِقو، اَندرُ سين عُضبَن[٢]،
قَلبُ قُربانِي ڪَريان، مَٿان دِلِ دوسَنِ[٣]،
هِنيين ۾ اَکِيَن، ڦاهِي ڪاڍِي پِرِيَن لَئِي.

٧

پِرين نہ اَکَڙيَنِ ۾، هِينئُون نہ حاضُرُ[٤] جَنِ،
سي هُنئِين[٥] جاڙَ[٦] جِيَنِ، تَلَها ٿاپَرَ[٧] سَکِڻا.

٨

موڙکَ مامَرَ[٨] نہ پُجهڻا[٩]، هيڏانهن هوڏانهن ڪَنِ،**
سي ڪيئن پِرِين پَسَنِ، ڪَتَرُ[١٠] جَنِ اکِيِنِ ۾.

٩

جان تَنُ ڪِيوءِ نہ تيئن، سوئِيريان ٿِي[١١] سَنهِڙو[١٢]،
پِرِين پائِيندا ڪيئن، توکي اَکڙِيَنِ ۾؟

١٠

اَکِين ۾ تي ويهُہ، تہ آئُون واري ڏِڪِيان،
توکي ڏِسِي نہ ڏيهُہ، آئُون نہ پَسان ڪِي ٻِيو.

١ـ پاڪائي (جمال) * جيڪي اکين جا پيچ پائي، عشق جون ميخون هڻن ٿا ٢ـ عضون، جسم جي ڀاڱن ٣ـ دل جي دوستن ۴ـ محبت نہ آهي ٥ـ هوندَ ئي، هرويرو، خواه مخواه ٦ـ اجايو ٧ـ خالي، ٺاٺا ٨ـ ٻرولي، ڳجهارت، راز، اسرار ٩ـ سمجهندڙ، واقف ** اجايون سجايون ڳالهيون ڪن. ١٠ـ ڪڪرو، ڪک، مٽي ١١ـ ننڍيءَ سئيءَ ڪان، سوئيري ڪان، سُرمي ڪان ١٢ـ سنهو، سوڙهو.

١١

تارَنِ ۾ ڪَرِ تَڪيو[١]، وِنيَنِ[٢] ۾ تِي ويهہ،
اَکِيَنِ ۾ تِي پيهہ[٣]، تہ آئون اچارُو[۴] تِيان.

١٢

ڪَران[٥] وِجُهہ مَ واتِ،* ڍولَ! منهنجي ڳالهَڙي،
مَجُڻِ رَتِيءَ راتِ[٦]، اورَڻ[٧] ۾ اُونهي[٨] ٿِئي.**

١٣

سِڪَ سِڪائي سِڪُ، سِڪَ نَہ آهي سُتِرِي[٩]،
لِڪَ لِڪوتِيَ لِڪُ،*** تہ ڪَرَنِ[١٠] خَبَرَ نہ ٿِئي.

١۴

خَبَرَ ٿِي ڪَرَنِ ڪي، تہ مون کي ڪَندا ڪوهُہ؟
صُورَتَ سُپِرِيان جي، ڏِٺي ڪونهي ڏوهُہ،
لورِيءَ[١١] لَڳُمِ لوهُ[١٢]، جَنهِنءَ رَتُ رُئارِيو.

١٥

ڪَرَ جا ڪَڏَ ڪَنِئي، پَوَڻ ڪارَڻِ پِرِينءَ جي،
تِنهن ۾ پاڻ پَئي، غِيبَتِي[١٣] سو غارُ ٿِيو[١۴]

١٦

آلا! ڪَرَ جِيَنِ، مَدِي جَنِين جي مَنَ ۾،
آسان ۾ پِرِيَنِ جُون، اُميدُون پَسَنِ،
تِنهان پوءِ مَرَنِ، سَڙِي اِنهيءَ سُورَ ۾.

١- وهڻ يا ليٽڻ جي جاءِ، وهاڻو ٢- اکين جي پلڪن ٣- پيوست، اندر گهڙ ۴- چمہ جي ڳوٽري ٥- خرن (گڏهن)، رقيبن جي * عامر . کي خبر نہ ڏي جو هو تنهنجي عشق جي اپٽار ڪن. ٦- ڳاڙهي رات، خوشي يا وصل جي رات، ٿوررڙي يا ذرڙي رات ٧- ذڪر ڪرڻ، سمجهاڻي ڏيڻ ٨- عميق، پراسرار، وڌيڪ مونجهاري واري. ** متان وصل جون گهڙيون ڏک ڏوراپن ڪيڻ ۾ گذري وڃن. ٩- آسان، سولي *** راز مخفي رک، ڳجهہ لڪاءِ ١٠- گڏهن، عشق کان بيخبرن (شيطان)، رقيبن ١١- عشق جو ١٢- تير، ڪان ١٣- گلا ڪندڙ ١۴- کڏ ۾ پيو، غرق ٿيو، نابود ٿيو.

١٧

ڪَرَ ڪارِيندو سي، ماٺو[١] جَنِ پِرِيَتَڙو[٢]،
جوشَ جَلايا جي، ماري تَنِ ماتُ ڪِيو.*

١٨

ڪَرَ ڪي ڪُپُرُ[٣] ڪاءِ، نانگُ مَٽِيارو نِڪِري،
اُيـو جو اوناءِ[٤]، سُرُپُرُ سَندِي سَڄَڻَنِ.**

١٩

ڪَرَ خَرابُ ٿـِيِن، هَيا! هَچارا!
پُورائِي پِرِيَنِ جا، چَوُڏارِي چارا[٥]،
مَرِين، مُنهن ڪارا! سَڙِي اِنهِيَ سُورَ ۾.

٢٠

سَڄَڻَ سَنئِيُون[٦] ڪَنِ، لوڪان ليڪي وِنگِيُون[٧]،
سَندِيُون سُپِيرِيَنِ، پَرُون[٨] پَروڙَڻُ ڏاڪِڙو.

٢١

ڪا جا پَرِ[٩] پِرِيَنِ، نہ سا سُئِي نہ ٻُڌِي،
مَتِيُون سَڀِ مُنجَهنِ، اِهَڙِي ڏِٺي قَضِيي[١٠]

٢٢

نہ ڪو ڏيگهہ نہ ويلُ[١١]، نہ ڪو مُنهن نہ مُهاڙِ ڪا،
اِيءُ اِهوئِي ڪيلُ،*** ڪُورُ[١٢] پَروڙِي ڪِينَ ڪِي.

١ـ گهٽ، ٿورو ٢ـ عشق، پريت * جن جو عشق عميق آهي، تن خر (ڪاڙو، ڪبڙ، شيطان) کي ماري فنا ڪري ڇڏيو. ٣ـ وڏو نانگ (ڪامل مرشد) ٤ـ عرض قبول ڪري، ٻڌي ** جيڪو محبوب (خدا) جي ڇرڪ پيو ٻڌي (جيڪو محبوب کي ويٺو ڏسي).
٥ـ رستا، گس ٦ـ سڏيون ٧ـ ڏنگيون ٨ـ ڏستور، عادتون، طريقا، رمزون ٩ـ عادت، رمز ١٠ـ جيڪي ٿي گذري، واردات، واقعي ١١ـ ويڪرائي *** هي سڀ غيبي نظارو يا اسرار آهي. ١٢ـ اندو، نابين.

٢٣

حَوصِلو[١] حَيرَتَ ۾، ڪَري ڪِينَ دَرَڪُ[٢]،
جو حُسُنَ سَندو حَقُ[٣]، سو ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪِي!

٢۴

حَوصِلو حَيرتَ ۾، وَڃِي ٿِيو وِيچُون[۴]،
مَحَبَتَ جُون ميچُون[٥]، ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪِي.

٢٥

حَوصِلو حَيرَت ۾، وڃِي لَڄاٽو[٦]،
ويچارو ڪاٽو، ڏِسِي ٿِيو ڏِسَڻَ ڪي. *

٢٦

حَوصِلو حَيرَتَ جو، آهي نَ مَتي عامَ،
سَندِي مَحَبَتَ مامَ[٧]، ڪُورُ پَروڙي ڪِينَ ڪِي.

٢٧

مُٺي هاتيءَ تِي مامِرو[٨]، اَچِي ڪِيو اَندَنِ،
مَنارِڙِينِ[٩] هَٿَنِ سين، اَکِين ڪِينَ پَسَنِ،
فِي الحَقِيقَتَ[١٠] فِيلَ[١١] کي، سَڄا سُڃاڻَنِ،
سَندِي سَردارَنِ، بَصِيرَتَ[١٢] بِينا ڪَري[١٣].

١ـ عقل، هوش، جرات، طاقت ٢ـ (جمع: ادراڪ)، سمجهه (سمجهه جو ڪم ڪري) ٣ـ قدر، اهميت ۴ـ پرزا پرزا ٥ـ اشارا، اهڃاڻ ٦ـ لڄي ٿيو، ڦڪو ٿيو * محبوب جي مشاهدي جي تجلي سهي نہ سگهيو. ٧ـ ڳجهارت، راز ٨ـ معاملو، جهڳڙو ٩ـ لوئين، ڳوهين، زور ڏين، هٿوراڙيون ڏين ١٠ـ سچ پچ ١١ـ هاٿيءَ (شيطان) ١٢ـ نور، اکين جي روشنائي ١٣ـ ڏسڻ واري ڪري (ڏئي).

وائي-١

مُنهن مَنجهه خَلِيلُ[١]، اَندَرِ آذَرُ[٢] آهِيِن.
سَڏَ مَ کَرِ صِحَتَ جِي، اَجا تُون عَلِيلُ[٣]،
اَندَرِ آذَرُ آهِيِن.
نالو ناهِ نفاقَ[٤] جو، جِتي رَبُ جَلِيل[٥]،
اَندَرِ آذَرُ آهِيِن.
مُنهن ۾ مُسلمانُ تون، قَلبُ تان قَلِيلَ[٦]،
اَندَرِ آذَرُ آهِيِن.
والِيءَ جي وِصالَ ۾، دُبِّي[٧] ناهِ دَلِيلُ[٨]،
اَندَرِ آذَرُ آهِيِن.
آلا عَبدُاللّطيف چي، سَچو رَکائِجُ سِيلُ[٩]،
اَندَرِ آذَرُ آهِيِن.

وائي-٢

مَوْتَ مُندَ[١٠] نَہ آهي،* تائِبَ ٿِيو تَکِڙا.
"عَجِّلُوا بِالتَّوْبِه قَبْلَ المَوْتِ[١١]،" ويهُ تُون ويرَمَ لائي.**
تائِبُ ٿِيو تَکِڙا.
پِريان کارَڻِ پاڻ کي، سِگهو ويهُ سَنياهي[١٢]،
تائِبُ ٿِيو تَکِڙا.

١- دوست، حضرت موسيٰ ٢- نقاش جو نالو، جو پاڻ کي خدا سڏائيندو هو ٣- بيمار ٤- بيائي، جهگڙو ٥- جلالت وارو، وڏو (خدا) ٦- ٿورو ٧- ٻيائي ٨- شڪ، ڏڍ، وسيلو، رستو ٩- سپت، سچائي ١٠- موسم * مرڻ جي وقت جي خبر نہ آهي. ١١- مرڻ کان اڳ، توبہ ڪرڻ جي تکڙ ڪريو. ** دير نہ ڪر ١٢- تيار ٿي.

اَجَلُ[1] آسارَنِ[2] کي ڪامَ[3] وَنِي تو ڪاھِي،
تائِبُ ٿِيو تَڪِڙا.
عِمارَتُون[4] اَندَنِ جون، ڊاھِيو تو ڊاھِي،
تائِبُ ٿِيو تَڪِڙا.
بنا ڪوٺَ[5]، ڪَرَ[6] نہ ڏي، ڪنھن وَڏِي ويرَ ناھِي،*
تائِبُ ٿِيو تَڪِڙا.
اُتي، عَبدُاللّطِيفُ چي، بنا ڪَفَنَ پَراھِي[7]،
تائِبُ ٿِيو تَڪِڙا.

وائي-٣

اَللهَ سائِين! پُٺان[7a] پِرِينَئُون[8] مَ پاھِين[9]،
مُون تان آسَرو آھي اوڏاھِين.
جِتي ديرو دوستَ جو، سا ڪيئن جُوءِ[10] اَڳاھِين[11]؟
مُون تان آسَرو آھي اوڏاھِين.
ڀَنيِيُون[12] ڀِرِي[13] اَئِيُون، آيلِ! مُون اُتاھِين،
مُون تان آسَرو آھي اوڏاھِين.
قَلَمُ جَنِين جي هَٿَ ۾، سي سِپِڻَ سَباجھا سائِين،
مُون تان آسَرو آھي اوڏاھِين.
بَندِيءَ جي بابَ ۾[14]، شالَ مَ لِکَنِ لائِين[15]،
مُون تان آسَرو آھي اوڏاھِين.

١- موت ٢- غافلن ٣- اٺ هڪلڻ جو لڪڻ ۴- جايون (اميدون، خيالي آسرا)
٥- دعوت، سڏ ٦- خبر * موت بنا سڏئي، خبر ڏيڻ کان سواءِ جلدي اچي ٿو. ٧- ڀرائي، ڍڪائي 7a- پُوان ٨- پرينءَ (محبوب) کان ٩- پري، پراھون، پٺ تي ١٠- جاءِ
١١- اڳيري، پري ١٢- اکيون، چڱيون، موچاريون ١٣- ڦري، پرچي، راضي ٿي، گڏجي،
ملي ١۴- حق ۾، بابت، لاءِ ١٥- ڪسي، گھٽ، قصور.

داستان چوٿون

١

ڏيکينديء ڏيدارَ[١] کي، ڪِينَ سُڃاتو ڪُلَ[٢]،
تازِي طَنبيلَنِ ۾، آهي احاطو[٣] جُهلَ[٤]، *
هُئا جي اُملَ، سي حسابان هَجِي ويا. **

٢

ڏيکيندي ڏيدارَ کي، ڪُلَ سُڃاڻي ڪِيئن؟
جانب منجهان جيئن، مَحرُوم تي منجهي پيا. ***

٣

مَحرومَ تي مَري ويا، ماهَرَ[٦] تي نہ مُئا،
چڙِيءَ[٧] جيئن چُهنج[٨] هڻي، لَڏيائُون لُئا[٩]،
حباب[١٠] ٿي هُئا، انهِيءَ وادِيءَ[١١] وچ ۾.

٤

تَرڪَ ڪَ تَرڪَ کي، وِڃَڻَ[١٢] ڪَنانِ وِڃُ،
آهي اِيءُ اَهُڃ[١٣]، سڀِئي سُڃاڻيج تُون.

٥

وَڃي رَسُ وَڃَڻَ کي، وَڃَڻُ پُڻ وِڃاءِ،
لوڪان[١٤] پاڻُ لڪاءِ، لڪانِ[١٥] پُڻ لڪيج تُون.

١ـ مشاهدو، ڪثرت ۾ وحدت ٢ـ عام ماڻهن ٣ـ ٻاهرين حد، چوگردي پٽ، آسرو ٤ـ گهوڙن مٿان وجهڻ لاءِ لپڙي، ڍڪ، پناه. * گهوڙن (مال متاع) عام ماڻهن لاءِ آسرو ۽ آڌار آهي. ** پر جيڪي بي بها (وڏي روحاني مرتبي تي پهتل شخص) آهن، سي تہ انهي مال متاع جي گڏڻ يا هجڻ جي ڪري ئي پاڻ کي نابود سمجهن ٿا. عام ماڻهو دنيوي ملڪيت تي ناز ڪن ٿا، پر خدا رسيده انهيءَ کي روحاني ترقي جي راه جي رنڊڪ سمجهن ٿا. ٥ـ ٻيا تہ لهيو ۾ راز محرم، معرفت جا صاحب ***خدا کي معرفت جي صاحبن ۽ وڏن وڏن صوفين ۽ ولين ئي پوري طرح ڪين پروڙيو. ٦ـ قابل، ڄاڻو، عارف، استاد ٧ـ جهرڪي ٨ـ چهنب ٩ـ لٽي، وڌي، ڪڪ ڪنيائون ١٠ـ پاڻيءَ جا ڦوٽا، پاڻيءَ جا ڦوڪٽا ١١ـ ماٿري (وحدت جي واٽ) ١٢ـ نابودي، فنا، موت + موت جي حد کان بہ اڳتي، اڳتي وڃ، فنا في الله ٿي. ١٣ـ نشاني، اهڃاڻ، پتو، ١٤ـ لوڪان، لوڪ کان ١٥ـ لڪان، لڪڻ کان.

٦

لوڪان لِڪي سَيِڪو، لِڪان لِڪي ڪونَہ،
اُتي ويني اونَ[١]، اِنَ اَلِتَي[٢] ڳالِھ جِي.

٧

هَٿَنِ سين هاجَ ڪَرِ، نيٽَنِ سين نِهارِ،
اُيا اَڳٽان پارِ، * پَسُ پنهنجا سُپرِين.

٨

اِسين سڪونِ جنِ کي، سي اَسين ياں،
هاڻي وچ گمان! صحيح سڄاتا سپرِين.

٩

آسين سڪون جنِ کي، اسين پڻ سيئي،
لَمَ يلد وَلَمَ يُولَدُ[٣] ونءُ[٤] اُوڏاهين پيهي،
تِهان مُنجهيئي، * پارِکَ[٥]! پرِکِجِ حق کي.

١٠

ڏِسَنِ ڏِسين جيُ، تہ هَمَہ[٨] کي حق ڇئين،
شارِڪَ شَڪُ مَ ٻَتِي[٩]، اَندا اِنهيءَ ڳالِھ ۾!

١١

مُنهن ڪَرِ مَنجهارا، ٻهران[١٠] ڏونَلِيا[١١] مَ ڏِورَ[١٢] جيئن،
جيُ اَکَرِ تين، آرا[١٣] ٻ ڪَنَدِيءَ اَچَڻُ ڏاڪَرو.

١- فڪر، ڳڻتي ٢- اتي (پراسرار) * ويجها ٻيلل (دل ۾)، ٣- چڱيءَ طرح سان پروڙجي
ويا ٤- نہ ڪنهن کي ڄڻي ٿو، نہ ڪنهن کي ڄائو آهي (خدا) ٥- وڃ ** اتان ئي، اندر مان، دل
۾ ٦- پرکيندڙ، استاد، ماهر (سالڪ) ٧- عين جي اکين، اندر جي اکين ٨- سڀ ڪنهن
٩- گمان نہ آڻ ١٠- ٻاهران ١١- ڳول ١٢- حيوان ١٣- ڪُنُ، گهيرو، پيار، سچي دوست.

۱۲

آڏو جو اِثباتَ[۱] ڪي، سو شِرڪُ لاهي شَڪُ،
هُئي[۱a] جنهن ۾ حَقُ، تنهن نَفيءَ[۲] جِهو[۳] ناهِ ڪو.

۱۳

وَڏِي تان اِنَ واتَ ۾، پيلَپ[۴] پِيائي،
آهي اونداهيءَ جو، شِرڪُ سهائِي،
چِنِڀي چِتائِي، اَلفِ جي عينڪَ ۾.

۱۴

اِن پر نہ ايمان، جيئن ڪلمي گو ڪوتائيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شِرڪ ۽ شيطانُ،
مُنهن ۾ مُسلمان، اَندر آذَر آهيين.

۱۵

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافِرُ مَ ڪوٺاءِ،
هِندُو هَڏَ[۸] نہ آهيين، جَنِيو[۹] تون نہ جڳاءِ،
تِلڪُ[۱۰] تَنين ڪي لاءِ، سَچائي جي اِشرڪ سين.

۱۶

مُنهن نہ مُوسيٰ[۱۱] جِهڙو، عادَتَ ۾ اِبليس[۱۲]،
اِهڙو نِجام خَبيثُ[۱۳]، ڪَڏِي ڪوهُ نہ ڇَڏِيين؟

۱- هاڪار، اقرار، بقا [نفي جو ضد] ۱a- هوئي، هجي ۲- انڪار، نابودي ۳- جهڙو، مثل ۴- مَلڊ ۵- اونداهيءَ ۾، ڪفر جي حالت ۾ ۶- خدا سان ڪنهن ٻئي کي برابر سمجهڻ ۷- روشنائي، رهبري * ڪافر ڪفر تي ناز ڪري ٿو ۸- اصل، ٻنڍ ۹- ڌاڳو جيڪو هندو ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن ۱۰- سندور سان پيشانيءَ تي داغ جيڪو هندو ڌرمي رسم پوري ڪرڻ لاءِ هڻندا آهن ۱۱- حضرت موسيٰ پيغمبر ۱۲- شيطان ۱۳- پليد، شرارتي، بڇڙو.

۱۷

مُنهن تہ موسيٰ جهڙو، سِيرَتَ شَيطاني،
بازي[1] بيراني[2]، ڪَڍي ڪوهُ نہ ڇَڏيِن.

۱۸

مُنهن تہ آهيريان ٿِي[3] اُجرو[4]، قَلبَ مِ ڪارو،
ٻيهران[5] زيب زَبانَ سين، دِل مِ هَچارو،
انَ پرِ ويچارو، ويجهو ناهہ وِصال سين.

۱۹

تُون ڪا ڪاني پاءِ[6]، وَنيَنِ[7] مِ وصالَ جي،
ڏُبيتائِي[8] دورِ ڪري، معرِفت مَلهاءِ[9]،
سُپيريانَ جي سُونهن مِ، رُخنو[10] ڪونہ رِهاءِ[11]
اَڪِ، اَشهَدَ[12] چاءِ[13]، تہ مسلماني ماڻيِن.

۲۰

سُرمُو سِياهِيءَ جو، رَنُنِ ڪِي رِهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ[14] جي، مُڙسُ تِي م پاءِ،
اکين مِ اتِڪاءِ[15]، لالائِي لالَنَ جِي.

۲۱

سُرمُو سُرخِيءَ جو، جَڏهن پاتو جَنِ،
تَڏهن ڏِنِي تَنِ، رَونَقَ رِيتَي[16] جِهڙي.

۱- راند، اٽڪل ۲- ويراني، بي معنيٰ، بچڙي ۳- آرسيءَ ڪانِ ۴- صاف، چلڪندڙ ۵- ٻاهران ٦- سرمي جي سرائي وجهہ ۷- اکين جون پنبڻيون ۸- ٻيائي، شرڪ ۹- سرخرو ٿي، مرڪ ۱۰- ٻيجڪڙي (شرڪ) ۱۱- منهن تي پوي، مناسب آهي، جڳاءِ ۱۲- شاهدي ڏيندڙ، ڏسڻ واري ۱۳- ڪڻ (پاڻ وٽ رک) ۱۴- ڪارنهن (سرمي) ۱۵- وجهہ، لڳاءِ ۱۶- سني ڳاڙهي رڱيل ڪپڙي.

۲۲

سُرمُو سُفيدِيءَ جو، جَڏهن پاتو جَنِ،
تَڏهن ڏِٺي تَنِ، اَڇائِي عالَمَ ۾.

۲۳

جي فارسي[۱] سِکيو، گولو، توءِ غُلامُ[۲]،
جو ٻَڌو ٻِنِ ڳالهين،* سو ڪِيئن ڇائي[۳] ڄامُ؟
اُجو تان آبُ گهري، ٻُکيو تان طَعامُ،
اِيءُ عامِيَنِ[۴] سَندو عامُ، خاصَنِ[۵] مَنجهان نه ٿِئي.

۲۴

اَوَڳُڻَ[۶] رُسِي سيڪو، ڳُڻين[۷] پِرين رُٺامِ،
ليکِيَمِ جي لِسانَ سين،** سي ڪَرَ ڪِينَ ڪِيامِ،
پاڻُ وِڃائي پانهنجا، تورا[۸] تُڪَ هَنيامِ،***
بَندَگِي شَرمَندگِي، اِها ميڙَ[۹] مُڪِيامِ،
پِرين تَڏهن پَرچِيامِ، "آئُون" جَڏهِن اُٺ ڳِئي.÷

۲۵

اَوَڳُڻِ رُسي سَيَڪو، ڳُڻين پِرين رُٺامِ،
ٻَهُون[۱۰] ٻاروتَنِ[۱۱] ۾، ڪوڙين ڪُوڙَ ڪِيامِ،
تيلانهِين سَرِيامِ[۱۲]، سُڪَنِئُون[۱۳] سُورَ گهٽا.

۱- ڏارين ٻولي (حاڪمن جي ٻولي) ۲- ٻانهو، گولو * جيڪو هڪ پاسي خسيس ته ٻئي طرف اعليٰ آهي، جنهن جو ڏڙ ريڊيو ۾ سسي ٻاڪبري آهي. ۳- ولي وڃي، همراه رکي ۴- عام رواجي ماڻهو ۵- خاص يا اعليٰ يا افضل ماڻهن ٦- خرابي يا ٻڇڙائي يا ڏوه يا گناه ڪري ۷- ڳڻ يا خوبين هوندي ** جيڪي گناه سمجهيم ته زبان سان ڪيا اٿم. ۸- مهربانيون، ثواب *** خودي ڪڍي، ثوابن کي تڇ سمجهيم. ۹- منت، آزي نيازي، پرچائڻ لاءِ وسيلو يا شافي ڪري ÷ جڏهن خودي گم ٿي وئي ۱۰- گهڻو ۱۱- ننڍپڻ ۾، ٻالجتيءَ ۾ ۱۲- حاصل ٿيم، مليم ۱۳- سکن مان.

٢٦

اَلتِيَمِ[١] جا هينئان[٢]، سا نہ سَلِتيَمِ[٣] ساهَ کي،
سُپيرِيان جِي ڳالهڙِي، لِڪايَمِ رُوحان[٤]،
ويِئي مُون وَسان[٥]، پَڌرِ پيئي پِرينءَ ري.

٢٧

مُون تان لِڪائِي گهڻو، رُنَّ کي روشَنُ،
رَسيو ريزالَنِ[٦] کي، مَنجهان زَردِيءَ[٧] ظَنُ[٨]، *
ويرِي مُون[8a] وَرَنُ[٩]، ڳالهِ ڪِيائِينَ ڳُجَهہ جِي.

٢٨

عاشِقُ ٻانئين ايئن، تہ سِڪَ ڪنهن کي نہ سَلان،
وِچِ رَهَندِي ڪيئن،** وَهَنِ اَکيُون، وِرچِي[١٠] هينئُون[١١].

٢٩

اَندَرِ رَهي نہ گهٽَ[١٢]، سُپيرِيان جي ڳالهڙِي،
ڇاڳَرَ[١٣] سَهي نہ سَٽَ، جُهہ[١٤] مَهراڻَ[١٥] مَوجَ کي[١٦].

٣٠

لَکين سَئين[١٧] مَهراڻَ، آتي[١٨] سَبِ اُدَميا[١٩]،
سَڙان مَنجِهہ ئِي ماڻَ[٢٠]، ٻَهَرِ[٢١] ٻاڦَ نہ نِڪري.

٣١

"پاڻُ"[٢٢] پَڙدو پاڻَ کي، سُٽِي ڪَرِ سَنيالَ،
وِچان جو وِصالَ، سو تان هُئَڻُ[٢٣] هِنَ جو.***

١ـ الي ويس، نہ ٻڌايم ٢ـ هِنيئين کي، دل کي ٣ـ سليَم، ٻڌايم ٤ـ روح کان ٥ـ وسان، وس کان، هٿان، قبضي مان ٦ـ رذيلن، بدڪارن، ڪمينن ٧ـ پيلاڻ ٨ـ شڪ، گمان 8a ـ مُنهنجو * منهنجي منهن جي پيلاڻ ڏسي شڪ پيو. ٩ـ رنگ [زردي] ** ڳالهہ لڪل ڪيئن رهندي. ١٠ـ ڳري، ڦٽڪي، پريشان ١١ـ دل ١٢ـ نڙيءَ ۾ ١٣ـ ڍنڍ، سيٽاهہ، ٻڪري، ساندارو ١٤ـ جنهن ١٥ـ درياهہ ١٦ـ ڦوڪيو، ڇوليون يا لهرون هڻڻ لڳو ١٧ـ سوين، گهڻا ١٨ـ محو ڪري، ڳاري ١٩ـ اُدما ڏيارايا، اپاميا ٢٠ـ شل ٢١ـ ٻاهر ٢٢ـ هجڻ ٢٣ـ هجڻ موجودگي **هن (خوديءَ) جو هجڻ يا موجودگي وصال جي وچ ۾ رنڊڪ آهي.

٣٢

"پاڻُ" پڙدو پاڻَ کي، طالِبَ سُڃيجِ تُون،
نَہ ڪا ھا نَہ ھُون[١]، پَڙِدا سَڀِ پاسي ٿِيا.

٣٣

"مُون" مونھين[٢] ۾ سَپَجي[٣]، مُون کي "مُون" جُڳاءِ،
مونھين مَنجھان مُون ٿِيي، مونھين جي ساجاءِ[۴]،
ڪچڻ ڪانھي جاءِ، ڪيڏانھن ڪريان پَندڙو.

٣۴

اُنِھين[۴a] ايئن جُڳاءِ، آن[۴b] کي[٥] ايئن نَہ چَوَڻو،
يُنَ[٦] جنھن جي ذاتِ جو، اُتي آھِ اَللهُ، *
تُھَ[٧] نَہ پَچِي ماھُ[٨]، گُندِيءَ[٩] نينھن نَہ سَپَجي. **

٣٥

گُندِيَ نينھن نَہ سَپَجي، تُھَ نَہ پَچِي ماھُ،
ڪَچِيءَ پَرِ[١٠] ڪياءُ[١١]، ٿِيي سَماجوڳُ[١٢] سَڄَڻين؟

٣٦

نَظَر[١٣] نَزِديڪِيونِ[١۴]، سَھِي[١٥] نَہ سَگھان ساعَتَ سِيڻَ[١٦]، ***
پَسَڻُ پَرِي سَندون، آئون نالِي ڳِيڙُي[١٧] نِجُھران[١٨].

٣٧

علّتيءَ[١٩] آرامُ، پَسِي عِلّتَ[٢٠] آئيو،
حُسنَ جو حَقَ جو، سو خامي[٢١]! پانيين خامُ[٢٢]،
اَچِي ٿِيا اِسلامُ[٢٣]، ڪُفرُ ڪافِرُ پاڻَ ۾.

١ـ ناڪار، سوال پڇڻ يا نہ چوڻ جو آواز ٢ـ مون ٣ـ پيدا ٿئي، اُسري ۴ـ واقفيت، سڃاڻپ ۴a ـ انھن ۴b ـ اوھان ٥ـ اوھان کي، توھان کي ٦ـ اصل، بنياد، نهايت *. "آئون" چوڻ خدا کي جڳاءِ نہ انسان کي، ڇاڪاڻ جو سندس ذات اصلي آھي. ٧ـ تهن ۾ وجهڻ سان ٨ـ گوشت ٩ـ ان رڪڻ جي جاءِ ** جيئن تهن ۾ رڪڻ سان گوشت پچي ڪين سگهندو يا گنديءَ مان عشق نہ اپرندو يعني اها ڳالهہ ناممڪن آهي. تيئن خوديءَ ڪري خدا سان ملڻ ناممڪن آهي. ١٠ـ اڻ سهائيندڙ طريقي سان ١١ـ ڪيئن ١٢ـ ميلاپ، ملاقات ١٣ـ ديدار ١۴ـ هنن جو نزديڪ يا ويجهو ١٥ـ برداشت ڪري ١٦ـ تائين * دوست جي ديدار جو تاب نہ برداشت ڪري سگهان. ١٧ـ ڳٽي، ورتي ١٨ـ ڳران، سڙان ١٩ـ عادتيءَ، جنهن کي عادت هجي ٢٠ـ اها شيءِ جنهن جي هنکي عادت هجي ٢١ـ اي ڪچا! ٢٢ـ ڪچو ٢٣ـ خدا کي تسليم ڪندڙ، قبولدار.

٣٨

مُون ڪي مُون پِرِيَن، ٻَڌي وِڌو تارِ ۾،
اُيا اِيئن چَوَنِ، مَڇُرُ[١] پاندُ پُسائِيين.

٣٩

پِيو جو پاتارِ[٢]، سو ڪيئن پُسَڻَ کان پالهو[٣] رَهي؟
سالِڪَ مُون سيڪارِ، ڪو پَهُه[٤] اِنهِيءَ پاندَ[٥] جو.

٤٠

ڪَرِ طَرِيقَتَ تَڪيو[٦]، شَرِيعَتَ سُڃاڻِ،
هينئُون حَقِيقَتَ هيرِ[٧] تُون، ماڳُ مَعرِفَتَ ڄاڻِ،
هوءِ[٨] ثابوتِيءَ[٩] ساڻُ، تَہ پُسَڻَ کان پالهو رَهين.

٤١

ڪُوڙِي ڪِج مَ ڪَنڌِ ين، ڦڪي ياٺيج ڦانگَ[١٠]،
سارِي سناسِيَن جِي، لائِقَ! رَکِج لانگَ[١١]*،
تَہ چارِئِي چُنِيءَ[١٢] پاندَ، اوسا[١٣] ڳنهِي اُڪَرِين.

٤٢

سُتو ٿِي سيجَ گُهرين، جَفا ڏِيين نَہ جان،
صُلحَ رِيءَ سيڻان[١٤]، مَتان نُونڌِين[١٥] نَہ چَڙهين.*

٤٣

سُتوئِي سيجَ گُهرين، جَفا ڏِيين نَہ جِيءُ،
پَهَنِي[١٦] ڏاران پِيءَ[١٧]، مَڇُرِ نونڌِين نَہ چَڙهين.

١ـ متان ٢ـ اونهي درياه جي تري ۾ ٣ـ خالي، پري ٤ـ خيال، راز ٥ـ پلاند، دامن ٦ـ آڌار ٧ـ عادي ڪر ٨ـ هج، ٿي رهہ ٩ـ بقا واري، بقادار (خدا) ١٠ـ سڪل ٽاري ١١ـ لنگوٽي *(شهوت پرستيءَ کان پاسو ڪج) ١٢ـ پوتيءَ ١٣ـ سڪل، سڪا ١٤ـ انهن کان ١٥ـ بنديءَ، ڪنڌي، حساب * متان بدنام ٿيين يا سزا جو لائق بنجين ١٦ـ پرچڻ، راضي ٿيڻ، ريجهڻ ١٧ـ پرينءَ جي، محبوب جي.

٤٤

صُلحُ جَنِ سَجَڻَ سين، سيجَ ماڻيندا سي،
"اَلَّذِيْنَ آمَنُوْا وَ كانُوْا يَتَّقُوْنَ[١]" اِنَ پرِ[٢] اُيا[٣] جي،
نيئي نُونديُن تي، ڏِکي[٤] چِٽي چاڙهِيا.

٤٥

جي تِيا حَلُ حَبيبَ سين، سُمهَڻُ تَنِ ثَوابُ،
نيڻَ هيرائي نِندَ سين، خُوشِ ڪِيائُون خَوابُ،
اوسيئڙو عَذابُ، دِليان تَنِ دُورِ ٿِيو.*

٤٦

تَنُ تَسبِيحِ، مَنُ مَڻيُو، دِلِ دَنبورو[٦] جَنِ،
تَندون جي طَلَبَ جون، وَحدَتَ سِرُ[٧] وَڄَنِ،
وَحدهٗ لاشَرِيڪَ لهٗ[٨]، اِهو راڳُ رَڳُنِ،
سي سُتائي جاڳَنِ، نِندَ عِبادَتَ اُنِ جي.

٤٧

رُنِي[٩] جا رِهاڻِ، سا پِي[١٠] پَهَنِي[١١] نَہ ٿئي،**
ڪنهن ڪَرَ وِڌي ڪاڻِ، پاڻان نينهن نکيريو.

٤٨

رُسَڻُ نَہ آهي رِيتِ، پَهَنِي پاهَتُ[١٢] ناهِ ڪو،
پَسو مَنجِهہ پِريتِ، جَيهائِي[١٣] جوڙ[١٥] وَهي.***

١- اهي جن ايمان آندو آهي ۽ پرهيزگار يا ڊڄندڙ آهن (ق- ش) ٢- رستي يا طريقي تي ٣- بيٺل ٤- سينگاري ٥- لۓ * انهن جي دلين مان انتظار ۽ عذاب جو ڊپ نڪري ويو. ٦- تنبورو، وڄائڻ جو ساز ٧- ڳجهہ، اندر جو مطلب، اسرار ٨- هو (خدا) هڪ آهي ۽ سندس ڪو شريڪ ڪونهي ٩- رسي وئي، پري ٿي ١٠- اي محبوب! ١١- ويڪري، موڪري ** اي محبوب! هي جو وصال ۾ گهٽو ويچو پيو آهي سو شل اجا بہ وڌيڪ وڌو نہ ٿئي. ١٢- مناسب، لائق، صلح، لاه، محبت ١٣- جيئن ١٤- دنيا، جڳ. *** جيئن دنيا جو دستور آهي.

وائي

ڪِي اُنهِين مَنجهه آهي، هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

اِنَ دَرِ سيئِي اَگِهيا، جَنِ ڪي ڪونَہ چِتائي،*

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

ڏارِيان[١] يائِنِ ڏارِيُون، پاڻُ پِريان سينَ ڪائي،

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

"اِنَّ اَوْلِيائِي تَحْتَ قَبائِيْ"[٢] پنهنجا پاڻَ پَراهي[٣]،

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

"لا يَعْرِفُهُمْ غَيرِي"[٤] پَرَ[٥] ڪي ڪِين پسائي،

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

پَنهنجِي[٦] ڇَڏي پَٽَ ۾، رِڙهُ اُنِين جي رائي[٧]،

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

خِدمَتَ ڪَرِ خُلقَ سين[٨]، پاندُ ٻَڌِيءَ ۾ پائي،

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اِتاهِين ڪِي آهي،**

هُو جي جُهونا پَسِجَنِ جُهوپِڙا.

---

* جن ڪي ڪو هن دنيا ۾ اهميت جي نظر سان ڪونہ ڏسي. ١- ڌاريان، اوڦنو ٢- تحقيق منهنجا اوليا يا دوست منهنجي قبا يا چوغي هيٺ لڪل آهن (حديث) ٣- ڍڪائي ٤- مون کان سواءِ اوليائن کي ٻيو ڪوبہ ڪونہ ٿو سڃاڻي (مٿين مصرع ۾ آيل حديث جو ڀاڱو) ٥- ڌارين، اوڦنو ماڻهن ٦- پنهنجي مت يا راءِ ٧- راءِ، مرضي، رستو، راهہ ٨- ڪلمڪ ٿي، خوش خلقيءَ سان ** انهيءَ (خدمت) مان ئي ڪجهہ روحاني ترقي حاصل ٿيندي.

سُرُ رِپَ

سر بابت

رپ نالي ڪابہ راڳڻي ڪانهي. رپ جي معنيٰ آهي وڏي پربت جيڏي آفت يا اهو دشمن جنهن جي ڏسڻ سان هينئون هارجي ۽ دل دهلجي وڃي. جيئن تہ هن سر ۾ ڦوٽائي ۽ جدائيءَ جي غم جو ذڪر ڪيل آهي، تنهن ڪري جدائي جي غم کي رپ سڏي هن سر تي اهو نالو رکيو ويو آهي. هيءُ سر، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي جي ٽنهي جلدن ۾ ڪونهي. بمبئيءَ واري ڇاپي ۾ گھٽائي ڪچا ڦڪا بيت ڏنل آهن جن مان پهرئين داستان ۾ چار بيت، نمبر ١٥، ١٦، ٢٤، ٢٨، ۽ ٻئي داستان مان ڇهہ بيت (١ کان ٦ تائين) کنيا ويا آهن ۽ باقي نظرانداز ڪيا ويا آهن. سرڪاري ڇاپي جي ٻئي داستان ۾ ۴ وايون ڏنل آهن جن مان ٻہ (نمبر١ ۽ ٣) سسئي جي قصي سان ٺهڪي اچن ٿيون تنهن ڪري هتان خارج ڪيون ويون آهن ۽ ٢ نمبر وائي هتي پهريون نمبر ڪئي ويئي آهي ۽ منجهانئس جيڪي ٣ مصراعون ڊاڪٽر ٽرمپ واري ڇاپي ۾ نہ آهن ۽ جن مان هڪ "ميمڻ" جي ڇپيل آهي، سي ترڪ ڪيون ويون آهن.

مضمون

هن سر ۾ وره جا ورلاپ، ڦوٽائي ۽ فراق جا آلاپ نهايت رقت رنگيز نموني ۾ ڏنا ويا آهن. هن سر ۾ عاشق فراق جي گوندرن ۾ غرق هئڻ ڪري، مشاهدي ماڻڻ لاءِ پنڌڙو ڪرڻ پاڻ تي لازمي سمجهي، ڪارون ۽ پڪارون ڪري، اندر جو حال اوري ٿو.

روحاني راز:

ڪانيءَ کي سر کان جدا ڪري، منجهس سوراخ ڪيبا، تہ بانسري بنجي پوندي ۽ ان کي ڦوڪڻ سان ڪئين سريلا ۽ درد ڀريا آواز ڪيي سگهبا. بانسريءَ مان اهڙيون درد ڀريون دانهون ۽ فراق جون آهون، تڏهن نڪرن ٿيون، جڏهن کيس اصلي ماڳ کان وڍي ڌار ڪجي ٿو. جيڪڏهن کيس وڍي، مڇو ڏيئي نہ سلبو، تہ هزارن حيلن ۽ ڦوڪن سان هڪ آلاپ بہ نہ نڪرندو. روح کي بانسريءَ سان مشابهت ڏيئي مولانا روميءَ مثنويءَ ۾ سمجهايو آهي، تہ روح رب کان جدا ٿيڻ تي بانسريءَ وانگر فراق ۾ پيو ڪارون ڪري. شاه هن سر ۾ اها تات تنواري آهي.

هن سر ۾ هڪ سالم سالڪ جو روح، رب کان ڌار ٿيڻ تي، آه و زاري ڪري ٿو. هو جيڪي وڇوڙي جون درد ڀريون دانهون ڪري ٿو ۽ هنجون هاري ٿو، سي پڙهندڙن کي

نہ فقط گھائيندا ھيون، پر منجھن مخفي الاھي عشق کي پڻ پرڪائيندا ھيون. پڙھندڙ کي معلوم ۽ محسوس ٿيندو تہ آءٌ ڪھڙي اعليٰ آستان مان نڪري ڪھڙي نہ ادنيٰ آستان ۾ اچي پيو آھيان ۽ ڪھڙين سعادتن کان ڇڄي ڪھڙين پليدگين ۾ اچي ڦاٿو آھيان.

جڏھن سدوري سالڪ کي اھا سمجھ ايندي، تڏھن ھو ويجھڙائي ۽ وصال لاءِ واجھ وجھندو ۽ فرش تان وري عرش ڏي اڏامڻ جي ڪوشش ڪندو.

سُرِ پَ

داستان پهريون

١

گوندرَ ڪيو غرق، ماءُ منهنجا جيندڙو،
ڏکوين مرڪ[١]، متي سگر[٢] پندڙو.

٢

گوندرَ گذياس صحت نيئڙيم جيتين،
مادرِ! مارياس، قوڙائي[٤] پرينءَ جي.

٣

گوندر هَٿ پير، وِرِهُ[٥] منجهين[٦] وَهتو،
ڪُڙهِ[٧] ۾ قطارون ڪري، سُورَن لايا سير[٨]
مون جيهي[٩] گهاري ڪير، هيڪلي ريءَ سڄڻين.

٤

اُتي[١١] جيئن موزِن[١٢] اوير[١٣] وَلهارَن[١٤] ۾
سا پر گوندرَ ڪن، جهه[١٥] قوڙائو[١٦] سڄڻين.

١- لائق ٢- رستي، راه ٣- وِلي ويو، تباه ڪئي ٤- جدائي، فراق ٥- غم، عشق ٦- اندر ۾، ثي ٧- ڪک، بدن ٨- رشتا، گس ٩- جيان، وانگر، مثل ١٠- ڪان سواءِ ١١- ميهن وئي ١٢- اپرن، نڪرن ١٣- اوير، فصل، گاه، بوٽا ١٤- غيرآباد زمين ۾ جتي جهنگلي وڻ ٽڻ ۽ بوٽا قدرتي طرح اپرندا آهن. ١٥- جلهن، جيڪڏهن ١٦- جدائي، فراق، وڇوڙو.

۵

لائي جو وِيا، سو مَنجھِين تو مَجُ پَري،
سو اُجھامي ڪِئا[1]، جنھن سوريندڙ[2] سُپرين.

٦

ڪَهَڻُ[3] تہ ڪَچائِي، سُورَ نہ سانديَڻُ سُترا[4]،
اَچا تَہ، آئِي! ڏِيلَ منھنجِي ڏُڪَ سين *

۷

جيئن سو تَئِيءَ تَرو، ڪامي ڪوري وِچ ۾،
مُون کي ڏِنو سَجَڻين، مَنجھان سڪَ سَرو[5]
ور جھِيٽو اِيءَ[6] بَرو، مر قُورانُو[7] سجڻين.

اُيرِيام اَنگُورَ[8]، سُتي سُپيرِيَن جا،
ڪاپُوءَ ڪايو سُورَ، لُڇيو لوچِيو[9] اُتيان.

۹

ڳِرِن ۾ ڳَرهيج رِوئِي ڪِج، مر پِڏِرا،
تان سوران ئي سَهيج، جان[13] لاهيندڙُ ڪو لَهِين.

۱۰

ڳَرا[14] ۾ ڳجھو روءِ، پِڏر وِجھ ۾ پِرِينءَ ڙيي،
سُورَنِ سَير[15] هُوءِ هِينئڙا ڪَمر[16] ڪَنن[17] جيئن **.

۱- ڪِئان، ڪيئن. ۲- چوري زور وٺائيندڙ. ۳- چون. ۴- سولا، آسان. * اي مائي! اچا تہ غم منهنجي جسم سان آهي. ۵- عشق جي شراب جو چڪو ٦- بهتر، چڱو ٦a- اهو ۷- بخار، ساڙو (برہ جي باہ) ۸- ڏک، ڦٽ ۹- ڳوليو، لوڙيو، ڦٿڪيو، پاسا ورايو ۱۰- ڳجھ ۱۱- سورن جون ڳالهيون ڪج، اورج ۱۲- تيستائين ۱۳- جيستائين ۱۴- ڳجھ، اندر ۱۵- چڱي طرح، وڌو، تلهو ۱٦- نيلوفر يا پبڻ جي پاڙن جنهن آبي ٻوٽي ۾ ڪوٽيون ٿين ٿيون، ڪيم پران ئي ٻوٽي (ول) مان حاصل ڪيا ويندا آهن. ڪوٽيون پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ظاهر ٿين ٿيون جڏهن تہ ڪمر ورن وڪڙن وارين ڏانڊين سان ٻوٽي جي پاڙو وٽ هوندو آهي پر پاڙ ناهي۷. ۱۷- اونهي پاڻيءَ
** جيئن اونهي پاڻيءَ ۾ پاٻوڙن جو پاڙون تلهيون هونديون آهن، تيئن تون بہ غمن جي غلبي ڪري متارو ٿيءُ.

١١

لاهه مَ پَچارانِ[١]، سُکِ مَ سُمهُ جِندَڙا،
ڪَرَ[٢] جهورِي ڪِيٽانِ[٣]، ڪالهوٽا[٣a] اَجُ گهٽِي.

١٢

جهجِي[٤]، جهانءِ[٥] ڪَرِي، مَاٽ نہ اَچِي مُون هِينئِين،
سَجڻُ سي ساري، هو جنئِين جو هيرِئُون.

١٣

جهورِي، جهجَڻُ، جهانءِ[٦] مُون جَنِين جِي نہ لِهِي،
آئِلِ اِيئَن مَ ياد، ڪِ اُتُون جيئندي اَن رِي.

١٤

جانءِ تہ سَجو ڏِيهن، هِيسَڙو اوتِي وَڳ جيئَن،
مُون پِريان سين نينهن، جِئَنَ[٧] ڪارَڻُ ڪونہ ڪيو.

١٥

لاهِيان جي نہ چِتان، آلا اُن مَ وسران،
مَرِهِيو مَنجهاران، جِيءَ مَنهجو جن سين.

١٦

پَلُ پَلُ ۾ پَلِيانسِ، پَلُ نہ رهي پِرِين رِي،
جيئَن جهورِيءَ کان جهِليانسِ، جِهجِيو تيئَن جهرِيَ پوي.

١- هنن کي پچارِ تان، هنن جي تات. ٢- جڻ تہ، گويا ٣- انهن کي ٣a- ڪالهوڪيءَ کان ٤- روئي، پاٽي هاري ٥- روح راڙو ٦- هريل، هيرايل ٧- ايئن ٨- هِڪ هَندَ، قرار ٩- ڏڻ، ولر ١٠- اندران.

١٧

ڪَڪَرَ مَنجهه ڪَپارَ[١] جُهڙُ نيٽنُون[٢] نه لهي،
اَڄُ منهنجي چِتَ ۾، اُتا[٣] پِرين اَپارَ،
آءُ، سَڄَڻَ! لهُ سارَ، وِرهَ[۴] ويڙهِي آهِيان.

١٨

مون مَنجهيئي مينهَن، ڪوهه ڪرينديَس ڪَڪَرين؟
سَرَلو سارو ڏينهن، مون پِريان جو نه لهي.

١٩

ستي سَنيريومِ، ڪو ڳڻُ ٻاروچَنِ جو،
ڪَنڌِ وِهاٿو پنو، هَرِيو[٨] هَٿُ ٿِيوم،
سَڄَڻُ ياد پيوم، جاڙَ[٩] جيان تي جيڏيون.

٢٠

سَڄَڻَ سَنيريامِ، پيَمِ ڪَرَ ڪَپارَ ۾،
جِهڙِي تهَڙِي حالَ سين پِرين نه وِسَرِيامِ،
هَرِيا هَٿَ ٿِيامِ، نيٽَنِئُون نيرُ وَهي.

٢١

سَنيريو جِيان، ڳالهيون پِريَمِ[١٠] تنهنجون، *
ڳڻَ ڪيترا ڳڻِيان، تورَنِ مَتو[١١] ناهِ ڪو.

١ـ نرڙ، مٿي، سر ٢ـ نيٽن يا اکين مان ٣ـ وسيا، ياد پيا ۴ـ عشق، برهه، غم ٥ـ چا ٦ـ جهڙ، ملار (يادگيري) ٧ـ ياد پيوم ٨ـ آلو، پنل ٩ـ اجايو ١٠ـ اي منهنجا پرين! * اي منهنجا پرين، تنهنجون ڳالهيون ستياريو پئي جيان ١١ـ حد، شمار، ڇيڙو، سرو.

٢٢

جِہ[١] سي سَنيرجَنِ، سَھَ[٢] تَنين ڦِين اوريان[٣]،
لُونءَ[۴] لُونءَ هيٺِ وَڄَنِ، رَڳُون رَبابَنِ جيئن.

٢٣

چَتُرُ[٥] رَهي نہ چِتَ[٦]، ويٺين[٧] واڳيو[٨] نہ رَهي،
رَئيءَ[٩] لَئِجي نِتَ، هينئڙو واتَ-وِرِکَ[١٠] جيئن.*

٢۴

چَتُرُ رَهي نہ چِتُ، سُوران[١١] صَبُرُ نہ ڪَري،
سَڄَڻَ ساري نِتَ، ويڳاڻو ٿِيو وِجُهلي[١٢].

٢٥

چوري چوري چِتُ[١٣]، مان ويئيءَ وِهاڻِيءَ[١۴] نِڪِران،
تنهن گُهرائي نِتَ، پِريان سَندي پيرَ[١٥] ۾.

٢٦

چِيتاريان[١٦] چُڻُڪَنِ[١٧]، سَنياريانِ سَهي[١٨]،
اَندرِ رُوحَ رَهي، مون کي صُورَتَ سُپِرينِ جي.

٢٧

چِيتارِيانِ چُڻُڪَنِ، وساريانِ نہ وِسَري،
ويرو تارَ[١٩] ڏُکَنِ[٢٠]، سَڄَڻَ پَکِي- هَڏَ جيئن.**

١- جذهن، جيڪڏهن ٢- پساهہ، دمہ (اندر جون ڳالهيون) ٣- ونديان، ڪريان ۴- بدن جي نَنڍين وارن ٥- هوش وارو، رِيڌل ٦- دل، من، اندر ٧- طعنن، ملامت ٨- پڌل ٩- دز، لٽ ١٠- وڻ *جدائيءَ ڪري دل قرار نہ آهي ۽ دوستن جي ٽوڪن ڪري بيقرار آهي. دل ائين غم جي غبار سان پرجيو ويجي جيئن رستي جو وڻ آمد رفت سبب مٽيءَ سان پرجي ويندو آهي ١١- سورن کان ١٢- روح راڙو ڪري، پريشان ٿيڻ ١٣- دل کي دلاسا ڏئي سڌير ڪري ١۴- اسُر جو، پريات جو ١٥- گس، پيچرو ١٦- هنڪي ياد ڪريان ١٧- ڦٽ ٽيڻديون ڪري وهن ١٨- برابر ١٩- هميشہ ٢٠- سُورُ ڪَنِ، ڏک پيدا ڪن، ياد پون، هرن ٿا ** سڄڻ هميشہ پکل هڏي وانگر (سور ڪرائڻ سبب) ياد رهن ٿا.

۲۸

چيتاري[۱] چُونديِاسِ، ٻَالِهيُون سَيوِئي سَجَڻين،
جُهه[۲] مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَڀِ وَڃِنِ وِسَرِي.

وائي

جو نَوازِي ڏڏ، آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي،
ويهُ داتا جي دَرَ تي لَنگها[۳] لاهي لَڏَ[۴]،
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.
اوڏايان[۵] اوڏو گهڻو، ڪِهڙا ڪَرِيين سَڏَ،
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.
اَنگِلِين[۶] کي اوڏو وِهي، گندا[۷] ڪَري گڏ،
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.
ڪِهڙا جڏَ[۸] جڏوِئِيين[۹] جُودَ[۱۰] مَهندان[۱۱] جَڏ!
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.
اَڳِيان عَجِيبَنِ جي، اَهُڪا[۱۲] ٻَڌَڻُ مَڏَ[۱۳]،*
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.
آدَمَ ٽِتائِين اُپيو[۱۴]، هُوءَ جا ڪَڇِي مَنجهان ڪَڏَ،**
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.
اَوِليءَ[۱۵] ۾، عَبدُاللّطِيفُ چي، سَڃَڻُ ڏِيندو سَڏَ[۱۶]،
آسَرَ لاهِ مَ اُنَ جِي.

۱- چت تي رکي، ياد ڪري ۲- جلهن ۳- مگڻهار، فقير ۴- سازو سامان ۵- اوڏيان، اوري ڪان، ويجهي ڪان ٦- ناز يا ماٺو ڪندڙن ۷- خراب، ڪنا ۸- عيب ۹- ڇڏيندين ۱۰- سخا ڪندڙ ۱۱- اڳيان ۱۲- مشڪل ۱۳- ڪکن ۾ ڪانين جا لهيل وڏا ترها، نقلي ڪتولا *محبوب جي هوندي ٻين جو آڌار ۾ ٽيڪ ڳولڻ عبث آهي. ** مٽي، جيڪا ڪڏ مان ڪڍي آهي ۱۴- پيدا ٿيو ۱۵- (سَوَليءَ جو ضد)، ڏکئي وقت ۱٦- واهر ڪندو، فرياد ٻڌي عرض اونائيندو.

داستان ٻيو

١

سَڄَڻَ سان نہ ڀيٽَ، ڳُجھ ڳِرھيان[1] ڪَنِ سين،
ڳالِھيون اِنھِيءَ ريٽَ[2]، سَلا ٻَڌِي مورِيُون[3]. *

٢

ڳالِھيون پيٽَ ورَنِ ۾، وَڏِي وَڻُ ٿِيُون،
ڀَرَ[4] سين مُون نہ ڪِيُون، گوشي[5] پِرين نہ گَڏِيا.

٣

ڏِوليو وِيئڙو ڏورِ[6]، تي[7] ٿِي سِيءَ گُذارِيان،
مادرِ! مُون مَ ڇورِ، نہ تہ پَڌَر پُوندِيَسِ پِرينءَ ري.

٤

وِيو ٻاروچو نِڪِري، اَنگھُنِ[8] چاڙھي اَنگُ[9]،
روئِي، ڏِنَمِ رَنگُ، وِيچارَنِ وَٽَن ڪي.

٥

ٻاھَرِ لَڳھُ[10] نہ ڪوءِ، اَندَرِ جھورِ[11] جُھڙُ وَھي،
وَسائِيندِي وِڄُڙِي، حُبَ جَنِين کي ھوءِ،
لالَنِ جَنِين لوءِ[12]، سي اوڳائِينِ[13] نہ اَکِيُون.

١- اوريان ٢- درياه جي پرسان ڪچي زمين ٣- ڦلاريون، اُپريون * دل ۾ ڳالھيون تمام گھٽيون اچي گڏ ٿيون آھن. ٤- ڏارين، پين ٥- ڪنڌ ۾، اڪيلو ٦- نھر جو نالو؛ دور، پري ٧- تنھن ڪري ٨- ڦاسيءَ ٩- عضوا، جسم ١٠- ڪڪر ١١- تمام گھٽو ١٢- مھٽي (ھٽ ھٽي ڪپڙن جي استري وغيره بگيڙڻ کي لوئڻ چئبو آھي)؛ وطن ١٣- موڳيون ڪن، غافل ٿين.

٦

مُون تان لاهِ مَ، سُپِرينَ! اَکِيُن جا آگمَ[١]،
ڪَري مَلارُ مينهن جيئن، وَسِي لاهِ وَهَمَ[٢]،
تو ڏِٺي مُون غمَ، ڏينهَن جا ڏورِ ٿِيا.

٧

نيڻَ نہ نِندبون ڪَنِ، ڀڳو آرَسُ[٣] اَکِيِن؛
اُجهامِيو ٻَرَنِ، توکي سارِيو سُپِرين!

٨

سَئين نہ سيٽانِ[۴]، ناهِ اُبَتِي اُنِ سين، *
ونءُ سَهِي وِپٽانِ[٥]، تو نہ سَرَندِي تَنِ ري.

٩

گولِي[٦] ۽ گُونِي[٧]، پِرين پَٽائِين[٨] گَجَ جيئن،
جي مَنَ مَجُوني[٩]، سي ڪيئن وِجَنئِي وِسَرِي؟

١٠

اَندَرِ آندَرِيُون[١٠]، جيئن سي وانجِهيءَ[١١] لَٽِ ۾،
مُون تَنَ تيتَرِيُون، تہ "ڪيئن مِلبو سَجَّڻين؟"

١١

جيئن سي ڪُوهِيءَ نارَ[١٢]، وَهَنِ وارِيءَ گاڏُئان، **
هينئڙو پِرِيان ڌار، نِبيرِيانس[١٣] نَہ نِبري.

١- جهڙ ٢- وسوسا، خيال، غم ٣- سستي، ننڊ ۴- هنن ساڻ * (تون سمجهين ٿو تہ) محبوب توسان سڌو يا چڱو نٿا هلن پر حقيقت ۾ اها اجائي ۽ ابتي روش نہ آهي ٥- وچ ٦- چريل، رنگ ڏنا ٧- گوناگون، گهڻن رنگن واري ٨- پٽ جي ٩- شوخ ١٠- ڪانيءَ جو ڳپ ١١- ونجھ جي، وانجهيل، پوري، ڪوڪلي. ١٢- کوه تي چڙهيل نار ** جيئن ڪچي کوه تي چڙهيل نار مان واري گڏيل پاڻي نڪرندو آهي ۽ ان کان جدا نہ ٿي سگهندو آهي. ١٣- جدا ڪيانس.

١٢

سَبِرَ[١] سيءُ پِيو، نہ مُون سوڙِ[٢]، نہ گبَرو[٣]،
نَہ مُون ڪانڌُ، نہ قُوتُ ڪِي، جويَن[٤] وَهِي[٥] ويو،
تَنِين حالُ ڪِهو[٦]، نِڌَرَ[٧] جَنِين نِجُهرا[٨].

١٣

اُتَرُ اوتُون ڏي[٩]، نَہ مُون سوڙِ، نہ گبَرو،
سِيءُ ساڙِيندو سِي، جَنِين نِڌَرَ نِجُهرا.

١٤

اُتَرَ ڏِنِي اوتَ، نہ مُون سوڙِ، نہ گبَرو،
چارَئي چُنِيءَ پوتَ[١٠]، مون ريڙهيندي راتِ گئي،*

١٥

نينهن نِهائِينءَ جان، ڏَڪِيو ڪوهُ نہ ڏَڪِيين،
جَرَ[١١] جيري جَڏِي، تہ ڪيئَن پَچَندا تان؟
سَندِي ڪُنياران، ڪَنِ ڪَريجا[١٢] ڳالهڙي.

١٦

نينهن نِهائِينءَ جيئَن، ڏَڪِيو ڪوهُ نہ ڏَڪِيين؟
جَرَ جيري جَڏِي، تہ رَڃ[١٣] پَچَندا ڪيئَن؟
تُون پِڻِ ڪَرِيجِ تيئَن، جيئَن ڪُنيارَ ڪَرِنِ ڪَمَ سين.

١- مضبوط، گهٽو ٢- سوڙ، گاديلو ٣- رلي، گاديلو ٤- حسن، جواني ٥- شادي ڪرڻ ڪانسواءِ ٦- ڪهڙو ٧- ضعيف، غريباڻا ٨- جهوپڙيون، گهر ٩- زور سان لڳي ١٠- پوتيءَ جا پلاند * پاڻ کي گرم ڪرڻ لاءِ چريل پوتيءَ جا چارئي پلاند يا ڪندون پٽي چڪيم ۽ ائين ڪندي رات گذري وئي. ١١- باه، آگ ١٢- بدج، خيال ۾ رکج ١٣- ٿانو، برتن.

۱۷

نِهائِينءَ کان نِينهُن، سِڪُ، مُنهنجا سُپِرين!
سَڙِي سارو ڏينهن، ٻَهَرِ ٻاڦَ نَہ نِڪِري.

۱۸

نيڻَ نِهائِينءَ جان، سُتِي لوڪَ ڏِکِيان،
اُجهامِيو ٻَران، توکي سارِيو، سُپِرين!

۱۹

ڪِين[۱] جو ڪُنيارَنِ، مِتِيءَ پائي مَنِيو[۲]،
تنهن مان تِرَ جيتِري جي پُوِي[۳] خَبَرَ ڪَرَنِ[۴]،
هِي[۵] تان هُوندَ مَرَنِ، هُنِ[٦] اَڳُڻِ اوراتو[۷] تِڻِي!

وائي

سَرَتيُون! سَگَيٽيُون[۸]! ساريان[۹] پير[۱۰] پِرينءَ جو،
مُون پنهنجي پِرِينءَ سين، ڳُجهيُون ڳالهڙيُون،
ساريان پيرُ پِرينءَ جو.
ڳالِهيُون پِرِيَم![۱۱] تنهنجُون، وَڏِي وَڻُ ٿِيون،
ساريان پيرُ پِرينءَ جو.
گوشِي پِرِين نہ گَڏِيا، ڪَرَ[۱۲] سين مُون نہ ڪِيُون،
ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

۱- ڪجهه ۲- ڳوهيو، ملايو ۳- پٽي، پوي ۴- گٿمن، خبيثن، رقيبن ۵- هي يعني ڪنير ٦- هنن جي يعني خبيثن جي ۷- روح راڙو، غم ۸- سگَ واريون، مائٽياٽيون ۹- ياد ڪريان، سنياليان ۱۰- گس ۱۱- اي منهنجا پرين! ۱۲- گٿه (شيطان) رقيب.

لالائِـيءَ[١] جي لوءِ[٢] ۾، سارِي راتِ سَيُون[٣]،

ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

توبهَ آهي تَنِ کان، جي هَتان مُون تِـيُون[٤]،

ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

مون کي ڏي نہ مُنهن ۾[٥]، جي مُون کاڻهِ ڪِيُون،

ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

اَرِتو[٦] اوتَڻُ[٧] سِکِيُون، عادَتَ اَکَڙِيُون،

ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

منهنجا ڪَمَ ڪَرِيمَ تي، ٻيا ڪَنِ ٻِـيون،

ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

اَلا عَبدُاللّطِيفُ چي، صاحِبَ ڪِجِ سَيُون[٨]،

ساريان پيرُ پِرينءَ جو.

١ـ ڀرم، حيا، سرخروئي ٢ـ ملڪ ٣ـ اتي مان ناهيل ڪاڏي جو قسم ۴ـ گناه مون ڪيا ٥ـ طعنو نہ هڻي ٦ـ رت گاڏڙ، ڳاڙهو ٧ـ وهائڻ ٨ـ سَنيُون، سڌيون يا مراديون سڀ ڪم سولا ڪج، مشڪل آسان ڪج.

سر ڪاهوڙي

سر بابت:

هن نالي سان ڪا هندستاني راڳڻي ڪانهي، تنهنڪري ڀانئجي ٿو، ته مضمون مطابق مٿس اهو نالو پيو آهي. 'ڪاهوڙي' جي معنيٰ آهي جبلن ۾ ڏٽ ڳوليندڙ، يعني ڏوٽي. نانگ ڪي منڊي ڦاسائڻ وارن کي به ڏوٽي چوندا آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي ۾ هيءُ سر ڪونهي. ترمپ توڙي سرڪاري نسخن جي پهرين داستان ۾ هڪ وائي ۽ ڀاويهه بيت آهن، جي سمورا قائم رکيا، بمبئي واري ڇاپي مان بيت نمبر ١، ١٥، ١٨، ٢٣ ۽ ٢٨، اضافو ڪيا ويا آهن. ٻئي داستان مان هڪ بيت ٽپائي پهرين داستان ۾ ٨ نمبر هيٺ ڏنو ويو آهي.

مضمون:

هن سر ۾ سيلاني فقيرن جون صفتون بيان ڪيون ويون آهن. ڪاهوڙي انهن اٽل ارادي ۽ مستقل مزاج وارن فقيرن کي چوندا آهن، جيڪي جبلن ۾ نانگن کي مرليءَ سان موهي ۽ منڊي پنهنجي قبضي ۾ آڻيندا آهن ۽ ڏٽ تي گذران ڪندا آهن. نانگن ڦاسائڻ لاءِ کين ڪئين ڪريون ۽ ڪشالا ڪڍڻا پوندا آهن.

روحاني راز:

شاه هن سر ۾ سالڪ کي ڪاهوڙيءَ سان مشابهت ڏئي ٿو ۽ غفلت ڇڏي ڏٽ ڏورڻ لاءِ ڪمر ڪشڻ جي هدايت ٿو ڪري. ڏٽ مان مراد آهي روحاني خزانو يا الاهي عشق. عشق جي منزل اڙانگي آهي، جيڪو انهيءَ ميدان ۾ پير پائيندو تنهن کي مشڪلاتن ۽ مجاهدن جو مقابلو ڪرڻو پوندو؛ تن کي تسيا ڏيئي، نفس کي ماري سڀ ۾ سبحان سوجهي لهڻ جي پاڻ ۾ طاقت پيدا ڪرڻي پوندي.

هن سر ۾ شاه 'لامڪان' جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ ڀڪي به پير ڪونه پائين ٿا؛ پر صرف صالح ۽ عالم سالڪ پهچي سبحان سوجهي لهن ٿا. لامڪان انهي صوفيانه منزل جو نالو آهي، جيڪا سالڪ معرفت جي منزل تي پهچڻ بعد حاصل ڪري حق جي ويجهو ٿئي ٿو. اها اُها جوءِ آهي، جا 'سٺي نه ٻڌي.'

سالڪ کي سنجهي سعيو ڪري، سنڌ سنواري ۽ سبحان ساري سپرينءَ ڏانهن سفر ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ويسرو ٿي وهندو ته واحد جو مشاهدو ڪيئن ماڻي سگهندو؟ جيڪو هن سناٽي سفر لاءِ سنبرندو، تنهن کي ڌن دولت ۽ ٻيا دنيوي تعلقات ترڪ ڪري، ڌڙ کي ڌوڙ ۾ گڏي، ڳهيلي لوڪ جون ڳالهيون نظر انداز ڪري؛ ڪامل ۽

ڪامل مرشد جو پلاند پڪڙي، ساجهر سندرا پڌي، پراهينءَ پند پرٿو پوندو.

هن سر ۾ شاهه 'ڪپيريءَ' يعني اهڙا واٽ جا عام رواجي انسان گمراهيءَ جو گس ڪري ليکين ٿا، تنهن جو ذڪر ڪيو آهي. ڪيترا ظاهر پرست زاهد، مجذوبن ۽ ٻين قسمن جي الله لوڪن ۽ سندن طور طريقي تي اعتراض ڪندا آهن. شاهه انهن کي هدايت ٿو ڪري ته هنن تي ٽٽوليون نه ڪريو. هنن انهيءَ واٽ وٺڻ سان محبوب جو مشاهدو ماڻيو آهي. مولي مرڪز جي نقطي مثال آهي ۽ ماڻهو محيط مثال سندس اردگرد آهن ۽ سيڪو رستو وٺس پهچڻ لاءِ کليو پيو آهي. ڪواٽ انهي واٽ کان بهتر آهي، جنهن ۾ پرين پسي نه سگهجي. مولانا رومي به مثنويءَ جي پهرين دفتر ۾ الله لوڪن تي اعتراض نه ڪرڻ لاءِ هدايت ڪري، طوطي ۽ لوڙهي فقير جي هڪ آکاڻي تمثيل طور ڏني آهي.

سُرُ ڪاهوڙي

داستان پهريون

١

ڪاهوڙينِ[1] خَفيءَ[2] سين، سُوجهي[3] لڌو سُبُحانُ[4]،
عاشِقَ اِهڙي اَڪرين، لَنگهيا لامَڪانُ[5]،
هُوءَ[6] ۾ گڏجي هُوءِ ٿيا، بابُو[7] جي بِريانُ[8]،
سَيوئِي[9] سُبُحانُ، آيو نَظَرُ اُنهنِ جي.

٢

مُون سي ڏِٺا ما[10]، جَنِين ڏِٺو پِرينءَ کي،
ڪَري نَہ سگهان ڪا، اُنين سَندِي ڳالهڙي.

٣

مُون سي ڏِٺا ماءِ، جَنِين ڏٺو پِرينءَ کي،
رَهِي اَچِجي راتڙي، تَنِ جُنگَنِ[11] سَندِيءَ جاءِ،
تَنِين جِي ساجاءِ[12]، تُرَهو[13] ٿِئي تارِ[14] ۾.

١ـ سيلاني فقير ٢ـ خفي، ذڪر جو لڪل طريقو ٣ـ ڳولي ۴ـ الله ٥ـ مڪان جو ضد لامڪان (٧ ۽ ٨ بيت ۾ وڌيڪ بيان آهي) ٦ـ الله ٧ـ فقير ٨ـ پڪل، پڳل (عشق ۾ رڇي رينو ٿيل) ٩ـ سيڪنهن شيءِ ۾، هر هنڌ ١٠ـ اي ماءُ! امڙ! ١١ـ بهادرن ١٢ـ صحبت، واقفيت ١٢ـ ترڻ لاءِ ڪکن جو موڙو، آڌار، ٽيڪ ١۴ـ درياه.

٤

وِيُون پَبِ پَٽِي[١]، ڪِيرون[٢] ڪاهوڙِيَنِ جُون،
آئُون تَنِ ڏوٿِيَنِ[٣] جو، پُڇان پيرُ، پَهِي[٤]،
رُڃُنِ راتِ رَهِي، ڏونگَرَ جَنِ ڏورِيا.

٥

پاران[٥] پُڇِي آءُ، خَبَرَ ڪاهوڙِيَنِ جِي،
تہ ڏوٿِيَنِ ڏونگرانءُ[٦]، ڪَنهن پَرِ[٧] ڏورِيو ڏُٺَ ڪي.

٦

تُون هَڏِ[٨] ڪُجاڙِيا[٩]، سَنجهي سَعيو نہ ڪَرِين،
سَوارا[١٠] سَنبَ[١١] ڪَٽِي، ڪاهوڙِي وِيا،
آڻِيندين ڪِٿا[١٢]، ڏُٺُ ڏوراڻِي ڏيهَ جو.

٧

هُو ڏوٿِي، هو ڏينهن، هُو ڏُونگَرَ، هُو لَڪِيُون،
ڪنهن جنهن لُڌا نينهن، پُٽا لُوسَنِ لَڪَ ۾.

٨

ڏيهَ ڏيهائِي ناهِ، جِتي پيرُ نہ پَکِيان، *
تِتي ڪاهوڙِيان، وَرَ ڏِيئِي[١٣] وَڻَ چُونڊِيا[١٤].

١ـ پب جبل ڏي ٢ـ قطارون ٣ـ ڏٺ تي گذران ڪندڙ، فقيرن ٤ـ اي قاصد! اي مسافر! اي واٽهڙو ٥ـ طرفان، پاسي کان، پريئين پارَ کان. ٦ـ ڏونگر مان ٧ـ طريقي، رستي، ريت ١٨ـ اصل، بنھ ٩ـ ڇو؟ ١٠ـ سويل ١١ـ سانداريون ١٢ـ ڪٿان * عام رواجي ملڪن جهڙو ملڪ نہ آهي (لامڪان آهي) ۽ جتي پکين جو پير بہ نہ آهي، يعني جتي پکي پکڻ بہ نظر نٿو اچي. ١٣ـ پيرا ڏئي، هر هر ١٤ـ وڻن مان ڏٺ حاصل ڪيو (ڏٺ مان مراد آهي روحاني خزانو).

٩

ڏوٿي سا ڏورِينِ، جا جُوءِ[١] سُئِي، نَہ ٻُڌِي،*
پاسا مَٿي پاهَڻِين[٢]، ڪاهوڙِي ڪوڙِينِ،
وِڄا[٣] اُتِ وَوڙِينِ[٤]، جِتِ نِهايَتَ[٥] ناهِ ڪا.

١٠

ڪاهوڙِي ڪِڄَنِ[٦]، پَسِيو پرڙِهيَتَ ويسَرا[٧]،
ڏوٿيئڙا ڏُورِ وِيا، رُڄُنِ مَنجِهه رَهَنِ،
ڪا مُلِ[٨] آهي تَنِ، مُون پِريان جِي ڳالهڙِي.

١١

پَڪُلِيا[٩] پُوڻُنِ[١٠]، ڏَڙَ[١١] کي گَڏِيو ڏُوڙِ ۾،
ڳالِهيُون، ڳُهِلي[١٢] لوڪ سين، ٻَڌِرِ پِئِي[١٣] نَہ ڪَنِ،
ڪا مُلِ آهي تَنِ، مُون پِريان جِي ڳالهڙِي.

١٢

تُون وَنءُ[١٤] ويهي آءُ، اَڱَڻَ آڏُوتِيَنِ[١٥] جي،
جوش[١٦]، ڏِنائُون جِيءَ[١٧] کي، لڪائي لوڪاءِ،
ڏوٿِيُنِ ڪنهن ڏڪاءَ[١٨]، سُمهِي سُکُ نَہ ماڻِيو.

١٣

ڪِي[١٩] ڪو ڪاهوڙِي، ڇَپَرَ ۾ سَڌُ ٿيو،
اَڳِي ٿي سُئِي، اُنهنِ سَندي ڳالهڙِي.**

١- ملڪ * لامڪان ٢- پٿرن ٣- علم، دينوي ڳالهيون ۴- ڳولين ٥- انتها، پڇاڙي حد ٦- چڙن، ڪاوڙجن ٧- غافل ٨- وٽ ٩- پريا ١٠- پٽُنِ، گهمن ١١- جسم ١٢- ڳهيلي، بني عَقل ١٣- ظاهر، کليو کلايو ١۴- وڃ ١٥- درويشن، فقيرن ١٦- جذبا، بره جي باه ١٧- جان جسم ١٨- ڏک کان ١٩- ڪجھ ** اي ڪاهوڙي! ڏٺي وٺان ڪا الست ۾ ڪيل وعده جي وفا ڪرڻ لاءِ طلب ٿي آهي ڇا؟ انهيءَ ڳالھ جي اڳيئي خبر پئي ٿي.

١٤

ڏٽُ[١] گھٽائي ڪَنِ، اِنَ اوراهين[٢] ڏيهَ جو،
سَندا ڪاموڙِيَنِ، پَري[٣] سُڄَنِ[٤] پيچرا.

١٥

ڏٽُ نہ ڪُتو ڏوتِيين، جيڪي ڏٽُ ڪَرِينِ،
اُهيجاڻِيُون[٥] عالَمَ[٦] جُون، اورِيائين آڻِينِ،*
تنِهان پوءِ ڏسِينِ، پِريان سَندي ڳالھڙي.

١٦

جي ڪو ڏٽُ ڪَري، تہ ڏُونگرَ ڏورَڻُ ڏاڪڙو،
چِپَرَ ڪِينَ ڏِئي، سُوڪِڙِيُون سُتَن ڪي!

١٧

مُون ڪاموڙِي لَکِيا[٧]، گھرينِ نہ گھارِينِ،
واحِدَ لَڳُ[٨] وِلهَنِ[٩] ۾، رويو جَرُ[١٠] هارِينِ،
گُوندَرِ گُذارِينِ، جُہ[١١] ڏوتِي ڏٽَ گَڏِ تِيا.**

١٨

مُون ڪاموڙِي لَکِيا، آيَنِ نہ آرامُ،
ڪِيائُون تَنُ تمامُ، جُھ ڏوتِي ڏٽُ گَڏِ تِيا.

١- سمر ٢- اورين، دنيا ٣- دور، هُن دنيا ۴- سمجھن، پڙجن ٥- نشانيون ٦- عالم بالا، ملڪوت * هن دنيا ۾ ئي ڪاموڙين (ڪامل مرشدن) کي هُن دنيا جي خبرچار پوي ٿي.
٧- معلوم ڪيا، ڏٺا ٨- ڪارڻ، لاءِ ٩- سخت سرديءَ، ماڪ ١٠- پاڻي، ڳوڙھا
١١- جڏهن ** جن روحاني خزانو هٿ ڪيو آهي يا جيڪي روحانيت جا صاحب آهن؛ سي هميشہ غمن ۾ گذارين ٿا (تن کي تسيا ڏين ٿا).

١٩

مُون ڪاهوڙِي لَڪِيا، ويهِي نہ ويرَمَ ڪَنِ،*
ڏينهن تَتي ۾ ڏُونگرَين، ڪارَڻِ قُوتَ ڪَهَنِ[١]،
جَهنگلَ ۾ جُهڻِڪَنِ[٢]، جُم ڏوتِي ڏُٿَ گَڏِ ٿِيا.

٢٠

مُون ڪاهوڙِي لَڪِيا، سُمهَنِ ڪِينَ پَٽِي،
سَمَرُ ڪِيائُون سُجَ ۾، ڏوري ڏُٿُ لَهِي،
وِيا اُت وَهِي، جِتِ نِهايَتَ ناهِ ڪا.

٢١

رائو[٣]، رُجُ، رَهُون[٤]، جِتي نِيهان[٥] نِڪَٽِي[٦]،
لَڳِيو پيرَ لڪَنِ سين، ڇِڄِيو ٽِيَنِ ڇِهُونِ[٧]،
تان[٨] ڪا سارَ لَهُون[٩]، هوتَ! ڪَميٽِيءَ، سُپِرِين!

٢٢

ڪاهوڙِيَنِ ڪَٽِي، ساجُهرُ پَڌا سَندِرا،
ڏوريندي ۾ ڏُونگرين، ڪِيائُون پانُ پَٽِي[١٠]،
ڏُکَنِ ڏِيلُ هَٽِي، ڇيهہ[١١] لَڌائُون ڇَپَرين.

٢٣

ماءُ! ڪاهوڙِي هَلِيا، ڏُکائي ڏُونهان،
ڇَپَرَ جا سُونهان[١٢]، ڏوتِيَنِ ڏُٿَ ڇيتارِيو[١٣]

---

* غفلت ۾ اجايو وقت نٿا وڃائين ١ـ هلن، پنڌ ڪن ٢ـ تنوارون ڪن، ذڪر ڪن ٣ـ پٽريون، ڪڪريون ٤ـ جبل؛ لٽ ٥ـ لڪن ۾ جهولن وارو اُرهڙ ٦ـ بلڪل، فقط، رڳو ٧ـ ڇيهون، پرزا پرزا ٨ـ توهان ٩ـ لهو ١٠ـ منٽي ١١ـ انت، پڇاڙي، راز، ڳجهہ ١٢ـ واقف، اڳواڻ ١٣ـ چت تي آندو، ياد ڪيو.

۲۴

ڪَٽَنِ نہ ڪَهَڪانُ[۱]، پَندَ پَراهين هَلِيا،
ڏوتِيئَڙا ڪنهن ڏُٿَ ڪي، جُنبِيا[۲] ڏي جابانُ[۳]،
ڪاهوڙِيَنِ اُهِجانُ[۴]، اَنگِ[۵] نہ سَڄِي اَڱِڙي.

۲۵

ڪَرڪَٽا[۶] لاهي، سُڪُ نہ سُتا ڪَڌِهين،
اوسِيئَڙو[۷] آهي، ڪاهوڙِيَنِ کي پَندَ جو.

۲۶

سُڪا مُنهن سَندِنِ، پيرين پُراٽا ڪيترا[۸]،
سا جوءِ[۹] ڏوري آئِيا، سُونهان[۱۰] جتِ مُنجَهن،
ڳُجهان ڳُجهون ڪَنِ، تِنهان پَرانهِين پَندَ جُون.*

۲۷

سُڪا سَندَ[۱۱] ڪَڇُنِ ۾، ڪَرِڪَٽا پيرين،
تِـمَنديِ نيٽِين، آن کي ڪاهوڙِي گَڏِيا؟

۲۸

سُڪا مُنهن سَندِنِ، ڪَرِڪَٽا پيرين،
وِهاڻِيءَ ويرين[۱۲]، اَنُ تُنُ هيَنِ[۱۳] اَڳِ[۱۴] جِي.

۱- وهٽ (گهوڙو، اُٺ) ۲- هليا ۳- بيابان ۴- نشان ۵- بدن تي ٦- نوڙين مان وٽي ٺهيل جتيون ۷- فڪر، خيال، ڳڻتي ۸- پراٽا ڪرٽل، ڇنل جتيون ۹- جاءِ، مڪان، ملڪ ۱۰- رستو ڏيکاريندڙ، رهبر * اهي معرفت جون منزلون ماري آندرئي اندر ۾ انهيءَ ڪالَ ۾ اعليٰ مرتبہ ۽ منزل ڏانهن وڃڻ جون سٽون پيا سٽين. ۱۱- ساندارا ۱۲- وقت ۱۳- هنن کي فڪر يا انتظار يا ڳڻتي هئي ۱۴- اڳتي اعليٰ مرتبو، الله سان لئي ٿيڻ، قيامت.

وائي

وَسائِيندِي مينهن، مانَ مِلان کي سَڄَڻين،
آئون مِلَنديَس پِرينءَ کي، راتِيُون ڏوري ڏينهن،
مانَ مِلان کي سَڄَڻين.
مُون پِرِيَنِ ميڙيين، روڄهڙيُون[1] ميڙيين مِينهن،
مانَ مِلان کي سَڄَڻين.
اَکِيُنِ آگمَ[2] لائِيان،* کَرَ مُندائِتا[3] مِينهن،
مانَ مِلان کي سَڄَڻين.
مادَرِ! موتِي نہ وِهان، مُون پِرِيان سي نينهن،
مانَ مِلان کي سَڄَڻين.
اَدِيُون عَبداللّطِيفُ چي، وِيندِيَسِ ساڄَنَ سيئن[4]،
مانَ مِلان کي سَڄَڻين.

داستان ٻيو

١

پِيو جَنِ پَرو، گَنجِي[5] ڏُونگَرَ[6] گامَ[7] جو،
ڇَڏي کِيتُ[8] کَرو[9]، لوچِي[10] لاهُوتِي[11] ٿِيا.

٢

پيئي جَنِ پَرَکَ[12]، گَنجِي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
واري سَڀُ وَرَقَ،** لوچي لاهوتي ٿِيا.

١- اڄن پيرن وارا هرڻ ٢- ڪڪر * اکين ۾ بادل يا ڳوڙها پرجي آيا آهن. ٣- مند وارا
٤- تائين ٥- خبر ٦- (گنجي) لڪر ٧- ڳوٺ ٨- آبادي، فصل ٩- (١) صحيح سلامت،
پلو (٢) فصل لُڻي گڏ ڪرڻ جو هنڌ، خرمن (ف) ١٠- ڳولي ١١- لاهوت جي صوفيانہ
منزل کي پهتل، معرفت وارا ١٢- ڄاڻ، پروڙ ** سڀ ڪجهہ ڇڏي.

٣

پيئِي جَن پَٽي[١]، گنجي ڏُونگَرَ گامَ جي،
چِـڏي نِندَ گهٽِي، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

۴

پيئِي جَنِين بُوءِ[٢]، گنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
ڏوري سا جُوءِ[٣]، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

٥

پيئِي جَنِين پَروڙَ، گنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
چِـڏي سَبِ ضَرُورَ[۴]، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

٦

جَنِين پيئِي باسَ[۴a]، گنجي ڏُونگَرَ گامَ جِي،
چِـڏي سَبِ لِباسَ[٥]، لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

٧

گنجو ڏُونگَرُ گامُ، پيهي[٦] جَنِ پَرُوڙِيو،
ڪَري تَنُ تَمامُ،* لوچي لاهُوتِي ٿِيا.

٨

ڪِهَڙو اَتَئِي ڪامُ[٧]، گنجي ڏُونگَرَ گامَ ۾؟
پَسِي تنهن پَهاڙَ[٨] کي، اَچِي نہ آرامُ،
مَتان ڏُونگَرُ ڏورِيِين، اُجَهِين[٩] ڪوهُ عَوامُ[١٠]؟
هَرا[١١] ڪَري حَرامُ، ڪامُ تہ ڪاهوڙِي ٿِيِين.

١ـ مٽي ٢ـ خوشبوءِ ٣ـ جاءِ ۴ـ ضروري ڪم، (تعلقات) ۴a ـ بوءِ ٥ـ ڪپڙا، ٽڳيون، دغائون؛ دٺي ٦ـ اندر گهڙي * جسم جلائيو يعني نفس ماري. ٧ـ ڪم ٨ـ جبل ٩ـ جاچين، ڳولين، سمجهين ١٠ـ ڪوهہ عوام، معمولي ٽڪري ١١ـ سب ڪجهہ، هر هڪ (هرا! ڪري پڙهبو تہ معنيٰ اڙي! ڀيلي!).

٩

پيرُ پَرُوڙي پاءِ، گُنجي ۾ گُنَ[١] گهٽا،
ڪاهوڙِي ڪَرا[٢] وِيا، نہ ڪا اوڏِي ماءِ[٣]،
جَنِين ڏِٺي جاءِ، تَنِين موٽَڻُ. مِهٽو[٤].

١٠

جِتِ نَہ پَڪِيءَ پيرُ، تِتِ تِمڪي باهڙِي[٥]،
ٻِيو ٻارِيندِو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪِيَ ڪيرَ[٦] ري[٧]؟

وائي

آئون جيهائِي[٨] ذاتِ، تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!
اويُون[٩] آديسِين[١٠]، جُون، پَرِيان سارِي راتِ،
تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!
جي ٻانهي ڪوٺِينِ ٻاجَھ سين، تہ ڪَرَ لَدِيَمِ ذاتِ[١١]،
تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!
تان ڪي ڏُونگَرَ ڏورِيان، جان نَہ وهامِيَ راتِ،
تون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!
ڪَنديَسِ عَرَضُ اَللهَ کي، وِهامِيءَ پِرِياتِ،
تُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، منهنجي مُحَبَنِ سان مَصِلاتِ[١٢]،
تون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرِين!

١- ڳڻ ٢- پختا، پڪا ٣- پاڻي؛ امڙ ٤- طعنو ٥- باه ٦- جماعت، قطار، ساٿ ٧- ڪانسواءِ
٨- جهڙي بہ ٩- پخالون ١٠- فقيرن ١١- بخشش ١٢- مصلحت، ڏيٺ

داستان ڏهون

١

اَچِي پِيا آتَ[١] ۾، واٽَ وڃائي جَن، *
سي بيرانِ[٢] بَرَنِ ۾، انڌا ٿِيو اُيَن، * *
ڪَنَنِ آڏو تاڙِيون، گُنگِنِ[٢a] جيئن گُهمَن،
فراقي فرمان جو، آهي پَرُ پوڙن،
لنگها ٿيا لاهوت کي، سڪا پيا سڪن،
ڪَپَتِ[٣] ڪاهوڙِيَنِ، آهَه[۴] اُتي پِئي[٥] نَہ لَهي.

٢

ڏِسِي[٦] ڏوري ڏونگرين، واٽَ وِڃائِي جَنِ،
ڪُرَنڊان[٧] کِي پَروڙِيو، *** رَندُ[٨] نَہ سي رِڙهنِ،
پيِئي دارَ[٩] ڏيُون کِيو[١٠]، پيرُتِ[١١] تان نہ پُڄَنِ،
ڏوڙِ، پِرِيان لَئي، ڏارِ[١١a] کِيو، ويچارا وِڃَهن،
خَبَرَ ڪاهوڙِيَنِ، آهي لِڪَ[١٢] لاهُوتَ جِي.

٣

ويڄهو وَنءُ[١٣] مَ واٽَ کي، ڪَهِج[١٣a] ڏونهن[١۴] ڪُواٽَ[١٥]،
اُجِهي[١٦] مَنجهان آتَ[١٧]، اديسِي[١٨] تِي اءُ تون.

١- ساڙي، سوز، گداز * جن ظاهري سنئون سڌو رستو اختيار نہ ڪيو؛ جن جاناٿون ۽ ياتراٿون پيئي ڏٺيءَ سان لهڻ ٿيڻ چاهيو ٢- ويران **دنيا ترڪ ڪيو، جوڳ پيا جوڳين. ٢a- گونگن ٣- روح راڙو؛ زاري ۴- اميد؛ فرياد، دانهن ٥- اُپئي وئي ٦- ڏسي واٽسي، جاٽي ٻجهي ٧- خراب رستي؛ اوجهڙ رستي ***هنن انهي طريقي سان ڪجهہ الاهي اسرار سمجهيو، جنهن رستي کي عامي ماڻهو خراب يا اوجهڙ سمجهن ٿا. ٨- رستو، واٽ، طريقو ٩- ڦاسين تي چڙهي ١٠- چمڪيو، تابش ڪيو (خوش ٿيو) ١١- رسم، طريقو، پيچرو ١١a- ڏاڙ، هاءِ گهوڙا، پنڪو ١٢- ٿورڙي، ذري (ڪجهہ قدر) ١٣- ٻج ١٣a- هلج ١۴- ڏانهن ١۴a- هَلج ١٥- رستو جنهن کي عوام گمراهي يا غلط رستو سمجهن ٿا ١٦- اورانگهي، لتاڙي ١٧- ساڙي، سوز (ٻره جي ٻاهہ، عشق جي آگ) ١٨- جوڳين جو قسم.

٤

ڪُپيرِ يءَ[1] ۾ پيرُ، ڪَنِين پاتو پيرِين[2]،
جِئان[3] مُنجهڻُ ماڙهوئين،* سَجڻ[4] تِئان ئي سيرُ[5]،
اِنَ پُونءَ[6] سَندو پيرُ[7]، ڪورِين[8] مَنجهان ڪو لهي.

٥

ڪُپيرِ يان[9] پَري ٿِيا، اَبِدِي[10] بِدائُون،
اُنِين ڪي آئُون، هِيرَ[11] ڏِسِي اَئِيو.

٦

سُونَهپَ[12] ۾ سَپَ[13] گهڻا، مَنجهڻ ماڪِي هوءِ،
پَرو[14] تَنِهين پوءِ[15]، جو اُجِهي[16] پوءِ اُنِ تان.

٧

ڏوري ڏوري ڏيهَ، ماءُ! ڪاهوڙِي آئِيا،
مَيَنِ[17] پيرين ڪيهَ[18]، ڪَهُ جاٿان ڪنهن پارَ جِي؟

٨

جَهنگلِ هَلِيا، سي نہ پُلِيا، راهہ هَلِيا ڦُرجَنِ.**
اَوجَهڙِ[19] سي نہ پَونِ، ٻيئِي[20] جَنِين ڇَڏيون.***

٩

جَهنگُ ڪامِي[21] پَٽُ ٿِيو، پَکِي چوران[22] لِڪَ،÷
سِيڪَڙُو ۾ سِڪَ، ٻَئِي گَڏِيا پانَ ۾.

١- غلط واٽ، گمراهي ٢- پير يا پيچري تي هلندڙن، سالڪن (واحد: پيري، پيرن جي نشانن وسيلي چورن جي صحيح سڃاڻپ ڪندڙ ٣- جتان* جنهن هنڌ عام ماڻهو منجهي پون.٤- دوست سالڪ ٥- رستو، لنگهہ ٦- زمين (رستي، واٽ، طريقي) ٧- ڦيرو، انت، حد ٨- ڪورِين، وِيهن، ڪروڙن ٩- ڪپيريان، ڪپيريءَ يا گمراهيءَ کان ١٠- اڻ ٻڌل، غيرمعمولي، جيڪو الاهي اسرار يا آواز عام خلق نہ ٻڌو هجي ١١- هيٺئر ١٢- ظاهري ڏيک، سهڻائي، حسن ١٣- نانگ ١٤- خبر ١٥- پوي، پوندي ١٦- لتاڙي، اورانگهي ١٧- اُن ١٨- منجهي، دز، غبار** جن عامي رستو اختيار نہ ڪيو ۽ الڳ طريقو ورتو سي ڀليل نہ آهن. حقيقت ۾ جيڪي رواجي رستو وٺن ٿا سي نقصان ۾ آهن. ١٩- گمراهي، منجهيل رستي ٢٠- ٻئي دنيائون؛ هيءَ دنيا ۽ عقبيٰ ***جن نہ فقط دنيا ترڪ ڪئي پر بهشت جي بہ تمنا ترڪ ڪري صرف الله خاطر جوڳ ورتو. ٢١- سڙي ٢٢- چوران، چورن جي (شيطان جي) ÷ دل ۾ نفساني خواهشون، جيڪي جهنگ مثل شيطان جي لڪڻ جو آستان هيون، سي جڏهن سڙي ڀسم ٿي ويون تڏهن شيطان جي پناه جون جايون ٻجي پيون.

١٠

جهنگل[١] آهيڙين[٢] کي، ينڊ[٣] ڪيو روءِ،
نه ڪتا[٤] نه ڪوڙڪو[٥]، چڙهيو اُيو چوءِ،
هاٿي هنان[٦] پوءِ، لڳي لوٺو[٧] نه ٿئي.

١١

جهنگلُ آهيڙين کي، ينڊُ ڪيو رُوندو،
نه ڪتا، نه ڪوڙڪو، چڙهيو اُيو چُوندو،
هَڏهين[٨] نه هُوندو، انهان[٩] پوءِ عالمَ ۾.

١٢

ڪُتا نه ڪُوڪارَ[١٠]، نه سي سَڏ شڪارين،
پنيو ڪٽي پارَ[١١]، جَهنگلُ آهيڙين کي.

١٣

وَرُ[١٢] سا سُجي ويڙهِ[١٣]، جتي سَجَڻُ هيڪڙو،
سو ماڳُ[١٤] ئي قير، جتي ڪوڙ[١٥] ڪُماڙهُوئين[١٦].

١٤

وَرُ سا ڪارِي راتِ، جنهن ۾ راهه گُمُ ٿئي،
نَه ڪا هُنين جي تاتِ، هِيءَ پُڻ وَجي وسرِي.

١٥

ڪارِي راتِ، اَچو ڏينهن، اِيءُ صِفَتان نُورُ،*
جتي پِرينءَ حُضُورُ[١٧]. تتي رَنگُ نه رُوپُ ڪو.**

١ـ نفساني خواهشون (شيطان) ٢ـ شڪارين، صيادن ٣ـ وڏي واڪي روج راڙو ۴ـ ڪتا جيڪي شڪار ڦاسائڻ ۾ مدد ڪندا آهن ٥ـ ڪوڙهڪو، ڪوڙهڪي، پکين ڦاسائڻ لاءِ اوزار (دام) ٦ـ هن ڪان ٧ـ رليل، بدحال، پريشان، ڪاٺو ٨ـ اصل، بنه ٩ـ انهيءَ ڪان ١٠ـ ڀونڪ جو آواز ١١ـ اوساري، ڳڻ ياد ڪيو بلند آواز سان رويو ڀڏائي ١٢ـ بهتر ١٣ـ جوءِ، مڪان (قبر) ١۴ـ جاءِ، مڪان ١٥ـ ڪروڙين ١٦ـ خراب ماڻهن جون* (نور) اکين وارن جي صفت اها آهي ته هو ڏينهن کي اڇو ۽ رات کي ڪارو ڏسن ٿا. ١٧ـ حاضر، ملاقات × نڪا رات نڪو ڏينهن (نڪو رنگ، نڪا صورت).

۱٦

تَحقِيقَ[۱] جِي پَرِي[۲]، تُون مَـي رِيءَ کَٽِيجِ،
هَـڪَـلَ[۳]، حَقِيقتَ جِي، ٻوڙو ٿي ٻُڌِيجِ، *
اَندو ٿِي پَسِيجِ، مُشاهِدو[۴] مَحبُوبَ جو.

۱۷

ڏُونگرين ڏِسَجَنِ، اَڃُ پُڻ رُون[۵] اُنِ جُون،
ڏوٿِيئڙا ڏُٽَ کي؛ اَڻ آئِيي[٦] نه اَچَنِ،
خِيما[۷] کاهوڙِيَنِ، اَڃُ نه اُنهِين پيٽِيين[۸].

۱۸

ڏُونگَرِ[۹] نَه ڏوٿِيي، ڏُونگَرُ سُڄو ڏوٿِين ري،
پُڇان پَرو[۱۰] تِـي، ڪ ڏوٿِي ڏُٽَ اَچِنا[۱۱]؟

۱۹

کاهوڙِي کَرا، سُوڙِي خَبَرَ پَکيان،
سوجهي جَنِ کِيا، مَٿي اَگُڻ آهِرا.

وائي - ۱

سِياڪو[۱۲] سيٽانِ[۱۳] پورِي تو پاڻُ سُڃاڻِي نَه ڪِيو،
موتِيو ماڳُ نِهارِيئِين، کَهڙي مُنهن[۱۴] ڪيٽانِ[۱۵]؟
پورِي! تو پاڻُ سُڃاڻِي نه ڪِيو.

۱- حقيقت؛ طريقت جي واٽ (الاهي عشق) ۲- بار، پوجهو ۳- آواز * جڏهين الاهي سڏ ٿيئي يا الاهي اسرار توتي کلي پون ته ٻڌڻ جي يا سلڻ جي ڪوشش نه ڪج ۴- ديدار ۵- غبار جو قافلي جي هلڻ ڪري اٿندو آهي ٦- آئڻ کان سواءِ ۷- تنبو ۸- جاين تي ۹- جبلن ۾ ۱۰ خبرون ۱۱- ايندا ڇا؟ ۱۲- صحبت، واقفيت ۱۳- هنن سان ۱۴- ڪيئن! ايئن ڪندي توکي لڄ نٿي اچي؟ ۱۵- اُنهن کي.

هُوندَ[1] نہ پيئِينءَ هيتري، * ويئِينءَ جي سيٽانِ،
پوري! تو پانُ سُجاڻِي نہ ڪِيو.
وارِيءَ جيئن وِچري[2] هينئون[3]، ڪُٽِڪيو[4] ڪيٽانِ[5]،
پوري! تو پانُ سُجاڻِي نہ ڪِيو.
آتَنِ[6] منهنجا اَنگڙا[7]، ڪَلَ نہ پَوي ڪيٽانِ،
پوري! تو پانُ سُجاڻِي نہ ڪِيو.

وائي - ١

جاڳِي اَڪَڙِيَنِ، اَوان[8] اوجاڳو نَہ ڪِيو،
اَڪَڙِيُون پِرِيَنِ لئي، تَهَ تَهَ[9] ڪِيو تِمَنِ،
اَوان اوجاڳو نَہ ڪِيو.
جي سَنجهيِئي سُتِيُون، سي مَرُ سُورَ سَهَنِ،
اَوان اوجاڳو نَہ ڪِيو.
تُون اَٿاسِي[10] اُوجِهرين[11] هوءِ ٿا هوتَ هَلَنِ،
اَوان اوجاڳو نَہ ڪِيو.
اَدِيُون، عَبدُاللّطِيفُ چي، ملان سين مُحِبَّنِ،
اَوان اوجاڳو نَہ ڪِيو.

١- جيڪر * جيڪر هيتري تڪليف نہ ڏسين ها! ٢- گرم ٿئي، تپي، بي آرامي ٿئي ٣- دِل ۴- ڪنجهيو، رنو ٥- هنن لاءِ ٦- سڙن، جلن ٧- عضوا ٨- اوهان ٩- تمام زور سان، لاڳيتو ١٠- ويسلي، بيوقوف ١١- پنڪيون ڪائين.

سُرُ بَرِوو سنڌي

سر بابت:

بَرِوو هندستاني راڳڻيءَ جو نالو آهي. انهيءَ ۾ ٿوري ڦيرگهير سان "بروو سنڌي" راڳڻي ناهيل ٿي ڏسجي.

هي سر، ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي ۾ ڪونهي. ٽرمپ واري ڇاپي موجب داستان پهرين ۾ هڪ وائي ۽ سورنهن بيت آهن، جن مان وائي ۽ ڏهه بيت ڪنيا ويا آهن. ٻين قلمي توڙي ڇپيل نسخن مان ڇهه ٻيا بيت اضافو ڪيا ويا آهن (جن جا نمبر آهن: ٢، ٣، ۴، ٦، ١٢، ١٣) پندرهون نمبر بيت مضمون جي مد نظر ٽئين داستان بدران پهرين داستان ۾ آندو ويو آهي. ٽرمپ واري ڇاپي جي ٻئي داستان ۾ ٢ وايون ۽ ٻارنهن بيت آهن، جن مان فقط هڪ اوڻنو بيت ڪڍي، ان جي عيوض بيت نمبر ١٠ ڏنو ويو آهي. ٽرمپ واري ڇاپي جي ٽئين داستان ۾ هڪ وائي ۽ ١٠ بيت آهن جن مان هڪ بيت (١٥ نمبر هيٺ) پهرئين داستان ۾ وڌو ويو آهي ۽ ان ۾ هڪ بيت نمبر ٦ اضافو ڪري ڪل ڏهن جا ڏهه بيت رکيا ويا آهن. وائي نمبر٢، بمبئي واري ڇاپي مان اختيار ڪئي ويئي آهي.

مضمون:

هن سر ۾ الله سان عشق رکڻ جي ترغيب ڏنل آهي ۽ عاشق جي بيچارگي ۽ نيازمندانه جذبات جو بيان ڪيل آهي. روح جو رب کان ڇڄي ڌار ٿيڻ تي روح راڙو تمام رقت آميز نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

روحاني راز:

هن سر ۾ شاه سالڪ کي سمجهايو آهي ته عموماً سلوڪ جي راهه، ظاهري طرح اوکي پئي نظر ايندي آهي ۽ ماڻهو رياضتن ۽ مجاهدن کي مصيبت ٻيا تصور ڪندا آهن، پر حقيقت ۾ جيڪو انهيءَ اوڙاه ۾ گهڙندو تنهن کي گلزار نظر ايندو. اهي جسم کي ڏنل جفائون، روحاني ترقيءَ جو باعث بنجي، سالڪ کي حقيقي سرور بخشينديون.

"سوکو هوندو سو، جنهن جو عِشقُ الله سين."

هن سر ۾ شرڪ کان منع ڪندي، سالڪ کي تلقين ڪئي ويئي آهي، ته هو ڪريم جي ڪَنجَڪَ (خدمت) اختيار ڪري ۽ جڳ جي واليءَ سواءِ ٻئي ڪنهن جو ٻيلي نه ٿئي.

دنيا فاني آهي ۽ دنيوي جنسار پاڻي تي ڦوٽي مثل آهي. هن حقيقت کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ هن سر ۾ ڪافي مواد موجود آهي. دنيا جهڙي لابقا ٽڪسال تي موهجي،

حقيقي مالڪ ۽ لافنا هستيءَ کان منهن موڙڻ ڪهڙي نه بي سمجهي آهي؟ انسان جو جسم آخر ٻين شين وانگر فنا ٿي ويندو. جڏهن هن فاني جسم مان الاهي نور جو لافاني جزو (روح) پرواز ڪري ويندو، تڏهن عزيز به هن کان بيزار ٿي پوندا ۽ لٽن سان ڪيس لٽي لوڙهه جوڙيندا. جڏهن ائين آهي ته پوءِ دنيا سان دلبستگيءَ جو ڪارڻ ڪهڙو؟ ڇو نه اسان ڪي فاني شيءِ ڇڏي، جاويد هستي ۾ حل ٿي، ابدي زندگي ۽ لازوال حياتي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي؟

سر بَروو سنڌي

داستان پھريون

١

چا ڪي وَڃِي چو، ٻيلِي[١] ٽِئِين ٻين جو،
وَٽُ ڪَنجَڪَ[٢] ڪَرِيمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو،
سَوڪو هُوندو سو، جنهن جو عِشقُ اَللهَ سين.

٢

جيئن ڪا ڪانِي ڪانهن[٣]، لُسَندِي[٤] لاِتيُون[٥] ڪَري،*
اَچِي پيئي اوچَتِي، دَردَ پِريان جِي دانهن،
ويجَ[٦] ڏنيئِينَ ڪُھُ ٻانهن، سُورَ هِينئِين[٧] ڪي سامُهان.**

٣

وَڄَڻُ دَرِ دوسَنِ جي، هَرَ هَرَ هُورِائِي[٨]،
پاڙي ڏانهن پِرينءَ جي، اُجُھ[٩] مَ اَوائِي[١٠]،
اَلَهڙُ[١١] تِي مَ آڇ تُون، واتَهڙُنِ وائِي[١٢]،
لائِيندَئي، لَطيفُ چي، سُوران[١٣] سَرَهائِي[١٤]،
ڳُجهو ڳالهائِي[١٥]، پِرتِ وَتِجي[١٦] پانَ ۾.

١- ٻانهو، نوڪر ٢- گهوڙي جهلڻ جو ڪم (نوڪري) ٣- سَرَ، گاه جو قسم ۴- لٽجڻ يا وڍجڻ وقت ٥- ڳالهيون، دانهون* جيئن نڙ يا بانسري سر ڪان ڏار ٿي دانهون ڪندي آهي (مثنوي ۾ رومي ان جو ذڪر ڪيو آهي.) ٦- اي طبيب! ٧- دل ** اي طبيب! اسان کي درد دل ۾ آهي ۽ تون اجايو ڇو پيو ڏنب ڏين (علاج ڪرين؟) ٨- هلڪائي ٩- گهم، نهار، ڳول ١٠- بي فائدو، توائي ١١- ڪچو، نادان، نا آزمودگار ١٢- ڳالهه، راز ١٣- سوڙان، سورن مان ١۴- خوشي ١٥- ڳالهائي، ٻڌائي ١٦- ونڊجي، ورهائجي.

ساهُ وَڃي وِيَڻ سُپِرين، ڪَري ڦُضاڪِي[۱]،
دِلبَرَ دِلِ ڪَسي وِيَڻ، يارَ ڇَپَڻ پوِ[۲] ياڪِي[۳]،
جارُ[۴] مُون ضَعِيفِ سين، تو جانِبَ! ڏِسُ جا ڪِي،
هِتِ بُتُ رَهِيو باقِي، ساهُ وَڃي وِيَڻ، سُپِرين!

۵

پَرَ وَسِ[۴a] ڇَيمِ پِراڻ[۵]، پِرين وَسِ نہ پانهنجي،
لَڳو ڪيئن، لَطِيفُ چي، جَبَرُ[٦] ڇاتِيءَ ساڻ!*
پِرين ڏيکاري پاڻ، خُوشِ ڪَري وِيا خوابَ[۷] ۾.

٦

اَچِين جي هيڪارَ[۸]، مُون سارِيندي، سُپِرين!
پيرين ڏَرِيان پِنبِڻيُون، هَنڌَ وِڇايان وارَ،
ساڄَنَ! سَڀُ ڄمارَ، هوند گولِي ڇِي گُذارِيان.

۷

مُون سارِيندي سُپِرين، اَچِين جي تُون هاڻِ،
ڪَرِيان رُوحَ رِهاڻِ[۹]، لڪَنِ[۱۰] مَنجِهه، لَطِيفُ چي.

۸

لَڳِيءَ[۱۱] جو لَطِيفُ چي، نَہ ڪو قالُ نہ قِيلُ[۱۲]،
لِکئي لامُون[۱۳] ڪوڙيُون، ** نيڻَنِ وَهي نِيرُ[۱۴]،
هِينئڙا ٿِيءُ سُڌِيرُ[۱۵]، ڪالَهه قَريبَنِ لَڏِيو.

۱- قزاقي، قرمار ۲- پوءِ، بعد ۾ ۳- ڦريل، جدا ۴- جٽ، زور واري ۴a- پرائي وس. ۵- پران، ساه ٦- جبل (جبل جيڏو غم) * خبر نہ آهي تہ جدائي جي غم جو جبل ڪيئن ڇاتيءَ تي سهيو ويئي آهيان. ۷- ننڊ ۸- هڪ ڀيرو ۹- ورونهه، گفتگو ۱۰- جبلن جي رستن ۱۱- عشق ۱۲- بحث مباحثو ۱۳- ٽاريو ** جيڪي قسمت ۾ هو سو ٿيو. ۱۴- نيرو پاڻي، ڳوڙها ۱۵- هوشيار.

٩

ڀَلِي[١] ڪِيَئِي ڀَلا پرِين! هينئَن نہ مُناسِبُ هوءِ،
لائي چِتُ[٢] چَرِيو ڪَري، پاڻَ ڪَڍِي وِيِين پوءِ*
توڙي حُبَّ نہ هوءِ، تہ پہ[٣] هوتَ! نہ ڪِجَنِ هيڏيُون.**

١٠

اَڄ پُڻِ اَڪَڙِيَنِ، سَڄَڻَ پنهنجا سارِيا،
ڳَلَنِ تان ڳوڙهَنِ جُون، ٻُونڊُون بَس نہ ڪَنِ،
سَنڌِي سِڪَ پِرِيَنِ، لوڪَ ڏِٺِيئِي نَہ لَهي.

١١

ڪي اوڏائِي[٤] ڏُورِ[٥]، ڪي ڏُورِ ٻہ اوڏا سُپِرِين،
ڪي سَنيرِجَنِ[٦] نہ ڪَڏهِين، ڪي نَہ وَسَرِن مورِ[٧]،
جيئَن مينهن ڪُنڍيءَ[٨] پُورِ[٩]، تيئَن دوسَ وَراڪو[١٠] دِلِ سين.

١٢

ڪوتِي ڪُتائُون، اَڄُ پُڻِ اَڪَڙِيَنِ سين،
ماسُ وِراهي[١٠a] هَلِيا، ڪَرَنگُلُ[١١] ڇَڏِيائون،
وَتَوَاصَو بِالحَقِ وَتَواصَوَ بِالصَّبرِ[١٢]، ايئَن اُتائُون[١٣]،
مُئِي مارِيائُون، ڪِلِي گهايو[١٤] سَڄڻَين.

١ـ چڱي ٢ـ دل، من * اسان کي عشق جي پيچ ۾ پختو ڪري ۽ مستانو بنائي پوءِ تون پري ٿيو آهين. ٣ـ تہ بہ ** هيڏو ستم نہ ڪجي. ٥ـ پري ٦ـ ياد پون ٧ـ ور وارن سگَن واري مينهن ٩ـ سگَن جو ور ١٠ـ ور، پيچ ١٠a ـ ورهائي ١١ـ قالب، بيجان بت، پنيءَ جو هڏو ١٢ـ حق جو حڪم ۽ صبر جي وصيت ڪريو ١٣ـ چيائون ١٤ـ ڦٽيو.

١٣

مارُهو[١] گُهرَنِ مالُ، آئُون سَڀَ ڏينهن گُهران سُپِرين،
دُنِيا تنهن دوستَ تان، فِدا ڪَرِيان فِي الحالُ[٢]،
ڪِيَسِ نامَ نِهالُ[٣]، پَسَڻُ تان پَرِي ٿِيو.*

١۴

هيرائِي هَٿِ ڪِيو، هِينئَڙو حَبِيبَنِ،
بَڌِي ڪَڇِيءَ تَندُ ۾، سَلهاڙِيو[۴] سيڻَنِ،
وِڄهي پيچَ پِرِيَنِ، هِينئَڙو هَٿِيڪو[٥] ڪيو.

١٥

جَڏَهانڪُرَ[٦] جانِي! سَجَڻَ سانگِ[٧] سِڌارِيا[٨]،
راتِيان راحَتَ ناهِ ڪا، ڏينهان حيرانِي،
آئُون پنهنجي پِرِينءَ تان، ڪوڙين قُربانِي،
رَضا رَبانِي، نَہ تَہ ڪَرِيان وَسَ[٩] وصالَ جا.

١٦

جَڏَهانڪَرَ ٿِيامِ، ساڃاهِ[١٠] سُپِرِيَنِ سين،
تَڏَهانڪَرَ تِرَ جيتَرو، ويرَ[١١] نَہ وِسَريامِ،
اَندَرِ رُوحَ رَهِيامِ، سَجَڻَ اوطاقُون[١٢] ڪَري.

١ـ ماڻهو ٢ـ يڪدم ٣ـ خوش * نالي وٺڻ ئي رڳ رڳ ٺاري ڇڏي، سو جي اچا ڏسينديس تہ اَلاهجي ڪهڙي خوشي حاصل ٿيندم. ۴ـ ٻڌو ٥ـ قبضي ۾، هٿ ۾، قابو ٦ـ جڏهن کان وٺي ٧ـ سفر، پردي ٨ـ سنيريا، ويا، اُسهيا ٩ـ ڪوششون، حيلا ٩ـ سڃاڻپ، واقفيت ١١ـ وقت، پل ١٢ـ جايون.

١٧

ڪَڏهن طاقيُون[١] ڏِينِ، ڪَڏهن کُلَن دَرَ دوسَ جا،
ڪَڏهن اَچان، اَچڻُ نه لَهان، ڪَڏهن ڪوٺيو نِينِ[٢]،
ڪَڏهن سِڪان سَڏَ کي، ڪَڏهن ڳُجهاندَرُ[٣] ڳَرهِينِ[٤]،
اِهَڙائي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپِرين.

١٨

تُون صاحِبزادو سُپِرين، آئُون نِسورو نوڪَرُ،
بيحدُ ڪَرِيان بَندگِي، هَٿَ ٻَڌِي "حاضُرُ!"
ڇِنَ[٥] ڇَڏِينديَسِ ڪِينَ ڪِي، دوسَ[٦] اوهان جو[٧] دَرُ،
مُون تان مِهرَ[٨] نَظَرُ، پرين! لاهِ مَ پانهنجو.

وائي

هوتُ نيٽان[٩] جو دِلبَندُ، لو! ٻلو جيڏِيُون!
هيڏانهن هوڏانهن سُپِرين،* ڪاڏي وارِيان ڪَنڌُ؟
لو! ٻلو جيڏِيُون!
چَڙهِي ڏاڍين ڏُونگرين، راهَ پُڇايان رَندُ[١٠]،
لو! ٻلو جيڏِيُون!
ساڄَنُ سِيَنِيان[١١] سُهٽو مون کي سائِينءَ جو سَوگند[١٢]،
لو! ٻلو جيڏِيُون!
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، ميڙِيندُمِ صَمَدُ[١٣]،
لو! ٻلو جيڏِيُون!

١- تاڙيون، دريون ٢- ولبيو وڃن ٣- ڳجهه، راز ٤- اوريـن ٥- پل، لحظو ٦- دوست ٧- اوهان جو ٨- مهرباني ٩- نيٽن * هر هنڌ دلبر پيو وسي، هر شيءِ ۾ الله جلوه گر آهي. ١٠- رستو، واٽ ١١- سيني کان ١٢- قسم ١٣- خدا جو نالو (قافئي جي لحاظ کان صَمَندُ پڙهبو.)

داستان ٻيو

١

جانِبَ تُون جيڏو، آهِين شانَ شَعورَ[١] سين[٢]،
مون تي ڪَرِ منهنجا پِرين، توهُ[٣] تُسِي[٤] تيڏو[٥]،
اِيءُ ڪامِلَ! ڪَمُ ڪيڏو، جيئن نوازِيمِ نِگاهَ سين.

٢

جانِبَ منهنجي جِيءَ ۾، تنهنجي طَمَعَ پوءِ،
وَٺِ ڪاتِي، وَڍِ اَنگڙا[٦]، اَدَبُ[٧] ڪَرِ مَ ڪوءِ،
ڀانئيان[٨] ڀالُ[٩] سَندوءِ، جي ساڄَنَ! سَنئون نِهارِيين.

٣

ساڄَنَ! ايئن نَہ جُڳاءِ، جيئن مارِيو، موٽِيو نہ پُڇِين،*
رَتِيءَ رَتُ نہ سَنجُري[١٠]، سِڪَ تنهنجي ساءِ[١١]،
اَسان توهِين لاءِ، ٽي پَرِ ۾[١٢] پڇائون ڪِيُون.

٤

جَڏِهن پَوي ٽِي يادِ، صُحبَتَ سُپِرِيَنِ جِي،
فَرِيادُون فَرِيادِ[١٣]، ناگَهَ[١٤] وَجَنِ نِڪِيو[١٥].

٥

ڪَڙو مَنجِهہ ڪَڙِي، جيئن لُهار[١٥a] لِپيٽِيو،
منهنجو جِيءُ جَڙِي، سُپِيرِيان سوگهو ڪِيو.

١ـ دانائي. سمجهہ ٢ـ سان ٣ـ ڀلائي ۴ـ راضي ٿي ٥ـ اوڏو، انهيءَ جيڏو، وڏو ٦ـ عضوا ٧ـ لحاظ، خيال ٨ـ سمجهان ٩ـ احسان، ڀلائي * ڪهيو پوءِ مـڙهه ڪٽڻ لاءِ نٿو اچين.
١٠ـ پيدا ٿئي، نڪري ١١ـ سبب ١٢ـ اندر ۾، پنهنجي منهن، مخفي طرح ١٣ـ دانهون، ڪوڪون ١۴ـ اوچتو، امالڪ ١٥ـ نڪريو ١٥a ـ لوهار.

٦

نازَ مَنجهاران[١]، نِڪري، جَڏهن پرين ڪَري تو پَنڌُ،
پُونءِ[٢] پُڻِ "بِسمِ اللهُ"[٣] چَئي،* راهہ چُمي تي رَندُ[٤]،
اُپيون گهڻي اَدبَ سين، حُورُون حَيرَتَ هَنڌُ[٥]،
سائينءَ جو سَوگَندُ[٦]، ساڄَنُ سَيَنِيان سُهڻو.

٧

ساڄَنَ! سِپاهِي[٧]، آئون اَوهان جو آهِيان،
اَچان وِيلَ سَيڪَنهِين، وَڃان واجهائي[٨]،
لالَنَ[٩]! تو لائي[١٠]، ڪِيڪارِيمِ ڪَرَنِ[١١] ڪي.

٨

فاني تي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪڙو،
لَٿي لوڙهہُ[١٢] لَتُنِ سين، جوڙِيندَءِ جانِي!
ڪوڏِرِ ۾ ڪاني[١٣]؛ آهي سَرِ سَيڪَنهِين.**

٩

نيڻَ سَقِيلا[١٤] سُپِرين، پَؤنَر[١٥] پِرُون پالا[١٦]،
چِڪِيا ڦَٽَ فِراقَ جا، اَندَرَ ۾ آلا،
سو يارُ ميڙِيين يالا[١٧]، جنهن جي صُحبَتَ ڪاڻِ سِڪي هِينئُون.

١ـ منجهان ٢ـ ڌرتي ٣ـ الله جي نالي سان، سيڪنهن ڪم شروع ڪرڻ مهل چئبو آهي * زمين پرينءَ کي پنڌ ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ آدرڀاءُ ڪئي. ٤ـ رستي ٥ـ عبرت واريءَ جاءِ تي، حيران ٿي ٦ـ قسم ٧ـ محافظ، نوڪر ٨ـ جهوتون وجهي ٩ـ محبوب ١٠ـ واسطي ١١ـ گڏهن، دشمنن، رقيبن ١٢ـ قبر ١٣ـ اهو ڪانو جنهن سان لاش جي ماپ وٺي قبر کوٽيندا آهن. ** موت سيڪنهن جي سر تي سوار آهي. ١٤ـ ڏگهيون تراريون ١٥ـ ڪارا ١٦ـ نيزا ١٧ـ يا الله، اي الله!

١٠

وينو ڏِسان راھ[١]، اَڄُ پُڻِ آيا ڪِينَ ڪِي،
ساڄَنَ لَئِي سِڪي گھڻُو، سارِيو منهنجو ساھ،
آڻِينِ شالَ اَللهُ! تہ اَڱڻَ تِينَمِ اُڄِرا[٢].

١١

اَڄُ پُڻِ اَنگِيَمِ[٣] اَنگَ[٤]، هَتان حَبِيبَنِ جي،
جا پَرِ سَوَنِٽِيءَ[٥] سَنگَ[٦]، سا پَرِ ٽِي سُورَنِ سين.*

١٢

اَڄُ پُڻِ جُڙِيَمِ جوڙَ[٧]، دوسُ[٨] پيهي دَرِ آئِيو،
سُڪَنِ اَچِي ڏُکَنِ کي، مَحڪَمُ[٩] ڏِني موڙَ[١٠]،
جا پَرِ کَنِيءَ کوڙَ[١١]، سا پَرِ سُورَنِ سانُ ٿِي.

وائي-١

مَولو[١٢] ڪَندو ماڙَ[١٣]، منهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙِ،
هادِي! ڏِيئِي هَٿَڙا، اَچِي ڇِڪَڻِ[١٤] منجهان ڇاڙھ،
منهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙِ.
ڪَشِتِي ڪَمِيٽِيءَ جِي، اَللهُ لَڱِ اُڪارِ[١٥]،
منهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙِ.

١- رستو، واٽ ٢- روشن، اُڃا ٣- قائم، چيرون ٿينم ۴- عضوا ٥- سؤنٽي ٦- اُن جو سنگ
*سؤنٽي جيڪا ڪار ان جي سنگ سان ڪندي آهي، اها ڪار (سورن سان آهي) سور مون سان اختيار ڪن ٿا. ٧- مرادون پوريون ٿيم ٨- دوست ٩- مضبوط ١٠- ڦيرو، مهٽ، مروڙ ١١- استري ڪرڻ بدران اُڃي ڪنٽي سؤنٽيءَ يا مدگر سان ڪپڙن کي هٽندا هئا، جنهن کي ڪوڙ چوندا هئا
١٢- مولي ١٣- ڀلائي مدد، واهر ١۴- ڏهڻ، گپ ١٥- پار ڪر.

هُو جو ويِري واٽَ جو، سو سائِين! نِيئِي ساڙِ،
منهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙِ.
ڪَرَمَ ساڻُ ڪَرِيمَ جي، سَڀ لنگهيندا پارِ،
منهنجي اَللهُ ڪَندو ماڙِ.

وائي-٣

هاڻِ اِيندو، اَلا! منهنجو سَڄَڻُ شالَ ايندو،
اَڪِين لائِيoa اَنڊِيونob، نيئِي وَسِينءَ[١] ۾ وِڃهندو،
اَلا! منهنجو سَڄَڻُ شالَ اِيندو.
نِماڻِيءَ جو نِجُهرو[٢] پاسي پاڻَ اَڏِيندو،
اَلا! منهنجو سَڄَڻُ شالَ اِيندو.
مَٿان لَڪَنِ ساٿَرُو[٣] صَحِي سَلامَتَ نِيندو،
اَلا! منهنجو سَڄَڻُ شالَ اِيندو.
مَهَندِ[٤] تِيندو مُصطَفيٰ، پُنِيءَ لوڪُ لَڏِيندو،
اَلا! منهنجو سَڄَڻُ شالَ اِيندو.
اَچِي عَبدُاللّطِيفُ کي، دوسُ دِلاسا ڏِيندو،
اَلا! منهنجو سَڄَڻُ شالَ اِيندو.

---

oa- لاهي ob- انڌاريون. ١- آبادين ٢- جهوپڙي، پکو ٣- ساٿ، قافلو ٤- اڳيان.

داستان ٽيون

١

عِشقُ اِهَڙِي ذاتِ، جو مانجهي[١] مُنجهائي[٢]،
ڏِينهان ڏورڻ ڏُونگرين، روئڻ سَڄِيائِي راتِ،
اُتي وينِي تاتِ[٣]، مِيان! مَحبُوبَنِ جِي.

٢

جنهن جِي ڏَٽِيان[٤] ڏارَ، پيٽِي[٥] ناهِ پَنيورَ ۾،
ڪَميٽِيءَ جِي ڪانَ ڪِيَئِي، ساٽَ لَڏِيندي سارَ،
آءُ، عالمَ جا سَرِدارَ! واري واڳَ وِلِهِيءَ[٦] تي.

٣

يارُ سَڏائي سَيَڪو، جانِي زُبانِي،
آهي آسانِي، ڪَمَ پِئي تِي ڪَلَ پَوي[٧].

٤

آدِمِيَنِ اِخلاصُ[٨]، مَتائي ماٺو ڪِيو[٩]،
هاڻِ ڪائي سَيِڪو ماٺوءَ سَندو ماسُ،
دِلبَرَ! هِنَ دُنيا ۾، وَڃِي رَهَندو واسُ[١٠]،
پِئي سَبِ لوڪَ لِباسُ[١١]، ڪو هِڪَدِلِ[١٢] هوندو هيڪڙو.

١ـ بهادر، پهلوان ٢ـ پريشان حال ڪري ٣ـ ڳالھ، ذڪر، پچار ٤ـ ڏٽيءَ ڪان، مالڪ ڪان ٥ـ حد، جاءِ، (رهڻ) جي مجال ٦ـ سُڃي، سڪـٽي، خـالي، ور ڪان سـواءِ ٧ـ خبر پوي ٨ـ سچائي ٩ـ جهڪو ڪيو، هلڪو ڪيو ١٠ـ خوشبوءِ، نيڪي ١١ـ ظاهري ڏيکاءُ، ريا ١٢ـ نيڪ نيت، صاف دل.

٥

شُڪُرُ مِلياسين، سُپِرين! جيئري جاني يارَ!
ويٺي جَنِ جي وَٽِ[١] ۾، ڪوڙين ٿِيا قرارَ،
ڏَٿِيَمِ[٢]! ڪَرِ مَ ڏارَ، پاڙو تَنِ پِرِيَنِ ڪان.

٦

ڪوڙي[٣] ڪَڻُ[٤] مَ سُپِرين! ڪَنيَئِي تان ڪوڙِ،*
عادَتَ جا اَڪِيَنِ جي، سا نيئِي نِباهِج توڙِ[٥]،
مُون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ[٦]، تُون پاڻُ سُڃاڻِج، سُپِرين!

٧

دِلِ جو دِلبَرُ هيڪڙو، گهڻا تان نہ ڪِجَنِ،
دِلِ پيي[٧] ڏِجي هِڪَ کي، توڙي[٨] سَوَ سِڪَنِ،
سي چِلولا[٩] چَئجَنِ، جي دَرِ دَرِ لائِنِ دوستِي.

٨

منهنجي مَدايِنِ جي، ڪَلَ[١٠] پِريان پيئِي،
ڪَڏهن ڪوسا نَہ ٿِيا، ** ڏوراپو ڏيئِي،
ساڄَنَ! سَيئِي، ڏِڪِيَمِ ڏِولَ[١١] ڏِلائِيُون[١٢]،

٩

ڏاتَرَ[١٣] مُونَ ڏيکارِيو، هوتَنِ جو حُضُورُ،
پِرِيَنِ پَرِچَڻَ جو ڪِيو، مون تائي مَذڪُورُ[١٤]،
اِيءُ دوسَنِ جو دَسِتُورُ، جيئَن چِنِي چَڏِنِ ڪِينَ ڪِي.

١ـ محل، پاڙي ٢ـ اي منهنجا ڏٿي! ٣ـ (اکيون) ڇمائي، ڪپاءِ (مهر ڪري) ٤ـ هٽاءِ، پري ڪر (پلائيءَ جي نظر ڦير) * اي محبوب! مهر جي نظر ڪري، وري منهن نہ موڙ، پر جي موڙيو اٿئي تہ وري وڙ ڪري ڪپاءِ ٥ـ پڄاڙيءَ تائين رهائج ٦ـ ڪوڙيون، ويهون، گهڻا ٧ـ پڻ، بہ ٨ـ جيتوڻيڪ ٩ـ بيوفا، ڦرندڙ ١٠ـ خبر، سڌ ** ڪڏهن بہ ڪونہ ڪاوڙيا يا مڙيا. ١١ـ دوست، محبوب ١٢ـ عيب، بديون ١٣ـ اي سخيءَ يا خدا ١٤ـ پچار، ذڪر.

۱۰

ڪِنان[1] سِڪِيِن، سُپِرِين! ڪاسائِڪِي ڪارِ؟
تِڪِي ڪاتِي هَٿِ ڪَري، مُڏِيءَ سين مَ مارِ،
چوري چاڪَ[2] نِهارِ، جي سُورَنِ سانگِهيڙا[3] ڪِيا.*

وائي - ۱

سَجَڻَ ٻاروچي جِي ذاتِ، دِلبَرَ ڪوهِياري جِي ذاتِ،
اُتَ گُنگائِي[4] هَلِيا، وائِي ڪَنِ نہ واتِ،
سَجَڻَ ڪوهِياري جِي ذاتِ.
جانِي جَتَ وَتِي وِيا، رِنَّ ۾ پِييَمِ راتِ،
سَجَڻَ ڪوهِياري جِي ذاتِ.
ڪُهِي ڪَمِيٽِيءَ هَلِيا، اَدِيُون! آڌِيءَ راتِ،
سَجَڻَ ڪوهِياري جِي ذاتِ.
مِلان مَحبُوبَن کي، وِهاٽِيءَ پِرِيـاتِ،
سَجَڻَ ڪوهِياري جِي ذاتِ.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، ڏاتَرُ ڏِيندُمِ ڏاتِ[5]،
سَجَڻَ ڪوهِياري جِي ذاتِ.

۱- ڪنان ۲- زخم، وڍ، چير ۳- سوراخ، ٽنگ * منهنجن زخمن کي اٿلائي پٿلائي ڏس ته انهن ۾ به تنهنجي جدائيءَ جي سورن سوراخ ڪري ڇڏيا آهن. ۴- ماٺ ڪرائي ۵- لياقت، عنايت، انعام.

وائي-٣

وَتان وَڄُ مَ مُون، منھنجو تُونھِين تُون، ڪونہ سُٽي ڪو پيو.

تُون تَڏِھانڪَرَ مَنجهِئين[١]، جَڏهن ڪُنَ فَيَڪُون[٢]،

وَتان وَڄُ مَ مُون.

اَھُڪِيءَ[٣] رَسِجِ اَحمَدا[٣a]، اَڳِيان[۴] سوڙِھِي پُون[٥]،

وَتان وَڄُ مَ مُون.

رَسِجِ مُحَمّدَ ڪارِڻِي، جِتي ھُونڳَ نہ ھُون[٦]،

وَتان وَڄُ مَ مُون.

آڳَھہ[٧] ھِنَ اُمتَ جو، آھِين تُونھِين تُون،

وَتان وَڄُ مَ مُون.

ڏِجِ ڪا لَٽَ[٨] لَطِيفَ کي طَھُورَ[٩] مَنجهان تُون،

وَتان وَڄُ مَ مُون.

١- اندر ۾ آھن ٢- ”تيءُ تہ پوءِ ٿي پيو“ دنيا پيدا ڪرڻ وقت، ازل کان ٣- ڏکئي وقت ٣a- اي احمد ﷺ، يا رسول ﷺ ۴- قيامت ٥- زمين، رستو (قيامت ڏينھن صراط المستقيم، جا ترار کان تکي ۽ وار کان سنھي ھوندي) ٦- جتي نڪو ھل نڪو ھنگامو (قبر) ٧- آڌار، ٽيڪ، مھندار، سونھون، ھادي ٨- جام پيالو ٩- پاڪ شراب (شراب طھورا).

سُرُ رامڪلي

سُرُ بابت:

هي سر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي جي ٽن جلدن ۾ ڪونهي. شايد چوٿين جلد ۾ وجهي ها. موجوده نسخي جي پهرئين داستان ۾، ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي وانگر ڇهه بيت ۽ هڪ وائي آهي. ٻئي داستان ۾ ٻارهن ڏينهن بابت ٻارنهن بيت ڏنا ويا آهن. بمبئيءَ واري ڇاپي ۾ ولي محمد هاليپوٽي جا ارڙنهن بيت درج ڪري ۳۰ ڏينهن جو احوال ڏنو ويو آهي، سي ڏاريون ڪلام سمجهي، هتان خارج ڪيا ويا آهن. ٽئين ۽ چوٿين داستان جي واين ۽ بيتن جو تعداد ڊاڪٽر ٽرمپ وارو اختيار ڪيو ويو آهي ۽ نہ سرڪاري ڇاپي وارو. سرڪاري ڇاپي جي چوٿين داستان ۾ ڏنل وائي، هن نسخي جي نائين داستان ۾ وائي نمبر ۲ ڪري رکي ويئي آهي. پنجين، ڇهين ۽ اٺين داستان ۾، بيتن جو عدد ڊاڪٽر ٽرمپ وارو قائم رکيو ويو آهي. ستين داستان ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي وارا بيت قائم رکي رڳو بيت نمبر سترهون سرڪاري ڇاپي مان ڪٺي اضافو ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ واري نائين داستان مان فقط نمبر ۴۱، جو 'آسڻ' جو ڇيل آهي. سو خارج ڪيو ويو آهي ۽ باقي قائم رکيا ويا آهن.

مضمون:

شاهہ سچا سارا ٽي سال سامين سان سلوڪ جو سفر ڪيو ۽ جوڳين سان جوڳ جوڙيو. حقيقت ۾ شاهہ جو سارو رسالو انهيءَ عرصي ۾ ڏٺل فطرتي نظارن، ٻڌل قصن ۽ ڪهاڻين جو منظوم مجموعو آهي. شاهہ هن سر ۾ سامين جي صحبت ۽ سڪ، انهن کان جدا ٿيڻ تي دل جي ڪيفيت ۽ انهن جي محبت مان حاصل ڪيل حال جي حقيقت نهايت خوبيءَ سان بيان ڪئي آهي. هو پهرئين داستان ۾ ٻڌائي ٿو تہ، چوي، "آئون نہ جيئندي اِنِ ري؟"۔ شاهہ سامين جا سخن ياد ڪري "جنين سين ياقوت" تنين لاءِ تڙپي ٿو. هن ڪي انهن ئي "جاڳايو"۔ "حاصل جنين حال" هو. هنن جي صحبت مان شاهہ کي انهيءَ ڪري بہ لطف آيو ٿي، جو "ميڙيو پاڻ پَرِيُون ڪيو، جوڳي جَلائِينِ."

مطلب تہ شاهہ انهن وٽ نينهن جو نسورو نڏاڻ پسي، انهن جي صحبت اختيار ڪئي هئي.

شاهہ جيڪي ٻارهن ڏينهن ۽ راتيون جوڳين سان گنجي ٽڪر واريءَ مڙهيءَ ۾ گذاريون هيون ۽ جيڪي هنن جون وصفون ۽ گڻ ڏٺا هئا، سي ٻئي داستان ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

ٽئين کان نائين داستان تائين "ڪن ڪٽ، ڪاپٽ ڪاپڙي، ڪنوٽيا ڏار" لاهوتي

فقيرن جي توصيف ڏنل آهي، جنهن جو تت هن بيت ۾ اچي وڃي ٿو:

"سامِي ڪامِي پرِيَن لَئِي، ڪُسِي ٿِيا ڪَبابُ،
نَڪو ڏِسَنِ ڏوهَ ڪي، نَڪو ڪَن ثَوابُ،
اوتِنِ اَرتِي گاڏئون، مَنجهان اَڪنِ آبُ،
سَندو ذات جَوابُ، تُون ڪِيئَن پُڇين تَنِ ڪي؟"

روحاني راز:

ٻين سرن وانگر، هنَ سر ۾ ٻه سلوڪ جو اونهو اسرار رکيل آهي ۽ مخفي مامر ڏنل آهي. جيئن هر ڪنهن ڳالهه جا ٻه پهلو آهن، تيئن هر ڪنهن مذهب جا ٻه ٻه پاسا آهن: هڪڙو ظاهري اصول ۽ ٻيو معنوي. مختلف مذهبن جا ظاهري اصول ڪٿي علحده ۽ الڳ هجن، پر معنوي اصول گهڻو ڪري ساڳيا ٿين ٿا. انهيءَ اصول تي تصوف جو بنياد پيو ۽ صوفي پاڻ کي مذهب جي معنوي پهلوءَ سان زياده لاڳاپو رکڻ وارا تصور ڪرڻ لڳا. مذهب جي معنوي پهلوءَ تي زياده زور ڏيندڙ مسلمانن ۽ ويدانت جي حامين ۾ انهيءَ ڪري گهڻيون ڳالهيون ساڳيون آهن.

شاهه جڏهن ٢١ ورهين جو نوجوان هو، تڏهن سامين جي صحبت ۾ وڃي سڄا سارا ٽي سال صرف ڪيائين، جنهن ڪري هن شروع ۾ تصوف جي اصولن کي ويدانت جي عينڪ سان ڏٺو. هو جوڳين سان جوءِ ٻه جُوءِ پنڌڪندو رهيو. جوڳي ويدانت جي اصولن مطابق تن کي تسيا ۽ جسم کي فاقا ڪڍائيندا رهيا. شاهه ٻه ساڻن ويدانت جي واديءَ ۾ قدم رکيو. تپشائون ڪري، جسم کي ڳاري ۽ بدن کي سڪائي پريوءَ کي پائڻ لاءِ جوڳي پاڻ جلائيندا رهيا ۽ شاهه ٻه ساڻن جوڳ پچائيندو آيو. هنن مان کي ڪالي ديويءَ جا ۽ کي مهيسر جا پوڄاري هئا. شاهه ساڻن گڏ جاترون ڪيون، تيرٿ گاهه پيٺيا ۽ ڪيترائي ڪرياڪرم ڪيا، پر هن جي مسلمان دل ننڪر ۽ لوبر جي پوڄا تي مطمئن نه رهي، جنهن ڪري آخر شاهه ننڪر لوبر جي پوڄا کان پاڻ پري رکي، وحدانيت جي واٽ ورتي، جوڳي ڪيس انهيءَ ڪري سُتو چڏي رمندا رهيا.

اڳتي هلي شاهه مسلمان صوفين جي اصولن کان واقف ٿيو ٿو ڏسجي، جن جي اپٽار هن سر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ ڪئي آهي.

جيئن نفس ڪشي، تصوف جو بنيادي اصول آهي تيئن ويدانت جي واديءَ جو ٻه ابتدائي ڏاڪو آهي. جوڳين کي نفس مارڻ ۾ شاهه پڙ ليکي ٿو ۽ انهن جي انهيءَ وصف کي گهڻو ساراهي ٿو. هٺ ۽ وڏائي، خودي ۽ خودغرضي کي ماري نابود ڪرڻ لاءِ ورجائي ورجائي هن سر ۾ شاهه تلقين ڪري ٿو. جن پاڻ جون پريون ميڙي جلائي ڇڏيون، تن کيرون لهڻيون: اهڙن سائين لوڪن لاءِ سائين جو ديدار سولو ۽ سٽائو آهي. "نه کي ڪَٽنِ پَاڻُ سين، نه کي سائنِ پاڻُ." ايتري قدر جو هنن ۾ ذات پات جو پيد ئي ڪينهي. هنن لاءِ سڀ انسان، جزو آهن، حقيقي محبوب جو ۽ درياهه جيءَ قطري وانگر وري وڃي لئي ٿيڻا آهن، درياهه جي اونهي پاٽيءَ ۾.

الاهي ذات جي تات ۾ سالڪن کي هيڪڙي ساعت به سگهو نہ رهڻو آهي، چارئي پهر سپرينءَ جي سوز ۾ چور رهڻو آهي. هنن کي، "لڪا پٽن لوڪ ۾" جي اصول تي عمل ڪرڻو آهي، ڳجهو ڳالهائي، اندر اجاري، سون ٽيٽو آهي. ڏريائين ڏٽيءَ ڏانهن ڏيان ڏري، الک جي صورت سامهون رکي، روح کي رام سان رلائڻو آهي؛ "ويروتار وجود ۾ الله اُنين کي" رکڻو آهي. گروءَ جو گس وٺي اتي اوتارا اڏڻا آهن، "جتي نظر ناٿ جو" آهي. حرص هوائي ڪرڻو آهي، لنگ ڪڍڻو آهي، سيٺي سگ ٽوڙي، طمع ترڪ ڪري، ڪيني کي قتلام ڪري، وحدت جو وٽج وهائي، ناھ (فنا) جو درجو حاصل ڪرڻو آهي، مطلب تہ، "وڃائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ" جي اصول کي عملي جامو اوڍائڻو آهي ۽ نامرادي کي نجهرو ۽ رضا کي پنهنجو ايمان بڻائڻو آهي.

سُرُ رامڪلي

داستان پهريون

١

نُوري[١] ۽ ناري[٢]، جوڳيئڙا جَهانَ ۾،
ٻَري[٣] جَنِ ٻاري، آئون نہ جيئندي اُنِ ري.

٢

جوڳِيَئڙا جَهانَ ۾، هٿا مَنجهہ حَمامَ[٤]،
آرامان[٥] اَرَڳُ[٦] ٿِيا، اوڏا نہ آرامَ،
ڪيائُون قِيامَ[٧]، آئون نہ جيئندِي اُنِ ري.

٣

لَڪِين ڪِيا لِسانَ[٨] سين، لاهُوتِيَنِ[٩] لوڙا[١٠]،
گهوڙا ڙي گهوڙا! آئون نہ جيئندِي اُنِ ري.

٤

ڳولِيانِ ۽ ڳُنڌِيانِ[١١]، وِيا ويراڳِي[١٢] نِڪِري،
صُحِبَتَ جا سَنڌِيانِ، آئون نہ جيئندِي اُنِ ري.

١- نور وارا، نور جي پيدائش، آسماني (سچا) ٢- (عشق جي) باھ وارا، جهنمي (ڪوڙا) ٣- عشق جي باھ ۾ پاڻ پچائي ٤- وهنجڻ لاءِ گرم پاڻيءَ جي جاءِ، گرمي، باھ ٥- آرام کان ٦- الڳ، جدا ٧- قهر؛ بيهڪ، استقامت ٨- زبان ٩- لاهوت جي جوڳن، سالڪ لاءِ چار منزلون آهن: ناسوت، ملڪوت، لاهوت ۽ هاهوت، جنهن مان ٽين منزل کي پهتل درويش ١٠- فرياد، دانهون ١١- واس يا خوشبوءِ وٺان، ڳوليان ١٢- دنيا ترڪ ڪندڙ فقير، تارڪ.

٥

مَران، مَتو پِتيان، نِهارِيان نيٽانِ،
سُخُنَ جي سَندانِ، آئون نہ جيئندِي اُنِ ري.

٦

وارو[١]! ويراڳِيَنِ کي، ويلَ مَ وساريجِ،
قَدَمَ ڪاپَڙِيَنِ[٢] جا، لِيلائي لَهيجِ،
پِيرَتَ[٣] پَسِيو پَٽَ[٤] جِي، وَجَڻَ کي وَجيجِ،
راتو ڏينهن رِڙهيجِ، آئون نہ جيئندِي اُنِ رِي.

٧

قَدَمَ ڪاپَڙِيَنِ جا، لَڳا مِ لاهُوتَ،
جَنِين سين ياقُوتَ[٥]، آئون نہ جيئندِي اُنِ رِي.

٨

واڄَٽَ[٦] ويراڳِيَنِ جا، مُون وَتِ وَڏِي وَٽُ[٧]،
سونُ سَيوئِي سَڱِيُون[٨]، پَسِي ڪِينَ[٩] مَ ڪَٽُ[١٠]،
ويساهي[١١] ويلَ ڪَنهِين، پُورَبِ[١٢] وِيندو پَٽُ[١٣]!
هُلَ[١٤] کَنيائُون هَٽُ[١٥]، آئون نہ جيئندِي اُنِ ري.

٩

واڄَٽَ ويراڳِيَنِ جا، مُونَ وَتِ وَڏو مالُ،
مَقالان[١٦] مهند تِيا،* ڪونهي وَتِنِ قالُ[١٧]،
حاصُلُ جَنِين حالُ[١٨]، آئون نہ جيئندِي اُنِ رِي.

١- اي مدد ڪريو! فرياد! واهرو! ٢- جوڳين جو هڪ قسم ٣- پيچرو، رسم ٤- جماعت، جوڳين جي ٽولي؛ چڱو ڪاڏو ٥- موتي (روحاني بي بها املهہ ماڻڪ) ٦- واڄن، نغارن ۽ نادن جو آواز، ساز، باجا ٧- شيءِ، چيز ٨- نوڙيون، جيڪي جوڳي مٿي کي ٻڌندا آهن ٩- پينگ، سج ١٠- قيمت نہ لڳاءِ، قدر يا اندازو نہ ڪر ١١- اعتبار ڏياري، لڳي ١٢- اڀرندي (طرف ملڪ) ١٣- جماعت، ٽولو ١٤- گوڙ گهمسان کان ١٥- ڇڏيائون ١٦- مقال يا ڳالهہ * بيان کان ٻاهر آهن. ١٧- ڳالهہ، بحث ١٨- حقيقت، وجد جي حالت، مستيءَ جي گهڙي جنهن ۾ صوفي مدهوش ٿي ويندا آهن ۽ دنيا جي حالتن کان بيخبر ٿي ويندا آهن.

١٠

سُتي سيجَ ھُياسِ، مون کي آھَ[١] اُٿـاريو،
جَنِين جاڳاياسِ، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١١

جان ڪِي مُون کي نِي[١a]، پَڳھَ[٢] پائي پانُ ڏي،
پَھَ[٣] پَروڙيان پَٽَ جا، ڪِينَرَ[٤] مَنجھان ڪي،
ھاٿي جي ھَنيَئِي[٥]، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١٢

جان ڪِي مون کي تانُ، پَڳھ پائي پانُ ڏي،
ھُو جي ھَنيئي ھاڻ، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١٣

جا نہ ڪِي مُون کي نِيو، پَڳھَ پائي پانُ ڏي،
قُوتُ منھنجو ڪاپَڙي! سِڱُنِ مَنجھ سِھو[٦]،
ڪا قِري قُوڪَ ڏِيو، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١٤

سُوڏو[٧] سِڱُڙيَنِ سين، ڪِي جو ڪَھِيائون[٨]،
ھُوءَ جا ھَنيائُون، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١٥

صُبُحِ سِڱُڙيُون[٩] ڪَٽِي، وِيا ڏُکائي[١٠] ڏُورِ،
ٿِيا ڏيـنـائِيان[١١] ڏُورِ، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١- عشق ١a- وٺي ھل، وٺي وڃ ٢- رسا، نوڙيون ٣- راز، خيال ۴- ساز، سرندي ٥- تو ھنيا يا لڳايا (عشق جا تير.) ٦- سھج، وجھ، آسرو، اميد، شوق، چاھ ٧- سنٺون، سچ، عمدي ڳالھ ٨- چيائون ٩- سڱيون، ناد ١٠- دک يا ڏک ڏيئي ١١- ڏسڻ يا ديدار يا زيادت ڪان.

١٦

صَبُح سِگَڙِيُون ڪَٽِي، وِيا وَڃائي وِيرَ[١]،
ڏورِيان[٢] ڏورِيان نَہ لَهان، تَنِ بيراڳِينِ بَهِيرَ[٣]،
جَنِ جي آسَڻَ مَنجِهہ عَنبِيرَ[٤]، اُئُون نَہ جيئَندِي اُنِ رِي.

١٧

ميڙيو ياڻُ[٥] پَريُون ڪِيو، جوڳِي جَلائِينِ،
سامِي سِگَڙِيَنِ سين، خُودِيءَ کي کائِينِ[٦]،
هو جي تارِ تِڳائِينِ،* اُئُون نَہ جيئَندِي اُنِ رِي.

١٨

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، اَچي نَہ آرامُ،
ڪِينَرَ ڪُٺِي آهِيان، تَنِين جي تَمامُ،
مون کي ٿِيو ماتامُ، اُئُون نَہ جيئَندِي اُنِ رِي.

١٩

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، اُدِما[٧] اَچَنِ،
ڪِينَرَ ڪاپَڙِيَنِ جا، صُبُح تان نہ سُجَنِ[٨]،
جي رائِي مَنجِهہ رَهَنِ، اُئُون نَہ جيئَندِي اُنِ رِي.

٢٠

آسَڻَ وَٽ آهُون ڪَرِيان، وَسِ[٩] نہ منهنجي واتُ،**
لَڱَمِ لاهُوتِيَنِ جو، مَنجهان ڪِينَرَ ڪاتُ،
هَلَڻَ کي هَيهاتُ[١٠]!*** اُئُون نَہ جيئَندِي اُنِ رِي.

١ـ بهادر (جوڳي) ٢ـ ڳوليان، (هي اشارو انهي حقيقت ڏانهن آهي تہ جوڳي شاهہ کي گوهي ڏٺي نانيءَ ۾ ڇڏي ويا هئا ٣ـ قطار، جماعت، قافلو ٤ـ خوشبوءِ ٥ـ خودي ٦ـ ساڙين *اهي جوڳي جيڪي وچ سير يا اونهي پاڻيءَ مان پار لنگهائين يا روحاني رهبري ڪن ٧ـ جوش، جذبا ٨ـ ڦٽجن ٩ـ قبضي ۾ ** اُئون دانهن ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان. ١٠ـ افسوس ***افسوس آهي جو هلڻ کان مجبور آهيان.

٢١

پَسِيو آسَڻَ اُنِ جا، ٻانهُنِ وِجهان واتُ،*
هُو جي ڪَهِيا[١] ڏُونهن[٢] قَلاتُ، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٢

وَتِـن وينِـي آهِيان،** ڏِسيو ڪِينَ ڏِسانِ،
جنهن جِهو ئِي[٣] ناهہ ڪِي، سا ڪا سُونهن سَندِيانِ،
پَسِيو ڪِينَ پَسانِ، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٣

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، اَڄُ نَہ آسَڻُ وَٽِ،
خُودِي ڪانئِي هَلِيا، پيرُ نَہ لائِينِ پَٽِ،***
هَئِي هَئِي جَنِين هَٽِ[٤]، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٤

بابُو بِيڪارِي ٿِيا، يَڃِي ڃَنڊِيائُونِ ڀانُ،
نِسورو ئِي نينهن جو، نانگَنِ[٥] وَٽِ نِڊانُ[٦]،
سِرِ ڪَنڌُ[٧] جَنِين سانُ، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٥

نانگا نانِيءَ[٨] هَلِيا، سامي سَيئِي،
وِهَڪَ مُون وِئِي، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

---

* دانهن ڪرڻ کان پاڻ روڪڻ لاءِ ڪنيو ٻانهن ۾ چڪ وجهان. ١- هليا، ڪاهيو ٢- ڏانهن ** پرين اندر ۾ پيا وسن ٣- جهڙو *** اهڙا تڪڙا پيا وڃن جو سندن پير پٽ تي ڪونہ ٿو لڳي. ٤- دڪان تي، وٽ ٥- اگهاڙن، تارڪن، لانگوٽي ٻڌڻ وارن جوڳين ٦- ندان، پچاڙي، گهر ٧- صندل، چندن، سرهي ڪاٺي ٨- هنگلاج، جتي ڪالي ديويءَ جو وڏو مندر آهي، جنهن کي مسلمان ناني سڏيندا آهن.

٢٦

نانگا نانِيءَ هَلِيا، ويچارا ويا،
ڪِينرَ ڪاپَڙِيَنِ جا، صُبُحِ تان نَہ سُئا[١]،
هُو جي هِتِ هئا، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٧

نانگا نانِيءَ هَلِيا، چيِلهيا[٢] چيِلهہ ٻَڌَنِ،
هو جي هُتِ هَلَنِ، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٨

نانگا نانِيءَ هَلِيا، هِنگلاجان[٣] هَلِي،
ديکِي[٤] جَنِ دُوارِڪا[٥] مَهيسِنِ[٦] مَلهِي[٧]،
آڳَهُہ[٨] جَنِ عَلِي، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٢٩

جُسِي سَندو، جوڳَ[٩] رِي، مُون نہ گُهرِجي ماهُہ[١٠]،
سامِي منهنجو ساهُہ، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

٣٠

ڪالهوڪو ڪاڏي وِيو، سَندو جوڳِيَنِ جوشُ،
پَسِي تنهن پَٽَ کي، هَڏِ نَہ رَهِيو هوشُ،
آسَڻَ ۾ افسوسُ، آئُون نَہ جيئندِي اُنِ رِي.

١- ٻڌا ٢- چيلهہ جو پٽو يا ڪپڙو، ڪمربند ٣- هنگلاج کان ۴- ڏٺي، تيرٿن ياترا ڪئي ٥- دوارڪا جو شهر هندن جي تيرٿ جي جاءِ ٦- شو جي پوڄارين، جوڳين ٧- خوش ٿي، سرخرو ٿي، مرڪي ٨- اڳهو، آسرو، مهندار، اڳواڻ، سونهون ٩- ويراڳ، دنيا ترڪ ڪرڻ ١٠- ماس، گوشت.

٣١

نَہ ڪِي[١] ڪَنَ پاڻَ سين، نہ ڪو ساڻُن پاڻُ[٢]،
اهَڙا جَنِ اُهڃاڻُ[٣]، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

٣٢

پاڻهين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ ڪَنِ پَريانُ[۴]،
اِهَڙا جَنِ اُهڃاڻُ، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

٣٣

پاڻهِين وينا پاڻَ سين، پَرِ ۾ پَرياڻِينِ[۴]،
هُو جي هَلَڻَ سَنديُون، ڳالهيون ڳالهائينِ،
وَڃَڻُ[٥] وِڃائِين،* آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

٣۴

ويراڳِيَنِ وَرَنُ[٦]، ڏِسَڻُ گهڻو ڏهلو[٧]،
هِڪُ ٻولڻُ ٻوڙَنِ سين، ٻيو سَندا فانيَنِ[٨] فَنَ،
ڪِي گهِرجَنِ ڪَنَ،** آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

٣٥

جُز[٩] وِڃايو جوڳِيِنِ، ڪُلّ[١٠] سين آهِنِ ڪَمُ،
آسَڻُ جَنِ عَدَمُ[١١]، آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

٣٦

وَڃائِي واٽَ ٽِيا[١٢]، جوڳِي جُڳاٽِي[١٣]،
هُنَا جي هاٽِي،*** آئون نَہ جيئندِي اُنِ ري.

١ـ ڪجھ ٢ـ خودي ٣ـ نشان، پتو ۴ـ حال اورين، صلاح مصلحت ڪن ٥ـ مُوت، نيستي، فنا * موت کي ماريو مات ڪن، ترڪ کي بہ ترڪ ڪيو ڇڏين ٦ـ رنگ، روپ، رونق ٧ـ ڏکيو ٨ـ فنا ٿيندڙ، واصل باالله ** اندر جا ڪن گهرجن، جن سان جوڳين جو سڏ سڻي سگهجي. ٩ـ ذرو (پاڻ)، انفرادي هستي ١٠ـ سيني شين جي مالڪ، الله ١١ـ نيستي ١٢ـ پنڌ پيا، هليا ١٣ـ جوڳ پچائڻ لاءِ. *** اِجهو هينئر جيڪي هتي هُئا!.

وائي

سَندَڙيانِ[١] سِگَڙي[٢] ڳالهه ڳُجهڙي، مُون مارِيندي ڪَڏهِين.
جا وَڃائينِ جَتَڙا، نَہ تنهن نَڙَ جهَڙي،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
مُرليءَ کي جنهن ماتُ ڪِيو، تُلِ[٣] نَہ تنهن تُنبَڙي،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
تارِيو[٤] جنهن توڏِيءَ[٥] کي، نہ سو گهنڊ نہ گهنڊڙي،
مون ماريندا ڪڏهين.
ڏاريو[٦] جنهن ڏياچ[٧] کي، تَندُنان[٨] سا تِڪَڙي،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
نَہ سِري[٩] نہ سِنڌُ ڪا، نَہ هِندُ هِهَڙي،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
مِنائِيان[١٠] منِي گهٽُو، چُوَندا جَنِ چَڪَڙي[١١]
مُون مارِيندا ڪَڏهِين.
وَنءَ اونايِي اُنِ کي، ويهُ مَ، ڪَنُ وِڪَڙي،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
بيخودِ بابو سي ٿِيا، ٻُرَندي[١٢] جَنِ ٻُڌَڙي، *
مُون ماريندا ڪَڏهِين.

١- انهن جي ٢- سگي جيڪا جوڳي وڃائيندا آهن. (هن وائي ۾ سنياسين جي سگيءَ جون خوبيون بيان ٿيل آهن.) ٣- برابر، مثل، جهڙي ٤- اڪرايو، پار ڪيو ٥- ڏاچي، خوبصورت زال، راڳ جو نالو ٦- چيريو سر ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو ٧- راءِ ڏياچ (ڏسو سر سورٺ) ٨- تند يا تار کان ٩- اتر طرف ١٠- مٿايان، مٿائيءَ کان ١١- چڪي ڏلي، ذائقو ورتو ١٢- ٻڌندي، وڄندي * جن جوڳين سگي وڄندي ٻڌي سي وجد ۾ اچي ويا.

جا ساراهِيَل سُبحانَ جِي، تنهن واكاڻ ڪِهڙي؟
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
سَهَسين سُرُودَنِ کي، پاٽان پوءِ وِجَهندَڙِ ي،*
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
گهاندارَ[1] مِرُون[2] موهِيا، هِيءَ ماڙهُو موهيندڙي[3]،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، هِيءَ مٺا جِيارِيندَڙِي،
مُون ماريندا ڪَڏهِين.

داستان ٻيو

١

ڪِيَمِ ڪاپَڙِيَنِ جِي، پِهرِيِن ڏينهن پَرُوڙَ،
سَگها[4] ساعَتَ نَہ هيڪَڙِي، چارَئي پَهَرَ[5] چُورَ،
سَدائِين، سَيّدُ چي، هُونِ[6] سَناسِي مِ سُورَ،
جوڳِي ساڻُ ضَرورَ[7]، لِڪا يُٺَنِ[8] لوڪَ مِ.

٢

ويهِي ويراڳِيَنِ جو، ٻئي ڏينهن ٻُڌَمِ حالُ،
تَنِ جا ڏاڄا[9] ڏورڙِ يَڪُلِيا[10]، جاڳوتا[11] زَوالُ،
اُنِ جاٽِي جَتائُون[12] جِڏِيُون، چوتا چَڳِيءَ چالِ،
ويچارا وُجُودَ جِي، ڪنهن سين ڪَنِ نَہ ڳالِ،
نانگا تِپيا نِهالُ[13]، لِڪا يُٺَنِ لوڪَ مِ.

---

* سون سازن کي سگّي پاڻ کان گهٽ ثابت ڪندڙ آهي. ١ گهند ٻڌل ٢- ڍور ٣- موهيندڙ، مسائيندڙ، مصيبت ۾ گرفتار ڪرائيندڙ ٤- تندرست، عشق جي عذاب کان آجا ٥- سارو ڏينهن ٦- هجن، رهن ٧- ضرورت، مصلحت ٨- گهمن، هلن چلن ٩- گيڙوءَ رتا ڪپڙا ١٠- مٽيءَ هاٿا، ميرا ١١- فقيرن جي وارن ٻڌڻ جا رسا ١٢- جاتائون، وٽيل وار، چڳون ١٣- خوش.

٣

ٽئين ڏينهن ٽمڪائين، ڏونهيون دائرن[١] ۾،
ميڙيو ڪرڙ[٢] ڪاٺيون، جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڻ خبرون آديسين آهين،
ڳجهه نه ڳالهائين، لڪا ڀڻن لوڪ ۾.

٤

چوٿين ڏينهن چوگان[٣] ۾، ڪنهن جنهن پهه پيا،*
وهم پريان جي وڌيا، تن ۾ ڪوڙ ڪها،
اندر آديسين کي، اچن جوش جها[٤]،
سامي سون ٿيا، لڪا ڀڻن لوڪ ۾.

٥

پنجين ڏينهن پئي، ڪنهن جنهن پور پچائيا،
اندر آديسين کي، سورن شاخ ڪئي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ پيا لهي،
اُن کي ساري رات، سيد چئي، گوندر[٥] ۾ گئي[٦]،
ڪريو سيڻ[٧] سهي، لڪا ڀڻن لوڪ ۾.

٦

ڇهين ڏينهن ڇٽي[٨]، پيا ڪنهن پريان ۾،
اندر آديسين کي، ڏريائين[٩] ڏٺي،
ٻري ٻاجهارا[١٠] ڪيا، ڪانئين آگ ڪٽي،
پنيو پنج-ڪٽي[١١]، لڪا ڀڻن لوڪ ۾.

١- اوطاقن، مڪانن ٢- گند ڪچرو، ڪک ڪانا ٣- ميدان* ڪو پور پين، الاهي عشق جو آڪيڙو چڙهين ۴- جهڙا، سخت ٥- غم، فڪر ٦- پوري ٿي، وئي، گذري ٧- سچا مائٽ، دوست يا سڄڻ ٨- ڪري ٩- ڏريان ٿي، اصل ڪان ١٠- سگهورا ١١- خيرات، ڀيک، اُن جي لپ يا مٺ.

٧

سَتين ڏينهن سيدُ چئي، ڏاڄا ڏوتائُون،
اُڀي اَلَکَ[1] سامُهُون، ٻانهُون ٻڌائُون،
وَڏِيءَ ڪنهن وِلاتِ جا، اُهڃَ[1a] آندائُون،
رُوحُ پنهنجو رامَ سين، پَرِ ۾ پوتائُون،
ڪَٽِيو ڪِدائُون[2]، لِڪا يُٺَنِ لوڪَ ۾.

٨

اَٺين ڏينهن اُڀي وِيا[3]، جوڳِي جاءِ ٻجاءِ،
ساپَرِ سامي سِکِيا، جا پَرِ جوڳَ جڳاءِ،
ويروتارَ[4] وجُودَ ۾، اَللهُ اُنين کي آهِ،
ڪنهن جنهن ڪَمائِيءَ[5] لاءِ، لِڪا يُٺَنِ لوڪ ۾.

٩

نائين ڏينهن نيٽانِ[6]، اوڄاڳِي اُجارِيا،
سَٻاجهي ٻاجهه ڪِي، سُڄاڻي سيٽانِ[7]،
جِتي نَظَرُ ناٿَ جو، * اُتي اوتارانِ[8]،
اِهي اُهڃاڻانِ، لِڪا يُٺَنِ لوڪَ ۾.

١٠

ڏهين ڏينهن ڏکَ ٿِيا[9]. پرينءَ پاڀوهِيا[10] پَسُ!
وَرَقُ جو وِصالَ جو، سو وارِي ڪِيائُون وَسُ، **
لَڌائُون لَطيفَ چئي، سندو گُروءَ گسُ،
جوڳِيَنِ ڪَتِيو جَسُ، لِڪا يُٺَنِ لوڪَ ۾.

١ـ الله جو هندڪو نالو ١a ـ اُهڃاڻ ٢ـ پياليون، چمنيون ٣ـ اٿي ويا، ڪک پن ٿي ويا. ٤ـ هميشه ٥ـ حاصلات، ڦل ٦ـ هنن جي اکين کي ٧ـ هنن کي * جتي ڏٺيءَ جو نظارو يا ديدار نصيب ٿئي ٿو. ٨ـ هنن جا اوتارا يا مڙهيون ٩ـ سينگاريا، ظاهر ٿيا ١٠ـ خوش ڪيا، مرڪيا ** ڏٺيءَ سا واصل ٿيڻ جو ڪاغذ يا دستاويز پنهنجي قبضي ۾ آندائون، وصل حاصل ڪيائون.

١١

ڪارِهين[١] ڏينهن ڪَرَمُ[٢]، وَرِيو ويراڳِيَنِ جو،
جوڳِين جاتائُون[٣] پُنِيُون، هَلِي وِيا حَرَمُ[٤]،
دائِمُ جَهلِيو دَمُ،* لِڪا پُٽَنِ لوڪَ ۾.

١٢

ٻارِهين ڏينهن ٻيئِي، مَنَ مُرادُون پُنِيُون،
جوڳِي اِنَ جاتا ڪي، تي سِڪِيا سَيئِي،
سَمانا[٥] سيئِي، جي گُرَ گَڏِجي آئِيا.

وائي

ڪَلَپَتِي[٦] آئِيا، هو ماءُ! آئُون هَلَندي اُنِ سين.
حِرِصَ[٧] هَوائِي[٨] جَنِ جا، سُڪِين[٩] تان نہ سَدائِيا[١٠]،
هو ماءُ! آئُون هَلَندي اُنِ سين.
تَنِ تَڪِيا تاڪِي[١١] ڇَڏِيا، جي ايهِيءَ[١٢] وِرِهَ[١٣] وِڌائِيا[١٤]،
هو ماءُ! آئُون هَلَندي اُنِ سين.
توشَڪُون[١٥] ۾ تَڪِيا، وِهاٽا جَنِ وِراهِيا،
هو ماءُ! آئُون هَلَندي اُنِ سين.
هَلو! تہ پَسَون اُن[١٥a] ڪي، جَنِ لُنگُ لاهوتِينِ لائِيا،
هو ماءُ! آئُون هَلَندي اُنِ سين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، اَڳُڻِ مُون آئِيا،
هو ماءُ! آئُون هَلَندي اُنِ سين.

١ـ ٻارهين ٢ـ قسمت، نصيب ٣ـ زيارتون، تيرٿ ٤ـ ڪعبہ، زيارت جي جاءِ، حضور*هميشہ صبر ڪيو يا راز لڪايو ٥ـ مان وارا، شاناٽا، معزز ٦ـ ڪاوڙيل، خيال وارا ٧ـ لوڀ، تمنائون ٨ـ هوا ۾ رفوچڪر ٩ـ سڪن، فرحتن ١٠ـ سڌ ڏياري، لالچايا ١١ـ ترڪ ڪري، تاڪيون ڏيئي، بند ڪري ١٢ـ اهڙي ١٣ـ غم ١٤ـ لٽيا، لاٽا، وڌيا ١٥ـ جواهرن ۽ هٿيارن رکڻ لاءِ جايون، بسترا، هند ١٥a ـ اُنهن.

داستان ٽيون

١

ڪنهن جنهن سَناسِيءَ سُورَ، جُهه[1] وَهَلُورُ[2] وَتَنِ،
اَتَئي پَهَرَ اَلَکَ جو، ڪو وَڏُ ويراڳِيَنِ،
سَدائِين صاحِب پِنئيءَ[3]، تا ڪاپڙي ڪَنبَنِ،
جي راتو ڏينهن رَمَنِ[4]، هلو! تہ تَڪِيا پُسون تَنِ جا.

٢

ڪنهن جنهن سَناسِيءَ سُورَ، جُهه وَتَنِ ۾ وَهلُورَ،
پَهَرِ ٻولِي ٻِي قِرِي، گهٽَ ۾ گهايَلَ گهورَ،
چِتَ جَنِين جا چُورَ، هلو تہ تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

٣

سَدائِين سَفَرَ ۾، رَمَنِ مَٿي راهہ،
پُرَنِ[5] پُورَبَ پَنڌُ ڏي، مَنجهہ مَوالِي ماهہ[6]،
جَنِ جِي اَلَکَ سين آگاهہ[7]، هلو تہ تَڪِيا پَسُون تَن جا.

٤

ڪَنَ-ڪَٽَ[8]، ڪاپَٽَ[9]، ڪاپڙي، ڪَنوتِيا[10] ڪَنَ چِيرَ،
سَدا وِهَنِ سامُهان، عاشِقَ اُتَرَ هِيرَ،
تَسِيا[11]! ڏِيئي تَنَ کي، ساڙِيائُون سَرِيرَ[12]،
هُو جي فَنا ٿِيا فَقِيرَ، هلو تہ تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

١- جڏهن، جنهن ڪري ٢- پريشان، ڪک (دنيا کان) ٣- پؤ مان، ڊپ مان، ڊڄي ٤- هلن، گهمن ٥- هلن، وڃن ٦- مهيني (سارو وقت) ٧- آگاهي، واقفيت، ڏيٹ ويٹ ٨- جوڳين جو قسم، جيڪي ڪن چيرائيندا آهن ٩- جوڳين جو قسم ١٠- ڪن ويڌل جوڳي فقير ١١- بکون، فاقا، تڪليفون ١٢- بدن، جسم.

٥

ڪَن ـ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙي، ڪَن جي ڪَنائِينِ،
لاهُوتِي، لَطِيفُ چي، ماڳُ نہ مَنائِينِ،
جي خودِيءَ ڪي ڪانئِينِ°، هلو تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

٦

ڪَن ـ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙي، ڪَنوتِيا، ڪَن ـ ڪَٽَ،
ڏُونهان جَنِ ڏُکائِيا، هَلِي مٿي هَٽَ،
خاڪِ جَنِين جِي ٻَٽَ، هلو تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

٧

ڪَن ـ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙي، لانگوتِيا لالَ،
لاهُوتِي، لَطِيفُ چي، موهِيا ڪنهن نہ مالَ،
هِهڙا وَتِي حالَ، هَلو تہ تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

٨

ڪَن ـ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپَڙي، ڪَنوتِيا، ڪَن ڏارِ،
هَلَنِ جي هِنگلاجَ ڏي، بابُو چِڏي بارَ[١]،
جي ڪِينَ[٢] قَبُولَٽهارَ[٣]، هلو تہ تَڪِيا پَسُون تَنِ جا.

٩

تَڪِيا پَسو تَنِ جا، هَلِي مَنجهان خالَ،
ڪوڙِين[٤] ڪَنوتِيَن جا، پِينَرُا! پانِيان پالَ[٥]،
سامِيَنِ جي سَنيالَ[٦]، منهنجو چِتُ چَڱو ڪِيو.

°ـ سارِين ١ـ پوجا، مال متاع، جوابداريون ٢ـ سچ، پينگ، فنا، نيستي ٣ـ قبول ڪندڙ ٤ـ ڪروڙين (گهٽا) ٥ـ مهربانيون، پلايون ٦ـ يادگيري، پرگهور، عشق.

١٠

تَڪيا تاڪياٺُون[١]، وِيا رَمَندا رامَ ڏي،
ڪِجان[٢]، خَبَرَ نَہ لهان، تَنِ آڏيسِنِ آئُون،
ڪِنهن ڪُڙِ[٣] ڪَنيائُون، ڪاڏي وِيا ڪاپَڙي.

١١

سامِي ڪامِي پِرِينءَ لِئِي، ڪُسي ٿِيا ڪَبابُ،
نہ ڪو ڏِسَنِ ڏوهَ کي، نَہ ڪو ڪَنِ ثوابُ،*
اوتينِ اَرتِي[٤] گاڏُئُون، مَنجهان اَکينِ آبُ،**
سَندو ڏاتِ جَوابُ،*** تُون ڪيئَن پُڇِين تَنِ کي.

١٢

سامِيَن سَمَرُ[٦] سُورَ، گُونڊَرَ گَبَرِيَنِ[٧] ۾،
جَڙي ٻَڌائُون جانِ ۾، پَيغامَنِ[٨] جا پُورَ،
آڏيسِي اَسُورَ[٩]، وَڃائِي واٽَ ٿِيا.

١٣

سامِي! مَرُهي سَنڌِياءِ، سامُهين مُون سيلَه[١٠] ٿِي،
سا تان ڪَهُ اَڏِياءِ، جان نانگا وَڃِين نِڪِري.

وائي

آسرو آهي، مُوتِي اِيندا، مُون نَہ ڇَڏِيندا، پاڻُ پَسَندا[١١].

اِيندا آڏيسِي وَرِي، ڏُونهيُون ڏُکائِي،
مُون نَہ ڇَڏِيندا، پاڻُ پَسَندا.

١- ترڪ ڪيائون ٢- ڳران، ڪنجهان، سڙان ٣- طرف، ڏس.* جوڳي هرڪو ڪم ڏٽيءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا ۽ ائين ڪرڻ ۾ گناه يا ثواب ڪرڻ جو خيال ڪونہ ٿا رکن. ٤- ڳاڙهي رنگ ٥- گاڏئون، گڏيل ** هو رت جا ڳوڙها اکين مان ڳاڙين ٿا. *** ذات پات جو ڀيد يا نشان پتو. ٦- سامان، موڙي ٧- رلين يا گودڙين يا پراڻن ڪپڙن ٨- خدا وٽان نبيءَ جي آندل ارشادن يعني شريعت جي احڪامن ٩- سورن کان خالي، خاطر جمع وارا ١٠- ڪنڊا، خار ١١- پاڻ کي سڃاڻيندا، ڀلائي ڪندا؛ هتي "تسندا ڪِ راضي ٿيندا" لفظ اچي سگهي ٿو.

پَٽَرِ[١] وِلاَ پِرِ[٢] لَٿي، ويھُ تُون وِڃائِي،
مُون نَہ ڇَڏِيندا، پاڻُ پَسَندا.
ڏُکَ لاهِيندا ڏيلَ جا، ڳُجهو ڳالهائِي،
مُون نَہ ڇَڏِيندا، پاڻُ پَسَندا.
مُون کي نِيندا پاڻَ سين، هِي سَڳُ ساڳاهِي[٣]،
مُون نَہ ڇَڏِيندا، پاڻُ پَسَندا.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چي، اُو اِهَڙوئِي آهِي،
مُون نَہ ڇَڏِيندا، پاڻُ پَسَندا.

داستان چوٿون

١

جي ڀانيين جوڳِي ٿِيان، تَہ سَڱَ سَيئِي ڇِنُ،
وَڃِي دَرِ دوسَنِ[٤] جي، نانگا ڪيمِ نِنُ[٥]،
پَٽِ[٦] تَنِين جي پِنُ، جَنِ ٻُجهي نَہ ٻُجهيو.*

٢

جي ڀانيين جوڳِي ٿِيان، تَہ سَڱَ سَيئِي توڙِ،
جي جاوا نَہ ڄاڻندا،** جِي تَنِين سين جوڙِ،
تَہ تُون پَهچِين توڙِ، مَحَبَّتَ جي مَيدانَ ۾.

١ـ پٽراٽي يا هنڌ تي ٢ـ پرين ۾ ٣ـ سڃاڻي، ساڃاهہ رکي، سمجهہ ڌاري ٤ـ دوستن ٥ـ رو، پٽ ٦ـ زمين، ميدان، گهر يا در* جن راز لڪايو، عارف هوندي پاڻ کي اڻ ڄاڻ پڌرو ڪيو. ** خدا، جنهن نہ ڪنهن کي ڄڻيو آهي ۽ نہ پاڻ ڪنهنجي ڄڻيان ڄائو آهي.

٣

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ پَرِ[١] ڳُروءَ جي پارِ،
هَوائُون[٢] هِنگلاجَ ڏي، ويندي سَڀِ وِسارِ،
نانگا! ناٿُ نِهارِ، سامِي وَڏِيءَ سِڪَ سين.

٤

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ طَمَعَ ڇَڏِ تَمامُ[٣]،
گولا جي گولَنِ جا، تَنِ جو ٿِيءُ غُلامُ،
صَبرَ جي شَمِشِيرَ[٤] سين، ڪَرِ ڪِيني[٥] کي قَتلامُ[٦]،
تہ نانگا تنهنجو نامُ[٧] لِکِجي لاهُوتِيَنِ ۾.

٥

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ ٿِيءُ ڳُروءَ جي ڳسِ،
ڏُکَ پاڻَ کي ڏسِ، سامِي! وَڏِيءَ سِڪَ سين.

٦

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ مَنُ پوري مَنجهہ مارِ،
دائِمُ ڏُونهِين دِلِ ۾، مَنَ سين مالِها[٨] وارِ[٩]،
سَهُ سَيڪا آرِ[١٠] آڳي[١١] جي آدَبَ سين.

٧

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ ڪِينَ[١٢] پِيالي پِيءُ،
ناهہ[١٣] نِهاري هَٿِ ڪَرِ، "آئُون" سين اُتِ نہ پِيءُ[١٤]،
تہ سَندو وَحدَتَ وِيءُ[١٥]، طالِبَ! توڙان[١٦] مائِيين.

١ـ ريت، رسم، حڪم ٢ـ حرص، نفساني خواهشون ٣ـ سڀ، سڄي ٤ـ تلوار، ترار ٥ـ بغض، عداوتي ٦ـ خون، نابود ٧ـ نالو ٨ـ تسبيح ٩ـ ڦيراءِ، پڙهہ ١٠ـ رضا، خواهش ١١ـ آقا يا آغا (ڌڻي) ١٢ـ فنا يا نيستي جيَ ١٣ـ فنا يا نيستي ١٤ـ بيهہ ١٥ـ وڪر، سودو، واپار ١٦ـ توڙ يا بن يا اصل يا ماڳ (خدا) وٽان.

٨

جي ڀانيين جوڳي ٿيان، تہ مُنهن ۾ مُندا[1] پاءِ،
ڪَنين ڪَينَ وِڃائيو،* جَنِ ۾ ڪوڙين ڪَڪَرَ وِڌاءِ،
ڇَڏِ چادَرَ، ڀَڏُ چَمِڙا، جُتِي تو نہ جُڳاءِ،
تہ سامِيڙا! سَندِياءِ، ڳُرَ وٽِ ڳِلا نہ ٿِئِي.

٩

جوڳين جوڳُ سُهاءِ، جوڳُ پِہ سُونهين[2] جوڳِيين،
جوڳين سَندِي جانِ ۾، ڳُجُھ ڳُجهاندَرُ[3] آهِ،
هاءِ! مُون کي واءِ[4]، جا آئُون جوڳُ نہ سِکِي.

١٠

جوڳُ نہ جوڳو تُون، ڪَرين پَچارُون جوڳِيين،
هِڪِڙو پَندُ پَرِيَنِ[5] ڏِي، ٻِي تَتِي پُون[6]،
سامِي سيٽَنِ ڏونهن[7]، رُوندا رَتُ وِيا.

١١

جوڳِي هُون نہ جِيئرا، پائي جوڳُ مَ جِيءُ،
هارِيا[8]! هِنِ ڪَنَنِ سين، سُڻُ سَنيهو اِيءُ،
"وِڃائي وُجُودُ کي، پاٽان[9] پاسي ٿِيءُ،"
هَڏِهين[10] ڪونهي هِيءُ[11]، اَسارا[12]، آئُون چُوين[13].

١٢

جا جياري جوڳِيين، سا ماڙُهن[13a] مُصيبَتَ،
سامِيَنِ سُورُ صِحَتَ، جي پُورِبيا[14]! پَرُوڙِيين.

١ـ ڪنگڻ يا ڪاٺ جا داڻا يا ڇلا جيڪي جوڳي هٿن يا ڪنن ۾ وجهندا آهن.*ڪنن کي ڪو جوکو يا نقصان ڪونہ ٿيو، هن وڏن ڇلن هوندي بہ پنهنجي عادت ڪونہ ڦيرائي. ٢ـ سونهي، منهن تي پوي، ٺهي ٿو، جڳائي ٣ـ مخفي ڳالھ يا راز ۴ـ افسوس، ڦٽ لعنت ٥ـ پري يا دور رهندڙن ٦ـ زمين ٧ـ ڏانهن ٨ـ اڙي نادان! ٩ـ خوديءَ کان ١٠ـ اصل، بنھ ١١ـ هيءُ وجود يا جسم ١٢ـ بنا سار! اي غافل! ١٣ـ چوئين ١٣a ـ ماڻهن ١۴ـ اي پورب (مشرق) ڏي ويندڙ! اي جوڳي!

١٣

جوڳِي تنهنجي جوڳَ ۾، ٻَالِھ گھرجي ٻِچُ،
وَڏِيو، چِيرِيو، چِچِرِيو، ٻَرِ ۾ اُبِيو ٻَچُ،
سوئِي ٻارِجِ مَچُ، جو آتَشانَ[١] آبُ ٿِئي*.

١٤

جان تان جوڳِي ٿِيءُ، نَہ تَہ نِرِجا[٢]! وَنءُ[٣] نِڪِرِي،
ڪُوهُ تو ڪَنَ ڪَپايِين، جان نَہ سَهين سِيءُ،
پَيِجُ! پَرانهُون[٤] ٿِيءُ، مَتان ٻِيا لَڄايِين.

١٥

جوڳِي ٿِيَنِ نَہ يارَ، ڪنهن سين قَرابَتِي[٥]،
من مُلاقِي تَن جو، جَنِ پُورَبَ جِي پَچارَ،
اَتَئِي پَهَرَ اُنِ جي، آهِ نانيءَ[٦] ڏانهن نهارَ،
لائِي وِيا[٧]، لَطِيفُ چئِي، اندَرَ مَنجهه اَپارَ،
سامين ساڻُ، سَتارَ! لاهُوتي لالُ ٿِيا[٨].

١٦

گوڙ جي گِراهه جا، جُوتا[٩] سي جوڳِي،
قِتَلَ اُو قوڳِي[١٠]، جَنِين شِڪَمَ[١١] سانڍِيا.**

١٧

ٻُڌا هو مَ جوڳَ ري، جِندا![١٢] جوڳُ مَ لاهِ،
ڪُوڙِي ڪِج مَ ڪَنهِين، سَچِي ڪيمَ سَلاءِ،***
پَهَچَڻُ پاريندءِ،÷ مَتان رامُ رُسايِين.

١ـ آتش يا آڳ ڪان، بره جي باه جي زيادتي ڪان * اهڙي بره جي باه ٻارج جو باه مان ڦري من ٺاريندڙ پاڻي ٿي پوي (يعني ڏٺيءَ جو وصل حاصل ٿئي) ٢ـ اي نرجا يا نٺرا اي بيشرم! ٣ـ وڃ ٤ـ پري، دور ٥ـ ويجها، مائٽ، دوست ٦ـ هنگلاج جتي ناني يا ڪالي ديوي جو مندر آهي ٧ـ محبت جي ميخ هڻي ويا ٨ـ ٻاڙهو ٿيان، رچي رتو ٿيان ٩ـ ڪوڙا ١٠ـ ڦوڳ تي مرندڙ، جوهر ڇڏي ڦوڳ طلبيندڙ، سکڻا ١١ـ پيٽ (ڪاڌي جون خواهشون) ** اهي جن جون ڪاڌي لاءِ ڄاڙيون ٿيون ڪامن سي ڦوڳ تي ڦسندڙ قتل آهن. ١٢ـ اي جند يا جان! *** راز ظاهر نہ ڪج. ÷وير وٺندئي، عيوض وٺندئي.

١٨

ڪَنِ ڪورائي ڪاپَڙي، جندا! ٽِيءُ مَ جوءِ[١]،
سِرَ سِپاهِيَنِ وِڪِيا، سو ڪ نہ سامي! سوءِ[٢]؟[٥]
جيڪِي پُڇين، پُڇُ سو، گُونگا نِينِ نہ گوءِ،*
وَڃُ لاهُوتِي لوءِ[٣]، عِجز[٤] کي آڏو ڪَرِي.

١٩

ڪَنَ ڪورائي ڪاپَڙي، جندا! ٽِيءُ جُوانُ،
ڪاهه[٥] تہ لڳيئي ڪانُ، نانگن ھَٿان نينهن جو.

٢٠

نسورو تُون نينهن جو، دِل ۾ دُودُ[٦] دُکاءِ،
آٽي آگِ عِشقَ جِي، ٻارِي جانِ جَلاءِ.
جندا! ايئن جَڳاءِ[٧]، جيئن آتشان آبُ ٽِپين.

٢١

ڪَنَ ڪورائين ڪاپَڙي، اِيءُ زنانو جوڳُ،
سامِينِ سُڃاڻُ پيو، هِڪُ ڏَهِي[٨]، ٻِيو دوڳُ[٩]،
جَنِين پانيو ڦوڳُ، رامَ تَنِين کي رِيٻيو[١٠].

٢٢

هُو جي ڪَنَ ڪَپارَ[١١] جا، سُوڌو[١٢] سي نہ سُڻنِ،
اَندَرِ جي اهِنِ، سُڻُ سَنِيهو اُنِ جو.

١ـ عورت، زال ٢ـ سُئوءِ، ٻڌئي ٥ـ اي سامي! ڇا تو اها ڳالهہ نہ ٻڌي آهي؟* جيڪي نہ
پڇن سي گوءِ (بالِ) يا سبقت نہ کڻن، گونگا ٻين تي فوقيت حاصل نہ ڪن، (پڇڻا نہ
منجهڻا) .٣ـ مڪان، ماڳ، شهر، جاءِ ٤ـ نهٺائي، نئڙت، نياز ٥ـ ڪاهه ڪر، اڳتي هل
٦ـ دونهون ٧ـ جاڳاءِ، ٻار ٨ـ ڏڌ، لسي ٩ـ دوغ، ڏوئرو ١٠ـ ريجهو، راضي ٿي مليو
١١ـ سر، مٿي ١٢ـ سڌو، صحيح.

۲۳

هي ڪَنَ ڳاڌِهان[1] وِڪِڻي، ڪَنَ ڪي ٻِيا ڳِنهيجِ،
تَنِين ساڻُ سڱيجِ، پِريان سَندِي ڳالهڙِي.

وائي

ويهُه مَ ويسَرِي! تُون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.
مَحَبّتَ جي مَيدانَ ۾، سُڄِي ڳالِهه ڳَرِي،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.
سي پُڻِ رُوندا رَتُ وِيا، مِڙِيا[2] جي مَرِي،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.
سُتِي سَجَڻُ نَہ مِلِي، آهي اِيَّ ڪَرِي[3]،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.
جي اوسيئڙي[4] آدِيءَ اُٿَنِ، تَنِين واڳَ وَرِي،
تُون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.
اَدِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، ايندا شالَ وَرِي،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.

۱- ڳڻهن جا ۲- واصل ٿيا، مليا ۳- صحيح، سچي ۴- انتظار، فڪر، ڳڻتيءَ.

داستان پنجون

١

مونا[١] طُورِ سِينا[٢] سَندا سَناسِيَنِ،
سَجدي ۾، سَيّدُ چي، گوڏا گودَڙِيَنِ[٣]،
"فَكَانَ قَابَ قَوْسَينِ اَوْ اَدنيٰ[٤]"، تا نانگا ايئن نَمَنِ،*
"كُلُّ مَنْ عَلَيْهاَ فَانٍ[٥]" باقِي كِينَ بَچَنِ،
اَللهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُماتِ اِلَي النُّورِ[٦]، تا اِهڙِيءَ پَرِ پُرَنِ،**
"خَرَّ مُوسيٰ صَعِقاً[٧]" جوڳِي جُنگَ جَلَنِ،***
"ما زاغَ البَصَرُ وَ ما طَغيٰ[٨]"، اِهڙِيءَ رَوِش[٩] رَوَنِ[١٠]،
مُشاهِدو مَحبُوبَ جو، اُتي آديسِنِ،
ري پِسَڻَ[١١]، ري سُڻَڻَ، ري وِصالَ وِهَنِ،
ري پُرَڻَ[١٢]، ري ٻولَڻَ، تا اِهڙِيءَ چالَ چَلَنِ،
سَيّدُ چي سَندِيَنِ، تُون كَلَ پُڇين تو كِهڙِي؟

٢

مونا طُورِ سِينا، سَندا سَناسِيَنِ،
پُورَبِ[١٣] كَنيو نہ پاڻَ سين، بُغضُ[١٤] بيراڳِيَنِ،
رِدا[١٥] آهي رازَ جي، اوڇَڻُ آديسِيَنِ،
قُربُ ڪاپڙِيَنِ، نَنهن چوٽِيءَ سِينءَ ڏِكِيو.÷

١- گوڏا ٢- طورسينا جبل جنهن وٽ حضرت موسيٰ خدا جو ديدار ڪيو ٣- گودڙين يا رلين ڪنڌڙ جوڳي فقيرن جا ٤- حضورﷺ جن خدا کان ٻن ڪمانن جيترو ويجها ويا بلڪ اُن کان بہ نزديڪ (ق- ش)* تارڪ جوڳي اهڙي نموني خدا کي ويجهو پهچن ٿا ٥- جيڪي زمين تي آهن، سي سڀ فنا ٿيڻ وارا آهن. [ق-ش] ٦- خدا ايمان وارن جو دوست آهي ۽ انهن کي اونداهيءَ مان ڪڍي سوجهري ۾ ٿو آڻي، يعني هدايت ٿو ڪري. [ق-ش] ** جوڳي اهڙي روش وٺن ٿا (جوڳين کي الله هدايت ٿو ڪري.) ٧- حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪري پيو. *** حضرت موسي خدا جي ديدار جو تاب نہ جهليو تيئن جوڳي جليو ان ۾ لڳي ٿيو وڃن. ٨- نہ نظر ڏنگي ٿي ۽ نہ نافرماني ڪيائين [ق-ش] ٩- هلت، طريقو ١٠- هلن، وٺن، عمل ۾ آڻين ١١- ڪانسواءِ ١٢- هلڻ ١٣- مشرق (ايرندي طرف) ويندي ١٤- ڪينو، عداوت ١٥- چادر، اوڇڻ + ڪاپڙي جوڳين ننهن کان چوٽيءَ تائين پاڻ کي عشق جي اوڇڻ ۾ ڍڪيو آهي، يعني هو عشق جي عميق اوڙاهہ ۾ مستغرق آهن.

۳

مونا طُورِ سِينا، سندا سَناسِيَنِ،
"طالِبُ المَوليٰ مُذَكَرُ"[۱]، اِيءُ كَلامُ كِياتُون كَنِ،*
سِكَڻَ كي سَيِين پَرِپين، ٻُجهي ڏِناتُون ٻَن،**
اَلفُ[۲] آديسِيَنِ، چُوندي رَکِيوُ چِتَ ۾.

۴

مونا جَنِ مِحرابُ، جُسو جامِعُ[۳] تَنِ جو،***
قِبلي نُماءُ[۴] قَلبُ كَري، تَنَ کي کِياتُون تُرابُ[۵]،
تَحقِيقَ جي تَكِبيرَ هَٽِي، جِسمُ كِياتُون كَبابُ،
تَنِ کِهَڙو ڏوهُ حِسابُ[۶]، جَنِ هينئڙو هادِيءَ[۷] حَلُ ٿِيو[۸].

۵

مُنهن مِحرابُ[۹] پرينءَ جو، جامِعُ سَيَ جِهانُ،
اُڏامِي اُتِ وِيو، عَقُلُ ۽ عِرِفانُ[۱۰]،
سَيوئِي سُبُحانُ، کاڏِي وَڃِي نِيتِيَان[۱۱].

٦

پايو مُنهن مونَنِ[۱۲] ۾، وينا سي وِهُسَنِ[۱۳]،
جوڳِي جاتا[۱۴] كَنِ، آيا اُلُوهِيَتَ[۱۵] ۾.

۷

آيا اُلُوهِيَتَ ۾، لاهُوتُ لَنگِهيو جَنِ،
مَنجهان تَنِ جُسَنِ، حَرفُ[۱٦] نہ سُڃي هيكڙو.

۱ـ الله جو عاشق مذكر (مرد) آهي* اهو قول دل سان هنداياٿون. ** ڄاڻي ٻجهي ظاهري کي سيني نمونن يا طريقن سان ترڪ كياٿون. ۲ـ "ا" جو "الله" لفظ جو پهريون حرف آهي ۳ـ قرار، آرام ۾*** جن پنهنجا سر هميشہ گوڏن وٽ سجده ۾ رکيا يعني مجاهدا كيا، تن کي دلي فرحت يا خاطر جمع حاصل ٿي. ۴ـ قبلي جو طرف ڏيکاريندڙ اوزار ۵ـ مٽي ٦ـ ليكو، حرف، پڇاڻو ۷ـ رهبر (مرشد يا خدا) ۸ـ لٿي ٿيو، مليو، هڪ ٿي ويو ۹ـ سجدي جي جاءِ ۱۰ـ علم، واقفيت، ڄاڻ، وڄا ۱۱ـ قبلي ڏي منهن كري نماز شروع كرڻ لاءِ تياري كريان ۱۲ـ گوڏن ۱۳ـ خوش ٿين ۱۴ـ زيارتون ۱۵ـ خدا جي ذات، خدا ٿيڻ ۱٦ـ عتاب، ڏوهہ، قصور.

٨

راھہ شَرِيعَتَ ھَلِيا، تَفَڪُرُ[١] طَرِيقون[٢]،
حالَ حَقِيقَتَ رَسِيا، معرِفَتَ ماڳون[٣]،
ناسُوتُ، مَلَڪُوتُ، جَبرُوتُ* اِيءُ اِنعام[٤] لَڌونِ،
پَسُ لاھُوتُ لَنگھِيونِ، ھاھُوتان[٥] مَٿي ھَلِيا.

٩

نِڱِيا ناسُوتان[٦]، مَٿِيائُون[٧] مَلَڪُوتَ ڏي،
جوڳِي جَبروتان[٨]، وَڃائي واٽَ ٿِيا[٩].

١٠

جَنِ اُجِهيو[١٠] تَنِ نَہ بُجِهيو، وِيئي گَڏِيِنِ وِيرُ،
ڏوري ڏِٺائُون ڏُڪَ سِينِ، پاڻُ مَنجهان ئِي پِيرُ،
لَٿو تَنِ، لَطِيفُ چئي، جُسي جو زَنجِيرُ،
ڪِينَ ڏِٺو ھو ڪاپِڙِيينِ، ڪابُلُ ۽ ڪَشمِيرُ،
سَچُ جَنِينَ جو سِيرُ[١١]، تَنِ وِيئي ئي گَڏِيو.

١١

نااُميدِي آجِڪو[١٢]، اوچَڻُ آدِيسِنِ،
ڪَڏِھن تازِيءَ پُٺِ تي[١٣]، ڪَڏِھن ھيٺِ ھَلَنِ،
سامِيئڙا سَمُونڊَ ۾، تُنبي جيئن تَرَنِ،
جي واڳُونءَ واتِ وَڃَنِ، تان ڪُسَنِ ڪُڇَنِ ڪِينَڪِي.

١- فڪر، روحاني درياھ ۾ ٽٻيون ھڻڻ ٢- سندن طريقو آھي ٣- سندن ماڳ آھي* ناسوت (سلوڪ جي پھرين منزل، شريعت) ملڪوت (ٻي منزل مطابق طريقت جي) جبروت (ٽين منزل مطابق حقيقت) ھاھوت (چوٿين منزل مطابق معرفت) سالڪ لاءِ الله کي ملڻ جون منزلون آھن.
٤- سروپا، چڱو عيوض ٥- ھاھوت جي منزل ٦- ناسوت کان ٧- رخ رکيائون، ھليا ٨- جبروت کان ٩- پنڌ پيا، اڳتي ھليا ١٠- (پاڻ کي ڪجھ) سمجھيو، ڏوريو، ڳوليو ١١- رستو، گس ١٢- آڌقو، اوڇڻ ١٣- سوار.

۱۲

لالَنُونَئِي[۱] لالُ ٿِيا[۲]، لالُ[۳] لَنگهيو جَنِ،
عَدَمَ[۴] جي اوڙاهَ تي، ڪِيا آسَڻَ[۵] آدوتِيَنِ[۶]،
گَردانِيو[۷] گُنگَنِ[۸]، گِرداب[۹] ڪي گِيانَ[۱۰] سين.

۱۳

نامُرادِي[۱۱] نِجُهرو[۱۲]، عَدَمُ اوتارونِ،
رَضا[۱۳] راڄُ سَندونِ، مُورُ نَہ مَگَڻِ[۱۴] ڪِي پيو.

۱۴

ڪِهَڙي پُڇين ڳالهِ، ڪَرِ نَہ ڪا اَڄُ صُباحَ،*
وَنءُ[۱۵] تَنِين سين واڳِيو، جيڪي پَسين مَنجهِ پَساهَ،
رَمزُ[۱۵] رَبانِي راهَ، مَٿي حالَ هُشيارُ ٿِي.

۱۵

ڪَٽِيو تَڪَبُّرَ تَڪِيا، حِيلا ڪِيو هَلَنِ،
مُوڙها تان نَہ لَهَنِ، لَمِي[۱۶] راهَ، لَطِيفُ چي.

وائي

تَنِ ڳُڻَنِ[۱۷] ڳهَرَ[۱۸] وِڃائِي، هو مائِي! جوڳِين مُون سين جي ڪِيا.
ڪَرِي مَرِجِ ڪاپَڙِي! گُرُوءَ وَٽِ گدائِي،
هو مائِي! جوڳِين مُون سين جي ڪِيا.

۱- لعل جهڙي ڳاڙهي پٽر کان ۲- سرخرو ٿي، ڳهوٽ ٿيا ۳- دوست، دلبر، سڄڻ، محبوب ۴- فنا، نيستي ۵- وهڻ جون جايون ٦- اڻ ڏوتلن، ميرن، پيوت ٿيل جوڳي فقيرن ۷- گردش ڪئي يا ڦيرو ڏنو، پار ڪيو ۸- گونگن، صبر وارن فقيرن ۹- ڪن، اوڙاه ۱۰- معرفت يا اِلاهي اسرارن جي ڄاڻ ۱۱- نااُميدي، ڪين، فنا ۱۲- جهوپڙي، مڪان ۱۳- قدرت جيڪي ڪري تنهن تي راضي رهڻ ۱۴- گهرِن، طلبين* دير مدار نہ ڪر، گيسر ڇڏ. ۱۵- وڃ، هل ۱٦- نمي، جهڪي، نماڻائي يا نياز يا تواضع ڪري، ٻي معنيٰ: لمبي، وڏي. ۱۷- خاصيتن ڀلاين، مهربانين ۱۸- گهيرٽ، خواب، ننڊ جو خمار.

اِشارَتُون[١] اُنِ جون، وَنءُ کَپي تُون ڪاٽِي،*
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
نِندَ تَنِهين ڪي ناهِ ڪا، جا آدِيسِنِ اُتاٽِي[٢]،
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
آهِ اِنَهِيءَ ڳالهِ جِي، راوَلَ[٣]! اِيءَ رُباعِي،
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
هيڪاٽِي هيڪُ ٿِيا، ٻُڌَنِ ڪانَ ٻِياٽِي،
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
آڪِيَنِ آرِسُ ڇَڏِيو، دِلِ ۾ ناهِ دَغاٽِي،
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
اِنّ اللهَ وِترُ يُحِبّ الوِترُ[٤]، اِيءَ اُنين لَئِي آٽِي،
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
رِيجهاٽي رَمُوزَ[٥] سين، ڪاهوڙِيَنِ[٦] آئُون ڪاٽِي[٧]،
هو ماٽِي! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چي، مون سين صاحِبَ ڪَرِ سَٽاٽِي،
هو ماٽِيَ! جوڳين مُون سين جي ڪِيا.

١ـ ڳجها اشارا يا ارشاد، نشانيون، ڪنايا.* جوڳين (رهبر مرشد) جي احڪامن تي عمل ڪري ۽ مخفي رکي، تون مري وڃ. ٢ـ اُچاٽي، ڪنٽي، پنهنجي حوالي ڪٽي ٣ـ اي سڄڻ! اي روح! ٣a ـ چٽين مصرعن وارو شعر، ڳالهه، وارتا ٤ـ تحقيق خدا هڪ آهي ۽ هيڪڙائي هن کي پسند آهي (حديث) ٥ـ (رمز جو جمع) ڳجهه، اشارا ٦ـ جبلن ۾ ڌڻ ڳوليندڙن، ڏوٽين ٧ـ ڪاٽي، جلاٽي.

داستان ڇهون

۱

ڪنهن جنهن ڪُتا ڪاتَ، جيئن سامِي مُورَ[۱] نہ سَنرا[۲]،
ڏِينهان[۳] ڏُکِي ڏِيلَ ۾، سُورَ سَڄيائِي راتِ،
جوڳِيان[۴] سَندِي ذاتِ، جِيجان! آهِ جَڏائُڙي[۵].

۲

روحَ ۾ رَهِيَنِ رامُ، ٻَهَرِ ٻولِنِ ڪِي ٻِيو،
پِيالو پُرِ ڪَري، جوپُ[۶] پِيتائُون جامُ[۷]،
تِنهان پوءِ تَمامُ، تَنِ تَڪِيا تاڪِي[۸] ڇَڏِيا.

۳

رامُ رَهِيَنِ ۾ روحَ، ٻَهَرِ ٻولِنِ ڪِي ٻِيو،
سَدائِين سَفَرَ ۾، مَٿا تِيَنِ مُوءَ[۹]،
سامِيئَڙا صُبُوحَ، سارِيان گهٽُو، سَيّدُ چئي.

۴

مَٿا مُوءَ تِيانِ، سَدا سُوئِيتا[۱۰] ڪاپَڙِي،
ڪوئي ڪنهن نہ پُڇِيا، اَندَرِ اَندوهِيانِ[۱۱]،
جيڪا ڄمارانِ[۱۲]، سا مَنجِهِ گُوندَرَ گُذِرِي.

۱ـ اصل، بنهہ ۲ـ خوش ۳ـ ڏينهن جو، سارو ڏينهن ۴ـ جوڳين ۵ـ جڏي، بيمار ٦ـ گهٽو، مٿو، جام ۷ـ پيالا ۸ـ بند ڪري، پوري، ترڪ ڪري ۹ـ وار، وڏن وارن سان، چوٽيا، ڄٽائون ۱۰ـ سوءِ يا ماتم ڪندڙ، غمگين، غم ۾ گذاريندڙ ۱۱ـ هنن کي اندوه يا غم آهي ۱۲ـ سندن يا انهن جي ڄمار يا عمر.

۵

وينئي جَنين وَرهَيہ ٿِيا، مَتي سين ميري[۱]،
اَکِيُون جنهن جُون اَلکَ ڏي، پُٺِينءَ[۲] ڏي نہ پيري،
ڪاراٽِيان[۳] ڪَڪا ٿِيا[۴]، ڄَراتِيا[۵] ڄيري[۶]،
لُڙِڪَ لالُ، لَطِيفُ چئي، ڪَنبي[۷] ۾ ڪيري[۸]،
نينهن نہ نِبيري[۹]، سُورَ چَرَندي سَنِرو[۱۰].

٦

وينئي جَنين وَرهَ ٿِيا، مَتي ميري سانُ،
ڪاراٽِيان ڪَڪا ٿِيا، ڄيري وِڄهي ڄانُ[۱۱]،
خُودِي ڪانئي هَلِيا، پُٺِ تي ڄِڏي پانُ[۱۲]،
سي ڪيئن ڀَهِر هَٿَنِ بانُ[۱۳]، جَنِ گَڏيو گُرُ گِريانَ[۱۴] ۾.

۷

نانگِن ڪِينَ نَمايو،[۱۵] ناٿُ نَمايو نِينهَن،
مَڙهينِ اُنا مينهَن،* جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ ڪِي.

۸

نَہ ڪِي نَمَنِ ناٿَ ڪِي، ناٿُ نہ نَمائِينِ،
جاتا[۱۶] ڪَنِ نہ جوڳَ جِي، جوڳُ نہ جُهارِين[۱۷]،
آديسِي آئِينِ، اهڃاڻِيُون اَلماسَ[۱۸] جُون.

۱ـ ناپاڪ ۲ـ پونءِ، زمين ۳ـ ڪاراڻ ڪان (وار ڪاري رنگ مان ڦري) ۴ـ ڀيوت لڳڻ ڪري ڪڪي يا خاڪي رنگ جا ٿيا ۵ـ لهسيا ٦ـ باه ۷ـ ڏجي، ڏڪي ۸ـ ڪيرائي ۹ـ جدا ڪري، ڇَڏي، ترڪ ڪري ۱۰ـ خوش ۱۱ـ علم (خودي) ۱۲ـ خودي ۱۳ـ تير ۱۴ـ گريبان، پهراڻ جي اندران، اندر يا دل ۾ ۱۵ـ پنهنجو بنايو * مڙهين ۾ مهر جا مينهن وٺا ۽ خوشيون ٿيون. ١٦ـ زيارت ۱۷ـ پوڄين، سلام ڪن ۱۸ـ جواهر (ڏٺيءَ).

٩

هَرَ هَرَ ڪَنِ هَرنامُ، ڏُونِ[١] ڏِيهاڙِي ڏوتِيا[٢]،
جَنِ نہ رِيجهايو رامُ، ناٿُ[٣]، نَہ نَمي تَنِ سين.

١٠

هَرَ هَرَ ڪَن "اُميس"[٤]، ڏُونِ ڏِيهاڙِي ڏوتِيا،
جَنِ نَہ مارِي مِيسَ[٥]، ناٿُ نَہ نَمي تَنِ سِين.

١١

جِهڙا ڪَرِڄَ[٦] ڪَڪِرا، تَهِڙا جائِن ڦُلَ،
تَنِ سامِيَنِ جي سَڌَ مَران، جَنِ جي گودِڙِيَنِ ۾ گُلَ،
اَندَرِ مُلَهہ[٧] اَمُلَ[٨]، ٻَهَرِ ڪوجها ڪاپَڙِي.

١٢

يادِ گُرُو ڪَنِ گودِڙِيا، ٻَرِ بازارِ ٻِيٺا،
پَڙهَنِ سُورَ[٩] سُبحانَ[١٠] جِي، پِيَنِ[١١] تنهن پِيٺا[١٢]،
جيلانهن مُنهن مِيٺا[١٣]، تيلانهن نشا چاڙهِيائُون نينهن جا.

١٣

ريڳَڙيارا[١٤] رَمِيا، لُوئِيَسِ[١٥] لانگوتِيَنِ[١٦]،
منهنجو جِيءُ جَلائِيو، اَندَرِ آدِيسِنِ،
لانجهُون[١٧] لاهُوتِيَنِ، چوري ڏِنِيُون چِتَ کي.

١ـ ڏوئين ٢ـ ڏوتيون، لانگوٽيون ٣ـ گرو، وڏو علم جو اڪابر، معرفت جو صاحب ٤ـ خدا جو هنڌڪو نالو، اُميش ٥ـ نفس، شهوت، نفساني خواهشون ٦ـ ڪانا ۽ ڪانيون ٧ـ بهادر ٨ـ املهہ، بي بها، لاثاني ٩ـ سورة، آيت (تسبيح) ١٠ـ "سبحان" (سڀ ساراهہ الله کي جڳائي) ١١ـ حوض، تلائن ١٢ـ پيٽ ۾، اندر ۾ ١٣ـ ميٺ مليل، ميٺ لڳيل ١٤ـ چنل گودڙين وارا؛ سونن ڏندن وارا؛ واريءَ سان ڀريل، ڀڀوت ١٥ـ رلايس ١٦ـ لانگوٽيءَ وارن فقيرن ١٧ـ ڏک، غم.

وائي

تَنِ اَکينِ آئون اَڙائِي، ٻَڙي! جيڏِيُون!
ڪنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟
ڦِڪيُون ڏيئي ڦِڪيُون، ويڄَنِ[1] آئون وِرِچائِي،
ٻَڙي! جيڏِيُون! ڪنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟
حُسنَ هوتَنِ جي، اَدِيُون! لالِيءَ[2] آئون لڄائِي[3]،
ٻَڙي! جيڏِيُون! ڪنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟
اُلفتَ ڪَرِ مَ اُنِ سين، قُربَ جا ڪَڙائِي[4]،
ٻَڙي! جيڏِيُون! ڪنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟
صُحبَتَ سُپِيرِيَنِ جِي، مِٺِي مِٺائِي،
ٻَڙي! جيڏِيُون! ڪنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟
اَلا! عَبدُاللّطِيفَ سين، وَحدَتَ وَٽَ[5] وِراهِي،
ٻَڙي! جيڏِيُون! ڪنهن دَرِ ڏِيان دانهَڙي؟

داستان ستون

١

قُوتَ[5a] ڪَڙايا ڪاپَڙي، طَعامَ نَہ طامائُو[6]،
سَئِنَ[7] هَنيائُون سُڄَ ۾، پَهَرَ[8] نَہ پينائُو،
اَوَسَرَ[9] آسائُو[10]، اُتِي گوندَرَ گَڏِيا.

١- طبيبن، حڪيمن ٢- سرخي، ڳاڙهاڻ ٣- مون کي شرمايو (گهايو)؛ مونکي پنهنجي ڪوجهائيءَ جو احساس پيدا ڪرايو ۴- (١) تلخ تجربو ڏنو آهي (ڪنهن ڪم کان ڪڙائجڻ معنيٰ ڪنهن ڪم ڪرڻ ڪري نقصان پائڻ سبب بيزار هجڻ) (٢) سوگهو ٻڌو آهي (ڪرڻ= زنجيرن ۽ ڪڙن ۾ ٻڌڻ) ٥- مند جو نئون ميوو ٥a- خوراڪ، کاڌي ٦- طمعدار ٧- صدا، خيرات لاءِ طلب ٨- ماڻهن کان ٩- اڻ هوند، مصيبت، ڏک ١٠- اميدوار، طالب.

٢

قُوتَ ڪَرّايا ڪاپَڙي، طعامَ نہ طَمَعدارَ،
سَئِنَ هَنيائُون سُڄَ ۾، جوڳِي ڪِنهن نہ يارَ!
اَوَسَرَ جي آڌارَ، اُٿِي گُوندَرَ گَڏِيا.

٣

قُوتَ ڪَرّايا ڪاپَڙي، بُکَ جَهليائُون بُوءِ[1]، *
وِيا نيرانا[2] نڪِري، جوڳِي مَنجهان جُوءِ[3]،
اَوَسَرَ، آجا[4] اُوءِ، ** اُٿِي گُوندَرَ گَڏِيا.

٤

پِنَنِ ڪِينَ پَٽُ[5] ڪَٽِي، گُهرَنِ ڪِينَ گُهران[6]،
مَهيسِي مَخلُوقَ جي، اَيَنِ دُورِ دَران[7]،
پُڇَنِ ڪوهُ شَرعان[8]؟ جيئَن اَندرِ عَدالَتَ اُنِ جي؟***

٥

پِنَنِ جو پَٽُ ڪَٽِي، سو جي سُجاڻَنِ[9]،
تہ بَرَ ۾ بِيکَ لَهَنِ، پَهَرَ نہ پِنَنِ ڪاپَڙي.

٦

اَسُڪَ[10] جَنِ اويرَ÷ سي سانجهيءَ رَهَنِ سُمهِي،
لاهُوتِي، لَطِيفُ چي، آڏِيءَ ڏِينِ اُليرَ[11]،
سُتو لوڪُ پَسِي پِيا، سي سامِي مَٿي سِيرَ،
ڪيڏاهَن ڪَندا پِيرَ؟ مِڙيئِي مَٿو[12] ٿِيو.

١ـ خوشبوءِ، واس* بک جي خوشبوءِ ماڻيائون، فاقا سٺائون. ٢ـ ناشتي ڪرڻ کان سواءِ، بک ۾، بکيا ٣ـ مڪان، جاءِ ٤ـ آزاد، ڀالها، خالي ** هو ڀينگيا ۽ آزاد آهن. ٥ـ ڪشتو، جمني، پنڻ جي ٽولهي ٦ـ گهران؛ گهرن وٺان، ماڻهن جي جاين تان ٧ـ دران در کان ٨ـ شرعان، شرع کان، شريعت کان ***هنن جي اندر ۾ روشن ضمير هن جو قاضي ٿيو ويٺو آهي، جو هنن جي رهبري ڪري ٿو، ته پوءِ هو ڇو ڪنهن ٻئي کان فتوي وٺن؟ ٩ـ قدر ۽ اهميت ڄاڻن يا سمجهن ١٠ـ بيداري، اوجاڳو، بيخوابي، بي آرامي ÷ جن جي لاءِ اوجاڳو دير آهي يا خراب آهي. ظالم جيترو وقت جاڳندو اوترو ٻين لاءِ خير ڪونهي، تنهن ڪري ان جو جاڳڻ ٻين لاءِ جنجل آهي، پر برعڪس انهيءَ لاهوتي فقيرن جو اوجاڳو انهن لاءِ فائديمند آهي. ١١ـ ٽپ، ڇال، ستون ١٢ـ اهو طرف (الهندو) جنهن ڏانهن مٿو ڪري سمهبو آهي.

٧

وِچِينءَ وينا رَهَنِ، سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي،
بُکَ مَرَندي بِکِيا، ڪنهن کان ڪِين گهُرَنِ،
پيٽَ نہ هيرِيائون پانهنجا، چوري سانُ چَسَنِ[١]،
ڦِڪي فَقِيرَنِ، ماڳِيان[٢] پِني ماٽِ جِي.

٨

وِچِينءَ وينا هُونِ، سانجِهيءَ رَهَنِ سُمهِي،
مَهيسِي مُنهَن پانهِنجو، ڏاران[٣] دورِ نہ ڏُونِ،
وِهاٽِيءَ واٽُن تي، پاسا کوڙِيو پُونِ،
ڪنهن کي ايئن نہ چُونِ، تہ آديسِي آهِيُون.

٩

ڪَشي[٤] سانُ ڪَشَنِ[٥]، ڏِيلَ ڪِيائُون ڏُبِرا،
پيٽَ نَہ هيرِيائُون پانهنجا، چوري سانُ چَسَنِ،
اِهَڙِيَ راهہ رَسَنِ، ڪاپَڙِي ڪابُولَ کي.

١٠

ڪَشي چيلِهہ ڪَشا[٦]، ڏِيلَ ڪِيائُون ڏُبِرا،
لاهُوتِي، لَطِيفُ چئي، تَنَ کي ڏِيَنِ تَسا[٦a]،
گُرُوءَ جي گسا[٧]، پاسي ڪَنِ نَہ پانُ کي.

١ـ ذائقن، مزن ٢ـ ماڳ کان، اصل کان ٣ـ ڏاران، ڪانسواءِ، بغير ٤ـ چڪي ٻڌي، زور سان ٻڌي ٥ـ رسن، نوڙين ٦ـ ڪشان، ڪشن سان ٦a ـتسيا، تڪليف، جفا ٧ـ گسان، گسن کان.

١١

آديسِي آديسَ[١]، هِتائِين[٢] ڪَري هَلِيا،
ڪاپَڙِيَنِ قَلبَ ۾، ڪِيو ڏوراڻو[٣] ديسُ[٤]،
ويراڳِي نَئُون ويسُ، راوَلَ[٥] ڏِٺي رَمِيا.

١٢

آديسِيَنِ اَدَبُ، آهي اَڪَڙِيَنِ ۾،
نَسَلُ تَنِ جو ناهِ ڪو، ڪونهي اُنِ حَسَبُ[٦]،
سامِيَنِ سَيِين پَرِين[٧]، رُوحَ ۾ رَهِيو رَبُ،
رِيءَ لانگوٽِيءَ لَبُ[٨]، پاڇِي ڪَنِ[٩] نَہ پاڻَ سين.

١٣

لانگوٽِي لاهِي، وَنءُ ويراڳِيَنِ سامُهُون،
بَنڌُ سُورَنِ جو سَندِرو، مَنجهان سِڪَ ساهِي[١٠]،
اُنِين وَٽِ آهِي، اوڇَڻُ ڳالِهہ اُگهاڙَ جِي.

١٤

لُنگُ ڪَڍِيائُون لانگَ، موتِي ڪَنِ نَہ مَسَحو[١١]،
جا اِسلامان[١٢] اڳِي هُئِي، سا سُٺائُون بانگَ،*
سامِي ڇَڏِي سانگَ، گَڏِيا گورَکِناٿَ[١٣] کي.

١ـ سلام، نياز ٢ـ هتائين، هن هنڌ يا جاءِ کان ئي ٣ـ دور، پري پنڌ وارا ٤ـ وطن، ملڪ ٥ـ اي راٺول، اي سجڻ يا دوست! ٦ـ ڪٽنب، قبيلو، ذات، نسب، پيڙهي، خاندان ٧ـ نمونن، طريقن (هر حال ۾) ٨ـ لالچ، طمع، موڙي، روڪڙ، نقد ٩ـ بچائي رکن، ميڙي رکن ١٠ـ مضبوط ڪري ١١ـ وضو، پاڻيءَ سان هٿ پير، منهن اگهڻ ١٢ـ اسلام کان* دنيا ترڪ ڪرڻ جو اصول پڌائون. ١٣ـ وڏو سياڻو رهبر، مرشد يا خدا.

١٥

ويراڳِي واڳِي[١]، * ڏِينِ ڏِيهاڙِي ڏِيلَ کي،
راوَلَ! رَتِين[٢] مولهِئين[٣]، سامِي سُهاڳِي[٤]،
لَنءُ جَنِين سين لاڳِي**، سي جوڳِي پَسان نَہ جِيان.

١٦

ويراڳِي واري، آلا! اَڳَڻَ آئِيين،
ڏُکَ لاهِيندِيَسِ ڏِيلَ مان، تُهَنِ[٥] جيئن تاري،
اِيندَمِ اوتاري، کِينءَ[٦] جُون ڏِيندَمِ خَبَرون.

١٧

اَرِتو اَکِينِ مان وَهِي، مَتي ڳِلَنِ ڳاڙهَ[٦a]،
ڪوري ڪَنَنِ وِچَ ۾، ڦَچَ[٧] ڏِنائُون ڦاڙَ[٨]،
هَٿِي توبَهَ تاڙَ[٩]، نانگا نِسوار[١٠] ٿِيا.

١٨

لاهُوتِي، لَطِيفُ چي، سَدَ نَہ ڪَنَنِ سانُ،
اِيءُ آ ديسِنِ اُهيانُ، جيئن تَعلُق ڇَڏِيائون تَڪِيا.

١٩

پُوجا ڪَرِ مَ پانَ کي، ڪُهُ! راوَلَ، پَنِ! رُجاتُ[١١]،
لِباسان[١٢] لَطِيفُ چي، پَلِ[١٣] ويراڳِي! واتُ،
مَنُ ماري ڪَرِ ماتُ، تَہ تيرَتَ پَسين تَڪِيو.

١- واڳ، رسو، نوڙي *واڳي ڏيڻ: ڍور يا ڦَر کي ٻُوٽ ۾ ڪانيون ٻڌڻ، جيئن اوڳاري سگهي پر ڪجهہ کائي نہ سگهي ٢- ڳاڙهي ٣- مولهين يا ڪلنگين يا پٽڪن سان ۴- سرخرو، خوش، ڀتار يا مرشد وارا ** جن سان نينهن يا عشق لڳو. ٥- ان جي مٿان پردو يا ڪک جو تہ، بيڪار شيءِ، ڦوڳ ٦- خوشي، خيرعافيت ٦a- ڳاڙهاڻ، سُرخي ٧- زخم، چير ٨- ڦاڪون، اڌ ٩- تاڙي ١٠- نج، (سون جهڙا) صاف ١١- رجعات، رجوعات، رجاعت، آمدورفت، لهہ وچڙ، لاڳاپو ١٢- لباسان، دولاب يا دغا کان ١٣- پري رک، روڪ.

٢٠

پُوڄا ڪَرِ مَ پاڻَ کي، پَلِ پُوڄا ڪان پاڻُ،
ڄاڻِي[1] ڄَڏي ڄاڻُ[2]، پُرُ[3] تُون پُورَبَ پارَ ڏي.

٢١

پُوڄا ڪَرِ مَ پاڻَ کي، جوڳِي رَکِج جوڳُ،
خُلقُ[4] خالِقَ جيئن ڪَرين، اِيءُ راوَلَ! وڏو روڳُ[5]،
ٻَڳَنِ[6] ڪونهي ڀوڳُ[7]، نانگا وَڃَنِ نِڳِيا.

وائي

مِڙِيَنئُون موڪَلَ، ڪاله ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
ڪَڏِهن اُتَرَ سامُهان، ڪَڏِهن ڏُونهِيَنِ ڄَهلَ[8]،
ڪاله ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
هُنَ سيکِيندي هَٿَڙا، مُون ڳاڙِينديءِ ڳَلَ،
ڪاله ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
چِيري چَندَنَ ڪاٺَ جيئن، سُورَ ڏِنائُون سَلَ[9]،
ڪاله ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
بابُو ڪَنِ نَہ ٻِکِيا، نَہ ڪا وَلَنِ[10] وَلَ[11]،
ڪاله ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چي، اِيندُمِ شالَ اَمُلَ[12]،
ڪاله ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.

١- سمجهي، ڄاڻي ٻجهي ٢- ظاهري علم، خودي ٣- هل، پنڌ ڪر ٤- هلت، روش ٥- بيماري (ٻچڙي ڳاله) ٦- ٻگلن، چڪنا چور ٿيلن، عشق ۾ پرزا پرزا ٿيلن ٧- طعام ٨- وٽ، ويجهو، تي ٩- سوراخ، ٽُنگ ١٠- ٻني ڪرڻ لاءِ هر ڏيڻ، کوٽين ١١- ٻني، فصل ١٢- املهه، بي بها، لاثاني.

داستان ائون

١

رَهيا اَتِيئِي راتِ، صُبُحَ وِيندَءِ صابِرِي[١]،
لُونءَ لُونءَ مَنجهه، لَطِيفُ چي، ڪَرِ تَنِين جِي تاتِ[٢]،
سَندِي جوڳِيَنِ ذاتِ، ڀِئِي ڀيري مَسَ مِڙِي[٣].

٢

اَڳُڻِ آهِينِ اَڄُ، صُبُحَ وِيندَءِ صابِرِي،
ڪَجِ ڪو ڪاپِڙِينَ مان، رُوحَ رُچَندو[٤] رڄُ[٥]،
پيرَ تَنِين جي پُڄُ، مَتان سِڪِين سَناسين ڪيَ.

٣

تان ڪِي ساٿُنِ اورِ، جان ڪِي آهِنِ اوطاقُنِ ۾،
ڏهَ ڏهَ ڀيرا ڏينهن ۾، پانْ مَتائُنِ گهورِ،
وِيا جي هِنگِلورِ[٦]، تہ ڪَرَمِ[٧] مِلَندَءِ ڪاپَڙِي.

٤

تان ڪِي وَتِنِ وِيهُ، جان آهِنِ اوطاقُنِ ۾،
سامِي سَفَرِ هَلِيا، ڏُورِ چِتائِي ڏيهُ،
چِنڌِي سُڪُ ساٿيهُ[٨]، مَتي گنگا[٩] گَجِيا[١٠].

١ـ صبر وارا، ڏکن تي صبر ڪندڙ، صبر بابت نصيحت ڪندڙ ٢ـ ذڪر، ڳالهه، پچار ٣ـ ملي، گڏجي ٤ـ راضي ڪندڙ، وڻندڙ، دلپسند ٥ـ ڍؤ، پيٽ ڀري کائڻ (ماڻج) ٦ـ هنگلاج، هندن جي تيرٿ جي جاءِ ٧ـ قسمت سانگي، نصيب سان ٨ـ وطن يا ڏيهه ٩ـ گنگا ندي، هندن جي تيرٿ جي جاءِ ١٠ـ ڪاه ڪئي، هليا، ڏانهن ويا.

٥

تان ڪي وَتنِ وَڄُ، جان آهن اوطاقُنِ ۾،
سامِي سَفَرِ هَلِيا، رائو چِتائِي رُڄَ،
اِهڙا جَنِ اُهڄَ، سي ڪَرَمِ مِلَندءِ ڪاپڙي.

٦

تان ڪي وَتنِ آءُ، جان آهن اوطاقُن ۾،
وِيو تَنِ نَہ وِسَرِي، لاهُوتِيَڪو[1] لاءُ[2]،
فَنا ۾ فِراق جو، سامين چَکِيو ساءُ[3]،
وَتان تو وِيندا، ڪاپَڙي ڪابُول ڏي.

٧

اَڄُ نَہ اوطاقُنِ ۾، جاڳُرُ[4] جوڳِيئَڙَنِ جو،
ساري سَناسِيَن ڪي، رُوندين تان رو،
پَسُ! پارِٿان[5] تو، لاهُوتِي لَڏي وِيا.

٨

اَڄُ نَہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِينِ،
آدِيسِي اُٿي وِيا، مَڙهِيُون مُون مارِينِ،
هُو جي جِيءَ جِيارِين، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

١- لاهوتي فقيرن جو ٢- لاءُ= نہ، نفي، نيستي، نابودي ٣- ذائقو، سواد ٤- جاڳڻ، بيداري، ڳائڻ جي مجلس، ميڙو ٥- پارٿان، پار [طرف، پاسي] کان، وٽان.

٩

أَڄُ نَہ اوطاقُنِ ۾، سَنڌي جوڳين جوڙَ[١]،
ساري سَناسين کي، ڪامِي ٽِپَسِ ڪوڙَ، *
مَنَ جَنِين سان موڙَ[٢]، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

١٠

أَڄُ نَہ اوطاقُنِ ۾، سَنڌِي جوڳين ذاتِ،
ساري سَناسِين کي، رُنُم سارِي راتِ،
مُون تَنَ[٣] جَنِين جِي تاتِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِيا.

١١

أَڄُ نَہ اوطاقَنِ ۾، تازا پَٽَرَ ڪَکَ،
آديسِي أُٿِي وِيا، پيئِي أُڏامي رَکَ،
سامِي ڪَٽِي سَنکَ[٤]، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

١٢

جِياسُون جوڙَ ٿي، ** جوڳِي ڏِٺوسُون،
ڪَنان تَنهِين مُون، حاصُلُ ڪِي حالُ ڪِيو.

١٣

جِياسُون جوڙَ ٿي، جوڳِيءَ لاٿو جارُ[٥]،
سَنڌو پُورَبَ پارُ[٦]، آڇِيائِين أَنڌَنِ کي.

١ـ قطار، جماعت، مجلس* ڏوتل ڪپڙا جيئن ڪنيءَ جي ڪوڙ [سؤنٽيءَ] جا ڏڪ سهندا آهن، تيئن مان بہ سناسين کي ساريو ڏکن جون ڏونگريون پيو ڪان. ٢ـ وٽ، پيچ ۾ ٣ـ منهنجي تن [بدن يا دل] کي ٤ـ سنکي، وڃائڻ جو ڪوڏ. **گڏ گذاريوسون ٿي [مرشد يا رهبر ڏي اشارو آهي]. ٥ـ جهوري، سوز [الاهي عشق] ٦ـ نشان، عادت، ڪم، پتو، ڏسُ.

١٤

جِياسُون جوڙَ ٿِيِ، جوڳِيِ ڏِٺوسُون جان،
مُون سَڱُ جنهين سان، سو سامِي سانِيِي[١] ٿِيو.

١٥

جِياسُون جوڙَ ٿِيِ، نانگو ڏِٺوسُون نِتُ،
چُنجهو[٢] هوسُون چِت، کُلِي اَجُ سُو باغُ[٣] ٿِيو.*

١٦

هَئِيِ! جي هُنا هِتِ، تہ مَتِنِ هُوندَ حَقُ** ٿِيو،
مَڙهِيُون، مُورَتَ، مَتِ[٤]، مَنَ وِسَرِيُون ڪِي لَهان.

١٧

هَئِيِ! جي هُنا هانِ، تہ مَتِنِ هُوندَ حَقُ ٿِيو،
پيهِي[٥] وِيا پاڻِ، اَڏِيا مَڙهَ[٦] مارِينِ مُون.

وائي

جوڳِي جَڳِ گهڻا، لا! مُون وَهُ[٧] ويراڳِينِ سين.
پاڇِي ڪَنِ نہ پاڻَ سين، تُنبِيءَ مَنجه ڪَٺا، اَلا!
مُون وَهُ ويراڳِينِ سين.
جان ڪِي ڏاٿِيُون[٨] ڏُوڙِ ۾، جان ڪِي ڪِينِ[٩] چَٺا، اَلا!
مُون وهُ ويراڳِينِ سين.

١- سنيالينڌڙ، وارث، مڻ مائٽ ٢- اکين ۾وٽيل يا بند ٿيل، چونچو، جيڪو اکين سان پوري طرح نہ ڏسي سگهي، انڌو ٣- بهار، خوش* مرشد ملڻ کان اڳ جو دل جون دريون بند هيون سي کلي پيون ۽ دگ لڳڻ سبب ڏاڍو نهال ٿيس ۽ الاهي اسرار مونتي کلي پيا. ** هنن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ يا ڏک ڏوراڀي ڪڍڻ جو مون کي وجهہ مليو ٣- نصيحت، سبق (ٻين نسخن ۾ مِتِ= ماري ڏنل آهي). ٥- گهڙي، داخل ٿي، اندر گهر ٿي ٦- مڙهيون، مڪان ٧- لاڙو، عشق، محبت، ڪاڍو ٨- ڀڳل ان يا چانور ٩- ڪائين.

ويـِـي واتـَـرِيَـنِ تي، پـَـنـَـنِ[۱] جيئن پـُـٽان[۲] الا!
مُون وَهُ ويراڳينِ سين.
سارِيو سَناسين کي، وينِي هَـٽَ هٽان[۳] الا!
مُون وَهُ ويراڳينِ سين.
آيَلِ! آديسِيَنِ جا مُون تي گُـنَ[۴] گهڻا، الا!
مُون وَهُ ويراڳينِ سين.
اِديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُحبَنِ مَنجهه مَٽيا[۵] الا!
مُون وَهُ ويراڳينِ سين.

داستان نائون

۱

ٻُـکَ وِڏائُون ٻگِرِيين[۶]، جوڳِي ڪندا جُـجَ[۷]،
طَلَبَ نَہ رَکَنِ طَعامَ جِي، اوتِيو پِيئَنِ اُجَ،
لاهُوتين، لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري ڪِيو مُـجَ[۸]،
سامِي جهاڳي سُجَ[۹]، وَسِيءَ[۱۰] کي ويجها ٿِيا.*

۲

نَہ ڪِندا[۱۱]، نَہ گَبرِي[۱۲]، نَہ لانگوٽِيءَ لِـکَ[۱۳]،
جيڏاهن پَـرِينِ وِکَ، تيڏانهن صاحِبُ سامُهُون.

۱- پـٽ فقيرن، گداگرن، پينن ۲- هلان، سفر ڪريان، گهمان، پنڪان ۳- افسوس ڪان، جوٽون پٽيان، ماتم ڪريان ۴- ڀلايون، مهربانيون ۵- ڏيا، رعب، جوهر، ڪلا، قدرت، نور، روشني، تجلي ٦- ٻگرِيَن (فقيرن وارن بغل ٿيلهين) ۾ ۷- ڪائي ڏيءُ، مزا ۾ موجون ۸- سر يا گاهه جنهن مان رسا ٺاهيندا آهن؛ پائمال ۹- فنا جي وادي يا ماٿري ۱۰- آباديءَ، حق، ابدي حياتيءَ * نيستي جون منزلون طي ڪري واصل بالله ٿيا. ۱۱- رلي، ڪٿي، گودڙي، ڪدا، جمني ۱۲- گودڙي، پراڻا ڪپڙا، گادي، گاديلو ۱۳- ذري، ٽڪري.

٣

نَہ گِندا، نَہ گَبَرِي، نَہ لانگوٽِيءَ لِيڙَ،
جيڏانهن ڪَرِينِ پيڙَ[1]، تيڏانهن صاحِبُ سامُهُون.

۴

جيئَن تا پُڇَنِ اَنَ[1a] کي، تيئَن جي پُڇَنِ پَنڌُ،
تَہ رِڙهِي لَڏائُون رَندُ، لَتِيَنِ لُڪَ[2] لَطِيفُ چئي.

٥

جيئَن تا پُڇَنِ اَنَّ کي، تيئَن جي پُڇَنِ اَللهَ،
تہ رِڙهِي لَڏائُون راهَ، لَتِيَنِ لُڪَ، لَطِيفُ چئي.

٦

نَہ گِندا، نَہ گَبَرِي، نَہ ڪَڇِينِ[3] ڪاڇوٽِيَ[4]،
سامِيَنِ ٻارِي سَڄُ ۾، ٻابُنِ باهوٽِيَ[5]،
جوڳِي جَبرُوتِيَ[6]، وَڃائي واٽَ ٽِيا.

٧

ڪَڇِي ڪاڇوٽِيَ، نانگَنِ ٻَڌي نِينهن جي،
جِهَڙا آيا جَڳَ ۾، تَهڙا وِيا موٽِيَ،
اُنين جي چوٽِيَ[7]، پُورَبِ[8] ٽِيندِي پَڌِرِي.

٨

سُٻيرِيءَ[9]، سَيّدُ چئي، جي تا پُڇَنِ اَنُ،
تَنِ ڪاپَڙِيَنِ ڪونهي ڪَنُ، جوڳِي چائِن[10] جاڙَ[11] تا.

١ـ ڪاه ڪن، رخ رکن 1a ـ اناج، کاڌو ٢ـ ماندائي، فڪر، انتظار، ڳڻتي، ڏک ٣ـ ماپين، وهٽين؛ سبڻ لاءِ ڪپڙو ماپي ٺاهين ۴ـ گودڙي، لانگوٽي ٥ـ دونهين، ننڍي باهه ٦ـ جبروت (سلوڪ جي ٽئين منزل) منزل کي پهتل ٧ـ چوٽيءَ جا وار، سر، مٿو (مرتبو عزت) ٨ـ مشرق، ايرندي (خدا جي اڳيان، قيامت ڏينهن) ٩ـ سويل ئي، اول ئي، پهريائين ١٠ـ چوائين، ڪوٺائين ١١ـ اجايو.

٩

جا بَرادَ[١] بُتَنِ جِي، سا اُجَ بُکَ آديسِيَنِ،
روزا رِندَ رَکنِ، عِيدَ نہ اوڏا ڪاپڙِي.*

١٠

جنهن سناسي سانڍِيو، گندِي ۾ گِراھ،
اُنِينءَ[١a] کان اَللهُ، اَجا اَڳاھُون ٿِيو.

١١

وِيٺو پُڇِين پَرُ[٢]، ڪَرِ ڪا هِنيارَ[٣] هَلَڻَ[۴] جِي،
اَجُ آدِيسِي! مَرُ، صُباحَ مَرَندو سَيَڪو.**

١٢

پَرِينديِئي پيرَ ٿِيا[٥]، ڇَڏِي گنجو[٦] گامُ[٧]،
ويهِي ڪِيو نہ وِچَ ۾، تَنِ آديسِيَنِ آرامُ،
رَهَ[٧a] ۾ گَڏِيَنِ رامُ، پَنڌان[٨] ڇُٽا ڪاپَڙِي.

١٣

اَکِيُون آلو[٩] ماهُ،*** سَدا سَناسِين جُون،
واري نيڻَ نِنڊاھُ[١٠]، جاڳِي جَهِليا جوڳِيِين.

١۴

اَڄَ لَڳِيُون آهِنِ، آيَلِ! آديسِيَنِ جون،
ويهِي[١١] وِهائِينِ[١٢]، ڪا قَضانِي[١٣] راتڙِي.

١۔ عيد، خوشي، ڪائڻ پيئڻ جو ڏينهن* جيڪو ڏينهن تن پرورن يا جسم خوش رکڻ وارن لاءِ عيد جو ڏينهن آهي، سو اديسن لاءِ روزي رکڻ جو ڏينهن آهي. ١a۔ اُنهيءَ ٢۔ گذريل سال يا ورهيه ٣۔ هينئر، هڪل ۴۔ مرڻ. ** مرڻ کان اڳي مر تہ مهند ۾ مرڪين (نفس کي نهوڙي، فنا جي منزل طي ڪر تہ ابدي حياتي ۽ ايزدي مشاهدو ماڻين) ٥۔ سفر تي اسهيا يا ويا ٦۔ گنجو تڪر ٧۔ ڳوٺ ٧a۔ راھ ٨۔ پنڌان، پنڌ کان ٩۔ پسيل، پنل *** جوڳي هميشہ نيڻن مان ارتو اوتيو پنهنجي تن کي پيا پسائين. ١٠۔ ننڊ کان ١١۔ آرام ڪري ١٢۔ گذارين، پوري ڪن ١٣۔ اتفاق سان.

١٥

اَچا سي آهِين، جي سَزاوارَ[1] سِڳِيُنِ جا،
ويٺا وَڃائِينِ، جي سنياسي! سُٽِيِين.

١٦

نسورِيائِي ناهہ[2] جِي، دِلِ ۾ دُونهِين دُکاءِ،
آئي آڳِ عِشقَ جِي، لاهوتِي! تَنَ[3] لاءِ،
جِندان[4] تيئن جاڳاءِ، جيئن آتَشِيان[5] آبُ ٿِئي.*

١٧

مَرَڻُ مُسَلَّمُ[6] جَنِ، واحِدُ تَنِ نہ وِسَري،
مَتِي سَگَرُ[7] ڪاپَڙِي، نانگا نِندَ نہ ڪَنِ،
نيڻَ سَدائِين تَنِ، اوجاڳِي اُجارِيا.

١٨

پُورِيَ پَئِي رَهہ، اُپَتي[8] اُجهہ[9] مَ ڪاپَڙِي!**
اُلا جي عِشقَ جا، سي تُون سَهِيو سَهُہ،
پُڇُ پاڻُ کي پَهہ،*** هِنگِلاجِ هَلَڻَ جو.

١٩

ڏورِڻُ گهٽُو ڏاڪَڙو، ڏورِجِ ري مَ ڏِيئي[10]،
تان تان هوئِيجِ حُجِري، جان سين يارُ جِيئي،
جَڏِهن پاسي پاڻُ ٿِئي، ÷ تَڏِهن جَڏِج تَڪِيو[11].

١ـ لائق، مستحق ٢ـ فنا، نيستي، نابودي، لاالله جي ٣ـ تن يا جسم کي ۴ـ جندان، جند يا جان سان ٥ـ آتش مان * من ۾ الاهي عشق جي ڪا اهڙي دونهين دکاءِ جو اها بره جي باه تنهنجي دل کي ناري لاءِ پاڻيءَ جو ڪم ڏئي ٦ـ خلاصي طرح ڏنل، سونپيل، حوالي ڪيل، قبوليل ٧ـ رستي، راه (سلوڪ) جي گس تي ٨ـ کولي ٩ـ هل، سفر ڪر. ** هنن ظاهري اکين کان ڪم وٺڻ ڇڏي ڏي. *** پنهنجي دل سان صلاح مصلحت ڪر. ١٠ـ (ڏيئو) ٻتيءَ، مرشد، سونهي ÷ مري وڃي ١١ـ آڌار، ڀروسو، ٽيڪ، اميد.

٢٠

ڏورِ مَ ڏِيئيان[١] ڏارَ، ڏورِڻُ گهڻُو ڏاڪَڙو،
ڪوڙِيين لَکَ هَزارَ، هِنَ اونداهِيءَ[٢] اَندا ڪِيا.

٢١

سامِي تُون سُلُوڪَ ڪي، هَٿان[٣] هَڏِ مَ ڇَڏِ،
لَڏِيندَنِ سين لَڏِ، نَہ رَهِين تُون راجَ ڪَري. *

٢٢

وِيندَنِ ڪي وِيڪَ[٤] ٿِئي، هُوندَنِ ڪونهي هَنڌُ، **
"مَن لَهُ المَوليٰ فَلَه الڪُل"[٥]، اِيءُ پَروڙِ پَنڌُ[٦].

٢٣

عاشِقَ، شَهَرَ فَقِيرَ، دَرِ دَرِ هَٽَنِ سَٽَنِ، ***
"مَن عَرفَ اللهَ ڪَلّ لِسانُهُ"[٧]، اِهڙِائي اَمِينَ،
جِتي پَسَنِ ڪِينَ، تِتي ڪَن تڪِيا.

٢٤

لَنگهِ لاهُوتان[٨]، ڪاپَڙي! ڏُونهِين ڪا مَ ڏُکاءِ،+
اوري ڪَرِ مَ آسَرو،++ پَرَي[٩] پَيرُ مَ پاءِ،°
جَنِ جِي جاءِ، نَہ ماءِ÷ وَنءُ[١٠] تَنِين سين واڳِيو[١١].

١ـ ڏيئي ڪان ٢ـ رهبر ڪان سواءِ سلوڪ جي راه ۾ هلڻ ٣ـ هٿ ڪان يا مان* (١) تون حڪومت ڪرين خوش گذارين (٢) تون راڄ جي ماڻهن (هڪجهڙن) سان همراه گذارين (خوش گذارين) ۴ـ ويڪرائي، وچوٽي؛ ويڇو** خوديءَ وارن لاءِ اڏار ڪونهي. ٥ـ جنهن کي الله آهي تنهن کي سڀ ڪجهه آهي (حديث) ٦ـ گس، رستو ***گهر گهر پنن ٿا. ٧ـ جنهن خدا کي سڃاتو تنهن جي زبان گونگي ٿي ٨ـ لاهوتان، لاهوت (سلوڪ جي چوٿين منزل) ڪان + دونهين دکائي آرام سان گهر بنائي ويهي نہ رهہ. ++ ويجهي منزل تي پهچڻ جي تمنا نہ رک بلڪ آخرين منزل (الالن سان لئي ٿيڻ واري منزل) جي خواهش دار. ٩ـ دور ٥ اڳين ڪرڻ کان پري نہ ويج. ÷ جن جو نہ مڪان آهي ۽ نڪو عزيز خويش، يعني جن دنيا کي ترڪ ڪيو آهي. ١٠ـ وڄ ١١ـ گڏيو، ڳنڍيو.

٢٥

پِنِيءَ پَڙَڪَ ڪَنِ، ٻاهِيُون ٻيراڳِن جُون،
هَلو تَہ سيکِيُون هَٽَڙا، مَتي تَن مَچَنِ،
مُلا[١] سَناسِيَنِ، مُون جَڙَ لَڳِي جانِ ۾.

٢٦

هُو جي ٿِيا هَر ڪيسَ[٢]، تَنِ لَڳِي ڪِينَ لِباسَ[٣] سين،
وَتَنِ وِلهي[۴] ويسَ، لاهُوتي، لَطِيفُ چئي.

٢٧

ٻُڪَ اُنين جي ٻِکِيا، ڌوڙِ تَنِين جو ڌُوپُ،
ڪِياٿُون سوئي رُوپُ، جِيان[٥] لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

٢٨

سِڱِيُون[٦]، سيلِهيُون[٧]، گَبَرِيُون[٨]، ٿيئي ٿولَ ٿَڱو[٩]،
پَٽُ[١٠] هَٽِي پَٽَ سين، پيري تَنِ پَڱو،
لاهُوتُ جَن لَڳو، سي مَڙهِيان[١١] مُورُ نَہ نِڱِيا[١٢].

٢٩

ڪوءِ گودَڙا! ٻَنِ گَبَرِيُون! نيئي کِداٿُون[١٣] ڪانءِ،
جيڏانهِين جوڳُ وِيو، نيڻَ تيڏانهِين ناءِ،
پُٽو ايئن پانءِ، تہ سِڱِيُون شُومَتَ[١۴] هَٿَ جون.

١- وتان ٢- هر رنگ جا، هريءَ جي رنگ ۾ رتل ٣- دغا، دولاب ۴- خالي، سکڻي، ڪنگال، سڃي ٥- جئان، جنهن ڪان، جتان ٦- سنگ مان ٺهيل توتاڙيون ٧- ڏاس جا رسا، نوڙيون، ڳانا ٨- گودڙيون ٩- ڏاڳا، جٽيا ١٠- جمني، ڪشتو ١١- مڙهين مان ١٢- نِڪتا، ويا، هليا ١٣- جمنيون، پياليون؛ فنجان ١۴- خرابي، سزا.

٣٠

ڪَنُ گودَڙ، پيونُ گبرِيُون، ڪانءِ مَ ڪِدائُون،
جِندا![o] وَڃِي جوڳَ سين، لَهجِ ڪِي لائُون،
اِيئَن ڪَهُ اُتائُون[١]، تہ سِڱِيُون شومَتَ هَٿَ جُون؟

٣١

جا ڳُرَ ڏِني گودَڙِي، سا مُون ڪي تِـي مَرَڪُ،
چيلا! ماري چَرَخُ[٢]، اوڍِي ويهُ اَدَبَ سين.

٣٢

جا ڳُرَ ڏِني گودَڙِي، سا تِئِـي لاهِينديِ لَڄَ،
سَندا تِنهِن سَهَجَ[٣]، چيلو چُوندا ڪيتَرا؟

٣٣

جا ڳُرَ ڏِني گودَڙِي، سا مُون گهٽُو سُهاءِ،
نِيئِي رَساٽِي ماءِ[٤]، اوڍِين جي اَدَب سين.

٣٤

اَندَرِ رِلا رِلِيُون، ٻـَهَرِ پَٽولا[٥]،
گُدَڙَ جا گولا، اِنين[٥a] پَرين[٦] ڪاپَڙِي.

٣٥

ٻـَهَرِ رِلا رِلِيُون، اَندَرِ پَٽولا،
خُدا جا گولا، اِنِين پَرين ڪاپَڙِي.

---

o- اي جندا!، اي جان!، ايٰ پيارا! ١- چيائون ٢- ڦيري ڏئي، خيال ۾ خودي وڃائي، هٺ ۽ وڏائي ترڪ ڪري ٣- سک، آرام، سينگار ٤- جاءِ، منزل مقصود ٥- ريشمي ڪپڙا ٥a- اِنهن ٦- اهڃاڻن، نمونن، نشانن.

۳٦

گُلَ گُلَ پَسِي گودَڙِيا! گهڻا مَ ڀانئِيج، *
سوئِي سُڄاڻِيجِ، هِيءُ هُو آهي هيڪَڙو.

۳۷

ڀَتَ[۱] ڇَڏِيائُون ڀَتَ ۾، ڏَندَ[۲] ڇَڏِيائُون ڏِسُ!
سَڀَ ٽولِيئان[۳] اڳِي ٿِيا[۴]، موٽِي ٿِيَنِ نَ مِسُ[۵]،
هِيءُ ڇَڏِيائُون حِسُ[٦]، وَڃِي ڪالهه ڪُلُّ ٿِيا[۷].

۳۸

ٻولِي ٻُجهارَتَ[۸]، جوڳِيان سَندِيءَ ذاتِ جِي،
ڏورِڻُ گهڻُو ڏاڪَڙو، هَلَڻُ ۾ حيرَتَ،
عَجَبُ عِبادَتَ، پَهُ پَرُوڙَڻُ اُنِ جو.

۳۹

جنهن ڪارَڻِ جوڳِي ٿِيا، جان جان سو نَ پَسَنِ،
تان تان سناسِيَنِ، ورِهُ[۹] وِهامي راتَڙِي.

۴۰

نَ ڪِلَنِ، نہ ڪِينِ ڪِي، نَ ڪِي ڳالهائِينِ،
ڪنهن جنهن ۾ آهِينِ، سا پَرُوڙَڻُ ڏاڪَڙو.

---

*اي گودڙيءَ وارا فقير! مختلف گلن جا نمونا ڏسي ائين نہ ڀانئج تہ ڪي هي جدا جدا شيون آهن. هن ڪثرت ۾ وحدت آهي. ۱ـ جمنيون، ٽانوَ ۲ـ وڃائڻ جون سگيون ۳ـ ٽولين (گروهن، جماعتن) کان ۴ـ بهتر ٿيا، افضل ٿيا ۵ـ ٽامو، مٽ (خراب) ٦ـ احساس، ڇهن جو حواس ۷ـ وحدت يا خدا سان مليا ۸ـ ڳجهارت، پرولي، ڳجهي ڳالهہ ۹ـ ڏک.

٤١

راتيان رُجَهنِ[١] رامَ سين، ڏينهان ڪَنِ سَنانُ[٢]،
جوڳِي سِي اَنانُ[٣]، وَتُون جَنِ وِراهِيُون.

٤٢

ڪِي جو ڏِٺائُون، ڏَهَڪِجي[٤] ڏُورِ ٿِيا،
وِهَڪَ[٥] نَہ ڪِيائُون، اُيَڪَ[٦] عَيبُ اُنِ جو.

٤٣

نَہ ڪِي طعامُ تُنبِيَنِ[٦a] ۾، نَہ ڪِي گَبرِيَنِ،
مُون پُرِ مُلا[٧] تَنِ، حاصُلِ ڪِي حالُ ڪِيو.

٤٤

دَلَقَ[٨] ڏَڪائِج دِلِ ڪي، لائِجِ[٩] ڪو مَ لِباسُ[١٠]،
پُوري ڪائِجِ پانهنجو، مَڙهِيان[١١] اَندَرِ ماسُ،
تَہ ويراڳِي! تو واسُ، بَرَ ۾ بُويُون[١٢] موڪِلي.

٤٥

جِتي عَرشُ نَہ اُبَ ڪو، زَمِينَ ناهہ ڌَرو،
نَہ ڪو چاڙهائو[١٣] چَندَ جو، نَہ ڪو سِجَ سَرو[١٤]،
اُتي آديسين جو، لَڳو ڏَنگَ[١٥] ڏَرو[١٦]، *
پَري پِيُنِ پَرو[١٧]، ناٿُ ڏِٺائُون ناهہ[١٨] ۾.

١- مشغول ٿين، رڌل رهن، ريجهن ٢- وهنجن، غسل ڪن (عيش آرام ڪن) ٣- مست، سمجهہ کان ٻاهر ٤- ڊڄي، ڪنبي ٥- ويهڪ، وهڻ،آرام ٦- ٻيهڻ، ترسڻ، روڪجڻ ٦a- ڪِستن ٧- وٽان، کان ٨- گودڙي، چتين لڳل چوغو، ڦاٽل ڪپڙو (فقيريءَ يا دنيا کي ترڪ ڪرڻ جي نشاني) ٩- لاهج، ڦٽو ڪج ١٠- ظاهري ڪپڙا ١١- مڙهين ۾ ١٢- بوءِ جو جمع، خوشبوءِ ١٣- اڀرڻ، چڙهڻ ١٤- رستو، نشان ١٥- حد، نشان، رستو ١٦- دڙو، دڙهو، زمين تي پير هڻڻ * اتي آديسن جي نچڻ ٽپڻ جي جاءِ آهي. ١٧- خبر، پروڙ ١٨- نيستي، فنا، نابودي.

وائي-١

جوڳي ڏاڍي ذاتِ، جيجان! سامي ڏاڍي ذاتِ،
ماءُ! مون قبوليا ڪاپڙي.
راتيان ڏينهن رُوحَ ۾، مون کي سَنديَنِ تاتِ،
ماءُ! مُون قبُوليا ڪاپڙي.
سِگها اِيندَمِ سُپرين، شل سياڻي پرياتِ،
ماءُ! مُون قبُوليا ڪاپڙي.
اُنهن آديسيَنِ جي، مون کي وائِي آهي واتِ،
ماءُ! مُون قبُوليا ڪاپڙي.
ڪَريان عَرضُ الله کي، آئُون اُتِي آڌِيَ رتِ،
ماءُ! مُون قبُوليا ڪاپڙي.
اَديُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، شَلَ ڏاتَرُ ڏيندُمِ ڏاتِ،
ماءُ! مُون قبُوليا ڪاپڙي.

وائي-٢

راوَلُ رَهي نَہ راتِ، جيڏِيون! منهنجو راوَلُ رَهي نَہ راتِ.
ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪاندَ° ري، وِهاڻِيَ پِرياتِ،
منهنجو راوَلُ رَهي نَہ راتِ.
مِتَّ نَہ مَعذُورِيَنِ جا، ڪا جا جوڳِيءَ ذاتِ،
منهنجو راوَلُ رَهي نَہ راتِ.
لَڳُمِ لاهُوتِيَنِ جو، مُنجهان ڪِينَرَ ڪاتَ،
منهنجو راوَلُ رَهي نَہ راتِ.

---

o- ڪانڌ

سر ڪاپائتي

سر بابت:

هن سر تي مضمون جي مدنظر نالو رکيو ويو آهي. ڪابہ هندستاني راڳڻي هن نالي سان ڪانہ ٿي سڃهي. جيئن تہ هن سر ۾ ڪاپائتيءَ جو ذڪر آيل آهي تنهن ڪري اهو نالو پيو اٿس. ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي ۾ هيءُ سر ڪونهي. رواجي نسخن ۾ سر جي پڇاڙيءَ ۾ "مَتِ" ڏنل آهي جا گهڻي تفحص بعد معلوم ٿيو آهي تہ شاهہ جو ڪلام نہ آهي. ڏاريون ڪلام سمجهي اهو حصو خارج ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ مقدمہ ۾ ١٦٦ صفحہ تي ڄاڻايو آهي تہ، "اها مت، فقط ٽرمپ صاحب واري نسخي ۾ ڏنل آهي ۽ پارسي نظم "مسمط" جي طرز تي چيل آهي. اهو پڻ شاهہ جو ڪلام نہ آهي."

مضمون:

هن سر ۾ شاهہ ڪاپائتي جي حال، سندس محبت ۽ منفرد مصروفيت جو ذڪر ڪيو آهي.

روحاني راز:

هن سر ۾، سالڪ کي ڪاپائتيءَ سان مشابهت ڏني، شاهہ ڪئين تصوف جا اصول سالڪ جي رهبريءَ لاءِ بيان ڪيا آهن. سمجهدار سالڪ کي ويسلو ٿي ويهڻ نٿو جڳائي، جو متان اڳهاڙن سان عيد ڪرڻي پويس. جيڪڏهن ڪتيندوئي ڪونہ تہ اوڊيندو وري ڇا؟ ڪتڻ مان مراد آهي عبادت ڪرڻ. جيڪو سالڪ صحيح طور ۽ گهڻي عبادت نہ ڪندو سو قيامت جي ڏينهن پنهنجو ڪسو اعمال نامو پيش ڪندي لڄي ٿيندو. جتي هڪ جيڏا ۽ سرتا سڏ ڪندس، اتي هيءُ شرمائيندو.

علم نفس جي اصولن موجب جيڪو گهڻو پورهيو ڪندو آهي، سو انهيءَ تي اوتروئي ناز ڪندو آهي. اها هڪ انساني اوڻائي ۽ عيب آهي. انهيءَ وڏ کي وڏي ويڪ ڪري ڄاڻايو ويو آهي. شاهہ هتي سالڪ کي سمجهائي ٿو تہ، "ڪنبندي ڪت" ورنہ تنهنجي سنهي ڪتيل سٽ مان بہ صراف ويکون ڪڍندا ۽ ورائي منهن تي هڻندئي. ناز ڇڏي نياز

سگھي. نياز ۽ نھٺائي ڪري، شايد صراف تنھنجو ٿلھو ڪٽيل سٽ ۾ اگھائي ڇڏين.

خداوند تعاليٰ بيپرواھ بادشاھ آھي. ھن کي ڪا انسان جي عبادت جي ضرورت ڪانھي. جيڪي انسان ڪري ٿو، سو فقط پنھنجي لاءِ. سالڪ محبوب جي مشاھدي ماڻڻ لاءِ جيڪي ڪندو تنھن مان ڪيس ٿي مٺو ڦل ملندو، تنھن ڪري ھن کي پنھنجي عملن تي اصل ھٺ ۽ وڏائي نہ ڪرڻ جڳائي.

ھيءَ دنيا ٻن ڏينھن جو چٽڪو آھي- آخر فنا، تنھن ڪري وقت وڃائڻ پاڻ سان ويل وھائڻ آھي. شاھ سالڪ کي صلاح ٿو ڏئي، تہ ڪتڻ سندا ڏينھن ويھي مَ وڃاءِ، بلڪ ارٽ کي اوڏي ٿي، ان سان اور. ١۴ نمبر بيت ڏسو.

سُرُ ڪاپائِتِي

١

توڙي[1] تُون ڪاتارِ[2]، جِمَ هيڪَلِي[3] پيرِپين[4]، *
ڏسي ڪا ڏُتارِ[5]، صَرافَ[6] اِنهِيءَ سُٽَ ۾.

٢

جَنين پيرِيو هيڪَلو، تَنين ميڙيو، ماءِ!
تَندُ اِهَڙِيءَ ساءِ[7]، مُون آتَڻُ[8] هَڏِ نَه آئِيو.

٣

جان ڪَتين تان ڪِتُ، هِيءَ[9] هَڏِ وِهاڻِي،
ڪاپائِتي سَيَڪا، ڪِتي سِيباڻِي[10]،
جاتو جَنِ جاڻِي، ** تَنِ هَٽان پَهِي[11] نَه جَڏِي.

٤

هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي، تُون ڪَرُهُ ڪالهوڻِي ڏينهن ڪي،
اُٺِي اورُ اَرٽَ سين، *** ويهُ مَ، ويڳاڻِي!
تَه صَرافَ سُياڻِي، موٽائي هَٽَنِئِي نَه مُنهن تي. +

٥

هِيءَ هَڏِ وِهاڻِي، جان ڪِتين تان ڪِتُ،
ڪو پَنهنجي لَڳِ[12] تُون، پيري ڪِجِ پَرَتُ، ÷
مَتان رُئين رَتُ، صُبُحَ وِچِ سَرَتِيين.

١- جيتوڻيڪ ٢- هوشيار ڪتڻ واري (ڪئين منزلون طي ڪيل سالڪ) ٣- هڪڙي تند واري؛ سنهو ۴- ڦيرائين؛ وڪڙ ڏين* متان ڪٿهه مان هڪڙي تند وارو سٽ ڪتين يا خراب ڪتين. ٥- بيماري؛ عيب ٦- سون ربو پرکيندڙ (خدا) ٧- ذائقي؛ ڍول، نموني ٨- ڪتڻ جي جاءِ ٩- هيءَ حياتي ١٠- وٽندڙ ** جن پاڻ کي سڃاتو ١١- ڪپاه جي پوڻي يا مڇو *** اٿي اٽ هلاءِ + ورائي نه ڏينئي؛ تنهنجو پورهيو قبول نه پوي. ١٢- واسطي، لاءِ، ڪارڻ ÷ تند ڦيرائي عمدو پرت پرج؛ سمر يا توشو تيار ڪر.

٦

ڪتَڻَ جي ڪانَ ڪَرِين، سُتي ساهِين هَڏُ،
صُبُحَ ايندءِ اوچِتي، عِيدَ اُگهاڙَنِ گَڏُ،
جِت سَرَتيُون ڪَندءِ سَڏُ، اُتِ سِڪَندِينءِ سينگارَ کي.

۷

پائي ڏورِ اَرٽَ ۾، ڪتين نَہ ڪُوڙي،
وِهاءَ واڌاڻي[1]، پيٽين[2] سَنيوڙي[3]، *
مَتي جنهن مُوڙي[4]، سا ڪيئن وِهي ويسَرِي[5]؟

۸

اَڄُ پُڻِ اُجهڻَ[6] کي مَرِين،** نَہ ڪِي ڪِتُئي ڪالَ[7]،
پورِي! تو سين پالَ[8]، ڪانڌُ ڪَرِيندو ڪيتَرا؟

۹

اَڄُ پُڻِ اُجَهڻَ کي مَرِين، نَہ ڪي ڪِتُئي ڪالَ،
مونا[9] اُتِجِي اُڪِڙِئا، اَرٽَ ڏِرِڪِي مالَ[10]، ***
هَئي! تِني جي حالَ، جَنِ ڪاپِي[11] مَنجهان ڪِينَ ڪِيو.

۱۰

سي تو ويهِي وِڃائيا، جي ڪِتَڻَ سَندا ڏينهن،
اَرٽَ اوڏِي نَہ ٿيِين، پورِي! پورِي[12] سِينءَ[13]،
ڪَندُ ڪَٽندِينءِ[14] ڪيئن، اَڳُڻِ عَجِيبَنِ جي؟

۱ـ شادي مراديءَ ۲ـ وجين ۳ـ تيار ٿيو * شاديءَ تي وڃڻ لاءِ سنيري آهين (پر نئون وڳو ڪتي اٿئي) ۴ـ ويڙهي، ننڍو گڏو ۵ـ غافل ٦ـ وڃڻ** اڄ بہ ڪنهن پاسي گهمڻ لاءِ تيار آهين (ڪم ڪونہ ٿي ڪرين) ۷ـ ڪالهہ ۸ـ مهربانيون، پلايون ۹ـ ارٽ جون اُپيون ڪاٺيون ۱۰ـ نوڙ يا رسي جنهن تي ارٽ ڦرندو آهي. *** ارٽ بيڪار پيو آهي.
۱۱ـ ڪتڻ جي پورهئي ۱۲ـ ٿوري، ذري ۱۳ـ تائين ۱۴ـ مرڪندينءِ.

١١

توڙي تُون وَڏي[١] ٿيئين، توءِ[٢] اُتي اَتڻ آ،
ٿِي پيڙي[٣] پيرمَ[٤] وارِيين، پِي هَڏِ ڪَرِ مَ ڪا،
تہ صَرافُ تو صُباح، ڪوٺِي ڪاتارِنِ سين.

١٢

سونَ سارِيڪا[٥] هَٿَڙا، ڪوهَ نہ ڪِتين رَڍِ[٦]؟
ويهِي ڪُندَ ڪاپو[٧] ڪَرِ، گهُتُون گوهِيون ڇَڍِ،
تہ صَرافاڻِي سَڏِ، مَرَڪِيو هوندَ مَتائِيين[٨]!

١٣

پَڳوئِي تُون پيرِ، جانسِين[٨a] رَتو راسِ ٿِئي*،
بُرِيَ بيڪارِيَ سين، هارِي! پاڻُ مَ هيرُ[٩]،
ڪِتُ ڪِتَندِي ڪيرُ، تنهن سيئن** نِيزارِي ڪَرِي؟

١٤

پيرِيين ۾ پائِيين[١٠]، ايئن وِڏوٽو[١١] ڪانڌُ[١٢]،
ويٺِي اورِ اَرتَ سين، ڳِچِيءَ پايو پاندُ،
تَہ تنهنجو ئِي وِٽواندُ[١٣]! ڪِتو[١٤] وِتوئِي[١٥] نہ ٿِئي.

١٥

مَجُرِ پاڳَ پرِ[١٦] ڏِيين،*** ڪِتُ ڪَنبَندي[١٧] آءُ،
جڏهن تڏهن ماءُ! پِرَن[١٨] پيرمَ وارِيُون.

١- عمر ۾ وڏي؛ پوڙهي اکين کان وڏي، انڌي ٢- تہ بہ ٣- پاسي ۾ يا پرسان ۴- ائٽ ٥- جهڙا، برابر، مٽ ٦- ٿلهو، سادو، بي عقل، بحشي، ضدي ٧- ڪتڻ جو پورهيو ٨- سٽ ڏئي پورهئي جا پئسا وٺين ٨a- جيستائين * اهو تو ڪم ئي چڱي ڏنو جنهن مان مٺو ڦل حاصل ٿئي ٩- عبادت ڪر ** چوٽي کان نهن تائين، تمام گهڻي ١٠- فخر ڪرين ١١- ڪاوڙيو ١٢- پتار (خدا) ١٣- جنهن کي ويڙ ڏجن، عيبدار ١۴- ڪتيل ١٥- ويل، ضايع، برباد ١٦- ڦيرو *** متان نصيب کي لتون هڻين يا پٽ ڏين. ١٧- ڏڄندي، نهٺائي ڪندي ١٨- ڦرن، گڏجن، ملن.

١٦

چاوَتَ[1] پائي چِتَ ۾، سَنهو ڪِتو جَن،
تن جو صَرافَنِ، ڏُڪو داخِلِ نہ ڪِيو.

١٧

مَحَبّتَ پائي مَنَ ۾، رَنديا روڙِيا[2] جَنِ،
تَنِ جو صَرافَنِ، اَڌُ توريو ئِي اَگهائِيو.

١٨

ڪو جو وَهُ[3] ڪاپاتِيِنِ، ڪَنبَنِ ۽ ڪِتَنِ،
ڪارَڻِ سُودَ[4] سَواريُون[5]، آتَڻَ[6] مَنجهہ اَچنِ،
اُنِ جي سُونهَن[7] سَيّدُ چئي، صَرافَ ئي سِڪَنِ،
اَگِهيا سُٽَ سَندِنِ، پائي تارازِيءَ نَہ توريا.

١٩

سُٽُ[8] اُنِين جو سَڦَرو[9]، جي پَرِ ۾ پِچائِينِ،*
آوازُ اَرٽَ جو، ساهَہ نہ سُڻائِينِ،
لِڪايو، لَطِيفُ چئي، ڪَنبِيو ڪتائِينِ،
جي[10] ماڻِڪ موتائِينِ، تَہ پِہ مُلُ[11] مَهانگو اُنِ جو.

٢٠

تُنبائي[12] تاڪِيدَ سين، جَنين پِچايو پاءُ،
لَسِي تَندُ، لطِيفُ چئي، هَلِي تَنِ هَٽاءُ،
مَلمَلِ مَنجهان ماءُ! جي سِڪِيُون تَنِ سُون ڪِيو.**

١ـ ڪينو، بدخواهي، دشمني (فخر) ٢ـ ٿلهو، سادو ڪتيو ٣ـ جوش، جذبو، عشق ٤ـ نفعي، فائدي ٥ـ سويلِ ئي ٦ـ ڪتڻ لاءِ وهڻ جي جاءِ ٧ـ حسن، پورهئي؛ عبادت، (حسن اخلاق) ٨ـ مراد آهي: عبادت ٩ـ سٺو، فائدي وارو، اَگهيل* عبادت انهن جي اگهندي جي لوڪان لڪائي الله سان اوريندا. ١٠ـ جيڪڏهن ١١ـ اگهہ، قيمت ١٢ـ پچائڻ لاءِ ڪپهہ کي ذرو ذرو ڪري صفا ڪرائي ** جن ململ جهڙو سنهو، باريڪ ۽ نفيس ڪپڙو اُڻيو، تن کي تمام فائدو پهتو.

۲۱

ٺَڪُ[۱] وِنگِي[۲]، ورَ[۳] گھٽا، ڪِتان ڪُڇاڙو؟
ڪاپِي مَٿان ڪيتَرو، آٽِيان اُڌارو؟
جي وَرُ[۴] ڏِيي وارو[۵]، ته سُونهان سَرَتين وچ ۾.

۲۲

اولاٽِيان[۶] اَرٽَ، ڪيڏهَنِ ڪِتَڻَ وارِيُون؟
پَهِيُون مَٿي پَٽَ، لُڙجَنِ[۷] لاڪِيئَڙِن[۸] جُون.

۲۳

ڪِتي ڪِتي ڪالَ، اَڄُ نه آتَڻَ آئِيُون،
اَرٽَ اُڪِلِي مالَ، پُوري وِيُون نِجُهرا[۹].

۲۴

نه سي وَڙُنَ[۱۰] وَٽِنِ ۾، نه سي ڪاتارِيُون[۱۱]،
پَسِيو بازارِيُون، هِينئڙو مُون لُونڻُ ٿِئِي[۱۲].

۲۵

ڪِتي مَٿي آئِيُون، ڪَري تَندُ تَيارُ،
اُتَلَ اوڏاهِين ٿِئي، جيڏاهن پرينءَ پارُ،*
ڪاپائتِيءَ قرارَ، مَنجهان پورِهئي آئِيو.

۱- لوه جو ٺڪر جنهن تي ڏاڳو ويڙهبو آهي ۲- ڦڏي، ڏنگي ۳- پيچ، مونجهارو (منجهيل سٽ) ۴- پتار (ڏٽي) ۵- مهر ڪري، ڀلائي ڪري، قسمت ورائي، وجهه ڏئي ٦- لاهي ڇڏيان، خالي ڪريان ۷- مٽيءَ ۾ پرجن يا خراب ٿين ۸- چڱن ڀلن شريف ماڻهن ۹- جهوپڙيون، گهر ۱۰- ڪپهه جا ڏينا ۱۱- ڪتڻ واريون ۱۲- لوڻ وانگر ڪارو؛ بيزار ناخوش* ساهميءَ جي هڪ پڙ ۾ ڪاتارين جو پورهيو (عمر جي عبادت) ۽ ٻئي پڙ ۾ پرين وجهبو، ته ڏسبو ته پرين جو پاسو ڳرو آهي.

٢٦

جا سَنهو نَہ سِڪِي، سا مَرُ[١] رَنديائي روڙِي،
سُٽُ تَنِين جو سَقِرو، وِيا ترازِيءَ توري،
تُلهِي ۾ توري، ويچارِيءَ سان وَڙُ ٿِيو.

٢٧

جَنِين ڪِتو ڪالَ، سي پاٽان پِيئُون مامِري،
جَنِين تڪَ نَہ مالَ، سَرَهِيُون سي صَرافَ سين.

٢٨

پائي پاندِ ڪَپاهُہ، جان مُون آتَڻَ نِهارِيا،
ڪَتِي ڪانَہ پساهُہ، سَرَتِيُون وَڃِي سُتِيُون.

٢٩

چَرِڪو[٢] پنهنجي چِتَ سان، پِرِيءَ[٣] پيرِيو[٤] جَن،
توڙي ڪِي نَہ ڪِتَنِ، تَہ پِ ڪانڌُ تَنِين جو ڪوڏِيو.*

٣٠

تاجِي[٥] تورِيائُون، تَہ عَيبِ نِڪِتا آڳِيان[٦]،
ڪوني ڪاپائِتِيَنِ ڪي، پَرِ ۾ پُڇِيائُون،
چي:[٧] "آگَلَڙِي[٨] آئُون، مُون ڪان پِڙا[٩] پَڳا نَہ ٿِيا."

١- پلي ٢- چرخو، ائٽ، ارٽ ٣- اسر مهل، صبح جو سويل ٤- ڦيريو، هلايو،
*جيتوڻيڪ هو ڪوبہ پورهيو (عبادت) نٿيون ڪن تہ بہ پيتار انهن لاءِ من ۾ محبت رکي ٿو ۽ انهن جو شائق آهي. ٥- ڪپڙي ۾ بہ تندون ٽينديون آهن: هڪڙي تاجي ٻيو پيٽو (ڪتيل سٽ) ٦- گهڻا ٧- هن چيو تہ ٨- عيبدار، ميري، مدي ٩- ڪپهہ جون ڳوڙهيون ڳنديون، عقدا.

وائي

ڪا هِنيِين[1] سين لاءِ،* پورِي! ڪا هِنيِين سين لاءِ.

تُنبائِي تاڪِيدَ سين، جَنِ پِڇايو پاءُ،

پورِي! ڪا هِنيِين سين لاءِ.

لَسِي تَندُ، لَطِيفُ چئي، هَلي تَنِ هٿاءُ،

پورِي! ڪا هِنيِين سين لاءِ.

پَهيُون تَنِ جُونْ جِهرڪَنِ جهورِيُون، پيو اُڏائي واءُ،

پورِي! ڪا هِنيِين سين لاءِ.

اَرٽَ پاسي اوجِهرِين، تُوکي سُمَهَڻَ آئِيو ساءُ،

پورِي! ڪا هِنيِين سين لاءِ.

اَدِيُون عَبدُاللطِيفُ چئي، روئِي رِيجهائِي راءُ،

پورِي! ڪا هِنيِين سين لاءِ.

١ـ دل *ڪا سمجھ ڏار، ڳڻ ڳوت ڪر، خيال ڪر.

سر پورب

سر بابت:

هيءُ سر نہ ڪي ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ آهي ۽ نہ ڪي ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي ۾. سرڪاري ڇاپي جي پهرئين ڏاستان مان هڪ پارسي آميز ٻسو بيت ڏاريو ڪلام سمجهي ترڪ ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي داستان مان بہ هڪ پنجابي الفاظن سان ڦڪو ۽ ڪجسو بيت خارج ڪيو ويو آهي. داستان ٻئي جي واهيات وائي نمبر ٢ پڻ ترڪ ڪئي وئي آهي.

مضمون:

هن سر ۾ ٻہ داستان آهن. پهرئين داستان ۾ شاهہ ڪانگل کي پرينءَ ڏي قاصد ڪري موڪلي ٿو ۽ پاڻ ان کي سنيها سونپي ٿو. ٻئي داستان ۾ پوربين يا سامين ۽ جوڳين جو ذڪر ڪيل آهي. هيءُ داستان، حقيقت ۾ سر رامڪليءَ جو حصو ٿيڻ گهرجي.

روحاني راز:

شاهہ سنڌ جي رسم و رواج کان بخوبي واقف هو، جنهن ڪري ڳوٺاڻن کي پرين ڏي ڪانگل کي قاصد ڪري موڪلڻ جو ڍنگ ڪيس وڻيو ۽ ان کي پاڻ بہ پانڌي ڪري پيغام پهچائڻ جو ڪم سونپي ٿو. آخرين بيت مان پانئجي ٿو تہ شاهہ کي حقيقي محبوب ڏي اهڙي غليظ ۽ گندي پکيءَ کي قاصد ڪري موڪلڻ کان بچان آئي ٿي ڏسجي. ڪانگ ڪاڏي لاءِ ڍونڊ ڳوليندو آهي ۽ آواز بلڪل ناخوشگوار اٿس؛ تنهن ڪري "ٻر ٻر" ڪندڙ جي قاصد ٿيڻ مان ڪهڙو ڪارج سرندو؟

سُرُ پُورَبُ

داستان پهريون

١

ڪَري ڪانگَ ڪُرِنشُون[١]، پيرين پرينءَ پَئِيج،
آئُون جو ڏِيَئِين[١a] سَنِيهو، وِچِ مَ وِساريج،
لِلله لَڳِ، لَطِيفُ چَئي، ڳُجهو ڳالِهائِيج،
چُئان تيئن چَئِيجِ، تہ ڪِنياتا[٢]! خوشَ هُئِين.

٢

اُڏرِ لَڳِ اَللهَ، ويلو[٣] ڪَرِ مَ وِچَ ۾،
آئُون جو ڏِيَئِين سَنِيهو، سانڍِ بَرابَرِ ساهَہ،
سَنڍِي ڳُجهاندَرَ[٤] ڳاهہ[٥]، ڪَهِجِ مَ قَرِيبَنِ رِي.*

٣

آءُ اُڏامِي ڪانگَڙا، پارانيانِ[٦] پَچارِ،
ويهِي هِتِ وِصالَ جو، تان ڪو تِرُ[٧] تَنوارِ[٨]،
جي ڏِسَڻَ ۾ ڏيسارِ[٩]، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

١- سلام، نياز، تعظيم ١a- ڏيانءِ ٢- ڪانگ ٣- وقت، دير ٤- ڳجهي يا مخفيءَ ڳالھ جي ٥- ڳجهارت، پرولي، اشارو *ڳجهي ڳالھ قَريبن (پرينِ) کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ٻُڌائج! ٦- سندن پيغام ٧- تر جيترو، ٿورو ٨- ذڪر ڪر ٩- ڏيساور ۾، پري.

۴

پارانيـانِ پـَچارِ، مَتي لامَ[۱] لَطِيفُ چي،
قيرُ مَ فَضِيلَتَ تُون، جا ڪُرَ[۲] اوهان جي ڪارِ،
جي ڏِٺي ۾ ڏِينارَ[۳]، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

۵

وَهِلو[۴] وَرُ، وَرِيا پِرِين، آءُ ڪانگا وَڻِ ويهُ،
جَنِين ڏُورِ ڇيتارِيو ڏيهُ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

٦

وَهِلو وَرُ، وَرِيا پِرِين، آءُ ڪانگا لَنءُ لاتِ،
وِيا جي قَلاتِ، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

۷

ڪانگَل سي ئِي ڪوٽِ، پِرِين جي پَرڏيهہ وِيا،
جَنِين رِيءَ جهانَ ۾، اَڪَرِّيَنِ اَروٽِ[۵]،
لِلّهِ لَگِ، لَطِيفُ چي، ڪِج ٻَاراچو[٦] ٻوٽِ،
جي ڏَمَريا ڪنهن ڏوٽِ[۷]، سي اُڏامِي آڻِ پِرِين.

۸

پِرِين جي پَرديسَ ۾، تَن جي ڪانگا ڪِج خَبَرَ،
تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پَڪِي تنهنجا پَرَ،
گُهمِي مَتان گهرَ، ڏِجِ پارانيا[۷a] پرينءَ ڪي.

۱۔ وڻ جي ٽاريءَ ۲۔ خاندان، قبيلي ۳۔ روشن، ڏيٺ وارا، واقف ۴۔ جلدي ۵۔ بي آب، خشڪ ٦۔ ٻاله ٻولهہ، حال احوال، محفل ۷۔ غصو، ڏک. ۷a۔ نياپا.

٩

آءُ ڪانگا! وَڻِ ويھُ، سُڏيُون[١] ڏي ساٽيھَ[٢] جُون،
چڱا ڀَلا سُپرين، ڪِ سُکِ وَسي ساٽيھُ،
پِرينِ لئي پَرڏيھُ، مون تان گھٽُو نِھارِيو.

١٠

ڪَرَ ڪَنيو ڪانگُ لَنئي، مُنِيءَ[٣] تي مَضبُوطُ،
آڻِيو ڏي آتَڻَ ۾، سَنِيھا ثابُوتَ،
ڪانگلَ! اَتئُون قُوتُ،[3a] پيغامَ پِرِيَنِ جا.

١١

مَتان مَنھَ مُنھنجي، ڪنھن اُڏايو ڪانءُ؟
ڏِنِھِي آيو ڳالھڙِي، سَندي سُپيرِيانءُ،
جيڏِيُون جاڙَ ڪِيانءُ، سُئُمِ[٤] ھوند[٥] سَنِيھَڙو.

١٢

ڪَڏِي ڪانگا! تو ڏِيان، ھِنيُون[٦] ساڻُ ھَتَنِ،
وَڃِي ڪاءُ وِلاتَ ۾، اَڱِيان عَجِيبَنِ،
پِرين مانَ چوَنِ، تہ ھيئَن[٧] قُربانِ ڪيرَ تِي؟

١٣

ڏائي چڙهِي ڏارَ تي، ڪِي جو ڪانگَ ڪَھِيو،
سوريتِيءَ[٨] سُورِ پَئِي[٩]، پَھو[١٠] پَتِ ھَنيو[١١]،
ڪامِي اَرتُ ڪَنيو[١٢]، ويچارِيءَ وِرھَنِ[١٣] مان.

١ـ خبرون ٢ـ وطن ٣ـ تاريءَ، ڍور کي ٻڌڻ لاءِ ڪوڙيل ڪلي ڪان وڏي ۾ تلھي ڪاٺي ٣a ـ خوراڪ، ڪاڌو، ٻَلُ ٣b ـ ڪيائون ٤ـ ٻڌم ٥ـ ھوند، جيڪر ٦ـ دل ٧ـ ھينءَ، ھــن نموني ٨ـ عاشقياڻيءَ، سُورن واريءَ ٩ـ عشق جي آڪيڙي چڙھڻ ڪري ١٠ـ ڪپھ جو مچو ١١ـ ڦٽو ڪيو ١٢ـ چرخو يا ائٽ ڪتڻ ڇڏيو ١٣ـ غمن، ڏکن.

۱۴

ڏائي چَڙهِي ڏارِ تي، ٿو زاغُ[۱] ڪَري زارِيُون[۲]،
آڻِيو ڏي آتڻ ۾، سَنِيها سارِيُون[۳]،
ماٺِ ڪَرِيو مارِيُون![۳a] ڪَهِيو[۴] سُٽان[۵] ڪانگَ جو.

۱۵

ڏائي چَڙهِي ڏارِ تي، ڪا جا لاتِ لَتِي[۶]،
آتڻَ ۾ اَندوهُ ٿِيو، سَگهي ڪانَ ڪَتِي،
ويڙهِي مَنجهِ وَتِي، ڪِي جو ڪانگَ ڪَمائِيو.*

۱۶

ڪِي جو زاغَ زبانَ سين، لَنيو مَٿي لامَ،
پَهُچايائين پرينءَ جا، سَرَتِيُون! راتِ سلامَ،
ڪاڪِيُون! ڪَتي ڪا مَ، تہ ڪَهِيو سُٽان ڪانگَ جو.

۱۷

اَچِيو اَچِيو پُونِ، واڪا ڪِيو وَٽَنِ ۾،
سَنِيها سيڻن جا، چوٽِيءَ چَڙهِيو چُونِ،
ڪانگَ نہ ڪُوڙا هُونِ، پِريان سَندي پارَ جا.

۱۸

پِريان سَندي پارَ جو، ڪانگلُ نَہ ڪُوڙو،
اَچِي وِچِي وِچَ ۾، مَٿي دَرَ ڏُوڙو[۷]،
جو اَندرِ اوسِيئَڙو، سو لاٿائِين لَطِيفُ چي.

۱- ڪانگ ۲- ڪيڪون، دانهون ۳- سنياليو، هڪ هڪ ڪيو ۳a- مُيون! سرتيون!
۴- خبرون، جيڪي ڪهي يا چوي ٿو ۵- سٽان، ٻڌان ٦- لتي، ٻولي ڪري * ڪانگ
اهڙي ڪا ڳالهہ ٻڌائي اٿس جو اندر ۾ پريشان آهي يا موڙهي وتي. ۷- قاصد، پانڌي،
ڊوڙندڙ.

ڪانگَلَ قَريبَنِ جا، اَچِي وائِيءَ وَنُ[۱]،
تو ۾ بُوءِ بَھارَ جِي، مُشِڪَ ڪَٿُورِيءَ مَنُ،
اَچِي عَجِيبَنِ جو، اورانگھِجِ اَگُنُ،
توکي پَسِي تَنُ[۲]، سُورَنئان[۳] صافُ ٿئِي.

۲۰

آندِيُون ڪانگَ قَرِيبَ جُون اَڄُ واڌايُون، واھَ!
مَنَ مُرادُون پِنيُون، ٿِيُون سراھِيُون[۳a] ساھَ،
آندا پِرِين اَللهَ، سَڏَ منھنجا ساب پِيا[۴].

۲۱

ڪانگل! ڪوھُ ٿِيوءِ،[۴a] پِيو آھِين پَٽَ ۾؟
اَگِي اُسَ تِڙڪو نہ سَھِين، اَڄُ سارو ڏِينھن سَنوءِ،
پَسِي حالُ سَندوءِ، ڪانگَنِ ڪانگورو[۴a] ڪِيو.

۲۲

ھُئِين وَسِيلو وِچَ ۾، ڪانگَلَ! پاڙِيَئِي[۵] ڪانَ،
اُتُئِي[۶] ڪِينَ عَجِيبَ ڪِي، ظاھرِ سانُ زِبانَ،
توڙِ پھُتين تان نہ، اورِيان ئِي آڻيو ڏِيئِين.

۱- اھڙي وائي ڪر جو وٺين، چڱي وائي ڪر، منو ہول، پيغام پھچاءِ ۲- تن، بدن جسو، بت ۳- سورنئان، سورن کان ۳a- سرھايون ۴- قبول پيا، اثرائتا يا سجايا ٿيا ۴a- ڇا ٿيو اٿئي! ۴b- ڪانگيرو، ڪانگن جو گڏ ٿيڻ، گوڙھ ڪرڻ. ۵- توڙ نباھيئي، چڱي ڪئي ۶- اُتوءِ، چيئي.

٢٣

كانگل! تنھنجي چانگَ[1]، جَڏو جِيءُ جِيارِيو،
مَتان لامُنِ لَتَ ڏِيو، ٻولِيِن سِرِ[2] ٻيلانگَ[3]،
اُڏِرُ مَتان ڦانگَ[4]، تَہ گھرِ آوَن[5] پِرين.

٢۴

كانگلَ! نيئي كانگِ[6]، منھنجي ڏي مَحبُوبَ كي،
"لالَنَ! لائِيي ڏينھڙا، كنھن سَتائِي سانگِ[7]،
اوھان رِيءَ اَڙانگِ[8]، وينِي وِرهَ وَسائِيان."

٢٥

رِيءَ پِريان پَرَديسَ ۾، وِرھ وَڏي كي وَسَ،
اَكِيُون پارِ پِرِيَنِ جي، تِيُون گامَ[9] نِھارِينِ گَسَ،
ڏيندا پانڌِي ڏَسَ، كِينءَ[10] جُون آئي خَبَرُون.

٢٦

زاغَ[11] تنھنجي ذاتِ جو، تورو مَتي مُون،
اُڏامِجِ، عَبدُاللطِيفُ چي، صُبحَ سيڱَنِ ڏُونھن[12]،
كِجِ وينَتِيُونِ وِتَرِيُون[13]، ٻاجھائِجِ ٻَهُون[14]،
تَہ لالَنَ! كونَہ لھُون، جِھو[15] تو جَھانَ ۾.

١ـ وڏي ٽپي يا اُڇل ٢ـ تي ٣ـ ٻسانگ، ٻہ گڏيل ٽاريون ۴ـ ٽاريءَ ٥ـ اچن ٦ـ سنيھو، پيغام ٧ـ ضروري يا ڏکئي ڪم ٨ـ ڏکي، غمگين. ٩ـ گھوٽ ١٠ـ خوشيءَ ١١ـ ڪانگل ١٢ـ ڏانھن ١٣ـ گھٽيون ١۴ـ گھٽي ١٥ـ جيھو، جھڙو.

٢٧

قَريبَنِ جو ڪانگڙو، مَٿي تار تِلي،
ڪَٽيو ڪِيانتو خَبَرون، ڪِيرُون[1] ڏِيو ڪِلي،
لائِي جنهن لالَنَ سين، منهنجي بات بِلي، *
سو وَرُ[2] چَشمَنِ[2a] تي چَلي، جو دَرباري دوسَ جو.

٢٨

ڪُتو جي[3] ڪانءُ، پِريان سَندي پارَ جو،
اُنهين مَٿان آنءُ[4]، ڪوڙين قُربانِي ٿِيان.

٢٩

سو ڪانگُ مَ قاصِدُ ڪَرِ، جو سَدا ڏوندي ڏوندي ڪي،
ڪِ ڪَندو پَهچي پيٽَ جِي، ڪِ وِيندو دوسَنِ دَرِ،
جنهن جِي ٻولِيائِي "ٻَرِ ٻَرِ"[5]، سو نياپا نيئِي رَهيو!

وائي

سائِين! سَڱُ سَندومِ، مَ ڇِڄي سين جوڳِين.
هَلَڻَ جو هِنگلاجَ ڏي، آديسِنِ اُتومِ[6]،
سائِين! سَڱُ سَندومِ.
نيئِي پُوربَ پارَ ڏي، ويراڳِينِ وِڌومِ،
سائِين! سَڱُ سَندومِ.

١ـ مبارڪون * جنهن منهنجي ڳالهه لالن تائين رسائي ٢ـ بهتر، ڀلي a٢ـ اکين ٣ـ يا
۴ـ آئون ٥ـ ڪانگ جو ناخوشگوار آواز، ڪان ڪان، ٽان ٽان ٦ـ چيو.

سوئِي تِيرَتَ تَڪِيو[۱]، سوئِي پَنڌُ سَندومِ،
سائِين! سَڳُ سَندومِ.
هُو جو تِيرَتَ تَڪِيو، سامِيَنِ سُونهايومِ[۲]،
سائِين! سَڳُ سَندومِ.

داستان ٻيو

۱

سَدا شَوقَ پِرِيَن جي، قُران قَيرِيدارُ[۳]،
مانَ سَڄيهُون[۴] يارُ، آڳيان اَکڙِيُون کَڻي.

۲

تَنِ اَکِيُنِ اُتان[۵] "سُکَ[۶]"، کِلَندي کَٽَنِ جي،
پِرِيَنِ پايوهَڻُ[۷] سين، ڏُورِ کِيا سَڀِ ڏُکَ،
ماڙُهن[7a] ليکي ٻُکَ، سامي سُورَ سنها ڪيا.

۳

وِچِينءَ وِيراڳِيَنِ جِي، مَتي ڪُٽُڄَ[۸] ڪُوڪَ،
مَحَبَتِي مَلُوڪَ، ساري سِڪَ سَنها ڪِيا.

۴

سامِي چاہِين، سُکُ طَلَبِين، سِکِيين نَہ[۹]، سامِي!
اَچا اورِيِين پَنڌَ ۾، وِيٺين وِسامِي[۱۰]،
گُرَ کَي تون نَہ گڏِين، چاہِين انامي[۱۱]،
دائِمُ مُدامِي، پُورو رَهِجِ پِرِينءَ سين.

۱- منزل، مڪان، اوطاق ۲- ڏيکاريوم ۳- قيري ڏيندڙ، فقير ۴- اسان سان اکيون ملائي، اسان ڏانهن نهاري، اسان کي نشان ڪري اُلاري، هٽي ۵- چوان ۶- شل سکي يا خوش رهو، ۷- مرڪڻ، خوش ٿيڻ، کلڻ 7a- ماڻهن ۸- ڪنڊ، پاسي ۹- ڪونہ سڌرئين ۱۰- ٽڪجي ۱۱- انعامي، انعام ونندڙ.

۵

سامِي چاڀين سُکَ طَلبِيين، تَسا[oa] ڏيِين نَہ تَنَ،
مُاڙهُنِ ڏانهن مُنهن ڪِيو،* پِنين اُتا ۽ اَنَّ،
ڪاپَڙِي تو ڪَنَ، ڪِ چيرايا چَشَن[ob] لئي.

٦

پُورَبِي پُوري وِيا، آسَڻَ آڏِيءَ راتِ،
سُيَمِ نہ سَناسين جونَ، پَچارُونِ پريـاتِ،
ڪا ناهِ جوڳِيءَ ذاتِ، مِتَ نہ مَعذُورِنِ[1] جا.

۷

پُورَبِيا[1a] پُوري ويا، آسَڻَ اَڄُ صُبُوح،
خبستُورِيءَ خوشبوءِ، آهي آديسِينِ ۾.

۸

مَتي راهہ روان ٿِيا، پُورَبِ پُورِيائُون[2]،
هِي گهرَ گهورِيائُون، اَڳانديِائُون[3] اَڳِيان.

۹

پُورَبَ[3a] پيهِي، مون تان گهٽو نِهارِيا،
سُڌِ نہ مُڪِي سَڄڻين، جيهِي نَہ تيهِي[4]،
هُنا پَرَڏِيهِي، وَڃائِي واٽَ ٿِيا.

---

oa- تسيا، تڪليف، جفا* ڏٽيءَ ڪان منهن موڙيو، ماڻهن ۾ اميد رکيو. ob- چسن، ذائقن ۱- عذر وارن، ڪاٽيـارن 1a- پورب جا، پورب جا پانڌي۲ - هليا، ۳- جوڙيائون، اڏيائون 3a- هتي، پڙهٽيءَ جي لحاظ کان 'پوربيا' هئڻ گهرجي. ۴- جهڙي تهڙي.

۱۰

پُورَبَ مارِياسِ، ڪنهن درِ ڏِيان دانهَڙي؟
مَتيُون ڏِيندي لوڪَ کي، چَرِي پاڻَ تِياسِ،
جَنِين نہ جيهِياسِ، مان[1] لنئُون لَڳو تَنِ سين.

وائي

جَنِ جو وارِثُ تُون، اَلا! سي ڪِيئَن رَهَندا نيڻَ منهنجا؟
آڳي[3] اُبَ خَلِقيا، ٻَلِي خَلِقيائِين ٻُون[4]،
جَنِ جو وارِثُ تُون، اَلا!
جوڙِيائِين جوڙَ جَهانَ جِي، چَئِي "ڪُنْ فَيَڪُونْ[5]"،
جَنِ جو وارِثُ تُون، اَلا!
ڪُوڙِي دُنِيا، ڪُوڙا پَسارا، ڏِينهن مِرَيِئي ڏُون[6]،
جَنِ جو وارِثُ تُون، اَلا!
آهِيُون اَلفَ[7] آسَري، مُحَمَّدُ مَجِيوسُون،
جَنِ جو وارِثُ تُون، اَلا!

۱ـ جهڙي آهيان ۲ـ مونکي ۳ـ آغا، ڏٺيءَ ۴ـ زمين ۵ـ "ٿيءُ، تہ پوءِ ٿي پيو." (ق- ش)
٦ـ ٻہ (۲) ۷ـ "الله" جنهنجو پهريون اکر الف آهي.

سر ڪارايل

سر بابت:

هيءُ سر نه ڊاڪٽر گربخشاڻي واري نسخي ۾ آهي ۽ نه ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي ۾، تنهنڪري سرڪاري ڇاپي وارا بيت قائم رکيا ويا آهن. ڪارايل نالي ڪاٻه هندستاني راڳڻي ڪانهي. هن سر تي نالو مضمون مطابق رکيل ٿو ڏسجي؛ ڇاڪاڻ جو منجهس ڪارايل (مور يا هنج) جو ذڪر ڪيل آهي.

مضمون:

ٻگهن جو سرتاج موريا ٻگهه ڪيئن ٻين ٻگهن کان نرالو طريقو اختيار ڪري ٿو، تنهن جو ذڪر هن سر ۾ ڪيل آهي.

روحاني راز:

ڪارايل مان مراد آهي، رسول ڪريمﷺ جن جي يا انهن بزرگن جي، جيڪي مرشد وڻڻ جا لائق آهن. ٻگهن ۾ جيئن هنج سونهي ٿو، تيئن رسول پاڪﷺ امتين ۾ مرڪي ٿو. جيئن هنج ٻين ٻگهن وانگر تاسري پاڻيءَ يا تراڪڙي تلاءَ ۾ نٿو گذاري تيئن وحدت جي واديءَ جو ڄاڻو مرشد ٻه، ٿوري پاڻي (ٿورڙي عشق) تي قناعت نٿو ڪري، پر تار ۾ تري ٿو ۽ اونهي ۾ ٽٻيون ڏئي ٿو. ٻگهه ڪناري تي ننڍيون مڇيون ماري گذارو ڪري ٿو؛ پر هنج پنهنجي غذا پاتار مان پيهي آڻي ٿو. هن جي روحاني خوراڪ عشق جي اوڙهه ۾ آهي ۽ نه ڪنڌيءَ تي. هنج اهوئي سر وڃي وسائي ٿو، جتي "پرين سنداس". ڪنگن جي صحبت مان هن کي ڪوٻه لطف نٿو اچي، تنهن ڪري هو ماڻڪن ميڙڻ لاءِ سنا سر ٿو سوجهي. هو (مرشد) ٻين جو سونهون ٿي، پنيءَ لائي، وڃيو حبيب سان هڪ ٿئي. سڄي سر جو راز داستان پهرين جي بيت نمبر ٢۴ ۾ سمايل آهي. سالڪ جي لاءِ بهترين نصيحت بيت نمبر ٨ ۾ ڏنل آهي.

سُرُ ڪارايَلُ

داستان پهريون

١

"وَحدَهٗ"[١] وائِي[٢]، چَڙهَندي[٣] چَيائِين،
سو لُڙُ[٤] لَنگِهيائِين، جِتي پارَڪَ[٤a] پَڪِيان[٥].

٢

پَڳهنِ سين ٻانُّ هَٽِي[٦]، اُڏاڻو آڪاسِ،
جِتي پِرِين سَنداسِ، سو سَرُ مَٽِي[٧] هَنجَڙو.

٣

اَڪِرِيُون اوڙاهَ[٨] ۾، اُيو تَڪي تارِ،
پِٽُون[٩] جي پاتارِ، هَنجُ تَنِين جو هِيرئُون[١٠].

٤

وَچِين نه پيهي، پِٽَءَ[١١] لَئِي پاتارِ ۾؟
ڪَندِيءَ تي ڪِيهي، هاجَ[١٢] تُنهنجِي هَنجَڙا؟

٥

اُونِهي[١٣] ۾ اوڙاهُ جو، هَنجُ تِتَهِين[١٤] هوءِ،
اِيءُ ڪانِيرُو[١٥] ڪوءِ[١٦]، جو چَاچِرِ[١٧] ۾ چيرُون ڪَري[١٨]؟

١- هو هڪڙو آهي؛ الله هو ٢- آواز ٣- اُڏامڻ وقت ٤- درياه جو اونهو لڙاتيل پاڻي، طوفان ٤a- پرڪِيندڙ ٥- پکين جا ٦- تير هٽي (ڇڏي) ٧- ڏانهن (وڃي، ڏسي) ٨- اونهو پاڻي، عميق بحر ٩- پرزا، ذرا (قيمتي موتي)، ڪاڏو، خوراڪ ١٠- هريل، عادي، عادتي ١١- چڱي غذا، سٺي ڪاڌي ١٢- ڪم ١٣- بحر، مهراڻ، سمنڊ ١٤- اتي ١٥- پکيءَ جو قسم ١٦- ڪهڙو آهي ١٧- چڪ، چڪڻ، ڏنڊ، ڏوري ١٨- هلي، جهاڳي.

٦

ٽِيو حُضُورِي[١] هاڻِ، سوجها[٢] پِيَسِ سَرَ[٣] جِي،
ڪُنڊِي[٤] لَڌِي ڪاڻِ[٥]، پَکِيئَڙِي پاتارِ ۾.

٧

اَڃو پاڻِي لُڙُ ٽِيو، ڪالُورِيو[٦] ڪَنگَنِ،
اِيندي لَڄَ مَرَنِ، ٽِنهن سَرَ مَٿي هَنجڙا!

٨

وِيٺو جيئَن وماسِيِنِ[٧]، حَيرَتَ پِيُ مَ هَڏِ،
لاتِيُون[٨] جي لِباسَ[٩] جُون، سي ڇِپائِي[9a] ڇَڏِ،
"اُئُون"، "اُسِين" ڪَنِ جي، پاسي تَنِ مَ اَڏِ،*
تَنُ طالِبَنِ گَڏِ، تہ وِيجهو ٽِيِين، وِصالَ ڪي.

٩

وِيٺو جيئَن وِماسِيِن، حَيرَتَ پِيُ مَ هورِ[١٠]،
اُونِهو جو اَڃو وَهِي، گهِڙِي ٽِنائِين[١١] گهورِ[١٢]،
ڏِيُون[١٣] هَڏِ مَ ڏورِ، گهورِيو گَبُ[١٤] گسَنِ جو.

١٠

وِيٺو جيئَن وِماسِيِن، حَيرَتَ پِيُ مَ هاڻِ،
لَلَنِ[١٥] ڪي، لَطِيفُ چي، اَڇِي[15a] ساڻُ آراڻِ[١٦]،
ڪَنگَنِ لَتِي ڪاڻِ، گَڏِيو هَنجُ حَبِيبَ ڪي.

١ـ حاضر، مليو ٢ـ سمجھ، خبر ٣ـ وسندي جاءِ، ڍوري ٤ـ ڳجهڙو، دل ۾ ڳالھ سانڍيندڙ (لڳ) ساڳئي اُچار سان 'ڪنڊڻ' مصدر جو مضارع فعل 'ڪُنڊِي' نهي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي: ڪوٽي، باريڪيءَ سان ڳولي.٥ـخزانو ٦ـ ميرو ڪيو، خراب ڪيو ٧ـ ڳڻتيون پچائين، فڪر ڪرين ٨ـ تنوارون ٻوليون، ڳالهيون ٩ـ ٺڳي، دغا، ڪوڙ، فريب 9a ـ لڪائي ڇڏ، بند ڪري ڇڏ. *خوديءَ وارن جي صحبت ڇڏ ١٠ـ ڳڻتي، فڪر ١١ـ اتان ئي ١٢ـ ڳول ١٣ـ ڪنڌيون، ڪنارا ١٤ـ غبار، مٽي، ڳپ= تڪر پور ١٥ـ پکيءَ جو نالو 15a ـ اڇي، صاف (پاڻيءَ) ١٦ـ مقابلو، اٻٽ.

١١

پَکِي پيھي نِڱيا، مَنجھان لِتڙِنِ[١] لَڪَ، *
ڪَنين ماٹڪَ ميڙِيا، ڪَنين رَتا يَڪَ، **
پُٺيءَ لائِي[٢] لَڪَ، ڳَڏِيو هَنجُ[٣] حَبِيبَ[۴] کي.

١٢

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳُڻَ ڪَري[٥] نِهارِيين،
ٻَگھنَ[٦] سين ٻِيهارَ[٧]، ٻيلھ نہ ٻَڌِين[٨] ڪَڏهِين.

١٣

هارِيا هَنجَ! ٻَگھنِ سين، ڪيھِي ٻَڌين ٻيلھ؟
ميرو[٩] مَتائيجِ تُون، اَڃي[١٠] ڪَرِ اُڪيلَ[١١]،
ڪَنگَنِ ساڻُ ڪُويلَ[١٢]، لَلا! جِمَ لُڙ پِيين.

١۴

اَڃو پِيو اَڃاھ[١٣]! تہ اَڃائِيءَ اُٻھو،
وِهَڻُ وَڙُ[١۴] نہ آن[١۴a] جو، پاٹِيءَ لُڙَ لَلاھُ[١٥]،
سُسَرِ[١٦] ڏِجي ساھُ، ڪُسَرِ[١٧] ڪَنگَنِ[١٨] قَبرُون.

١٥

ڪُسَرِ ڪَنگَنِ قَبرُون، سُسَرِ ساڳاھيجِ،
هَنجَ هُتي جِي ڳالھڙِي، ٻَگھنِ مَ ٻوليجِ،
ماٹي تُون مُڙيجِ[١٩]، چَئيجِ مَ کِنھِين چُھنجَ[٢٠] سين.

١- واحد: لتاڙي اهو رکيل تختو جنھن تان ٻيڙيءَ مان لھي ڪنڌيءَ تي پھچبو آهي؛ شريعت جي راھ.* گھٹا امتي چڪ کان نڪري اونھي ۾ گھڙيا. ** ڪن روحاني خزانا هٿ ڪيا، تہ ڪي رڳجي ريتو ٿيا. ٢- رهبري ڪري ٣- عمدي پکيءَ جو نالو (رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم) ۴- دوست (خدا) ٥- خيال ڪري ڳڻ ڳوت ڪري ٦- ڪوڙن رهبرن ٧- ٻيو ٻيرو ٨- همراهي نہ ڪرين ساٿي نہ ٿين ٩- گندو پاٹي (شيطاني رستو) ١٠- سفيد پاٹي (شريعت جي راھ) ١١- جلدي، اُڪلاءُ ١٢- خراب وقت، بي وقت ١٣- اي اڃا پکي! ١۴- سلوڪ، هلت، لياقت، عزت ١۴a- اوهان جو ١٥- للھ يا للو ٿي، نامرد يا سست يا ڍچڻو ٿي ١٦- سٺي سر، سٺي هنڌ ١٧- خراب سر، ٻچڙي هنڌ ١٨- ڪانگن، ڪانگن جھڙن ڪمتر پکين ١٨a- سَڱُ ڪج ١٩- موٽج ٢٠- چھنجھي، جيڪو اکين کان گھٹو ڏسي نہ سگھي.

١٦

سَرَ سُڪِي سالَ ٿِيا،* هَنجَ[١] هَرِيوئِي[٢] پير،**
ڪَنگَ ويچارو ڪيرُ، جو رَسِي اِنهِيءَ رَمزَ کي؟

١٧

آءُ اُڏامِي هَنجَڙا! سَرَ ۾ سارِينئِي[٣]،
مَتان مازِينئِي، پاڙِهيرِي[٤] پَهُ ڪَري.

١٨

سَرَ ۾ پَکِي هيڪَڙو، پاڙِهيرِي پَنجاهَ،
سَندِيءَ آسَ اَللهَ، لُڏِي لَهرِيَنِ وچ ۾.

١٩

ڏَلِبوءَ[٥] مَنجِھ ڏَرِياهَ[٦]، پَکِي پَسِي آئِيا،
ويچارا وِيساهَ، آٽِي اُتِ اَڙائِيا.

٢٠

پَکِي جنهن پُڄائِيا[٧]، تنهن ۾ ساهُ نہ ماهُ،
مَنجِھ ڪَرَنگھڙُ[٨] ڪاٺَ جو، مَٿي پَکَنِ[٨a] گاهُ،
ويچارن ويساهُ، مٿي پکن آئيو.

٢١

جيئَن قَطَرُ[٨b] ڇُٽيو ڪُڙَ[٩] پَرِيِين، ٻولَ ٻُجَهنِدِين هَنجَ!
موتِي جي مِهرانَ جا، پُورا چُڳِج پَنجَ،
اَڄُ ڪِ صُباحَ سَنجَهہ،*** تو ڏِيِيءَ[٩a] ۾ ڏيرُ ٿِيِين[١٠].

* رسول ﷺ جن کي وفات ڪئي گھڻو وقت ٿيو آهي. ١- عمدو پکي (شريعت جي پابند سالڪ) ٢- آلو يا پسيل ٿي آهي، پنل. ** سالڪ شريعت تي قائم آهي. ٣- توکي ياد ڪن ۴- شڪاري، صياد (شيطان ۽ سندس فوج، يعني نفساني خواهشون) ٥- فريب، مڪر، ٺڳي، پکين ڦاسائڻ لاءِ ڪکن جو ٺاهيل پکي ٦- دنيا ڏانهن اشارو آهي. ٧- ماري ماٺ ڪيا، ڦاسارايا ٨- ڪرنگھو، پنيءَ جو هڏو ٨a- ڪنين ٨b- قطري جهڙا، ميرانجهڙا موتي، ابلڪ ٩- ڪک، اندر، پيٽ ٩a- پکي ڦاسائڻ جو دام** جلدي ١٠- مرين، فوت ٿين.

٢٢

ڪَؤُنرَ[١] پاڙُون پاتارِ ۾، پَؤُنرُ پِرِي آڪاسِ؛ *
ٻِنِهِي سَندِي ڳالِهڙِي، رازِقَ آندِي راس، **
تنهن عِشقَ کي شاباسِ، جنهن مَحَبتِي ميڙِيا.

٢٣

ڪَؤُنرَ پاڙُون پاتارِ ۾، پَؤُنرُ پِرِي ۾ سُجَ،
ٻِنهي سَندِي ڳالهڙِي، عِشقَ اِيُ اُهَجَ، ***
توءِ[٢] نہ لَهِينِ اُجَ، جي پِيئو پِيئَنِ پاڻَ ۾.

٢٤

ڪَندِيَنِ ۾ ڪوهُ ڪَرِيِين؟ گُسَنِ ۾ مَ گُذارِ،
وَڃِي وَحدَت وِيءَ[٣] ۾، گُهتُون[٤] چَڏِي گهارِ،
شَرِيعَتَ جو سَرُ[٥] لَهِي، تَنُ تِئائِين تارِ،
حَقِيقَتَ هَنجَنِ سِين، طَرِيقَتَ تنوارِ،
مَنجهان مَعرِفَتَ سِين، اَندَرُ تُون اُجارِ،
هِدايَتَ جي هُوءِ ۾، چُڻِيو[٦] تُون چانگارِ[٧]،
تہ پاڙِهيري[٨] اِنَ پارِ، ڪونہ ڏِسِين تُون ڪَڏهِين.

٢٥

جيهَ[٩] لوڪُ جَهَپَ[١٠] ڪَري، اوهيرَ[١١] اُڏامَنِ،
پِڌُون[11a] جي پاتار جا، اچيتارِيو[١٢] چُڻَنِ،
ڪوهُ ڪَندا تَنِ، پاڙِهيري پَهُ ڪَري؟

١- ڪنول گل جون * ڪنول گلِ کي پاڙيءَ سان ۽ پؤنر کي هوا ۾ اڏامڻ سان. ** ٻنهي کي رزق ڏيندڙ (خدا) محبوب سان ملائي ٿو. *** هي عشق جو نشان يا پتو آهي، هي عاشقن جا مثال آهن. ٢- تنهن هوندي بہ، پوءِ بہ ٣- ٻيلي، سبز ميدان ٤- گوٺنات يا گيسر چڏي، هيڏانهن هوڏانهن وڃڻ ٥- ڳجهہ، اسرار، وسندي، جاءِ، ڊورو ٦- چڳيو، ڪايو ٧- ٻولي ڪر، لات لنؤ ٨- شڪاري، شيطان ٩- جنهن وقت ١٠- ننڊ ١١- اوڏي مهل 11a- سنهڙا موتي ١٢- چت ڪيو، ياد ڪيو، خيال سان.

٢٦

ماڻڪَ چُوڻو[١] جَنِ جو، هَنجَ حُضُورِي[٢] سي،
چِلُرَ[٣] ۾ چُهنبَ هَڻي، مَڃِي ڪِينِ[٤] نہ اي،[٤a]
لوڪَ نہ لِکِيا[٤b] تي[٥]، جيلانهَن پوئَنِ[٦] پَکَهنِ گڏِيا.

٢٧

هَنجَ مِڙوئِي هَنجَ، ميرو مَنجِهنِ ناهِ ڪو،
جِتي رَهَنِ سَنجَهہ، سو سَرُ ڪَنِ سُرَهو.

٢٨

سَرَ اُهي ئي آڳِيان، پَکِي پِيا پِيا،
جَنِ لَمِيو لاتُون ڏِنيُون، سي ويچارا ويا،
پاتُوندَرَ[٧] پِيا، وَڃِي ڪِينجَهرَ ڪَنڌِيِن.

٢٩

وِيا مورَ مَرِي، هَنجُ نَہ رَهِيو هيڪڙو،
وَطَنُ ٿِيو وَرِي، ڪوڙَنِ ڪانِيئَرنِ[٨] جو.

٣٠

سُرَهو سَرُ وِجائِيو[٩]، ڪُوڙَن ڪانِيئَرنِ،*
رُنا روهُ[١٠] وَجَنِ، ڪنهن هِيڻائِيءَ ڪان هَنجڙا.

١- ڪاڌو، غذا؛ چوندڻ لاءِ شيءِ، مطلوب ٢- واصل، دوست سان گڏ ٣- گپ، چڪ، گاه جو قسم ٤- ڪائِنِ ٤a-اِهي ٤b- سُڃاتا ٥- تنهن ڪري ٦- پُٺَن، گهمن ٧- سخي، ونديندڙ، در پٽيندڙ ٨- پکيءَ جو نالو ٩- خراب ڪيو* اصيل پکي اڏامي ويا آهن، جنهن ڪري سهڻو سر ڪانگن جي اچڻ پوڻ ڪري خراب ٿي پيو آهي. ١٠- جبل.

وائي

يَـلو، جيڏِيُون! آئُون جا بَلوچِي جِي آهِيان.
ڪَنيزَڪَ ڪيچِيَنِ جِي، ناتَرِ نانءُ سَڏائِيان،
پيزارَ پُنهُونءَ جامَ جِي، اَڪِين سين اُنـائِيان،
يَـلو، جيڏِيُون! آئُون چَشمَنِ سين چائيان.

داستان ٻيو

١

سو پَکِي، سو پِڃرو، سو سُرُ، سو ئِي هَنجُ،
پيهِي جان پَروڙِيو، مُون پنهنجو مَنجُهه،
ڏِيلَ[١] جنهن جو ڏُنجُهه[٢]، سو مارِي[٣] تو مَنجَهه قِري.*

٢

ڪارايَل[٤] جي ڪوڏ[٥]، مُون ڪينجُهرُ سَڀِ نِهارِيو،
وَرِي واهيري[٦] نَہ وَريا، لَلا[٦a] لاڪِيٽِيءَ[٧] لوڏ،
هِنئين جَنِين سين هوڏ[٨]، سي هَنجڙا سَڀِ هَلِي وِيا.

٣

سَنَهان يانءِ مَ سَپَ[٩]، وِياءُ[١٠] واسينگَنِ جا،
جَنِين جِي جَهڙَپَ[١١]، هاٿِي هَنڌان[١٢] ئِي نَہ چُري.**

١ـ بدن ۾، جسم ۾ ٢ـ ڏک، اهنج، اوک ٣ـ شڪاري (شيطان، نفس) * شيطان جنهن مونکي تونا چيايا آهن، سو اندر ۾ ئي گهر ڪيو وينو آهي. ٤ـ مور (رهبر، مرشد، رسول ڪريم ﷺ) ٨ـ ٥ـ شوق ٦ـ آڪيري، پکين جي وِهڻ جي جاءِ ٦a ـ پکيءَ جو نالو ٧ـ لکن جي، عمدي ٨ـ محبت، ڪشش، ڇڪ، سڪ ٩ـ نانگ ١٠ـ اولاد ١١ـ جهٽ، ڏنگ ١٢ـ انهيءَ هنڌ تان ** جن جي ڏنگ لڳڻ ڪري هاٿي بہ اتي جو اتي مري پوي.

٤

سَنَهان يانءِ مَ سَپَ، سُڪا جَنِين پيٽَ،
تَنِين جِيءَ جَهپيٽَ[١]، جُنگَنِ[٢] ڪي جوکو ٿئي.

٥

آسَڻَ جَنِ اَريجَ[٣] ۾، اُو ڪَچَرَ[٤] وِهَ[٥] ڪَري[٦]،
تَن جا منهن مَلڪَنِ جِهڙا، تِڪو تان نَه تَري،*
جي اُنهِين ساڻُ اَڙي[٧]، تَه ڪانهي جاءِ جَرِيءَ[٨] جِي.

٦

آسَڻَ جَنِ اَريجَ ۾، تَنِ جي وِهَ وَرَنُ[٩] پِيو،
تَنِ جو ڪَندو ئِي ڪَمُ ڪَري، جي مَتِسَ پير پِيو،
پُرِيَنِئان[١٠] آهي پَڌَرو، تَنِ نانگَنِ جو نِهو[١١]،
ڪِلي[١٢] ويلَ ڪِهو[١٣]، جو سامُهُون ٿِئي سَپَنِ ڪي؟

٧

ڪنهن ڪنهن ڪارِيءَ ذاتِ ڪي، مورَ بہ مَتائين،**
جي چِتُرا چَڪيا ڪَري، تہ وَڳَ وَرائي ڏِينِ،
ساٿَ سَمورا نِينِ، مَنين ياٿي موٽيا.

٨

پِهرين ڪاري نانگ جِي، ڪو چِرِڪِيَلُ[١٤] چيڙَ ڪَري،
جي هَٽي ڏَنگُ ڏَسائِيو، تَہ ويجهو تان نَہ وَري،***
جيڪِي[١٥] تَپِ[١٦] مَرِي، جيڪِي سِڪي صِحَتَ کي.÷

١- چڪ، ضرب، ڏنگ ٢- بهادرن ٣- بنا ريج جي زمين، سڪل يا ٺوٺ زمين ٤- نانگ ٥- زهر ٦- پڪي، پوري، سچي (موتمار) * هو ڏسڻ ۾ سهڻا آهن، پر ڏنگ هڻ کڻ (موتمار، اڦٽ ماريندڙ) اٿن ٧- پلاند اٿڪي ٨- ذري، ٿوري ٩- رنگ ١٠- پُرِيَنِ کان، نسل يا پشت کان ١١- بنياد، نسل، ذات، واسطو، ڳنڍ، ننگ ١٢- جنگ ١٣- ڪهڙو، ڪير ** ڪاري نانگ جي ڪنهن ڪنهن قسم کان مور بہ پاسو ڪن ٿا. ١٤- ڊنل *** جيڪڏهن چتائي ڏنگ هٽي تہ ڏنگيل ماڻهو ويجهي چڪَ مان علاج ڪرائي واپس گهر نہ موٽي سگهيا ١٥- يا تہ ١٦- اٿي جو اٿي، انهيءَ هنڌ، اڦٽ. ÷ يا تہ اڦٽ مري يا وري صحت سدائينءَ پيو سِڪي.

٩

ڪَپُرَ گاروڙِيَنِ[١] سين، وَڏو وِڏوءِ ويرُ،
نانگَ! نہ وِينڊِين نِڪِرِي* تو ڏَرَ مَٿي پيرُ،
هِيءُ تَنِين جو ڏيرُ[٢]، جَنِ اُڃُوناڳَڙهہ جَلائِيو.

وائي

لِڪَ[٣] سينءَ[٤] لُلو پَتو[٥]، ڪُوڙِي رانڍِ، ڪوڙو چَٽِڪو.
لُنيو جيئن لامِين چَڙهِين، ڪَريو ڪارايَلَ! ڪَتِڪو[٦]،
ڪُوڙِي رانڍِ، ڪُوڙو چَٽِڪو.
ڪِ تو ڪَنِين نہ سُئو، شَهِبازَ[٧] جو سَٽِڪو،
ڪُوڙِي رانڍِ، ڪُوڙو چَٽِڪو.

١- موالي، مست، جوڳي فقير، نانگ مَنڊڻ وارن * اي نانگ! پڇي چِٽي نہ سگهندين ٢- ديرو، رهڻ جي جاءِ ٣- ذري ٤- تائين ٥- خوشامد ٦- ڪاه، هلان ٧- وڏي باز.

سُر پِرڀاتي

سر بابت:

پرڀاتي هندستاني راڳڻي آهي، جا صبح جو ڳائبي آهي. هيءُ سر ڊاڪٽر گربخشاڻي واري ڇاپي ۾ ڪونهي. ڊاڪٽر ٽرمپ واري ڇاپي ۾ چوڏهن بيت آهن، سرڪاري ڇاپي ۾ سورنهن بيت آهن، پر هتي بمبئي واري ڇاپي مان ٻارنهن بيت، نمبر ۱، ۲، ۳، ۴، ۱۲، ۱۳، ۱۴، ۱۵، ۱٦، ۱۷، ۱۸، ۱۹ اضافو ڪري ڪل ستاويهه بيت ڏنا ويا آهن.

مضمون:

لس ٻيلي جي هاڪاري حاڪم سپڙ سخيءَ جي ساراهه ۾ بيت چيل آهن. هنن بيتن کي سنڌي ٻوليءَ جي قصيدن جو ابتدائي دور چئجي ته ٺهي اچي. سر بلاول ۾ ٻه شاهه، جادم جکري جي تعريف ۾ بيت چيا آهن. سپڙ سخي، شاهه ڏنو ڪونه هو پر، ٻڌو هو، تنهن ڪري هن جي تعريف خوشامد جي خيال کان نه ڪيل آهي.

روحاني راز:

جيتوڻيڪ بيت سپڙ سخي جي سخاوت جي ساراهه ۾ چيل آهن، پر ماڻهو اهي خدا ڏانهن منسوب ڪري پنهنجن آسن اميدن جي برآوريءَ لاءِ نمازِ بعد پڙهندا آهن. چند بيتن ۾ سپڙ جو نالو اچي ٿو، ورنه اهي مدحي بيت الله جي ذات سان نهايت سهڻي مناسبت رکن ٿا. خداوند تعاليٰ سڀڪنهن کي رزق رسائي ٿو. هو ڪافر کي به سنڌس ڪفر سبب پيٽ قوت کان محروم نٿو رکي. هو 'هاٿيءَ کي مڻ ۾ ڪِنُليءَ کي ڪڻ' وانگر، سيمرغ کي قاف تي قوت موڪلي ٿو، تيئن سخي سپڙ به هر ڪنهن سائل کي پيو نوازيندو هو. هو اهو ڪونه ڏسندو هو ته سائل خيرات جو مستحق آهي يا نه، پر آيل کي موٽائڻ مهٽو سمجهندو هو. جڏهن فقير ڪو اسان جي آڏو صدا هڻي، ته اسان کي اهو نه ڏسڻو آهي ته هو اسان جي خيرات جو لائق آهي يا نه! اسان کي انهيءَ مهل اهو خيال اچڻ گهرجي ته آيا جيڪي اسان کي خدا ڏنو آهي تنهن جا اسين حقدار آهيون يا نه- جيڪڏهن الله جون عطا ڪيل نعمتون، اسان جي حق ۾ حصي کان زياده آهن ته اسان کي به خدا جي ٻاجهه مان سبق حاصل ڪري، ڏان ڏيڻ گهرجن. انسان کي ڪوشش ڪري پاڻ ۾ الله جون گهڻي ۾ گهڻيون وصفون پيدا ڪرڻ گهرجن، جيئن هن سان هڪ ٿيڻ جي لائق بڻجي.

ڏاتار ڏڏن کي ڏاڻ ڏئي ٿو ۽ لڱن کي لڪ لنگهائي ٿو. هو ذات تي ڏات نٿو ڏئي، تنهن ڪري اسان کي وهي لهڻ گهرجي. جيڪو عبادت ڪندو سوئي الله جي اوڏو ٿيندو. عبادت ڪرڻ وقت علم ۽ ادراڪ کي ترڪ ڪري اٻوجهه ٻنجي الله جي آڏو وڃڻ گهرجي. 'ڏڏ ٿِي ڏان گهرج تُون' ڇاڪاڻ ته 'اِي دَرُ اَبُوجَهنِ جو' آهي. تڪبر ڪنڌ پر ڪيرائيندو.

سر پرڀاتي

داستان پهريون

١

اِيءُ نہ ڀانَنِ[١] ڀيرُ[٢]، جيئَن ڪِينَرَ[٣] ڪِيرِيءَ[۴] تنگيو،*
سُونهارِي[٥] صُبُوحَ سين، وِجهي ويٺين ويرُ،**
توکي چُوندو ڪيرُ، ڪِيرَتَ[٦] ڏاران[٧] مَڱَڻو؟

٢

سُتو ڪِيئَن نِنڊُون ڪَرِين، رو[٨] وِهاڻِيءَ[٩]، روءِ[١٠]،
سُيان[١١] سازُ سَندوءِ، پِيو هوندو پَٽَ ۾.

٣

سيرانديءَ سازُ ڪِيو، سُمهِين سارِي راتِ،
جاجِڪاڻِي[١٢] ذاتِ، اِيئَن هوءِ اَگِهين؟[١٣]

۴

جَنِين سُڪُ ناهِ ڪو، چارَڻَ[١۴] سي چَئِجَنِ،
رُجُنِ راهَہ پُچَنِ، مَتي ڪُلهنِ ڪِينَرا.

١- لنگهن، مڱڻهارن ٢- نشان، نمونو، پرتو، چمڪاٽ، نور ٣- سرندو ۴- ڪلي، ڪوڪي * سرندو (عبادت) ڪليءَ ۾ تنگي، ڪاهل ٿي ويهڻ، مڱڻهارن جو ڪم نہ آهي (بندي کي بندگي جڳائي) ٥- سڳوري، سونهن واري، چڱي، ملوڪ ** پلاري صبح جو تون ستو پيو ننڊون ڪرين. ٦- سرندي ٧- ٻنان، ڪانسواءِ ٨- تون ڳوڙها ڳاڙ، وج (رفتن مان رو) ٩- صبح جو، اسر جو ١٠- ڳوڙها ڳاڙڻ آهي ١١- سياڻي ١٢- ڳائڻ وارن جي، مڱڻهارن يا سوالي فقيرن جي ١٣- اگيري، زياده عزت واري، بهتر ١۴- چنگ وڄائڻ وارو، مڱتو، مڱڻهار.

۵

مُورڙهو[1] ڀِٽين[2] مَگِنا، ڪيڏانهن هُئين ڪالهہ؟
لَنگها! ڇَڏِ، لَطيفُ چئي، اُجَهڻَ[3] جا اَفعالَ[4]،
سَپَرَ[5] دَرِ سُوالَ، ڪَرِ تہ قِيمَتَ[6] آڻِيين.

٦

چارَڻ[7] لَگُو[8]، پَنڌُ گهڻُو، ڪي چوٽاڻِيءَ[9] چَئيج،
هِتِ ڪِي هَلائيج[9a]، اُتي اَئُون نہ اَچڻو.

۷

جيڪِي ڏُڏِنِ[10] ڏِي، ڳُجِهيان ٿِي ڳُجَه ۾،
سو جي سُڻَنِ ڪَڏِهين، ڪِيرتِ وارا[11] ڪي،
تہ ساز مِڙوئِي سي، هُوندَ پِڻُون[12] ڪَنِ پَلڪَ ۾.

۸

اُتِ ڪِيرت[13] وارا ڪيترا،* ڪيرت ڪَبو ڪوهُ،
جيڪِي بَندو ڪَمُ ڪَري، سو مِڙوئِي ڏوهُ،
تُون پارِسُ، اَئُون لوهُ، جي سَچِين[14] تہ سونُ ٿِيان.

۹

اُٺو آپوجهاءُ، سَپَرَ جو سڏ ٿِيو،
جيئَن اِئين[14a] ڪِيرَتَ نہ سِکِيا، تيئَن پاٽان[15] رِيڌو[16] راءُ[17]،
"مَگُو مُون مُلاءُ[18] اَئُون اوان[18a] جو اَهيان."

۱ـ مُنجهيل، غمگين ٿيو ۲ـ گهمين، ڀنڪين ۳ـ رلڻ، ڏورڻ، ڳولڻ ۴ـ ڪم، عادتون ۵ـ هڪ مشهور سخي مرد جو نالو ٦ـ قيمت واريون شيون، وڏي ۾ سٺي خيرات ۷ـ مڱڻهار ۸ـ منڊو، عاجز ۹ـ چوٽيءَ واري، اعليٰ درجي واري، داتا يا سخيءَ کي ۹a ـ موڪلج، اماڻج ۱۰ـ موڳن، نڪمن، نادانن ۱۱ـ ڳائڻا، ماهر، ساز وڄائيندڙ، چارڻ ۱۲ـ پرزا پرزا ۱۳ـ ڪم ڪار، عقل، عبادت* خدا جي اڳيان ڪئين عابد ۽ پرهيزگار موجود آهن. ۱۴ـ اکيون ملائين، نظر ڪرين، مهر جي نظر سان نهارين ۱۴a ـ اوهين ۱۵ـ انهيءَ ڪري ئي، خودبخود ١٦ـ پرچي پيو، مهربان ٿيو ۱۷ـ راجا (سپڙ، خدا) ۱۸ـ وٺان، ڪان. ۱۸a ـ اوهان.

١٠

ڏاتِ نہ آھي ڏاتِ تي، جو وَھي[١] سو لَھي،
آريُون[٢] اَبوجَھنِ جُون، سَپَرُ چامُ سَھي،
جو راءَ وَٽِ راتِ رَھي، تنھن جُکِي[٣] تان نہ ٿِئي.

١١

ٻولِيُون ٻيلي جُون ڪَري،* پاسي ٻَرِ پِيو،
سُٽائي سُتَنِ ڪي، وھاڻيءَ وِيو،
جاڳي ڪِينَ ٻِيو، سُرُ سِکيوئي ھيڪَڙو.

١٢

ٻولِيُون ٻيلي جُون ڪَري، پاسي ٻَرِ پِيو،
چارَڻُ چاڙھي چَوڏولَ ۾، تِنھان پوءِ نيو،**
رُچِي[٤] راتِ ڪِيو، سَرِفرازُ[٥]، سَيّد چئي.

١٣

ٻاجھائُو ٻيلي ڏَٽِي[٦]، ٻُجھان[٧] ٻاجَھ ٿِئي[٧a]،
سَپَرَ سا سُئِي، جيڪا چارَڻَ چِتَ ۾.

١٤

جاڻين تہ ٻِہ[٨] نہ جاڻُ، اِيءَ دَرُ اَبوجَھنِ جو،
اِنَ دَرِ سي ئي اَگِھيا، جَنِ نہ ٻانئيو پاڻُ،
ريجھائُو[٩]، راڄاڻُ[١٠]، آھي[١١] اَبوجَھنِ جو.

١ـ خدمت ڪري، چاڪري ڪري ٢ـ آر، انگل ٣ـ ٻڪ، لنگھڻ * جھنگلي راڳ ڳائي، تمام رواجي راڳ ڳائي راءُ ريجھائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ** معمولي راڳ ٻڌڻ ڪري بہ ڏڏن جي ڏاتار تي گھڻو اثر ٿيو ۽ مڱڻھار ڪي عزت سان ڏولي ۾ پاڻ وٽ راضي ٿي گھرايو. ٤ـ راضي ٿي ٥ـ اعليٰ درجي وارو، عزت ۽ مانَ وارو ٦ـ لسٻيلي جو ڏٽي، ملڪ جو سردار، سپڙ جنھن ڪي ماڻھو اھو لقب ڏيندا ھئا ٧ـ سمجھان ٿو ٧a ـ ٿِي ٨ـ ٻہ، تنھن ھوندي بہ ٩ـ راضي ٿيو، پرتو، ريڌو ١٠ـ راڄ جو سردار، راجا ١١ـ مددگار آھي.

١٥

ڏڌَ تِي ڏانَ[١] گھرِجِ تون، ڇَڏِ وِچا[٢] وِڃائي،
سَپَرَ راتِ سنباهِيا، تازِي تو لائي،
جو ڄاڻي نہ ڳائي، تنهن سين ٻيلي ڏِٽِيءَ ٻاجھ ڪِي.

١٦

صُبوحَ جو سُهاڳُ[٣]، مَڱڻهارَنِ ماڻِيو،
ڏِناڻون ڏاتارَ ڪي، وَڏِيءَ ويرَ[٤] وِهاڳُ[٥]،
وَسِ منهنجي ناهِ ڪا، سيڻَنِ هَٿِ سُهاڳُ،
پِرِيَنِ سين پُهاڳُ[٦]، مانَ نِماڻِيءَ نَصِيبُ ٿِئِي.

١٧

پِيو ليٽِين لُٽَ[٧]، سَڄِيُون راتِيُون سُمهِين،
اُٿِي آڏِيءَ نہ ڪَرِين، سَپَرَ سان سَهَٽَ[٨]،
رُونجهِي[٩] راتَ اُپَتِيا[١٠]، پيتَنِيئُون[١١] پاٽِيَٽَ[١٢]،
ميڙي تِتان مَٽَ، چوندِي پَرِيا چارِٽِين.

١٨

ڏاتارَ ڏکَ ڪَيا،* پاڻان مَتي مَڱڻي،
”مُون دَرُ ڇَڏِيو مَڱڻا، مَڱين ڪوهُ ٻِيا؟
تَڏِهن تو پِيا، وِچان وِلَها[١٣] ڏينهڙا“.**

١ـ خيرات ٢ـ علم، ڄاڻ ٣ـ پتار يا پرجهلي جي هٿان مهر يا خوشي ۴ـ سويل ٥ـ ڀاڳ، صبح جي راڳڻي، پرڀاتي ٦ـ ميلاپ، وصال ٧ـ گھٽو ٨ـ وِرونهن، ونـدر ٩ـ سپـرَ جـي ذات ١٠ـ ڪوليا ١١ـ پيتين مان ١٢ـ موتي، آبدار جواهر.* سخي مرد ڏوراپا ڏنا يا شڪايت ڪئي. ١٣ـ سچا، سڪنا ** جن خدا جو در ڇڏي، ٻيا در پيئيا تن کي تنبيهه ڪيل آهي تہ هي جو ڏکيا ڏينهن ڏٺا اٿئي تن جو سبب ئي اهو آهي.

١٩

مَگُ تِهين کان مَگڻا! جو ڏيهاڙي تو ڏي،
ڪُوڙا دَرَ دُنيا جا، جاچڪَ مَگين جي،
سُيان تُنهِين ڪي°، موتِي ڏِيندا مُنهن ۾.*

٢٠

کَرَهَه[1] اڳِيان کَپُ[2]، ڏِيهاڻِي ڏاتارَ جي،
لَنگها![3] لاهِ مَ لِڪَ سِينءَ، مَنجهان چاوَتِ[4] چَپُ،**
مَگڻهارَنِ مَپُ°، ڪونهي پِيو ڪيرَتَ ري.

٢١

سَپَڙُ ساهُ پَساهِ، جاچِڪَ! جِمَ وِسارِيين،
رِيهي[6] رُپي سَنڊيُون، تَندُون تُنبي ڪي پاءِ،
لَنگها! تُون لِيلاءِ، اڳِيان وَڃي اُنَ جي.

٢٢

ميرا پَسِي مَگڻا، سَپَڙَ سَڏَ ڪِيا،
سَڀوڄَهنِ سُئا، اَڀوڄَهنِ آسَرو.

٢٣

تُون سَپَڙُ، اَٿُون سيڪَڙُو[6a]، تُون صاحِبُ، اَٿُون سَگُ[7]،
پُڇِي تنهنجو پَگُ[8]، ڪُلهي[9] پاتُمِ ڪينرو.

O تـوکي * ٿوکي خدا کان سواءِ جيڪي ٻيا ڏيندا سي ڏئي پوءِ مهڻا پڻ ڏيندا. ١- دروازي، لنگهه، ڪـڙهائي، لنگر، خيرات لاءِ چڙهيل ديڳيون ٢- رو ۽ زاري ڪر ٣- اي مگڻهار! ۴- وير، دشمنيءَ، ڪيني، بدنيتي** اي مگڻهار! ڪيني سببان تون تان خيرات گهرڻ وارو ساز ذري تائين به نه لاهج (هميشه ڳائيندو رهج) ٥- ماپ؛ وجهه، چارو ٦- ريهه ڏئي، ريهه سان ڳـنڊيي 6a- سِڪٽو، سوالي ٧- ڪتو ٨- پير، پتو، نشان ٩- ڪلهي ۾.

٢٤

تُون سَپَرُ، آئُون سيڪَرُو، تُون ڏاتارُ، آئُون ڏڌُ،
سُٽي تنهنجو سَڏُ، ڪُلهي پاتُمِ ڪِينرو.

٢٥

تُون سَپَرُ، آئُون سيڪَرُو، تُون ڏاتارُ، آئُون ڏوهُ[1]،
تُون پارِسُ، آئُون لوهُ، جي سَچِين تہ سونُ ٿِيان.

٢٦

ڏاتارُ تہ تُون، ٻيا مِڙُئِي مَڱڻا،
مِينهَن[2] تہ مُدائِتا[3] وَسِٽا، سَدا وَسِين تُون،
جي گهرُ اَچِين مُون، تہ مِيرِيائِي مانُ لَهان.

٢٧

اُڀِريو تارو، اُٿِي وَرَ! وِهاڳُ[4] ڏي،
سَپَرُ رِيسارو[5]، چِتُ پَرِڪِي چارَڻين. *

وائي-١

ٻي دَرِ وانءُ[6] مَ ڪيڏاهِين، اَلا! تُون جامَ مَڱيندين مَڱڻا!
ڦيرِ مَ هِنيُون، ڪَنڌُ، ڪِيارُي، تِيندَءِ هاجَ هِتائِين[7]،
اَلا تُون جامَ مَڱيندين مَڱڻا!
ماڻِڪَ، موتِي، مالَ خَزينا[8]، ڏيندُءِ ٻيلي سائِين،
اَلا تُون جامَ مَڱيندين مَڱڻا!

١- ڏوهاري، گنهگار ٢- مينهن ٣- مند يا موسم تي، وقت ٤- صبح جي راڳڻي، پرڀاتي ٥- غيرتمند* مڱڻهارن (عبادت ڪندڙن) جون دليون (نيتون) ٿو پرکي. خدا جي اڳيان مڪر ڪين هلندو، سچي دل سان ڪيل عبادت ئي قبول پوندي ٦- وڃ ٧- هتان، هن هنڌان ٨- خزانا.

وِرِچِي تُون وِھاڳَ ڪان، مَتان ڏِيِين پاھِين[١]،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
دَرِ داتا مَڱُ مَڱَڻا، اندا! ھوئِجِ اوڏاھِين،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
مُذَڪِرَ[٢]! مَتان چَڏِيِين، هَٿان[٣] هيڪَڙائِي،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
ٻِيُون ڏِي ٻِينِ کي، سَمو ڪَڻُ سَوائِي، *
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
"اِنَّ اللّٰهَ وِترٌ يُحبُّ الْوِتْرَ[۴]"، وَحدَتَ واڳَ وِڌائِين،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
پنھنجي طَرَفِ پاڌِھِين، سائِلَ سَڏِيائِين،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
جِتي جَوانَن کي، ڪوٺي ڪُٺائِين،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
اُتي عاشِقَنِ کي، اُلفَتَ اَھنجُ ڏِنائِين،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
'اَلاِنسَانُ سِرِّي وَاَنَا سِرُّهٗ[٥]' اِنَ ڀَرِ اُتائِين[٦]،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!
ڳُجُھ ڳُجھاندَرَ ڳالِھِيُون، رازُ نَہ رَکِيائِين،
اَلا تُون چامَ مَڱِيندِين مَڱَڻا!

١- پٺي ٢- اي مانجهي مرد! ٣- دست بردار ٿئين، دعويٰ ڇڏين * سپڙ سمو (خدا يا محمد ﷺ) ٻين کان سوايو (سرس) سردار آهي؛ تون انهيءَ جي دامن جهل. ۴- تحقيق الله هڪڙو آهي ۽ کيس هيڪڙائي پسند آهي (حديث) ٥- انسان منهنجو (خدا جو) ڳجهه آهي ۽ آئون هن جو ڳجهه آهيان (حديث قدسي) ٦- چيائين.

پسو پينارَنِ کي، پَٽَ ۾ پاڻَ وِڌائين *،
الا تُون ڄامَ مَگِيندين مَڱڻا!
اَڊِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُون سين مِهَرِ ڪِيائين،
الا تُون ڄامَ مَگِيندين مَڱڻا!

وائي-٢

وَڏَڙا[1] ڏانَ ڏِنائِين، ڪِيائِين رَختُ[2] ريزالَنِ[3] جو،
اَندا مَندا آئِيا، سَخا سَڏِ وِڌائِين،
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.
ڪِينَ مَنجهان جو ڪِي ڪَري، سو نَہ ساراهين سائِين!
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.
"وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ[4]،" اِيئين اُتائِين[5]،
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.
نَوازِيائِين نطفو[6]، مَنجهان ڪِينَ ڪِيائِين،
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.
حِرفَتَ حَرِيفَنِ جِي، پِيرِي سَڀِ پِڄائِين،
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.
حاسِدَ سَڀِ حَسَدَ ۾، مُدَعِي[7] پاڻَ[8] مُنائِينَ،
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.
اَڊِيُون! عَبدُاللّطِيفُ چئي، آهِ پاڻَ وَٽِندَڙُ[9] سائِين،
ڪِيائِين رَختُ ريزالَنِ جو.

---

* ڏسو! تہ خدا انهن سوالين کي ڪيئن نہ ٿو موٽائي جن جي چت ۾ چاوت آهي، يا ڏسو! تہ خدا سائلن جي پيڙي ڪيئن ٿو پري. ١- وڏا ٢- سامان، سمر ٣- ڪمينَ، لفنگن بدچالن، بدڪارن ۴- جنهن کي وڻيس تنهن کي عزت ڏي ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي ذليل ڪري (ق- ش) ٥- چيائين ٦- منيءَ جو قطرو، جنهن مان الله انسان اُپايو. ٧- ڪوڙي دعوي ڪرڻ وارا ٨- خود بخود، پاڻهي ڄاڻهي ٩- جيڪي ڪيس وڻي سو ڪندڙ.

سُرُ ڏَهَرُ

سر بابت:

هيءُ سر، ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ نہ آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ واري نسخي ۾ سر جو نالو ڏاهَرُ آهي. ڏهر لفظ جي معنيٰ پرمانند صاحب پنهنجي لغت ۾ هيءَ ڏني آهي:
A kind of tune or verse, a valley between sand hills.

يعني هڪ قسم جو سر يا نظم، واريءَ جي ڀٽن جي وچ واري ماٿري. ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سرڪاري ڇاپي جي پهرين داستان ۾ ويهہ بيت آهن، پر هتي بيت نمبر ٦، ٧، ١٩، ٢٠ ۽ ٢١ ٻبنئي واري ڇاپي مان اضافو ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ واري ڇاپي ۾ ارڙهن بيت آهن، پر هتي بہ بيت نمبر ١٦ ۽ ١٧ اضافو ڪيا ويا آهن. چوٿين داستان واري ڇاپي جي ايڪونجاهہ بيتن ۾ بيت نمبر ٥٢ سرڪاري ڇاپي مان اضافو ڪيو ويو آهي ۽ واٽي ڊاڪٽر ٽرمپ واري اختيار ڪئي وئي آهي.

مضمون:

هن سر ۾ مختلف موضوعن تي بيت ڏنل آهن. پهرئين داستان ۾ ڪنڌي ڪي مخاطب ٿي ان کان خبرون ورتيون ويون آهن، ۽ مڇ ڪي وجهہ وڃائي پاڻ ڪي تانگهي پاڻيءَ ۾ موت جي شڪار ٿيڻ تي تنبيهہ ڪئي وئي آهي. ٻئي داستان ۾ رسول ڪريم ﷺ جن ڪي هڪل ۾ حامي ٿيڻ لاءِ التجائون ڪيون ويون آهن، خدا کان مهربانيون مڱيون ويون آهن ۽ ڪجهہ سسئي جي پريشان حاليءَ جون حقيقتون ڏنيون ويون آهن. ٽئين داستان ۾، سالڪ کي گهٽي سمهڻ کان منع ڪئي وئي آهي ۽ اگهور ننڊ مان جيڪي اُگرا نتيجا نڪرن ٿا، تن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. چوٿين داستان ۾ ڪونجڙين جي ميل ميلاپ ۽ ڀڃيءَ جي بيان ڪرڻ بعد، ساٿن شڪارين جي ظلم جو احوال ڏنو ويو آهي، تہ ڪيئن شڪاري ڪا ڪونج ماري ٿو ۽ ٻيون ڪونجون ان جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ داٿو پاڻي نٿيون کائن ۽ پين. آخر ۾ لاکي ۽ سندس گهوڙي لکي جو احوال ڏنل آهي.

روحاني راز:

هن سر ۾ گهڻيون دعائون آهن ۽ الله جي وڏائي جو گهڻو ذڪر آيل آهي. الله ڪان ٻاجهہ بہ اوڏيائي گهري وئي آهي، جيڏو هو پاڻ آهي. رسول ڪريم ﷺ جن کي سڏڙن سڻڻ لاءِ رقت

انگيز لهجي ۾ التجائون ڪيون ويون آهن.

مڇ جي بيان ۾ تمثيل رٽي ويٺي آهي. هڪڙو مڇ درياهه جي پاڻيءَ چڙهڻ سبب اچي ڪنهن وڏيءَ ڪڏ ۾ پيو. درياه جو پاڻي اجا چڙهيل هو، تہ مڇ کي موٽي اونهي ڏانهن وڃڻ آسان هو، پر هيڪر پاڻي لٿو، تہ هو پنهنجي اصلي ماڳ ڪان پري رهجي ويو. ڪڏ ۾ پاڻي سڪڻ لڳو ۽ ماڻهن ڪيس ڏسي ماري وڌو. اهو ساڳيوئي حال آهي سست سالڪ جو. جيڪڏهن فرصت کي سالڪ غنيمت نہ سمجهيو ۽ هتي مليل حياتيءَ (جا هڪ قسم جي ڪيس فرصت آهي) مان پورو فائدو ولٿي، وري وڃي اصل جوءِ تي نہ پهتو، تہ هميشہ جي لاءِ پيو عذاب ڪائيندو. هو جيڪڏهن مڇ وانگر ڪڏ (دنيا جا ڪڏ مثل آهي) کي پنهنجو وطن سمجهي ويسرو ٿي ويهي رهندو تہ آخر مڇ جهڙو حال ٿيندس.

سر ڏهرُ

داستان پهريون

١

ڪَرِ ڪي ٻَالهڙيُون، ڪَندا! ڍورَ[١] ڏَٽَينِ جُون،
ڪيئن سي راتڙِيُون، ڪَنهنَ پَرِ ڏينهن گُذارِيئِي؟

٢

ڪَرِ ڪا ويهي ٻَالِ[١a][١]، ڪَندا! ڍورَ ڏَٽَينِ جِي،
هِهَڙي اَجُ حالِ، ڏُکيا ڏينهن گُذارِيين!

٣

ڪَندا! تو وَتان، سَچُ ڪَ سيٽَنِ[٢] لَڏيو؟
مَجَرَ[٣] تو مَتان، چَٽِيو پُونِ[٤] چُڳا ڪِيو!

٤

جان[٥] تو هُنَڙو[٦] وَڍُ[٧]، ڪَندا! ڍورَ ڏَٽَينِ جو،
پاٽان ڏيئي ڏَڍُ،* مُورِيءَ[٨] مَجَرَ نَہ ڪَرِيين.

٥

جان تو هُنَڙو سُورُ، ڪَندا! ڍورَ ڏَٽَينِ جو،
مَٿي لامُنِ ٻُورُ، مُورِيءَ مَجَرَ نَہ ڪَرِيين.

١ـ نهر جو نالو. ١a ـ ٻالهه ٢ـ مائٽن (پاٽيءَ) ٣ـ ڪنديءَ جو ڦر، سگر ۴ـ پَوَنِ
٥ـ جيڪڏهين ٦ـ هو ٧ـ ڦٽ، زخم، غم* اڳي پيتل پاٽيءَ جي زور تي. ٨ـ مور، بنهه،
اصل، هرگز.

٦

ڪَندا! تُون ڪيڏو، جَڏهِن پَرِيو ڍورُ وَهِي؟
جَسودَنِ[١] جيڏو، تو ڪو گڏيو پَهيڙو[٢]؟

٧

سَچُ ڪِ سُڪو ڍورُ، ڪَنڌِيءَ اَڪَ ڦُلارِيا،
جُنگَنِ[٣] چَڏِيو زورُ، سَرَ[٤] سُڪا، سُونگِي[٥] گَيا[٦]؟

٨

جَڏهِن ڍاڳِي[٧] ڍورُ، پَرِي وَهَنِ پَلِيارَ[٨] ۾،
تَڏهن تاجَڙِينِ[٩] طورُ[١٠]، هئو جَسوِدَنِ سين.

٩

سُڪِي ڍورُ ڏِيُون ٽيو[١١]، ڪَنڌِيءَ ڏنو ڪائو[١٢]،
سو پاٽي پَٽِيهَلَ[١٣] ۾، اَڳِيُون نہ آئو[١٣a]،
ماڙهن[١٤] ميڙائو[١٥]، ڪِهِين ڪِهِين پيٽِين[١٦].

١٠

ڍورُ نہ اَڳِينءَ ڍارَ[١٧]، مَهَندِ[١٨] مَلاحَنِ لنگهيو،
موڙِي چوڙِيا مَڪُرا[١٩]، پَسِي پاٽِيءَ پارَ،
جَسودَنِ جِيها[٢٠] يارَ، پِيئَڙا وِيرَ وِماسَ[٢١] ۾؟

١ـ بهادر ۽ شاهوڪار وٺجارا جي ڍور تي پيڙين ۾ وکر وجهي واپار ڪندا هئا ٢ـ مسافر، قاصد ٣ـ بهادرن ٤ـ تڙ ٥ـ مضبوط وڻندڙ ٦ـ ويا ٧ـ نهر جو نالو ٨ـ ملڪ جو نالو ٩ـ قوم جو نالو ١٠ـ دستور، اقبال ١١ـ تري ۾ ٿورو پاڻي بچيو ١٢ـ ڪکن جا موڙا ١٣ـ نهر جو نالو ١٣a ـ آيو ١٤ـ ماڻهن ١٥ـ اجتماع، ميڙو ١٦ـ هنڌن تي، جاين يا ماڳن تي ١٧ـ نموني ١٨ـ اڳي ١٩ـ پيڙيون ٢٠ـ جهڙا ٢١ـ فڪر، ڳڻتي، مونجهارو.

۱۱

جان واهُڙَ ۾ وَهہ، تان تُون مَڇَ[۱] نہ موتِيين،
ڪائي[۱a] ۾ ڪوهُ ڪَرِيين، پوءِ موتَڻَ جو پَهہ؟
سِرَ مَٿي سَهہ، مَهِميزُون[۲] مَلاحَنِ جُون.

۱۲

جان جَرُ[۳] هُئڙو جالَ[۴]، تان تُون مَڇَ نہ موتِيين،
پُونديئي اَڇَ ڪ ڪالَ[۴a]، سانيوُون[۵] سانگَيَنِ[۶] جُون.

۱۳

جان جَرُ هُئڙو سِيرَ، تان تُون مَڇَ نہ موتِيين،
آڏا اَڏي ڪِيرَ[۷]، گهٽَ[۸] بہ جَهِليا گهاتُوئين[۹].

۱۴

مَتو آهِين مَڇَ، ٿلهو ٿيو ٿُونا هَٿَين،
جا تو ڏِٺي اَڇَ[۱۰]، تنهن پاٽِيءَ پُنا ڏينهڙا.

۱۵

ڏُوران پَسِي ڏورِ، وِهين جي نہ وِهِرُون[۱۱] ڪَري،
هُوندَ نہ پَئين هورِ[۱۲]، مانگرِياٽِي،[۱۳] مَڇَڙا!

۱۶

جا تو گهيڙِي گهٽِ[۱۴]، مانگرِياٽِي، مَڇَڙا!
نيئِي پڇاڙيا[۱۵] پَٽِ، تنهن ڪَنڌِيءَ ڪَڍي ڪيتَرا.

۱ـ سيسر، مانگر مڇ (نفس) ۱a ـ سمنڊ، وڏي پاڻيءَ ۲ـ ڏڪ، ضربون، جنيون، سزائون ۳ـ پاڻي ۴ـ ۱ـ ۵ـ مڇين ڦاسائڻ جا رڇ ٦ـ پرديسين (مهاڻن) ۷ـ ڪلا ۸ـ چارا، وجڻ جون واٽون ۹ـ گهٽُون يا ٽبيون هڻندڙن، مهاڻن ۱۰ـ پاڻيءَ جي وهہ، مٿاڇرو مٿين سطح ۱۱ـ زور سان وهڻ ۱۲ـ ڳِنٽي، فڪر ۱۳ـ مڇين ڦاسائڻ جي ڪنڍين جي (الڳي ٿو هور لفظ سان) ۱۴ـ گهٽ ۾، جيءَ ۾، ڪلين ۾ ۱۵ـ ڦٿڪايا.

١٧

ڪُنڌِي ڪَلِيُنِ[١] وِچَ ۾، جَڏِهن هَنئِي جَنِ،
موتِـي مُون پرِيَنِ، ڪَڏَہَ جِي ڪانَ ڪَئِي.

١٨

ڪُنڌِي ڪَلِيُنِ وِچَ ۾، جڏهن هَنيائون،
اُڦَـڙُ[٢a] نہ مارِيائُون، ڏورِ ڏِيئِي وِيا ڏُکَ جِي.

وائي

لاَيئِي جا وَرَنِ[٢] ڪي، سا ڪانڌَ! منهنجي ڪورا[٣].
ماءُ مارِيندَمِ ڪَڏِهِين هِنَ پِرِينءَ جا هورا[٤]،
سا ڪانڌَ مُنهنجي ڪورا.
اَچَنِ پِرِين پَيَـڪِيا[٥]، ڪَرَ[٥a] ٻاٻِيهو[٦] جيئن مورا[٧]،
سا ڪانڌَ مُنهنجي ڪورا.
سِيڻِين سِرِڪَنڌُ[٨] سَپَجِي[٩]، ٻيو عَطرَ پِرِين اَتورا[١٠]،
سا ڪانڌَ مُنهنجي ڪورا.
چِـپَرُ ڪَـتورِي ٿِيو، ٻِـي تازي ڦُلَن ڦورا[١١]،
سا ڪانڌَ مُنهنجي ڪورا.
اَلا عَبدُاللّطيفُ ڪي سانوَلَ[١٢]، ميڙِ سَنيُوڙا[١٣]،
سا ڪانڌَ مُنهنجي ڪورا.

١ـ ڳلاڦن، ٽڙيءَ ٢a ـ فوراً، اُتي جو اُتي، صفا. ٢ـ رنگ يا رونق وارن ٣ـ خاطر، پاسخاطري ڪري ۴ـ فڪر، ڳڻتيون ٥ـ ڪلندا، خوش ٿيندا ٥a ـ جهرڪ، جيئن ٦ـ ٻاٻيهو پکي ٧ـ مور يا تازن ڦلن وٽن مان، لين مان ٨ـ صندل جي ڪاٺي ٩ـ پيدا ٿئي، اپري ١٠ـ اڻ توريو، گهڻو ١١ـ خوشبوءِ ١٢ـ محبوب ١٣ـ سنيريل، سينگاريل، سهڻا.

داستان ٻيو

١

مَدِيني جا مِيرَ[١]، سُڻُ مُنهنجا سَڏِڙا،
سَرَڻِ[٢] تنهنجي سِيرَ[٣]، تُون پارِ لَنگهاءِين پيئڙا[۴].*

٢

مَدِيني جا ڏَڻِي، سُڻُ منهنجا سَڏِڙا،
تنهنجي آهِ تَڻِي، ٻِيِ کَنڌي[٦] سارِيان ڪانهَ ڪا.

٣

مَدِيني جا گهوٽَ، سُڻُ منهنجا سَڏِڙا،
ڪِج مُحمّدُ موٽَ، عاصِي[٧] تنهنجي آسَري.

۴

مَدِيني جا شاهَ، سُڻُ منهنجا سَڏِڙا،
ڪارَڻِ لَڳِ اَللهَ، سگهو رَسِج سُپِرِين!

٥

مَدِيني جا شيرَ، سُڻُ منهنجا سَڏِڙا،
يَرِ مُبارَڪَ پيرَ، عاصِي تنهنجي آسَري.

١- حضرت محمد ﷺ ٢- گذارڻ، يا ذمي ٣- راهہ، رستو (ڏيکاريل واٽ، دين) ۴- پيل، پوٺا، بيمار* هن مصرع جي ٻي پڙهڻي هيءَ بہ آهي:- (١) سرڻ تنهنجي سير، تون پار لنگهائين پيڙا. معنيٰ سير (وچ درياه) ۾ تنهنجي سرڻ (ذمي) آهيان، اي (پيڙا) پرين! تون پار لنگهائج ٥- پلؤ، سينهو ٦- ٽيڪ، آڌار ٧- گنهگار.

٦

مَدِينيءَ جا ڄامَ، سُڻُ منهنجا سَڏڙا،
آهيان تنهنجي سامَ[١]، سِگهو رَسِج سِيرَ ۾.

٧

وَنءُ[٢] مَدِينيءِ، مَگَٿا! اَکِيُون پيرَ ڪَري،
جِتي ماڻڪِي[٣] محمّدَ ميرَ جي، جَهرِڪِيو[٤] جوتِ[٥] ڪري،
پَسِيو جوتِ جَمالَ جي، جِتِ اُمَتِيَنِ نيڻَ ٺَري،
پِرِيتَئُون[٦] پيرُ پَري، ڪِجُ زيارت ذوقَ سين.

٨

ڏٿي! سو وارِيئين واءُ، جو ميڙائو[٧] سَڄَڻين،
ويٺي اتَ مَتانءُ، هِنئين[٨] آسَرَ[٩] مَ لهيَ.

٩

مَتي واتَڙيَنِ، نيڻَ نِهارا[١٠] مُون ڪِيا،
وِيندا مانَ پَسَنِ، مَتان سَگَرَ[١١] سُپِرِين.

١٠

ڪيچِيَنِ[١٢] ڪارَڻِ ڪالَ[١٣]، نيڻَ نِهارا مُونِ ڪِيا،
اِيندا پَسان شالَ، اوتِي آرِيءَ ڄامَ[١٤] جا.

١ـ ذمي، بلي، پناه ۾ ٢ـ وڃ ٣ـ اک جو تارو ٤ـجرڪيو، چمڪيو ٥ـ روشنائي ٦ـ هيج، يا محبت مان، پريت مان ٧ـ ملائيندڙ ٨ـ دل کي ٩ـ اميد، طلب، اُڃَ ١٠ـ نهاريندڙ ١١ـ گس، سئي رستي ١٢ـ ڪيچ مڪران جي رهندڙن، پنهونءَ ١٣ـ ڪالهه ١٤ـ پنهونءَ.

١١

اوتِيَنِ ڪارڻِ اَڄُ، نيڻَ نِهارا مُون ڪِيا،
پُنهُون ڄامَ پَهُچُ[١]، تہ لاهِيُون اُڃَ اَکِيَنِ جِي.

١٢

نيڻَ جي نِهارِينِ، سي اَڄُ نہ اوتِي آئِيا،
هَنجُون[٢] نہ هارِين، پاڻِي پُنهُونءَ ڄامَ ري.*

١٣

نيڻَ نِهاري مُنهنجا، روئِي ڌِيا رَتُ،
پُنهُونءَ هوءِ پَهتُ[٣]، تہ پارِي[۴] نِيَنِ پاڻَ سين.

١۴

نيڻَ نِهاري مُنهنجا، روئِي رَتُ ڌِيا،
جي هَتان هوتَ ويا، سي اَچَنِ تان آجِي[٥] ٿِيان.

١٥

نيڻَ نِهاري منهنجا، رَتُ ڌِيا روئِي،
ڏُکَنِ جي ڌوئِي[٦]، آهي هَٿِ اَسونهَن[٧] جي.

١٦

اَڄُ اَڱڻُ ڪيٽانِ[٨]، آسَرَ لِڳِي[٩] سورِيان[١٠]،
ڏُونگرِ ڏينهن لَڳانِ[١١] مانَ[١١a] وَرِڪَنِ[١٢] سُپرِين.

١۔ پهچ ٢۔ لڙڪ، ڳوڙها * پنهونءَ ڪان سواءِ (جي فراق ۾) پاڻيءَ جي لڙڪن عيوض رت ٿو وهي. ٣۔ پلاٿي ۴۔ ٻانهي، نمڪ پروردي ٥۔ (سورن ڪان) آزاد ٦۔ ڪفگير ٧۔ سونهن ڪان سواءِ، ڪوجهي، سونهي (رهبر) ڪان سواءِ ٨۔ هنن جي ڪاڻ (لاءِ) ٩۔ آسري لڳي، اميد تي ١٠۔ ٻهاريان، صاف ڪريان ١١۔ هنن کي لڳا (گذريا) آهن ١١a۔ شال، ڪاش.١٢۔ وڙڪن، موٽن.

١٧

ڏونگر لڳن ڏينهن، مانَ وَرِڪَنِ سُپرين،
ڪِيَسِ نِماڻي نِينهَن، آيلَ! پـاروچَنِ جي.

١٨

اَللهَ جيئن نالوءِ[١]، تيئن مُون وَڏو آسَرو،
خالِقَ تنهنجي ڪاندِ[٢] جو، پَرو پاندُ نہ ڪوءِ،*
نالو رَبَّ سَندوءِ، رَهيو آهِمِ[٢a] رُوحَ ۾.

١٩

صاحِبَ تُنهنجي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِٺي سُون،
پَنَ پـوڙين پاتالَ[٣] ۾، پَهَڻَ[٤] تارين تُون،
جيڪَرَ اَچين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

٢٠

صاحِبَ تنهنجي صاحِبِي، عَجَبَ جِهَڙِي آهِ،
وَڏِي سَگهہ سَندِياءِ، پاڻَ وَهِيٽو[٥] آهِيين.

٢١

وَڏِي سَگهہ سَندِياءِ، پـاجُهنِ پَـرِيو آهِيين،
مون تان مِهرَ مَ لاهِ، آئُون تنهنجِي آهِيان.

٢٢

مِٺو جيئن نالوءِ، تيئن مُون وَڏو آسَرو،
ڪو دَرُ ناهِ جِهوءِ[٦]، مُون پِيا دَرَ گهڻا نِهاريا.

١ـ تنهنجو نالو آهي ٢ـ تحمل، بردباري، صبر * نڪو اٺو نڪو مٺو، بي حد ۽ حساب ٢a ـ آهيم ٣ـ سمنڊ جو ترو ٤ـ پٿر ٥ـ وس يا اختيار وارو (خود مختيار) ٦ـ جيهوءِ، تو جهڙو، تُنهنجي (دَرَ) جهڙو.

۲۳

جيڏو تنهنجو نانءُ[1]، ٻاجهہ ٻہ تيڏيائي مڱان،
رِيءَ[2] تَنيين، رِيءَ تُوٽيين، تُون ڇپر، تُون ڇانءُ[3]،
ڪُڇاڙو[4] ڪَهانءُ[5]؟ توکي مَعلُومُ سَيِڪا.

۲۴

مَ ڪَرِ دولَ ڏِلو، ناتو نِماڻيءَ سين،
ڪونهي ڪَميڻيءَ جو، ٻِڳرِ[6] تو ٻِلو[7]،
تُنهنجو نانءُ نِلو[8]، وَتِيو ويٺِي آهِيان.

۲۵

سَتُرُ[9] ڪَرِ سَتارَ! آئُون اُگهاڙِي آهِيان،
ڍَڪِين ڍَڪَڻهارَ، ڏيئِي پاندُ[10] پَناهہ جو.

وائي

مُون کي نِندَ نہ نيٽِين[11]، ڪالهانڪُون[12] لَڪَنِ ٻہ،
موٽُ تُون آيلِ! منهنجي ماءُ! تو ڏُکَ نہ ڪيٽِين ڪيٽِين[13]،
ڪالهانڪُون لَڪَنِ ٻہ.
هُوءِ نہ نِيَنمِ پانڻ سين، آئُون جا وِيندَڙِي سيٽِين[14] سيٽِين،
ڪالهانڪُون لَڪَنِ ٻہ.
ڪالهُوٽيان اَڄُ گهٽِي جهورَڙِي[15] جِهيٽِين جهيٽِين[16]،
ڪالهانڪُون لَڪَنِ ٻہ.

۱- نالو ۲- کان سواءِ ۳- ڇانو ۴- ڇا ۵- توهان کي آئون ڇوان ٦- بغير، کان سواءِ
۷- جاءِ، آسرو، علاج ۸- فقط، رڳو، اڪيلو ۹- ڍڪ، پردو ۱۰- پلؤ ۱۱- اکين ۾
۱۲- ڪالهہ کان وٺي ۱۳- هنن لاءِ برداشت ڪرين ۱۴- مڙس جي مائٽن ڏانهن
۱۵- جهوري، روح راڙو ۱٦- لوڏي، هيٺو ڪري.

ٻيُون سَڀُ واڳيُون[١] وَرَنِ سين، آنءُ جا واڳڙي ويٺين ويٺين[٢]،
ڪالهانڪُون لڪَنِ ۾.
هِينئَڙو[٣]، ڏاڙهُونءَ گُلَ جيئن، رَوئي رَتڙو نيٺين نيٺين،
ڪالهانڪُون لڪَنِ ۾.
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چئي، مُحِبُ اسان تُون ميڙين ميڙين[٤]،
ڪالهانڪُون لڪَنِ ۾.

داستان ٽيون

١

ڪَرِ ڪو پيرو[٥] ڪانڌَ[٦]! مُون نماڻيءَ جي نِجُهري[٧]،
پِرِين تُنهنجي پاندَ، ڏولِيا! ڏَڪِي آهِيان.

٢

جيئن تُون قائِمُ ڪانڌَ! تيئن آئُون وَرَا! وِلهِي[٨] نہ ٿِيان،
پَڪِي چِنا پاندَ، ڳَنڍُ نہ جاڻي ڪو ٻيو.

٣

ڪانڌَ ٻيئِنِ ڪيترا، مُون[٨a] وَرُ[٩] وڏِي وَٿُ[١٠]،
مَتان ڏيئي هَٿُ، جنهن عَيبَ منهنجا ڍَڪِيا.

١- گنڍيل ڳنڍيل ٢- سخن، طعنن ٣- دل ٤- ملائين ٥- پلاٽي (اچ) ٦- اي پتار! ٧- گهر، جاءِ تي ٨- سجي، سکڻي، خالي ٨a- مُنهنجو ٩- مڙس، پتار ١٠- شيءِ، چيز.

۴

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتَرا، مُون وَرُ وَڏي جُوءِ[۱]،
لوڪَ نَہ آڇي اُوءِ[۲]، جي ڏِسي ڏوهَ اَکين سين.*

۵

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتَرا، مُون وَرُ وَڏي ڪاندِ[۳]،
پاٽان ڏَڪي پاندِ، جي ڏِسي ڏوهَ اَکين سين.

٦

ڪانڌ ٻِيُنِ ڪيتَرا، مُون وَرُ وَڏي ذاتِ،
لوڪَ نہ آٿي واتِ،** جي ڏِسي ڏوهَ اَکين سين.

۷

وَرَ سين وِڄهيو ڪاڻِ[۴]، ڪَرَ[۵] سين ڪِلَڻُ ڀانئِيِن[٦]،
ڀورِي[۷] مُنڌَ[۸] اڄاڻِ! ڪَڻَ[۹] ڇَڏِيو، تُهَ[۱۰] ميڙِيِن.

۸

سُتا[۱۰a] اُٿِي جاڳُ، نِندَ نَہ ڪِجي ايتَرِي،
سُلطانِي[۱۱] سُهاڳُ[۱۲]، نِندُنِ ڪَندي نہ ٿِئِي.

۹

ڪِي سُمهُ، ڪِي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪِجي ايتَرِي،
اِيءُ مانجهاندي[۱۳] جو ماڳُ،[۱۴] جو تو ساٿِيهُ[۱۵] ڀانئِيو.

۱- جاءِ، ظرف وارو ۲- هو *(منهنجو ڪانڌ وڏي ظرف وارو آهي.) پلي، منهنجا ڏوهَ اکين سان ڏسي پر لوڪ کي نٿو ٻڌائي! ۳- تحمل، صبر ** ماڻهن جي وات تي آڻڻ نہ ڏئي، نہ ٻڌائي ۴- گهٽتائي، گهٽ ٻ- خر، گڏه (شيطان)، رقيب ٦- پسند ڪرين ۷- نادان ۸- زال ۹- ڪڻا، مغز، داڻا، ٻَڪي ۱۰- ڇوتا، تُڙ، ڪلون ۱۰a- اي سُتَلَ! ۱۱- شاهاڻو، وڏو ۱۲- سک، سعادت، سياڳائي، سدورائي ۱۳- ٿوري دير آرام ڪرڻ جو ۱۴- مڪان ۱۵- وطن.

۱۰

جاڳڻ مَنجهان جَسُ[۱]، آهي اَدا! تنهن کي،
لاهِي جو، لَطِيفُ چي، مَٿان قَلَبَ[۲] کَسُ،
وَرَنهَ ڪِجان وَسُ، صُبُحَ ساڻُ، سَيّدُ چي.

۱۱

سُتي نہ سَرَنديِاءِ، ڪَرِ پَچارَ پِرِيَنِ جِي،
وِهامِي وِينديِاءِ، گهڻا هَٽنديِن هَتَّرا.

۱۲

هِي[۲a] تان تورَڙِيُون، جي تُون پورا! پَسِي پِلِيِن،
راتِيُون پِيُون گهٽِيُون، جي تو اِينديُون هيڪَلِيُون[۲b].

۱۳

سُمَهَڻان[۳] ساڙو، جيڏِيُون! جيڏوئِي ٽِيو،
پِرِيَنِ سين پاڙو، منهنجو نِندَ نِبيرِيو[۴].

۱۴

سُمَهَڻان ساڙو، جيڏِيُون! جيڏوئِي ٽِيو،
هوتَ لَنگِهيا هاڙهو، تُون اَناسِي[۵] اوجَهرِين[۶].

۱۵

پِرهَ ڦُٽي، راتِ گَئي[۶a]، جهيڻا ٽِيا نَکَٽَ[۷]،
هارِي[۸]! وِيئِي وَتَ[۹]، گهڻا هَٽنديِنءَ هَتَّرا.

۱ـ شاباس، آفرين، فائدو ۲ـ دل ۲a ـ اهي ۲b ـ اڪيليون، اڪيلائپ واريون ۳ـ سمهڻ ڪري يا مان ۴ـ جدا ڪيو ۵ـ بي نَڪِي، بيحس، نندا ڪڙي ۶ـ پنڪيون ڪائين ۶a ـ وئي ۷ـ تارا ۸ـ بڙي! اي مائي! ۹ـ توشو، عمدي نئين شيءِ، مناسب ترين وقت.

١٦

پيئي جا پريات، سا ماڪَ مَ پَسو ماڙهئا[١]!
روئِي چِڙِي[٢] راتِ، ڏِسي ڏُکوين کي.

١٧

سَچِيُون راتِيُون سُمهِي، جَڏِيئِي پِي[٣] پَچارَ،
ياتَيِئِي سَبِ جَمارَ، سَجَڻَ هوندا مان گهرين[۴].

١٨

دِولُ مَ کَٽي ڀانهَڙِي، پِرِين مَ کَٽي پاندُ،
آئُون پنهنجو ڪانڊُ، لوڪان لِڪِي رانئِيان[٥].

١٩

مُسَنِ[٦] مُنهَن سَنَرا[٧]، کَرِيا گهٽُو کِلَنِ،
سي تانَ وِسَرِيَنِ، آيا جَنِ ڪَمَنِ کي.

٢٠

ڦِرِيا پَسِي ڦِيڻُ[٨]، کَرِيَنِ کِيرُ نہ چَکِيو،
دُنِيا ڪارَڻِ دِينُ، وِڃائي وِلَها[٩] ٿِيا.

وائي

مُون سين هوتَ نہ کَندا هِيئَن، مُون نہ جَڏِيندا چِيَرين[١٠]،
هوتَنِ جي هيڪاندِ[١١] کي، آئُون رُئان راتو ڏينهن[١٢]،
مُون نَہ جَڏِيندا چِيَرَين.

١- ماڻهؤ! ٢- چِٽڪي ٣- پرينءَ جي ۴- منهنجي گهر ۾ ٥- ريجهايان، ماڻيان ٦- تڪليف ۾ پونَ ٧- سهڻا ٨- کير تي جيڪا ڏهڻ مهل گجي ٿيندي آهي ٩- سڪڻا، مسڪين، ڪنگال ١٠- جبلن ۾ ١١- وصل، ميلاپ ١٢- رات (و) ڏينهن.

چيڙي وِڏيس چِپَرين، ٻاروچاڻي[1] نينهن،
مُون نَہ ڇَڏِيندا ڇپَرين.
لُڪُون لَڳَنِ ڪوسِيُون، ڏاڍا تَپَنِ ڏينهن،
مُون نَہ ڇَڏِيندا ڇپَرين.
مون کي پِرِيَنِ ميڙِيين، رُوجَهڙِيُون[2] ميڙِيين مِينهن،
مُون نَہ ڇَڏِيندا ڇپَرين.
آلا! عَبدُاللّطِيفُ کي سَڄَڻُ ميڙِ سَمِيعَ[3]،
مُون نَہ ڇَڏِيندا ڇپَرين.

داستان چوٿون

۱

روهِہ[4] راماٽا[5] ڪَنِ، اَڄ پُڙِ هَلَڻَ هارِيُون،
ڪَرڳَلُ[6] ڪُونجَڙِيَنِ، راڻي ۾ راتَ ڪِيو.

۲

وَڳَرُ اُڪيري[7]، سَرُ[8] سارِيو، سُورَ چَري[9]،
جُهرِي جِهڄَندِي ڏي[9a]، سَنِيها کي سَڄَڻين.

۳

وَڳَرُ وِساري، ويٺين ڪيٺن ماٺِ ڪَري،
ڪِ تو نَہ مارِيَ، رُڻُ جُهڻُ[10] سَندِي سَڄَڻين.

۱ـ ٻاروچن جي، پنهونءَ جي ۲ـ جانور جو نالو ۳ـ ٻڌندڙ (خدا) ۴ـ جبل ۾ ۵ـ هل، دانهون، روڄ راڙو ٦ـ آواز، هنگامو، ڌمچر ۷ـ ياد ڪري، سنڀالي ۸ـ وسندي جاءِ، ڏوري ۹ـ ڪانئي (غم ۾ غلطان آهي) 9a ـ ڏِئي ۱۰ـ سس ڦس، آهستي ڳالهہ ٻولهہ، آواز، ٻولي.

٤

وَڳَرَ وِيا وَهِيَ[١]، ڪالّهہ تنهنجا ڪُونجَڙِيَ،
ڪَنديِنءَ ڪوهُ رَهِيَ، سَرَ ۾ سُپِرِيَنِ ري؟

٥

وَڳَرَ ڪِيو وَتَنِ، پِرتِ اِنَ چِنَنِ پاڻَ ۾،
پَسو پَکِيَئَڙَنِ، ماڙُهنِئان[٢] ميٺُ گهڻو.

٦

وَڏِي وَڳَرَ هيرُئين، چُڻِي نہ ٻِيَنِ ڳَڏَ،
ڪُونجَ ڪَرِينديِ سَڏَ، ويئِي وِهامِي راتَڙِي.

٧

قِسمَتَ آنديُون ڪونجَڙِيُون، وَطَنُ سَندُنِ روهُ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهُ، رِزقُ رازِقَ هَٿَ ۾.

٨

مَ لَنؤ[٣] ڪونجِي! ماتِ ڪَرِ، چورِ مَ هِينئِين چاڪَ،
ڦَٽِيُون جي فِراقَ، سي گهرِ گهارِينديُون ڪيتَرو؟

٩

مَ لَنؤ ڪونجِي! ماتِ ڪَرِ، چورِ مَ هِنئِين سَلَ،
ڳوڙَها مَتي ڳَلَ، جِمَ[٤] وِهاڻِيءَ[٥] وَهائِيِين.

١ـ گذاري، گم ٿي ٢ـ ماڻهن کان ٣ـ ٻڳاءِ ٤ـ متان ٥ـ پرڀات جو.

۱۰

ڪونجَڙِيo ڪالهه لَنئِين، سَجَڻ وِڌَمِ چِتِ[۱]،
آئُون جنهن رِيءَ هِتِ، گنگهرَ گهارِيان ڏينهڙا.

۱۱

اُترَ ڏِي آلاپَ، ڪالهانڪُون[۲] ڪُونجَ ڪَري،
پِرِين پَسِي مَنجهه خَوابَ، وِهاڻِيءَ وايُون ڪَري.

۱۲

ڪُونجِيُون تِيُون ڪُڪَنِ، جيڪُسِ هَلَڻَ هارِيُون،
ٻَچا پوءِ[۲a] اَتَنِ، وَجَنِ واندا[۳] ڪَندِيُون.

۱۳

آيُون ڊورَ[۴] ڊِرِي، اَصُلَ سَندي آسَري،
ڪَنيَڙَo يُونءِ[۶] ڪَري[۷]، پاٽا پيرَ ڏُکويا پَکَڻِين[۷a].

۱۴

آيُون اَڳِئين هيرَ، اَصُلَ سَندي آسَري،
پِڙَ ۾ پَسان نَه پيرَ، سيڻَنِ ساجُهرُ لَڏِيو.

۱۵

وَڳَرَ ۾ وائِي، ڪالهه تنهنجي ڪُونجَڙِي!
سَرَ ۾ سارِينَئِي گهڻو، پينَرُ ۽ پائِي،
پَسين نه ڦاهِي، جا ماريءَ سَندي مَنَ ۾.

---

o ڪونجيءَ (’ڪونجڙيءَ‘ وزن جي لحاظ کان نه ته آنڙيءَ.)۱- ياد ڏياريم ۲- ڪالهه کان وٺي ۲a- پوئتي ۳- دانهون، ڪوڪون، واڪا ۴- نهر، وهڪرو ۵- ڪنيڙائين، پرن ۶- زمين ۷- سخت، صحيح ۷a- پکڻَ (پکين) جا، ڪونجن جا.

١٦

ڪُونجَ نَہ پَسِين ڪَکَ، ڏَبُ[١] جنهن سين ڏِٺيو[٢]،
مارِيءَ ماري لَکَ![٢a] وَڳَرَ هَٽِي ويڇُون[٣] ڪِيا.

١٧

ڪُونجَ نَہ لکيو[۴] پانڌُ[۵]، جو مارِيءَ سَندي مَنَ ۾،
اوڇِتي پَرِياڻ[٦]، وَڳَرَ هَٽي ويڇُون ڪِيا.

١٨

بَغَلَ مَنجِهہ بَندوقَ، مارِيءَ ميرا ڪَپڙا،
ماريو ميرَ مَلُوڪَ، لَتاڙِيو لَڪَ چڙهي.*

١٩

ماري مَرِين شَبالَ! ڏَبَ وَڃَنئِي ڏِٺيُون[٧]،
جيئَن تو اَڇِي ڪالَ[٧a]، وِڏو وِڄُ وِرهَنِ[٨] ڪي.

٢٠

چِيتا[٩] ڪِيو چُٽيج، بُداماٽِي بُٽِ ۾،**
نيٽِين نِندَ مَ ڏيجِ، چِيڙون[١٠] چَپَرِ آئِيُون.

٢١

سَنگهارَنِ ساري، ساٿِي! ڏيج سَنِيهَڙا،
سا هيڪَلِي گهاري، مُنڊ ڪاڇي[١١] ڪَندِين.

١- پکين ڦاسائڻ جو دام، ڪوڙڪو ٢- ڏٺيو ٢a- لکين ٣- جدا، پرزا پرزا ۴- محسوس ڪيو، سمجهيو، سڃاتو ۵- تير ٦- ڏس، اهڃاڻ، نشان* هي بيت شاهه جو نٿو ڀانئجي ڇاڪاڻ ته انهن ڏينهن ۾ بندوق سان شڪار ڪونہ ڪيو ويندو هو. ٧- ڪوڙڪ ٧a- ڪالهه ٨- وره (بره، عشق) وارن ڪي ٩- چيتان؛ چت سان سنڀال يا خيال سان** متبادل پڙهڻي: ٻُڌي مارِيءَ ٻُٽ ۾ ١٠- ابهيرون، قطارون (شڪارين جون) ١١- مڪان جو نالو (اتر اولهه سنڌ جو جابلو علائقو)، جبل جي وٽ يا ڦيري وٽ ڪنڌ.

٢٢

ڪيرَ ڪَريندِي رِيسَ، آيلِ! سَنگهارَنِ سين؟
جَنين جي خَميسَ[١]، وارِيُون واري چِڏِيُون. *

٢٣

ڪاچِي ڪاهِيائُون، سَچُ ڪِ سَنگهارَنِ لَڏِيو؟
مُون تَنُ مارِيائُون، پاٽان وِجهي گوندَرين.

٢٤

ڪاچِي پيئِي ڪُوڪَ، سَچُ ڪِ سَنگهارَنِ لَڏِيو؟
ماڏِر! سي مَلُوڪَ، اُئي وِيا اُڪِري. **

٢٥

ڪاچو ۽ ڪوهِيارُ[٢]، ڏُونگرُ سَندُنِ ڏيهَڙو[٣]،
ساجُهرُ لَهِي[٤] بارُ، ڪوهُ نَہ وِئين اُنِ سين؟

٢٦

جَيئَنِ سي سَنگهارَ، اَجهي جَنِ جي گهارِيان،
مانَ لَهَنئُون سارَ، اَچِي اوڪِين[٤a] ڏينهَنڙين.

٢٧

ڏَڻُ ڏارَڻُ، ڏارَ رَهَڻُ، اِيءُ نہ سَنگهارَنِ سِٽَ[٥]،
ڪاهي اِيندا ڪَڏهِين، مَتي واندِ[٦] وَهِٽَ،
جي هاٺُو[٧] هُونِئي مِٽَ، تہ بہ[٨] اودو[٩] لاهہ مَ اُنِ جو.

١- جمع رات * جن جمع جي راتْ ڪير نہ وڪڻڻ پر خيرات ڪرڻ (واريون وارڻ) لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو آهي. ** اُنهيءَ جُوءِ ڏانهن لَٿي ويا جتي مينهن وٺو آهي. ٢- نالو مڪان جو، جبل ٣- وطن ٤- رڪي، متّي تي ڪٽي ٤a- اُهُڪَنِ، ڏُکِيَنِ ٥- سنّا، جوڙ، ڪمہ، دستور ٦- هيڪلي جاءِ، جهنگ جو وٿاڻ، ڍورو، ڪنهن هڪڙي ئي ڪٽنب جو اڪيلو گهر ٧- چور، ڌاڙيوال، مال هٽندڙ ٨- تہ بہ، تڏهين بہ ٩- فڪر، ڳڻتي.

٢٨

جِهجان پَسِي جهوڪَ[١]، آيلِ سنگهارَنِ جِي،
جَنِ تي پِيَ[٢] پيارِيا، مَنجهان مَٿِنِ موڪَ،
لَڏِي وِچان لوڪَ، اُتِي وِيا سي اُڪِرِي.

٢٩

جهوڪُونِ[٣] نہ جُهڳِڪَنِ، وَگَ[٤] نہ پَسان وَٽِ[٥] ۾،
آيلِ سَنگهارَنِ، جيڪُس[٦] چِٽاٽو[٧] چِتِ ڪِيو[٨].

٣٠

جي ڀانيين وَسَ چَران، تہ سَنگهارَنِ سين لَڏِ،
تہ هاڃِي[٩] سَندِي هَڏِ، ڪُوڪَ نہ سُڻين ڪَڏِهين.

٣١

مَنڊِيُون[١٠] مَتِ گُڙَنِ[١١]، جهوڪَ ۾ سُونهَنِ ڀِهيَڙا[١٢]،
سَندِي سَنگهارَنِ، جُوءِ جِياري جَڏِڙِي[١٣]

٣٢

ڀُورِيين[١٤] پاندَ[١٥] تِمَنِ، جَڳِهَہ[١٦] جهاڳِي آئِيُونِ،
ڪاڇو مينهِڙِيَنِ، مُدائِتو ٿِي ماٽِيو.

٣٣

راءَ[١٧] سين رُنا جي، تَنِ جاڙيجَنِ[١٨] جاڙَ ڪِي[١٩]،
ڪيئن ماٽيندا سي، چوڌهَن چارو[٢٠] ڪَچَڙو؟[٢٠a]

١ـ ائن جي وهڻ جي جاءِ، اوطاق، گهر ٢ـ تڏو صاف پاٽي ٣ـ هنن جون جهوڪون، هنن جؤن اوطاقون، (منجهانئن) جُهڳِڪ نٿي پَڌجي، (منجهن ماٽ لڳي پئي آهي) ۴ـ ولر، ڌڻ ٥ـ پاسو، ڪنڌي، ڪنارو، ٿر جو ڏاڪٽيون پاڳو جيڪو ڪڇ جي رڻ سان دنگٽي آهي. ٦ـ شايد ٧ـ روشنائي، نقشداري، ترءِ مڪان جو نالو جنهن کي چيتلو بہ چوندا آهن ٨ـ ياد ڪيو، سنڀاليو ٩ـ مصيبت، عذاب ١٠ـ ڏڌ ولوڙڻ جون ١١ـ آواز ڪن ١٢ـ قاصد، همراه، رفيق ١٣ـ ضعيف ١۴ـ ڀوري رنگ جي مينهن جا ١٥ـ پلاند، پاسا ١٦ـ جاءِ ١٧ـ راجا، امير ١٨ـ جاڙيجي قوم جي ماڻهن ١٩ـ جٽ ڪئي، خراب ڪم ڪيو ٢٠ـ چوڌهن (گهٽِن) واٽن وارو. ٢٠a ـ ڪڇ جو عائقو.

٣٤

جاڳو جاڙيجا، سَما سُکِ مَ سُمهو،
پَسو، آن پارِيا[١]، لاکو[٢] ڌو لوڙِيُون[٣] ڪَري.

٣٥

پُڄڻان[٤] پُلي پيرُ، وِڌو راءَ رِڪيبَ ۾،
ڪَڃَ رَهَندو ڪيرُ، لاکو لوڙائُن[٥] سين؟

٣٦

ٿـا ٿـونڪِين[٦] پَلاڻَ، سَدا هَٿَنِ کَرِکِرا[٧]،
لاکي لوڙائُنِ جا، اِهَڙائِي اُهڃاڻَ،
ڏِيئِي تَنگَنِ تاڻَ، ڪُوڪَ ڪارِيندا[٨] ڪَڃَڙِي.

٣٧

لَکِي[٩] ۾ لاکو، ٻَئِي مُٺا، ٻاجَهه ڌِي،
قادِرَ لاڌو ڪَڃَ تان، اَڏِيُون! اولاکو،
وانڍِيَنِ[١٠] ۾ واکو، ريباڙِي[١١] رَهِي وِيا.

٣٨

ريبارَڻِ[١٢]! رِيجهاءِ، لاکو لولاٽِيَنِ[١٣] سين،
سائُو[١٤] مانَ سَندِياءِ، ٽَـٽُ[١٥] مَٽائِي ٺاڪُرو[١٦].

٣٩

ريبارِڻَ روئِي، واڙِي[١٧] وِڌا وَڃَڙا،
سَمورا سوئِي، هَٿِي هِتان ساٿَ وِيو.

١ـ هن پاريان، هن پار کان، اوهان جي پار کان. ٢ـ هڪ شخص، جو بهادريءَ ڪري مشهور هو، لاکو ڦلاڻي ٣ـ چوريون، ڦريون ٤ـ پيچ (ملڪ) کان ٥ـ چورن، ڌاڙيلن، ڦورن ٦ـ ڪشيو ٻڌن ٧ـ وهٽن کي صاف ڪرڻ جا کهرا برش ٨ـ پيدا ڪندا، حاصل ڪرائيندا ٩ـ لاکي جي گهوڙي جو نالو ١٠ـ ڪنوارين ڇوڪرين يا ڇوڪرن ١١ـ هڪ ذاتِ جو نالو ١٢ـ اي ريباڙي قوم جي زال! ١٣ـ آڙين نيزارين، خوشامد ١٤ـ ساهو، بهادر ١٥ـ ڍول، دهدهو، شان ١٦ـ ٺاڪر، راجپوت، راءُ ١٧ـ وٿاڻ، لوڙهي ۾.

۴۰

رَڙي ريبارَڻِ، روءِ، اُڀي ڏِنگهرَ جَهلَ[۱]،
ڀَري هِتان پَلَ، * ڪيتَريُون ڪاهي وِيا!

۴۱

رَڙي ريبارَڻ، روءِ، اُڀي ڏِنگهرَ ڏارَ[۲]،
وَڃَنِ اَڄُ وَڳَ هَنيو، سُمَرِ جي سُوارَ،
ڪاڇي ٻِنهِي پارَ، ڏاڪو هِنِ جو ڏِسِين[۳].

۴۲

رَڙي ريبارَڻِ روءِ، واڙي پايو وَڇَڙا،
ڪَرا[۴] وِيڻَ[۵] ڪَنگهارَ[۶] ڪي، چَنچلُ[۷] اُڀي چوءِ،
واڙي وَڃُ نَہ ڪوءِ، لاڪو لوڙائِنِ سين.

۴۳

لاڪا لَڪَ سُڄَنِ، ڦُلاڻِيءَ ڀيرُ ٻِيو، **
جنهن ڀَرِ راڻا، راڄِيا، ڪوٽَنِ مَنجهہ ڪَنبَنِ،
جنهن جو جاڙيجَنِ، سُتي سَنچو[۸] نَہ لَهي.

۴۴

لاڪا لَڪَ هُمّا، ڦُلاڻِيءَ ڀيرُ ٻِيو،
آجا اوڏ[۹] ٿِيا، پَلئِي لَڳي جنهن جي.

۱- پاسي ۾ * جهوليونِ ڀري، تمام گهٽي انداز ۾. ۲- پاسي، ڀر ۾ ۳- ڏسن يا طرفن يا ملڪن ۾ ۴- صحيح، سخت ۵- سخن، لفظ ۶- نالو ۷- چالاڪ، چلولي ** دنيا ۾ ٻيا بہ چور سجهن ٿا پر لاکي ڦلاڻي جو نمونو ئي اور آهي. ۸- اونو، اڌڪو، فڪر، ڊپ، خوف خطرو ۹- ذات جنهن سان لاکي جو للانگڙو هوندو هو،

۴٥

لاکو لَکِيءَ تي چَڙهي، لَکِي لاکِي هيٺِ،
سُنهارِيُون[1] سِرِ ڪِيو، ڀيرِئو ٻَڌي بيٺِ،*
ڪَندو ڏَمَرُ ڏيٺِ[2]، صُباحَ سانڌ سَيِڪَنهِين.

۴٦

اَڏِيو جو اوڏِنِ، سو ڏِنگهر ڏِلو مَ ٿِئِي،
جنهن ڀَرِ وِيهِي ڪَنِ، ليکو لاکي جامَ سين.

۴٧

لاکي لَجَ ڪَنئِي، آسان اوڏِڙِيَنِ جي،
ڪَندو ڪانَه ٻِي، اَگِ وِسوڙهَلَ[3] آهِيُون.

۴٨

لاکا لَجَ سَندِياءِ، اوڏِ اَگِلِي[4] آهِيان،
پَکا سي پَرِتاءِ، جي اَجهي تنهنجي اَڏِيا.

۴٩

اَڏِيندي اوڏِنِ، لَڏَنَ جي ڪانَه ڪِي،
لاکو مَتان تَنِ، اوچِتوئِي آئِيو.

٥٠

اَڏي اَڏي اوڏَ، چِڏِي وِيا ڀيٽِيُون[5]،
تِڪاٽا ءُ ٽول[6]، پِيا آهِنِ پَٽَ مِ.

۱ـ سونهن واريون، حسين * حسين زالون پاڻ سان ڪنيو پوءِ انهن جي بچائڻ لاءِ سندرو ٻَڌو ٻڌي. ۲ـ ملاقات ۳ـ موڙهل، منڌل، ابوجهه ۴ـ عيبدار، ميري، گدلي ٥ـ جايون، مڪان ٦ـ شيون، اسباب.

۵۱

چِنَلَ چَڃَ هَٿَنِ ۾، ڪُلَهنِ ڪوڏارا،
پورهِئي خاطِرِ پانهنجي، اُتَنِ سَوارا[1]،
اوڏ بہ ويچارا، لاڪا! وَڃَنِ لَڏِيو.

۵۲

ڪَڏهن مَرُهُ مُقامَ ۾، ڪَڏِهن ڳاڙهو گهوٽُ،
سَندو وارِيءَ ڪوٽُ، اَڏِيو اَڏِبو ڪيتَرو؟

وائي

هي سَبِ هَلَڻ هارا، ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!
اَڏِيا رَهندا اتِهين، هي سَبِ ماڳَ موچارا،
ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!
جَن ڪي باشاهِيُون[2] بُلَندُ هُيُون، سي وِيا ڇَڏي ويچارا،
ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!
ڪُلُ نَفَسٍ ذَائِقَةُ المَوتِ[3]، سَمجِهجِ اِهي اشارا،
ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!
داڙُو[4] دَرِي[5] اُنَهِين نہ بَخشائِيندو بَدڪارا،
ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!
اَلا! عَبدُاللّطِيفُ چئي، اُتِ سَتُرُ ڪِجِ[6] ستارا!
ڪونہ رَهندو ڪو هِتِ، جيڏِيُون!

۱- سويل ۲- بادشاهيون ۳- سڀڪنهن کي موت جو ذائقو چکڻو آهي ۴- سفارش ڪندڙ، شفيع ۵- سفارش ڪري ٦- ڍڪ ڍڪج، لڄ پردو رکج.

سر بلاول

سر بابت:

هي سر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري نسخي ۾ ڪونهي تنهن ڪري هن نسخي جي پهرئين داستان ۾، ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سرڪاري ڇاپي وارا اوڻيهه بيت ۽ وائي ۽ ٻئي داستان ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ وارا پندرنهن بيت ۽ وائي (سرڪاري ڇاپي ۾ هڪ بيت وڌيڪ آهي جو ٻين بيتن ۾ ڏنل مصراعن کي هيٺ مٿي ڪري بنايو ويو آهي، تنهن ڪري هتان خارج ڪيو ويو آهي.) چوٿين داستان ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سرڪاري ڇاپي وارا ٽيرنهن بيت ۽ وائي ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ سرڪاري ڇاپي جي فقط ٽئين داستان مان پهريون بيت، جو عطا نالي سگهڙ جو لکيل آهي، سو خارج ڪيو ويو آهي.

مضمون:

مضمون جي لحاظ کان هن سر کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرين ٽن داستانن ۾ سمن جي ڄام جکري جي سخاوت ۽ دليريءَ تي داد ڏنو ويو آهي ۽ دل کولي سندس تعريف ۽ توصيف ڪئي وئي آهي. سنڌي ادب جو هي پهريون ئي قصيدي جو قسم آهي. هن کان اڳ نعتون لکيل آهن، مگر ڪنهن به حاڪم جي سخاوت يا شجاعت بنسبت ڪو قصيدو ڪونهي. هنن بيتن کي گڏي ڪٽي هڪڙو قصيدو ڇنجي ته به ٺهي اچي. ٻئي حصي يعني چوٿين داستان ۾ وروءَ يا وڳند سان شاهه جيڪي بيتن ۾ چرچا ڪندو هو سي ڏنل آهن.

روحاني راز:

شاهه پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن جي به لنبي خوشامد ڪانه ڪئي آهي. ايراني قصيدي نويس، حاڪمن کي خوش ڪرڻ لاءِ چند شعر لکيو ۽ دربار ۾ پڙهيو پيا پيٽ قوت ڪندا هئا. هنن جي ڪلام کي چاپلوسي ڇنجي ته به ٺهي اچي، پر شاهه ائين هرگز نه ڪيو. هن جيڪڏهن ڪنهن جي تعريف لکي آهي ته به سندس فوت ٿي وڃڻ کان پوءِ. انهيءَ ڪري ائين چئي ڪونه سگهبو ته شاهه چند ڏوڪڙن حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هنيا. شاهه، ڄام جکري جي هر هنڌ هاڪ ٻڌي، تنهن ڪري اهڙيءَ مقبول عام هستيءَ جا اڳيان ڳڻ ڳايا

اٿس. ھي بيت جوڙي ڪو ھن جي ڪچھريءَ يا ڪٽنب جي ڀاتين اڳيان ڪونہ ڳايا ويا ھئا. ھي تہ فقير، تمثيل طور پنھنجي ڏٽيءَ جي تعريف سمجھي جھونگاريندا ھئا ۽ قلبي تسڪين ۽ روحاني فرحت حاصل ڪندا ھئا.

ٻئي حصي ۾ ظريفانہ شعر جو سنڌيءَ ۾ پھريون نمونو شاہ پيش ڪيو آھي. شاہ کان اڳ ڪنھن بہ شاعر.ڪل خوشيءَ ۽ چرچي گھڀي جا بيت ڪونہ چيا آھن. ھن سر ۾ شاھ ٻن نون شعرن جي طريقن جو موجد ثابت ٿئي ٿو، جنھن مان سندس طبيعت جي فراواني ۽ قلبي ڪشادگي ۽ علمي بلنديءَ جي پروڙ پوي ٿي.

مٿي ذڪر ڪيل حقيقتن جي مد نظر ائين چوڻ ۾ مبالغو.نہ ٿيندو تہ شاھ سنڌي قصيده گو ۽ ظريف شاعرن جو اڳواڻ يا پيشوا آھي. اھو اڳواڻيءَ جو سھرو سندس سر تي سونھي ٿو.

سر بلاول

داستان پهريون

۱

وِسَهُ[۱] اِنَهِيءَ وِڄَ[۲] کي، جيئن دَعوَتَ ڪَيَئي داتا،
مَضمَضه[۳] واتا[۴]، وِجُهه تَہ ڏيئِي واتَ ۾.*

۲

ڪَڍِي گهلِ[۵] گهران[۶]، صُلُحُ ڪَرِ سُلطانَ سين،
تَہ تُون تِنهن دَران[۷]، ڏِيهاڙِي ڏاڻُ[۸] لَهين.

۳

پِيءُ مَ طَهُورا[۹]، وانءُ اورانگهِي اوريان[۱۰]،
وِچان[۱۱] جي وِصالَ کي، سي سَڀِ اُجُورا[۱۲]،**
حاصُلُ حُضُورا[۱۳]، سَمِي[۱۴] جي سَڀِ ٿِئي.

۴

سَما تو سِرِ[۱۵] ڇَٽُ، نَہ تَہ پاڳارا پُرسَ[۱۶] پِيا،
ڳَهڻَ[۱۷] تُنهنجي ڳيجَڙِي[۱۸]، اَچِي جالَ[18a] جَڳَٽُ[۱۹]،
جَنِ جيهائِي[۲۰] پَٽُ[۲۱]، تَنِ تيهائِي[۲۲] بِکيا.[22a]

۱ـ اعتبار ڪر ۲ـ سخن، قول، ڳالھ ۳ـ گرڙي ۴ـ واتان، وات مان * گرڙي ڪري تيار ٿي تہ توکي ڏي. ۵ـ چورن جي ٽولي (نفساني خواهشون) ٦ـ گهران، گهر مان ۷ـ درانِ، در کان يا تان ۸ـ انعام، نعمتون ۹ـ بهشت جو پاڪ شراب ۱۰ـ ويجهيون منزلون، جتي طهورا آهي، يعني بهشت ۱۱ـ وچ ۾، آڏو، رنڊڪ ۱۲ـ عيوضا، انعام** بهشت وغيره جيڪي بدلا آهن، تنهنجي چڱائيءَ جا، سي حقيقت ۾ واصل باالله ٿيڻ ۾ رنڊڪون آهن. ۱۳ـ حضور مان، ديدار مان ۱۴ـ سمي بادشاھ ۱۵ـ تي ۱٦ـ ماڻهو، مرد ۱۷ـ پورهيو ڪرڻ، خدمت ڪرڻ ۱۸ـ در 18a ـ جام، گهڻي ۱۹ـ جڳت، جهان، خلق، ماڻهو ۲۰ـ جهڙوئي ۲۱ـ ڪشتو، پيالو ۲۲ـ تهڙي ئي. 22a ـ خيرات.

٥

ڀيرِيُون[١] ڀيري ڀَڄُ، هي جي مَنجهان پورِيُون[٢]،
ٻِئي دَرِ ڪَنهِين مَ وَڃُ، رِيءَ هاشِمِيءَ[٣] هيڪَڙي.

٦

سَمو تَنِ سَڏَ ڪَري، جَن تي وَڏو وِيرُ،
اُتِئي تَہ آجِي ٿيان[٤]، پائي پاڪوڙِيءَ[٥] پيرُ،
تو رِيءَ ٻِيو ڪِيرُ، سَرَڻِيَن[٦] جا سوڻا[٧] سَهي؟

٧

سَرَڻِيَنِ جا سوڻا سَهي، وَسِيلو وِلَهَنِ،
لُڏي ڪِينَ،[٨] لَطِيفُ چئي، اَڳِيان لالُ لَکَنِ،
جِتِ ڪوڙِين ڪِينَ ڪُڇَنِ، اُتِ پاڻِوهِي[٩] پَڌرو.

٨

جو چَلِيُون[١٠] پَسِي نَہ ڇَڪِيو[١١]، تنهن واڪاڻِيو وِکَ،
لُڏي ڪِينَ، لَطِيفُ چئي، لَکَنِ اَڳِيان لِکَ[١٢]،
پيرُ نَہ موڙِي پانهنجو، تِکِيءَ پَئِجِي تِکَ،
سَرَڻِيَنِ ڏِئي سُکَ، هَڪَلَ سين هالارَ ڏِڻي[١٣].

١ـ نغارا، واڄا ٢ـ (واحد: پوري) خالي، کوکلي ٣ـ حضرت محمد(ﷺ)، جو بني هاشمين مان هو ٤ـ نجات يا ڇوٽڪارو پايان ٥ـ رڪاب، جتيءَ ٦ـ جن تنهنجي سام ورتي آهي، جيڪي تنهنجي امت مان آهن ٧ـ انجام، اقرار، وعدا، ذما، بار، جوابداريون ٨ـ نہ گهٻرائجي، ششدر نٿو ٿئي ٩ـ مسرور، کلندي منهن ١٠ـ لشڪر، ڪٽڪ، گهٽا ماٿهو ١١ـ مڙيو، منهن موڙيو، ڀڳو ١٢ـ ذرو، ٿورو ١٣ـ هالار جبل جو مالڪ يا سردار، هالار جبل جو رهاڪو سردار.

٩

تَڙِ تَڙِ کِيمَ تَرسُ[١]، سَرُ[٢] نِهارِج سَيَرو[٣]،
ڏِيندُءِ لَکَ، لَطِيفُ چي، راڄَ راهُوءَ[٤] جي رَسُ،
وِلها[٥] جنهين وَهِيان[٦] کِيا، پاڳُ تنهِين جي پَسُ،
کوڙين لاهِي کَسُ[٧]، جي ڳالهائِي ڳاٿُ کَٿِي[٨].

١٠

آروڙِ جِي[٩] اُٿِيو، ديِمنِ[١٠] وِڌائِين ڏُکَ،
لاٿائِين، لَطِيفُ چي، عالَمَ تان اَهُکَ،
تَنِ سَرَٽِيَنِ ٿِيا سُکَ، جي اَجهي آيون اَبڙي[١١].

١١

آروڙِجي اُٿِيو، ديِمنِ وِڌائِين دانهَن،
پابوهِيو پِيرَ کَٿِي، سَمو سَرَٽِيَنِ ڏانهَن،
مَتان متي پانهَن[١٢]، اُيو آڃي سُلطانَ کي.

١٢

عَلاؤالدينُ[١٣] اِئيو، تنهن جي هاٿِيءَ هاکَ هَٿِي،[13a]
ڀَگو کوٽُ کُفارَ جو، پيئِي پَجُ[١٤] پَئِي[١٥]،
آرَڻِ[١٦] ٻَڌي اَبڙي، ٿِي رِڻُ ۾ رُکَ[١٧] رَئِي[١٨]،
تيغين[١٩] تاءُ تِکو گهڻو، سَگهي کونَ سَهِي،
"رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ"[٢٠] چَڙهيو جامَ چَئِي،
سَمِي سامَ کَئِي، سَرَٽِيَنِ جو سُکَ ٿِيو،

١- (١) سک، اُڃ مر (٢) نهار، واجهاءِ ٢- تڙ، ڊوري؛ ڪانهن، ڪانو، تير، ڪان ٣- مضبوط ٤- راڄ سان رهائيندڙ، داتا، سخي، سردار ٥- سچا، فقير ٦- شاهوڪار، اسودا ٧- مٺ، مونجهارو، دلگيري، غم، فڪر ٨- ڪنڌ مٿي ڪٿي، سنئين منهن ٩- گرم ٿي، هڪل ڪري ١٠- لشڪر، انبوهه، ڪٽڪ ١١- انهيءَ شخص جي ذات جو نالو جنهن جو هتي ذڪر آهي (رسول ڪريم ﷺ) ١٢- مدد ١٣- دهليءَ وارو سلطان جو سنڌ جو حاڪم هو 13a- هٿي ١٤- ڪڇ پڇ، علائقي جو نالو ١٥- ڊپ، خوف ١٦- قلعو، حملو، گهيرو، محاصرو ١٧- تلوارن، ترارن ١٨- چمڪو، وسڪارو، ڦهه ڦهه ١٩- ترارن ٢٠- اي منهنجا رب مونکي پنهنجي امت ڏي (حديث)

١٣

عَلاؤالدِينُ آئِيو، ڪَٽِڪي چَلِ[١] چِڱِيرُ[٢]،
ڪَهِينَ ڪِينَ هِمَتيو[٣]، ڪانَ[٤] جَهلِيندو ڪيرُ؟
سُومِرِيَنِ سامَ ڪنئي، اَبڙي ڪِيو اُتَ پيرُ،*
هو مُهايَنِ[٥] مِيرُ، پر مَستُوراتِنِ[٦] مارِيو.

١۴

سَرَتِيَنِ جي سُکَ لَئي، سامَ ڪَنئي سَردارَ،
جي آيون اَبڙي جي آڌارَ، سي سُونَگُ[٧] نه ڏِينديون سُومِرِيُون.

١٥

پِيَنِ مِڙِني ڏِنيُون، پَرَ ڏِئي نه ڏُونگَرَ راءُ[٨]،
اَنِ ڏِتِيَنِ[٩] آڏو ڦِري، ڏِتِي[١٠] ڏِئي ڪِياءُ[١١]؟
لورِيُون[١٢] لَکَ مَتاءُ، اُنَ مَٿِيري[١٣] موتائِيُون.

١٦

اَبڙو آڳاهَنِ[١٤] ۾، پَرَجَهلو بارِي،
سَمي سُوالِيَنِ[١٥] کي، ويَلهه[١٦] وِسارِي،
مَنهَه مُنِي[١٧] جَڪرو[١٨]، طاماعُنِ تارِي،
پُڄِي[١٩] سي پارِي[٢٠]، جي عاجِزَ[٢١] اَجورَنِ[٢٢] ۾.

١ـ لشڪر ٢ـ چِڱِي يا ڪلنگيءَ وارو، تاجدار، سردار، بهادر ٣ـ (مقابلي لاءِ) همت ٻڌي ۴ـ تير *قاصد موڪليو (ڳِيبي ڪئي، انَ ميجي) ٥ـ مسائين، مارين، ناس ڪن ٦ـ زالن، عورتن ٧ـ ڏن، محصول ٨ـ ڏونگرَ ڏئي ٩ـ ڏارين زالن ١٠ـ ڏتل، پنهنجي زال ١١ـ ڪيئن، ڪٿان ١٢ـ لنگهيون، مڱڻهار ١٣ـ مٿيرَ، پهلوان، مانجهي مڙس ١۴ـ اڳيان هلندڙن، سردارن، رهبرن ١٥ـ سوال ڪندڙن، سامر پوندڙن ١٦ـ ويلو، فاقو، لنگهڻ، بک ١٧ـ ٽنب، سردار، پرجهلو ١٨ـ هڪ سخي زميندار جو نالو ١٩ـ جن جي پڄا ڪري، جن سان مدد جو وعدو ڪري ٢٠ـ انهن جو پيٽ پاري، انهن جي سنڀال لهي ٢١ـ ضعيف، ڪمزور، بيمار ٢٢ـ بنا زور، بي پشت و پناهه، ضعيفن، ڪمزورن.

١٧

اَبِڙو آڳاھَنِ ۾، سَيَرُ[١] جيئَن ٻيلي[٢]،
سي پَٽَ ڪنهن نَہ پُريا[٣]، جي تو يَرُ[٤] ييلي[٥]،
سَڄَڻُ سانوَڻَ مِينهن جان، رُڃون تو ريلي[٦]،
اَچَنِ جي ويلي،* تَنِ نورُ[٧] بَخشي پٽَ ڏٽي.

١٨

اَبِڙو وَڏُ وَڙو، سُوَڙو[٨] سَمو، سُونهَنِ سَيِنِ،
تنهن دَرِ سَڀِ اَچَنِ، ڪَنڌُ نَہ ڪَڏي ڪَچَ ڏٽي.

١٩

پِڙَ ۾ اُيو پاڻِ، ساٿِيئڙَنِ[٩] سَڏَ ڪَري،
يَلي جي لاڏاڻِ[١٠]، سَڀِ لنگھِيندا لَڪِيُون[١١].

وائي

مُون ۾ عَيبَ اَپارَ، اَئُون طامِعِ آهِيان تنهنجي.
هِڪَ وِڃايَمِ ويسلي[١٢]، جاڻي سَڀِ جَمارَ،
اَئُون جا طامِعِ آهِيان تنهنجي.
هِنَ منهنجي حالَ جي، توڪي سُڌِ، سَتارَ!
اَئُون جا طامِعِ آهِيان تنهنجي.
اَمرُ[١٣] اوڏي نہ ٿِيان، نِهيَ[١٤] ڪِيَسِ نِڪارَ[١٥]،**
اَئُون جا طامِعِ آهِيان تنهنجي.

١ـ سيرو، وڏو (ونڻ) ٢ـ جهنگ جو ٣ـ هليا، طي ڪيا، پنڌ ڪيو ٤ـ ماهر، بهادر، يَرُ، ڄاڻو ٥ـ لتاڙي، لنگهي ٦ـ جالارواپاٽي وهائي ساوڪ پيدا ڪري* جيڪي هڪ وقت جي ماني گهرن. ٧ـ گهوڙا ٨ـ چڱن وڙن واري ٩ـ يارن، ساٿين، همراهن، سامر پيلن ١٠ـ لاڏ ڪوڏ يا پيار سان، لڏ يا سان ١١ـ اوڪا پيچرا، تڪليفون ڏيندڙ لنگهہ يا رستا (مشڪلاتون) ١٢ـ غفلت يا سستيءَ ۾ ١٣ـ حڪم ١٤ـ نفيءَ ١٥ـ نڪمي، بيڪار. ** جن چڱن ڪمن جو حڪم ٿيل آهي تن ڪي ويجهي ناهيان، (امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر تي عمل نہ ڪيو اٿم)

جيڪي وَهي وُجُودَ ۾، سو ڄاڻين، ڄاڻڻهارَ!
اَئُون جا طامِع آهِيان تنهنجي.
جيئن سڀ گُل گُلابَ جا، ڪِڙيا ڪَنڌهارَ،
اَئُون جا طامِع آهِيان تنهنجي.
مُون کي سِڪَ، سَيّدُ جي، آهي مَدِيني موچارَ،
اَئُون جا طامِع آهِيان تنهنجي. ٥

داستان ٻيو

١

جَکِرو[١] جوڙي، پاڻ ڌَڻِيءَ پَيدا ڪِيو،
ڪيهَرَ[٢] جيئن ڪَرُ[٣] کَڻِي، مُڇُون مَلُهه موڙي،
گهوٽُ چَڙهِيو گهوڙي، پيچَنِ[٤] لائي پيچرا.

٢

جَکِرا! جِيين شالَ، تنهنجو ڪَنين مَدو مَ سُڻان،
جيئن تو آڇي ڪالَ[4a]، نالائِقَ نَوازِيا.

٣

جَکِرو جَسَ کَرو[٥]، ٻِيا مِڙئِي مَلهَه،
سَمي جي سُهاڳَ جِي، ڪَنهِين نه پُوي ڪَلَ،
مِڙِئي اُنَ مرسَلَ[٦]، اَصُلُ هُئِي ايتَرِي.

١- جام جکرو جيڪو سخاوت ڪري سنڌ ۾ مشهور هو. ٢- وڏي شينهن ٣- ڳاٽ، مٿيون ڌڙ ٤- سوالين، فقيرن 4a- ڪالهه ٥- جس يا شاباس جو لائق، نامور، ناليرو، ناموس وارو، چڱو ٦- موڪليل، مهندار، سردار.

٤

جَکِرو جَسَ کَرو، ٻِيا سَڀِ اَنِيرا[١]،
جِمْائِين[٢] گهڙِيو[٢a]، جَکرو، تِنائِين نہ ٻِيا،
مِٽِي تنهن ماڳا[٣]، اَصُلُ هُئِي ايتَرِي.

٥

ڏِٺِي جادَمَ جَکِرِي، چِتِ نہ ٻِيا چَڙهَنِ،*
تہ کِي کُوهہ کَڇَنِ، جُهہ سَرُ[٤] لَيِي سَيَرو.

٦

هَٺان[٥] جادَمَ جَکِرِي، وَتِيءَ[٦] وِچُ مَ پوءِ،**
پِي پِي سو پُرِ تِيو، جو حاتِمِ پاسِي هوءِ،
کَيفَ[٧] ڏاران[٨] کوءِ، جِئِي کو مَ جَهانَ ۾.

٧

هَٺان جادَمَ جَکِرِي، وَتِيءَ پوءِ مَ وِچُ،
"اَچو! آيئو نِچُ!"، سَمِي وائِي واتَ ۾.

٨

راهُوءَ[٩] جا رَهيامِ، سَنِيها[١٠] سَرِيرَ[١١] ۾،
ٻِيا دَرَ وِسَرِيامِ، ڏِٺِي جادَمَ جَکِرِي.

١- راجا، جنهن ڏياچ جو سر وڍايو هو ٢- جتان، جنهن هنڌان، جنهن مٽيءَ کان ٢a-ٺاهيو ويو ٣- ماڳان، ماڳ يا جاءِ تان يا کان. * ٻيا ياد ۾ بہ نہ آهن، ٻين جو خيال ئي دل ۾ نٿو اچي. ٤- پياليءَ، جام ** شل! جکري (ساقيءَ) هٿان پياليءَ (جام) ملڻ ۾ ويڇو يا ويرم يا دير يا ڪا رنڊڪ نہ پوي. ٦a- حاتم طائي (مشهور سخي) ٧- شراب، مي ٨- ڏاران، کان سواءِ، بغير ٩- راڄ سان رهائيندڙ، چڱي طرح هلندڙ (جکري) ١٠- پيغام، ٻول ١١- بدن.

٩

راھُو تنھنجي رِيتِ، پَرَڪَندِينَ[١] پَڌَرِي،
گھٽا گھوڙَنِ چاڙِھيَئِي، مُسافِرَ مَسِيتِ[٢]،
پُڇين ڪا نَہ وِڌِيتِ[٣]، جي آيا سي اَگِھيا[۴].

١٠

جَڪِري جِھو جُوانُ، ڏِسان ڪونَہ ڏيھ ۾،
مُھَڙُ[۵] مِڙِني[٦] مُرسَلين، سَرسُ سَندُسِ شانُ،
"فَڪَانَ قَابَ قَوسَينِ اَوْ اَدنيٰ"[٧] اِيءُ مُيَسرُ تِيَسِ مَڪانُ[٨]،
اِيءُ آڳِي[٩] جو اِحسانُ، جنھن ھادِيءَ مِيڙِيُمِ ھِھڙو.

١١

سَمو سَوائِي[١٠]، ڀَھُون[١١] ڀِيِنئان[١٢] اَڳِرو،
دانَھہ[١٢a] جي دَربارِ ۾، وَرتِي[١٣] اِيءَ وائِي،
ڳَھَڻَ[١۴] ڳالھائِي، مُھَڻَ[١۵] سَڀِ مَلھائِيا[١٦].

١٢

جيھُسِ[١٦a] ڪونَہ جَھانَ ۾، ھِندُ، سِنڌُ، سُورَتَ[١٧] ھاڻِ،
دَرِ داتا مَڱُ مَڱڻا، ڀِئِي جِي ڪَڍِ مَ ڪاڻِ[١٨]،
پاڌُوندَرُ[١٩] پاڻ، حالُ پَسِي پالُ ڪَري.

١- پرڪندِين (ڏوراھَن ڏيھن) ۾، ملڪان ملڪ ٢- مسيت يا مسجد جا مسافر، بي واھا، مفلس، بي اجھي ۽ آڌار ٣- سبب يا تفصيل ۴- قبول پيا ۵- مھاڙ، اڳواڻ، ليڊر ٦- سڀني ٧- حضرت محمد ﷺ جن خدا کي ٻن ڪمانن جيترو ويجھو ويا، بلڪ انھيءَ کان بہ ويجھو (ق- ش). ٨- جاءِ، ماڳ، مرتبو ٩- آغا، آقا، ڌڻي، مالڪ ١٠- سوايو، وڌيڪ، بھتر ١١- گھڻو ١٢- ٻين کان ١٢a- دانا ١٣- استعمال ۾ آئي، چئي وئي ١۴- ڳجھو، دل سان، اشاري ڪندڙ ١۵- موھڻ، وڻڻ، خوش ڪرڻ ١٦- خوش ڪيا، مرڪايا، سرخرو ڪيا ١٦a- ھن جھڙو، جھڙس ١٧- گجرات جي مشھور شھر جو نالو ١٨- محتاجي، حاجت ١٩- سخي، ونڊيندڙ، در پُڄيندڙ.

١٣

ڪَري آسَ اَپار، پارِيءَ[١] جَهلِيو نَہ رَهي،
ٻيلي ۽ گِرنارَ، اُتو گنگا جَرُ[٢] جَڪِرو.

١۴

پيهِي پِنُ پاتارَ ۾، جتِ ڳِڙهه[٣] گنگا جَرَ راءُ[۴]،
چِڏي حِيلا هِنَ هَنڌَ جا، اُنِهي جَڪِري پاسِي جاءُ،[۴a]
اوڏو تِـي اَللهُ کي، ڪاڄُ تَنهِين جو ڪاءُ،
سُڪَنِ اِينڌءِ ساءُ، ويلَهه[۴b] وِينڌءِ وِسَرِي.

١٥

ڏمِريو تَہ ڏي[٦]، پَرچِيو تان پاتَ[٧] ٻَري،
جُنگَ جَڪِري ڪي، ٻَئِي چِڳِيُون چِتَ ۾.

وائي

آسَرو آهي، مون کي هوتَ حَبِيبَ نجو.
جانَ جان اوڏا ڪَرَها، پَهُچان تان ڪاهي،
مون کي هوتَ حَبِيبَ جو.
موتِ، مُنهنجا سُپِرِين! واڳُون وَرائِي،
مون کي هوتَ حَبِيبَ جو.
شَفاعَتَ[٨] جا شَفِيعَ[٩] جِي، تنهن ۾ قِيرُ[١٠] هَذِهِين ناهي،
مون کي هوتَ حَبِيبَ جو.

١ـ (١) ڪسي، نهر (٢) پاليل، نپايل، ٻانهي، نمڪ پرورِيءَ ٢ـ گنگا نديءَ جو پاڻي، پاڪ ۽ جالارو پاڻي ٣ـ قلعو ۴ـ راجا، حاڪم ۴a ـ وڃ ۴b ـ ويلو، لنگهڻُ، ٻُڪَ ٥ـ وڃ ٦ـ خالي نہ ڇڏي، ڏئي ٧ـ مگٿهار ٨ـ سفارش، ڇوٽڪارو ٩ـ سفارش ڪندڙ (حضرت محمد ﷺ جن جو قيامت جي ڏينهن امت جي ڇوٽڪاري لاءِ سفارش ڪندو) ١٠ـ گمان. شڪ.

مِيرُ مُحَمَّدُ ڪارڻِي، اَڙِيا ڇُوٽائِي[١]،
مون کي هوتَ حَبِيبَ جو.
اِهي ڪَمَ ڪَرِيمَ جا، جيئن لَنگها[٢] لنگهائِي،
مون کي هوتَ حَبِيبَ جو.
لُطفُ سانُ، لَطِيفُ چي، مُوڙها مِلائي،
مون کي هوتَ حَبِيبَ جو.

داستان ٽيون

١

ليبِڙي[٣] لَعنَتِيءَ[٤] کي، جو آٽِيءَ[٥] ۾ آهي،
اَندو مُون عَلِيلَ[٦] سين، سِينو تو ساهِي،*
عَلِي شاهَ اَچِيج تُون، تنهن ڪافِرَ تي ڪاهِي،
لُٽِي وِجهه لاهِي، مَتو مَجُوسِيءَ[٧] جو.

٢

مارِ مَ مُطِيعَلَ[٨] کي، مَجُوسِيءَ کي مارِ،
وَڏِي جَنگِ مَ وِسارِ، نَنڍِيان[٩] نَفعو ناهِ ڪو.

٣

نَنڍِئان نفعو ناهِ ڪو، وَڏِي مَ وِسارِ،
مَجُوسِي ماري، اَڪبَرَ[١٠] ڏي اَچِيج تُون.

١ـ ڇوٽڪارو بخشي ٢ـ لنگهان، لنگهڻ ڪان، مشڪل گسن ڪان ٣ـ ناڪيلي، اٽ جي نڪ واري رسي ٤ـ جنهن تي ڦٽڪار هجي (شيطان، نفس) ٥ـ نڪ جي چوٽيءَ ٦ـ بيمار، ضعيف * مقابلو ٿو ڪري، منهن ٿو اٽڪائي، جهيڙو ٿو ڪري. ٧ـ آتش پرست، باهہ جو پوڄاري (نفس اماره) ٨ـ مطيع ڪيل، فرمانبردار (نفس مطمئن) ٩ـ ننڍيءَ جنگ مان ١٠ـ وڏي جنگ (نفس اماره سان).

٤

اَصْغَرَ[١] ڏي آهِنِ گهٽا، تُون اَڪبَرَ ڏي آءُ،
متان لوڙو[٢] لاهِيِن، مَجُوسِيءَ مَٿاءُ،
حَيدَرِ جي هَٿاءُ، وِڙهَه تہ ويرِي مارِيِن.

٥

پاندَپَ[٣] سين نہ پاڙِيان، سَوين ٻيا سَردارَ،*
آهي مِثِل مِينهَن جي، سَخِيْ تنهنجِي سارَ[٤]،
حاتِمَ هَزدَه[٥] هَزارَ، جَهڙَ[٦] تنهنجي جَهپِيا[٧].

٦

جَهڙَ تنهنجي جَهپِيا، هَزارين حاتِمَ،
ڪوجَهنِ سَندا ڪَمَ، ڪامِلَ ري ڪيرُ ڪَرِي؟

٧

جي تُون آساتُو[٨] آئين، تہ وَنءُ جَڪِري لائِي[٩]،
مَتان وَڙُ[١٠] وِڃائِيِن، ڪنهن ٻِئِي دَرِ لِيلائِي،
سَمِي سامائِي[١١]، چِنتا لَٿِي چارِٽِين[١٢].

٨

جي تُون آساتُو آئين، تہ چانئُٺِ ٻِي مَ چورِ،
ڪِيرا[١٣] مَگّتِنِ جان، ڪَٿِي آهِي ڪورِ،
اُنَ دَرِ عِراقِي[١٤] گهٽا، چانگُون[١٥] ڪِيو چورِ،
تنهن سَيّدَ وَڏِي سورِ[١٦]، جنهن ۾ مَٿو هَٿَنِ مَگّتا.

١ـ ننڍي جنگ (نفس مطمئن سان) ٢ـ جهيڙو، جنگ ٣ـ سردار * ٻيا سوين سردار، هن سردار جي مٽ نہ پانيان ٤ـ سنڀال، سخا، لفظ ٥ـ ارڙهن (١٨) ٦ـ گهوڙي جو هڪڙو پير ٻئي پير تي لڳڻ [جهڙ پڙهبو تہ معنيٰ ٿيندي سخا يا لطف] ٧ـ مات ڪيا، شڪست ڏني ٨ـ آسائتو، آس يا اميد وارو، عرضدار ٩ـ لاءِ، ڪارڻ، واسطي ١٠ـ عزت ١١ـ پيدا ٿئي ١٢ـ چارٽن [مگڻهارن] جي ١٣ـ [وهٽن ٻڌڻ جا] ڪِلا ١٤ـ عراق جا گهوڙا ١٥ـ ولر [گهٽا] ١٦ـ رضائي [پندار].

۹

سَمو سَخاوَتَ جِي، وِيٺو پُڇِي پَرِ،
ڪونِيو ڪَنگالَنِ کي، ڏِئي دِلاسا دَرِ[۱]،
مَٿي وِلَهَنِ[۲] وَرِ[۳]، ڏِيهاڙِي ڏاتارَ جِي.

۱۰

ڪوهُ نَہ جُهارِين[۴] جَکِرو، جنهن ڏيهَ ڏِيا ڏِيئي؟
جي لُڏِيا تي لِينگهَنِ[۵] ۾، سالَنِ[۶] ۾ سيئي،
سَمي سيئِي، طاماعُو[۷] تارِ ڪِيا[۸].

۱۱

اَلا! جُنگَ جِيئَنِ، جَنِين اَجهي گهارِيان،
شالَ مَ سُڪي وِيرِي[۹]، جِئان پِيءَ[۱۰] پِيئَنِ،
مَرڪَڻُ اَکَرِيَنِ، تو ڏِٺي مُون تِئِي.

۱۲

اِينديِ لَٿِي اُجَ، پيرَ پَرِينديِ ٿَرِيا،
مَنجِهہ وِيرِي سُجَ،* ڪَرَ لَڌي رِڻُ اُڪارِين[۱۱].

۱۳

تُون اوڏَرُ[۱۲]، تُون اوڏِڪو[۱۳]، تُون اَجهو، تُون آڳُ[۱۴]،
هِتِ پُڻِ تنهنجو تَڪيو، مَهَند[۱۵] پُڻِ تُونهِين ماڳُ،
سي لورِيُون[۱۶] ڏِيَنِ نَہ لاڳُ[۱۷]، جي اَجهي آيُون اِيڙِي.

۱- پنهنجي در اندر، گهر ۾ [ڪوٺي لفظ سان لڳي ٿو] ۲- مسڪينن ۳- ور [پلاڻي، مهرباني] ۴- پوڇين، سلام ڪرين، خيرات مڱين. ۵- ڦاٽل يا ليڙن وارن ڪپڙن ٦- اوني لوين ۷- طمعدار [مڱڻهار] ۸- پُر ۹- ننڍي ڪوهي يا کڏ ۱۰- صاف پاڻي* سج منجهہ ويري يا ڪوهي ۱۱- رڻ اُڪرندڙن، مسافرن ۱۲- ڍڪ، پناهہ ۱۳- ڇانو، پڙدو ۱۴- آڳو، مهندار ۱۵- اڳيان، قيامت ۾ ۱٦- مڱڻهار ۱۷- محصول، ڏن.

۱۴

اکين سوئِي اوڙِکيو[۱]، جو کَنين سومرِ[۲] کَرَنُ[۳]،
ماءُ منهنجو مَنُ، ڄامَ پَسَندِئِي پَتِيو[۴].

۱۵

پَسَندِئِي پُرِ ٿِيا، جَکرو ئِي ڄاڄِڪَ[۵]،
تِنان ڏِني مَڳَٽِي، طَهُورا[۶]، جي تِڪَ،
سَمي يَڳِيَنِ سِڪَ، واصِلُ ٿِيا وِصالَ کي.

۱٦

جي اُڏَمِيو[۷] اَڄُ، تہ وَسندو سُونَ سُنگَ[۸]،
ڄالَ ڏِئِيندو جُنگَ[۹]، جَڳُ ڏِئِيندو جَکِرو.

وائي

جِئان ڏِنائِين پيرَ، جِئان ڏِنائِين.
يَڳا ڪوٽَ ڪُفار جا، اَچِي عَليءَ شيرَ،
جِئان ڏِنائِين پيرَ، جِئان ڏِنائِين.
مَٿي اَڱڻَ آئِيا سُونهَڻَ لَڳا[۱۰] سيرَ[۱۱]،
جِئان ڏِنائِين پيرَ، جِئان ڏِنائِين.
جِئان نَبِي نِڳِيو[۱۲] يَـري مُبارَڪَ پيرَ،
جِئان ڏِنائِين پيرَ، جِئان ڏِنائِين.

۱ـ سڄاتو، معلوم ڪيو ۲ـ سُومر، ٻڌم ۳ـ سمن جي ڄام جو نالو ۴ـ پت آيس، اعتبار ڪيو، سڄاتو، سهي ڪيو (اگهايو، قبول ڪيو) ۵ـ مڱڻهار ٦ـ بهشتي شراب ۷ـ اپاميو، جذبو آيس ۸ـ سون جون ڏيليون ۹ـ بهادر ۱۰ـ حسين ۽ سهڻا معلوم ٿيڻ لڳا ۱۱ـ پيچرا، گس ۱۲ـ نڪتو.

لَتا ڏُکَ، سُکَ ٿِيا، ٿِي وَڏائِيءَ[١] وِيرَ[٢]،
جِئان ڏِنائين پيرَ، جِئان ڏِنائين.
لُطفُ تو رِيءَ لَطِيفُ چي، ڪَندا ٻِيا ڪِيرَ؟
جِئان ڏِنائين پيرَ، جِئان ڏِنائين.

داستان چوٿون

١

وِڳَندُ[٣] وَرِي آئِيو، وَسَنِ ڪِينَ وِڏوسِ،
گَندِي[٣a]، مانِي، ماڳُ موچارو، پاسِي پِيرُ ٿِيوسِ.

٢

وِڳَندُ وَرِي آئِيو، پينارَنئُون[٤] پوءِ،
مُحڪَمُ[٥] لڳِسِ موچڙا، ڏَرو نَہ ڏِنُسِ جوءِ،
وينو ايئن چوءِ، تَہ پيران[٦] پاسي نَہ ٿِيانَ.

٣

آسُورَ[٧] سَندي آسَرِي، وينو آهِ وِڳَندُ،
هَڏِ نَہ ڇَڏِيندو هَنڌُ، آيسِ بوءِ بَهارَ جِي.

٤

آسُورَ سَندو آسَرو، وِڳَندَ کي وَڏو،
جُسِي ۾ جَڏو، پَرَ ڪِيَڻَ[٨] تي ڪُڙا ڪَٽِي[٩].

١ـ مبارڪ ٢ـ وقت ٣ـ شاهہ جي هڪ فقير نجو نالو، گدلو ٣aـ ڪپڙو گندي، ڪپڙو لٽو
٤ـ فقيرن يا پمينٽن کان ٥ـ مضبوط، ڏاڍا ٦ـ پيران، پيرن کان ٧ـ اسر جي ڪاڏي، سحريءَ ٨ـ ڪائڻ ٩ـ ڪڙيون ڪٽي، ايو ٿي وهي ٻرانگهون ڀري.

٥

وِڳَندُ وَرِي آئِيو، بَدُو[١] سين بَدبُوءِ،
خاوَندَ![1a] ڏي خُشبُوءِ[1b]، تَہ سُرَهو ٿِيان سُپرين.

٦

وِڳَندُ وَرِي آئِيو، ڪنو ٿِي ڪوجهو،
چَڏي نہ موزو[٢]، لڳِسِ آرُ[٣] عِطارَ[۴] سين. *

٧

داتا سَندِي دَرَ تي، وِڳَندُ ويٺو پَسُ!
تنهن روڳِيءَ[٥] کي رَسُ، جو آلودو[٦] آزارَ سين.

٨

دائِمُ آهي دَرَ تي، وِڳَندُ ويچارو،
عَطُرَ سين آرو، لڳِسِ تِي[٧] لِڏِ کَٽي.

٩

داتا سَندي دَرَ تي، وِڳَندُ ٿِي ويٺو،
بَصرَ سين بازارِ ۾، ڪَرَ واٽِيو جيٺو،
ڏَران[٨] تنهن پيٺو، جِتِ ڪُفُر ٿئي ڪين کي.**

١٠

وِڳَندُ وَرِيءَ آئِيو، نِسورو ٿِي نَرَڳُ[٩]،
گندا گُلابِي ڪَري، سَيّدَ جو سَرَڳُ[١٠]،
عَطُرَ سين اورَڳُ[١١]، تَہ هُئِين[11a] سَدا سُرَهو.

١ـ جهنگلي 1a ـ خُداوند! اي خدا! 1b ـ خوشبو ٢ـ چمر جو جوراب، جتيَ، پير، پيروي ٣ـ عشق ۴ـ عطر وڪٽندڙ سان *(هار سينگار ڪري آيو آهي، پر آهي ڪنو ۽ ڪوجهو. ٥ـ بيمار ٦ـ تر يا پسيل يا ٻريل آهي ٧ـ تنهن ڪري ٨ـ ڏران، درمان ** جت ڪفر ڪرڻ کان (نہ ڏجي) سواءِ ٻي ٻيٽي ڪانهي. ٩ـ دوزخ ١٠ـ خوشبوءِ، چڱو، بهشت ١١ـ واهپو رک، استعمال ڪر. 11a ـ هُجين.

١١

وِڳَندُ وَرِي آئِيو، بَدُو بي نِمازُ،
جيئن تِترَ مَٿي بازُ، تيئن وِڳَندُ سُرهاڻِ تي.

١٢

وِڳَندُ وَرِي آئِيو، ڪوتِڙِيان[١] ڪُلاٽُ[٢]،
سَندو ڪِرڙِ ڪاٽُ، هَڻُ نَرڳِي ڪي نِڪَٽِي[٣].

١٣

ٻاندو[۴] ٻيلِي[٥] نَہ ٿِيو، وَرُو[٦] اَڄُ وِيو،
سُونهارِي سَيِّدَ ڏُنهُن،[٦a] پيٽَرُ[٧] پَند پِيو.

وائي

ڏَڪَ ڏَڪِيندو، مُون نَہ ڇَڏِيندو، شَفِيعُ[٨] شافِعُ[٩]، سُپِرِين.
اَندا اوندا، اَڪُرِيا[١٠]، سَڀِ نِباهِي نِيندَو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.
واتان ويچارَنِ جي، دارو[١١] پاڻَ ڏَرِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.
ڏوهارِيَنِ کي ڏاڪَڙا، لَڪَ سَڀِ لَنگهائِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.
نُورُ ناڪارو[١١a] نَہ ڪَرِي، مُحَمَّدُ مِنتَ مَڃِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

١ـ ڪوتڙيءَ کان ٢ـ ڪلاٽ، ڪلال، سست، ڪوڙو، دوستيءَ جو دم هڻندڙ ٣ـ نڪ مڙ، اصل، بنهہ ۴ـ لنبو ڪتو ٥ـ ساٿي، همراه ٦ـ وڳند جو نالو ٦a ـ ڏانهن ٧ـ گهڻ ڪاٺو ٨ـ مهربان ٩ـ شفاعت يا ڇوٽڪاري جي سفارش ڪندڙ ١٠ـ آتڙندڙ، ٿاٻا کائيندڙ، مندا ٿنڊا ١١ـ دارون، دوا درمل، علاج. ١١a ـ ناڪار، انڪار.

هِتِ[۱] هُتِ[۲] حامِي هِنِ جو، اَڳيان آڌَر ڏِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

طَهورا[۳] تَڙِيَنِ[۴] کي، پانڌَپُ[۵] پِيارِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

پاڻُ سُڃاڻِي پاڻِهِين، ڪامِلُ ڪَرَمُ ڪَرِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

تنبو آڻي تارِ ۾، عاصِيَنِ[٦] وَٽِ اَڏِيندو، *
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

داتا دوزِخِيَنِ تان ليکو لَهِرائيندو[۷]،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

رَسَڻَ وير رَسِي ڪَري، مُشڪ رَنگ مَتِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

"رَحمَةً لِلْعَالَمِينَ[۸]" اَهُڪِيءَ آڳُهُه[۹] ٿِيندو،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

اُتي عَبدُاللطِيفُ جو، هادِي هَٿُ جَهلِيندو[۱۰]،
شَفِيعُ، شافِعُ سُپِرِين.

۱ـ هن دنيا ۾ ۲ـ هن دنيا، قيامت ۾ ۳ـ بهشتي شراب ۴ـ تڙيلن، بهشت مان هڪالي ڪڍيلن، گهنگارن ۵ـ سردار ٦ـ گنهگارن * قيامت ڏينهن حضرت محمد ﷺ گنهگارن جي وچ ۾ ويهي انهن جي ڇوٽڪاري لاءِ خدا کي سفارش ڪندو. ۷ـ حساب ڪتاب صاف ڪرائيندو، گناهه معاف ڪرائيندو ۸ـ ساري دنيا لاءِ رحمت (حضرت محمد ﷺ) ۹ـ آڌار، پرجهلو ۱۰ـ مدد ڪندو.

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَڻَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڻَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڻَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)